# عوام کي انصاف ڏياريندڙ ايماندار پوليس آفيسر
## حاجي غلام شبير ڪلير

پرويز ڪلير

سنڌ ڌرتيءَ اهڙين املهه ماڻڪ شخصيتن کي جنم ڏنو آهي، جن هميشه عوام کي انصاف ڏياريو آهي. اهڙين شخصيتن ۾ ايماندار پوليس آفيسر حاجي غلام شبير ڪلير مرحوم جو نالو به آهي. حاجي غلام شبير ڪلير، ضلع نوشهرو فيروز جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ، ڀنڊي اٽل شاهه ۾ 1926ع ۾ جنم ورتو. ڪراچيءَ مان بي اي ۽ ايل ايل بي جي ڊگري حاصل ڪيائين. ڪراچيءَ جي ڪاليج ۾، شاگرديءَ واري وقت به سرگرم ڪردار ادا ڪيائين.

حاجي غلام شبير ڪلير پنهنجي نوڪريءَ جي شروعات فوڊ کاتي ۾ اسٽنٽ فوڊ ڪنٽرولر سان ڪئي. جنهن بعد پاڻ پي ايس آئي دادو ضلعي ۾ ٿيو. ان کان پوءِ هو پروموشن ملڻ تي سکر ۾ پراسيڪيوشن انسپيڪٽر ٿيو. جنهن بعد حيدرآباد ۾ اينٽي ڪرپشن ۾ پي ڊي ايس پي ٿيو. ان کان پوءِ کيس پروموشن ڏئي ايڊيشنل ايس پي حيدرآباد مقرر ڪيو ويو. سندس پوليس کاتي ۾ بهترين عوامي خدمتن کي مڃتا ڏيندي کيس 1973ع ۾ ايس ايس پي سانگهڙ مقرر ڪيو ويو. ڪجهه عرصو سانگهڙ ۾ خدمتون سرانجام ڏنائين. پوءِ کيس ايس ايس پي حيدرآباد مقرر ڪيو ويو. ايس ايس پي حاجي غلام شبير ڪلير، عوام سان هر وقت قانون مطابق انصاف ڪيو. جنهن ڪري عوام، مرحوم ايس ايس پي حاجي غلام شبير ڪلير کي سچي پوليس آفيسر جو لقب ڏئي ڇڏيو.

مرحوم ايس ايس پي حاجي غلام شبير ڪلير ڪيسن جي معاملي ۾ ڪنهن به وڏيري جي سفارش نه ٻڌندو هو. جنهنڪري غريب ماڻهن کي ڪيسن ۾ جلد انصاف ملي ويندو هو. سندس اهڙين بهترين خدمتن عيوض، وقت جي حڪمرانن، کيس اي آئي جي اسپيشل ڪراچي مقرر ڪيو. ان عهدي تي به ايمانداريءَ سان عوام جي خدمت ڪيائين. حاجي غلام شبير ڪلير اي آئي جي جي عهدي تي ترقي ڪري پهتو. ان عهدي تي به ايمانداريءَ سان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. حاجي غلام شبير ڪلير جي اهڙي سچائي ۽ ايمانداري واري جذبي کي ڏسي ڪيترا ئي ماڻهو پنهنجا فيصلا ڪرائڻ

جي لاءِ ڪيس امين مقرر ڪندا هئا ۽ سندس ايمانداريءَ وارو فيصلو قبول ڪري وٺندا هئا. هن وقت حاجي غلام شبير ڪليار جسماني طور اسان وٽ موجود نه آهي پر سندس ڪيل خدمتون اڄ به سونهري اکرن سان تاريخ ۾ لکيل آهن. موجوده وقت ۾ به جيڪڏهن پوليس آفيسر حاجي غلام شبير ڪليار وانگر ايمانداريءَ سان پنهنجا فرض ادا ڪن ته ماڻهن جا مسئلا حل ٿي وڃن. هر ماڻهوءَ کي انصاف ملي وڃي ۽ ماڻهو انصاف لاءِ دانهون ڪرڻ ۽ احتجاج ڪرڻ ڇڏي ڏين. جيڪڏهن اڄ جا پوليس آفيسر، حاجي غلام شبير ڪليار جهڙي ايمانداري ۽ سچائي ڏيکارين ته سڄي ملڪ ۾ ڪٿي به ڏوهه جي واردات نه ٿيندي. هر پاسي امن امان جي صورتحال بهتر هوندي. سنڌ جي اهڙي ئي امر ايماندار پوليس آفيسر حاجي غلام شبير ڪليار کي سنڌ جي عظيم شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي هن بيت سان پيٽا ڏئي رهيا آهن.

ماڻهو سڀ نه سهڻا، پکي سڀ نه هنجھ،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي بوءِ بهار جي. (شاهه)

اهڙا ماڻهو امل ماڻڪ هوندا آهن، جن تي ڌرتي به فخر ڪندي آهي. اسان حاجي غلام شبير ڪليار کي ياد ڪندي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي جون هي سٽون خراج عقيدت طور پيش ڪريون ٿا.

اڄ نه اوطاقن ۾ طالب تنوارين
آديسي اٿي ويا مڙهيو مون مارين
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

**اسان ايماندار پوليس آفيسر حاجي غلام شبير ڪليار کي ايستائين ياد ڪندا رهنداسين جيستائين هي ڌرتي آباد آهي.**

## عبدالستار ايڌي: هڪ حقيقي وڏو ماڻهو

عمران تاجواني

1928ع ۾ انڊيا گجرات جي هڪ ميمڻ خاندان ۾ هڪ ڇوڪرو ڄائو جنهن جو نالو عبدالستار رکيو ويو. عبدالستار کي ننڍپڻ ۾ ئي، سندس ماءُ سيکاريو هو ته؛ ”غريبن جي مدد ڪريو. ٻوجهه ۽ لاچارن جي ڪم اچو ۽ انسانيت جي خدمت ڪرڻ کپي.“ اهو سبق عبدالستار کي هميشه

هميشه جي لاءِ ياد ٿي ويو. ورهاڱي کان اڳ، پهرين عبدالستار جو خاندان، انڊيا گجرات مان هجرت ڪري پاڪستان ۾ اچي وسيو. عبدالستار جو تعلق، ميمڻ ڪميونٽي سان هو. هن ڪميونٽيءَ واپار ۾ وڏا ڪمال ڏيکاريا آهن. جوانيءَ ۾ هر ماڻهو جا ڪجهه خواب هوندا آهن. دولت، نوڪري، گاڏي، عشق، محبت ۽ ٻيا گهڻا مشغلا ۽ خواهشون. پر عبدالستار هڪ الڳ قسم جو نوجوان هو، جنهن جا خواب ۽ منزل؛ دولت، گاڏي، دنياوي لذتون نه هيون. عبدالستار جنهن رستي جي چونڊ ڪئي، اهو رستو هو خدمت جو- انسانيت جي خدمت جو؛ اٻوجهه مسڪينن ۽ لاچارن جي خدمت جو. وسائل جي اڻهوند عبدالستار جي جذبه خدمت جي جنون ۾ ڪا گهٽتائي ڪو نه آندي. هن نيڪ ڪم جي شروعات ڪندي، عبدالستار سڀ کان پهرين سوشل آرگنائيزيشن سان گڏجي ڪم ڪيو پنهنجي پاڻ تي يقين ۽ ”الله مدد ڪندو“ واري ايمان سان عبدالستار سڀ کان پهرين، هڪ ڊسپينسري قائم ڪئي، جنهن ۾ غريب لاچارن جو مفت علاج ڪيو ويندو هو. ڪجهه عرصي کانپوءِ، عبدالستار هڪ پراڻي وين خريد ڪئي، جنهن جو نالو غريب ماڻهو جي وين رکيو ويو ۽ هو ان ۾ ويهي غريب بيمار ماڻهن کي اسپتال کان گهر ۽ گهر کان اسپتال پهچائڻ جو ڪم سرانجام ڏيندو هو. ڏسندي ڏسندي عبدالستار جو نالو هر زبان تي اچڻ لڳو. هن ٻي مثال ڪم جي شروعات جو پهريون قدم عبدالستار پاڻ کنيو ۽ ان ڏينهن کانپوءِ عبدالستار ڪڏهن مڙي پويان نه ڏنو ۽ پاڻهي پاڻهي رستو ٺهندو ويو.

عبدالستار ايڌي کي ماڻهن چندو ڏيڻ شروع ڪيو ۽ عبدالستار مالي طور تي مضبوط ٿيندو رهيو ۽ عبدالستار جي ڊسپينسري تمام منظم نموني سان ڪم شروع ڪيو. سڀ کان پهرين عبدالستار پنهنجي ڊسپينسري ۾ گهربل نرسنگ ۽ ٻيو اسٽاف ڀرتي ڪيو ۽ هاڻي اها جڳهه هئي جتي ان جي ملاقات بلقيس سان ٿي. 14 آگسٽ 1947ع ۾ پاڪستان کي ٻه خوشيون مليون، هڪڙو پاڪستان آزاد ٿيو ۽ ٻيو بلقيس پيدا ٿي. بلقيس ايڌي فائونڊيشن ۾ تمام دل و جان سان ڪم ڪيو. 1966ع ۾ بلقيس ۽ عبدالستار جي شادي ٿي وئي. عبدالستار جي قائم ڪيل ويلفيئر، ڏينهن رات ڪم ڪندي رهي ۽ آهستي آهستي عبدالستار جي قائم ڪيل ويلفيئر، هڪ شهر کان ٻئي شهر، ٽئين شهر ۽ پوءِ سڄي ملڪ ۾ ڦهلجڻ لڳي. ائين عبدالستار ايڌي

سچي ملڪ ۾ سچاتو وڃڻ لڳو. 1973ع ۾ ڪراچيءَ اندر هڪ پراڻي بلڊنگ ڪري پئي. ان حادثي جي امدادي ڪمن جي لاءِ، سڀ کان پهرين ايڌي فائونڊيشن جا رضاڪار پهتا، جنهن جي اڳواڻي ايڌي صاحب پاڻ ڪري رهيا هئا. اتان اهو سلسلو باقاعدي شروع ٿي ويو ۽ جڏهن به ملڪ جي ڪنهن به شهر ۾ ڪو حادثو يا دهشتگردي ٿئي يا ڪا قدرتي آفت سان ڪو به جاني يا مالي نقصان ٿيندو هو ته ان جي امدادي ڪم ڪارن لاءِ سڀ کان پهرين ايڌي فائونڊيشن جا رضاڪار حرڪت ۾ ايندا هئا ۽ رياست جون ذميواريون ايڌي فائونڊيشن سرانجام ڏيڻ لڳي.

ايڌي ويلفيئر آرگنائيزيشن، اها واحد آرگنائيزيشن آهي، جنهن وٽ پنهنجي ايئر ايمبولينس به آهي، جنهن جي وسيلي ا ها دشوار جڳهن تي به پهچي امدادي ڪم سرانجام ڏيندي آهي. اڄ ايڌي فائونڊيشن، پاڪستان جي سڀ کان وڏي ۽ ڪامياب ويلفيئر آرگنائيزيشن طور سڃاتي وڃي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو اڄ انهيءَ کي ڪروڙين روپيا چندي جي صورت ۾ ملن ٿا. ايڌيءَ جي ڪراچيءَ ۾ قائم ڪيل، صرف 8 شاخون غريب ۽ لاچار ماڻهن جو مفت علاج ڪري رهيون آهن. ان کان علاوه هڪ اکين جي اسپتال، هڪ ڪينسر اسپتال، به بلڊ بئنڪ پڻ ڪراچيءَ ۾ ايڌي فائونڊيشن جي زير نگرانيءَ ۾ ڪم ڪري رهيون آهن. ان کان علاوه، ايڌي فائونڊيشن جي نگرانيءَ ۾ هڪ ليگل ايڊ ڊپارٽمينٽ پڻ ڪم ڪري رهيو آهي، جيڪو غريب لاچار ماڻهن کي مفت قانوني سهولتون مهيا ڪري ٿو ۽ اهو ليگل ايڊ ڊپارٽمينٽ، ڪيترن ئي غريب بيگناهه قيدين کي وڪيلن جي سهولت پڻ ڏئي ٿو، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترا ئي بيگناهه قيدي آزاد ٿيو وڃن. بلقيس ايڌيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ قائم ڪيل ”اپنا گهر“ پڻ، ڪراچيءَ جي غريب لاچار ماڻهن جي لاءِ، ڪاڙهي جي لُڪ ۾ ٿڌي ڇانو جو احساس ڏياريندڙ، انتهائي قابلِ تعريف ۽ قابلِ ذڪر آهي. هن اپنا گهر ۾ 20000 هزار کان وڌيڪ ٻار پلجن پيا، جن جي تن وقتن جي ماني، علم ۽ هنر جي ذميداري پڻ ايڌي فائونڊيشن جي ذمي آهي. هڪ ملين کان وڌيڪ غريب ٻارن جي ڊليوري پڻ ”اپنا گهر“ ۾ مفت ڪرائي ويندي آهي. ڇا اڄ ڪا ماءُ عبدالستار جي ماءُ وانگر، پنهنجي پٽ کي نصيحت ڪري ٿي؟ ڇا اڄ ڪو نوجوان عبدالستار واري رستي جي چونڊ ڪندو؟ هڪ حقيقي وڏو ماڻهو،

عبدالستار پاڪستانين ۾ موجود وڏن ماڻهن ۾، سڀ کان وڏو ماڻهو آهي.

## ناميارو اديب پروفيسر حميد سنڌي

پرويز علي ڪليار

سنڌي ٻوليءَ جي نامياري اديب ۽ ڪهاڻيڪار، حميد سنڌيءَ جو تعلق ضلعي نوشهروفيروز سان آهي. حميد سنڌيءَ جو پورو نالو؛ عبدالحميد ميمڻ آهي. پاڻ 12 آڪٽوبر 1939ع ۾ نوشهروفيروز ۾ اسماعيل ميمڻ جي گهر ۾ جنم ورتو. حميد سنڌي تعليم ۾ بي اي ايڪنامڪس (اسپيشل سبجيڪٽ ايگريڪلچر ايڪنامڪس)، ايم اي ايڪنامڪس، ايل ايل بي، هائر ايجوڪيشن ايڊمنستريشن مانچسٽر يونيورسٽي (يو ڪي) مان ڪئي. پاڻ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس جي وائيس چانسلر جي حيثيت سان خدمتون سرانجام ڏنيون. اهڙيءَ طرح مختلف ادارن ۾، سربراهه طور خدمتون سرانجام ڏيڻ سان گڏ، هن وقت پبلڪ اسڪول لطيف آباد ۾ چيئرمين جي حيثيت سان خدمتون ڏيئي رهيو آهي.

حميد سنڌي، جتي عملي طور خدمتون سرانجام ڏنيون آهن اتي ادب جي ميدان ۾ به پاڻ ملهايو اٿائين. معاشري جي مسئلن کي، ڪهاڻيءَ جو روپ ڏئي، عڪس بندي ڪئي اٿس. حميد سنڌيءَ کي ادب جي ميدان ۾ تمام گهڻو شوق جاڳيو ۽ پاڻ روح رهاڻ رسالو شروع ڪيائين. جيڪو وچ ۾ ڪيترو عرصو بند رهيو پر وري چالو ٿيو ۽ اڄ به نڪري رهيو آهي. حميد سنڌي، ادب جي واڌ ويجهه لاءِ، روح رهاڻ جي پليٽ فارم تان، هفتي وار ادبي ڳڏجاڻيون ڪرائي رهيو آهي. انهن ڳڏجاڻين ۾، اديب پنهنجون لکڻيون هر هفتي پيش ڪندا آهن. حميد سنڌي 28 مئي 1998ع تي سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۾ چيئرمين جي حيثيت سان خدمت ڪئي. سندس ڪتابن جو تعداد يارنهن آهي، جيڪي شايع ٿيل آهن. انهن ڪتابن ۾ سُر ليلا چنيسر، سُر گهاتو، سُر ڪاموڏ، سر مارووي، سُر ڪاپائتي، سُر بلاول، سُر رام ڪلي، سُر ڪوهياري، سُر ڪارائل، سُر پيروي، سُر سارنگ شامل آهن. سندس اهي ڪتاب، سنڌ جي عظيم شاعر، شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي سُرن تي لکيل آهن.

حميد سنڌيءَ هڪ ڪتاب اردوءَ ۾ ”سوکهي ڌرتي“ جي نالي سان لکيو آهي. جيڪو چونڊ جاپاني فوڪ ادب تي مشتمل آهي.
حميد سنڌي ڀارت جي شهر دهليءَ ۾، وائيس چانسلرن جي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي. اهڙيءَ طرح حميد سنڌي ايران ۽ يوڪي ۾ به شرڪت ڪري چڪو آهي.
حميد سنڌيءَ کي مجتا طور 23 مارچ 1990ع ۾ حڪومت پاڪستان، تمغه امتياز سان نوازيو ويو.
حميد سنڌيءَ کي 28 آگسٽ 1993ع ۾، اعزاز فضيلت جو ايوارڊ پڻ حڪومت پاڪستان طرفان ڏنو ويو.
حميد سنڌي اڄ به علم ادب جي ميدان ۾ ڀرپور نموني سان ڪم ڪري رهيو آهي.

## سنڌ جو مزاحمتي شاعر راشد مورائي

ساجده چنه

ڪي ماڻهو تاريخ ٺين ٿا ته ڪي وري دانائيءَ جي ڪري مهراڻ جون مالهائون ٿين ٿا. اها مالها جڏهن سمنڊ جي سپنن جيان سدائين سمنڊ ڪناري جرڪندي ۽ مرڪندي رهي ته ڪيڏي نه راحت ايندي هوندي.
ايئن ئي ساهتيءَ جو سرموڙ شاعر سائين راشد مورائيءَ جي ڀهڪندڙ آواز ۽ سفيد وارن تي نظر پوندي آهي ته سندس جنم ڀومي جوڻالي ۾ اسريل گيت جهومي پوندا آهن. ساهتي پرڳڻي جي هن مهان قوي راشد مورائيءَ 5 مارچ 1944ع ۾ مورو پرسان سنڌوءَ جي ڪپ تي، ڳوٺ جوڻالي ۾ جنم ورتو.
پاڻ شاعر، اديب ۽ نقاد به آهي. اڄ به راشد مورائي ڪيترا ئي گيت سنڌ جا سرجي پيو. هن وقت تائين راشد مورائيءَ جون ڇپيل لکڻيون؛ جنهن ۾ ڪوڙ ساري شاعري، ڪهاڻيون، مضمون، خاڪا وغيره سنڌ جي سيني رسالن توڙي اخبارن ۾ اڻ ڳڻيا موجود آهن. 300 جي لڳ ڀڳ سنڌ جي مختلف فنڪارن سندس گيت، غزل ۽ ڪافيون ڳايون آهن.
جڏهن ته ڇپيل ڪتابن ۾ ”سنڌڙيءَ جو سوداءُ“، ”شاعري“، ”مينديءَ سندا ڪيت“، ”غزلن جو مجموعو“، ”سل جو شهر“ موجود آهن.
مختلف صنفن تي ڪيل شاعري؛ ديوان راشد، شعلا شعلا واءَ ۾، اڳتي تاڻ امنگ جي، پاڻيءَ جو پهرو، ڏات جي ڏيهه ۾، راشد جي رهاڻ،

انصاف جو گهنڊ، ڳنڍيون منجهه ڳنڍير، سنڌي ادب جي ارتقا، يتيم جذبا، عشق جو آواز، هو جي ٻول ٻريا شامل آهن.
جڏهن ته اجا به سندس ڪيترو ئي تخليقي مواد، اڻ ڇپيل آهي. جنهن ۾؛ خط خوشيءَ مان ڪول، تعلقي موري جا اديب، سنڌي ادب جي سونهن، جهڙي آيس جيئن، جهڙيون انمول لکڻيون وٽس موجود آهن.
راشد مورائي سنڌ جو يگانو شاعر آهي جنهن پرائمري استاد ٿي ڪري علمي، ادبي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن.
ڪيس سوين ايوارڊ؛ سنڌي ادبي سنگت، سگا، ڳوٺ سڌار سنگت ۽ ٻين سياسي، سماجي تنظيمن پاران ڏنا ويا آهن.
اڄ به سائين راشد، تن پتن ۽ ڇهن نياڻين جو سهارو آهي. ڪيس نوجوان پٽ، شاهه عنايت جي وڇوڙي جهوري ڇڏيو. تنهن جي باوجود مورو ناهي ٿورو ۾، هن مزاحمتي شاعر جي مهمان نوازي ۽ ڌرتيءَ سان عشق ڏسڻ وتان آهي. هو اڄ به چوي پيو ته؛
”مان باغي هان! مان باغي هان!“

## سنڌ جو مهان راڳي ماسٽر چندر

شاهد چنه/ نوشهروفيروز
ساهتي خطي، اهڙن املهه ماڻهن ڪي جنم ڏنو آهي، جن جون يادون ساري، اڄ به نيڻن مان نير وهي پوي ٿو. ضلعي نوشهروفيروز جي قديمي نارنگين واري شهر ٺاروشاهه ۾، سنڌ جي امر راڳي ماسٽر چندر جو جنم ٿيو. سندس گيت، جادوءَ جهڙو آواز ۽ من موهيندڙ مرڪ، ڄڻ ته مهراڻ جي امرت ڌارا جهڙا منڙا هيا. اڄ ڏينهن تائين سنڌ توڙي هند جو، ڏيهي توڙي پرڏيهي، ڪو به ديس واسي سندس گيتن کي وساري ناهي سگهيو.
ماسٽر چندر گوبندمالهي جي شهر ٺاروشاهه ۾ 1907ع ۾ جنم ورتو. جنهن کي ننڍڙي لا ڪون ئي اهڙو ته اڇي عشق لڳو جو ”ڳليءَ ڳليءَ ٿو ڳايان، مان تنهنجو عاشق آهيان.“ چوڻ شروع ڪيائين. واقعي به انهيءَ عشق، چندر جي چاهت کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا.
جڏهن برصغير ۾ ان وقت گرامو فون جي ڪمپني سندس راڳ جا رڪارڊ پري، مارڪيٽ ۾ آندا ته جهر جهنگ به چندر جا گيت؛
”قسمت ڪئي جدائي، ڪنهن تي ميار ناهي“
يا
”رنائي رهن پر هجن حياتي“ گونجڻ لڳا.

اهڙو انمول گيت، چندر نه رڳو چيو پر ڏن به پاڻ ناهي ۽ ڳايو به پاڻ. ان سان چندر جو نانءُ، هر ماڻهوءَ جي من تي حاڪميت ڪندو رهيو. صدي گذرڻ کان پوءِ به، چندر جو آواز ڳوٺ توڙي ڳليءَ ۾ گونجي پيو. وقت جي بي رحم ورهاڱي، جهڙيءَ ريت نارائڻ شام جي نينهن کي توڙي وڌو، تيئن چندر به وطن جون لوليون ڳائيندو ۽ نيڻن مان نير هاريندو، پٺائي جي پونءِ تان اڏامي ويو. جڏهن 56ع ۾ چندر پنهنجي جنم ڀومي ناروشاهه گهمڻ آيو ته اج به جهونڙا اهي يادون ساري ٻڌائين ٿا ته؛ چندر پهچڻ شرط ئي پنهنجي جنم ڀوميءَ کي چمندو ۽ روئيندو رهيو. اج به چندر جي جنم ڀومي، انهي ساڳيءَ حالت ۾ موجود آهي، پر چندر نه آهي.

چندر جون يادون ۽ چندر سان عشق نپائيندڙ، سندس منسک محل ۾ رهندڙ، حاجي اختر خانزادي جو عشق به آفاقي نظر اچي ٿو. هو چندر جي جنم ڏڻ توڙي وچوڙي واري ڏڻ تي، کيس ڏيئا ٻاري ياد ڪري ٿو. افسوس جو چندر ڌرتي کان جدائي جو گيت؛

"چڏي گهر اباڻا وڃن ٿا وڃن ٿا!" ڳائيندو هليو ويو.

ڀارت جي شهر الهاس ننگر ۾، هيءُ مهان را ڳي، 1984ع ۾ وچڙي ويو. سندس راڳ، سندس آواز، سندس گيت، سندس پريت، سدائين سنڌ ۽ سنڌ واسين کي ياد رهندو.

## پروفيسر منگها رام ملڪاڻي: سنڌي نئين ناٽڪ جو باني!

شوڪت حسين شورو

هونئن ته سنڌيءَ ۾ پهرئين ناٽڪ لکڻ جو اعزاز ميرزا قليچ بيگ کي حاصل آهي. هن سنڌي ٻوليءَ ۾ بي شمار ناٽڪ ترجمو ڪري، سنڌي ادب کي مالا مال ڪيو. بعد ۾ جديد نئين سنڌي ناٽڪ، جن کي ون ائڪٽ پلي يا يڪ فصلو ناٽڪ چئجي ٿو، سي پروفيسر منگها رام ملڪاڻيءَ لکيا. هن جو جنم 14 ڊسمبر 1896ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو. سندس پيءُ اُڌارام شيوڪرام خدا آبادي عامل زميندار هو. سندس پيءُ ۽ ڏاڏو ٻئي روشن خيال شخص هئا. منگهارام اسڪولي تعليم گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ ورتي. مٿس خاص ڪري ٻن ماسترن جو گهڻو اثر ٿيو. ٻنهي

کي آدرشي استاد ڪري ڪونيو اتس. هڪ غلام علي نانا هو، جيڪو ٻيون درجو پڙهائيندو هوس ۽ ٻيو وليرام آئلمل ٽڏا ڻي هو، جنهن وٽ هو چوٿون ۽ ڇهون درجو پڙهيو هو. غلام علي نانا کيس انگريزي ٻولي صحيح نموني ڳالهائڻ ۽ لکڻ سيکاري. هن تي ڪن ٻين وڏين سنڌي هستين جو به اثر ٿيو هو. ساڌو هيرانند ۽ رشي ڏيارام گدومل سندس ٻن پقين کي انگريزي ۽ سنسڪرت پڙهائڻ لاءِ گهر ۾ ايندا هئا. ديوان ڪوڙومل سندس پيءُ جو دوست هو ۽ گهر جي ويجهو رهندو هو. مضمون نگار ۽ لغت نويس پرمانند ميوارام سندس ماسات هو ته دوست به هو. ڪاڪو پيرومل مهرچند سندس ناتي جو سئوٽ هو ۽ منگهارام کي پيار ڪندو هو. منگهارام پنهنجي شروعاتي دور جون لکڻيون چيچڻ کان اڳ ميرزا قليچ بيگ کي ڏيکاري راءِ وٺندو هو.

منگهارام جڏهن اجا ڇهين درجي ۾ هو ته کيس ناٽڪن ۾ ڳائڻ ۽ اداڪاري ڪرڻ جو موقعو مليو. هو بمبئي يونيورسٽي پاران ورتل مئٽرڪ جي امتحان ۾ سڄي سنڌ اندر چوٿون نمبر آيو ۽ پنهنجي اسڪول ۾ پهريون نمبر بيٺو، جنهن تي کيس 25 رپيا انعام مليو. انهن پئسن مان هن 17 ڪتاب خريد ڪري اچي پنهنجي گهر ۾ لائبريري ٺاهڻ جي شروعات ڪئي. منگهارام ڪراچيءَ ۾ اچي ڏي جي سنڌ ڪاليج ۾ داخلا ورتي. هو ڪاليج ۾ تعليم سان گڏ ڏبيٽنگ، راڳ، ناٽڪ، ادب ۽ راندين ۾ سرگرميءَ سان حصو وٺندو رهيو. ڪاليج ناٽڪ منڊليءَ جو سيڪريٽري به ٿيو. هن کي مرزا قليچ بيگ جي ناٽڪ ”نيڪي ۽ بدي“ ۾ زنانو پارٽ ڪرڻ لاءِ مليو. هو اجا ڪاليج ۾ پڙهي رهيو هو ته پيءُ جي زور پرڻ تي کيس شادي ڪرڻي پئي. هن 1919ع ۾ بي اي جو امتحان پاس ڪيو. سندس پيءُ وڏي ڄمار جو ٿي چڪو هو. منگهارام پيءُ جو چوڻ مڃي اچي زميندراي سنڀالي. ٽنڊي محمد خان ۾ سندن ٻنيون هيون. زمينداريءَ جو اهو دور چار پنج سال هليو. جنهن ۾ کيس زمينداريءَ ۽ هاري جيوت جي آزمودن ڪانسواءِ، نويڪلائيءَ ۾ قدرتي نظارن جي وچ ۾ ادب پڙهڻ ۽ لکڻ لاءِ به گهڻو وقت مليو. هن شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ ٽئگور جي شاعريءَ کي پڙهڻ ۽ ترجمي ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو. رسالي مان ڪجهه بيت چونڊي انگريزي نظم ۾ ترجمو ڪيائين ۽ اهي ڪٽي وڃي مرزا قليچ بيگ کي نظرثانيءَ ڪرڻ لاءِ ڏنائين. مرزا صاحب اهو ترجمو پڙهي، کيس شاباسي ڏني. منگهارام گرديو ٽئگور جي ”گارڊنر“ ڪتاب جو ترجمو نظماڻي نثر ۾

ڪيو، جيڪو ”پريت جا گيت“ نالي سان ڇپيو. ان دور ۾ منگهارام ملڪاڻي ناٽڪي دنيا ۾ هڪ ڪلاڪار طور چمڪي اٿيو هو. 1920ع ڌاري، جديد سنڌي ناٽڪ جي وڏي نالي، خانچند درياڻي جيڪو منگهارام سان گڏ ڪاليج ۾ پڙهيو هو، تنهن ناٽڪن جي ذريعي سماجي خرابين خاص ڪري ڏيتي ليتيءَ خلاف ناٽڪ لکڻ ۽ اسٽيج تي آڻڻ شروع ڪيا هئا. هن انهن موضوعن تي 25 ڪن ڪتاب لکيا هئا، جن مان اڌ اصلوڪا ۽ اڌ اُلٿو ڪيل هئا. انهن مان ڪافي ناٽڪن ۾ منگهارام هيرو جا ڪردار ادا ڪيا هئا. خانچند ۽ منگهارام، بزرگ اديبن لعلچند امرڏنومل، ڄيٺمل پرسرام ۽ هيرانند آڏواڻيءَ جي ساٿ ۽ سهڪار سان 1923ع ۾ ”رابندر ناٿ لٽرري ۽ ڊرئمٽڪ ڪلب“ برپا ڪئي. ان جو مهورت گرديو ٽئگور پاڻ پنهنجن هٿن سان حيدرآباد ۾ اچي ڪيو. منگهارام ملڪاڻي ان ڏهاڙي ڪي ڪامياب بنائڻ جي لاءِ ڏاڍي اتساهه ۽ امنگ سان مهينو ڪن محنت ڪئي. ٽئگور جي شاعري جي سندس ناٽڪ ”چترا“ مان انگريزيءَ ۾ هڪ ڏيک سان گڏ، سنڌي ٻوليءَ جو سواد وٺائڻ لاءِ هڪ مذاقي ڇهچٽو به شامل ڪيو ويو. ائڪيڊمي اسڪول جي جيڪب هال ۾ گرديو جي سامهون پروگرام پيش ڪيو ويو. منگهارام ملڪاڻيءَ جي چوڻ موجب ٽئگور جهڙي اعلٰي هستيءَ جي اڳيان ڪلچرل پروگرام ڏيکارڻ لاءِ جگر ڪپندو هو. پردو مٿي ڪڄو ته پوءِ ڇا ٿيو، ان جي منگهارام کي ڪا خبر نه پئي. اسم پٺيان اسم ٿيندو رهيو ۽ هال ۾ تاڙين جو ڦهڪو پوندو رهيو. ٻئي ڏينهن ڄيٺمل پرسرام، منگهارام کي نياپو موڪليو ته گرديو توسان ۽ تهلرام آڏواڻيءَ سان ملڻ چاهي ٿو. تهلرام ناٽڪ ۾ زنانو پارٽ ڪيو هو. گرديو ٽئگور ٻنهي جي ڪم جي ساراهه ڪئي ۽ کين پاڻ سان گڏ ناشتو به ڪرايو. ڪچهري ڪندي گرديو کين چيو؛ ”اوهان جو سنڌيءَ ۾ ڪلائيندڙ نقل به پسند پيم. ٻوليءَ سمجهڻ ڪانسواءِ به مطلب سمجهي ويس ۽ خوب کليم.“ ڄيٺمل پرسرام ٻڌايس ته؛ ”اهو ٽڪر اسان جي برک ليکڪ مرزا قليچ بيگ جي ناٽڪ ”نيڪي ۽ بدي“ مان ورتل هو.“ ناشتو ختم ٿيڻ کان پوءِ گرديو هنن کي ٻانهن کان وٺي ٻاهر اماڻڻ آيو ۽ موڪلاڻي ڪندي چيائين؛ ”شال ناٽڪ منڊلي وڌي ويجهي، منهنجي آسيس اٿو.“ گرديو ٽئگور جي هٿن سان مهورت ڪيل هيءَ ناٽڪ منڊلي، سنڌ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ ۾ وڏي اهميت رکي ٿي. ان 15 سالن جي عرصي ۾ ٽيهارو ڪن جديد حقيقت نگاريءَ وارا ناٽڪ پيش ڪيا. منگهارام ملڪاڻي انهن مان

ڪيترن ۾ اداڪاري به ڪئي ته ڪن جي هدايتڪاري به. خانچند درياڻيءَ جي ناٽڪن جهڙوڪ ”ملڪ جا مدبر“، ”بک جو شڪار“ ۽ ”زماني جي لهر“ ۾ هن يادگار ڪردار ادا ڪيا. درياڻيءَ جي اصلوڪي اهم ناٽڪ ”زميـنداري ظلم“ (1928ع) ۾ منگهارام هڪ پير مرد مظلوم هاريءَ، دلمراد جو ڪردار ڪماليت سان ادا ڪيو. خانچند درياڻي، بعد ۾ سنڌ ڇڏي بمبئي ۾ وڃي فلمي دنيا ۾ گهڙيو. هن پنهنجي پهرين فلم ”انسان يا شيطان“ (1933) ۾ منگهارام کي هيرو جو پارٽ ڏنو. هيروئن جدن ٻائي (نرگس جي ماءُ) هئي. فلم جو ڊائريڪٽر موتي گدواڻي هو. خانچند درياڻي جي بمبئي وڃڻ سبب رابندر ناٿ ناٽڪ منڊلي کي وڏو نقصان رسيو. البته منگهارام کي فلمي دنيا پسند نه آئي، ان ڪري موٽي آيو. منگهارام ملڪاڻيءَ سنڌي ننڍي ناٽڪ کي حقيقت نگاري وارو ماڊرن ون ائڪٽ پلي ٻڻايو. هن 25 کن ناٽڪ جوڙي سنڌي يڪ فصلو ناٽڪ کي سماجي سڌاري جو واهڻ ٻڻايو. ”پاپُ ڪين پڇَ“، ”بٽئي“ ۽ ”تي پارٽي“ اسٽيج تي نهايت مقبول ٿيا هئا.
منگهارام پنهنجين ٻنين تي هو ته کيس ڊي-جي-سنڌ ڪاليج جي پرنسپل شهاڻي وٺان نياپو آيو ته ڪراچيءَ اچ ته انگريزي فيلو ڪري رکانءِ. پيءُ سندس مرضي ڏسي، کيس مو ڪل ڏني. منگهارام کي هاسٽل جو وارڊن به ڪري رکيو ويو. اڳتي هلي ليڪچرر ۽ پوءِ پروفيسر ٿيو. هاڻي پروفيسر منگهارام ملڪاڻي سڏجڻ لڳو. دادا جشن واسواڻي ۽ پروفيسر احمد علي خواجه (مشهور ليڪ خيرالنساءُ جعفري جو والد) سندس شاگرد هئا. ورهاڱي کانپوءِ پروفيسر ملڪاڻي پنهنجن ٻن پٽن ۽ هڪ ڌيءَ سان گڏ بمبئي لڏي آيو. اتي جئه هند ڪاليج ۾ انگريزيءَ جو پروفيسر ۽ شعبي جو اڳواڻ مقرر ٿيو. ان وچ ۾ هن جيڪو پهريون ڪتاب لکيو، سو هو ”ادبي اصول“ جنهن ۾ نثر ۽ نظم جي مختلف صنفن جا اصول سمجهايل آهن. ان کانسواءِ هو ادبي تاريخ ۽ تنقيدي ليک ۽ ڪتابن تي تبصرا لکڻ لڳو. سندس شاهڪار ڪتاب ”سنڌي نثر جي تاريخ“ آهي، جيڪو 1968ع ۾ شايع ٿيو ۽ ان تي کيس ساهتيه اڪادمي جو انعام مليو. ”پارت ۾ سنڌي ساهت جو مختصر جائزو“، ”پارت ۾ سنڌي ساهت جي سما لوچنا“، ”پڇمي ياترا“ (سفر نامو)، ”ساهتڪارن جون سمرتيون“ ڪتابن کان سواءِ ”جوانيءَ جا جذبا ۽ پيريءَ جون يادون“ سندس نظماڻي نثر جو مجموعو آهي.

پروفيسر ملڪاڻي انڊيا ۾ سنڌي ادب ۽ سنڌيت هلچل ۾ هڪ رهبر طور ڪم ڪيو. اها هلچل بمبئي جي ”سنڌي ساهت منڊل“ طرفان 1949ع کان شروع ٿي هئي. پروفيسر ملڪاڻي 13 سال ان جو پريزيڊنٽ چونڊبو رهيو، جيستائين هو ڪاليج مان رٽائر ڪري پنهنجي پٽ وٽ ڪلڪتي ۾ وڃي رهيو. پروفيسر ملڪاڻي آخري گهڙيءَ تائين سنڌي زبان ۽ ادب جي خدمت ڪندو رهيو. هن 84 ورهين جي ڄمار ۾ پهرين ڊسمبر 1980ع ۾ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيو.

## ڊاڪٽر فهميده حسين

نامور ليکڪا، اسڪالر ۽ محقق ڊاڪٽر فهميده حسين، 5 جولاءِ 1948ع تي ٽنڊي ڄام ضلعي حيدرآباد ۾ پنهنجي وقت جي مثالي استاد محمد يعقوب ميمڻ جي گهر ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم حيدرآباد جي مسلم گرلس اسڪول مان، سيڪنڊري ڪجهه عرصو ميران اسڪول مان پڙهي ۽ پوءِ ماڊل اسڪول حيدرآباد ۾ داخل ٿي. جتان 1964 ۾ امتيازي نمبرن سان مئٽرڪ پاس ڪيائين. 1968ع ڌاري، ڊي جي سائنس ڪاليج ڪراچيءَ مان بي. ايس سي ڪري، 1970ع ۾ ايم. اي (انگريزي) سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين ۽ پوءِ اتان ئي 1972ع ۾ سنڌي ادب ۾ ايم. اي ڪيائين. ٻنهي ڊگرين ۾ ٻيو نمبر پوزيشن حاصل ڪيائين. 1981ع ۾ ايل. ايل. بي ۽ 1990ع ۾ هندي ٻوليءَ ۾ ڊپلوما به ڪيائين. ڊاڪٽر صاحبه ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ‘ عنوان هيٺ 1992ع ۾ پي. ايڇ. ڊي ڪئي. ڊاڪٽر اياز قادري (مرحوم) سندس پي. ايڇ. ڊي گائيڊ رهيو.

ڊاڪٽر فهميده حسين کي ادب ۽ علم سان چاهه ننڍپڻ کان پنهنجي خاندان مان ئي حاصل ٿيو. سندس والد محمد يعقوب ’نياز‘ نه رڳو سٺو شاعر، پر هڪ عالم شخص ۽ ترقي پسند سوچ جو مالڪ هو، جنهن ڪلاسيڪي فارسي شاعر حافظ جي شاعري ’ڪلام حافظ‘ جي نالي سان ترجمو ڪئي هئي ۽ سنڌي لغت بورڊ ۾ به هڪ عرصي تائين ڪم ڪيو هو. ڪيس عربي، فارسي، سنسڪرت ۽ هنديءَ ٻوليءَ تي به عبور هو. ڊاڪٽر صاحبه جو وڏو ڀاءُ، سراج ميمڻ به، سنڌي زبان جو وڏو اسڪالر، ڪهاڻيڪار ۽ لسانيات جو ماهر آهي. سندس ٻيا ڀائر ۽ ڀينرون به سنڌي ادب سان وابسته رهيا جن ۾ عبدالحق عظيم

ڪهاڻيڪار ۽ ايڊيٽر ’بادل‘، جميله ’تبسم‘ ڪهاڻيڪار ۽ انيس ميمڻ شاعر ۽ ايڊيٽر رسالو ’سگهڙين سٿ‘ شامل آهن. اهڙي علمي ادبي ماحول ۾ سندس پرورش ٿي.

ڊاڪٽر فهميده حسين عملي زندگيءَ جي شروعات، ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تي نيوز ٽرانسليٽر جي نوڪريءَ سان ڪئي. ان بعد 1972ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشن ۾ ليڪچرار مقرر ٿي. ڪجهه وقت اتي پڙهائڻ بعد جڏهن 1974ع ۾ سندس شادي جناب عبدالحسين سرائيءَ سان ٿي ته ڪيس ڪراچيءَ وڃي رهڻو پيو، جتي 1978ع ۾ هوءَ سنڌي شعبي، ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار مقرر ٿي، اتي ترقي ڪندي 1988ع کان 1995ع تائين اسسٽنٽ پروفيسر؛ 1995ع کان 1997ع تائين پروفيسر؛ بعد ۾ سنڌي شعبي جي چيئرپرسن مقرر ٿي. ان بعد ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ قائم ’شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر جي ڊائريڪٽر طور ڏهه سال خدمتون سرانجام ڏنائين ۽ لطيفيات جي حوالي سان جديد تقاضائن موجب ڪيترا ئي ڪتاب ڇپايائين. ٽماهي تحقيقي جنرل ’ڪلاچي‘ سندس ادارت ۾ جاري ٿيو. ڪيترن نوجوانن، ريسرچ جي ميدان ۾ سندس رهبريءَ هيٺ ايم. فل ۽ پي. ايچ. ڊي ڪئي آهي. ان کان پوءِ کيس، سنڌ حڪومت طرفان مئي 2008ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي چيئرپرسن طور مقرر ڪيو ويو، جتي پڻ هن ڏينهن رات محنت ۽ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي خدمت واري جذبي سان فرض نڀايا آهن.

ڊاڪٽر فهميده حسين لکڻ جي شروعات ننڍپڻ کان ڪئي. ٻاراڻيون آکاڻيون لکيائين، پوءِ ڊي. جي ڪاليج جي مخزن ۾ لکڻيون شايع ڪرايائين. جڏهن ’بادل‘ رسالو شروع ٿيو ته باقاعده ان ۾ لکڻ لڳي ۽ 1968ع کان 1972ع تائين ان وقت جي انهيءَ مشهور ادبي رسالي جي عورتن واري حصي جي ايڊيٽر رهي. سندس افسانا، شاعري (تسنيم يعقوب جي نالي سان) ۽ مضمون، مختلف اخبارن ۽ مخزنن ۾ ڇپجندا رهيا. ان بعد 12 سال روزاني ’هلال پاڪستان‘ جي عورتن واري صفحي جي ايڊيٽر رهي. ڪجهه عرصو ”سوجهرو“ رسالي جي ايڊيٽنگ به ڪيائين. نوي جي شروعاتي سالن ۾، روزاني اخبار ’جاڳو‘ ۾ ۽ ان کان پوءِ گهڻو عرصو ’عوامي آواز‘ ۾ سندس ڪالم ’منهنجون سوچون‘ نالي سان ڇپيا. شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر پاران شايع ٿيندڙ تحقيقي جرنل ’ڪلاچي‘ جي ڏهن سالن تائين ايڊيٽر رهي، گڏوگڏ

سندس مقالا ۽ تحقيقي مضمون به ڇپجندا رهيا. هن ڪلاچيءَ جا لڳ ڀڳ 40 شمارا جاري ڪيا. جڏهن ته سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي تحقيقي جرنل ’سنڌي ٻولي‘ جي ادارت سان گڏ اٿارٽيءَ جي اهم رٿا ’انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا‘ جي چيف ايڊيٽر طور ٽيم جي رهنمائي ۽ نگراني ڪندي رهي آهي. سنڌ جي هن پهرين سنڌي جامع انسائيڪلوپيڊيا جا ڇهه جلد سندس نگرانيءَ ۾ شايع ٿيا آهن. انسائيڪلوپيڊيا کي ساڃاهه وند طبقي ۾ گهڻي پذيرائي ملي آهي. ڊسمبر 2010ع ۾ انهيءَ انسائيڪلوپيڊيا جي ٻن جلدن جو مهورت سنڌ جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه ۽ وقتي گورنر نثار کهڙي هٿان ٿيو. سن 1972 کان 1979ع تائين ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تان ’سنڌي اردو بول چال‘ نالي، سنڌي سکيا جو پروگرام ڪيائين. ان کان پوءِ 2009ع کان ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان ’آئيي سنڌي سيکين‘ نالي سان پڻ سکيا جو پروگرام ڪيائين. ڪجهه عرصو پي ٽي وي تي ادبي ٽاڪ شوز ۽ خواتين جي پروگرامن جي ڪمپيئرنگ به ڪيائين.

ڊاڪٽر فهميده حسين جا هن وقت تائين ڪيترا ئي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. جن جو تفصيل هن ريت آهي: (1) هوائن جي آڌار (سفر نامو) 1983ع، (2) پير حسام الدين راشدي (سوانح) 1990ع، (3) شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ (پي. ايڇ. ڊي ٿيسز) پٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1993ع، (4) ادبي تنقيد ۽ تاريخ (ادبي تنقيد، فن ۽ تاريخ) 1996ع، (5) شاهه لطيف ڪي شاعري مين عورت ڪا روپ (اردو) 1996ع، (6) برصغير جي ٻولين جو لسانياتي جائزو (جارج گريئرسن جي ڪتاب ‘Linguistic Survey of India’ جي انين جلد جو ترجمو) 2000ع، ٻيو ڇاپو 2011ع. (7) Image of Woman in the Poetry of Shah Latif- 2002، انگريزي ترجمو ڊاڪٽر امجد سراج. (8) هڪ حوا ڪئين ڪهاڻيون (ڪهاڻين جو مجموعو) 2003ع، (9) دنيا جون شاعر عورتون (دنيا جي شاعر عورتن جي شاعريءَ جو سنڌي ترجمو) 2006ع، (10) شاهه عبداللطيف ڀٽائي (زندگي، شاعري ۽ فلسفو: اردو) 2008ع.

ترتيب ڏنل ڪتاب: (1) Translation of Verses of Shah jo Risalo (2006)، (2 سنڌ، ماضي، حال ۽ مستقبل (2006ع)، (3) Sindh- Past, Present & Future 2006، (4) Dictionary of Classical Poets of Sindhi (1989)، (5 مزاحمتي ادب (شريڪ

ايڊيٽر طور) 1998ع، (6) Poetry(7) ،(Shah & Sindh (1998 of Women During Last 50 Years in Sindh (1997).
ڊاڪٽر فهميده حسين کي سندس علمي ادبي خدمتن جي اعتراف ۾ ڪيترا ئي اوارڊ ۽ ميڊل مليا آهن. جن ۾: (1) حڪومت سنڌ طرفان تحقيقي ڪم تي 'جوش مليح آبادي اوارڊ' (2009ع)؛ (2) تعليمي خدمتن تي سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن پاران گولڊ ميڊل (2008ع)؛ (3) حڪومت پاڪستان طرفان صدارتي اوارڊ 'پرائيڊ آف پرفارمنس' (2004ع)؛ (4) اڪادمي ادبيات طرفان بهترين ڪتاب جو اوارڊ (2004ع)؛ (5) حڪومت سنڌ طرفان شاهه لطيف بابت تحقيقي ۽ اشاعتي ڪم جي مڃتا طور 'شاهه لطيف اوارڊ' (2003ع)؛ (6) 'سگا' طرفان بهترين تحقيق جو اوارڊ (1995ع)، (7) اڪادمي ادبيات پاران سال جي بهترين ڪتاب تي 'هجرا اوارڊ 1414' (1994ع)؛ (8) شاهه لطيف ۽ وومين اسٽڊيز تي بهترين تحقيق جو اوارڊ (1994ع)، (9) سهيوڳ فائونڊيشن، بمبئي طرفان بهترين سنڌي ليکڪ جو 'سهيوڳ اوارڊ'، (10) 1999ع کان 2000ع تائين بهترين سماجي ڪارڪن ۽ عورتن جي ترقيءَ بابت جاکوڙ تي 'سگا اوارڊ'.کانسواءِ کيس مڃتا طور مختلف تنظيمن ۽ ادارن طرفان اوارڊ، شيلڊون ۽ ميڊل ڏنا ويا.
ڊاڪٽر فهميده حسين، سنڌ جي ليکڪائن ۾ سڀ کان وڌيڪ ۽ مختلف صنفن ۾ لاڳيتو لکندڙ ۽ تحقيقي ڪم ڪندڙ واحد عورت آهي، جنهن کي مختلف اشاعتي مواد توڙي تحقيقي لکڻين ۽ لغتن جي ايڊيٽنگ جو 25 سالن جو تجربو حاصل آهي. هوءَ هڪ ئي وقت ليکڪه، شاعره، محقق، لسانياتي ماهر ۽ سماجي ڪارڪن به رهي آهي. سنڌ يونيورسٽيءَ جي سينڊيڪيٽ سان گڏ ڪيترن ئي ادارن جي بورڊ آف گورنرز جي ميمبر پڻ رهي آهي.

## تاج صحرائي: سنڌ جو باڪمال شاعر

آزاد انور ڪانڌڙو

شڪارپور ۽ دادو، علمي ۽ ادبي، ثقافتي ۽ صحافتي، ديني ۽ دنوي تعليم، سماجي ۽ سياسي حوالي سان زرخيز ضلعا رهيا آهن. ٻنهي ضلعن ۾ جنم وٺندڙ شخصيتن، پنهنجن پنهنجن شعبن ۾ مثالي ڪم ۽

ڪردار ادا ڪري، نه صرف پنهنجو پر پنهنجي جنم ڀوميءَ جو نالو پڻ روشن ڪيو آهي.
سنڌ جي نامياري اديب ۽ محقق، تاريخدان ۽ صحافي، سائين تاج صحرائيءَ جو جنم ته شڪارپور ۾ 14 سيپٽمبر 1901ع تي نورمحمد ميمڻ جي گهر ۾ ٿيو پر هن زندگيءَ جو وڏو عرصو دادوءَ ۾ گذاريو. پاڻ صحافتي زندگيءَ جي شروعات 1948ع کان ڪيائين. سندس هفتيوار اخبار ”آواز“ ان دور ۾ وڏي مقبوليت ماڻي. پاڻ، ان دور ۾، تعليم جي اڻ هوند واري صورتحال کي ڏسندي، تعليمي حوالي سان دادوءَ ۾ مثالي ڪردار ادا ڪيائون ۽ دادوءَ ۾ طالب المولٰي هاءِ اسڪول قائم ڪيائون، جيڪو اڄ به قائم دائم آهي.
سائين تاج صحرائيءَ جي ڇپيل ڪتابن ۾ ”تصوير درد 1946ع“، ”سر سارنگ جو مطالعو 1954ع“، ”سنڌو تهذيب 1989ع“، ”ٻڍي لوڪ 1996ع“، ”دادو ضلعو جاگرافي ۽ تاريخ جي آئيني ۾ (ڪيرٿر جبل-گورک چوٽي) 1997ع“،”Lake Manchar 1997”، ”نيڻن نديءَ اکوڙ 2000ع“ ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. جڏهن ته سندس اڻ ڇپيل ڪتابن ۾ مرزا غالب، ڌرتيءَ جا زخم ۽ ٻيا شامل آهن. اهڙيءَ ريت شاهه عبداللطيف، قلندر لال شهباز، سچل سرمست، منڇر ڍنڊ ۽ دادو ضلع جي آثارن بابت سندس تحقيقي مقالا ۽ مضمون ٽڙيل پکڙيل آهن.
سائين تاج صحرائي صاحب، 28 آڪٽوبر 2002ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو.
سنڌ جي نامياري محقق، تاريخدان ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ هڪ هنڌ لکيو آهي؛ ”شاعري هر زبان يا ٻوليءَ جي ادب جو بنياد آهي، چو ته شاعر پنهنجي شعر کي ملڪي زبان جي نهايت پيارن ۽ انوکن محاورن جو جامو پهرائي ٿو“.
سائين تاج صحرائي محقق، مورخ ۽ تاريخدان جي حيثيت سان، ادبي دنيا ۾ متعارف ٿيو ۽ مثالي ڪم ڪيائون. سندس گهڻو ٽڙو لاڙو تحقيق ڏانهن رهيو. تحقيق ۽ تاريخ سان خاص دلچسپي رکڻ سان گڏ، سندس شاعراڻه عظمت کان به انڪار نه ٿو ڪري سگهجي. سنڌ جي ادبي دنيا ۾ نه صرف هڪ محقق جي حيثيت سان پر هڪ شاعر جي حوالي سان به اعلٰي مقام حاصل ڪيائون.
سنڌ جي سدا حيات عالم، دانشور ۽ نقاد مولانا غلام محمد گراميءَ مهراڻ جي شاعر نمبر 1969ع ۾ تاج صحرائيءَ جي شاعري بابت

لکيو آهي؛ ”تاج صاحب نذرالاسلام، خليل جبران ۽ ٽيگور جي ادب لطيف کان گهڻو متاثر آهي. تاج صحرائيءَ جي شاعريءَ ۾ جوش ۽ جذبو موجود آهي.“

سائين تاج صحرائي، پنهنجي دور جو باڪمال شاعر هو. هن شاعريءَ جي مختلف صنفن جهڙوڪ؛ غزل، گيت، نظم ۽ رباعين تي طبع آزمائي ڪئي. سندس شعرن ۾ ٻولي پياري آهي. نوان نوان خيال ۽ تجربا ملن ٿا. سندس شاعري قديم ۽ جديد رنگ جو خوبصورت سنگم آهي. سندس شاعريءَ ۾ اصلاحي ۽ تنقيدي رنگ نمايان آهي.

حادثن جي خوف کان غمگين به ٿي تون نوجوان،
ياس حرمان سان لڙڻ آ، تنهنجي فطرت نوجوان.

سائين تاج صحرائيءَ جو، پنهنجي حياتيءَ ۾، مشاعرن اندر شعر پڙهڻ جو انداز نرالو ۽ دل کي وڻندڙ هوندو هو. سندس انداز بيان، مشاعري ۽ محفل ۾ ويٺل ماڻهن کي موهيندو هو. تاج صحرائيءَ جي شاعري، وطن ۽ ڌرتيءَ جي پيار سان سرشار آهي. سندس شعر دلين ۾ جاءِ ولارين ٿا.

وري سينگاريو، ايوانن کي آزاديءَ جي پروانن،
پر معلوم آ دل کي ته، پروانن تي ڇا گذريو.

نون قدرن، نون فڪرن ۽ علمي لاڙن شعر کي نوان نوان اسلوب ڏنا آهن. سائين تاج صحرائي پنهنجي دور جو اهڙو شاعر هو جنهن پنهنجي تخليق کي اعلىٰ مقام تي پهچائي، نه رڳو پنهنجي پاڻ کي امر ڪري ڇڏيو پر پنهنجي فن کي به امر ڪري ڇڏيو. سندس شاعريءَ ۾ حقيقت بيانيءَ سان گڏ رواني آهي. شاعريءَ ۾ ماحول ۽ زندگيءَ جي اهم مسئلن جي ترجماني ڪئي اٿائين. سندس بيان ۾ سادگي، سچائي ۽ نماڻائي به آهي ته قلندرانه بيباڪي به. جيڪا پڙهندڙن کي متاثر ڪري ٿي.

اجا تقدير جو ماتم، اجا زندان باقي آ،
اجا فطرت نه بدلي آ، اجا ارمان باقي آ،
سفينن سان تو ٽڪرائي، اجا طوفان باقي آ،
تو کي فرصت ڪٿي آهي، مون کي مهلت ڪٿي آهي؟.

سائين تاج صحرائي جي شاعري، فني لحاظ کان پختگي آهي ۽ منجهس جدوجهد ۽ جاکوڙ جو ڏس يا گس آهي. هو هڪ پراميد ۽ پرجوش شاعر آهي.

سحر آئي، اذان آئي، پهاڙن تان صدا آئي،
هزارن گرم لڙڪن سان، صبا گل تي قضا آئي،
حياتيءَ جي فضائن مان، اها هر هر ندا آئي،
تو کي فرصت ڪٿي آهي، مون کي مهلت ڪٿي آهي؟.

سائين تاج صحرائيءَ جي ادبي ۽ تحقيقي، علمي ۽ شاعرانه خدمتن کي هميشه ياد رکيو ويندو. هو سنڌ جو مثالي ۽ اڻ وسرندڙ ڪردار هيو. ڪيس سنڌ ۽ سنڌ واسي ڪڏهن به وساري نه ٿا سگهن.

## پروفيسر محبوب علي چنه جي شخصيت ۽ عملي، ادبي خدمتون

علي اصغر اوٺو

وادي مهراڻ جي هن سون ورني ڌرتيءَ تي ڪيترا ئي قديم ۽ تاريخي شهر اڄ به موجود آهن. انهن قديم شهرن مان (سيوستان) سيوهڻ به هڪ اهم ۽ تاريخي حيثيت رکي ٿو. سيوهڻ شهر نه رڳو تاريخي شهر آهي پر ان سان گڏ علم ۽ ادب جو مرڪز پڻ رهيو آهي. هيءُ شهر ادبي ميدان ۾ هڪ خاص مقام رکي ٿو.

هن شهر ڪيترا ئي علم ۽ ادب جا گوهر پيدا ڪيا آهن. انهن گوهرن مان مرحوم پروفيسر محبوب علي چنه به هڪ شخصيت ٿي گذريو آهي.

پروفيسر محبوب علي چنه، پوسٽ ماسٽر محمد صالح چنه جي گهر ۾ تاريخ 12 مارچ 1922ع بمطابق 1341 هجري ۾ جنم ورتو. شروعاتي تعليم پنجين درجي تائين سيوهڻ ۾ پوري ڪيائين. مئٽرڪ، حيدرآباد هاءِ اسڪول، هاٿوڪي نور محمد هاءِ اسڪول، مان حاصل ڪيائين.

1939ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪرڻ کانپوءِ، ڊي جي نيشنل حيدرآباد ڪاليج ۾، ايف واءِ اي ۾، داخلا ورتائين ۽ هاير سيڪينڊري ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. مالي مجبورين جي ڪري، انٽر آرٽس کانپوءِ ڪجهه سالن لاءِ تعليم جاري ڪري نه سگهيو.

1944ع ۾ بي اي جا به سال ڪراچي ۾ ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ مڪمل ڪيائين.

1945ع ۾ بي اي جي امتحان ۾، سنڌ مان پهريون نمبر آيو. ان ڪري بمبئي يونيورسٽيءَ طرفان کين اعزازي ٻڪسان فيلو شپ مليو.

سندس ڊبل ايم اي ٿيل هيون. هڪ فارسيءَ جي مضمون ۾ ۽ ٻي سنڌي مضمون ۾. 1947ع ۾ ايم اي سنڌي، سموري بمبئي پريزيڊنسي ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪئي. جنهن جي نتيجي ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ طرفان کين گولڊ ميڊل مليو. ان وقت اهو اعزاز سيوهڻ ته ڇا پر پوري سنڌ لاءِ فخر جو باعث هو. سنڌ ڌرتي کي اهڙن فردن تي اڄ به ناز آهي.

ملازمت جي شروعات هڪ استاد جي حيثيت سان ڪيائين. پنهنجي نوڪريءَ جا فرائض ميونسپل هاءِ اسڪول سيوهڻ، سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي ۽ اين جي وي هاءِ اسڪول ڪراچيءَ ۾ ادا ڪيائون. پاڻ جڏهن ڪراچيءَ ۾ نوڪري جون خدمتون ڏيئي رهيو هو، تنهن دور ۾ کين فوڊ کاتي ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي لاءِ آڇ ٿي پر جيئن ته پاڻ درس و تدريس، تصنيف و تاليف سان گهڻي دلچسپي رکندا هئا، تنهنڪري ان انتظامي کاتي ڏانهن وڃڻ پسند نه ڪيائون ۽ تعليم کاتي کي وڌيڪ ترجيح ڏنائون. 1948ع ۾ بي ٽي پاس ڪرڻ کانپوءِ، گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد ۾ به حيثيت سنڌي ۽ فارسي ليڪچرار طور مقرر ٿيو.

اهڙيءَ طرح سنڌ جي مختلف ڪاليجن جهڙوڪ؛ شاهه عبداللطيف گورنمينٽ ڪاليج ميرپورخاص، گورنمينٽ ڪاليج جيڪب آباد، جامع عربيه ڪاليج حيدرآباد، گورنمينٽ ڪاليج لطيف آباد، سچل سرمست آرٽس ڪاليج حيدرآباد، ڪجهه وقت لاءِ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج راولپنڊيءَ ۾ سيڪينڊ شفٽ وائيس پرنسپال جي حيثت سان خدمتون سرانجام ڏنائون.

گورنمينٽ ڪاليج آف ايجوڪيشن ڪراچي ۽ گورنمينٽ ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج ڪراچي ۾ پرنسپال رهيو.

1951ع کان سروري اسلاميه ڪاليج هالا جا پهريان بنياد وجهندڙ پرنسپال هئا. چنه صاحب 1953ع کان 1954ع تائين، هڪ سال ۾ ڪجهه مهينن لاءِ، سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جا انچارج رهيا. جتي ڊاڪٽر غلام علي الانا، آپا شمس عباسي، دادي ليلان ۽ نوربانو جهڙن شاگردن کي پڙهايائون. چنه صاحب اسلام آباد ۾ نيشنل بوڪ فائونڊيشن جا سيڪريٽري ۽ آخر ۾ نيشنل ڪميشن آف هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل ريسرچ گورنمينٽ آف پاڪستان اسلام آباد ۾ به سيڪريٽري ٿي رهيا. جيئن ته پروفيسر محبوب علي چنه، هڪ وڏو تعليمي ۽ ادبي ماهر هو، تنهنڪري سندس علمي ۽ ادبي مرتبي کي نظر ۾ رکندي،

آمريڪي سرڪار ڪين 1961ع ۾ خاص دعوت تي آمريڪا گهرايو، جتي اسپيشلسٽ ورلڊ ٽوئر جي حيثيت ۾، لڳ ڀڳ پنجن مهينن لاءِ بطور ميسينجر ٿي رهيو.
هن اتي ڪيترن علمي، ادبي ادارن جا دورا ڪيا ۽ اتي جي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ بحث مباحثا ۽ سيمينار ڪرايا. واپسيءَ ۾ اتان ڪيترا ئي ناياب ڪتاب آندائون.
پروفيسر محبوب علي چنه هڪ محقق، عالم، اديب، شاعر، مؤرخ، مقرر، تاريخدان ۽ تعليمدان طور ڪيترن ئي ادبي تاريخي، ثقافتي سوسائٽين جو ميمبر ۽ سرواڻ رهيو. جهڙوڪ؛ بزم شهباز سيوهڻ، بزم سچل، بزم سروري، انجمن فروغ ادب هالا، ماهوار فردوس، بزم طالب المولٰي وغيره. انجمن فروغ ادب هالا ۾ بحيثيت نگران اعلٰي، پاڻ نون ۽ سيڪڙات اديبن ۽ ليکڪن کي ادبي ۽ ثقافتي، سماجي خدمتن لاءِ تربيت ڏيندا رهيا. جن مان ڪيترائي مايه ناز اديب تربيت وٺي، اڄ سنڌ جي ادبي ۽ ثقافتي سرمايه جو هڪ اهم حصو بنجي چڪا آهن. منجهن ڊاڪٽر سليمان شيخ، الطاف شيخ، انور هالائي، عبدالغفار ابڙو، جمال الدين ميراڻي، هدايت الله ميمڻ، يوسف ابڙو، احمد علي قريشي وغيره شامل آهن.
سندس به ڪتاب؛ ”اسلامي تاريخ جو مطالعو“ ۽ ”هڪ شخصيت به پهلو“ گهڻا مشهور آهن. اهي ٻئي ڪتاب سندس ئي قائم ڪيل اداري ”اداره صالح سيريز“ ڇپائي پڌرا ڪيا.
سندس ڪتاب، ”سنڌي ادب جا مختلف رجحانات“ سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ لکيل آهي. انهيءَ کان علاوه شاعريءَ بابت به سندس ڪتاب قابل ذڪر آهن.
سندس سنڌ جي صوفي بزرگ شاعرن سان بي انتها محبت ۽ عقيدت هوندي هئي. هالا جي بزرگ مخدوم نوح رح جو شيدائي هو. جنهن جي ڪري مخدوم نوح سرور جي زندگيءَ ۽ سندس همعصرن متعلق هڪ ڪتاب ”مخدوم نوح سرور رح جا سهيوڳي“ لکيائين. سندس مقالو سنڌي ادبي بورڊ طرفان ٽماهي مهراڻ رسالي ۾ 1964ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.
کين قلندر شهباز سان به تمام گهڻي عقيدت هئي. قلندر لال شهباز جي ساليانی عرس جي حوالي سان ادبي ڪانفرنسون ڪوٺائڻ ۽ سوونئر ڇپائڻ ۾ به سندن ئي وڏو هٿ هوندو هو. حضرت قلندر لال

شهباز جي عرس مبارڪ تي تيندڙ ادبي ڪانفرنسن جا چنه صاحب خـود ڪنوينر هوندا هئا.
سندن ترتيـب ڏنـل ڪتـابن ۾ سـيوهڻي بادشـاهه، ضـياءُالقلندر، ضـياءُ الشهباز، سردار قلندر، سنڌڙيءَ جو شهباز، قلندر نـامو سـنڌي، قطـب قلندر ۽ گلزار قلندر شامل آهن. سروري خانـدان جـي بـزرگ مخـدوم امين محمد عرف پکن ڌڻيءَ جو ڪلام" ڪليات امين" جي نالي سـان ترتيب ڏنائون، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ وارن 1966ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.
مخدوم محمد زمان طالب المولٰي جي سـنڌي، اردو ۽ فارسـي بيتـن، ڪافين ۽ غزلن جو مجموعو "ڪچڪـول طـالب المـولٰي" جـي عنـوان سـان ترتيـب ڏنـائون. هيـءُ ڪتـاب سـندس ئي ڪوشـشـن سـان بـزم سروري هالا طرفـان 1955ع ۾ ڇپـائي پڌرو ڪيـو ويـو. ان کـان علاوه راضي فقير جي خيالن جو مرقع، ڪنز قادري جـي نـالي سـان ترتيـب ڏنائون. جيڪو اڻ ڇپيل آهي.
آثـار قـديمه ڏانهن بـه سـندن گهڻو ئي لاڙو رهيـو. پـاڻ مڪليـءَ جـي قبرستان تي تحقيق ڪري رهيا هئا. مڪلي ٽڪريءَ جـي حـوالي سـان سندن هڪ تحقيقي ڪتاب "مڪلي ٽڪريءَ جو سير" جي عنوان سـان لکيل آهي.
پاڻ شاعري ۾ خاص ڪري مرثيه ۽ نعت تي لکيائون. نعـت شـريف جـو هڪ مثال هيٺ پيش ڪجي ٿو:

محبوب سندءِ ميخانه ۾ مئي خوار گهڻا مستانه گهڻا
مئي باقي جي خمخانه مان لبريز ٿيا پيمانه گهڻا

خلوص ۽ محبت، نهٺائي ۽ نماڻائي، سچائي ۽ نيڪ نيتي، خوش خلقي ۽ انسان دوستي، سـندن مـزاج ۽ فطـرت جـون خوبيـون ۽ خصوصـيتون هيون.
پروفيسر محبوب علي چنه، سعودي عـرب ۾ حـج ڪرڻ کـانپوءِ اوچتـو بيمار ٿي پيا ۽ اتي تاريخ 24 نومـبر تـي وفـات ڪري ويـا. مڪي جـي مشهور قبرستان، جنت المعلٰي ۾ مدفن آهن.

# علامه غلام مصطفٰي قاسمي

قريشي حامد علي خانائي

سنڌ جي سر زمين، هر دؤر ۾ هر زماني ۾ اهڙين تواريخ ساز شخصيتن ۽ بزرگن، وطن دوست ۽ انسان ذات جو دل ۾ درد رکندڙن کي جنم ڏنو آهي، جن جي علمي، ادبي، ديني ۽ پرخلوص سياسي ڪارنامن سبب پاڻ پريءَ سنڌ جو هميشه ڳاٽ اوچو رهيو آهي. خاص طرح، گذريل ويهين عيسوي صديءَ اهڙين مخصوص شخصيتن ۽ هستين کي پيدا ڪيو، جن پنهنجي پرخلوص جدوجهد ۽ ڪوشش سان نه صرف سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن کي قائم ۽ سلامت رکڻ ۾ پنهنجي حياتيءَ جي هڪ گهڙي به اجائي نه گنوائي، پر سنڌ جي تهذيب ۽ ارتقا کي دنيا جي ٻين سڌريل، مُهذب ۽ متمدن ملڪن جي درجي تائين رسائڻ ۾ ڪنهن به قسم جي ڪا ڪوتاهي نه ڪئي ۽ سنڌ کي سموريءَ دنيا سان گڏ برصغير ۾ پڻ وڏي عزت ۽ وقعت جي نگاهه سان ڏسڻ جي لائق بڻايو.

ويهين صدي عيسوي نه صرف سنڌ لاءِ، بلڪ پوري دنيا ۾ پنهنجي انفرادي ۽ انوکي حيثيت جي حامل رهي. هن صديءَ ۾ پراڻيون رسمون ۽ رواج، قدر، ماڻ ۽ ماپا تبديل ٿيا. هڪ نئين راهه طرف وک وڌائڻ جي شروعات ٿي، جنهن کي جديد ترقيءَ وارو دؤر تصور ڪيو ويو. هن صديءَ ۾ دنيا ۾ ڪيترائي وڏا وڏا انقلاب ۽ حادثا رونما ٿيا. دنيا جي تخت تي ڪيتريون ئي نيون نيون حڪومتون وجود ۾ آيون ۽ ٻين قومن انهيءَ ڏس ۾ جدوجهد جي شروعات ڪئي. اها ويهين صدي عيسوي هئي، جنهن ۾ دنيا اندر ٻه وڏيون عظيم ۽ تباهه ڪُن جنگيون لڳيون، جن انسانذات کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو ۽ ڪيترن سُندر ۽ وسندڙ شهرن ۽ بستين جي نشانن کي مٽائڻ ۾ ڪا به ڪسر باقي نه ڇڏي. هن صديءَ ۾ تباهه ڪارين ۽ انسانذات جي بي دريغ خون ۽ خرابيءَ سان گڏ، علم ادب جي دنيا ۾ پڻ نظرياتي ۽ فڪريءَ طرح وڏا انقلاب، اصول، قاعدا ۽ قانون وضع ٿيا ۽ ان ۾ ڪافي انقلابي ۽ فڪري تبديليون رونما ٿيون. سائنس جي علم پنهنجي ترقيءَ جو معراج حاصل ڪيو. نوان هنر ۽ ڪيتريون عجيب وَ غريب قسم جون ايجادون ۽ تجربا عمل ۾ آيا، جن انسانذات جي زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي وڏو اثر وڌو ۽ انساني زندگي ان کان تمام گهڻو متاثر ٿي. هن کان اڳ ۾، ادب ۾ ”ادب برائي ادب“ جو نظريو رائج هو، پر پوءِ ”ادب برائي زندگيءَ“ وارو نظريو عمل ۾ آيو.

تواريخ ۽ سياسي لحاظ کان اهو ويهين صديءَ وارو زمانو، انگريز سامراج جي غلاميءَ وارو زمانو هو ۽ اهي برصغير تي پوريءَ طاقت سان قابض هئا. مٿي بيان ڪيل انهن حالتن، جديد نظرين، لاڙن، فڪرن ۽ اصولن جو برصغير جي ٻين علائقن وانگر سنڌ تي به نمايان اثر غالب رهيو. سنڌ اندر، خاص طرح عالمن، اديبن، شاعرن، سياستدانن، قانوندانن ۽ مذهبي شخصيتن ان ڏس ۾ پاڻ گهڻو موڪيو ۽ ان جا اڻ متجندڙ نشان اڄ به سنڌ جي تواريخ ۾ ملن ٿا. اهي سنڌ ۾ عالمگير ۽ همه گير تحريڪن جا باني مباني هئا ۽ سندن فڪر انگيز ۽ انقلابي تحريرن ۽ انقلابي اصولن جو سنڌ تي وڏو اثر پيو ۽ سنڌ کي انهن مڙني حالتن مان گذرڻو پيو.

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب انهيءَ ئي ويهين صدي عيسويءَ جي نهايت ئي بلند مرتبي وارن جيد عالمن، اديبن ۽ دانشورن مان هڪ آهي، جنهن تي سنڌ جي سرزمين جو ايندڙ نسل بجا طور فخر ڪندو. علامه صاحب جو وجود سنڌ لاءِ هن قحط الرجال واري دؤر ۾ وڏي غنيمت آهي. علامه قاسمي صاحب بلند مرتبي وارو عالم، تفسير ۽ حديث، فقه ۽ ادب، صرف ۽ نحو، معاني ۽ منطق، اصول ۽ فروغ، تواريخ ۽ لغت جي ميدان ۾ پنهنجي دؤر جي وڏن عالمن ۽ فاضلن ۾ بي مثل ۽ بي نظير آهي. پاڻ سنڌيءَ سان گڏ عربي، فارسي، اردو ۽ انگريزي زبانن تي ڪافي عبور رکندڙ آهي. بهرحال، پاڻ هر لحاظ کان جامع علوم آهي. پاڻ ڪيترين ئي عربي، فارسي ۽ سنڌي بيش بها ۽ بلند پايه تصنيفن ۽ تاليفن جو صاحب آهي. پاڻ علم ادب جي هر شعبي ۾ وڏي مهارت رکي ٿو. انهيءَ چوڻ ۾ڪوبه وڌاءُ نه آهي ته پاڻ ظاهري علم ادب ۽ سنڌ جي تواريخ سان گڏ، اسلامي علمن ۽ فنن جي زنده جاويد انسائيڪلو پيڊيا آهي.

علامه قاسمي صاحب نهايت ئي شگفته مزاج، خليق، شفيق، مرنجان مرنج، عابد، زاهد ۽ صاف گو شخصيت جو مالڪ آهي. علوم شريعت ۽ طريقت، تفسير ۽ حديث، تاريخ ۽ ادب جو ڪوبه منجهيل مسئلو هجي ته پاڻ ان جي هر موضوع تي بي تڪلف ۽ آسانيءَ سان عالمانه انداز ۾ گفتگو ڪندو آهي، جيڪا ٻڌندڙ جي ذهن نشين ٿي ويندي آهي. ڪنهن به دقيق مسئلي جي اسرار ۽ رموز جي سيني جزن کي اهڙي انداز ۾ بيان ڪندو آهي، جو ٻڌندڙ کي سجهڻ ۾ بلڪل آساني ٿيندي آهي.

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جو تعلق، اتر سنڌ جي ضلعي لاڙڪاڻي جي پوئتي پيل تعلقي ميرو خان سان آهي. سندس جنم پنهنجي اباڻي ڳوٺ "رئيس پنيو خان" ۾ سن 1335هه/ 1916ع ۾ ٿيو. سندس والد بزرگوار جو نالو حافظ محمود خان هو. پاڻ سنڌ جي قديم ۽ مشهور قبيلي "چانڊيي" سان تعلق رکي ٿو. علامه قاسمي صاحب مروج ابتدائي سنڌي ۽ فارسي تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي. ان کان پوءِ، سنڌ جي وڏن جيد ۽ مشهور عالمن جي مدرسن ۾ ديني علمن ۾ تحصيل ڪيائين ۽ پاڻ مڪمل طرح هڪ عالم ۽ فاضل بڻيو. سنڌ ۾، علمي فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِ، برصغير جي مشهور دارالعلوم ديوبند ويو، جتان ٽن سالن جي عرصي ۾ سيني ديني خواه دنيوي علمن ۾ جامع فارغ التحصيل ٿيو. ان زماني ۾ ديوبند جو مدرسو نه صرف ديني علمن جو مرڪز هو، پر سياسي فڪر ۽ آزاديءَ جي جدوجهد جو پڻ هڪ مکيه مرڪز هو. اهڙيءَ طرح، علامه موصوف فاضل ديوبند، مولوي فاضل ۽ فاضل طب وغيره ۾ به علمي لياقت جو مالڪ بڻيو.

علامه قاسمي صاحب جي والد بزرگوار، حافظ محمود (المتوفي: 1338هه/ 1919ع) مولانا غلام صديق شهدادڪوٽيءَ، جو پنهنجي زماني جو وڏو وَلي ڪامل، حال ۽ قال جو صاحب هو ۽ طريقت ۾ "قادري" طريقي جو مشائخ هو، جي هٿ تي "قادري" طريقي ۾ بيعت ڪئي ۽ خلافت جو خرقو حاصل ڪيائين. جيئن ته قاسمي صاحب جو خانداني طرح طريقت جو سلسلو "قادري" هو، ان ڪري پاڻ ديوبند ۾ شاگرديءَ جي زماني دوران مولانا حسين احمد مدنيءَ کان "قادري" طريقت ۾ بيعت ڪري، ظاهري خواه باطني فيض ڪيائين.

علامه قاسمي صاحب دارالعلوم ديوبند ۾، ڪيترن ئي وڏن ناميارن عالمن کان فيض حاصل ڪيو، جهڙوڪ: حضرت مولانا محمد ابراهيم بلياوي، شيخ الاسلام مولانا حسين احمد مدني، مولانا اصغر حسين ۽ مولانا اعزاز علي. اهي سيئي عالم پنهنجي وقت جا بلند پايه عالم ۽ درويش صفت انسان هئا. انهن مڙني بزرگن جو علامه قاسمي صاحب تي نهايت ئي گهڻو اثر غالب پيو.

علامه قاسمي صاحب ديوبند ۾ تعليم پرائڻ واري عرصي دوران دهليءَ جي مشهور اوريئنٽل ڪاليج ۾ داخلا ورتي ۽ ان ئي وقت علم طب ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ دهليءَ ۾مولانا حڪيم جميل الدين نگينويءَ جي

مشهور طبي مدرسي "مدرسه طبيه" ۾ داخل ٿي وڏيءَ امتيازي حيثيت ۾ مهارت حاصل ڪري، علم طب ۾ "حڪيم الحڪماءُ" جي سند حاصل ڪئي. اهڙيءَ طرح، علامه قاسمي صاحب هندستان ۾ ٽن ورهين جي عرصي ۾ مختلف علمن ۾ تعليم پرائڻ کان پوءِ، پنهنجي وطن سنڌ ۾ موٽي آيو. سنڌ واپس اچڻ کان پوءِ، ڪجهه عرصو پير جهنڊي ۾ مولانا عبيدالله سنڌيءَ وٽ قرآن مجيد ۽ فلسفي جو درس ورتائين. پاڻ شاهه ولي الله جي فلسفي جو تمام وڏو ڄاڻو ۽ ماهر آهي.

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب سنڌ ۾ درس ۽ تدريس جو سلسلو اختيار ڪيو. پاڻ سنڌ ۾، ان دؤر جي وڏن ۽ مشهور ديني مدرسن، جهڙوڪ: "مدرسه درالسعادت"، "بيت الحڪمت ، پيربخش پٽو، "مدرسه قاسم العلوم، گهوٽڪي" ۽ "مدرسه مظهر العلوم کڏه، ڪراچي" وغيره ۾ مدرس ۽ شيخ الحديث جي حيثيت ۾ درس ڏيندو رهيو. پاڻ جنهن به مدرسي ۾ رهيو، اتي سندس حلقه درس ۾ هميشه طالبن جي تمام وڏي جماعت حاضر رهندي هئي. اهڙيءَ طرح، علامه صاحب پنهنجي علمي فيض ۽ برڪت سان عالمن ۽ فاضلن جي هڪ وڏي، جماعت کي علم ۽ فيض جي آخري حد تائين پهچائي، صاحبِ ڪمال بڻايو. پاڻ اڄڪلهه سٺ ورهين تائين پنهنجن شاگردن کي علم جي زيور سان سينگاريندو رهيو آهي.

پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهه هڪ وڏو مردم شناس ۽ علم جو پارکو انسان هو. هن علامه صاحب جي علميت ۽ ذهانت کان متاثر ٿي، 1953ع ۾ کيس سنڌ مسلم ڪاليج، ڪراچيءَ ۾ اسلامي ديني علمن جو ليڪچرار مقرر ڪرايو، جتي پڻ علامه صاحب پنهنجي علميت جا ڪافي جوهر ڏيکاريا. سيد غلام مصطفيٰ شاهه صاحب جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر ٿي آيو ته علامه صاحب کي سندس علمي، ادبي ۽ ديني خدمتن جي عيوض اعزازي پروفيسر جو منصب عطا ڪيائين ۽ کيس مختلف شعبن ۾ پي ايچ. ڊيءَ جو رهبر ۽ رهنما پڻ مقرر ڪيو ويو. علامه صاحب پاڻ مڪمل طرح هڪ وڏي اداري جي حيثيت رکي ٿو. سندس رهبريءَ ۽ رهنمائيءَ هيٺ مختلف شعبن ۾ الڳ الڳ موضوعن تي ڪيترائي شاگرد پي ايچ. ڊي جي ڊگري حاصل ڪري چڪا آهن. سنڌ مسلم ڪاليج، ڪراچيءَ ۾ شاهه ولي الله جي فلسفي تي پاڻ نهايت مدلل انداز ۾ تقرير ڪندو هو. انهيءَ ئي عرصي ۾ سندس تصحيح ڪيل ڪتاب "المتانته" شايع ٿيو هو. علامه صاحب،

فلسفي اسلام شاهه ولي الله جي ڪتاب "حجته الله البالغته" کان ڏاڍو متاثر رهيو آهي ۽ ان جي شرح مولانا عبيدالله سنڌيءَ کان حاصل ڪئي هيائين. علم حديث ۾ 'موطا امام مالڪ' کي وڏي ترجيح ڏيندو آهي ۽ پاڻ ان کان تمام گهڻو متاثر آهي.

علامه قاسمي صاحب 1963ع ۾ شاهه ولي الله اڪيڊمي، حيدرآباد ۾ ڊائريڪٽر مقرر ٿيو. انهيءَ اڪيڊميءَ جو پاڻ پهريون ڊائريڪٽر ۽ باني آهي. هن اڪيڊميءَ ۾ قاسمي صاحب چاليهارو ورهيه کن شاهه ولي الله محدث دهلويءَ جي فلسفي کي عام ڪرڻ ۾ پورا ڪيا ۽ ولي اللهي فلسفي کي سنڌ خواه پاڪستان ۾ ڦهلائڻ ۾ وڏي جدوجهد ڪئي. ازان سواءِ، هن شاهه ولي الله محدث دهلويءَ جي ڪيترن ئي قيمتي ڪتابن کي اڪيڊميءَ طرفان ڇپايو ۽ ڪيترن جا سنڌيءَ ۾ ترجما ڪرايا ۽ ڪيا. تازو، سنڌ جي اوقاف کاتي پاران علامه صاحب جي علمي ۽ ديني خدمتن جي عيوض کين تاحيات پينشن ڏني وئي آهي. اڪيڊميءَ جي گوناگون مصروفيتن باوجود، علامه صاحب اتي به پنهنجن شاگردن کي ديني علمن جو درس ڏيندا رهيا. علامه قاسمي صاحب شاهه ولي الله اڪيڊميءَ سان گڏ سنڌ جي قومي اداري، "سنڌي ادبي بورڊ" جو ٻارهن سالن تائين اعزازي چيئرمن ٿي رهيو. دراصل، اهو دؤر سنڌ لاءِ تمام ڪٺن دؤر هو. سرڪاري طور سنڌي ادبي بورڊ کي ختم ڪرڻ جون ڪوششون جاري هيون، پر علامه صاحب جي همت، جرئت ۽ بيباڪيءَ سبب سنڌي ادبي بورڊ سرڪاري عتاب کان بچي ويو ۽ سندس قيادت ۾ سنڌي ادبي بورڊ پنهنجي ڪتابن جو اشاعتي پروگرام برابر قائم رکيو.

علامه صاحب جيئن ته سنڌ جي مشهور ۽ قديم "چانڊيي" قبيلي مان آهي ۽ خانداني لحاظ کان سندس ٻولي بلوچڪي/ ٻروچڪي آهي، پر سنڌ ۾ گهڻي زماني کان رهڻ ڪري، سندس سڄو قبيلو بلوچڪي/ ٻروچڪي سان توڙي سرائڪيءَ کان پري رهيو آهي. پاڻ هن دنيا ۾ جمڻ سان ئي پنهنجي منڙي امڙ جيجل جي گود ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لولي ٻڌائون ۽ ان ئي منڙي زبان کي پنهنجي سعادت سمجهيائون. ان لحاظ کان علامه صاحب کي سنڌي زبان سان جنون جي حد تائين پيار ۽ انس آهي. سنڌي زبان جي باري ۾، گهڻو وقت اڳ ملتان جي هڪ علمي مجلس ۾، پنهنجي صدارتي تقرير ۾ هيءُ رايو پيش ڪيو هئائين ته:

“درياء سنڌ سان گڏ جيترا به علائقا آهن، انهن ۾ ڳالهائي ويندڙ قديم زبان سنڌي آهي. جيڪو خطو اڄ پاڪستان سڏيو وڃي ٿو، اهو قديم دؤر ۾ سمورو سنڌ جي نالي سان سڏيو ويندو هو. مطلب ته انهن مان گهڻين زبانن ۾ محض لهجي جو اختلاف آهي. ڪن علائقن تي هنديءَ جو ته وري ڪٿي عربيءَ جو اثر پئجي ويو آهي. جيڪڏهن اڄ به ڪوشش ڪئي وڃي ته پنجابي، سنڌي، سرائڪي، پوٺوهاري ۽ هندڪو سڀ زبانون هڪ ٿي سگهن ٿيون. بلوچي، دراوڙي يا پشتو وغيره زبانن جي اهميت به پنهنجيءَ جاءِ تي آهي. ڪنهن به علائقي جي زبان سان بي انصافي ٺيڪ نه گهرجي.”

علامه صاحب جي مٿئين تقريري اقتباس مان اهو تاثر ملي ٿو ته کيس سنڌي زبان سان ڪيتري قدر پيار ۽ انس آهي، ۽ ساڳئي وقت سنڌي زبان جي قدامت ۽ حيثيت تي به پاڻ واضح نموني ۾ چانڻ ڏني اٿائين. سنڌي زبان سان بي انتها محبت جي باوجود، پاڪستان جي ٻين زبانن لاءِ به کيس وڏي عزت ۽ عقيدت آهي.

علامه صاحب، پاڪستان ۾ رائج اردو زبان متعلق، انهيءَ ساڳئي موقعي تي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي فرمائي ٿو ته:

“اردو جو مقام پنهنجي جاءِ تي مسلم آهي. اها وڏي زبان آهي. سڀ ئي ان جي حيثيت کي مڃين ٿا ۽ اسان جو گهڻو ديني سرمايو پڻ اردوءَ ۾ آهي. اردوءَ جا مخالف تمام گهٽ آهن، پر اردوءَ جي نالي سان ناجائز فائدو وٺڻ مناسب نه آهي. انهيءَ سان افتراق پيدا ٿئي ٿو، جهڙيءَ طرح مشرقي پاڪستان ۾ ٿيو.”

ان کان پوءِ، انهيءَ ساڳئي تقرير ۾، علامه صاحب سنڌي زبان جي باري ۾ هڪ اهم نقطو پيش ڪندي، حديث جي حوالي سان چوي ٿو ته:

“جيتري قدر سنڌي زبان جو تعلق آهي ته منهنجي خيال ۾ گهڻيون زبانون، جهڙوڪ: پنجابي، هندڪو وغيره کي ان ۾ شامل سمجهي سگهجي ٿو. مسند احمد بن حنبل رضه ۾ هڪ روايت اچي ٿي ته حضور صلي الله عليه وسلم جن جي ڪنن مبارڪن تائين به سنڌي زبان پهتي هئي، جا ان جي قدامت جو هڪ اهم واضح دليل آهي.”

علامه قاسمي صاحب سنڌي زبان ۽ ادب جي باري ۾، پنهنجي دؤر متعلق ويچار ونڊيندي چوي ٿو ته:

“منهنجي ابتدائي زندگيءَ جي دؤر ۾، سنڌ اندر اردوءَ جو ايترو وهنوار ڪونه هو ۽ سنڌي ادب ان زماني ۾ وڏي عروج تي هو، جنهن ۾ اڪثر هندو وڌيڪ اڳرا هئا.”

علامه صاحب ان زماني ۾ لاڙڪاڻي ۾ وطن جي آزاديءَ واري تحريڪ جو صدر هو. ان وقت وٽس جيڪي سنڌي اخبارون ايندڙيون رهنديون هيون، تن جي مطالعي مان سنڌي ادب جو چڱيءَ ريت اڀياس ڪيائين. علامه صاحب جو رايو آهي ته:

“ان زماني جو سنڌي ادب، صوفي تحريڪ جو هڪ بهترين مثال چئي سگهجي ٿو. ان کان پوءِ، وقت گذرندي سنڌي ادب ۾ قوميت ۽ وطن جي آزاديءَ جي تحريڪ ۽ محبت جو عنصر سڀ کان وڌيڪ غالب رهيو ۽ ادب تي وقت جي حالتن مطابق ڪجهه اشتراڪيت جو به اثر رهيو آهي. هن وقت سنڌي ادب مڙني پاڪستاني زبانن جي ادب کان وڌيڪ عروج تي آهي.”

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب ادب، ديني ۽ مذهبي، درس ۽ تدريس جي خدمتن سان گڏ، ملڪي سياست ۾ به ڪافي سرگرم رهيو آهي. پاڻ “دارالفيض” ڪُور سليمان جي مدرسي ۾ پڙهڻ دوران عملي طرح سياست ۾ قدم رکيائين. ان کان اڳ جڏهن اجا ننڍيءَ عمر جو هو، ته ميروخان جي مشهور مدرسي ۾ ئي سياست کان واقف ٿيو. هيءُ اِهو زمانو هو، جڏهن ترڪيءَ جي مسلمان خلافت کي شڪست آئي هئي. انهيءَ ڪري، برصغير جي مسلمانن ۾ انگريز سامراج خلاف نفرت پيدا ٿي ۽ سنڌ ۾ ترڪ خلافت کي قائم رکڻ لاءِ “خلافت تحريڪ” شروع ٿي. هر طرف کان انگريزن جي خلاف هڪ وڏو طوفان برپا ٿي ويو. سنڌ جي مسلمانن پنهنجن سياسي خيالن، جذبن ۽ امنگن کي انگريز سرڪار جي ڪنن تائين پهچائڻ لاءِ ترڪيءَ جي مسلمان خليفي، سلطان وحيد الدين جي نالي سنڌي زبان ۾ “الوحيد” اخبار جاري ڪئي. دراصل ، “الوحيد” سنڌ جي مسلمانن جو آواز هئي، جنهن نه صرف خلافت تحريڪ کي ڪامياب بنائڻ لاءِ نمايان ڪردار ادا ڪيو، پر سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ واري تحريڪ ۾ به هن اخبار جو وڏو هٿ هو. انهيءَ دؤر جي انهن سياسي حالتن جو علامه قاسمي صاحب تي وڏو اثر پيو. پاڻ شاگرديءَ واري زماني ۾ ئي عملي طرح ملڪي ۽ قومي سياست ۾ حصو ورتائين ۽ اڄ ڏينهن تائين قوميت جو جذبو دل ۾ رکندو اچي

ٿيو. پاڻ خلافت تحريڪ جي سرگرم رڪن، پير تراب علي شاهه کان
به گهڻو متاثر ٿيو. پير تراب علي شاهه پنهنجي وقت جو وڏو عالم،
اديب ۽ وڏي سياسي بصيرت جو مالڪ هو. هن جي صحبت ۽
سياسي افڪار جو قاسمي صاحب تي وڏو اثر پيو. سنڌ ۾ مسلم
ليگ جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ ۾، جڏهن مولانا صاحب 18- 19 ورهيه
جي عمر جو نوجوان هو، ته ان وقت وطن جي آزاديءَ واري
تحريڪ جي جذبي هيٺ ڪانگريس ۾ شموليت اختيار ڪيائين ۽
تعلقي قمبر جو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو. ان وقت لا ڙڪاڻي ضلعي
جي ڪانگريس جو پريزيڊنٽ ، مشهور سماجي ڪارڪن ڪاڪو
ڪوڏومل هو. لاڙڪاڻي جو مشهور شاعر، هوندراج "دکايل" پنهنجا
آزاديءَ جا قومي گيت ڳائيندي، سياسي جلسن ۾ سُريلي آواز سان
پڙهندو هو ۽ اهڙيءَ طرح سان هو قومي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ روح
ڦوڪيندو هو. اڳتي هلي، علامه صاحب لاڙڪاڻي ضلعي ڪانگريس
پارٽيءَ جو وائيس پريزيڊنٽ منتخب ٿيو.
مولانا قاسمي صاحب وٽ ڪانگريس سان لاڳاپي ۽ پارٽيءَ جي
معزز عهدي تي هئڻ ڪري، سنڌ جون اڪثر مشهور اخبارون
اينديون هيون. هفتيوار اخبار "طوفان ميل" ۽ "الوحيد" اخبار ۾
سندس مضمون ۽ ليک غلام مصطفيٰ بلوچ جي نالي سان پوندا
هئا. اهڙيءَ طرح، پاڻ جوانيءَ ۾ آزاديءَ جي ويڙهه ۾ ڀرپور حصو
ورتائين. علامه صاحب ڪانگريس کان سواءِ، "جميعت العلماء
هند" جي سنڌ واريءَ شاخ جو سرگرم رڪن هو. ان وقت "جميعت
العلماء هند" جا اڪثر مسلمان عالم ڪانگريس سان لاڳاپيل هئا.
جڏهن سنڌ جي ماڻهن بمبئيءَ کان علحدگيءَ جي تحريڪ هلائي، ته ان
۾ به علامه صاحب پنهنجو نمايان ڪردار ادا ڪيو. انهيءَ سلسلي ۾
اڳتي هلي جڏهن "سنڌ آزاد" پارٽي جو وجود عمل ۾ آيو، ته پاڻ سنڌ
جي الڳ ٿيڻ تائين ان ۾ برابر حصو وٺندو رهيو. انهيءَ عرصي ۾ جڏهن
فلسطين ۾ عربن جي مٿان مصيبتون آيون، ته سنڌ جي مسلمانن
سخت رد عمل ظاهر ڪيو ۽ عربن جي مالي خواهه اخلاقي مدد لاءِ
سنڌ ۾ "فلسطين امداد ڪاميٽي" وجود ۾ آئي. هن ڪاميٽيءَ ۾ مولانا
صاحب حصو ورتو ۽ "قنبر" شهر جو انهيءَ ڪاميٽيءَ لاءِ ناظم مقرر
ٿيو. 1939ع ۾ مولانا عبيدالله سنڌي جڏهن پنهنجي جلاوطنيءَ جو
عرصو پورو ڪري سنڌ پهتو ۽ هُن ان وقت "جمنا نربدا - سنڌ ساگر

پارٽي“ ٺاهي ته مولانا قاسمي صاحب به ان ۾ شرڪت ڪئي ۽ وطن جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ۾ ڪافي سرگرم رهيو.
علامه قاسمي صاحب درس ۽ تدريس جي مشغلي سان گڏ، ڪيترن ادارن جي انتظامي مصروفيتن جي باوجود، تصنيف ۽ تاليف جو وڏو ڪم ڪيو آهي. پاڻ ڪيترن ئي ڪتابن جو مرتب، مؤلف، مصنف ۽ ناشر رهيو آهي. علامه صاحب پنهنجي سموريءَ حياتيءَ ۾ جيڪي به ڪتاب تصنيف ۽ تاليف ڪيا آهن، اهي پنهنجي فن جي لحاظ کان بلند مقام رکن ٿا. پاڻ هميشه اجائي مذهبي بحث مباحثي کان پري رهيو آهي ۽ پنهنجي اعلىٰ دماغ ۽ قلم کي صرف علم ادب، تفسير، تواريخ، سوانح نگاري ۽ علم لغت تائين محدود رکيو آهي.
پاڻ ڪيترن ڪتابن جو مؤلف ۽ مصنف آهي، جن جو وچور سندس سوانح نگارن وقت به وقت پنهنجن مضمونن ۾ پئي ڏنو آهي. اهي ڪتاب پنهنجي جاءِ تي وڏا قيمتي ۽ علم جا پڊار آهن، جن تي وڏي تحقيق ۽ ڪم جي ضرورت آهي.
ان کان سواءِ، علامه قاسمي صاحب صحافت ۾ به وڏو مقام رکي ٿو. شاهه ولي الله اڪيڊمي، حيدرآباد جو ڊائريڪٽر مقرر ٿيڻ بعد، اڪيڊميءَ طرفان ٽماهي سنڌي رسالو ”الرحيم“ ۽ اردو رسالو ”الولي“ جاري ڪيائين. بعد ۾ اهي ٻئي رسالا ماهوار ٿي نڪرندا رهيا. انهن رسالن ذريعي مولانا صاحب سنڌ جي ديني ادب ۽ سنڌي قوم جي وڏي خدمت سرانجام ڏني آهي. اهو سندس تبحر علميءَ جو لازوال مثال آهي. علامه صاحب انهن رسالن جي ذريعي شاهه ولي الله جي فڪر ۽ نظريي کي سنڌ ۾ عام ڪرڻ ۽ ان کي سمجهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، ۽ ساڳئي وقت ديني ادب، تواريخ، تهذيبي، تمدني ۽ سياسي مسئلن کي عام ڪرڻ ۾ اڻ ٿڪ ڪوشش ورتي .پاڻ هڪ سڌارڪ ۽ مصلح جي حيثيت ۾ سنڌ جي عوام لاءِ وسان ڪين گهٽايو آهي. ان مان سندس سنڌي زبان سان محبت ۽ حب الوطنيءَ جو بي مثال ثبوت ملي ٿو. خاص طرح، ”الرحيم“ (سنڌي) رسالي جا ايڊيٽوريل نوٽ، جيڪي پاڻ ”عرض حال“ جي عنوان سان لکيا اٿائين، پڙهڻ ۽ دل سان هنڊائڻ لائق آهن. علامه صاحب، انهن ڪالمن ۾ وقت جي سياسي حالتن، جابر حاڪمن ۽ سنڌ سان ٿيندڙ ناانصافين تان پردو کنيو آهي. ان مان اهو بخوبي واضح ٿئي ٿو ته علامه صاحب صحافت جي فن ۾ به ڪافي دسترس رکندڙ آهي.

علامه قاسمي صاحب کي سنڌ جي صوفين جي سرتاج، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام سان به وڏي رغبت رهي آهي. پاڻ علمي ۽ ادبي محفلن ۾ شاهه صاحب جي ڪيترن مڻيادار بيتن کي موقعي ۽ مهل مطابق پيش ڪندو رهندو آهي. شاهه صاحب تي ڪيترائي قيمتي مقالا ۽ مضمون لکيا اٿائين. ”شاهه جي رسالي“ کي مرتب ڪرڻ ۽ لفظن جي معنيٰ ۽ شرح لکڻ جو به کين شرف حاصل آهي. اهڙيءَ طرح علامه قاسمي صاحب جي شخصيت هڪ ”همه گير علميت“ جو درجو رکي ٿي. سندس شخصيت ۽ وجود مسعود هن دؤر ۾ وڏي نعمت آهي ۽ پاڻ ويهين صديءَ جي پوري تواريخ جو اهم عالم آهي.(1)
*

---

(1) هيءُ مقالو علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي حياتيءَ ۾ ئي لکيو ويو هو، جو عزيزم تاج جويي جي مرتب ڪيل ڪتاب ”عالمن جو آفتاب“ (2002ع) ۾ شايع ٿيو. افسوس! جو علامه قاسمي صاحب 15- شوال المڪرم 1324هه/ 19- ڊسمبر 2003ع تي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو.(ق. ح. خ.)

# ايڇ. ايم. خوجا

قريشي حامد علي خانائي

سنڌ جو مشهور تعليمي ماهر، قومي خدمتگار ۽ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جو شيدائي، ايڇ.ايم.خوجا(حاجي خان مهر علي خوجا) تاريخ 9- جمادي الثاني 1420هه/ 20- سيپٽمبر 1999ع تي سومر ڏينهن منجهند جو ٻين بجي 92 ورهين جي ڄمار ۾، سنڌ جي تواريخي شهر حيدرآباد ۾، هن فاني جهان مان رحلت ڪري ويو.
خوجا صاحب سنڌ جو هڪ ساده دل، اصلاح پسند، غريبن ۽ مسڪينن جو همدرد ۽ هڏ ڏوکي ۽ انقلابي طبع جو مالڪ هو. هن پنهنجي سموري زندگي سنڌي قوم جي تعليمي خدمت ۽ علم جي شمع جي روشني ڦهلائڻ ۾ پوري ڪئي. دراصل،خوجا صاحب جي تعليمي ۽ علمي حيثيت هڪ امرِ جا ودان آهي. سنڌ جي مرڪزي شهر نوابشاهه ۾، جيستائين سندس قائم ڪيل ”ايڇ. ايم.خوجا گورنمينٽ پراونشلائيزڊ هاءِ

اسڪول” ۽ ٻيا تعليمي ادارا قائم آهن، تيستائين سندس ياد هميشه قائم ۽ دائم رهندي!

مرحوم خوجا صاحب، ضلعي بدين جي مشهور تواريخي شهر، ٽنڊي باگي جي هڪ وچولي طبقي جي ”خوجا“ قبيلي ۾، 8- آڪٽوبر 1907ع تي پيدا ٿيو. سندس والد بزرگوار، مهر علي خوجا وچولي قسم جو واپاري ۽ اعلىٰ درجي جو حڪيم هو. خوجا صاحب کي پنهنجي والد جي صحيح تربيت ۽ خود پنهنجن صلاحيتن ۽ ذهانت کيس زندگيءَ جي هر راهه ۾ هڪ ڪامياب انسان بڻايو.

خوجا صاحب ابتدائي تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ، ٽنڊي باگي ۾ حاصل ڪري، ثانوي تعليم پرائڻ لاءِ هتان جي ئي ”لارنيس اي.وي. اسڪول“ ۾ داخل ٿيو. هيءُ اسڪول، دراصل سنڌ جي مشهور اديب ۽ شاعر، ماستر محمد صديق ”مسافر“ (1) جي سعي ۽ ڪوشش سان وجود ۾ آيو هو. سنڌ جو مشهور قومي رهنما، مير غلام محمد خان ٽالپر هن درسگاهه جو سرپرست هو. مير صاحب، هڪ نيڪ سيرت ۽ درويش صفت انسان هو. کيس هميشه لاڙ جي غريب ۽ اپوجهه مسلمانن کي تعليم ۾ پوئتي پيل ڏسي، دل ۾ هڪ وڏو درد پيدا ٿيندو هو. مير صاحب پاڻ پنهنجي هڙان وڙان پئسا خرچ ڪري، ان تعليمي درسگاهه جو پايو رکيو. خوجا صاحب انهيءَ مذڪور مدرسي مان تعليم حاصل ڪندڙ اوائلي شاگردن مان هڪ هو. خوجا صاحب تي پنهنجي مهربان ۽ شفيق اُستاد، محمد صديق ”مسافر“ ۽ مير غلام محمد خان ٽالپر جي تعليم جي ڏس ۾ ڪيل ڪوششن ۽ جدوجهد جو وڏو اثر ٿيو. ٽنڊي باگي جي مدرسي مان پنج درجا انگريزي پاس ڪرڻ کان پوءِ، پاڻ سن 1928ع ۾ حيدرآباد جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول (موجوده نُور محمد هاءِ اسڪول) مان نهايت ئي ڪاميابيءَ سان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. ان بعد، حيدرآباد جي ڊي.جي. نيشنل ڪاليج ۽ ڪراچيءَ جي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج مان اعلىٰ تعليم حاصل ڪري، سن 1932ع ۾ بي. اي. جي ڊگري امتيازي حيثيت سان حاصل ڪيائين.

خوجا صاحب پنهنجي تعليم جي راهه ۾ ورتل ڪوشش ۽ محنتن مان اهو ثابت ڪيو ته اورچائي ، مستقل مزاجي ۽ علمي صلاحيتن جي بدولت، انسان هڪ ڪامل ۽ ڪامياب آدرشي انسان بڻجي سگهي ٿو. تعليم جي مشغلي کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ، پاڻ پنهنجيءَ طبيعت جي ميلان ۽ رجحان سبب درس ۽ تدريس جو مشغلو اختيار ڪيائين، ۽

فطرتي طرح هڪ معلم جي حيثيت ۾ قوم جو معمار تي تعليم ڪاتي ۾ گهڙيو. پاڻ پهريائين 17- آگسٽ 1932ع تي گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ استاد مقرر ٿيو. ان کان پوءِ، ڪجهه وقت مدرسه هاءِ اسڪول ميرپورخاص ۽ مدرسه هاءِ اسڪول نوشهري فيروز ۾ اُستاد ٿي رهيو. سن 36- 1935ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان بي. ٽي. (بي. ايڊ) جو امتحان پاس ڪيائين. خوجا صاحب انهيءَ عرصي دوران پاڻ کي هڪ نهايت ڪامياب اُستاد ۽ اعليٰ منتظم ثابت ڪيو.

نواب شاهه جو شهر، سنڌ جي مرڪزي شهرن مان هڪ آهي. سن 1912ع ۾ نواب شاهه کي حيدرآباد ضلعي کان جدا ڪري، "نواب شاهه" جي نالي سان هڪ نئون ضلعو ٺاهيو ويو ۽ "نواب شاهه" شهر کي ان جو صدر مقام بڻايو ويو. سن 1919ع ۾ نواب شاهه شهر ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ (ڊسٽرڪٽ ڪائونسل) جي طرفان هڪ "اينگلو ورنيڪيولر اسڪول" (A.V.) قائم ڪيو ويو، جنهن ۾ هندو ۽ مسلمان ٻئي ٻارڙا تعليم حاصل ڪندا هئا. سن 1933ع ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ هن اسڪول کي "اي. وي. اسڪول" مان "مڊل اسڪول" بڻايو. ان وقت، هن اسڪول جو هيڊ ماستر، مرحوم عبدالستار ٽُنيو هو. اسڪول ۾ هندو ۽ مسلمان استاد مقرر ٿيل هئا. سنڌ جو نامور سياستدان، هاري رهنما ۽ وڪيل، قاضي فيض محمد (1) پڻ هن اسڪول ۾ سائنس ٽيچر هو.ان وقت، ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جو پريزيڊنٽ، مرزا فرخ بيگ(2) [خعأ1] هو.

اهو زمانو، سنڌ ۾ سياسي ڪشمڪش جو دؤر هو. وطن جي آزاديءَ جون تحريڪون پنهنجيءَ جدوجهد ۾ رُڌل هيون. خاص طور تي سنڌ جي مسلمانن ۾"سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ واري تحريڪ" تمام زور تي هئي. ان ڪري، سنڌ ۾ هندو - مسلم ڇڪتاڻ ويتر وڌي ويئي هئي. سن 1933ع ۾ نواب شاهه ۾ ڪن ناخوشگوار واقعن سبب هندن ۽ مسلمانن ۾ ڪافي حد تائين نااتفاقي پيدا ٿي پيئي. هڪ هندو اُستاد، جو ڪٽر هندو آريه سماج تحريڪ جو رُڪن هو، اُن حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي شان مبارڪ ۾ گستاخي ڪئي. هندن ۽ مسلمانن جي انهيءَ باهمي رساڪشيءَ نهايت ئي سنگين رُوپ اختيار ڪيو. مسلمان شاگردن ۽ اُستادن اسڪول جو بائيڪاٽ ڪيو. ان وقت ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ، نواب شاهه اندر هندو ميمبرن جو ڪافي اثر هو، ۽ ساڳئي وقت منجهن پنهنجيءَ قوم لاءِ جذبو ۽ اتفاق هو.

نواب شاهه جي مسلمانن لاءِ اهو دؤر تمام نازڪ هو. مسلم قوم اندر اجا ايتري بيداري ۽ سياسي شعور پيدا ڪونه ٿيو هو، ۽ نه وري سندن تعليم سان ڪو ايترو چاهه هو. خود ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ اندر به گروپ هئا، جن مان هڪ اسڪول جي فائدي ۾ هو، ته ٻيو مخالفت ۾. انهن حالتن جي باوجود، ڪن ذي فهم ۽ سمجهدار مسلمان ميمبرن، نواب شاهه شهر جي هن تعليمي اداري کي تباهه ۽ برباد ٿيڻ نه ڏي گُهريو. شايد قدرت کي به اهو ئي منظور هو، ته خوجا صاحب جهڙي باهمت هستي نواب شاهه جي شهرين کي نصيب ٿئي!
هيءُ سن 1936ع جو زمانو هو. ان وقت ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جو پريزيڊنٽ، پير قربان علي نوشهري فيروز (1) وارو هو.مسٽر جي. ايم. شيخ (سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو سابق چيئرمين) ان وقت نواب شاهه ۾ "وَتن ۽ ماپُن" جو انسپيڪٽر هو. نواب شاهه جي هن واحد مسلم تعليمي اداري کي هڪ نوجوان، برجُستي، قابل ۽ بُردبار هيڊ ماستر جي اشد ضرورت هئي. مسٽر جي.ايم.شيخ، پير قربان علي صاحب کي مشورو ڏيندي چيو ته سندس نظر ۾ هڪ اهڙو هوشيار، محنتي ۽ جفاڪش شخص آهي، جيڪو هن اسڪول جي بگڙيل حالت کي سُڌاري سگهي ٿو. شيخ صاحب جو انتخابُ مرحوم خوجا صاحب هو.
پير قربان علي صاحب، بنا ڪنهن وقت وڃائڻ جي خوجا صاحب کي "مڊل اسڪول" جي هيڊ ماستريءَ جي آڇ ڪئي، جا هُن خوشيءَ سان قبول ڪئي. خوجا صاحب جي پيارن دوستن مان ڊاڪٽر غلام حسين جعفريءَ، (1) عثمان علي انصاريءَ (2) ۽ ٻين ڪيترن کيس لوڪل بورڊ جي نوڪري ڪرڻ کان منع ڪئي، پر پاڻ پنهنجي ارادي تي اَٽل رهيو. دراصل، هيءُ اهو زمانو هو، جو ڪوبه ماڻهو ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ ۾ نوڪري ڪرڻ لاءِ تيار نه هو. خاص ڪري، سنڌ جا تعليم يافته مسلم نوجوان سرڪاري ملازمت کي وڌيڪ ترجيح ڏيندا هئا.
خوجا صاحب جنهن وقت هن اسڪول جي اچي واڳ سنڀالي، ته اُن وقت ان جي حالت نهايت خراب هئي. اسڪول جي اخلاقي خواه مالي حالت پڻ انتهائي تشويشناڪ حد تائين هئي، ۽ ساڳئي وقت اسڪول ۾ جيڪو تدريسي عملو هو، تنهن جي علمي قابليت ۽ لياقت تمام هيٺاهين درجي تي وڃي پهتي هئي. خوجا صاحب اهڙين سيني مشڪل ۽ تڪليفن وارين حالتن کي، جن جو بظاهر خود ڪوبه حل سمجهه ۾ نه

ٿي آيو، نهايت ئي همت، بُردباريءَ ۽ خوش اسلوبيءَ سان مُنهن ڏئي، هن درسگاهه کي انهيءَ تباهيءَ جي ڪُن مان ٻاهر ڪڍي ورتو ۽ اڳتي هلي اُن کي سنڌ جي صفِ اول جي تعليمي ادارن مان ٻڻائي ڇڏيو.

هوڏانهن نواب شاهه شهر جي هندو طبقي هڪ جُدا اسڪول قائم ڪيو. هنن اهو سَمجهيو ٿي ته مسلمانن ۾ اتحاد جو فُقدان آهي ۽ تعليم کان به عاري آهن، ان ڪري اهو اسڪول جلد ئي پاڻمرادو ختم ٿي ويندو. ليڪن، خوجا صاحب جي اڳواڻيءَ ۾ هن اسڪول جو منتشر انتظام ۽ ضابطو بحال ٿي ويو. هندن سن 1939ع ۾ ان وقت جي نواب شاهه ضلعي جي ڪليڪٽر، ايڇ. ايم. وِلس کي خوش ڪرڻ جي ارادي سان سندس نالي ۾ “وِلس هاءِ اسڪول” قائم ڪيو. آگسٽ 1939ع ۾ باقاعدي هن اسڪول جي تعمير جو ڪم شروع ٿيو. انهيءَ اسڪول جي تعمير جو ڪم اڃا هلندڙ هو، ته ملڪ جو ورهاڱو ٿي ويو ۽ اها عمارت اڌ ۾ رهجي ويئي. آزاديءَ کان پوءِ، خوجا صاحب جي ڪوشش سان اهو اسڪول پڻ ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ کي مليو، جنهن ۾ مرڪزي اسڪول جي برانچ بڻي ۽ اج تائين اها “خوجا گارڊن” جي نالي سان قائم آهي.

سن 40 - 1939ع ۾ هن اسڪول کي “مڊل اسڪول” مان “هاءِ اسڪول” بڻايو ويو. خوجا صاحب جي ڪوشش سان ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ عاليشان عمارت تعمير ڪرائي ۽ باقاعدي “هاءِ اسڪول” شروع ٿي ويو. اهڙيءَ طرح، اسڪول جي صاف سُٿري ماحول ۽ بهترين انتظام کان متاثر ٿي، شاگردن جو تعداد وڌڻ لڳو ۽ سڄو اسڪول شاگردن سان پرپور نظر اچڻ لڳو. خوجا صاحب پنهنجو تَنُ ۽ مَنُ تعليم جي طرف وابسته ڪري ڇڏيو. سندس دلي لاڙو هميشه اسڪول جي ترقيءَ ۽ واڌاري طرف مائل رهيو. هن پنهنجي اڻٿڪ ڪوشش سان “ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول” کي سنڌ جي هڪ اعلٰي ۽ مثالي درسگاهه بڻايو. اسڪول جو انتطام، اُستادن جو انتخاب، شاگردن جي علمي ۽ تعليمي مسئلن ۽ انهن جي دشوارين کي حل ڪرڻ جي طرف توجهه، غريب ۽ نادار شاگردن جي امداد وغيره جو معقول بندوبست ڪيائين. اسڪول اندر هر ڪنهن قسم جي تعليمي ۽ تفريحي مشاغل جو پڻ بهترين انتظام ڪيائين. ان وقت “سنڌ يونيورسٽيءَ” جو اڃا وجود ڪونه هو. هن اسڪول جو “بمبئي

يونيورسٽيءَ سان الحاق هو، جنهن جو تعليمي معيار نه صرف برصغير هند و پاڪ بلڪ بيروني دنيا جي تعليمي ماحول ۾ عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو. خوجا صاحب جي خاص توجهه سبب مئٽرڪ جي امتحان جا نهايت ئي شاندار نتيجا نڪرڻ لڳا.

اهڙيءَ طرح سان “ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول، نواب شاهه” جي تعليمي ماحول ۽ علمي معيار کان متاثر ٿي، سنڌ جي ڏُور دراز علائقن جا شاگرد مقناطيسي ڪشش وانگر ڇڪجي ، هن اسڪول ۾ تعليم پرائڻ جي ارادي سان اچڻ لڳا. جيئن ته ان وقت شاگردن جي رهائش جو ڪوبه خاطر خواه بندوبست ڪونه هو، تنهنڪري ڪيترن ئي اهڙن ٻاهرين شاگردن کي مايوس ٿي واپس موٽڻو پوندو هو. انهيءَ ڪري ، خوجا صاحب شاگردن جي رهائش وغيره جي تڪليفن طرف پڻ خاص توجهه ڏنو. جيئن ته ٻاهرين شاگردن جي رهائش لاءِ “هاسٽل” جو هئڻ تمام ضروري هو، ان ڪري پاڻ “بورڊنگ هائوس” جي تعمير ڪرڻ جي لاءِ عملي طرح جدوجهد ڪيائين ۽ آخر ڪار پنهنجي اخلاص، محبت، محنت ۽ صداقت سان ان تعميري ڪم ۾ به ڪاميابي حاصل ڪيائين.

انهيءَ سلسلي ۾، خوجا صاحب نواب شاهه ضلعي جي سرنديءَ وارن زميندارن، جاگيردارن ۽ صاحبِ ثروت ماڻهن جي درن تي وڃي، هاسٽل جي تعمير ۽ غريب ۽ نادار شاگردن جي رهائش ۽ کاڌ خوراڪ وغيره لاءِ چندا ورتائين. خوجا صاحب جي سچائيءَ، ايمانداريءَ ۽ تعليمي چاهه ۽ صداقت کان متاثر ٿي، شهدادپور تعلقي (ان وقت نواب شاهه ضلعي ۾ هو) جي هڪ زميندار، ڄام جان محمد خان ٻيرانيءَ واري “هاسٽل” جي تعمير لاءِ پنجاهه هزار روپيه روڪ ڏنا، ان کان سواءِ، ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ ۽ سنڌ گورنمينٽ پڻ انهيءَ تعميري سلسلي ۾ ڪافي مالي امداد ڪئي. سن 1945ع ۾ انهيءَ هاسٽل جو سنگ بنياد رکيو ويو. ان وقت سنڌ جو ڪمشنر، مسٽر ڪِلِي هو. اهڙيءَ طرح، “ڄام جان محمد خان هاسٽل” جي نالي سان بورڊنگ هائوس جي اڏاوت جو ڪم شروع ڪيو ويو. هاسٽل جو ڪم اڃا ابتدائي مرحلن ۾ ئي هو، ته ملڪ جو ورهاڱو ٿيو ۽ ٻه خودمختيار حڪومتون – “پاڪستان” ۽ “هندستان” جي نالي وجود ۾ آيون. ملڪ جي ورهاڱي سبب وري ڪيترين ئي مشڪلاتن درپيش آيون، ليڪن خوجا صاحب پنهنجيءَ همت ۽ اورچائيءَ سان انهن نازڪ مرحلن کي

مـُـنهن ڏنو ۽ آخرڪار ”هاسـتل“ کـي پـايه تڪميـل تـي پهچـايو. انهيـءَ هاستل جا ٻه طبقا هئا ۽ منجهس شاگردن جـي آرام ۽ آرائش جـو هـر طرح بندوبست ڪيو ويو. سموري هاستل جديد نموني تي آراسته ٿيل هئي. هاستل جي اوڀرندي طرف هڪ وڏو هال هو، جنهن کـي ”مولانـا محمد علي جوهر“ جي نـالي سـان منسـوب ڪيـو ويـو. هاسـتل جـي اولهندي ڪـُـنڊ تي لڳو لڳ شاگردن لاءِ نماز ۽ دينـي تعليـم جـي درس وغيره لاءِ هڪ عاليشان مسـجد شـريف تعميـر ڪرائي ويئي. هاسـتل جي اڳيان شاگردن جي تفريح لاءِ هڪ سهڻو ۽ وڻنـدڙ سرسـبز پـارڪ جوڙايو ويو. انهيءَ ”ڄام جان محمد خان هاستل“ کي ”ڪـامن بلاڪ“ بـه ڪري چونـدا هئا. ان هاسـتل جـي پرسـان اوڀرنـدي طـرف کـان زميندارن ۽ جاگيردارن جي ٻارن لاءِ هـڪ الڳ هاسـتل تعميـر ڪرائي ويئي. اها هاستل پڻ ٻن طبقن تـي ٺهيـل هئي، جـا ”شـهباز بلاڪ“ جـي نـالي سـان سـڏبي هئي. شـاگردن جـي جسـماني قـوت وڌائڻ لاءِ هـڪ ”جمنزم هال“ ٺهرايو ويو، جتي شاگرد صبح ۽ شام جو اچي جسـماني ورزش ڪندا هئا. هن وقت اهي سپئي جـايون ”پيپلـز ميڊيڪل ڪاليـج فار گرلس، نواب شاهه“ جي حوالي آهن، جن انهيءَ خوبصورت پارڪ کي تباهه ڪري، ان هنڌ هڪ ٻيو رهائشي بلاڪ ٺهرايو آهي.

انهن مٿين تعميرات کان وڌيڪ خوجا صاحب جو عظيم ڪارنــامو اهو آهي، جو هـن آڊيٽـوريم تعميـر ڪرايـو، جنهـن کـي ”لطيـف هـال“ ڪري سڏيو وڃي ٿو. هن هال جي تعمير تي اٽڪل ڏيڍ لک روپيـه خـرچ ڪيو ويو. ”لطيف هال“. نواب شاهه جي تواريخ ۾ سدائين امر رهنـدو. هن هال سان نواب شاهه شهر ۽ اسڪول جون ڪيتريون ئي سماجي، سياسـي ۽ علمـي يـادگيريون وابسـته آهـن. سـن 1954ع ۾ اجـا ”ون يونٽ“ جو ڪارو راڪاس نمودار ڪونه ٿيو هو. ان وقـت سـنڌ سـرڪار جي وزير تعليم، سيد غلام حيدر شـاهه (سـنڌ جـي سـابق وزيـر اعلـٰي سيد مظفر حسين شاهه جي والد) نـواب شـاهه ۾ ڪاليـج قـائم ڪرڻ جي منظـوري ڏنـي. پهرئيـن سـيپٽمبر 1954ع تـي ڪاليـج جـو افتتـاح ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول جي ”وِلس برانچ“ ۾ ڪيو ويو. سـيد غلام حيدر شاهه پنهنجي افتتاحي تقرير ۾ فرمايو ته ، ”آءُ هيءُ ڪاليـج پنهنجي پياري اُستاد جناب ايچ. ايم. خوجا کي تحفـي طـور ڏيئي رهيـو آهيان.“ ان وقت اهو ڪاليج عارضي طور ”لطيـف هـال“ ۾ قـائم ڪيـو

ويو هو. هن وقت اهو “لطيف هال” به “پيپلز ميڊيڪل ڪاليج فار گرلس، نواب شاهه” جي حوالي آهي.
قيام پاڪستان کان پوءِ، نواب شاهه شهر جا اڪثر هندو ۽ سِک لڏي پلاڻي، پنهنجو اصل ديس ڇڏي، ڀارت هليا ويا. نواب شاهه ۾ هڪ سِکَ زميندار جو بـَنو(سِرُن جو ڪُورو) هو. ان وقت نوب شاهه جي ڪليڪٽر، مسعود احمد خان اهو بـَنو خوجا صاحب کي الاٽ ڪري ڏنو. ان کان پوءِ، اسڪول جي مالي حالت ڪافي سُڌري. مٿي بيان ڪيل عمارتن جي تعميرات جي اخراجات جو بارُ ڪُوري جي پيدائش تي هو. ان ڪُوري جي سِرُن جي وڪري مان جيڪا به آمدني ٿيندي هئي، تنهن کي خوجا صاحب نهايت ئي ايمانداريءَ ۽ ديانتداريءَ سان اسڪول جي فلاح ۽ بهبود تي خرچ ڪيو.
هاسٽل جي ڀنهي بلاڪن جي سامهون “هائوس ماستر” جو ڪوارٽر تعمير ڪرايو ويو. استادن جي رهائش لاءِ “لطيف هال” جي پوئتان هڪ پُر فضا ۽ سُڪون وري ماحول ۾ تيرهن ڪوارٽر تعمير ڪرايا ويا ته جيئن اُستاد رهائش واري مسئلي کان آزاد ٿي، سواءِ ڪنهن فڪر ۽ خيال جي ، نهايت ئي اطمينان سان قوم جي نونهالن جي خدمت بجاءِ آڻي سگهن! افسوس سان اهو چوڻو پوي ٿو ته “ميڊيڪل ڪاليج” جي انتظاميه انهن ڪوارٽرن کي به نه بخشيو ۽ ڊاهيءَ پَٽُ ڪري ڇڏيو!
اسڪول جي برانچ، “وِلس هاءِ اسڪول” جو مٿي ذڪر ٿي آيو آهي. خوجا صاحب ان هنڌ هڪ سهڻو ۽ وڻندڙ نظاريدار باغ رکايو، جو هن وقت به “خوجا گارڊن” جي نالي سان سڏبو اچي ٿو. خوجا صاحب جڏهن اسڪول جو هيڊ ماستر هو، تڏهن انهيءَ باغ جو شانُ ئي نرالو هو. نواب شاهه جي شهرين لاءِ ان وقت صرف اهو ئي واحد تفريح گاهه هو. انهيءَ باغ کي ڏسڻ سان سچ پچ ته لاهور جي مشهور “شاليمار باغ” جو تصور اکين اڳيان تري ايندو هو. جيتوڻيڪ اهو باغ اڄ به قائم آهي، پر منجهس اها اڳ واري رونق ۽ شانُ باقي نه رهيو آهي.
انهيءَ باغ جي پرسان “وِلس هاءِ اسڪول” واريءَ عمارت جي اوپرندي ڇيڙي تي هڪ عاليشان “لائبريري هال” هو، جنهن ۾ اٽڪل ڏهه هزار کن ناياب ۽ نادر ڪتاب موجود هئا. سچ پچ ته هن اسڪول جو ڏيک ۽ ڏيا هڪ “يونيورسٽيءَ” واري هئي.

اسڪول جي مکيه ۽ مرڪزي برانچ جي اولهندي طرف کان خوجا صاحب جي رهائش لاءِ هڪ بنگلو هو، جو اڄ تائين قائم آهي. افسوس آهي، جو خوجا صاحب جي وڃڻ کان پوءِ، سندس ٻئي جاءِ نشين جي غلط پاليسيءَ جي ڪري، اهو بنگلو اسڪول کان کسيو ويو. هن وقت خوجا صاحب اسان وٽ نه آهي. سندس انهيءَ رهائش گاهه واري بنگلي کي "يادگار" قرار ڏيئي، اتي هڪ عاليشان ميوزيم ۽ لائبريري قائم ڪئي وڃي ته جيئن سنڌ جو ايندڙ نسل کيس ياد ڪري ۽ اهو اندازو ڪري سگهن ته سنڌ ڌرتيءَ اهڙا ماڻهو به پيدا ڪيا، جن پنهنجو تَنُ، مَنُ ۽ ڌَنُ سنڌي قوم لاءِ وقف ڪيو هو! (1)

خوجا صاحب نواب شاهه شهر ۾ زناني تعليم جي فروغ لاءِ به ڏاڍو پاڻ پتوڙيو. شهر ۾ ڇوڪرين جو هاءِ اسڪول ۽ ڊگري ڪاليج سندس ئي محنت جو نتيجو آهن. انهن ٻنهي ادارن مان اڄ به سوين نياڻيون تعليم جي اعليٰ زيور سان سينگارجي، عملي زندگيءَ ۾ هڪ بهترين عورت جو ڪردار ادا ڪري رهيون آهن. "اپوا" (APWA) نواب شاهه جي پاران "اپوا" ڪنڊر گارڊن اسڪول" پڻ سندس ئي قائم ڪيل آهي. پاڻ انهيءَ اسڪول جو زندگيءَ جي آخرين گهڙين تائين سيڪريٽري ٿي رهيو.

پاڪستان جي سابق صدر، محمد ايوب خان جي دؤرِ حڪومت ۾ خوجا صاحب کي سندس علمي ۽ تعليمي ميدان ۾ ڪيل خدمتن جي ڏس ۾، ميونسپل ڪاميٽي، نواب شاهه جو اعزازي ميمبر منتخب ڪيو ويو. انهيءَ عرصي دوران پاڻ ميونسپل ڪاميٽيءَ جي مالياتي ڪاميٽيءَ جو ميمبر پڻ ٿي رهيو، خوجا صاحب جي سعي ۽ ڪوشش سان موجوده گورنمينٽ ميونسپل هاءِ اسڪول، نواب شاهه جي عمارت جي اڏاوت ٿي.

پاڪسان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ، خوجا صاحب نواب شاهه جي آفيسرز ڪلب، يعني "حامد علي ڪلب" جو سيڪريٽري ۽ منتظم پڻ ٿي رهيو. اها ڪلب نواب شاهه ضلعي جي پهرئين ڪليڪٽر، حامد علي خان جي نالي سان قائم ٿيل آهي. خوجا صاحب، ڪلب جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ پڻ ڏاڍي جاکوڙ ڪئي.

خوجا صاحب جي تعليمي ۽ انتظامي صلاحيتن ۽ خدمتن جي مدنظر سن 1958ع ۾ آمريڪا جي حڪومت کيس ٻن مهينن لاءِ خاص دعوت ڏيئي گهرايو. آمريڪا سرڪار کيس اتان جي وڏن تعليمي ادارن ۾

يونيورسٽين جو سير ڪرايو. هن نه صرف اتان جا تعليمي ادارا ۽ درسگاهون ڏٺيون، پر اتي جي ڪيترن ئي سماجي ادارن جو پڻ معائنو ڪيو. اهڙيءَ طرح، کيس اتان جي برک عالمن ۽ تعليمي ماهرن سان تبادله خيالات ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو ويو. خوجا صاحب اتان جي ڪيترن ئي ادارن ۾ عالمانه تقريرون ڪيون ۽ اتان پنهنجي سنڌي قوم، ملڪ ۽ اداري جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪافي ڪجهه حاصل ڪيو.
خوجا صاحب سن 1972ع ۾ رٽائر ڪرڻ کان پوءِ، بورڊ آف انٽرميڊيئٽ ائنڊ سيڪنڊري ايڊيوڪيشن، حيدرآباد جو چيئرمن مقرر ٿيو. پاڻ ست سال سانده انهيءَ عهدي تي فائز رهيو. ان عرصي دوران سنڌ جي تعليم جي ڏس ۾ نمايان خدمتون سرانجام ڏنائين.
خوجا صاحب هڪ اعلىٰ شخصيت جو مالڪ هو. پاڻ طبيعت جو نهايت ئي سادو هو. اجائي تصنع، نمائش ۽ بيجا شهرت کان پري رهندو هو. بلڪل خاموشيءَ ۽ دل جي لگن سان پنهنجي تعليمي اداري خواه ٻين ڪيترن درسگاهن جو بنياد وڌائين ۽ انهن کي ڪاميابيءَ سان هلايائين. پاڻ هڪ مثالي استاد جي حيثيت ۾ شاگردن ۽ استادن جي وڏي خدمت ڪيائين. نازڪ کان نازڪ مرحلن تي به نهايت خوش اسلوبيءَ ۽ وضعداريءَ سان مسئلن کي نبيري ڇڏيندو هو. پنهنجي منظم ۽ سليقي واريءَ رعبدار ۽ هر دلعزيز شخصيت جي ڪري، شاگرد توڙي اُستاد کيس هميشه پنهنجي مربيءَ وانگر سمجهندا هئا. پاڻ پنهنجي سموري زندگي مُجرد تي گذاريائين ۽ پنهنجي تن ۽ من جو لاڙو صرف پنهنجي قائم ڪيل اسڪول جي ترقيءَ ۽ واڌاري ۾ پُوري ڪيائين.
خوجا صاحب، سنڌ جي عظيم شاعر، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمته الله عليه جو وڏو شيدائي هو. پاڻ تعليمي ۽ سماجي سرگرمين سان گڏ علم ۽ ادب جو به ڪم ڪيائين. وقت بوقت ٿيندڙ ادبي ڪانفرنسن ۾ پاڻ هميشه شريڪ ٿيندو هو. فيلڊ مارشل محمد ايوب خان جي دؤر ۾ نئين تعليمي پاليسيءَ تحت، حڪومت طرفان انٽرميڊيئيٽ ڪلاسن لاءِ نصاب طور تيار ڪرايل تواريخ جو ڪتاب کيس ترجمي لاءِ مليو، جنهن کي پاڻ تمام سهڻي، سلوڻي ۽ عام فهم سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيائين . اهو ڪتاب “اسلامي تاريخ يعني برصغير پاڪ و هند جي مسلمانن جي تاريخ” جي نالي سان سن 1962ع ۾ شايع ٿيو، جو ڊيمي سائيز ۾ 712 صفحن تي مشتمل آهي. انگريزي زبان ۾ سندس

هڪ ڪتابڙو “Secondary Education“ جي نالي سان پڻ شايل ٿيل آهي.

خوجا صاحب تعليمي، تدريسي، علمي، ادبي ۽ سماجي سرگرمين سان گڏ، موسيقيءَ سان به دلچسپي رکندو هو. خاص ڪري ڪلاسيڪي گائڪي ڪيس ڏاڍي پسند هئي. سن 55- 1954ع ڌاري برصغير هند و پاڪ جو مشهور گويو، استاد ٻڙي غلام علي خان، قاضي ميان فيض محمد جي دعوت تي نواب شاهه آيو هو. قاضي صاحب انهيءَ محفل جو انتظام خوجا صاحب جي اسڪول واري بنگلي ۾ ڪيو هو. راقم به پنهنجي والد، حڪيم قاضي ميان محمد يعقوب قريشيءَ سان گڏ محفل ۾ حاضر هو. مون زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ڪلاسيڪي راڳ ٻُڌو ۽ حِظُ حاصل ڪيو.

خوجا صاحب هڪ اعليٰ آدرشي انسان هو. وٽس رنگ، نسل، ذات پات ۽ مذهب وغيره جو ڪوبه سَنڌو ڪونه هو. سندس اڳيان سڀ انسان هڪ جهڙا هئا. سندس نظريو “انسانيت” هو. هن وٽ هندو، مسلمان، عيسائي ۽ اَڇُوت وغيره جو ڪوبه امتياز نه هو. وٽس پيار ۽ محبت جو عنصر هو. سندس مخالف به سندس شخصيت کان متاثر هوندا هئا. سندس اصول هو “خدمت ۽ قرباني”، جنهن تي ساريءَ ڄمار عمل ڪيائين. برصغير جي ورهاڱي کان اڳ وٽس اسڪول ۾ هندو استاد به هئا، جهڙوڪ: مسٽر جيوت رام، مسٽر هاسارام پاٽيه ۽ مسٽر منگهن داس. اهي ٽئي نهايت قابل، هوشيار، ايماندار ۽ مانائتا استاد هئا. افسوس جو سن 1948ع ڌاري اهي استاد ڪن مجبورين سبب اسڪول ڇڏي هندستان هليا ويا.

خوجا صاحب تعليم کاتي ۾ جيتوڻيڪ هڪ اعليٰ ۽ بلند مقام جي حيثيت جو مالڪ هو، پر ان هوندي به منجهس سادگي، نهٺائي، نماڻائي ۽ نمرتا سمايل هئي. پاڻ نهايت ئي خوش خلق، همدرد، هڏ ڏوکي، قوم جو خادم ۽ بلند ڪردار جو صاحب هو. سندس شخصيت نهايت ئي پُرڪشش ۽ اثر انگيز هئي. سنڌ جي وڏن تعليمي ماهرن، قابل اُستادن ۽ ٻرک سياستدانن سان سندس بهترين تعلقات قائم هئا. خوجا صاحب کي انهيءَ بلند مقام تي پهچائڻ ۾ خاص طرح سان ان وقت ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ نواب شاهه جي پريزيڊنٽ، خانبهادر غلام رسول خان جتوئيءَ(1) جو وڏو هٿ هو. خانبهادر جتوئيءَ، خوجا صاحب کي اسڪول جي انتظامي ڪمن ۾ بااختيار بڻايو . خوجا صاحب

جا جتوئي خاندان سان زندگيءَ جي آخرين گهڙين تائين تعلقات قائم رهيا.

هن اسڪول مان سنڌ جا وڏا عالم، اديب، شاعر، وڪيل، جج، سياستدان، قومي رهنما، انجنيئر ۽ ڊاڪٽر پيدا ٿيا، جن جي ڪارنامن سان سنڌ جي تواريخ جا باب پُريل آهن. خوجا صاحب جي خدمتن جي يادگار کي قائم رکڻ لا”، سنڌ سرڪار هن اسڪول کي سندس ئي نالي، يعني: “ايچ. ايم. خوجا گورنمينٽ پراونشلائيزڊ هاءِ اسڪول” جو باقاعدي سرڪاري اعلان ڪيو.

خوجا صاحب جي اها دلي تمنا هوندي هئي، ته سندس آخرين آرامگاهه به سندس ئي برپا ڪيل اسڪول جي حد ۾ ٿئي. انهيءَ لحاظ کان پاڻ پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي “ڄام جان محمد خان هاسٽل” جي اولهه ۾ قائم ڪيل مسجد جي پرسان پنهنجي مزار جو نشان ٺهرايو هئائين. پر اسان سنڌ وارا هميشه بي قدريءَ جو مظاهرو ڪندا آهيون. سندس حياتيءَ ۾ ئي “پيپلز ميڊيڪل ڪاليج فار گرلس” جي هڪ پرنسيپال صاحب اهو مزار جو نشان ڊهرائي ڇڏيو. ان کان پوءِ، پاڻ دل شڪسته ٿي پيو ۽ سندس ئي وصيت موجب کيس حيدرآباد ۾ پنهنجي خانداني قبرستان ۾ دفن ڪرايو ويو.

نواب شاهه شهر جي عوام کي خوجا صاحب جي شخصيت تي جيترو ناز ڪرڻ گهرجي، ته اهو جُڳائي ٿو. نواب شاهه شهرواسي ڪڏهن به هن تعليمي مرد مجاهد جي احسانن جو بارُ لاهي نٿا سگهن. سچ پچ ته خوجا صاحب انيڪ خوبين ۽ خاصيتن جو جامع هو. رب ڪريم کيس مرهي ۽ سندس پوين، عزيزن، پرستارن ۽ غمزده شاگردن کي صبر جميل جي توفيق عطا فرمائي. آمين! ساڳئي وقت، سنڌي قوم ۽ خاص ڪري نواب شاهه جي عوام کي اها همت ۽ قوت عطا ٿئي، جو خوجا صاحب جي قائم ڪيل علم جي شمع کي اُجهامڻ جي بجاءِ روشن رکن، جو مرحوم جي زندگيءَ جو نصب العين هو. اهڙن املهه ماڻڪن لاءِ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ فرمايو آهي:

تان ڪِي وَٽِنِ وَڃُ، جان آهينِ اوطاقن ۾،

سامي سفر هليا، رائو ڇِتائي رُڃُ،

اهڙو جَنِ اُهڃُ، سي ڪَرمِ مِلندءِ ڪاپڙي.

*

جـُھـرافـَـنِ لـَـ ِڏئو، ته تون پڻ لـَ ِڏج سونَ!
قدر لـَهندءِ ڪونه، نيئي گڏيندءِ گ ُڏونءَ سين.

*

(ماهوار”نئين زندگي” ڪراچي سنڌ،آگسٽ 1962ع
- سـَـنواريل ۽ وڌايل)

---

(1) محمد صديق “مسافر” (1879ع - 1961ع) سنڌي زبان جو هڪ وڏو اديب ۽ شاعر ٿي گذريو آهي، هن ڪيترائي علمي، ادبي ۽ درسـي ڪتـاب لکيـا آهـن. سندس شاعريءَ جو مجموعو “ڪليات مسافر” جي نالي سان شايع ٿيل آهي.
(1) قاضي ميان فيض محمد، “ساهتي” پرڳڻي جي قـديم شـهر ،”هـالاڻيءَ” جي مشهور صديقي خاندان جـو چشـم ۽ چـراغ هـو. سـندس پڙ ڏاڏو، قاضـي ميان محمد صادق، ٽالپرن جي صاحبيءَ ۾ هالاڻي شهر جو قاضـي هـو. قاضـي فيض محمد 23- نومـبر 1908ع تـي هـالاڻيءَ ۾ جـائو. سـندس والـد جـو نـالو قاضي ميان نبي بخش هو. ابتدائي تعليم هالاڻيءَ ۾ پرائڻ کان پوءِ، ثانوي تعليم خيرپورميرس ۽ نوشهري فيـروز هـاءِ اسـڪولن مـان ورتـائين. سـن 1929ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين. 1935ع ۾ بي.ايس.سي. ڪيائين. 1940ع ۾ ايـل.ايـل.بـي جو امتحان پاس ڪري، نواب شاهه ۾ وڪالت جي شروعات ڪيـائين. سياسـي زندگيءَ جي ابتدا سن 1919ع ۾ خلافت تحريڪ ۽ ڪانگريس هلچل واري وقت کان ڪيائين. 1928ع ۾ “سائمن ڪميشـن” جـي خلاف “سـائمن گـو بئڪ” جـا نعــرا هنيــائين. 1933ع ۾ خاڪسـار تحريـڪ ۽ 1943ع ۾ مسـلم ليـگ ۾ بهـرو ورتائين. 1948ع کان هاري ڪاميٽيءَ ۾ شامل ٿيو ۽ 1951ع ۾ هاري ڪاميٽيءَ جو صدر مقرر ٿيو. شيخ مجيب الرحمان جـي دؤر ۾ عـوامي ليـگ پـارٽيءَ جـو نائب صدر هو. وڪالت ۽ سياست سان وابسته رهڻ جـي بـاوجود، علـم ۽ ادب جي سرگرمين ۾ حصو ورتائين. پاڻ سنڌيءَ ۾ ڪيترائي نـاول، مضـمون، ۽ شـعر لکيـائين. 25- ذوالحـج 1402هـه/ 13- آڪـٽـوبر 1982ع تـي رحلـت ڪيـائين. (جي.ايم.سيد: “جنب گذايم جن سين” - جلد پهريون، ص 114 کان 199
(2) مرزا فرخ بيگ، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جـي وڏي پـاءُ، مـرزا صـادق علي بيگ (1845ع کان 1912ع) جو وڏو فرزند هو. مرزا فرخ بيگ بئريسٽر هو.

پاڻ هڪ خاص وضع قطع جو صاحب هو. نواب شاهه جي پرسان سندس آبائي زمينداري هئي. شروع ۾ پاڻ وڪالت ڪندو هو، پر پوءِ اها ڇڏي، زميندارِيءَ طرف توجه ڏنائين. نواب شاهه ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جو پهريون پريزيڊنٽ هو. پاڻ انهيءَ عهدي تي 1- مارچ 1923ع کان 28- فيبروري 1933ع تائين فائز رهيو. ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جي موجوده شاندار عمارت سندس تعميراتي مذاق جو مظهر آهي. نواب شاهه جي زميندارِي ڪوآپريٽو بئنڪ جو چيئرمن به تي رهيو. وڏيءَ عمر ۾ هيءُ جهان ڇڏيائين ۽ حيدرآباد ۾ اباڻي قبرستان ۾ مدفون ٿيو.

(1) پير قربان علي، سنڌ جو هڪ نامور قانوندان ۽ وڏيءَ سياسي بصيرت جو مالڪ هو. پاڻ "ساهتي" پرڳڻي جي مشهور تواريخي شهر "نوشهري فيروز" جو وينل هو. پير صاحب بمبئي يونيورسٽيءَ مان بي. اي . پاس ڪئي هئي. ان سان گڏ ايل. ايل. بي جو امتحان به پاس ڪيو هئائين. تعليم جي مشغلي کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ، پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز نوشهري فيروز ۾ وڪالت سان ڪيائين. پاڻ خانداني طرح زميندار هو ۽ سياسي طرح وڏيءَ سوچ ۽ فڪر وارو هو. 1928ع ۾ نواب شاهه ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جي اليڪشن ۾ ميمبر چونڊجي آيو. پاڻ نواب شاهه ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جو به دفعا پريزيڊنٽ ٿي رهيو. پهريون دفعو 1- آڪٽوبر 1933ع کان 28- فيبروري 1937ع تائين ۽ ان بعد 1- نومبر 1940ع کان 31- ڊسمبر 1944ع تائين ٻيهر پريزيڊنٽ ٿي رهيو. اهڙيءَ طرح، پير صاحب جي نواب شاهه ضلعي ۾ ڪيل خدمتن جي اعتراف ۾، نواب شاهه ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ آفيس ۾ قائم ميٽنگ هال کي ڏانهس منسوب ڪري. ان جو نالو "پير قربان علي هال" نالو رکيو ويو. 1953ع ۾ پاڻ سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو، ۽ اهڙيءَ طرح پاڻ سنڌ اسيمبليءَ جو ڊپٽي اسپيڪر مقرر ٿيو. ون يونٽ جي قائم ٿيڻ کان پوءِ، 1955ع ۾ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جو به ميمبر ٿي چونڊجي آيو. 12-ڊسمبر 1968ع تي وفات ڪيائين. کيس به فرزند ٿيا: هڪ پير خالد قربان ۽ ٻيو طارق قربان.

(1) ڊاڪٽر غلام حسين جعفري، سنڌ جي تعليم کاتي جو هڪ برجستو ۽ اعليٰ انتظامي صلاحيتن وارو آفيسر ٿي گذريو آهي. ڊاڪٽر صاحب تعليم جي ڏس ۾ وڏيون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. هن تعليمي ميدان ۾ وڏا اڻ متجندڙ نشان ڇڏيا آهن. ڊاڪٽر غلام حسين جعفري سن 1905ع ۾ دادو ضلعي جي "پان سيد آباد" ۾ جائو. ابتدائي سنڌيءَ جي تعليم پنهنجي ڳوٺ "پان" ۾ ورتائين. 1924ع ۾ ناز هاءِ اسڪول، خيرپور ميرس مان مئٽرڪ پاس ڪيائين. 1928ع ۾ بي. اي. جو امتحان امتيازي حيثيت سان پاس ڪري، تعليم کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. مدرسه هاءِ اسڪول ميرپورخاص ۽ لاڙڪاڻي جو هيڊ ماسٽر ٿي رهيو. انهيءَ دوران علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ مان ايم. اي. ۽ ايل. ايل. بي. ڪيائين، 1947ع ۾ آمريڪا ۾ ڪولمبيا يونيورسٽيءَ ۾ داخل ٿيو، جتان ايم. ايڊ ۽ ڪارنيل

يونيورسٽيءَ مان پي ايچ.ڊي جي سند ورتائين. سن 1951ع ڌاري نواب شاهه ضلعي جو ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر ٿي آيو ۽ پوءِ جلد ئي ٽريننگ ڪاليج فارمين، حيدرآباد سنڌ جو پرنسيپال مقرر ٿيو. ون يونٽ جي قيام کان پوءِ، 1955ع ۾ لاهور ۾ مغربي پاڪستان جو اسسٽنٽ ڊي. پي.آءِ. ٿيو، جتان 1959ع ۾ حيدرآباد ريجن جو تعليم کاتي جو ڊائريڪٽر ٿي آيو. پاڻ زندگيءَ جو وڏو عرصو تعليم جي خدمت ڪندي، 1960ع ۾ پينشن تي لٿو. پينشن تي لهڻ کان پوءِ، بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ ائنڊ سيڪنڊري ايڊيوڪيشن، حيدرآباد سنڌ جي قيامِ عمل ۾ اچڻ کان پوءِ، ان جو پهريون چيئرمن مقرر ٿيو. 1973ع ۾ پبلڪ اسڪول، حيدرآباد سنڌ جو پرنسيپال ٿيو. 29- جون 1977ع تي رحلت ڪيائين.

(2) عثمان علي انصاري هڪ وڏو تعليمي ماهر، عالم، اديب، محقق ۽ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو وڏو عاشق هو. پاڻ 21- آڪٽوبر 1901ع تي شڪارپور ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم شڪارپور ۾ حاصل ڪيائين. 1918ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين. 1923ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان بي. اي . جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ انگلينڊ روانو ٿي ويو، جتان 1925ع ۾ ايم. اي. ۽ صحافت ۾ ڊپلوما ڪيائين. 1925ع ۾ مدرسه هاءِ اسڪول ميرپورخاص جو هيڊ ماستر مقرر ٿيو. ٻن سالن جي عرصي کان پوءِ، 1927ع ۾ مدرسه هاءِ اسڪول نوشهري فيروز جو پرنسيپال ٿيو. 1940ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر جي عهدي تي فائز ٿيو. 1951ع کان 1957ع تائين سنڌ جي تعليم کاتي جو ڊي. پي. آءِ. ٿي رهيو ۽ انهيءَ عهدي تان پينشن تي لٿو. انصاري صاحب تعليمي ۽ انتظاميه مشغولين جي باوجود، سنڌي علم ۽ ادب سان به لاڳاپيل رهيو. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح سان سندس جنون جي حد تائين عشق هو. پاڻ "شاهه جو رسالو" به ايڊٽ ڪيو هئائين، جو 1997ع ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز طرفان شايع ٿيو. پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جو اعزازي سيڪريٽري ۽ رسالي "مهراڻ" جي ابتدائي دؤر ۾، ان جو مئنيجنگ ايڊيٽر به ٿي رهيو. هن افسانا به لکيا. سندس افسانن جو مجموعو "پنج" جي نالي سان شايع ٿيل آهي. "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" سندس بهترين تاليف آهي. 2- سيپٽمبر 1962ع تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪيائين.

(1) سن 2003ع ۾ نوابشاهه ضلعي جي علم پرور ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن آفيسر، محترم عبدالقادر منگي صاحب انهيءَ رهائشي بنگلي کي تواريخي ورثو قرار ڏيئي، ان کي "ايچ. ايم. خوجا ميموريل لائبريري" جو درجو ڏنو.

(1) خانبهادر غلام رسول خان جتوئي، پاڪستان جي مشهور ۽ معروف سياستدان، رئيس غلام مصطفٰي خان جتوئيءَ جو والد هو. پاڻ 1- جنوري 1945ع کان 31- ڊسمبر 1952ع تائين ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ نواب شاهه جو پريزيڊنٽ ٿي رهيو.

# عبدالرزاق عبدالسلام ميمڻ (1)

قريشي حامد علي خانائي

عبدالرزاق بن عبدالسلام ميمڻ (2)، ”ساهتي“ پر ڳڻي جي قديم تواريخي شهر، نوشهري فيروز جي بلند مرتبي جي عالمن، فاضلن، اديبن، شاعرن ۽ تعليمي ماهرن مان هڪ ٿي گذريو آهي. پاڻ نوشهري فيروز جي مشهور ”صابُوگرن“ جي محلي (3) جو رهندڙ هو. سندس زندگيءَ ۽ علمي ۽ ادبي ڪارنامن جي باري ۾، هن وقت تائين سنڌ جي ڪنهن به مؤرخ ۽ تذڪري نگار ڪوبه احوال بيان نه ڪيو آهي. ازان سواءِ، سنڌي زبان ۽ ادب جي تواريخ مُرتب ڪندڙن پڻ هن علمي شخصيت کي پنهنجن تواريخن ۾ بلڪل نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي. ايتري قدر، جو اسان جو نئون نسل، هن بي مثل عالم، اديب ۽ شاعر جي علمي ڪارنامن کان پوريءَ طرح سان ڪنهن به صورت ۾ واقف نه آهي. عبدالرزاق عبدالسلام جو مشهور ناول ”جهان آرا“ ورهين کان پارهين (انٽر) ڪلاس تي سنڌي مضمون جي سلسلي ۾، نصاب طور پڙهايو وڃي ٿو. ليڪن، مصنف جي متعلق، شاگردن خواه عام پڙهندڙن کي هن بلندپايي جي نثرنگار ۽ شاعر جي باري ۾ ڪابه مفصل ڄاڻ حاصل نه آهي. عبدالرزاق عبدالسلام جي باري ۾ تمام گهڻي ڳولا ۽ جستجوءَ کان پوءِ، سندس متعلق جيڪي ڪجهه احوال دستياب ٿي سگهيو آهي، ان جي بنياد تي سندس حياتيءَ جو احوال ۽ سندس علمي، ادبي ۽ تعليمي ڪارنامن کي مرتب ڪري، هتي پيش ڪجي ٿو.

عبدالرزاق عبدالسلام، نوشهري فيروز جي مشهور علمي خاندان، ”خطيب“ گهراڻي جو چشم ۽ چراغ هو. قديم دؤر ۾، نوشهري فيروز جي ”ميمڻ“ قوم مان هيءُ گهراڻو وڏيءَ عزت ۽ احترام جي نظر سان ڏٺو ويندو هو. سندس والد بزرگوار جو نالو ميان عبدالسلام بن حافظ محمد اسماعيل (1) هو. عبدالرزاق جو جنم 15- سيپٽمبر 1898ع تي نوشهري فيروز ۾ ٿيو. (1) جيئن ته عبدالرزاق جي ابتدائي تعليم جي باري ۾ اجا تائين ڪوبه مفصل احوال ملي نه سگهيو آهي،

ته پاڻ پنهنجي ابتدائي تعليم وقت جي ڪهڙن نامور اُستادن وٽان حاصل ڪيائين. ان هوندي به سندس خانداني روايتن مان ايترو واضح ٿئي ٿو ته هن پنهنجي ابتدائي تعليم پنهنجي اباڻي شهر نوشهري فيروز ۾ ئي حاصل ڪئي. جيئن ته سندس والد ميان عبدالسلام ميمڻ، سنڌي پرائمري اسڪول نوشهري فيروز جو هيڊماستر هو، جنهن مان انهيءَ گمان کي تقويت ملي ٿي ته هُن ضرور پنهنجي والد جي زيرنگرانيءَ نوشهري فيروز جي پرائمري اسڪول ۾ پرائمري سنڌيءَ جي تعليم حاصل ڪئي هوندي. سندس خانداني روايتن مان اهو به معلوم ٿئي ٿو ته عبدالرزاق پنهنجي پائرن وانگر فارسي زبان جي تعليم پڻ پنهنجي شهر جي "قاضين جي محلي" واري مدرسي مان حاصل ڪئي هئي. انهيءَ لحاظ سان هڪ اندازي موجب هن 1905ع ڌاري ابتدائي پرائمري تعليم جي منزل طيءِ ڪئي هوندي!

ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ، پاڻ ثانوي تعليم جا ڪجهه درجا "مدرسه هاءِ اسڪول، نوشهري فيروز" (1) ۾ پڙهيو. جيئن ته نوشهري فيروز ۾ قائم ڪيل "مدرسه هاءِ اسڪول" ان وقت تائين تعليمي لحاظ کان اجا "هاءِ اسڪول" جي سطح تائين ڪونه پهتو هو، ان ڪري عبدالرزاق جي والد کيس "سنڌ مدرسته الاسلام، ڪراچيءَ" ۾ داخل ڪرايو، جتان هن 1916ع ڌاري مئٽرڪ جو امتحان "بمبئي يونيورسٽيءَ" مان پاس ڪيو. انهيءَ متعلق، عبدالرزاق پنهنجي ڪتاب "گُوئٽي: هڪ جرمن شاعر ۽ ڊراما نويس" جي "تمهيد" ۾ هڪ هنڌ ڄاڻائي ٿو:

"اتفاقاً رات خواب ۾ پنهنجو پيارو اُستاد، مرحوم مسٽر تامس هئري وائينس، (1) ايم.اي.، سابق پرنسيپال سنڌ مدرسه جو ڏٺم،"(2)

عبدالرزاق ميمڻ، انهيءَ مٿئين عبارت ۾ سنڌ مدرسي جي پرنسپال ٽي. ايچ. وائينس جو نالو ڄاڻايو آهي، جو سندس اُستاد هو. ان مان اسان جي گمان جي تائيد ٿئي ٿي ته عبدالرزاق سنڌي پرائمري چار درجا پاس ڪرڻ کان پوءِ، ثانوي تعليم جا چار درجا ڪن مدرسه هاءِ اسڪول، نوشهري فيروز ۾ پڙهيو ۽ ان بعد پنجين درجي انگريزيءَ کان مئٽرڪ تائين سنڌ مدرسته السلام، ڪراچيءَ ۾ تعليم حاصل ڪئي. ليڪن، انهيءَ تعليمي عرصي جو پورو ۽ صحيح احوال ڪونه ٿو ملي. انهيءَ ڏس ۾، سندس تعليم ڪاتي ۾ ملازمت جي شروعات جي سن، يعني 1922ع جو ذڪر ملي ٿو، جڏهن هُن ايم. اي. پاس ڪئي هئي.

ان لحاظ کان اهو چئي سگهجي ٿو ته هُن 1917ع ڌاري مئٽرڪ جو امتحان امتيازي حيثيت سان پاس ڪيو هوندو! مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ، اٽڪل ڇهن ستن سالن واري عرصي جي باري ۾، سنڌس متعلق ڪوبه واضح احوال ڪونه ٿو ملي.
انهيءَ عرصي ۾، عبدالرزاق ميمڻ ضرور وڏيڪ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ جدوجهد ۾ مشغول رهيو هوندو، ڇاڪاڻ ته سنڌس تعلق علمي گهراڻي سان هو ۽ ائين خاموشيءَ ۾ وقت ڪونه گنوايو هوندائين! انهيءَ لاءِ وري به سنڌس ڪتاب "گُٺتي" جي تمهيد طرف رجوع ڪرڻ سان اسان کي هڪ پيو اشارو ملي ٿو، ته هُن بي. اي. تائين اعليٰ تعليم سنڌ جي مشهور درسگاهه، ڊي. جي. سنڌ ڪاليج، ڪراچيءَ مان حاصل ڪئي. ان بابت پاڻ چوي ٿو:
"آخر ۾ مان پنهنجي مُشفق ۽ مُربي اُستاد، پروفيسر گربخشاڻي (1) صاحب ايم. اي.، پي ايڇ.ڊي. جو از حد مشڪور ۽ ممنون آهيان، جنهن صاحب نوازش فرمائي هن ڪتاب جي باري ۾ گوهر فشاني ڪئي آهي." (3)
عبدالرزاق ميمڻ جي پنهنجي انهيءَ بيان مان اهو صاف ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌ جو مشهور عالم، اديب، محقق ۽ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جو پارکو، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي پڻ سنڌس مُربي استاد هو. عبدالرزاق، بي.اي. پاس ڪرڻ کان پوءِ، انگريزي ادب ۾ ايم.اي. جو امتحان پاس ڪيو. پاڻ ايل.ايل.بي جو امتحان به پاس ڪيو هئائين.
عبدالرزاق جي متعلق، سنڌس زندگيءَ" تعليم جي سلسلي ۾، اسان کي فقط ايتري ئي معلومات دستياب ٿي سگهي آهي، جنهن جي آڌار تي سنڌس احوالُ مرتب ڪيو ويو آهي. عبدالزاق ميمڻ پنهنجي دؤر ۾ انگريزي، فارسي ۽ سنڌي ٻولين جو وڏو عالم ۽ فاضل هو، ۽ ويهين صدي عيسويءَ جي وڏن برک سنڌي عالمن ۾ بلند مقام رکندڙ هو.
جيئن ته عبدالرزاق ميمڻ جي خاندان جو لاڙو درس ۽ تدريس جي طرف هو، انهيءَ ڪري هُن پڻ تعليم کاتي ۾ ملازمت ڪرڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏني ۽ تعليم کاتي ۾ هڪ اُستاد جي حيثيت ۾ داخل ٿيو. جيتوڻيڪ پاڻ قانون جي ڊگري به رکندڙ هو ۽ اُن زماني ۾ وڪالت جي پيشي کي وڏي اهميت ڏني ويندي هئي، ليڪن هُن وڪالت جي بدران تعليم کاتي کي وڌيڪ اهميت ڏني ۽ انهيءَ ميدان ۾ پاڻ کي هر لحاظ کان

ڪامياب ثابت ڪيائين. البت، اهو معلوم ٿي نه سگهيو آهي ته پاڻ سي ڪان پهريائين ڪٿي ۽ ڪهڙي تعليمي اداري ۾ اُستاد جي حيثيت ۾ ملازمت جي شروعات ڪيائين، ۽ ڪهڙيءَ طرح درجي بدرجي ترقيءَ جون منزلون طيءِ ڪيائين.

انهيءَ سلسلي ۾ پروفيسر ڊاڪٽر عطا محمد "حامي" لکي ٿو:

"سن 1923ع ۾ عبدالرزاق عبدالسلام، ناز هاءِ اسڪول (1) خيرپور ميرس جو پرنسيپال مقرر ٿيو." (4)

پروفيسر "حامي" صاحب جي انهيءَ مٿئين بيان مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته سندس ذهانت، علمي قابليت ۽ انتظامي مهارت کان متاثر ٿي، خيرپور رياست جي واليءَ، مير علي نواز خان "ناز" کيس ناز هاءِ اسڪول، خيرپور ميرس جو پرنسيپال مقرر ڪيو هو. ان سلسلي ۾، اسان جي راءِ آهي ته عبدالرزاق شروع ۾، يعني 1922ع ۾ ضرور ڪنهن هاءِ اسڪول ۾ اُستاد مقرر ٿيو هوندو، جتي سندس غير معمولي قابليت، تعليمي مهارت ۽ انتظامي صلاحيتن کان متاثر ٿي، کيس رياست خيرپور جي هن وڏي اهم تعليمي اداري جو پرنسيپال مقرر ڪيو ويو.

ناز هاءِ اسڪول، خيرپور ميرس ۾ پاڻ ڪيترو وقت پرنسيپال جي عهدي تي فائز رهيو ۽ اُتي ڪيتري قدر پاڻ کي هڪ ڪامياب تعليمي ماهر ۽ اعلىٰ منتظم ثابت ڪيائين، ان جي متعلق به ڪا واضح حقيقت ڪانه ٿي ملي. ليڪن، سندس ڪتاب "گُـئني" جي تمهيد مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته پاڻ جڏهن اهُو مذڪور ڪتاب تصنيف ڪري سن 1929ع ۾ شايع ڪرايائين، ته اُن وقت به پاڻ خيرپور ميرس جي ناز هاءِ اسڪول جو پرنسيپال هو. اهڙيءَ طرح، سندس هڪ ٻيو ڪتاب "جهان آرا" ناول جي صورت ۾ 1931ع ۾ شايع ٿيو ۽ انهيءَ ساڳئي سال 1931ع ۾ سندس ٽيون ڪتاب "گلزار نظم" پڻ ڇپجي پڌرو ٿيو، ته پاڻ انهيءَ ساڳئي عهدي تي خيرپورميرس ۾ نظر اچي ٿو. ان کان پوءِ، سن 1934ع ۾ سندس چوٿون ڪتاب "مٺڙا ٻول" ڇپجڻ وقت به ميمڻ صاحب خيرپور ۾ ئي ناز هاءِ اسڪول جو پرنسيپال هو.

ازان سواءِ، مفتي محمد رحيم سڪندري، خطيب مسجد درگاهه شريف، پير جو ڳوٺ، پنهنجي هڪ مضمون ۾ انهيءَ ڳالهه جو انڪشاف ڪندي لکي ٿو:

“حضرت پير سائين ’ڪوٽ ڏڻي‘ پنهنجي لائق ۽ فائق نينگر، پير سائين صبغت الله شاهه جي تعليم جو انتظام ڪيو. قرآن پاڪ، ديني تعليم، فارسي ۽ سنڌي ٻولي پڙهائڻ لاءِ مرحوم حافظ خدابخش سومرو (منگرجي جو)، مولوي امام بخش مهيسر ۽ عبدالرزاق صاحب ميمڻ (پرنسيپال خيرپور ڪاليج)(1) کي مقرر ڪيو.” (5)
مفتي محمد رحيم سڪندريءَ جي انهيءَ مٿئين عبارت مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته پير سائين سيد صبغت الله شاهه (ثاني) کي انگريزي ٻوليءَ تي مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ عبدالرزاق ميمڻ کي سندس اتاليق ڪري رکيو ويو هو. ساڳئي وقت، اهو به معلوم ٿئي ٿو ته پاڻ ان وقت خيرپور ۾ پرنسيپال جي عهدي تي فائز هو.
انهن مٿين شاهدين مان اهو واضح ٿئي ٿو ته عبدالرزاق ميمڻ، سن 1923ع کان 1935ع تائين “ناز هاءِ اسڪول”، خيرپور جو لاڳيتو پرنسيپال ٿي رهيو. انهيءَ عرصي دوران سندس تعليمي مهارت ۽ بهترين انتظامي ڪارڪردگيءَ کي ڏسي، رياست جي واليءَ، 1937ع ۾ کيس ترقي ڏيئي، رياست جي اندر وڏيڪ جديد انگريزي تعليم جي ڦهلاءَ ۽ بهترين تعليمي نظام قائم رکڻ لاءِ، ڊائريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشن (ڊي.پي.آءِ.) جي منصب تي فائز ڪيو. پروفيسر ڊاڪٽر عطا محمد “حامي” جو قول آهي:
“عبدالرزاق، خيرپور رياست جو ڊائريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشن (ڊي.پي.آءِ.) به ٿي رهيو.” (6)
پاڻ ڊي. پي آءِ. جي عهدي تي ڪيترو وقت رهيو، ان باري ۾ به ڪا صحيح معلومات ڪانه ٿي ملي. پر جيئن ته عبدالرزاق ميمڻ 1941ع ۾ وفات ڪئي، تنهنڪري اسان جو گمان آهي ته پاڻ ان وقت به ڊي.پي.آءِ. جي عهدي تي فائز هو ۽ ان دوران ئي رحلت ڪيائين.
عبدالرزاق ميمڻ جي باري ۾ وڌيڪ جاکوڙ ڪندي اهو معلوم ٿئي ٿو، ته هن برصغير هند و پاڪ جي وڏين تعليمي ڪانفرنس ۾ رياست خيرپور جي نمائندگي ڪئي، ۽ انهن موقعن تي هن پنهنجي اعليٰ صلاحيتن ۽ تعليم جي ترقيءَ لاءِ وڏيءَ مهارت ۽ قابليت جو مظاهرو ڪيو. ان ڏس ۾ پروفيسر ڊاڪٽر عطا محمد “حامي” جو قول آهي:
“سن 1924ع ۾ عبدالرزاق جڏهن ناز هاءِ اسڪول جو پرنسيپال هو، ته ان وقت دهليءَ ۾ آل انڊيا مسلم ايڊيوڪيشنل ڪانفرنس (1) منعقد ڪئي ويئي هئي. خيرپور جي واليءَ، مير علي نواز خان “ناز” (2)

طرفان اُن ڪانفرنس ۾ ڪيس رياست جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ موڪليو هو. پاڻ جڏهن ان ڪانفرنس کان موٽي آيو، تڏهن ان جي مڪمل رپورٽ مير صاحب کي پيش ڪئي هئائين.” (7)
پروفيسر ڊاڪٽر عطا محمد “حامي” پنهنجي انهيءَ مقالي ۾ بيان ڪري ٿو ته “اِها ڪانفرنس جيڪا ذڪور ڪانفرنس جي منعقد ٿيڻ جو هنڌ “دهلي” لکيو آهي، جيڪو تواريخ جي لحاظ کان دُرست نه آهي. دراصل، اها ڪانفرنس “بمبئيءَ” ۾ ٿي هئي ۽ اهو ڪانفرنس جو 37 هون اجلاس هو، جو آنريبل سرابراهيم رحمت الله بمبئيءَ واري (3) جي صدارت ۾ ٿيو هو. (8)
عبدالرزاق ميمڻ تعليم سان گڏ علم ۽ ادب سان به گهري دلچسپي رکندڙ هو. سندس مشهور ناول “جهان آرا” جو اپياس ڪندي معلوم ٿئي ٿو ته پاڻ جڏهن ناز هاءِ اسڪول خيرپور ميرس جو پرنسيپال هو، ته ان وقت اسڪول مان هڪ علمي ۽ ادبي مخزن جاري ڪئي هئائين. اها مخزن هڪ اعليٰ درجي جي علمي ۽ ادبي مخزن هئي، جا علمي، ادبي ۽ تواريخي مضمونن، افسانن ۽ شعرن جو مُرقع هئي. عبدالرزاق پاڻ به ان مخزن ۾ پنهنجا معلوماتي ۽ تواريخي مضمون، ڪهاڻيون ۽ شعر ڏيندو هو. نثر نويسيءَ سان گڏ پاڻ شعر گوئيءَ جي مذاق به رکندڙ هو ۽ پنهنجي شعر ۾ “رفعت” تخلص استعمال ڪندو هو.
خيرپور جو شهر، “رياست خيرپور” جي راڄڌاني هو. خيرپور رياست جا ٽالپر حڪمران پڻ پنهنجي وڏن جي روايت مطابق، علم ادب ۽ شعر و شاعريءَ جو ذوق ۽ شوق رکندا هئا. خيرپور رياست جي ٽالپر حاڪمن جي علمي ۽ ادبي ذوق ۽ ڪارنامن جي متعلق، پروفيسر ڊاڪٽر عطامحمد “حامي” صاحب پنهنجي پي ايڇ.ڊي جي مقالي ۾ تفصيل سان روشني وڌي آهي. خيرپور رياست جي ٽالپر حڪمرانن جي درٻار ۾ هميشه وقت جا نامور عالم، اديب ۽ شاعر موجود رهندا هئا. مير صاحب انهن جا وڏا قدردان هئا. روايت آهي ته هن ئي شهر ۾ اڪثر شاعرن جون محفلون ۽ مجلسون منعقد ٿينديون هيون، جن ۾ نامور شاعر اچي شريڪ ٿيندا هئا ۽ داد وصول ڪندا هئا. عبدالرزاق “رفعت” پڻ انهن مشاعرن ۾ وڏيءَ دلچسپيءَ سان شريڪ ٿيندو هو. ان کان سواءِ، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد جي مشاعرن ۽ علمي مجلسن ۽ ڪانفرنسن ۾ به اچي حصو وٺندو هو. پاڻ مير علي نواز خان “ناز” جي خاص صحبتين ۽ مجلس ڪندڙن مان هڪ هو.

پروفيسر ڊاڪٽر عطا محمد “حاميءَ”، “ڪليات ناز” ۾ هڪ هنڌ انهيءَ ڳالهه ڏانهن اشارو ڪيو آهي. (9)

عبدالرزاق ميمڻ جي علمي ۽ ادبي نثري ڪتابن ۽ شاعريءَ جي مجموعن جي مطالعي کان پوءِ، اهو چئي سگهجي ٿو ته پاڻ هڪ وڏو ذهانت جو صاحب، بهترين انسان ۽ بلند درجي جو عالم هو. پاڻ فطرتاً ڪريم النفس، نيڪ، خليق ۽ دوست نواز هو. ساڳئي وقت پاڻ قومي غيرت جو جذبو رکندڙ هو. سندس ناول “جهان آرا” جي ديباچي مان ظاهر ٿئي ٿو ته پاڻ مذهبي ڪٽرپڻي کان آزاد هو. پاڻ محبت ۽ ايڪتا جو حامي هو. “هندو- مسلم” اتحاد جو پڻ قائل هو.

عبدالرزاق ميمڻ جڏهن خيرپور رياست جو ڊي. پي. آءِ. هو، ته ان وقت پاڻ ذيابطيس جي موذي مرض ۾ مبتلا ٿي پيو. کيس علاج لاءِ سول اسپتال سکر ۾ داخل ڪيو ويو، ليڪن سندس حياتيءَ جو ماُڻ پرجي آيو ۽ 43 ورهين جي ننڍي ڄمار ۾ 31- ڊسمبر 1941ع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪيائين. کيس سندس اباڻي شهر، نوشهري فيروز جي قديم قبرستان، “ميان عدر سلطان” ۾ دفن ڪيو ويو. مرحوم عبدالرزاق کي جيڪڏهن اجا حياتي وفا ڪري ها، ته پاڻ سنڌي زبان ۽ ادب جي دامن ۾ اُهي سهڻا ۽ دلڪش گُلَ نچاور ڪري ها، جي اجا به وڌيڪ سڳنڌ ۽ سُرهاڻ ڏين ها!

عبدالرزاق ميمڻ(1)، ڳڙهي ياسين جي ميان عبدالعزيز سمي جي نياڻيءَ سان شادي ڪئي. سندس انهيءَ گهرواريءَ 75 ورهين جي عمر ۾ 1974ع ۾ رحلت ڪئي ۽ خيرپور ۾ ئي مدفون ٿي. عبدالرزاق کي ظفرالحق نالي صرف هڪ فرزند ٿيو. ظفر الحق 1929ع ۾ تولد ٿيو. پرائمري تعليم پرائڻ کان پوءِ ناز هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. ان وقت سندس والد، عبدالرزاق ميمڻ وفات ڪري ويو هو. خيرپور رياست جي واليءَ، ميمڻ صاحب جي گهرواريءَ لاءِ معقول پينشن مقرر ڪئي ۽ سندس فرزند ظفرالحق لاءِ اسڪالر شپ منظور ڪري، کيس اعلٰي تعليم لاءِ علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ ۾ موڪليو، جتان هُن بي.اي. جي ڊگري حاصل ڪئي. تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ، پاڻ شروع ۾ ڪجهه وقت لاءِ انڪم ٽيڪس آفيسر ٿي رهيو. 1952ع ۾ پوليس کاتي ۾ ڊي.ايس.پي مقرر ٿيو، جتان ترقي ڪندي 1978ع ۾ ڊي.آءِ.جي جي عهدي تي فائز ٿيو ۽ اتان ئي پينشن ورتائين. 9- جنوري 1994ع تي 65 ورهين جي عمر ۾ لاڏاڻو ڪيائين”

ڪراچيءَ ۾ مدفون ٿيو. ظفرالحق به شاديون ڪيون، جن مان ڪيس ٽن پُٽن ۽ هڪ نياڻيءَ جو اولاد ٿيو. هتي سندس اولاد جو مختصر ذڪر ڪجي ٿو:

1. اڪرام الله: هن جي ولادت 1947ع ۾ خيرپورميرس ۾ ٿي. ناز هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. ممتاز ڪاليج، خيرپورميرس مان انٽر ڪيائين. 1970ع ۾ پوليس کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. پاڻ هن وقت سانگهڙ ضلعي ۾ "چڪ 41 ورڪشاپ" ٿاڻي جو ايس.ايڇ.او. آهي.

2. جاويد ظفر: پاڪستان ايئر فورس ۾ گروپ ڪئپٽن جي عهدي تي پشاور ۾ آهي.

3- وقار ظفر: هيءُ زميندار آهي ۽ زمينداريءَ جو ڪم سنڀاليندو آهي.

4. نياڻي: لاڙڪاڻي جي مشهور جاگيردار، مرحوم پير بخش پُٽي جي گهرواري آهي.

تصنيفات

عبدالرزاق ميمڻ پنهنجي ملازمت جي مصروفيتن ۽ درس و تدريس جي مشغلي سان گڏ، تصنيف ۽ تاليف جو به ڪافي ڪم ڪيو آهي. پاڻ اٽڪل ويهن ورهين تائين سنڌي زبان ۽ ادب لاءِ لکندو رهيو. بهرحال، هن جيڪي ڪتاب تصنيف ۽ تاليف ڪيا آهن، تن مان هر ڪتاب پنهنجيءَ جاءِ تي علمي ۽ ادبي لحاظ کان هڪ بهترين املهه ماڻڪ آهي. هتي سندس انهن لکيل ڪتابن ۽ شاعريءَ جو علمي لحاظ کان جائزو وٺون ٿا:

گُئٽي:

عبدالرزاق ميمڻ جي ادبي ڪارنامن تي روشني وجهڻ وقت اهو معلوم ٿئي ٿو ته سندس سڀ کان پهرئين تصنيف "گُئٽي: هڪ جرمن شاعر ۽ ڊرامانويس" آهي. گُئٽي، هڪ مشهور جرمن دانشور، شاعر ۽ ناٽڪ نويس ٿي گذريو آهي. هُو اوڻويهين عيسوي صديءَ جي مکيه شاعرن مان هڪ برک شاعر جي حيثيت ۾ ڄاتو ۽ سُڃاتو وڃي ٿو. شعرگوئيءَ ۾ تمام لاثاني هو ۽ ناٽڪ به پنهنجيءَ جاءِ تي بي نظير اٿس. ڪيس سنڌ جي علمي طبقي ۽ عام پڙهندڙن سان روشناس ڪرائڻ لاءِ، عبدالرزاق هيءُ ڪتاب لکيو هو. هن ڪتاب جي اهميت جي باري ۾، سنڌ جو مشهور عالم ۽ محقق، ڊاڪٽر گربخشاڻي انهيءَ ڪتاب جي "مهاڳ" ۾ لکي ٿو:

“سنڌي ساهتيه جي لکڻ ۽ پڙهڻ جو شوق اڄ البت اڳي کان وڌيڪ آهي، پر اڃا دل گُهري ترقي نه ٿي آهي. انهيءَ جو هڪ سبب هيءُ آهي، جو سنڌ ۾ خاص ساهتيه جي سُڌاري ۽ واڌاري جي مدنظر سان ورلو ڪو ڪتاب لکيو وڃي ٿو. ڪتاب ڇپجن به گهڻيئي ٿا، مگر اڪثر اهڙا، جن مان نه هُوند نه شُڪر. تنهنڪري جڏهين ڪو اهڙو ڪتاب ڇپجي، جنهن مان هڪ پاسي نوجوانن کي دماغي ۽ اخلاقي ترغيب ملي، تڏهين اسان جو عين فرض آهي ته اهڙي ڪتاب جي قدر شناسي ڪري، مصنف جي همت افزائي ڪريون.”(10)

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي انهيءَ مٿئين عبارت مان اُن دؤر جي سنڌي ادب جي عڪاسي ٿئي ٿي، ۽ ساڳيءَ طرح ان ڪتاب جي ضرورت ۽ اهميت جو به پتو پوي ٿو. عبدالرزاق پنهنجي هن ڪتاب ۾، گُٽئي جي نظم ۽ ناٽڪ جون خوبيون ۽ خاميون نهايت ئي ناقدانه انداز ۾، سنجيدگيءَ ۽ صاف گوئيءَ سان عام فهم سنڌي عبارت ۾ بيان ڪيون آهن ۽ اهو ثابت ڪيو اٿس ته هيءُ جڳ مشهور وڏي پايي جو عالِم بُلند درجي وارو انسان، شاعر ۽ ناٽڪ نويس هو. هن ڪتاب جو ڳُوڙهو اڀياس ڪندي اهو به واضح ٿئي ٿو ته علم تنقيد، خاص طرح سان شعر ۽ شاعريءَ جي پرکڻ لاءِ ڪي خاص اُصول، ماڻ ۽ ماپا آهن، جن جي بنياد تي انهيءَ قسم جي ڪتاب کي پرکي سگهجي ٿو. مصنف، انهن سيني ڳالهين ۽ اصولن کي مدنظر رکي،گُٽئي کي اُجاگر ڪرڻ جي عالمانه انداز ۾ ڪوشش ڪئي آهي. هن ڪتاب جي ورق گرداني ڪرڻ سان عبدالرزاق جي علمي بصيرت، وسيع مطالعي ۽ سنڌي ۽ انگريزي ٻولين تي پُورو پُورو عبور هئڻ جي جاڻ پوي ٿي. هيءُ ڪتاب ڪرائون سائيز ۾ 107 صفحن تي مشتمل آهي ۽ نومبر 1929ع ۾ پارٽ پرنٽنگ پريس، ڪراچيءَ ۾ ڇپيو.

جهان آرا:

عبدالرزاق ميمڻ جو لکيل ناول “جهان آرا”، سنڌي زبان ۽ ادب جو هڪ شاهڪار آهي. هيءُ ناول، سنڌي ٻوليءَ جي اصولڪن ناولن مان هڪ آهي، ۽ زبان ۽ پلاٽ جي لحاظ کان مڪمل ۽ فني لحاظ کان پختُتي پلاٽ وارو ناول آهي. ان دؤر ۾ جيڪي اصلوڪا ۽ طبعزاد ناولَ، اڳرين تي ڳڻن جيترا لکيا ويا هئا، تن ۾ “جهان آرا” هڪ چڱو مقام رکي ٿو. ان دؤر ۾ اڪثر ڪري ناولَ، انگريزي ۽ ٻين ٻولين تان ترجمو ڪيا ويندا هئا. مصنف، هيءُ ناول لکي، سنڌي زبان ۾ طبعزاد ناول لکڻ جو مثال

پيش ڪيو. هن ناول جو مرڪزي خيال، ناول نگار جي لکيت مطابق، عورت جي وفائي ۽ مرد جي بي وفائي جا ٽايو ويو آهي. ليڪن، پاڻ انهيءَ مرڪزي خيال کي ناول اندر ايترو اُجاگر ڪري نه سگهيو آهي. هيءُ ناول سڀ کان پهريائين 1931ع ۾ ڇپيو. تازو 2005ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي طرفان هن ڪتاب جو پندرهون ايڊيشن ڇپرو ٿيو آهي. هيءُ ناول ورهين کان وٺي ٻارهين ڪلاس جي سنڌي نصاب طور رکيل آهي. هن ناول جي باري ۾، سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري، محترم انعام الله شيخ تازي ڇاپي ۾ پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو:

"ممڪن آهي ته پنهنجي موضوع ۽ اسلوب جي حوالي سان 'جهان آرا' بعد جي ڪيترن سنڌي ناولن سان پيٽي نه سگهجي، پر ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ادب ڏانهن ابتدائي لاڙو پيدا ڪرڻ ۾ هن ناول بيشمار پڙهندڙن ۾ اُتساهه پيدا ڪيو آهي."(1)

خانزاده سميع الوري پنهنجي ڪتاب "تزئين ساهتي" ۾ لکي ٿو ته، "عبدالرزاق ٻه ناول لکيا هئا، جن مان هڪ جو نالو 'نورجهان' هو."(12) خانزادي صاحب پنهنجي انهيءَ بيان ۾ غلطي ڪئي آهي. دراصل، "نورجهان" ناول عبدالرزاق جو نه، بلڪ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو لکيل آهي. ساڳئي وقت، ميمڻ صاحب صرف هڪ ناول "جهان آرا" سنڌي زبان ۾ لکيو هو.

گلزار نظم:

عبدالرزاق ميمڻ شعر ۽ شاعريءَ سان ذوق رکندي، هن ڪتاب ۾ سنڌي زبان جي قديم صوفي شاعرن ۽ ان دؤر جي جديد همعصر شاعرن جي ڪلام جو انتخاب ڏنو آهي. دراصل، ان دؤر ۾ سنڌ جو پرڳڻو، بمبئي پريزيڊنسيءَ سان لاڳاپيل هو ۽ سنڌ جي ثانوي ۽ اعلٰي ثانوي تعليم جي امتحانن جو سلسلو پڻ بمبئي يونيورسٽيءَ سان واسطو رکندو هو. هيءُ ڪتاب مئٽريڪيوليشن امتحان جي نصاب طور منظور ٿيل هو. هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1931ع ۾ ۽ ٻيو ڇاپو 1932ع ۾ ڇپرو ٿيو. هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو، ڪرائون سائيز ۾ 96 صفحن تي مشتمل آهي ۽ ايڊيوڪيشنل پبلشنگ ڪمپني، ڪراچي طرفان شايع ٿيو.

مؤلف، هن ڪتاب ۾ سنڌ جي مشهور قديم شاعرن ۽ پنهنجي همعصر شاعرن سميت ڪل 28 شاعرن جو چونڊ ڪلام ڏنو آهي. هن مجموعي ۾ جن شاعرن جو ڪلام درج آهي، اُهي هي آهن: حضرت

شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، ڀائي چئنراءِ "سامي"، فقير قادر بخش "بيدل"، فقير محمد محسن "بيڪس"، پير علي گوهر شاهه "اصغر" راشدي، خليفو گل محمد "گل" هالائي، حمل فقير لغاري، صوفي دلپترام "دلپت"، حافظ حاجي"حامد" تکڙائي، سيد فاضل شاهه "فاضل"، مير عبدالحسين خان "سانگي"، ديوان ليلارام وطڻمل "خاڪي"، رئيس شمس الدين "بلبل"، مرزا قليچ بيگ "قليچ"، پير ڪمال الدين"ڪمال" فقير، مير علي نواز "علوي"، ڊاڪٽر مرزا مدد علي "مدد"، فقير هدايت الله "نجفي" ، مير علي نواز خان "ناز"، خانبهادر محمد صديق ميمڻ "صديق"، محمد هاشم "مخلص"، ڪشنچند "بيوس"، ديوان صوڀراج نرملداس "فاني"، محمد خان "غني"، نواز علي "نياز" جعفري، محمد بخش "واصف" ۽ عبدالرزاق "رفعت".

اهڙيءَ طرح، هن ڪتاب ۾ جُملي هڪ هزار شعر ڏنل آهن. ڪتاب جي مُنڍ ۾ مؤلف "مهاڳ" لکيو آهي، جنهن ۾ هُن "گلزار نظم" کي مرتب ڪرڻ جي باري ۾ وضاحت سان روشني وڌي آهي. عبدالرزاق هن ڪتاب کي پنهنجي اُستاد ۽ ڊي.جي.سنڌ ڪاليج، ڪراچيءَ جي پرنسيپال، صاحب سنگ چندا سنگ شهاڻيءَ (1) ڏانهن منسوب ڪيو آهي. هن ڪتاب جي وڏي خوبي اها آهي ته مؤلف هن مجموعي ۾ جن شاعرن جو چونڊ ڪلام ڏنو آهي، تن مان هر شاعر جي ڪلام جي مُنڍ ۾، ان جي حياتيءَ جو مختصر خاڪو ۽ سندس شاعريءَ جي خوبين متعلق ڄاڻ پڻ ڏني ويئي آهي، جنهن ڪري هن ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت ۾ اضافو ٿيو آهي . هيءُ ڪتاب نه صرف ان دؤر ۾ مئٽرڪ جي شاگردن لاءِ ڪارآمد هو، پر اڄ به سنڌ جي عام پڙهندڙن ۽ علم دوست ماڻهن لاءِ نهايت ئي مفيد آهي.(1)

مِٺڙا ٻول:

عبدالرزاق ميمڻ ، "گلزار نظم" کان پوءِ، چونڊ سنڌي شاعرن جي ڪلام جو ٻيو انتخاب، "مٺڙا ٻول" جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ مرتب ڪيو. هيءُ ڪتاب 1934ع ۾ چندن (اليڪٽرڪ) پرنٽنگ ور ڪس، حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو. هيءُ ڪتاب ڪرائون سائيز ۾ 64 صفحن تي ڦهليل آهي ۽ منجهس هڪ هزار شعر آيل آهن. مؤلف، هن ڪتاب جو انتساب، سنڌ جي مشهور عالم، اديب ۽ شاعر، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ ڏانهن ڪيو آهي. پاڻ انتساب ڪندي، مرزا صاحب کي

“اُستادِ زمان” ۽ “ملڪ الشعراء” ڪري سڏي ٿو. مرزا قليچ بيگ، عبدالرزاق جو وڏو معاصر هو ۽ جديد شاعريءَ جي ڏس ۾، پاڻ مرزا صاحب ڪان ڪافي متاثر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهو ئي ڪارڻ آهي، جو کيس اُستاد شاعر ڪري لکيو اٿائين.

عبدالرزاق ، هن ڪتاب جي “مهاڳ” ۾، عالمانه انداز ۾ وضاحت ڪندي لکي ٿو:

“مِٺي شيءِ سدائين وڻندڙ ٿيندي آهي ۽ انهيءَ مان ننڍا توڙي وڏا عجيب حظ ۽ لطف حاصل ڪندا آهن. مگر اهو مزو ۽ سواد بلڪل ٿورو وقت هلندو آهي. پر اهڙي شيءِ، جنهن جو ميناج زايل نه ٿي سگهي ۽ جنهنجو لطف ۽ حظ هميشه اِنسان جي دل ۽ دماغ کي تر ۽ تازو ڪري، اسان کي ملي سگهي ته ڪهڙو نه چڱو.

دنيا ۾ جيڪي به ڏڻيءَ سڀوري پيدا ڪيو آهي، گل ۽ ٻوٽا، وڻ ۽ ٽڻ، پکي ۽ پکڻ، ساوڪ ۽ سبزي، ميوا ۽ مليدا، پسون ۽ حيوان، مال ۽ ملڪ، دولت ۽ عزت، اولاد ۽ اطفال سڀ پنهنجي مخلوق جي اُتم، اشرف ۽ اعلٰي فرد، يعني: اِنسان واسطي راحت ۽ عيش جو سامان ڪيو اٿس. پر اُنهن سيني جي ڪري اِنسان تي ڪي جوابداريون به آهن، جيڪي وقت نا وقت کيس عيش ۽ راحت جي عيوض رنج ۽ ملال پهچائين ٿيون. ڪڏهين ته سندس حالت اهڙي غم ۽ انڪساريءَ جي ٿيو پوي، جو سندس بيقراريءَ ۽ آه ۽ زاريءَ تي جيڪو به ماتم ڪجي، سو ٿورو آهي، ڇاڪاڻ ته سندس دل جي دونهي کي دٻائڻ ۽ سندس سيني جي سوز ۽ آتش کي وسائڻ جي هر ڪا ممڪن ڪوشش بيڪار ٿيو پوي.

اهڙيءَ حالت ۾ فقط هڪ ئي چيز آهي، جا سندس دستگيري ڪري سگهي ٿي ۽ سندس رنج کي راحت سان مبدل به ڪري سگهي ٿي، اگرچه اُها شيءِ به ڪنهن جي ته دل جي دونهي ۽ سيني جي سوز جو ئي نتيجوآهي. اها شيءِ آهي شعر، جو ويچاري مصيبت جي ماريي شاعر جي جذبي ۽ اُمنگ، فڪر ۽ فراق جو قـَلـُ آهي. مگر انهيءَ حالت ۾ هن پنهنجي چاشني دار چپن سان جيڪي به چيو آهي ۽ پنهنجي زبان جي شيرينيءَ سان جيڪي به ٻوليو آهي ۽ قلم جي سياهيءَ سان جيڪي به لکيو آهي، اُهو اهڙو ته مِٺو ۽ اتل مِٺو آهي، جو دنيا جي هستيءَ تائين زواليت کي نه پهچي سگهندو. ويچاري شاعر ڪهڙي به اضطراب جي حالت ۾ پنهنجا ٻول ٻوليا هـُجن، مگر انهن ئي ته هن کي آخرين تسڪين ۽ تسلي بخشي آهي. سندس مٺڙا

ٻول ماڪيءَ ڪان مـِٺا ۽ آب حيات ڪان وڌيڪ پايدار آهن. هـُـو ويچـاري اِنسان جا عزت ۽ ذلت، راحت ۽ رنج ۽ اُميد ۽ نااميديءَ جي عميق بحر ۾ ٻيڙي به آهن ته سڙهه به، ۽ ساحل به ۽ اميد ۽ آسرو به.
انهيءَ ڪري اهڙي ميٺاج واري چيز کي ’مٺڙا ٻـول‘ ڪوٺيـا ويـا آهـن ۽ سنڌ جي شاعرن جي اهڙن مٺڙن ٻـولن جـي چـونڊ ڪئي ويئي آهـي.”(13)
اهوئي سـبب آهـي جـو هـن مجمـوعي ۾ جـن شـاعرن جـي ڪلام جـو انتخاب ڏنو ويو آهي، تن کي جڏهن جهونگارجي ٿو ته انهن جو اهڙو تـه مٺاڻ چپن کي لڳـي ٿو، جو اهو وسرڻ جهڙو نه آهـي. هـن مجمـوعي ۾ هيٺين سترهن شاعرن جـو چـونڊ ڪلام ڏنـو ويـو آهـي: حضـرت شـاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، ڀائي چئنراءِ ”سامي“، خليفـو گـل محمـد ”گـل“ هـالائي“، صـوفي دلپـترام ”دلپـت“، فقيـر قـادربخش ”بيدل“، فقير محمـد محسـن ”بيـڪس“، روحـل فقيـر ڪنڊڙيـءَ وارو، حـافظ حـاجي ”حامـد“ ٽکڙائي، سـيد فاضـل شـاهه ”فاضـل“، ميـر عبدالحسين خان ”سـانگي“، ديـوان ليلارام وطڻمـل ”خـاڪي“، مـرزا قليچ بيگ، محمد بخش ”واصف“، ديوان صوڀراج نرملـداس ”فـاني“، نواز علي ”نياز“ جعفري ۽ عبدالرزاق ”رفعت“. مؤلـف، هـن ڪتـاب ۾ ”گلزار نظم“ وانگر هر شاعر جي ڪلام اڳيان ان جي زندگيءَ جـو مختصر احوال ۽ سندس شاعريءَ جي خوبين متعلـق چـاڻ ڏنـي آهـي. هيءُ ڪتاب سنڌي شـاعريءَ جـو هـڪ عمـدو انتخـاب آهـي ۽ ان مـان عبدالرزاق ”رفعت“ جي شاعريءَ جي ذوق ۽ سندس دلـي لـ ڳـاءُ جـو پليءَ پت پتو پوي ٿو.
انهن مٿي بيان ڪيل ڪتابن کـان علاوه، عبـدالرزاق ڪيـترائي نصـابي ڪتاب پڻ تصـنيف ۽ تـاليف ڪيـا هئا، جـن مـان سـِـردست هيٺيـن ٻـن ڪتابن جو احوال ملي ٿو:
نئين جاگرافي سنڌ (خيرپور اسٽيٽ):
هيـءُ ڪتـاب  ڪرائون سـائيز ۾ 56 صـفحن تـي ڦهليـل آهـي ۽ سـن 1939ع ۾ ديوي پرنٽنگ پريس، شڪارپور سنڌ مان شايع ٿيو.
نئين جاگرافي هندستان:
هيءُ ڪتـاب  ڪرائون سـائيز ۾ 60 صـفحن تـي مشـتمل آهـي ۽ سـن 1940ع ۾، ميول سنگهه پرسواڻيءَ، شڪارپور سنڌ مان ڇپرو ڪيو.
سنڌي ٻولي ۽ عبارت جو جائزو:

عبدالرزاق ميمڻ جو تعلق، جيئن ته سنڌ جي “ساهتي” پرڳڻي جي قديم شهر “نوشهري فيروز” سان هو، ان ڪري هُن پنهنجي سنڌي نثر نويسيءَ ۾ گهڻي ڀاڱي “ساهتي”پرڳڻي وارو لهجو استعمال ڪيو آهي. ساڳئي وقت، ملازمت جي لحاظ کان سندس گهڻو وقت خيرپور رياست ۾ گذريو. انهيءَ ڪري، “ساهتي” واري سنڌي لهجي تي “خيرپوري” لهجي جو به اثر غالب نظر اچي ٿو. سندس ٻن نثري ڪتابن، جهڙوڪ: “گُلُئني” ۽ “جهان آرا” جو جڏهن باريڪ بينيءَ سان اڀياس ڪجي ٿو ته اهو معلوم ٿئي ٿو، ته هُن اُهي “ساهتي” پرڳڻي وارا محاورا، اصطلاح، تشبيهون ۽ ترڪيبون استعمال ڪيون آهن، جي اڪثر ان طرف مروج آهن. انهن مذڪور ٻنهي ڪتابن کي تصنيف ڪئي اٽڪل مُني صديءَ جو عرصو گذري چُڪو آهي ۽ اُهو عرصو ڪو ٿورو نه آهي. انهيءَ دوران سنڌي زبان، خاص طرح سان “ساهتي” پرڳڻي واري لهجي ۾ پڻ ڪيتريون ئي نيون تبديليون ۽ نوان ۽ واڌارا رونما ٿي چڪا آهن. هونئن به ٻوليءَ جي ماهرن جو چوڻ آهي ته علمي، ادبي ۽ مهذب ٻوليون ويهن ورهين کان پوءِ، پاڻ ۾ نيون تبديليون ۽ نوان رجحان، نوان اصطلاح ۽ نيون ترڪيبون جذب ڪنديون آهن. انهن ٻنهي ڪتابن ۾ پڻ ان دؤر جي “ساهتي” پرڳڻي اندر جيڪي لفظ، محاورا، پهاڪا ۽ چوڻيون مروج هيون، تن کي نهايت سهڻي انداز ۾ ۽ سليقي سان استعمال ڪيو ويو آهي. اگرچه هن وقت ڪيترائي لفظ، محاورا ۽ اصطلاح متروڪ ٿي استعمال ۾ ڪونه ٿا اچن ۽ انهن جي جاءِ تي ٻيا ڪيترائي نوان لفظ ۽ اصطلاح رواج ۾ آهن. عبدالرزاق جا اهي استعمال ڪيل لفظ ۽ محاورا، سنڌي زبان ۽ لُغت جو هڪ وڏو ورثو آهن. صرفي ۽ نحوي بناوتن جو به جڏهن غور سان جائزو ورتو وڃي ٿو ته ان ڏس ۾ به“ساهتيءَ” جي طرف جيڪي صرفي ۽ نحوي اصول، قاعدا ۽ لوازمات آهن، تن کي گهڻي قدر استعمال ۾ آندو ويو آهي.

عبدالرزاق ميمڻ جي انهن ٻنهي نثري ڪتابن جي مطالعي مان اها ڳالهه به صاف طرح سان نظر اچي ٿي ته سندس نثري عبارت تي عربي، فارسي ۽ انگريزي زبانن جو به وڏو اثر آهي. هن پنهنجي نثري عبارت ۾ عربي، فارسي ۽ انگريزي زبانن جا لفظَ اڪثر جاين تي ڪثرت سان استعمال ڪيا آهن. عبدالرزاق خود پنهنجي انهيءَ ڪوتاهيءَ جو ذڪر، پنهنجي ڪتاب”گُلُئني” ۾ هن طرح سان ڪري ٿو:

“مون کي پڪ آهي ته ضرور ڪي صاحب اها تنبيه ڪندا ته هن ڪتاب ۾ گهڻا انگريزي لفظ ڪم آندل آهن، ۽ عربي ۽ فارسي لفظن جو پڻ گهڻو تعداد ڪم آندو ويو آهي. منهنجو ادب سان هيءُ چوڻ آهي ته انگريزي زبان، جا هينئر حڪومت جي زبان آهي، انهيءَ جا ڪي لفظ جي هن ڪتاب ۾ حڪمراني ڪن ٿا،انهن جي عيوض مون ڪي پنهنجي زبان ۾ وڏيڪ موزون لفظ نه سُجها ۽ منهنجو اهو به ادب سان عرض آهي ته جي اهي لفظ مروج نه آهن ته جيڪڏهن ڪو اسان وٽ سنڌي زبان ۾ انهن جو هم لفظ موجود نه آهي، ته انهن جي عيوض انگريزي لفظن جو استعمال غير موزون نه ٿيندو.”(14)

مٿئين عبارت ۾ اگرچه عبدالرزاق خود پنهنجي انهيءَ مذڪور ڪوتاهيءَ جو اعتراف ڪندي ان ڳالهه جي صفائي پيش ڪرڻ جي سلسلي ۾ دليل ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر هتي ايترو چوڻ بيجاءِ نه ٿيندو ته سنڌي زبان ايتري ته وسيع ۽ ڪشادي آهي، جو اُن ۾ ٻين ڌارين ٻولين جا هزارين لفظ ملن ٿا ۽ ساڳئي وقت انهن جا هم معنيٰ نعم البدل پڻ موجود آهن. ان ڪري اسان عبدالرزاق جي انهيءَ مٿئين بيان سان سُهمت نه آهيون، ۽ نه وري سندس پيش ڪيل صفائيءَ سان متفق آهيون. بهرحال، انهيءَ ڪوتاهيءَ جي باوجود عبدالرزاق جون اهي ٻئي نثري تصنيفون پنهنجيءَ جاءِ تي سنڌي نثري ادب جو هڪ وڏو شاهڪار آهن.

عبدالرزاق “رفعت” جي شاعري:

عبدالرزاق ميمڻ سنڌي زبان ۾ شعر ۽ شاعري به ڪئي آهي، جنهن جو مٿي مختصر ذڪر ڪري آيا آهيون. پاڻ پنهنجي شعر ۾ “رفعت” تخلص استعمال ڪندو هو. سندس شعر، ان دؤر جي ڪيترن ئي سنڌ جي مختلف رسالن ۽ مخزنن ۾ ٽڙيل پکڙيل آهي، ۽ ان کي هن وقت تائين ڪنهن به مرتب نه ڪيو آهي. سندس ڇپيل ڪتابن، جهڙوڪ: جهان آرا، گلزار نظم ۽ منڙا ٻول ۾ سندس غزل، نظم، فرد ۽ قطعا وغيره ڪافي انداز ۾ ملن ٿا، جن کي سامهون رکي اهو چئي سگهجي ٿو ته پاڻ سنڌي شاعريءَ ۾ وڏو مقام رکندو هو. جديد شاعريءَ جي هر صنف ۾ کيس چڱو ملڪو حاصل هو. سندس شاعريءَ کي ڏسي اهو چئي سگهجي ٿو، ته اُن تي فارسيءَ جو وڏو اثر غالب هو. جيتوڻيڪ سندس ڪلام اُن وقت جي شاعرن جي ڀيٽ ۾ تمام ٿورو آهي، ليڪن اهو هر لحاظ کان پنهنجي دؤر جي بهترين شاعرن ۾ وڏو درجو رکي ٿو.

ممڪن آهي ته "رفعت" ڪو مجموعو يا ديوان مرتب ڪيو هجي، جو زماني جي ستم ظريفيءَ جو شڪار ٿي ويو هجي! بهرحال، عبدالرزاق "رفعت" جو هٿ اکر لکيل هڪ "بياض" قلمي صورت ۾ سندس لائق پوٽي، اڪرام الله ميمڻ کان ميسر ٿيو آهي، جنهن ۾ پڻ سندس ٿورو ڪلام ملي ٿو. اسان هتي سندس شعر جو ڪجهه انتخاب پڙهندڙن جي ملاحظي لاءِ ڏيون ٿا.

*

غزل

چا نِڏر جي قتل جي ، پِريَن خبر ڪائي نه هِي؟
دلربا وٽ اڄ رقيبو! محفلِ آرائي نه هِي.
رات رانول قُرب مان قاصد مُڪو هو قتل لئي،
چا مگر اهڙو نياپو عزت افزائي نه هِي؟
خون جو ڪاسو ڪڻي، سو پِرتوانن وٽ ويو،
هاءِ جو اُت دوستو! اڄ باده پيمائي نه هِي.
عشق وارن اصل کان هو نينهن جو ناتو ٻڌو،
هو مُقدر ۾ مقرر، ڪنهنجي خود رائي نه هِي.
دلبرِ ديدار لئي، آهُون ڪيم اڌ رات جو،
درد منهنجي جي شمع کي ڪا شناسائي نه هِي.

قسمتِ بد کان زماني ۾ مگر مون کي نصيب،
آستان - يار جي هرگز جبين سائي نه هِي.
چشم - نرگس گلبدن تنهنجي ڪيو مخمور جو،
تنهن نشي کان مون بچڻ جي ڪابه يارائي نه هِي.
خال جي داڻي وڌو هو، زلف جي جو دام ۾،
مون گرفتار - بلا، مُرلي وڄارائي نه هِي.
ضعف اهڙو هو ڪيو حيران پريشان جان - من،
جو اچڻ تنهنجي پسڻ لئي ڪا توانائي نه هِي.
غم الم تنهنجي پرين مون کي ڪيو بيمار پر،
بدنصيبيءَ کان سندم تو وٽ مسيحائي نه هِي.

دم هنيو تنهنجي محبت جو سچڻ مون بوالهوس،
سا سچي ديوانگي هــِي، ڪابه دانائي نه هــِي.
ماه - ڪنعان لئي عزيزا منتظر ۽ دربدر،
مست و لايعقل فقط تنهنجي زليخائي نه هــِي.
عاشق و معشوق ٿا گڏجي ٿين رسوا ذليل،
قيس جي رُسوائي ڇا، ليلىٰ جي رسوائي نه هــِي؟
ڇو حسينن لئي جهڄڻ جي ٿا ملامت مون ڪيو؟

ڇا جهڄڻ جهوري سندم، ڪج تنهائي نه هــِي.
سو ڏسي ظاهر ظهور انجام ڏوهڻ "رفعتا"،
رات ساري وٿ پنهل صبر و شڪيبائي نه هــِي.(15)

*

شل نه منهنجو ڪو لڪائي درد - دل،
پل وري ويتر وڌائي درد - دل.
دل سندو اسباب ڪيڏو ٿا ڏسو،
قافلو سارو لــُٽائي درد - دل.

هر گهڙي ڏوهڻ جي جهوري ڇا هئي؟

هوت جو هر دم سمائي درد - دل.
ڏي ڪناري تان ٿپو ميهر مــُنا!
ســِيرَ ۾ سهڻي گنوائي درد - دل.

ڪيت جي ميلاپ لئي هر صبح و شام.

مارئيءَ کي تو نِـوائي درد - دل.

زندگيءَ جـِـي جي ڪـُنجي ڪا تـُون لهين،

ڪانه ڪم ايندءِ، سِـوائي درد - دل.
ڪير منهنجي درد جو ٿيندو طبيب،
ويچ جون وايون وڃائي درد - دل.
جي ٻـُڏي ڪو بحر- غم جي موج ۾،
تنهن ٻـُـڏ کي تو بچائي درد - دل
درد - دل لئي "رفعتا" ٻـَـڌ تون ڪمر،
تو مـُـئل دل کي جيائي درد - دل.(16)

*

خموشيءَ ۾ لڪل آهن، هزارين خواهشون دل جون،
غريبن جي مٽي تـُـربت، سدائين گـُـل ِ ڏيو آهي،
هزارين حسرتون آهن، دل - بيتاب جي اندر،
نٿو ڪــُـڇجي، مگر ڏاڍو، صبر جو هـُـل پيو آهي.
سچو ئي کيٽُ خواهش جو، ويو خَــس تي ادا هاري!
هينئر تو جهار جهرڪيءَ جو، اجايو غـُـل وڌو آهي.
جتي آهيُ رڳـي وارِي، ۽ بربادِيءَ سندو ڪلر،
اتي "رفعت" ڪڏهن سبزي، نه ٻوٽو گـُـلُ ٿيو آهي.(17)

*

## حوالا


(1) ميمڻ محمد صديق، خانبهادر: "سالانه رپورٽ سنڌ مسلم ادبـي سوسـائٽي حيـدرآباد، سـال 32 -1931ع ۽ ادبي تحفو"، مسلم ادبي اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس، حيدرآباد سنڌ، ص 76
(2) ميمڻ عبدالرزاق: "گـُـئٽي: هڪ جرمن شاعر ۽ ڊرامانويس"، پارٽ پرنٽـنگ پريـس، ڪراچـي سنڌ، 1929ع، ص 5
(3) ايضاً
(4) "حامي" عطامحمد، ڊاڪٽر: "وکريل موتي"، سنڌڙي ڪتابي سلسلو، رتوديرو سـنڌ، 1983ع، ص 67

(5) سڪندري محمد رحيم، مفتي: “پير سائين سيد صبغت الله شاهه(ثاني) جي سيرت”، (مضمون)، ڏسو: “امام انقلاب: سورهيه سائين”، بزم راشد، جامعه راشديه، پير جو ڳوٺ سنڌ، ص 56
(6) ڏسو حوالو نمبر (4)
(7) “حامي” عطامحمد، ڊاڪٽر: “خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو”، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو سنڌ، 1994ع، ص 186
(8) سيد الطاف علي بريلوي: “آل پاڪستان ايڊيوڪيشنل ڪانفرنس ڪِي صد ساله تاريخي ڊائري”(اردو)، مطبوعات آل پاڪستان ايڊيوڪيشنل ڪانفرنس، ڪراچي، ص 7
(9) “حامي” عطا محمد، ڊاڪٽر:“ڪُليات ناز”، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو سنڌ، 1988ع، ص 14
(10) ڏسو حوالو نمبر (2)، ص 1
(11) ميمڻ عبدالرزاق : “جهان آرا”(ناول)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو سنڌ، ڇاپو پندرهون 2005ع، ڏسو “ڇپائيندڙ پاران”
(12) خانزاده سميع الوري: “تزئين ساهتي”(اردو)،خانزاده سميع الوري اڪيڊمي، نوشهروفيروز سنڌ، 1994ع، ص 54
(13) ميمڻ عبدالرزاق: “مٺڙا ٻول”، چندن(اليڪٽرڪ) پرنٽنگ ور ڪس، حيدرآباد سنڌ، 1934ع، ڏسو: “مهاڳ”
(14) ڏسو: حوالو نمبر(2)،ص 2 ۽ 3
(15) ميمڻ عبدالرزاق: “گلزار نظم”، ايڊيوڪيشنل پبلشنگ ڪمپني، ڪراچي سنڌ، ڇاپو ٻيو 1932ع، ص 91 کان 93
(16) ڏسو حوالو نمبر (13)، ص 64
(17) ڏسو حوالو نمبر (11)، ص 38 (اڻ ڇپيل)

---

(1) راقم جڏهن سن 1985ع ۾ “ساهتي پرڳڻي جا قديم علمي مر ڪز” جي عنوان تحت پي ايچ.ڊي جو مقالو تيار پئي ڪيو، ته ان وقت عبدالرزاق عبدالسلام جي احوال بغير “نوشهري فيروز” جو علمي مر ڪز اَڻ پورو ۽ ٻُسو پئي لڳو. ان وقت کان وٺي سندس حياتيءَ جي احوال سان گڏ، سندس علمي، ادبي ۽ تعليمي ڪارنامن جي باري ۾ احوال ڪَٺو ڪندو رهيس. انهيءَ ڏس ۾، عزيزم بشير احمد هيسباڻي صاحب پڻ پنهنجي ملازمتي مشغولين جي باوجود کوجنا ۽ تلاش جاري رکندي، ميان عبدالرزاق جي پوٽي تائين رسائي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو، جنهن وڏي فراخدليءَ سان گهربل مواد فراهم ڪيو ۽ سندس خانداني شجري مرتب ڪرڻ ۾ مدد ڪئي.
(2) ميان عبدالسلام ميمڻ، نوشهري فيروز جي ناميار عالم ۽ حڪيم، حافظ محمد اسماعيل ميمڻ جو ٽيون نمبر فرزند هو،”سنڌ ۾ لوڪل بورڊ ۽ ميونسپل اسڪولن جي ڊائريڪٽري” (مطبوعه: 1917ع، ص 78( مطابق، سندس جنم 15- مئي 1875ع تي نوشهري فيروز ۾ ٿيو. پاڻ ان زماني جي تعليمي رواج موجب سنڌي ورنيڪيولر (فائينل/ ڪاميٽي) جو امتحان پاس ڪيل هو ۽ ان سان گڏ عربي ۽ فارسيءَ جو به وڏو عالم هو. سنڌي فائينل پاس ڪرڻ کان پوءِ، لوڪل بورڊ جي تعليم کاتي جي حيثيت ۾ استاد جي ملازمت اختيار ڪيائين.

ٽريننگ ڪاليج فارمين، حيدرآباد سنڌ مان ٽريننگ جو ٽيون سال 1896ع ۾ وڏيءَ امتيازي حيثيت سان پاس ڪيائين. پاڻ موري ۽ نوشهري فيروز جي سنڌي پرائمري اسڪولن جو هيڊماستر ٿي رهيو. ان کان پوءِ، ترقي ڪندي آخر ۾ ڊپٽي انسپيڪٽر آف اسڪولس جي عهدي تي پهتو، جتان 1930ع ۾ 55 ورهين جي عمر ۾ پينشن تي لٿو. عبدالسلام 1936ع- 1937ع ڌاري هن فاني جهان مان رحلت ڪئي. پاڻ نوشهري فيروز جي قديم قبرستان، "ميان عدر سلطان" ۾ مدفون آهي. کيس ٻه فرزند ٿيا، هڪ ميان عبدالرزاق ۽ ٻيو ميان عبدالفتاح، جن مان عبدالفتاح لاولد فوت ٿيو. ميان عبدالسلام جو هڪ ڪتاب، "سنڌ جي مختصر تاريخ" (ٻالهين ۾) شايع ٿيل آهي. هن انهيءَ ڪتاب جو مسودو اڃا لکي تيار مس ڪيو هو، ته پاڻ رحلت ڪري ويو. ميان عبدالرزاق جو قول آهي ته انهيءَ ڪتاب جي مُسودي تي سندس استدعا تي علامه ڊاڪٽر دائودپوٽي صاحب نظرثاني ڪئي هئي. ڪرائون سائيز ۾، 112 صفحن تي ڦهليل اهو ڪتاب 1937ع ۾ ڪپور برادرس، ڪراچي سنڌ طرفان شايع ٿيو.

(3) نوشهروفيروز ايامن کان وٺي صنعت ۽ حرفت ۾ وڏي عروج تي پئي رهيو آهي. قديم زماني ۾، هن شهر ۾ "صابڻ سازيءَ" جو هُنر تمام عروج تي هو ۽ هتي تمام عمدي قسم جو "صابڻ" تيار ڪيو ويندو هو. انهيءَ نسبت سان هتي خاص "صابُو گرن" جو هڪ محلو آباد هو، جتي صابڻ ٺاهڻ جا ڪارخانا قائم هئا. انگريزن جي پوئين دؤر ۾، "صابُوگرن" پنهنجو اهو پراڻو اباڻو ڌنڌو ڇڏي، درزڪو ڪم اختيار ڪيو ۽ ان ۾ وڏي مهارت حاصل ڪئي.

(1) حافظ محمد اسماعيل ميمڻ ، نوشهري فيروز جو ويٺل هو. نوشهري فيروز ۾ هيءُ خاندان قديم زماني کان وٺي "خطيب" گهراڻي جي نالي سان سڏيو ويندو هو. هن خاندان مان پنهنجي وقت جا وڏا عالم، حافظ ۽ خطيب ٿي گذريا آهن. حافظ محمد اسماعيل عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻولين تي ڪامل عبور رکندڙ هو. قرآن شريف، تفسير ۽ حديث تي پڻ سندس وسيع نظر هئي. پنهنجي محلي جي مسجد ۾ قائم ڪيل مدرسي ۾ ديني علمن سان گڏ، قرآن پاڪ جي حفظ ڪرڻ جو درس پڻ ڏيندو هو. حافظ صاحب پنهنجي وقت جو هڪ وڏو لاثاني حڪيم هو. حافظ محمد اسماعيل جي وفات جي تاريخ جو ڪوبه پتو ڪونه ٿو پوي.

(1) نوشهروفيروز، قديم زماني کان وٺي "ساهتي" پرڳڻي جو هڪ اهم ۽ مکيه مرڪزي شهر رهندو پئي آيو آهي. انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ، ورهين تائين هتي انگريزي تعليم پرائڻ لاءِ ڪنهن به قسم جو ڪو خاطرخواه بندوبست ٿيل ڪونه هو. ساهتي پرڳڻي جا هندو شاگرد تعليم پرائڻ لاءِ حيدرآباد ويندا هئا. مسلمانن جي ٻارن کي هندن جي قائم ڪيل انگريزي اسڪولن ۾ اڪثر گهٽ داخلا ملندي هئي. انهيءَ ڪري، مسلمانن جا ٻار انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ٿرپارڪر ضلعي ۾ "پٿوري مدرسي" يا "سنڌ مدرسته الاسلام" ڪراچيءَ ويندا هئا. اهڙين حالتن کان متاثر ٿي،"دربيلي"

شهر جي زميندار ۽ قومي درد رکندڙ، سيد الهه آندي شاهه مسلمانن لاءِ جديد انگريزي تعليم سان گڏ، ديني ۽ مذهبي تعليم جي ڏس ۾ سن 1902ع ۾ نوشهري فيروز ۾ "مدرسه هاءِ اسڪول" جو بنياد وڌو. هن مدرسي ۾ شروع ۾ ڇهين درجي انگريزيءَ تائين تعليم ڏني ويندي هئي. "ساهتيءَ" جي سرنديءَ وارن هن مدرسي جي وڌيءَ فراخدليءَ سان مالي مددڪئي هئي.

سن 1909ع ۾ هن مدرسي کي "محمدن ائسوسيئيشن" کان آزاد ڪري، سندس انتظام لوڪل بورڊ نوابشاهه جي حوالي ڪيو ويو. ان کان پوءِ ا ڳتي هلي، مدرسي کي "هاءِ اسڪول" جي سطح تي آندو ويو ۽ 1918ع تائين ان ۾ مئترڪ تائين تعليم ڏيڻ جو انتظام ڪيو ويو. ان کان اڳ ۾ لو ڪل بورد 1904ع ڌاري شاگردن جي رهڻ لاءِ هڪ عاليشان بورڊنگ هائوس تعمير ڪرائي هئي. علامه ڊاڪٽر دائودپوٽو صاحب پڻ 1917ع ۾ لاڙڪاڻي مان پنج درجا انگريزي پاس ڪري، ڇهون درجو پڙهڻ لاءِ نوشهري فيروز آيو هو. علامه صاحب، "پنهنجي مختصر آتم ڪهاڻيءَ" ۾ انهيءَ ڳالهه جو ذ ڪر ڪيو آهي.(وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو راقم جو مقالو،"مدرسه هاءِ اسڪول نوشهروفيروز - تواريخ جي روشنيءَ ۾"، ماهوار "الرحيم" حيدرآباد سنڌ، مئي - جون 1987ع، ص 14 کان 22)

(1) آنجهاني ٽي.ايڇ.وائينس سن 1903ع کان 1922ع تائين سنڌ مدرسته الاسلام، ڪراچيءَ جو پرنسيپال ٿي رهيو. انهيءَ دور کي سنڌ مدرسي جو سونهري دور ڪري سڏيو وڃي ٿو. وائينس صاحب، مدرسي جو پرنسيپال ٿي اچڻ کان اڳ ۾، علي ڳڙهه جي ايم.اي.او ڪاليج ۾ پروفيسر هو، جتي کيس چڱي موچاري پگهار ملندي هئي. ليڪن، هن سنڌي مسلم قوم سان محبت ۽ پيار خاطر اهو سڀ ڪجهه ڇڏي، هتي اچڻ قبول ڪيو. هن پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ مدرسي اندر نه صرف تدريسي لحاظ کان ان جي معيار کي بلند ڪيو، پر غيرتدريسي سرگرمين کي پڻ زور وٺايو. پاڻ ويهه ورهيه لاڳيتو مدرسي جو پرنسيپال ٿي رهيو. آگسٽ 1922ع ۾ لنڊن ۾ وفات ڪيائين.

(1) سنڌ جو مشهور عالم، اديب ۽ محقق، سنڌي زبان جو ماهر ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جو شارح، ڊاڪٽر هوتچند مُولچند گربخشاڻي 8- مارچ 1884ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو، پرائمري ۽ ثانوي تعليم نهايت ئي امتيازي حيثيت سان حاصل ڪيائين. ڊي.جي. (ڏيارام ڄيٺمل) سنڌ ڪاليج، ڪراچيءَ مان 1905ع ۾ بي. اي. ۽ والسن ڪاليج، بمبئيءَ مان 1907ع ۾ ايم.اي. جا امتحان پاس ڪيائين. تعليم جي مشغلي مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ، پاڻ ساڳئي ڪاليج ۾ انگريزي ۽ فارسيءَ جو اُستاد مقرر ٿيو. 1908ع ۾ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج، ڪراچيءَ ۾ پروفيسر جي حيثيت ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين ۽ آخر ۾ ترقي ڪندي ڪاليج جو پرنسپال مقرر ٿيو. 1928ع ۾ لنڊن يونيورسٽيءَ مان "انگريزي شاعريءَ ۾ تصوف" جي موضوع تي مقالو لکي، پي ايڇ.ڊي جي ڊگري ورتائين. ڊاڪٽر صاحب 11- فيبروري 1947ع تي وفات ڪئي.

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ پنهنجي شروعاتي زندگي، سنڌي ادب ۽ زبان جي ڄاڻوءَ جي حيثيت ۾ شروع ڪئي. کيس سنڌي زبان ۽ ادب سان جُنون جي حد تائين عشق هو. پاڻ هڪ وڏو بلند پايي جو عالم ۽ اديب هو. جيتوڻيڪ سندس تصنيفات ۽ تاليفات جو انداز ٿورو آهي، پر پاڻ سنڌي ادب جي تواريخ ۾ هميشه جاودان ۽ امر رهندو. سندس تصنيفات هڪ سَنَد جي حيثيت رکن ٿيون، ۽ اهي سنڌ جو تمام اهم سرمايو آهن. سندس تصنيفات ۾ شاهه جو رسالو (ٽي جلد)، لنواريءَ جا لال (سوانح) ۽ نورجهان (ناول) شامل آهن.

(1) مير فيض محمد خان بن مير علي مراد خان (7- اپريل 1894ع کان 5- مارچ 1907ع) جي حڪومت جي زماني ۾، سندس نامور وزير، سردار محمد يعقوب خان سن 1904ع ۾ "انگلش مڊل اسڪول" جي نالي سان خيرپور ميرس ۾ هڪ اسڪول قائم ڪيو. ڊاڪٽر حبيب الله صديقي صاحب پنهنجي انگريزي ڪتاب "Education in Sindh: Past & Present" (ص 165)۾ سردار محمد ابراهيم کي ان اسڪول جو باني ڪري لکيو آهي، جو بلڪل غلط آهي. دراصل، انهيءَ اسڪول جو بنياد وجهندڙ سردار يعقوب خان هو. سردار محمد ابراهيم خان، سردار محمد يعقوب جو پاءُ هو ۽ مير امام بخش خان بن مير فيض محمد خان (اول) جي دؤر ۾ شيخ صادق عليءَ جي وفات کان پوءِ مئي 1912ع تي وزير ٿيو. (مرزا قليچ بيگ: "رياست خيرپور"، ص 145) انهيءَ "انگلش مڊل اسڪول" جو پهريون هيڊماستر نورالدين احمد غلام علي نانا هو. ان مڊل اسڪول کي بعد ۾ هاءِ اسڪول جي سطح تي آندو ويو ۽ ان جو پهريون هيڊماستر عبدالمجيد دريشاڻيءَ کي مقرر ڪيو ويو. هيءُ اسڪول، جڏهن اجا هاءِ اسڪول ڪونه ٿيو هو، ته سن 1915ع ڌاري ٽريننگ ڪاليج فارمين، خيرپور جي هاسٽل ۾ هلندو هو. سن 1921ع ۾ مير علي نواز خان "ناز" خيرپور رياست جي تخت تي ويٺو. سندس دؤرِ حڪومت ۾، سن 1923ع ۾ انهيءَ هاءِ اسڪول کي "ناز هاءِ اسڪول" جو نالو ڏنو ويو ۽ عبدالرزاق عبدالسلام کي ان هاءِ اسڪول جو پرنسيپال مقرر ڪيو ويو. "ناز هاءِ اسڪول" ان وقت پوليس هيڊڪوارٽر جي فوجداري بلڊنگ ۾ قائم ڪيو ويو هو. ان کان پوءِ جڏهن الله ڏنو سيال، خيرپور رياست جو وزير تعليم هو ۽ هُن "ڪرنل شاهه" هاسٽل تعمير ڪرائي، ته ان وقت هن اسڪول کي ٿوري وقت لاءِ انهيءَ عمارت ۾ منتقل ڪيو ويو. سن 1952ع ۾ خيرپور رياست جي وزير، ممتاز قزلباش موجوده عمارت جي تعمير جو ڪم شروع ڪرايو ۽ 1955ع ۾ انهيءَ نئين عمارت ۾ "ناز هاءِ اسڪول" هلڻ لڳو. ون يونٽ ٺهڻ کان پوءِ، جڏهن خيرپور رياست جو درجو ختم ڪيو ويو، ته 1960ع ۾ هڪ پراجيڪٽ تحت "ناز هاءِ اسڪول" جو نالو بدلائي، "ناز پائلٽ سيڪنڊري اسڪول" رکيو ويو. (ناز هاءِ (Siddiqui Habibullah: Education in Sindh- Past & Present

اسڪول، خاص ڪري خيرپور رياست ۽ اترئين سنڌ جي علائقي ۾، انگريزي تعليم کي ڦهلائڻ جي سلسلي ۾ وڏو تواريخي ڪردار ادا ڪيو آهي.

(1) مفتي محمد رحيم سڪندريءَ کان سهو ٿي آهي. ان زماني ۾ "ناز هاءِ اسڪول"، خيرپورميرس اجا ڪاليج ڪونه ٿيو هو. ان وقت سنڌ ۾ ٽن وڏن تعليمي ادارن جي سربراهن کي "هيڊماستر" جي بدران "پرنسپال" سڏيو ويندو هو، جهڙوڪ: سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچي، مدرسته هاءِ اسڪول نوشهروفيروز ۽ ناز اسڪول خيرپورميرس.

(1) انهن تعليمي ڪانفرنسن جي پهرئين ڪانفرنس 1886ع ۾ علي ڳڙهه ۾ ٿي، جنهن جو ذڪر "محمدن اينگلو اوريئنٽل ڪانفرنس" جي نالي سان برصغير جي تواريخ ۾ ملي ٿو. بعد ۾، اهڙين ڪانفرنسن کي "آل انڊيا مسلم ايڊيوڪيشنل ڪانفرنس" جو نالو ڏنو ويو. پاڪستان جي قيام کان پوءِ، 1952ع ۾ ان ڪانفرنس جو پهريون اجلاس ڪراچيءَ ۾ ٿيو. (سيد الطاف علي بريلوي: "آل پاڪستان ايڊيوڪيشنل ڪانفرنس ڪِي صد ساله تاريخي ڊائري"، صه 4 کان 7)

(2) مير علي نواز خان "ناز" جي حڪومت جي زماني ۾ 8- فيبروري 1925ع تي خيرپور ميرس ۾ "آل سنڌ مسلم ايڊيوڪيشنل ڪانفرنس" جو هڪ وڏو اجلاس ٿيو هو، جنهن ۾ سنڌ جي تعليم جي ترقيءَ لاءِ ڪيتريون ئي رِٿُون بحال ڪيون ويون هيون. انهيءَ ڪانفرنس جو سمورو خرچ خيرپور رياست جي طرفان ٿيو هو ("حامي" عطا محمد، ڊاڪٽر: "خيرپور جي ميرن جو سنڌي ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو"، ص 186)

(3) سر ابراهيم رحمت الله، پنهنجي دؤر جو هڪ برک سياستدان ۽ واپاري هو. مئي 1862ع ۾ بمبئي جي خوجا خاندان ۾ پيدا ٿيو. بمبئيءَ ۾ ئي تعليم حاصل ڪيائين. برطانيه سرڪار کيس سماجي ۽ سياسي خدمتن جي عيوض "سر" جو خطاب ڏنو. برطانيه ۾ پاڪستان جو پهريون سفير، رحمت الله ابراهيم سندس فرزند هو، جو پڻ ابراهيم رحمت الله جي نالي سان سڏيو ويندو هو. انهيءَ ڪري، انهن ٻنهي نالن ۾ "سر" سان امتياز ڪيو ويندو هو. سر ابراهيم رحمت الله 1892ع کان 1918ع تائين بمبئي ميونسپل ڪارپوريشن جو ميمبر ٿي رهيو ۽ سن 1899ع ۾ ڪارپوريشن جو صدر به ٿيو. 1904ع ۾ بمبئيءَ جو شيرف مقرر ٿيو. ويهه ورهيه لاڳيتو بمبئي قانون ساز جو ميمبر ٿي رهيو. 1913ع کان 1916ع تائين امپريل ليجسليٽو ڪائونسل جو رُڪن به ٿي رهيو. 1923ع کان 1928ع تائين امپرومينٽ ٽرسٽ جو رُڪن پڻ رهيو. 1931ع ۾ انڊين ليجسليٽو اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو، ۽ ان وقت کان وٺي آل انڊيا مسلم ليگ جي پليٽ فارم تان سياسي سرگرمين جي شروعات ڪيائين. هن ڊسمبر 1915ع ۾ ناگپور ۾ زوري تعليم جي حق ۾ هڪ شاندار تقرير ڪئي. 1913ع ۾ مٿئين اجلاس ۾، جو آگري ۾ ٿيو هو، ان جي پڻ صدارت ڪيائين. سن 1915ع ۽ 1916ع وارن اجلاس جي صدارت ڪندي، ڪُليءَ طرح انگريزن

جي خلاف، سياسي ۽ آئيني مسئلن تي خيالن جو اظهار ڪيائين. ڊسمبر 1924ع ۾ بمبئيءَ جي آل انڊيا مسلم ايڊيوڪيشنل ڪانفرنس جي 37 هين اجلاس دوران صدارتي خطبي ۾ سائنسي علوم جي حق ۾ تقرير ڪيائين. 1942ع ۾ بمبئيءَ ۾ وفات ڪيائين. (سيد قاسم محمود: انسائيڪلوپيڊيا پاڪستانيڪا”- اردو، شاهڪار بوڪ فائونڊيشن، ڪراچي سنڌ، 1998ع، ص 153)

(1) عبدالرزاق ميمڻ جي خاندان جي شجري لاءِ ڏسو، ضميمو (6)

(1) “شهاڻي”، هندن جي نک “بنيجا” مان آهن. ديوان پيرومل آڏواڻي لکي ٿو ته عام طرح سان هر ڪنهن آڪهه وارا پاڻ کي پنهنجي ڪنهن وڏي ڏاڏي جي نالي پٺيان سڏائيندا آهن، پر “شهاڻين” جي حالت ۾ ائين نه آهي. ميرن جي صاحبيءَ ۾ “چانڊڪا” پرڳڻي (لاڙڪاڻي) جو گورنر “شاهه بهارو” هو،... جنهن جي نالي پٺيان هي پاڻ کي “شهاڻي” سڏائڻ لڳا. (“سنڌ جي هندن جي تاريخ” - جلد پهريون، ڇاپو ٻيو 2002ع، ص 11-210) انهيءَ متئين بيان ۾ ديوان پيرومل غلطي ڪئي آهي.دراصل، شاهه بهارو ميرن جو نه، پر ڪلهوڙن جي دؤر ۾ اتان جو حاڪم ۽ جنرل هو.

ديوان صاحب سنگ چنداسنگ شهاڻي 1867ع ۾ ڄائو. هن بمبئيءَ جي ايلفنسٽن ڪاليج مان انگريزي ادب ۾ ايم.اي پاس ڪئي. پاڻ پهريون سنڌي ماڻهو هو، جو ڊي. جي. سنڌ ڪاليج، ڪراچيءَ جو پرنسيپال مقرر ٿيو. هن جي زماني ۾ ڪاليج وڏو اوج حاصل ڪيو. انجنيئرنگ ڪاليج ۽ لا ڪاليج کولايائين. زرعي ڪاليج، ڪمرشل ڪاليج ۽ سنڌ ۾ يونيورسٽي قائم ڪرڻ جي دل ۾ وڏي تمنا هئس. سنڌي زبان جو وڏو عاشق هو.”چنڊول” ۽ “وهيو” پڪي سندس مشهور مضمون آهن. “بلو کوکر” ۽ “تارن جو اپياس” ناول لکيائين. بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ “سنڌيءَ” جو ممتحن هو. سندس ئي ڪوشش سان 1924ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ بي.اي جي سطح تائين “سنڌيءَ” کي نصاب ۾ آندو ويو. پاڻ بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ “سينيٽ” جو ميمبر، ۽ “سنڌي بورڊ آف اسٽڊيز” جو چيئرمن ٿي رهيو. 1927ع ۾ 60 ورهين جي عمر ۾ ڪاليج مان رٽائر ڪيائين. آخر ۾ گئنگرين ٿيس، جنهن ڪري ديهانت ڪري ويو.(آڏواڻي پيرومل: “سنڌ جي هندن جي تاريخ “ - جلد ٻيو، گلشن پبليڪيشن، حيدرآباد سنڌ، ڇاپو ٻيو 2003ع، ص 279 کان 281.

(1) “گلزار نظم” جو اصل ڇاپي ڪتاب ، محترم محمد علي حداد، خيرپور جي ذاتي ڪتبخاني ۾موجود آهي، جتان پروفيسر محمد پنهل ڏهر اُن جو فوٽو اسٽيٽ ڪرائي، اسان کي فراهم ڪيو.

# سيد الهندو شاهه

شاهد چنه

جڏهن برصغير ۾ تعليم جي کوٽ هئي ته ان وقت سنڌ جي آفندي خاندان جيان ساهتيءَ جي سپوت سيد الهندو شاهه 33 سالن جي ننڍڙي عمر ۾ 1883ع ڌاري مدرسه هاءِ اسڪول نوشهروفيروز جوڙايو، انهي مڪتب مان ڪيترا ئي عالم اديب پڙهي نڪتا. علامه آءِ آءِ قاضي کان وٺي ڊاڪٽر دائودپوٽي تائين، کوڙ سارا سنڌ جا ماڻهو جيڪي علمي روشنيءَ کان وانجهيل هئا انهن اها علمي لاٽ اتان ئي حاصل ڪئي. سيد الهندي شاهه جون ڪوششون علمي حوالي سان ساراهڻ جوڳيون هيون. چو ته برطانوي راڄ دوران، سنڌ ۾ تعليم جو فقدان ۽ اڻهوند انتهائي حد کان وڌيڪ هئي. انهن حالتن کي نظر ۾ رکندي، سيد الهندي شاهه سنڌ جي ماڻهن لاءِ علمي مڪتب کولي وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو. اهو ئي سبب آهي جو، هن وقت به هند توڙي سنڌ ۾، جن به هن مڪتب مان علم جي روشني حاصل ڪئي، سي اڄ به سيد الهندي شاهه کي ياد ڪري سندس فضيلتن جو بيان ڪندي ڪيس ساراهين ٿا.

حقيقت به اها آهي ته سنڌ جي هن سپوت پاران، جيڪڏهن هي مدرسه هاءِ اسڪول ١٩هين صديءَ ۾ نه جڙي ها ته ڪيترا ئي عالم اديب، جنم نه وٺن ها. افسوس جو سنڌ حڪومت کان وٺي ڪنهن ساجاهه وند تائين، ڪو به هن ڪاهوڙي ڪردار جي ياد تازي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. نه وري ڪڏهن سندس جوڙايل مڪتب ڏي، ڪنهن منهن ورائي ڏنو آهي ته ان جي حالت، پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ ڪهڙي بڻجي وئي آهي. اهي هاسٽلون، اهي ڪلاس روم ۽ سندس جوڙايل انهيءَ پارڪ ۽ لائبريريءَ جو هن وقت نشان به نظر نٿو اچي. ان تباهيءَ تي پيو ڪو ڳوڙها ڳاڙي نه ڳاڙي پر درپيلي ۾ ١٩ آڪٽوبر ١٩١٩ع تي، هيءُ جهان ڇڏيندڙ، سيد الهندي شاهه ضرور لڙڪ لاڙيا هوندا. ڪيڏي نه افسوس جوڳي ڳالهه آهي، جو سندس جوڙايل تاريخي مدرسه هاءِ اسڪول کي سوا صدي گذري چڪي آهي پر هن وقت تائين ان جي تاريخي حيثيت کي وڌائڻ لاءِ ڪهڙي به سرڪار ڪردار ادا ناهي ڪيو.

جنهن جي ڪري هن وقت ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سيد الهندي شاهه جي خدمت ۽ وقار کي جيڪڏهن اڳتي وڌائڻو آهي ته سنڌ جي ساجاهه وندن کي ان جي ٻاريل شمع کي روشن ڪرڻو پوندو.

اڄ به سيد الهندي شاهه کي سنڌ ساري ٿي. ان جي مڪتب ڏانهن نهاري ٿي. چوي ٿي ته؛ سيد الهندي شاهه جي ٻاريل شمع کي اچو ته

روشن ڪريون. افسوس جو سنڌ جي ٻين عظيم هستين جيان سيد الهندو شاهه به سنڌ کان وڇڙي ويو. سچي سنڌ توڙي هند، کيس اڄ به خراج عقيدت پيش ڪري ٿي.

## ڪامريڊ تاج محمد ابڙو

منير چانڊيو

ڪامريڊ تاج محمد ابڙو صاحب، سنڌ جو هڪ محب وطن ۽ انسان دوست اديب، سياستدان، صحافي، استاد ۽ سماج سڌارڪ هو. جنهن سنڌ ۾ پورهيت، مظلوم ۽ محڪوم عوام جي حقن لاءِ ۽ جاگيرداراڻي ۽ طبقاتي نظام جي ظلم، جبر، ڏاڍ، ڌڪاءَ ۽ ٻين سمورين بڇڙاين جي خلاف جدوجهد ڪئي. هن سنڌ ۾ علمي، ادبي، سياسي، سماجي ۽ قومي نئين سجاڳيءَ لاءِ ۽ برابريءَ سماجي انصاف لاءِ پنهنجو پاڻ ارپي ڇڏيو.

## سنڌي ادبي سنگت جو باني دادا گوبند مالهي

شاهد چنه

جتي سنڌ جي عظيم هستين جو ذڪر اچي ٿو اتي ڏات جا ڌڻيا ٻارينڊڙ گوبند مالهي به هڪ اهڙي عظيم شخصيت آهي جنهن علم ۽ ادب، سياست ۽ پورهيت سماج لاءِ، اهڙي جدوجهد ڪئي جو صدي گذرڻ باوجود به سندس نانءُ سيني مورچن تي سپهه سالار جي حيثيت ۾ اڄ به موجود آهي.
گوبند مالهي، ساهتي پر ڳڻي جي شهر نارو شاهه ۾ 8 آگسٽ 1921ع ۾ جنم ورتو. هن علمي ادبي حوالي سان ايڏو ته مان ماڻيو جو اڄ به ادبي ڪيتر ۾ نمايان نظر اچي ٿو.
هن سنڌي ادبي سنگت جو بنياد وڌو ۽ سنڌي ادب، سياست، ناٽڪ، ڊراما، ڪهاڻيون ۽ تنقيدي ادب تي 36 ڪتاب لکيائين. جنهن ۾ ”ڳالهيون منهنجي ڳوٺ جون“، ”شرم ٻوٽي“، ان کان علاوه ”سنڌوءَ ڪناري“ فلم به جوڙيائين پر وقت جي بيرحم وهڪري جڌهن کيس ماتر ڀومي کان ڇني ڌار ڪيو ته وطن جي سرحد ڳوڙها ڳاڙيندي پار ڪري ڀارت پهتو. ان اتي به سنڌ ۽ سنڌي ادب لاءِ تمام گهڻو جاکوڙيو ۽

سنڌي ٻوليءَ لاءِ اتان جي ته-مورتي؛ ڪيرت، اتم ۽ مالهي ايتري ته جدوجهد ڪئي جو نتيجي ۾ هندستان اندر سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي جو درجو ڏنو ويو. مالهي جڏهن پنهنجي ماتر ڀومي سنڌ گهمڻ لاءِ 1984ع ۾ هتي آيو ته ڪراچيءَ جي آرٽ ڪائونسل ۾ سڳا پاران ڏنل آجياڻي دوران سنڌ جي ڏات ڌڻين سان مخاطب ٿيندي نيڻن مان نير وهائيندي چيو هيائين ته؛ ”جنهن مالهي 13 آڪٽوبر 1946ع ۾ سنڌي ادبي سنگت جو ننڍڙو ٻوٽو پوکيو هجي ۽ اهو ٻوٽو جڏهن وڏو ٿي خوشبو جو رس ڦهلائي ۽ ان وقت ان مالهيءَ کي ان وڻ کان ڌار ڪيو وڃي، اوهان ٻڌايو ته ان وقت ان مالهيءَ جي ڪهڙي حالت ٿي هوندي؟“

واقعي به مالهي سنڌي ادب جي حوالي سان جيڪو ٻوٽو پوکيو، ان جي خوشبوءِ جڏهن ڦهلجڻ لڳي ته کيس ٽڪي ڌار ڪيو ويو. مالهي ممتا جي هنج ڇڏڻ بعد به الهاس ننگر جي اداس گهٽين ۾ خاموش ٿي نه ويٺو. لطيف جي ان سٽ وانگي؛ ”جان جان هئي جيئري، ورچي نه ويٺي.“

واقعي به مالهي پنهنجي زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين خاموش ٿي نه ويٺو.

هن سڄي زندگي سنڌي ادب ۽ پورهيت جدوجهد لاءِ ڪم ڪيو. انهيءَ جاکوڙ ۾ 10 فيبروري 90 واري ڏهاڪي ۾ وڇڙي ويو، جنهن کي اڄ به دادا گوبند مالهي جي حوالي سان سنڌ توڙي هند ۾ ياد ڪيو وڃي ٿو ۽ جيستائين سنڌي ٻوليءَ ۽ ان کي چاهيندڙ رهندا، گوبند مالهي جو نالُ امر رهندو.

## پيرل قمبر

رحيم منگي

پيرل قمبر، في البديه شاعر هو. سندس پورو نالو؛ پير محمد ولد امام بخش ”عاصي“ سومرو هو. غريب گهراڻي سان تعلق رکندڙ پيرل، تعلقي ميروخان جي ڳوٺ ٻُنيءَ ۾ 17 جولاءِ 1933ع تي پيدا ٿيو. هن سنڌي فائنل ڪئي ۽ 3 درجا انگريزي پڙهيو. 1954ع ۾ قمبر پرائمري اسڪول ۾ ماستر ٿيو. هن 1956ع کان شاعريءَ جي شروعات ڪئي. غزل، گيت، وايون، ڪافيون، مولود، نعتون، بيت، نظم، قصيده،

ڳجهارتون ۽ سهرا پڻ لکيائين. سنڌي فلمن ”سورٺ“، ”غيرت جو سوال“، ”هاري“ ۽ پرائي زمين ۾ گيت پڻ لکيائين، جيڪي مشهور ٿيا.
سنڌي، اردو، هندي، سرائڪي ۽ انگريزيءَ ۾شاعري ڪيائين. 5 هزارن کان وڌيڪ شعر لکيا اٿس. سندس ڪلام ڪيترن فنڪارن ڳايا، جن مان ڪيترا ريڊيو پاڪستان تي نشر ٿيا.
1960ع جي ڏهاڪي ۾ مغربي پاڪستان جي گورنر جنرل موسيٰ خان صدر ايوب خان طرفان انعام حاصل ڪيائين. کيس برطانيه جي راڻي ايلزبيٿ جي پٽ شهزادي چارلس جي تاج پوشي تي لکيل انگريزي شعر تي راڻي پاران تعريفي سرٽيفڪيٽ، ايران جي شهنشاهه رضا شاهه پهلوي جي تاج پوشي جي موقعي تي اردوءَ ۾ موڪليل شعر تي گولڊ ميڊل مليا.
سندس شاعريءَ جا 8 ڪتاب ڇپيا، جن ۾ سلامِ محبت، جذبئه دل، باغ فردوس، يادگار زندگي، نگاهه محبت ۽ تصوير صنم شامل آهن.
1979ع ۾ شهدادڪوٽ لڏي ويو. ”پيرل بزم قمبر“ پڻ پنهنجي جيئري شهدادڪوٽ ۾ قائم ڪيائين. کيس، سندس مجتا ۾، شهدادڪوٽ جي اديبن ۽ سڄاڻ فردن 7 نومبر 1985ع تي 14 تولن جو سونو تاج پارايو ۽ ميونسپل شهدادڪوٽ طرفان سندس لاءِ ماهوار وظيفو مقرر ڪيو ويو. سندس وفات دل جي دؤري سبب 24 ڊسمبر 1994ع تي شهدادڪوٽ ۾ ٿي. سندس شاگردن 1997ع ۾ سندس شاعريءَ جو مجموعو، اگهاڙا پير ٽانڊن تي، سهيڙي ڇپرايو.

## رستم سنڌ، پهلوان شير ميربحر

- ذوالفقار خاصخيلي

سنڌ جي قومي ملهه جو سدا حيات پهلوان رستم سنڌ شير ميربحر، 21 جون 1924ع ۾ فاريسٽ آفيسر علي محمد ميربحر جي گهر ۾ جنم ورتو. شروعاتي تعليم حاصل ڪرڻ کانپوءِ سندس سڄو ڌيان ملهه جي طرف هو. شروعاتي دور ۾ نندن ملاکڙن ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ کانپوءِ، ان وقت ۾ سنڌ ليول تي نئون ديرو ضلع لاڙڪاڻو ۾ زبردست ملاکڙو ٿيو، جنهن ۾ هن پهلوان پهرئين جوڙ جي مشهور ملهه پهلوان اقبال جوڻيجي، پنجل مهر ۽ هنڊال مڪرانيءَ کي شڪست ڏئي پنهنجو ڌاڪو ڄمايو ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي پاءُ، امداد علي ڀٽو طرفان رکيل انعام حاصل ڪيو.

رستم سنڌ، پهلوان شير محمد ميربحر 32 سالن تائين ملهه جي ميدان ۾ ناقابل شڪست رهيو. ڪيترن ئي ملڪي ۽ غير ملڪي پهلوانن کي شڪست ڏئي "رستم سنڌ" جو ٽائٽل حاصل ڪيائين، جيڪو آخر تائين سندس نالي جو حصو رهيو. 1962ع ۾ هالا دنگل ۾، چيڪو سلاويه جي پهلوان ذبيسڪو کي شڪست ڏنائين. انهيءَ ملاڪڙي جو اهتمام، مخدوم محمد الزمان طالب المولٰي ڪيو هو.

بعد ۾ نياز اسٽيڊيم حيدرآباد ۾، هندستان جي پهلوان گرنام سنگهه کي شڪست ڏنائين. ان کانپوءِ نيشنل اسٽيڊيم ڪراچيءَ ۾ انگلينڊ جي پهلوان آسٽن جيري کي شڪست ڏئي پنهنجي ملڪ ۽ قوم جو نالو روشن ڪيائين.

رياست خيرپور جي والي، مير علي مراد خان ٽالپر، فيض محل ۾ هڪ ملاکڙو منعقد ڪرايو، جنهن جو مهمان خاص ان وقت جو صدر پاڪستان، فيلڊ مارشل محمد ايوب خان هو.

ان ملاکڙي ۾ پهلوان شير ميربحر، افغانستان جي پهلوان قطب خان سميت ٽن پهلوانن کي شڪست ڏئي، ڪاميابي حاصل ڪئي. جنهن تي ايوب خان کي مجبور ٿي چوڻو پيو ته؛ "شير واقعي شير آهي."

رستم سنڌ، پهلوان شير محمد ميربحر، سنڌ جي هلندڙ گهمندڙ ثقافت هئي. لڳاتار سنڌ جي مختلف حصن ۾ ٿيندڙ ملاکڙن ۾ ڪاميابيون حاصل ڪري، ملهه جي ميدان ۾ نوان رڪارڊ قائم ڪيائين.

عوامي دور جي حاڪم، شهيد ذوالفقار ڀٽو سندس خدمتن کي مدنظر رکندي 1974ع ۾ کيس ملهه جو قومي ڪوچ مقرر ڪيو هو. پر 1977ع ۾ عوامي حڪومتن کي ختم ڪندڙ، ايشيا جي ماڊل ڊڪٽيٽر جنرل ضياءَ الحق، سندس قومي ڪوچ وارو عهدو ختم ڪري ڇڏيو، جيڪو بعد ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل تي بحال ڪيو ويو.

ڪيڏي نه افسوس جي جهڙي ڳالهه آهي ته جنهن ماڻهوءَ جي سڄي زندگي قوم جي خدمت ڪندي گذري، ان سان اهو سلوڪ ڪيو ويو جو سندس مالي مدد ڪرڻ بجاءِ سندس روزگار به ختم ڪيو ويو. لڳاتار 9 مهينن جي علاج کانپوءِ 28 مارچ تي سنڌ جو هي انمول هيرو اسان کان جدا ٿي ويو ۽ ويندي ويندي شڪايت ڇڏي ويو ته؛ "مان ته سڄي زندگي ملڪ جي خدمت ڪندي گذاري پر مون سان اهو سلوڪ ڪيو ويو، ڇو جو مان هڪ سنڌي پهلوان هئس. پر زندگي جي هن آخري سفر ۾، ڪنهن ڪنهن سان شڪايتون ڪجن."

شل حورن جي هنجن ۾ هجي. سڌ سدائين ڪيس ياد رکندي.

## لڇمڻ ڪومل- شاعر، ليکڪ ۽ صحافي!

شوڪت حسين شورو

لڇمڻ ڪومل 26 مارچ 1936ع ۾ ڪنڊياري، ضلعي نوابشاهه ۾ ڄائو. سندس جنم جو نالو لوڪومل پٽ ديوان چيلارام، آکهه پاٽيا آهي. هن جو ڏاڏو ديوان جاڙومل پاٽيا وڏو زميندار هو، جنهن جون زمينون ڊيپري (دربيلي) ۾ هيون. لڇمڻ جو پيءُ ديوان چيلارام فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ هو. هو هڪ ذهين، پڙهيل ڳڙهيل ڪامورو هو ۽ ڪيس انگريزي ۽ فارسي ادب جو چڱو مطالعو هو. هن لڇمڻ کي شيخ سعدي جو گلستان بوستان واتي ورٽي ياد ڪرايو هو. لڇمڻ پنهنجي والد جي اصرار تي شام جو مسجد جي آخوند وٽ فارسي ۽ اردو پڙهڻ ويندو هو. اسڪول ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ هن جي تعليم سنڌي ۽ انگريزي ۾ ٿي. هو نوَن سالن جي عمر ۾ نوابشاهه جي ولس هاءِ اسڪول ۾ انگريزي جي پهرين درجي ۾ داخل ٿيو. ڪيرت ٻاٻاڻي ان اسڪول ۾ ماستر هو. ورهاڱي وقت نوابشاهه جو ڪليڪٽر مسعود علي خان هو، جنهن بعد ۾ پاڻ کي مسعود کدر پوش سڏايو. هن نوابشاهه مان لڏي ويندڙ سنڌي سکن جي پنجاهه سٺ ڪٽنبن جو ترين ۾ قتلِ عام ڪرايو هو. ان واقعي سبب نوابشاهه جي سنڌي هندن ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو، اهي لڏي انڊيا وڃڻ لڳا. مسعود ڪليڪٽر ديوان چيلا رام کي هڪ طرح سان نظربند ڪري انڊيا لڏي وڃڻ کان روڪي ڇڏيو هو. چيلا رام پنهنجي وڏي پٽ لڇمڻ کي سندس ماءُ، ڀن ڀائرن ۽ ٻن ڀينرن سان گڏ لڪ چوريءَ ڪراچيءَ روانو ڪيو. اهي سوامي نارائڻ مندر ۾ ٺهيل ڪئمپ ۾ اچي ترسيا ۽ 8 مارچ 1948ع تي پاڻيءَ جي جهاز ۾ چڙهي انڊيا روانا ٿيا. جهاز سمنڊ ۾ خراب ٿي بيهي رهيو، پنج ڏينهن ٿي ويا، کاڌو پيتو ختم ٿي ويو. جهاز ۾ چڙهيل سوين ٻار بک ۾ بي حال ٿي روئي رهيا هئا. لڇمڻ جي ننڍن ڀائرن ۽ ڀينرن جي به حالت خراب ٿي وئي. جهاز مرمت ٿيڻ کان پوءِ اوکا بندر تي اچي سهڙيو. لڇمڻ وارا پهرين اجمير ۾ اچي رهيا، اتي ڪو بلو نه ڏسي پرتپور، احمد آباد ۽ آگري جي شهرن مان دربدر ٿيندا، تنگدستي ۽ غربت جون ٽڪليفون سهندا، ڪانپور ۾ پنهنجي پڦيءَ وٽ اچي ترسيا. اتي لڇمڻ ۽ سندس ننڍي ڀاءُ هاسو کي هڪ سئنيما جي مئنيجر شهر ۾

فلمن جي پوسٽرن لڳائڻ جو ڪم ڏنو. لڇمڻ کي روزانو هڪ رپيو ۽ هاسي کي اٺ آنا ملندا هئا. لڇمڻ ان سئنيما هال جي ٻاهران فلمي گانن جون چوپڙيون پڻ وڪڻڻ شروع ڪيون، جنهن مان رپيو ڏيڍ ڪمائي وٺندو هو. ڪانپور ۾ رهندي هنن جيئن تيئن ڪري اڍ ڍئو اڍ بڪ ٽي چار سال گذاريا. ان عرصي ۾ ديوان چيلا رام سان سندن ڪو به رابطو نه ٿيو هو، جيڪو اڃا سنڌ ۾ رهيل هو. نيٺ هن ڪانپور ۾ اچي پنهنجي ڪٽنب کي ڳولي لڌو. نوابشاهه مان نڪرڻ وقت لڇمڻ جو سڀ کان ننڍو ڀاءُ ڏنو ڀن سالن جو هو ۽ هينئر ڇهن سالن جو ٿي چڪو هو. ديوان چيلا رام هن جي لاءِ ڏاريو ماڻهو هو، هن لڇمڻ کان آهستي پڇيو ته هي ڪير آهي؟ لڇمڻ کيس ٻڌايو ته هي پنهنجو پيءُ آهي. ان تي ڏني چيو : ”پيءُ آهي!“ ”پر هي ماڻهو رات جو سمهندو ڪٿي؟“

اڄ ڏنو انڊيا جي کاڌ خوراڪ واري هڪ وڏي اداري فوڊ ڪارپوريشن ۾ هڪ اعلیٰ عهدي تي فائز آهي. لڇمڻ جو ٻيو ڀاءُ هاسو آمريڪا جي مشيگان رياست ۾ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر آهي. ورلڊ بئنڪ هن کي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ پاور پراجيڪٽ لڳائڻ لاءِ موڪليندي آهي، هن جو شمار دنيا جي ڏهن پاور پراجيڪٽ ماهرن ۾ ڪيو وڃي ٿو.

ديوان چيلارام کي پهرين ڪانپور ۾ ڊسٽرڪٽ ٽريزري آفيسر جي نوڪري ملي. ان کان پوءِ جئرامداس دولترام، فوڊ کاتي جي وزير کيس پنهنجي وزارت ۾ قانوني صلاحڪار جي عهدي تي مقرر ڪيو. هاڻي سندن ڪٽنب جي تنگدسي ۽ غربت جا ڏينهن ختم ٿيا.

لڇمڻ جي ٽرين ۾ هڪ گشتي ٿيٽر ڪمپني وارن سان ملاقات ٿي، اهي ڪانپور ۾ ناٽڪ ڪرڻ وڃي رهيا هئا. منڊلي ۾ شامل هڪ نوجوان ڇوڪري سروري بيگم سان لڇمڻ جو عشق ٿي ويو. هن جي ڪري لڇمڻ به ان ٿيٽر ڪمپني ۾ شامل ٿي ويو. هو ڪٿڪ ڊانس سکيل هو، کيس اسٽيج تي نچڻ جو ڪم ملي ويو ۽ ان لاءِ کيس ٻارنهن رپيا روز ملندا هئا. لڇمڻ سروري بيگم جي عشق ۾ پنهنجو گهر گهاٽ ڇڏي، مائٽن سان ڪوڙ ڳالهائيندي، ان ٿيٽر ڪمپنيءَ سان گڏ شهر، شهر، ڳوٺ ڳوٺ رلندو رهيو. هو نيٺ بنارس مان ٿيٽر ڪمپني کان جند ڇڏائي پنهنجي گهر موٽي آيو. ديوان چيلا رام کي دهلي ۾ سرڪاري گهر ملي ويو ته سڄو ڪٽنب ڪانپور مان لڏي دهلي ۾ اچي رهيو ۽ لڇمڻ دهليءَ جو ئي ٿي ويو. اتي هن راجندر نگر جي سنڌي هاءِ اسڪول ۾ نائين درجي ۾ داخلا ورتي. اهو اسڪول تنبن ۾ هلندو هو.

ناسازگار حالتن هيٺ به قابل ۽ آدرشي سنڌي استادن جي تربيت ۽ محنت سان اسڪول جا سنڌي شاگرد امتحانن ۾ تمام مٿانهيون پوزيشنون ۽ درجا حاصل ڪندا هئا. لڇمڻ مئٽرڪ پاس ڪري دهلي ۾ ائنگلو عربڪ ڪاليج ۾ داخلا ورتي. دهلي ڪاليج ۾ سنڌي ڊپارٽمينٽ کليو ۽ ان جو سربراهه ڊاڪٽر هرو مل سدارنگاڻي مقرر ٿيو.

ڊاڪٽر سدا رنگاڻي ڪاليج ۾ سنڌي لٽرري سوسائٽي برپا ڪئي، جنهن جون هفتيوار ادبي ۽ ثقافتي گڏجاڻيون ٿينديون هيون. پوءِ سنڌي ڊراما سرڪل به جڙيو. ڪاليج جي مخزن ۾ سنڌي سيڪشن پڻ شامل ڪيو ويو ۽ لڇمڻ کي ان جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو. لڇمڻ ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ لڳو. ڪتابن پڙهڻ جو شوق ته هن کي اڳ ۾ ئي هو. هن ڊراما سرڪل جي لاءِ ڪيترائي سنگيت ناٽڪ لکيا، جيڪي دهلي ۽ بمبئي ۾ پيش ڪيا ويا. گوپي به ان ڪاليج ۾ پڙهندي هئي، جنهن سان اڳتي هلي لڇمڻ جي شادي ٿي. لڇمڻ ان ڪاليج مان بي ڪام آنرس جو امتحان پاس ڪيو. ڪاليج جي تعليم پوري ڪري، ادب ۾ دلچسپي رکندڙ لڇمڻ ۽ سندس دوستن ڊاڪٽر سدا رنگاڻي ۽ نارائڻ شيام جي ساٿ ۽ رهنمائي هيٺ ادبي سرگرمين کي زور وٺايو ۽ هر هفتي ادبي ڪلاس شروع ڪري ڇڏيا. لڇمڻ ”ڪومل“ جي تخلص سان شاعري ڪرڻ لڳو. هن دهلي يونيورسٽي جي اسڪول آف جرنلزم مان جرنلزم ۾ ڊپلوما ڪئي. هن کي هندستان جي سڀ کان معتبر ۽ مشهور اخبار ”ٽائيمز آف انڊيا“ ۾ سب ايڊيٽر ڪري کنيو ويو. لڇمڻ رپورٽن کان علاوه ڪالم پڻ لکيا. هو گڏوگڏ آل انڊيا ريڊيو جي سنڌي سروس ۾ پڻ ڪم ڪندو رهيو. هن کي ”ٽائيمز آف انڊيا“ ۾ چيف سب ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو. ڀارت ۽ پاڪستان درميان 1971ع واري جنگ کان پوءِ پاڪستان جو صدر ذوالفقار علي ڀٽو ڀارت جي وزير اعظم اندرا گانڌيءَ سان ڳالهيون ڪرڻ لاءِ شملا ويو هو. ٻنهي ڄڻن شملا معاهدي تي صحيحون ڪيون. ان موقعي تي سڄي دنيا جا صحافي اچي شملا ۾ گڏ ٿيا هئا. ”ٽائيمز آف انڊيا“ طرفان لڇمڻ ڪومل به انهن ۾ شامل هو. شملا معاهدو لڇمڻ ڪومل جي صحافتي زندگيءَ جو هڪ يادگار واقعو آهي. ”ٽائيمز آف انڊيا“ مان هن 1996ع ۾ رٽائر ڪيو. ان وچ ۾ لڇمڻ هڪ ناميارو شاعر ۽ ليکڪ بنجي چڪو هو. روس جي انقلابي شاعر مايا ڪووسڪي جي زندگي ۽ شاعري تي لکڻ سان گڏ سندس چاليهن نظمن جي منظوم سنڌي ترجمي تي لڇمڻ ڪومل کي

سوويت لئنڊ نهرو ايوارڊ مليو ۽ هن کي روس جي ٻن هفتن جي دوري تي گهرايو ويو. لڇمڻ کي سندس شاعري جي مجموعي ”جيءُ جهرو ڪا“ تي 1976ع ۾ ساهتيه اڪادمي انعام مليو. سنڌي ادب ۾ لڇمڻ ڪومل جو اهم ڪارنامو سندس لکيل آتم ڪٿا ”وهي ڪاتي جا پنا“ آهي، جنهن جا ٻه جلد شايع ٿي چڪا ۽ ٽيون جلد تازو ڇپرو ٿيو آهي. ”وهي ڪاتي جا پنا“ ۾ لڇمڻ ڪومل پنهنجي ننڍپڻ کان وٺي ورهاڱي سبب سنڌ مان جلاوطني کان پوءِ هڪ نئين ملڪ ۾ پاڻ پررو ٿيڻ جي جاکوڙ جو داستان بيان ڪيو آهي، ۽ اهو اڃا جاري آهي. لڇمڻ کي هڪ پٽ لالي آهي، جيڪو آمريڪا ۾ هڪ ڪمپنيءَ ۾ سٺي عهدي تي آهي. کيس ٻه ڌيئر پڻ آهن، جيڪي شادي ٿيڻ کان پوءِ آمريڪا ۾ رهن ٿيون. لڇمڻ ڪومل 26 مارچ 2011ع ۾ زندگيءَ جي سفر جا 75 سال پورا ڪندو.

## شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ

نصير مرزا

بطور ليکڪ هن حيرت انگيز حد تائين ڊسيپلن سان حياتي گذاري ۽ سنڌي ادب لاءِ لاتعداد مثالي ڪتاب لکي، شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ، چاهتر ورهين جو ٿي، نيٺ پنهنجي جنم ڀوميءَ حيدرآباد ۾، ”بلند شاهه“ جي نالي سان معروف اباڻي قبرستان ۾، پنهنجي جيئري ئي نهرايل لحد ۾ هن وقت سڪون سان سُتو پيو آهي، جنهن بابت هُن پاڻ ئي پنهنجيءَ هڪ رباعيءَ ۾ چيو هو:

مون آهي مري وسايو توکي،
پيو سڀڪي چڏي، اچي ورايو توکي،
چو ٻکُ نه وجهي سمهان آئون توکي، اي قبر،
مون ساهه ڏيئي آهي وٺايو توکي.

قليچ صاحب جي وصال کي اڄهو اڄ لڳ ڀڳ اوترائي ورهيه ٿي چڪا آهن، جيترن ورهين جي ڄمار ۾ هيءُ جهان پاڻ خوشي خوشي ڇڏيو هئائون.

سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ مرزا صاحب اڪيلي سِر جيترا ڪتاب لکيا، ۽ سنڌي ٻوليءَ جي سربلنديءَ لاءِ جيترو نوُر نچويو، ڇا هن قوم ان جي فرض لاهڻ ۽ سندس ٿورا مڃڻ جي ڏس ۾ پاڻ ملهائي ڏيکاريو آهي؟ ظاهر آهي ته: ”نه“! ... ۽ اِهوئي سوال اڄ خود قليچ جو روح

هر سنڌ واسيءَ کان نه فقط ڪرڻ جو حق رکي ٿو، پر ”باقائده“ رکي ٿو!

قليچ صاحب جا وڏا ٽالپر بادشاهن جي ايامڪاري دوران وچ ترڪستان (جارجيا) مان 1805ع ڌاري هجرت ڪري حيدرآباد سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا هئا. خود ”قليچ“ لفظ به ترڪي ٻوليءَ جو ئي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”تلوار“! سنڌي ٻوليءَ جا اِهي ڀاڳ- سڀاڳ، جو 1853ع جي چوٿين آڪٽوبر تي اها تلوار مياڻ مان ڇا ظاهر ٿي، ان جي آب تاب سان سنڌي ادب جو آسمان ڇڻ اڄ به مُرڪي ۽ جرڪي رهيو آهي.

... ۽ هتي خاص ڪري آئون پنهنجي دل جي ڳالهه ۽ خوشي ته لڪائي نٿو سگهان، ته آئون به ان ئي نشانبر خاندان جو فرد آهيان ۽ مرزا صاحب جي پاڻيجي، ناصر علي مرزا ۽ سڳيءَ ڀيڻ، شرف النساءِ جو پوٽو آهيان، جو مرزا صاحب جي ٻي ڀيڻ جو نالو زيب النساءِ هو، جيڪا لاولد هئي. منهنجي لاءِ بطور ناچيز ليکڪ جي، اها به وڏي خوش بختيءَ جي ڳالهه آهي، ته آئون پڻ ان ئي ٽنڊي نوڙهي ۾، مرزا صاحب کان ٺيڪ سئو به سال بعد ۽ انهيءَ ئي گهٽيءَ جي پڇاڙيءَ واري گهر ۾ پيدا ٿيو آهيان، جنهن جي اڳياڙيءَ واري گهر ۾ هن عظيم الشان ”عالمن جي سج“ اکيون کوليون هيون.

۽ ڪيڏو نه ڀاڳوند آهيان آئون، جو گهران ڪيڏانهن به وڃان، يا ڪٿان گهمي ڦري موٽي اچان، ته سامهون عاليقدر مرزا صاحب جي گهر جي زيارت منهنجي اکين کي تازگي بخشيندي آهي!... ۽ جيستائين حيات آهيان، منهنجو نصيب بڻجي چڪي آهي.

پر ٻئي پاسي هيڏانهن مون لاءِ هي ڳالهه وري ڪيڏي نه دکدائڪ آهي، ته هن وقت پوري ٽنڊي نوڙهي جي مرزا خاندان منجهان ڪوبه اهڙو ماڻهو حيات نه آهي، جنهن جي مرزا صاحب جي روبرو زيارت ڪيل هجي. والد صاحب منهنجي برابر ته قليچ بيگ صاحب کي ڏٺو هو ۽ ڪانئس قليچ بابت مون کي ڪجهه پڇڻ به گهربو هو، پر پنهنجي والد صاحب کي وري مون پورو نه ڏٺو هو، جو منهنجي ڪمسنيءَ ۾ سندس رحلت ٿي ويئي هئي. والده منهنجيءَ لاءِ وري مرزا صاحب جي زيارت ائين ممڪن ڪانه هئي، جو 1929ع ڌاري جڏهن مرزا صاحب وفات ڪئي، امڙ منهنجي مشڪل سان ڇئن ڪن سالن جي هوندي ۽ وڏي ڳالهه ته هوءَ مرزا صاحبن جي ڳوٺ ٽنڊي نوڙهي جي هئي به ڪانه!

مرزا صاحب جا ڪتاب پڙهندي، ۽ سندس تصويرون ملاحظه ڪندي، ذهن ۾ سدائين اِها معصوم خواهش اپري، ته اي ڪاش! ڪو اهڙو عزيز بزرگ يا عزيزه حيات هجي ها، ته ان کان هوند قليچ صاحب جي آواز، قدو قامت ۽ اٿي ويٺي بابت پڇي، ان معلومات کي تحرير هيٺ آڻجي ها.

ها! ايئن برابر آهي، ته ٿڌي نوڙهي ۾ مرزا صاحب جي ذاتي رهائش وارو گهر مون ضرور اکين سان ڏٺو آهي، ۽ ان جا در و ديوار، ديوارن تي آويزان سندس يادگار فيملي فوٽوز... آرام جو پلنگ، لکڻ واري ٽيبل، ڪرسي، پائڻ وارو لباس، بوٽ، سوُٽ، ڪوٽ ۽ ٽائيون ۽ ٽوڻي جو هو هر لحاظ کان "مشرقي" ذهن رکندڙ عالم ۽ تخليقڪار هو، پر سندس طرز زندگي جنهن کي فارسيءَ ۾ "بود و باش" چئجي، اها البته مون کي "مغربي" طرز جي محسوس ٿي آهي.

آواز .... مرزا صاحب جو ڪهڙو هوندو هو؟ ان بابت البته تازو ئي سُڌ پيئي اٿم ۽ اها به خاندان جي ڪنهن فرد يا مرزا صاحب جي حالت حيات ڪنهن دوست رفيق وٽان نه، پر ماهوار "سنڌوءَ" جي ايڊيٽر پاران لکيل هن وضاحتي نوٽ مان... جنهن ۾ هن صاحب لکيو آهي ته "نومبر 1914ع ۾ سنڌي ساهت سوسائٽيءَ پاران افتتاحي اجلاس ۾ مرزا صاحب کي "سنڌي شعر" بابت ليڪچر ڏيڻو هو. مرزا صاحب جو آواز هو ذرا نفيس... سو حاضرين چٽو نه ٻڌي سگهن ها، جنهن ڪري سندس ليڪچر ڇپرائي ورهائي ويو، ته سڀ حاضرين ان مان لاڀ پرائي سگهن."

مرزا صاحب 1910ع ڌاري، ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تان رٽائرمينٽ ورتي ته رهائشگاهه کان سڌ پنڌ تي، پنهنجي باغ ۾ املداس جي وڻ تي "وسرام" لاءِ آکيرو جوڙايو هو، جنهن جو تذڪرو پاڻ پنهنجي سوانح واري ڪتاب "سائو پن يا ڪارو پنو" ۾ ڏنو اٿائن. (۽ جنهن جي تصوير پڻ ان ڪتاب ۾ آيل آهي.)

ادبي شعور اچڻ بعد، پنهنجيءَ سانير ۾ اُن املداس جي وڻ ۽ اُن تي ٺهرايل ان عجيب و غريب آکيري جي تلاش ۾ ڳوٺ جي باغ ڏانهن پنڌ آئون به پيو هئس... پر الاس!... هاڻ نه اُن باغ ۾ املداس جو ڪو وڻ ئي باقي رهيو هو ۽ نه ئي آکيرو. گويا هوائون، ان وڻ جا پن، شاخون ۽ ان آکيري جا ڪک ڪانا اڏائي الائي ڪهڙي ڏسائن، زمانن ۽ زمينن ڏانهن کڻي وڃي چڪيون هيون ۽ هاڻ ان باغ ۽ باغ جي پرپاسي واري

علائقي ۾ نئون زمانو پساهه ڪ ٽي رهيو آهي ۽ هاڻي ان پيڙيءَ تي گنجان آبادي رهائش پذير آهي ۽ بي ترتيب، هڪ ٻئي سان ڳتيل گهر آهن ۽ علاوه ازين سوڙهيون گهٽيون ۽ ٻارن جا انبوهه ۽ رفُ ڪاڇر... ۽ پوليٿين جون ٿيلهيون!
ها!... ايئن برابر آهي ته ٿنڌي نوڙهي ۾ مرزائن جي ويڙهي جي چوڏري اوڏڪي ”عالم پناهه“ واري ديوار جو ملبو نڊيڻ ۾ مون ضرور اکين سان ڏنو هو، جنهن جي تصوير مرزا صاحب جي سوانحي ڪتاب ”سائو پن يا ڪارو پنو“ ۾ ڇپيل آهي ۽ جيڪا مرزا صاحب جي ڏينهن ۾ ڪڙي هئي ۽ (باقاعدي ڪڙي هئي) پر هاڻي هن وقت، ان جو ڪو وجود اتي آهي ئي ڪونه!
خير... مرزا صاحب جي پنهنجي گهر ۽ سندس پيڻ ڀائرن جي گهرن جي اوچين اوچين ڇتين تي وڏن وڏن منگهن (هوا دانن) جي مون ڪي اڄ به پوري سانپر آهي ۽ انهن حويلين جا شاهي اڱڻ، ۽ انهن ۾ رکيل شيشم ۽ جنڊيءَ لتل پينگهيا، اوطاقن ۾ منجيون، موڙا، آرام ڪرسيون... وندر ور ونهن لاءِ رنگ رنگ جا پکي، مور، هرڻ، پلا گهوڙا، سواريءَ لاءِ وڪتوريا گاڏيون ۽ اهڙين اوطاقن ۽ گهرن کان اوريان پريان، کليل کليل ميدان... ويران پوئا ۽ جيڪڏهن سنا مينهن پئجي ويندا هئا ته ٿنڌي نوڙهي جي اهڙن ئي ويران پوئن مان عجب عجب جهڙيون شيون، ٺڪريون ۽ زمانن کان دفن ڪي دفينا... ڪوڏ، سپون... کنپيون نڪري نروار ٿي پونديون هيون ۽ آئون پنهنجن هڪ جيڏن سان وتندو هئس انهن ميدانن ۾ سير سپاٽا ڪندو.....
..... ۽ اِڄهو... اسان جي قليچ بيگ، ٿنڌي نوڙهي جي اهڙين ئي پراسرار خاموشين ۽ راتين جي سناٽن ۽ خانداني ڪتبخاني جي ٽيبل ڪرسيءَ تي ويهي يا گوشه نشينيءَ وارن ڏينهن ۾ وري پنهنجي املداس واري نهرايل پيهي/ آکيري تي چڙهي، لکڻ پڙهڻ ۽ عبادت رياضت جو ڪم سرانجام پئي ڏنو هوندو.
قليچ بيگ صاحب توڻي جو زندگيءَ جي پڇاڙڪن پهرن ۾ گوشه نشيني اختيار ڪيل ٿو ڏسجي، پر باوجود گوشه نشيني اختيار ڪرڻ جي، عملي ڪم ۽ علم ادب ڏانهن هن جي وابستگي Commitment بلڪل پڌري Clear هئي ۽ سنڌ جي بيشتر عالمن، مفڪرن ۽ دانشورن وانگر ”زندگي، مذهب ۽ موت“ بابت هو ڪنهن ذهني مونجهاري يا Confusion جو شڪار قطعي نه ٿيو هو! سنڌي ادب جي رومال ڪي

ڪيئن ”گهڻ پاسائين“ مال سان مالا مال ڪجي، قليچ صاحب حياتيءَ جي آخري ساهه تائين اُن ئي جستجوءَ ۾ پاڻ کي مصروف رکيو. هن جي جنم ڪان وٺي وصال تائين سنڌ تي ”فرنگيءَ“ جو راڄ هو ۽ هو چاهي ها ته رڳو انگريزيءَ ۾ تصنيف ۽ تاليف جو ڪم ڪري، وقت جي حاڪمن جو وڏو آشيرواد ماڻي ها، پر هن نه فقط سنڌيءَ ۾ لکڻ کي ترجيح ڏني، پر ان زبان ۾ ڪيترين ئي صنفن جو موجود پڻ بڻيو.

پوري ويساهه سان چئي سگهجي ٿو ته اوڻيهين ۽ ويهين صدي جي دوران جيتري گهڻ پاسائين ادبي صلاحيت مرزا صاحب جي شخصيت ۾ هئي، سندس دور ۾ هن جي ڪنهن به ٻئي همعصر يا پيشرو ۾ قطعي نظر ڪانه ٿي اچي ۽ هتي اِها به آگاهي هجي ته سنڌي علم ادب جي واڌاري لاءِ مرزا صاحب جي اِها جاکوڙ ۽ جفاڪشي، ادب جي تاريخ ۾ بطور، ”بي طمع“ ثابت آهي ۽ ان ڏس ۾ ثبوت طور هتي اِهو به عرض ڪندس ته هن پنهنجي هر پبلشر کي بنا معاوضي جي پنهنجي تحرير ڏني ۽ ڪانئس معاوضي جي توقع ۽ طلب نه ڪڏهن ڪئي ۽ نه رکي! ان جو وڌيڪ ثبوت هتي هي ڏيئي سگهجي ٿو ته هي ڪتاب: ”احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي“ جڏهن ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز شايع ڪرائڻ چاهيو ته بقول ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي، قليچ بيگ صاحب جي لائق فرزند مرزا اسد بيگ (مرحوم) ۽ اجمل بيگ (مرحوم) هن ڪتاب جي اشاعت کي ڪارِ خير سمجهي بنا ڪنهن معاوضي جي ان کي ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز پاران شايع ڪرڻ جي اجازت ڏني هئي.

۽ اڄ پنهنجي انهن ئي عظيم بزرگن جي نقشِ قدم تي هلندي، قليچ صاحب جي خاندان ۽ خانوادي جي چشم و چراغ هجڻ جي حيثيت ۾ ”مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور“ کي بنهه ساڳيءَ ئي ريت هن ڪتاب کي بنان ڪنهن معاوضي جي شايع ڪرڻ جي نه فقط اجازت ڏجي ٿي پر اِها به اجازت ڏجي ٿي ته هو ان کي جڏهن ۽ جيترو چاهي شايع ڪرئي سگهن ٿا.

۽ هن تاثر جي پڇاڻيءَ تي خود مرزا صاحب جي پنهنجي حياتيءَ جي سفر جي روداد لکجي ته اها ڪجهه هن ريت آهي ته:

چوٿين جولاءِ 1929ع جي ڪنهن پهر ۾، پنهنجيءَ ئي ٺهرايل ڏولي ۾ سوار ٿي، حياتيءَ ۾ ئي جوڙايل لحد ۾ لهڻ لاءِ، جڏهن مرزا صاحب ”بلند شاهه“ ڏانهن اسهڻ وارو هيو، جو ”باب قليچ“ آڏو، جنازي نماز بعد ”منهن مبارڪ“ ڏيکارڻ واري آخري رسم وقت علامه عمر بن

محمد دائودپوٽو ۽ ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي پڻ ڪراچي مان اچي ان وقت اتي پهتا هئا.
اِجهو هن تاثر جي پڄاڻي، آئون محترم ڊاڪٽر دائودپوٽي صاحب جي محبت ۽ عقيدت سان لکيل انهن سٽن تي ڪريان پيو: ”مرزا صاحب جي آخري ديدار فرحت آثار لاءِ جڏهن اتي پهتس، ته ڏٺم ته سندن مبارڪ چهرو بدر منير وانگر پئي چمڪيو ۽ گلاب جي گل وانگر پئي مهڪيو ۽ سندس پيشانيءَ مان نور ظاهر هو. سندس سونهاريءَ جا سفيد وارَ، سج جي سفيد ڪرڻن وانگر پئي جهرڪيا ۽ پاڻ ائين ستو پيو هو، جيئن ڪو جيئرو جاڳندو انسان مٺي ننڊ ۾ هجي. مطلب ته عجيب لقاءُ لڳو پيو هو ۽ گلاب جي مُکڙيءَ وانگي مُک پئي ٽڙيس ۽ هڪ عجيب مُرڪ سندس وجود تي نمايان هئي.“

## شمس العلماءُ علامه دائود پوٽو

پير علي محمد راشدي

ست ورهيه سنڌ کان ٻاهر رهڻ بعد، 1962ع جي آڪٽوبر مهيني ۾ موٽي اچي ڏٺم ته ان عرصي اندر ڪيترا ئي ساٿي ساٿ سهيڙي وڃي جنت ۾ جائگير ٿيا هئا. سندن ماڳ، سندن سانگ موجود هئا. اهي ٿر، اهي بر، اهي پنڌ، اهي پيچرا، اهي گهٽ، اهي گهيڙ، اهي اڱڻ، اهي آستان- فقط جوءِ اندر جَتن جو پنهنجو پَرو ڪو نه هو.

لڏي ويا چڏي ڪاهي ڏڻ ڏنار،
نڪا پيڪ پکر جي نڪا ٹڙ تنوار!

انهن وڇڙي ويل ويڙهيچن جي ياد وسرڻ جي نه آهي. هر هڪ جي صورت هينئر به پئي اکين اڳيان قري. ڊاڪٽر دائود پوٽو، عثمان علي انصاري، مولانا محمد صادق راڻيپوري، حڪيم شمس الدين، سيٺ محمد جعفر خواجو، پير عبدالغفار شاهه، مولوي عبدالحي حقاني، نسيم تلوي، علي احمد خان افغان بيچانجي وارو. هر هڪ پنهنجي جاءِ تي جانب، لائق ۽ نباهڻ جو لائق، وساريي نه وسري. ڪنهن جو قصو ڪري ڪنهن جو قصو ڪجي، سواءِ هن جي ته:

"اباڻن جي اکير، راتو ڏينهان روئاري!“

ڊاڪٽر دائود پوته عليه الرحمة کي تڏهن کان سڃاڻندو هوس، جڏهن هو صاحب اجا ڊاڪٽر ڪو نه ٿيو هو. ايم. اي. پاس ڪري ولايت وڃڻ

واسطي، اسڪالرشپ وٺڻ لاءِ بمبئي آيل هو. انهن ڏينهن ۾ سنڌ اجا بمبئي پريزيڊنسيءَ سان پيوست هئي. بمبئي جي ڪمبيڪر اسٽريٽ ۾ آءٌ پنهنجي ڏاڏي مرحوم جي خدمت ۾ هڪ ميمڻ دوست وٽ مهمان هوس. جاءِ جي هيٺان هڪ ريڊنگ روم هوندو هو، جتي اخبارون ۽ رسالا رکيل هوندا هئا. اخبارن سان منهنجو واسطو اجا ڪو نه ٿيو هو. علم جي شوق وچان فقط اردو رسالن جا پيو ورق ورائيندو هوس. رسالن جو اجا رواج ڪو نه پيو هو.
هڪ پونياڙيءَ جو مٿان لهي آ اچي ريڊنگ روم ۾ ويٺس. اتي ٻين ماڻهن سان گڏ، هڪ سنڌي نوجوان به ويٺل هو. مٿي تي ڳاڙهي ترڪي ٽوپي، جسم تي ڍگهو ڪارو ڪوٽ، هيٺ تي موڪرو پاجامون، پيرن ۾ سليپر، چهري تي ڏاڙهي، پر قدري ڪتريل. اهو ياد ڪو نه اٿم ته هو پاڻ مون ڏانهن متوجه ٿيو يا مون وڌي وجي ساڻس ڳالهايو، پر اسان جي ڏي وٺ بروقت ٿي ويئي. پاڻ ٻڌايائين ته: ”منهنجو نالو عمر الدين آهي، آءٌ ٺلٽيءَ ضلعي دادو جو ويٺل آهيان. ايم. اي پاس ڪئي اٿم ۽ يونيورسٽيءَ طرفان سونو ٻلو به مليو اٿم. (ائين چوندي سونو ٻلو کيسي مان ڪڍي ڏيکاريائين). ميان عبدالرحيم شاهه سجاول واري سان گڏجي هت آيل آهيان. انهيءَ ارادي سان ته چئوچوات ڪرائي، بمبئي سرڪار وٽان اسڪالرشپ وٺان ۽ ولايت وڃي ڊاڪٽري پاس ڪري اچان.“
سنڌي دستور موجب، مون کان احوال ورتائين. مون عرض ڪيس:”فارسي پيو پڙهان، مسجد جو ملان درس ڏيندو اٿم، اسڪول ۾ وڃڻ جو ڪو سوال ڪو نه آهي، پير ماڻهو آهيون، زمين به آهي، نوڪري ڪا نه ڪرڻي اٿم جو اسڪولي تعليم وٺان.“
منهنجو اهو قصو ٻڌي، مسٽر عمر الدين مرحوم اچرج ۾ پئجي ويو. چيائين: ”تون هوشيار چوڪرو نظر پيو اچين، تو کي باقاعده سنڌي ۽ انگريزي تعليم اسڪول ۾ وٺڻ گهرجي. تنهنجا وڏا تو کي چو پيا گهات ڪن؟ وقت اچي رهيو آهي، جڏهن علم کان سواءِ ٻي ڪا شيءِ ڪم اچڻي ڪا نه آهي.“
مون چيس: ”منهنجو ڏاڏو به هت آهي ۽ مٿي رهيل آهي، اوهان موقعي سارو ساڻس ڳالهائي ڏسو.“
رات جو مون پنهنجي ڏاڏي کي ٻڌايو ته؛ هڪ تمام غريب سنڌي نوجوان هن پاڙي ۾ اچي رهيو آهي، کيس اسڪالرشپ کپي ٿي. اوهان ساڻس

ملاقات ڪريو ۽ اسڪالرشپ واري ڪم ۾ سندس مدد به ڪريو. سر علي محمد خان دهلوي مرحوم، انهن ڏينهن ۾ بمبئي سرڪار ۾ وزير هو ۽ ڏاڏي مرحوم جي ساڻس پراڻي واقفيت هئي. ٻئي ڏينهن صبح جو مون عمر الدين مرحوم کي وٺي ڏاڏي مرحوم سان ملايو.
پاڻ منهنجي انگريزي تعليم بابت زوردار لفظن ۾ چيائين ۽ ڏاڏي مرحوم کان وعدو ورتائين ته مون کي ڪرنل برائون جي ڪيمبرج اسڪول ۾ انگريزي تعليم وٺڻ لاءِ ضرور موڪليندو.
سنڌ موٽي اچڻ بعد خط پٽ ذريعي به عمر الدين مرحوم منهنجي تعليم واري قصي جي پوئواري ڪندو رهيو. جڏهن آءٌ ديرادون وڃڻ لڳس ته اتان جي پرنسپال ڪرنل برائون جي نالي تعارفي خط به لکي موڪليائين، حالانڪ ڪرنل برائون سان سندس ڪا به ذاتي واقفيت ڪا نه هئي. انهن ئي ڏينهن ۾ پاڻ عمر الدين (مرحوم) به ولايت اسهي ويو.
ديرادون اسڪول ۾ مون فقط هڪ ڏينهن تعليم ورتي. ٻئي ڏينهن صبح جو تپڙ کڻي واپس اچي گهر پهتس. اسڪول سان دل ڪا نه لڳي.
عمر الدين (مرحوم) جي تاڪيد جو اثر منهنجيءَ دل تي پوءِ به قائم رهيو. محض ڪيس منهن ڏيکارڻ جي قابل ٿيڻ خاطر مون زور سان انگريزي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي- خانگي طرح، ڪتابن ۽ اخبارن جي وسيلي.
وقت گذرندو ويو، وچان ورهيه پئجي ويا.
عمر الدين (مرحوم) ولايت مان پي ايڇ. ڊي جي ڊگري حاصل ڪري موٽي آيو ۽ هت رسڻ بعد سنڌ مدرسة الاسلام جو پرنسپال مقرر ٿيو. آءٌ پاڻ به مٿا مونان هڻي ڪجهه سڌي، ڪجهه انگريزي سکي پيو هوس. سنڌ زميندار سکر جي ايڊيٽريءَ سان گڏ محترم خانبهادر کهڙي صاحب جي سيڪريٽريءَ طور انگريزيءَ ۾ لکپڙهه ڪندو ٿي رهيس.
ولايت مان موٽڻ بعد عمر الدين مرحوم ڊاڪٽر يو. ايم. دائودپوٽو سڏجڻ لڳو. انهن ڏينهن ۾ سنڌ مدرسي جي پرنسپالي به ڪا شيءِ هوندي هئي. هر وات تي ڊاڪٽر صاحب جي وائي هئي. سنڌ جو پهريون مسلمان پي. ايڇ. ڊي هو.
انهيءَ ئي زماني ۾ محترم خانبهادر کهڙو صاحب، سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرائڻ لاءِ تحريڪ شروع ڪري چڪو هو. اڪيلي سر، پنهنجي زميداريءَ تي. اڪثر دنيا سندس مخالفت پئي ڪئي. هندن ته بنهه

منهن مٿا پئي پٽيا، پر اوائلي ڏينهن ۾ مسلمانن مان به ڪيترن صاحبن بمبئي سرڪار ۾ هندن کي خوش رکڻ خاطر، وڃي واهن جا پاسا ورتا هئا. ان تحريڪ جو مرڪز پهريائين لاڙڪاڻو هو ۽ بعد ۾ ڪراچي. تحريڪ جي سلسلي ۾ خانبهادر کهڙي کي اڪثر ڪراچي اچڻو ٿي پيو ۽ بطور سندس سيڪريٽريءَ جي مون کي به. ڪراچيءَ جي فضا ڪنهن حد تائين ناموافق هوندي هئي. سرڪاري ڪامورا ڪڙا ۽ ليڊرن مان به ڪيترا سڄڻ وقت جا سلامي هئا ۽ کهڙي صاحب کان مڙيو ئي پاسو پيا ڪندا هئا. الڪو اهو هوندو هون ته اها خبر سنڌ جي ڪمشنر کي نه وڃي رسي. وقت جو ڪمشنر هڪ ڪُهرو انگريز هوندو هو، جي. اي. ٿامس. بمبئيءَ جي اخبار ٽائمز آف انڊيا، سندس انيشلز (چوٿين صحيحن) ”جي. اي“ جو شرح ڪيو هو ”گاڊ المائٽي“ (يعني خود خدا) نعوذ بالله.

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته کهڙو صاحب ۽ آءٌ ڪراچي آيل هئاسون. مرحوم حسين عليءَ جي بنگلي تي، سندس مهمان طور، رهيل هئاسون. حسين علي، خانبهادر حسن علي مرحوم جو پوٽو هو ۽ پڇاڙيءَ ۾ جيل کاتي ۾ نوڪري ورتي هئائين. سندس بنگلو وڪٽوريا روڊ، پراڻيءَ ڪمشنريءَ جي ڀاهران هوندو هو.

حسين عليءَ مرحوم، کهڙي صاحب جي اعزاز ۾ ڊنر پارٽيءَ جو انتظام ڪيو. گهڻن ئي ڏنن وائنن ماڻهن ڏانهن دعوت ناما موڪليائين، پر سواءِ ٻن شخصن جي، باقي سڀني کي وقت تي ڪو نه ڪو عارضو ٿي پيو، جنهنڪري دعوت ۾ شريڪ ٿيڻ کان لاچار ٿي پيا. اهي ٻه جيڪي اچي ڊنر ۾ شامل ٿيا، سي هئا: مير بنده علي خان ٽالپر ۽ مرحوم ڊاڪٽر دائودپوٽو.

ڊاڪٽر صاحب کان پڇيو ويو ته ڪين وقت جي قلت جو ڇو ڪو نه خيال ٿيو؟ پاڻ فرمايائين: ”و تعز من تشاءُ و تذل من تشاءُ.“ قادر ڪريم پنهنجا اختيار ڪمشنر جي حوالي ڪو نه ڪيا آهن، جو آ ويهي ڪانئس ڊڄان.

ڊاڪٽر مرحوم ان موقعي تي پهريان مون کي ڪو نه سڃاتو، ڇو ته طرفين جي عمر ۽ حيثيت ۾ ڪافي ترقي ٿي چڪي هئي. بعد ۾ وجهه وني مون ڪيس اڳيان بمبئيءَ وارا ڏينهن ياد ڏياريا. عين شفقت وچان پاڪر پاتائين ۽ فرمائين: ”آءُ اڄ تائين تنهنجي ڳولا ۾ هوس. ولايت مان موٽڻ بعد آءٌ علي محمد راشديءَ جو نالو ا ڪثر ٻڌندو پئي رهيس، پر

اهو پتو ڪو نه هوم ته جنهن چوڪري سان آءٌ بمبئيءَ ۾ مليو هوس، سو هينئر علي محمد راشدي ٿي پيو آهي. وغيره وغيره.“
چڱن ڪان هميشه چڱايون پيون پچن.
تجديد ملاقات بعد، تعلقات جو نئون دؤر شروع ٿيو. تنهن کي ڊاڪٽر صاحب مرحوم آخر وقت تائين نباهيو. مون کي ياد نه آهي ته مون ڪيس ڪڏهن ڪو عرض ڪيو هجي ۽ هن صاحب نه مڃيو هجي.
سياسي زلزلا آيا، جهيڙا ٿيا، وزارتون ٺهيون ۽ ڊهيون، پارٽيون ٺهيون ۽ ڪريون، جاني دوست، جاني دشمن بنجي ويا، وقتن ڦرندي دشمن، دوستيءَ جا دم هڻڻ لڳا، پر مون ڏانهن سندس اوائلي شفقت ۽ روايتي ڪريميءَ ۾ ڪڏهن به ڪا ڪوتاهي ڪا نه ٿي، حالانڪ طبعاً پاڻ قدرتي زود رنج هئا ۽ آءٌ بنهه ”سيدڪو ٻار!“
سنڌ مدرسي جي پرنسپاليءَ بعد، ڊاڪٽر صاحب مرحوم اسماعيليه ڪاليج انڌيري جو پروفيسر مقرر ٿي بمبئيءَ روانو ٿي ويو. آءٌ ”سنڌ زميندار“ ڇڏي ”ستاره سنڌ“ جاري ڪري چڪو هوس.
اميرو نالي هڪ باورچي مون وٽ ملازم هو. ماني چڱي رڌيندو هو، پر دماغ جي ڪل ٿڙڪيل هيس. ڪنهن مهريءَ جي موهه جا هٿ لڳل هئس. مون وٽ سندس پگهار هڪ آنو روز هوندي هئي ان اپرانڌ الائونس جي، مون کي ۽ منهنجي متعلقين کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو رهندو هو. ڪفايت ۽ مانيءَ جي چشڪي جي ڪري آءٌ ۽ حسام الدين به صبر ۽ سڪون سان سندس ٻڙ ٻڙ جي بوڇاڙ برداشت ڪندا ٿي رهياسين.
سياري جي موسم هئي ۽ سکر سونهاري جي صبح جو ڦرڪڻي. اميرو منهنجي ڪمري ۾ اچي دانهون ڪرڻ لڳو. چي: ”صبح مڙدان سان هڪ ”ڏاڪدر بنگلي“ ۾ لنگهي پيو آهي، مون گهڻو ئي پيو چوانس ته هن گهر ۾ ڪو به بيمار ڪو نه آهي، پر هو مُڙي ڪو نه ٿو. چوي ٿو: ”ممبئيءَ“ کان آيو آهيان. مون چيس ته هينئر وڃ، سيءُ واءُ لاهي، عبدالرحمان جي هوٽل تان چانهه پاڻي پِي، پهر سج موٽي اچي پير سان ملجانءِ، پر منهنجي ڪا ڳالهه ڪا نه ٿو مڃي. ڪتابن جي پري ڪنيو ٻاهر پٽ تي چڙهيو ٻيٺو آهي. آءٌ ته دروازي تي ڪڙا ڪنڊا چاڙهي آيو آهيان، پاڻ ئي ٿڪ ٿپائيندس ۽ هليو ويندو...“

منهن ٻاهر ڪڍي ڏنم ته ڊاڪٽر دائود پوٽو مرحوم پاڻ وڃي آهي. ناگهان، بي گمان، ٻوڙي وجي خدمت حاضر ٿيس ۽ اميري جي بدتميزين بابت تڪڙي معافي گهرڻ لڳس. پاڻ فقط ڪلندو رهيو.

حال احوال وٺندي معلوم ٿيو ته سنڌ جي تاريخ تي مواد گڏ ڪرڻ لاءِ پاڻ سنڌ جي سفر تي چڙهيل آهي. ان سلسلي ۾ ڪيس معلوم ٿيو هو ته مان اڳ ۾ ئي سيد محمد معصوم بکري عليه رحمة جي حالات متعلق تحقيق پيو ڪريان، جنهنڪري ضرورت محسوس ٿيس ته مون سان اچي مليو.

ڊاڪٽر صاحب اڳڻ اچي ۽ عيدان نه ٿين؟ خوشيءَ وچان آءٌ سندس خدمت ڪرڻ لڳس. جيڪو حاضر هو، سو کڻي پرينءَ جي پيش ڪيم. سال کن ڪان پوءِ سندس ڪتاب تاريخ معصومي شايع ٿيو، جنهن جي ديباچي ۾ مون کي به ياد فرمايو هئائين.

پر اجا جا ڳالهه اهم هئي ۽ ان موقعي تي مون کي معلوم ٿي، سا اجا ٻي هئي. ڊاڪٽر صاحب پهريون دفعو سنڌ جي ذهني ترقي متعلق، مون کي پنهنجو پروگرام ٻڌايو.

سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ جا آثار ان وقت تائين نه فقط ظاهر، بلڪ يقين جي حد تائين پهچي چڪا هئا. ان حقيقت کي سامهون رکندي، ڊاڪٽر صاحب فرمايو ته سنڌ جي جدائي اوسيتائين بي معنىٰ ي ثابت ٿيندي، جيستائين سنڌين کي ذهني طرح جهنجهوڙي، جا ڳائي، پيرن پر کڙو نه ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ سندس خيال هو:

1. سنڌ جي تاريخ جي تحقيق ڪجي. بغير ماضي معلوم ڪئي ۽ ماضيءَ مان سبق حاصل ڪئي، مستقبل جو صحيح تعمير ٿيڻ ناممڪن آهي.
2. سنڌي ٻوليءَ تان ٻاهرين ٻولين جا چلهڙ ۽ چوڏا لاهي، ان کي سندس اصلي ۽ نج حالت ۾ پيش ڪجي. پنهنجي ٻوليءَ جي مدد کان سواءِ ماڻهو پنهنجي اندر جا ٻول ٻولي نه سگهندو.
3. سنڌ جي مخصوص روحاني تعليمات کي زندهه ڪجي، جيئن سنڌي پنهنجي ان بي مثال ورثي تي فخر ڪري سگهن.
4. سنڌ اندر تعليم عام ڪجي.
5. ڊاڪٽر صاحب فرمايو ته سردست هو سنڌ جي تاريخ گڏ ڪرڻ جي ڪوشش پيو ڪري. جيڪڏهن حياتيءَ هٿ نه ڪڍيس ته هلندي هلندي باقي ڳالهين جي به پوئواري ڪندو رهندو.

هينئر سندس حياتيءَ جو مجموعي جائزو ورتو ويندو تہ معلوم ٿيندو تہ ڊاڪٽر صاحب مرحوم ان پروگرام کي پوريءَ طرح نباهيو ۽ ائين ڪرڻ سان سنڌ جي اجتماعي زندگيءَ کي هڪ نئين دور جي دروازي تي آڻي بيهاريو.

1936ع ۾ سنڌ جدا ٿي. 1937ع ۾ آزاد سنڌ جون پهريون چونڊون ٿيون. ٿوري ئي عرصي اندر ڊاڪٽر صاحب مرحوم بہ بمبئيءَ کان موڪلائي اچي پنهنجي ڳوٺ جا وڻ ڏٺا ۽ تعليمي کاتي جو ڊائريڪٽر مقرر ٿيو.

سندس دفتر بندر روڊ تي، اسٽار (هينئر مئجيسٽڪ) سئنيما جي سامهون هو ۽ منهنجو گهر رام باغ تي. وچان فاصلي جي ٿورائي ڪري اسان جو گڏجڻ روزانو نہ، تہ بہ هڪ نہ ٻئي ڏينهن ضرور پيو ٿيندو هو. اهي ڏينهن امنگن پريا هوندا هئا. نئين ولولي جو وهڪرو اجا وير جي ٽڪرين سان ٽڪرجي ٽُڪر ڪو نہ ٿيو هو. اميدن جو بهار هو، خزان جو خطرو محسوس ڪو نہ ٿي ٿيو.

ڊاڪٽر صاحب مرحوم پنهنجي قلم ۽ پنهنجي تعليمات ذريعي اها ڪوشش شروع ڪئي تہ سنڌي زبان کي هندي ۽ سنسڪرت جي نامناسب ۽ غير ضروري ملاوٽ کان آزاد ڪري، سندس اصلي صورت ۾ پيش ڪري. سنسار سماچار ۽ ڪن ٻين ڪٽر هندو اخبارن جو شغل ئي چڪو هو تہ سنڌيءَ ۾ ٻاهرين ٻولين جا اکر ٽُنبي سندس حُليو بگاڙيو وڃي. ان تحريڪ ۾ سنڌ جا سڀ هندو شامل ڪو نہ هئا. منجهن گهڻا اهڙا بزرگ بہ هئا، جن ان جعلسازيءَ کي قطعاً نفرت جي نگاهہ سان ٿي ڏٺو، پر پري ڪو نہ ٿي سگهيا. سنڌ اندر هندو قلم اهڙن بدمستن جي هٿ چڙهي ويل هو، جن کي اڳ پوءِ جي پرواهہ بلڪل ڪا نہ ٿي پئي ۽ ڦريل وقت ۽ مستقبل جي امڪانن جو منجهن ڪو بہ احساس ڪو نہ هو. في الحقيقت اها ئي چڻنگ هئي، جنهن وقت گذرندي پڙڪو کائي سنڌي سوسائٽيءَ جي يڪ-رنگي واري ساري سرمايي کي ساڙي ڇڏيو ۽ نيٺ خود هندن کي سنڌ ڇڏڻ تي مجبور ڪيو.

1940ع ۾، ڊاڪٽر صاحب مرحوم جي پيدا ڪيل جذبي جو خاص نتيجو نڪتو. سنڌ جي تعليمي وزير محترم غلام مرتضيٰ شاهہ سنائي (جي. ايم. سيد) سنڌ جي زبان ۾ ادب کي اُجارڻ لاءِ سرڪاري ادبي بورڊ قائم ڪيو. ان بورڊ جي سايہ هيٺ سنڌي ادب جون ڪيتريون زندهہ جاويد شخصيتون هڪ جاءِ تي ڪٺيون ٿي ويون. مرحوم مولانا حڪيم

فتح محمد سيوهاڻي، مرحوم مولانا دين محمد وفائي، مرحوم خانبهادر محمد صديق ميمڻ، محترم سيد ميران محمد شاهه، سرڳواسي ڊاڪٽر گربخشاڻي، سرڳواسي ڪاڪو ڀيرو مل مهر چند، سرڳواسي لالچند امر ڏنو مل، سرڳواسي ديوان سوڀراج نرملداس ۽ ڊاڪٽر دائود پوٽو عليه الرحمة پاڻ! منهنجي خوشقسمتي هئي، جو ڪنهن طرح سان منهنجو نالو به ميمبرن جي لسٽ ۾ اچي ويل هو.
اهي ڏينهن، اهي شينهن، وري هي اکيون ڪو نه ڏسنديون. اهڙن انسانن جي قدمن ۾ ويهڻ جو موقعو ملي ويل هو، جن انسانن جا نالا سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ قومون قيامت تائين انتهائي عزت، ادب ۽ احترام سان ياد ڪنديون رهنديون. انهن جي گفتگوءَ جو ڇهڇٽو، انهن جي زبان جي چاشني، انهن جي معلومات جي ڳوڙهائي، انهن جي اٿڻ ويهڻ جي تهذيب، انهن جي صورتن جو شان ۽ وقار، غرض سندن ڪهڙي خوبي ڳڻي ڪهڙي ڳڻجي! علمي آسمان جي ڪَتين ۽ تيڙن، آفتابن ۽ ماهتابن جو ميڙ هو.
موقعو به تاريخي هو، سنڌ جي قديمي مقامي تمدن جو اڻويهين صديءَ وارو دور ختم ٿي رهيو هو. سنڌ جي زبان جا ابا ڀنهنجو عرصو پورو ڪري، قومي ادب جو ورثو نئين نسل جي حوالي ڪري رهيا هئا. سنڌي تاريخ جي تحقيق جو نئون دور شروع ٿي چڪو هو. سنڌيت ڏانهن موٽڻ لاءِ نئين تحريڪ جو بنياد پئي پيو. احساس ۽ آس، اميدن ۽ آسرن جي هڪ نئين دنيا، اکين اڳيان اچي ويل هئي. سمجهيو ائين پئي ويو ته هڪ اهڙو سال شروع ٿيو آهي، جنهن جو چيٽ ٻارهن ئي مهينا چالو رهندو ۽ جنهن جي دوران نه گل جو گلچين سان، نه بلبل جو صياد سان سابقو پوندو.
ڊاڪٽر دائود پوٽو مرحوم پاڻ انهن ميڙن جو مور هوندو هو. ڏکئي کان ڏکيا علمي سوال ڳولي آڻي رفيقن اڳيان رکندو هو. بورڊ جي ساري ڪم جو نقشو سندس دماغي خوبين جو ٿورائتو هوندو هو. اصولي ڳالهين ۾ پاڻ ڪنهن جي ڪو نه مڃيندو هو. هڪ دفعي ڪنهن اکر جي سلسلي ۾ اچي زير زبر تي جهڳڙو لڳو. هڪ طرف ڊاڪٽر صاحب پاڻ، ٻئي طرف بورڊ جي ميمبرن جي گهڻائي. جيتري قدر مون کي ياد آهي، اهو جهيڙو به سال کن هلندو رهيو ۽ بورڊ پاڻ گروپن ۾ ورهائجي ويو. تڪرار وڌي وڃي اخباري ڪالمن تائين به پهتو، پر پڇاڙيءَ تائين

آڻ ڪنهن، ڪنهن جي ڪا نه مڃي. ڊاڪٽر صاحب پنهنجيءَ ڳالهه تي قائم رهيو.
ڊائريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشن سنڌ جي حيثيت ۾ ڊاڪٽر صاحب عليه الرحمة صوبي سان اڪيچار پال پلايا. خوش قسمتيءَ سان ڪين وزير به پير الاهي بخش ملي ويو هو. انهن ٻنهي صاحبن جي ڪوشش سان سنڌ اندر تعليم کي وڏو فروغ رسيو. نيون ڪاليجون برپا ٿيون. سنڌ يونيورسٽي قائم ٿي، اسڪالرشپون ورهايون، زوري تعليم عام ٿي، سون پيرين نوان پرائمري اسڪول کليا، قيمتي ڪتاب ڇپيا، سنڌ جي تايخ ۾ زماني کي جيارڻ ۽ اجارڻ واري اصول ۾ عام دلچسپي پيدا ٿي. غرض سنڌ اندر علم جو اجهامندڙ ڏيئو انهن ٻن صاحبن جي حب الوطنيءَ وسيلي روشن ٿي پيو. ڪيترن سالن تائين پوءِ به، آءٌ گهڻن ادارن تي پير الاهي بخش جو نالو ڏسندو رهيس. پر عرصو گذرندي:

”لڳي ڪا جا واءُ، ويا انگڙا لتجي.“

1956ع ۾ جڏهن آءٌ ملڪ کان ٻاهر وڃڻ لاءِ تيار ٿيس ته ڊاڪٽر صاحب مون کان موڪلائڻ آيو. پاڻ سان ديوان حافظ جو هڪ طلائي نسخو کڻي آيو، جيڪو مون کي بطور تحفي جي ڏنائين ۽ فرمايائين:
”جلاوطنيءَ جي زماني ۾ هيءَ سوکڙي ساڻ رکجانءِ، هيانءُ مُنجهيئي ته هن ڏانهن رجوع ڪجانءِ!“
1958ع ۾ ڊاڪٽر صاحب عليه الرحمة جي رحلت جي خبر پئي. اهو هڪ اهڙو حادثو هو، جنهن جي اثر هيٺ دل دانهون ڪندي رهي، پر قدرت جي فيصلن ۾ فتوائن اڳيان چارو چلي ڪو نه ٿي سگهيو. سندس ڏنل ديوان حافظ ڏانهن رجوع ڪيم، هن شعر تي نظر پئي:

”اي دلِ ريش مرا بالب تو حق نمک،
حق نگهدار که من ميروم، الله معک.“

انا لله و انا اليه راجعون.
1962ع جي آڪٽوبر ۾ موتي اچي ڏنم ته ساز توڙي جو پاڻ خموش ٿي چڪو هو، پر ان جا نغما اجا تائين به فضا ۾ پئي ڦريا. ڏڻي ڪري شال نغمن سان به ڪا ويڌن نه واڻجي.

## سنڌ جو مشهور سخي ڄام ڪانيو خان

## نور سنڌي

سنڌ ۾ اها چوڻي اڄ به مشهور آهي ته يار تون ته اسان لاءِ ڄام ڪانيو ته نه آهين. ها ڄام ڪانيو خان سنڌ جو مشهور سخي مڙس ٿي گذريو آهي. پاڻ سنڌ جي اهم ڄام جوڻيجو جي خاندان مان هو. پاڻ 1305ھ ۾ وقت جي وڏي جاگيردار نواب ڄام محمد شريف جي گهر ۾ جنم ورتو. پاڻ ننڍي هوندي کان سچار غريبن جو همدرد ۽ غريبن جي مدد ڪندي خوشي محسوس ڪندڙ هو. ڄام ڪانيو خان جي سخاوت، نه صرف ڄام نوازعلي واري علائقي ۾ پر ان وقت جي سنڌ هند ۾ مشهور هئي. پاڻ روزانه فجر جي نماز پڙهي، نوڪرن کان ڪاٺ جي هڪ وڏي صندوق، جنهن ۾ چانديءَ جا رپيا هوندا هئا، سامهون رکرائي رات دير تائين ايندڙ ضرورتمندن سوالين کي ڀڪ ڀري ڏيندو هو. وڏي سخي هئڻ سان گڏوگڏ مهمان نواز به هو. اوطاق تي ايندڙ مهمانن توڙي فقير فقراءَ لاءِ هڪجهڙي ماني، ڍاڪوڻءَ ۾ ڏيڪجي ايندي هئي. پاڻ صوفيانه راڳ جو به وڏو شوقين هوندو هو. پلا گهوڙا، مهري اٺ، پلا ڏاند، پليون مينهون، پليون ٻڪريون رکڻ جو به شوقين هو. وٽس 2 سئو کان وڌيڪ پلا گهوڙا هوندا هئا. سخي اهڙو جو ڪيترا ئي سوالي مينهون يا ڍڳا ۽ ٻئي چوپائي مال سان گڏ، گهوڙا سي به سٺن سنجن سان ڏيڻ جي سين هڻندا هئا ته کين اهي به ڏئي ڇڏيندو هو. سياست کان پري هو. سياست وارو ڪم پنهنجي پائرن نوابزاده ڄام جان محمد خان ۽ نواب زاده ڄام مٺا خان جي حوالي ڪري ڇڏيو هيائين. مٿيان ٻئي نواب، بمبئي اسيمبليءَ جا ميمبر رهيا ۽ ان حيثيت سان سنڌ ۾ سٺا ڪم ڪرايائون. ڄام ڪانيو خان لاءِ اهو مشهور آهي ته پاڻ پنهنجي مرشد حضرت شاهه عبدالطيف ڀٽائيءَ جي مزار تي حاضري ڀرڻ لاءِ، سوين نوڪرن سان گڏ ڀٽ شاهه ويندي نازڪ نفيس هئڻ جي باوجود ڀٽ شاهه کان ٻه ڪوهه پري، نوڪرن سميت گهوڙن تان لهي پير اگهاڙا ڪري پيرين پنڌ مزار تي حاضري ڏيندا هئا. ايئن ٻه ٽي راتيون رهي، وڏيون خير خيراتون ڪندا هئا ۽ پاڻ سان آندل چانديءَ جي ٽڪن جو خرزينون فقير فقراءَ ۾ ورهائيندا هئا. لطيف جي عرس مبارڪ ۾، زائرين لاءِ سندن پاران لنگر عام هلندڙ هوندو هو.

ملاڪڙي ۾ به ملهن کي ٽڪن جا ڀڪ ڀري ڏيندا هئا ۽ ميلي ۾ فنڪارن سان به اهڙي سخاوت ڪندا هئا. پاڻ بهترين گهوڙي سوار به هئا. سندس ويجهن دوستن ۾ سيد محمد علي شاهه ڄاموٽ مٽياريءَ وارو،

سر شاهنواز ڀٽو، نواب نبي بخش خان ڀٽو، نـواب غـيـبي خـان چانڊيو، مير بنده علي خان ٽالپر به شامل هئا. پاڻ محفلن جو مـور ۽ ڳوٺـاڻي ڪچهرين سان دلچسپي رکنـدو هـو. روزي نمـاز جـو پابنـد، سـنڌ جـي ڪيترن ئي بزرگن سان عقيدت رکندڙ هو. بزرگن جي ميلـن ملاکـڙن ۾ وڃي نه صرف لنگر نياز ڪندو هو پر ملهن ۽ فنڪارن کي به دل کولي ٽڪن جا ٽڪ پري ڏيندو هو. سنڌ جو هيءُ عظيـم سـخي 1374 هـ ۾ 9 ربيع الثاني تي هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. سندس وصال جـي خـبر باهه وانگر سـنڌ هنـد ۾ پکڙجـي وئي. چـون ٿـا تـه تعزيـت ڪنـدڙن جـو سلسلو سـچو سـال جـاري رهيـو. جا ڪاڻ تـه ان وقـت سـوارين جـي سهوليت نه هئي. تعزيت لاءِ نه صـرف سـنڌ پـر هـنـد کـان بـه هزاريـن ماڻهو پهتا. تعزيـت لاءِ اينـدڙ ايئن روئينـدا رهيـا، ڄڻ سـندن ڪـو مـٽ مائٽ گذاري ويو هجـي. سـندس پٽـن ۾ ڄـام صـادق علـي خـان، ڄـام شيرعلي خان هئا، جيڪي وفات ڪري ويا. ڄام صادق علي خـان جـي پٽن ۾ ڄام معشوق علي، ڄام ڪاشف علي ”مرحـوم“، ڄـام ذوالفقـار علي، ڄام شير علي جي پٽن ۾ ڄام نورعلي خان، ڄـام نفيـس خـان ۽ ڄام نياز علـي خـان شـامل آهـن. ڄـام صـادق علـي خـان بـه مهمـان نوازيءَ واري روايت، پنهنجـي والـد کـان ورثـي ۾ حاصـل ڪئي ۽ مـرڻ گهڙيءَ تائين سندس دل جو دستر خوان ايندڙ ويندڙ جي مهمــانيءَ لاءِ وڇايل رهيو.

## سردار شاهه بخش خان سهتو

گلاب علي سهتو

ڄام شاهه بخش خان سن 1924ع تي سيٺارجا بالا ۾ سردار ڄـام گـل محمد خان جي گهر ۾ پيدا ٿيو. ڄام شاهه بخـش خـان حسـب دسـتور پنهنجي والد بزرگ سان گڏ پنهنجي برادريءَ جي ماڻهن جا مسئلا حـل ڪرڻ لاءِ فيصلن ۾ موجود هوندو هو. سندن ذهانت ڪمـال درجـي جـي هئي. جو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي والد کـان اجـازت گهـرِي ڪـن ا ڻانگن انسانن جا فيصلا پنهنجـي والـد صـاحب جـي موجـودگيءَ ۾ ئي ڪـري وٺندو هو يا وري ڪڏهن سندس والد صاحب کيس خاص حڪم ڏينـدي، فيصلي ڪرڻ لاءِ چوندو هو. سـندس عقيـدت ۽ مريـديءَ وارو واسـطو

ناتو درگاهه غوثيا سهرورديا جي خاص خاص خلصفن ۽ عاشقن طور
قائم دائم هيو ۽ اڄ به آهي. سنڌ ڌرتيءَ تي سرداري صف ۾ بيٺل هي
واحد ۽ پهريون سردار هو. جڏهن ڪارو ڪاري وارين ڪڏين رسمن ۽
رواجن عيوض ۽ ڏنڊ ڏوهه يا ڇٽي طور نياڻيون ڏيڻ واري رسم خلاف
بغاوت ڪئي. سردار ڄام شاهه بخش خان ڪڏهن به اهڙو فيصلو نه
ڪيو. جنهن ۾ ڏنڊ يا ڇٽي طور عورت ڏني وئي هجي. هن چاهيو پئي ته
هن امن واري ڌرتيءَ تي انتهائي ڪارروايون براين ۽ بڇڙاين جي پٺور
۾ آيل شرافت ۽ حقيقت پسندي وارين ريتن رسمن کي جياريو وڃي.
ڄام شاهه بخش خان پنهنجي تعليم پوري ڪرڻ کانپوءِ پنهنجي ڳوٺ ۾
فائنل جا ڪلاس هلرايا ۽ پنهنجي خرچ تي استاد مقرر ڪرائي استادن
۽ شاگردن جي رهائش جو خرچ پڻ پاڻ برداشت ڪيو. جوانيءَ جي دور
۾ ئي سندس هڪ ڪمدار ڪنهن موقعي تي کيس چيو ته اسان جي
هن ڇوڪري جو مٿو خراب ٿيو آهي ڇوي ٿو مان پڙهان پر اسان
ڇئونس ٿا ته ته تون مال متاع جي ڪر. جنهن کانپوءِ ڄام شاهه بخش
خان ٻار ڏانهن مخاطب ٿيندي چيو ته پٽ مان تنهنجو خرچ برداشت
ڪريان ٿو. تون جتي به چاهين اتي تعليم حاصل ڪر، پوءِ ڪمدار کي
تنبيهه ڪيائين ته علم کان سواءِ انسان اڌورو آهي. هن ڪيترن ئي
ڳوٺن ۾ پاڻ عمارتون ٺهرائي تعليمي ادارا قائم ڪيا. سندس اعلٰي
ذهانت سبب انگريزسرڪار جي ڪليڪٽر آءِ ايس لاءِ کيس چونڊيو ۽
لنڊن وڃي تربيت جو امتحان ڏيڻ جي آڇ ڪئي جيڪا انگريز سرڪار
سان بغاوت سبب ٺڪرائي ڇڏيائون. هو سندن والد جي وفات کانپوءِ
30 جولاءِ 1985ع بمطابق 11 ذوالقعد 1405ع تي سرداري مسند
تي ويٺو. پاڻ 1959-60ع جي بي ڊي اليڪشن ۾ حصو وٺي باقاعدگيءَ
سان سياسي ميدان ۾ پير پاتائون، يونين ڪائونسل هيٺيان سيٺارجا ۽
گڏيجي جا ڪيترائي دفعا ميمبر، وائيس چيئرمين ۽ چيئرمين چونڊيا ويا.
سردار ڄام شاهه بخش خان سهتو عوامي ڀلائي جا ڪيترائي ڪم
ڪيا. گڏيجي کان سيٺارجا اسٽيشن ۽ نيشنل هاءِ وي کان سيٺارجا بالا
جيڪي هينئر پڪا روڊ آهن پنهنجي هارين نارين جي مدد سان ڪچا
رستا ٺهرائي ماڻهن کي رستن جي سهوليت ميسر ڪئي. هن غريب
پرور انسان ۽ سندن خاندان ڪڏهن به انساني تذليل نه ڪئي. اونچ نيچ
، امير غريب واري فرق کي ختم ڪري جمهوريت ۽ مساوات جو اهڙو
مثال قائم ڪيو. جيڪو اهڙين مسندن تي ويٺل ٻين شخصيتن وٽ نه

هيو. هن پنهنجي برادري کان سواءِ راڄداري ۾ اينڊڙ ٻين ڪيترن ئي قبيلن جي ماڻهن کي پنهنجي آڳنڊ تي ڪٽ، ڪرسي ويهڻ لاءِ ڏئي برابري جو مثال قائم ڪيو جيڪو سلسلو اڄ به جاري آهي. هن روشن خيال سردار پنهنجي اها سوچ سدائين اڳيان رکي ته پنهنجي قبيلي جي ماڻهن کي ۽ اوڙي پاڙي جي ٻين برادرين جي غريب ماڻهن کي علم جهڙي زيور کان محروم رکڻ هن مسند سان خيانت آهي. سنڌ ۽ هند ۾ سندس قبيلي جي ماڻهن جي موجودگيءَ هوندي به هن ڪڏهن خون خرابي جي هوا کي نه پڙڪايو هوندو. سنڌ ڌرتي تي سندس قبيلي سان لاڳاپيل ڪيتريون ئي برادريون ۽ پاڙا سندس سرداريءَ هيٺ هئا ۽ راجائن جي علائقي راجستان ۾ پڻ سندس قبيلي کي، پاڙيسري کي اهنج ۽ ايذاءَ ڏيڻ، ڦرڻ لٽڻ جو درس هن گهرا ڻي جي ڪنهن به فرد نه ڏنو. سردار شاهه بخش خان سهتو به ان ئي سوچ جو مالڪ رهيو. هي امن پسند سردار ته هو پر ڪڏهن به انگريز سرڪار کان وٺي ٻئي ڪنهن جابر حاڪم اڳيان نه جهڪيو. جڏهن به ڪنهن ڏاڍي پير مير ڪنهن غريب پاڙيسري جي ننگ ۽ دنگ سان هٿ چراند جي ڪوشش ڪئي هوندي اتي هي سرويچ سرواڻ اڳيان اچي پاڻ ملهائڻ لاءِ پهتو هوندو. سندس سوچ ۾ اها ئي ڳالهه هوندي هئي ته هي ڪهڙي به قبيلي جو مظلوم ماڻهو آهي ان جي مدد ڪرڻ گهرجي. هن ڪڏهن به اقتدار جي عيوض اصولن جي سوديبازي نه ڪئي. هن چاهيو پئي ته حقيقي حڪمراني انسانن جي دلين تي حاڪميت ڪرڻ آهي. ٻين خاطر پاڻ ارپڻ وارو اصول، نه ڪي ڪرسي حاصل ڪرڻ لاءِ ڌرتي، قوم ۽ ضمير جو سودو ڪيائين.

## ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

غلام مصطفٰي ڪتي

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي سنڌ پرڳڻي جي لاڙ واري خطي ضلعي بدين جي ڳوٺ پير فتح محمد شاهه ۾ تاريخ 26 نومبر 1935ع ۾ جنم ورتو. سندس والد جو نالو ڊاڪٽر سلطان احمد آهي.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي ابتدائي تعليم بدين، ٽنڊو باگو، نواب شاهه ۽ حيدرآباد مان حاصل ڪئي. هن ايم اي ”سنڌي“ جو امتحان سنڌ يونيورسٽي مان 1962ع ۾ پاس ڪيو، جنهن ۾ سندس محنت، ڏاهپ ۽

هوشياري سبب ڪيس ”گولڊ ميڊل“ سان نوازيو ويو. مذڪوره خوبين جي مالڪ هئڻ سبب ۽ پڙهائي جي تسلسل ڪي برقرار رکندي سال 1966ع ۾ چين جي گادي واري هنڌ بيجنگ مان هن چيني ٻولي ۾ ڊپلوما ڪيو، جنهن ۾ هن پاڻ پتوڙي پهريون نمبر کنيو ۽ ڪيس ڊپلوما جي امتيازي سند سان نوازيو ويو. اهڙي ريت سال 1974ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪيائين جيڪا مولانا غلام مصطفىٰ قاسمي جي رهنمائي هيٺ حاصل ڪيائين. انهي ۾ هن هيٺين عنوان تي مقالو لکيو ”سنڌي شاعري تي فارسي شاعري جو اثر“ انهي عنوان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ڪيس ڪيڏو ڳوڙهو مطالعو ڪرڻو پيو هوندو.

## بئريسٽر غلام محمد خان ڀرڳڙي

پروفيسر اعجاز قريشي

سنڌ هڪ مردم خير خطو رهيو آهي. هن پنهنجي ڪُکِ مان ڪيترين ئي عظيم ۽ اعلى شخصيتن کي جنم ڏنو آهي. انهن مان هڪ رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي پڻ آهي. غلام محمد خان ننڍي هوندي کان ئي سنڌ جي سياست ۾ پير پاتو ۽ ان ۾ هڪ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. ننڍپڻ ۾ هن تمام سٺي تعليم حاصل ڪئي ۽ پنهنجي تعليم ۽ سمجهه جي زور تي سنڌ جي عام غريب ماڻهن ۽ خاص طور تي مقامي ڪولهي ۽ ڀيل برادرين جي ماڻهن سان هن کي محبت ٿي ۽ سندن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي ڪوشش ڪئي. ڀرڳڙي صاحب جڏهن هن دنيا ۾ اک کولي ته هندستان ۾ برطانوي راڄ هو ۽ سنڌ ۾ به انگريزن جي حڪومت هئي. هن پنهنجي اکين سان ماڻهن سان انگريزن طرفان به اکيائي ٿيندي ڏٺي ۽ پوءِ انگريزن کي هن سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ماڻهن جا مسئلا وتن ڪٽي ويندو هو. انگريز بهادر چا ڪاڻ ته حڪمران هو ۽ پنهنجي طاقت جي نشي ۾ هو، ان ڪري هو انهن ڳالهين تي ڌيان نه ڏيندو هو.

غلام محمد خان ٿوري وقت ۾ ان ڳالهه کي سمجهي ويو ۽ هن انگريز جي قانون جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ ان تي دسترس حاصل ڪئي ۽ پوءِ هو جلد ئي انگلنڊ روانو ٿيو ۽ چند سالن ۾ بئريسٽري جي ڊگري حاصل ڪري واپس آيو. ڀر ڳڙي صاحب انگلينڊ مان ڊگري وٺي 1908ع ۾ واپس سنڌ پهتو ۽ اچڻ شرط پنهنجي وڪالت جو هڪ جاندار فرم قائم ڪيو جنهن ذريعي هن عام ۽ غريب ماڻهن جا ڪيس کنيا ۽ ساڳئي وقت سياست ۾ ڀرپور حصو وٺڻ لڳو. انهيءَ دؤر ۾ ڀر ڳڙي صاحب جي وڪالت واري فرم ۾ ساڻس سنڌ جي ٻين وڪيلن به ساٿ ڏنو جن ۾ خاص طور تي بئريسٽر عبدالرحمان، بئريسٽر حافظ، مسٽر عبدالقادر وڪيل ۽ ڪجهه ٻيا دوست شامل هئا. هي اُهو دؤر هو، جنهن وقت سنڌ جي هڪ ٻي اعلى شخصيت شيخ

عبدالمجيد سنڌي مسلمان ٿي سنڌ جي سياست ۾ حصو وٺڻ لڳو. هي نو مسلم هو ۽ پرڳڙي صاحب سندس ڪافي مدد ڪئي. ان وقت سنڌ ۾ پرڳڙي صاحب جي دوستيءَ ۾ سنڌ جو ناميارو وڪيل ۽ دانشور سيٺ هرچند راءِ وشنداس، سنت داس منگهارام، جيٺمل پرسرام، جئرام داس دولترام به اچي ساڻس شريڪ ٿيا ۽ سنڌ ۾ هڪ سياسي ۽ سماجي هلچل هلڻ لڳي. انهن ئي ڏينهن ۾ مولانا عبدالله سنڌي به پير جهنڊي ۾ اچي رهيا هئا ۽ پنهنجي تعليم جو هڪ مدرسو قائم ڪيو. انهن ئي ڏينهن ۾ شيخ عبدالمجيد، پرڳڙي صاحب جو سياسي اسسٽنٽ ٿيو ۽ پرڳڙي صاحب طرفان جاري ڪيل اخبار الامين جو ايڊيٽر ٿيو، جتان شيخ صاحب وڏي هڪ اعلى پائي جو سياستدان ٿيو.

شيخ صاحب ۽ پرڳڙي صاحب ننڍي ڪنڊ جا اعلى ڪردار ۽ اعلى پائي جا سياستدان ٿي اڀريا. انهن ڏينهن ۾ پرڳڙي صاحب آل انڊيا نيشنل ڪانگريس ۾ شامل ٿيو. ان وقت ڪانگريس جو ليڊر جناب فيروز شا مهتا هو. 1908ع ۾ ڪانگريس طرفان سنڌ ۾ هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي وئي جيڪا لاڙڪاڻي شهر ۾ منعقد ٿي. هن ڪانفرنس جي صدارت سيٺ هرچند راءِ وشنداس ڪئي. انهيءَ ڪانفرنس ۾ تمام گهڻا قومي مسئلا ۽ سوال اُٿاريا ويا خاص طور تي سنڌ جي بمبئي کان آزادي وارو معاملو ان ڪانفرنس سنڌ ۾ ڪافي هلچل پيدا ڪئي ۽ پرڳڙي صاحب ان سلسلي ۾ سنڌ جي حقن جي حفاظت بابت تمام اهم ۽ سنو ڪردار ادا ڪيو. ڪانگريس ان وقت هندستان جي تمام وڏي مضبوط ۽ فعال تنظيم ٿي وئي هئي ۽ سنڌ ۾ به ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ لڳي. سنڌ جا ڪيترائي مسلمان ليڊر هن ۾ شامل ٿي ويا هئا، ڇو ته ڪانگريس هندستان جي آزاديءَ لاءِ وڙهي رهي هئي ۽ پنهنجي مختلف هنڌن تي انگريزن جي ڪردار جي نفي ڪئي پئي وئي. 1908ع ڪانپوءِ ڪراچيءَ ۾ 1913ع ۾ ساليانو ميڙ ٿيو، ان بعد 1914ع ۾ مدراس ۾، 1915ع ۾ بامبي ۾ ساليانو ميڙ ٿيو. انهن سڀني ۾ غلام محمد خان صاحب جو مرڪزي ڪردار رهيو. ڪراچيءَ واري ميڙ جو سڄو بندوبست ته پرڳڙي صاحب ڪيو. انهيءَ ڪانپوءِ ٽيون صوبائي ميڙ وري لاڙڪاڻي ۾ 21 اپريل 1916ع ۾ ٿيو، جنهن ۾ پڻ پرڳڙي صاحب جو وڏو ڪردار هو. انهيءَ ڪانفرنس ۾ سيٺ هرچند راءِ، غلام محمد پر ڳڙي صاحب کي انهيءَ ڪانفرنس جي صدارت لاءِ ڪوٺايو هو ۽ پرڳڙي صاحب جي شان ۾ هڪ ڀرپور تقرير ڪئي، جنهن ۾ هن چيو ته "پرڳڙي صاحب سنڌ جي ماڻهن لاءِ ڪم پيو ڪري ۽ بيو ته هو سڄي سنڌ جي مسلمانن ۽ هندن لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي ۽ ڪين ويجهي آٽڻ ۾ سندس وڏو ڪردار آهي. هو هڪ انسان آهي ۽ انسانيت جو علمبردار آهي ۽ هو انسانن ۾ ڪنهن به ورهاست جو حامي ناهي ۽ پر ڳڙي صاحب انڊين نيشنل ڪانگريس جي ڪا به ميٽنگ يا ڪانفرنس هجي ۽ ڪٿي به هجي ته هو ان ۾ اچي شامل ٿيندو آهي ۽ هن ڪڏهن به نه گسايو آهي." انهيءَ تي سڄو حال اُٿي بيٺو ۽ پرڳڙي صاحب جي ايڏي عزت افزائي تي تمام گهڻيون تاڙيون وڄايون. بعد ۾ انهيءَ لاڙڪاڻي واري ڪانفرنس جي صدارت پر ڳڙي صاحب ڪئي ۽ هڪ ڀرپور تقرير ڪئي. انهيءَ ۾ هن هندستان ۽ سنڌ جي ماڻهن جي اهنجن جو ذ ڪر ڪيو ۽ برطانوي راڄ جي سٺن ماڻهن جي تعريف پڻ ڪئي. پرڳڙي صاحب جي اها تقرير

تمام پرپور هئي ۽ تقرير انگريزي ۾ موجود آهي اسان جي محقق سائين محمد هاشم لغاري جي پرڳڙي صاحب تي لکيل ڪتاب ۾ موجود آهي.
پرڳڙي صاحب ڪجهه وقت آل انڊيا ڪانگريس جو جنرل سيڪريٽري پڻ رهيو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ هن محسوس ڪيو ته ڪانگريس طرفان مسلمانن جي آزاديءَ جو ڪيس پرپور نموني نه ڪنيو پيو وڃي ۽ انهن ئي ڏينهن ۾ پرڳڙي صاحب جي چوڻ تي آل انڊيا مسلم ليگ ۽ آل انڊيا ڪانگريس جو گڏيل اجلاس ٿيو، جنهن ۾ پرڳڙي صاحب سنڌ جو بمبئي کان جدائي جو ٺهراءُ پيش ڪيو ۽ هن ڏنو ته قائداعظم هڪ وڏو مدبر آهي ۽ ساڻس گڏ ڪم ڪرڻ جو سعيو ڪيو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ پرڳڙي صاحب آل انڊيا مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو ۽ پوءِ محمد علي جناح صاحب ۽ ٻين سان گڏ ڪم ڪيو. پرڳڙي صاحب مسلم ليگ ۾ ڪيترن ئي اهم عهدن تي رهيو. هن پنهنجي سڄي جواني جديد سنڌ جي ماڻهن جي خدمت ڪئي. انگريزن سان هارين ۽ زميندارن بابت رسائي ۽ لاڀي تي جهيڙو ڪيو. پرڳڙي صاحب هڪ باڪردار، روشن خيال سياستدان هو. هن سنڌ ۾ پنهنجو نالو ڇڏيو. پاڻ ڪم ڪم ڪندي، ڪندي جوانيءَ ۾ ئي راهه رباني وٺي ويو. پر سندس ڪم اڄ اسان وٽ موجود آهي. اسان جي نوجوانن کي سندس ڏسيل واٽ تي هلڻ گهرجي، ڇو ته سنڌ کي هن مهل اهڙن ماڻهن جي ضرورت آهي.

## بئريسٽر غلام محمد پرڳڙي

### غلام حسين قائمخاني

بئريسٽر غلام محمد پرڳڙي ڳوٺ ديگهاڻ پرڳڙي ۾ جنم ورتو. سندس والد محترم جو نالو رئيس مولوي ولي پرڳڙي هو. رئيس غلام محمد پرڳڙي ابتدائي تعليم سندس ئي ڳوٺ جي مدرسي مان حاصل ڪئي. بعد ۾ پاڻ مشينري اسڪول ڪراچي ۽ سنڌ مدرسي ڪراچي مان مئٽرڪ پاس ڪري واپس ڳوٺ دينگاڻ پرڳڙي اچي زمين سنڀالي.

## حاجي نجم الدين لغاري (سريوال)

### عبدالغفار لغاري

سنڌ ڌرتي جنهن کي صوفين ۽ امن جي ڌرتي چيو وڃي ٿو، اتي هر دور ۾ اهڙا ماڻڪ موتي پيدا ٿيا آهن، جن هميشه ماڻهن جي خدمت

ڪي عبادت سمجهڻ سان گڏ امن ۽ شرافت جو دامن نه ڇڏيو آهي. سنڌ ۾ سياسي، برادري ۽ راڄگيري جي حوالي سان هڪ منفرد ۽ اعليٰ مقام رکندڙ سياسي شخصيت حاجي نجم الدين لغاري (سريوال) جو جنم ضلع بدين جي تعلقي ماتلي جي ننڍڙي ڳوٺ ماڻڪ لغاري ۾ 1920ع ۾ ٿيو، سندس ابتدائي تعليم جي شروعات ڳوٺ گلاب لغاري جي پرائمري اسڪول مان ٿي وڌيڪ تعليم ٽنڊوباگو جي هاءِ اسڪول مان حاصل ڪئي. مرحوم جي سياسي ۽ ذاتي زندگي هڪ بي داغ شخصيت سان گڏ شرافت ۽ قانوني جي پاسداري رکندڙ شخصيت هئي. هو عام رواجي وڏيرن ۽ رئيسن کان منفرد طبيعت رکندڙ شخصيت هو ۽ اصولن تي ڪڏهن به سوديبازي نه ڪئي. سندس ڪچهرين مان واضع لڳندو هو ته هن جو پسنديده سياسي شخصيتون قائم اعظم محمد علي جناح، فاطمه جناح ۽ بعد ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هئا. سندس اهم ۽ قريبي دوستن ۾ ڀٽو مرحوم کان علاوه غلام مصطفيٰ جتوئي، رحيم بخش سومرو، پير غلام رسول شاهه جيلاني، مير رسول بخش ٽالپر، قاضي عابد، قاضي اڪبر، ڄام صادق، شاهنواز جوڻيجو وارن سان دلي لڳاءُ هئس. ٽائيم جي پابندي سندس اولين ترجيح هئي. راڄ ڀاڳ ۾ آخري سفر ٽائين مرڻ ۽ پرڻ ۾ پاڻ پهچي ڏک ۽ سک ونڊڻ سندس عادت هئي. سنڌ اندر لغاري برادري ۾ اهم مقام رکڻ باوجود ڪڏهن به سرداري جو لفظ نه سڏارايائين ۽ مخصوص قبيلائي سوچ نه رکي مرحوم حاجي نجم الدين (سريوال) 1945ع 1950 ڌاري سياسي سفر جو آغاز ڪيو ۽ ماتلي مان ميونسپل ڪميٽي جي ميمبر طور منتخب ٿيو، 1953ع ڌاري ماتلي جي صوبائي ٽڪ تان مسلم ليگ جي پليٽ فارم ايوب کهڙو گروپ جي نور محمد نظاماڻي سامهون اليڪشن ڪري ڪاميابي حاصل ڪري ايم پي اي ٿيو. عبدالستار پيرزاده جي وڏ وزارت ۾ ايڪسائيز کاتي جو صوبائي وزير ٿيو، ون يونٽ واري اليڪشن ۾ مغربي پاڪستان جو ميمبر منتخب ٿيو. 1956ع ۾ ڊاڪٽر خان صاحب جي وزارت ۾ جهنگلات جو وزير مقرر ٿيو. سنڌ ۾ 1956ع دوران آيل ٻوڏ دوران ايريگيشن کاتي جا پاور ملڻ تي ماتلي شهر کي بچائڻ وڏي جاکوڙ ڪيائين ۽ اتان ماڻهن کي ڪڍڻ لاءِ خصوصي ترين هلرائي 1962ع دوران باءِ اليڪشن ميمبر اعجاز ٽالپر کان 7 ووٽن تان هارايو چار مارچ 1964ع واري واقعي ۾ جن شاگردن جي ڪورٽ مان ضمانت

نه ٿي ناهن جي ضمانت حاجي انجم الدين لغاري ان وقت جي لا ڪاليج جي پرنسپل ۽ وڪيل محمد ميمڻ جي گذارش تي ڪرائي يحيٰ دور ۾ پهريان دولتانه صاحب ۽ بعد ۾ سڪندر حيات جي ٻاهر وڃڻ بعد پاڪستان مسلم ليگ جو عارضي طور صدر به ٿيو. 1970-73 ڌاري ٽنڊو باگو بدين تڪ تي پيپلز پارٽي اڳواڻ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو سامهون اليڪشن ڪئي. 5000 ووٽ تان شڪست کائي 1973ع ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ ان وقت جي وزير اعليٰ ممتاز علي ڀٽو جي چوڻ تي پيپلز پارٽي ۾ شموليت اختيار ڪئي. ماتلي بدين تڪ تان مرحوم خان محمد نظاماڻي پاران اليڪشن تان هٿ ڪڻن بعد ڪاميابي ماڻي. 1983ع دوران ايم آر ڊي تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ گرفتار به ٿيو.

ضياءَ دور ۾ غير جماعتي اليڪشن دروان ڪامياب ٿيئي ڪاٿ ڪري سياسي حلقن ۾ هڪ نمايان ڪردار ادا ڪيو. اڳوڻي وزير اعظم غلام مصطفيٰ جتوئي واري دور ۾ صوبائي وزير ٿيو. 1988ع بعد سياست کان ڪناره ڪشي ڪئي. مرحوم کي ٻن پٽن جو اولاد آهي.

وڏو پٽ بشير احمد لغاري پيپلز پارٽي ضلع بدين جو سينيئر نائب صدر ۽ ايم پي آهي. جڏهن ته سندس ڀيو فرزند انيل احمد پرائيويٽ نوڪري ڪري ٿو. مرحوم حاجي نجم الدين 2004ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. هن اڌ صدي تائين بغير ڪنهن لالچ ۽ لوڀ جي ماڻهن جي خدمت ڪئي. ڪڏهن به سرڪاري ادارن قرض نه کنيو ۽ قانون کان هٽي ڪري ڪو قدم نه کنيو. اڄ به عوام ڪيس علائقي ۾ ڪرايل ترقياتي ڪمن ڪري مرحوم جي ڪيل خدمتن کي ياد ڪن ٿا جيڪي هڪ تاريخي حيثيت ماڻي چڪيون آهن جيڪي هميشه ياد رهنديون.

## خان محمد پنهور هڪ عملي انسان

عظيم رند

خان محمد پنهور دادو ضلعي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ آراضي ۾ هڪ غريب فرد جي گهر ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ آراضي ۾ حاصل ڪرڻ کانپوءِ وڌيڪ تعليم لاءِ پنهنجي وڏي ڀاءُ جان محمد پنهور جي سرپرستيءَ هيٺ، پان سيدآباد هاءِ اسڪول ۽ هالا ڪاليج مان ٽيندو، حيدرآباد پهتو ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي اي ڪيائين. پنهنجي

پالڪپڻ کان ئي ڏاڍو ايڪٽو هوندو هو. هو ٻارڙن جي ٻاري ۾ پيا پروگرام ترتيب ڏئي پنهنجو ۽ ساٿي ٻارڙن جون صلاحيتون وڌائيندو رهيو.

## خانبهادر مرحوم غلام محمد وساڻ

### چونڊ: راجا رانوڙ

سرزمين سنڌ ۾ رهائش پذير قديم قومن ۽ قبيلن ۾ جن کي مجموعي طور ”سمات“ سڏيو وڃي ٿو تن ۾ وساڻ پڻ شامل آهن. هن برادري جا اڪثر ماڻهو سنڌ جي وچولي ۽ ڏاکڻئين علائقي ضلع ٿرپارڪر، ضلع سانگهڙ، ضلع نوابشاهه، ضلع حيدرآباد ۾ رياست خيرپور جي ڪن حصن ۾ آباد آهن. سندن اباڻو ۽ قديم پيشو، زميندار ي ۽ هاريو آهي. هڪ روايت موجب؛ وساڻ سنڌ جي سمن حاڪمن جي هڪ شاخ آهي ۽ جهڙيءَ طرح سنڌ جون ٻيون اڳوڻيون حڪمران برادريون زماني جي دستبرد کان بچي نه سگهيون ۽ پنهنجي اصلوڪي مقام تي برقرار نه رهيون، تهڙيءَ طرح هيءَ برادري پڻ ڪن صدين تائين خاموشيءَ سان پنهنجي حال تي شاڪر آهي. مرحُوم خانبهادر غلام محمد وساڻ جهڙا عديم النظير انسان، صدين کان پوءِ پيدا ٿيندا آهن. وڏن ماڻهن جو احوال لکڻ مان به وڏي مان وڏا فائدا هي حاصل ٿين ٿا؛ هڪ ته قوم جا نونهال پنهنجن بزرگن بابت پڙهي پنهنجي مستقبل کي سنواري ۽ سڌاري سگهن ٿا. مرحوم غلام محمد وساڻ ڳوٺ گاجن وساڻ ديهه ڪنڊياري تعلقه سانگهڙ ۾ 3 جنوري سنه ١٩١٢ع تي مشهور پهاڪي جي مصداق ”وات ۾ چانديءَ جا چمچا رکي“ ڄائو. پنهنجي والد بزرگوار جي تن پٽن مان وچون هو. ڪائنس وڏو رئيس محمد ملوڪ هو، جيڪو ٻئي گهر مان هو. هو صاحب سنه ١٩٢٩ع ۾ ڪنوارو ئي فوت ٿي ويو. مرحوم خانبهادر کان ننڍو رئيس نبي بخش وساڻ هو، جيڪو سنه ١٩١٥ع ڌاري ڄائو ۽ اٺن نون سالن جي ڄمار ۾ پنهنجي خالق سان وڃي مليو.

## حڪيم فتح محمد سيوهاڻي

### سرفراز وسطڙو

سنڌ جي سرزمين ڪيترا ئي عالم، اديب ۽ شاعر پيدا ڪيا آهن.انهن جي علم ۽ ڪمال جي سڳنڌ ۽ سرهاڻ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ واسي ڇڏي آهي. اهڙن عالمن ۽ فاضلن مان حڪيم فتح محمد سيوهاڻي به هڪ هو.

سيوهڻ جي عباسي خاندان ۾ سن ١٨٨٠ع جي اوائل ۾ ڄائو، عربي ۽ فارسي جي مڪمل تعليم حاصل ڪري حڪمت جو ڌنڌو اختيار ڪيائين. سندس والد جو نالو ميان محي الدين هو. جيڪو هڪ وڏو عالم ۽ حڪيم ٿي گذريو آهي. جڏهن حڪيم صاحب پنجن ورهين جو ٿيو ته کيس مدرسي ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ويهاريائين. هو ڏاڍو ذهين هو. ان ڪري ٿوري وقت اندر نه رڳو قرآن شريف پورو ڪيائين پر عربي ۽ پارسي ٻولين ۾ به چڱي ڄاڻ حاصل ڪيائين. پوءِ دادو ضلعي جي سيتا نالي ڳوٺ ۾ عربي پڙهڻ لاءِ ويو، جتي مولوي ميان محمد صديق سيتائي جهڙي لائق استاد وٽ عربي جي تعليم حاصل ڪيائين. سن ١٣٢١ هجري ۾ تعليم پوري ڪري سيوهڻ موٽي آيو.

## حاجي غلام نبي ڌهراج

مخمور مهيري

سون برابر سپرين، توريان نه ترن
ميخون جن جون من ۾، چوريان تان نه چرن
سي ڪيئن وسرن، جيڪي ساندي رکيم ساهه ۾

سنڌ ڌرتي عالمن ۽ فاضلن، جانثارن ۽ جوڌن، ڏاهن ۽ اڪابرن، صوفين ۽ سالڪن، اوليائن ۽ ولين، امن ۽ عدل، انصاف ۽ احساس، ديسي توڙي پرديسي ماڻهن ۽پکيئڙن جي پيار پناهه گاهه صدين کان رهندي اچي.

هن ڌرتي جي مان واري مٽي مان سوين سورمين، لائق ليڊرن، شاعرن ۽ ادبين جنم وٺي پنهنجي ذات ۽ ڏاهپ سان سندس مان ۽ شان مٿانهون ڪيو آهي. اهڙن بيباڪ، بهادرن، ارڏن ۽ انمول ڪردارن ۾ تحريڪ آزادي جي تاريخي ڪردار، مرحوم حاجي غلام نبي ڌهراج جو نامور نالو، تاريخ جي ورقن ۽ بابن ۾ اڄ به چمڪي رهيو آهي.

## جيجي زرينه بلوچ

### رشيد سومرو

جيجي زرينه بلوچ جو شمار سنڌ جي انهن عورتن ۾ ٿئي ٿو جيڪي هڪ ئي وقت ڪيترين ئي خوبين جون مالڪ ۽ خالق آهن. سنڌ جي هي ڪامريڊجيجي هڪ ئي وقت بهترين ڳائڪ، اعلٰي شاعره، عظيم استاد، ناليواري قومپرست اڳواڻ ڊرامه نگار ۽ ليکڪ هئي. شايد اها سنڌ جي ارڏي ۽ دلير عورت ٢٩ ڊسمبر ١٩٣٤ع ۾ ا ڳوڻي تعلقي ٽنڊي محمد خان جي ڳوٺ الهداد چند ۾ جنم ورتو. جيجي زرينه بلوچ جي امڙ گلروز بلوچ، زرينه بلوچ جڏهن ڇهن سالن جي هئي وفات ڪري وئي. زرينه بلوچ جي ١٥ سالن جي ڄمار ۾ پنهنجي سوٽ سان نڪاح ٿيو. جنهن مان هن کي اختر بلوچ (صوبائي وزير سسئي پليجو جي ماءُ) زينه بلوچ ۽ اسلم پرويز جو اولاد ٿيو پر ١٩٥٨ع ۾ تعليم پرائڻ جي مسئلي تان هن پنهنجي مڙس کان علحدگي اختيار ڪري، حيدرآباد ۾ رهائش اختيار ڪئي. جتي هوءَ ١٩٦٠ع ۾ ريڊيو پاڪستان تي لوڪ فنڪاره طور آئي ۽ هن کي ١٩٦١ع ۾ بهترين فنڪار جو ايوارڊ مليو. جيجي زرينه بلوچ ١٩٦٤ع ۾ رسول بخش پليجي سان شادي ڪئي، جنهن مان هن کي هڪ پٽ اياز لطيف پليجو ڄائو. جيجي زرينه بلوچ ١٩٦٧ع ۾ سنڌ يونيورسٽي جي ماڊل اسڪول ۾ استاد مقرر ٿي جتان ١٩٩٧ع ۾ رٽائر ٿي ۽ برين ڪينسر سبب ڪراچي جي نيشنل اسپتال ۾ ٢٠٠٥ع ۾ وفات ڪري وئي.

جيجي زرينه بلوچ استاد هئڻ سان گڏ هڪ وڏي قومپرست ا ڳواڻ پڻ هئي. هن جنرل ضياءُ الحق جي آمريت خلاف سخت احتجاج ڪيو جنهن تي هن کي سکر ۽ ڪراچي جي جيل ۾ به وڃڻو پيو. مارشل لا ۽ جاگيردارن خلاف جدوجهد ڪرڻ تي سنڌ جي ماڻهن پاران هن کي جيجي جو لقب ڏنو ويو. جيجي زرينه بلوچ سنڌياڻي تحريڪ سنڌي ادبي سنگت جي باني اڳواڻن مان هڪ هئي. هن کي قدرت پاران انتهائي خوبصورت آواز ڏنو ويو هو. هن جا قومي لوڪ ۽ ڳيچ سنڌ ۽ هند جي ماڻهن جي دلين جا ڌڙڪن هئا. مور تو تلي راڻا، پيرين پوندي سان ايئن چوندي سان رهي وڃ رات پنيور ۾.

هن جي فن موسيقي، ادا ڪاري، ڊرامه نگاري تي هن کي لطيف ايوارڊ، سچل، قلندر، فيض احمد فيض ۽ وحيد مراد ايوارڊ سميت ڪيترائي قومي ايوارڊ مليا. جيجي زرينه بلوچ جو لکيل ڪتاب تنهن جي ڳولا تنهن جون ڳالهيون اڄ به سنڌ ۾ مقبول آهي. جيجي زرينه

بلوچ جي سڄي زندگي علم، ادب ۽ عوام جي خدمت ۾ گذري، سنڌ جي هي بيباڪ نياڻي پنهنجي اندر ۾ جيترين خوبيون رکندڙ هئي شايد ٻي ڪا عورت ان وصف ۾ شامل ڪو نه ٿي ٿئي. اهو ئي سبب آهي جو سياسي وابستگين جي باوجود اڄ به هر طبقو هر فرد جيجي زرينه بلوچ جي دلين جي گهراين سان احترام ڪري ٿو. اسين اڄ سنڌ جي مهان انسانن جي ڳڻپ ڪنداسين ته جيجي زرينه بلوچ جو نالو به ان صف ۾ سر فهرست هوندو.

# مولانا عبدالخالق ڪنڊياروي

## ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

"ساهتي" پرڳڻي جي پلاري پونءِ مان وقت جا ڪيترائي بلند پايي جا عالم، محدث، مفسر، فقيه، اديب، شاعر، حڪيم، قومي ڪارڪن، سخي ۽ بهادر انسان پيدا پئي ٿيا آهن، جن جي علمي ۽ عملي ڪارنامن سان سنڌ جي تواريخ جا باب پريا پيا آهن. نوشهري فيروز ضلعي جي "ڪنڊياري" شهر جي اوير ۾ قومي شاهراهه جي وٽ سان "ڄام نُور الله" (1) جي نالي سان هڪ قديم ڳوٺ آهي. اهو ڳوٺ "سهتا" قوم جي هڪ سردار ڄام نُورالله (2) جو ٻڌايل آهي.

اسلام جي فيض ۽ برڪت سببان قديم زماني کان وٺي "ڄام نُور الله" جي قديم بستيءَ وقت جي وڏن عالمن، فاضلن، محدثن، فقيهن ۽ درويشن کي جنم ڏنو آهي. هن ويجهڙائيءَ واري دؤر ۾، هن ڳوٺ جي سرزمين مان مولانا عبدالخالق ڪنڊياروي (3) وڏي بلند مرتبي وارو عالم، خطيب، صحافي ۽ حڪيم ٿي گذريو آهي. "ساهتي" پرڳڻي ۾ مولانا عبدالخالق جهڙو بلند مرتبي وارو عالم هن دؤر ۾ پيدا نه ٿيو آهي. خدا جي هن نيڪ ۽ صالح بندي جي ساري عمر، ظاهري توڙي باطني علمن جي اشاعت ۾ گذري. پاڻ ذات جو "سهتو" هو. "سهتا"، سنڌ جي هڪ نج قديم قوم آهي ۽ "ساهتي" پرڳڻي ۾ ڪثرت سان آباد آهي. محمد بن قاسم جي سنڌ فتح ڪرڻ وقت هيءَ قوم اسلام جي دائري ۾ آئي هئي.

مولانا عبدالخالق جو خاندان، هڪ طرف درويش ۽ خدا وارن فقيرن جو گهر هو، ته ٻئي پاسي هڪ علمي خاندان پڻ هو. سندس والد بزرگوار، ميان محمد هاشم ۽ سندس ڏاڏو ميان شاهه محمد، ٻئي فقير تن شخص ۽ وقت جا لاثاني عالم هئا. مولوي صاحب جو چاچو، ميان نظام الدين پڻ پنهنجي وقت جو وڏو عابد، زاهد ۽ عالم ٿي گذريو آهي. سندس گهراڻي کي اڪثر ماڻهو "فقير گهر" يا "ميان وڏا فقير" ڪري چوندا هئا.
مولانا عبدالخالق جي ولادت سن 1892ع ڌاري پنهنجي اباڻي ڳوٺ "ڄام نور الله" ۾ ٿي. جيئن ته سندس گهرو ماحول علمي ۽ فقيرا ڻو هو، انهيءَ ڪري پاڻ هڪ نيڪ ۽ صاف سٿري علمي ۽ ديني ماحول ۾ پلجي وڏو ٿيو. پاڻ جڏهن تعليم حاصل ڪرڻ واريءَ ڄمار کي پهتو، ته کيس ڳوٺ جي "ڄامن واري مسجد" جي مڪتب ۾ تعليم پرائڻ لاءِ ويهاريو ويو، جتي آخوند الهه بخش سيٺر (4) کان قرآن پاڪ ناظره پڙهيائين. ابتدائي عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻولين جا ڪتاب پڻ پنهنجي ڳوٺ جي مڪتب ۾ پرايائين. اهڙيءَ طرح، پاڻ پنهنجي ڏاڏي ۽ والد جي محبت ۽ تربيت هيٺ وڏي جوان ٿيو ۽ ابتدائي تعليم جا مرحلا طيءِ ڪيائين. ديني علمن جي وڌيڪ تعليم ۽ تحصيل لاءِ کيس سنڌ جي پري پري جي مدرسن ۾ مڪتبن جو سفر ڪرڻو پيو. پاڻ سپ کان پهريائين "ڏينگي شريف" (5) جي مدرسي ۾ داخل ٿيو ۽ ان کان پوءِ "کاهي ڪُنڍا" ۾ ديني علمن جو درس ورتائين. انهن ٻنهي مدرسن مان تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ، "پير جهنڊي" جي مشهور مدرسي ۾ ويو، جتي وقت جي وڏي جيد عالم مولانا محمد اڪرم انصاري ۽ برصغير جي وڏي عالم ۽ مفڪر، مولانا عبيدالله سنڌي رحه جهڙن عالمن جي مسندِ فيض تان علمي فيض پرايائين. آخرڪار، سجاول جي مدرسي ۾ وڌيڪ ديني علمن جي تعليم حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو.
مولانا عبدالخالق علم جي تحصيل ڪرڻ کان پوءِ، زندگيءَ جي عملي دؤر ۾ قدم رکيو. پاڻ سپ کان پهريائين پنهنجي ڳوٺ ۾ مدرسو کولي، درس ۽ تدريس ڏيڻ لڳو. ڪجهه وقت کان پوءِ ڳوٺ وارو مدرسو ڇڏي، ڪنڊياري شهر ۾ "شاهه زڪريا" واري ننڍڙي مسجد شريف ۾ تعليم ڏيڻ جو مشغلو جاري ڪيائين. ان کان پوءِ، ساڳئي شهر ۾ "ڪَتِيُن" واري مسجد شريف ۾ درس ۽ تدريس جو ڪم ڪيائين. ڪنڊياري شهر ۾ ميمڻن جي اسرار تي ميمڻ-ن واري قُبائين مسجد

شريف ۾ به ڪجهه وقت لاءِ اچي مدرسو جاري ڪيائين. اهو مدرسو هن وقت تائين هلي رهيو آهي.

ان زماني ۾، ڪنڊياري شهر ۽ ان جي آس پاس "قادياني" فتنو زور تي هو. ان ڏس ۾، مولانا عبدالخالق قلمي عملي طرح ان فتني کي ٽوڙڻ لاءِ جهاد شروع ڪيو. سندس وعظ ۽ نصيحت ۾ الله تعالىٰ ي وڏو اثر رکيو هو. سندس وعظ ۽ نصيحت جي ڪري ڪيترائي راهه ڀٽڪيل ماڻهو سڌي راهه تي اچي ويا. مولوي صاحب قادياني فتني خلاف ڪيترائي مفيد ۽ ڪارائتا مضمون تحرير ڪيا، مگر افسوس جو اهي مضمون اڄ عدم موجود آهن.

مولانا عبدالخالق ظاهري عالمن وانگر ڪٽر مولوي ڪونه هو، مگر مذهبي ۽ ديني علم سان گڏ سياسي بيداري ۽ سياسي سوچ پڻ رکندڙ هو. انهيءَ لحاظ کان پاڻ "جميعت العلماء هند" ۾ شموليت اختيار ڪيائين. پاڻ "خلافت تحريڪ" جو سرگرم رڪن پڻ هو ۽ ڪنڊياري تعلقي ۾ خلافت تحريڪ کي ڏاڍو زور وٺرايائين. "دريا خان مري" (ضلعي نوشهري فيروز) واري مدرسي جو مشهور عالم، مولوي عبدالله خلافت تحريڪ ۾ سندس رفيق هو. خلافت تحريڪ جي سلسلي ۾، مولوي صاحب ان دؤر جي انگريز سرڪار جي خلاف ڏاڍيون زوردار ۽ پُراثر تقريرون ڪيون.

انهيءَ دوران برصغير ۾ "هجرت تحريڪ" زور ورتو، جنهن ۾ سڀ کان پهريائين سنڌ وڏو نمايان حصو ورتو. 9- جولاءِ 1925ع تي ميان جان محمد جوڻيجي جي اڳواڻيءَ هيٺ هجرت تحريڪ وارن جو قافلو سنڌ کان ڪابل ڏانهن روانو ٿيو. مولانا عبدالخالق پڻ پنهنجي روحاني رهبر، مولانا تاج محمود امروٽيءَ جي فرمان مطابق هجرت جو فيصلو ڪيو. مولوي صاحب پنهنجن ٻارن، دوستن ۽ احبابن سان گڏ ڪابل ڏانهن هجرت جو سفر اختيار ڪيو. مولوي صاحب سان گڏ ٽي عورتون ۽ ٻه ٻار هئا، جن مان هڪ سندس وڏو فرزند محمد هاشم پڻ هو. ڳوٺ "چام نور الله" مان ٻين ٻن گهرن پڻ هجرت ڪئي هئي، جن مان هڪ گهر جُمعي فقير جو هو، جنهن ۾ ٻه مرد، ٽي عورتون ۽ هڪ ٻار شامل هئا. ٻيو گهر مولوي عبدالعزيز جو هو، جنهن ۾ سندس ٻه ڀائٽيون ۽ ڪجهه ٻيا ماڻهو به هئا. انهن کان علاوه، ميان شمس الدين سهتي ۽ مولوي محمد عالم سومري، جو پير جهنڊي ۾ ڪاتب ۽ جِلد ساز هو، پڻ مولانا عبدالخالق سان گڏ هجرت ڪئي هئي. "مَچلا" (

6) قوم جا ماڻهو پڻ انهيءَ سفر دوران مولوي صاحب سان گڏ هئا. ڪابل وارن جي سرد مهريءَ سبب جڏهن اها تحريڪ ٺڪي ٿي، ته مهاجر واپس سنڌ موٽي آيا. مولانا عبدالخالق به واپس ڳوٺ "چام نور الله" موٽي آيو ۽ ڳوٺ واري مدرسي کي ٻيهر جاري ڪيائين. مولانا عبدالخالق، هجرت تحريڪ کان پوءِ، مولانا شوڪت عليءَ جي "ترڪ موالات تحريڪ" ۾ پڻ پرپور حصو ورتو.

مولوي صاحب سن 1925ع جي آخر ڌاري پنهنجي آبائي شهر ڪنڊياري کي ڇڏي، نواب شاهه ۾ اچي رهيو. پاڻ سن 1938ع تائين نواب شاهه جي جامع مسجد ۾ پيش امام ۽ خطيب ٿي رهيو. انهيءَ عرصي دوران عام مسلمانن جي اصلاح ۽ سڌاري لاءِ وڏو ڪم ڪيائين. سن 1939ع ۾ نواب شاهه ضلعي جي ڪليڪٽر، مسٽر ڊو سان سندس سياسي اختلاف ٿي پيا، جنهن ڪري نواب شاهه کي هميشه لاءِ خيرباد چئي، حيدرآباد ۾ اچي رهيو.(7) مولوي صاحب جلد ئي حيدرآباد جي ٽريننگ ڪاليج فارمين ۾ فقه ٽيچر مقرر ٿيو. ٽريننگ ڪاليج جو پرنسيپال، خانبهادر محمد صديق ميمڻ سندس ڏاڍو معتقد هوندو هو ۽ مولوي صاحب کي عزت ۽ احترام جي نگاهه سان ڏسندو هو. مولوي صاحب، "مدرسة البنات" ۾ به محمد صديق ميمڻ سان گڏجي وڏو ڪم ڪيو. مولوي صاحب سرڪاري ملازمت سان گڏوگڏ، پهريائين "واڍن جي پڙ" واري مسجد ۽ بعد ۾ "ڪورين جي پڙ" واري جامع مسجد ۾ پيش امام ٿي رهيو. "ڪورين جي پڙ" واري مسجد ۾ پاڻ پنهنجي زندگيءَ جي آخرين گهڙين تائين پيش امام جا فرائض بجا آڻيندو رهيو. پروفيسر ڊاڪٽر عبدالرئوف ميمڻ جي روايت آهي ته حيدرآباد جي "ڪورين جي پڙ" واري مسجد شريف ۾ حاجي پيرو، حاجي محمد رمضان، حاجي محمد عثمان، ميان عبدالرحمان ميمڻ ۽ غلام محمد، مولانا عبدالخالق جا خاص معتقد ۽ جماعتي هوندا هئا.

مولوي صاحب تعليمي لحاظ کان وقت جو هڪ وڏو عالم ۽ ڪيترين ئي فضيلتن جو مالڪ هو. ديني علمن سان گڏ، پاڻ علم طب،علم منطق ۽ سنڌ جي تواريخ جو پڻ وڏو ڄاڻو هو. نواب شاهه ۽ حيدرآباد ۾ رهائش دوران مولوي صاحب جو هميشه اهو دستور هوندو هو ته سومهڻيءَ جي نماز کان پوءِ، حديث شريف جو درس ڏيندو هو ۽ فجر جي نماز کان پوءِ، قرآن پاڪ جو تفسير بيان ڪندو هو. مولوي صاحب نه صرف علم جي دولت سان مالا مال هو، پر روحانيت جو به صاحب هو.

انهيءَ سلسلي ۾ پاڻ حضرت مولانا تاج محمود امروٽيءَ جي هٿ تي "قادري" طريقي جي بيعت ڪئي هئائين. مولانا امروٽيءَ جي وفات کان پوءِ، مولانا احمد علي لاهوريءَ جي هٿ تي بيعت ڪيائين، جو مولانا امروٽي رحه جو خليفو هو. مولوي صاحب جي روحاني فضيلت ۽ بزرگيءَ کان متاثر ٿي، ڪافي ماڻهو سندس مريد ۽ معتقد ٿيا. سندس روحاني فيض پڻ ظاهري علمن وانگر جاري هو. لاڙڪاڻي ضلعي جي "ڏوڪري" طرف "ٽُنيا" ذات جا ماڻهو اڪثر سندس مريد هئا. مولوي صاحب ظاهري پيرن ۽ مولوين وانگر ڪنهن کان به ڏَنُ وغيره ڪونه وٺندو هو. پاڻ هميشه شرع جو پابند رهيو ۽ غير شرعي ڪمن ۽ بدعتن جي خلاف ڪم ڪندو هو. مولوي صاحب پنهنجي ڳوٺ "ڄام نور الله" جي ماڻهن مان بد رسمن ۽ بدعتي ڪمن جو بلڪل خاتمو آندو. ڳوٺ جي عورتن ۾ پردي جو سختيءَ سان رواج وڌائين ۽ سمورن ماڻهن جي عورتن لاءِ پردي جو تاڪيد ڪيائين. مولوي صاحب هڪ لاثاني حڪيم پڻ هو. سندس ڪي خاص نسخا ڪيترين بيمارين لاءِ تير بهدف هوندا هئا.

مولانا عبدالخالق جي قلم ۾ خداوند تعالٰي وڏو اثر رکيو هو. پاڻ هميشه حق ۽ انصاف جو قائل رهيو ۽ سموري زندگي ان مقصد لاءِ جدوجهد ڪندو رهيو. مسلمان قوم، خاص طرح سان سنڌي مسلمانن جي ديني اصلاح سان گڏ، سياسي بيداريءَ جي لاءِ پڻ پاڻ پتوڙيندو رهيو. مولوي صاحب اهو چاهيو ٿي ته سنڌ جي مسلمانن اندر ، صحيح نموني ۾ سياسي جاڳرتا پيدا ٿئي ۽ ساڳئي وقت ان سان گڏ صحتمند اسلامي اصولن تي معاشرو قائم ٿئي. مولوي صاحب ان ڏس ۾ وڏو قلمي جهاد ڪيو ۽ بي سروسامانيءَ ۾ انهيءَ ڪَٺن ۽ مشڪل راهه ۾ ڪيتريون ئي ذهني ۽ مالي تڪليفون سٺائين. پر انهيءَ ڏس ۾ پاڻ هميشه اٽل ۽ اورچ رهيو.

مولانا عبدالخالق پهريائين پنهنجا قيمتي ۽ عالمانه مضمون، ان دؤر جي مشهور ديني رسالي "توحيد" ۽ مشهور اخبار "الوحيد" ۾ شايع ڪرائيندو هو. مولوي صاحب کي انهيءَ شوق صحافت جي ميدان ۾ گهلي آندو. پاڻ سن 1936ع ۾ نواب شاهه مان "معارف" نالي هڪ رسالو جاري ڪيائين. اهو رسالو سري ڪرشنا ليٿو پريس، سکر ۾ ڇپبو هو ۽ ان جي ساليانی قيمت سوا به روپيه هوندي هئي. هن رسالي ۾ مذهبي، علمي، تواريخي ۽ اخلاقي مضمون شايع ٿيندا هئا.

رسالي جي اندرئين ٽائيٽل واري صفحي تي رسالي جا اغراض ۽ مقاصد لکيل هوندا هئا. هن رسالي جي جاري ڪرڻ جو وڏو مقصد هيءُ هو ته قرآن پاڪ جي ترجمي ۽ تفسير جي اشاعت ٿئي ۽ سنڌ جي مسلمانن ۾ ان جو شوق پيدا ٿئي. ان سان گڏ اسلامي تواريخ، اسلامي تصوف ۽ اعليٰ اخلاقي قدرن جي باري ۾ پڻ عمدا مضمون ڏنا ويندا هئا. هيءُ رسالو مالي مشڪلاتن جي باوجود، سن 1938ع تائين باقاعدي هلندو رهيو ۽ اهو سنڌ جي عالمن، اديبن، شاعرن، آفيسرن ، وڏيرن، زميندارن ۽ ٿوري علم وارن ماڻهن ۾ پڙهيو ويندو هو.
حيدرآباد جي ٽريننگ ڪاليج ۾ ملازمت واري زماني ۾، ڪاليج مان نڪرندڙ رسالن، جهڙوڪ: "اخبار تعليم" ۽ "مُلا مخزن" ۾ پڻ مولوي صاحب جا علمي، ادبي، تواريخي، اسلامي فقه ۽ قرآن پاڪ جي تفسير بابت بهترين علمي شهپارا شايع ٿيندا هئا.
مولانا عبدالخالق سن 1930ع ۾ "سورهِ ڪوثر" جو سولي ۽ عام فهم سنڌيءَ ۾ تفسير لکيو. (8) هن تفسير ۾ نماز اضحيٰ، حضرت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي تابعداري ۽ سندن دشمنن جي بد عاقبت جو تمام عمدي نموني ۾ بيان ڪيل آهي. سن 1932ع ۾ حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي سيرت پاڪ تي هڪ ننڍڙو رسالو "حالات حضور" جي نالي سان پڻ ڇپائي پڌرو ڪيائين. (9)
مولوي صاحب سن 1361هه/ 1942ع ۾ "معارف القرآن" جي نالي سان عام فهم سنڌي زبان ۾ قرآن پاڪ جو تفسير لکيو. هيءُ تفسير سنڌي زبان جي معياري تفسيرن مان هڪ آهي. مولوي صاحب، قرآن پاڪ جو اهو تفسير، ان دؤر جي وڏي عالم، مولانا احمد علي لاهوريءَ جي هدايت تي لکڻ شروع ڪيو هو. هن تفسير جا ماخذ ڪافي معتبر تفسير آهن، جهڙوڪ: تفسير ابن ڪثير، تفسير حقاني، تفسير روح المعاني، تفسير ڪبير، تفسير الجواهر الطنطاوي مصري وغيره. مولوي صاحب جي عبارت تي مولانا ابوالڪلام آزاد جي عبارت جو گهڻو اثر غالب نظر اچي ٿو. مولوي صاحب ڪُل پنجن پارن جو تفسير لکيو هو، جن مان پهريان ٻه پارا "سنڌ مسلم ادبي اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس، حيدرآباد" ۾ ڇپيا ۽ انهن کي "وقف ۽ مسجد سوسائٽي، حيدرآباد" شايع ڪرايو. باقي ٽن پارن جو تفسير قلمي صورت ۾ سندس پوين وٽ محفوظ آهي.(10)

مولانا عبدالخالق جو قلم سموري زندگي هلندو رهيو ۽ اُن ۾ آخري وقت تائين ڪنهن به قسم جي ڪمي ڪانه آئي. پاڻ ”صحيح بُخاري“ ۽ ”مثنوي مولانا روم“ جو به سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هئائين. ان ڪان سواءِ، ڪي پيا ڪتاب به ضرور لکيا هوندائين. ليڪن، افسوس جو پوين جي بي قدريءَ ۽ لاپرواهيءَ سبب مولوي صاحب جو اهو سمورو علمي ذخيرو برباد ٿي ويو!

مولوي صاحب ديني ۽ سياسي خدمتن سان گڏ شعر و شاعري به ڪندو هو. پاڻ عربي، فارسي ۽ سنڌي زبانن ۾ ڪيترو ئي شعر چيو هئائين. پاڻ شاعريءَ ۾ ”عبد“ تخلص ڪندو هو. سندس شاعريءَ ۾ اسلامي ۽ اصلاحي رنگ زياده سمايل هو. هتي سندس هڪ طويل نظم مان ڪجهه بند انتخاب طور پيش ڪجن ٿا.

نظم

عيد آ دلڪش نظامِ حسنِ شانِ زندگي،
عيد آ هڪ روح پرور جلوهِ آنِ زندگي.
عيد جيئرن لاءِ آهي ارمغانِ زندگي،
صد مبارڪ عيد توکي شادمانِ زندگي.

تنهنجي دم سان قوم و ملت کي ملي منزل وئي،
ازل کان تنهنجي لئه ٿيو هفت خوانِ زندگي.
زندگيءَ کي زندگي تنهنجي ئي صدقي ٿي عطا،
تنهنجي ئي دم کان رهيو قائم نشانِ زندگي.
زندگي اقوام جي تنهنجي مسيحائيءَ جو نشان،
فيض تنهنجي کان ٿيو زنده جهانِ زندگي.
عيد راحت گاهه آهي ڪاروانِ زندگي،
تون سنڀالي ڏر قدم اي رهه روانِ زندگي.
پردهِ گل ۾ سوين مستور آهن مارزار،
مثل بلبل جي هي رنگِ بوستانِ زندگي.
ڪالهه قومن کي ڪيو جيئرو تو ميرِ ڪاروان،
ڪيئن ٿئين تون پاڻ اڄ ننگِ جهانِ زندگي.
زندگيءَ جي نبض آ بي تابي - جوشِ عمل،
تو نه سمجهيو آ مگر رازِ نهانِ زندگي.
ذوق راحت جي توکي ڪمزور ۽ بزدل ڪيو،
تون ڪٺي سگهندين ڪتي بارِ گرانِ زندگي.

جاهل و بيڪار دنيا ۾ جيئڻ جنجال آ،
دم بدم دشوار آهي امتحانِ زندگي.
زور بازوءِ، حڪومت جو زمانو اڄ ويو،
علم جي ئي هٿ ۾ آهي ٿي عنانِ زندگي.
جلوه آرا هٿ مٿي تنهنجي ئي هو نُورِ مبين،
تر ڪيو روشن زمين و آسمانِ زندگي.
ڪُهه پيا ذلت غلامي جا هي ڪاٽڻ چار ڏينهن،
خاڪ هي آزادگيءَ جي آهه شانِ زندگي.

مولانا عبدالخالق 55 ورهين جي عمر ۾ سلهه جهڙي موذي مرض ۾ ساندهه په سال مبتلا رهڻ بعد، جون 1947ع ۾ وفات ڪئي. کيس پنهنجي خانداني قبرستان واقع ڳوٺ "ڄام نورالله" ۾ دفن ڪيو ويو. مولوي صاحب په شاديون ڪيون هيون. کيس پهرئين گهر مان ٻه فرزند، هرهڪ محمد هاشم ۽ عبدالرزاق نالي ٿيا، جي ٻئي هڪ ٻئي پوئتان الله کي پيارا ٿي ويا. ٻئي گهر مان صرف هڪ فرزند محمد هاشم نالي ٿيو، جو حال حيات آهي ۽ فوڊ ڊپارٽمينٽ ۾ انسپيڪٽر آهي. مولوي صاحب جي شاگردن ۾ مولوي رضا محمد مڱريو، مولوي عبدالرحمان کوسو، مولوي غلام محمد رند ۽ مولوي نهبندو خان اُڃڻ وغيره وڏا ديني عالم ٿي گذريا آهن.(11)

## حوالا:

(1) چوڻ ۾ اچي ٿو ته هن ڳوٺ جو اصل نالو "لُقمان" هو ۽ قديم عرب دؤر کان وٺي انگريزن جي ابتدائي دؤر تائين انهيءَ نالي سان سڏبو هو. لُقمان سهتي جي خاندان مان ڄام نُور الله (ثاني) نالي هڪ وڏو زميندار ۽ جاگيردار ٿي گذريو آهي، جنهن جي نالي پوئتان هن ڳوٺ جو نالو"لُقمان" مان بدلجي، "ڄام نُور الله" سڏجڻ ۾ آيو.(قاضي نور الله: "تذڪره خاندان قريش" - قلمي فارسي، ضميمو نمبر 5، ورق 10)

(2) مرحوم عبدالخالق پيرزادي جو چوڻ آهي ته ڄام نُور الله سهتو، چاچڪ سهتي جي اولاد مان هو.(زباني روايت، جولاءِ 1973ع)

(3) ڳوٺ "ڄام نُور الله" جيئن ته ڪنڊياري شهر جي وٽ سان آباد آهي، انهيءَ ڪري مولانا عبدالخالق پاڻ کي "ڪنڊياروي" سڏائيندو هو.

(4) حافظ مولوي الهه بخش ولد حاجي خان سيٺر سن 1861ع ڌاري ڳوٺ"شهمير ديري" تعلقي ڪنڊياري ۾ ڄائو. مولانا عبدالغفور همايونيءَ وٽان ديني علمن جي تحصيل ڪئي هئائين. مولوي صاحب هڪ وڏو عابد ۽ زاهد شخص هو. پاڻ ٽنڊي سائينداد واري بزرگ، خواجه محمد حسن جان سرهنديءَ جو معتقد ۽ مريد هو. ڳوٺ شهمير ديري، ڳوٺ ڄام نُور الله ۽ محبت ديري جتوئيءَ جي ديني مدرسن ۾ درس و تدريس ڏيندو رهيو. وٽانئس ڪيترن ئي شاگردن فيض حاصل ڪيو، جي وقت جا ناميارا عالم ٿي گذريا آهن. مولوي صاحب سن 1965ع ۾ وڏي ڄمار ۾ هن فاني جهان مان رحلت ڪئي.

(5) ڏينگي شريف جو ننڍڙو ڳوٺڙو، "پريا روڊ" جي پرسان "سدا واهه"جي پيٽ سان آباد آهي. هتي "ڪيريا" قوم مان وڏا عابد ۽ زاهد بزرگ ٿي گذريا آهن. انهن بزرگن مان ميان عبدالرحمان ۽ ميان علي محمد وڏا حال ۽ قال جا صاحب هئا. ڏينگائي بزرگن وٽ هڪ وڏو ڪتبخانو پڻ هو. هتي ديني علمن جو هڪ مدرسو به هو، جتي عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم ڏني ويندي هئي. هن وقت اهي سڀ زماني جي لهرن ۾ لڙهي ويا آهن ۽ بزرگن جي ياد وجهي باقي رهي آهي.

(6) "مڇلن جو ڳوٺ"، ڪنڊياري شهر جي اولهه ۾ پنجن ڇهن ميلن جي مفاصلي تي واقع آهي.

(7) مولوي صاحب نواب شاهه کان پوءِ، ڪجهه وقت لاءِ "برهون"(شاهپور چاڪر) ۾ به خطيب ۽ مدرس ٿي رهيو.

(8) هن تفسير جو بيو ايڊيشن 1994ع ۾، "حياتِ ملت" جي نالي سان مولانا عبدالخالق ڪنڊياروي اڪيڊمي، جام نُور الله، تعلقي ڪنڊياري طرفان ڇڙو ٿيو.

(9) انهيءَ رسالي جو بيو ڇاپو 1992ع ۾، مولانا عبدالخالق ڪنڊياروي اڪيڊمي، جام نُورالله، تعلقي ڪنڊياري طرفان شايع ٿيو.

(10) تفسير "معارف القرآن" سنڌ جي معروف اداري، "روشني پبليڪيشن"، ڪنڊياري طرفان اشاعت هيٺ آهي.

(11) هن مقالي جي تياريءَ ۾ عزيزم پروفيسر عبدالرزاق گهانگهري، ساڪن ڳوٺ جام نور الله ڪافي مواد فراهم ڪيو.(ق. ح. خ )

# مير غلام علي خان ٽالپر

## ذوالفقار چانڊيو

اسين جڏهن سنڌ جي مهان شخصيتن کي محبت ۽ عقيدت جي پيٽا پيش ڪريون ٿا ته انهن شخصيتن ۾ ٽنڊومحمد خان جي مير خاندان جي مير غلام علي خان ٽالپر جو نالو به سنڌ جي انهن اعليٰ ڪردار ۽ عظيم شخصيتن جي لسٽ ۾ نمايان اچي ٿو. مير غلام علي خان ٽالپر جي خاندان جو تعلق سيوهڻ مان آهي. هن جا بزرگ قيام پاڪستان کان گهڻو اڳي ٽنڊو محمد خان لڏي آيا هئا. جتي 19 سيپٽمبر 1909ع ۾ مير غلام علي خان ٽالپر جي ٽنڊو محمد خان ۾ ولادت ٿي مير غلام علي خان ٽالپر شروعاتي تعليم حيدرآباد، ڪراچي ۽ پوءِ علي ڳڙهه يونيورسٽي مان ورتي ۽ هن بمبئي يونيورسٽي مان گريجوئيشن ڪئي. هن جي سياسي زندگي جو آغاز 1996ع کان ٿئي ٿو. هن پهرين چونڊن ٽنڊو باگو جي ٽڪ تان وڙهي ۽ به پيرا حيدرآباد لوڪل بورڊ جو ميمبر رهيو. مير غلام علي ٽالپر سر غلام حسين هدايت الله جي ڪابينه ۾ پهريون وزير ٿيو ۽ پوءِ لاڳيتو جنرل ايوب خان جي مارشل جي دور تائين مسلسل ڪيئن پيرا صوبائي ۽ قوم اسيمبلي جو ميمبر ٿيو.

هن کي اهو به اعزاز حاصل آهي ته هن ڪڏهن ته پنهنجي سياسي ڪيريئر ۾ چونڊ نه هارائي، مير غلام علي ٽالپر به پيرا وزير اعليٰ سنڌ

ٿيندي رهجي ويو. هڪ ڀيرو جڏهن گورنر جنرل غلام محمد هن کي سياسي ناراضگي تان ايل بي ڊي او قانون تحت نااهل قرار ڏياريو ۽ ٻيو ڀيرو يوسف هارون ۽ هن جي درميان وزير اعلىٰ جي پارلياماني پارٽي جي چونڊ ۾ هڪ ووٽ تان هارائي ويو.
مير غلام علي ٽالپر جا حيدرآباد جي قاضي اڪبر خاندان سان تمام گهرا تعلقات رهيا آهن ۽ جيڪي اڄ به آهن. قاضي اڪبر جي روزاني عبرت اخبار 1954ع واري دور ۾ ايوب کهڙي جي خلاف جدوجهد ۾ مير غلام علي ٽالپر جو ڀرپور ساٿ ڏنو ۽ قاضي اڪبر هميشه مير غلام علي ٽالپر جو بهترين ساٿي ۽ دوست رهيو. مير غلام علي ٽالپر جي 1954ع ۾ سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر ٿيڻ ۾ به روزاني عبرت ۽ قاضي اڪبر جو وڏو عمل دخل هو. هي اهو دور هو جڏهن جي ايم سيد، سنڌ اسيمبلي ۾ قائد حزب اختلاف جو ليڊر هو. جي ايم سيد، مير غلام علي ٽالپر جي اعلىٰ ظرفي سبب، ڪڏهن به سندس خلاف ايوان ۾ ڪا به رٿ نه آندي. مير غلام علي ٽالپر پاران ون يونٽ جي مخالفت ڪرڻ سبب، کيس گرفتار ڪري ٽر ۾ نظر بند ڪيو ويو. ايوب خان جي آمريتي دور ۾ سرڪار جي مخالفت جي باوجود، مير غلام علي ٽالپر قومي اسيمبلي جي سيٽ تي کٽي ويو. ايوب خان ۽ ايوب کهڙو پاران کيس ون يونٽ جي حمايت ڪرڻ لاءِ زور ڀريو ويو پر هن ارڏي انسان ها نه ڪئي. جنهن تان کيس نااهل قرار ڏياريو ويو. جنهن بعد هن سياست کي ڇڏي، زميني‍داري کي وڏيڪ وقت ڏنو.
مير غلام علي ٽالپر سنڌ ۾ انهن خاندانن مان آهي جن ورهاڱي جي وقت، سنڌي هندوئن جي گهرن ۾ وڃي کين هجرت ڪرڻ کان روڪيو. هي موڀي انسان 19 آڪٽوبر 1963ع ۾ وفات ڪري ويو.
مير غلام علي ٽالپر ۽ ان جي خاندان جون سياسي ۽ سماجي خدمتون به انيڪ آهن. خاص ڪري ٽنڊو محمد خان ضلعي جي نوجوانن کي تعليم جي زيور سان آراسته ڪرڻ لاءِ هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج قائم ڪيائين. مير غلام علي ٽالپر سنڌ جو اهو اعلىٰ صفت انسان هو جنهن جا خدائي تحريڪ جي باني خان عبدالغفار خان، اردن جي بادشاهه شاهه حسين بن طلال، سعودي عرب جي فرمان روائن سعود بن عبدالعزيز ۽ شاهه فيصل، پرنس ڪريم آغا خان جهڙين شخصيتن سان دوستاڻا تعلق هئا.

# سنڌ جو مولائي شيدائي

خالد ڀانيڻ

چون ٿا ته سنڌ جي مايا ناز تاريخدان رحيم داد خان جنهن جو لقب مولائي شيدائي آهي. سنڌ جي ٻن تاريخ سان پائر شصيت پير حسام الدين راشدي ۽ پير علي محمد راشدي رحيم داد جا علمي ادبي دوست هئا. هن ماڻهو جي فقير طبيعت ڏسي هڪ ڀاءُ کيس مولائي لقتب ڏنو. ٻئي شيدائي ڏنو ڳالهه فرد ۾ اچي وئي آخر نيٺ مولانا دين وفائي فيصلو ڪري کيس مولائي شيدائي جو لقب ڏنو ۽هي پوري سنڌ ۾ مولائي شيدائي جي نالي سان مشهور ٿيو. مولائي نه رڳو تاريخ تي پر صحافت ۾ به پاڻ مجرايو. هن 1941ع ۾ خان بهادر الله سومرو ان وقت جي سنڌ جي سي ايم جي نگراني ۾ نڪرندڙ روزاني اخبار آزاد جو سب ايڊيٽر رهيو. هن جا تاريخ ادب تي مضمون ستاره سنڌ، توحيد، المنار، اولحيد ۽ سنڌو ۾ شايع ٿيا ۽ ڏاڍو مقبول ٿيا. هن نه ر ڳو سنڌ پر بلوچستان جي تاريخ سان به انبت ان جي ڪري رکي ته جو سندس وڏڙن جو تعلق بلوچستان سان هو ان جي ڪري 1941ع ۾ ڪتاب ”مختصر تاريخ بلوچستان“ کليو، جنهن بلوچ وقمن جا شجرا ۽ ٻي اتفصيل ڏنا هئا. 1894ع ۾ سکر ۾ ريلوي جي ملازمن شير محمد بروهي جي گهر ۾ جنم ورتو، گورنمينٽ هاءِ اسڪول سکر مان تعليم مڪمل ڪرڻ بعد پنهنجي والد وانگر 1919ع ۾ ريلوي انجڻ شيڊ روهڙي ۾ ڪلينر جي نوڪري ڪئي بعد ۾ گارڊ جي عهدي تي پهتو پر هن کي علم ادب صحافت سان جيڪو چاهه هو ان اج نيٺ 1939ع ۾ ريلوي جي نوڪري تان استيفعٰي ڏياريس جنهن بعد مولائي 12 کان 14 ڪلاڪ لکڻ پڙهڻ ۾ گذاريندو هو. سندس پهريون شاهڪار ڪتاب سنڌ جي تاريخ بابت جنت السند اٿس ان کان علاوه سکر جا مسلمان ۽ هندو بزرگ سنڌ ۾ رهندڙ بلو قبيلا، تاريخ تمندن سنڌ، سنڌ جي اقتصادي ۽ تجارتي تاريخ، سنڌ جا پراڻا شهر، پيغام نور، ٽالپرن جي مختصر تاريخ، اقالي اسلام، سرزمين بلوچ، اردوم تاريخ قلات زارڊو ۾ ڪتاب لکيا جڏهن ته سنڌ سپ کان وڏيڪ مشهور ڪتاب تاريخ سکر اڄ به سکر تي ڪم ڪندڙ صحافين، اديبن، شاعرن لاءِ رهبر بڻيل آهي. جنهن مطالعي کان سواءِ سکر تي لکڻ اڌورو هوندو. مولائي 1945ع

هلال پاڪستان جو پڻ ايڊيٽر رهيو. مان سمجهان ٿو ته سنڌ جو پهريون صحافي هو جنهن اخبارن ۾ ڪارٽون جو سلسلو شروع ڪيو. شيدائي 1950ع ۽ 1955ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ۾ ريسرچ فيلو رهيو. هن مڙس مولائي اڄ به ڪيترا ئي ڪتاب اڻ ڇپيل سندس پوٽن وٽ پيل آهن. جن ڪتابن ۾ اقالين اسلام جيڪو ٽن جلدن تي مشتمل آهي. تاريخ اسلام، سنڌ جي اقتصادي ۽ تجارتي تاريخ شامل آهن نه رڳو حيرت جهڙي پر پريشان ڪندڙ حقيقت اها آهي ته انهن ڪتابن مان اڪثر ڪتاب ڇپائي جي مختلف ادارن وٽ سالن کان پيل آهن پر شايد اهو اڻ ڇپيل آهي ۽ ٻن جلدن تي مشتمل آهي. جنهن ۾ ڇون ٿا هن ڏانهن جن اديبن شاعرن، عالمن، تاريخ دانن جا خط ايندا هئا انهن کي سهيڙيو اٿس، مطلب ته مولائي شيدائي سنڌي ٻولي تاريخ ادب جي حوالي سان جيڪا محنت ۽ خدمت ڪيئي اهي ان جو کيس ذري جيترو به سلو نه مليو، هن پنهنجا 53 ورهيه سنڌي علم ادب کي ڏنا، 12 فيبروري 1978ع ۾ وفات ڪري ويو. اڄ کيس 33 سال گذري ويا آهن. سنڌ جي ثقافت کاتي ادبي تنظيمن کان ايئن اسريل آهي. ڇڻ نه ڪو مولائي شيدائي هو ئي ڪونه ٻيو ته ٺهيو درگاهه آدم شاهه پرسان جنهن قبرستان ۾ هو دفن ٿيل هو ان قبرستان تي قبضا مافيا قبضو ڪري سندس قبر جا آخري نشان به مٽائي ڇڏيا آهن. جيتوڻيڪ ميڊيا ۾ ان اشو کي گهڻو کنيو ويو سيڪٽري وزير سطح جا عملدار به پهتا قبر جو معائنو به ڪيو. وڏا اعلان دورا ٿيا پي عمل ۾ ٿيو ڪجهه به ڪونه. هونئن به چوندا آهن ته سکر جا ماڻهو ڏاڍي بي حس آهن جيڪڏهن سندس خاندان وارا نه هجن ته مولائي جي قبر لاءِ به ڪو آواز ڪون اٿاري ها. جيتوڻيڪ قبرواري نشان وٽ چوديوار ته ڏياري وئي ليڪن ان پٽ جي چوڌاري گن ڪچري جا ڍير ٿي ويا آهن. مولائي جي قبر وانگر سنڌ جي تاريخ به افسرده اهي. ڇو ته اڄ جيڪا هن صدي جي تاريخ ڇڙو ڇڙ لڳي پئي آهي ان کي ته ڪو سنڀالڻ وارو ناهي، پر جن ٿورو گهڻو پورهيو ڪري پنهنجي تاريخ بچائي اڄ اسان انهن جون قبرون به نٿا بچائي سگهو.

اهو حال رهيو ته ايندڙ وقت ڏاڍو بي حال هوندو، آخر ۾ مولائي بابت ٻڌايان ته هو شهواڻي بروهي هو سندس وڏن جو گهر بلوچستان مستونگ ۾ هو پر نوڪري سانگي پيءُ سان گڏجي سکر آيو ۽ سکر جو ٿي ويو پر سکر واسين هن جي قبر به ميساري ڇڏي.

# مولانا حاجي احمد ملاح

اشرف عبدالله ميمڻ

سنڌ امن، سلامتي ۽ شانتي جي ڌرتي آهي. جنهن ڪيترن ئي صوفين، بزرگن، عالمن مفڪرن ۽ شاعرن کي جنم ڏئي ماتا جو ڪردار امن طريقي سان نڀاهيو آهي. سنڌڙي پنهنجن سپوتن ۽ محب وطن کي سچائي ۽ ساڃاهه جي سٽي پيارڻ سان گڏوگڏ محبت، اخوت، پيائپي ۽ همدردي جهڙن قيمتي اوصافن جو دامن مضبوطي سان پڪڙڻ جي هدايت ڏيڻ ۾ ڪا ڪسر ناهي ڇڏي ۽ ڪين سنڌڙيءَ جا هڙئي لاڏلا سندس ماتا جي حڪم ۽ فرمان جي تابعداري ڪندي مشڪل پنڌ کي سوکو ۽ آسان بڻائي ويا آهن. انهن منجهان حاجي احمد ملاح به هڪ هو. جنهن ڪوڙ ڪپت، ٺڳي ۽ ڪٽپرڻي جهڙن موذي مرضن جون پاڙون پٽي، حق، سچ، علم ۽ ساڃاهه جي پوک پوکي.

حاجي احمد ملاح لاڙ جي شهر بدين ۾ تڏهن اک کولي جڏهن جهالت جو جهان اڏيل هو سوين بلڪه هزارين ان نياڳ جي پيڙي تي سوار هئا. هن سماج جي ماڻهن اسلامي احڪامن جي وڏي هيراقيري ڪئي ۽ بدعت پکيڙي حاجي احمد ملاح ته انهن سيني ڳالهين جو ڪٽر ويري هو. بدعت جهالت جي ڪوڙن رواجن ۽ رسمن کي توڙڻ ۽ وهمن توڙي وسوسن کان ماڻهن کي آجو ڪرڻ جي لاءِ مولانا صاحب پاڻ پتوڙيو. مولوي صاحب وڏو شاعر، متقي، پرهيزگار ۽ عالم هو. مولوي صاحب پنهنجي خطبي ۽ شاعري ذريعي ماڻهن جي دلين ۾ سجاڳي جي لهر پيدا ڪئي. مولوي صاحب جو وڏو ڪارنامون سنڌي ٻولي ۾ منظوم قرآن شريف جو ترجمون آهي. مولوي صاحب پنهنجي سموري زندگي حق تعالىٰ جي وحدانيت جي پرچار ڪندي گذاري ۽ پنهنجي شاعري جي ذريعي ماڻهن ۾ خدا جي وحدانيت جو شعور ڏنو. مولوي صاحب جي هڪ مشهور شعر جو مصرع آهي ته:

نه پالي تو پرور ته پالي تو ڪير،
سنيالي نه سو، پوءِ سنيالي تو ڪير،
ڪڍي پاٽ مان وجهي پيٽ ۾،
نون نالين مان نڪالي تو ڪير.

# علم ۽ ادب جو پارکو معمور يوسفاڻي

حاجي گل حسن آريسر

امراڻو جتي عظيم شخصيتن جنم ورتي سياسي، سماجي ۽ ادبي خدمتن عيوض پنهنجو ڳاٽ اوچو ڪيو پر هن امراڻي جي ڌرتي تي جنم وٺندڙ معمور يوسفاڻي علم ۽ ادب جي پرچار ڪري پنهنجو پاڻ ملهايو. 25 جنوري 1929ع تي ڳوٺ حاجي پير محمد پلي ۾ جنم وٺندڙ محمد عمر معمور يوسفاڻي جو خاندان ناري پٽ جي معزز برادري ”پلي“ سان آهي. معمور يوسفاڻي جي خاندان ۾ وڏا عالم، فاضل، شاعر، حڪيم، سخي ۽ چڱا مڙس پڻ ٿي گذريا، معمور يوسفاڻي سندس ڳوٺ جي مدرسي ۾ ابتدائي عربي ۽ فارسي جڏهن ته معمولي سنڌي تعليم پڻ حاصل ڪئي. جنهن بعد معمور يوسفاڻي پنهنجي ٻني ٻاري جي ڪم سان منسلڪ ٿي ويو پر علم جي پياس هڪ پيرو ٻيهر ڪيس تعليمي درسگاهن ڏانهن ڪڍي وئي. معمور يوسفاڻي 1952ع ڌاري سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو. معمور يوسفاڻي 16 سالن جي ڄمار ۾ شعر ۽ شاعري جي شروعات ڪئي. ابتدا ۾ ڪجهه شعر لکيا، 1952ع کان باقائده شاعري جي شروعات ڪيائين. معمور يوسفاڻي جو علم جي دنيا ۾ وڏو نالو آهي. معمور يوسفاڻي 1963ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ بعد منشي فاضل (فارسي)، اديب فاضل (اردو) ۽ اديب فاضل (سنڌي) جي امتحانن ۾ پوزيشن حاصل ڪئي. پاڻ 1955ع ۾ تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد طور پرتي ٿيو. 1978ع تائين پرائمري استاد رهڻ بعد ٻن سالن تائين ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ۾ سبجيڪٽ اسپيشلسٽ طور ڊيوٽي جا فرائض سرانجام ڏنا. معمور يوسفاڻي جو 1980ع ڌاري پروموشن ٿيو ۽ جنهن بعد ايڇ ايس ٽي ٿيو. هن ايڇ ايس ٽي ۾ پروموشن ٿيڻ بعد ڪافي عرصي تائين تعليم کاتي ۾ سپروائيزر (بيٽ آفيسر) طور خدمتون سرانجام ڏنيون. پاڻ 1989ع ۾ ملازمت تان رٽائر ٿيو. معمور يوسفاڻي علم ۽ ادب جو وڏو پارکو رهيو. معمور يوسفاڻي شاعر، ادب، محقق، استاد سان گڏ سگهڙ پڻ هو. ڳجهارت، ڏهس، سورٺا، ڏٺ، پرولي کان وٺي لوڪ شاعري جون مڙيئي صنفون سندن قلم جون مرهون منت رهيون آهن. معمور يوسفاڻي مشاعرن ۽ مذاڪرن کان علاوه ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ ڪراچي اسٽيشن تان سگهڙ طور پروگرام پڻ ڪيا. ڳوٺاڻن پائرن جي پروگرام ۾ ته سندس ڪچهري سيد صالح محمد شاهه سان

خوب ڄمندي هئي. پاڻ ٽيليويزن لاءِ پڻ ڪافي ڊرامان، اسڪرپٽ لکيا. معمور يوسفاڻي نه رڳو هڪ بهترين ۽ سنو ڊبيٽر هو پر ڪجهه اسٽيج ڊرامن ۾ پڻ ڪم ڪيو. معمور يوسفاڻي جي سنڌ جي سپني ادبي تنظيمن سان سندن خط و ڪتابت، ميمبرشپ ۽ نسبت رهي. معمور يوسفاڻي صوفي فقير ۾ بزم ادب ۽ مهراڻو اڪيڊمي جو بنياد رکيو. معمور يوسفاڻي پائر پبليڪيشن، اداره نوائي ادب، شاخ بزم طالب المولىٰ، بزم سروري، سنڌي ادبي سنگت، تنظيم فڪر و نظر سکر جون شاخون پڻ صوفي فقير ۾ قائم ڪيون. ڪيس ڪيترا ئي ادبي انعام ۽ ايوارڊ مليا، سنڌي علم، ادب ۾ تصنيف جو حوالي سان نامور تاريخ دانن مخدوم طالب المولىٰ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، پروفيسر اسد الله ڀٽو، سيد علي مير شاهه، ڊڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، تاج صحرائي، عبدالله ورياهه، فقير بشير احمد لغاري ۽ مير محمد بخش سان سندن ويجهڙائپ رهي.

## مسڪينن جو مسڪين جهان خان

### واگهومل ميگهواڙ

ٿر جي پريانگ پٽن کي پارڪندي، پارڪر جي ڪنڌيءَ تي آباد ننڍڙي ڳوٺ سامي جي ويري جا اهي ٿڙ، اهي ويڙها ۽ وستيون ڪيڏيون نه خوش قسمت آهن، جن جو سمورو ماحول ئي فطرت جي سونهن سان سلهاڙيل آهي. اتر ڪنڌي واري جي پٽن جون اڻ کٽ قطارون، ڏکڻ طرف ڪڇ ۽ ڏکڻ اولهه طرف ڪارونجهر جون ڪورون، اهڙي ئي حسناڪ علائقي ۾ 1909ع ۾ جنم وٺندڙ جهان خان کوسو ڪنهن ڄاتو هو ته وڏو ٿي هو مسڪين بڻجي ويندو. سندس جيون ساگر جو سفر ٿر جي ڀڙيانگ پٽن جي اڙانگن سفرن، ڏولاون ۽ پنڌ جي پيچرن ۾ پورو ڪندو، جيڪو مسڪين پاڻ مسڪينن سان آخري گهڙين تائين اڙانگي سفر ۾ ساڻ رهيو ٿر جتي لڪون لڳن، اڪ تپن، ڏوڪار جا ڏولاوا، اهڙين ڏکيائين جي ڏيهه جو هي ماڻڪ موتي نوجوان پوليس سپاهي 1937ع تان استيعفيٰ ڏئي غريبن ۽ مسڪينن جي ڏک کي پنهنجي سمهي ڪڙيو (ڳوٺري جنهن ۾ ڪاڌي پيتي جو سامان ڪڻجي) ڪلهي تي کڻي ڏکن جي سفر جو ساٿي ٿيو، ڌڻن ڪنهن به ڄاتو نه ته اها هستي ڏتڙيل سماج لاءِ هڪ رول ماڊل ڪردار طور سامهون ايندي. سامان جي

ڳوٺري ڪلهي تي ۽ اخبارن جا بنڊل بغل ۾ کڻي، ڏڪار جي حالت ۾ روينيو جي آفيسن ۾ لهي پوندو هو. ڪٿي ڪو غريب اڄ ۽ بک وگهي مئو، ڪٿي ڪنهن مسڪين کي راشن نه مليو، پاڻ پيٽ بکئي وڃي سرڪاري ڪامورن ۽ عملدارن جي پٺيان پوندو هو. سندس سفر راتين جون راتيون ڏينهن جا ڏينهن اڻ کٽ ۽ سسئي جي ڪردار وانگي اڻ ٿڪو هوندو هو.
ڏڪوئلن جي ڏيهه جو اهو شخص غريبن لاءِ ڇا! ڇپر ڇانوءُ هو. ڪيس ملندڙ ٻاجهري جي ماني هجي تـوڙي، ٻاجهري جي رب لسي هجي توڙي کي پر سپ کان پهرئين هو غريبن ۽ مسڪينن کي ورهائي ڏيندو هو. تر ۾ چوپائي مال جي چوري ڇڪاري ۽ پٽيلن جي ڪردار کان چڱي طرح واقف هو، ڪٿي به شل ڪنهن غريب جي ڪا به ٻڪري چوري ٿئي وٽس پهچي ويندو هو ۽ چورن وٽ پهچڻ تائين دير نه لڳندي هئس سردين توڙي گرمين ۾ غريبن لاءِ سفر ڪندڙ اهو شخص سرڪار توڙي وقت جي حڪمرانن کان لاوارث ٿيل علائقي تر لاءِ ڇڻ ڪو والي هو. هن لاءِ ماروئڙن ۽ مڪينن جا اهنج پنهنجا هوندا هئا. هو بنا متييد ۽ بنا فرق جي پوري تر جي هر مسئلي کي پنهنجو سمجهي ڪامورن جي پٺيان لڳي ويندو هو. جيسئن وڃي مسئلو حل ٿئي تيستائين ساهه نه پٽيندو هو. وڏيرن جي ڪرتوتن ۽ پوليس جي ڪردار جو اصل مخالف هي پوڙهو جُهور شخص جنهن سندس مال متاع غريبن لاءِ وقف ڪري ڇڏيا، سماج سڌارڪ جي اهڙي ڪردار کي اسان نه صرف تر جو وهائو تارو چئي سگهون ٿا پر هن کي اسان سماج جو املهه هيرو به چئي سگهون ٿا. اهڙو هيرو ڄامشوري جي پٽريلي علائقي واري اسپتال ۾ هن سماج جي بي حسي جي ڪري ڪيتروئي وقت بيماري جي بستري رهيو پر ڪنهن به سندس سار نه لڌي ۽ آخر ڪار 23 جـولاءِ 1980ع ۾ ڪارونجهر جي هنج واري شهر ننگرپارڪر ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.
سندس سماج لاءِ ڪيل خدمتون هميشه لاءِ امر رهنديون. اهڙي ئي ڪردار ۽ خدمتن جي مڃتا تي کيس مرڻ کانپوءِ يو ايس اي جي بايواگرفيڪل انسٽيٽيوٽ طرفان گولڊن ڪارڊ آف اچيومينٽ ايوارڊ سان نوازيو ويو. سندس نالي تي ننگرپارڪر ۾ هڪ لائبريري پڻ قائم آهي.

# مراد فقير

نند لال لهاڻو

سنڌ ته هونئن ئي موتين جي کاڻ آهي ۽ سنڌ کي سنتن ۽ صوفين جي سرزمين پڻ ڪوٺيو وڃي ٿو. سنڌڙي جي هر حصي ۾ اها کاڻ پري پئي آهي ۽ ٿر ۾ اهڙا موتي ڪردار مڙيئي ڪجهه سوايا آهن. جتي هتان جي متي ته جي مٽيا پاڻ نه مڃايو آهي. چون ٿا ته؛ راڳ ٿر ۾ مئو آهي. پر مون هميشه اها چوڻي حسد ۽ ساڙ تي ٻڌل لڳندي آهي.
ٿر ۾ جنم وٺندڙ راڳين جيتوڻيڪ تورو ڳايو آهي پر جيترو به ڳايو آهي، اهو ڪمال جو ڳايو آهي. جنهن جي ڇاپ صدين تائين رهڻي آهي. مائي ڀاڳي، مراد فقير، استاد شادي فقير، ٻڌو فقير، موهن ڀڳت، مصري ڏيپلائي، احمد ڏيپلائي، استاد حسين فقير، اهڙا نالا آهن جن تي ٿر کي هميشه فخر رهندو آهي. سندس راڳ لاءِ ڪيل خدمتون ڏيساور تائين ڳائجن پيون. اهڙن نالن ۾ هڪ يگانو ۽ درويش طبيعت فنڪار مُراد فقير به هو.
سندس دؤر جا ڳايل گيت اڄ به ٻڌندڙن جي اندر جي تار کي چيڙي وجهن ٿا. استاد مراد فقير جي جنم جو ڏينهن نه معلوم نه ٿي سگهيو آهي. پر سندس جنم ٿر جي هڪ غريب ضرور پر سُرتال جي شاهڪار قبيلي مڱڻهار ۾ ٿيو. مٺي کي اها خوشنصيبي حاصل آهي جو مُراد فقير سندس ڪُک مان جنم ورتو ۽ سندس ۽ هنج ۾ آرامي آهي. چوڻ وارا چون ٿا ته؛ استاد اُميد علي خان جو سپوت شاگرد، جيڪڏهن چرمي جي هڪ گيت ۾ پنهنجو آلاپ شامل نه ڪري ها ته اهي چرمي، ٿر جي پٽن ۾ ئي دفن ٿي وڃي ها. استاد مُراد فقير پنهنجي فني سفر ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، مرزا طالب، مخدوم امين فهيم، سيد مرتضيٰ شاهه ڏاڏاهي، سيد عباس علي شاهه ۽ سيد مصري شاهه کانپوءِ هڪ ٽري گيت پڻ ڳايا. سندس همعصر فنڪار، مُراد فقير جي فقيرياڻي طبيعت، سادگي ۽ شرافت جا ڪيئي قصا ٻڌائين ٿا. اهڙا ماڻهو پنهنجي فن جو حال ۽ مستقبل بابت فڪر مند رهندا آهن.
مُراد فقير کي پڻ اهو اونو ضرور هو ته کانئس پوءِ ٿر ۾ راڳ جو ساڳيو عروج ڪيئن قائم رهندو. شايد انهيءَ ڪري سندس شاگردن لاءِ ڪيل چُونڊ، بي مثال هُئي. سندس شاگردن ۾ موهن ڀڳت، ٻڌو فقير، ڀڳت صالو رام، مهراج داس ديو ڀڳت ۽ ٻيا شامل آهن. جن

مُراد فقير ڪانپوءِ سنڌ ڌرتي کي نـوان سُـر ۽ الاپ ڀيٽا ڪيا، جـن جـي سُرهاڻ سنڌي ماڻهو دنيا جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ اج به وٺي رهيا آهن ۽ سـندن ايمان هن عظيم ڌرتيءَ ۾ قائم آهي. ٿر جي فنڪارن سـان هـڪ الميـو رهيو آهي ته کين مناسب موقعا، مالي سهائتا تيئن نـه ڏنـي، جيئن دنيـا وارا پنهنجن فنڪارن کي ڏين ٿا. اسان جا ڪيئي فنڪار، انهيءَ ڪري گُمنامي ۽ مفلسي واري زندگي گذاري هليا ويا.

1977ع جي 18 مئي به اهڙو اڀاڳو ڏينهن هو جنهن ڏينهن اسـان جـي هن عظيم راڳي کي اسان کان وڇوڙي ۾ مٽين متيءَ هيٺ، مٺي جي قبرستان ۾ هميشه لاءِ آرامي ڪري ڇڏيو پر سندس پـوئيرن مـان هـڪ ئي نالو آهي. رجب فقير جو، جيڪو مُراد فقير جو پوٽو آهي ۽ پنهنجي ڏاڏي جي نالي سان مٺي ۾ هڪ ميوزڪ اڪيڊمـي قـائم ڪـري راڳ جـي خدمت ڪري رهيو آهي ۽ انهي ڪانسـواءِ پنهنجـي ڏاڏي جـي تـه ڏهريـن اکين جي ڏنل سپني خوابن کي ساپيان بخشي رهيو آهي.

مُراد فقير جي سرن جن گيتن جـي لفظـن کـي زنـدگي بخشـي تـن ۾ مشهور گيت هي آهن:

سڄڻ تون نه آئين، وري عيد آئي،

چرمي

الله جڻ اوري

مارئي مارڻ لاءِ ٿي روز سِڪي

اوڏڻ

تون اتان منهنجا پيروي

## مخدوم محمد صالح ڀٽي

ڊاڪٽر ممتاز بخاري هالائي

سنڌ سونهاري جي سچي سالڪ مخدوم محمد صالح ڀٽـي بـن مخـدوم محمدابراهيم ڀٽي جـي ولادت باسـعادت بتاريـخ 25 سـيپٽمبر 1887ع مطابق 7 محرم الحرام 1305 هه تي هالا پراڻي ۾ ٿي. سـندس والـد بزرگوار مخدوم ابراهيم ڀٽي وقت جو هڪ نيـڪ نفيـس انسـان ۽ دينـي علم جو وڏو ماهر ليکيو ويندو هو. جنهن پنهنجي فرزند جي ننڍپڻ کـان ئي اهڙي تربيت ڪئي جنهن اڳتي هلي پنهنجو نالو نروار ڪيو. سندس

ڪيل خدمتون روز روشن جيان آهن. سندس زندگي جي ڪمن جي ڪارڪردگي جو عڪس سندس ماضي جي آئيني ۾ جهاتي پائڻ سان ظاهر ٿئي ٿو جن کان ڪو به هوشمند انڪار ڪري نٿو سگهي.

## پير غلام رسول شاهه جيلاني

مدثر نظر بلوچ

سنڌ جي سرزمين علم ، ادب، تهذيب، ثقافت ۽ تاريخ جي لحاظ کان سڄي دنيا ۾ مشهور آهي. هن عظيم ڌرتي اهڙين عظيم شخصيتن کي جنم ڏنو آهي، جيڪي پنهنجي ڏاهپ، دانائي، سوچ، خدمت خلق ۽ فڪر ۾ دنيا جي ڪنهن خطي جي اهڙن انسانن کان گهٽ نه آهن جيڪي اهي سڀ خصلتون ۽ خاصيتون رکندا هجن. دنيا ۾ اهڙي قسم جون جيڪي به واجب احترام شخصيتون ٿي گذريون آهن انهن ۾ جيڪڏهن پير غلام رسول شاهه جيلاني جو نالو شامل ڪجي ته ڪو به وڌاءُ نه هوندو. سنڌ جي پوئتي پيل علائقي ڪوهستان جي مشهور جيلاني گهراڻي جو هي سپوت 1918ع ۾ ٿاڻي بولا خان ۾ پيدا ٿيو، سندس والد جو نالو پير جهان شاهه جيلاني هو. پير غلام شاهه جيلاني ٿاڻو بولا خان کانسواءِ ميرپورخاص ۽ پيٽ شريف ۾ پنهنجون رهائشگاهون ٺهرايون ۽ مستقل طور تي اتي رهائش اختيار ڪيائون. جنهن جو خاص سبب اهو به هو ته پير صاحب جي مريدن ۽ معتقدن جو وڏو تعداد دادو ضلعي کانسواءِ حيدرآباد ، ٿرپارڪر، سانگهڙ ۽ ٺٽي ضلعي ۾ آهي. سندس سياسي سماجي خدمتون سڄي ڄمار جاري رهيون سندسن در تان ڪو به سوالي ڪڏهن به خالي نه موٽيو. اڄ به ملڪ ۾ وڏن عهدن تي فائز ڪيترائي آفيسر موجود آهن جن پنهنجي شاگردي جي زماني ۾ پير صاحب جن جي وظيفن تي پنهنجي تعليم مڪمل ڪئي.

پير غلام رسول شاهه جيلاني نه صرف هڪ مدبر، باصلاحيت ۽ لائق سياسي اڳواڻ هو بلڪه هن سماجي ڪمن ۾ به وڏي دلچسپي ورتي ۽ هميشه عام ماڻهن جي ڀلائي ۽ بهتري لاءِ جاکوڙ ڪئي ۽ خاص طور ٿرپارڪر ۽ ڪوهستان جي ماڻهن جي ڀرپور خدمت ڪئي. پير غلام رسول شاهه 1953ع ۾ سنڌ اسيمبلي ۽ 1962ع ۽ 1970ع ۾ ٿرپارڪر مان قومي اسيمبلي جو ميمبر رهيو .پاڻ پاڪستان جي آزادي واري تحريڪ ۾ پڻ ڀرپور حصو ورتو پير صاحب هڪ دلير ۽ باهمت سياسي

اڳواڻ هو جنهن وقت جي حاڪمن جي ڏاڍاين ۽ ڏهڪاءُ جو هميشه مردانگي سان مقابلو ڪيو سنڌ ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبر جي حيثت ۾ مرحوم سنڌ جي مسئلن کي زوردار نموني پيش ڪيو ۽ عوام جي جذبن ۽ خواهشن جي ترجماني ڪئي.
پير صاحب پنهنجي ذات ۾ هڪ انجمن ۽ ادارو هو جنهن ڪري سنڌ جي سياست ۾ سندس راين ۽ خيالن کي وڏي اهميت ڏني ويندي هئي. مرحوم ملڪ جي سياست ۾ اهڙا اڻمٽ نقش ڇڏيا آهن جن کي سياسي تاريخ ۾ هميشه ياد ڪيو ويندو.
پير غلام رسول شاهه جيلاني مرحوم پاڪستان پيپلزپارٽي جي باني چيئرمين سابق وزيراعظم قائدعوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو ويجهو ساٿي هو. جڏهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو فيلڊ مارشل محمد ايوب خان جي وزارت مان استعيفا ڏئي پيپلزپارٽي ٺاهڻ جو اعلان ڪيو ته پير صاحب پڻ ايوب خان جو ساٿ ڇڏي اچي ڀٽي صاحب سان مليو سندس دوستي جي ڪري سنڌ جون ڪافي اهم شخصيتون پيپلزپارٽي ۾ اچي شامل ٿيون جنهن ڪري پارٽي جي پوزيشن سڄي ملڪ ۾ تمام گهڻي مضبوط ٿي وئي پير صاهب جو ڀٽي خاندان سان ساٿ آخري دم تائين جاري رهيو.
پير غلام رسول شاهه جيلاني جا سنڌ جي صحافت تي به وڏا وڙ ڪيل آهن . جنهن جي شايد تمام گهٽ ماڻهن کي خبر هجي پيپلزپارٽي جي ترجمان اخبار روزانه هلال پاڪستان پير صاحب پنهنجي ويجهي دوست غلام مصطفیٰ جتوئي سان گڏ خريد ڪري 1970ع ۾ حيدرآباد مان جاري ڪرائي. جنهن ڪري روزانه ”هلال پاڪستان“ جي شروعاتي باني ڪارن ۾ پير غلام رسول شاهه جيلاني جو نالو پڻ اچي وڃي ٿو. اخبار جي لاءِ مشينري ۽ بئي انتظام جو ڪم روزانه آفتاب جي باني ايڊيٽر شيخ علي محمد مرحوم جي حوالي ڪرڻ جو فيصلو پڻ پير صاحب پاڻ ڪيو هو ۽ اخبار شايع ٿيڻ بعد اداري جي ضرورتن جون ذميواريون بخوبي پوريون ڪيون. جنهن ڪري ان زماني ۾ شهيد ڀٽو پير صاحب کي پيپلزپارٽي جو خزانچي سمجهندو هو.
مهراڻ شوگر ملز ٽنڊو الهيار جي بورڊ آف ڊائريڪٽرس جي پهرين چيئرمين هئڻ جو اعزاز به پير صاحب کي حاصل آهي. پير غلام رسول شاهه جيلاني جون ملڪ ۽ قوم لاءِ ڪيل خدمتون اڻ ڳڻيون آهن. جيڪي سندس حياتي جي آخري ڏينهن تائين جاري رهيون جنهن ڪري

اڄ ملڪ سان گڏ سڄي سنڌ ۾ ڪوهستان ڪان ڪارونجهر تائين مسڪين مارووڙا پير صاحب جي جدائي جي غم جا ڳوڙها ڳاڙي رهيا آهن ڇاڪاڻ ته پير صاحب جي جدائي سان پاڪستان خصوصن سنڌ جي سياست ۾ جيڪو خال پيدا ٿيو آهي، سو سالن تائين پرجي نه سگهندو ليڪن غريب ماڻهو پير صاحب مرحوم جي لائق فرزند پير آفتاب حسين شاهه جيلاني، پير امجد حسين شاهه جيلاني ايم پي اي ۽ پير شفقت حسين شاهه جيلاني عرف جاني سائين مان نااميد نه آهن۽سانجي دعا آهي ته الله تعاليٰ ي کين پنهنجي عظيم والد جي نقش قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي آمين.

سنڌ ڌرتي جو عظيم فرزند، بزرگ روحاني پيشوا ۽ راڄن جو راڻو 8 فيبروري 1991ع تي رات جو اٽڪل يارهين وڳي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري وڃي مالڪ حقيقي سان مليو.

## مدر ايلسا قاضي

علم، ادب ۽ تعليم جي لحاظ کان سنڌ ڇڻ هيرن جي کاڻ آهي ۽ اهڙن املهه ماڻڪ موتين سان پري پئي آهي. ان جا اڻ ڪٿ ڪردار اسان وٽ موجود آهن. اهڙن ئي ڪردارن مان عظيم هستي جنهن جي نالي سنڌ يونيورسٽي ۾ تعليم فئڪلٽي پڻ آهي. جنهن کي مڏر ايلسا پن چيو وڃي ٿو. اها عظيم هستي 3 آڪٽوبر 1884ع ۾ جرمني جي شهر ۾ جنم ورتو، اها مسلم عورت جيڪا ادب جي ميدان ۾ نامور شخصيتن ۾ شامل آهي. جنهن پٽائي جي رسالي کي انگريزي پولين ۾ ترجمو ڪري دنيا تائين متعارف ڪرايو، سندس ڪهاڻيون، افسانا، آکاڻيون توڙي شاعري ۾ دنيا جي ادب ۽ نصاب ۾ شامل آهن. ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ پڙهايو وڃي ٿو. اها هستي نه صرف ليکڪا، شاعره هئي پر هو هڪ بهترين موسيقاره پڻ هئي. سندس لکيل شارٽ اسٽوريز توڙي شاعري ۾ نيم ٽري اعلي مقام والارين ٿا. انهي کانسواءِ شاهه عبداللطيف پٽائي جي شاعري جي ترجمي ۾ پڻ سندس ور علامه آءِ آءِ قاضي جي وڏي مدد ڪيائين. مسز ايلسا قاضي ٻاراڻي ادب ۾ ۽ ٻاراڻي آکاڻين ۾ پڻ وڏو نالو آهي. يونيورسٽي واشنگٽن جي لائيبريري ۾ پڻ سندس ڪيل ادبي ڪم جو چڱو ورڪ سهيڙيل آهي. جنهن ۾ Temptations ڊرامو ( Sindh Country life in three acts 1942ع ۾ شايع ڪيو ويو. ڪيس 1920ع برصغير جي نامور ليکڪن ۾

شامل ڪيو ويو، 82 ورهين جي ڄمار ۾ هي عظيم هستي لاڏاڻو ڪري وئي. جنهن کي اسان لفظن سان ڪيتري به پيٽا ڏيون ڪيتري به خراج عتقيدت پيش ڪريون اها گهٽ آهي. 18 مئي 1967ع ۾ وفات ڪري وئي.
سندس مڙهه ڄامشوري جي پٽريلي ڌرتي ۾ سندس ور علامه آءِ آءِ قاضي جي مزار پر سان تدفين ٿيل آهي.

## مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

عبدالڪريم ميمڻ

عظيم شخصيتون تاريخ جا پير هونديون آهن ۽ سنڌ ڌرتي جي اها خصوصيت آهي ته سنڌ قديم زماني کان تهذيب ثقافت، علم ۽ ادب جي خزانن سان مالا مال رهي آهي. سنڌ ۾ جڏهن به ادب ۽ فڪر ايندو آهي ته سڀ کان اول اسان جي چپن تان پٽائي گهوٽ جو نالو چري ايندو آهي پر لطيف کان اڳ به هي ڌرتي هالا بزرگن ۽ شاعرن جو مسڪن رهي آهي. اهڙن بزرگن مان مخدوم نوح سرور به هڪ آهي. پاڻ برصغير ۾ روحانيت ۽ تصوف کي ڦهلائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. مخدوم نوح نڍي ڪنڌ جو اهڙو پهريون عالم هو جنهن قرآن مجيد جو فارسي ۾ ترجمو ڪيو. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ انهي عظمي هستي جي خاندان سان تعلق رکندڙ 17 هون سجاده نشين هو. مخدوم طالب المولىٰ جن جو جنم 9 محرم 1338هجري بمطابق 4 آڪٽربر 1919ع آچر ڏينهن هالا ۾ ٿيو. سندن والد بزرگوار جو اسم گرامي مخدوم غلام محمد هو. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي تعليم ۽ تربيت سندن بزرگوار مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي تعليم ۽ تربيت سندس بزرگوار مخدوم غلام محمد ۽ چاچو مخدوم غلام حيدر جي خدمت ۾ ٿي. قرآن شريف جي تعليم انهي وقت عالم ۽ درگاهه شريف جي مجاور حافظ ولي محمد کان حاصل ڪئي سنڌي جي تعليم استاد حاجي عبدالغفور وڪيلائي ۽ استاد عبدالرحمان هالائي کان ورتائون. فارسي عبدالحئي نيڙهي واري پڙهائي ۽ انگريزي ۾ سندن استاد غلام رضا پٽو هو.

شخصيت ۽ خدمتون:

مخدوم طالب المولىٰ گهڻ رخي شخصيت ۽ اعلىٰ درجي جو ڏاهو انسان هو. سندس شهرت جا ڪيئي حوالا آهن. سندن روحاني حيثيت

کان سواءِ سنڌ جي ادبي ۽ثقافتي حلقن ۾ مخدوم طالب المولیٰ جو هڪ بلند مقام شاعر، نثر، نويس، اديب، محقق ۽ راڳ جو ڄاڻو جي حيثيت سان معتبر مقام حاصل هو. سندس شاعري ۽ ادب جي مشرقي رنگن سان گڏ نج سنڌي رنگ به رچيل آهن، پاڻ نه صرف اعلیٰ درجي جا تخليقار هئا پر ان سان ادبي تنظيم ۽ سلسلن جا سرپرست هئا. مخدوم صاحب علم ۽ ادب جو وڏو پارکو، فهم، فيض، فڪر جو سرچشمو هو، سنڌي شاعري جي رنگ برنگي، فڪرن، خيالن، تشبيهن ۽ عام فهم واري انداز کي مخدوم صاحب جن پنهنجي اصلوب سان سنواري جڏهن اظهار ڪيو ته سندن شاعري جي دلڪشي جو سحر ڌرتي جي ڪنڊ ڪڙڇ تي اثر ڇڏڻ لڳو، سندن اظهار ۾ تُزبياني، محبوبي، جلوت جي خمال، ماهه لقا جي ڪاڪلن، زلفن جي پيچ و خمن، حسن جي سپني، حُسنا ڪين جا دل آويز ء ڪس پرين جي وفائن ۽ بي وفائن جو انداز بنان سندن همعصرن کان نهايت منفرد ۽ اعلیٰ هو. سندن شعري سونهن جو هڪ مثال:

جو چاڪ نه ٿيو، سو گريبان ڪهڙو،<br>
ليڙون نه ٿي سگهيو ته پوءِ دامن ڪهڙو.<br>
جنهن ۾ نه ٿيو عشق جو جنون خيز بپا<br>
سچ پچ ته سو انسان به انسان ڪهڙو.

مخدوم صاحب جي ان فڪر اسلوب مروج گهاڙيتن جي جي پهريل لباس ۾ سنڌي بيت، ڪافي ۽ غزل کي هن ڌرتي سان سلهاڙيل نج ڪلاسيڪي شاعري کي هڪ نئون جنم ڏنو ۽ سندن شعري جي زينت جو ڪيف و سرور منجهس سمايل نغمگي ۽ موسيقيت واري پرپور جڙاوت مخدوم صاحب جن جي اڳ ۾ ئي پاتل مان مرتبي کي سنڌ جي سماجي، سياسي، روحاني ۽ ادبي حلقن ۾ وڌائي ويتر وڌو ڪري ڇڏيو. سنڌ جي متئين سپني حلقن ۾ مخدوم صاحب جن نه صرف هڪ پيراڻي گادي ڪري عزتون ۽ محبتون ماڻيون پر سندن اعلیٰ قدرن واري شاعري کيس ماڻهن جي دلين ۾ ورسائي ڇڏيو. اهو ئي سبب آهي جو مخدوم صاحب جن جو روحاني سلسلو ته پنهنجن پوئلڳن سان ئي رهيو پر سندن شاعري واري مان مرتبي کين ساري سنڌ سان سلهاڙي رکيو ۽ اجا به اڻ تتندڙ شاعري وارن خمارن ۾ هي ساري سنڌ سرشار رهندي پئي اچي. مخدوميت ماڻيندي به خادمي

واري اظهار عام ماڻهو جي راءِ ۾ کين وڏو عزت ماب بنايو جيئن سندن مشهور شعر آهي:

اگر خدمت ڪرڻ جي نه آهي طاقت طالب المولىٰ ي
ته پوءِ مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب ته ڪونهي ڪو.

مخدوم صاحب نه صرف ادبي سنڌي سماج کي متعارف ڪيو ته هن ڌرتي جي موسيقي مزاج رکندڙ جي به نهايت سٺي طرح پرداخت ڪئي. نغمگي ۽ موسيقيت سان پرپور شاعري مخدوم صاحب جن کي پنهنجي تعيمر ۾ نهايت منفرد ۽ اعلي مقام تي آڻي بيهاريو، خاص طرح ته جڏهن استاد فيروز گل جي موسيقي سان سجايل رونا ليلىٰ ي جي پُر ترنم:

آواز ۾ جڏهن
اڳڻ پهاريان تنهنجون واٽون نهاريان

هوائن جي آڏار سماعتن تائين پڳو ته جهر جهنگ ۾ سندس شاعري جي پهچ ٿيندي رهي.

مخدوم طالب المولىٰ ي جي سياست ۾ 1950ع کان حصو وٺڻ شروع ڪيو. سندن رهنمائي سندن چاچي مخدوم غلام حيدر ڪئي. 1953ع ۾ سنڌ اسيمبلي ميمبري تي بنا مقابلي ڪامياب ٿيا. پاڻ ان بعد پاڪستان اسيمبلي جي چونڊن ۾ نه بيٺا مارشلا کان پوءِ نئين آئين جي چونڊن ۾ پاڻ مرڪزي اسيمبلي جي ميمبر طور چونڊجي آيا. بقول سائين جي ايم سيد صاحب جي:

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ ي جي طبيعت جو اصل لاڙو ادب، ثقافت طرف ڏيک رهيو پر مڪاني ضرورتن ۽ وقت تي مصلحتن جي بنا پاڻ مجبورن سياست ۾ حصو وٺندا رهيا. مخدوم صاحب پهريائين مسلم ليگ ۾ هئا پر 1967ع کان شهيد ذوالفقار علي جي قائم ڪيل پاڪستان پيپلز پارٽي جا باني ميمبر ۽ سينيئر وائيس چيئرمين رهيا. پاڻ 1970ع ۽ 1977ع ۾ قومي اسيمبلي جا ميمبر چونڊيا. سنڌ هن سڄاڻ سخنور ۽ گهڻ رخي جامع صفات قلندرانه شخصيت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ ي جن جي 11 جنوري 1993ع تي 73 سالن جي ڄمار ۾ علم و ادب جي مشعل روشن رکندي انتقال ٿيو. 9 لکي گودڙي رکندڙ سرواڻ جون خدمتون، محنتون، ڏاهپ ۽ ذات منجهيل دلين لاءِ روشني جو مثال آهي. سنڌي ادب جي بي بها ماڻڪ ۽ سنڌي

راڳ ۾ سپيتا جا مان واري مهندار جون خدمتون ۽ ڪاوشون ان وسندڙ آهن.
دل فراحي پاڻ ڪان ساري حياتي ڪانه ٿي.
دل فروشي تا ڪيون جت ڳالهه تا اهڙي ڏسون

محمد عثمان ڏيپلائي ادب
## ۾ مزاحمت جو علمبردار
ڊاڪٽر فهميده حسين

محترم شخصيتن جو تجزيو ڪرڻ ۽ انهن جي ڪيل خدمتن ۽ ڇڏيل ورثي کي ياد ڪرڻ سٺي ڳالهه آهي، ماضيءَ ۾ جهاتي پائي ان جو چيد ڪرڻ ۽ ماڻهن ۽ واقعن ، تاريخن ۽ تواريخ جي چنڊ ڇاڻ ڪرڻ به اهم آهي ۽ اهي ٻئي عمل ضرور ڪجن. انهن نه صرف انهن شخصيتن جي باري ۾ سندن دور جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي بلڪ فردن توڙي قومن کي ”خودشناسي“ جو به موقعو ملي ٿو.اهڙي پرک جي نتيجي ۾ گذريل ڪجهه سالن کان مرحوم محمد عثمان ڏيپلائي جي ڪيل پورهئي کان مجتا ملڻ لڳي آهي ۽ اهو تاثر عام ٿيو آهي ته هو هڪ محڪم مزاحمتي انسان هو. سنڌي ادب ۾ مزاحمت سان ڪمٽمنٽ رکندر سمورا ليکڪ مون بهادر ۽ ارڏا ڏنا جو پنهنجي ضمير سان سچو رهڻ ئي دراصل هر ڪمٽمنٽ جو بنياد آهي. جي هو ڪنهن مقصد، ڪنهن نصب العين سان واڳيل هجي ته پوءِ اُن لاءِ ڏاڍ سان مهاڏو اٽڪائڻ کان به ڪو نه ڪيپائيندو آهي. سندس رهنمائي سندس اندر جي روشني جو ڪندي آهي . اهڙن ئي اندر جي روشن ماڻهو مان ڏيپلائي صاحب به هڪ هو ۽ مون کي خوشي آهي ته مون نه صرف کيس ڏٺو پر سندس ڌيءُ زينت مرحومه سان دوستيءَ جي ناتي آءُ ڪنهن وقت جهڙوڪر سندن گهر جي پاتي هئس.
مون کي ڏيپلائي صاحب جي گهڻ رخي شخصيت تمام گهڻو متاثر ڪيو، هن جو قلمي پورهيو ڪو هڪ به نه پر ڏيڍ سئو کان به وڌيڪ ڪتابن تي مشتمل آهي جن ۾ هن وقت موضوعن جي ڪيتري به گهڻائي هجي، صنفون به مختلف آهن پر بنيادي ڳالهه جيڪا مون محسوس ڪئي آهي سا آهي عام ماڻهوءَ کي وهمن وسوسن ۽ اجاين ريتن رسمن جي ڪوڙڪي مان آزاد ڪرڻ لاءِ ذهني سجاڳي جو

مقصد، ويساهه وسوڙل ۾ ضعيف الاعتقاد ماڻهن کي ڪٽڻهن مـذهبي ڪتـابن ذريعـي ئي سـمجهايائين تـه ڪٽڻهـن وري پيـر پرسـتي ۽ قبرپرستيءَ جـي خلاف آواز اٿـاري سـندن ذهـن کـولڻ جـي ڪوشـش ڪيائين. ڪٽڻهن انسانن کي صحيح وات ڏيکـارڻ لاءِ اسـلام جـو سـهارو ورتائين ته ڪٽڻهن ڪميونسٽ فڪر جو. مقصد سـندس هـو انسـان ۾ انسـانيت جـي ڀلائي، ڪٽڻهـن صـحافت ادب تـه ڪٽڻهـن سياسـت جـي وسيلي هن اهي مقصد ماڻڻ جي جدوجهد ڪئي ۽ ان جـي راهـه ۾ ڏک ڏاکڙا ، جيل سختيون سٺائين پر مزاحمت نه ڇڏيائين. ادب جـي ميـدان ۾ هن ڪا به صنف نه ڇڏي. ڪهاڻيون ، ناول ، ڊراما لکڻ ۾ شـاعري بـه ڪئي ته تنقيد تحقيق به. پاڻ نـه صـرف ”سـانگهڙ“ جهڙو هـڪ منفـرد تاريخي نـاول لکيـائين پـر ڪيـترائي تـاريخي نـاول ترجمـو يـا اخـذ پڻ ڪيائين. سائين پنهنجن ماڻهن کي سنڌ جي ويجهي ماضيءَ جي تاريـخ جو شعور به ڏنائين ته برصغير ۾ دنيا جي خاص ڪري اسلامي دنيا جي تاريخ کان به واقف ڪيائين. جنهن به موضوع تي لکيـائين تمـام بيبـاڪ ٿي لکيائين ۾ هر مدي خارج ، فرسوده خيـال ۾ فـڪر کـي رد ڪيـائين. پاڻ هر قسم جي سماجي ۾ اخلاقي برائي خلاف جهاد ڪيـائين ۾ وقـت سان ايندڙ نئين فـڪر کـي قبـول ڪيـائين ۽ ان ۾ يقيـن رکـي لکيـائين. منافقت نه ڪيائين ۾ ڪٽڻهن اهو ڪو نه سوچيائين ته ان کـان اڳ وارو فڪر ۾ نظريو شايد ان جي ابتڙ هو. ڇو ته هن جي ذهنـي ارتقـا ۾ هـڪ تسلسل نظر اچي ٿـو. هـن بـس پنهنجـي آدرش کـي ئي اهميـت ڏنـي جيڪو هو ”انسانيت جي ڀلائي ، سنڌي سماج جي سنوار ۾ سڌارو“.

”ڏاهري رنگ محل جهڙو ڪتاب لکنـدڙ اديـب ورهـاڱـي کـانپوءِ مـذهب جي نالي ۾ ٿيندڙ سياست ڏسي بنهه بـدلجي ويـو ۾ سـندس تحريـرن ۾ ٻين مذهبن لاءِ احترام ۾ صوفي واري اهنساءِ عدم تشدد جو عزم اچي ويـو. ان ڏس ۾ رشـيد ڀٽيـءَ ڏاڍو سـنو تجزيـو ڪيـو آهـي لکـي ٿـو تـه ”مرحوم ڏيپلائي جي سوچ ۾ فـڪر ارتقـا ۾ تبـديلي جـو نمايـان مظهـر آهي. اسان جي ٿهيءَ ۾ ان کان پـوءِ واري نسـل جـو اديـب بـه ذهنـي ارتقا جي انهن ئي منزلن تان ٿيندو اچ جي درجي تي رسيو آهي.

سچ ته اها حقيقت آهي ته سنڌي ادب جو اهو دور سـنڌ ۾ مـاڻهن جـي ذهني اوسر ۾ ڏاڍو اهم دور هو جنهن ۾ ادب ۾ صحافت جي ڪيتر ۾ جديد لاڙن اختيار ڪرڻ لاءِ همٿايائين، ادبي ۾ سياسي تحريڪن ۾ حصـو ونـي پنهنجن حقن لاءِ جاکوڙ ۾ ناانصافين خلاف مزاحمت جـو درس ڏنـائين۾

اڄوڪي سنڌ ۾ جيڪو نئون ذهن آهي ان جي لاءِ راهون گهڙيائين . اهڙا ماڻهو پاڻ تاريخ ٿيندا آهن.تاريخ ٺاهي، رقم ڪري به ويندا آهن. هو ڪنهن سماج جي پيڙائن جي لاءِ صدائون ڏيندي ڏيندي پاڻ به چڻ ته ڪا صدا بنجي ويندا آهن جيڪا ايندڙ نسلن تائين پئي گونجندي آهي.
سياسي حوالي سان ڏيپلائي صاحب سنڌ جي ون يونٽ واري دور ۾ قيد ٿيڻ ۽ ان سبب عوام جي ڏتڙجڻ جو اکين ڏٺو شاهد هو، سندن سمورين مصيبتن ۽ ڏکن ڏولاون جي لاءِ ذميوار طبقن ۾ هن کي وڏيرا سرمائيدار مذهبي ٺيڪيدار ۽ ڪامورا اڳيرا ڏسڻ ۾ آيا. هن قلم سان جهاد ڪري ان قهري ڪوٽ ۾ وڏا ڏار وڌا ۽ سنڌ جي عام ماڻهوءَ جي آواز کي اقتداري ايوانن تائين پهچايو ۽ پوءِ هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي اهو قهري ڪوٽ ڪرندو ڏٺو!
ترقي پسند اديبن جي سٽ ۾ محمد ابراهيم جويي، مولانا گراميءَ يا خود حيدربخش جتوئيءَ جو ساٿ مليس ته چاتائين ته دنيا ۾ صحيح ۽ غلط، سچ ۽ ڪوڙ، نيڪي ۽ بديءَ جي جنگ رڳو مذهبي حوالي سان نه پر ادب جي محاذ تان به ڪري سگهجي ٿي ۽ مذهب وانگي ادب کان به اهڙو ڪم وٺي سگهجي ٿو. پوءِ هن اهو محاذ به سنڀالي ورتو ۽ ان دور جي مناسبت سان ترقي پسند نظريي جون جيڪي تقاضائون هيون اهي پوريون ڪيائين ۽ ان کي انساني مفادن ، هاڪاري قدرن ۽ مطالعي جو حامي ۽ محافظ ڪري سمجهيائين ۽ پاڻ به لکيائين ۽ شيخ اياز جهڙن اديبن جي دفاع ۾ به لکيائين.
انهن ڳالهين کي ذهن ۾ رکي چئي سگهجي ٿوته مرحوم محمد عثمان ڏيپلائي سنڌ ۽ سنڌي سماج جي هڪ کان وڌيڪ محاذن تي اڳواڻي ڪندي رهنمائي ڪئي، پر ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته شخصيت پرستيءَ کي ڇڏي سندس ڪيل ڪم جي تنقيد جي سائنسي ۽ علمي ادبي معيارن تي پرک ڪئي وڃي.

Posted by wahabsahito at 2:42 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## محمد صديق مسافر - اشرف عبدالله ميمڻ

محمد صديق مسافر

# سنڌ جو عظيم استاد ۽ شاعر

اشرف عبدالله ميمڻ

سنڌ جي علمي ۽ ادبي تاريخ ۾ محمد صديق ”مسافر“ جو نالو ان ڪي وڏي عزت احترم سان ورتو وڃي ٿو جو هن سنڌ جي علم و ادب ۾ ڪيترائي اهڙا خزانه لکيا آهن يا انهن لاءِ ڪم ڪيو آهي جو جيڪڏهن هُن کي لاڙ جو مرزاقليچ بيگ چئجي ته ان ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو. هوئن ته محمد صديق ”مسافر“ پنهنجي علمي ۽ ادبي خدمتن جو ذ ڪر سندس ڪتاب ”ڪليات مسافر“ ۾ گهڻو ڪيو آهي چاڪاڻ ته اهو هڪ وڏو شاعر ۽ اعلىٰ نثرنويس پڻ هو.شاعري ۾ ان ڪيترائي شاگرد پڻ آهن. محمد صديق ”مسافر“ 1879ع ٽنڊي باگي جي هڪ شيدي گهراڻي ۾ گلاب خان جي گهر ڄائو هو ان جو والد آفريقي ملڪ زنجبار مان غلام جي حيثيت سان پهرين مسقط آيو جتان پوءِ ننڌي آيو ۽ آخر ۾ بدين ضلعي جي تاريخي شهر ٽنڊي باگي لڏي آيو هو.
محمد صديق ”مسافر“ پرائمري اسڪول جو ماستر هو جتان ترقي ڪري اهو ترينگ ڪاليج فارمين ۾ استاد مقرر ٿيو، مرحوم جي ادبي ۽ علمي تاريخ ڏگهي آهي . 1934ع ۾ هو ”سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي“ جي ڪاروباري ڪميٽي جو ميمبر ٿيو، جنهن ۾ هُن کي تصنيف تاليف ڪميٽي جو ميمبر مقرر ڪيو ويو، جيئن اهو هڪ استاد هئڻ سان گڏ سٺو مضمن نگار ، ناقد ۽ شاعر به هو جنهن جي سنڌي ادب ۾ ڪيل خدمتن کي هرگز نه وساري نٿو سگهجي. ترينگ ڪاليج ۾ تعليم جي نالي سان هڪ ماهوار رسالو به نڪرندو هو جنهن جو مسافر ايڊيٽر پڻ ٿي رهيو. جنهن ۾ هن علم و ادب تي ڪيترائي مضمون لکيا ان ۾ هن سنڌ جي ماڻهن جا قديم فن ۽ ڪجهه رواج، پراڻيون نشانيون، ڏاهي ڦهيل زال، علم جا شوقين شاگرد، تعليم ۽ تربيت انسان جي من جي حقيقت ۽ طاقت ، صوفي ۽ تصوف ، زيب النساءَ ”مخفي“، پليگ، چاند بيبي، پراڻيون نشانيون، مرزا جاني بيگ ۽ سنڌ جي شاعري جهڙا تحقيق مضمون پڻ شامل آهن. محمد صديق ”مسافر“ جيڪي ڪتاب لکيا اهي ديوان فاضل، قرب قليچ، هدايت المسلمين(6 يا ڳا)، شهيد ڪربلا، غلامي ۽ آزادي جا عبرتناڪ نظارا، ممتاز دمساز، سچاڻ زالون، چونڊ مضمون، منازل مسافر ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن. جڏهن ته مرزا قليچ بيگ وانگر هن به ڪيتن ئي ڪتابن جا سنڌي ترجما ڪيا.جيڪي اڄ به سنڌي ادب جا وڏا شاهڪار آهن. محمد صديق ”مسافر“ علمي ادبي مقالن لکڻ جو ماهر سمجهيو ويندو هو. سندس ڪتابن مان خاص طور تي ديوان فاضل ۽ قرب قليچ مان ڪيتروئي مواد خانبهادر

محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب جي سنڌ جي ادبي تاريخ ڀاڱي ٻي ۾ شامل ڪيو ويو آهي.
محمد صديق ”مسافر“ هڪ استاد پڻ هو. معلم جي حيثيت ۾ ان جون خدمتون وڏيون نمايان رهيون آهن خاص طور تي پڙهائي جي معاملي ۾ جڏهن اها ڪا سمجهاڻي ڏيندا هئا ته اهو ڪون سمجهبو هو ته اهو ڪو سٺ ستر ورهين جو پوڙهو پيو ڳالهائي بلڪه ايئن محسوس ٿيندو هو ته ڪو نوجوان آهي جيڪو ڳالهائي پيو. پاڻ 1961ع ۾ وفات ڪئي ۽ ڪيس ٽنڊي باگي ۾ ئي دفن ڪيو ويو. جتي هر سال سندس برادري وارا ”الحبش تنظيم“ جي طرفان ورسي ملهائيندا آهن ۽ مطالبو ڪندا آهن ته مرحوم محمد صديق ”مسافر“ کي ان جي علمي ادبي خدمتن تي ان کي رتبو ڏنو وڃي.
”مسافر “ سنڌ هو هڪ اهڙو شاعر هو جنهن شعر جي هر صنف غزل، نظم، قصيدن، مثنوين، رباعين، قطعن ۽ مسدس تي طبع آزمائي ڪئي. سندس لکيل ڪليات ، ڪافيون، مناجات، جا ڳا ۽ اسڪولي ٻارن جا گيت به شامل آهن. جيڪي تعليم کاتي درسي ڪتابن ۾ شامل ڪيا آهن. ان مان ڏس هي منهنجي ٻلڙي ، واه ڙي تارا سندس مقبول نظم آهن. اهي نظم سنڌي جي پهرين ٻي درجي ۾ هئڻ ڪري هر ڪنهن کي ياد آهن.

## سنڌ جو خليل جبران

# م ن محزون

### نياز پتي

ملڪ خصوصن سنڌ ۾ مائي ۽ مينڊي جي حوالي سان مشهور شهر ميهڙ ۾ به تمام وڏين شخصيتن جنم ورتو آهي. م ن محزون هڪ تاريخ ساز شخصيت هو. هو عالم، اديب، ڪهاڻيڪار، مصور، تعليمي ماهر، ڏاهو ۽ محقق هو. خليل جبران جي تخليق کي سنڌي ٻولي ۾ متعارف ڪرائيندڙ واحد شخص هو، جنهن ڪري کيس سنڌ جو خليل جبران سڏيو ويندو آهي. محمد نواز محزون 10 جولاءِ 1933ع ۾ ميهڙ جي مشهور خاندان رئيس شفيع محمد پتي جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس وڏا اصل شجاع آباد جا هئا. سندس ڏاڏو درياءَ خان پنهنجي والد محمد خان ۽ ڀاءُ شجاع احمد سان گڏ ميرن جي لشڪر ۾ سپاهي هو. ميرن جي شڪست کانپوءِ م ن محزون جي پڙ ڏاڏي محمد خان پتي جوهي ۾ اچي سڪونيت حاصل ڪئي. محمد خان جي وفات کان پوءِ محمد

نواز محزون جي ڏاڏي ميهڙ پرسان دريائي پاڻ جي نالي ڳوٺ ٻڌو، بعد ۾ سندس خاندان ميهڙ جي سيد علي اڪبر شاهه محلي ۾ لڏي آيو، م ن محزون ابتدائي تعليم سيد علي ا ڪبر شاهه جي جوڙايل جامع مسجد واري مدرسي مان حاصل ڪئي. پاڻ سنڌي چار درجا ميهڙ جي پرائمري اسڪول ۾ پڙهيا ۽ چوٿين اسٽينڊرڊ تائين ميهڙ جي هاءِ اسڪول ۾ پڙهيو، پاڪستان ٺهڻ کان اڳ سنڌ مدرسي ڪراچي ۾ پڙهڻ ويو، بي اي سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچي مان پاس ڪيائين. شمشير الحيدري، رشيد ڀٽي، تنوير عباسي، رسول بخش پليجو به سندس ڪلاسي رهيا. ايم اي، ايل ايل بي سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪيائين بعد ۾ هو جيوپيٽڪ آڪسفورڊ ڪاليج لاهور مان پاس ڪيائين. سرڪاري نوڪري جي شروعات پاڪ فوج سيڪنڊ ليفٽيننٽ سان ڪيائين. بعد ۾ ڪسٽم ۾ پرووينٽر آفيسر بڻيو ۽ پوءِ وري استيعفٰي ڏئي. 1958ع ۾ ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ سينيئر ٽيچر ٿيو. ڪي اين شاهه اسڪول ۾ پڻ سينيئر ٽيچر رهيو. ان کان علاوه خانپور، نصير آباد، راڌڻ، سنڌي ٻٽڙا هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر رهيو. 1986ع کان 1988ع تائين تعليم کاتي ميهڙ ۾ ايس ڊي اي او رهيو، جڏهن ته ڀٽائي اسڪول ڪي اين شاهه ۾ پڻ هيڊ ماستر رهيو. جڏهن ته م ن محزون جا ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن. جن ۾ خليل جبران جا ترجمو ڪيل ڪتاب، ڪنوار جي سيج، ڀڳل ڪنيڙاٽيون، مجنون، پيغامبر جو باغ مرشد جو نيهن ۽ نياپو، انسان ۽ شيطان، لڙڪ ۽ مرڪ، ا ڳواڻ، زميني ديوتا، ميڪا ولي جو پرنس، درس محبت (ابوالڪلام آزاد) هڪ دور جو ماتم، بائيبل قرآن ۽ سائنس، سائين جو سوڳند، هڪ مجرم جو اعتراف (ڪرنل ميڊوز شلر) سلطان صلاح الدين ايوبي، خالد بن وليد ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. ان کان علاوه اڻ ڇپيل ڪتاب جيڪي جلد ڇپجڻ وارا آهن. انهن ۾ ڪتاب سيرت النبي صه (ريسرچ ورڪ) سيرت سيد المرسلين (ريسرچ ورڪ) زندگي جو جلوس (جبران ترجمون) سيلهه ڪنڊا ۽ ڀروپ نگر شامل آهن. محمد نواز ڀٽي عرف م ن محزون جون ڪيتريون ئي ڪهاڻيون پڻ لکيل آهن. م ن محزون تمام سنو محقق هو. م ن محزون 8 نومبر 1995ع مطابق 13 جمادالثاني 1416هه اربع ڏينهن خميس رات سوا 10 وڳي اسان کان جسماني طور وڇڙي ويو. سنڌ ۾ محزون صاحب جهڙو و عظيم ماڻهو ٻيهر مشڪل

سان پيدا ٿيندو. جيستائين سنڌ ۽ سنڌي ٻولي آهي، م ن محـزون يـاد ۽ دلين ۾ رهندو.

Posted by wahabsahito at 2:33 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## دادي ليلان جون خدمتون - غلام حسين خاصخيلي

دادي ليلان جون خدمتون

غلام حسين خاصخيلي

سنڌ جي تاريخي شهر حيدرآباد جي ٽڏين هوائن واري علائقي هيرآباد ۾ جنم وٺندڙ دادي ليلان تعليم جي دنيـا ۾ تمـام وڏي خـدمت ڪئي آهـي. نياڻين جـي اسـڪولن ڪـولرائڻ ۽ تعليمـي شـعور پيـدا ڪرڻ لاءِ جيڪا جدوجهد ڪئي. ان جدوجهد تي حيدرآباد سميت پـوري دنيـا جـا مـاڻهو کيس سلام پيش ڪري رهيا آهن. اهڙين شخصيتن کي هر ماڻهو سلام ڪندو آهي. دادي ليلان نياڻين جي تعليم لاءِ تمـام وڏو ڪـم ڪيـو آهـي پاڻ به اسڪول ۾ نياڻين کي تعليم ڏيندي هئي. اسڪولن ۾ نيـاڻين جـي تعليم سان گڏوگڏ هنـر جـي سـکيا ڏيڻ لاءِ اسـڪولن ۾ باقاعـدي سان ڪلاس هلايا ويندا هئا. موجوده وقت ۾ بـه دادي ليلان وانگـر تعليـم لاءِ جدوجهد ڪرڻ جي ضرورت آهي. دادي ليلان تعليمي شعور پيـدا ڪرڻ لاءِ سيمينار به ڪرايا، انهن سيمينارن ۾ تعليم جي اهميت بابت والـدين کي سمجهايو ويندو هو. تعليم بنا انسان اڌورو آهي، نياڻين لاءِ تعليـم تمام ضروري آهي نياڻين کي پنهنجو گهر وسائڻو هوندو آهـي. پڙهيـل لکيل ماءُ پنهنجي اولاد جـي لاءِ تعليمـي شـعور کـي ا ڳتي وڌائي ٿـي، دادي ليلان جو چوڻ آهي ته علم حاصل ڪرڻ سـان انسـان وٽ تمـام وڏي طاقت تمام وڏو هٿيار آهي. جنهن وٽ علم جو هٿيار موجود آهي. اهو گهر وڏيڪ مضبوط طاقتور آهي. نياڻين کـي تعليـم ڏيـاريو. نيـاڻين کي پڙهائڻ سان معاشري ۾ علم جا ڏيئا وڌيڪ روشن ٿين ٿـا، علـم جـي ڏئي ٻـرڻ سـان دنيـا جـي گهـرن ۾ وڌيـڪ روشـني پيـدا ٿئي ٿـي. اهڙي روشني ۾ طاقت هونـدي آهـي. علـم جـي روشـني جيـتري طـاقت ور هوندي، معاشرو اوترو وڌيڪ طاقت ور هوندو آهـي. داديـي ليلان جـي اهڙي جدوجهد کـي سـلام ڪنـدي اسـان کيـس پيتـا ڏئي رهيـا آهيـون. اهڙين شخصيتن جو نالو هميشه روشن هونـدو آهـي. دادي ليلان هينئر

به علم ادب جي لاءِ جدوجهد واسطي هر ماڻهوءَ کي سبق ڏيندي رهندي آهي، دادي ليلان هر ماڻهوءَ کي پنهنجي پهرين جملي ۾ اهو پڇندي آهي ته ڇا توهان پنهنجي نياڻين کي پڙهايو ٿا. هر ماڻهوءَ کي اهو چوي ٿي، بابا پنهنجي نياڻين کي پڙهايو. نياڻين کي پڙهائڻ سندن والدين جي اولين ذميواري آهي. جنهن گهر ۾ نياڻي اڻ پڙهيل آهي. اهو گهر پريشانيءَ واري حالت ۾ هوندو آهي. اهڙي پريشانيءَ کان بچڻ لاءِ نياڻين کي علم ڏياريو. دادي ليلان پنهنجي وقت ۾ اسڪولن ۾ نياڻين کي تعليم ڏيارڻ سان گڏوگڏ هنر جي سيکا به ڏياريندي هئي. نياڻين کي پرت پرڻ، گهر جو ماحول بهتر رکڻ جهڙن مسئلن تي نياڻين کي سکيا ڏيارڻ لاءِ پريڊ هلايا ويندا هئا. هنر ۽ علم جي لاٽ ٻرندي رهندي هئي. دادي ليلان تعليم جي اهڙي بهتر ماحول سبب سندس جدوجهد کي هند توڙي سنڌ ۾ وڏي مڃتا ڏني پئي وڃي. اهڙين شخصيتن وانگر هر ماڻهو جدوجهد ڪري ته هر گهر تائين تعليم پهچي سگهي ٿي. اهڙي تعليمي جاڳرتا پيدا ڪرڻ واسطي دادي ليلان جي ٻاريل ڏيئن کي وڌيڪ روشن رکڻ لاءِ اسان سڀني کي دادي ليلان جي ساٿ ۾ ساٿ ڏئي سڏ ۾ سڏ ملائي هرهنڌ علم جا ڏيئا روشن ڪرڻ لاءِ جدوجهد جي راهه کي تيز ڪرڻ جي ضرورت آهي. دادي ليلان جي اهڙي جدوجهد ڪاميابي جي منزل ڏانهن قدم آهي. اسان سڀ قدم کي قدم سان ملائي هلڻ جي ضرورت آهي. دادي ليلان ته اڄ به اهو چوي ٿي ته سنڌ بزرگن اوليائن جي ڌرتي آهي. جنهن ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست کان وٺي ڪيترائي اهڙا هيرا پيدا ٿيا آهن. جن جدوجهد ڪندي علم جي ڏيئن کي روشن ڪيو آهي. سنڌ ڌرتي علم جي حوالي سان پوري ۾ دنيا ۾ سڃاتي وڃي ٿي. اهڙي سهڻي ثقافت رکڻ واري ڌرتي تي هاڻ اسڪولن جي بند پيل هئڻ جون ڳالهيون ٻڌي اکين ۾ لڙڪ اچي وڃن ٿا. اسان سڀني کي گڏجي علم جي ڏيئن کي روشن ڪرڻو پوندو اهڙي علم جي جاکوڙ لاءِ جدوجهد ڪرڻ واسطي پنهنجي گهر، محلي، علائقي، شهر، يوسي، تعلقي، ضلعي، صوبي ۽ ملڪ ۾ علم جي ڏيئي کي روشن رکڻ واسطي سچائي سان قدم کڻڻ جي ضرورت آهي. دادي ليلان جي اهڙي تعليمي جدوجهد کي روزاني عبرت طرفان شخصيتن کي پيٽا ڏيڻ واسطي ملهايل هفتي جي حوالي سان پيٽا پيش ڪري رهيا آهيون. دادي ليلان

مهان شخصيت آهي. ڪيس سلام پيش ڪريو ٿا ۽ دعا آهي ته سندس جدوجهد تعليم لاءِ اجان سگهاري ٻڻجي وجي.

✎ Posted by wahabsahito at 4:21 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## رائچند راتوڙ - نند لال لهاڻو

# سنڌ جو مايه ناز محقق ۽ تاريخ دان: سرڳواسي رائچند راتوڙ

نند لال لهاڻو

سنڌ ڌرتي جي ٿڌڙ ي متي تر جي ڪُڪ مان جن انمول شخصيتن جو جنم ٿيو آهي، انهن ۾ سرڳواسي رائچند راتوڙ جو نانءُ پڻ سرفهرست آهي. هو تاريخ جو مشهور استاد، محقق ۽ جاڪوڙيندڙ ڪردار ٿي گذريو آهي. سندس جنم 8 نومبر 1912ع تي تر جي قديمي ۽ پرامن شهر چيلهار ۾ مينگهواڙ برادري جي هڪ چَٽُون مل سرتاڻي جي گهر ۾ ٿيو.هن ننڍي هوندي کان ئي پنهنجي محنت تحت 1929ع ۾ فائنل پاس ڪئي ۽ پوءِ هڪ فرد پرائمري استاد طور 2 مئي 1928ع ۾ چيلهار کان هن عظيم پيشي جي شروعات ڪيائين، جنهن دوران ٽيچرس ٽريننگ اسڪول حيدرآباد مان پي ٽي سي جا ڪورس ڪرڻ سان گڏوگڏ ادبي سرگرميون ۽ لکڻ واري ڪرت پڻ جاري رکيائين. نوڪري توڪري هجڻ ڪري هن چيلهار کانسواءِ ڳوٺ عمر انڙ، آهوري، ديهه نورنگ سنگهه، پوريلو، جوڳي مڙهي، ننڊوجان محمد، رائلو رند،سيرو سٽڙيون ۽ مٺي ۾ پڻ نوڪري ڪئي. سندس ادبي دوستن ۾ مخدوم طالب المولٰي، شيخ اياز، نبي بخش بلوچ، نرسنگهه داس اوجها، ابراهيم جويو ۽ ٻيا اديب شامل هئا. پاڻ پهريون ڪتاب تاريخ ريگستان لکيو، جيڪو اڄ به ٻن جلدن ۾ هر ادب جو ذوق رکندڙ جي گهر ۽ لائبريري ۾ موجود آهي، هن پير صاحب پٿوري جي سوانح عمري تي پڻ ڪتاب شايع ڪرايا هئا. ان کانسواءِ ٿر جي لوڪ ادب سميت ٻين پڻ ڪافي موضوعن تي ڪافي مواد ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل موجود آهي. سائين رائچند راتوڙ 1968ع ۾ پالوا ۾ حب الوطنيءَ جي عظيم ڪردار ”مارئي“ جي ميلي ۾ مارئي بابت مقالو پڻ پڙهيو هئائين ۽ سنڌ جو ناليوارو اديب ولي رام ولڀ پڻ رائچند راتوڙ جو شاگرد آهي. جنهن پڻ هن شخصيت کان متاثر ٿي،

ادبي ڪاڄ ۾ پير پاتو . رائچند راٺوڙ هڪ نهايت ئي قابل ۽ محنتي استاد ، مخلص ۽ سچار دوست ۽ مثبت سوچ جو مالڪ هو، سندس اکر پڻ تمام سهڻا موتي داڻا هوندا هئا ۽ هو هڪ عظيم فرص شناس استاد هو سندس پٽ پريو ناشاد آهي، جيڪو بعد ۾ نفيس احمد شيخ ٿيو ۽ ادبي ذوق جو ماڻهو آهي ۽ ڪافي عرصي کان سنڌي ادبي بورڊ جي ته ماهي رسالي ”مهراڻ“ جي ايڊيٽر طور پڻ ادبي خدمت ڪري رهيو آهي. رائچند راٺوڙ هڪ اهڙي سنڌ ڌرتيءَ جي پياري شخصيت هئي جنهن جي پياري نالي کان هند توڙي سنڌ ۽ سڄي دنيا ۾ رهندڙ سنڌي پنهنجي ڌرتي جي سڃاڻپ سمجهن ٿا ۽ سندس ڪردار، عمل ۽ مهان ماڻهپي کان سڀ ڪو ئي واقف آهي ۽ اهڙا اعزاز هر ڪنهن کي ملي نه سگهندا آهن. سندس اباڻي شهر چيلهار ۾ سماجي تنظيم ريگستان ويلفيئر ايسوسئيشن پاران رائچند راٺوڙ جي نالي سان هڪ لائبريري پڻ قائم ٿيل آهي. سائين رائچند راٺوڙ 31 مئي 1968ع تي هن فاني دنيا مان پرلوڪ پڌاريو. اسان سمجهون ٿا ته سرڪاري توڙي غيرسرڪاري ادارن کي اهڙن تاريخ جي هيرن کي ڪنهن به صورت ۾ وسارڻ نه گهرجي ۽ رائچند راٺوڙجي باقي اڻ ڇپيل مواد کي ميسارجي اڏوهي جو کاڌ ٿي وڃڻ کان پهرين ڇپائي، پڌرو ڪرڻ گهرجي ته جيئن نيئن سنڌي نوجوان ٿهي کي ماضيءَ جي تاريخ جو صحيح اندازو ٿي سگهي.

Posted by wahabsahito at 4:19 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## رشيد ڀٽي - خالد ڀانيڻ

## سنڌڙي رهي اسين نه رهياسين ته ڇا ٿيو: رشيد ڀٽي

خالد ڀانيڻ

رشيد ڀٽيءَ تي لکڻ منهنجي وس سوچ کان تمام گهڻو مٿاهون آهي چو ته هو جنهن دور جو اديب ڏاهو، ڪهاڻيڪار، دانشور هڪ سچو ڪرو انسان هيو. انهن ڏينهن ۾ اسان جو وجود ئي ڪو نه هيو ۽ رشيد ڀٽي تي لکڻ لاءِ رشيد ڀٽيءَ جيڏي دل علمي ادبي سوچ ٿي گهرجي. هو شيخ اياز جو ڀڳ مٽ يار هيو ۽ شيخ اياز هن صديءَ جو سنڌ لاءِ علمي

سوچ جو خزانون انمول موتي هيو ته رشيد ڀٽي ڇا نه هوندو. مان جيترو به هن کي پڙهيو ۽ سندس شخصيتن بابت پڙهو آهي ته جاگيراڻي محلو رشيد جي اوطاق اديب ڏاهن جي ڪچهرين جو مرڪز هوندي هئي ۽ سڄي سنڌ اچي رشيد ڀٽيءَ وٽ جمع ٿيندي هئي جتي علمي ڪچهرين ادبي سنگت جي ويهڪن جا ميلا مچندا هئا. رشيد ڀٽي ترقي پسند سوچ رکندڙ انسان هيو. جنهن پنهنجي پوري گهر کي ترقي پسند ڪيو. سندس خاندان جون نياڻيون اڄ به سنڌياڻي تحريڪ سان لاڳاپيل هجڻ سبب پوري سنڌ ۾ پنهنجي فڪري ڏاهپ نظرياتي ميدان ۾ بختاور، پاڳل ۽ شاهه جي سورمين جهڙو ڪردار ادا ڪنديون رهن ٿيون. پر ان جي پٺيان سڄي رشيد ڀٽيءَ جي محنت ۽ عظمت شامل آهي. رشيد ڀٽيءَ جو مڪمل نالو عبدالرشيد ڀٽي ولد مولوي حافظ عبدالحميد هو. سندس جنم 20 آگسٽ 1933ع ۾ سنڌ جي تاريخي گاديءَ جي هنڌ اروڙ ۾ ٿيو تڏهن ته سڄي چمار اوڙ جي پهاڙن وانگر ڳاٽ اوچو ڪري زندگي گذاري. رشيد ڀٽي مولائي شيدائي وانگر صحافت سان به لاڳاپيل رهيو هن پهريان پنهنجي والد جي هفتيوار نڪرندڙ اخبار المنار ۾ صحافت جي شروعات ڪئي. بعد ۾ الوحيد، نئين سنڌ اخبار ۾ سب ايڊيٽر جڏهن ته صبح سنڌ ۾ نيوز ايڊيٽر رهيو ۽ مارشلا جي دور ۾ روزاني عبرت ۽ هلال پاڪستان ۽ برسات ۾ مستقل ڪالم لکندو رهيو. رشيد ڀٽي جو تعليمي سفر ڳڻينداسين ته هن سنڌي فائنل، انٽر ڊرائنگ ايم اي، ايل ايل بي ۽ نيڙهي جي دارالهدیٰ ي مدرسي مان پڻ سند حاصل ڪئي هئي. رشيد واريتڙ جي پرائمري اسڪول، ميونسپل هاءِ اسڪول، لا ڪاليج سکر، ڪراچي يونيورسٽي، سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچي، اسلاميه ڪاليج سکر مان ڊگريون حاصل ڪيون. رشيد ڀٽي شروعاتي ڏينهن ۾ پير علي محمد راشدي، پير حسام الدين راشدي، رحيم داد مولائي شيدائي جو ويجهو رهڻ سبب علم ادب ڏانهن چاهه وڌيس. هن ڪتابن ۾ ڪهاڻين جو ڪتاب گهڙي گهڙي هڪ گهاءُ، ”مزاحيه ڪهاڻيون“ سياري جي رات، اصلوڪيون لکڻيون مزاحيه ڪالم، جڏهن ته ناٽڪ عاشق زهر پياڪ، ڪهاڻيون جو ٿيون ڪتاب، ديس ستا دلاوارا جاڳيا، مزاحيه تقريرين جو ڪتاب، اوپاريون لهواريون، سوشلزم تي ڪتاب، سياسي، مسئلن جو حل، سچ جو فلسفو، رياست ۽ آزادي ڪميونسٽ پڌر نامو ڪتابن سان گڏ تاريخ تي، پاڪستان جا پراڻا شهر، جڏهن جهوڪ جهريو، لکيا. ان کان

علاوه دنيا جا عظيم افسانه، ناول، چتر لکڻي، قومي شاعريءَ جو ڪتاب آڏي ڏال ۾ ڏال، تاريخي ترتيب ڏنل ڪتاب "سنڌ جا پراڻا شهر" انگلينڊ جا اڍائي سال تضادن جو فلسفو، ترجمو ٿيل ويٽنامي ناول ويرين جي وسندي" شامل آهن. رشيد ڀٽي سنڌي ادبي سنگت سکر جو باني سيڪريٽري ۽ مرڪزي پهريون سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري جنرل هيو. رشيد ڀٽي 16 فيبروري 1988ع ۾ سنڌ سکر ۽ دوستن کي الوداع چئي نئون ڳوٺ جي قبرستان ۾ وڃي آرامي ٿيو ضرور آهي. پر هن مهان شخصيت جي سنڌ جي سياست ادب صحافت، فلسفي، تاريخ ۽ همعصر دوستن تي جيڪا ڇاپ ڇڏيل آهي. اها اڄا تائين چانيل آهي جن به رشيد ڀٽي کي ڏٺو يا ان جي ويجهو رهيا ۽ علمي فيض حاصل ڪيو اهي اڄ به رشيد ڀٽي کي ساري ماضي جي جاگيراڻي محلي جي گهٽين ۾ گم ٿي وڃن تا چو ته رشيد سنڌ ڄائو اهو عظيم انسان هيو. جنهن پنهنجي پوري زندگي جدوجهد ۾ گذاري ڇڏي. رشيد ڀٽي جو لکيل مقبول نظم سنڌڙي رهي اسين نه رهاسين ته چا ٿيو قومي تحريڪ جي ڏهاڙن ۾ سياسي ادبي جلسن محفلن ۾ ڏاڍو لکيو ۽ پڙهيو ويندو هو رشيد جي نظم ۾ سنڌ کي دعا سندس ذات ڏات ۽ سوچ جي سفر وانگر سدائين سرسبز آهي.

Posted by wahabsahito at 4:18 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## روپلو ڪولهي - ويرجي ڪولهي

## روپلو ڪولهي

### ويرجي ڪولهي

انگريز سامراج سان مهاڏو اٽڪائيندڙ امر ڪردار روپلو ڪولهي جي پوئينرن متعلق هلنڙ بحث پڙهي سنو لڳو،انهي ڳالهه تي آئون به متفق آهيان ته اسان جا جيڪي به قومي هيروز آهن، انهن تي تحقيق ٿيڻ کپي ۽ انهن کي سرڪاري طور "قومي هيروز"، جو اعزاز ملڻ گهرجي، ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان ته سرڪار جي تسليم ڪرڻ يا نه ڪرڻ سان ڪهڙو فرق ٿو پوي، قومي هيرو ته قومي هيرو آهي، جيڪو تاريخ جي سُنهري ورقن تي هميشه ياد رهندو پر وري به اهو ضروري آهي ته جنهن رياست جي قوم ۽ ڌرتي جي لاءِ جن ماڻهن

جان جا نظرانا ڏيئي ڏارين کي ڏکي ڪڍيو هاڻ جڏهن اسان آزاد آهيون ته موجوده رياست ۾ بنا دير جي انهن سمورن قومي هيروز کي سرڪاري اعزاز ڏيئي درسي ڪتابن ۾ شامل ڪيو وڃي ته جيئن اسان جي اُڀرندڙ ۽ ايندڙ نسل کي به خبر پوي ته تاريخ ۾ اسان جا قومي هيرا ۽ قومي غدار ڪير هئا. قومي غدار جن کي انگريز سرڪار پاران خان بهادر، نواب ۽ سر جا خطاب ڏنا انهن کي ته اسان درسي ڪتابن ۾ هيرو ڪري پڙهايون ٿا پراصل جيڪي اسان جا هيروز آهن انهن کي درسي ڪتابن ۾ شمل ڪرڻ لاءِ تيار ناهيون ڇو؟؟ امر روپلو ڪولهي اصُل ڳوٺ ُ ڪونپاري يونين ڪاوُنسل هاڙ و، تپو مامچيرو جو رها ُ ڪو هو ، ڳوٺ ُ ڪونپاري ، ڳوٺ ڪويا ڪان اوله طرف، ڪارسر ڪان اتر طرف، ۽ مامچيرو ڪان اوير طرف واقعي آهي. امر روپلو ڪولهي جي پيءِ جو نالو سامتو، ماءُ جو نالو ڪيسر ڀائي چوهاڻ، ۽ زال جو نالو ميٺاوتي هو. دوستن ڪيرو طرف رهندڙ سرڳواسي (مرحوم) ڪامريڊ سترام ڪولهي جو ذڪر ڪيوته هُو امر روپلو ڪولهي جو وارث آهي، ائين ئي آئون به ڪيئي وڏن فورمن تي اها دعوي ڪري چُڪو آهيان ته آئون امر روپلو ڪولهي جو وارث آهيان، ۽ آئون سمجهان ٿو ته نه صرف ڪولهي قبيلي بلڪه سموري سنڌ جي هر مُحبِ وطن انسان کي اها دعوي ڪرڻ گهرجي. پر تحقيق اها ڪجي ته هُو ڪهڙي خاندان سان تعلق رکندڙ هو.سرڳواسي ڪامريڊ سترام ڪولهي سان تمام گهڻيون ڪچهريون ٿيل آهن، هُو سابق ايم اين اي، ۽ ڪولهي برادري جي معزز اڳواڻ سرڳواسي (مرحوم) پارو مل ڪولهي جو تمام ويجهو دوست هوندو هو، ڪولهي برادري جي هر خاص گڏجاڻي ۾ گولاڙچي جو سرڳواسي پڳوانداس موريو ڪولهي، وڪيل پورومل ڪولهي (جيڪو هن وقت مٺي ۾ وڪالت ڪري ٿو)، سرڳواسي پارو مل ڪولهي،سرڳواسي ڪامريڊ سترام داس ڳوئيل ڪولهي، پٽيل رامشي ڪولهي (جيڪو هينئر سامارو جي ويجهو رهي ٿو پنهنجو ٻني ٻارو اٿس) وارا گڏ هوندا هئا.

سرڳواسي ڪامريڊ سترام داس ڪولهي اڪثر محفلن ۾ چوندو هو ته هو امر روپلوڪولهي جو اصل وارث آهيان، هُو ڪامريڊ هو۽ عوام لاءِ جاکوڙيندو هو، ان ڪري ڪير به اعتراض ڪونه ڪندو هو، وري به پارومل صاحب ٽوڪيندو هو ته ”تون امر روپلو ڪولهي جي پير جهڙو به ڪونه آهين“.

سرڳواسي ڪامريڊ سترام داس ڪولهي ڏاڏو سنو ڪاهوڙي ماڻهو هو،اُن ۾ ڪوبه شڪ نه آهي، پر هن جو اصل ڳوٺ پيٿاپُور آهي،جيڪو منهنجي ڳوٺ ڏنا ڳام کان 6 ڪلوميٽر اُتر طرف آهي، جتي اڄ به روپاڻي ڳوئيل رهن ٿا، ۽ هُو ”روپو“ جا پوٽا آهن، 1. هن جو نالو ورپوجيڪو پيو هو،امر روپلو ڪونه هو، هوُ پاڻ ۾ 3 ڀائر هئا، روپو پويان روپاڻي ڳوئيل، پورو پويان پُوراڻي ڳوئيل، واهتو پويان واهتواڻي ڳوئيل، اڃان به رهن ٿا.

هڪ دوست لکيو ته ڳوئيل اصل پوڏيسر جا آهن. پوڏيسر جي نالي سان واقعي 2 ڳوٺ آهن، هڪ پوڏيسر جيڪا نگر پارڪر ويندي مين روڊ تي اچي ٿي، جتي پُراڻا جين مندر ۽ مسجد نهيل آهي، اُتي هن وقت ڪولهين جا ٽوٽل 6 گهر آهن جيڪي ”ڪاهويا چوهاڻ“ نُک جا آهن، نئون دمبالو لڳ ڳوٺ ڪپري موري تي رهندڙ سيٺ هيرالال ڪاهويو چوهاڻ اُنهن مان آهي، ۽ 30کن گهر ميگهواڙن جا آهن. ٻيو ڳوٺ پوڏيسر ننگرپارڪر کان اوپر طرف ڳوٺ پڙ تلاءُ چوڙيو جي ويجهو بلڪل انڊيا جي بارڊر تي واقع آهي، جنهن ۾ ڪولهين جا 5 گهر ”ٿانوراڻي ڳوئيل“ رهن ٿا، جن جو هن وقت چڱو مڙس ڳومدو ٿانوراڻي جيڪو واڍڪو ڪم ڪندو آهي، باقي 12 کن گهر ٺڪرن جا ۽ گهربانيڻن جا آهن. ڪو وري امر روپلو جو گيڏ يو(ا ُ ڪ ٽ ، لٿ) رکيو ويٺو آهي، جنهن جي بُنياد تي وارثي جي دعوي ٿو ڪري، انهن دوستن جي لاءِ عرض آهي ته امر روپلو ڪولهي تمام وڏو بهادر، سورهيه، ۽ همت وارو انسان هو، جيڪو هميشه پاڻ سان تلوار کڻي هلندو هو، ڪيئي نالي وارا بهادر اُن جي سامهون بيهي نه سگهندا هئا، هُو جنگ وڙهندي ئي گرفتار ٿيو ۽ ان کي ڦاسي ڏني ويئي. مونکي حيرت ٿي ٿئي ته امر روپلو ڪولهي گيڏيو کڻي ڪڏهن هلندو هو؟؟؟؟؟؟

امر روپلو ڪولهي جي باري ۾ مذڪوره تاريخ اسان کي ننگر پارڪر واسي هر جُهوني جي واتان ٻڌڻ لاءَ ملي ٿي، آئون سمجهان ٿو ته اها ئي اسان کي حقيقت سمجهڻ گهرجي.

Posted by wahabsahito at 4:14 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## رونا ليلا ٰي - آغا قيوم

### رونا ليلا ٰي

آغا قيوم

ڍاڪا ۾ ڪرڪيٽ ورلڊ ڪپ 2011ع جي افتتاحي تقريب ۾ دنيا کي
جهومائي ڇڏيندڙ بنگالي گلوڪاره جنهن جو تعلقي هاڻ بنگلاديش سان
آهي جا اڳ سنڌ جي مشهور گلوڪاره هئي رونا ليليٰ تقريب ۾ سنڌ
سان محبت جو اظهار ڪندي لعل ميري پت رکيو ٻلا جهولي لالڻ،
سنڌڙي دا، سيوهڻ دا، شهباز قلندر واري ڌمال ڳائي ٻڌندڙن تي وجد
طاري ڪري ڇڏيو ۽ جڏهن رونا ليليٰ دنيا آڏو قلندر جي ڌمال ڳائي
رهي هئي ته سندس اکين ۾ ڳوڙها تري آيا، هن جو سنڌ سان دريا
جهڙو رستو هو. هن سنڌ کي ڳائي سنڌ ڌرتي جو حق ادا ڪري ڇڏيو.
اڄ سنڌ جو نئون نسل سنڌي ٻولي جي من موهيندڙ آواز واري
فنڪاره کي سڃاڻي به گهٽ ٿو رونا ليليٰ سنڌي سنگيت ۽ سنڌي ٻولي
جي وڏي خدمت ڪئي. هو اڄ پاڪستان ۾ موجود نه آهي پر سنڌي
موسيقي لاءِ سندس خدمتون بي مثال ۽ لازوال آهن. رونا ليليٰ
پاڪستان نه پر ننڍي کنڊ جي عظيم گلوڪاره آهي جنهن کي موسيقي
جا متوالا اڄ به وڏي چاهه سان ٻڌندا آهن. سنڌ به هن سان مسيحا
جهڙي محبت ڪئي. گڏيل پاڪستان جي مشهور معروف فنڪاره رونا
ليليٰ 1951ع ڌاري اڳوڻي مشرقي پاڪستان ۾ سيد امداد علي جي
گهر ۾ جنم ورتو. سندس هڪ ڀيڻ دينا ليليٰ جا پڻ ڳائيندي هئي سان
مخدوم محمدزمان طالب الموليٰ جي نهن هئي، رونا ليليٰ راڳ ۽
موسيقي جي تعليم استاد عبدالقادر پيارلگ کان حاصل ڪئي.
بنگلاديش جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ رونا ليليٰ جو من موهيندڙ آواز
سنڌي فلمن لاءِ لازم سمجهيو ويندو هو، سنڌي فلمون سندس ڳايل
گانن جي ڪري ئي هٽ ويندي هيون. رونا ليليٰ سنڌي، اردو،
پنجابي ، بنگالي، سرائيڪي ۽ بلوچي ۾ به ڪيئي گيت ڳايا پر سندس
اصل سڃاڻپ سنڌي فلمي گيت آهن. سندس مشهور گيتن ۾ ”منهنجا
سائين سنڌي توپي وارا“، ”ڪيئن پرچايان توکي“، ”لڳايم نيهن جو
ناتو“، ”هڪ منڙو الا منهنجو منڙو“، ” چو چور منهنجي دل جو چور“،
”منهنجي اڱڻ تي آيا“ ۽ ”اڱڻ ٻهاريان تنهنجو واتون نهاريان“ جهڙا
ڪامياب گيت شامل آهن. رونا ليليٰ اردو فلمن ۾ به ڪافي گيت ڳايا
جن ۾ ”ڪاتي نه ڪٽي ري“، توهي بتا پگلي پون“،”دنوا دنوا ۾ گنون“،
”واعدي ڪرڪي صنم تم نه آئي“، ”همين ڪو ڪر بهت پڇتائوگي“
جهڙا سدا بهار گيت شامل آهن. رونا ليليٰ جي گهڻو وقت پاڪستان

(خاص ڪري سنڌ) ۾ رهي. اهي انمول گهڙيون جيڪي هن مرڪنڊڙ ٻهڪندڙ چهري سنڌ جي چاهه ۾ گهاريون تن جي مهرباني

## رئيس الاهي بخش ٻانڀڻ

**شڪيل احمد ڪپر**

سنڌ ڌرتيءَ جي ڪک سدائين املهه انسانن کي جنم ڏنو آهي. اهڙن انسانن مان هردلعزيز، درويش صفت ۽ سنڌ پرست انسان مرحوم رئيس الاهي بخش خان ٻانڀڻ به هڪ هو. مرحوم رئيس الاهي بخش خان ٻانڀڻ رياست خيرپور جي زماني ۾ هڪ وڏي ڏا ڪي واري زميندار رئيس جلال خان ٻانڀڻ جي گهر ۾ سن 1933ع تعلقي فيض گنج جي ڳوٺ ڪنڊياري ۾ جنم ورتو ۽ هو پنهنجي والد جو اڪيلو پٽ هو. مرحوم ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۽ بعد ۾ ناز هاءِ اسڪول خيرپور مان فائينل پاس ڪيائين. هي اهو دور هو جڏهن ته مرحوم رئيس جلال خان حر تحريڪ دوران گرفتار ٿي خيرپور وچي قيد ٿيو ۽ انگريز سرڪار کان معافي نه وٺ،وفاداري جو اعلان نه ڪرڻ تي ان وقت جي رياستي وزير اعجاز علي جي حڪم تي زهر ڏيارائي شهيد ڪيو ويو. والد صاحب جي وفات بعد مرحوم رئيس الاهي بخش خان ٻانڀڻ چار درجا انگريزي پڙهڻ بعد تعليم ڇڏي ڏني.
هو سال 1960ع يونين ڪائونسل ڪنڊياري جو چيئرمين چونڊيو ويو جڏهن ته سال 1962ع ۾ اولهه پاڪستان اسيمبلي جو ميمبر ۽ سال 1970ع ۾ سنڌ اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو . مرحوم سنڌ اسيمبلي جي ميمبر ٿيڻ دوران سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ جو بل اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيو ته سنڌيءَ جي ويرين جي هڪ وڏي انگ سندس لطيف آباد واري بنگلي تي هٿياربند ٿي حملو ڪيو. جنهن ۾ سندس جانثار ساٿين ۽ ملازمن حمله آورن جو مقابلو ڪري کيس بچائي ورتو، جنهن ۾ ڪجهه ماڻهو شهيد ٿي ويا ۽ وڏي انگ ۾ ڦٽجي پٽ پيا هئا. پر هن مرد مجاهد پنهنجي والد جي نقش قدم تي هلندي ڪڏهن به آڻ نه مڃي. مرحوم پنهنجي دور اسڪول، اسپتالون ۽ روڊ رستا ٺهرائي عوام کي جيڪي سهولتون ڏياريون اهي اڄ به هتان جي عوام کي سندس ياد ڏيارين ٿيون مرحوم رئيس الاهي بخش خان ٻانڀڻ کي جڏهن ملڪيت زمين جو حصو مليو ته هن ڪنڊياري ڳوٺ جي پر واري زمين تي ظفرآباد نالي سان نئون ڳوٺ آباد ڪيو جيڪو سندس

پٽ جي نالي تي آهي. اتي کولرايل پرائمري اسڪول کي بعد ۾ مڊل ڪرايو ۽ هڪ شاندار هاسٽل ٺ جوڙايائون ته جيئن پري پري جا ٻارڙا ان ۾ رهي سگهن ۽ ان هاسٽل ۾ کائڻ پيئڻ جو خرچ به مرحوم پنهنجي کيسي مان پريندو هو. سال 1975ع ۾ جڏهن جهاجهه ريگيوليٽر تي هاءِ اسڪول منظور ٿيو ته انکي جلدي ساڳي سال هلائڻ لاءِ بجيٽ نه هئي. جنهن تي مرحوم ان وقت پاڻ 25 هزار روپيه ڏئي سامان گهرائي اسڪول هلرايو . سال 1964ع سنڌ يونيورسٽي ۾ سنڌ الاجي جو شعبو کوليو ويو ۽ مخير حضرات کي مالي مدد جي اپيل ڪئي وئي ته مرحوم ان ۾ پڻ ڀرپور حصو ورتو. مرحوم سنڌ اسيمبلي جي ميمبر جي حيثيت ۾ ڪارروائي سنڌي ٻولي ۾ هلائڻ ، ڳوٺن ۾ نوڪريون ۽ داخلائن جي ڪوٽا وڌائڻ لاءِ ڀرپور جدوجهد ڪئي . مرحوم کي تعليم جي پکيڙ جو وڏو اونو هوندو هو ۽ تعليمي مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ هو وڏن وڏن آفيسرن کي ظفر آباد وٽي اچي مسئلا ٻڌائيندو هو. مرحوم ڪيترن ئي غريب شاگردن جي ڳجهي طريقي سان مدد ڪندو هو جيڪي بعد ۾ پڙهي وڏن عهدن تائين پهتا. مرحوم سنڌي مسلم جماعت ڪراچي کي فعال بنائڻ سميت سنڌ سرڪار کان ديهه کانٽو ٿٽو روڊ تي 55 ايڪڙ زمين منظور ڪرائي جتي سنڌي ماڻهن لاءِ گهر جو انتظام ڪرڻو هو پر مرحوم جي وفات بعد اهو ڪم اڌورو رهجي رهيو.

رئيس الاهي بخش خان ٻانڀڻ جي مقبوليت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته 1970ع وارين چونڊن ۾ جڏهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي پ پ هر هنڌ ڪاميابي حاصل ڪري رهي هئي تڏهن هن پ پ اميدوار رئيس محمد ملوڪ شر کي 18 هزار ووٽن جي اڪثريت سان آزاد اميدوار طور شڪست ڏني ۽ سنڌ اسيمبلي جو ميمبر بڻيو. جنهن تي ڀٽي صاحب به کيس تار ذريعي مبارڪباد ڏني هئي. جڏهن ته هن کان اڳ درگاهه راڻي پور جي پير سيد اڏل شاهه کي شڪست ڏئي مغربي پاڪستان اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو هو. مرحوم جي دوستن جو حلقو به تمام وسيع هو شهيد ڀٽو، فيلڊ مارشل ايوب خان، مرحوم محمد خان جوڻيجو، سيد غوث علي شاهه، سيد قائم علي شاهه، مرحوم نسيم احمد کرل، ميان فيض محمد عباسي، مير رسول بخش ٽالپر، ڄام صادق علي، سيد عبدالله شاهه، سردار رضامحمد ڏاهري، حاجي رحمت الله ڀٽ، سيد منظور علي شاهه هالاڻي وارو،سردار امتياز ڦلپوٽو سميت انيڪ دوست سندس حلقه

احباب ۾ شامل هئا.جلال الدين ظفر، سندس اولاد ۾ رئيس ساجد علي خان، زاهد علي ، ڪاشف خان، آصف خان شامل آهن. مرحوم جي وفات بعد سندس پٽ جلال الدين ظفر هڪ پيرو، رئيس ساجد علي ٻانيٽ 2 دفعا ۽ زاهد علي ٻانيٽ 2 دفعا ايم پي اي جي سيٽن تي اڪثريت سان ڪامياب ٿيندا رهيا آهن. هن خاندان جو اج پ پ سان تعلق آهي ۽ پنهنجي والد جي خدمت خلق جي پاليسي تي هلندي عوام سان ناتو جوڙي رکيو اٿن. مرحوم 1978ع ۾ دل جو دورو پوڻ سبب ڪراچي جي جناح اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. جنهن کي آبائي ڳوٺ آڻي مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.

Posted by wahabsahito at 4:09 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## رئيس پنهل خان چانڊيو - ذوالفقار خاصخيلي

# رئيس پنهل خان چانڊيو

ذوالفقار خاصخيلي

سنڌ تاريخ ساز شخصيتن سان مالا مال آهي. اهي شخصيتون جن پنهنجي ڪردار ۽ عمل وسيلي نه صرف پنهنجو ڳاٽ اوچو رکيو پر اهي پنهنجي ڪردار هتي جي مِٽيءَ لاءِ باعث فخر رهيا، پنهل خان چانڊيو به سنڌ جي غيرتمند ضمير مان جنم وٺندڙ سنڌ جو ارڏو ڪردار آهي. سنڌ جي سرسبز علائقي سڪرنڊ تعلقي ۾ جنم وٺندڙ پنهل خان چانڊيو تعليمي حوالي سان کي گهڻيون ڊگريون رکندڙ نه هو پر سندس ڏاهپ ۽ بهادري ڪيس هڪ الڳ ۽ انمول شخصيت بنائي ڇڏيو. پنهل خان چانڊيو جو ڪردار سنڌ ۽ دنيا جي اڳيان وقت نروار ٿيو جڏهن ملڪ تي ضياءِ مارشل لاءِ جو ڪارو دؤر مڙهيل هو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جو تختو اونڌو ڪرڻ کان پوءِ ان وقت جي فرعون ملڪ جي امن ۽ جمهوريت پسند ماڻهن لاءِ ڌرتي تامو ڪري ڇڏي ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ڦاسي کان پوءِ ته جڻ سنڌ ۾ باهه ٻري وئي هئي.
سنڌ جو غيرتمند عوام ان ظلم ۽ بربريت کان بي پرواهه ٿي ميدان تي نڪتل هو.

پنهل خان چانڊيو به مارشل لاءِ ظلم خلاف امن پسند ۽ جمهوريت پسند تحريڪ ۾ بلڪل نروار هو. 1983ع جي تحريڪ دوران ملڪ ۾ وڏي ۾ وڏي قرباني به ڳوٺ پنهل خان چانڊيو جي ڳوٺاڻن سندس اڳواڻي ۾ ڏني. پرامن ڳوٺاڻن ۽ پارٽي ڪارڪنن کي مک شاهراهه تي قرآن پاڪ جي تلاوت ڪندي پنهل خان چانڊيو ۽ سندس ساٿين مٿان انڌا ڌند فائرنگ ڪري 16 ماڻهن کي شهيد ڪيو ويو. ڪيترائي زخمي ٿيا ۽ 53 ماڻهو گرفتار ٿيا، اهو به هڪ عجيب اتفاق هو جو پنهل خان چانڊيو ۽ سندس نوجوان پٽ غلام عباس چانڊيو کي به گولي هنئي پئي وئي پر ان وقت بي بي سي جي رپورٽر مارڪ ٽيلي سندس ا ڳواٽ فوٽو ڪڍي چڪيا هئا. جنهن ڪان پوءِ فوجي آفيسر گهبرائجي ويا ۽ انهي ڪان پوءِ پنهل خان ۽ سندس پٽ غلام عباس کي سخت ٽارچر جو نشانو بڻايو ويو. طرح طرح جون اذيتون ڏنيون ويون. ايترا قدر جو پنهل خان چانڊيو جي هٿن ۽ پيرن جا نهن ڇڪي ڪڍيا ويا. پر پنهل خان چانڊيو بهادري سان بيٺو رهيو ۽ پنهنجي قائد ۽ پارٽي مشن سان سچو رهيو.

ڪيتراوئي عرصو جيل ۾ رهيو ان ڪان پوءِ محترمه بينظير ڀٽو ڪيس پ پ سنڌ ڪائونسل جو ميمبر مقرر ڪيو. 1986ع ۾ جڏهن محترمه بينظير سنڌ جي دوري تي نڪتي ته سنڌ جي سردارن ۽ جاگيردارن محترمه بينظير ڀٽو کي چانهه جو ڪوپ به پيارڻ جي جرئت نه ڪئي پر پنهل خان چانڊيو ۽ سندس خاندان محترمه کي سندن ڳوٺ اچڻ جي دعوت ڏني ۽ محترمه بينظير ڀٽو نه صرف سندن دعوت تي آئي به رات به ڳوٺ ۾ گذاري. سنڌ جي باڪردار 1986ع ۾ پنهل خان چانڊيو جي وفات کانپوءِ ۽ سندس غيرتمند ۽ صدرون پٽن غلام عباس ۽ غلام قادر چانڊيو به محترمه بينظير ڀٽو جو ساٿ نه ڇڏيو. 1988ع ۾ غلام عباس چانڊيو وري صلاحڪار مقرر ٿيو ۽ 1993ع ۾ سندس وفات کان پوءِ سندس ڀاءُ غلام قادر چانڊيو سياست ۾ پير پاتو جيڪو 1994ع ۾ سينيٽر، 2002ع ۽ 2008ع ۾ ايم پي اي چونڊي محترمه بينظير ڀٽو سان ساٿ نڀائي رهيو آهي.

Posted by wahabsahito at 4:08 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## رئيس شمس الدين بلبل مرحوم - پير علي محمد راشدي

# رئيس شمس الدين بلبل مرحوم

پير علي محمد راشدي

سنڌ جي علم ادب يا لٽريچر تي دادو ضلعي جا وڏا احسان آهن. اهڙي موقعي تي جڏهن سنڌ جي نئين تاريخ پئي نهي، دادو ضلع تي ماڻهو سنڌ کي ڏنا، جن مان هر هڪ پنهنجي لائن ۾ يگانو هو.
صحافت ۽ لٽريچر ۾ رئيس شمس الدين بلبل (ميهڙ).
ادب ۽ تاريخ ۾ علامه دائودپوٽو (ٿلتي).
فلسفه، تصوف ۽ متفرق علوم ۾ علامه آءِ. آءِ. قاضي (پاٽ).
اهي تي ماڻهو اهي هئا، جن نئين سنڌ ۾ پنهنجي علمي ڪمالات سان ذهني انقلاب آندو ۽ ان انقلاب جي خود قيادت ڪيائون. هر هڪ جو ذڪر پنهنجيءَ جاءِ تي ايندو، هت فقط بلبل مرحوم بابت مان پنهنجا تاثرات پيش ڪريان ٿو.
مون مرحوم کي اکين سان ڪو نه ڏٺو، پر جڏهن اک پٽيم ته اهو ڏٺم ته هن مڙس جو ساريءَ سنڌ مٿان ڏاڪو ويٺل هو. جُوءِ ۾ پيا به گهڻائي لکيل پڙهيل ماڻهو هوندا هئا، پر بلبل جو مٽ ڪو نه هو. صحافت جي پيلي ۾ انهن ڏينهن ۾ به شير ٻڌا هئا: لاڙ ۾ محمد هاشم ”مخلص“ ۽ اتر ۾ شمس الدين ”بلبل“. ٻئي اخبار نويس هئا، ٻئي نظم ۽ نثر ۾ صاحب ڪمال هئا. فرق فقط هيءُ هو ته مخلص جي تحرير قدري اُگري هوندي هئي ۽ بلبل جي تحرير سلوڻي. مخلص جو زور وقتي مسئلن تي هوندو هو، بلبل کي قوم جي مستقبل جو به خيال رهندو هو تنهنڪري سندس فڪر جو انداز تعميري ۽ نظر ڊگهي هوندي هئي. هجو ۽ مذاق ٻنهي جي تحرير جو خاصو هوندي هئي ۽ ماڻهو ٻنهي جي تحرير پڙهڻ لاءِ آتا هوندا هئا. البته هجو گوئي ۾ مخلص جي قلم جو گهوڙو ڪڏهن ڪڏهن ذاتيات ۽ شخصيات ۾ به ڪاهي پوندو هو، ۽ برعڪس ان جي بلبل اڪبر الله آباديءَ جي طرز ۾ عام حالات تي تنقيد ڪندو هو.
سندن دور جو وڏي ۾ وڏو مسئلو هيءُ هو ته انگريزن جي پيرن پختي ٿي وڃڻ ڪري هڪ وڏو انقلاب اچي چڪو هو، جنهن سبب سنڌ سان محبت جي تقاضا اها هئي ته ڪو اهڙو طريقو اختيار ڪجي جيئن سنڌ

جي تهذيبي ورثي کي مغربيت جي اثر کان بچائڻ جو ذريعو بڻيو. (جيئن رکجي سنڌيت جا قديمي رنگ نه ميسارجن) ۽ ساڳئي وقت نين حالتن پٽاندڙ زماني سازيءَ کان به ڪم وٺبو رهجي. انهيءَ اصول جي بنا تي بلبل مرحوم هڪ طرف ته سنڌ مدرسي جي پايي وجهندڙ مرحوم حسن علي آفنديءَ جي تعليمي تحريڪ سان وابستگي اختيار ڪئي ۽ ٻئي طرف پنهنجي تحرير ۽ ڪلام جي ذريعي نئين غير ملڪي تهذيب جون بڇڙايون بيان ڪندي سنڌين کي پنهنجن قديمي تهذيبي ليڪن لتاڙڻ ۽ اباڻي ريت وسارڻ کان به روڪيندو رهيو. اهو هڪ قسم جو وڏو تهذيبي جهاد هو، جنهن جو مقصد هو ته نوَن تهذيبي ۽ تمدني طوفانن جي عين وچ ۾ سنڌ کي پنهنجي اصلي ۽ حقيقي محور تي قائم رکبو اچجي.
ان ۾ ڪو شڪ ڪو نه آهي ته مون واري نسل جا ماڻهو گهڻيءَ حد تائين بلبل جي تحريرن کان متاثر رهيا، تنهنڪري مغربي تهذيب جي سيلاب ۾ بنهه لُڙهي وڃڻ کان بچي ويا. ثبوت هيءُ آهي ته ان زماني ۾ اسانجن ماڻهن تي مغربي تهذيب جو ايترو اثر ڪو نه هو، جيترو آزاديءَ کان پوءِ اسان ڏسي رهيا آهيون. انهن ڏينهن ۾ نه ايتريون پتلونون نظر اينديون هيون، نه ايتري قدر بيپردگي، نه مغربي طرز زندگيءَ سان اهڙي وابستگي.
مرحوم ساري زندگي ٻين ڪمن سان گڏ اخبار نويسي به ڪندو رهيو. 1889ع کان 1919ع تائين (جنهن سال پاڻ وفات ڪيائين) ڪنهن نه ڪنهن اخبار سان وابسته رهي پنهنجي خيالات جي اشاعت ڪندو رهيو. سندس مضامين نِجو لٽريچر هوندا هئا. اهڙي طرز نگارش ورلي وري ڪنهن سنڌيءَ جي حصي ۾ آئي. اخباري مضمونن کان سواءِ نظم توڙي نثر ۾ ڪيئي ڪتاب به لکي ڇڏيائين. مثلاً: (1) نيچرل ڪريما، (2) ديوان بلبل سنڌي، (3) بهار عشق، (4) رحيما، (5) تيرهن چار، (6) مسلمان ۽ تعليم (7) عقل ۽ تهذيب، (8) قرض جو مرض، (9) صد پند سود مند، (10) شمس المڪاتيب، (11) احسن التواريخ، (12) ديوان بلبل فارسي، (13) بهارستان بلبل، (14) آئينه ظرافت، (15) گنج معرفت، (16) ديني ڪتابن جو سلسلو.
مطلب ته بلبل سنڌ جو بلبل هو، سنڌي صحافت جو پايو وجهندڙ هو، سنڌي ٻوليءَ جو محسن هو، سنڌي تهذيب جو راکو هو.

ڪو ڏينهن ايندو، جڏهن سُـتل سنڌ ڪر پڃي اُٿندي ۽ بلبل جي احسانن جو قرض ان صورت سان لاهيندي ته ميهڙ جو بي معنٰي ۽ ڪوجهو نالو مٽائي بلبل آباد يا بلبل ديرو رکندي.

Posted by wahabsahito at 4:05 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## زبيده ميتلو - رحيم منگي

# زبيده ميتلو

رحيم منگي

زبيده ميتلو جو شمار سنڌ جـي اهـم عـورت شـاعرائن ۾ ٿئي ٿـو، هـوءَ تعليمي ماهر ۽ استاد پڻ آهي. زبيده ميتلو پير محمد ميتلو جي گهر 31 جـولاءِ 1955ع ۾ قمـبر ۾ پيـدا ٿـي، هـن پرائمـري تعليـم 1965ع ۾ پرائمـري اسـڪول قمـبر، مئٽـرڪ 1970ع ۾ گرلـس هـاءِ اسـڪول لاڙڪاڻو، 1981ع ۾ نفسيات جي شـعبي ۾ سـنڌ يونيورسـٽي 1994ع ۾ سوشيالاجي شعبي ان کان سواءِ ايم فل ۾ 5 سال ريسرچ ورڪ ڇـائلڊ ۽ سوشل سائڪالاجي عنوان تي ڪيو آهـي. هـن نيپـال مـان 1990 ۾ ائڊمنسٽريٽر ٽريننگ پڻ ڪئي آهي. زبيده ميتلو نـوڪري جـي شـروعات 1982ع ۾ نيشنل بئنڪ آف پاڪستان زونل آفيس حيـدرآباد کـان ڪئي. 1983ع ۾ ڪميشن پاس ڪري سائيڪالاجي ۾ ليڪچرر ٿي. زبيده ميتلو لکڻ جي شروعات 7 سالن جي ڄمار ۾ ڪهاڻي لکڻ سـان ڪئي. هـن 12 ڪهاڻيون لکيون. مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ نفسيات جي موضـوع تي مضمون پڻ لکيا سندس شاعري جو ڪتاب ڏات ڏوهـاري 2001ع ۾ ڇپيو، جنهن سندس اڪيڊمي ادبيات پاران سال جو بهترين ڪتـاب جـو انعام ڏنو ويو، هن نيپال ۽ انگلينڊ ملڪن جا دورا پڻ ڪيا.

Posted by wahabsahito at 4:04 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ - غلام حسين خاصخيلي

سنڌي ادبي جو اُملهه ناڻءُ:

# ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

غلام حسين خاصخيلي

سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو اديب، دانشور، تاريخدان، ماهر لسانيات، لوڪ ادب، لطيفات جو پارکو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ادب جي ميدان ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. عبرت گروپ طرفان ڪيس پيتا ڏيندي سندس خدمتن ۽ زندگي بابت پروفائيل پڙهندڙن لاءِ پيش ڪري رهيا آهيون. سنڌ جو نامور عالم، اديب، لسانيات، لوڪ ادب ۽ لطيفات جو پارکو ۽ محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 16 ڊسمبر 1917ع ۾، ڳوٺ جعفر خان لغاري، تعلقي سنجهوري، ضلعي سانگهڙ ۾ پيدا ٿيو. سنڌ جي تاريخ، لوڪ ادب، ٻوليءَ، ڪلاسيڪي شاعريءَ، موسيقيءَ ۽ لطيفيات جي موضوعن تي وڏي جاکوڙ ۽ تحقيق وسيلي سنڌي ٻولي ۽ ادب جو املهه خزانو ڪتابن جي صورت ۾ ڇپائي پڙهندڙن کي ڏنو. ڊاڪٽر ڪي سنڌي، اردو، عربي، فارسي، انگريزي ۽ سرائيڪي زبان تي عبور حاصل آهي. 1924ع ۾ پرائمري تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڳوٺ پليي خان لغاريءَ جي پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيو. ان کان پوءِ ڳوٺ 22 جمڙائوءَ ۾ پڙهيو. 1929ع ۾ نوشهري فيروز جي مشهور مدرسي ۾ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ٿيو، 1936ع ۾ جهونا ڳڙهه ڪاليج، بمبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. 1941ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان بي اي آنرز جو امتحان فرسٽ ڊويزن ٽرڊ پوزيشن ۾ پاس ڪيائين، 1943ع ۾ مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه مان ايم. اي جو امتحان فرسٽ ڊويزن فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪري ساڳئي ئي سال مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه مان وڪالت جو امتحان فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪيائين. 1947ع ۾ ڪولمبيا يونيورسٽي نيو يارڪ مان ايجوڪيشن جي موضوع تي ايم. اي ڪيائين ۽ 1949ع ۾ ساڳئي موضوع تي ساڳي يونيورسٽيءَ مان پي. ايڇ ڊي جي ڊگري حاصل ڪيائين.

پي ايڇ ڊي جي ڊگري ملڻ کان پوءِ ڊاڪٽر بلوچ کي اقوام متحده ۾ نوڪريءَ جي آڇ ٿي، پر پاڻ قبول نه ڪيائين. 1950ع ڌاري انفرميشن ۽ براڊ ڪاسٽنگ ڊويزن ۾ او ايس ڊي (OSD) مقرر ٿيو، ان بعد مر ڪزي پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي دمشق جي پاڪستاني سفارتخاني ۾ تعلقات عامه شعبي ۾ مقرر ٿيو، پر ڊاڪٽر تعليم ذريعي سنڌ ۾ سجاڳي آڻڻ لاءِ ان عهدي تان استعيفٰي ڏني ۽ علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي ترغيب تي سيپٽمبر 1951ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشن ۾ پهرين پروفيسر پوءِ ڊائريڪٽر ۽ ڊين

فئڪلٽي آف ايڊيوڪيشن ٿيو. ڊاڪٽر بلوچ ڊسمبر 1973ع کان جنوري 1976ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر رهيو. جنوري 1976ع کان 9 مارچ 1979ع تائين نيشنل انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل ريسرچ (جنهن کي بعد ۾ انسٽيٽيوٽ آف اسلامڪ هسٽري ڪلچر اينڊ سولائيزيشن سڏيو ويو) جو ڊائريڪٽر رهيو. 22 نومبر 1980ع کان 1983ع تائين اسلامي يونيورسٽي (هاڻي بين الاقوامي اسلامي يونيورسٽي) اسلام آباد جو وائيس چانسلر ٿي رهيو. 1983ع کان 1989ع تائين نيشنل هجره ڪائونسل اسلام آباد جو صلاحڪار رهيو. 1993ع جي آخر ۾ سنڌ حڪومت ۾ نگران وزير تعليم، زراعت ۽ جهنگلي جيوت رهيو، 1991ع کان هن وقت تائين علامه آءِ آءِ قاضي چيئر سنڌ يونيورسٽيءَ جي اعزازي ڊائريڪٽر طور خدمتون انجام ڏئي رهيو آهي. ان کان سواءِ ملڪ جي ڪيترن ئي علمي، ادبي، تحقيقي ۽ تاريخي ادارن جو ميمبر رهيو آهي. جهڙوڪ؛ اثارٽي فار موهن جو دڙو، انٽر يونيورسٽي بورڊ آف پاڪستان، چيئرمين وائيس چانسلرس ڪميٽي آف يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن، ميمبر پاڪستان هستاريڪل رڪارڊ اينڊ آرڪائيوز ڪميشن، ميمبر سينٽرل اردو بورڊ لاهور، ميمبر سنڌي ادبي بورڊ، ميمبر اقبال اڪيڊمي لاهور، ميمبر ريسرچ سوسائٽي آف پاڪستان، ميمبر سينيٽ ۽ سنڊيڪيٽ سنڌ يونيورسٽي، ميمبر اڪيڊمڪ ڪائونسل سنڌ يونيورسٽي، ميمبر سنڊيڪيٽ ۽ اڪيڊمڪ ڪائونسل قائد اعظم يونيورسٽي، ميمبر لوڪ ورثه، ميمبر مقتدره قومي زبان، ميمبر قائد اعظم اڪيڊمي، ميمبر پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف آرٽس، ميمبر سر سيد يونيورسٽي آف سائنس ۽ ٽيڪنالاجي، ميمبر بورڊ آف گورنرس سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ۽ پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر ائمريٽس پڻ آهي. نبي بخش علم ادب لاءِ خدمت هن ريت آهي:

جامع سنڌي لغات؛ سنڌي ادبي بورڊ طرفان جامع سنڌي لغات جي ترتيب ۽ تاليف جو هيءُ اهو ڪم 1954ع ڌاري ڊاڪٽر جي حوالي ڪيو ويو، جيڪو پوءِ مختلف وقتن تي پنهنجن ضخيم جلدن جي صورت ۾ شايع ٿيو. هن سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ تمام وڏو ڪم هو، جيڪو ڊاڪٽر جي نگرانيءَ ۾ سنڌ جي ڪيترن ئي استادن ۽ عالمن گڏجي ڏينهن رات هڪ ڪري پورو ڪيو.

اردو سنڌي ۽ سنڌي اردو لغت؛ علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي خواهش تي سنڌ يونيورسٽيءَ جي هن تاريخي رٿا تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان سان گڏجي ڪم ڪيو ۽ هي ٻئي لغتون 1959-1960ع ڌاري ڇپجي پڌريون ٿيون.

سنڌي لوڪ ادب واري رٿا؛ سنڌي ادبي بورڊ طرفان هيءَ رٿا 1956ع ۾ منظور ٿي، جنهن جي سموري نگراني ڊاڪٽر بلوچ ڪئي. سنڌ جي سمورن ضلعن مان سگهڙن، لوڪ شاعرن ۽ ڳوٺاڻن بزرگن لوڪ ادب جون مختلف صفتون ڪيس موڪليون. ان کان سواءِ ڪين پاڻ گهرائي انهن سان ڪچهريون ڪري مواد گڏ گڏ ڪيائين. هن رٿا هيٺ لوڪ ادب سلسلي جا 40 جلد شايع ٿيا. جڏهن ته ذاتي طرح ڊاڪٽر ان ڏس ۾ وڌيڪ ڏهاڪو ڪتاب لکيا آهن، جيڪي مختلف ادارن ڇپايا آهن. لوڪ ادب سلسلي جي 40 جلدن مان ڪجهه هن ريت آهن.

سنڌي لوڪ ڪهاڻيون (ست جلد)، مداحون ۽ مناجاتون، سنڌي سينگار شاعري، نثر بيت، مناظرا، سنڌ جا عشقيه داستان (8 جلد)، ڪافيون (3 جلد)، مناقبا، معجزا، مولود، ٿيهه اکريون (ٻه جلد)، هفتا ڏينهن راتيون ۽ مهينا جنگناما، واقعاتي بيت، پروليون، ڏٺون، معما ۽ ٻول، ڳجهارتون، ڳيچ (ٻه جلد)، لوڪ گيت، بيت، مشهور سنڌي قصا (ٻه جلد)، مشهور سنڌي عشقيه ۽ نيم تاريخي قصا (9 جلد)، رسمون، رواج ۽ سنوڻ ساڻ، سنڌي هنر شاعري، سومرا دور (2 جلد) وغيره.

شاهه جي رسالي واري رٿا: شاهه جي رسالي جو جامع مستند ۽ معياري متن شايع ڪرڻ واري هن رٿا تي موجود ڇاپي ۽ قلمي نسخن کي پيٽي 10 جلد ڇپايائين، جن ۾ 8-9 گڏيل جلد شاهه جو رسالو ۽ ڏهون جلد شاهه جي رسالي ۾ شامل ڌارئين ڪلام تي مشتمل آهي. تازو 2009 ع ۾ ڊاڪٽر جو تيار ڪيل شاهه جي رسالي جو مستند ۽ سڌاريل ايڊيشن، ثقافت ۽ سياحت کاتي حڪومت سنڌ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي، جنهن ۾ اڳ خارج ڪيل ڪلام پڻ شامل ڪيو اٿس. ان کان سواءِ شاهه جا مختلف قلمي نسخا ترتيب ڏيڻ سان گڏ شاهه جي ڪلام جي سرچشمن، ترتيب متعلق ڪتابن شايع ڪرڻ سان گڏ ڊاڪٽر شاهه جي مختلف سرن تي پٽ شاهه ثقافتي مرڪز پاران ٿيندڙ مذاڪرن ۾ پيش ٿيل مواد کي پڻ ڪيترن ڪتابن جي صورت ۾ ترتيب ڏئي ڇپايو آهي.

ڪلاسيڪي شاعرن جو ڪلام: هن رٿا هيٺ ڊاڪٽر سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعرن جي زندگيءَ، دور ۽ ڪلام کي مختلف عالمن ۽ استادن جي

مدد سان هٿ ڪري، لکرائي سهيڙيو آهي جنهن ۾ قاضي قادن جو رسالو، شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام، ميين شاهه عنات جو ڪلام، خليفي نبي بخش جو رسالو، شاهه شريف پاڏائيءَ جو رسالو، راڳ نامو: صوفي صادق فقير سومرو، رسالو غلام محمد خانزئيءَ جو، ڪليات حمل، ڪلام فقير نواب ولي محمد لغاري، ڪليات سانگي شامل آهن.

سنڌي ٻولي، ادب، تاريخ ۽ موسيقي: ڊاڪٽر جا هنن موضوعن تي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ، سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي، سنڌي ٻوليءَ جو آڳاٽو منظوم ذخيرو، جتڪي ٻولي، ٻيلاين جا ٻول، سومرن جو دور (2 جلد) چچ نامو، (مقدمو، تدوين ۽ حاشيا) ۽ ٻيا ڪتاب شايع ٿيل آهن. سندن متفرق ڪتابن ۾: سپ رنگ، مٺي جي مچي، کاري جي مچي، منهنجوڳوٺ: جعفر خان لغاري، رهاڻ هيرن کاڻ (8 جلد)، لاکوقلاڻي، ڳڻهه،پيارن جا پيغام، سڄڻن جا سلام اچي وڃن ٿا.

ڊاڪٽر جي اردو ڪتابن ۾ "سندهه مين اردو شاعري، مولانا آزاد سبحاني، ديوان ماتم،ديوان شوق افزا عرف ديوان صابر، طلبه اور تعليم اچي وڃن ٿا.اهي فارسي ڪتاب، جن جا حواشيه ۽ مقدمه ڊاڪٽر لکي انهن جي علمي ۽ تاريخي حيثيت نروار ڪئي آهي، تن ۾ "ديوان غلام، لب تاريخ سنڌ، تاريخ طاهري، بيگلار نامه،حاصل النهج، فتح نامه سنده، باقيت از ڪلهوڙا، تاريخ بلوچي، ديوان عطا ٺٽي اچي وڃن ٿا، سندن ايڊٽ ڪيل عربي ڪتابن ۾ نتف من شعر ابي عطا ۽ غزته الزيجات شامل آهن. ڊاڪٽر بلوچ جا انگريزيءَ ۾ شايع ٿيل ڪتابن ۾؛

(1) Teachers Education in Pakistan.
(2) Sindh: Studies (Cultural)
(3) Sindh: Studies (Historical)
(4) Advent of Islam in Indonesia
(5) Muslim Luminaries
(6) Traditional Arts and Crafts of Hyderabad Region
Musical Instruments of the Lower Indus valley of Sindh
(8) World of Work

ان کان سواءِ ڊاڪٽر جا سنڌ جي تاريخ، تصوف، لطيفات، موسيقي ۽ ثقافت تي ڪيترائي مقالا مختلف رسالن ۾ڇپيل آهن. ڊاڪٽر کي مختلف ايوارڊ: تمغه ءِ پاڪستان 1962ع ۽ 1968ع ۾، ستاره قائد اعظم، صدارتي ايوارڊ پرائيڊ آف پرفارمنس 1979ع، صدارتي ايوارڊ: اعزاز ڪمال 1991ع، صدارتي ايوارڊ: ستاره امتياز 2001ع ۽ مختلف علمي ادارن طرفان ڪيترين شيلڊون ۽ نقد انعام پڻ مليا آهن. سندس اهڙي خدمت تي هر ڪو کيس مڃتا ڏئي ٿو.

## ڊاڪٽر صالح ميمڻ

علي احمد بروهي

ڊاڪٽر صالح ميمڻ به شڪ نه آهي ته اڳلي جنم ۾ مهاپوڙي ٻڪشو هجي. هن ڪڏهن به پنهنجي ذات جي نفعي نقصان بابت فڪر يا غم ۾ ڏٺو هجي.سخا برابر پنهنجي گهر ۽ گهراڻي کان شروع ٿيندي آهي.هڪ پيرو کيس چيم ته ٻيا ڊاڪٽر ترقي ڪري ڪٿي پهتا.ان تي چيائين آئون راڄ ڀاڳ وارو آهيان منهنجي گهر جا ڪيئي پاتي ڊاڪٽر ۽ ڊاڪٽرياڻيون سڄي سنڌ ۾ خلق خدمت ۾ مصروف آهن هن کان وڌيڪ منهنجي خوشي ڪهڙي آهي. مون هڪ مسڪين ٽري جو بخت خدا ايترو بلند ڪري جو هو سڌي يا اڻسڌي طرح هزارها سنڌين جي ڊاڪٽر بڻجڻ ۾ ڀاڳي ڀائيوار ۽ مددگار رهي.

جنهن جا چاليهه سالن تائين انساني جسم جي مطالعي، معائني ۽ مشاهدي ۾ سيڙپ ٿيا هجن. تنهن کان آدميءَ جي اندر جي ڪهڙي ڳالهه ڳجهي رهندي؟ ماڻهو جي سڃاڻ جو ڏانءُ به ايندو هيس.

ڊاڪٽر صالح ميمڻ 6 اپريل 1926ع تي ڏيپلي ۾ جنم ورتو. سندس والد مرحوم سائين ابوطالب سنڌي اسڪول جو استاد هو ۽ سموري زندگي علم جي پورهئي ۾ سيڙپ ڪئي.ان ڪري ڏيپلي ۾ هن صدي ۽ هن ماڳ جي هر پڙهيل جو استاد رهيو.

جڏهن نينگر اکيون پٽيون ته ڳوٺ ۾ ڪچا پڪا گهر اسڪول ۽ مسجد سواءِ باقي مڙوئي خير . اتانجو مکيه پورهيو پخالي ڪري منو پاڻي گهرن تائين رسائڻ هو. مهيني ماسي کو گوشت جو وارو ايندو هو ورنه دال چانور ۽ بصر تي گذارو هوندو هو. مال لاءِ وٿاڻ ۽ اوطاقون جام هيون. ان ماحول ۾ صالح پنهنجي اوائلي تعليم جا ڏاڪا طئه ڪري اڳيرو قدم رکيو.

ڳوٺ جي ٻين نينگرن وانگر صالح کي انگريزي پڙهڻ جو شوق مرحوم ماستر محمد سومار ڏياريو جو انگريزي اسڪول جو استاد هو. ان صلاح مطابق ضلعي اسڪالر شپ جي امتحان ۾ نصيب آزمائي ڪئي ۽ ان ۾ اول نمبر حاصل ڪيائين . انگريزي اسڪول ۾ پهرئين ڪان پنجي درجي تائين اول نمبر ۾ پاس ٿيندو رهيو. وڌيڪ تعليم لاءِ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميرپورخاص ۾ داخل ٿيو.
1941ع کان 43ع تائين ٻه هاسٽل جي زندگيءَ ۾ پير پاتائين. موڪلون ڳوٺ گذاريندو هو. سندس سلڇڻي سڀاءُ ۽ مقبول عام هئڻ ڪري ايتري رعايت هوندي هئي جو کيس بدنصيب ٽري مان صرف ٽري ڪري سڏيندا هئا..
ڇهين درجي ۾ اول نمبر پاس ٿيڻ ڪري هاسٽل ۾ مانيٽر مقرر ڪيو ويو.کيس الڳ ڪمري جي سهولت هوندي هئي.مدرسي جو هيڊ ماستر علي خان ابڙو مرحوم ۽ ٻيا استاد جيئن ته ماستر چيلا رام، ماستر فتح چند ۽ استاد واسواڻي وغيره مٿس بيحد مهربان هئا. کيس مفت ٽيوشن ڏيندا هئاۦ استاد شاگردن جي ڪاميابي کي پنهنجي عزت سمجهندا هئا.ان سبب ڪري مئٽرڪ جو نتيجو ظاهر ٿيو ته صالح جو نالو سرفهرست هيو.
ڪاليج ۾ داخلا جي وقت مالي مجبورين کيس منجهائي وڌو. نيٺ ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ داخلا ورتائين.انهن ڏينهن ميڊيڪل ۽ انجنيئرنگ جا شاگرد فرسٽ ييئر تائين گڏ پڙهندا هئا.ان وقت مسلمان انجنيئرن جي کوٽ هئي ان ڪري سرڪار شاگردن کي اسڪالرشپ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ پڻ امتحان پاس ڪرڻ شرط کين اي گريڊ م نوڪري پڻ ڏني ويندي هئي. پر صالح کي ڊاڪٽر ٿيڻ جو شوق هو ۽ سندس استاد محمد صادق پڻ کيس ڊاڪٽر ٿيڻ لاءِ همٿايو.
ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ فرسٽ ييئر فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ۽ انٽر سائنس جي يونيورسٽي امتحان ۾ سنڌي مسلمانن منجهه اول نمبر حاصل ڪيائين. انهيءَ زماني ۾ ميڊيڪل لاءِ بمبئي وڃڻو پوندو هو.حڪومت طرفان چونڊ اسڪالرشپ عطا ڪئي ويندي هئي. ان وقت ميرٽ تي اسڪالرشپ ملندي هئي . صالح داخلا ۽ اسڪالرشپ لاءِ درخواست ڏئي ويڪيشن گذارڻ لاءِ ڳوٺ روانو ٿيو.
اجان ڏيپلي مس پهتو ته تار پهتي ته گرانٽ ميڊيڪل ڪاليج بمبئي ۾ داخلا منظور ۽ هفتي پهچڻ جو سعيو ڪيو. اسڪالر مان صرف ڪاليج

جي في ڪتاب جي قميت ملندي هئي هاستل جي مسواڙ ڪاڏو پيتو ، ڪپڙو لتو جو خرچ نه هو. آخر دل جهلي ميرپور خاص پهتو جتي سندس ملاقات پروفيسر عبدالواحد هاليپوٽي سان ٿي جو پڻ سانگي سان بمبئي وڃڻ جي سانباهن ۾ هيو. هي ان سان گڏ بمبئي روانو ٿيو.
ڪجهه ڏينهن کان پوءِ بمبئي جي اخبارن ۾ دائود ٽرسٽ ڪلڪتي جو هڪ اشتهار شايع ٿيو . جنهن ۾ اعلان ڪيل هو ته جيڪي ميمڻ شاگرد ميڊيڪل تعليم حاصل ڪرڻ گهرن ته انهن جي سموري خرچ جو ذمون ٽرسٽ ڪڻندو. هن کي خوشي ٿي ته هن کي ميمڻ هجڻ جو فائدو ٿيو. ان اتي درخواست ڏني. جنهن جي جواب ۾ هن کان پڇا ڪئي وئي ته هن جو لاڳاپو ڪانياواڙي ميمڻ برادري سا هو يا هالائي ميمڻ سان. جيتوڻيڪ هن کي خبر هئي ته ٽرسٽ پاران صرف هالائي ميمڻ جي حمايت ڪئي ٿي وئي. هن سچ ڳالهائي سنڌي ميمڻ چاڻايو، هن واعدو ڪيو ته جيڪڏهن کيس قرض حسنه ڏنو ويو ته هو واپس ڪندو پر ان کي جواب نه ڏنو ويو. ڪجهه وقت کان پوءِ کيس هڪ ڪانياواڙي سخي مرد پنجن سالن تائين خرچ ڏيڻ جو واعدو ڪيو. پر ان واعدو ورتو ته ڊاڪٽر ٿيڻ کان پوءِ هو هڪ غريب شاگرد کي ڊاڪٽر ٿيڻ جو خرچ پريندو. ۽ هن اهو واعدو وفاڪرڻ لاءِ سجي عمر پاڻ پتوڙيندو رهيو.
بمبئي جي گرانٽ ڪاليج مان صالح ايم بي بي ايس جي ٻئي سال جو امتحان پاس ڪيو پر مسلمان شاگردن ۾ ٻيو نمبر حاصل ڪيو. 1947ع ۾ ورهاڱي ٿيڻ سبب ڊاڪٽر صالح ۽ ٻيا سنڌي ساٿي ڊاڪٽر رسول بخش بلوچ ۽ ڊاڪٽر غلام نبي لاسي آزادي جو پروانو کڻي اچي پنهنجي اباڻي ماڳ سنڌ ۾ سهڙيا ۽ ڊاڪٽريءَ جا باقي ٽي سال ڪراچي ۾ قائم ڪيل ڊائو ميڊيڪل ڪاليج ۾ پاس ڪيائين . سنڌ ۾ پهريون نمبر پوزيشن حاصل ڪيائين ۽ سنڌ يونيورسٽي طرفان گولڊ ميڊل پڻ عطا ڪيو. ان سال ئي ميڊيڪل سروس ۾ شامل ٿيو ۽ پهرين ملازمت جو آغاز ڊائريڪٽر بلڊ بئنڪ حيدرآباد ٿيو. سنڌ ۾ رت جمع ڪرڻ جي هيءَ پهرين بئنڪ هئي جا ڊاڪٽر علي احمد قاضي جي ڪوشش سان قائم ٿي هئي.ڊاڪٽر صالح هن بئنڪ کي ترقي ڏياري.
سال 1952-53ع ۾ ڊاڪٽر صالح کي ڪراچي سروسز اسپتال جو ريزيڊنٽ ميڊيڪل آفيسر مقرر ڪيو ويو. جتي کيس سموري نظام کي نئين سر ترتيب ڏيڻو پيو.

ڊاڪٽر صالح جي صلاحيتن جي نتيجي ڪيس 26 ورهين جي عمر ۾ سول سرجن مقرر ڪري جيڪب آباد بدلي ڪيو ويو. ڪيس سندس فرض ادائيگي سان گڏ هڪ ڏيڍ سئو بسترن واري نئين اسپتال جي تعمير ۽ انتظامي ڍانچي ترتيب ڏيڻ جي ذميواري پڻ سونپي وئي. جڏهن اسپتال تعمير ڪرائي سرڪار جي حوالي ڪيائين ته ڪيس وعده مطابق اسڪالرشپ ڏئي اعليٰ تعليم لاءِ ولايت موڪليو ويو.

انگلينڊ ۾ اعليٰ تعليم دوران ڪيس ڪافي دقتون پيش آيون. تڪليفون ڪاٽي هڪ ئي وقت چار مکيه ميڊيڪل امتحان پاس ڪيائين جيئن ايم آر ايف پي لنڊن (London  M.R.F.P) ايم آر سي پي ايڊنبرگ M.R.F. Edinburg ايف آر ايف پي گلاسگو F.R.F.P Glasgow ۽ ڊي سي ايم انگلينڊ D.C.M England . آخر 1957ع ڌاري موٽي ماڳ اچي لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ اسٽنٽ پروفيسر جي جڳهه ولاريائين. ڪجهه عرصي بعد لياقت ميڊيڪل ڪاليج جو پرنسپل ۽ پروفيسر آف ميڊيسن مقرر ٿيو. بعد ۾ ڪيس ڊائو ميڊيڪل ڪاليج جو پرنسپل مقرر ڪيو ويو،. سندس آخري ملازمت سيڪريٽري هيلٿ گورنمينٽ آف سنڌ هئي، جتان 1986ع ڌاري رٽائرڪيائين. حال ۾ صدر پاڪستان جو ذاتي فزيشن آهي ۽ آغا خان ميڊيڪل ڪاليج ۾ آنرري پروفيسر آف ميڊيسن ۽ پاڪستان انٽرنيشنل ايئر لائين (PIA) ۾ ميڊيڪل اسپيشلسٽ جا فرائض به سرانجام ڏئي رهيو آهي.

Posted by wahabsahito at 3:56 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## ڊاڪٽر شمس عباسي

# ڊاڪٽر شمس عباسي

ڊاڪٽر شمس عباسي پاڪستان جي نالي واري شخصيت آهي ۽ سنڌ ۾ عورتن جي تعليم ۾ پنهنجون ڪوششون وٺڻ تي ڪيس عالمي سطح تي به سڃاتو وڃي ٿو. محترمه شمس عباسي سنڌ جي قاضي خاندان سان لاڳاپو رکي ٿي.

سندس والد قاضي عبدالقيوم ۽ چاچي فتح محمد سيوهاڻي پاڪستان جي قيام واري جدوجهد ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪيو. آپا شمس عباسي جي والد جي لاڏاڻي ڪانپوءِ ڪيس امڙ سنڀاليو ۽ اعليٰ تعليم ڏياري،

قاضي عبدالقيوم جا 4 پٽ ۽ 2 نياڻيون هيون. جن ۾ قاضي محمد اڪبر، قاضي عبدالمجيد عابد، قاضي اڪرم، قاضي محمد اعظم، آپا شمس ۽ هڪ ٻي ڀيڻ شامل آهن. جنهن کي سندن ماءُ پاليو ۽ تعليم ڏياري، ماءُ پنهنجن پٽن ۽ نياڻين کي هڪجهڙي تعليم ڏياري ۽ انهي ۾ ڪوبه فرق نه رکيو.

ڊاڪٽر شمس عباسي پهرين جنوري 1924ع ۾ حيدرآباد ۾ جنم ورتو.، آپا شمس عباسي ميٽرڪ ۽ بي اي مبمئي  يونيورسٽي مان پاس ڪئي. هن بي ٽي ۽ ايم اي سنڌ يونيورسٽي مان ڪئي. سنڌي لٽريچر ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي. آپا شمس عباسي پنهنجي ڪيريئر جي شروعات 1944ع ۾ اسڪول ٽيچر طور ڪئي ۽ 1947ع تائين مدرست النبات ۾ ماسترياڻي رهي.

1948ع ۾ گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول هيرآباد ۾ هيڊمسٽريس جون خدمتون سنڀاليون ۽ انهي پوسٽ تي 1955ع تائين پنهنجا فرض سرانجام ڏنا.

کيس 1955ع کان 70 تائين گورنمينٽ ڪاليج جي پرنسپال جي اضافي ذميواري به ڏني وئي. 1972ع کان 1973ع تائين ڊپٽي ڊائريڪٽر ڪاليجز جون ذميواريون به سنڀاليون. 1973ع کان 1984ع تائين ڊائريڪٽر ايجوڪيشن

سرفراز وسطڙو ايڪٽينشن اينڊ بيورو آف ڪرڪيولم جون ذميواريون به نڀايون ۽ بعد ۾ رٽائرمينٽ حاصل ڪئي.

آپا شمس عباس 1993ع ۾ محسن ميموريل سوسائٽي قائم ڪئي ۽ هوءَ پنهنجي نگراني ۾ 2 نجي اسڪول به هلائي رهي آهي.

آپا شمس عباسي سماجي ڪمن ۾ به تمام گهڻو سرگرم رهي آهي.

هن مختلف تنظيمن جي پليٽ فارم تي عورتن کي بااختيار بنائڻ ۽ ٻارن جي حقن ۾ به وڏي جاکوڙ ڪئي.

آپا شمس عباسي تعليم ۽ عورتن جي معاملن تي دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ سيمينارن ۾ شرڪت ڪئي. آپا شمس عباسي 2 ڪتاب به لکيا آهنجن ۾ هڪ سندس آتم ڪهاڻي آهي. جڏهن ته مختلف اشوز تي کوڙ سارا آرٽيڪل به لکيا آهن. آپا شمس عباسي کي عوامي حقن لاءِ جاکوڙ ڪرڻ، شعور اجاگر ڪرڻ ۽ عورتن لاءِ پاڻ پتوڙڻ تي ڪيترائي ايوارڊ به ماڻيا،

آپا شمس عباسي سڄي زندگي عوامي جدوجهد واري جاکوڙ ۾ وقف ڪئي. پنهنجي مرحوم پٽ عقيل احمد عباسي جي نالي تي قائم عقيل برائيٽس اڪيڊمي به هلائي رهي آهي. جتي نياڻين ۽ نوجوانن کي معياري تعليم ڏني وڃي ٿي. آپا شمس ڪيترين ئي غريب نياڻين کي پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪري تعليم ڏياري ۽ بعد ۾ سندن گهر آباد ڪرايا. هوءَ هن وقت به سنڌ جي نياڻين لاءِ ڇپر ڇانوءَ وانگر آهي. سال سدائين سندن شفقت.

Posted by wahabsahito at 3:51 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## ڊاڪٽر تنوير عباسي

## ڊاڪٽر تنوير عباسي

سنڌ جي ناليواري عالم، شاعر، محقق، مترجم، لطيفيات جي ماهر ۽ سچل شناس ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو اصل نالو نور نبي عباسي هو. هن 7 ڊسمبر 1934ع تي، ضلعي خيرپور جي هڪ ننڍڙي شهر سوڀي ديري ۾ گل محمد عباسيءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. ساڌو هيرانند اڪيڊمي، ڪراچيءَ مان پرائمري تعليم حاصل ڪيائين. مئٽرڪ جو امتحان اين. جي. وي هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين. انٽر سائنس ڊي جي. سنڌ گورنمينٽ ڪاليج ڪراچيءَ مان ۽ ايم. بي. بي. ايس، لياقت ميڊيڪل ڪاليج، ڄام شوري مان پاس ڪيائين. ڊاڪٽر تنوير عباسي شاگرديءَ واري زماني کان شاعري ڪندو هو. ابتدا ۾ روايتي شاعري ڪيائين، پر اڳتي هلي سنڌي جديد شاعريءَ ۾ نوان لاڙا آندائين؛ ان ڪري سندس شاعري سنڌي ادب ۾ نئين حيثيت سان اجاگر ٿي. ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ ۽ شمشير الحيدريءَ، سنڌي شاعريءَ خاص ڪري نظم ۽ آزاد نظم ۾ نوان تجربا متعارف ڪرايا.

تنوير عباسيءَ جون سنڌي ادب ۾ وڏيون خدمتون آهن. سنڌي ادب جڏهن ورهاڱي کان پوءِ نئين سر اُسري رهيو هو، تڏهن تنوير عباسي انهن آڱرين تي ڳڻڻ جيترن اديبن ۽ شاعرن مان هو، جيڪي سنڌي ادب جي بقا لاءِ جدوجهد ڪري رهيا هُئا. هن جو شمار سنڌ جي وڏن شاعرن ۾ ڪيو وڃي ٿو، پر شاهه جي شاعريءَ ۽ سچل سرمست، خوش خير محمد هيسباڻي، نانڪ يوسف ۽ ٻين تي سندس تحقيق ۽

ڪاوش، ڪيس اهم ۽ منفرد اسڪالر واري حيثيت ڏياري ڇڏي.
تنوير عباسيءَ جي علمي ۽ ادبي ادارن سان وابستگي، هڪ وڏي عرصي تائين رهي. پاڻ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جو تصور ڏيندڙ ۽ ان جي ائڊوائيزري بورڊ جو آخر تائين ميمبر، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جي رٿا جوڙيندڙ، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي مالياتي، پبليڪيشن، تعليمي رٿابندي ۽ تحقيقي ڪاميٽيءَ جو ميمبر، شاهه لطيف ڪلچرل ڪاميٽي ڪراچيءَ جو ميمبر، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت جو باني ۽ مستقل ميمبر، سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو سيڪريٽري جنرل (11 سالن تائين)، سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر، سچل يادگار ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري، سچل چيئر- شاهه لطيف يونيورسٽيءَ خيرپور جو باني ڊائريڪٽر ۽ سچل سرمست ميلي ڪاميٽيءَ جو ڪيترائي سال آرگنائيزر ۽ ٻين ڪيترن ادارن سان وابسته رهيو. سندس علمي، ادبي ۽ تحقيقي ڪم جي مڃتا طور ڪيس ڪيترائي ايوارڊ ۽ انعام به مليا. سندس علمي ادبي پورهيي جو وچور هن ريت آهي:
(1) رڳون ٿيون رباب (شاعري: 1958ع)، (2) شعر (1970ع)، (3) جي ماريا نه موت (ويٽ نامي ناول جو ترجمو: 1973ع)، (4) ٻارا ٻول (چونڊ ۽ ترتيب: 1973ع)، (5) شاه لطيف جي شاعري (تحقيق: جلد 1976 -اع)، (6) شاهه لطيف جي شاعري (جلد ٻيو، 1985ع)، (7) شاهه لطيف جي شاعري (3 جلد گڏ، 1989ع)، (8) سج تريءَ هيٺان (شاعري: 1977ع)، (9) جديد سنڌي شاعري (چونڊ ۽ ترتيب: 1981ع)، (10) خير محمد هيسباڻيءَ جو ڪلام (ترتيب: 1983ع)، (11) نانڪ يوسف جو ڪلام (ترتيب: 1982ع)، (12) ڏوري ڏوري ڏيهه (سفرنامو: 1984ع)، (13) هيءَ ڌرتي (شاعري: 1985ع)، (14) Sachal Sarmast، (15) منهن تنين مشعل (خاڪا: 1990ع)، (16) تنوير چئي (شعري ڪليات:1989ع)، (17) ترورا (ادبي مضمون، خاڪا، يادگيريون، سفرنامو: 1988ع)، (18) ساجن سونهن سرت (شاعري: 1996ع)، (19) سپني ڪان سهڻي ساپيا (تقريرون ۽ ليڪچر: 2002ع)، (20) سچل جو رسالو (ترتيب:اڻ ڇپيل)، (21) مون کي اڳتي وڃڻو آهي (سفرناما: 2000ع).

سنڌي شاعر، ادب، جديد ٻوليءَ، ڪلچر، ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ ٻين موضوعن تي سندن سوين مقالا، مضمون ۽ مهاڳ لکيل آهن.
ويهين صديءَ جو هيءَ ڏاهو انسان، 25 نومبر 1999ع تي، اسلام آباد ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. تنوير عباسي وصيت ڪئي هئي ته وفات بعد سندس لاش ميڊيڪل ڪاليج جي شاگردن کي تجربا ڪرڻ لاءِ ڏنو وڃي، پر ان تي عمل نه ٿي سگهيو. البت سندس آخري خواهش هئي ته سندس اکيون آپريشن ذريعي ڪنهن محتاج کي ڏنيون وڃن. سندس وصيت تي عمل ڪيو ويو ۽ سندس اکين سان اڄ هڪ نياڻي ۽ هڪ نوجوان هن دنيا کي ڏسي پنهنجي زندگي خوش خوش گذاري رهيا آهن. تنوير عباسيءَ جي آخري آرامگاهه اسلام آباد ۾ آهي. تنوير عباسيءَ جي ياد ۾ شاهه لطيف يونيورسٽيءَ خيرپور ۾ تنوير ڪارنر قائم ڪيو ويو آهي، جنهن جو انچارج اياز گل آهي، تنوير بابت (1) تنوير عباسي- هڪ مطالعو (ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو)، (2) پوان شل قبول (مرتب: اياز گل)، (3) مان تنوير آهيان (مرتب: مشتاق ڪلهوڙو) ۽ ٻيا ڪتاب ڇپيل آهن. تنوير ڪارنر پاران سندس چونڊ شاعريءَ تي مشتمل پاڪيٽ سائيز ڪتابڙو ”روشن آ سانجهي“ اياز گل ترتيب ڏئي 2008ع ۾ ڇپايو آهي. ڪيترن علمي ادبي ادارن پاران ادبي تحقيق ۽ تنقيد تي تنوير عباسي شيلڊون ۽ اوارڊ ڏنا وڃن ٿا.

Posted by wahabsahito at 3:49 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو - رحيم منگي

# ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو

رحيم منگي

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو مشهور دانشور، محقق، عالم ٻوليءَ جو ماهر، نقاد، ڪهاڻيڪار، شاعر، ماهر عمرانيات، تعليمي ماهر ۽ تعليم کاتي جو آفيسر ٿي گذريو آهي. ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو 8 آگسٽ 1934ع تي تعلقي قمبر جي ڳوٺ گهاگهري ۾ جائو سندس والد جو نالو محمد علي ٻوهيو هو جيڪو هارپو ڪندو هو. سندس ماءُ ننڍپڻ ۾ گذاري وئي هئي، کيس ڏاڏي پاليو. ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو پرائمري تعليم ڳوٺ ”پيچوهن“ ۾ پرائي. مئٽرڪ 1953ع ۾ لاڙڪاڻي مان پاس ڪئي ۽ انٽر سروري ڪاليج هالا مان ڪئي. هن انگلش ۾ ايم اي ڪئي ۽ ايل ايل بي

به ڪيائين. لاهور بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن لائلپور ڪاليج مان (پي ٽي سي) برابر امتحان پاس ڪيو، جڏهن ته پي ايچ ڊي 1977ع ۾ ڄامشورو مان سنڌي ٻولي جي سماجي ڪارج جي موضوع تي ڪئي.
اهو موضوع سڄي ايشيا ۾ پنهنجي نوعيت جو پهريون ڪم هو.
1977ع تائين ايشيا کنڊ جي ڪنهن به ٻولي بابت ان حوالي سان تحقيقي ڪم نه ٿيو هو. ڊاڪٽر ٻوهئي نوڪري 1957ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي کان شروع ڪئي. هن نوڪري به ڪئي ۽ تعليم به جاري رکيائين ۽ بعد ۾ ڊائريڪٽر اسڪولس لاڙڪاڻو به ٿيو. ڊاڪٽر ٻوهئي لکڻ جي شروعات 1950ع ڌاري ڪئي.
سندس پهريون نظم هاري حقدار اخبار ۾ ڇپيو. کيس تقرير جو به شوق هيو.
هن ڊراما به لکيا، جيڪي لاڙڪاڻي جي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پيش ڪيا ويا. سندس ڪجهه ڊرامن جا نالا هي آهن؛ نوري ڄام تماچي، امرتا، ڳورهين جو قرض ۽ صبح نه ٿي سگهندو.
هن ڪهاڻيون به لکيون جن ۾؛ اسان جا روح ڪٿي آهن، منهنجو قلم مري ويو آهي ۽ ميراثين جي گهرن کي باهه لڳي، مشهور ٿيون.
هن لوڪ ڪهاڻيون به لکيون جن ۾؛ ڪينجهر ڪيئن ٿي ڳالهائي، مصنف شاهه ۽ وڪيل ۽ جواني جو موت نمايان آهن.
هن ڪيترا ئي مضمون به لکيا جن ۾؛ شعر جي اپياس جا نوان طريقا، سنڌ ۾ ذوهن جو سماجي پسمنظر ۽ جمهوريت جي وات ۾، مشهور آهن.
ڊاڪٽر ٻوهيو سنڌ ريسرچ ڪائونسل جو سيڪريٽري پڻ ٿيو. هن جا ڪجهه ڪتاب ڇپيل آهن. سنڌي ٻولي جو سماجي ڪارج 1978ع، تنقيدون 1980ع، ادب جا فڪري محرڪ 1984، علم تحقيق 1990ع، ٻوهئي جون تحريرون (1994ع مرتب ناز سنائي) ٻوهئي صاحب جو هڪ ڪتاب ٽيلس ري ٽولڊ 1990ع ۾ انگريزي ۾ ڇپيو. هن املهه ماڻهو جي وفات دل جي دؤري سبب 1994ع ۾ ٿي.

## ويهين صديءَ جو وتايو: جمعو فقير

انعام الله شيخ

ڏاڙهي مُڇ صفا چٽ، شرارتي اکين ۾ سُرمو چڙهيل ته ڏوئيءَ سان گُديو ويو هجي. موڪري منهن کي سرنهن جي تيل جو تازو مَڪُ آيل، ٻانهن تي ڏينپوڙين جا ساوا نشان نڪتل ۽ کُوڙيل مٿي تي کٿڙيل ميرو پٽڪو يا ڪنهن مئل انگريز جي خيرات ۾ مليل ٽوپي پاتل. سياري اونهاري جسم تي پيل نيلامي ڪوٽ، ڪوٽ جي اندران لُئاڙيل گابي چپاڙيل "خميس"، تنهن جي هيٺان ڳجهن کيسن واري ڇيٽ جي پراڻي سُراڻي صدري- ۽ صدريءَ جي اندران اڪثر ڪري بافتي واري گنجي پڻ اٽڪيل. هيٺ تي ڪائنچ بدران نيروليءَ جي رڱيل ڪا ميري سيري گوڏ ۽ پيرن ۾ بُولڙو بوٽ يا ڦاٽل ساٽل سليپر جي عمر صفا پوري ٿي وڃي ته پوءِ چٽين لڳل به- پٽي چؤنپل هوندي، جنهن جي ٻنهي پٽين کي وٽيل اڳڙيون ويڙهي، چپل کي پيڏين ۾ اهڙو ته سُڪ ڪيو ويو هوندو، جو سير سفر ڪندي ان جي لهي وڃڻ يا ڪري پوڻ جو ڀَئه پولو باقي نه رهندو. پَيڏين کان مٿان اڳُنن ۽ سُٿ جي ٽوڙهن سان ڇڪي ٻڌل پِنيون ته پري کان ئي پڌريون هو نديون. صبح هجي يا سانجهي، ٽاڪ منجهند هجي يا سومهڻي کيس ورلي ڪنهن ماڻهوءَ پراڻي همسفر يعني گڏهه کان جُدا ڏٺو هوندو. ساسي ساهه جي ڍيريءَ هيٺان لئيءَ جي ڪاني آرپار لنگهائي، ان جي ٻنهي ڇيڙن ۾ رسو ٻڌي، موٽر سائيڪل جي Foot rest جيان ٺاهيل "پيرن رکڻيءَ" تي کُپ کوڙيل هوندس. ڏگهي ٻاچڪي جو وِچُ ڪوري گگدام جي پٺيءَ تي رکيل، ٻنهي پاسن کان لڙڪندڙ وڏا ٻُجڪا به صاف صاف نظر ايندا. عُمرو عيار جي زنبيل کان به اونهن انهن ٻُجڪن منجهه خيرات ۾مليل اڌ ڪنن صوفن ۽ ڪيلن، ڦٽل ناسپاتين، نارنگين، گوشت مارڪيٽ مان گڏ ڪيل ڇيڇڙن، ڦڦڙن ۽ آنڊن کانسواءِ ٻيا مليل بيشمار وکر ئي سانپيل نه هوندا، بلڪه سير ڪندي لڌل پلاسٽڪ جون ڳوٿريون، ريشمي ڪپڙن جا ٽڪر، ٽِين جا خالي ٽيا، بجليءَ جا خراب ٿيل بٽڻ ۽ پراڻيون اخبارون به هڪٻئي مٿان سٿيل ڏسڻ ۾ اينديون. گڏهه جي چيلهه کان ٿورڙو هيٺ ڍا ڪن جي مٿان ٽڳڙيون نڪتل رلهيءَ تي ڳچيءَ منجهه ڳانا پائي بالم ٻڌيل، هٿ ۾ وڏي ڏانگ کنيل، ڪلهي ۾ ٻُجڪي ۽ بجڪيءَ منجهه مانيءَ جا اڌڙ ۽ پارچا کڻي هلندڙ هن معروف فقير کي شهر جا پوڙها پڪا ۽ ٻار ٻچا ته ڇڏيو، لاڙڪاڻي جو هر گهر، گهٽي ۽ گام به پراڻي مائٽ جيان سُڃاڻي!

جمعي فقير جي واقف ڪارن ۾ مداحن ۾ نواب اميرعلي لاهوري، ذوالفقار ڀٽي، مسعود مفتي، جنرل ۽ بيگم عتيق، قاضي فضل الله، جسٽس غلام محمد ڪوريجي، ڪريم بخش کهڙي، خانصاحب فقير محمد اڙ، علي گوهر کهڙي کان وٺي پروفيسر اياز قادريءَ تائين اڻ ڳڻيون پڙهيل لکيل ۽ لائق هستيون ئي شامل نه هيون..... هُو ته حسين باگڙياڻين، گوڏر گاڏرن، گراهڪن جي راهن ۾ نيڻ وڇائي ويٺل ڇَپَ ڇَتوُ دڪاندارن، ٽِڻڪ ۽ ٺوڻائي اوستن، سيئو بازار ۾ سَوَن جي تعدا د ۾ ويٺل واندن ۽ ٽوٽي مزدورن، ليٿ مشين جي مصروف مسترين، هوٽلن تي اونگهندڙ آفيمين، ڪورٽ جي احاطي ۾ ويٺل چيڙاڪ اسٽامپ ويندڙن، گاريل ٽانگي وارن، ڪم سان گڏ ڪنڌ ڌوڻ ۾ ورتل ٻيڙي ٻاڌارن، جل ڦٽاڪن اخباري هاڪرن، ٻڙواتي حجمن، مٿي تي ڦريل ٽوپي، ڪنڌ ۾ رومال ۽ ور ۾ ڪرپان رکي شهر رلندڙ لُچن لوفرن يا مٿي تي جناح ڪئپ ۽ هٿ ۾ سگريٽن جو پاڪيٽ کڻي هلندڙ “معزز” شيٺ ڪلارڪن سميت ڪهڙي ڪهڙي شخص جو دل گهريو دوست نه هئو! ماجسٽريٽ گاڏي رو ڪي ڪانئس طبيعت پڇندا، صوبيدار ٽانگو بيهاري پنجين جو نوٽ ڏيندا . زميندار ويندي ويندي ٿهڪ ڏيو ڪيو ويندا. صفا مرچوس ماڻڌڙين وارا به جمعي فقير کي بيهاري اڏڙ چانهه جو آڇيندا ۽ گهوڙيا گڏهه تي ويٺي ڪيس نئين آيل جنس جي وَٽ پيا ڪرائيندا. سندس دل جي دفتر تي به رنگ، مذهب، جنس يا طبقي جو تفاوت ٿِرَ برابر نه ٿيو هئو! شاهه هُجي يا گدا، سيٺ هجي يا سُجو، هو سڀ جو خير-گهرو ۽ هر ڪنهن سان “سائين ميان” ڪرڻ وارو صاف سٿرو انسان هئو. سچائيءَ کي منهن تي ڦهڪائيندي هُو اهو ڪڏهن به نه ڏسندو ته اڳلو ڪهڙي پدويءَ کي پهتل آهي. ڀٽي ذوالفقار سان سندس لاڏ ۽ لاڳاپا ته لاڙڪاڻي جو ٻچو ٻچو ڄاڻي ٿو. ڀٽو صاحب اڃا وزير وڏو نه هئو ٿيو، جو فقير سان سندس گهاٽائپ ٿي ويئي. ڀٽو صاحب جڏهن به لاڙڪاڻي ۾ايندو ته هُو ڪيس خاص دعوت موڪلي “المرتضيٰ” ۾ گهرائي ساڻس خوش دليءَ سان حالي احوالي ٿيندو هو. لا ڙڪاڻي واسي چون ٿا ته ڀٽو صاحب جڏهن پاڪستان جو صدر بڻجي پهريون ڀيرو اباڻي شهر گهمڻ آيو هو ته جمعي سان مڪا ميلو ڪندي، موڪلائڻ مهل سؤ روپين جو نوٽ ڪيسي ۾ وڌائينس. فقير جڏهن ملڪي ‘بادشاهه’ کان ڇڙا سؤ رپيا خرچي

ملندي ڏنا ته هڪدم چوٽ ڪندي چيائين: "پٽا صاحب، جيڪڏهن مان پٽو ۽ تون جمعو هجين ها ته اج توکي سونو ڪري ڇڏيان ها." جنهن تي پٽي صاحب کلندي کيس پنج سؤ رپيا ڏنا ۽ دُعا ڪرڻ لاءِ چيو. فقير موقعو مُناسب ڏسندي ٽڏي تي وراڻيو: "جي انهيءَ بادشاهيءَ کانپوءِ به خوش ناهين ته پوءِ پلا اچ ته گڏجي گدا ٿيا ڪريون:" پٽي صاحب جي اهڙي ئي هڪ کُليل ڪچهريءَ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ هڪ پيري فقير گڏهه تي سوار ٿي "المرتضيٰ" پُهتو ته لاڙڪاڻي سان لاڳاپو رکندڙ هڪ بااثر وزير ۽ ٽڏهوڪي ايس پي پنيل جوڻيجي کيس پُٽي صاحب سان ملڻ کان روڪيو. پر فقير به "محبوب" جو ديدار ڪرڻ کانسواءِ واپس وڃڻ کان قسم جو کڻي بيٺو هُئو، تيسيتائين اُتان نه چُريو جيستائين مٿس پٽي صاحب جي نظر نه پئي. پٽي صاحب ڏسندي ئي کيس سڏيو ته هن وزير ۽ ڪوٽوال ڏانهن نهاريندي چيو: "پُٽا صاحب توسان ملڻ لاءِ ته آتا آهيون، پر تُنهنجا ُڪتا به ته ڇڏين نه!" اهڙيءَ طرح پُٽي صاحب سان سندس ملاقات ته ٿي، پر ايس پي لاڙڪاڻي طرفان مليل ڇڙب کي هُن پوءِ به نه وساريو! به چار ڏينهن رکي هاسيڪاري پيرين پيادو وڃي ايس پي هائوس تي پهتو. اتفاق سان ايس پي صاحب به گشت تي پئي نڪتو، سو جُمعي کي ڏسي چيائين؛ "جُمعا وري کهڙي کوٽ کُتي ٿئي. پُٽي صاحب آڏو بيعزتي ڪرڻ کان پوءِ به هانءُ نه ٺريو اٿئي چا؟" جمعي حسب دستور مُرڪندي وراڻيس: "ايس پي صاحب، پيٽسان ڪالهانڪو گڏهه گُم ٿي وئي آهي. سو ڳولڻ آيس ته ڪٿي اُها ناناڻي (ايس پي هائوس) ته اچي نه نڪتي آهي!" آڙي ڪاپ ايس پي اسٽاف آڏو وڏيڪ بيعزتيءَ کان بچڻ لاءِ هڪدم سَوَ جو نوٽ کڻي جُمعي جي ترِيءَ تي رکيو، پر فقير ساڻس پراڻو احسان پوريءَ طرح چُڪائڻ کان پوءِ به نه مُڙيو ۽ پئسا وٺي ڪري آسمان ڏانهن منهن ڪري چيائين:"پوليسارو ۽ خرچي! واهه مولٰي واهه!!" شهيد پٽي صاحب سان ايڏيون هُجون ڪندڙ هيءُ انسان سندس موت تي ٻارن وانگر رڙيون ڪري رنو هئو. پنهنجي دوست جي اڻ مندائتي انت تي جمعي کا ريل ته کا نه کيرائي، پر هن وس پڄندي ضياءَ تي جيکي ڦٽڪارون کيون ۽ مٿس نقل ٺڙا ناهيا، سي مرهيات کي قبر ۾ به چُپيندا هوندا.

پُٽي صاحب جي دوستيءَ کانسواءِ جُمعي کي سياست سان کا خاص

دلچسپي ڪو نه هُئي. پر ائين به ڪو نه هُئو ته هُو آسپاس جي ماحول کان اڪيون پوتي هلندو هُئو. سَتر جي ڏهاڪي ۾ جڏهن سنڌي مهاجر تضاد عروج تي هئو ۽ سنڌ جا وسيلا ڌارين جي قبضي ۾ هُئا، تڏهن لاڙڪاڻي جي شاهي بزار مان مُهاجرن جي دڪانن آڏو لنگهندي هُن کي اَچي مُستي سُجهي. سو اُتي بيهي جبار پائي بوتن واري کي وڏي آواز سَڏ ڪندي چوڻ لڳو ته:”جبار پائي مهاجر! ڪالهه خواب ٿو ڏسان ته مري ويو آهيان ۽ ملائڪن کنيي کڻي آسمان تي پهچايو آهي. مون کي ٿا چون ته جُمعا تنهنجا لچڻ الله کي وڻيا آهن، سو تون هلي بهشت ۾ ويهه. مان عادي ٻُڌيادي گنهگار سو چوان ٿو ته پيلي مان وڏو ڪنو ڪينئارو آهيان، چڙيو ته دوزخ ۾ وجان. پرملائڪ آهن جو بهشت ڏي پيا گِهلين! ۽ مان آهيان جو پيو دوزخ ۾ وڃڻ لاءِ ليٽڙيون پايان....نيٺ جڏهن ملائڪن ۽ مُنهنجي وچ ۾ هيرا هُدرا وڌي ويا ته هڪڙو ملائڪ جيڪو پهلوان ٿي لڳو، تنهن اچي ڳتڙ کان جهليو ۽ چيائين: جُمعا عزت ان ۾ ٿئي ته سڌو بهشت ۾ هَلُ، نه ته توکي واپس لاڙڪاڻي چڙي ايندا سين! سو مان به چئي ڏنومانِ ته “پلي ماري ذريون ذريون ڪيو، پر مون وارو يار جبار دوزخ ۾ پيو مزا وٺي. جاڏي جبار پائي ويندو، مان به اوڏانهن ويندس.” جمعو پنهنجي لوڪ ڏاهپ سان رڳو استحصالي ٽولي تي ائين چٿرون ئي نه ڪندو هُئو، پر متعصب مذهبي جماعتن جي اڳواڻن جي لاک به وڏي طمطراق سان لاهيندو هُئو. لاڙڪاڻي سان لاڳاپيل هڪ مذهبي جماعت جو مشهور رهنما اليڪشن ۾ ورڪ ڪندي رحمت پور محلي ۾ سندس گهر وٽ ووٽ وٺڻ لاءِ پهتو ته جمعي سندس آجيان ڪندي چيو: “مولانا صاحب مان ووٽ تڏهن ڏيندو آهيان، جڏهن ڪو سَڪُ ڏيم، گهر واري سُک ٿي ڏئيم، سو ووٽ به ان جي چوڻ تي ڏيندو آهيان، تون اهو ساڳيو سک ڏين ته ووٽ تنهنجو. جي سودو قبول ٿئي ته بسم الله، نه ته تون پنهنجي گهر خوش ته مان پنهنجي گهر...” مولانا صاحب اهو عزت پريو جواب ٻُڌڻ کان پوءِ ووٽ کان ته ڪئي توبهه، پر وات ويندي جمعي تي نظر پوڻ سان به “لاحول ولا قوة” چئي رستو مٽائي ويندو هُئو.

جمعو عادي ٻُڌيادي پينانگ نه، پر هڪ پورهيت انسان هئو ۽ قمبر جو ميونسپالٽيءَ جي ٻاهران حجامڪو ڌنڌو ڪري پيٽ پاليندو هو. لاڙڪاڻي ۾ سندس ڪٽنب 1948ع واري ٻوڏ جي خوف کان لڏي اچي

ويٺو. هونئن قمبر جي ”ڪُور سليمان“ واري جُوءِ ۾ ”دوست عليءَ جي بنگلي“ وارو ماڳ سندس اباڻو اجهو سڏرائي ٿو. پنهنجي پورهيي سان هن جي پيار ۾ پابوهه جا به عجيب قصا آهن! هُو گراهڪ جي سنوارت ڪندي نه رڳو احتياط ۾ نفاست سان سلهاڙيل هوندو، پر ڳالهين، ٽوٽڪن، قصن، تبصرن ۾ حيرتن جا جزيرا به دريافت ڪندو ويندو. هڪ پيري قمبر کان لاڙڪاڻي ويندڙ ڪوصفا ٿ ڪڙو همراهه وٽس سيرب ڪرائڻ لاءِ اچي ويٺو. همراهه کي هئي جلدي، سو ڪرسيءَ تي ويهڻ شرط ڪاريگر کي سيگهه ۾ هٿ هلائڻ جي هدايت ڪيائين. جمعي کي ته اهڙن اُبهرين آسامين سان ڪشت ڪرڻ ۾ مزو ايندو هئو! سو هن به جُود ڪري ڏاڙهي پِسائڻ وارو برش پرسان وهندڙ ڪني پاڻيءَ واري ناليءَ ۾ ٻوڙي سندس سيرب شروع ڪئي. آيل گراهڪ آپي کان ٺ ڪري ويو ۽ ڪانئس انهيءَ حرڪت جو سبب پڇندي چيائين: ”ڪاريگر اکيون نه اٿئي! ڪني پاڻيءَ ۾ برش ٻوڙي ڏاڙهي ٿو ٺاهين!“ جمعي ٺهه پهه وراڻيس: ”منهنجا ياءُ! تون پلا ڪهڙي سُٺي پاڻيءَ مان ٺهيل آهين؟!“ همراهه زور اڳيان زاري ڏسندي اٿيو ۽ وڃي پريان وهندڙ نل منجهان پاڻي پري آيو. جمعي وري سنوارت ته شروع ڪئي، پر هڪ طرف پاڪي هلندي هلندي نياڳي ڊور وانگي گهڻُ ڪري بيهي تي رهي ته ٻئي پاسي سندس زبان به هڪ هنڌ بيهڻ کان انڪار پئي ڪيو. نيٺ آيل گراهڪ بيزار ٿي، پئسا اڇلائي اسٽيشن جو رستو ورتو ۽ وڃي لاڙڪاڻي ويندڙ پسئينجر ٽرين ۾ ويٺو. جمعي فقير به نه هَم ڪئي نه تم- اوزار جهوليءَ ۾ وجهي گاڏي ۾ ساڳي همراهه جي اڳيان اچي ويٺو. اڳلي گهڻيون ٻانهون ٻڌيون ۽ آزيون نيازيون ڪيون، پر جمعي جي سؤ ڳالهين تي ه ڪڙي ڳالهه. چي:”پئسا ورتا اٿم ته ڪم ضرور پورو ڪندس.“ نيٺ هلندڙ گاڏيءَ ۾ ويٺل مسافر ’ڏاڙهي ڪوڙڻ‘ جو اهو منفرد منظر ڏسندا ۽ کلندا رهيا، پر جمعي همراهه جي سيرب ٺاهي سندس جان ڇڏي!

لاڙڪاڻي واسي حجامڪي ڏنڌي جي ڪري جمعي فقير کي ذات جو منگي سمجهندا آهن، پر سندس گهر واري لال خاتون انهيءَ ڳالهه جي ترديد ڪندي فقير جو پورو نالو محمد جمن ولد عبدالله ۽ ذات جو سومرو ٻڌائي ٿي. اهڙي ئي دعوي سندس پٽ علي گوهر ۽ پڙهيل ڳڙهيل پنجن بيروزگار پوٽن ۽ ڏوهٽن جي پڻ آهي. رحمت پور محلي

جي آئل ڊپوءَ جي پرسان جھريل جاءِ ۾ رھندڙ جمعي فقير جي پوئين گھرواري 80 سالا مائي لال جو چوڻ آھي تہ جمن تي فقيري رنگ ڪئين ڏھاڪا اڳ پٺائيءَ جي ميلي تان واپسيءَ کان پوءِ چڙھيو. پراڻا ڏينھن سارينديءَ ھوءَ چوي ٿي: ميلي تان موٽڻ کان پوءِ جمن ساڳيو محمد جمن سومرو نہ پر "جمعو فقير" بڻجي ويو ۽ دنيا جا ڪم ڪاريون ڇڏي، سئر سفر لاءِ نڪري ويو. سندس فقيري ويس ڏسي، جڏھن ماڻھو منجھانئس ڏپ اچڻ جي شڪايت ڪندا ھئا تہ ھو ڏکارو ٿي مون کان اچي پڇندو ھئو تہ: "لال! توکي مون منجھان بوءِ اچي ٿي؟" مان چوندي ھئي مانس تہ مون کي تہ خوشبوءِ ٿي اچي... اھو ٻڌي جمعو گدگد ٿيندي چوندو ھئو:"توکي وڻان ٿو تہ گنج ٿيو، ماڻھن جو خير آ! ماڻھن ۾ کوھن جا وات ڪٿي بند ٿيڻا آھن!!" شايد عام کان ملندڙ اھي ايذاءَ ۾ اھنج ئي ھئا جن کيس "بيوفا پِرا ڪَنون ڪُتا يار ڪَريجي" واري سبق سکڻ لاءِ اُتساھيو. ھن اکين ۾ آگريون تنبيدڙ اسان جي روڳي سماج ۾ عظمت جي کل پائي ھلندڙ ڀھروپي انسان جي قريب ٿيڻ بجاءِ پنھنجي مرشد جي ھدايت تي عمل ڪندي سندس لفظن:

جاڳايس چنبور، ڪتي قريبن جي،
ڀَھي پونڪي اُٿيو، گھڏي منجھان گھور،
سپ لاھيندو سور، گري ھن غريب جا.

ورنائيندي، ڪتن سان وجي ياري رکي- پوءِ سپني ڏنو تہ شھر جي بي رحم ماڻھن جا ستايل سمورا ڪتا پنھنجي اڪيلي ھَمدرد جمعي فقير جي چوڌاري ڪٺا ٿي ويندا ھئا.

جمعو فقير سنڌ جي ساھدار دشمن سماج ۾ بيشڪ پٿرن کاڌل، تنگن چٿيل، بکايل ۽ ستايل ڪتن جو اڪيلو وارث ۽ ابو ھئو. جيڪڏھن کيس سنڌ جو "ابو الڪلب" (ڪتن جو بابو) سڏجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. ھو لاڙڪاڻي جي ڪاساين جون چڙھيون سھندي ۽ ماڻھن جون اچلايل نفرتون ميڙيندي، ڪتن لاءِ ڇيچڙا، ھڏا ۽ مانيءَ جا ٽڪر گڏ ڪندي، کين درجنن جي تعداد ۾ پاڻ سان سلھاڙيو ھلندو ھئو. ھو يوناني حڪيم پٿتا غورث وانگر جانورن سان ڳالھائڻ جي دعوي ڪندي چوندو ھئو:"ماڻھو ڪتن کي اجايو ٿا مارين، ڪتا تہ دعائون ڏيندا آھن، مان

روزانو سندن دعائون ڏندو آهيان.” ڪنهن مون جهڙي نادان هڪ ڏينهن پڇيس:”فقير ايترا ڪتا ڇو ڌاريا اٿئي؟” جمعي وراڻيو: “اڄوڪي ماڻهوءَ کان ڪتو چڱو آهي، کيس گهر وٺي وڃبو ته بسڙي ڪيو پيو ڏسندو. پر جي ماڻهوءَ کي وٺي وڃبو ته گهر جو ڇا حشر ٿيندو؟ اهو پاڻ سمجهي سگهين ٿو.” اڄ هن جهان ۾ جمعو فقير موجود ڪونهي ۽ نه ئي سندس وفادار ڪتن جي پرگهور لهڻ واري ڪا پهر نظر ٿي اچي.

ائين به ڪونهي ته جمعو فقير مردم بيزار را ڪش هئو. حقيقت هيءَ آهي ته هن جهڙو انسان دوست، سيڪيولر ۽ سونهن پرست شخص شايد ئي لاڙڪاڻي جي رستن ڪو پيو ڏٺو هجي! هن توا ۽ پادر ڳچيءَ ۾ پائي يا تلڪ هڻي ۽ ڌوتيون ٻڌي تماشا وجهڻ بجاءِ سماج سان پنهنجو سنبڌ سادگيءَ سان سگهارو ڪيو ۽ هڪ سچي صوفيءَ وانگر انسانيت کي عظيم ترين مذهب جو درجو ڏيئي ڇڏيو. ڪٽڪ ناچ واري گرو مهراج غلام حسين جو هم شڪل جمعو فقير جيڏانهن به ويندو هو، مختلف مذهبن ۽ فرقن جا ماڻهو سندس چوڌاري معتقدن جيان مڙي ويندا هئا، هو به پيار ۽ پاٻوهه سيني سان ورچيندو ۽ ونڊيندو هو. هڪڙي ڏينهن ڪنهن پُڇيس “فقير! پُٽ ڇا ڪندا اٿئي؟” چيائين: “ٻيا سي ڪم ڪار سان آهن، پر هڪڙو اڻ سُڌريل نڪمو ٿي پيو اٿم”. اڳلي چيس: “فقير نيٺ ڪو ڪم ته ڪندو هوندو؟” وراڻيائينس “ ڪو ڪم نه ڪري سڄو ڏينهن مسيت ۾ پيو هوندو آهي. ٻُڌاءِ ته اهو ڪو سُڌريل ٿيو؟!” جمعو نالو ته ڏٺيءَ جو پيو وٺندو هُئو، پر ثابت سجدو فقط سونهن کي ڪندو هئو. شٽل ڪاڪ برقعن ۾ بند هئڻ ڪري عورتن جي جهلڪ ته ڇهين ٻارهين مهيني نصيب ٿيندي هوندس، پر جتي به ڪو خوبرو ڏسندو، اتي پنڌ پهڻ تي ويندو. تيستائين وک اڳتي نه وجهندو جيستائين سندس ديدار پورو نه ٿئي، ساڻس هٿ نه ملائي يا ڳالهه ٻولهه نه ڪري يا گهٽ ۾ گهٽ ٽڏو ساهُه پريندي چئي سگهي:“صدقو وڃانءِ، هيڏي به هڪ نظر وِڌيون وَڃُ.” اسان جو دوست ڊاڪٽر حميد گل شيخ اڄ پنجاهه جي پيٽي ۾ به لا ڙڪاڻي جي حسين ترين مردن منجهه ڳڻجي ٿو. جهڙي سندس صورت سهڻي آهي، تهڙو قدرت کيس خلق جي خدمت جو درد بخشيو آهي. ويهن ورهين جي ڦوهه جوانيءَ ۾ جڏهن حميد گل ايندي ويندي کان آهون

پرائيندو هو، ٽڏهن شاهي بزار جي مُهڙ ۾ سندس والد صاحب جي دڪان تي ويٺي مٿس جمعي فقير جي نظر پئجي ويئي....سمجهو ٿا ته ڇا منظر هوندو! جمعو نه فقط "زمين جُنبد نه جنبد گل محمد" جي مصداق "گل محمد" ٻڌجي رهيو هو، بلڪ چوکر جي والد گل محمد شيخ جو به لحاظ ڇڏي ڏنائين. نيٺ شيخ کلي پڇيو: "جمعا، چوکري ۾ پلا ڇا ڏٺو اٿئي؟" جمعي ٿڌو ساهه پريندي وراڻيو: "ادا شيخ صاحب، ڏسان ٿو ته قدرت واري هن چوکر کي ڪيئن پاڻ ويهي ناهيو آهي.... رنگيءَ جا رنگ آهن، منهنجي کهڙي مجال! مان، ڇا ٿو ڪيانس؟ مان ته چوکر کي ڏسي سندس ناهڻ واري کي ٿو ويچاريان."

اسان منجهان اڪثريت پنهنجي اکين سان وتايي کي نه ڏٺو، پر منهنجي دوست عنايت ميمڻ جي اها دعوٰي سؤ سيڪڙو سچ آهي ته جمعي جو ديدار ٽيڻ ڪانپوءِ وتايي جي درشن جي طلب باقي نه ٿي رهي. جمعي فقير زندگيءَ ۾ ڪڏهن به ڪنهن شيءَ تي بانور نه ڪيو ۽ نه ئي ڪنهن وَٿ کي بقادار سمجهيو. "هينئن به سڄڻ وهوا ته هُوئن به سڄڻ واهوا" واري ڳالهه کي ڳَرِ لائيندڙ جمعي ڪنهن سان نفرت نه رکي، نه ئي ڪا دشمني ڪئي. ڪيس ناپسند فقط جنرل ضياءُ هئو، جيڪو بقول سندس "معشوق جو قاتل" هو. انهيءَ ناپسنديءَ کي پوڳيندي هو به ڄڻ ته قدرتي انصاف جي انتظار ۾ اسٽيشن تي اوڪڙو ويٺل مسافر پئي لڳو.... جيئن ئي جنرل هوا ۾ قلهيار ٻڌجي وکريو، تيئن ئي فقير پنهنجا پراڻ پرينءَ جي حوالي ڪري ڇڏيا ۽ 20 آگسٽ 1988ع تي لاڙڪاڻي جي ساهه نهوڙيندڙ گرميءَ ۾ زندگيءَ جون 80 خزائون گهاريندي، فقير سائين ابوبڪر مقام ۾ وجي سکيو ٿي ستو. ...لوڪ کي سياستدانن، اميرن ڪبيرن ۽ وڏيرن جي سنگت تي ناز هوندو آهي، پر لاڙڪاڻي جا اهڙا بيشمار انسان آهن، جيڪي جمعي سان گهاريل گهڙيون ياد ڪري، ٿڌو ساهه پري سوچيندا آهن:

يڪ زمانا صحبتي با اوليا
به از صد ساله طاعت بي ريا.

فقيرن سان گھاريل ڪي گھڙيون، سوين سالن جي اخلاص پريل عبادت کان مٿيريون هونديون آهن

✏ Posted by wahabsahito at 10:09 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## جمعو فقير - عنايت ميمڻ

# جمعو فقير

## عنايت ميمڻ

اکيون چنجهيون، نڪ پاهر نڪتل، ناس ڏيڻ جو شوقين.
اکين ۾ بقول هن جي پنهنجي ته؛ "ڏوئيءَ سان سرمو پائي ٻاهر نڪرندو آهي، ته جيئن ڪنهن جي نظر نه لڳي!".
اونهاري سياري ڪوٽ پهريل. سيءَ ۾ گرميءَ جي عذاب کان آجو هيءُ شخص، ڪيسي يا قميص ۾ اڳڙين جا انبار. ائين لڳندو چڻ، ڪنهن پير جو گهمندڙ قرندڙ ٻڙ هجي! جنهن ۾ مرادن جون اڳڙيون ٻڌل هجن.
ڪلڻو ملڻو ماڻهو، مجال آ جو منهن ۾ ڪڏهن ڪو گهنج به اچيس.
ڳالهائيندو گُٽي انداز سان. ڪيڏو به وڏو جملو ڳالهائيندو پر پاڻ بنهه نه ڪلندو، توڙي جو ماڻهو کلي کلي ڪيرا ٿيندا.
هي هيو جمعو فقير. جيڪو پنهنجي ذات ۾ ڪردار ۾ درويش صفت ماڻهو هيو.
جمعي فقير ڪي جنهن به ڏٺو هوندو يا ساڻس ڪچ هري ڪئي هوندي، اهو سندس پرڪشش ڳالهين ۾ نرالي گفتگوءَ کي وساري نه سگهيو هوندو. اهي سڀ منظر ڪنهن فلم جي سين جيان، سندس سيني ۾ يقيناً محفوظ هوندا ۾ اکين ۾ ترندا هوندا .
جمعي فقير جي گفتگوءَ ۾ ڏاهپ کي ڏنگيندڙ ڳالهيون ۾ چرچن ۾ وري چاهت پري چٽر جو عنصر شامل هوندو هيو.
هو پنندو هيو. فقير هيو. پر درويشي لڏي جو ماڻهو هيو. ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو ڪرو هيو. منهنجي نظر ۾ هو بهترين سگهڙ به هيو. هن جي گفتگو ۾ انداز بيان کي محفوظ ڪرڻ گهربو هيو، پر ائين نه ٿيو! شايد

ان ڪري ته هو غريب هيو. اسان وري ان کان وڌيڪ غريب آهيون جو
کيس ياد به نٿا ڪيون.
چون ٿا ته؛ “هو حسن پرست هيو.”
هو فطرت سان، سونهن سان، پيار ڪندڙ ماڻهو هيو. هو پاڻ ڪوجهو
هيو. اهو ئي سبب هيو، جو هو جڏهن به ڪنهن چڱي صورت واري
سان ملندو هيو ته کيس ڏسندي ئي بي ساختگيءَ منجهان چوندو هيو:
“اي مالڪ واهہ جو ناهيو اٿسين، جي مونکي به هن جهڙو ٺاهين ها ته
ڇا ٿئي ها؟”
“اي مالڪ!” هن جو تڪيو ڪلام هيو
هو پنهنجي مزاج ۾ جداگانا گفتگوءَ جي ڪري، هر عمر جي ماڻهن ۾
مقبول هيو!
هو روايتي پينو فقير نه هيو، توڙي جو هو پنندو به هيو. منهنجي اندازي
موجب هن جي پنڻ جو سبب، ماڻهن سان رابطو رکڻ هيو ۽ ائين هو
پنهنجي اندر جو اوبر به ٻاهر ڪڍندو هيو شايد! هو ٻوڳ چرچي کان
سواءِ رهي نه سگهندو هيو. هو چوندو هيو ته؛ “فقير جو پلا ڪڏهن پنڻ
مان پيٽ ڀريو آهي جو منهنجو ڀربو؟!!”
چڱين صورتن جو متلاشي هيو. چوندو هيو؛ “سائين چڱين صورتن ۾
چڱن روحن سان ملڻ جي ڪري پنڻو پوي ٿو.”
هو پنهنجي شڪل شبيهه ۾ ڪوجهو هيو، پر گفتگوءَ جي لحاظ کان هن
جهڙو خوبصورت ماڻهو مون اڄ تائين ڪونه ڏٺو آهي. هن جي مزاج ۾
عادتن ۾ اهڙا شيءِ شامل هئي ته جي، ڪجهه به کائيندي پيئندي ڪو
چڱو چهرو نظر آيس ته ڀرين پاڻ نه کائيندو هيو پر، ڀرين ان کي
کارائيندو هيو. ڪنهن خيرات ۾ جي چانهہ يا ماني ڏنس ۽ سامهون ڪو
چڱو چهرو ڏٺائين ته پوءِ کيس چوندو هيو: “مالڪ هن چانهہ مان ڍڪ ته
پيءُ!”
يا جي ماني هوندس ته چوندس: “مانيءَ مان ڳپو ته کاءُ! من تنهنجي
اوبر کائي مان به تو جهڙو ٿيان.!”
جمعو فقير ۽ گڏهہ ٻئي لازم ملزوم هيا. چوندو هيو ته؛ “هيءَ منهنجي
محبوبه آهي. سڄو شهر پنائي ٿي، رلائي ٿي، موت ۾ گهري ڇا ٿي؟
رڳو هڪ مٺ گاهہ جي!”

جمعي فقير لاءِ گڏھ جي سواري، عجيب سواري ھئي. ڪاٺيءَ جي پائدان تي پير رکي، ڊگھي لٺ ھٿ ۾ کڻي بي تاج بادشاھن جيان، شھر جي شاھراھن تي سواري ڪندي گذرندو ھيو.
جمعي جي گڏھ جي چال، بقول ھن جي ته؛ "ڪنھن محبوبه جھڙي ھوندي ھئي." ڪنھن چيس؛ "جمعا فقير! ھن گڏھ کي متاءِ! ھاڻي جھوني تي وئي آ ھي! گاسليٽ ڊپوءَ کان پاڪستاني چوڪ تائين، ڪلاڪن ۾ ٿي پھچي؟"
کلندي بي نيازيءَ سان وراڻيندو ھيو؛ "مالڪ! شريف ماڻھو جنھن تي به سواري ڪندا آھن، ان کي متائيندا ناھن."
جمعي فقير جي، بازارن ۾ اچڻ سان جڻ ڇھڇٽي جو ماحول جُڙي ويندو ھيو. ٽھڪڙا گونجندا ھيا. جمعي جا گفتا ۽ دوڪاندارن جا ٽھڪ، يقينًا ھڪ بھتر ماحول جوڙي ڇڏيندا ھيا.
ھاڻي پلا اھڙو ماحول ڪٿي؟
اڄڪلھ جي بازارن ۾ جڻ نحوست واسو ڪري وئي آھي.
نفسا نفسيءَ جو ماحول آھي. اڳي جي پيٽ ۾ ھاڻو ڪا سيٺ وڏيڪ شاھوڪار آھن، پر سندن چھري تي بيزاري نمايان آھي. اڄ جي بازارن ۾، اھو کل پوڳ ۽ چرچن وارو ماحول ئي ڪونھي. سيئو بازار ۽ شاھي بازارن ۾ اھو پوڳ ۽ چرچن وارو ماحول آ ھي ئي ڪونه. شايد سيئو بازار ۽ شاھي بازار ۾ پوڳ چرچي جي ٻاڙائي، ان ڪري آھي جو اڄڪلھ جمعي فقير جھڙو ڪو فقير ڪونھي.
اسان جا ھاڻوڪا سڀ واپاري جڻ پيسن ٺاھڻ جي مشين ٺھجي ويا آھن. اڳي ديوان ھوندا ھيا ته دڪان جي پرسان ٿالھ ڇڏن جو ۽ پاڻيءَ جا مٽ پري رکندا ھيا ته جيئن آيو ويوکائي پي، دُعا ڪري. پر ھاڻي وارن واپارين ۾، ا ھا خير خيرات واري شناس آ ھي ئي ڪونه. رڳو پيسي ميڙڻ جو حرص اٿن. محبتون اسان جي روحن کي روڙي نڪري ويون آھن.
اڳي وڏڙا چوندا ھيا: "ابا! پيسو اچڻي وڃڻي شيءِ آ ھي، شل عزت برقرار ھجي.!" ۽ ھاڻي ٿا چون؛ "عزت اچڻي وڃڻي شيءِ آھي، شل پيسو ھجي؟"
يعني اڄڪلھ جو ماحول بلڪل ابتو ٿي ويو آھي.
سو سائين زندگي گذارڻ جا معيار تبديل ٿي ويا آھن.

جهڙا روح تهڙا خطما. هاڻي پلا جمعي جهڙو فقير ڪٿان اچي؟ ان ڪري جهڙا اسان ماڻهون آهيون، تهڙا وري ڪاروباري فقير نرڙ ۾ لڳي ويا آهن.!
جمعو فقير اسان کي اڪثر منجهند جو المدينا هوٽل تي ملندو هيو.
کيس منجهند جي ماني اڪثر المدينا هوٽل تان ملندي هئي.
هڪ نان تي به پوٽيون ۽ رهو يا دال سبزي، هوٽل جو مالڪ کيس قرب سان ڏيندو هيو.
هو، نانُ رَهي سان کائي، پوٽيون ڪُتن کي کارائيندو هيو.
جتي پلا ماڻهپو مئل هجي، اتي جمعي جي ڪتن سان محبت معنيٰ خيز لڳي ٿي!
گڏهه سان گڏ، شهر جا سپ ڪتا هن جي سڃاڻ هيا. ائين لڳندو هو ڄڻ جمعو فقير ئي ڪتن جو حقيقي وارث هجي؟!
چوندا هياسينس؛ "جمعا فقير! پلا هيءُ ڪتا ساڻ ڪري ڇو ٿو هلين!"
ته پهه وراڻيندو هيو: "مالڪ! ڪتا ماڻهن کان وڌيڪ وفادار اٿئي. بک ڏک ۾ ساڻ رهڻ وارا آهن. اڄ جا ماڻهون ته ڪتن کان به ويل آهن."
ڪتن جي ڳالهه نڪتي آهي ته لاڙڪاڻي جي هڪ اهم شخصيت جو واقعو ياد اچي ٿو، جيڪو گاسليٽ ڊپو کان ايندي پيجارو تي سوار هيو.
هن جي گاڏي آڏو جمعو فقير ۽ سندس ڪتا رڪاوٽ بڻيل هيا. جمعي جي ان حرڪت تي همراهه کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. جو ان جي دشمني به هئي.
ان ڪري هن گاڏي بيهاري جمعي فقير کي ڪاوڙ مان چيو: "شرم نٿو اچئي! ڪتن جي لوڏ ساڻ ڪڍي ٿو گهمين ۽ رستا بنهه بند ڪري ٿو ڇڏين!."
جمعي فقير کي به هن جي رويي تي سخت ڪاوڙ لڳي، رک رکاءَ وارو ماڻهو هيو ڪونه، سو گاڏيءَ ۾ ويٺل گارڊن ڏانهن اشارو ڪندي، چيائينس؛ "مالڪ! آهن برابر ڪتا، پر انهن کان وڌيڪ وفادار اٿئي. ڏکئي وقت ۾ اهي سپ ڇڏي ويندئي پر ڪتا آخر تائين نڀائڻ وارا نر اٿئي!"
ان جواب تي انهيءَ اهم شخصيت جو ڪهڙو حال ٿيو هوندو، اهو اندازو اوهان بخوبي لڳائي سگهو ٿا.
سو سائين، هنن ڳالهين ڪرڻ يا اوهان سان ڪجهه يادون ونڊڻ جو ا هو مقصد آهي ته، جمعو فقير ڇڙو گداگير ڪونه هيو، پر ڏاهپ جو اهڃاڻ به هيو. پنهنجي دور جو بهترين سگهڙ به هيو. هن جو ا هو سگهڙائپ

وارو پهلو ئي ته آهي جنهن مون کي سندس شخصيت تي قلم کڻڻ لاءِ مجبور ڪيو.
جيئن مون اڳ ۾ عرض ڪيو آ هي ته؛ هو اسان سان روزانو المدينا هوٽل تي ڪچهريون ڪندو هيو.
جمعو هيو فقير پر منهنجي نظر ۾ امير ترين ماڻهو هيو. هن جي ڳالهين ۾ عجيب قسم جو اسرار هوندو هيو، جيڪو اصل ۾ اندر جي دنيا کي جهنجهوڙيندو هيو.
هڪ دفعي، معمول مطابق، گڏه تي چڙهي ٻگهي لٺ هٿ ۾ جهلي وچي رهيو هيو ته ڪا چڱي شيءِ ڏسي ورتائين. سڄو ڌيان اوڏانهن هن تي ويس . اهڙي ڪيفيت ۾ ڪنهن هن پڇيس؛ "جمعا پريشان آهين؟ ڪاڏي خيال اٿئي؟"
جمعي فقير خيال مٿائي کلندي چيو هيوس؛ "مالڪ! گڏه کي تو ڳوليان."
پڇندڙ ٽوڪ ڪندي چيس؛ "جمعا چا ٿيو اٿئي؟ صفا ڪو يار درويش آهين. گڏه تي ته ويٺو آهين."
جمعو فقير ا هڙي ڪيفيت ۾ نڪ جي پڪائي ڏيکاريندي چوندو هيو: "مالڪ! گڏه جي سواري به عجيب سواري آهي. خبر ئي نٿي پوي ته ماڻهو گڏه تي ويٺو آهي يا پنڌ ٿو هلي."
ان قسم جو حاضر جواب، ڪو عام ماڻهو ٿي نٿو سگهي. اوهان ڪهڙو به سوال ڪيو، جواب کل پوڳ وارو ڏيندو. جنهن تي عام ماڻهو کلي پوندو ته وري سنجيده ماڻهو واه واه ڪندو!
جمعي فقير جي اها عادت هئي ته هو روزانو ڪورٽ جو چڪر ضرور لڳائيندو هيو. حاضريءَ تي آيل ا ڪثر قيدي، کيس خيرات ڏئي، دعا جي لاءِ چوندا هيا ته جيئن جلدي ڇٽئون/ آزاد ٿيئون.
جمعو فقير اڪثر پڇندو هين؛ "ٻروچ! ٻڌاءِ گهڻا خون ڪيا اٿئي."
جي چوندو ته؛ "فقير بي ڏو هي آهيان. مڙئي سنگت ۾ ڦاسي ويو آهيان!" کلي چوندس؛ "جي سچ تو ڳالهائين ته مالڪ! دير سوير ڇٽي ويندين!"
پر جي چوندس؛ "فقير توسان ڪوڙ ناهي، مڙئي ڏوه ٿي ويو آهي ته ٺهه پهه وراڻيندو: "هيءُ الله سان اٽڪلون نه ڪر.
بابا هيءَ خيرات جي رشوت نه ڏي! تون ڪونه ڇٽندين."

ان قسم جون ڳالهيون يا گفتا هن جي اندر جي معصوم انسان کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. جمعو دل ۾ درد رکندڙ ماڻهو هيو.
هڪڙو شيخ صاحب هيو. نالو ياد ناهي. جمعي فقير کي چيڙائيندو هيو. اهو شيخ صاحب تازو نماز پڙهي آيو هيو. جمعي فقير ڄاڻي ٻجهي کيس چيو: "سائين مالڪ جي نالي تي ڏيندين؟ ڏهه دنيا ستر آخرت ۾ اتئي!"
همراهه کلندي چيس: "جمعا! جي ڏهه وٺڻا اتئي ته ڪڻـي وٺ! هروبرو ستر جي لالچ ۾ ڇو ٿو اڙائين؟
جمعي فقير کلندي چيس؛ "مالڪ! مان توبهه ڪئي! تون ته ڪو صفا مون جهڙو آهين. تو جهڙا به تي ٻيا مليا ته اسان جو روزگار ئي بند ٿي ويندو.
ٻروچ جي ڳالهه تي هن جي هڪ ٻي ڳالهه ياد اچي ٿي. کيس هڪ ڏاڍي ماڻهو، جنهن کان لاڙڪاڻي ۾ ڇڳا پلا همراهه ڊڄندا هيا، هڪ روپيو ڏنو! جمعي فورًا نگاهه مٿي ڪڻي، الله ڏي اشارو ڪندي چيو: "مالڪ شڪر اتئي! اڄ ڪله ٻروچ به توکان ڊڄن ٿا."
جمعوفقير ڪنهن جي پرواهه نه ڪرڻ وارو ماڻهو هيو. سچو، کرو ۽ خدا ترس ماڻهو هيو. کيس سماجي درد، بي باڪ ٻڌائي ڇڏيو هيو.
پٽي صاحب جي، جمعي فقير سان ڏاڍي لڳندي هئي. پٽو صاحب هن کي ڪڏهن ڪڏهن المرتضا هائوس ۾ به گهرائي وٺندو هيو. جمعو فقير پلي وڃي پٽي صاحب سان ملي پر هو پنهنجي خوداري نه ڇڏيندو هيو.
هو جڏهن به المرتضا هائوس ايندو هيو ته سڪيورٽي وارا کيس روڪيندا هيا ته جيئن هو گڏهه سوڌو اندر داخل ٿي نه سگهي. ان رڪاوٽ تي جمعو سڪيورٽي وارن کي چوندو هيو؛ "ابا جي هنن گاڏين کي نٿا روڪيو ته پوءِ منهنجي گڏهه جي سواري کي ڇو ٿا روڪيو؟"
پٽي صاحب جي ا ها ا هم خوبي هئي ته هو شهر جو چڪر ضرور لڳائيندو هيو.
پٽي صاحب جي حوالي سان جمعي فقير جون ڪيتريون ڳالهيون مشهور آهن.
پر اڄ ڪله نه اهي حڪمران رهيا آهن ۽ نه ئي وري جمعي جهڙو فقير. پٽي جي عظمت، ان ۾ هئي ته هو غريب ماڻهن ۾ پاڻ کي ڳوليندو هيو.

پٽي صاحب رستي ويندي، هڪڙو دفعو جمعي فقير سان چرچو ڪيو هيو؛ “جمعا اڄ ته سواري مٿايون!”
جمعي فقير هٿ ٻڌي چيو هيس؛ “مالڪ! مان هتي گڏهه تي چڱو آهيان. ان گاڏيءَ تي وهاري سر ڪٽندؤ ڇا؟”
سو سائين جمعوفقير بي باڪ ماڻهو هيو ۽ توري ٽڪي ڳالهائيندو هيو. پر سندس قدر نه ٿيو. هو سماجي نابرابري جي هن بي رحم سماج ۾ پنهنجي وجود جي جنگ، غربت جي گهاڻي ۾هارائي هليو ويو. اسان مان ڪنهن جي به ڪن تي جون ڪون سرڪي.
هو مري ويو.
هو اصل ۾ لاڙڪاڻي جي سڃاڻ هيو. جمعي فقير کان سواءِ لاڙڪاڻي جو حوالو اڌورو ۽ اڻ پورو آهي. لاڙڪاڻي ۾ يا لاڙڪاڻي کان ٻاهر، ڪٿي به جي لاڙڪاڻي واسين جو هڪ ٻئي سان حال احوال ٿيندو يا ڪا ڪچهري ٿيندي ته اها ڇڻ جمعي فقير کان سواءِ اڌوري ۽ اڻ پوري لڳندي.!
هو ڪيترن ئي حوالن سان، لاڙڪاڻي جي سڃا َڻ هيو. پر هن جو قدر نه ٿيو.ان جي ابتڙ سرڪاري ليول تي اسانجي يارن جي بي حسيءَ جي انتها اها آهي جو ١٠٠ سالا جشن لاڙڪاڻي ۾ هن ويچاري جو ذ ڪر به نه ٿيو ۽ نه هن تي ڪو ٽيبلو پيش ٿيو ۽ نه ئي وري هن جي عوامي انداز کي اجاگر ڪيو ويو.
هوڏانهن وري لاڙڪاڻي مان لڏي ويل اردو دانن جي لڏي، لاڙڪاڻي کي ياد ڪندي، ڪراچيءَ ۾ جشن لاڙڪاڻو ملهايو هيو، جنهن ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين جي سيڪريٽري ۽ ناميارِي ترقي پسند شاعر ۽ ليکڪ، محترم مسلم شميم جمعي فقير جي ڪردار ۽ ان جي يادن کي ور ور ساريو هيو ۽ لاڙڪاڻي جو ئي هڪ اهم فوٽو گرافر محترم اڪرام جيڪو سنڌ فوٽو اسٽوڊيو جو مالڪ هيو، جمعي فقير جي قداور تصوير کي ڪراچيءَ تائين ساڻڍي ڪڻي ويو ۽ اتي اڄ به جمعي جي تصوير، ُهه ن پٽي صاحب، ايوب خان جي پرسان هڻي چڏي آ هي. ا۽ هن ٻنهي حڪمرانن جي وچ ۾ جمعي فقير جي تصوير يقيناً هڪ نئين خيال کي جنم ڏئي ٿي ۽ گڏوگڏ جمعي فقير جي، پنهنجي انداز جي حيثيت کي به اجاگر ڪري ٿي.
مون کي ياد آهي، بلڪل چٽو ياد آهي. لاڙڪاڻي جي هڪ اهم شخصيت گذاري وئي هئي. جنهن جي جمعي فقير سان ويجهڙائپ هئي/ گهرائپ

هئي. جمعو فقير، عذر خوهي لاءِ هن جي گهر پهتو ته ڪيس فقير سمجهي لُنگي خيرات ۾ ڏني وئي جمعي فقير گهڻيئي نه نه ڪئي پر ڪيس اهو چئي لنگي زوريءَ ڏني وئي ته: “جمعا فقير! ڪپائيندين اوئين اجايو تووڻ ڪان انڪار ڪرين .
هو اسان ڪي معمول مطابق المدينا هوٽل تي مليو هيو ۽ اهو گرمين جو مهينو هيو پر جمعي فقير ڪي لنگيءَ مان ٺهيل جبو ۽ ٽوپي پاتل هئي. اسانکي ڏاڍو تعجب ٿيو. پڇوسينس؛ “جمعا! هيءَ ڪهڙي پاڻ سـان وِڌن ڪئي اٿئي؟”
ٺه په وراڻيائين: “مالڪن ڪي ڏيڪارڻ آيو آهيان ته لنگي منهنجي يار جي ميت جي آهي. ان ڪري ڪپائي ناهي پر سبرائي پائي آيو آهيان.؟
اوهان ان مان جمعي فقير جي خوداري ۽ حساسيت جو اندازو، بخوبي لڳائي سگهو ٿا ته هو ڪيڏو نه وڏو ماڻهو هيو.
هو اسانجي اکين ڏٺو واقعو آهي ۽ اهڙيءَ طرح سان جمعو فقير ڪيترن ئي واقعن ۽ قصن جو مجموعو هيو جن ڪي سهيڙڻ جي ضرورت آهي.
لاڙڪاڻي ۾ جن به ڪيس پنندي ڏٺو هوندو، انهن يقينًا هن جي هٿ ۾ هڪ وڏو جست جو جمنو ڏٺو هوندو، پنهنجي لاءِ پيسن جي خيرات گهرندو هيو ته وري ڪتن لاءِ ڪاسائن ڪان هڏا ۽ ڇيڇڙا پنندو هيو. بحرحال هو پنندو هيو ۽ سندس سڃاڻ پڻ هيو؟ ان تي هن ڪي ندامت ڪونه هئي.
گڏه ۽ ڪتا، لٺ ۽ جست جو جمنو، سندس سڃاڻ هيا.
هن جي نرالي ۽ دل ڪي ڇهندڙ گفتگو، سوچ سمجهه وارن ماڻهن لاءِ ڄڻ اٿاٿو هيو.
مون ڪي ياد آهي ته هڪ دفعي مون ڪيس پوڳن پوڳن ۾ چيو هيو؛ “جمعا پلا ڪڏهن عشق ڪيئي؟”
ٺڏو ساهه پريندي چيو هيائين؛
مالڪ اهو عشق ئي ته آهي جيڪو پنائي ٿو .!
نه ته هي لٺ ۽ وٺو پلا تون ته ڪڻي ڏيکار !؟
واقعي سائين اهو رتبو ۽ اعزاز، جنهن ڪي اسان ماڻهو برو سمجهون ٿا، جمعي جي جاگير هيو.
هاڻي نه اها گڏه آهي. نه اهي ڪتا آهن. ۽ نه ئي وري جمعو فقير آهي.

بس آهي ته هڪ ياد آ هي، جيڪا به جيڪڏهن او هان جي دل من ۾ احساس پيدا ڪري وجهي تي ته ڇڻ منهنجو ۽ جمعي فقير جو قرض لهي پوندو.

## الطاف شيخ جو سيلف پورتريت

جنڊي، ڪاشي ۽ پٽ تعليم جي حوالي سان مشهور حيدرآباد جي ڳوٺ هالا نوان ۾ 14 نومبر، 1944ع تي منهنجو جنم ٿيو. ننڍپڻ هالا ۾ ئي گذريو. سال ۾ به چار دفعا حيدرآباد ۾ اچڻ ٿيندو هو، جتي مهنجا نانا ڻا (سنڌ زميندار هوٽل ۽ فاران هوٽل وارا) سومرا رهيا تي. تن ڏينهن ۾ پرائمري تعليم ۾ چار درجا هوندا هئا ۽ صبح توڙي شام جو اسڪول وڃڻو پوندو هو. هالا جي پرائمري اسڪول جا هڪ به استاد سائين عبدالهادي شيخ، يارمحمد تورپيو، محمد بچل قريشي، ۽ سائين محمد اشرف ۽ اهڙي طرح انگريزي اسڪول جا ٽيچر سائين عبدالرحيم ارباب، ظفر علي ارباب، محمود ابڙيجو، محمد خان گاجڻي ميمڻ (جيڪو بعد ۾ ABL بئنڪ جو صدر به ٿيو) اج به ياد ٿا اچن ته انهن جو قدر تو ٿئي ۽ سندن فرض ادائيگي، محنت ۽ ايمانداريءَ کي مڃڻو تو پوي، جن مون جهڙن هزارين شاگردن کي دل و جان سان تعليم ڏني. اڳتي هلي مون به ڏهاڪو کن سال ماستري ڪئي پر ماڊرن طريقن Audio Visual Aids سان. اج جي پڙهائي کان انوقت جي نوڪري ڪيڏي سخت هوندي هئي، جڏهن هڪ ماستر صاحب فقط ڪاري بورڊ ۽ اچي چاڪ جي مدد سان ٻارن کي پڙهائيندو هو.

« Read more

Posted by wahabsahito at 9:05 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## پروفيسر نذير احمد سومرو - عاشق منگي

عاشق منگي

## مرحوم پروفيسر نذير احمد سومرو
## اديب، نقاد ۽ دوست

حال امداد جو پچو چا ٿا؟
اج مڙئي سور ڪجهه سوايو آ

لاڙڪاڻي کان ايندڙ نئون ديري واري بس تي ڪيهرن کان، گهر ڏانهن موٽي رهيو هوس. ويٺل ماڻهن تي نظر ڦيرايم. پروفيسر صاحب جي فيمليءَ جو هڪ فرد به ويٺل هيو. ڪانئس سندس صحت بابت پڇا ڪيم.
”طبيعت بهتر ڪو نه اٿس، اڳي کان تڪليف وڌي وئي اٿس.“
هن جواب ڏنو. ٻئي خاموش ٿي وياسين. هو پيرڳوٺ اسٽاپ تي لهي ويو ۽ مان سوچيندو گهر پهتس.

« Read more

Posted by wahabsahito at 9:00 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## پرمانند ميوارام - شوڪت حسين شورو

## پرمانند ميوارام

### سنڌي نثر نگاريءَ جو ايڊيسن!

شوڪت حسين شورو

سنڌي ٻوليءَ جي موجوده صورتخطي ٺهڻ کان پوءِ جيڪو اوائلي نثر لکيو ويو، ان دور جي ليکڪن ڪي سنڌي نثر جا چار ٿنڀا سڏيو وڃي ٿو. انهن ۾ سرواڻ واري حيثيت ميرزا قليچ بيگ کي حاصل آهي ۽ ساڻس گڏ باقي ٽي ٿنڀا ديوان ڪوڙو مل چندن مل کلناڻي، رشي ڏيارام گدومل ۽ پرمانند ميوارام آهن. پرمانند ميوارام نه رڳو اوائلي سنڌي نثر جو هڪ ٿنڀو آهي، پر نثر جي اوائلي دور کي وچولي دور کان الڳ ڪرڻ واري چائنٽ به آهي، مضمون نگاري ۽ لغت نويسي ۾ پرمانند ميوارام سنڌي زبان جو هڪ اهم اديب ليکيو وڃي ٿو.
پرمانند ميوارام رامچنداڻي جو جنم 1866ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو. هن شروعاتي تعليم ڪرسچن اسڪول ۾ حاصل ڪئي، پر پوءِ ڪن سببن جي ڪري هو انگريزي پنجين درجي کان وڌيڪ پڙهي نه سگهيو. ڪجهه وقت سرڪاري نوڪريءَ ۾ رهيو، پر هن گهڻو عرصو ماستري ڪئي. ڊاڪٽر گربخشاڻي سندس پيارو شاگرد هو، جنهن کي هن سنڌيءَ ۾ لکڻ لاءِ همٿايو هو. پرمانند عيسائي مذهب اختيار ڪيو. هو خدا ۾ ايمان

رکندڙ، اوچي اخلاق وارو انسان هو. طبيعت جو نهٺو، درويش مــزاج ۽ يار ويس ماڻهو هو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ پنهنجين سـاروڻين ۾ لکيو آهي ته کيس سندس پيءُ ٻڌايو هو ته پرمانند جــو پيـءُ مسـلمان ٿيو هو. ميوارام پروفيسر ملڪاڻيءَ جي پيءُ جو مـامو هــو. پروفيسـر ملڪاڻيءَ پرمانند بابت لکيو آهي: ”ٻئي چوٿين ڏينهن اسـان جـي گهـر ايندو هو ۽ پنهنجي ماسيءَ (منهنجي ڏاڏيءَ) سـان اوپـاريون لهـوارين ڪندي، پنهنجـي کيسـي مـان چـوپڙي ڪڍي هـوءَ جيڪـي ٻـه محـاورا ۽ اصطلاح، چوڻيون ۽ پهاڪا ڪم آڻيـندي هئي، سـي نـوٽ ڪنـدو هـو.“ پروفيسر ملڪاڻيءَ جو پيءُ زميندار هو. پرمانند سـاڻس گڏجـي ٻنيـءَ تي ويندو هو ته اتي هارين نارين ۽ ڪمـدارن ڪاراون جـا گفتـا لکنـدو ويندو هو. اهڙي ريت سنڌ جو سفر ڪندي، سالن جي ڪشالن کان پوءِ هن پنهنجون ٻه مشهور سنڌي-انگريزي ۽ انگريزي-سـنڌي ڊڪشـنريون جوڙيون. پرمانند ميوارام ”جوت“ مخزن ۾ لکـڻ جـي شـروعات ڪئي. 1900ع کان ”جوت“ جو ايڊيٽر ٿيو ۽ ان کي پنهنجي وفات تـائين پــورا چاليهه سال چالو رکندو آيو. ”جوت“ هر ٻئين هفتي نڪرڻ واري ننڍڙي اخبار هئي، جنهن جا چار صفحا هوندا هئا. ٿورن صفحن هجڻ سبب ان ۾ چپجندڙ ليک به هميشه ننڍا هوندا هئا. ڪو به ليـک 2-3 صـفحن کـان وڏو نه هوندو هو، پرمانند ”جوت“ جو پرچو شايع ٿيڻ سان سويل صبح جو پيدل نڪري پوندو هـو ۽ متـن مـائٽن، يـارن، دوسـتن جـي گهـرن ۾ هٿئون هٿ پرچو پهچائي ايندو هو. ”جوت“ اصل ۾ عيسائي مذهب جي ڦهلاءَ لاءِ ڪڍي هئائين. ان ۾ اڪثر مضمون عيسائي اصولن ۽ شخصيتن تي لکيـل هونـدا هئا. ڪن ۾ ڪرسـتاني متـن تـي اُتسـاهه وچـان اُپٽـار ڪندي ڪڏهن هندو ڌرم جي اصولن تي تنقيد پڻ ڪنـدو هـو، پـر ان موضوع تي ايندڙ جواب پڻ کليءَ دل سان ڇپيندو هو. اهـڙي طـرح ڪيترن ڌرمـي مسـئلن جـي ”جـوت“ ۾ چنڊڇـاڻ ٿيـندي هئي. جـوت ۽ پرمانند ڄڻ هڪ ئي شخصيت جا ٻه نالا هئا. ماڻهو کيس پرمانند جــوت وارو سڏيندا هئا. هو ”جوت“ ۾ پاڻ ته لکندو ئي هو، پر نون لکندڙن کي به لکڻ لاءِ همٿائيندو هو. پريياس پيرو مل (ڪاڪي پيرو مـل مهـر چنـد جو پٽ)، پروفيسر نارائڻداس ملڪاڻي ۽ ديوان واڌو مل گنگـا رام جـا مضمون پهريـن ”جـوت“ ۾ شـايع ٿيـا، پـوءِ اهـي مشـهور ليکڪ ٿيـا. پرمانند پنهنجي نوجوان ماروٽ منگها رام ملڪاڻيءَ کـي بـه سـنڌيءَ ۾ لکڻ لاءِ همٿائيندو هو.

پرمانند ميوارام جو نثر بنيادي طرح سان ”صحافتي ادب“ جو نمونو آهي، جنهن جو مقصد هوندو آهي، ثوري ۾ ۽ جلد گهڻن پڙهندڙن تائين پنهنجي ڳالهه کي اثرائتي ڍنگ سان پهچائڻ. ان لحاظ کان پرمانند ميوارام کي سنڌيءَ جو اوائلي ڪالمسٽ پڻ چئي سگهجي ٿو. هن جا مضمون اڪثر ڪري ڌرمي، اخلاقي، تعليمي، سائنسي، تاريخي ۽ سماجي موضوعن تي لکيل هوندا هئا. تنهن کان سواءِ اعليٰ شخصيتن جون مختصر جيونيون به لکندو هو، سئر سفر جا دلچسپ بيان ڪندو هو. مزيدار ٽوٽڪن ۽ پرولين وسيلي سنڌي ادب ۾ جا مذاق جي کوٽ هئي، سا پوري ڪيائين. هن جن موضوعن تي مضمون لکيا، تن ۾ جيو-جنتو (پکي، نانگ، ڪوئل، ماڪوڙيون، جيت، ماکيءَ جي مک، پلو، ڪوريئڙو وغيره) تاريخي هنڌ، (برهمڻ آباد، ڪاهوءَ جو دڙو، دهليءَ ۾ بادشاهن جا محلات وغيره) شڪار (شڪار ڪندڙ پکي، مير علي مراد جو شڪار، ڪوريئڙو شڪار ڪيئن ٿو ڪري وغيره)، قدرت جا نظارا (سج، خلقت تي اسرار جو تاثير)، اخلاق سان واسطو رکندڙ موضوع (صبر، جتين جو سينگ، سچ-پڄ پاڇا، ڏيرج ۽ حليمائي، هٺ، خوشامد، ضمير وغيره)، شخصيتن تي (سر چارلس نيپئر، سر ٿامس مور، منشي آوتراءِ صاحبراءِ، مرزا جي رُويا وغيره)، جهنگ جو شئل شڪار، سارنگ ساوڻ لايا وغيره. پرمانند ميوارام جي ڪوشش اها ئي رهي ته هر مضمون مان سکيا ۽ سبق حاصل ڪرڻ جا نقطا ڳولي ڪڍي. ”جوت“ ۾ ڇپيل پرمانند جا ليک سهيڙي ڪتابي صورت ۾ ”گل ڦل“ جي نالي سان ڇپيا ويا. سندس ٻيو ڪتاب ”دل بهار“ آهي، ان ۾ به ”جوت“ مان ڪڍيون ڪيل وندرائيندڙ ۽ نصيحت پريون آکاڻيون ۽ ٽوٽڪا شامل آهن. پرمانند ميوارام ڏيتي ليتي جي مسئلي تي پهريون اصلوڪي آکاڻي ”لڇڻ وڏيڪ ڪين لڌا“ لکي هئي. ان کان گهڻو پوءِ هڪ سماجي آکاڻي ”هيري جي منڊي“ 1934ع ۾ خطن جي صورت ۾ لکيا هئائين. هن ”يوسف مصري“ جي نالي سان هڪ تاريخي ڪهاڻي پڻ لکي هئي.

اوائلي دور جي نثر نويسن ۾ پرمانند ميوارام ئي اهڙو نثر نويس آهي، جنهن ترجمن جي نسبت اصلي مضمون وڌيڪ انداز ۾ لکيا آهن ۽ هن جا مضمون چاهه ڏيندڙ آهن. پرمانند ميوارام 1938ع ۾ گذاري ويو. ڪائنس پوءِ سندس هڪ پوئلڳ ن.ف. ڪوتواڻي ڪراچيءَ مان ”جوت“ ڪڍڻ لڳو، جنهن جو 1946ع ۾ گولڊن جوبلي پرچو ڪڍيو ويو هو.

”جوت“ جي انهيءَ پرچي ۾ پيرو مل مهرچند پنهنجي مضمون ۾ پرمانند بابت لکيو ته ”سندس ليک اهڙا هئا، جهڙا ائڊيسن صاحب جا مضمون، جنهن ڪري کيس سنڌ جو ائڊيسن سڏي سگهجي ٿو.“

Posted by wahabsahito at 8:51 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

**FRIDAY, MARCH 11, 2011**

## آئين فقير - پروفيسر نذير احمد سومرو

پروفيسر نذير احمد سومرو

# آئين فقير

تيو هوش عقل حيران،
عشق ڪري آيو جُلبو جلدي ....
تيو هوش عقل حيران،

مٿيان پول چپن ۾ جهونگاريندو، سن ستر واري ڏهاڪي ۾ ضلعي لاڙڪاڻي جي مشهور شهر نئون ديرو ۾، هڪ قدآور، رنگ جو مشڪي، گهاٽيون نڊيون مڇون، گهاٽي وڏيل ڏاڙهي، نه پوري رکيل نه پوري ڪوڙيل، قبول صورت، وڏيون ڳالهائيندڙ اکيون؛ جن ۾ هلڪي نشي يا عشق جي خمار جو ٿهه چڙهيل، مٿي تي ريلوي گارڊ يا ٽڪيٽ چيڪر/اسٽيشن ماسٽر کان ورتل ڪانن مان ٺهيل خوبصورت ٽوپلو (جيڪو اڄ ريلوي جا ملازم به ڪونه ٿا پائين پر هندستان ۾ ۽ 60 واري ڏهاڪي تائين ريلوي جي انهن ملازمن کان سواءِ، ملڪ جا صدر. وزيراعظم. گورنر، سفير، وڏا بيوروڪريٽ، خانبهادر ٽائيپ زميندار، وڏيرا ۽ فلمي ادا ڪار شوقيه ۽ فيشن طور پائيندا هئا. ان ڪري ان ٽوپلي کي صاحبلوڪ ٽوپلو چيو ويندو هو)، بدن تي ڪڏهن گيڙو رنگ جو ۽ ڪڏهن ڪاري رنگ وارو عرب- ڪٽ ڊگهو گائون (جبو)، پيرين اگهاڙو، مُرن وت گهنگهرو ٻڌل، هڪ هٿ ۾ چپڙيون ۽ ٻئي ۾ يڪتارو، بازار ۾، هر دوڪان تان فقيراڻي ٻوليءَ ۾ سير ڪندو هو. نئون ديرو جي بازار ۾ ڪڏهن ڪڏهن نظر جي ور چڙهي ويندو هيو. سندس آواز ۾ اهڙو ڪو درد، سوز ۽ مٺاج شامل هيو جو جڏهن ڪنهن درويش، فقير، الله لوڪ

انسان، ڪنهن سنت ۽ ساڌوءَ يا ڪنهن جديد شاعر جا ٻول چپن ۾ جهونگاريندو هيو يا وڏي آواز ۾ آلاپ ڪڍندو هيو ته سندس جهونگار ۽ وڏي آواز ڪان متاثر ٿي راڳ رنگ جا متوالا ته پنهنجي جاءِ تي پر ڪي ڪنجوس ماڻهو به کيس ڪجهه نه ڪجهه ”دان“ ڏيندا هيا. هي فقير نئون ديرو ۾ ڪڏهن ڪڏهن ايندو هو. وري جو گم ٿئي ته مهينن جا پانڌ، نظر نه ايندو هيو.

« Read more

Posted by wahabsahito at 1:05 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو: علمي ۽ ادبي خدمتون

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو: علمي ۽ ادبي خدمتون

جامي چانڊيو

سنڌ ۾ ڪجهه ماڻهو اهڙا آهن، جن جي دانش ۽ ڪم جي پوريءَ طرح مڃتا نه ٿي آهي. سنڌ ۾ شين جي پرک، عقلي (Rational) ۽ علمي چنڊڇاڻ ۽ سندن جائز حيثيت جي تعين جي روايت اڃان پختي ناهي. تاريخ جو ڊگهو عرصو غلام، محڪوم، محروم ۽ ويڳاڻپ جو شڪار رهڻ ڪري عام طور جيڪي سماجي ۽ نفسياتي ڪمزوريون اهڙن معاشرن ۾ پيدا ٿينديون آهن، اُنهن جو شڪار اسين به ٿيا آهيون ۽ پنهنجن املهه ماڻڪن جو گهربل قدر نه ڪرڻ به اهڙين ڪمزورين مان هڪ آهي. ڊاڪٽر ٻوهيو جنهن سطح جو عالم، مفڪر ۽ اديب هو ۽ هن سڄي زندگي جن وڏن ۽ بنيادي موضوعن تي نهايت علميت ۽ گهرائيءَ سان سوچيو ۽ لکيو، جي اُهي اڄ به اسان جي سماجي، فڪري ۽ ادبي ايجنڊا تي گهربل اهميت سان سامهون اچن ته مان پنهنجي پوريءَ سنجيدگيءَ سان چوان ٿو ته سنڌي ادب ۽ سماج صحيح معنيٰ ۾ هڪ نئين دؤر ۾ داخل ٿي سگهي ٿو.

اڄوڪو جديد ۽ سائنسي طور زندگيءَ جي هر شعبي ۾ بلندين ڪي ڇُهندڙ يورپ رڳو اڄ کان ڪي پنج- ڇَهه صديون اڳ ڏرتيءَ جو هڪڙو اڻ سُڌريل، پست حال ۽ سماجي طور مذهبي تسلط سبب هڪڙو پوساتيل خِطو تصور ڪيو يندو هو ۽ اڄ ساڳيو يورپ سڄيءَ دنيا لاءِ ترقيءَ ۽ تحقيق جي حوالي سان هڪڙو مثالي خِطو تصور ڪيو وڃي ٿو. جي يورپ جي ان پستيءَ کان اڄوڪي اؤج جا بنيادي سبب معلوم

ڪبا ته واضح ٿيندو ته اهي يورپ جا غير معمولي علم ۾ دانش جا اڪابر ئي هئا، جن سمجهي ورتو هو ته جيستائين ڪو سماج اعليٰ ادراڪ ۾ سائنسي شعور سان نٿو سلهاڙجي، تيسين اهو زندگيءَ جي ڪنهن به شعبي ۾ اُسري نٿو سگهي. قومون، ملڪ ۾ معاشرا عوام سان ٺهندا ۾ سندن ئي جسماني ۾ ذهني پورهيي سان وڌندا ۾ سڌرندا آهن، ان ڪري جيستائين عوام کي تبديليءَ ۾ تغير جو شعور نٿو ڏجي، تيسين تبدليين جا سپنا ساپيائن کي پُڄي نه سگهندا. سنڌ ۾ ادبي نشاط الثانيه (Renaissance) جي شعور جو جيڪو ٻج هن صديءَ جي شروعات ۾ مرزا قليچ بيگ پوکيو هو، تنهن جي آبياري عقلي استدلال ۾ شعور سان پنجاهه ۾ سَٺِ جي ڏهاڪن ۾ حيدر بخش جتوئي، جي. ايم. سيد، محمد ابراهيم جويي، رسول بخش پليجي، شيخ اياز، مولانا گراميءَ، ڏيپلائيءَ ۾ ٻين ڪئي. آبياري چا ڪئي، بلڪه مان ته چوندس ته سنڌ ۾ فڪري طور نئين ۾ سائنسي سجاڳيءَ جا بنياد ئي هنن وڌا. هنن جي خوابن ۾ جيڪا سنڌ هئي، اها غلام، جاگيرداري ۾ وڏير ڪي سرشتي جي سنگهرن ۾ قاتل ۾ عملي پسماندگيءَ جي شڪار نه پر هڪ آزاد، باوقار، دنيا جي سڀ کان اڳتي وڌيل سماجي، سياسي ۾ سائنسي شعور سان سلهاڙيل هڪ جديد سنڌ هئي. هڪ اهڙي سنڌ، جنهن کي هڪ دفعو وري انسان جي تهذيبي اِتهاس جي ارتقا جي سفر ۾ سيبتو ۾ سُونهون ڪردار ادا ڪرڻو هو. سنڌ ۾ علم ادب جي ميدان ۾ جنهن ”نئين سجاڳيءَ“ يعني Renaissance جا بنياد اُنهن ڏاهن وڌا ان کي اڳتي هلي جن مڻيادار مڙس ۾ ڏاهن علم ادب جي ميدان تي بلوغت تي رسايو، اُنهن ۾ سنڌ جو قابلِ فخر فرزند ۾ ڏاهو انسان ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو به هو.

منهنجي خوشبختي چئجي جو مون کي زندگيءَ ۾ ڊاڪٽر ٻوهيي جهڙي ڏاهي ۾ صاحبِ علم و ادراڪ انسان سان ويجهو رهڻ جو گهڻو موقعو مليو. ڊاڪٽر ٻوهيو هونئن ته اسان جي ارد گرد لکين ۾ ڪروڙين انسانن جهڙو انسان هو ۾ يقينن انسان هئڻ جي ناتي منجهس ڪمزوريون به رهيون هونديون، پر جيڪي ماڻهو کيس زندگيءَ ۾ ويجها رهيا، اُنهن کي خبر آهي ته هو ڪا ٻي شيءِ هو. منهنجي خيال ۾ سنڌ ويجهي ماضيءَ ۾ علم ادب جي دنيا ۾ جيڪي چند وڏا ذهين ۾ ڏاها انسان پيدا ڪيا، ڊاڪٽر ٻوهيو اُنهن ۾ به پنهنجي هڪ خاص حيثيت رکي ٿو. هو مزاجن پس منظر ۾ رهڻ وارو شخص هو، ان ڪري هن جون

انيڪ صلاحيتون ۽ ڏاهپ سماجي سطح تي گهٽ و اُڀري نه سگهيون. ان هوندي به هن جو علمي ۽ فڪري پورهيو زمانن تائين اسان جي رهبري ڪندو رهندو. ماڻهن علم سان عشق جي ڳالهه ڪُڏي هوندي، ڪتابن ۾ پڙهي هوندي پر مون علم سان عشق، ڊاڪٽر ٻوهيي جي صورت ۾ اکين سان ڏٺو. هو علم جي حوالي سان سراپا عشق هو ۽ اُهو جنون ئي هو، جيڪو کيس ايترو اڳتي وٺي آيو، جو هڪ هاريءَ جي غريب، بي پهچ ۽ ننڍڪڙي ٻار مان هو ڊاڪٽر ٻوهيو ٿي ويو.
مان بنيادي طور سائنس ۽ فلسفي جو شاگرد آهيان ۽ سائنس جي پنهنجي هڪ اخلاقيات ٿئي ٿي، جنهن جو هڪ بنيادي اُصول ۽ ضابطو اِهو آهي ته ڪنهن به ڳالهه جي ڇنڊڇاڻ ۽ تَڪَ تور وقت اجائي وڌاءَ کان ڪم نه وٺجي، ٻيءَ صورت ۾ حاصل ڪيل نتيجن جي ڪابه وقعت ۽ وَرٿ نه ٿي رهي. ان تناظر ۾ جڏهن لاڙڪاڻي ضلعي جي پيچُوهن جي ڳوٺ ۾، محمد علي ٻوهيي نالي هڪ غريب هاريءَ جي گهر ۾ جنم وٺندڙ، غربت، محرومين ۽ اهنجن ۾ ٻالڪپڻ گذاريندڙ، وڏن وڏن تعليمي ادارن تائين پهچڻ جو تصور به نه ڪري سگهندڙ، ه ڪڙو ڳوٺاڻو ٻار- جڏهن اڳتي هلي پنهنجي دؤر جو وڏو سوشل سائنٽسٽ، اعلـ ٰي پايي جو دانشور ۽ اديب يعني ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو ٿي پوي ته پوءِ سندس وڏائي ايئن ثابت ٿي پوي ٿي جيئن سج پنهنجي اُڀرڻ سان پنهنجين ثابتين جو سامان پاڻ سان کڻي ايندو آهي. جيتوڻيڪ ڊاڪٽر ٻوهيي جا ڪتاب هن جي عميق علميت جي پوريءَ طرح اِحاطو نه ٿا ڪري سگهن، جو اُهي موضوع ته صرف هن جي اوليت هئا، جن کي هن سنڌ جي ماڻهن تائين رسائڻ بنهه ضروري ٿي سمجهيو پر هن جي موضوعن جي چونڊ مان ئي پتو پئجي ويندو ته هو علمي خيال کان ڪيتري نه وسيع ذهن ۽ سوچ جو ڌڻي هو.
غلام ۽ پسمانده معاشرن جي هڪ ڪمزوري اها به آهي ته اُهي پنهنجن غير معمولي انسانن جي صلاحيتن جو لاڀُ پوريءَ طرح حاصل نه ڪري سگهندا آهن. ٻوهيي صاحب سان به ايئن ٿيو ۽ اسين هن جهڙي مفڪر ۽ دانشور جي علميت ۽ تخليقي صلاحيتن مان پوريءَ طرح فائدو حاصل نه ڪري سگهياسين. ٻوهيو صاحب جيتوڻيڪ هڪ اديب ۽ قلمڪار هو پر منهنجيءَ نظر ۾ بنيادي طور هو هڪ وڏو سماجي سائنسدان ۽ عمرانيات جو ماهر (Social Anthropologist) هو. اها ڳالهه مان اڪثر کيس روبرو به چوندو

ڪوبه جيستائين هو: ”ڪوبه اديب ۽ هو بي اختيار ڪِلي پوندو هو ۽ چوندو هو: ”جيستائين ڪوبه اديب پنهنجي سوچ، فڪر ۽ روين ۾ سوشل سائنٽسٽ ناهي، تيسين هو ڪو وڏو ادب تخليق نه ٿو ڪري سگهي. ظاهر آهي ته اديب سماج لاءِ لکي ٿو، سماج اديب جو آڊينس آهي ۽ جيڪڏهن اديب کي سماج جو گهرو شعور ۽ ادراڪ نه هوندو، تيسين هو ڪابه غير معمولي ڳالهه چئي ۽ لکي نه ٿو سگهي. ان ڪري اديب لاءِ عمرانيات جو شعور لازمي آهي.“ ٻوهيي صاحب جو سماجي سائنسن جو مطالعو به نهايت وسيع هو. سماجيات، تاريخ، سياسي-معاشيات، فلسفو ۽ علمِ تنقيد هن جا خاص موضوع هئا. اهو ئي سبب آهي جو هو جڏهن سماج بابت لکندو يا ڳالهائيندو هو ته وڏيءَ گِهرائيءَ، ڏور رس نگاهه ۽ Vision سان ڳالهائيندو هو.

هو پهريون ماڻهو هو جنهن سنڌي ادب ۾ ٻوليءَ جي سوال تي خالص سائنسي ۽ سمجاياتي لحاظ کان قلم کنيو. نه رڳو ايترو پر ٻوليءَ سان گڏ ادب توڙي فڪر کي به عمرانيات جي تناظر ۾ سمجهڻ ۽ پرکڻ تي زور ڏنو. هن چاتو ٿي ته سنڌ علمي پسماندگين ۽ جهالتن جي ڏٻڻ ۾ ڦاٿل ۽ انيڪ دائرن ۾ قيد سماج آهي. اديب، دانشور ۽ قلم ڪارِ جيڪي سماج ۾ قدرن، تصورن ۽ تفڪر جا سُونهان هوندا آهن، جي اُهي به گِهري سماجياتي شعور کان وانجهيل هوندا، ته پوءِ اها تبديلي محض هڪ خواب بڻجي ويندي ۽ ساڀيان جي اُن سطح تائين هرگز رَسي ڪين سگهندي، جيڪا قومن ۽ معاشرن جون تقديرون بدلائي ڇڏيندي آهي.

1960-70ع جي ڏهاڪي ۾ سنڌي ادب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بڻياد بابت گهڻا بحث ڇڙيا، جنهن ۾ خاص طور ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ سراج الحق ميمڻ صاحب حصو پتي ورتو پر اهو بحث سائنسيت سان اڳتي وڌي ڪنهن نتيجي تي نه پهتو. اُن زماني ۾ جنهن شخص ٻوليءَ جي سوال کي تخليقي انداز سان سماجياتي پس منظر ۾ وڏيءَ گِهرائيءَ ۽ علميت سان کنيو ۽ ان کي ڪنهن نتيجه خيز هنڌ تائين پهچايو ته اهو ڊاڪٽر ٻوهيو هو. هن ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“ جي عنوان سان ان وضوع تي هڪ ٿيسز لکي، جنهن کي سنڌ يونيورسٽيءَ پاران ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ڏني وئي. ٻوليءَ جي سماجي ڪردار ۽ ڪارج جي سوال تي سائنسيت سان ايڏو تخليقي ڪم نه رڳو سنڌ ۽ سنڌي پر اردو ادب ۾ به مون کي نظر نه

آيو آهي. پنهنجي ان ٿيسز ۾ ڊاڪٽر ٻوهيي سماج، ٻوليءَ ۽ ڪلچر جي پاڻ ۾ تعلق کي عمرانيات جي لحاظ کان واضح ڪري، سنڌي ٻولي، ادب ۽ ان جي سماجي افاديت توڙي ڪارج بابت پنهنجا عالماڻا ويچار پيش ڪيا. پنهنجي ٿيسز بابت هو پاڻ لکي ٿو ته:

”اسان سڀ سنڌي ٻوليءَ جي انهيءَ دنيا يعني سماج ۾ رهون ٿا، جيڪو ٻوليءَ سان گڏ ۽ ان جي ئي حدن اندر لڳاتار بدلجندو رهي ٿو ۽ ترقي ڪندو رهي ٿو. هونئن به انساني بنيادن جي تخليقي تهذيب (Creative Civilization) ۾ ٻولي بدلجندڙ ۽ هميشه تيار ۽ مستعد طاقت جيان ڪم ڪندي آهي. ٻوليءَ جو هيءُ ارتقائي ۽ حياتياتي پهلو (Biological Aspect) ٻوليءَ جي ڪارج کي سماج جي ارتقا ۽ حياتيات سان لاڳاپي ۾ آڻي ٿو.“

هنن خاص ڳالهين مان معلوم ٿئي ٿو ته ٻوليءَ جو اڀياس هاڻي سماجيات (Sociology)، حياتيات (Biology)، نفسيات (Psychology)، سماجي نفسيات (Social Psychology)، ۽ انسانيات (Anthropology) جهڙن علمن جي اُصولن پٽاندر ڪرڻو پوندو. ايئن علمِ ڪلچر (Culturology) به ٻوليءَ جي مامرن سان واسطو رکي ٿو. اهڙيءَ ريت ٻوليءَ جي علم جي حيثيت هڪ اهڙي علم جهڙي ثابت ٿئي ٿي، جيڪو سڀني عمراني علمن سان تعلق رکي ٿو ۽ جنهن ۾ هنن سڀني علمن جي اُصولن جو استعمال ٿي سگهي ٿو.

ٻوليءَ جو اڀياس هاڻي سماجي نفسيات جو هڪ اهم موضوع بڻجي ويو آهي. هارس گنز برگ لکي ٿو ته: ”سماجي نفسيات جو ڪم آهي سماج جي سچيءَ زندگيءَ جو هڪ تجزيو ڪرڻ، ۽ اهو علمي تجزيو ٻوليءَ، آرٽ، مذهب ۽ گڏيل ڪارڪردگيءَ جي مدد سان ئي ڪري ٿو سگهجي.“ (The Psychology of Society P.IX) اهڙيءَ ريت ”وليهيم ونٽ“ جنهن کي جرمنيءَ ۾ سماجي نفسيات جو پرچارڪ مڃيو ويندو آهي، تنهن جو چوڻ آهي ته، ”سماجي نفسيات جو تعلق سماج ۾ رهندڙ ماڻهن جي انهيءَ دماغي پيداوار سان آهي، جنهن کي اسان ٻوليءَ، مِٿ (Myth) ۽ رواج ۾ ڏسي ٿا سگهون. ٻوليءَ جي سماجي حيثيت جو تعلق وچي ٿو ”هيگل“ جي انهيءَ تحريڪ سان قائم ٿئي، جنهن کي لوڪ روح (Volkgeist of Folk Soul) جو تصور ڪوٺيو ويو آهي، هن تصور مان بعد ۾ ڪُلياتي روح (World

Soul) جو تصور پيدا ٿيو. ”هيگل جي هيءَ تحريڪ اسان لاءِ ڏاڍي اهمآهي، ڇو ته ان مان اسان کي قوم جو اهو روحاني تصور ملي ٿو، جنهن کي اسان ادب، آرٽ، قانون، ٻوليءَ، مِٿ ۽ رواج ۾ ڳولي سگهون ٿا. هيگل جي انهيءَ تصور تي مشهور عالم صاو بنيءَ (Svigny) پنهنجي انهيءَ اُصول جو بنياد رکيو، جنهن کي بعد ۾ ”قانون جو تاريخي اُصول“ چيو ويو آهي. ("The Psychology of Society" PP 8-9)

ان مان خبر پوي ٿي ته گهٽ ۾ گهٽ هيگل کان وٺي اڄ تائين علمي دنيا ۾ اهو تصور قائم رهندو آيو آهي ته ٻوليءَ جو مامرو، هڪڙو سماجي مامرو آهي ۽ ٻوليءَ جو اڀياس سماجي نفسيات ۽ ٻين سماجي علمن جي مدد سان ئي ڪرڻ گهرجي.

3- اهي ئي ڳالهيون آهن جن مان معلوم ٿئي ٿو ته ٻوليءَ جي باري ۾ اسان جي ڪيل تحقيق جيڪا گهڻو ڪري صوتيات (Phonetics)، علم لغت (Lexicography) ۽ تاريخي علم زبان (Comparative Linguistics) جي ميدانن تي ٿي آهي، سا ڪافي نه آهي. بيشڪ هڪڙو دؤر ٻوليءَ جي تحقيق جي انهن مقصدن جو متقاضي به هو. ان دؤر ۾ ٻوليءَ جي باري ۾ ڪي بنيادي ڳالهيون معلوم ڪرڻيون هيون. وري ان وقت علم جي ترقيءَ جي خيال کان رڳو علمي تجسس به وڏي ۽ اهم ڳالهه هئي، پر اهو دؤر اسان جي ڏسندي ڏسندي گذري ويو. خود ان دؤر ۾ به مئڪس ميولر (Max Muller) جهڙي عالم جي قلم مان اسان کي خبر پوي ٿي ته ”جڏهن آئون چوان ٿو ته ڪي ماڻهو آريا آهن تڏهن آئون رڳو ايترو ٿو مڃان ته ڪي ماڻهو آريائي ٻوليون ڳالهائين ٿا.“ اهڙيءَ ريت اسان جي ٻولي به اسان کي اسان جو سماجي تشخص (Social Personality) بخشي ٿي. اسان جي ٻولي اسان جي گڏيل منت (Collective Mind) جي ڪهاڻي آهي. اها ڪهاڻي اسان ماڻهن جي، اسان جي سماجي ادارن جي، ۽ اسان جي گڏيل ڪلچري ڪارڪردگيءَ جي هڪ تاريخ آهي. اهڙيءَ ريت، جهڙيءَ ريت ٻولي اسان جي تاريخ آهي، اسان جي ٻولي:

(1) اسان کي پنهنجا ڏئي ٿي،

(2) اسان جو ماحول ۽ دائرو مقرر ڪري ٿي،

(3) اسان کي پنهنجو ماضي ۽ حال سمجهائي ٿي،
(4) اسان جي فهم ۽ ”وهم“ جو دائرو مقرر ڪري ٿي ۽
(5) اسان کي اسان جي بنيادي نظرين ۽ خيالن، رسمن ۽ رواجن جو هڪ رڪارڊ پيش ڪري رهي آهي.
4- هن قسم جون حقيقتون هاڻي اها تقاضا ڪري رهيون آهن ته ٻوليءَ جي باري ۾ تحقيق جي مقصدن کي نئين‌ءَ طرح مرتب ڪجي ۽ هاڻي ٻوليءَ جي وڌيڪ تحقيق ٻوليءَ جي باري ۾ حاصل ٿيندڙ نئين معلومات جي روشنيءَ ۾ ڪجي ۽ اهڙيءَ ريت ۽ انهيءَ مقصد سان ڪجي ته ٻوليءَ کي انسان جي بهتريءَ، سماجن جي ترقيءَ، فردن جي افرادي قوت، ۽ قومن جي آسودگيءَ جي مقصدن جي لاءِ ڪم آڻي سگهجي.)
5- هن تحقيق جو موضوع- ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“- سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ ته هڪ نئين مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ نئين تحقيق جو بنياد رکي رهيو آهي پر عام طور تي ٻوليءَ جي باري ۾ هيءُ موضوع اسان کي ڪو نئون نظريو ڪونه ٿو ڏئي. بنيادي طور تي بحث هيٺ ايندڙ ڳالهه اها نه آهي ته ٻوليءَ جو ڪو سماجي ڪارج ٿيندو آهي يا نه. اها ڳالهه هاڻي دنيا جي سڀني عالمن وٽ مڃيل آهي ته ٻولين جو هرڪو ڪارج هڪ سماجي ڪارج آهي، پر جدا جدا سماجن جون تقاضائون، اخلاقي قدر، معيار، سياسي ۽ سماجي رجحان ۽ ادبي مقصد ۽ لاڙا جدا جدا ٿين ٿا. ان ڪري هر سماج جي ٻوليءَ جو ڪردار به نرالو ۽ جدا جدا ٿئي ٿو. ان ڪري اسان جي سامهون به سوال رڳو اهو آهي ته سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج ڪهڙو آهي. ٻين لفظن ۾ هيءَ تحقيق انهيءَ مقصد تحت ٿي رهي اهي ته اسان معلوم ڪريون ته سنڌي ٻوليءَ جي اڀياس مان اسان پنهنجي سماج جي نفسيات، معاش، اقتصاد، سياست، تاريخ، حياتيات، مذهبي عقيدي ۽ ڏاهپ جي باري ۾ ڪهڙو رايو قائم ڪري ٿا سگهون. سماجي لسانيات جي مڃيل اُصولن مطابق هن قسم جو اڀياس اهو آهي جنهن کي بياني سماجي لسانيات (Descriptive Socio-linguistics) ٿو چئجي.“
”8- هن طرح هيءَ تحقيق انهن مقصدن کي حاصل ڪرڻ جي هڪ ڪوشش آهي ته:
(1) سنڌي سماج جي اڀياس ڪرڻ ۾ هڪ طريقو ڳولي لهجي.

(2) اهو معلوم ڪجي ته سنڌي سماج، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ڪلچر جو پاڻ ۾ ڪهڙو سبنڌ آهي.
(3) اهو معلوم ڪجي ته سنڌي ٻولي، پنهنجي ادب جي معرفت اهڙو ڪهڙو سماجي ڪردار ادا ڪري رهي آهي، (4) جنهن مان خود سنڌي سماج جي مزاج ۽ مسئلن جو اپياس ڪري ثو سگهجي.
(5) عام رواجي سنڌي ٻوليءَ جو اهو ڪهڙو طريقو آهي، جنهن مان اسان جي سماج جي ڪن اهم اظهارن جي (6) پورائي ٿئي ٿي، ۽ ٻولي اها ضرورت ڪهڙيءَ ريت پوري ڪري رهي آهي؟
(6) ٻوليءَ جي وڏي مفهوم جي خيال کان سنڌي سماج ۾ اشارن جي ٻوليائي حيثيت ڪهڙي آهي ۽ انهن جو سماجي ڪردار ۽ ڪارج ڪهڙو آهي.
(7) ”علم معنيٰ“ ۽ ”علم علامت“ جي خيال کان سنڌي ٻوليءَ جي اپياس ڪرڻ مان اسان کي ڇا ٿو معلوم ٿئي، ۽ ان اپياس مان اسان جي سماج جا ڪهڙا پهلو روشن ٿين ٿا، ۽
سنڌيٻوليءَ ۾ معنيٰ جون ابتدائي صورتون ڪهڙيون آهن.“
هاڻي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ڊاڪٽر ٻوهيي جيڪو ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“ جي موضوع تي تحقيقي ڪم هٿ ۾ کنيو هو، ان جو فڪري تناظر ڪيڏو نه وسيع هو ۽ هن ٻوليءَ جي سماجي ڪردار ۽ ڪارج کي اُجاگر ڪري دراصل ڇا ٿي واضح ۽ ثابت ڪرڻ گهريو. سڀ کان وڏي اهم ڳالهه ته هن وٽ تحقيق جو تصور ڪيڏو نه وسيع، سنجيده ۽ تخليق هو. نه رڳو اهو پر تحقيق جي ميدان ۾ به هو اڪيلو شخص آهي، جنهن جديد سائنسي معيارن موجب تحقيق جي علم ۽ طريقه ڪار (Methodology) کي واضح ڪيو ۽ ”علمِ تحقيق“ نالي هڪ الڳ ڪتاب لکيو. ڊاڪٽر ٻوهيي جي اها خوبي هئي جو هو جنهن به موضوع جي بنيادي اهميت کي سمجهندو هو يا ان تي لکندو هو ته سڀ کان پهرين ان جي علمي بنيادن کي واضح ڪندو هو ۽ اهو ئي هڪ سچي اسڪالر جو ڪم آهي ته اهو جنهن به شعبي ۾ مهارت رکي ۽ ان کي سماج لاءِ ڪارائتو سمجهي. اُن حوالي سان پنهنجي ٻوليءَ، ادب توڙي سماج کي هڪڙا بنياد به فراهم ڪري.
ڊاڪٽر ٻوهيي پنهنجي هڪ انٽرويوءَ ۾ پاڻ بابت چيو هو ته: ”مان هڪ مشڪل پسند ماڻهو رهيو آهيان.“ منهنجي ليال ۾ هن جي علمي ڪاميابين جو سڄو راز ان هڪ جملي ۾ اچي وڃي ٿو. دنيا جي وڏن

ماڻھن جون آتم ڪٿائون پڙھڻ منھنجو من پسند موضوع رھيو آھي ۽ مون چاتو آھي ته زندگيءَ جي سمورن شعبن ۾ وڏا ڪارناما اُنھن ماڻھن پئي سرانجام ڏنا آھن، جيڪي هميشه مشڪل پسند رھيا آھن، سھل پسند ماڻھو ذھني طور ڪمزور ھوندا آھن. سھل پسنديءَ مان منھنجي مُراد جسماني نه پر ذھني ۽ روحاني سھل پسندي آھي. مشڪل پسند ماڻھو بھادر ھوندا آھن ۽ ذھني طرح بھادر ماڻھو ئي وڏا ۽ غير معمولي ڪم ڪري سگھندا آھن. ڊاڪٽر ڀوھيو به ذھني طرح ھڪ بھادر ۽ مشڪل پسند ماڻھو ھو. علم جي اخلاقيات ۽ قدرن جي نظام (System of Values) ۾ بھادريءَ جا تصور اُھي ناھن جيڪي اسان جي مروج سطحي ۽ پست سماجي نظام جا مقرر ۽ متعين ڪيل آھن. سنڌي سماج ۾ وڏن ماڻھن جي پرک جي باري ۾ به اسان کي پنھنجا روايتي قدر ۽ ماپا تبديل ڪرڻا پوندا. ڀوھيو صاحب چا ڪاڻ ته طبعن ھڪ مشڪل پسند ۽ ذھني طرح بيحد پختو ۽ وڏو ماڻھو ھو، اُن ڪري ھن ادب جي ميدان ۾ به پنھنجو بنيادي موضوع تحقيق ۽ تنقيد کي ٻڻايو. اھا ٻي ڳالھه آھي ته ھو نه رڳو ھڪ تخليقڪار ھو پر تنقيد ۽ تحقيقي ۾ به ھو ھڪ تخليقي نقاد ۽ محقق رھيو. تلخيقيت جا معيار ۽ تصور اسان وٽ ڏاڍا سطحي ۽ پس مانده رھيا آھن. اسان وٽ عام طور تخليقيت کي ادب جي مخصوص صنفن سان مشروط ڪيو ويندو آھي. جڏھن ته حقيقت ۾ تخليقيت فقط صنف ۽ فارم جو نه پر Content جو سوال آھي. انسان جي تھذيبي ۽ ذھني اؤسر جي تاريخ ۾ قدرن، تصورن ۽ تفڪر جي تخليق کي سڀ کان اُتم ۽ مٿانھون درجو ڏنو ويندو آھي، پوءِ چاھي ان جو اظھار ڪھڙي به صنف ۽ فارم ۾ ٿئي. ادب ۾ به گِھرائي،وُسعت ۽ حُسناڪي تڏھن ٿي اچي، جڏھن ان جا ڪي علمي، فڪري ۽ گِھرا احساساتي بنياد ھوندا. ڊاڪٽر ڀوھيو چاڪاڻ ته ھڪ سوشل سائنٽسٽ ۽ دانشور اديب ھو، ان ڪري ھن سمجھيو ٿي ته جيسين دنيا جي سمورن فڪري ڌارائن کي سنڌي ادب ۾ In-roads (اچڻ جا لنگھه) نه ڏبا ۽ سنڌي ادب کي فڪري طرح دنيا جو سجاڳ ۽ فلسفياڻو شعور رکندڙ ادب نه ٻڻائبو، تيسين سان جو ادب پنھنجي سماج لاءِ ڪنھن به وڏي تبديليءَ ۽ رھبريءَ جو سبب نه ٻڻبو. ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“ جي موضوع تي ھن جي ريسرچ جو مُحرڪ به اِھو ھو. تنقيد جي ميدان ۾ به ھن جي ڪم جو مُحرڪ ساڳيو ھو. ا چوڪي اُسريل دنيا ۾ علم جي ھر شعبي جي درجه بندي

بنيادي طور ٻن شعبن ۾ ڪئي ويندي آهي، يعني هڪ ان جو خالص نظرياتي يا علمي پاسو (Theoretical) ۽ ٻيو ان جو اطلاقي يا عملي (Applied) پاسو. اهڙيءَ طرح تنقيد کي ٻه ھاڻي ٻين Disciplines وانگر ساڳين ٻن حصن ۾ ورهايو وڃي ٿو ۽ اُهي آهن:

1. علمِ تنقيد
2. فنِ تنقيد

اهڙيءَ طرح پهرين موضوع جو تعلق تنقيد جي علمي يا نظرياتي پاسي سان آهي، جنهن جو ڪم تنقيد ڪرڻ جي علم، ان جي نظام ۽ اُصولن کي واضح ڪرڻ آهي. جڏهن ته ٻئي موضوع جو تعلق تنقيد جي اِطلاقي پاسي سان آهي، جنهن جو مطلب آهي ته علمِ تنقيد جي اُصول جي بنياد تي تنقيد ڪرڻ جي فن کي واضح ڪرڻ يا خود، تنقيد ڪرڻ. ڊاڪٽر ٻوهيي گھڻو ڌيان تنقيد جي علمي ۽ نظرياتي پاسي تي ڏنو. ان جو سبب هيءُ به ٿي سگھي ٿو، جو هن کان اڳ جيتوڻيڪ تنقيد ڪئي ته ويندي هئي ۽ سنڌ جي ڌاڪي ۾ ”مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رُجحانات“ (مولانا گرامي) توڙي ”انڌا اونڌا ويچ“) رسول بخش پليجو) جهڙا شاهڪار تنقيدي مقالا لکجي چڪا هئا پر ادب ۾ تنقيد جو ڊسيپلين پوريءَ طرح واضح نه هو ته ان جا ڪهڙا اُصول آهن ۽ دنيا ۾ تنقيد بابت گھڻا نظريا- سامهون اچي چڪا آهن؟ تنقيد جي علم ۽ فن ۾ ڪهڙو فرق آهي ۽ اهي ٻئي شعبا هڪ ئي شعبي جون ڌارائون هئڻ باوجود الڳ الڳ شعبا ڪيئن آهن؟ چاڪاڻ ته قبلِ مسيح جي يوناني مفڪر ارسطوءَ کان وٺي ويندي ٽين صدي عيسويءَ جي لانجائينس تائين ۽ طلپ سڊنيءَ کان وٺي ويندي ڊرائيڊن ۽ ڊاڪٽر جانسن تائين، ورڊس ورٿ، ڪولرج، ڪارل مارڪس، ميٿيو آرنالڊ، ارزاپائونڊ ۽ آءِ اي رچرڊس کان وٺي ويندي ويهين صديءَ جي ٽي ايس ايليٽ ۽ ولاديمير ايلچ لينن تائين تنقيد جي علم ۽ فن، ادب ۽ فلسفي جي دنيائن ۾ وڏو سفر طئي ڪيو آهي.

ڊاڪٽر ٻوهيي جو اهو پختو خيال هو ته جيستائين علم، فن ۽ فڪر جي ان سچي سفر کي سنڌ ۾ متعارف نه ٿو ڪرايو وڃي، تيسين سنڌي ادب ۾ اُها وسعت نه ايندي، جيڪا نه رڳو اسان جي عوام جي رهبري ڪري پر سنڌ کي ايندڙ زمانن ڏانهن به چيچ کان وٺي جهلي اڳتي وٺي وڃي سگھي. اِهي ئي آدرش هئا، جيڪي ساڻ کڻي ڊاڪٽر ٻوهيي سنڌي ادب ۾ تنقيد کي هڪ علمي شعبي طور اڳتي آندو ۽ اُن ۾

وڏو ڪم ڪيو. هن جو ڪتاب ”تنقيدون“ (انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي طرفان شايع ٿيل) ان حوالي سان هڪ اهم ڪتاب آهي، جنهن ۾ هن نه رڳو تنقيد جي علم ۽ فن جي تاريخ تي لکيو آهي پر ادب جي نظرياتي، اخلاقياتي، مذهبي، نفسياتي، جمالياتي، سماجياتي، افادياتي، عملي، داخلي ۽ ”نئين تنقيد“ جهڙن موضوعن تي ڌار ڌار ۽ تقابلي انداز سان لکي ”علمِ تنقيد“ جي لڳ ڀڳ سمورين ڌارائن کي واضح ڪيو ته ادب جو تنقيدي اڀياس ايترن گھڻن رُخن کان به ڪري سگھجي ٿو، جنهن مان اِها ڳالهه به ثابت ٿئي ٿي ته ادب تي ايترن گھڻن رُخن کان ٿڌهن ئي تنقيد ٿي سگھجي ٿي، جڏهن ان جي موضوعن جو دائرو به ايترو وسيع ۽ همه گير هجي.
افسوس جو اجا تائين اسان جي ڪنهن به اديب ۽ نقاد ”علمِ تنقيد“ جي انهن سمورن نظرين کي سامهون رکي سنڌي ادب جو وسيع مطالعو پيش نه ڪيو آهي. ٻيو ته ٺهيو پر سنڌي ادب جي ڪا معياري تاريخ اڄ تائين لکي نه وئي آهي، جي ڪا مختصر تاريخ لکي به وئي آهي ته اُها به محض نصابي سطح جي. ان جو سبب به منهنجي خيال ۾ اهو آهي ته ڪابه تاريخ لکڻ اجوڪي دؤر ۾ خود هڪ ”نظامِ علم“ آهي، جنهن کي غلمِ تاريخ“ به چئجي ٿو، يعني تاريخ لکڻ جو علم ۽ اُن جا اُصول. جڏهن ادبي تاريخ لکڻ جا بنيادي اُصول ئي واضح نه هوندا ته ڪا معياري تاريخ ڪيئن لکبي؟ ڊاڪٽر ٻوهيو پهريون عالم ۽ اديب هو، جنهن ”سنڌي ادبي تاريخ لکڻ جا اُصول“، ”سنڌي ادب جي تاريخ ۽ ان جا مسئلا“ ۽ ”تاريخي واقعيت جو نظريو“ جهڙا مضمون ۽ مقالا لکي واضح ڪيو ته ڪا معياري ادبي تاريخ لکڻ جا اُصول ۽ معيار ڪهڙا آهن؟ اهڙيءَ طرح اسان وٽ ادب ۾ خاص طور شاعريءَ جي پرک جا معيار به واضح نه رهيا آهن ۽ اهو ڪم به سنڌي ادب ۾ ڊاڪٽر ٻوهيي ڪيو. هن ”شعر جي اڀياس جا نوان طريقا“ جي عنوان سان هڪ شاهڪار مقالو لکي واضح ڪيو ته عظيم شاعري توڙي عمومي شاعريءَ جو اڀياس ڪيئن ڪجي؟ عمرانياتي، تاريخي، فطري ۽ فڪري پس منظر، ڪرداريت، قدرن، تصورن ۽ ٻوليءَ جي نسبت سان لکيل اهو عالماڻو مقالو شعر ۽ ادب جي اڀياس لاءِ نوان گسَ ۽ اُصول متعين ڪري ٿو. ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو لکيل ڪتاب ”شاهه لطيف جي شاعري“ دراصل انهن ئي Outlines تي لکيل اڀياسي ڪتاب آهي ۽ ايئن ئي ڪو اديب يا نقاد شيخ اياز بابت لکي ته اياز جي

شاعريءَ جي صحيح ۽ معياري چنڊ ڇاڻ ۾ مطالعو سامهون اچي سگهي ٿو. ان ڏس ۾ ابتدائي قدم مرحوم امير علي چانڊيو کڻي چڪو آهي.
ڪنهن زماني ۾ ادب کي به علم سمجهيو ويندو هو ۽ اهڙيءَ طرح علم کي به ادب جي زمري ۾ آندو ويندو هو، جيئن عام طور ”علم ادب“ جو اصطلاح استعمال ڪيو ويندو آهي پر ڇاڪاڻ ته هيءُ درجه بنديءَ جو دؤر آهي، اُن ڪري هر شعبي کي پنهنجي مزاج جي حساب سان الڳ الڳ درجابنديءَ ۾ ورهايو وڃي ٿو. اڄ دنيا جا سمورا عالم، علم ۽ ادب کي به ڌار ڌار شعبا تسليم ڪن ٿا، پر هڪڙي ڳالهه تي سڀ متفق آهن، ته علم ۽ ادب جو پاڻ ۾ تعلق ايئن آهي جيئن دماغ جو ڏاهپ سان. فلسفي ۾ نظريه علم ( Epistemology – Theory of Knowledge) جا شاگرد ڄاڻن ٿا ته پهرين تصور وجود ۾ اچن ٿا ۽ اُهي بلوغت تي پهچي ڪنهن فڪر يا نظريي جو روپ وٺن ٿا ۽ جڏهن خود اهو فڪر اُسري ڪو نظامِ فڪر (System of Thought) ٺجي ٿو ته اهو علم بڻجيو پوي ۽ جيڪڏهن ان علم جا بنياد خالص عقلي ۽ تجرباتي آهن ته ان کي ”سائنسي علم“ چيو وڃي ٿو. ان ڪري نه رڳو ادب، شاعري ۽ ٻيا فائن آرٽس پر خود سائنس، فلسفي بلڪه سموري انساني تهذيب جو بنياد اِهي تصور، فڪر ۽ علم آهن.
سماجيات جي خيال کان اها ڳالهه پرکبي تڏهن به معلوم ٿيندو ته ڪوبه سماج تيسين سُڌري ۽ اُسري نه ٿو سگهي، جيسين اُتي غير معمولي تصورن، تفڪر ۽ علم جو ظهور نه ٿو ٿئي ۽ اها ئي ڳالهه ادب سان به لاڳو آهي. عظيم ادب جي بنيادن ۾ عظيم تصور ۽ فڪر ئي هجي ٿو. يورپ ۾ سورهين صديءَ ۾ مذهبي ميدان ۾ فڪري اصلاحات (Reformation) جو آغاز نه ٿئي ها ۽ لڳاتار ٽي صديون نئين سجاڳيءَ جون تحريڪون نه اُيرن ها ۽ گڏوگڏ علم جي مختلف ميدانن ۾ ترقي نه ٿيندي رهي ها ته يورپي سماج ”اونداهي دؤر“ ( Dark Age) مان نه نڪري سگهي ها ۽ اڄ ادب، فن، توڙي سائنسي علم جي ميدانن ۾ هن اوڄ کي رسيل نه هجي ها، پر ان سڄي لقاءَ تي نظر وجهبي ته معلوم ٿيندو ته اتي پهرين تفڪر ۽ علم آيو ۽ پوءِ ئي ادب ۾ اُها سگهه پيدا ٿي، جو اهو تاريخ جون ڌارائون تبديل ڪري سگهيو. سنڌ ۾ اِها گهرج محمد ابراهيم جويي، رسول بخش پليجي ۽ ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي جهڙن ماڻهن شدت سان محسوس ڪئي. ڊاڪٽر

الهداد پوهيي جو ڪتاب ”ادب جا فڪري مُحرڪ“ ان ئي سلسلي جي هڪ اهم وِڪ آهي. جنهن جو مقصد به اهو ئي هو ته سنڌي ادب ۽ سنڌي سماج کي روايتي محدود دائري ۽ ذهني ويڇاڻپ (Intellectual Isolation) مان ڪڍي علم ۽ تفڪر جي عالمي ميدان تي وٺي اچجي. هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر پوهيي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته ادب- سماج يا ان جي سمورن شعبن جي فڪري ڏارائن کان ڪٽيل يا ڪو بنهه الڳ وجود نه ٿو رکي پر اهو به پنهنجي ُڪليت (Totality) ۾ انسان جي سمورن ذهني وسيلن سان وابسته ۽ سلهاڙيل آهي ۽ ان جا اثر به لازمي طور قبول ڪري ٿو. اها ڳالهه سمجهائڻ لاءِ هو اسان کي ادب ۽ تفڪر جي سموري تاريخ جي گهِٽين ۾ وٺي ويو آهي ۽ مثالن سان ثابت ڪري ڏيکاريو اٿس ته سنجيده ۽ معياري ادب جا فڪري محرڪ هوندا آهن. جيئن وِل ڊيورانٽ چيو هو ته:

"Without Science Philosophy is Impotent"

(سائنس کانسواءِ فلسفو خصي آهي).

تيئن پوهيي صحب جي هن ڪتاب جي نتيجي طور به چئي سگهجي ٿو ته:

Without Intellectual dynamics, Literature is" "Impotent

(فڪري محرڪن کانسواءِ ادب خصي آهي).

هن ڪتاب ۾ پوهيي صاحب پُڌايو آهي ته يوناني شاعر هومر، آڪسلائيلس، سوفوڪلس، يورپيڊس ۽ سافو کان وٺي ويندي برهمڻن جي ويدن، گوتم ٻُڌ جي مذهبي صحيفن، ڪنفيوشس، ذرتشت، قرآن شريف، روم ۽ مشرق جي عظيم ادبي شاهڪارن تائين، دنيا جو اصلوڪو عظيم ادب دراصل پنهنجي پنهنجي دؤر جي اعلٰي شعور ۽ فڪر جي پيداوار هو. ويندي جديد دؤر ۾ ڊارون ۽ ميڪڊوگل جي حياتياتي فڪر کان وٺي هيگل جي عقلِ سليم ۽ حقيقت پسندي، روسو جي ”سماجي عهدنامي“ ۽ مارڪس جي جدلياتي ۽ تاريخي ماديت ۽ سارتر جي وجوديت جي فلسفي، ادب تي غير معمولي اثر مرتب ڪيا آهن ۽ دنيا جو ڪوبه ادب پنهنجي هم عصر فڪري نظامن ۽ محرڪن کان لاتعلق رهي نٿو سگهي.

ھاڻي بوھيي صاحب جي ان سڄي پورھيي جو تخليقي نتيجو تڏھن نڪرندو، جڏھن ادب جي فڪري محرڪن جي تاريخ ۽ روشنيءَ ۾ ڪلاسيڪي توڙي جديد سنڌي ادب جو مطالعو ڪيو ويندو. جيتوڻيڪ اھو ھڪ وڏو ڪم اھي، پر ان ڪانسواءِ نه ته اسان پنھنجي ادب جو صحيح اپياس ڪري سگھنداسون ۽ نه ئي وري سنڌي ادب ڪي مستقبل جي حوالي سان نوان تخليقي ڳسَ ۽ بنياد ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿينداسون.

Posted by wahabsahito at 1:04 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## استاد بخاري - ڪجھه يادون

پروفيسر نذير احمد سومرو

# استاد بخاري - ڪجھه يادون

پاڪستان ٺھئي کي به چار سال مس گذريا آھن. سنڌ ۾ جيڪب آباد وارو تاريخي ۽ روايتي ميلو زور شور سان شروع ٿي چڪو آھي. ميلي ۾ ڏينھن واري ماڻھن جي پيهه کان وڌيڪ رات جو ٿيندڙ، سنڌي مشاعري جي پنڊال ۾، ماڻھن جي رش ۽ رونق گھڻي آھي. جنوريءَ جا سُڪا سيءَ پئجي رھيا آھن. سيءَ کان بچڻ لاءِ، ھر ڪو ماڻھو پاڻ کي گرم ڪپڙن ۾ ويڙھيو سيڙھيو ۽ لڪيو ويٺو آھي. مشاعري ۾ سنڌ جي سيني ضلعن جي ننڍن وڏن شھرن کان نوان ۽ پراڻا، ڪھنه مشق شاعر آيل آھن. ضلعي دادوءَ جي شھر قلجي اسٽيشن کان به ٽي ميل پري ھڪ ڳوٺ غلام چانڊئي کان قدآور، سُھڻي مُنھن مھانڊي سان ھڪ نوجوان شاعر، مشاعري جي پھريون پيرو ڪوٽَ ملڻ ٽي، اڳينءَ قطار جي چيڙي ۾، آخري ڪُرسيءَ تي ڪنڊائتو ٽيو ويٺو آھي. ڪجھه شاعرن کان پوءِ، پراڻي رنگ جو معروف شاعر سيد احسن الھاشمي شعر پڙھڻ لاءِ اسٽيج تي اچي ٿو. سيد احسن الھاشميءَ جي شعر پڙھڻ کان ئي پنڊال ۾ واڪا، نعرا ۽ وري چئه، پيھر ٻڌاءِ جا آواز ٻڌي، غلام چانڊئي کان آيل نوجوان شاعر دل ئي دل ۾ چوي ٿو؛ "ھھڙي طاقتور شاعري ٻڌي،

اسان پارن نَونَ شاعرن جي شاعري ڪير ٻڌي، اهڙو داد ڏيندو؟ هنن سڻن شاعرن جي درياءَ واري تيز وهڪري (شاعريءَ) ۾ اسان پارن شاعرن جا پير ڪٿي ڄمندا؟“ پنهنجو پاڻ سان پهه ڪري تو: ”آئنده شاعري ڪرڻ کان بس ڪئيسون. رڳو اڄوڪي رات خير سان گذري.“

پنهنجن ئي خود ساخته سوالن جي مونجهارن ۾ قاتل نوجوان شاعر کي، اسٽيج سيڪريٽريءَ شعر پڙهڻ لاءِ مٿي گهرايو. هو تحت اللفظ ۾ شاعري ٻڌائي تو ته پنڊال ۾ موجود ماڻهن جي زوردار تاڙين ۾ کيس داد ملي تو. جنهنڪري سندس مَنَ کي، وڏيڪ شعر پڙهڻ لاءِ آٿت ملي تو. هو غزل ٻڌائي تو؛

رات ڪــــــــــڻــــــــــي آئـــــــي اڌ رات،
مون ڏي سوچڻ جي سوغات

چـــــئـــــن گهڙين ۾، ڪهڙي ڇُرپُر،
چـــــــوپـــــــو، چـــاهت، اُڌرڻ، لات

گ ُهگهه اونداهين ڏي، جو گ ُهوريان،
جوت ڪـــــــري پئي مُرڪي؛ هات

تـــــنـــهـــنـــجـــو هـــي انـــداز اســـتاد
تـــــــوبـــــــهه! مُنهن جي ناهي بات

ان مشاعري جي ويهن ورهين ڪانپوءِ، نئين پاڪستان جي جشن جي موقعي تي سڄي پاڪستان ۾، عوامي راڄ جي حوالي سان فنڪشن ٿيا. ائين لاڙڪاڻي ۾ به جشن جمهوريت جي حوالي سان جناح باغ ۾ هڪ ادبي فنڪشن، ٿيويهين سنڌي ادبي ڪانفرنس ۽ مشاعرو ٿيو. مشاعري ۾ مرحوم غلام محمد گرامي، شمشير الحيدري، دادن فقير ڪان وٺي استاد بخاريءَ ۽ سيد احسن الهاشميءَ شعر پڙهيا. هن مشاعري جي صدارت مخدوم طالب المولٰي ڪئي. رات جو دير سان جڏهن ننڍاڪڙي ماحول ۾ استاد بخاريءَ کي شعر پڙهڻ لاءِ سڏ ڇا ٿيو، سامعين جي اکين مان نڊ پَرَ

ڪر اُڏامي وئي. سندس شعر پڙهڻ جي موت ۾ تاڙين جي ٺهڪن، چوڙين جي ڇمڪن، هُوڪرن ۽ نعرن جي آواز، اسٽيج کي به لوڏي وڌو ۽ اُن رات مشاعرو استاد بخاري لُٽي ڦُري ويو. جڏهن استاد بخاري لهڻ واري پئي ڪئي ته؛ ونس مور، هڪ دفعو ٻيهر، ترنم سان. اهڙن آوازن اُستاد بخاريءَ کي ٻيهر شعر پڙهڻ لاءِ هَر هَر موٽايو پئي. اُستاد بخاري شعر پڙهي، جڏهن اسٽيج تان لٿو ته سيد احسن الهاشميءَ، خوشيءَ وچان اُستاد بخاريءَ کي ڀاڪر پائي چيو؛ "واه اُستاد، شاعري به تنهنجي ۽ شاعر به تون، اسين پارا ڪوڙ شاعر...!!"

لاڙڪاڻي کان ڳوٺ پهچڻ تي، ڪيس مخدوم طالب المولىٰ صاحب خط ذريعي، هالا يا حيدرآباد اچڻ لاءِ، نينڍ ڏيندي لکيو؛ "جڏهن به حيدرآباد اچڻ ٿئيو ته قرب ڪري هن فقير (طالب المولىٰ) جي آستاني تي ليئو پائڻ نه وساريندا. جيڪڏهن اچڻ جي پڪ ڏيو ته صرف ريل گاڏيءَ جي ڪوٽڙيءَ اسٽيشن تي پهچڻ وارو وقت ۽ ڏينهن لکي موڪليندا. جيئن هن فقير لاءِ اهو اعزاز ٿئي ته پاڻ ريلوي پليٽ فارم تي توهان جي آجيان لاءِ موجود هجي." اُستاد بخاريءَ اهو خط پاڻ سان، مرڻ گهڙيءَ تائين، قيمتي چيزن وانگر سانڍي رکيو.

دادوءَ ۾ نوڪريءَ دوران، استاد بخاريءَ سان شام جو ڪچهريون ڪرڻ، روزاني جو معمول هو. آءٌ ساڻس وڏيڪ هُجائتو به هوس. هڪ دفعي ڪانئس پڇي ويٺم؛ "بخاري صاحب، هڪڙو سوال ڪريان؟"

چيائين؛ "سڄي عمر سوالن منجهائي رکيو آهي. الائي ڪهڙو سوال ذهن ۾ اٿئي؟"

چيومانس؛ "هي جو سنڌ ۾ وڏو غوغاءُ متل آهي ته سنڌ جو وڏو شاعر ڪير آهي؟ اياز يا اُستاد؟ توهان جو پنهنجو ڇا خيال آهي ته ڪير وڏو شاعر آهي؟ توهان يا شيخ اياز؟"

چيائين؛ "نذير، تو ڏاڍو سٺو سوال ڪيو آهي. حقيقت پڇين ٿو ته مان ڪليءَ دل سان چوان ٿو؛ اهو فيصلو تاريخ ڪندي ته ڪير وڏو شاعر آهي؟ پر شيخ اياز مون کان وڏو شاعر آهي. هُو عمر ۾

به وڏو آهي، مطالعي ۾ به وڏو آهي. پڙهيل ڪڙهيل به وڏو آهي ۽ شاعر به وڏو آهي." وڌيڪ ٻڌايائين؛ "شيخ اياز منهنجي شاعري بابت جيڪو روبرو مون کي چيو، جي اهو جيئن جو تيئن لکان ته پاڻ ٻڌائڻ واري زمري ۾ اچي ويندو ۽ منهنجي رقيبن کي هڪ نئون موضوع ملي ويندو."

1955ع دوران، ون-يونٽ اندر، سنڌ کي ضم ڪيو ويو. سنڌ جي وڏيرن پيرن ۽ اسيمبلي ميمبرن ون-يونٽ جي حمايت ڪئي ته ٻئي طرف، سنڌ جو درد رکندڙ ماڻهن ۾، پين سميت، اُستاد بخاريءَ جي چپن تي، اندر جو اوبر اجهو هيئن ظاهر ٿيو:

ڳـــــاڙهـــا ڳوڙهـــا هـــيڏهـــون، هوڏهـــــــن ڳا ڙهـــا ڳـلَ
هـــيڏهـــن ســـادا سُـــودڙا، هـــوڏانـــهـــن پير پڙهـــيـــل.
هـــيڏهن ســـــورج ساڙيا، هوڏانهـــن پينگهه پلـــيل،
هيڏانهن حامي ڪو نه ٿئي، هـــــوڏانهن "دادا" دَلَ
هـــيـــڏهـــن ڪـــارا قـــائـــدا، هـــوڏانـــهن جهل نه پل
ڪهڙيءَ پر "اُستاد"آ، ڪنهن کي ڪهڙي ڪَلَ
هـــيڏهـــن گـــــهـــوڙا گـــهل، مـــاريو مـــاريو هـــوڏنهن

هڪ دفعي پڇيومانس؛ "جيڪڏهن شاعريءَ ۾ هڪ سٺي شاعر جو توهان کي نوبل پرائيز ملي ته ڪيئن ٿا پانيو؟"

جواب ۾ چيائين؛ "مان ته هرگز هرگز 'نَوبل پرائيز` جو انسان دشمن ڳٽ، پنهنجي ڳچيءَ ۾ ڪو نه وجهندس. مونکي ايتري بم بارود جي ڌپ ايندي جو منهنجو ساهه ٻوساتجي ويندو! ڇا ڪاڻ ته بم جو ايجاد ڪندڙ به ته نوبل ئي هيو. مون ته سڄي عُمر بم ۽ بارود جي خلاف لکيو ۽ شاعري ڪئي آهي."

هڪ دفعي پنهنجي ٻاروڻ جي يادن واري ڪتاب جو ورق ورائيندي ٻڌايائين؛ "ننڍڙو هوس ته رات جو سمهڻ وقت، مون کي سهرا يا گيت ٻڌڻ کانسواءِ ننڊ ڪو نه ايندي هئي. امڙ سائڻ رات جو مون کي ننڊ ڪرائڻ خاطر سهرا ٻڌائيندي هئي. هڪ دفعي رات جو امان سائڻ هڪ سهرو ٻڌايو. جنهن جا ٻول ڪجهه هن ريت هئا؛

آءٌ تـــي پـــانـــيان، راڻل منهنجي راج سڌايو

ماں تي پانيان "پنهل" منهنجي راڄ سڏايو

"امڙ سانئڻ مون کي گهر ۾ پنهل ڪري ڪوٺيندي هئي. الائي ڇو مون امان سانئڻ جي چپن تي پنهنجون آڱريون رکي پنهنجي مادري زبان سرائيڪي ۾ کيس چيو؛

"امان، آيَ نه ڳاءِ، ميڪون ڏج پيا لڳدائي."

راڄ رڳو خوشين ۽ شادمانن ۾ ته ڪو نه ايندو آهي. خدا نه ڪري ته ڪنهن گهر ۾ ڪو حادثي جهڙو واقعو برپا ٿيڻ تي ۽ گهر ۾ موتي فوتي ٿيڻ تي به ته راڄ ڪنو ٿيندو آهي نه؟"

¶

مئي مهيني 1990ع جي ڳالهه آهي. آءٌ ڪراچيءَ جي انچولي بس اسٽاپ، نزد يوسف پلازه تي بس ۾ سوار ٿيڻ لاءِ بيٺو هوس. اوچتو صدر کان ايندڙ هڪ بس مان آواز آيو؛ "نذير! اتي بيهه!" ڏسان ته سنڌ جو معروف شاعر ۽ پبلشر، قاضي مقصود گل لٿو ۽ ٻڌايائين؛

"چڱو ٿيو جو هتي ملي وئين. اُستاد بخاريءَ جو تو لاءِ خاص نياپو آهي. سائٽس شاليمار هوٽل ڪينٽ اسٽيشن تي ملي وڃ، جو هُو لنڊن وڃڻ لاءِ تيار آهي." مون ڳوٺ وڃڻ جو ارادو بدلائي، سڌو ڪينٽ اسٽيشن ڏانهن رُخ رکيو. ڪائونٽر تان معلوم ڪري، سڌو ڪمري ۾ ويم. مون تي نظر پوڻ سان ئي چيائين؛ "هيڏي اچڻ کان اول، توکي فون ڪيم. خبر پئي ته تون سروهين ويجهو، ريڙيءَ ويل هُئين ۽ اُتان ڪراچيءَ وڃڻو آهين. ڏاڍو سٺو ٿيو، جو ملي وئين. سيني پرين پيارن کان موڪلائي آيم پئي ته ذهن ۽ دل جي پردي تي تون نمودار ٿئين. توکان ريءَ موڪلائڻ، ڏاڍو موڳو ڪري ڇڏيو هو."

لنڊن کان موٽيو ته ٻڌايائين؛ "اجا هڪ دفعو ٻيهر وڃڻو پوندو" ٻيهر به ٿي آيو ته پڇيومانس؛ "به دفعا لنڊن مان ٿي آيو آهين، ڪا خاص ڳالهه؟"

چيائين؛ "اگهو ويو هيم، ڪاش سگهو وڃان ها. البته اُن ڏينهن دل وڏي ٿي وئي، جڏهن ڊاڪٽر انور هاليپوٽي سان گڏجي، سنڌ جو نامور اديب جمال ابڙو سان ملڻ پڇڻ آيو. الائي ڇو جمال ابڙو سان ملڻ

وقت اڪيون پرجي آيون. لڳو ته ڄڻ منهنجي گهر جو ڀاتي، هوائن جي رستي لنڊن هليو آيو آهي." پنهنجي والده جو هي سودائي ٻچڙو، هن دنيا ۾ بي چيني، بيقراريءَ ۽ تڙپ سان زندگي گهاريندڙ، 9 آڪٽوبر 1992ع تي رات جو پاڻ سان سنڌ جا سُور، محبوبن جا ماڻا تاڻا، رقيبن جون نفرتون ۽ هزارين سوداءَ کڻي هيئن چئي هليو ويو؛

الائي چا ٿيندو هن خطي جو؟
مُئو اُستاد پڌر ۾ وچان ٿو.

اڄوڪي سنڌ ۾ هر ڏهن ماڻهن کان پوءِ هڪ قافيه طراز، تڪبند ۽ متشاعر شخص آسانيءَ سان ملي ويندو. جڏهن ته هڪ موزون طبع، اصلي شاعر ۽ تڪبند مُتشاعر ۽ پراوا خيال ۽ شاعراڻا جملا چورائيندڙن جي وچ ۾ جيڪو فرق آهي سو اُستاد بخاريءَ جي شاعري پڙهڻ سان معلوم ٿي ويندو. اهلِ نظر، ان کان ناواقف به ناهن. اُستاد بخاريءَ کي پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌي چوڻين ۽ پهاڪن، تشبيهن ۽ استعارن کي استعمال ڪرڻ تي وڏي دسترس (مهارت) حاصل هئي. هن گهڻو ڪري سمورين صنفن تي لکيو آهي. هن جي ڪافين ۽ گيتن ۾ غزل جهڙو رنگ سمايل آهي. اُستاد بخاريءَ جي شعرن ۾ جيڪا وسعت ۽ شدت آهي، اُها ساراهڻ جوڳي آهي.

عالمي شهرت يافته ناول نگار گابريل گارشيا مارڪيز، ٻئي ڪنهن لاءِ غم جو اظهار ڪندي جيڪي جملا چيا هيا، سي مان به هلڪي ۽ معمولي ڦير ڦار سان اُستاد بخاريءَ جي لاءِ هتي لکان ٿو؛

"اُن خوبصورتيءَ جو خاتمو ٿي ويو،
جنهن ويهين صديءَ جي سنڌي شاعريءَ کي،
پنهنجي منفرد،
روانيءَ واري شاعراڻي انداز سان،
هڪ طرف کان ٻئي طرف تائين،
سيراب ڪيو!"

پروفيسر نذير احمد سومرو

# استاد بخاري-روشن پيشاني

1950ع واري ڏهاڪي جو زمانو آهي. دادوءَ ۾ ڦلجي اسٽيشن جي ٻن والي بال ٽيمن جي وچ ۾ دادوءَ ۾ مقابلو ٿي رهيو آهي. ڦلجي اسٽيشن، والي بال کيڏڻ لاءِ جيڪا ٽيم آيل آهي ان ۾ هڪ قداور نوجوان، دلڪش مهانڊن، خوبصورت اکين ۾ پاڪستاني فلمي بنگالڻ اداڪاره شبنم وانگر نڪ جي چوٽيءَ تي ڦڙو رکندڙ، والي بال راند ۾ سينٽر تي بيهي راند اهڙي مهارت سان کيڏي ٿو جو ڏسندڙ وَرُ وَرُ ڪري تاڙين جي ڦهڪن ۾ کيس داد ڏئي رهيا آهن. مخالف ٽيم جا رانديگر، دل ئي دل ۾ خار کائي رهيا آهن. ڪير پيو ڄاڻي ته والي بال ۾ سينٽر تي بيهي مهارت سان راند ڪندڙ، جمپ ڏئي والي هڻندڙ نوجوان ڦلجي اسٽيشن جي پرسان هڪ ننڍڙي ڳوٺ غلام چانڊيو جو هي پرائمري ماستر، اڳتي هلي سنڌي شاعرن جي راند يعني شاعريءَ ۾ به ساڳي سينٽر واري جاءِ والاريندو ۽ سندس فڪرانگيز، سادن لفظن واري شاعري، سندس لئي ۽ مخرج سان شاعري پڙهڻ جو انداز ڏسي پاڻ کي شاعرن جي قطار ۾ شامل سمجهندڙ متشاعر ته ڇا پر چڱا ڀلا شاعر دل ئي دل ۾ خار کائيندا/ريس ڪندا ته اهڙي پذيرائي کين ڇو نه ملي؟ اهو رانديگر استاد بخاري هو.

اُستاد بخاري پنهنجي ڳوٺ ۾ چار درجا پرائمري پڙهيا ۽ باقي تعليم سنڌي ڪاميٽي (فائينل) جو امتحان ڦلجي مان پاس ڪري، پرائمري اُستاد مقرر ٿيو. قدرت طرفان جيڪي کيس سوغاتون عطا ٿيون، انهن منجهان موزون طبيعت به هڪ هئي. سنڌي پرائمري اسڪول ۾ پڙهندي ڪي سٽون، اُمالڪ پنهنجو پاڻ سندس ذهن ۾ نهي پونديون هيون ته هيءُ اُنهن کي چپن ۾ جهونگاريندو هو. ڪيئي دفعا کيس خيال آيو؛ ”اُهي سٽون ڪنهن ٻئي شاعر جون آهن، جن کي هو جهونگاري رهيو آهي.“ جڏهن انهيءَ تي ويهي ويچار ڪيائين ته اُهي سٽون هن (اُستاد) ڪنهن به ماڻهوءَ جي واتان ٻڌيون ناهن. پو؟ باقي ڪنهن جون آهن؟ سوچي سوچي پاڻ کي ئي جواب ڏنائين؛ ”اهي سٽون ڪنهن ٻئي جون ناهن، پر سندس ئي آهن.“

ڪيئي ورهيه پرائمري اُستاد رهڻ ڪانپوءِ، ڪجهه وقت لاءِ خيرپور ناٿن شاهه ۽ سيتا اسٽيشن جي هاءِ اسڪولن ۾ انگريزي ماستر ٿي

رهيو. سنڌي ادب ۾ ايم اي ڪرڻ ڪانپوءِ 1976ع ۾ بي ايڊ جي بنياد تي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ پهريون پيرو ليڪچرار مقرر ٿيو.

ون-يونٽ جو دور هيو. سنڌ ڪي انتظامي طور، لاهور سان ڳنڍيو ويو هئو. هر ڪاتي جي مکيه آفيس لاهور ۾ هئي. ليڪچرارن کي مستقل بنائڻ لاءِ اولهه پاڪستان پبلڪ سروس ڪميشن کين لاهور ۾ زباني امتحان ڏيڻ واسطي گهرايو. اُستاد بخاري به پاڻ سان، ماهوار نئين زندگي ۽ ته-ماهي مهراڻ جا اُهي شمارا، جن ۾ سندس ڪلام شايع ٿيل هيو، کڻي ڪميشن جي چيئرمين ۽ ميمبرن/ سيڪريٽري جي سامهون وڃي ويٺو. انهن ڏينهن ۾ شاهه محمد فيض محمد ٽونيه (المعروف ايس. ايف ٽونيو) اولهه پاڪستان جي پبلڪ سروس ڪميشن جو سيڪريٽري هيو ۽ چڱو ادب دوست ماڻهو هيو. ويتر جو پنهنجي عزيز ۽ شاعر الله بخش ٽنيو عرف ا - ب - ت ميروخانيءَ سان دوستي هيس، تنهن ڪري ڪيس شاعريءَ جو چسڪو پڻ آيل هيو. الف- ب – ت، اصل ۾ضلعي لاڙڪاڻي (هاڻي قمبر-شهدادڪوٽ) جي هڪ واهڻ نما ڳوٺ، ميروخان جو هيو. ٽونيه صاحب، اُستاد بخاريءَ کان نئين زندگي ۽ مهراڻ جا پرچا وٺي، ٿوري ورق گرداني ڪري ميز تي رکي، سڌي طرح اُستاد بخاريءَ کي مخاطب ٿيندي چيو؛ "ورقن تي ڇپيل ڪلام پڙهي ضرور مزو ايندو پر اسان ڪلامِ شاعر، بزبانِ شاعر، جو حِظ ۽ لطف وٺڻ ٿا چاهيون. ان ڪري ٽون پنهنجي شاعري پنهنجي آواز ۾ ٻڌاءِ." اُستاد بخاري کين پنهنجو ڪلام ٻڌايو. جنهن تي هڪ سنڌي ميمبر کيس چيو؛ غزل جون هي سٽون جهونگاري ٻڌاءِ.

پڇيو يارن ته عقبيٰ تي ڪپي يا هيءَ دُنيا
چيم؛ آزادگي، نه هو گهرجي نه هي گهرجي.

الائي ڇا جو ڇا وينا ڏسئون ڇا سوچيون وينا
صدي ويهين جي انسان کي کهڙي شيءِ نه ٿي گهرجي.

اُستاد کان شاعري ٻڌڻ ڪانپوءِ ڪميشن جي چيئرمين، ڪانئس ڪجهه سوال پڇيا ته ايتري ۾ سنڌيءَ جو معروف شاعر، بشير مورياڻي جيڪو تن ڏينهن ۾ لاهور سيڪريٽريٽ ۾ ملازم هيو، سو ڪنهن سرڪاري ڪم سانگي اندر داخل ٿيو ۽ پبلڪ سروس ڪميشن جي

چيئرمين ڪان ڪجهه ڪاغذات صحيح ڪرائي، جيئن مڙيو ته اُماڪ اُستاد بخاريءَ تي نظر پيس. ڪيس ڪيڪاري ڪميشن جي چيئرمين ۽ ميمبرن کي مخاطب ٿيندي چيائين؛ ”مان توهان جي آڏو ڪيتري قد بت جو شاعر آهيان.“

ويٺلن چيس؛ ”خير ته آهي؟“

چيائينِ؛ ”اُستاد بخاريءَ کان ڪهڙو انٽرويو ٿا ڪيو/وٺو. هي ته مون کان به تمام وڏو/گهڻو ۽ سٺو شاعر آهي.“

جنهن تي چيئرمين چيس؛ ”هن جو ڪلام پڙهي محسوس ٿئي ٿو ته واقعي وڏو شاعر آهي. اسان سندس ڪلام پڙهڻ لاءِ ڪيس ويهاريو آهي.“

استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾، اسان کي وقت ۽ عشق جا ايترا ته سحر انگيز شيڊس ملن ٿا، جن جي رنگينيءَ کان آزاد ٿيڻ سولو ناهي. سندس شاعريءَ ۾ هڪ اهڙي مثبت ايپروچ آهي، جنهن جو تعلق روح جي گهراين سان آهي. ان ڪري هڪ پڙهندڙ/ٻڌندڙ، پنهنجو پاڻ ئي بي خوديءَ ۾ اچي، پاڻ کي اُستاد بخاريءَ جي شاعري واري سحر/جادوءَ جي پنجوڙ ۾، جڪڙيل محسوس ڪري ٿو. اُستاد جا خيال، جڏهن شاعريءَ جو روپ وٺن ٿا، تڏهن ان جي وهڪري ۾ غضب جي رواني ملي ٿي. لڳندو آ ته چڻ ڪو آبشار وهندو هجي، جنهن جي پاڻيءَ ۾ بي اختيار رواني، نغمگي ۽ موسيقيت هوندي آهي. هن بي چين روح (استاد بخاري) پنهنجي شاعريءَ جي هر صنف ۾ هڪ الڳ ۽ مختلف ذائقو برقرار رکيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو، سندس هر شعر، دل ۽ دماغ کي ڇهي وڃي ٿو. اُستاد بخاريءَ جي لهجي ۾، مٺاج ۽ نواڻ، سوز ۽ گداز آهي. محبوبن جا ماڻا ٽاڻا، حبيبن جي غفلت، رقيبن جي نفرت، سنڌ جي حقن تي لڳل ڏاڙا، سندس شاعريءَ جا اهم موضوع ۽ حصا آهن. ڌرتيءَ جي پڪار، هڪ سچي شاعر کي پاڻ ڏانهن سڏيندي رهي ٿي. ائين اُستاد جو پيار به ڌرتي سان واڳيل هيو. اُستاد بخاريءَ جي شاعري، پنهنجي ڌرتيءَ سان پيار جو عڪس ۽ اولڙو آهي. سنڌ، سنڌي ثقافت ۽ شين (ٿر جي واري، چلڪي واري) سان ڪيس جنون جي حد تائين پيار هيو. بلڪ اهي سڀ، سندس ڪمزوريون هيون. هاڻي ته هر ڪو، لئيءَ مان لٺ پجي، قومي شاعري ٽڪبنديءَ جي صورت ۾ ڪري، پاڻ کي قومي شاعر سڏائڻ جا جتن پيو ڪري. پر ون-يونٽ جي دور ۾، جڏهن سنڌ جو نالو وٺڻ ڏوهه

هيو ۽ نادري حڪم اچي پهتا؛ ”خبردار! آئنده، سابقه سنڌ لکيو ۽ پڙهيو وڃي!“ ڏهن جيڪي آگرين تي ڳڻڻ جيترا شاعر، سنڌ جي ڳالهه ڪندا هيا، تن مان استاد بخاري به هڪ هيو ۽ آهي. استاد جي قومي شاعري، مثلاً:

جيجل ڌنم، جنهن ۾ لولي،
سنـــڌي ٻـــولي، قومي ٻـــولي.

ڪيس سنڌ جي شاعرن جي هجوم مان الڳ ڪري سندس منفرد سڃاڻپ قائم ڪري ٿي. اڄ جا ڪوڙ سنڌي شاعر، اهڙا به آهن، جيڪي استاد بخاريءَ جا مقلد ۽ پيروڪار آهن. نه رڳو شاعريءَ جي موضوع ۽ طرز، احساس جي حد تائين پر شعري هيئيت، ڊڪشن ۽ طرزِ بيان جي لحاظ کان پڻ. مثال طور؛ تاجل بيوس ته اُستاد بخاريءَ جي شاعريءَ منجهان، سٿن جون سٿون کنيون آهن. ڪنهن جي ميار ملڻ تي، نيث تاجل کي ائين چوڻو پيو؛

بيوس مان، بخاري نه ٿي پوي.

استاد بخاريءَ جي عشقيه شاعري پنهنجي خداداد فڪر ۽ ڏات سان جيڪو حسن ۽ لطف پيدا ڪيو آهي، ان ۾ هڪ عجيب لذت، حِظ ۽ مزو آهي. ان ۾ به رنگيني پيدا ڪئي اٿس. جنهن ۾ ڪو پيغام آ، ڪو مقصد آهي. هن جي شاعري، اڄ جي ٻڙڪو سنڌي شاعرن وانگر، محض سطحي جذبن جي بي مقصد اظهار جو نالو ڪونهي. نه ئي لفظن جي گورک ڌنڌي جو نالو آهي، جنهن مان ڪا به معنيٰ نه ٺڪري سگهي. قدرت طرفان ملندڙ سوغاتن مان شاعري به قدرت جي مليل هڪ حسين ۽ خوبصورت سوغات آهي. هر شاعر جي حصي ۾ اها سوغات ڪا نه آئي. شاعري به پاڻيءَ جي تيز وهڪري ۽ رواني ءَ جيان آهي. شرط اهو آهي ته، پاڻيءَ ۾ ڪنهن جو پير ڪپي!!

استاد بخاريءَ پيري، شاعريءَ جي معاملي ۾ قدرت وڏي فياضيءَ کان ڪم ورتو. علمي ادبي حلقن کانسواءِ، عوام ۾ اُستاد بخاريءَ کي وڏي پذيرائي ۽ عزت، شهرت ۽ محبت ملي. چاڪاڻ ته سندس شعر، مشاهدن ۽ تجربن، انساني جذبن ۽ اڌمن جي ڳالهائيندڙ ٻولهائيندڙ تصوير ٻڻجي پيا هيا. ڪيس پنهنجي شاعريءَ ۾ روز مره استعمال ٿيندڙ ۽ ٻهراڙي جي لهجي ۾ ٻگڙيل لفظن، محاورن/ تشبيهن کي ماهرانه

انداز ۾ استعمال ڪرڻ جي ڏات مليل هئي. هُونءَ ته ڪوڙ مثال آهن، جيڪي سندس شاعريءَ مان ڏئي سگهجن ٿا پر هتي آءٌ فقط هڪ اڌ مثال ڏيان ٿو. (هتي سندس اشارو ون-يونٽ ڏانهن آهي)

هڪ پڇرو پيو، پَـرَ به ڪتيائين
هـاڻـي مـري وياسـين، ماتو
ٿَـرَ تـي آ، مـارن تـي نـاهي
خـان عـمـر تـنـهـن جـو ڪـاتو

اڻ گهڙيا ۽ ڪرخت لهجي وارا لفظ، جڏهن استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ فٽ ٿين ٿا، تڏهن اُهي محرڪ ۽ هڪ زندهه حقيقت بڻجي پون ٿا. اُستاد بخاريءَ جي سموري شاعري، سندس الڳ سڃاڻپ بڻجي وئي آهي. سندس شاعريءَ ۾ ڪتب آندل لفظ، پاڻ ئي ڳالهائيندا ۽ چوندا؛ ”اسان استاد بخاريءَ جي شاعريءَ جا حصا آهيون.“

1964ع ۾ اُستاد بخاري، گورنمينٽ هاءِ اسڪول خيرپور ناٿن شاهه ضلع دادوءَ ۾ اُستاد هيو. تڏهن اسڪول جي پرسان، خالي ميدان تي پيلن/باگڙين جي هڪ قافلي اچي پنهنجو ديرو ڄمايو. ان خانه بدوش ٽولي ۾ هڪ نهنڍڙ قد سان، پريل بدن ۽ ڳلن واري، ڇڻنگ جهڙو ٻرنڍڙ رنگ ۽ بوسڪيءَ جهڙو بدن رکندڙ، ڪارين ڪجلي نيڻن واري، ڪاري ٻاٽ اونداهي جهڙا ڪارا ۽ ڊگها وار رکندڙ، جوانيءَ جي ڏاڪڻ جي پهرين ڏاڪي تي قدم رکندڙ، هڪ نازن پري ياڳ پري به هئي. ان آهو چشم جي اک، پنهنجي ئي قوم جي ڪنهن نوجوان سان اٽڪي پئي. ڳوٺن ۾، افواهن وانگر ۽ شهرن ۾ اخبارن جيان، اها خبر ياڳپريءَ جي ياءُ جي ڪنن تي به پئي.

نتيجي ۾ ياڳ پري، ڪهاڙين جو ٻک ٿي وئي. اهو پهريون واقعو هيو جو پيل/باگڙي قوم جي ڪنهن فرد، ڪا عورت ڪاري ڪري ماري هُئي. ان دردناڪ واقعي اُستاد بخاريءَ جي دل کي ڌوڏي ۽ لوڏي ڇڏيو. اُستاد بخاريءَ، هڪ شاهڪار نظم لاش جي عنوان سان سِرجيو. نظم جي لاءِ انگريزي شاعر ڪيٽس جون هي سٽون ڄڻ اُستاد بخاريءَ جي نظم جون عڪاسي ڪن ٿيون. ڪيٽس چوي ٿو؛ ”نظم کي فطري طور، ائين وجود ۾ اچڻ کپي، جيئن ڪنهن وڻ تي پَنَ.“

اُستاد بخاري جو نظم چوي ٿو:

هڪ طرف هن جي خطا ڦٿڪي پئي
ٻي طرف هـــن جـــي وفـــا ڦــٿڪــي پئي
ڪا گهڙي ڪن جڻ فضا ڦٿڪي پئي
هـــــڪ ســـزا وار ۾ ســـزا ڦـــتـــڪـــي پـــئي

هـــو جـــنـــازي جـــي مـــتـــان ميرو لٿو
ريـــشـــمـــي چـــادر نه ڪـــو پَـــٽَ جو رئو
۾ بـــدن نـــازڪ مـــتـــان ڪـــهـــرو ڪـــٽو

لاش هـــي ڪنهن ڪنوار جو آ چا پتو؟
چـــو تـــه هـــوءَ.......... ڪـــاري هـــئي.

اُستاد بخاريءَ جو شعري سفر، امڪان جي نئين دنيا جو هڪ خوشگوار اضافو آهي. هن سنڌي شاعريءَ جي اُفق جي روشنين ۾، اضافو ڪيو. هن جي شاعريءَ ۾ بيچيني ۽ بيقراري، تڙپ ۽ احساس جي ڪرب سان گڏ، صوتي ترنم به موجود آهي. هن زندگيءَ کي سوچيو ۽ سمجهيو. هيءُ جڏهن مشاعرن ۾ اسٽيج تي بيهي ترنم سان شعر پڙهندو هيو ته نعرن جي پنڊال جا شاميانه به اُڏڻ لڳندا هيا. سندس سموري شاعري، سندس دردمند دل جي ڪري دردڀلي آهي. سندس سامهون، سنڌ وڏا قهر ۽ ڪلور ڏٺا. زندگيءَ جي اعلــٰي قدرن جو خون ٿيو. طبقاتي نظام جي ڪري، انسانذات ۽ ماڻهپي جي تذليل ٿي. اهو سڀ ڪجهه اُستاد بخاريءَ ڏسي، پنهنجي شعرن ۾ اهڙيءَ طرح سمائي پيش ڪيو جو غم جانان به غم دوران بڻجي پيو.

محترمه بينظير ڀٽو (شهيد - 27 ڊسمبر 2007ع لياقت باغ، راولپنڊي) جڏهن ٻيو ڀيرو پاڪستان جي وزيراعظم بڻي ته سندس دور ۾ اُستاد بخاريءَ جي ياد ۾، دادوءَ جي ڊگري ڪاليج کي اُستاد بخاريءَ سان منسوب ڪري، اُستاد بخاري گورنمينٽ ڪاليج دادو ڪيو ويو. اُستاد بخاريءَ جي مقبوليت جو دائرو، ڏينهون ڏينهن وڌندو وڃي ٿو. ڪنهن زماني ۾ انگريزي شاعر شيلي هڪ ٻئي انگريز شاعر بائرن کي جن لفظن ۾ ياد ڪيو هيو، سندس ساڳيا الفاظ آءٌ اُستاد بخاريءَ لاءِ لکان ٿو:

The Pilgrim of Eternity, whose fame
.Over his living head like sky is bent

ابـديت جـو پـانڌيئڙو (زائر)، جنهـن جـي شـهرت سـندس روشـن پيشانيءَ مثان، آسمان وانگر نچاور آهي.

Posted by wahabsahito at 12:58 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## استاد بخاريءَ جي ياد ۾

## پروفيسر نذير احمد سومرو

### خبر ناهي ته چا ٿيندو خطي جو!

### (استاد بخاريءَ جي ياد ۾)

ويهيـن صـدي پڇـاڙيءَ ڌانهـن وڌڻ لاءِ، آخـري ڏهـاڪي جـي اِبتدائي سال ۾ قدم رکيـو تـه سـنڌ سـان تعلـق رکنـدڙ بخـاري پـائر (اُستاد بخاري ۽ حاڪم علي شاهه بخـاري) لنڊن جـي اسـپتال مـان سنڌ ڏانهن اُسهڻ لاءِ آتا وينا هئا. ڪرام-ويـل اسـپتال جـي ڊسـچارج ٿيل مريض جي ڪمري جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ سنڌي ٻوليءَ جـو رنگيـن ڪلام شاعر، اُستاد بخاري زندگيءَ جي پينگهه ۾ آس ۽ نـراس جـي وچ ۾ لڏي رهيو هو.

وســــوســــو اڄ بـــه (پــــي!) تـــتـــل امـــيـــد تـــي،
دل جـــي مـــرضـــي، مـــون کـــي آهـــي اعـــتـــبـــار!

حاڪم علي شاهه ڪاڳر هٿ ۾ ڪنيو، اُستاد جي معالج سان آخري ملاقات ڪري پڇي ٿو: ”وري ڪڏهن اچئون! توهان ته ڊسچارج ليٽر ۾ ٻارنهن مهينا لکيا آهن. ٻارنهن مهينن کان پوءِ اچئون ته ڪو فرق ته ڪو نه پوندو؟“ ڊاڪٽر پنهنجون اکيون ڪڍي نماڻائيءَ سان وراڻي ٿو: ”ٻارنهن مهينا؟... ٻارنهن مهينن جي اندر يا پوءِ، توهان کي لنڊن اچڻ جي ضرورت ئي ڪا نه پوندي. چا ڪاڻ ته هي مريض اسين توهان کي مهمان طور ڏئي رهيا آهيون. مهرباني ڪري مريض کي ڪنهن به حالت ۾ نه ٻڌائجو... گڊ باءِ!“ ڊاڪٽر جي زبان مان نڪتل لفظ، حاڪم علي شاهه جو اندر چيري ويا. هو ٿڙندو ثابڙندو، ڳؤرن قدمن سان، انتهائي صبر جو مظاهرو ڪري، اُستاد جي پرسان اچي، ڳوڙها پي، چپن تي نقلي مُرڪ سجائي، ٻڌائيس ٿو: ”فڪر ڪرڻ دي ڪائي ڳالهه ڪانهي. ڊاڪٽر آکدا پئي ته تُسان ڪون هڪڙا دفعا ٻيهر لنڊن ٽيسٽ واسطي آوڻا پوئسي. اُهو به ٻارنهن مهيني ڪنون پِڇي.“

اُستاد بخاري پنهنجو ئي شعر جهونگاري ٿو:

بجنسي باهه بَٺي آهي، مان چوان نه چوان
حياتي پوءِ به مٺي آهي، مان چوان نه چوان
ڪري پئي آڳ تي ”ماتم“، تڪي پئي ”عيد“ اڳيان،
”بخاري“ زندگي هيءَ آهي، مان چوان نه چوان

ٻارنهن مهينا به نه ٿا گذرن، نئين ديري جي بازار ۾ ڪو ماڻهو ملي ٿو: ”ڳالهه ٻڌ! اُستاد بخاري سخت بيمار آهي. ڪالهه ڪجهه اديب دوست دادوءَ ويا هئا. پر اُستاد ڪو نه ملين.“

سندس باقي لفظ ڪو نه ٻڌم. اُتان ئي پويان پير ڪندو، اچي دادوءَ جي غريب آباد محلي ۾ ٿانگي تان لٿس. سامهون اُهو ساڳيو در نظر آيو، جنهن جي مٿان اُستاد بخاريءَ جو گهر جي تختي لڳل آهي. هي اُهو ساڳيو در آهي، جيڪو گهنٽي وڄائڻ تي،

چپن تي مُرڪ آڻي، اندران اُستاد بخاري نڪري چوندو هو: ”اچ پلا! ايڏي دير ڪيئه اچڻ ۾؟ هاڻي ته تنهنجو اوسيڙو ختم ڪري مان به ٻاهر نڪرڻ وارو هيم. چڱو ٻه ٽي منٽ ويهه ته اچان ٿو.“

ڪا دير خاموشي چانئجي وڃي ٿي. دل چوي ٿي؛ چاڻ اُستاد ٻاهر نڪتو. پيهر ڏڙڪندڙ دل سان گهنٽيءَ جي بٽڻ تي آ گر رکيان ٿو. ايتري ۾ پاڙي جي ڪا نينگري اُستاد جي گهر ۾ وڃي ٿي. چوانس ٿو؛ ”اُستاد کي ٻڌا۔ ته نئون ديرو مان نذير سومرو آيو آهي.“

چوڪري اندر وڃي، گهر لڳ ڪمرو/اوطاق کولي ٿي ۽ چوي ٿي؛ ”ٿوري دير لاءِ ويهو“. جهٽ رکي، ساڳي چوڪري مون کي وراڻي مان وٺي، هڪ ڪمري جو در کولي ٿي. اندر وارو منظر ڏاڍو اُداس هو. هزارين ماڻهن کي مشاعرن ۾ پنهنجي شاعريءَ جي منڊ ۾ منڊيندڙ اُستاد هڏن جي مُٺ وڃي بچيو هو. هميشه جيان پذيرائي ڪندڙ اُستاد جسماني طور آجيان ڪرڻ کان لاچار هو. ان ڪري آءُ پاڻ، ساڻس پاڪر پائي مليم. جڏهن منهنجا ڳوڙها، سندس هٿن تي ڪريا ته چيائين؛ ”ادا سائين کي ايڏي وسعت نه ڏئي. پنهنجي ٽيپي کي ٿاڌو ته نه ڪر!“

سندس جسماني صحت کي ڏسي، اعتبار ئي نه پئي آيو ته اُستاد منهنجي آڏو ڊبل بيڊ تي ليٽيل آهي. سندس آواز ۾ اکين جي جوت ڏسي دل ۾ چوان ٿو؛ ”اُستاد ئي آهي.“

ڳالهين ڳالهين ۾ هندي فلم جي هڪ گاني جي هيءَ سٽ پڙهيائين:

”دُنيا مين ڪتنا غم هي، ميرا غم ڪتنا ڪم هي“

پوءِ چيائين؛ ”نذير! تون جلدي جي نه ڪر. چاڪاڻ ته لڳي ٿو ته پنهنجي هيءَ آخري ملاقات آهي. وري ملڻ ٿئي الائي نه؟ اکين ۾ جوت به وڃي ٿي جهيڻي ٿيندي. حيرت آهي ته بُتن (حسينن) سان ملاقاتن جو شوق ۽ اشتياق دم ٽوڙي نه سگهيو آهي“.

آلين اکين سان بي دليو تي ڪانئس موڪلائي ٻاهر نڪتم. رستي ۾ هر هر اهو خيال پئي آيو؛ ”چا اُستاد بخاري هن دنيا ۾ فقط چئن گهڙين جو مهمان آهي!“ اها سوچ ايندي ئي دل ڪي جهٻو پئي آيو ۽ اکيون ڀرجي پئي آيون.

نائين ۽ ڏهين آڪٽوبر جي رات جو، ڪراچيءَ جي هڪ خانگي اسپتال ۾، ٽريفڪ جي سگنل جيان اڳ ۾ ڳاڙهي ٻتي ٻري ۽ پوءِ سائي. جنهن جي چمڪي سان سندس زندگي روان ٿي، الائي ڪهڙي گس کان موڙ کائي، ڪنهن هجوم ۾ گم ٿي وئي. فارسيءَ جي شاعر چواڻي؛ ”عدم جي راهه به ڪيڏي نه هموار آهي. جنهن به اُن تي قدم رکيو، وري پٺتي ڪو نه نهاريو.“

اُستاد بخاريءَ جو شمار، سنڌ جي انهن اهم ۽ سٺن شاعرن ۾ ٿئي ٿو، جن پنهنجي فڪر ۽ فن جي اظهار لاءِ، شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي. سندس سموري شاعريءَ ۾، هڪ پاسي رومانوي جذبن جي فراواني آهي ته ٻئي پاسي زندگيءَ جي وحشي ۽ قهر آلود لمحن جو داستان آهي. اُستاد جو گيت هجي يا غزل، نظم هجي يا ڪافي، اُنهن ۾ زندگيءَ جا الڳ الڳ تجربا آهن. هن سنڌيءَ ٻوليءَ جي مانوس ۽ معروف لهجن کي، نين معنائن ۽ نين رمزن سان خوبصورت ۽ معنٰي خيز بڻائي ڇڏيو آهي. خاص طور تي سندس نظم ۽ بيت، دوها ۽ وايون الڳ ڪيفيتن، انفراديت ۽ خوبصورت شعريت جا شاهڪار نمونا آهن. پنهنجي تجرباتي شعور کي پر اثر انداز ۾ ظاهر ڪرڻ اُستاد بخاريءَ جي هٿ وس هو. سندس شاعري، جتي پنهنجي دلڪش ترنم جي ڪري دلين کي فرحت ڏيندي هئي، اُتي هڪ عام ٻڌندڙ محسوس ڪندو هو ته اُستاد ته سندس ئي دلي اُڌمن ۽ جذبن جي ترجماني ڪري رهيو آهي. سنڌ جو ڪو به اهڙو ذڪر جوڳو مشاعرو ڪو نه آهي، جنهن ۾ اُستاد شرڪت نه ڪئي هجي ۽ پنهنجي دلنشين شاعريءَ ۽ پُرڪشش ۽ منفرد ترنم سان مشاعري کي مچايو نه هجي. اسٽيج تي سندس شعر پڙهڻ جو انداز ٻڌندڙن تي جادوءَ جو ڪم ڪندو هو. جڏهن ڪيس وڏن مشاعرن ۾ شعر پڙهڻ وقت، بي پناهه داد ملندو هو، تڏهن سندس همعصر شاعرن جي منهن جو پنو لهندي

ڏنم ! اهڙن ريسارن شاعرن کي ريس ڪندو ڏسي، دل ۾ دُعا گهرندو هيم ته اُستاد بخاريءَ کي (شل) زماني جي نظر نه لڳي!
سنڌ ۾ ابتر حالتون ڏسي، پاڻ ڙڦي پوندو هو ۽ چوندو هو؛ ”اسان سنڌين کي چا ٿيو جو اخلاقي ڏيوالپڻو اسان جو نشان ٿي ويو آهي.“
نئين نسل کي گمراهيءَ طرف وڌندو ڏسي چوندو هو؛ ”اسان جي قوم ڪُکڙ قوم آهي ۽ ڪُکڙن جيان هڪٻئي سان وڙهڻ ۾ پوري آهي.“ مثان وري غيرن جا ٽڪ ۽ منشيات جو وڪرو عام جام.
سنڌي سماج کي ڏانواڏول ٿيندو ڏسي، بي اختيار ٿي چيائين:

ڏسيو وڻ وڻ کي، اوتر ۾ وچان تو،
چڙي منچر، نئڏي چر ۾ وچان تو؛
خبر ناهي ته چا ٿيندو خطي جو،
مُئو استاد پُڏتر ۾ وچان تو.

اُستاد بخاريءَ جو وڇوڙو، حقيقت ۾ هڪ سني سنڌي رومانوي شاعريءَ جو وڏو سانحو آهي. سندس جُدائيءَ کان پوءِ، هتي ڪيترائي دلين کي ڏکائيندڙ سانحا ٿيا. پاڻ زندهه هجي ها ته اُهي واقعا سندس دل کي ڏوڏي سندس سيني ۾ زلزلا آڻين ها. هو اُنهن کي شعرن جو روپ ڏئي ها.
سندس موت جي ڪري، اسين سندس اهڙي پُر اثر شاعري ٻڌڻ ۽ پڙهڻ کان محروم رهجي وياسين. هو مُئو ڪٿي آهي! هُو ته زندهه آهي. پنهنجي ڪتابن ۾ ۽ اسانجي دلين ۾. آءُ هر روز اهو سوچيندو آهيان ته ڪنهن به موڪل واري ڏينهن، دادوءَ ويندم، غريب آباد پاڙي جي هن شاهڪار شاعري ڪندڙ شاعر اُستاد جي گهر جو در کڙڪائيندم. هو چپن تي مُرڪ آڻي ٻاهر اچي چوندو؛ ”چو پلا ايڏي دير ڪيئه اچڻ ۾؟“

(ته ماهي مهراڻ، سرءُ 2005 تان ٿورن سان ڪنيل)

✏ Posted by wahabsahito at 12:57 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## باليءَ وارو مير علي نواز ”ناز“
پروفيسر نذير احمد سومرو

# باليءَ وارو مير علي نواز ”ناز“

ڪن شهرن ۾ ڪـن شخصـيتن جـو تهـذيبي ۽ تـاريخي داسـتان، ڪڏهـن عجيب ۾ ڪڏهن عجيب تـر ٿئي ٿـو. عـام مشـاهدو تـه اهـو آهـي؛ ڪن شهرن، ڳوٺن، رياستن يا منجهن رهندڙ شخصيتن جـي تاريـخ پنهنجـي دؤر جي فروغ ۾ توسيعي معنٰي جي لحاظ کان گهڻو ڪري ڪـيترن ئي ملڪن جي تاريخ کان به گهڻي وڏي هوندي آهي. اهڙا شـهر يـا ڳـوٺ پنهنجي شخصيتن جي حوالي سان سڃاڻپ ۾ انهن جي ڪارنامن جــي ڪري ڪيترن ئي جماعتن ۽ سياسـي پـارٽين تـي فـوقيت رکنـدا آهـن. ڪجهه شهر ۾ شخصيتون ته پنهنجي سيني اندر تـاريخي سـفر اهـڙي طرح سمائي ڇڏيندا آهن، جو اهي پنهنجي شاندار ماضيءَ جو، اکيـن ۾ ذهنن کي نيرو ڪندڙ روشنيءَ ۾، پنهنجي سـفر جـي ڪهاڻـي ٻڌائينـدي نظر ايندا آهن. اهڙن شهرن يا رياستن منجهـان رياسـت خيرپـور ۾ ان جو مثالي دردمند ۽ عاشقاڻو مزاج رکندڙ شاعر ۽ حڪمران، مير علي نواز خان ”ناز“ ٽالپر بـه هـڪ آهـي. جڏهـن رياسـت خيرپـور ۾ ان جـي واليءَ مير علي نواز خان ”نـاز“ ٽـالپر جـي دؤر واري تاريـخ تـي نظـر وجهون ٿا ته بي اختيار، اردو جي نفيس ترين شاعر، مرزا اسـد اللـه خان غالب جو هيءُ شعر ذهن جي پردي تي ايري اچي ٿو:

”محفلين در هم ڪري هي، گنجفه باز خيال،
هين ورق گرداني ڪه نيرنگ يک بتخانه هم“.

منهنجي ننڍپڻ جون يادون، جيڪي مون کي اجا تائين ٻکَ هنيون بيٺيـون آهن، انهن ۾ هڪ ياد، مير علي نواز خان ”ناز“ جي نالي سان لاڳاپيـل آهي. منهنجي بابا سائين عبدالحميد خـان سـومري هـڪ ڏينهـن پنهنجـا ضروري ڪاغذات اٿلائيندي هڪ اهڙو دستاويز بـه ڏيکـاريو، جنهـن جـي پيشانيءَ تي حڪومت برطانيه جي سرڪاري مُهر ۽ نشـان جـي بجـاءِ رياست خيرپور جي حڪـمـران مـيـر عـلـي نـواز خـان ”نـاز“ جـي گـول دائري ۾ تصوير ۽ به هرڻيون (رياست خيرپور جو سرڪاري مونوگرام) ڇاپيل هيون.

منهنجي والد صاحب وڏيڪ ٻڌايو ته رياست خيرپور جي حڪمران ميرن منجهان مير علي نواز ”ناز“ ٽالپر پهريون حڪمران هيو، جنهن جي حڪومت واري دؤر ۾ رياستي دستاويز (Affidavit)، پگهار جون ٽڪليون، سڪا ۽ رياست جي سرڪاري ملازمن لاءِ سروس بڪ ۽ پينشن جا فارم جاري ۽ رائج ڪيا ويا. رياست خيرپور۽ هاڻي تعلقي گمبٽ جي شهر گمبٽ جي اتر ۾ کهڙا-رپڙي روڊ تي هڪ ڳوٺ علي بخش سروهيءَ جي رياست واري دؤر جي ٻن ٽپيدار پائرن مرحوم مولوي نور محمد سروهيءَ ۽ ميان فيض محمد سروهيءَ يا ڳوٺ جي وڏيري علي بخش سروهيءَ، سائين حاجي در محمد سومري ۽ سائين عبدالحميد سومري کي اهڙا سڪا ڏيکاريا هيا، جن تي هڪ پاسي رياست خيرپور جو مونوگرام ۽ ٻئي پاسي رياست جي حڪمران مير علي نواز خان ”ناز“ جي شبيهه ۽ سن اڪريل هئا.

ائين لکڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ ڪونه ٿيندو ته رياست خيرپور جي حڪمران مير علي نواز خان ”ناز“ ٽالپر کي برصغير جي مغليه گهراڻي جي شهنشاهه شاهجهان جهڙي حيثيت حاصل هئي. جيئن شاهجهان پنهنجي دؤر ۾ ترقياتي ڪم ڪرايا، مسجدون ۽ مدرسا جوڙايا ۽ انهن لا ءِ مالي امداد ڪئي، تيئن مير علي نواز خان ”ناز“ به پنهنجي حڪومتي عرصي ۾ شيعه عقيدي واري مڪتبئه فڪر رکڻ جي باوجود، ديوبند طرز جي ٺيڙهي واري مدرسي جي مالي امداد هڪ طرف ڪئي ته ٻئي طرف مڪتبئه بريلوي جي مدرسي، درگاهه/ خانقاهه کهڙا نزديڪ گمبٽ سان پڻ مالي سهڪار ڪيو. درگاهه عاليه کهڙا جي مخدوم سجاده نشينن سان پڻ مير علي نواز خان ”ناز“ جا گهرا ۽ گهاٽا لاڳاپا رهيا. کهڙا جي مخدومن واري درگاهه جي موجوده سجاده نشين مخدوم نديم احمد هاشمي کي پنهنجي وڏن کان ورثي ۾ جيڪي نوادرات مليا آهن، تن ۾ مير علي نواز خان ”ناز“ جا خط ۽ سندون، سندس ئي دستخط ڪيل ۽ مُهرن سميت شامل آهي.

اهو به ڪيڏو نه تاريخي ۽ حسين اتفاق آهي، جو جيئن مغل شهنشاهه شاهجهان جي گهرواريءَ جو نالو ممتاز بيگم هو، ائين مير علي نواز خان ”ناز“ جي ٻيو نمبر گهرواريءَ جو نالو به ممتاز بيگم هو. مير علي نواز خان ”ناز“ جي ممتاز بيگم سان شادي حيدرآباد دکن ۾ ٿي هئي ۽ ممتاز بيگم جو تعلق حيدرآباد دکن جي هڪ معزز گهراڻي سان هو. شاهجهان ۽ مير علي نواز ”ناز“ ٻنهي پيار واريون شاديون ڪيون.

ممتاز محل پنهنجي عاشق مڙس شاهجهان جي هٿن ۾ دم ڏنو پر اسان جي هن عاشق مزاج شاعر ۽ حڪمران مير علي نواز خان ”ناز“ پنهنجي محبوبه ۽ زال بالي بيگم جي ٻانهن ۾ پساهه پورا ڪيا. جيڪڏهن رياست جي راڻي بالي بيگم، مير صاحب جي حياتيءَ ۾ لاڏاڻو ڪري ها ته عين ممڪن هيو ته هن جي مزار مٿان خيرپور رياست جي شهرن، ڪوٽ ڏيجي يا ڪوٽ بنگلي، ۾ تاج محل جهڙو ڪو محلات-نما مقبرو مير علي نواز خان ”ناز“ ۽ بالي جي محبت جو ”يادگار“ هجي ها.

پراڻي خيرپور رياست ۽ موجوده ضلعي خيرپور جي ناظمه سيده نفيسه شاه کي آءٌ هڪ خط لکي چڪو آهيان، جنهن ۾ کيس گذارش ڪئي اٿم ته پراڻي رياست خيرپور جي راڻي بالي جي ياد ۾ خيرپور شهر ۾ ڪو يادگار کڙو ڪرايو يا ٺهرايو وڃي. ٻيو نه ته به گهٽ ۾ گهٽ خيرپور جي ضلعي اسيمبليءَ مان بل پاس ڪرائي، خيرپور شهر کان ڪوٽ ڏيجي ڏانهن ويندڙ قومي شاهراهه تي ٺهيل ”ون يونٽ“ بلڊنگ جو نالو مٽائي ۽ بدلائي ”بالي بلڊنگ“ رکيو وڃي. ائين جيئن حيدرآباد ۾ ٽڏي سڙڪ تي ٺهيل ”ون يونٽ بلڊنگ“ جو نالو مٽائي ”شهباز بلڊنگ“ رکيو ويو آهي.

جيئن اردوءَ جي ڪن نقادن، مغليه خاندان جي آخري حڪمران بهادر شاه ظفر، لکنوءَ جي آخري تاجدار واجد علي شاه، رامپور جي نواب ڪلب علي خان جي شاعريءَ تي پاڻي ڦيريو، تيئن سنڌي ٻوليءَ جي هڪ اڌ اديب به رياست خيرپور جي واليءَ ۽ ڪلاسيڪل شاعر مير علي نواز خان ”ناز“ جي شاعريءَ تي اِيئن منڊيئڙو پاتو. جيئن اردوءَ جي هٿراڌو نقادن فارسيءَ جي بلند پايه شاعره ۽اورنگزيب جي ِڌيءُ زيب النساءَ عرف حافظ مخفيءَ جي شاعري کي سندس شاعريءَ ۾ شروعاتي استاد، فارسيءَ جي نامور عالم ۽ ايراني نزاد شاعر ملا سعيد اشرف جي کاتي ۾ لکي ڇڏيو. ملا سعيد اشرف ته رڳو حافظ مخفي جي شاعريءَ جي شروعات ۾ اصلاح ڪندو هو، حد ته اِها آهي جو ايران جي مشهور اديب گلچين معاني، زيب النساءَ مخفيءَ جا ٻه ٽي شعر ۽ هڪ اڌ قطعو ڪڍي سندس ڏاڏي شاهجهان جي ذاتي طبيب حاذق گيلانيءَ جي ذهن ۽ فڪر جي پيداوار ڄاڻايا آهن. (ڏسو مضمون: معمائي ديوان مخفي از محمد گلچين معاني. ماهانه ”هنر وَ مردم“ تهران، ايران شمارو 172 صفحو 38).

1942ع ۾ لاهور پاڪستان مان شايع ٿيندڙ هڪ ڪتاب ”ڪلماتِ الشعراء“ امن حوالي طور ڪڍي، احمد گلچين جي شعرن کي حاذق گيلاني جا شعر سمجهي ان جي کاتي ۾ چاڙهائي ٿو. اهي سڀ شعر ”ديوان مخفي“ مرتب عبدالباري آسي، نول ڪشور پريس ڪانپور/لکنؤ، يو-پي انڊيا ۾ 1942ع کان گهڻو اڳ موجود آهن. هي نسخو سائين حاجي در محمد سومري ۽ بابا مرحوم عبدالحميد سومري کي علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ مان تعليم پوري ڪري سنڌ موٽڻ مهل هڪ دوست ”بسمل ڪان پوريءَ“ بر صغير جي اهم ڪميونسٽ ليڊر سيد جمال الدين بخاري جي روبرو علي ڳڙهه ۾ ڏنو هو ۽ اهو نسخو خيرپور جي پراڻي لائبريري ۾ سڄي برصغير يا پاڪستان جي سڀني وڏن ڪتب خانن ۾ پيل آهي.
فرض ڪجي ته مير علي نواز خان ”ناز“ جي اردو شاعري سندس درٻاري شاعرن جي ڪيل آهي ۽ هو شعر ئي ڪونه چوندو هيو ته پوءِ مير علي نواز خان ”ناز“ جي سموري سنڌي شاعري ۽ رباعيات عمر خيام جي ڪيل سنڌي منظوم ترجمي کي ڪنهن جي کاتي ۾ رکجي ۽ لکجي؟ ريڊيو پاڪستان جي مختلف اسٽيشنن تان نشر ٿيندڙ سندس ڪلام

عشق هاڻي ڪجي ڪنهن سان

يا

تنهنجي رمز سهڻا مان چا سمجهان

يا

سرائيڪي ٻوليءَ ۾

اڄ خواب دي وچ سهڻا ياد آيا

اڄ به موسيقي ۽ ڳائڻ وڄائڻ وارن، توڙي عام ٻڌندڙن کي طراوت بخشن ٿا ۽ انهن جي سالن پڄاڻا به بيحد مقبول آهن. ولي عهد مير علي نواز خان ”ناز“ جو ننڍپڻ ڪوٽ ڏيجي ۾ ۽ قوهه جواني وارو عرصو لاهور، ڀوپال، دهلي، لکنؤ ۽ رياست حيدرآباد دکن ۾ گذريو. ان حالت ۾ اردو زبان هن لاءِ نئين ۽ اوپري ڪانه هئي. اردو جي شاعراڻي دنيا ۾ شاعر انقلاب جو لقب ماڻيندڙ، حضرت جوش مليح آبادي، لاڙڪاڻي جي هڪ ادبي تنظيم ”بزم ادب“ جي طرفان ٿيل مشاعرن ۾ اها ڳالهه ڪيترائي دفعا ورجائي هئي ته رياست خيرپور جي ولي عهد مير علي خان ”ناز“ سان هن جو يو. پي ۽ رياست حيدرآباد دکن جي

ڪيترن ئي وڏن ۽ سنن شاعرن کي تپرس ۾ آڻي ڇڏيندي هئي. ان ڪانسواءِ هز هائينس مير علي نواز خان ”ناز“ جي اردو شاعريءَ جا ثبوت علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ جا شايع ٿيل رسالا پنهنجو پاڻ شاهدي ڏيڻ لاءِ تاريخ جي صفحن ۾ اِئين قيد آهن، جيئن خيرپور جو هيءُ نازڪ مزاج شاعر حڪمران باليءَ جي محبت ۾ قيد هيو. سندس اردو شاعريءَ ۾ هيئت ڏنل غزل يا ڪي پيا عزل اردوءَ جي ڪنهن به وڏي غزل گو ۽ ڪلاسيڪل شاعر جي شاعريءَ جي مقابلي ۾ آڻي سگهجن ٿا. مير علي نواز خان ”ناز“ جو هر غزل تغزل سان ٽمٽار هوندو هو. مير صاحب جي هن غزل جا ڪجهه بند پڙهو ته داد ڏيڻ لاءِ توهان خود ڪنڌ ڌوڻڻ تي مجبور ٿي پوندؤ.

کهوگئي جب تيرا مکان ديکها،
مٽ گئي جب تيرا نِشان ديکها،
آگئي موت ان کي جاتي هي،
يه تماشه بهي ناگهان ديکها،
اُن کي مُٺهي مين جان هي ميري،
دل کسي ني مِرا کهان ديکها؟

اردوءَ جي نقادن جيان سنڌي اديبن پنهنجي طرفان طبع آزمائي ۽ حاشيه آرائي ڪري لکيو ته مير علي نواز خان ”ناز“ جي شاعري سندس درباري شاعرن جي محنت ۽ خوشامد جو ڪارنامو هو. اِئين مير علي نواز خان ”ناز“ پاڻ ۽ سندس سموري شاعري، اهڙين حاشيه آرائين واري جُهڙ ۾ ڪڪرن ۾ لڪائڻ جي ۽ ڪيس افسانوي ڪردار بڻائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي ويئي. اهوئي سبب آهي جو هزهائينس مير علي نواز خان ”ناز“ جي زندگيءَ جا ڪوڙ حصا بي نقاب ٿي نه سگهيا آهن. مولانا سُها يا آغا حشر قزلباش دهلوي ۽ حفيظ جالنڌري يا اهڙا ٻيا ڪوڙ شاعر مير علي نواز خان ”ناز“ جي دهلي، لکنؤ، ڀوپال، رام پور ۽ رياست حيدرآباد دکن واري دؤر جا ملاقاتي ۽ واقف هئا. التبه اهو گهڻي حد تائين ممڪن آهي ته مولانا سُها يا آغا حشر قزلباش، مير علي نواز خان ”ناز“ جي شاعريءَ جي شروعاتي اصلاح ڪئي هجي. اهڙو اشارو، رياست خيرپور جي آخري اسيمبليءَ جي ميمبر ۽ سنڌي ٻوليءَ جي نامور اديب ۽ شاعر، پروفيسر عطا محمد ”حامي“ پنهنجي ترتيب ڏنل ڪتاب ”ڪليات ناز“ (مطبوعه سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1988ع) جي صفحي 10 ۽ 14 تي ڪيو آهي.

ڏک ۾ ويچار ان ڳالهه جو آهي ته وقت جي اديبن، قلمڪارن ۾ تاريخ نويسن هزهائينس مير علي نواز خان ”ناز“ جي معاملي ۾ ڏاڍي ڪنجوسي ۾ بخل کان ڪم ورتو آهي ۾ غلط روايتن ۾ مفروضن کان ڪم وٺي ”ٻُڏڪا“ هنيا آهن. ايتريقدر جو يو-پي انڊيا جي شهر ”امروهه“ مان لڏي ايندڙ، پاڪستان کانپوءِ واري دؤر ۾ ميرن جي دربار سان لاڳاپيل اديب ۾ شاعر سيد قاسم رضا ”نسيم“ امروهي به پنهنجي تصنيف ”تاريخ خيرپور“ (شايع ٿيل 1955ع) ۾ هزهائينس مير علي نواز خان ”ناز“ ٽالپر سان انصاف ڪونه ڪري سگهيو آهي. نسيم امروهي پنهنجي 200 صفحن واري هن ڪتاب ۾ خيرپور رياست جي حڪمران مير علي نواز خان ”ناز“ ٽالپر جي دربار سان ۾ ان سان لاڳاپيل شاعرن ۾ مير علي نواز خان ”ناز“ جي دؤر ۾ شاهي محلات ۾ ٿيندڙ مشاعرن ۾ مير علي نواز خان ”ناز“ جو باليءَ سان ٿيل پيار پرئي وِهَانَوَ ۾ ان ۾ ٿيل شادماني کي به باءِ پاس ڪري ويو آهي. مير علي نواز خان ”ناز“ جي دربار سان لاڳاپيل ٻين شاعرن کي ته ڇڏيو پر پاڪستان جي قومي تراني جي لکندڙ ۾ اردوءَ جي نامور شاعر، حفيظ جالنڌري جو به نالو ڪو نه ٿو کڻي، جيڪو هزهائينس مير علي نواز خان ”ناز“ جي دربار جو باقاعده پگهاردار ملازم ۾ شاعر هو. نسيم امروهي پنهنجي ڪتاب ”رياست خيرپور“ جي صفحي 95 تي لکي ٿو ته:

”سنه 1920ع مين گهريلو معاملات کي متعلق مير علي نواز خان ”ناز“ ولي عهد اور ميان محمد ابراهيم کي درميان سخت اختلاف رائي پيدا هوگيا اور مير علي نواز ”ناز“ ناراض هو کر دهلي چلي گئي“.

مرحوم نسيم امروهيءَ اها ڳالهه ۾ ان سان ملندڙ جلندڙ ڳالهه مرحوم عطا محمد حامي پنهنجي ڪتاب ”ڪليات ناز“ جي صفحي 6 تي ٻڌل ڳالهه لکي آهي، پر حقيقي شاهدي ان دور جي هڪ اديب ۾ برصغير جي مشهور زمانه صحافي ۾ ايڊيٽر اخبار ”رياست“ ديوان سنگهه مفتون پنهنجي ڪتاب ”ناقابل فراموش“ ۾ ڪيترن ئي صفحن تي لکي ۾ ڏئي ٿو. مير علي نواز خان ”ناز“ کي نه نسيم امروهي ڏٺو هو ۾ نه ئي عطا محمد حامي صاحب مير صاحب سان مليو هو، پر ديوان سنگهه مفتون نه رڳو مير علي نواز خان ”ناز“ کي دهلي ۾ ڀوپال ۾ ڏٺو هيو، پر ساڻس ڪيئي يادگار ڪچهريون پڻ ڪيون هيون.

سرڳواسي ديوان سنگهه مفتون پنهنجي شاهڪار اڌ آتم ڪٿا واري ڪتاب ”ناقابل فراموش“ جي صفحي 62 تي لکي ٿو ته:
”مرحوم هزهائينس مير صاحب خيرپور رياست دهلي مين آئي تو ايک روز ملني کي ليئي دفتر ”رياست“ مين بهي تشريف لائي. مير صاحب کا وزن مرحوم مولانا شوکت علي سي دوگني کي قريب تها. آپ (مير صاحب) زينه پر چڙه نه سکتي تهي، اپني کارکو نيچي کهڙا کيا اور اپني اي-ڊي.سي. کو اوپر بهيج کر راقم الحروف (ايڊيٽر رياست) کو بلوايا، مين موجود نه تها، واپس چلي گئي، جب دفتر پهنچا تو معلوم هوا که مير صاحب خيرپور آئي تهي، چناچه اگلي روز ان کي جائي رهائش، جو دريا گنج مين ايک کوٺهي مين تهي پهنچا. مير صاحب سي مِلا، دو گهنٽي کي قريب باتين هوتي رهين. يه اپني مظلوميت کي حالات بتاتي رهي که ان کا وزير اعظم مسٽر ٽائٽن (آئي.سي.ايس) جس کو برطانيه حکومت ني خيرپور مين پوري اختيارات کي ساتهه وزيراعظم مقرر کيا تها، کيون که اُس زماني مين رياست خيرپور ريزيڊنٽ پنجاب کي ماتحت نه تهي بلکه سندهه مين هوني کي باعث گورنر ممبئي کي ماتحت تهي ان کو تنگ کر رها هي اور يه اپني اِس وزيراعظم سي انتهائي پريشان هين“.
اکين ڏٺي ۽ ڪنن ٻڌي کان وڌيڪ ٻي شاهدي ڪهڙي تي سگهي ٿي؟ ان مان صاف پڌرو آهي ته ولي عهد مير علي نواز خان ”ناز“ جو جهڳڙو سندس والد ماجد مير امام بخش خان ٽالپر سان نه جيئن مرحوم عطا محمد حامي ۽ نسيم امروهي لکيو آهي، پر مير علي نواز خان ”ناز“ جو جهڳڙو بي تحاشه ۽ لامحدود اختيارن واري فرعوني دماغ ۽ سوچ رکندڙ حڪومت برطانيه جي مقرر ڪيل هڪ انگريز آفيسر ”ٽائٽن“ سان هيو. مٿين ٻنهي صاحبن اهو به غلط لکيو آهي ته مير صاحب هتان ڪاوڙجي دهلي ويو هيو، پر ولي عهد مير علي نواز خان ”ناز“ خيرپور مان سڌو ڀوپال ويو هيو. ڇاڪاڻ ته ان زماني جي برطانوي حڪومت جي قانونن پٽاندڙ رياست ڀوپال جو فرمان روا، سڄي برصغير جي رياستن جي حڪمرانن جو ”چانسلر“ هيو ۽ ان وقت رياست ڀوپال جي واليءَ جو هوم منسٽر اسرار احمد خان ڪنهن زماني ۾ رياست خيرپور ۾ وزيراعظم رهي چڪو هو. (ڏسو ڪتاب ”ناقابل فراموش“ از ديوان سنگهه مفتون صفحو 39).

اهو به مير علي نواز خان ”ناز“ جو پنهنجي رياست سان محبت جو هڪ اعليٰ مثال ۽ روشن ثبوت آهي ته رياست خيرپور ۾ قانون جي حڪمراني قائم ڪرڻ خاطر رياست جي بااختيار حڪمراني، جنهن جي وات مان نڪتل ”الفاظ“ قانون جو درجو وٺندا هئا، تن کي ختم ڪري رياست خيرپور ۾ هڪ هاءِ ڪورٽ قائم ڪئي ۽ سنڌ ۽ پاڪستان جو مايه ناز فرزند نفيس ۽ نازڪ انسان، قانون کي سپني لاءِ هڪ جهڙو سمجهندڙ علامه آءِ آءِ قاضي به مير علي نواز خان ”ناز“ جي دوستيءَ جي مضبوط ڌاڳي ۾ ٻڌجي، حيدرآباد جون ٿڌيون هوائون ڇڏي خيرپور جي ڪاڙهي واري موسم ۾ رياست جي هاءِ ڪورٽ جو جج ۽ پوءِ چيف جسٽس ۽ هوم منسٽر ٿيو هو. نسيم امروهيءَ جهڙي متعصب تاريخ نويس جتي انڊيا مان لڏي ايندڙن ”نالي ۾ نِهال“ عام ماڻهن جو ذڪر به پنهنجي ڪتاب ”تاريخ خيرپور“ ۾ وڏي طمطراق سان ڪيو آهي، اتي سنڌ جي هن قابل ترين فرزند علامه آءِ آءِ قاضي جو صرف نالو لکي ذڪر ڪري ڇڏيو.

اڄ به خيرپور شهر ۾ مير صاحبن جي ٺهرايل بادشاهي محلات جي پرسان گذرندي مير علي نواز خان ”ناز“ جي دؤر واري شاندار ماضيءَ کي ياد ڪندي فارسي زبان جو هِيءُ شعر بي اختيار منهنجي چپن تي پاڻ هرتو اچي ويندو آهي ته:

”دَر حريم بزم مستان، دَورِ صُبح وَ شام نيست،

گردش جام است، اين جا گردش ايـــام نيـــســـت“.

(ترجمو: مستن جي حرم واري محفل ۾ سندن صبح ۽ شام به نه رهيا، هتي مئه جي پيالن جي ته ڇرپر آهي پر سندن شاندار ماضيءَ وارن ڏهاڙن جي ڦير گهير ناهي.)

افسوس! جو هتي گردش ايام ته ڇا پر گردش جام به ڪونهي. بادشاهي محلات جا دَر دروازا، اڱڻ، شاهي ڪمرا ائين گونگا ۽ ٻوڙا ٿي چڪا آهن، جيئن ڪوٽ ڏيجيءَ پرسان رياست خيرپور جي ميرن واري صاحبيءَ جو يادگار ڪوٽ وارو بنگلو، اداس، خاموش ۽ پنهنجي شاندار ماضيءَ جي دور تي نوحه خوان آهي. مومل را ڻي، ليلا چنيسر، سسئي پنهون کي ته شاهه جهڙو شاعر ملي ويو. پر افسوس!!! جو مير صاحب جي قرباني، برطانيه جي ونڊسر محلات جي مسافر شهنشاهه ايڊورڊ آئين وانگر گهٽ ڪونهي. الائي ڇو! مون کي خيرپور شهر جي فيض محل پرسان گذرندي محسوس ٿيندو آهي

ته اجهو ان محل جي شاهي دروازي مان هزهائينيس مير علي نواز خان ”ناز“ ٻاهر نڪرندو ۽ آغا حشر قزلباش، مولانا سُها ۽ پير علي محمد راشديءَ جي دروازي تي آجيان ڪندي چوندو ته:
”هلو! هلو!! اندر هلو! اڄ ٻاليءَ جي برٿ ڊي جي خوشيءَ ۾ وڏو مشاعرو ڪرايو اٿم، جنهن ۾ هند ۽ سنڌ جا چوٽيءَ جا شاعر پنهنجا شعر پڙهندا.“
پر ان حقيقت ۾ هاڻي ته ڪابه حقيقت ڪانه رهي آهي. اهو سوچي اداس ٿي ويندو آهيان ۽ ائين هڪ دفعي اتان گذرندي چشم تصور ۾ ان درهم برهم ٿيل خوبصورت زماني جو خيال آيو ۽ ٿڌي ٿي ئي سنڌي ادبي سنگت شاخ خيرپور جي سيڪريٽري تاج سروهي ۽ علي گل ملاح مون کي چيو؛ ڪٿي ۽ ڪهڙي نظاري ۾ گم ٿي ويا آهيو؟ پر واري هڪ بنگلي مان ڪيسيٽ پليئر تي ڪنهن ڳائڻيءَ جي آواز ۾ قتيل شفائي جا ٻول فضا کي به اداس ڪري رهيا هئا.

يه اجنبي سي منزلين، اور رفتگان ڪي ياد،
تنهايون ڪا زهر هي، اور هم هين دوستو!
آنکهون مين اڙ رهي هي، لٽي محفلون کي دهول،
عبرت سرا ئي دهر هي، اور هم هين دوستو!

مددي مواد:
1. مسلم شميم سيڪريٽري بزم ادب لاڙڪاڻو. ظاهر نوري، جواد احمد ۽ مهدي رضويءَ جون لاڙڪاڻي واريون يادون.
2. ”تاريخ خيرپور“ نسيم امروهي 1955ع.
3. ”ناقابل فراموش“ ديوان سنگهه مفتون 1957ع.
4. ”ڪليات ناز“ ڊاڪٽر عطا محمد حامي، سنڌي ادبي بورڊ 1988ع.
5. پير علي محمد راشدي سان ذاتي ملاقاتون.
6. علي احمد بروهي ۽ تاج صحرائي جون ذاتي يادگيريون

# پروفيسر نذير احمد سومرو

# پڪڙا ۽ پنهوار وارو گدائي

ماضيءَ جي يادن جا نقش، زندگيءَ جي تصور جي رُخ تي نمايان ٿي بيهي رهيا آهن. هاڻي ته عُمر عزيز اڌ صديءَ کان به تجاوز ڪري چُڪي آهي. ياد ٿو پئي اُهو سال 1968ع وارو زمانو هو. صوبو سنڌ بدنام زمانه ”ون يونٽ“ جي قهري ڪوڙڪيءَ ۾ قاتل يا ايئن ڪٿي چئجي ته چوڪنپو پئل هو. ان زماني ۾ ڪنهن تي جاتو ته فقط ٻن سالن کان پوءِ ان وقت جي پاڪستاني صدر آغا يحيٰ خان جي مارشل لا جي هڪ فقري سان ”ون يونٽ“ ڪنهن پُٽي پت وانگر اچي ڦهه ڪري ڪري پوندو ۽ سنڌ صوبو 1935ع واري انڊين ايڪٽ تحت پنهنجي صوبائي اصلي شڪل ۾ حالت وٺندو، جيڪا ڪيس ممبئي پريزيڊنسي سان لاڳاپيل هجڻ پيري حاصل هئي.

پاڪستان ٺهڻ کان ڪجهه ورهيه پوءِ، اسان جي حيدرآباد ۾ رسالو ”روح رهاڻ“ ٻيو جنم ورتي، سنڌ جي هڪ اپرنڊڙ نوجوان اديب حميد سنڌيءَ جي نگراني ۾ شايع ٿيڻ لڳو هو. ان کان اڳ ۾ 1922ع ۾ پڻ ”روح رهاڻ“ رسالو حيدرآباد سنڌ مان سنڌ جي هڪ نامور اديب ڪاڪي چيتمل پرسرام گلراجاڻيءَ جي ادارت هيٺ شايع ٿيندو هو. اڳتي هلي، يعني ٽن سالن کان پوءِ، ان ادارت ۾ ڪاڪي گلراجاڻيءَ سان سنڌي ادب جي هڪ وڏي محسن مرزا قليچ بيگ جو فرزند مرزا نادر بيگ پڻ ڀاڱي ڀائيوار ٿيو هو. ورهاڱي کان اڳ واري ”روح رهاڻ“ جي پيشانيءَ تي علم الاهي ۽ پٿائيءَ جو هيءُ بيت لکيل هوندو هو.

”پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم ’روح رهاڻ‘

نه ڪي ڏونگر ڏيهه ۾، نه ڪا ڪيچين ڪاڻ،

پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هوا“

قدرت واري جا پنهنجا لقاءَ آهن! سندس حڪمت ڪي ڪنهن جاتو آهي؟ پلا زماني ۾ ڪنهن ڪي اها ڄاڻ هئي ته رسالي ’روح رهاڻ‘ جو اهتمام ۽ بندوبست ڪندڙ ۽ وقتي حڪومت جي نظرن ۾ آيل نوجوان حميد سنڌي اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ جو ڪنٽرولر آف اگزيمس، ڊائريڪٽر آف ڪاليجز حيدرآباد ريجن ۽ اتر سنڌ جي پهرين يونيورسٽيءَ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جو وائيس چانسلر بڻبو؟!!

حميد سنڌيءَ جي ڪوٺايل ان جشن ’روح رهاڻ‘ (1968ع) ۾ حيدرآباد جي بسنت هال ۾ نه رڳو سنڌ يونيورسٽي ۽ حيدرآباد شهر ۽ ان جي پسگردائي جي ڪاليجن جا شاگرد ۽ شاگردياڻيون پر سڄي سنڌ مان ڪوڙ اسان پارا، ان زماني جي ڪاليجن جا شاگرد به ٻين وانگر لاڙڪاڻي مان سيڙجي جشن ’روح رهاڻ‘ ڏسڻ ويا هئاسون. مون سان گڏ رسول بخش سولنگيءَ (بعد ۾ پروفيسر ۽ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي جو پرنسپال) کان علاوه منهنجو همراز/ همرفيق/ ادبي محفلن ۽ راڳ رنگ ۾ شرڪت ڪرڻ واسطي جيري لاءِ ٻڪري نه پر اُٺ ڪهندڙ دوست مرحوم نذير احمد پيرزادو به ساڻ هو. بسنت هال جو نظارو ڪنهن خوبصورت خيال ۽ خواب جيان لڳي رهيو هو. هال ۾ اندر مختلف شهرن کان آيل شاگردن ۽ شاگردياڻين جي چهرن تي جشن جي حوالي سان ڇا ته سرهائي ۽ سهائي هئي! اصل ٻهه ٻهه پئي ٻريا. منهنجي آڏو واري قطار ۾ هڪ تکن نقش واري مهمان به هئي، جنهن جا مهانڊا انڊين ادا ڪاره نرگس جهڙا هئا ۽ سندس نالو خوشبو (سندس نالي جي هم معنيٰ) هو. اهو به سندس ڪنهن ساهيڙيءَ جي واتان بار بار اُچارجڻ ڪري معلوم ٿيو هو. ڇا ته سندس گهاٽا، وڏا ڪارا پنيا وار هيا جيڪي سندس رئي ۾ نه پئي ماپيا. ان نظاري کي ڏني ورهيه گذري ويا. بقول پٺائي:

”ڏني ڏينهن ٿيام، ڪُهه چاڻان ڪهڙا پرين.“

جشن روح رهاڻ جو نظارو مون کي هڪ سچي خواب جيان ياد آهي ته ان جشن ۾ ڪيئن هڪ پير مرد (عبدالڪريم گدائي) خاص طور تي جيڪب آباد کان جشن ’روح رهاڻ‘ ۾ پنهنجي هڙ جي آسري حصو وٺڻ لاءِ ڪهي آيو هو.

سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردن مٿان (4 مارچ 1967ع تي)، جيڪب آباد ۾ 1960ع ۾ ڊپٽي ڪمشنر طور رهندڙ ۽ 1967ع ۾ حيدرآباد ڊويزن جي ڪمشنر رهندڙ، هڪ ڪوتاه قد ۽ بي رحم شخص، مسرور حسن جي حڪمن تي گولين جي مينهن وسڻ کي مشڪل سان سال گذريو هو ۽ سنڌين جا زخم ۽ ماتم، اڃا نوان ۽ تازا هئا.

ٻوليءَ خاطر شهيد ٿي ويل ڳڀرو شاگردن جي والدين جي دلين مان اڃا سندن پٿر (تڏو) به ڪو نه ڪنيو ويو هو. اهڙي سمي ۾ چاچو عبدالڪريم گدائي اسٽيج تي آيو ۽ پنهنجو گيت/ نظم بعنوان ”پکڙا ۽ پنهوار“ پڙهندي جڏهن هنن مصرعن تي آيو:

مَاءُ منيءَ جون لوليون ساڳيون،
ڀوليءَ خاطر گوليون ساڳيون.
سوريءَ جا سينگار اجا پيي ساڳيا ڙي!

چال ڏئي اڄ جاڳيا چورا،
ڪوٽ ڪندا سي پورا پورا،
سورهيه سر ڪان ڏار اجا پيي ساڳيا ڙي!!

ته سامعين ڪيس انهن مصرعن ڪان اڳتي وڌڻ ئي ڪو نه پئي ڏنو.
جشن ۾ شريڪ ٿيندڙن ڪان اهو نظارو ڪيئن وسريو هوندو ته جڏهن شاگردن ۽ شاگردياڻين، ”واهه واهه!“ ”ڀيهر چئه!“، ”ڀيهر چئه!“ جا اُڀ ڦاڙيندڙ نعرا هڻي تاڙيون وڄايون هيون. تڏهن شاعر (عبدالڪريم گدائي) اسٽيج تي روئي ڏنو هو ۽ ڪيترن ئي دردمند دليون رکندڙ سامعين جي اکين جا بند ڀڄي پيا هيا. ان ڳالهه ڪي ورئي ڪجهه ورهيه ٿي ويا.
لاڙڪاڻي جي جناح باغ ۾ هڪ وڏو مشاعرو ٿيو هو. جنهن ۾ عبدالڪريم گدائي جڏهن شعر پڙهڻ آيو، تڏهن هن غريب شاعر جا ڏند، ڪنهن بي قدر ۽ بي وفا محبوبا جيان، سندس ساٿ ڇڏي چڪا هيا ۽ رعشو (Parkinson) هئڻ ڪري سندس هٿ ڏڪي رهيا هيا. ان وقت مون ڪي سنڌ جي رنگين ڪلام شاعر استاد بخاريءَ جو هي شعر ياد پيو هو.

پوڙهو ماڻهو، ڏڪندڙ هٿ،
بيهاري پارو، مان بي چين اَلا جي اهڙو.

تيون دفعو مون عبدالڪريم گدائيءَ ڪي قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽي جي نئون ديرو واري بنگلي تي مرحوم سردار پير بخش ڀٽي سان ويٺل ڏٺو. تن ڏينهن ۾ جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي همشيره ممتاز بيگم لاهور ۾ وفات ڪري وئي هئي ۽ ڀٽو صاحب سندس ميت ڪڻائي اچي پنهنجي اباڻي قبرستان ۾ دفن ڪرائي هئي. ان ڪري تڏو به نئون ديري واري بنگلي ۾ وڇايو ويو هو. چاچو عبدالڪريم گدائي ان سلسلي ۾ سردار پير بخش خان ڀٽي سان عذرخواهي ڪرڻ لاءِ آيو هو. سردار پير بخش ڀٽي جو هڪ تعلق ضلع جيڪب آباد سان به رهيو، ڇاڪاڻ ته سندس زمينون ڳوٺ ”دوداپور“ تعلقو ڳڙهي خيرو ضلع جيڪب آباد ۾ هيون ۽ اجا تائين آهن.

منهنجي چوٿين غائبانه ملاقات چاچي عبدالڪريم گدائيءَ سان 1980ع ۾ سندس مُئي پُڄاڻان ٿي، جڏهن سندس ننڍپڻ جي هڪ دوست شڪارپور جي رهواسي ۽ انڊس گلاس فيڪٽري حيدرآباد جي مالڪ ۽ ليکڪ سرڳواسي لوڪرام ڏوڏيجا پُوني انڊيا مان هڪ ڪتاب ”سڪارٿو سفر“ (جپان، هانگ ڪانگ، سينگاپور، ٿائلينڊ ۽ فلپائين جو سفرنامو) شايع ڪيو هو. پنهنجي ڪتاب جي مُهڙ ۾ ”ڪتاب جو مقصد“ نالي سان سندس مقدمو لکيل آهي. جنهن ۾ موجوده هندستان جي حالتن جو ذڪر ڪندي ڪاڪو لوڪرام ڏوڏيجا، صفحي 8 تي پنهنجي ننڍپڻ جي يار عبدالڪريم گدائيءَ کي هن طرح ياد ڪري ٿو:

”بيروزگاري، پاس خاطري، رشوت ۽ استرائيڪن ملڪ کي ڊانوان ڊول ڪري ڇڏيو آهي. چوڌاري آ رات انڌيري، اونده ڪاري... ملڪ جو ڪو ”اوهي واهي“ ڪونهي. خود غرضي، نفرت ۽ ڪلفت جي باهه ۾ پارت ”پسم“ ٿي رهيو آهي. ان وقت پنهنجي ننڍپڻ جي ”يار“ عبدالڪريم گدائي جي هڪ التجا ٿي ياد اچي.“

”هن سڙندڙ ٻرندڙ ڌرتي تي، ڪا رحمت جي برسات ٿئي،

ڪو سُک جو سج اُڀاري يارو، ڪا امن سڪون جي رات ٿئي،

اچ پيار جي ساگر مان ساٿي، ڪي پريت جي مئه جا جام پريون،

هن پيار جي پياسي دُنيا ۾، اچ رسم محبت عام ڪريون.“

چاچي عبدالڪريم گدائيءَ سان منهنجي پنجين ملاقات به لا ڙڪاڻي جي باڪمال شاعر ۽ انسان دوست هري ”دلگير“ جي ڪتاب ”چولو منهنجي چڪ ۾“ جي ذريعي سان ٿي. هري دلگير جو هي ڪتاب سنڌ جي ڄاتل سڃاتل اديب ”ناز“ سنائي پهريون دفعو سنڌ ۾ 1990ع ڌاري سنڌي ساهت گهر حيدرآباد طرفان شايع ڪيو هو.

سرڳواسي هري ”دلگير“ پنهنجي آتم ڪٿا ”چولو منهنجي چڪ ۾“ جي صفحي 65 تي پنهنجون ياديون ساريندي لکي ٿو:

”شڪارپور ۾ رحيم بخش سومرو منهنجو دوست، جو ٺيڪيدار هو ۽ منهنجي هوندي ئي وزير ٿيو. فيض محمد سومرو (ٺيڪيدار) به دلبر دوست هو. سندس اوطاق لکي در جي ايراضيءَ ۾ هئي. جيڪب آباد ۾ بر ڪت علي آزاد ۽ عبدالڪريم گدائيءَ جي صحبت نصيب ٿيندي هئي.“

20 ڊسمبر 1971ع تي جڏهن قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو، پاڪستان جو صدر بڻيو ته سندس حڪومت کي عوامي راڄ سڏيو ويو. عوامي دور کي ڏسي، سنڌ جي هن عوامي شاعر (گدائي) پنهنجي نظم ۾ بي اختيار چئي ڏنو:

مبارڪباد جو هن ديس ۾ جمهوريت آئي،
ذوالفقار علي کي اڄ ڏين ٿا، وڻ به ته واڌائي.

”صدر ڀٽو“ وري هن قوم جو، اڳواڻ ٿي آيو،
انڌيري رات ۾ هُو چنڊ جي، چانڊاڻ ٿي آيو.
فلڪ تي هڪ نئين سج جي، اهو ڳاڙهاڻ ٿي آيو.
عوامي راڄ جي هن ساٿ جو، سرواڻ ٿي آيو.

مٽايو جنهن اچي هٿ مارشل لا جي نشانن کي،
زبان بخشي وري جنهن ديس وارن بي زبانن کي.

مرحوم عبدالڪريم گدائيءَ جو پهريون شعري مجموعو ”ساڻيهه جا سور“ 1965ع ۾ شايع ٿيو هو، جنهن کي پاڪستان جي اديبن تي مشتمل، خالص ادبي تنظيم ”رائٽرس گلڊ“ انعامي ڪتاب قرار ڏئي، ڪيس هڪ هزار رپيا روڪ پڻ انعام طور ڏنو هئو.
رائٽرس گلڊ جو ريجنل سيڪريٽري ۽ سنڌي اردو اديبن جي وچ ۾ هڪ مضبوط پل طور سڃاڻپ رکندڙ سائين آفاق صديقي، پنهنجي آتم ڪهاڻي ”صبح ڪرنا شام ڪا“ جي نالي سان لکي آهي. جنهن ۾ هن سنڌ جي عوامي شاعر ”گدائيءَ“ جو ڪيترين جاين تي ذڪر ڪيو آهي. مثلا سائين آفاق صديقي پنهنجي آتم ڪٿا جي صفحي 48 تي لکي ٿو:
”اپريل 1950ع مين هم ني اردو سنڌي ڪانفرنس ڪا انعقاد ڪيا. جس مين بابائي اردو مولوي عبدالحق، پير حسام الدين راشدي، حڪيم اسرار احمد ڪريمي، اُستاد قمر جلالوي، عبدالڪريم ”گدائي“، سيد اظهر گيلاني، شيخ ”راز“ اور اندرون سنڌ ڪي ڪئي دوسري اهل ادب ني شرڪت ڪي.“
اهڙيءَ طرح 23 ڊسمبر 1953ع تي آفاق صديقيءَ، شيخ ”اياز“، رشيد ڀٽي، ۽ شيخ ”راز“ جي ذاتي ڪوشش سان، سکر ۾ هڪ وڏي عظيم الشان ”سنڌي ادبي ڪانفرنس“ ڪوٺائي هئي. جنهن جي آخري

اجلاس جي صدارت لاڙڪاڻي جي مشهور شاعر هري ”دلگير“ درياڻي ڪئي هئي. ان ڪانفرنس جو ذڪر ڪندي شاعرن ۾ سڀ کان اول آفاق صديقي، اسان جي عوامي شاعر ”گدائي“ جو نالو ڳڻي ٿو لکي ٿو. هن ڪانفرنس جي تفصيلي روئيداد ڪراچيءَ مان نڪرندڙ هڪ نج ادبي رسالي ماهوار ”افڪار“ جي جنوري 1954ع واري شماري ۾ ڏنل آهي.

رائٽرس گلڊ جو وجود 1959ع ۾ پيو ۽ عبدالڪريم ”گدائي“ شروعاتي سال ۾ ان جو ميمبر بڻيو. سائين آفاق صديقي پنهنجي آتم ڪٿا جي صفحي 61 تي لکي ٿو:

”سنڌي اراڪين ڪي متفق فيصلي سي ريجن ڪا سيڪريٽري منتخب هُوا! اور دس برس تڪ بلا مقابله منتخب هوتا رها. شيخ اياز، مولائي شيدائي، شيخ ”راز“، رشيد ڀٽي، عبدالڪريم ”گدائي“ اور ڪئي دوسري اهلِ قلم ڪي تعاون سي سکر سب ريجن ني گلڊ ڪي وقار ڪو چار چاند لگا ديئي.“

سائين آفاق صديقي جيڪب آباد، شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي ۾ ٿيل مشاعرن جو ذڪر ڪندي هڪ دفعو ٻيهر عبدالڪريم ”گدائي“ جي ڪوشش سان جيڪب آباد ۽ ڪنڌ ڪوٽ ۾ ٿيل مشاعرن بابت صفحي 55 تي لکي ٿو:

”سکر مين هم ني انجمن فروغ ادب ڪي زير اهتمام جو بڙي بڙي مشاعري منعقد ڪيئي ان ڪا اثر آس پاس ڪي شهرون پر پي پڙا. مثلا ڪنڌ ڪوٽ جيسي دُور افتاده قصبي مين سنڌي اور اردو مشاعرون ني بين اللساني مشاعرون ڪو ڪامياب بنايا. جيڪب آباد مين نگهت عارف، عبدالڪريم ”گدائي“، ڪاظمي اور ذڪي خان ني ادبي ڪانفرنسون اور ڪل پاڪستان مشاعرون ڪي فضا پيدا ڪي.“

اهو آفاق صديقي ئي هيو. جنهن ذاتي دلچسپي وٺي، رائٽرس گلڊ جي پليٽ فارم تان عبدالڪريم گدائي لاءِ تاحيات ماهوار هڪ سؤ روپيه وظيفو مقرر ڪرايو هو.

هڪ دفعي سائين آفاق صديقيءَ پنهنجي بفر زون ڪراچيءَ واري رهائش گاهه تي ڪچهري ڪندي هڪ وڏي اهم ڳالهه هن طرح ڪئي:

”رائٽرس گلڊ جي عُروج وارو زمانو هو. اسان سان گڏ اوير پاڪستان جا چُونڊ اديب ۽ شاعر به رائيٽرس گلڊ جا ميمبر هُيا. انهن ۾ بنگالي ميمبرن منجهان هڪ ڪوي جسيم الدين به هو. ڪوي جسيم الدين جي

طبيعت اهڙي هئي جو هُو ڪنهن به انسان جي احساسن کي زخمي ٿيندو ڏسي مغموم ۽ ملول ٿي ويندو هو. ڪوي جسيم الدين سنڌي ٻوليءَ جي عوامي شاعر ”گدائي“ جي شاعريءَ بابت راءِ ڏيندي چيو ته؛ ”ان حقيقت جي باوجود جو آئون سنڌي ڪونه ٿو ڄاڻان ۽ نه ڪي سمجهه ۾ ايندي اٿم پر جڏهن هي پير مرد پر جوان دل رکندڙ شاعر ”گدائي“ پنهنجو شعر ۽ ڪلام پڙهي ٿو ته سندس ڪلام جي روشنيءَ جو اولڙو سندس چهري کي جيڪا رونق بخشي ٿو، اهو ڏسي آءُ محسوس ڪندو آهيان ته سندس ڪلام ڪيترو نه پُر اثر ۽ پرتاثير هوندو آهي.“

”گدائي“ پنهنجي دور ۽ وقت جو پهريون عوامي شاعر هو، جنهن پنهنجي هم عمر ۽ همعصر شاعرن جي وچ ۾ ويهي جيڪا شاعري ڪئي ۽ پنهنجي دور جي شاعرن کان هٽي زندگي ۽ ان سان لاڳاپيل مسئلن جي باري ۾ سوچيو، غور ۽ فڪر ڪيو. زياده انداز ۾ محسوس ڪري پنهنجي شاعري ۾ انهن کي لفظن جو روپ ڏئي، پنهنجي شاعري کي نواڻ ڏيندي، حقيقي معنائن ۾ عوامي شاعري ڪئي. گدائيءَ مظلوم، پيڙيل طبقي ۽ ڏتڪن ماڻهن جي جذبن جي ترجماني ڪئي. سندس شخصيت ۽ شاعريءَ جي باري ۾ سنڌ جو عوامي شاعر مرحوم نياز همايوني ”گوندر گذاريو ڪاپڙي“ ۾ هيئن راءِ زن آهي:

”محترم عبدالڪريم ”گدائي“ منهنجو همعصر شاعر آهي. هن بزرگ سنڌي شاعريءَ کي عظمت بخشڻ لاءِ جيڪي ڪشالا ڪڍيا آهن، تن جي عيوض کيس ”رومانوي“ شاعر، ”عوامي“ شاعر، ”قومي“ ۽ ”انقلابي“ شاعر جي حيثيت حاصل ٿي چڪي آهي. هن پنهنجي درد کي وطن جي حب ۾ شامل ڪري، پنهنجي صداقت جو ثبوت ڏنو آهي. تنهن نعمت کان ته اسان جا پُراڻا شاعر اڃا تائين محروم آهن. اسان کي هن جهوني جوڳيءَ جي جوان خلوص تي سدائين فخر رهندو.“

ڪهڙو شاعر آهي جنهن جي دل ڪنهن سان نه اٽڪي ۽ ڦاٿي هجي؟!! ڪهڙي دل آهي، جنهن جو لنگهه، پيار جي گس تان نه ٿيو هجي. ڪهڙي دل آهي جنهن پيار جو پاسو ڏنو ئي نه هجي؟! اهڙي طرح چاچو گدائي به پنهنجي دل سنڌ جي هڪ لوڪ فنڪاره ۽ رسيلي آواز جي ملڪه ۽ مالڪا مائي الهه رکيءَ سان اٽڪائي ۽ ڦاسائي ويٺو ۽ گدائيءَ جي الهه رکي سان راز و نياز ۽ محبت جي ڳالهه ته اڃا تائين

سنڌ جي جهونن ماڻهن جي واتان ’ڪوڙين ڪنين ٻڌجي پئي. شايد مائي الهه رکي به پنهنجي پيار کي دوام بخشڻ لاءِ، يادگار رکڻ خاطر ”گدائيءَ“ جا ڪلام ڳائيندي هئي.
عبدالڪريم گدائيءَ جي تصنيف ”خانڳڙه کان جيڪب آباد تائين“، ضلع جيڪب آباد متعلق اهم دستاويز جي حيثيت رکي ٿي. ڪتاب پڙهڻ وقت عبدالڪريم گدائيءَ کي جس ڏيڻو پوي ٿو ته کيس ڪتاب لکڻ لاءِ ڪيڏي وڏي محنت ۽ جاکوڙ ڪرڻي پئي هوندي. تنهن هوندي به مذڪوره ڪتاب جي ورق گرداني ڪندي کي ڳالهيون، ڪي واقعا اڻ پُورا ۽ اڌورا محسوس ٿين ٿا. چند مثال هيٺ ڏجن ٿا:
(1) جيڪب آباد ضلعي سان تعلق رکندڙ مرحوم محمد امين کوسي بابت ڪا خاص ڄاڻ ڪا نه ڏني وئي آهي. گدائي جي معلومات کان ته سنڌي ادبي بورڊ جي موجوده ايگزيڪٽو ڊائريڪٽر ۽ سنڌي ٻوليءَ جي نامور اديب غلام رباني آگري جي ڪتاب ”جهڙا گل گلاب جا“ حصي ٻئي ۾ وڌيڪ معلومات ڏنل آهي. مرحوم محمد امين کوسو، زميندار ۽ سياستدان هجڻ سان گڏ هڪ قلمڪار به هو. ان جو ذڪر ڪرڻ ضروري هو.
(2) مرحوم گدائي پنهنجي ڪتاب صفحي 34 تي ”ابتدائي تعليمي ادارا“ جي عنوان سان جيڪب آباد شهر جي درس گاهن جو ذ ڪر ڪري ٿو جن ۾ اردو پرائمري اسڪولس ۾ ”حميديه“ پرائمري اسڪول جو ذڪر ڪري ٿو. (حميديه هاڻي گرلس هائي اسڪول آهي). مرحوم گدائي اهو ڪو نه لکيو آهي ته هن اسڪول تي ”حميديه“ نالو ڪيئن پيو؟ حقيقت هيءَ آهي ته 1947-48ع ۾ جيڪب آباد ضلعي جو ڪليڪٽر (ڊپٽي ڪمشنر) مرحوم عبدالحميد خان تي آيو. مرحوم عبدالحميد خان جو لاڙو تعليمي ادارن ڏانهن ججهي انداز ۾ هو. سندس تعلق هندوستان جي مسلم ڀوپال سان هو ۽ والي رياست هز هائينيس نواب حميدالله خان ڀوپال جي نالي پٺيان اسڪول جو نالو حميديه رکيائين. اهو ساڳيو عبدالحميد خان، جڏهن ”ون يونٽ“ جي دور ۾ خيرپور ڊويزن جو ڪمشنر ٿي آيو، تڏهن پراڻي سکر ۾ ٺ ڪري تي اڏيل اسلاميه ڪاليج جي ترقي ۽ تعمير ۾ وڏو Interest ورتو هئائين.
(3) ”خانڳڙهه کان جيڪب آباد تائين“ جي صفحي 64 تي هڪ ابهام واري ڳالهه لکيل آهي: ”سال 1963ع ۾ نُل ۽ جيڪب آباد تعلقن جي

صوبائي اسيمبلي جي ضمني چُونڊ ۾ خان صاحب سردار خان جي مقابلي ۾ احمد ميان سومرو مغربي پاڪستان اسيمبلي تي ميمبر چونڊيو ويو. جيڪا جاءِ اوستي در محمد جي صوبائي وزير ٿيڻ سان خالي ٿي هئي.“ هتي سوال اُڀري ٿو ته اوستو دُر محمد جڏهن صوبائي وزير مقرر ٿيو ته پوءِ سندس اسيمبليءَ جي سيٽ ڇو خالي ٿي؟ وزارت جو اسيمبليءَ جي سيٽ ڇڏڻ سان ڪهڙو تعلق.

اصل ڳالهه هيءَ آهي ته 1962ع ۾ پاڪستان جي صدر جنرل ايوب خان جڏهن ملڪ کي نئون آئين ڏنو ته اُن آئين ۾ هڪ شِقِ هيءَ به هئي ته جيڪو به اسيمبلي ميمبر (صوبائي چاهي قومي) وزير ٿيڻ چاهيندو ته اُهو اسيمبليءَ جو ميمبر نه رهندو. وزارت حاصل ڪرڻ لاءِ کيس پنهنجي اسيمبليءَ واري سيٽ ڇڏڻي پوندي. انهي قانون هيٺ جناب ذوالفقار علي ڀٽي 1963ع ۾ پنهنجي نئون ديرو، لاڙڪاڻي واري قومي اسيمبليءَ جي سيٽ خالي ڪئي هئي، ڇو جو هُو به ايوب خان جي ڪابينا جو اهم ميمبر هو. جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي خالي ڪيل سيٽ تي سردار پير بخش ڀٽو مرحوم قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو هو.

(4) مذڪوره ڪتاب جي صفحي 66 تي لکيل آهي: ”ضلع جون اُهي شخصيتون جيڪي سنڌ ۽ مغربي پاڪستان گورنمينٽ ۾ وزير هيون“

(1) مرحوم شهيد الله بخش سومرو
(2) ڊاڪٽر هيمنداس
(3) حاجي مولا بخش سومرو
(4) مسٽر دُر محمد اوستو

پهرين ڳالهه ته مرحوم کي شهيد ۽ شهيد کي مرحوم لکڻ، ڪجهه عجيب لڳي ٿو. پر شهيد الله بخش سومرو ته پاڪستان ٺهڻ کان به اٽڪل 10-9 سال اڳ سنڌ جو پهريون وزيراعظم هو. ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کان اڳ ۾ ۽ پاڪستان ٿيڻ کان پوءِ 1955ع تائين صوبن جي مکيه وزيرن کي وزير اعلىٰ ني نه پر وزيراعظم چيو ويندو هو. 1955ع کانپوءِ جڏهن ون يونٽ ٺهيو ته صوبي مغربي پاڪستان جي مُک وزير کي وزيراعلىٰ ي چيو ويو. بهرحال شهيد الله بخش سومرو، سنڌ حڪومت ۾ رڳو وزير ڪو نه هو. جيئن مذڪوره ڪتاب ۾ لکيل آهي.

اهڙي طرح مولا بخش سومرو صاحب صوبائي وزارت ڪانسواءِ مرڪزي وزير به رهيو هو. اُن ڪري سندس مرڪزي وزارت جو ذ ڪر ڪرڻ ضروري هو.

(5) جيڪب آباد ۾ سال 1951ع ۾ بزم ادب طرفان "13-سنڌي ادبي ڪانفرنس" منعقد ٿي هئي جنهن جو ذڪر مذڪوره ڪتاب جي صفحي 71 تي آهي:

"هن بزم (بزم ادب) جو عظيم ۽ زنده جاويد ڪارنامو جيڪب آباد ۾ منعقد ڪرايل جميعت الشعراءِ سنڌ جي، 13-سنڌي ادبي ڪانفرنس آهي... جيڪب آباد جهڙي خشڪ سر زمين تي هن عظيم ۽ عاليشان دو روزه ڪانفرنس جو انعقاد جنهن ۾ ساري سنڌ مان آيل چوٽيءَ جا اديب، مورخ، دانشور ۽ شعراءِ ڪلام شريڪ ٿيا. ڊاڪٽر دائود پوٽي ڪان وٺي مولائي شيدائي تائين ۽ رشيد لاشاري ڪان وٺي منظور نقويءَ تائين نالا ڏنا ويا آهن. مصنف فقط مشهور ۽ وڏن ماڻهن جا نالا ڏنا آهن. حالانڪ انهيءَ مشاعري ۾ نالي وارا شاعر جناب سيد احسن الهاشمي، مشهور رنگين ڪلام شاعر "استاد" بخاري به شريڪ ٿيا هئا. هڪ دفعي "اُستاد" بخاري مون کي جيڪب آباد واري انهيءَ مشاعري جي روئيداد ٻڌائيندي چيو هو ته "اهو مشاعرو منهنجي شاعراڻي زندگيءَ جو اُن ڪري به يادگار آهي ته مان اُن مشاعري ۾ پهريون ڀيرو شريڪ ٿيو هوس. الهڙ جواني هئي ۽ پهريون دفعو وڏن شاعرن جي روبرو ۽ موجودگيءَ ۾ شعر پڙهڻ جي تصور سان ئي دل ڳاؤن مائون ٿيڻ لڳي هئي. جڏهن احسن الهاشميءَ شعر پڙهيو ته چيا ته ڪيس داد مليو هو!! سيد احسن الهاشميءَ کي ٻُڌنڙن طرفان ملندڙ داد ڏسي دل ۾ چيم ته "نهيو مان شعر ڪو نه پڙهندم. شاعر ته ههڙو! ههڙي شاعري ٻڌي، مان واري شاعريءَ کي ڪير "داد" ڏيندو؟ مون دل ۾ پڪو پهه ڪيو هو ته اڄوڪي رات خير سان گذري. مان شاعريءَ کان بنهه بانءِ ڪئي." جڏهن مون اسٽيج تي ترنم سان شعر پڙهيو ته ڪجهه "داد" مليو. ايمانداريءَ جي ڳالهه هيءَ اٿئي نذير صاحب! ته ان مشاعري ۾ سيد احسن الهاشميءَ کان وڌيڪ نه ته ڪنهن جو شعر لڳو هو نه ڪو ڪنهن کي ايترو داد مليو هو."

مذڪوره مشاعري ۾ نواز علي نياز جعفري ۽ هري درياني "دلگير" پڻ لاڙڪاڻي مان ڪهي ويا هئا. مٿين شاعرن جو ذڪر "نه" ڪرڻ دل کي ڪجهه کُٽڪي ٿو.

ساڳيءَ طرح 15 آگسٽ 1962ع تي جشن آزاديءَ جي موقعي تي جيڪب آباد ۾ ٿيل آل مغربي پاڪستان سنڌي اردو مشاعري جو احوال (صفحو 76) ڪيو اٿس. لاڙڪاڻي مان فقط ٽن شاعرن جو ذڪر ڪري ٿو؛ (1) انجمن ترقي پسند مصنفين جو موجوده سيڪريٽري جنرل مسلم ”شميم“، (2) شوڪت عابدي (هئي حال حيات ڪراچي ۾) ۽ (3) بزم ادب لاڙڪاڻي جي باني رضوي عبدالصمد ”ساز“. انهيءَ ڪانسواءِ لاڙڪاڻي مان هيا اردو شاعر جهڙوڪ ”نشتر“ فرخ آبادي، ضمير ”جوڪر“، ديوان ”لطيف“، ۽ اردو غزل جو باڪمال شاعر ”رمز“ شاهجهان پوري جن به پنهنجا شعر پڙهيا هئا ۽ لاڙڪاڻي جي ”رمز“ شاهجهان پوري جي شعرن ته مغربي پاڪستان جي وڏن شاعرن جون وايون بتال ڪري ڇڏيون هيون. يا مسلم شميم جي نظم ”مارئي ڪا ديس“ اردو شاعرن جي منهن ۾ گهُنڊَ وڌا هيا. اهڙي شاهڪار نظم جو ذڪر ڪرڻ لازمي هو.

اهڙيءَ طرح گدائي جو شعري مجموعو ”پکڙا ۽ پنهوار“ (اشاعت سال 1975ع ۾) ڪيترن ئي جاين تي حيرت ۾ وڌو. زير بحث ڪتاب ۾ صفحي 80 تي هڪ نظم ”سنڌ پيارا وطن“ جي عنوان سان لکيل آهي. جنهن جي هيٺان وري هڪ عجيب سِٽ لکيل آهي.

”تاريخ 1- جولاءِ 1971ع تي ون يونٽ تي لکيو ويو.“ خبر ناهي ته گدائي صاحب جي لکڻ جو مقصد ڇا آهي؟ ڇا ڪاڻ ته پهرين جولاءِ 1970ع تي ون يونٽ ٽٽي چڪو هو ۽ سنڌ سرڪار ڪراچيءَ ۾ قائم ٿي چڪي هئي. ان حالت ۾ ون يونٽ تي پهرين جولاءِ 1971ع تي نظم لکڻ جا معنيٰ ي؟ اهڙيءَ طرح آزاد نظم واري حصي جي شروعات ۾ صفحي 71 تي ”ڇا ڇا تو کي يار ٻڌايون؟“ جي عنوان سان شعبان بخت جي آزاد نظم ”ڪجهه ته ٻڌايو“ جي جواب ۾ لکيو اٿس ۽ صفحي 75 تي ”خاموش رهڻ مان ڇا ٿيندو؟“ جي عنوان سان هڪ الڳ آزاد نظم وري شعبان بخت جي آزاد نظم ”خاموش رهو ۽ ڪجهه نه ڪُڇو“ جي جواب ۾ لکيو اٿس.

خبر نه ٿي پوي ته شعبان بخت ”ڪجهه ته ٻڌايو“ ۽ ”خاموش رهو ۽ ڪجهه نه ڪُڇو؟“ جهڙا آزاد نظم ڇو لکيا هئا ۽ اُهي ڪٿي شايع ٿيا هيا. گدائي پاڻ لکي ٿو؛ ”شعبان بخت جي جواب ۾“ ڪيترو نه سنو ٿئي ها جو شعبان بخت جا آزاد نظم يا انهن مان چند حصا لکي ها ته جيئن جوابي شعر پڙهڻ جو لطف ماڻي سگهجي ها.“

محترم گدائي پنهنجي ڪتاب ۾ ضلع جيڪب آباد سان تعلق رکندڙ مشهور عالمن، اديبن ۽ شاعرن جو نالي ماتر به ذڪر نه ڪيو آهي. حالانڪ ”گدائي“ جي ڪتاب شايع ٿيڻ واري زماني ۾ محترم غلام رسول ڪلهوڙو ۽ محترم شعبان ”بخت“ به ڪي نامعلوم ليکڪ ۽ گمنام شاعر ڪو نه هيا پر انهن جو لکڻيون ان زماني ۾ به سنڌ جي مختلف معياري رسالن ۾ شايع ٿينديون هيون.
اهڙيءَ طرح جيڪب آباد جي هڪ سماجي ۽ ادبي ڪردار گوپال (گئوپال) ”پرواني“ جي ادبي خدمتن جو الڳ ذڪر ڪرڻ ۽ فوٽو ڏيڻ ضروري هو. گوپال پروانو اڄ ڪلهه انڊيا ۾ رهي ٿو. اچوڪي ماحول ۾ هر ٽڪبند شاعر، رات جي پيٽ ۾ لئي مان لٺ پچي، قومپرست شاعر سڏرائڻ ۾ پورو آهي. پر مرحوم گدائي جي گهٽ ۾ پوسٽ واري دور جي شاعري پڙهي بي اختيار تي چوڻو پوي ٿو.
”گدائي ڪوڻ سڏاوي؟“
متيءَ جو پانڊو نهيو ئي ڊهڻ ۾ متجڻ لاءِ آهي. متيءَ جو هي پانڊو به ڊهي متيءَ ۾ ملي متي ٿي ويو پر سندس لکيت زماني جي ورقن تي اجا پئي چمڪي.

Posted by wahabsahito at 12:54 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## وتائي فقير جو جائنشين: جمعو فقير

پروفيسر نذير احمد سومرو

## وتائي فقير جو جائنشين: جمعو فقير

سنڌي قوم سان الله پاڪ وڏا پال/ وڙ ڪيا آهن. هن سونهن ۽ سچ جي ڌرتيءَ تي قدرت اهڙا ماڻهو به پيدا ڪيا، جيڪي پنهنجي ذهني اڏام، قول ۽ فعل جي ڪري اتم هئا. پر اسان وٽ (سنڌي قوم ۾) چريا/ اڌ مغزي/ توتڪائي جهڙا قبيح نالا، ڪين لقب طور نصيب ٿيا.
ايران ۾ هڪڙو ڪردار پيدا ٿيو. جنهن جو نالو ملا نصر الدين هيو ۽ ايران يا فارس وارا، اڄ تائين ملا نصر تي ناز ڪندا اچن ٿا. ان جي ابتڙ، اسان وٽ وتائي فقير جهڙي داناءَ ۽ ڏاهي ماڻهو ڪي چرچائي طور سڃاتو ۽ ليکيو وڃي ٿو. اڄ به سنڌ جي ڪنهن ڳوٺ/ شهر ۾ جتي چند ماڻهو گڏ ٿين ٿا ۽ جڏهن ڪين ڳالهائڻ لاءِ موضوع نه ٿا ملن ته

چوندا آهن؛ “يار پلا ڪو وتائي فقير جو توڙ ڪو ئي ٻڌاءِ!” معنى وتائي فقير جهڙي داناءَ ماڻهوءَ کي ڪل پوڳ ڪندڙ مشڪرو سمجهيو وڃي ٿو. وتائي فقير جي ڏاهپ ۽ دانشمنديءَ جي قولن کي توڙ ڪو/ لڙڪو چٽڪو سمجهي ان تي کليو وڃي ٿو!!
گهڻا سال اڳ جي ڳالهه آهي. هڪ ڏينهن پير حسام الدين راشديءَ وٽ، سندس جمشيد روڊ ڪراچي واري بنگلي بيت الضياءُ ۾ ويٺو هيم. ان ڪچهريءَ ۾ سندس ننڍو ڀاءُ پير احمد شاهه راشدي به موجود هو. (پير احمد شاهه راشدي، پنهنجي پائرن جيان موسيقيءَ جو ڄاڻو، ڪلاسيڪل ۽ نيم ڪلاسيڪل راڳ جو وڏو شوقين هجڻ سان گڏ پٿرن، هيرن، جواهرن/ منڊيءَ جي نگ جو پڻ وڏو ڄاڻو هيو.) ڳالهين دوران غالب لائبرري ناظم آباد ڪراچيءَ جي موجوده پٽيوالي نسيم احمد، پير حسام الدين کي اردوءَ جي مشهور ڪالم نگار انعام دراني مرحوم جي اچڻ جو اطلاع ڏنو. پير حسام الدين راشدي چيس ته؛ “بابا اندر وٺي اچيس! ٻاهر ڇو بيهاري آيو آهينس؟” انعام دراني پاڻ سان گڏ يوپي جي بدايون جا مشهور کير پيڙا به کنيو آيو هيو. جيڪي پير حسام الدين لاءِ ڪنهن دوست بدايون مان موڪليا هيا.
اتي جيڪي مختلف موضوع بحث هيٺ آيا، تن ۾ وتائي فقير جي ڏاهپ ۽ دانائيءَ جو به ذڪر ٿيو. پير حسام الدين راشديءَ کيس وتائي فقير جي رمز ڀرين ڳالهين بابت تفصيل سان ٻڌائي اهو به چيو ته؛ “اسان وٽ وتايو فقير ٽوٽڪائي طور مشهور آهي.” اهو ٻڌڻ سان انعام دراني وائڙو ٿي چيس ته؛ “پير صاحب! ايسا داناءَ آدمي! سنڌي قوم اسڪو مسخره ڪا درجا ديتي هئي! آپ اس پر لکين يا نه لکين، مين ضرور لکون گا!” ۽ واقعي انعام دراني روزاني جنگ ڪراچي ۾ وتائي فقير جي دانائپ ۽ ڏاهپ تي تفصيل سان، پير حسام الدين راشديءَ جي حوالي سان لکيو.
گذريل 20 صديءَ ۾ سنڌ اهڙا گوهر پيدا ڪيا جن تي زماني ٺٺوليون/ ٺوڪان ڪيون. انهن کي ڇريو سمجهيو ويو. اهڙن ماڻهن ۾ لا ڙڪاڻي جو مشهور **جمعو فقير** به هيو. جمعي فقير، باليءَ واري خيرپور جي فولاد شر (فقير) وانگر، خدائيءَ جي دعوى ڪانه ڪئي هئي.
فولاد شر، خيرپور ضلعي جي تعلقي ٺري ميرواه جو هيو. 1877ع ۾ سنڌي ڪاميٽي (فائينل) جو امتحان پاس ڪيو هئائين. فولاد شر کي الائي ڪهڙي پئنوري اچي مغز ۾ ويٺي جو، نعوذ بالله، خدا هجڻ جي

دعوى ڪري ويٺو!! الله جو شان! جنهن کي هڪ ڏينهن فنا ٿيڻو هجي ۽ ڪيس ڪفن ۽ قبر جي ضرورت هجي سو خدائيءَ جــو دعويــدار!! ايڏي گمراهي!!
اسان سنڌي ماڻهو، ٻين قومن مان اهڙن ماڻهن جا نـالا وٺـي ڪوڙي خدا ۽ نبوت جي دعوى ڪندڙن تي ٿڪ لعنـت ۽ تـبرو ڪنـدا آهيـون پـر 19 صديءَ جي آخر ۽ ويهين صديءَ جي مهڙ ۾، سنڌ بـه ان الـزام کـان آجي رهي نه سگهي، جو هن پر امـن خطـي ۾ بـه ڪو خـدا هجـڻ جـو ڪوڙو دعويدار بڻيو هو!!
مرحوم نسيم ڪرل جو والد عبـدالڪريم ڪـرل، علـم جـو وڏو پنڊار هـو. ڪيس سنڌيءَ ڪانسواءِ فارسي زبان تي به دسـترس حاصـل هئي. ا هـو هڪ ڏينهن سيڙجي فولاد شـر کـي ڏسـڻ لاءِ ٺـري ميـرواه ويـو. جڏهـن فولاد فقير کي ڏٺائين ته امالڪ چيائينس؛ ”جيڪا تون دعوى ڪريـن ٿـو ۽ آهين ڪونه ته توتي ڦتڪار ۽ پر جـي اهـا دعـوى نٿـو ڪريـن تـه پـوءِ توکي سلام آ جو ايڏي ڏاڍي هستيءَ سان وجي پاڻ اڙڪايو اٿئي.“ ائيـن هي فاني انسان (فولاد شـر) نقلـي ۽ ڪوڙي دعـوى ڪنـدڙ 15 جـون 1967ع تي وڏي بيماري کاتي (سنڌين چواڻي وڏي لـوڙ لـوڙي) مـري ويو ۽ پنهنجي قبر ۾ ان هستيءَ آڏو پنهنجي اعمال نامي سميت انتظـار ڪري رهيو آهي، جنهن سان پنهنجي همسر ۽ همنام هجـڻ جـي دعـوى ڪندو هو. اردوءَ جي هڪ مشهور ۽ منفرد شاعر، يگـانه چنگيزيـءَ جـو شعر آهي:

چڙها خودي ڪا يون نشه ڪه آپي مين رها نه گيا
بنا ٿا خدا يگانه، مگر بنايا نه گيا

سنڌ جي هڪ وڏي عالم، محقق ۽ معلم ڊاڪٽر نبي بخش بلـوچ صـاحب کي فولاد شر ۾ الئي ڪهڙي مڻ نظر آئي جو السنڌ رسالي (1998ع) ۾ فولاد شر جهڙي گمراهه انسان کي عوامي فيلسوف ڪري ڪوٺيـائين ۽ لکيو اٿس. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جهڙا عالم پاڻ لکن ٿا:
”...... راقم جي ڪن “عوامي اڪابرن” سـان آشـنائي ٿـي، جـن کـي سيني گمراهه چئي پئي نٿديو پر کين صحيح طور سمجهڻ خاطر مــون سـندن ڳالهيون ٻڌيـون. هـن وقـت سـپ ڏٺيـءَ کـي پيـارا ٿـي چ ڪا آهن...... هرڪو پنهنجي رنـگ ۽ انـگ وارو هيـو. جيڪي بـه چيـائون يـا ڪيائون سو پاڻ پڌائڻ يا وڻائڻ خاطر ڪونه ڪيو. جيئن ۽ جهـڙا هئا، تيئن

۾ ٿهڙو هنن ڪردار ادا ڪيو..... 1930ع کان 1960ع تائين جيڪي انوکن ڪردارن وارا عوامي فيلسوف هئا تن جو سرواڻ هيو.“
ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جهڙي عالم ماڻهوءَ جي قلم مان، خدائي جي دعوى ڪندڙ (نقلي ۽ ڪوڙي خدا) جي لاءِ عوامي فيلسوف ۽ انهن جو سرواڻ جهڙا لفظ نڪرن، واقعي اردوءَ واري صحيح چيو آهي ته تنهنجو قلم ڪرشمه ساز آهي جيڪو وڻي سو ڪرشمو ڪري ڏيکار.
پر لاڙڪاڻي جو جمعو فقير، انهن سيني جڙتو فقيرن (اڻٺي آپ ڪو فقير پيا سڏائيندا هين، تيڪون شرم نهين پئي آندي) کان هر طرح الڳ ٿلڳ ماڻهو هيو. اصل ۾ ضلعي لاڙڪاڻي )موجوده قمبر-شهدادڪوٽ ائت قمبر ضلعي( جي مشهور تعلقي واري شهر قمبر جو هيو پر 1960ع واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ لڏي لاڙڪاڻي اچي ويٺو. جمعو فقير قد جو ڊگهو ۽ مشڪي رنگ جو هيو. ڪڏهن مڇون ڏاڙهي ڪوڙائيندو هو ۽ ڪڏهن صرف ڏاڙهي ڪوڙائيندو هيو. اڪين ۾ گهڻو گهرو سرمون (جنهن کي ڏسڻ سان سرمون پائڻ چئبو آهي) پائيندو هيو. لاڙڪاڻي شهر ۾ گڏهه تي گهمندو هيو، ڪڏهن به گڏهه کي لغام ڪونه وڌائين. چيائين ته؛ لغام وجهڻو آهي ته انسانن جي زبانن کي ڏيو ۽ وجهو. هي ته بي زباني (مادي گڏهه) آهي. هن کي زبان آهي ئي ڪونه، باقي لغام ڪنهن کي وجهان/ ڏيان. سندس گڏهه جي هلڻ جي رفتار ڏهن منٽن ۾ مشڪل سان ڏهه انساني قدم هوندي هئي. گڏهه جي مٿان گهوڙي وانگر هنو رکندو هيو ۽ کيس هٿ ۾ وڏي ڏانگ (لٺ) هوندي هئي. جنهن کان بريڪ جو ڪم وٺندو هيو. جناب ذوالفقار علي ڀٽو، کيس گهرائي، حال احوال پڇندو هيو ۽ ساڻس چرچو گهڻو ڪندو هيو. موٽ ۾، جمعو فقير به ساڻس ساڳي نوع ۾ چرچا هڻندو هيو. توڙي جو ڀٽو صاحب، پاڪستان جو صدر ۽ پوءِ وزيراعظم هو پر پوءِ به ٻنهي جي دوستي پڪي پختي هئي. جمعي فقير جي دانائي ۽ ڏاهپ جا اڻ ڳڻيا مثال آهن. هتي فقط ڪجهه لکجن ٿا:
پاڪستان ٺهڻ کان اڳ، جڏهن جمعو فقير قمبر ۾ رهندو هيو، تنهن قمبر شهر کان ٿورو ٻاهر هڪ هندوءَ جي زمين ۾ کوهه هيو. کوهه تي نار ٻڌل هيو، جنهن کي اٺ ذريعي هلايو ويندو هو. ان زماني ۾ هندو مسلمانن جي استعمال ٿيل شين کي هٿ لائڻ به پاپ سمجهندا هيا ۽ ايئن ڪرڻ سان پاڻ کي مليڇ پائنيندا هئا. هندو سيٺ کي اچ لڳي، سو نار تان پاڻي پيئڻ لڳو. هندن جي مذهبي رسم و رواج مطابق ان

هندو سيٺ کي گڏهه جي پچ جيڏي چوٽي رکيل هئي. سو پاڻي پيئندي هندو سيٺ جي چوٽي نار ۾ ڦاسي پئي ۽ رڙ ڪري چيائين: ”اري (اڙي) وارو ڪريو! اٺ کي جهليو، منهنجي چوٽي!“ اتفاق سان جمعو فقير به اتي موجود هيو، تنهن ان هندو زميندار کي چيو ته:
”ڪاڪا! چوٽي ته خدا کي آهي، تو واري چوٽيءَ کي ته ڪتو به نه مٽي (پيشاب به ڪونه ڪري.)
هڪ دفعي جناب ذوالفقار علي ڀٽي چيس ته: ”جمعا فقير! اڄ رات جي ماني ته مون سان گڏ ڪاءُ!“ جواب ۾ جمعي فقير چيس: ”ڀٽا صاحب! منهنجو هڪڙو شرط آهي.“ پڇيائينس: ”ڪهڙو؟“ فقير چيس: ”پوءِ رڳو تون ۽ مان هونداسين. مانيء ۾ هڪڙو به ڀڙهيل ڳڙهيل ماڻهو ڪونه آڻيندين! نه ڪي انهن کي سڏ ڏيندين، نه ڪي انهن کي ڍائيندين.“ ڀٽي صاحب کلي پڇيس: ”ڇو ڀلا ايڏي بندش؟“ تنهن تي جمعي فقير چيس: ”ڀٽا صاحب! جيڪڏهن اهي آيا ۽ انهن ڀڙهيلن کي مانيءَ کائڻ لاءِ سڏ ڏينداو ته ائين ٻڪندا ۽ هٻچ ڏيکاريندا جو ڇڻ ڪالهاڪون بکيا آهن. سڄو ڏونگهو ٻوڙ جو پنهنجي پليٽ ۾ لاهي ڇڏيندا ۽ ڪڪڙن جا پيس ٽي ٽي چار چار ڪڻندا! پوءِ مون مسڪين لاءِ ڇا بچندو؟!!“
جمعي فقير جو معمول هوندو هيو ته روزانو صبح جو ساجهر گوشت ۽ مڇي مارڪيٽ پهچي ويندو ۽ ڪاسائين ۽ مهاڻن کان هڏا، ڇيڙا ۽ مڇيءَ جا ڇلر ڪڻي، پنهنجي خرزين انهن سان ڀري، لاڙڪاڻي شهر جي وچ مان وهندڙ رائيس ڪئنال ڏانهن راهي ٿيندو هيو. جتي سڄي لاڙڪاڻي شهر جا ڪتا ۽ ٻلا، هن جو انتظار ڪندا هئا. اهي جانور جيئن ئي فقير کي ڏسندا هئا ته خوشي ۽ بود ۾ پرجي نينگ ۽ ٽپا ڏيڻ لڳندا هئا ۽ جمعو فقير جيئن ئي ڳوڻ مان هڏا ۽ ڇيڇڙا ڪڍڻ شروع ڪندو هيو ته اهي جانور کيس پيار وچان پاڪر پائڻ واري انداز ۾ چنبڙي پوندا هئا ۽ ذري گهٽ جمعي کي ڪيرائي وجهندا هيا ته جمعو فقير ناراض ٿي چوندو هين:
”اڙي، انسانن وانگر ابهرا ڇو ٿا ٿيو؟ اهي انساني عادتون ڪٿان سکيون اٿو؟“
ڪجهه سال ٿيندا ته هي فقير لاڏاڻو ڪري ويو. افسوس جو لاڙڪاڻي جي هن لاثاني ڪردار ۽ فقيرمنش جي ياد ۾ ڪو منارو ڪڙو نه ڪيو ويو. هڙي مفڪر ۽ عوامي فيلسوف جي نالي ۾ ڪو اسڪول نه کوليو

ويو ۽ نه ئي ڪنهن چوڪ تي هن جو نالو رکيو ويو. سواءِ لاڙڪاڻي جي هڪ مهاجر فوٽو گرافر جي دوڪان، سنڌ فوٽو اسٽوڊيو جي. ٻه ٽي سال اڳ سنڌ فوٽو اسٽوديو لاڙڪاڻي جو مالڪ ا ڪرام، لا ڙڪاڻي کي ڇڏي ڪراچي ويو. جتي يونيورسٽي روڊ جي دشتيار اپارٽمينٽس جي دوڪان نمبر 20 ۾ وري به ساڳيو لاڙڪاڻي وانگر سنڌ فوٽو اسٽوڊيو جي نالي دوڪان کوليو اٿس. جتي پاڪستان جي سابق صدر ايوب خان، جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي تصوير سان گڏ جمعي فقير جي تصوير به نمايان طور آويزان آهي.

∨ ∨ ∨ ∨ ∨

## خط/مضمون

پيارا نذير،

جمعي فقير لاءِ اسان ٻيون به ڪيتريون ڳالهيون پئي ٻڌيون آهن. مثال طور:

2. جمعي فقير ڪي هڪڙي دفعي مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي لاڙڪاڻي واري بنگلي تي گهرايو. هو پنهنجي گڏهه تي ويو. بنگلي ٻاهران پوليس ڪيس چيو ته؛ گڏهه تان لهه! پوءِ اندر وڃ! تنهن تي جمعي فقير چيو؛ چڙهيندؤ ته گڏهه سميت ويندس نه ته موٽيو ٿو وڃان. ڀٽي صاحب کان معلوم ڪيو ويو ته هن چيو ته؛ ڇڏيوس. دروازو کليو ۽ هو گڏهه سميت داخل ٿيو.

3. مرحوم ذوالفقار علي ڀٽو، لاڙڪاڻي ۾ گاڏين جي جلوس ۾ پئي ويو ته جمعو فقير به رستو وٺيو پئي ويو. پوليس ان کي روڪي بيهاريو ته ڀٽو صاحب پيو اچي. ان رستي تان گڏهه سان وڃڻ نه ڏينداسين ۽ پوليس ان کي بيهاري ڇڏيو. ذوالفقار علي ڀٽو اتان گذريو ته جمعي فقير تي نظر پوڻ سان گاڏي روڪرائي شيشو کولي جمعي فقير کي چيائين ته؛ "اچ مون سان گاڏي ۾ ويهه!" تنهن تي جمعي فقير چيس؛ "سوارين تي سودو ڪرائين ته پوءِ" اهو ٻڌي ڀٽو صاحب گاڏي مان لٿو ۽ جمعي فقير کي چيائين؛ "جيڪو سودو توکي قبول!" جمعي چيس؛ "نه ميان! مون کي ان گاڏي ۾ ويهي مرڻو ڪونهي، مون ته پوڳ پئي ڪرايو."

جي اهي ڳالهيون واقعي سچيون آهن ته پوءِ اوهان جي مضمون ۾ واڌاري طور شامل ٿيڻ کپن. (ناز سنائي)

پيارا ناز،

ڪينجهر جي شماري ۾، منهنجي مضمون جمعي فقير جي حوالي سان واڌارو ڪري، مضمون کي وڌيڪ وزنائتو ۽ خوبصورت ٺائي ڇڏيئه، ان لاءِ بيحد ٿورائتو آهيان. توهان جي پڇيل سوال جي جواب ۾ عرض ته توهان جون جمعي فقير جي حوالي سان لکيل ٻئي ڳالهيون سؤ سيڪڙو سچيون آهن. مون ته ڪينجهر جي صفحن کي نظر ۾ رکندي

مضمون کي محدود ڪيو هو. حقيقت ۾ مون اهو چاهيو ته ڪينجهر ذريعي، جمعي فقير جي رمز پرين ڳالهين ۽ وڏي معنیٰ ۽ مفهوم رکندڙ قولن جون جهلڪيون ڏيکاري، سچي سنڌ جي ماڻهن سان، هن جديد دور جي وتائي فقير ۽ لاڙڪاڻي جي ڏاهي انسان، ويهين صديءَ جي نئين عوامي مفڪر جمعي فقير جو تعارف ڪرايان.

٧ ٧ ٧ ٧ ٧

# وتائي فقير جو جانشين جمعو فقير (حصو پيو)

لاڙڪاڻي، ويجهي ماضيءَ يعني تازو گذري ويل ويهين صديءَ ۾ جيڪي اهم شخصيتون پيدا ٿيون، تن ۾ پنهنجي ڏاهپ ۽ دانائيءَ جي ڪري جمعو فقير اهم ۽ نمايان جڳهه والاري ٿو.

"ڪهان مان رها ٿا مجهي زمانه
بڙي زورون سي منوايا گيا هون مين"

چاڪاڻ ته هي ڪو رولو، شيطان صفت، جڙتو، جعلي ۽ جڳاڙي فقيرن منجهان ڪونه هو. نه ئي انهن وانگر "فقير" هجڻ جي هروڀرو ڪا دعوى ڪندو هو. مان ته شاهه عبداللطيف يونيورسٽي جي سنڌي شعبي جي چيئرمين ڊاڪٽر عبدالرزاق عرف ملڪ نديم کي ڪچهريءَ دوران ڪيترا ڀيرا چئي چڪو آهيان ته هاڻي ڪو پي ايچ ڊي ڪرڻ اچي ته کيس موضوع "نئون وتايو – جمعو فقير" ڏيو ۽ ائين نه ٿئي ته خدا هجڻ جي ڪوڙن دعويدارن، جڙتو ۽ هٿرادو ڄ ڳاڙي فقيرن کي مٿي آڻڻ لاءِ، جمعي فقير جهڙي اصلي فقير ۽ عوامي اڪابرن جي سرواڻ ۽ سربراهه کان لنوائي، هن جي ڪردار کي لئه مٿي ڪيو وڃي. مون کي هڪ ڳالهه ياد ٿي اچي. ضلعي لاڙڪاڻي جي تعلقي ڏوڪريءَ جي هڪ ڳوٺ عمر پيو نزد ڀيريلو جو مرحوم پناهه علي شاهه (انگريزي ماستر) ڳالهه ڪندو هو ته سندس ڳوٺ ۾ هڪڙو جهونو ماڻهو لڳاتار 40 سالن کان سيوهڻ قلندر جي ميلي جي ميلي ۾ ويندڙ هو. هڪ ڏينهن اهو ڪراڙو فقير پنهنجي ڳوٺ جي مڪان (مئخاني) ۾ ويٺو هو. پنگ پيئڻ کان پوءِ دوستن کي ٻڌايائين ته اڄ سيوهاڻي سرڪار ڏي تيار آهيون جو سياڻي کان قلندر جو ميلو شروع ٿي رهيو آهي ۽ پاڻ ڏي اشارو ڪندي چيائين ته "فقراهه" اڄ رات واري پاسينگر (پئسينجر ٽرين) گاڏي ۾ چڙهندو. اتي ويٺل نوجوان چيو ته مان به توسان هلندس. جنهن تي ڪراڙي فقير چيس؛ "تون ڪاڏي هلندين! چئي! پئسه لين ڪونه! هليو آ سيوهاڻي سرڪار جي ميلي ۾." ايتري ۾ ان نوجوان چيا ڪيو جو پر ۾ پيل ڪهاڙي کڻي، مڪان جي اڱڻ ۾ بيٺل هڪ سنجهي (ٽالهي) جي وڻ تي چڙهي ويو ۽ هڪ ڏار ڪپي آيو ۽ ان کي صاف ڪري، گهر وڃي ان تي لغڙائي رنگين پنا، کڻڪ جي ڳوهيل اٽي سان

چنبڙائي، شام جو ئي ڏوڪري جي ريلوي اسٽيشن جي پليٽ فارم تي پهچي پنهنجي ڳوٺائي فقير جو انتظار ڪرڻ لڳو. ٿوري دير کان پوءِ ڏٺائين ته ڪراڙو فقير به ڪارو پٽڪو ٻڌيو، ڪشتي ۽ ڪولابڻ سميت، هٿ ۾ بيراڳڻيون ڪنيون، اسٽيشن تي پهچي ويو. ٿوري دير گذري ته ريل آئي ۽ هي نوجوان به اڪ ٽيٽ سان ڪراڙي فقير کي تاڙي، ان جي پويان ساڳي گاڏي ۾ چڙهي پيو. رش ۾ ڪنهن کي به خبر ڪانه پئي ته ڪير چڙهيو، ڪير لٿو؟ ڪراڙي فقير به گاڏيءَ ۾ ڪا ڪنڊ ڳولي پنهنجو سامان رکي، اجا بالم ٿي ويٺو ئي مس ته هيءُ نوجوان نئون ۽ هٽرادو فقير، به وچي پرسان ويٺو، ته ڪراڙي فقير ڪرڙين اکين سان ڏسي چيس؛ “تون وري ڪاڏي؟ ٻئي هنڌ جاءِ ڪونه مليئي ڇا، جو اسان فقراهن جي پچر نه ٿو ڇڏين.” ريل هلي ۽ بادهه اسٽيشن گذري ته ٽڪيٽ چيڪر به گاڏيءَ ۾ آيو ۽ ٻين ماڻهن جون ٽڪيٽون ڏسندي ڪراڙي فقير جي مٿان اچي بيٺو ۽ اردوءَ ۾ چيائين ته “ٽڪيٽ دکائو”. ڪراڙي فقير چيس؛ “ڇا جي ٽڪيٽ؟ اسان قلندر جا پانڌيئڙا آهيون، ڪو اڄ ٿا سيوهڻ جي ميلي ۾ وڃئون ڇا؟ چاليهه سال ٿيا آهن ايندي ويندي، پر ڪڏهن به اسان فقراهن کان ڪنهن ٽڪيٽ ڪانه پڇي.” ٽڪيٽ چيڪر چيس ته؛ “جلدي ڪرو، ورنه پرچا ڪاٽون گا.” فقير ٻانهون ٻڌي چيس؛ “ٻيلي خدا کي مڃ، مون مومن مسڪين جي جان ڇڏ، وچي ڪنهن ٻئي جي پاڙ پٽ!” ۽ پنهنجي پرسان ويٺل نوجوان ۽ هٽرادو فقير ڏانهن اشارو ڪندي چيائين ته؛ “هي الائي ڪاٽون اچي ٽٽو آهي. هن کان ٽڪيٽ نه ٿو گهرين ڇو؟ باقي منهنجي مٿان نڳيو بيٺو آن!” ٽڪيٽ چيڪر ان جڳاڙي نوجوان فقير، جنهن کي رليءَ جي رنگين ٽڪرن مان ٺهيل اڌوري ٽوپي پاتل هئي، تنهن ڏانهن اشارو ڪندي چيس ته؛ “يه تو فقير هئي!” اهو ٻڌي سان ڪراڙي فقير چيڪر کي، پنهنجي آڱوٺي ۽ اشهد آڱر کي ملائي، هٿ کي هوا ۾ لوڏيندي چيس ته؛ “واهه ڙي سريلا، فقيرن سڃاڻڻ جو مور آن!”

لاڙڪاڻو ٻين معاملن ۾ خودڪفيل ٿيو هجي يا نه، سا مون کي خبر ڪانهي، پر جڙتو، جعلي ۽ جڳاڙي فقيرن جي معاملي ۾ گهڻو خودڪفيل ٿي چڪو آهي. هن شهر ۾ ايترا ته گهڻا جعلي ۽ هٽرادو فقير پيدا ٿي پيا آهن جو سنڌين چواڻي ته: “لٺ هڻ ته وچي جڙتو فقيرن جي مٿي تي لڳندي.” جڙتو ۽ جڳاڙي فقيرن جي انهن اڌو وصف اها آهي ته ڏاڙهي وڌايو. (سونهاريءَ جو پرم به نه ٿا رکن)

ضلعي دادو جي منفرد شاعر دادن فقير ڪيڏو نه سچ چيو آهي. سندس شعر آهي:

“رڪايان ان ڪري نه ٿو ڏاڙهي اي دادن
برا افعال ڏسي متان ڪو پٽي نه وٺي”

طوائفن جي وچ ۾ ويهي، انهن جي جسمن ڪي ايڪسري جي مشين ۾ فلم وانگر ڏسڻ، انهن جي گفتگو جو مزو وٺڻ ۽ انهن کان فرمائشون ڪرڻ ته؛ “اڄ ته تنهنجي هٿن سان نهيل چانهه پيئندم، هوٽل جي چانهه پي پي ڪڪ ٿيو آهيان.” (گهر گهاٽ ئي ڪو نه هين) اهڙين عورتن سان بي مطلب گفتگو ڪري، انهن سان تاڙو ملائي هٿن جو لمس وٺي ۽ پوءِ فرمائشي تهڪ ڏيڻ ۽ پاڻ کي فقير سڏرائڻ؟!!!

هي ڊراما باز، اندر جا پليت، شيطان صفت بقول جمعي فقير ته؛ “ابا ڏڄ، انساني کل ۾ ڪيتريون ئي بلائون گهمنديون ٿيون وتن.” ڏينهن رات پراين ۽ ڌارين عورتن کي ٽي وي، وڊيو، فلمن ۽ اسٽيج ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ جا ڏٿا ڏئي، رات جي پيٽ ۾ اسٽيج ڊرامن جا هدايتڪار ۽ ڪهاڻيڪار بڻجي، اهڙي ڏک ڏيندا چڻ آمريڪا جي فلمي اداري هالي ووڊ مان ٽريننگ وٺي آيا آهن. حسينن جي مجلس ۾ ويهڻ جو گر ان ريت سکيا آهن جو ڪي ته پاڻ کي هٿ جي ريکائن ڏسڻ جا گرو (ماهر) به ڪوٺائين پيا. چو ته، ايئن حسين عورتن ۽ سهڻن چوڪرن جا هٿ ڪجهه دير ته هنن جي هٿن ۾ رهندا.

“تقريب ڪڇ تو بهر ملاقات چاهيئي”

لاڙڪاڻي ۾ هڪڙو اهڙو نئون، جعلي ۽ جڳاڙي پير پيدا ٿيو آهي، جيڪو نالي ۾ مسلمان آهي پر هندن جي پنڊتن ۽ پوپن کي به مات ڏئي ويو آهي. بظاهر سادو نظر ايندو. پويان ڪياڙي تائين وڏا وار ۽ وڏي ڏاڙهي. اردو جي ڪنهن شاعر جي لفظن ۾:

“يه تيري سادگي پي اڪ فريب هي”

هي جعلي فقير پين کي نقش ۽ تعويذ لکي ڏيڻ ۾ ڏينهن رات رڌل آهي پر پنهنجا نصيب اهڙا اتس جو پاڻ “پن سن” جي ماني کائڻ ۾ پورو آهي. هي شعبدي باز گرو، پنهنجن نوجوان چيلن (مريدن) کي منفي قدرن ڏانهن مائل ڪري، ماڻهپي مان ڪڍي، اخلاق کان ڪريل، وحشي دور جا سبق ڏيندي چوي ٿو: “ڇا جو پيءُ ماءُ؟ ڪهڙي پيءُ جي شفقت؟ ڇا جي ماءُ جي مامتا؟ هي سڀ ڪجهه جنسي بک جو پورائو ڪرڻ جو نتيجو آهي. جيڪڏهن والدين کي اولاد سان محبت

هجي ها ته پوءِ والدين هڪ ڀار ڄڻڻ تي اڪتفا ڪن ها. هڪ ڀار ڪان پوءِ ٻيا ڀار پيدا ٿيا ته اولاد سان ڇا جي محبت؟ اهو ته سڌو سنئون جنسي ٻک جو پورائو ڪرڻو آهي. جي پيءُ جي ٻاجهه ۽ شفقت هجي ها ته پوءِ رستم ۽ سهراب ته پاڻ ۾ سڳا پيءُ پٽ هيا. رستم پنهنجي سڳي پٽ سهراب کي ڇو قتل ڪيو؟ ان وقت پدري رت جوش ڇو نه کاڌو؟" سوچڻ جو مقام آهي ته پاڪ رشتن ۽ ناتن جي پيل ڪرڻ جا واعظ ڪرڻ وارا پاڻ کي فقير سڏائن؟!! ان جو هڪ چيلو، جيڪو پنهنجي نرڙ تي فقير هجڻ جو هترادو ليبل چنبڙائي، پنهنجي گروءَ وانگر رت جي رشتن جي پيل ڪندڙ ۽ نالي ۾ مسلمان ۽ منهن مهانڊي ۾ انسان لڳندڙ ان گروء لاءِ چوي ٿو ته (معاذالله) هو ته خود خدا آهي. اڃا ويهين صدي جي هن مفڪر ۽ عوامي اڪابرن جي سرواڻ جمعي فقير جا چيل لفظ صحيح نه آهن ته:"ابا ڏج! انساني ڪل ۾ ڪيتريون ئي بلائون لڪل آهن."

جمعو فقير، جديد دور جو نئون وتايو، انهن مڙني ڪڌن ڪمن ۽ خراب ڳالهين کان آجو هو. انسان هيو، هن ۾ ضرور ڪي انساني اوڻايون به هونديون. پر الله پاڪ هن عوامي فيلسوف ۽ مفڪر کي گهڻين ئي گندين ڳالهين کان نجات ڏئي بچائي رکيو هو. ڇاڪاڻ ته جمعي فقير جي ڳالهه ۽ نگاهه ۾، "اصلي" انسانن جي "انساني عظمت" جو احساس به هيو ته خدا جو احترام به. هو فطرت جي ان لازوال انعام کان به خالي نه هيو، جنهن کي پيار چوندا آهن. قدرت هن کي قلب ۽ نظر جي وسيع دولت عطا ڪئي هئي. هي ان حديث جو عملي نمونو هيو، جيئن نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي ته؛ "ڇا تون نه ٿو ٻڌين ته سادگي ايمان جي نشاني آهي." يا انگريزي جي هن قول جي هوبهو تصوير هيو:

"Simple living-High thinking"

قمبر شهر ۾ رهڻ دوارن جمعو فقير حجامڪو ڪم ڪندو هيو. پر جڏهن قمبر مان لڏي لاڙڪاڻي جي هڪ پاڙي رحمت پور ۾ خيما اڏيائين ته حجامڪو ڪم ڇڏي، قدرت طرفان مليل لازوال انعام "پيار" جي پالوٺ، گگدامن ۽ ڪتن ٻلن جي خدمت ڪرڻ ۾ صرف ڪيائين ۽ ان سان گڏ گداءُ به ڪرڻ لڳو. پيشه ور فقيرن جيان 5 يا 10 روپين جي سين ڪونه هڻندو هو ۽ نه ئي ماڻهن کي تنگ ۽ ڪڪ ڪندو هو. ڪو ڪيس خيرات ڏيڻ کان انڪار ڪندو هو ته چوندو هيس ته؛ "الله پاڪ

جي جوڙ ته ڏس، توکي ڪيڏو نه خوبصورت ڪري پيدا ڪيو اٿس. ميان شڪر ڪر جو انسان ڪري پيدا ڪيو اٿئين! جي جانور ڪري پيدا ڪرئي ها ته تون ڇا ڪرينس ها؟ پنهنجي پيدا ڪندڙ، رازق ۽ پاجهاري جي نانءَ تي چند سڪا به قربان نه ٿو ڪرين سگهين! پر جي هاڻي ڪو مهمان اچي وڃئي ته ان کي راضي ڪرڻ ۾ ڪيترا پئسه خرچ ڪندين؟"

جمعو فقير ٻروچن کان خيرات اصل ڪونه گهرندو هيو. ٻروچ کي ڀري کان ڏسندي ئي پاسو ڪري ويندو هو. پڇيائونس؛ "ڇو؟" چيائين؛ "ان قوم ۾ خدا هجڻ جو دعويدار (فولاد شر) پيدا ٿيو هو. ان ڪري اڳ ۾ الله پاڪ کان ۽ پوءِ ٻروچن کان ٻڌان ٿو". هڪ دفعي ڪنهن ٻروچ کيس پاڻ هرتو هڪ روپيو خيرات طور ڏنو ته هٿ جي تري کولي، ان تي اهو روپيو رکي، آسمان ڏانهن اشارو ڪندي چيائين: "اڄ خبر پئي ته ٻروچ به توکان ٻڌن ٿا."

جمعو فقير سدائين مادي گڏهه رکندو هو. پاڻ کان وڏي ۽ ٻگهي ڏانگ هٿ ۾ هوندي هيس. ڪڏهن ڪڏهن گڏهه جي مٿان چڙهندو هيو نه ته گهڻي قدر گڏهه کي گهليندي نظر ايندو هو. ڪنهن چيس؛ "جمعا فقير هاڻي ڇڏ هن ڏٻري گڏهه کي، ڪو طاقتور گڏهه (نر) رک، جيڪو پاڻ هلي. هيءَ ته هلڻ ۾ هلاڪ آ". جواب ۾ چيائينس؛ "نر گڏهه گهر ۾ بيهاريان ته ان لاءِ ڪجهه به درزي کان ٺهرائڻو پوندو."

جمعو فقير ڪڏهن به ڪنهن پاڙي مان گذرندو هيو ته ڪتا، هن کي سڃاڻي ڪِيڏي لڳي پوندا هيا. رستي ويندي ڪنهن سان ڳالهائڻ لاءِ بيهي ته ڪتا به هن جي چوگرد اوتري دير تائين گهيرو ڪري بيهي رهندا هئا. هڪ دفعي ڪنهن پڇيس: "جمعا فقير ايترا ڪتا ڏاريا اٿئي؟" موٽ ۾ چيائينس؛ "بيوفا ڀرا ڪنون، ڪتا يار ڪريجي! چاڪاڻ ته هي نقصان ڪونه ڏيندا. گهر وٺي ويهاريان ته سنڀال ڪندا، پر جي ماڻهو وٺي ويهاريان ته پوءِ ڪهڙو حشر ٿيندو؟ اهو تون به سمجهين ٿو!"

هڪ دفعي جناب ذوالفقار علي ڀٽي، لاڙڪاڻي ۾ پنهنجي رهائش گاهه المرتضى هائوس جي اولهه واري حصي ۾، ڪچهري پئي ڪئي. پاڻ صدر مملڪت ۽ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر هيو. با-وردي ۽ با-ادب ڳاڙهن اڇن خلن (ڪلاهن، طُري وارا پٽڪا) وارا بيرا خدمت چاڪري ڪرڻ ۾ مصروف هئا ته ڀٽي صاحب کي جمعي فقير جي اچڻ جو اطلاع مليو، جنهن کي پاڻ نياپو موڪلي گهرايو هئائين. وقت جي صدر، ڀٽي

صاحب، اتي جمعي فقير جي آجيان ڪئي ته حاضرين مجلس بـه اٿـي بيٺا. تنهن تـي جمعـي فقيـر چيـن: "خوشـامد گهـٽ ڪريـو. هـونءَ تـه رستي ويندي اسان پارن مسڪينن کي سلام جو جـواب ڏيـڻ ۾ بـه ڀـرو چڙهندو اٿو."

هڪ عيد تي، ڀٽو صاحب عيد نماز پڙهڻ ۽ کلي ڪچهري ڪرڻ لاءِ، جيئن المرتضى مان نڪري، نئون ديرو وڃي رهيو هو ته لاڙڪاڻي شهر جـي ميونسپل هاءِ اسڪول جي موڙ وٽ جمعي فقير سان مڪا ميلو ٿيـس. ڀٽي صاحب گاڏي□ مان لهي جمعي فقير کي چيو؛ "جمعا! عيد مبارڪ، وڏي اڄ ته عيد ملئون." چيائينس: "اڃا عيـد نمـاز پڙهـي نـه اٿئي! ڇـا جي عيد مبارڪ؟" ڀٽي صاحب چيس؛ "چڱـو ڀلا دعـا ڪـر!" چيـائينس؛ "منهنجي دعا سان ته پاڪستان جو بادشاهه (صدر) ٿيو آهين. اڃـا بـه راضي ۽ خوش ناهين ته ......."

جناب ذوالفقار علي ڀٽو هن سان اڪيلائپ ۾ ملـي ڳجهيـون ڳالهيون ڪندو هو. انتظاميه ۾ اچي ڦڙڦوت پئي ته الائي جمعو فقير متان اسان جي شڪايت نه ڪندو هجي. ان ڪري ڀٽي صاحب جي آمد تي، جمعي فقير لاءِ المرتضى واري روڊ تي اچڻ وڃڻ تي ڪرفيو لڳايو ويو. هڪ ٻه دفعا ڀٽو صاحب لاڙڪاڻي آيو پر جمعـي کـي نـه ڏٺـائين. پڇـا ڪيـائين؛ "جمعو فقير ڪٿي آهي؟ مان ٻه ٽي دفعا لاڙڪاڻي آيو آهيان پر جمعـو فقير رستي ويندي ٻه نه ٽڪرايو آهي. خدا نه ڪري، ڪٿي جمعو بيمـار ته نه آهي". سختيءَ سان حڪم ڏنائين؛ "جمعـي فقيـر کـي ڪٿـان بـه ڳولي، هاڻي جو هاڻي مون سان ملايو". ڀٽي صاحب جا نادري حڪم هو. لاڙڪاڻي جي انتظاميه ۾ ٿرٿلو پئجي ويو. جمعي فقير جـي تلاش ۾ ڪيترائي آفيسر نڪري پيا. ڳوليندي ڳوليندي، ڏٺائون تـه جمعـو فقيـر مڇي مارڪيٽ (خان بهادر امير علي لاهوري مارڪيٽ) ۾ اکيون ٻـوٽي، گوتم ٻڌ وانگر ڪنهن گيان ۾ گم هو ۽ سندس پرسان گـاهه کـائي رهي هئي. هڪ وڏي عملدار پرسان وڃي چيـس؛ "ڀٽـو صـاحب، تـوکي ياد پيو ڪري. اسان سان گڏجي هل." جمعي فقير، فوري طـور گڏهـه جي رسي ۾ هٿ وجهي، ان کي گهلڻ شروع ڪيـو. جنهـن تـي عملـدار چيس؛ "تون گڏهه کي گهلي پيادو هلنـدين تـه پـوءِ المرتضـى هـائوس ڪڏهن پهچندين؟ هي پوليس اسڪاٽ ۽ ڀٽي صاحب وزيراعظم هائوس جي ڪار خاص ڏني آهي، ان ۾ چڙهي هل." اهو ٻڌي جمعي فقير گڏهـه کي ساڳي جاءِ تي بيهاريندي چيو: "پاڻ (ڀٽي صاحب) مـاڻهو موڪليـو

اٿس، مان پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجي سواري تي هلندم. هي ڪا توهان وانگر حڪومت واري عارضي سواري ڪانهي، جنهن تي اڄ هڪڙو چڙهي ته سڀاڻي اها ساڳي گاڏي ڪنهن ٻئي جي هجي. مان ڪار تي مرڳو ڪونه چڙهندم. توهان جي مرضي وڃي پٺي صاحب کي ٻڌايو ته جمعو ڪار تي نه ٿو چڙهي.” پٺي صاحب جو حڪم هيو سو پوليس عملدارن چيس؛ “فقير تنهنجي مرضي، گڏهه تي ئي هل، پر ٻيلي خدا کي مڃ! هل ته سهي!” لاڙڪاڻي جا روڊ جيڪڏهن شاهدين ڏيڻ جهڙا هجن ها ته اها شاهدي يقينًا ڏين ها ته ڪيئن جمعو فقير پوليس اسڪاٽ واري پروٽوڪول ۾، پنهنجي ڏٻري گگدام گڏهه تي چڙهي، خرامان خرامان المرتضى هائوس (وزيراعظم هائوس) ۾، گڏهه سميت، اندر داخل ٿيو هيو.

هتي پاڻ کي، نعوذ بالله، خدا سڏائيندڙن جا سڄ ايريا ۾ ٻڏي به ويا. پر جمعي فقير جو سڄ اڀريو ته ٻڏو ڪونه. مون کي ايران جي مشهور شاعر حافظ جو شعر ٿو ياد پوي. جيڪو حافظ چڻ لاڙڪاڻي جي جمعي فقير لاءِ چيو هو:

“دولت فقر خدايا به من ارزاني دار،
که اين ڪرامات سبب، حشمت و تمڪين من است”

(خداوندا! مون کي فقيري جي دولت عطا ڪر! ڇاڪاڻ ته اها مهرباني منهنجي شان ۽ شوڪت جو باعث آهي)

گذريل سال ڊسمبر مهيني جي پوئين هفتي ۾، لاڙڪاڻي کي ضلعي حيثيت ۾ 100 سال پورا ٿيڻ تي، شاهنواز ڀٽو آڊيٽوريم ۾ ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي طرفان “جشن لاڙڪاڻو” ملهايو ويو. جنهن ۾ محترم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، محترم ڪريم بخش خالد، محترم عبدالغفور پرڳڙي، ميڊم حميده کهڙو ۽ ٻين شرڪت ڪئي. مگر مجال آ جو ڪنهن ڳالهائيندڙ جي واتان، هن جديد وتائي جمعي فقير جو نالو نڪتو.

ان ساڳي طرز تي، لاڙڪاڻي سان تعلق رکندڙ، اردو ڳالهائيندڙن طرفان ٺهيل هڪ علمي ادبي تنظيم “لاڙڪاڻو سنگت” جي پليٽ فارم تان، نيپا آڊيٽوريم ڪراچيءَ ۾ گذريل 18 جنوري تي “جشن لاڙڪاڻو” ملهايو ويو. جشن لاڙڪاڻو جو اهتمام ڪندڙ، لاڙڪاڻو سنگت جي باني چيئرمين ۽ انجمن ترقي پسند مصنفين جي سيڪريٽري جنرل، سٺي ۽ نامور شاعر ۽ اديب مسلم شميم، پنهنجي آجياڻي تقرير ۾ جديد ڏاهي

۾ عوامي اڪابر جمعي فقير جي نالي جو بار بار ورجاءُ ڪيو ته ههڙو عوامي فيلسوف به لاڙڪاڻي جي مردم خيز زمين جي پيداوار آهي. لا ڙڪاڻي مان لڏي ويندڙ فوٽو گرافر ا ڪرام دکني سان جڏهن يونيورسٽي روڊ ڪراچي جي دشتيار اپارٽمينٽس ۾ قائم ڪيل سنڌ فوٽو اسٽوڊيو ۾ اڳوڻي صدر ايوب خان ۽ جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي تصوير سان گڏ لڳل جمعي فقير جي گڏهه سان نڪتل تصوير بابت پڇيم ته اڪرام وراڻيو: “هي ٻئي (ايوب خان ۽ ڀٽو صاحب) پاڪستان جي رياست جا بادشاهه (صدر) هيا ته جمعو به پنهنجي رياست جو بادشاهه هيو.” پوءِ اردو جو شعر پڙهيائين:

“هم خاڪ نشينون ڪي ٺوڪر مين زمانه هي

## پروفيسر نذير احمد سومرو

# جڏهن دلگير، دلگير ٿي لاڙڪاڻي کان موڪلايو

لاڙڪاڻي جي مٽيءَ مان چمڪندڙ هڪ هيري جو نالو؛ هري دَرياني دلگير آهي. ٻه چار ڏينهن اڳ جي ڳالهه آهي. آءٌ هري دَرياني دلگير جي لاڙڪاڻي واري پراڻي گهر جي جاءِ (جتي هري درياني دلگير ٻانبڙا پائي زندگيءَ جي ڏاڪڻ تي قدم رکيا هئا) وٽان گذرندي ڪامريڊ سوڀي گيانچندڻيءَ جي طبع پرسي ڪرڻ لاءِ سندس قيام گاهه ڏانهن پئي ويس ته واٽ تي هڪ دوست مليو. مون تي نظر پوندي ئي چيائين؛ ”يار! ڳالهه ٻڌئي؟ هري درياني دلگير به پرلوڪ پڌاري ويو!“ وائڙو ٿي پڇيومانس ته؛ ”ڪڏهن؟“ ٻڌايائين؛ ”هاڻي هاڻي ڪي ٽي اين خبر نشر ڪئي آهي.“

ورهاڱي کان پوءِ سڄي سنڌ وانگر لاڙڪاڻي جا هندو به لڏپلاڻ ڪرڻ لڳا. هري درياني دلگير جا مٽ مائٽ ۽ دوست، ڪيس لڏڻ جو مشورو ڏيڻ لڳا.

جواب ۾ هري دلگير چين؛ دلگير ته هونءَ ئي آهيان، ويتر چو ٿا مون کي دلگير ڪريو! آءٌ لا ڙڪاڻي جي متيءَ جو تهيل آهيان ۽ لاڙڪاڻي جو شمشان گهاٽ منهنجو انتظار ڪري رهيو آهي.“

چيائونس؛ ”هتي شمشان گهاٽ ئي نه رهندو ته توکي اگني سنسڪار ڪٿي ڪندا؟“

وراڻي ڏيندي چيائين؛ ”شمشان گهاٽ هندن جو نه سهي پر باگڙين جو ته هوندو. منهنجو اگني سنسڪار اتي ڪيو ويندو. توهان کي وڃڻو آهي ته وڃو. مان ابا ڻا ڪک ڪنهن به حالت ۾ ڪونه ڇڏيندس.“

ٿورن ماڻهن کي اها خبر هوندي ته هري دلگير، سنڌيءَ کان سواءِ اردوءَ جو به سٺو شاعر هو. ورهاڱي کان پوءِ حيدرآباد دکن مان لڏي ايندڙ هڪ وڪيل، لا ڙڪاڻي ۾ هڪ ادبي ادارو (1948ع ۾) قائم ڪيو. ان نئين ادبي اداري جو نالو به هري درياني دلگير رکيو. 23 ڊسمبر 1953ع تي سکر ۾ جيڪا به-روزه سنڌي اردو ڪانفرنس ٿي ته ان جو افتتاح، پاڪستان حڪومت جي ان وقت جي وزير قانون اي ڪي بروهي ڪيو هو ۽ اختتامي اجلاس جي صدارت هري دلگير ڪئي هئي. هن ڪانفرنس ۾ اردو ٻوليءَ جي چوٽيءَ جا اديب ۽ شاعر جهڙوڪ مولانا عبدالمجيد سالڪ ۽ شوڪت ٿانوي به شريڪ ٿيا هئا. هن ڪانفرنس جو اهتمام شيخ اياز، آفاق صديقي ۽ شيخ راز ڪيو هو. ننڍي ڪنڊ جي ورهاڱي واري انساني بوڏ ۾، هندستان جي رياست ڀوپال مان حاجي عبدالرزاق نالي ماڻهو، ٻين سان گڏ، لڙهي اچي لاڙڪاڻي پهتو. جتي کيس پوسٽ آفيس ۾ ڊپٽي پوسٽ ماسٽر ڪري رکيو ويو. ان پوسٽ ماسٽر جو وڏو پٽ عبدالرحمان، ا ڳتي هلي اردو شاعريءَ جو وڏو نالو محسن ڀوپالي بڻجي وڏي شهرت ماڻي. محسن ڀوپاليءَ جا ڪيترائي شعر، پاڪستان جي قومي اسيمبلي جي ايوان ۾ گونجيا. 1954ع ۾ محسن ڀوپالي اين اي ڊي ڪاليج (هاڻي يونيورسٽي) ڪراچيءَ مان انجنيئرنگ ۾ ڊپلوما ڪئي ته کيس تعميرات کاتي ۾ اوورسيئر جو آرڊر مليو. نوڪريءَ تي چڙهڻ لاءِ کانئس ضمانت طلب ڪئي وئي. سندس پيءُ عبدالرزاق، پنهنجي طرفان پنهنجي

هم زبانن ڏانهن ٻوڙيو. هر هنڌان، ڪيس ٺپ جواب مليو. نوڪريءَ تي چڙهڻ ۽ ڊيوٽي ڪرڻ لاءِ، ڏنل مدو پنهنجي اختتام واري تاريخ ڏانهن پئي وڌيو. محسن پوپاليءَ جي دل، سست ٿيڻ لڳي. هڪ ڏينهن شام جو، لاڙڪاڻي جي مشهور سيئو چوڪ (هاڻي پاڪستان چوڪ) تي محسن پوپاليءَ جي اوچتو هري دلگير سان ملاقات ٿي. ٻئي بزم ادب جا ميمبر هئا. ان ڪري ٻنهي جي پاڻ ۾ گهڻي ڏيٺ وائٺ ۽ گهرائپ هئي. محسن پوپاليءَ جو لٿل چهرو ڏسي، هري دلگير ڪانئس ماجرا پڇي. محسن پوپاليءَ ڪيس سڄو قصو ٻڌايو. جيڪو ٻڌندي ئي نرم دل، دلگير جي دل پڇي پئي ۽ چيائينس: ”ان ۾ فڪر ڪرڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ دستاويز/بانڊ ڪٿي آهن؟ مان هاڻي تو صحيح ڪري ڏيانءِ.“

محسن پوپالي چيس: ”ان دستاويز ۾ هڪ ڏاڍو ڏکيو شرط آهي. ان ڪري ئي هرڪو پيو نٽائي.“

هري دلگير چيس: ”پلا ڪو خالي ڪاغذ ئي ڪڍي اچ ته آءٌ ان تي صحيح ڪريان. پني تي مرضيءَ سان عبارت لکي ڇڏجانءِ.“

محسن پوپالي جي چوڻ مطابق: ”جنهن وقت هري دلگير ڳالهائي رهيو هو، ان وقت مون کي پاڻ ئي اعتبار نه پئي آيو. خوشي ۽ بي اعتباري جي گاڏڙ ڪيفيت محسوس ڪندي، پاڻ کي چهنڊڙي پائي چيم: ’هي جاڳ آهي يا ڪو خواب آهي؟‘ هي هندو جيڪو منهنجي اڳيان بيٺو آهي، سو انسان جي روپ ۾ ڪو نيڪيءَ جو فرشتو آهي يا نيڪيءَ جي فرشتي جي روپ ۾ انسان.“

محسن پوپالي پنهنجي گهر ڏانهن ٻوڙيو ۽ بنا دير اهو دستاويز/بانڊ کڻي، پنهنجي والد سان گڏ، سيئو چوڪ تي آيو. نماڻو هري دلگير، ساڳئي هنڌ تي، سندس منتظر ٿيو بيٺو هو. تڙ ت ڪڙ ۾، هريءَ اکيون ٻوٽي، ان بانڊ/دستاويز تي، پنهنجي ضامن طور صحيح ڪري ڇڏي.

محسن پوپالي حال حيات آهي. نوڪريءَ تان رٽائر ٿي چڪو آهي. ناظم آباد ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو. پنهنجي رهائش گاهه تي، لاڙڪاڻي سان تعلق رکندڙ هر ماڻهوءَ سان ملاقات دوران، اکين ۾ آب آڻي، اها ڳالهه بار بار ورجائي چوندو آهي: ”هري دلگير جو

اهو تورو ڪو تورو نـاهي. منهنجـي دل جـي بئنـڪ جـي اڪائونٽ ۾ سندس احسان ۽ تورو، وياج سميت چڙهندو رهي ٿو. قـرض ڏيـڻ ۽ وياج وصول ڪرڻ وارو ته سرحد پار رهي ٿو.“ (محسن پوپـالي بـه گلي جي ڪئنسـر سـبب ڪراچيءَ ۾ جنـوري 2007ع ڏاري لاڏاڻو ڪري ويو: مرتب)

لاڙڪاڻي جي حالت اهڙي موڙ تي اچي بيٺي جو هـري واقعـي دلگير ٿي پيو. پنهنجي ڳـوٺ ۽ وطن کي نه ڇڏڻ جا جيڪي پاڻ سان ۽ مائٽن سان وچن ڪيا هئائين، انهن ۾ ڏار پوڻ شروع ٿيا. 1958ع ۾ هڪ ڏينهن هو، لاڙڪاڻي جي بندر روڊ سان ڳنـڍيـل گهٽـي، رضـويه اسـٽريٽ، جـي آخـري ڇيـڙي وٽ نهيـل بـزم ادب جـي عمـارت ۾ موڪـلائڻ، ملول دل ۽ ذهن سميت داخل ٿيو. بزم جي صـدر ۽ سـنڌ جي وڏي اديب سان سور سـليندي چيـائين: ”ڇـل ڇلائو جـو زمـانو اچي ويو آهي. مرڻ کان اڳ ڪنهـن ڏارئي ديـس ڏانهـن اڏرڻ لاءِ پـر ساهيا اٿم.“

سپني ڪيس منع ڪئي ته چيائين: ”ڪنهن جـي دل لا ڙڪاڻي ۽ سـنڌ کـي ڇڏڻ لاءِ چـوي ٿـي؟ سـنڌ تـه رڳ رڳ ۾ واسـيل آهـي. پـر حالتون ڪجهه اهڙيون آهن، جو آءٌ وڏيڪ هتي رهي نه ٿو سگهان.“

ٻئي ڏينهـن تـي بـزم ادب لا ڙڪاڻو طرفـان، سـندس اعـزاز ۾ الوداعي دعوت ڪئي وئي. الوداعي تقرير ڪندي شروعات ڪنهـن اردو شاعر جي هن شعر سان ڪيائين:

خير تو ساقي سهي ليڪن پلائي گا ڪسي؟<br>اب نه وه ميڪش رهي باقي، نه وه مـــئـــخانه.

تقرير جي پڄاڻيءَ وقت چيائين: ”يار! مان دلگير آهيان. لڳي ٿو ته جڻ بت مان ساهه ست ڇڏائبو ٿو وڃي. هـاڻي مـان پنهنجـي تقرير کي اڳتي وڌائي به نه سگهندس.“

پوءِ پٽائيءَ سرڪار جي هيءَ ست پڙهي روئي ويٺو.

هڪ سسئي پيا سور، ويا پٽيندا پاڻ ۾

ڪانپور، يوپي انڊيا مان ورهـاڱـي وقـت لڏي لاڙڪـاڻي ۾ پهچـڻ وارو عسڪري حسين به سن ستر واري ڏهاڪي ۾ پنهنجي مـائٽن ۽

دوستن سان ملڻ لاءِ ڪانپور ويو. هڪ رات جو دير سان ڪانپور جي مشهور قول باغ جي ٻاهران گهمندي روڊ تي هري دلگير تي نظر پيس. جيڪو الائي ڪهڙين سوچن ۾، ڪنهن گيان ۾ گم، پنهنجي منهن ڪيڏانهن وجي رهيو هو. عسڪري حسين سڏيءَ ۾ ڪيس سڏ ڪيو. هري دلگير واڱر جيان هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ شروع ڪيو. تيستائين عسڪري حسين به وڌي وجي پرسان بيٺس. اعتبار ۾ نه ايندڙ ڪيفيت سان، اکيون ڪڻي پڇيائينس؛ ”تون عسڪري مهاجر، لاڙڪاڻي وارو ته ناهين؟ مان به چوان ته هتي اترادي ۾ لاڙڪاڻي جي مخصوص لهجي ۾ ڪير تو مون کي سڏ ڪري؟“ عسڪري حسين کان وڏيڪ پڇيائين؛ ”لاڙڪاڻي جي ريلوي اسٽيشن جو پراڻو پليٽ فارم ياد آهي. خبر ناهي ته ان پليٽ فارم تي اهو نم جو وڻ اجا بيٺو آهي يا نه؟ جنهن جي چانوَ ۾ مون هيڏانهن اچڻ لاءِ، ٽڪيٽ وٺي ريل گاڏيءَ جي اچڻ جو، دلگير تي انتظار ڪيو هو. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته منهنجي موڳي دل، ڪيئن گائون مائون ٿيڻ لڳي هئي! اها منهنجي زندگيءَ جي آخري چانو هئي. باقي سڄي عمر ته نٿهڻ اُس ۾ رلي ٽڪجي پيو آهيان.“

عسڪري حسين پڇيس؛ ”تون هتي ڪيئن؟ تنهنجو گهر ڪٿي آهي؟ دهليءَ ۾ يا اڏي پور ۾؟“

دلگير جواب ۾ چيس؛ ”منهنجو گهر الائي ڪٿي آهي؟ پر منهنجو گهر ته لاڙڪاڻي ۾ آهي.“ راتين جي رولاڪ ۾ بي چين دلگير جي خبر ناهي ڪهڙي گهر مان ارتي ڪنئي وئي هوندي! الائي ڪهڙي شمشان گهاٽ ۾ سندس ڪرياڪرم ٿيو هوندو؟ هنن اکرن لکڻ وقت سندس پڳڙيون به تي ويون هونديون. پاڻ ئي ته پنهنجي جيئري چوندو هو؛ ”زنده لاش دلگير جي روپ ۾ قري رهيو آهي.“ دلگير جون پڳڙيون ته ان ڏينهن تي ويون هيون، جنهن ڏينهن، هن لاڙڪاڻي مان لڏيو هو.

Posted by wahabsahito at 12:49 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## انقلاب ۾ سونهن جو شاعر: ذوالفقار راشدي

پروفيسر نذير احمد سومرو

# انقلاب ۽ سونهن جو شاعر: ذوالفقار راشدي

ورهاڱي کان پوءِ، سنڌي اديبن ۽ شاعرن جي جيڪا نئين پوش، ادبي ميدان ۾ ظاهر ٿي، تن مان ذوالفقار راشدي به هڪ آهي. شيخ اياز، نياز همايوني، شيخ عبدالرزاق راز، بشير مورياڻي، بردو سنڌي، عبدالڪريم گدائي، غلام محمد گرامي، مخدوم طالب المولى، استاد بخاري، تنوير عباسي، شمشير الحيدري، شيخ عبدالحليم جوش، علي محمد مجروح ۽ انهي سطح جي ٻين انيڪ شاعرن سان گڏ نوجوان شاعرن جهڙوڪ: قمر شهباز، شيخ قيوم طراز، فتاح ملڪ، امداد حسيني، الطاف عباسي، محسن ڪڪڙائي، وفا پلي، وفا ناٿن شاهي، نظر سنڌي، تاج بلوچ ۽ ذوالفقار راشديءَ تائين، سنڌي پڙهندڙن سان متعارف ٿي. ٽه-ماهي مهراڻ ۽ ماهوار نئين زندگي جي ايڊيٽرن، پنهنجي جوهري ڏانءَ سان، انهن موتين کي جرڪايو ۽ نئين ٿهيءَ جو اصطلاح انهن شاعرن جي فڪري رنگيني ۽ اثر انگيزي جي ڪري ئي رائج ٿيو. ڏهن ون-يونٽ نهيو ته سنڌي شاعرن جو حسن ۽ عشق جي معاملن مان نڪري، زندگيءَ جي مسئلن سان متصادم ٿيو ۽ مزاحمت جو هڪ انوکو دور ۽ انداز شروع ٿيو. انهيءَ سموري دور ۾، نئين سنڌي شاعريءَ ڪلاسڪ سان پيچ پائيندي، انقلاب ۽ جمال جا نوان رنگ چمايا. مرحوم ذوالفقار راشديءَ جو شمار به انهيءَ دور جي فڪري ۽ فني طور تي مٿانهين درجي جي شاعرن منجهان ٿئي ٿو. هو نه رڳو اهم شاعر ۽ سچو صحافي هو پر علم ۽ ادب بابت، تنقيد جي ڏس ۾، سندس خاص نقطه نظر رهيو. ترقي پسندي ۽ جديديت واري آميزش وارو انداز. ذوالفقار راشديءَ کي علم ۽ ادب، ڏاڏنگ ۽ نانگ کان ورثي ۾ مليو. سندس ناني ميان محمد عثمان خان وڳڻن واري جي، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي والد الهداد خان جتوئي سان گهاٽي دوستي هوندي هئي. الهداد خان جتوئي، سندس ناني سان ملڻ لاءِ ايندو هو ته پنهنجي پٽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي کي به پاڻ سان ورتيون ايندو هيو. ائين ذوالفقار راشديءَ جي حيدربخش جتوئيءَ سان ڏيٺ ويٺ ٿي، جيڪا هم خياليءَ هجڻ سبب اڳتي هلي، گهاٽي دوستيءَ جو روپ اختيار ڪري وئي. ٻنهي جي

عمرين ۾ گهڻو فرق هو پر انقلاب ڪنهن به حد سرحد جو قائل نه هوندو آهي. ويتر جو هندستان مان لڏي آيل هڪ نوجوان ۽ ترقي پسند ليکڪ نديم شاهين سهروردي (هن جي مزار هاري آفيس رتوديرو جي اڳڻ ۾آهي) سان ويجهڙائپ پيدا ٿي ته هن لاڙڪاڻي ۾ نئڊي ڪنڊ، ايشيا جي مشهور ڪميونسٽ اڳواڻ سيد جمال الدين بخاري سان ڪيس ملايو ته سندس ترقي پسند سوچ ڪي چڻ هٿي ملي وئي.

ذوالفقار راشدي هڪ گادي نشين پير هوندي به انقلاب جي گس جو پانڌيئڙو رهيو. روشن خيالي ۽ رومانس سندس مزاج جو حصو هئا. ذوالفقار راشديءَ، هڙان وڙان 1957ع ۾ نئون ديرو ۾ هاري ڪانفرنس ڪوٺائي. جنهن علائقي جي پنتي پيل ماڻهن جي سياسي سرت کي مهميز ڏني. ڪانفرنس جي صدارت، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ڪئي ۽ ڪارروائي سيد جمال الدين بخاري هلائي. جنهن جا اثر، پري پري تائين پهتا ۽ سماجي تبديليءَ لاءِ نوجوانن ساهس ڏاريو.

ذوالفقار راشدي، پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ مضبوط اعصابي قوتن جو مالڪ هو. ڪيس زندگيءَ ۾ ڪيترين ئي تڪليف-ده ۽ ناخوشگوار ذاتي آزمائشن مان گذرڻو پيو پر هو نظرئي سان سچائيءَ جي ڪري مستحڪم رهيو. اهڙيءَ ريت ادبي دنيا ۾ به نوان معرڪا سَرِ ڪيائين.

ماهوار سوجهرو جي پهرئين ستر واري دور ۾، ادبي ڪمٽمنٽ ۽ نان ڪمٽمنٽ تي هلندڙ بحث ۾ شامل هڪ طرف تنوير عباسي، ممتاز مهر، خواجه سليم، ديپڪ اترادي (فرضي نالو) ۽ سليم سولنگي جهڙا وڏن نالن وارا اديب هئا ته ٻئي طرف ذوالفقار راشدي اڪيلو هو. جن جي وچ ۾ اڻ کٽ بحث هليا ۽ ڪيترائي فڪري مغالطا دور ٿيا ۽ نقد و نظر جو نئون باب کليو. ذوالفقار راشدي من موهيندڙ شخصيت جو مالڪ ۽ ملوڪ ماڻهو هو. سندس سهپ، علمي چاڻ ۽ رواداري اڄ به مثالي چئجي ٿي. هڪ دفعي باليءَ ۽ مير علي نواز خان ناز واري خيرپور کان 5 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ٺهيل ون-يونٽ بلڊنگ ۾ موجود هڪ آفيس ۾ ڪو ڪم ڪار هوس. ڪار قومي شاهراهه تان لهي جڏهن ون-يونٽ بلڊنگ جي ٻاهران بيٺي ته ڪار مان لهڻ بجاءِ ڪنڌ پوئتي ڦيري چيائين: ”خيرپور سان تعلق رکندڙ به وزير، ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت ۾ صوبائي ۽ مرڪزي وزارتون سيڙايون ويٺا آهن. ڇا هن بلڊنگ جو نالو حيدرآباد واري بلڊنگ وانگر بدلائي ناز بلڊنگ يا بالي بلڊنگ نه پئي ٿي سگهيو؟“ آفيس مان ڪم ڪار چڙهائي واندو ٿي، ڪار

جڏهن دل شاد منزل پرسان گذري ته ڏک وچان چيائين؛ ”هيءَ عمارت به هندستان جي تاج محل وانگر محبت جو يادگار آهي. هن محل نما عمارت ۾ خيرپور رياست جي والي مير علي نواز خان ناز جي حڪمران، اقبال بيگم عرف بالي رهندي هئي. اڄ هن محل جي حالت اها آهي جو اردوءَ جي ڪنهن شاعر جي سٽ وانگر:

الله ري سناٽا ڪه آواز پي نهين آتي.

ذوالفقار راشدي، لفظن جي مزاج، معنائن ۽ انهن جي رمزن ۽ اسرارن جو شناسور قلمڪار هو. اهو ئي سبب آهي جو سندس شاعريءَ ۾ لفظن جي پرتي نظر نه ايندي. سندس شعري مجوعي، سوچ ڪي لوچ ۾ سندس گهرن ۽ تکن جذبن، اُڌمن ۽ مشاهدن واري شاعريءَ ۾ سندس خاص ۽ الڳ رنگ نظر ايندو. سندس ٻڪشن، سندس تجربي ۽ مشاهدي جو نچوڙ آهي.

ذوالفقار راشديءَ جي شاعريءَ مان هر مڪتبه فڪر، مطالعي جو صاحب، ننڍي يا وڏي عمر وارو پڙهندڙ، حِظُ ماڻي سگهي ٿو.

سنڌيءَ ۾ جيڪي هڪ به وڏا غزل جا شاعر آهن، ذوالفقار راشديءَ جو نالو انهيءَ فهرست ۾ شامل آهي. سندس غزل جي علامتن، اشارن جي ڪري شعريت جو رنگ ڏاڍو گهرو آهي. هن غزل جي مروجه ۽ نئين لوازمات کي سونهن ۽ غنايت سان هنڊايو آهي.

ذوالفقار راشديءَ جي غزل ۾، نفيس خيال، لهجي جي انفراديت، فڪر جي گهرائي، ڪلاسيڪل روايتن جي پاسداري، تقليدي نه پر تخليقي نوعيت جي آهي جي ۽ انهن وصفن ئي کيس قادر الڪلام شاعر ثابت ڪيو آهي.

سندس هڪ غزل آهي:

گذاريـــــون پريشـــــــان خـــــيالات وانــــگر
يــــا ويــران مـــحـــــــلات وانـــگـــر

اکين مان ٽمئون ٿا، ڳلن تي ڳڙئون ٿا
ســدائين ٿـــــــڏي بوند برســــات وانگر

جـــتـــــي لـــــــــفـــــظ پـــابـــند، آواز قــيدي

بـــهـــشـــت بـــريـــن ســـو حـــوالات وانگر

اهـــــا پـــات ڪـــاري، وجـــڻ واري آهـــي
هـــــي آثـــار اوپـــر ۾ پـــريـــات وانـــگـــر

ڪوئي جانِ عالم، اسان جو به هوندو،
اچـــي ڪـــوت ڏاهي، طلســـمات وانگر.

شاعريءَ سميت، هو عمدو نقاد پڻ هو. سـندس مغربـي ادب جـو گهرو ۽ وسيع مطالعو هو. جنهن جو اثر سندس تنقيدي مضمون مـان ليئا پائينـدي نظـر اچـي تـو. ڪسوٽي، سـندس تنقيـدي مضـمون جـو مجموعو آهي. هو معروضي حقيقتن جو نقاد ۽ گهڻ-پڙهيو فرد هو. سندس مزاج ۾، پنهنجون ديسي روايتون به شامل آهن. ذوالفقـار راشديءَ جي تنقيد، معروضي آهـي. هـو پاسـخاطريءَ يـا ذاتـي حملـن کان گهڻو ٽو پاسيرو رهيو. اهو ئي سبب آهي جو سندس تنقيـد ۾ بـه سـندس شـاعريءَ وانگـر، اخلاقـي قـدرن ۽ مشـرقي روايتـن جـو خوبصورت انداز موجود آهي. جيڪو سندس چنڊچاڻ واري سونهن کـي معتبر بڻائي ٿو.

Posted by wahabsahito at 12:48 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## ذوالفقار راشدي: گهڻ-رخي شخصيت

پروفيسر نذير احمد سومرو

## ذوالفقار راشدي: گهڻ-رخي شخصيت

نـوٽ: ذوالفقـار راشـدي، 10 مـارچ 1938ع
ڏاري، راشـدي گهراڻـي جـي سـتين پڳـدار سـيد امـام راشـديءَ جـي گهـر، پيـر ڳـوٺ ۾ اکيـون کوليون. هن سموري تعليم خانگي طريقـي سـان حاصـل ڪئي. انگريـزي، فارسـي، اردو ۽ سـنڌي ٻولين تي عبور حاصل ڪيو. هو صحافي بـه رهيـو ته حيدر بخش جتـوئي جـي هـاري ڪاميٽيءَ ۾ بـه سرگرميءَ سان ڀرپور ورتائين. سوڀو گيانچنداڻي، ڪامريڊ جمال بخاري، ڪامريڊ نذير حسين جتوئي، ۽ نڊي ڪنڊ جـي ليکڪـا قـرت العيـن حيـدر ۽ ٻيـن ڪيـترن ئي اديبـن سـان سـندس علمـي، ادبـي ۽ سياسي لاڳاپا رهيا. مـذهبِ انسـانيت رسـالو بـه ڪڍيائين.
ڪسـوٽي سـندس تنقيـدي مضـمونن جـو مجموعو ۽ سوچ کـي لـوچ سـندس شـاعريءَ جـا ڇپيـل ڪتـاب آهـن. ٻيـن ڪيـترن ئي ڪتـابن جـا مسـودا سـندس لائبـرري ۾ موجـود آهـن.

(ايڊيٽر ماهوار سوجهرو)

سنڌ جي شاعرن ۾ ذوالفقار راشدي کـي هـڪ منفـرد ۽ ممتـاز حيثيت حاصل آهي. سندس غزل ۾ تغزل، تـازگي ۽ لهجـي ۾ نـواڻ ۽ سـوز آهـي. روايـتي سـنڌي غـزل کـي ذوالفقـار راشـدي شـعري جماليات ۽ لسانيات جو نئون وڳو پهرايو. جنهن سان سندس غزل جو حسن ٻيڻـو تـي پيـو ۽ غـزل-گـو شـاعر جـي حيثيـت ۾، سـندس سڃاڻپ به قائم ٿي.
ذوالفقار راشدي جي شاعري، هـڪ دل شڪسته شاعر جــي، عدم اطمينان جي شاعري ناهي. نه ئي هـو اڄ جـي سـنڌي شـاعر وانگر، عادتًا يا هرويرو، عاشق مزاج ۽ رومان پسند آهي. نه ئي هو مشاعرن جو شاعر هيـو. جـتي ڳـلي بـاز ۽ تڪبنـد شـاعر پنهنجـي نڙيءَ جي زور تي پنهنجا ڪچا ڦڪا ۽ اڌ اکـري شـعر پڙهـي، ڪـوٽ

ڪتندا )پار پوندا( آهن. سندس شعرن ۾ جيڪا پختگي ۽ نواڻ آهي، سا ته ڪيترن ئي شاعرن جي حصي ۾ سڄي عمر نه آئي ۽ نه ئي اچڻي آهي. پاڻ ئي چوندو هيو؛ ”هاڻي پراڻي شاعريءَ وارو زمانو ناهي رهيو. هاڻي شاعريءَ جو ڪو مقصد هجڻ گهرجي وارو زمانو آهي.“

ذوالفقار راشدي پنهنجي شاعريءَ ۾ محبت، پيار ۽ عشق جون به ڳالهيون ڪيون آهن پر هن پنهنجي شعرن ۾ ڪٿي به لفظن جو مانُ نه وڃايو آهي. هن پنهنجي شعرن ۾ لفظن جي حرمت کي بحال رکيو آهي.

هو پنهنجي خيالن کي، شعر جي سانچي/قالب ۾ فٽ ڪرڻ جو هنر ڄاڻندو هو. هو جهڙي لهجي وارو شاعر هو. سندس شعر صاف سٿرا آهن. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ جديد ۽ قديم طرزِ فڪر سان هڪ توازن پيدا ڪيو. اهو شاعريءَ جو توازن ئي ذوالفقار راشديءَ جي الڳ سڃاڻپ بڻجي ويو. ائين به ناهي ته ڪو ذوالفقار راشدي صرف غزل واري شاعري ڪئي آهي. هن شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي. سندس شاعريءَ ۾ معاشري جي بدلجندڙ قدرن، پنهنجي تهذيب جي پائمالي، اخلاقي ڏيوالپڻي، پنهنجن جي بيوفائي، قدر شناس ماڻهن جي مجرمانه خاموشيءَ، وصل جي سرشاري ۽ هجر جو ڪرب، هر هنڌ ليئا پائيندي نظر ايندا. حقيقت به اها آهي ته ذوالفقار راشدي هڪ پيدائشي شاعر هو. سندس شاعري پڙهي، شاعريءَ جي ڄاڻ رکندڙ، اهو اندازو لڳائڻ ۾ دير نه ڪندو ته شاعريءَ جي آمد ۽ آورد ۾ ڪهڙو ۽ ڪيترو فرق آهي.

ذوالفقار راشدي پيڙهيائتيو پير ۽ مرشد هئڻ جي باوجود، عوام دوست ۽ انقلابي سوچ جو مالڪ هو.

ذوالفقار راشديءَ جو مطالعو بيحد وسيع هو. انگريزي ادب جو کيس وڏو مطالعو هو. هن دنيا جي سمورين علمي، ادبي ۽ سياسي تحريڪن جو اڀياس ڪيو هو.

سندس علمي ڏاڪ ۽ ڄاڻ جا، سندس منڪر به کُليءَ دل سان اعتراف ڪندا. سندس علمي ڄاڻ جا ثبوت سوجهرو جا سن ستر

واري ڏهاڪي جا اهي شمارا آهن، جن ۾ ذوالفقار راشديءَ ۽ پين اديب دوستن جي وچ ۾، هڪ اڻ کٽ بحث جو سلسلو شروع ٿيو. جنهن ۾ رشيد پٽي، خواجه سليم، سليم سولنگي ۽ پين به بهرو ورتو يا سندس تنقيدي مضمون جو ڪتاب ڪسوٽي.

ذوالفقار راشديءَ جي ادبي دوستن جو حلقو به گهڻو وسيع هو. جن ۾ محترم محمد ابراهيم جويو، مرحوم اُستاد بخاري، تاج بلوچ، مرحوم نياز همايوني، تاج جويو، مرحوم ظفر حسن شاهه، مرحوم غلام محمد گرامي، پروانو پٽي، مرحوم مخدوم طالب المولىٰ، محترمه ماهتاب محبوب، مرحوم نسيم کرل، مرحوم طارق اشرف ۽ مدد علي سنڌي اچي وڃن ٿا.

ذوالفقار راشدي، ذاتي زندگيءَ وانگر، ادب ۾ آزاد خيال رهيو. هُو نڪو ساڄي ڌر سان وابسته رهيو ۽ نه ڪي کاٻي ڌر وارن سان. اجا ائين چئجي ته هو ساڄي ڌر کان وڌيڪ کاٻي ڌر سان لاڳاپيل رهيو. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي، لاڙڪاڻي جي بيراج مختيارڪار جي آفيس ۾، قربان علي بگٽي مرحوم سان ملڻ ٿيو، جتي هو ملازم هيو. مرحوم بگٽيءَ، کلندي کلندي ذوالفقار راشديءَ کي چيو؛ ”سائين هڪڙي ڳالهه چوان ناراض ته نه ٿيندؤ؟“

ورندي ڏنائينس؛ ”بگٽي! توکي خبر آهي ته مان وسيع المشرب ماڻهو آهيان! جيڪو توکي چوڻو آهي، سو بنان ڪنهن ڊپ جي چئه!“

تنهن تي قربان علي بگٽيءَ چيو؛ ”نه سائين! اهڙي ڳالهه ڪانهي. اصل ۾ آءٌ چوڻ ٿو گهران ته توهان جا ناتا ۽ گهڻ پلائي، ساڄي ڌر سان (ياد رهي ته قربان علي بگٽي مرحوم، ساڄي ڌر سان لاڳاپيل هيو) گهاٽا گهرا آهن. بهتر آهي ته توهان ساڄي ڌر سان ملي وڃو ۽ ان جو هڪ سبب اهو به آهي ته کاٻي ڌر وارا توهان کي مڃتا به ته ڪا نه ٿا ڏين.“

تنهن تي ذوالفقار راشديءَ چيس؛ ”توکي ڪنهن ٻڌايو آهي ته ترقي پسند اديبن طرفان، مون کي مڃتا ڪا نه ملي آهي. جيڪڏهن تون ائين سمجهين ٿو ته به، آءٌ انهن مان ئي ۽ انهن جو ئي آهيان.“

ذوالفقار راشدي، شاعر هجڻ سان گڏ، هڪ سٺو مضمون نگار، ڪهاڻيڪار ۽ نقاد پڻ هيو. سندس ڪهاڻين جي مجموعي، خوابن جو مسافر جو ٽائيٽل، پاڻ ذوالفقار راشديءَ، پنهنجي حياتي ۾ فتاح هاليپوٽي کان ٺهرائي ڇڏيو هيو. ذوالفقار راشديءَ جون، جيڪي ڪهاڻيون ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿي شايع ٿيون، انهن ۾ سندس ڪهاڻي ٿرڊ ڪلاس ٻن ٽن ٻولين ۾ ترجمو ٿي. هن اردو شاعري به ڪئي.

هڪ اعلیٰ درجي جو شاعر، فطرتي حقيقتن جو ترجمان ۽ دائمي قدرن جو قدردان هوندو آهي. ڇا ڪاڻ ته اهو ئي هڪ حساس ۽ نرم دل رکندڙ شاعر جو، سرمايو ٿئي ٿو. ائين ئي ذوالفقار راشدي، انساني مت پيد کان هميشه آجو رهيو. هو هڪ گادي نشين، روايتي پير، وڏو زميندار هوندي به پورهيتن، هارين، مسڪينن، مزدورن ۽ ابوجهه ماڻهن جي اندر جي اُڌمن جي ڳالهه ڪندو هو. هُو هڪ آدرشي انسان هو. هو صرف سندن ڳالهيون ڪو نه ڪندو هو، عملي طور انهي جو ثبوت به ڏيندو هيو.

هڪ دفعي سندس ڳوٺ واري بنگلي جي اندرئين وڏي ويڪري هال (ڪمري) ۾ ويٺا هئاسون. سندس راڄ جو هڪ اڻپڙهيل ماڻهو، اندر لنگهي آيو. ويٺو ۽ چيائين: ”سائين، ٻڌو اٿم ته توهان مون تي بيحد ناراض آهيو.“

تنهن تي ذوالفقار راشديءَ چيس: ”ڇا ٿي؟ ۽ اهو توکي ڪنهن چيو آهي؟“

ان ماڻهوءَ جواب ۾ ڪنهن ٻئي ڳوٺاڻي جو نالو ورتو، هڪ عام ۽ معمولي ڳالهه ڪئي.

تنهن تي ذوالفقار راشديءَ چيس: ”بابا تون ته ڏاڍو ڀولڙو ۽ ڀورڙو آهين. مان ڪنن جو ڪچو ناهيان. پهرين ڳالهه ته توکي به ڏوهه نه ڪيو آهي. جيڪڏهن تون منهنجي مخالف ماڻهن سان گڏجي گهمين ٿو ته پوءِ ڇا ٿي؟ اهو ته انساني حق آهي. آئون ڪير ٿيندو آهيان! منهنجي دل ۾ سينو ڪشادو آهي. جڏهن منهنجي درگاهه جا، جنهن جو آئون سجاده نشين آهيان، ڪيئي هندو مريد

به آهن ۽ اهي منهنجي سينيءَ ۾ سمائجي ويا آهن ته تون ڪيئن ڌار رهندين؟“

پنهنجي موت کان اڳ ۾ ئي، مون کي گهرائي چيائين؛ ”ايندڙ هفتي ڪراچيءَ هلنداسون. وات تي حيدرآباد ۾ به ڏاپو ڪنداسون، جتي محترمه مهتاب محبوب، طارق اشرف ۽ مدد علي سنڌيءَ سان به ملنداسين. ٻڌو اٿم تاج بلوچ به بدلي ٿي، حيدرآباد آيو آهي. ان سان به ٻه ٽي ڏينهن ڪراچيءَ هلنداسين.“

چيومانس؛ ”ڪهڙي تاريخ تي هلڻو آهي؟“

ڪجهه سوچ ۾ پئجي ويو. چيائين؛ ”تاريخ ڇا جي؟ بس هڪ ڏينهن اڳ ۾ ٻڌائيندومانءِ.“

مون دل ۾ چيو؛ ”في البديهه شعر چوڻ ۽ امالڪ گفتگو ڪرڻ وارو، اٽل ارادي جو مالڪ، اڄ پلا ايڏي سوچ ۾ ڇو پئجي ويو آهي. هڪ ته جواب به دير سان ڏنائين، ٻيو تاريخ به مقرر نه ڪيائين. سندس چهري تي ڪنهن طرح جي اداسي به نه هئي.

26 آگسٽ 1986ع جي شام جو، کيس ٿڌيءَ ۾ تـوري تڪليف محسوس ٿي. کيس لاڙڪاڻي جي پرائيويٽ اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو.

سندس تڪليف ۾ شدت ايندي وئي، تان جو 27 آگسٽ تي، رات جو 2 وڳي، اجل جو فرشتو هن قيمتي روح کي، پاڻ سان گڏ وٺي رمندو رهيو.

هاڻي ڪنهن سان نه آ دوستي ۽ نه دُشمني،
اي حبيبو الوداع، اي رقيبو الوداع .

ذوالفقار راشدي-

[پروفيسر نذير احمد سومرو]

# سڪيلاڏن سور......
# (شهيد ڀٽو ڏارين جي نظر ۾)

يادون به سدا سرسبز سائي وڻ جيان ٿين. خزان اچي ته ڪوڙ ساتريون يادون به سڪل پنن جيان ڇڻيو وڃن. پر ڪجهه يادن ۾ ايتري ته تازگي، سونهن ۽ شادابي ٿئي ٿي جو خزان جون هوائون ڪيترو به زور لڳائن پر اهڙين سونهري ۽ سدا بهار يادن جي سونهن ۽ تازگيءَ کي ڪومائي نه سگهن. ڪجهه يادون محبوبن جي حسين تصور ۽ خوبصورت خيالن جيان ڪتوري بڻجي وجود جي چوگرد واسو ڪري خيالن ۽ تصور کي به ديوانو بڻايو ڇڏين.

گڏيل پاڪستان جو آخري سال هو، گڏيل پاڪستان ۾ چونڊون ٿيڻ ڪان پوءِ قومي اسيمبليءَ جو پهريون اجلاس ٿيڻ لاءِ سياستدانن جا هڪ ٻئي سان رابطا هيا ۽ انهن جي وچ ۾ رسمي ۽ غير رسمي ڳالهين جا مختلف دور ٿي رهيا هيا. اڳوڻي اوڀر پاڪستان ۽ موجوده بنگلاديش جو هڪ اهم سياسي ليڊر مولوي فريد احمد لاڙڪاڻي جي دوري تي آيل هو. مولوي فريد احمد جي لاڙڪاڻي جي پراڻن ۽ ڪڪ سياستدانن سان ڏند شيڪ پرا ڻي هئي. مولوي فريد احمد جو ماروت انتخاب الحق، منهنجي والد عبدالحميد سومري ۽ چاچي حاجي درمحمد سان علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ ۾ نه رڳو گڏ پڙهندو هيو پر علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ جي محسن الملڪ هاسٽل جو روم پارٽنر پڻ هيو.ان حوالي سان مولوي فريد احمد قرب ڪري اسان وٽ به هلي آيو. وچولي قد ۽ پريل بدن سان مسڪرائيندڙ چهري وارو شخص هو. جناح ڪيپ پائيندو هو ۽ هلڪي بچي ڏاڙهي هوندي هئس. اسان جي اوطاق تي سياستدانن بابت ڳالهائي رهيو هو:

”سنڌ ۽ بنگال سان قدرت وڏا وڙ ڪيا آهن. بنگالي ۽ سنڌي سٺا سياستدان هئڻ سان گڏ سٺا اديب، ليکڪ ۽ شاعر پڻ آهن.“ اهڙن سنڌي سياستدانن ۾ هن مرحوم غلام محمد پير ڳڙي، سائين جي ايم سيد، شيخ عبدالمجيد سنڌي، حيدر بخش جتوئي ۽ قاضي فيض محمد سميت جناب ذوالفقار علي ڀٽي جا نالا ورتا.

سنڌ جي هن بي مثال ۽ بهادر سپوت ذوالفقار علي ڀٽي جو شمار پاڪستان جي انهن سياستدانن ۾ ٿئي ٿو، جنهن تي نه رڳو سنڌ پر سڄي ننڍي کنڊ کي فخر آهي ۽ دائمي فخر آهي.

ذوالفقار علي ڀٽي 1956ع ۾ قلم کڻي لکڻ جي شروعات ڪئي. ايس ايم ڪاليج جي شاگردن، جيڪي ان وقت ون يونٽ خلاف متحرڪ هئا. جن ۾ قادر بخش ٻڪڪ، نسيم کرل، خواجه سليم ۽ تاج بلوچ واري ٽهي، جيڪا ڪراچيءَ ۾ اسڪولي دور کان ئي سياست سان واڳيل هئي، کي خبر آهي ته سائين جي ايم سيد جي چوڻ تي ون يونٽ جي خلاف پهريون ڪتابچو 1956ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽي لکيو هو. ان کان پوءِ ”مٿ آف انڊيپينڊنٽس“ ۽ پنهنجي زندگيءَ جي آخري سالن واري تڪليف ده حياتيءَ سان ملندڙ ۽ نهڪندڙ نالي وارو ڪتاب ”گريٽ ٽريجڊي“ جي نالي سان انگريزي ۾ لکيائين. سواءِ ون يونٽ واري ڪتاب جي، باقي سندس پوين ٻن ڪتابن جو ترجمو ”نالي ماتر آزادي“ ۽ ”عظيم سانحو“ جي نالي سان سنڌي زبان ۾ شايع ٿيا.

والاريل ڪشمير جي وزير اعليٰ ۽ برصغير جي نامور شخصيت شيخ عبدالله پنهنجي آتم ڪٿا ”آتش چنار“ ۾ نئون ديرو جي هن نئين ورق ۾ پاڪستان جي سدا حيات سياستدان ذوالفقار علي ڀٽي جو ڏاڍي سٺي نموني ذڪر ڪيو آهي. شيخ عبدالله 1964ع ۾ پاڪستان جي دوري تي آيل هو ته پٺيان انڊيا جي وزيراعظم جواهر لال نهروءَ جو موت ٿيو. بقول شيخ عبدالله، هن ئي (شيخ عبدالله) صدر ايوب کي مشورو ڏنو هو ته جواهر لال نهروءَ جي شان ۾ مان لائق هڪ سرڪاري وفد پاڪستان جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ انڊيا موڪليو وڃي. شيخ عبدالله پنهنجي جيون آکاڻي ”آتش چنار“ جي صفحي 787 تي ڀٽي صاحب جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

”ذوالفقار علي ڀٽو ڪو، جو اس وقت پاڪستان ڪي وزير خارجه اور صدر ڪي بعد وهان ڪي سب سي اهم شخصيت تهي، هماري ساتهه نئي دهلي کا فريضه سونپا گيا. چنانچه هم لوگ اڪٺي ايڪ هي جهاز مين دهلي ڪي طرف روانه هوئي. اگرچه موقعي ڪي سنجيدگي کي وجه سي راستي مين سبهي اپني اپني خيالات مين گم رهي اور ڪوئي بات چيت نهين هوسڪي. ڪس ڪو معلوم تها ڪه اس چلبلي ذهين اور تيز نوجوان ڪي ساتهه

هماري آخري ملاقات هوگي!!! اور جس شخص ڪا مستقبل اس وقت اتنا شاندار نظر آرها هي وه آخر ڪار راولپنڊي مين سولي ڪي رسي پر جهول ڪر اپني جان، جان آفرين ڪي سپرد ڪردي گا.“

انڊيا جي پر آشوب صوبي بهار مان لڏي ايندڙ اردوءَ جي ڪهاڻيڪار ۽ تاج بلوچ جي گهاٽي ۽ ويجهو دوست مرحوم نعيم آروي پنهنجي اڌ آتم ڪٿا ”هجرتون ڪي مسافت“ ۾ ڀٽي صاحب لاءِ لکي ٿو:

”ڀٽو ايڪ سحر انگيز شخصيت ڪا مالڪ تها. پاڪستان ڪي سياسي افق پر ذوالفقار علي ڀٽو ڪي آمد اس قدر هنگامه خيز نه تهي، جتني آگي چل ڪر هوئي، وه دوراندیش، عجلت پسند اور شعله بيان مقرر تهي. ڀٽو صاحب ني ڪهوٽه مين جو سائنسي اداره قائم ڪيا تها، اس ڪي سائنسدان ايٽمي ڊٽرنٽ حاصل ڪرني مين ڪامياب هو چڪي تهي. امريڪا شديد ناراض تها، اس ني ڀٽو صاحب ڪو (Eliminate) ڪرني ڪا فيصله ڪرليا تها. ڀٽو صاحب ني پهلي اسلامي ڪانفرنس مين، جو لاهور مين منعقد هوئي، اعلان ڪيا تها ڪه هم ني ايٽم بم بناني ڪي صلاحيت حاصل ڪرلي هي. اس اعلان ني ڀٽو ڪي اقتدار ڪو اور اس ڪي زندگي ڪي آفتاب ڪو گهنا ديا.“

اردوءَ جو مشهور اديب ۽ ناميارو بيروڪريٽ، صدر ايوب جو پيارو سيڪريٽري قدرت الله شهاب پنهنجي آتم ڪٿا ”شهاب نامه“ ۾ جناب ذوالفقار علي ڀٽو جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

”مسٽر ذوالفقار علي ڀٽو مين بلا ڪي ذهانت اور خطابت تهي. اور انهين جديد علوم اور ان ڪي اظهار پر حيرت انگيز عبور تها. چند هي روز مين پريزيڊنٽ لائبرري ڪو کنگهال ڪر رکهه ديا. ڀٽو صاحب وزير خارجه ڪي منزل سي بهت آگي تڪ گئي اور انجام ڪار اقتدار ڪي ميدان ڪو يون چهوڙا جيسلاّ ڪوچه يار سي نڪلي، سوئي دار چلي.“

ڪاڇي ڌر جي مشهور ليکڪا، ڪالم نگار ۽ شاعره افضل توصيف پنهنجي ڪالمن جي ڪتاب ”شهر ڪي آنسو“ ۾ جناب زيڊ اي ڀٽو جو ڏاڍي شدت ۽ دلربائي سان ذڪر ڪيو آهي:

”موهن جو دڙو ڪي سائي مين پيدا هوني والي ذوالفقار علي ڀٽو ڪو آج سي پندرنهن برس پهلي پهانسي پر لٽڪايا گيا تها. اس ڪي قاتل ڀٽو ڪي سوچ، شهرت اور طاقت سي خائف تهي. اس ڪي حڪومت چهين لينا ڪافي نه تها. اس ڪو مار ڪر رات ڪي

انڌيري مين زير زمين اتار ديني مين هي فائده نظر آتا تها. مگر ڪس ڪا فائده؟

پهانسي ڪي تختي پر گهاس تو اگا نهين ڪرتي!! قاتل ني جان لي تو ڪيا هوا؟ جان ڪي پرواهه ڪس ڪو تهي؟ سقراط ڪو؟ عيسى مسيح ڪو؟ حسين ابن علي ڪو؟ (حسين بن) منصور حلاج ڪو؟ ڀگت سنگهه ڪو؟ ذوالفقار علي ڀٽو ڪو؟“

ريڊيو پاڪستان جو اڳوڻو ڊائريڪٽر ۽ اردوءَ جو منفرد اديب ۽ شاعر حميد نسيم پنهنجي جيون ڪٿا ”ناممڪن ڪي جستجو“ ۾ جناب ذوالفقار علي ڀٽو جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي:

”سندهي بهت محبت ڪرني والي اور بڑي صاف دل لوگ هين. ان ڪا احترام ڪرو تو ان جيسا مخلص دنيا مين ڪم ملي گا.....

..... اعجاز بٽالوي ڪهانيان لکهتي رهتي تو دنيا مين بڑا نام پيدا ڪرتي، ليڪن انهون ني وڪالت مين نام پيدا ڪرني ڪو زياده مناسب سمجها. دل ڪو بڑا دکهه هي ڪه وه ايڪ سياسي جينيس (بهٽو صاحب) ڪي خلاف سرڪاري وڪيل بني. ليڪن جانني والي جانتي هين ڪه انهين اپني عمر بهر ڪي ايڪ دوست ڪي صعوبت و ايذا ڪا انتقام نه لينا هوتا تو وه اس مقدمي مين وڪيل استغاثه بنني سي انڪار ڪرديتي.

پهر جس ڪو پهانسي پر چڑهانا تها تو وه ان ڪي بغير بهي پهانسي پر چڑهه جاتا. ميڪاولي ني ڪها هي ڪه حڪومت پر غاصبانه قبضه ڪرني والي ڪي ليئي لازم هي ڪه وه سب امڪاني دعويدارون ڪو فورن موت ڪي گهاٹ اتاردي.

بهٽو صاحب عميق تاريخي شعور رکهني ڪي باوجود عملي سياست مين ”مصلحت شناس“ نه تهي.“

اردوءَ جو نامور اديب ممتاز مفتي، جناب ذوالفقار علي ڀٽي بابت پڇيل هڪ سوال جي جواب ۾ چيو هو:

”بهٽو ڪي ساتهه ڪيون هوا؟ جيسا ڪه هوا. وه اس ليئي ڪه اس ڪي ذهانت لائٹين مارتي تهي. اس ڪي ذهانت ڪي لائٹون مين ان لوگون کي آنکهين چندهيا جاتي تهين“

جناب ذوالفقار علي پتي جي اذيتناڪ مهينن بابت ڇا چئجي، سواءِ ان جي ته، ”سڪيلاڌن سور، پينگهي منجهه پرايا.“ تاريخ بي رحم ضرور آهي پر انسانن وانگر بي قدر ناهي. تاريخ مٿائن وارن ڪي گمناميءَ جي تري ۾ اڇلائي ڇڏي ۽ متجندڙ ڪي نئين زندگي بخشي ٿي. پتي صاحب جي قاهيءَ تي مون کي اردوءَ جو هي شعر نهڪندي نظر اچي ٿو:

”ذرا يون چل ڪه هر منزل په تيرا خير مقدم هو،
تجهي جانا تو اي عمر روان، يون بهي هي اور يون بهي.“

Posted by wahabsahito at 12:43 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## ڪامريد سوڀو- پروفيسر نذير احمد سومرو

پروفيسر نذير احمد سومرو

# ڪامريد سوڀو

### هڪ اڻ ڏرئي جي نظر ۾

سنڌ ۾ جڏهن واچون ۽ گهڙيال، وقت ڪونه ٻڌائيندا هئا. تڏهن سج جا پاڇا ڏسي، ماڻهو وقت جو اندازو لڳائيندا هئا. اهڙن لهندڙ پاڇن جي وقت، سنڌو درياهه جي پرئين ڪناري جي پرسان هڪ ڳوٺ جو رهندڙ واپاري ڪاڪو گيان چند، پراڻي لب درياهه (ڏوڪري) جي پرسان هڪ ڳوٺ ۾ واپار سانگي اچي ٻاهو ڪيو ۽ پوءِ هميشه لاءِ اُهو ڳوٺ بگيءَ ۾ رهي پيو. ڪاڪي گيان چند جي نالي پويان، سندس پيڙهيءَ مان پيدا ٿيندڙ اولاد، گيانچنداڻي جي نک سان مشهور ٿيو. ان گيانچنداڻي آکهه مان هڪ سلڇڻو ۽ سهڻن مهانڊن وارو ٻار پيدا ٿيو. جيڪو اڳتي هلي نڍي کنڊ جو مشهور ۽ معروف انقلابي شخص سوڀو گيانچنداڻي بڻيو.

« Read more

Posted by wahabsahito at 12:42 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## نياز همايونيءَ جي ياد ۾- پروفيسر نذير احمد سومرو

[پروفيسر نذير احمد سومرو]

## چنڊ کي مون سان پريت ٿي ويئي!

(نياز همايونيءَ جي ياد ۾)

پل پهر ته ڇا؟ ڏينهن ۽ هفتا، مهينا ۽ سال به ڇڻ لِيئا ۽ جهاتيون پايو هليا ويا. وڏو عرصو گذري چڪو آهي. 1975ع جي مهڙ جي ڳالهه آهي. سنڌ جي نامور شاعر، نقاد ۽ اديب ذوالفقار راشديءَ سان ڪچهري ڪري، سندس بنگلي تان موٽي گهر پهتس ئي مس ته سندس سبيءَ جي خاص مُريد، خجڪ اچي در کڙڪايو.

”خير ته آهي؟“ اوچتو اچڻ جو سبب پڇيومانس.

”مون کي کهڙي خبر. سائين (ذوالفقار راشدي) تو کي سڏڻو آ. تو کي جُلڻو آ. سو تون مون سان چُل.“ هن پنهنجي مخصوص لهجي ۾ چيو. ”مون کي کهڙو خبر ته ڇو؟ توکي سائين سڏي تو پيو ۽ مون سان گڏجي هل.“

زور ان وقت گڏجي هلڻ تي هو.

« Read more

Posted by wahabsahito at 12:40 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

**وفا ناٿن شاهي- پروفيسر نذير احمد سومرو**

پروفيسر نذير احمد سومرو

# وفا ناٿن شاهي

هڪ شخص هڪ شاعر

ڇڻ ڪالهوڪي ڳالهه آهي. زندگيءَ جا ڏينهن ۽ هفتا، مهينا ۽ سال، پل ڇڻجي, هوا ۾ اڏري ويا آهن. 1976ع جي جنوري وارو مهينو هو. سڄو آسمان ڪارن ڪڪرن ۽ پورن بادلن سان پريل هو. سڄي رات مينهن ڇيڪار ڪري وسيو هو. صبح جا 10 پئي ٿيا پر اجا سنهي بوند لڳاتار وسي رهي هئي. جنهن جسم ۾ سيئاندو پئي ڪيو. (ان

زماني ۾ سيءَ به ڏاڍا پوندا هئا. ويهين صديءَ جي آخري سالن کان نقلي خدائن بم بارود هٽي. اصل خدا جي ڌرتي کي ڌرتي ۽ تنور ٺائي ڇڏيو آهي، جو سيءَ ۽ ڪتيءَ لتا پارا به ڇڻ موڪلائي ويا آهن). مان گورنمينٽ ڊگري ڪاليج، هاٽوڪي استاد بخاري ڪاليج، دادوءَ جي ڪيمپس ۾ نهيل هاستل جي هڪ ڪمري ۾، ڪوئلن جي سگريءَ تي چانهه ناهي رهيو هيم. ڪمري جو پيڪڙيل در، اوچتو کليو ۽ استاد بخاريءَ جو آواز آيو: "چو پلا 10 به ٿي ويا آهن ۽ اجا ڪاليج لاءِ تيار ناهين ٿيو؟" سگريءَ تي نظر پوندي چيائين: "ههڙي سهاني موسم، اجا به ائين چئجي ته عاشقاڻي موسم ۾ چئبو ته چانهه جو مزو پيو وٺين." سندس پويان، به قداور ۽ اوپرا ماڻهو به اندر داخل ٿيا. منجهائنن هڪڙو ڪلين شيو هو ۽ مٿي تي هلڪا وار هيس. ٻئي جون مڇون رکيل هيون ۽ ڏاڙهي صاف هئس. نظر جي عينڪ پاتل هئس ۽ مشهور انگريزي شاعر شيڪسپيئر- ڪٽ وڏا وار رکيل هيس. تپ ڏئياتيس ۽ استاد بخاريءَ سان ڀاڪر پائي مليم. باقي ٻنهي سان روايتي سنڌي انداز ۾ ڪيڪار ڪيم ۽ کين ڪرسين تي ويهڻ جي آڇ ڪيم. هو ٻئي ته ڪرسين تي ويهي رهيا پر استاد بخاري بوٽ لاهي، مون واري وڇايل هنڌ تي چڙهي، گرم ڪمبل ۾ پاڻ کي ويڙهي سيڙهي چيو: "ننڍڻ لاڪون پاڻ کي سوڙ ۾ ويڙهي يا گهر جي چلهه ۾ ٻريل باهه جي پرسان ويهي هٿ پير سيڪڻ، منهنجي زندگي جي سڀ کان وڏي عياشي رهي آهي. هينئر به جڏهن منهنجي عمر 40 سالن کان مٿي هلڻ واري آهي ته به آئون ڇڻ ڪو ٻار آهيان، جيڪو سوڙ ۽ چلهه جي پرسان ويهڻ واري عياشي ڪري ٿو."

« Read more

Posted by wahabsahito at 12:39 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## پروفيسر نذير احمد سومرو - انٽرويو -مسز ناز سنائي

مشهور محقق ۽ تنقيدنگار

# پروفيسر نذير احمد سومرو جو انٽرويو

مسز ناز سنائي

سوال: ٻارڙن جي واقفيت لاءِ پنهنجو تعارف ڪرايو؟

جواب: ادي! ائون هڪ پڙهيل خاندان ۾ پيدا ٿيس. منهنجو جنم پير ڳوٺ نزد نئون ديرو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. منهنجو والد صاحب عبدالحميد سومرو ۽ سندس وڏو ڀاءُ جن هن کي آئون بابا وڏو چوندو هوس ۽ اڄ تائين سندس ذڪر ڪرڻ مهل آ بابا وڏو ئي چوندو آهيان. سندس نالو در محمد سومرو هو. پر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ حاجي در محمد جي نالي سان مشهور هو/ آهي. سائين در محمد سومرو ممبئي يونيورسٽيءَ مان 1933ع ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ مئٽرڪ پاس ڪري باقي امتحان انڊيا جي مشهور درسگاهه علي ڳڙهه يونيورسٽي مان پاس ڪري، نصيرآباد ضلعي لاڙڪاڻي ۾ انگريزي ماسٽر مقرر ٿيو ۽ پوءِ هاءِ اسڪول جي هيڊ ماسٽر طور رٽائر ڪيائين. منهنجو والد عبدالحميد سومرو پڻ علي ڳڙهه جو فارغ التحصيل هو ۽ بئي پائر ورهاڱي کان اڳ ۾، انگريزي ماسٽر مقرر ٿيا هئا. ائين نئون ديرو ۽ ان جي پسگردائيءَ ۾ ترم اهو اسان جي خاندان جو رڪارڊ آهي ته پٽن صاحبان کان پوءِ فقط اسان جو ئي خاندان انگريزي پڙهيل يا انگريزي ماسٽر ۽ عليڳڙهه جو فارغ التحصيل هو.

« Read more

Posted by wahabsahito at 12:37 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## انجنيئر عبدالوهاب سهتو- انٽرويو- مسز ناز سنائي

## محقق ۽ مشهور ليکڪ انجنيئر عبدالوهاب سهتي جو انٽرويو

مسز ناز سنائي

سوال: ادا! اوهان پهريون اسان جي پارڙن کي پنهنجو مڪمل تعارف ڪرايو.

جواب: ادي! مان ڪنڊيارو شهر پرسان، ڳوٺ جام نور الله ۾ مئي 1959ع ڌاري ڄائس. منهنجي والد جو نالو محمد بچل سهتو آهي. ڪيس سڄو ڳوٺ بچو فقير سڏيندو هو. غريب مسڪين، هاري، ان پڙهيل ۽ خوددار ماڻهو هيو. زمين ڪاهڻ لاءِ به ڪنهن کان منت ايلاز ڪري نه وٺندو هو. بابا وارا پاڻ ۾ ٽي پائر هئا. بابا ٻيو نمبر هيو. وچ ۾ پينرون به ڄاون، پر صغيرائپ ۾ فوت ٿي وين. ننڍو چاچو، پلي رکيو

چائو، تنهن کان پوءِ ستت هڪ ئي هفتي جي وڇوتيءَ اندر ڏاڏي ۾ ڏاڏو وفات ڪري ويا.
وڏو چاچو، بابا کان ويهارو سال وڏو هيو ۽ ننڍو ڏهاڪو سال ننڍو هيو. وڏي چاچي کي پنج پٽ ۽ به ڌيئر هيون. جيڪي سمورا مون کان وڏا هيا. ساڳئي گهر ۾ رهندا هئاسين، جنهن ۾ فقط هڪ ڪوٺڙو هيو. ورانڊو وغيره نه هئڻ سبب، سياري ۾ ۽ برسات وقت، ڏاڍا تڪليف ۾ ٿيندا هئاسين.
ماما به ڏاڍا مسڪين هيا پر جڏهن مان نون سالن جو هيس ته سندن گهر ۾ رهڻ لڳاسين. بابا جي گذاري وڃڻ واري سال کان هڪ سال اڳ، پنهنجي نئين جاءِ ۾ لڏي وڃي رهياسين.

« Read more

Posted by wahabsahito at 12:35 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## غلام رسول ڪلهوڙ- انٽرويو -مسز ناز سنائي

# سنڌي زبان جي معروف ليکڪ غلام رسول ڪلهوڙي جو انٽرويو

انٽرويو ڪندڙ: مسز ناز سنائي

سوال: پارڙن کي پنهنجو مڪمل تعارف ڪرايو؟
جواب: آئون هڪ اهڙي خاندان ۾ پيدا ٿيس، جيڪو معاشي لحاظ کان ايترو مضبوط ڪو نه هو. منهنجي والد عمر جي پنجين ڏهاڪي ۾ شادي ڪئي، جنهن ڪري هو جلد ئي روزگار ڪرڻ کان رهجي ويو. ان سبب ڪري منهنجي پرورش ۽ تعليم جو ذمو منهنجي مامن کنيو. پنهنجي پيءُ ماءُ وٽ ننڍپڻ ۾ نه رهڻ سبب، آئون ڏڪارو رهڻ لڳس ۽ ڪجهه ڪجهه احساس ڪمتريءَ ۾ به مبتلا ٿي پيس. جيستائين منهنجي مامن جو تعلق هو ته هنن پنهنجي طرفان مون کي نهايت ئي پيار ڏنو ۽ پنهنجي اولاد جيان منهنجي تربيت ۽ پرورش ڪيائون. آئون هن وقت تائين جيڪي ڪجهه آهيان، انهن بزرگن جي طفيل آهيان. مون شروعاتي تعليم مين پرائمري اسڪول جيڪب آباد مان حاصل ڪئي. ميٽرڪ ميونسپل هاءِ اسڪول جيڪب آباد مان پاس ڪيم. منهنجي مڪمل تعليم ايم.اي، بي ايڊ ۽ اسپيشل ايڊيوڪيشن ۾ ڊپلوما آهي،

جيڪا سال 1977ع ۾ يوڪي مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيم. مون عمر جو هڪ وڏو حصو تعليم کاتي ۾ گذاريو. پهرين ڪلارڪ، پوءِ استاد ۽ آخر ۾ بحيثيت پرنسيپل اسپيشل ايڊيوڪيشن، سکر مان سال 2001 ۾ رٽائر ڪيم. هن وقت مان پنهنجي خانداني شهر جيڪب آباد ۾ رهان ٿو ۽ ٿورو گهڻو لکڻ پڙهڻ جو شغل جاري آهي.

سوال: اوهان ڪهڙين حالتن ۾ پڙهيا؟

جواب: ان سوال جو جواب مان اڳ ۾ ئي ڏيئي چڪو آهيان. باقي ايترو ضرور چوندس ته جن جن اسڪولن ۾ آءٌ پڙهيس اتي مناسب تعليمي سهوليتون، قابل ۽ لائق استاد موجود هئا. انهن استادن جي تعليم ۽ تربيت کي مان اڄ به وساري نٿو سگهان.

سوال: اڄ جا وڏا، جيڪي ننڍي هوندي ڏکين حالتن ۾ پڙهيا، سي وڌيڪ ڪڙهيا يا هاڻوڪا ۽ جديد طرز جي سهوليتن واري ماحول ۾ پڙهندڙ؟

جواب: تعليم جي هر دور ۾ مک حيثيت استاد کي حاصل رهي آهي. جيڪڏهن استاد بلند ڪردار ۽ مناسب تعليمي اهليت رکندڙ هوندو ته کو سبب ڪونهي جو ان جا شاگرد به هڪ بهترين ڪردار جا مالڪ نه بڻجن ۽ تعليم جي ميدان ۾ نمايان ڪاميابيون حاصل نه ڪن. اڳئين وقت جو استاد، پنهنجي پيشي سان وفادار هيو ۽ کيس پنهنجي پيشي سان عشق هوندو هو. هو پنهنجي شاگردن کي ٻچن وانگر سمجهندو هو. تعليم سان گڏ هو انهن جي مناسب تربيت به ڪندو هو. علم پڙهائڻ سان گڏ شاگردن جي ڪردار ۽ اخلاق تي به پڻ نظر رکندو هو. اهو ئي سبب آهي جو ان وقت جا شاگرد، اڄ به پنهنجي استادن جي بيحد عزت ڪن ٿا. جديد تعليمي نظام ۾ جيتوڻيڪ شاگردن کي اڳ جي ڀيٽ ۾ ڪافي تعليمي سهوليتون موجود آهن پر پوءِ به هو اڳين وقتن جي شاگردن جو مقابلو نٿا ڪري سگهن. ان جو واحد سبب اهو به آهي، جو اڄ جي استاد وٽ نه صرف ڪردار جو فقدان آهي پر هو گهربل تعليمي اهليت به نٿو رکي. هاڻي جڏهن استاد پاڻ به بلند ڪردار جو مالڪ نه هوندو ۽ نه ئي وٽس گهربل تعليمي اهليت يا قابليت موجود هوندي ته هو ڪهڙي ءَ ريت ٻارڙن کي تعليم ڏيندو ۽ انهن جي تربيت ڪندو؟ ان ڪري اڄ جا اڪثر شاگرد نه صرف تعليمي لحاظ کان پوئتي آهن پر اڻپوري تربيت هئڻ سبب هنن ۾ نه اخلاق جي بلندي آهي ۽ نه ئي پنهنجن وڏڙن ۽ بزرگن لاءِ ادب ۽ احترام!

سوال: ننڍي هوندي سنگتين سان ملي اڪثر ڪهڙيون حرڪتون ڪندا هئا؟
جواب: جيئن مون اڳ ۾ ٻڌايو آهي ته ننڍي هوندي آءٌ احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا هوندو هئس، تنهنڪري حرڪتون ڪرڻ مون کان ڪو نه پڄنديون هيون ۽ آءٌ سدائين پنهنجي خيالي دنيا ۾ مگن هوندو هئس.
سوال: ادبي دنيا ۾ اچڻ لاءِ اوهان جي ذهن ۾ ڪهڙو خيال آيو؟
جواب: مون کي ايترو ته چٽيءَ ريت ياد ڪونهي ته آءٌ ادبي دنيا ۾ ڪهڙيءَ ريت آيس. البت مطالعي جو ٿورو گهڻو شوق، مون کي اسڪول کان ئي هو. خاص ڪري ڪهاڻيون ۽ ناول شوق سان پڙهندو هئس. ڪاليج واري دور ۾ مون جمال ابڙي ۽ نسيم کرل کي تفصيل سان پڙهيو هو. اهڙيءَ ريت اردو ادب ۾ منشي پريم چند، ڪرشن چندر، عظيم بيگ چغتائي، ڊاڪٽر شفيق الرحمان منهنجا پسنديده ليکڪ ٿي رهيا آهن. انهن اديبن ئي مون کي اتساهه ڏياريو ۽ مون ادبي دنيا ۾ بحيثيت ڪهاڻيڪار جي پير پاتو.
سوال: ننڍپڻ جون ڪهڙيون سارون ڻيون اتوَ؟
جواب: انساني زندگيءَ ۾، ان ننڍپڻ واري دور کي هڪ بهترين دور سڏجي ٿو ۽ ان دور سان ڪيئي يادون ڳنڍيل رهن ٿيون. ننڍپڻ ۾ مون کي جانورن سان بيحد پيار هوندو هو. ننڍپڻ ۾ شوقيه طور مان گهر جون ٻڪريون چاريندو هئس ۽ انهن جي خدمت ڪندو هئس. مون کي ياد آهي ته قربانيءَ واري عيد کان ڪجهه ڏينهن اڳ، گهر ۾ هڪ ٻڪري آندي هئائون. جيڪا عيد تي قربان ڪرڻي هئي. پوءِ مون کي اها خبر ڪا نه هئي ته اها ٻڪري ڪهڙي مقصد لاءِ آندي وئي هئي. اها ٻڪري نهايت سهڻي ۽ پياري هئي، مون به ان جي خوب سنڀال لڌي پر عيد کان هڪ ڏينهن اڳ، گهر ڀاتين مون کي ٻڌايو ته؛ ”اها ٻڪري عيد واري ڏينهن تي قربان ڪئي ويندي.“ اهو ٻڌندي ئي منهنجون وايون بتال ٿي ويون ۽ عيد واري ڏينهن، جڏهن ان ٻڪريءَ کي ذبح ڪيائون ٿي، ته منهنجي اکين مان بي اختيار ڳوڙها وهي نڪتا هئا. ٻڪرين پالڻ کانپوءِ مون ڪڪڙ به پاليا هئا پر ويڙهائڻ خاطر نه! بعد ۾ مون ڪبوتر به پاليا ۽ اهڙيءَ طرح ان دور جي به پڄاڻي ٿي.
ننڍپڻ ۾ مون کي فلمن ڏسڻ جو به شوق هو. اڪثر ٻهرئين شو تي ويندو هئس، جيڪو رات جي نائين بجي ختم ٿيندو هو. فلم ڏسڻ کانپوءِ مان چپ چپات ۾ گهر موٽندو هئس. آهستي آهستي گهر جو دروازو

ڪڙڪائيندو هئس. منهنجي ناني ويچاري بستري تان اٿي ڪڙي ٿيندي هئي ۽ اچي ڪڙو کوليندي هئي. پوءِ مان پير پير ۾ پائي پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويندو هئس. منهنجو وڏو مامو محمد علي خان، مذهبي ماڻهو هو. فلمن جي سخت خلاف هو. پوءِ هڪ ڏينهن ٿيو ائين جو جيئن ئي مان فلم ڏسي موٽيس ۽ آهستي آهستي دروازو ڪڙڪايم. دروازو کليو ته سامهون مامو محمد خان بيٺو هو. مون کي ڏسندي ئي چيائين: ”اڙي تون لوفر ٿيندين ڇا؟“ پوءِ مون کي به تي ڪلاسيڪل قسم جون چماٽون وهائي ڪڍيائين. فلمن ڏسڻ جي عادت ته پوءِ به مون مان نه وئي. البت ماما سائين جون چماٽون اجا به ياد اٿم.

سوال: اوهان ٻارن لاءِ ڇا لکيو آهي؟ ۽ ڇا لکڻ کپي؟

جواب: هن وقت تائين مون ٻارن لاءِ ڪجهه به نه لکيو آهي. باقي رهيو سوال ته ٻارن لاءِ ڇا لکڻ کپي ته ان لاءِ عرض آهي ته هن وقت، سنڌي زبان ۾ ٻاراڻي ادب جي سخت ضرورت آهي. اسان کي جيڪڏهن پنهنجي نئين نسل کي، جديد دور جي تقاضائن مطابق تيار ڪرڻو آهي ته سنڌي زبان ۾ سٺا ۽ معياري رسالا ڇپيا وڃن، جن ۾ معياري مواد، رنگين تصويرن سان سنواريل هجي. جيڪڏهن اسان پنهنجي ٻارڙن ۾ مطالعي جو شوق وجهنداسون ته اڳتي هلي هو سنڌي زبان جا سٺا اديب ثابت ٿيندا ۽ سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب جي خدمت ڪري سگهندا.

سوال: اوهان ادب جي ڪهڙين صنفن تي لکيو آهي؟

جواب: مون ادب جي تقريباً سڀني صنفن تي لکيو آهي، پر ادب ۾ منهنجي خاص ڪاوش، ڪهاڻي ۽ مزاح نگاري رهي آهي. هونئن اڄڪلهه مون ڪالم به لکڻ شروع ڪيا آهن، جيڪي روزاني ”خبرون“ ۾ ڇپجن پيا.

سوال: ماهوار گلستان بابت اوهان جون تجويزون ۽ پيغام؟

جواب: ماهوار گلستان، ٻاراڻي ادب ۾ هڪ سٺو اضافو آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته مواد کي وڌيڪ دلچسپ ۽ باتصوير بڻايو وڃي. گلستان جي پڙهندڙن لاءِ منهنجو اهو پيغام آهي ته سنڌي ٻوليءَ لاءِ هي ڏکيو وقت آهي. تنهنڪري اوهان سنڌي پڙهو، سنڌي لکو ۽ غير سنڌين سان سنڌيءَ ۾ ڳالهايو.

## ~~تهذيب الاسلام رضوي~~
## انجنيئر عبدالوهاب سهتو

### مؤلف پاران

جناب برڪت علي آزاد صاحب سنڌ جي نامور صحافين ۾ شمار ٿين ٿا. 1937ع کان صحافتي زندگيءَ جو آغاز ڪيائون. پنهنجي ساري زندگي صحافتي مشن کي جاري رکڻ ۾ ڀاري ڇڏيائون. آخر تائين سندن اهو ارادو هيو ته؛ هڪ اهڙي اخبار جاري ڪجي، جنهن ذريعي هر طبقي جي فڪرمند ماڻهن جي رهنمائي ڪري سگهجي.

مون هن مقالي لکڻ ۾ کين وقتاً فوقتاً زحمت ڏني ۽ ڪائنئن مفيد مشورا پڻ ورتا، جن لاءِ مان دليون جانيون سندن ثورائتو آهيان. ان کان علاوه پراڻين اخبارن ۽ ڪيترن ڪتابن مان، گنجائش آهر استفادو پڻ حاصل ڪيو اٿم.

هيٺ آزاد صاحب جي زندگيءَ کي ننڍڙن موضوعن ۾ ورچيندي پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ پيش ڪجي ٿي ته جيئن گهڻن لاءِ راهِ عمل پيدا ٿي سگهي.

« Read more

Posted by wahabsahito at 12:30 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

**THURSDAY, MARCH 10, 2011**

## Chirbit - Tabsuro - wahabsahito - share audio easily

Chirbit - Tabsuro - wahabsahito - share audio easily

Posted by wahabsahito at 7:33 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

**WEDNESDAY, MARCH 9, 2011**

## لالچند امر ڏنو مل- شوڪت حسين شورو

# لالچند امر ڏنو مل

## ”مُيائي جياس جي وچي مڙهه ملير ڏي“

شوڪت حسين شورو

لالچند امر ڏنو مل جڳتياڻي سنڌي ٻولي جي انهن وڏن اديبن مان آهي، جن اڻ ڪل اڻ صديءَ تائين سنڌي نثر کي اوچ ڏنو ۽ ان کي سجائي سنواري شاهوڪار بڻايو. اهو سنڌي نثر جو ڪلاسيڪل دور هو، جيڪو ادبي تاريخ ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. لالچند جو جنم 25 جنوري 1885ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو، سندس ڏاڏو منشي سکرامداس جڳتياڻي انگريزن جي راڄ ۾ تپيدار هو. هن جو لاڙو ڌرم ڏانهن گهڻو هو، لالچند جي پيءُ امر ڏنو مل مختيارڪار جي عهدي تي گهڻو عرصو ٿرپارڪر ۾ کپري ۾ گذاريو. اسڪول ۾ لالچند جي شروعاتي تعليم ڏاڍي خراب نموني سان ٿي، جنهن جو مزيدار چٽ هن پنهنجي ساروڻي ”ٻاراڻي ڪلاس ۾ پهرئين ڏينهن“ ۾ چٽيو آهي. لالچند اجان ڇئن سالن جو هو ته هڪ ڏينهن پنهنجي سئوٽ ناڪوءَ کي اسڪول ويندو ڏنائين، هن به اسڪول وڃڻ جو ضد ڪيو، ناڪوءَ جو پيءُ تهلرام ان اسڪول جو هيڊ ماستر هو. ماستر تهلرام لالچند کي پنهنجي ڪلاس ۾ پيار سان پهرئين بينچ تي ويهاريو، پر پوءِ کيس شرارتون ڪندو ڏسي پٽيوالي جي هٿان هن کي ماستر تارا چند جي ڪلاس ۾ موڪليو. اتي جو نظارو ڏسي لالچند هراسجي ويو. هڪ ته سڀ ٻار پٽ تي ويٺل هئا، وري ڪلاس جي وچ ۾ ٿنڀي سان هڪڙو ٻار چوڪنيو ٻڌو پيو هو. ماستر تارا چند ان ٻار جا پنا پٽيءَ سان پئي ڪُٽيا. لالچند اهو ڏسي ڊپ وچان روئڻ لڳو، اصل بس ئي نه ڪري، ڪجهه دير بعد ماستر تارا چند ٻين ٻارن کي موڪل ڏئي، لالچند کي ڪلاس ۾ روئندو ڇڏي، در کي ٻاهران ڪڙو ڏئي هليو ويو. ڪجهه دير بعد هيڊ ماستر تهلرام اسڪول بند ڪري گهر وڃڻ جي ارادي سان ڪلاس جي در وٽان اچي لنگهيو ته هن ٻار جي سڏڪن جو آواز ٻڌو. در کولي ڏٺائين ته اندر سندس ڀائيٽو لالچند هو. ان واقعي جو لالچند جي من تي ايترو اثر پيو جو هي اسڪول جي نالي کان ونءُ وڃڻ لڳو. هن ٻن سالن تائين وري ڪنهن اسڪول جو منهن نه ڏٺو. سندس ڏاڏي کيس پاڻ وٽ ئي پڙهڻ لکڻ سيکاريو. اهڙي طرح لالچند جي تعليم جي شروعات اسڪول ۾ نه پر سندس ڏاڏي جي نگرانيءَ ۾ ٿي. پهرئين ۽ ٻئين درجي جو علم هن پنهنجي ڏاڏي وٽان پرايو. هو ستن سالن جو هو ته سندس ڏاڏو گذاري ويو. تڏهن ڏاڏينهس کيس اسڪول ۾ ويهارڻ جو ۽ ڪو پهه ڪيو. وري به ساڳئي اسڪول ۾ پهرئين ڏينهن ساڻس هڪ اڻ وڻندڙ واقعو ٿيو. هڪ شاگرد ڪنهن ٻئي جو ڪتاب شرارت وچان لالچند جي ٿيلهي ۾ وجهي ڇڏيو ۽ مٿس چوريءَ جو الزام لڳو. لالچند وري به ڇهه مهينا گهر ۾ ويهي رهيو. ان بعد زور مس ڪري کيس ڪرسچن مشن اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو. هو ڇهون سنڌي (ٻيون درجو انگريزي) کپري ۾ وڃي پڙهيو، جتي سندس پيءُ مختيارڪار هو. ان بعد ساڌو هيرانند جي برپا ڪيل ”يونين ائڪيڊمي“ ۾ داخل ٿيو. جنهن تي پوءِ ”نولراءِ هيرانند ائڪيڊمي“ نالو رکيو ويو. لالچند پنجين درجي انگريزي ۾ هو ته سندس پيءُ ديوان امر ڏنو مل لاڏاڻو ڪري ويو. لالچند ارڙهن سالن جي عمر ۾ ائڪيڊمي مان سال 1903ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ جو مئٽرڪ امتحان پاس ڪيو. گهر ۾ مالي مشڪلات سبب هو وڌيڪ پڙهڻ بدران ائڪيڊمي ۾ وڃي ماستر ٿيو. هن ڪجهه وقت ديوان

پريداس شوقيرام آڏواڻي جي برپا ڪيل نوودياليه (هاٺوڪو سنڌ يونيورسٽي ماڊل اسڪول) ۾ به پڙهايو. ان بعد ڪراچي هليو ويو ۽ 1910ع کان ٻن سالن تائين سنڌ مدرسته الاسلام ۾ ماستري ڪيائين. انهن سالن ۾ سندس دوست جيٺمل پرسرام گلراجاڻي به مدرسي ۾ ماستر هو. لالچند بعد ۾ تارا چند شهاڻي جي برپا ڪيل اسڪول ۾ ماستري ڪندي ڊي-جي-سنڌ ڪاليج ڪراچي ۾ داخلا ورتي. سچي سنڌ ۾ اهو پهريون ڪاليج هو، جنهن جو پايو ڏيارام جيٺمل وڌو هو. لالچند 1918ع ۾ فلاسافي ۾ بي اي جو امتحان پاس ڪيو. لالچند جا ڪجهه شاگرد جيڪي وٽس اسڪول ۾ پڙهي چڪا هئا، سي اعليٰ تعليم پرائي انهن ڏينهن ۾ ان ڪاليج ۾ وجي استاد ٿيا هئا. لالچند سندن شاگرد ٿي ڪلاس ۾ ويهندو هو، پر اهي کيس پنهنجي استاد جيان مان ڏيندا هئا.

« Read more

Posted by wahabsahito at 9:13 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## پيرو مل مهرچند پهريون سنڌي محقق- شوڪت حسين شورو

## پيرو مل مهرچند پهريون سنڌي محقق

شوڪت حسين شورو

سنڌي زبان، ادب، ثقافت ۽ سنڌ جي تاريخ بابت تحقيق گذريل اڌ صديءَ ۾ گهڻو اڳتي وڌي آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ پير حسام الدين راشديءَ جهڙن برک عالمن تحقيق جي ميدان ۾ شاندار خدمتون ڪيون آهن، پر اوائلي دور ۾ جنهن عالم سنڌي پولي، سنڌ جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ، سنڌ جي سير-سفر جي موضوعن تي تحقيق ڪئي، اهو پيرو مل مهرچند آڏواڻي هو. هن جون تحقيقي لکڻيون پيڙهه ۾ رکيل بنيادي پٿرن جو ڪم ڏين ٿيون، جن جي آڌار تي هن کان پوءِ ايندڙ محققن کي عاليشان عمارت اڏڻ ۾ مدد ملي.

پيرو مل جو جنم 1875ع ڌاري حيدرآباد سنڌ جي عاملن جي آڏواڻي اکهه ۾ ٿيو. سندس ڏاڏو ديوان آئلمل اجومل مختيارڪار هو ۽ سندس پيءُ ديوان مهر چند سيٽلمينٽ کاتي ۾ هيڊ منشي هو. پيرو مل شروعاتي تعليم حيدرآباد ۾ حاصل ڪئي. هو ويهن ورهين جي ڄمار ۾ لوڻ جي ايڪسائيز کاتي ۾ 23 رپين جي ماهوار پگهار تي ملازم مقرر ٿيو. نوڪريءَ واري عرصي ۾ کيس سنڌ جي مختلف علائقن جي قدرتي بناوت، جاگرافي، ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ ريتن رسمن جي ڄاڻ حاصل ٿي. هن ايڪسائيز کاتي ۾ 26 سال نوڪري ڪئي. ان کان

پوءِ هو تعليم ڪاتي ۾ ويو، جتي هن 13 سال ڪاليج ۾ پڙهايو. 1924ع ۾ ڄڏهن عمر بن محمد دائود پوٽو پي ايچ ڊي ڪرڻ لاءِ لنڊن روانو ٿيو، تڏهن پيرو مل ڪي ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ سندس جاءِ تي سنڌي پڙهائڻ جي آڇ ٿي. هو سنڌيءَ جو ليڪچرر مقرر ٿيو، اتي هن 1937ع تائين سنڌي پڙهائڻ جو ڪم ڪيو، پر سنڌ جي تعليم ڪاتي سان ۽ سنڌيءَ ۾ درسي ڪتابن جوڙڻ سان پيرو مل جو ناتو 20 هين صديءَ جي پهرئين ڏهاڪي ڪان وٺي هلندو آيو. 1905ع ڪان وٺي جيڪي سنڌي درسي ڪتاب اسڪولن ۾ پڙهايا ويا، تن ۾ هڪ سئو سبق، سنڌي نثر ۽ نظم ۾ پيرو مل جا لکيل هئا. ماءُ جي پيار بابت ”ڪنهن مون ڪي ٿي ڪير پيارو“، لاباري بابت ”اجهو اَسوءَ جو مهينو آيو“، ماکيءَ جي مک بابت توڙي وقت بابت ”وقت چئي مان بادشاهه“ وغيره پيرو مل جا جوڙيل هئا.

محمد ابراهيم جويي هن بابت لکيو آهي ته ”پيرو مل کي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ بي پناهه عشق هو. انهيءَ عشق جو اظهار هن پنهنجي اتڪ قلم جي ذريعي ڪيو، جنهن سنڌ ۽ سنڌين کي اهو ڪي ڏنو آهي، جنهن لاءِ سنڌ صدين تائين سندس شڪر گذار رهندي. سرڳواسي پيرو مل کي سنڌي نثر ۾ هڪ امتيازي مرتبو ۽ انفرادي اسلوب هو ۽ سندس هر تصنيف سندس انتهائي خلوص ۽ فدائيت جو پنهنجي جاءِ تي هڪ لاجواب دليل آهي.“ کيس پيار وچان ڪاڪو پيرو مل سڏيو ويندو هو. هن سنڌي ادب جي جدا جدا صنفن ۾ ڪهاڻي، ناول، ناٽڪ، مضمون، ادبي تنقيد، شاعري ۽ ٻاراڻي ادب لکڻ سان گڏ تحقيق جي ميدان ۾ وڏو اهم ڪم ڪيو. پيرو مل مهر چند جي ڪتابن جو تعداد 45 کن آهي. ”وريل ۽ نعمت“ هن جو لکيل اصلوڪو ناول آهي. سندس استاد ساڌو هيرانند سروالٽر اسڪاٽ جي انگريزي ناول جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ شروع ڪيو هو، جيڪو ”طلسم“ جي نالي سان ”سرسوتي“ مخزن ۾ قسطوار شايع ٿيندو هو. ساڌو هيرانند جي گذاري وڃڻ کانپوءِ اهو سلسلو ٽُٽي ويو. پيرو مل ان ناول جو باقي حصو پاڻ ترجمو ڪري ڇپايو. ”گولن جا گوندر“ پڻ سندس ترجمو ڪيل ناول آهي. هن ”آنند سندريڪا“، ”موهني ٻائي“ ۽ ”پريم جو مهاتم“ نالي ڪهاڻيون لکيون ۽ ڪجهه ناٽڪن جا سنڌيءَ ۾ ترجما ڪري پڻ ڇپايا. سير-سفر بابت سندس مشهور ڪتاب ”سنڌ جو سيلاني“ کان سواءِ هن جو ٻيو اهم ڪتاب ”لطيفي سئر“ آهي. پيرو مل انهيءَ ڪتاب ۾ شاهه عبداللطيف

پٽائي جي رسالي جو اڀياس ڪري، انهن علائقن، ماڳن مڪانن، ڪوهستان ۽ ٿر جو بيان ڪيو آهي، جتي شاهه لطيف ويو هو. سنڌ جي تاريخ جي سلسلي ۾ هن ”موهن جو دڙو“ نالي سان انگريزي ۾ ڪتاب لکيو. سنڌيءَ ۾ هن ”سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ“، ”هندن جون ريتون رسمون، عاملن جو احوال“، ”سنڌ جي هندن جي تاريخ“ (ٻن ڀاڱن ۾) لکي شايع ڪرايا. سندس سڀ کان وڏيڪ اهم ڪتاب ”قديم سنڌ“ آهي. ڀيرو مل قديم سنڌ جي تاريخ بابت ڏيڍ سئو کن ڪتابن مان ذخيرو گڏ ڪيو ۽ ان کي ٽن جلدن ۾ ڏيڻ جي رٿا ڪيائين. پر اهو ڪم مڪمل نه ٿي سگهيو. ”قديم سنڌ“ ڪتاب جو فقط پهريون جلد شايع ٿيل آهي، جنهن ۾ ويدن واري زماني ۽ ان کان اڳ واري سنڌ جو احوال ڏنل آهي. ٻين جلدن لاءِ گڏ ڪيل ذخيري بابت ڪجهه معلوم نه ٿي سگهيو آهي.

سنڌي ٻولي ۽ علم لسانيات بابت هن جا ڪتاب ”غريب اللغات“، ”سنڌي ٻولي“، ”سنڌي ٻولي جي تاريخ“ سنڌي وڏو وياڪرڻ“ ۽ ”گلقند“ بنيادي حيثيت رکن ٿا. ان کان سواءِ ادبي رسالن ۾ هن جا ڪيترائي تحقيقي مضمون شايع ٿيل آهن. ڀيرو مل جڏهن ڏي-جي-سنڌ ڪاليج ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرر هو، ته هن ڪاليجي شاگردن کي سنڌي ٻوليءَ جي مختصر ڄاڻ ڏيڻ جي لاءِ ”سنڌي ٻولي“ نالي 22 صفحن جو هڪ ڪتابڙو لکيو هو، بعد ۾ ان موضوع تي وڏيڪ اڀياس ڪري هن ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“ ڪتاب لکيو، جيڪو انهيءَ موضوع تي سنڌيءَ ۾ لکيل پهريون تحقيقي ڪتاب آهي. ان کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق ۾ وڏيڪ اڳڀرائي ٿي آهي. موجوده دور جي عالمن سنڌي ٻوليءَ جي ٻڻ بنياد بابت ڀيرو مل جي راءِ سان اختلاف ڪيو آهي. هونءَ به ڪا تحقيق قطعي ۽ آخري حرف نه هوندي آهي، ان ۾ واڌاريون تبديليون ايندِيون رهنديون آهن. سنڌي گرامر بابت ڀيرو مل جو لکيل ڪتاب ”سنڌي وڏو وياڪرڻ“ نهايت اهم ليکيو وڃي ٿو. ”گلقند“ ڪتاب ۾ ڀيرو مل سنڌي پهاڪن ۽ اصطلاحن کي گڏ ڪيو آهي. هن نظم ۽ نثر جا به مجموعا پڻ مرتب ڪيا. ”جوهر نظم“ سنڌي شاعري جو مجموعو آهي، جنهن ۾ شاهه عبدالڪريم، شاهه لطيف، سچل ۽ خليفي گل محمد گل جي ڪلام مان چونڊ شعر ڏنا ويا آهن. ان ڪتاب ۾ هر هڪ شاعر جي زندگي، شعرن ۾ آيل لوڪ ڪهاڻين ۽ ڏکين لفظن جي سمجهاڻي ڏني وئي آهي. ”گلزار نثر“ چونڊ سنڌي

مضمون جو مجموعو آهي، جنهن ۾ پيرو مل جو مضمون نويسيءَ جي اصولن بابت لکيل هڪ ڪارائتو تنقيدي مضمون پڻ شامل آهي. ورهاڱي کان پوءِ پيرو مل ڏي وجي پونو وسايو. 3 جولاءِ 1950ع جي ڏهاڙي شام جي وقت هو سير لاءِ گهران نڪتو، واٽ تي هڪ تانگي سان ٽڪرجي ڪري پيو. ان حادثي ۾ ڪيس ايترا ڌڪ لڳا جو پوءِ ستت ئي 7 جولاءِ تي سنڌيءَ جو هي وڏو عالم ۽ اديب هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.

Posted by wahabsahito at 9:12 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## عبدالڪريم گدائي- سليم گل چنا

# عبدالڪريم گدائي

سليم گل چنا، ڪراچي

عبدالڪريم گدائي سنڌ جو بهترين شاعر، ڪريم آباد، تعلقي ٺل ۾ پهرين جنوري 1901ع ۾ پيدا ٿيو. گدائيءَ جي تعليم سنڌي فائنل هئي. هن دنيا ۾ روزي روٽيءَ جي بندوبست لاءِ ڪلارڪ، سپاهي ۽ صحافي جهڙا مختلف فرض سرانجام ڏانا. سندس ٽي شاديون ٿيون. اولاد ۾ ٻه پٽ ۽ ٻه نياڻيون هيون. سندس مشهور تصنفون، ”خان ڳڙهه کان جيڪب آباد تائين“، ”پيماني تي پيمانو“، ”ساٽيهه جا سور“، ”پڪڙا ۽ پنهوار“ شامل آهن، ان کان علاوه ڪيئي فيچر، ڪهاڻيون ۽ اسٽيج ڊراما پڻ لکيل آهن. سندس وفات 28 جنوري 1978ع ۾ ٿي ۽ آخري آرامگاهه افضل بابا قبرستان جيڪب آباد ۾ آهي.

« Read more

Posted by wahabsahito at 9:10 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## استاد بخاري: موجوده سنڌ جو يگانو قومي عوامي طبقاتي ۽ انقلابي شاعر- زاهده شيخ-

# استاد بخاري: موجوده سنڌ جو يگانو قومي عوامي طبقاتي ۽ انقلابي شاعر-

زاهده شيخ

استاد بخاريءَ جي شاعري پنهنجي قوم جي اڪثريتي عوام جي زندگيءَ جي عڪاسي به آهي ۽ انهن جي خواهشن، جذبن ۽ خوابن جي ترجمان به آهي ته وري انهن کي بيمارين، جهالتن، اونداهين ۽ وهمن ڀري زندگي کان ڇوٽڪاري جو گس ڏيکاريندڙ به آهي. استاد پنهنجي قوم سان گڏ تڙپندڙ ۽ گڏ کلندڙ ۽ گڏ جدوجهدون ڪندڙ شاعر آهي.

استاد جڏهن چوي ٿو:

**سنڌ جي سورن جو ڪونهي آند پاند،**
**گهر ٻَنل وهڪيل ڍڳي، ڪمزور ڏاند،**
**پوءِ به شهپر کي وٽيندي پيو چوي،**
**سؤٽ سان ڪر ُڻ اٿم جلدي پلاند!**

**يا جڏهن چوي ٿو:**

**ڏيون امتحان پر پڙهڻ کان ڪانسواءِ،**
**ڏسون ڪاميابيون ڪڙهڻ ڪانسواءِ،**
**وٺون حق پنهنجا گهرڻ ڪانسواءِ،**
**وڏا وير سڏجون وڙهڻ ڪانسواءِ!**

ته ان وقت هو پنهنجي ماڻهن جي غلط ۽ نقصانڪار روين کي ظاهر ڪري ٿو جو هو ڄاڻي ٿو ته خرابين کي ظاهر ڪرڻ بنا ختم نه ڪري سگهبو. استاد پنهنجي وطن سنڌ سان محبت جو اظهار اهڙو خوبصورت نمونو ڪيو آهي جو خود ان محبت تي محبت ٿي اچي.

**جو توسان رکي سيلُ، پلي پيل هجي ڪو،**
**سو پيل پري پيرَ، سندس پير چمون ٿا.**
**جو توسان رکي ڪوٽ، پلي گهوٽ هجي ڪو،**
**ان گهوٽ مٿان چوٽ مٿان چوٽ ڪريون ٿا.**

ائين نه ته ڪو هي فلاڻو خان آهي يا مون کي عزت ڏيندو آهي ته تنهنڪري ان جا سڀ ڏوهه معاف.

يا وري:

**ٿهڪين ته ٽڙن موتيا**
**سڏڪين ته ڦٽن ڦٽڪا،**
**من، تون ته نه منجهندي ڪر!**
**مان منهنجون ستئي پيڙهيون،**
**رانپاٺ ڪري روئينديون،**

**او سنڌ! نه روئيندي ڪر!**
**ڪنهن شهر ۾ محلي ۾،**
**ڪنهن ديهه ۾ ديري ۾،**
**توکي ته ڇپايان مان!**
**ٻاڪو ٿا هڻن ٻاڪا،**
**ڇؤڦير لڪين جهاتا،**
**ڪٿ سنڌ لڪايان مان!**

لطيف وانگر استاد به اهڙو شاعر آهي، جنهن زندگيءَ جي تقريباً سڀني پاسن تي لکيو آهي، جنهن عام ۽ روزمرهه جي زندگيءَ تي به لکيو آهي ته وري خاص حالتن ۽ موقعن تي به لکيو آهي. جيئن سنڌ ۽ سنڌين جي حالت ڏسي چوي ٿو:

**وڏا شهر دهشت جي شعلن ۾ آهن،**
**ننڍا ڳوٺ ڌاڙن جي کورن ۾ آهن،**
**هجي لانگ بوٽن يا ووٽن جي موسم،**
**هي گگدام سنڌي ته سورن ۾ آهن.**
**يعني مارشل لا هجي توڙي جمهوريت پر سنڌي ماڻهن لاءِ ساڳيا ڏوجهرا.**
**استاد سنڌين کي سورن ۾ وجهندڙن کي به سڃاڻي ٿو.**
**چئي ٿو:**
**ڪي لوڻ کڻي، ڇهڪ ڏئي، چير ڏين ٿا،**
**ڪي زهر پري زوم ڪري تير هڻن ٿا.**
**انصاف پڇيو: نانوَ ڏسيو ڪير هي آهن؟**
**فرياد چيو: مير ته ڪي پير چون ٿا.**
**وري پڇي ٿو:**
**واهرو ويري ٿئي، پوءِ ڇا ڪجي؟**
**روشني ميري ٿئي، پوءِ ڇا ڪجي؟**
**جو ڪري چوري، ٻڪي زوري وري،**
**سو اڇي پيري ٿئي، پوءِ ڇا ڪجي؟**
**استاد اتي بس نٿو ڪري- وري بڇاءَ جو گس به ڏسي ٿو.**
**غدار دوست ٿين، ڌڪاري ٽُڪي ڇڏيون،**
**جهونجهار پنهنجا ياد بنايون بڇي پئون!**
**ماري وجهن ٿيون تر کي مسلسل منافقيون،**

**جي فيصلا سچار بنايون بچي پئون!**

**اپرو ته اڄ قيام ڏهاڙو ڪري وجهون!**
**پگهري پون پهاڙ ڪو ڪاڙهو ڪري وجهون!**
**پردي ۾ انڌ، ڌنڌ بنا پردي ٿي پون،**
**پر مار کي ته الف اگهاڙو ڪري ڇڏيون!**
هيڪندڙ، سوچيندڙ، ڪنڊون پاسا ڪري فيصلا ڪن جدوجهدن کان پڇڻ جي ڪوشش ڪندڙن کي تنبيهه به ڪري ٿو.
**هاڻي به جي نه ونندو پنهنجي حقن جو قبضو،**
**کاڻين، ٻنين، ملن ۾ کاتن پڪن جو قبضو،**
**شهرن ۾ پنهنجي پاڙن، چونڪن هٽن جو قبضو،**
**پوءِ سمجهو سرتي هوندوَ، ڌارين ڏڪن جو قبضو.**
**۽ کين سمجهائي ٿو:**
**جو پير هٽيو، سو پير ڪٽيو،**
**هي خوف به طاري رکڻو آ.**
**جا وِک وڌي، ڇڻ لال لڌي،**
**هي جوش به جاري رکڻو آ.**
ڳالهه ڪجي ته مضبوطيءَ سان پير ڄمائي ڪجي. باقي مڙي ئي فارملڪٽي پوري ڪرڻ واري ڳالهه استاد جي نظر ۾ بلڪل بي معنيٰ آهي:
**ڏوڏيئين نه درختن کي،**
**ڏئي اوٽ ٿو ڏيئن کي،**
**طوفان اهو ڪهڙو!**
**آزار ڪٽي ڦٽڪيا،**
**پر مار ٻڌي ٿهڪيا،**
**اعلان اهو ڪهڙو!**
استاد بخاريءَ جڏهن وڏيرن، جاگيردارن ۽ ڪامورن کي ذاتي ۽ طبقاتي مفادن خاطر سنڌين جون کلون لاهرائيندي، کين تباهه ۽ برباد ڪندي ۽ سندن وسيلا کسائيندي ڏٺو- جيئن اڄڪلهه دهشتگرد پرست راڄ سنڌين مٿان مڙهيو ويو آهي ۽ اهڙن وقتن تي سنڌي عوام کي خاموش ڏٺو ته حيران ٿي سوال ڪيائين:
**حڪومت ته عهدن ۾ مجبور آهي،**

**پر آزاد رعيت کي چا ٿي ويو آ؟**
**ڪندي مصلحت فيصلا آهي گم سم،**
**حقيقت جي غيرت کي چا ٿي ويو آ؟**
**ڳڻتي به ڪري ٿو!**
**اڄ نه جي دهشت ڪُٺي، ڪسندي ڪڏهن؟**
**هي قيامت قهر جي ڪٽندي ڪڏهن؟**
وري جڏهن ڏکي کان ڏکين حالتن ۾ به وطن ۽ وطن واسين لاءِ ويڙهاند ڪندڙ ڪن ثابت قدم ماڻهن کي ڏ**سي ٿو ته حوصلو پيدا ٿئيس ٿو.**
**او طوفانو، ڪارونجهر گهر منهنجو آ،**
**سَرَ- تيليءَ تي چيهي جو آکيرو ناهي.**
**دهه- دهه، دڳ- دڳ قبضو آ، تر منهنجو آ،**
**ڳيري وارو ٿاري تي واهيرو ناهي.**
اهڙي وقت تي جڏهن وطن جا مجاهد سچا انقلابي سچائيءَ خاطر وڙهندا هجن، تڏهن انهن جي نيڪنامي تي پريشان ٿيندڙن جي حالت کي ۽ انهن جي نيڪناميءَ تي خوش ٿيندڙن جي دلي ڪيفيت کي استاد ڏاڍو سهڻي نموني چٽيو آهي:
حاسد جي دل وِک وِک چلڪي،
نندڙي سوڙهي گهاگهر وانگر.
ساٿين جي دل ڇوليون ماري،
هيڏي ساري ساگر وانگر.
استاد جو شاعريءَ ڏانهن رويو به عوام دوست آهي. هو ايڏو وڏو شاعر هوندي به اڪيلي شاعر کي سڀڪجهه نٿو سمجهي. هو سطحي قسم جو ماڻهو ناهي. هو عالم آ، ڏاهو آ. تنهنڪري گهڻ طرفين ڳالهين کي اهميت ڏئي ٿو. ذهني پورهيي ۽ جسماني پورهيي جي گڏيل طاقت تي يقين رکي ٿو:
منهنجي هٿ ۾ ڪلڪ ۽ ڪانگ،
**تنهنجي هٿ ۾ ڏاٽو ڏانگ،**
**مان ٿو ڪاتيان قهري سوچون**
**تون ٿو مارين زهري نانگ.**

**شور ڪهڙو لهر جو ساگر سوا،**

**انتها ڏي آ، رڳو تمهيد ڇڏ!**
**انقلابي، بورجوا تدبير ڇڏ!**
**پورهيتن ڏي ڊوڙ، پير ۽ مير ڇڏ**
**انقلابي، بورجوا دستور ٽوڙ!**
**جهور زرداري ستم، مزدور جوڙ.**
**انقلابي، انقلابي هوندو آ،**
**اجتماعي، انفرادي هوندو آ.**
**انقلابي، انقلابي هوندو آ،**
**عيش جي ڪچ ۾ عذابي هوندو آ.**
**انقلابي، انقلابي هوندو آ،**
**ڏوڏ کان هر دور باغي هوندو آ.**
**انقلابي، انقلابي هوندو آ،**
**دور کي ڏوڏڻ جو عادي هوندو آ.**
**انقلابي، انقلابي هوندو آ،**
**غار ٽي ويندي به غازي هوندو آ.**
**انقلابيءَ جي عبارت اڻ ڪٽي،**
**انقلابيءَ جي ثقافت سرڪشي.**
**انقلابيءَ جي بغاوت بندگي.**
**او زندگي!**
**او زندگي!**

## محترمه بينظير ڀٽو

عبدالستار ڀٽي

محترمه بينظير ڀٽو، ان خاندان جي پهرين سياسي عورت آهي، جيڪو صدين کان هڪ وڏو جاگيردار قبيلو ليکيو ويندو هيو. 1958ع جي پهرين زرعي اصلاحات کان اڳ ۾، ڀٽن وٽ صوبي سنڌ ۾ تمام گهڻا هاري هوندا هيا ۽ سندن زمين جي ماپ ايڪڙن ۾ نه پر ميلن ۾ ٿيندي هئي. سن 1843ع ۾ جڏهن سنڌ جي انگريز فاتح چارلس نپيئر صوبي جو گشت ڪيو ته هن گاڏي جي ڊرائيور کان پڇيو ته اهي زمينون ڪنهن جون آهن. کيس جواب مليو ته ”ڀٽن جون آهن“ ڇيائين جڏهن اهي زمينون ختم ٿين ته مون کي ننڊ مان اٿارجانءِ پر جڏهن هو پاڻ

ئي جاڳيو ته ذهن وري معلوم ڪيائين ته ساڳيو جواب مليس ته پتن
جون زمينون آهن، هو حيرت ۾ پئجي ويو.

« Read more

Posted by wahabsahito at 11:38 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## ذوالفقار علي ڀٽو - عبدالستار پٿي

# ذوالفقار علي ڀٽو

عبدالستار پٿي

ذوالفقار علي ڀٽو تاريخ 5 جنوري 1928ع صبح جو 3 وڳي سر شاهنواز خان ڀٽو جي لاڙڪاڻي واري رهائشگاهه المرتضيٰ ۾ سندس بي گهر واري ليڊي خورشيد بيگم مان پيدا ٿيو. سندس پيدائش تي ڪيترن ڏينهن تائين خوشيون ملهائڻ لاءِ جشن منعقد ٿيا. سڄي سنڌ کان ايندڙ ملاقاتين ۽ مبارڪ ڏيندڙن لاءِ المرتضيٰ هائوس لاڙڪاڻي جا دروازا رهائش ۽ طعام سميت کليل رهيا، سندس نالو هڪ بزرگ پاران تجويز ڪيو ويو. سندس والد هڪ مسجد ۾ تلاوت ڪلام پاڪ کان پوءِ موجود ماڻهن اڳيان خطاب ڪندي اعلان ڪيو ته آئنده هن ٻار کي ذوالفقار علي سان سڏيو وڃي، در اصل ذوالفقار نالو ئي ڏاڍ ۽ جبر خلاف جدوجهد جي تصور جو آهي، حضرت علي پنهنجي ذوالفقار کي حق سچ ۽ ظلم کي ختم ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندو هيو ۽ حضرت علي جي تلوار کي ذوالفقار سڏيو ويندو هيو جيڪو وڏي عزت ۽ احترام لائق هيو. جيئن ته ذوالفقار کي پيار مان ذلفي به سڏيو ويندو هيو ۽ ننڍپڻ جو عرصو هن پنهنجي والده محترمه خورشيد شاهنواز ڀٽو سان گذاريو جيڪا هڪ غريب گهراڻي جي اولاد هئي، تنهن ڪري ذوالفقار علي ڀٽو صاحب کي پرورش ۾ والده طرفان رحم، عزت، محبت، احترام، سادگي، صفائي ۽ سچائي جي لوري ملي ته والد طرفان شان، مان ۽ رعب، اعليٰ سوسائٽي، اعليٰ تعليم، بلند ۽ روشن خيالن جا دروازا کليل مليا.

« Read more

Posted by wahabsahito at 11:31 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي - عبدالستار پٿي

# ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي

عبدالستار پيرزادو

دنيا ۾ تمام ٿورا ماڻهو اهڙا هوندا آهن، جيڪي پنهنجي شخصيت ۾ تاريخ جو ڏيک ڏيندا آهن. خاموش ڪتابن اندر ورقن ۾ لفظن سان پريل سچن يا ڪوڙن مثالن واري تاريخ نه پر زندگيءَ ۾ روزانو هلندڙ ڦرندڙ ڏسندڙ ٻڌندڙ ۽ ڳالهائيندڙ تاريخ، زندگيءَ جي سچين حقيقتن سان ٽمٽار جرڪندڙ تاريخ، زندگي ۾ ڪي ڪي ماڻهو حاصلات، هار جيت يا سماجي قد ڪاٺ يا ماپ سان نه پر پنهنجي سونين سوچن ڏيئي جي پهرين لاٽ جيان چمڪندڙ، روشن ذهن ۽ اندر جي ڪير جهڙي اجري نرڪور انساني اعتقاد سان پرکيا ۽ توريا ويندا آهن، سندن سڃاڻپ سماج ۾ موجود بدبودار ناسور خلاف بغاوت جا ٻول الاپيندي ٿيندي آهي، سندن واتان سچائيءَ جا گفتا تاريخ ٺهندڙ ورق ٻڻجي نروار ٿيندا ۽ پنهنجي روپ کي تاريخ جي آرسي ٻڻائيندا آهن، سندن معيار ۽ مقصد سماج جا نفعا ۽ نقصان نه پر عظيم ۽ اٽل ارادن ساڻ اڻ موٽ قدم هر وقت زمين تي کتل هوندا آهن. پهاڙ جيڏا اڏول مهان ماڻهو بدلجندڙ ريتن رسمن سان اپار پريل نون لاڙن ۾ ڪين لڙهندا آهن، پر سندن جيل جيڏا حوصلا هر ڏاڍ جي طوفان اڳيان ديوار چين وانگر مضبوط مقابلن ۾ مصروف ۽ تاريخ کي پنهنجي گرد پيا ڦيرائيندا آهن. اهڙا اڙ ٻنگ ٻلواڻ جواڻ اونداهين دور ۾ دنيا ۾ اميدن جي دوش تي آسرن پريل اٿاهه سهڻين جڳ مڳ روشن صبح ۽ شامن جا راڳ الاپي پيغام ڏيندا رهن ٿا. هو پاڻ پنهنجا سپنا ۽ خوشيون وساري مسڪين ماروئڙن جي منهن تي مسڪراهٽن ۽ خوشين جي خوشبو جا طالب رهن ٿا. اهڙا ماڻهو پنهنجي وقت ۽ دور جا سرجڻهار، اوتار ۽ ديوتا هوندا آهن. جيڪي ناسور جو علاج ڪندا آهن. سماجڪ سڌار سرواڻ ٿيندا آهن. اهڙن ماڻهن کي راج دروهي جي لقبن سان نوازيو ويندو آهي. اهڙن مرد مثيرن جي جيون جوت گهڻو ڪري ڳنڀير، ڏک پري، پوائتي ۽ دل ڏاريندڙ هوندي آهي. اهڙن تاريخ ساز انسان کي ڳولهڻ مهل سنڌ ۾ سوڀو گيانچنداڻي ئي هر هڪ جي اکين اڳيان اچي وڃي ٿو. سندس نالو ئي هر هڪ زبان تي اڪري اچي ٿو. سوڀو نالو آهي سوڀ ماڻڻ جو، سچ ۽ حق چوڻ ٻڌڻ جو. شايد هن مهان ماڻهوءَ پنهنجي نالي جو پرم رکندي پنهنجي جوين جوانيءَ جا ڪيترائي سال،

خوبصورت رنگ پريل ٽڙيون راتيون، لامحدود آسمان تي چمڪندڙ جهر مر جهر مر ستارن جي دنيا ۾ چوڏهين جي سوني چمڪندڙ چنڊ جي انڊلٺ جهڙي رنگين چانڊوڪي ڏسڻ، آزاد دنيا جي آزاد انسانن وانگر آزاديءَ سان ساهه کڻڻ، يارن دوستن ٻچڙن ۾ جيون ساٿي سان ٽهڪن ۾ مسڪراهٽن يا سندن روشن مستقبل لاءِ سوچڻ لوچڻ بدران پاڪستان جي مختلف جيلن جي چئن ديوارن، هٿڪڙين، زندان جي زنجيرن ۾ لاهور جي شاهي قلعي ۾ اڪيلو راڪاس ديو جهڙي ڏهه ڪاءَ پريل اونداهه ڪاري پوسات واري ماحول ۾ گذاريون. ڪنهن سان ڏک سور سلي ديوارن سان، هن پنهنجي ئي من ۾ سوال گهڙيا ۽ پاڻ کي ئي جواب ڏئي مطمئن ڪيو. سويي هوليون، ڏياريون، تهوار ۽ عيدون پنهجن عزيزن ۽ ڏرتي دوستن سان گلي ملي نه گذاريون پر جيلن جي ديوارن سان گهاريون.

« Read more

✏ Posted by wahabsahito at 10:59 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## پير حسام الدين راشدي - عبدالستار پٿي

# پير حسام الدين راشدي

عبدالستار پٿي

پير حسام الدين راشدي جو شمار تاريخ، تحقيق، علم ۽ ادب جي دنيا جي اهڙن هستين ۾ ٿئي ٿو جن دنيا جي تمام مشڪل موضوع يعني قديم تاريخ جون الجهيل ڳنڍيون سلجهايون. تحقيق وسيلي سنڌ جي قديم تاريخ مان اهڙن ڪيترن ئي ناياب ورقن جو واڌارو ڪيو، جيڪي گمناميءَ جي پردي ۾ ڍڪجي يا حادثن جو شڪار ٿيجي قومن جي تاريخ مان وسارجي ويا هئا، سندس خدمتن جو دائرو ۽ شهرت ايران، افغانستان، عربستان ۽ روس تائين وسيع هيو ۽ سندس چاڻ جي ڪاڻ مان پوري دنيا جا اديب عالم اسڪالر تحقيق جو فيض حاصل ڪرڻ لاءِ وٽس ايندا رهندا هيا. چاڪاڻ ته وٽس لئبريري ۾ دنيا جا هزارين ناياب ڪتاب موجود هوندا هئا. سندس ذاتي ڪتب خانو رهبري لاءِ پوري دنيا ۾ مشهور هيو. جيڪي سندس وصيت مطابق سنڌالاجي کي ڏنا ويا ۽ اڄ ڀي سنڌالاجي ۾ پير حسام الدين راشدي لئبريري ڪارنر موجود آهي، سنڌي ٻولي جو تاريخدان، دانشور ۽ اديب 20 سيپٽمبر

1911ع تي سنڌو ندي جي ساجي ڪناري قديم ڳوٺ ”بهمڻ“ ۾ سيد حامد علي راشدي جي گهر ۾ پيدا ٿيو. پاڻ پنهنجي ڏاڏي سيد پير شاهه راشدي جي سر پرستي ۾ پليو. پير حسام الدين راشدي جو ڏاڏو سيد پير شاهه راشدي سنڌ جي مثالي بزرگن مان هيو. هو وڏي ڏيا وارو مڙس هيو. تر ۾ سندس شخصيت وڏي ڏاڪ ۽ هشمت واري هئي چاڪاڻ ته سيد پير شاهه راشدي سنڌ جي برگزيده شخصيت پير محمد راشدي روضي ڌڻي جو اولاد هيو. جنهن جي پٽيان سڄو ”راشدي“ خاندان سڏجي ٿو. پير حسام الدين صاحب لاءِ مشهور آهي ته سندس پيدائش لڳاتار ٽن ڏينهن تائين والده ماجده کي تڪليف بعد ٿي. جمڻ بعد سندس اکين ۾ پونءِ پريل هئي ۽ اکيون به بند هيون. سندس ڏاڏي پنهنجي حڪمت وسيلي اکين جو علاج ڪيس ۽ ڏاڏي پنهنجي وڏي پاءُ جو نالو پير حسام الدين پنهنجي پوٽي تي رکيو. پيار جو نالو ”ڏتل شاهه“ به هيس.

« Read more

Posted by wahabsahito at 10:52 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## عبدالقادر ميوا خان کوکر عبدالستار پٽي

# عبدالقادر ميوا خان کوکر

عبدالستار پٽي

سنڌ صدين کان عالم، اڪابر، دانشور ۽ رهبر پيدا ڪيا آهن، جي ڪي سنڌو جي پلاري پُونءِ تي ڪڌهن دودي جهڙي دلير، دريا خان جهڙي جنگجو، مخدوم بلاول جهڙي سچائي جي سرواڻ، هوشو جهڙي هشمت، شاهه عنايت شهيد، لطيف، سچل ۽ سامي جي رنگ ۾ پنهنجي پنهنجي دور ۾ ڏاڍ جبر ۽ ڏهڪاءُ خلاف مجبور مظلوم مسڪين ماروئڙن جي دلين جي ترجماني ڪندي ظلم جا گهاءُ پنهنجي مضبوط سيني تي برداشت ڪيون اچن، ظلم خلاف حق سچ جي صدا بلند ڪيو اچن، حقن جي جنگ ۾ مظلومن جو جهنڊو انل حق جي سين سان بلند ڪيو پيا اچن، سنڌ جي اهڙي قومي هيرن پنهنجي جان نذرانو ڏئي ڌرتي جو مان مٿانهون ڪيو آهي. جيجل جو سڌ ورنائي سنڌ سينگاري آهي. اهڙن گهوٽ اڻ موت جوانن ۾ لا ڙڪاڻي هميشه پاڻ ملهائيندي ميدان ماڻيو آهي، تاريخ جي اهڙي هڪ امر باب، خاموش

انقلاب جي اڀواڻ، سنڌ ۾ صدين کان جاگيرداري نظام جي وا ڳون وانگر تيز ۽ مضبوط چنبن ۾ جڪڙيل تڙپندڙ زخم زخم چور بي زبان هاري جي جسم ۾ ڪجهه جان وجهندڙ، ٽڏو ساهه ڏيندڙ، ماءُ جي پيٽ مان تازو ڄمندڙ ٻار جي ڪن ۾ سچ جي آذان ڏيندڙ باعمل انقلابي جوان جو ڪردار ڪامريڊ عبدالقادر ميوا خان کوکر به آهي، غريب جي گهر مان پيدا ٿي، هٿين خالي سچ جي سولي سينگاريندڙ، هاري انقلاب جو رهبر بنا ڪنهن وسيلن، مال، ملڪيت ۽ دولت جي سنڌ جي اڻپڙهيل جاهل هاري وٽ هڪ پيغمبري پيغام ڏيندڙ، هارين جي دلين تي راڄ ڪندڙ بادشاهه، پڙهيل لکيل ڪامريڊن جو به اڀواڻ ٿي اڀريو. ڪامريڊ عبدالقادر کوکر جي عظيم ڪارنامن ۽ دليراڻي جدوجهد کي اڄ اسان جي تاريخ صفا وساري ڇڏيو آهي، پر اڄ به سندس پيغام سنڌ جي هوائن ۾ پڙاڏو پيدا ڪري هارين کي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ هن مجاهد جي جدوجهد جا گيت پيو رسائي، سندس سجاڳي ۽ هاري جي گهر ۾ هاري حقن بابت ٻاريل پهريون ڏيئو پانڌيئڙن کي پنڌ پيچرا ماڳ منزل ماڻڻ لاءِ هڪ نه ختم ٿيندڙ لاٽ جي روشني سان منور پيو ڪري پوءِ پلي اسان ان مهان شخصيت کي وساري ڇڏيون پر وقت ڪنهن کي به ڪو نه ٿو وساري. ڪارڪردگي جو وقت تاريخ جي ورق ۾ لفظن جي مالا جي روپ ۾ سموئجي امر ٿي وڃي ٿو. چون ٿا ته دنيا گول آهي، حضرت انسان ۽ ڪائنات جي هر شيءِ جتان هلي ٿي اها گول چڪر هڻي اتي پهچي ٿي، اڄ اسان به هڪ اهڙي تاريخ جي وساريل ورق کي اناسي سالن بعد ڦولهي لڌو آهي، جيڪو اڄ ڪنهن به سياسي ۽ تحريڪي جدوجهد ڪندڙ ورڪر کي ياد ئي ڪونهي ته ڪامريڊ کوکر هڪ دور ۾ شهرن جي گهٽين، ڳوٺن جي پيچرن ۾ هزارين هارين جي جلسن کي پرجوش خطاب ۽ باعمل جدوجهد ذريعي پنهنجي قيادت ۾ حق ڏياريندو هيو. هو ڪلهه جي جيئرن انسانن جي جلسن ۽ جلوسن جي قيادت ڪندو هيو. هن جي احترام ۾ هزارن جي عوامي ميڙ اٿي بيهي رهندا هيا. کيس سلامي ڏيندا هيا، ان جي راهن ۾ پنهنجي خلوص جا غاليچا وڇائيندا هيا، ميڙاڪن جون صدارتون ڪرائيندا هيا، سياسي گڏجاڻين، هر سياسي جدوجهد ۽ تحريڪن جو مير هيو، هارين ٻاران مٺس مسڪراهٽن جي گلن جي ورکا ٿيندي هئي.

« Read more

## پير علي محمد راشدي - عبدالستار پٽي

# پير علي محمد راشدي

عبدالستار پٽي

سنڌ ۾ ڪيترائي خاندان اهڙا آهن جيڪي تاريخ جو حصو آهن، يا سندن خاندان جي حوالي سان تاريخ جڙي آهي، اهڙن معتبر خاندانن مان هڪ راشدي خاندان آهي. جنهن ۾ ڪيترا ئي جڳ مشهور اديب محقق، دانشور ۽ اڳواڻ پيدا ٿيا، جن سنڌ جي تاريخ جا ڪيترائي باب پنهنجن ڪارنامن وسيلي جوڙيا آهن، اهڙين نه وسرندڙ هستين ۾ سنڌ جو ڏاهو زيرڪ سياستدان، ادب ۽ لفظن وسيلي موتين مالا ٺاهيندڙ اديب، سنڌين جي صدين جي رسم ۽ رواج تي کوجنا ڪندڙ محقق، ٻئي ڪي جملن ۾ منڙي جادو سان پنهنجي مقصد تي راضي ڪرائيندڙ سفارتڪار، صحافي، ايڊيٽر جنهن پنهنجي قلم ڪالم اخبار ۽ ايڊيٽوريل وسيلي سنڌي قوم جي حقن ۽ سنڌ ۾ قائم سياسي پارٽين جي تنظيم سازي ۾ مدد ڪئي. نظرين جو پرچار ڪيو، تحريڪن کي رهنمائي ڏني ۽ تحريڪن جو پيغام عوام کي پهچايو اهو پير علي محمد راشدي صاحب آهي. سنڌ جي هن مهان هستي پنهنجي زندگي جا پرپور 82 سال تحرير ۽ تقرير ۾ تحريڪ سان گذاريا. جنهن پنهنجي قلم کي عبادت سمجهندي تحريڪن لاءِ گس ۽ لاڙا ڏنا پوءِ چاهي اها سنڌ ۾ انگريز راڄ خلاف تحريڪ هجي يا مسجد منزل گاهه، يا سنڌ جي بمبئي کان عليحدگي ۽ تحريڪ پاڪستان هجي. هن پنهنجي قلم سان سنڌي اردو ۽ انگريزي اخبارن وسيلي سنڌ جو مقدمو وڙهيو، جبل جيڏي هن اعلى دماغ شخصيت جي زندگي عملي طرح سان ڪجهه حصن ۾ ورهائيل آهي، جنهن ۾ هڪ زميندار ۽ پير گهراڻي ۾ پيدا ٿيڻ پر پنهنجي صلاحيت ۾ جدوجهد وسيلي قوم ۾ شناخت ڪرائڻ، پيو صحافت، ادب، ٽيون سياست ۽ سفارت شامل آهن. پير علي محمد راشدي ڪيترن ئي دورن جو ترجمان ۽ تاريخساز انسان هيو جنهن زندگي ۾ جيڪو به ڪم يا شعبو هٿ ۾ ڪنيو ان ۾ پنهنجي فن ۽ ڪمال سان ڪاميابي ماڻي. سندس سحر انگيز شخصيت ۾ دنيا جي گهڻين ٻولين تي عبور کي وڌو دخل هيو. هن صحافت، ادب ۽ سفارت جي عهدن تي

تاريخساز ڪارناما سر انجام ڏنا. جنهن جي تحقيق ڪرڻ بعد اسان کي اج ۾ سياڻي تي ناز رهندو پر پير علي محمد راشدي جي سياسي دور ۾ حڪومتن جي جوڙ توڙ ۾ ون يونٽ قائم ڪرڻ سخت تنقيد جو نشانو بڻيو رهندو. سندس سياسي غلطيون اڄ جي وڏيرن، سياستدانن لاءِ سبق آهن. هن طوفاني شخصيت جنهن پنهنجي سوچ عقل ۾ عمل سان منصوبابندي ڪري حاڪمن جي سوچن جا رخ بدلايا، سندس منصوبن سان اقتدار ڊهندا ۾ ٺهندا رهيا. سياسي تاريخ جا ورق ۾ حالتن جا موڙ مڙيا. مٿس ڪجهه لکڻ کان اڳ اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته سندس پيدائش وارو دور پيري جاگيرداري جي عروج وارو دور هيو. هي جهالت جو دور هيو، علم ڪو نه هيو. پير علي محمد راشدي صاحب جو خاندان لکياري سيدن جي شاخ مان آهي. سندن نسب جو سلسلو سيد علي مڪي جي سنڌ ۾ اچڻ سان شروع ٿئي ٿو، جيڪو 1127ع ڌاري سنڌ ۾ لڏي آيو. سيد علي مڪي جي اولاد لکيءَ جي ڳوٺ ۾ رهائش پذير تي تنهن ڪري لکياري سڏجڻ لڳا. راشدي خاندان جي باني سيد محمد راشد جي پيدائشي شجري مطابق سيد محمد راشد شاهه جنهن 6 جون 1818ع تاريخ وفات ڪئي، ان کي ٻه پٽ هيا هڪ سيد ميان صبغت الله شاهه اول جيڪو صاحب دستار يا پير پاڳارو سڏيو ويندو هيو. ٻيو سيد محمد ياسين شاهه جيڪو صاحب علم يا جهنڊي وارو پير سڏيو ويندو هيو، پير ميان صبغت الله شاهه 1831ع جي تاريخ 18 فيبروري تي وفات ڪئي، کيس ٻه فرزند هيا، هڪ سيد علي محمد شاهه جنهن مان راشدي خاندان آهي، ٻيو ننڍو سيد علي گوهر شاهه جنهن مان حضرت پير پا ڳارو جو اولاد آهي، سيد علي محمد شاهه جي وفات 17 جولائي 1867ع تي ٿي کيس پنج فرزند هيا جنهن مان هڪ سيد پير شاهه کي هڪ فرزند سيد محمد حامد شاهه ٿيو، جيڪو 31 مارچ 1937ع تي گذاري ويو. سيد حامد شاهه کي ٽي فرزند ٿيا. هڪ سيد پير علي محمد شاهه راشدي ٻيو پير حسان الدين راشدي ٽيون سيد احمد شاهه آهن. پير علي محمد راشدي تاريخ 5 آگسٽ 1905ع جمعي ڏينهن صبح جو ساڍي پنجين وڳي قديم ڳوٺ ”بهمڻ“ تعلقو رتوديرو ضلعو لاڙڪاڻي ۾ پيدا ٿيو.

« Read more

Posted by wahabsahito at 10:41 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

# خانبهادر محمد ايوب کهڙو

## عبدالستار پٽي

خانبهادر محمد ايوب کهڙي بابت اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته هو هڪ پڪي وڏيرڪي گهراڻي ۾ پيدا ٿيو. اهو وڏيرڪو گهراڻو جنهن جي تعليم ۽ سياست ۾ ڪا به دلچسپي ڪا نه هئي. حڪومت جي معاملن سان ڪو به واسطو ڪو نه هيو. سندس والد ميان شاهه محمد کهڙو پنهنجي علائقي جو وڏو زميندار هيو. وڏيرو ميان شاهه محمد کهڙو پنهنجي محنت، ڪفايت، شعاري، هٿ جي ڪنايت سبب علائقي ۾ تمام گهڻي زمين ٺاهي. هن بنجر زمينون آباد ڪري وڏي جائداد ۽ دولت گڏ ڪئي. سنڌ جي وڏيرڪي سماج ۾ اهو ڏٺو ويو آهي ته ڪنهن وڏيري وٽ ڪجهه زمين آباد ٿي ۽ ڏوڪڙ مليو ته پوءِ رڇ ڪتا مقابلا، ڏاندن جي گوءِ، اوطاق تي نوڪر چاڪرن جا فالتو ٽولا، شراب، ڪباب ۽ شباب کان علاوه ڪي دعوتون ٿينديون. وڏيري جي هر طرف هاڪ هوندي. واه واه وڏا جا ٻول ۽ خوشامنڊڙيا هوندا. ڪي جهيڙا ٿيندا ڪي پلاند ٿيندا. اوطاق تي نوڪر چاڪر حاضر هوندا چاهي وڏيرو قرضي ٿي وڃي پر اوطاق ۾ وڏيري جو شان قائم دائم هوندو. گهڻو ڪري وڏيرا هندن واپارين جا قرضي هوندا هئا پر ان ئي سماج ۾ وڏيرو شاهه محمد کهڙو به هيو. جيڪو انهن سيني وڏيرڪي صلاحيتن کان واجهايل هيو. هن پنهنجي جدائداد به وڌائي ته وري پونيئرن لاءِ به گهڻو پئسو ڇڏيو. هٿ جي ڪفايت سبب وڏيري شاهه محمد بابت ڪيترا ئي قصا ۽ ڪهاڻيون مشهور هيون جيڪي محفلن ۽ ڪچهرين ۾ ٻڌايون وينديون هيون. ميان شاهه محمد کهڙي کي ٻه زالون هيون، جن مان چار پٽ هيس پهريون پٽ خانبهادر محمد ايوب کهڙو، حاجي محمد مراد، ميان محمد نواز ۽ ميان علي گوهر کهڙو شامل آهن. محمد ايوب کهڙو صاحب آگسٽ 1901ع ۾ ڳوٺ عاقل تعلقو لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. ڳوٺ عاقل سنڌو درياهه جي ڪناري تي آهي. جنهن زماني ۾ ماحول ۾ کهڙو صاحب پيدا ٿيو. اهو صدين کان قائم وڏير ڪي سوسائٽي جو عروج وارو دور هيو. تعليم حاصل ڪرڻ کي اجايو وقت جو زيان ۽ بيڪار سمجهيو ويندو هيو. خاص طرح وڏيرا پنهنجي اولاد کي ته پڙهائيندا ئي

ڪو نه هيا ۽ سندن چوڻ هيو ته پٽ کي ڪا نوڪري ته ڪرائڻي ڪونهي. رب پاڪ جو سڀ ڪجهه ڏنل آهي. جوان ٿي زمينداري ۽ جائداد سنڀاليندو، جڏهن ته عام ماڻهو جي اولاد خاطر تعليم جي سهولت ڏيارڻ، اسڪول قائم ڪرڻ کي عيب سمجهيو ويندو هيو. غريب جي اولاد کي تعليم وٺڻ گناهه هيو. هي اهو دور هيو جڏهن مڊل ڪلاس اڃا وجود ۾ ڪو نه آيو هيو. يا ته غريب هوندو يا وري وڏيرو هوندو هيو. بس به ڪلاس يا طبقا هيا. عزت ۽ شان جو معيار صرف دولت هئي، دولت ئي عزت وارو سمجهيو ويندو هو. جيڪڏهن ڪو نيڪي جو ڪم ڪنهن وڏيري ڪان ٿي سگهندو هيو ته ڳوٺ ۾ مسجد قائم ڪيائين ۽ تعليم لاءِ به ڪو مولوي رکندا هئا ته جيئن ماڻهو ا؟ ا؟ ڪن. اخبارن کي ان دور ۾ گلا ڪرڻ وارو ادارو ۽ صحافين کي گلاخورن جو ٽولو سمجهيو ويندو هيو. ملڪ ۽ قومي مسئلن ۾ شريڪ ٿيڻ کي وڏيرا فسادي ٽولي جو سات ڏيڻ سمجهندا هيا. سياست، نظريا يا شعور وارا شاعر اديب ميدان ۾ ڪو نه هيا. جيڪڏهن ڪنهن وڏيري کي ڪا انگريز سرڪار وٽ ڪچهري ۾ ڪرسي ملي يا اقتدار جو ڪو ننڍڙو حصو نصيب ٿيو ته اهو وڏيرو هوش ڪان ٽ ڪري ويندو هيو. پاڻ کي وڏو حاڪم سمجهڻ لڳندو هيو. اهڙي سماج واري صورتحال صرف سنڌ سان نه پر برصغير ۾ موجود هئي. اهڙي ماحول ۾ ڪير پاڻ کي ڪيترو تبديل ڪندو. پنهنجي شخصيت کي ڪيترو خوبصورت يا ذهن کي وري روشن خيال ڪندو. ان بابت تاريخ ۽ تاريخدان ئي ڄاڻيندو هوندو. اهڙي ئي جهالت، تڪبر ۽ غرور واري معاشري ۾ محمد ايوب کهڙو صاحب پرورش پائڻ لڳو. هن پرائمري تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ عاقل ۾ پڙهي، سيڪنڊري تعليم لاءِ لاڙڪاڻي جي واحد انگريزي مدرسي اسڪول ۾ داخلا ورتي جتان ڇهه درجا پاس ڪري پوءِ سنڌ ۾ مئٽرڪ لاءِ اهل حيثيت صاحبن جي اولاد لاءِ واحد اسڪول سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي ۾ داخلا ورتي جتان اتڪل 1918ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪري ڪراچي جي ڊي جي ڪاليج ۾ دخلا ورتائين. پاڻ اڃان ڪاليج جي پهرين سال ۾ هيو ته سندس والد ميان شاهه محمد 1920ع ۾ وفات ڪئي. نيٺ کهڙو صاحب تعليم کي اڌ ۾ ڇڏي. گهر ۾ وڏي پٽ هئڻ سبب پنهنجي والد جي ڇڏيل زمينداري سنڀالڻ شروع ڪئي. جڏهن محمد ايوب کهڙو صاحب ڪٽنب ۽ جائداد جي ذميواري سنڀالي. ان وقت سندس عمر صرف 19 سال هئي.

« Read more

Posted by wahabsahito at 10:39 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## سر شاهنواز خان پٺو - عبدالستار پٺي

# سر شاهنواز خان پٺو

### عبدالستار پٺي

پٺو خاندان جو ذڪر ڪرڻ کان اڳ ضروري آهي ته ٿورو علائقائي تهذيب ۽ روايت جو جائزو ورتو وڃي. سنڌ هڪ اهڙو اڌول ۽ سخت علائقو آهي جتي صدين کان رائج دوستي ۽ دشمني جون هميشه نه وسرندڙ يادون، ڌرتيءَ جي سيني تي وهندڙ دادلو دريا هن ڌرتي مٿان واريءَ ۽ هوا جي تيز وهڪري سان آباديون ۽ بربادديون، ڏک ۽ سک ڏيندو. صوفين، جوڳين، درويشن، هارين، جاگيردارن جي هن سرزمين تي هڪ طرف يڪتارو چپڙي، سرندي، الغوزي، مرلي ۽ بانسري جا خمار پريل سُر ثقافتي شاهڪار ميٺ ۽ محبت جا داستان پيش ڪن ٿا ته ٻئي طرف و ٺڄ واپار لاءِ قائم منڍين ڏانهن پلوڙ ڏاندن ۽ موهن جي دڙي جي وقت کان هلندڙ بيل گاڏيون ساريون، ڪٺڪ، ڪمند، گاهه، ڦتيون، ڦل ڦروٽ ڪٺي وڃڻ وقت رستن تي ڦيٿن جا رينگت ڪنديون هيون ته وري محبت جا داستان جهڙوڪ سهڻي ميهار، عمر مارئي، مومل راڻو، نوري ڄام تماچي، سسئي پنهون جي حوالن سان هر هنڌ هاڪاري هيا جن کي لاکيڻو لطيف پنهنجي گيتن ۽ بيتن ۾ سموئيندو رهيو. اهڙي سڀاجهڙي سنڌ جي پلوڙ ماحول ۾ وقت جو وهڪرو وهندو رهيو. سمن، سومرن، چامن، ڪلهوڙن، ٽالپرن، انگريزن جا دور ايندا ويندا رهيا. تغلق، ترخان، ارغون ۽ ٻيا ڌاريا به سنڌ جا لوڙها لتاڙيندا رهيا. جاگرافي حدون طاقت ۽ تلوار جي زور تي وڌنديون ۽ گهٽجنديون رهيون. قبيلا لڏ پلاڻ ڪندا رهيا. ارڙهن اڻويهين صدي ۾ جاگيرداري جا محل انسانيت دشمني ۽ اذيت گاهن جا ڏيک ڏيندا هئا. جاگيردارن جي محل کي غريب پنهنجي خون سان سجائيندا سنواريندا رهيا. انگريز پنهنجو اقتدار برقرار رکڻ لاءِ جاگيرون مفت ۾ اتي جي اصل رهندڙن غريبن بدران پنهنجي دربار ۾ ايندڙن کي تحفي ۾ ڏنيون، هڪ طرف سنڌي زبان بند خاموش اٻوجهه رعيت ڏٺي ته ٻئي طرف دودو، دولهه دريا خان، جنرل هوشو، جنرل شاهه بهارو، شاهه مردان پير پا ڳارو ۽ ذوالفقار علي پٺو به ڏٺو. سنڌ جي سرسبز زرخيز زمين تي ڪافي ٻاهرين لڏپلاڻ ٿي. ڪيترا قبيلا لڏ پلاڻ ڪري هتان جا ٿي ويا. لاڙڪاڻي ضلعي جا گهڻا رهاڪو قبيلا ۽ ذاتيون قديم سنڌ ۾ لڏ پلاڻ ڪيل آهن. جن ۾ چانڊيا، کهاوڙ، مگسي، مهيسر، هڪڙا ۽ جتوئي وڏي تعداد ۾ هيا، پر انهن سڀني مان لاڙڪاڻي جي سرزمين تي مضبوط ۽ ڪتل پير پٺو خاندان جا آهن. لاڙڪاڻو شهر 18- هين صديءَ ۾ ڪلهوڙا شروعاتي ڏينهن ۾ قائم ٿيو. لاڙڪاڻو سنڌ ۾ سدائين زرخيز شهر رهيو آهي. قديم سنڌ ۾ ڪراچي کان پوءِ ٻيو نمبر مالدار ۽ شاهوڪار شهر لاڙڪاڻو ليکيو ويندو هيو ۽ سنڌ ۾ سڀ کان گهڻي آباد زمين پٺو سردارن کي هئي. پٺو قبيلو ڪيئي سئو سال اڳ جيسلمير ۾ آباد راجپوت مهاجرن جي شاخ آهي. هن خاندان جو پهريون فرد سهتو

خان پٽو 16 هين صدي جي وچ ۾ هتي پهتو ۽ پٽو نالي ڳوٺ ڏائين پر مقدر جو سڪندر پٽو خاندان ۾ سردار دودا خان پٽو ئي آهي. دودا خان پٽو ۽ سندس پٽ الهه بخش پٽو ڳڙجي لاڙڪاڻي کان جيڪب آباد تائين چانڊين، جمالين ۽ بروهين جي قبيلن سان مختلف وقتن تي سخت جنگيون ڪندا رهيا ۽ پنهنجي زمين جو دائرو تمام گهڻو وڌايو. سردار دودا خان پنهنجي ڪوشش سان پٽو خاندان جو شمار سنڌ جي معزز خاندانن ۽ قبيلن ۾ ڪرايو. ٽالپرن جي دور حڪومت ۾ سنڌ ۾ حڪمران کان علاوه شاندار حاڪميت جو ڏيک ڏيندڙ ڏولي ۾ گهمڻ ۽ سفر ڪرڻ جو اختيار پٽو خاندان جي سردارن دودا خان ۽ پير شاهه مردان پاڳارو کي هيو. هو جڏهن سفر تي نڪرندو هو ته سندس سجايل سيج ساڻ نوڪر چاڪرن جو هڪ وڏو جلوس به هوندو هو. هڪ طرف جائداد ۽ ملڪيت ناهڻ جو اعزاز سردار دودا خان کي وڃي ٿو ته ٻئي طرف سياست ۾ عزت، شهرت ۽ تعلقات ناهڻ جو سهرو سر شاهنواز پٽو کي ، جڏهن ته عوام ۾ شعور، سجاڳي، خدمت، محنت، حق حاصل ڪرڻ جو ڪريڊٽ ذوالفقار علي پٽو ۽ جدوجهد ، محنت، منزل حاصل ڪرڻ جو ڏانءُ محترمه بينظير پٽو کي آهي.

« Read more

Posted by wahabsahito at 10:23 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## بئريسٽر جان محمد جوڻيجو - عبدالستار پٽي

# بئريسٽر جان محمد جوڻيجو

عبدالستار پٽي

خلافت تحريڪ ۾ سنڌ جي جدوجهد تي ڪجهه لکڻ کان اڳ تاريخ جي شاگردن ۽ تاريخ ۾ دلچسپي رکندڙ سڄڻن لاءِ خلافت تحريڪ جو مختصر جائزو پيش ڪرڻ ضروري آهي ته جيئن هن عالمي تحريڪ ۽ جدوجهد کي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي، پهرين عالمگير جنگ کان اڳ ترڪي ۽ مسلمانن جي سلطنت عثمانيه ۽ خلافت قائم هئي جنهن جو خليفو عبدالوحيد هيو. ان وقت ترڪي جي خليفي کي مسلم امت جي خليفي طور احترام ملندو هيو. سال 1911ع جي اٽلي والاريل ٽريپولي تي حملو ڪيو ۽ اهڙي طرح سنڌن وچ ۾ جنگ لڳي ان جنگ برصغير جي مسلمانن جو توجهه ڇڪايو ۽ همدردي ۾ مسلمانن جون دليون ڏڪايل هيون. بلقان جي جنگ سال 1912ع کان 1913ع تائين هلي جنهن ۾ هندستاني مسلمانن زخمي ترڪن لاءِ هڪ وڏو طبي وفد ۽ تمام گهڻي دولت گڏ ڪري موڪلي. سال 1916ع آگسٽ ۾ پهرين عالمگير جنگ شروع ٿي ته ترڪي جي خليفي انگريز خلاف جرمني

جو پاسو ورتو انگريزن طرابلس واري جنگ ۾ مسلمانن خلاف اٽلي جو ساٿ ڏنو. يورپين جي پاران بلقان واري جنگ ۾ عيسائي رياستن جي ساٿ سبب ترڪي خلافت جا پيا سپ علائقا کسجي ويا ۽ وٽن صرف استنبول، ائڊريانوپل ۽ ٿريس جو ٽڪر وڃي بچيو اهڙي طرح پهرين عالمگير جنگ ۾ ترڪي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو جنهن جو برصغير جي مسلمانن کي گهڻو افسوس ٿيو.
پيو سبب ته برصغير جا مسلمان ذهني طور انگريز کي پنهنجو دشمن تصور ڪرڻ لڳا ۽ وري انگريز به عالمگير جنگ بعد پنهنجي وعدي خلافين وارا قدم کڻڻ شروع ڪيا. جيئن سال 1915ع ۾ مڪي جي ترڪي گورنر شريف حسين بن علي ساڻ خفيه معاهدا ڪري سبز باغ ڏيکاري عربن کي ترڪن خلاف مقابلي ۾ آندو. انگريزن عربن کي يقين ڏياريو ته مسلمانن جون مقدس مذهبي جڳهون ۽ شهر محفوظ رهندا جڏهن ته سال 1916ع ۾ ان جي خلاف انگريز فرانس ۽ روس ساڻ ناهه ڪري آرمينا ۽ عربستان جو هڪ حصو روس کي ڏنو ۽ ترڪي سلطنت جا عرب علائقا انگريزن جي قبضي هيٺ ڏنا ۽ مڪي جي ترڪي گورنر حوالي شام لبنان ۽ عراق جا حصا ڪيا جيڪي 1917ع ۾ ڏوڪو ڪري وري فرانس کي ڏنا.

« Read more

Posted by wahabsahito at 10:18 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

**SATURDAY, APRIL 23, 2011**

## مخدوم شهيد عبدالرحيم گرهوڙي رح - ميمڻ عبدالغفور سنڌي

### مخدوم شهيد عبدالرحيم گرهوڙي رح [ 1787 – 1739 ]

ميمڻ عبدالغفور سنڌي

هن برگزيدي مجتهد، عالم، صاحبِ شريعت ۽ شاعر، مخدوم عبدالرحيم ولد سعدالله مگريو رح جي ولادت 22 ذوالقعد 1152هه مطابق 3 جولاءِ 1739 تي ڳوٺ گروهڙ، تعلقي ساماري، ضلعي ٿرپارڪر ۾ ٿي آهي. ابتدائي تعليم گروهڙ جي اُترين طرف ڳوٺ چوٽيارين مان آخوند نور محمد مبين بن رد کان ورتائين. پاڻ ڄمنديئي

چام هو. خداوند ڪيس ذهين ۽ عقل ۾ اڪابر ٻڻايو هو؛ جنهن ڪري ذڪائت سببان ننڍڙي چمار ۾ ئي وڏا وڏا ڪتاب پڙهي پورا ڪيا هئائين. ايتري تائين جو بحث مباحثي ۾ به ساڻس ڪو برميچي نه ٿي سگهيو.

« Read more

Posted by wahabsahito at 8:18 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## مخدوم محمد زمان ”طالب المولىٰ“ - ميمڻ عبدالغفور سنڌي

## مخدوم محمد زمان ”طالب المولىٰ“ [ ولادت 1338ھ = 1919ع ]

ميمڻ عبدالغفور سنڌي

درگاهه مخدوم نوح هالائيءَ جو سورهون سجاده نشين، سنڌي زبان جو ممتاز شاعر، اديب ۽ سياستدان، مخدوم محمد زمان”طالب المولىٰ“ ولد مخدوم غلام حيدر صديقي قريشي، آچر ڏينهن 9 محرم الحرام 1338ھ مطابق 6 آڪٽوبر 1919ع تي هالا نوان (حيدرآباد) ۾ تولد ٿيو. سندس سلسله- نسب حضرت اَبوبڪر صديق رضه جن سان ملي ٿو. مخدوم نوح رح وقت جو غوث، مجدد، طريقت جي تبليغ جو پيش رو ۽ صاحب - تصنيف شخص ٿي گذريو آهي. لکين سندس معتقد هئا؛ جنهن ڪري عام طرح ”نو لکي گوڏڙي وارو بزرگ“ سڏبو هو.

« Read more

Posted by wahabsahito at 8:14 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رح - ميمڻ عبدالغفور سنڌي

## مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رح [ 1691ع – 1760ع ]

ميمڻ عبدالغفور سنڌي

سنڌ جي بزرگ هستي، يگاني شخصيت ۽ جيد عالم، مخدوم محمد هاشم ولد مولوي عبدالغفور سنڌي، ضلعي ٺٽي، تعلقي ميرپور بٺوري جي ڪچي واهڻ ۾، 10 ربيع الاول 1104ھ مطابق 1691ع ۾ ولادت

ورتي. سندس جدِ امجد قريش قبيلي مان هئا، جيڪي پنهنجي ڏاڏي حارث جي اولاد مان آهن. سندس والد بزرگوار نيڪ مرد ۽ خدا دوست انسان هو؛ جنهن کان ابتدائي تعليم حاصل ڪيائين. سندس وفات 1113هه (1700ع) بعد، مولوي محمد سعيد ۽ مخدوم ضياءُ الدين جن وٽان فارغ التحصيل ٿيو.

مخدوم صاحب، ميرپور بٺوري لڳ ”محراب پور“ ۾ ديني درسگاه کوليو هو. پاڻ باشريعت انسان هو. سندس اقبال ۽ انتظام کان وقت جا عالم خفي ٿيڻ لڳا. ايتري تائين جو متس ٺوڪون ۽ ٺٺوليون ڪرڻ لڳا. حتيٰ ڪه من گهڙت بهتان مڙهي کيس داغدار بڻائڻ جي به ازحد ڪوشش ڪيائون. آخر مخدوم صاحب تنگ ٿي محرابپور مان موڪلائي، ٺٽي ۾ وڃي ٽِڪاڻو ناهيو.

ٺٽو، ان وقت علم ادب جو مرڪز هو. منجهس مختلف فرقن جا عالم، صوفي، درويش ۽ اعليٰ پايي جا شاعر رهندا هئا. ازانسواءِ علمي بحث مباحثن جو پڻ چڱو چهچٽو هو. انهيءَ علمي جستجو ۾ مخدوم صاحب جو ديني درسگاه به ديسان ديس مشهور ٿيڻ لڳو، ايتري قدر تقريرن خواه تحريرن توڙي شرعي تبليغ ۾ پڻ وڏي شهرت ورتائين.

ايتري ساري سجاڳيءَ جي باوجود به ٺٽي شهر ۾ ڪيترون ئي غير شرعي ۽ دين جي خلاف ڪار گذاريون ٿينديون رهيون، جن کي مخدوم صاحب ڏٺي ۽ ڏسي برداشت ڪري نه سگهيو. باالخصوص مخدوم محمد معين ٺٽوي رحه به سندس ضد ۾ اچي ويو. پوءِ ته انهن براين جي پاڙ پٽڻ لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيائين. انهيءَ سلسلي ۾ وقت جي حاڪمن: ميان غلام شاه ڪلهوڙو، نادر شاه بادشاه ۽ احمد شاه ابداليءَ جن سان به خط و ڪتابت شروع ڪيائين. ميان غلام شاه پنهنجي تمام ڪامورن کي مخدوم صاحب جي هن سلسلي ۾ ٻانهن ٻيلي ٿيڻ جو حڪم صادر ڪيو .

مخدوم صاحب علم ۽ عمل جو مجسمو، اسلامي دنيا جو داناءُ، مصلح ۽ اعليٰ پايي جو مقرر هو؛ ۽ ساڳئي وقت تقريباً ڏيڍ سؤ کن عربي، فارسي ۽ سنڌي ڪتابن جو مصنف به هو. (1135هه = 1722ع) ۾ حج بيت الله شريف جي زيارت لاءِ اُسهيو. مديني شريف پهچي، اتي به دين جو درس ڏيڻ لڳو. واپسيءَ تي (1137هه = 1724ع) ۾ سورت بندر وٽ، نقشبندي بزرگ سيد محمد سعدالله سورتيءَ جو معتقد بڻيو. پوءِ ٺٽي پهچي لڳاتا لڳن سان دين جي خدمت ڪندو رهيو. هي

عالم رباني، زاهد الزمان، ساده طبع، تڪلف ۽ تصنع کان عاري، علم جو پنڊار 1174هه مطابق 1760ع ۾ هي فاني جهان ڇڏيو. سندس آخرين آستانو مڪليءَ ٽڪريءَ تي ٿيو. مخدوم عبداللطيف نالي فرزند هوس مخدوم صاحب جي تصنيفات مان عالمانه ۽ محققانه انداز - بيان جو پتو پوي ٿو. اج به سندس ڪجهه ڪتاب مصر جي الازهر يونيورسٽيءَ ۾ درسي طور پاڙهيا پيا وڃن. سندس تحرير مولوي ابوالحسن جي سنڌيءَ جيان آهي. سنڌي زبان ۾ سندس شاهڪار "فرائض الاسلام"، "زاد الفقير"، "قوت العاشقين" ۽ "ذبح شڪار" چيا وڃن ٿا. شاعريءَ جي لحاظ کان "الف اشباع" کي ترجيح ڏني هئائين. نموني طور سندس سنڌي هيٺ ڏجي ٿي:-

"بقا ناه بلاد کي دنيا ناهه دوام؛
اجل ٿيو اوتون ڪري تي قريب قيام؛
سمر سندي ساٿيا ڪرهو تات تمام؛
ٻچو ٻاءِ ڏٺيءَ جي آگل پر علام؛
ڪربو ياد ڪريم کي سنجهي صبح شام؛
ڪهو ڪلمو صدق سين مٿي محمد ڇام".

(1) – موجوده تعلقو ميرپور بٺورو، اُن زماني ۾ ڪراچي ضلعي جو حصو هو، جيڪو پوءِ ٺٽي ضلعي جي حدن ۾ اچي ويو.

(1)- مخدوم نارو المعروف محمد معين، وقت جي بزرگ ۽ عالم مخدوم عنايت الله (وفات 1114هه= 1702ع) جو شاگرد هو. ڪماليت جو صاحب ۽ سلوڪ جي راه جو پليءَ پت ڄاڻو هو. ميان ابوالقاسم ولد شيخ عبيدالله انصار نقشبندي جو پوئلڳ هو. آخري وقت ۾ سيد عبداللطيف "تارڪ" پٽائي 4 جي صحبت مان فيض حاصل ڪيائين. مخدوم محمد هاشم سان سندس علمي مناظرا ٿيندا رهيا. ڪافي ڪتاب لکيائين. وقت جا حاڪم به سندس تعظيم ڪندا هئا. "السماع معراج الاولياءُ" – مصداق "سماع" کي موسيقيءَ جي طرز تي اوليت ڏنائين – (1161هه = 1747ع) ۾ وفات ڪيائين. فارسي شاعريءَ ۾ "تسليم" ۽ هنديءَ ۾ "بيراڪي" تخلص هوس [تحفته الڪرام – مير علي شير "قانع"، سنڌي ادبي بورڊ (سنڌي ترجمو، جلد 3)، 1957ع؛ صفحو 563].

(1) – پنهنجي وڏي چاچي ۽ سهري، حاجي محمد عثمان ملا مينهون ميمڻ (عمر 80 ورهيه) جي زباني معلوم ٿيو آهي، ته هڪ دفعي مخدوم صاحب ڪنهن ڏوهه ۾ هڪ سيد کي شرعي تعزير ڏيندي ديڙن هڻائڻ لاءِ پڙهو ڦيرايو. جڏهن پسگردائي اچي گڏ ٿي؛ ۽ پاڻ مجمي ۾ بيهي ڏوهاريءَ کي هڪ ڪاٺ جي قلعي ۾ سوگهو ٻڌرايائين. اجا ديڙن هڻائڻ جي اجازت ڏيڻ تي ئي هو، ته کيس پنهي جهانن جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن، سيد کي پاڪر ۾ بيٺل نظر آيا. پوءِ

سندس حيرت جي حد نه رهي ۽ تهه پهه حڪم ڪيائين، ته سيد کي آزاد ڪري ڇڏيو. ڏڌهن گهر پهتو ۽ قرآن پاڪ کولي ڏٺائين، ته سندس صبر جو پيمانو لبريز ٿي آيو. ٻئي ڏينهن تي وري سزا لاءِ مجموعو ڪٺو ڪيائين. ان ڏينهن تي به ساڳئي ماجرا ڏسي، واپس وريو. گهر ۾ وري به چين نه آيس؛ ۽ شريعت کان پاسيرو به رهي نه پئي سگهيو. مجبوراً ٻي ڪا واه نه ڏسي، پوري پسگردائيءَ مان قرآن پاڪ ڳڏ ڪرائي، ٻيل ڳاڏين تي اٺي تعزير واري هنڌ جمع ڪيائين. آخر ٿيون ڀيرو ماڻهو مڙي، اُن سيد کي شرعي سزا لاءِ تيار بيهاريائين، ته ڪيس اهو ساڳيو منظر آيو. مگر پاڻ وڏي عجز سان ڪائنات جي ڪارڻيءَ کي عرض ڪيائين، ته ”ٻنهي جهانن جا سردار! انهيءَ ڏوهاريءَ کان پري ٿيو؛ يا هي (قرآن پاڪ) واپس وٺو!!“ چوڻ ۾ اچي ٿو، ته آنحضرت محمد مصطفٰي صلي الله عليه وسلم جن شريعت کي افضل ڄاڻي پري ٿي بيٺا؛ ۽ سيد کي مقرر سزا ملي.

(1) – علامه مخدوم (ثاني)، ٻيءُ جو صحيح جاءِ نشين هو – 1187هه (1773ع) ۾، ميان سرفراز ڪلهوڙي جي لشڪر ۾ قضا جي عهدي تي فائز هو. عربي زبان ۾ ”ذب الذبابات“ (ٻه جلد) نالي سندس لازوال تصنيف ڇڏيل آهي. [ ”تڪمله مقالات الشعرا“ (فارسي) – مخدوم محمد ابراهيم ”خليل“ ۾ تتوي، سنڌي ادبي بورڊ، 1958ع، صفحو 46].

Posted by wahabsahito at 8:07 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## مخدوم نوح هالائي رح - ميمڻ عبدالغفور سنڌي

## مخدوم نوح هالائي رح [ 1505ع – 1589ع ]

### ميمڻ عبدالغفور سنڌي

سر زمين سنڌ جو عظيم فرزند، ”نو لکي گودڙيءَ وارو بزرگ“، سنت و اتقا جو ڪامل نمونو، عارف ۽ ديني تعليم و تربيت جوڳهارو، غوث الحق مخدوم لطف الله المعروف مخدوم نوح ولد مخدوم نعمت الله صديقي قريشي، جمع جي رات 27 رمضان المبارڪ 911هه مطابق 12 آگسٽ 1505ع تي، بيبي سڪينه جي بطن مان، هالا ڪنڊي (هالا) ۾ ڄائو هو. سندس نسبي سلسلو ايڪويهين پشت ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضه (572ع – 634ع) جن سان وڃي ملي ٿو. سندس ولادت بابت حسو فقير چاڪي، مجذوب توڙي ۽ شيخ پرڪيو ڪاتيار رح جهڙن بزرگن، مجذوبن ۽ عالمن سڀني جون پيشنگويون ٿيل هيون، ته ”جلد اهڙو نينگر پيدا ٿيندو؛ جنهن کي هر دم حضور حاصل هوندو“– سچ پچ ٿيو به ائين.

مخدوم نوح رحه جو جد- امجد شيخ فخرالدين ڪبير عرب مان هجرت ڪري ديري غازي خان جي ڳوٺ ”ڪوٽ ڪروڙ“ ۾ اچي رهيو. هي

ڳوٺ خداوارن جو اڳ ئي رهائشگاهه هو، ويتر شيخ فخرالدين رح جي اچڻ سان ولايت جو مبنع بڻجي ويو. ڪجھ سالن بعد شيخ صاحب سياحت جي خيال سان گهمندو ڦرندو اچي بوبڪن ۾ نڪتو. بوبڪ انهن ڏينهن ۾ بزرگن ۽ عالمن جو مسڪن هو؛ جنهن ڪري شيخ فخرالدين به هتي ئي مستقل رهائش اختيار ڪندي، باقي زندگي دين جي تبليغ ۾ گذاري. ڪافي ڪرامتون ڪانئس سرزد ٿيون. هوڏانهن سندس اولاد مان مخدوم فخرالدين صغير، ڪوٽ ڪروڙ چڏي اچي هاله ڪنڊيءَ ۾ سڪونت اختيار ڪئي. وڏو عارف، عابد ۽ زاهد شخص هو؛ جنهن ڪري ڪيترائي لاکا، ميمڻ، سومرا ۽ پيا مقامي باشندا سندس پوئلڳ بڻيا. سندس پونيرن لاکن ۽ سومن مان شاديون ڪيون هيون.

مخدوم صاحب جو ننڍپڻ کان جوانيءَ تائين وقت نهات پرهيزگاري سان گذريو آهي. سندس ابتدائي اُستاد مخدوم شاهد ڏنو عرف عربي ڏيانه رحه هو؛ جنهن وٽان 25 سيپارا، وهب ۽ عطا، عام لدني ۽ فقه جا چند ڪتاب پڻ پرهيو هو. ايترو ته ذهين هو؛ جو سندس استاد ۽ هم سبق شاگرد به سندس علمي بصيرت تي دا ڏيندا هئا. هڪ دفعي پاڻ کين ٻڌايو هئائين، ته ”مون کي ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد مصطفىٰ صلي الله عليه وسلم جن وٽان چار شيون عطا ٿيون آهن: ذڪر جو سبق، قرآن جو تفسير، حديث جو فهم ۽ خواب جو تعبير“. سندس سلسله- طريقت ”سهروردي اويسي“ هو.

شروعات ۾ شاديءَ جو خيال ترڪ ڪيو هئائين، پر پوءِ سنت نبويءَ جي پيرويءَ کي افضل ڄاڻي، چاليهن ورهين جي عمر ۾، سنڌ جي حاڪم ڄام تماچيءَ جي همشيره بيبي زليخان سان پهرين شادي ڪيائين؛ جنهن مان: محمد امين، حامد ۽ نور محمد، احمد ۽ چئن نياڻي جو اضافو ٿيو. بيبي زليخان (956هه - 1549ع) ۾ وفات ڪئي؛ جنهن ڪري ٻي شادي چوهاڻ قوم مان ٿيس؛ جنهن مان: ابراهيم، ميران محمد ۽ جلال محمد ڄاوا. ٽين شاديءَ مان: موسىٰ، آدم، هارون، دائود ۽ يوسف پيدا ٿيا؛ پڇاڙيءَ واري (چوٿين) شاديءَ مان کين ڪوبه اولاد نه ٿيو. پاڻ 85 ورهين جي عمر ۾ جمع جي رات 27 ذوالقعد 998هه مطابق 21 نومبر 1589ع تي هالا ۾ وفات ڪئي. سندس وصيت موجب غسل جي سعات فقير عبدو ڪيريو کي نصيب ٿي. غسل بعد 71 دفعا جنازه نماز پڙهي ويئي. آخر جمع جي نماز بعد کيس ڳوٺ ۾ هميشه هميشه لاءِ آرامي ڪيو ويو. ٻارهن سالن بعد وڏيءَ ليٽ ۾ سندس جسم خاڪيءَ کي کڻي، نئين ڳوٺ ۾ دفنايو ويو. جتي سندس عاليشان مقبرو، سندس پوٽاڻ مان پنجين سجاده نشين

مخدوم محمد زمان (1205هه - 1790ع) ۾ تعمير ڪرايو هو. سندس ڏاکڻي طرف مخدوم مير محمد جي تربت آهي، جيڪا مير فتح علي خان ٽالپر (1210هه - 1795ع) ۾ تعمير ڪرائي هئي. اتر طرف مير ڪرم علي خان (1222هه - 1807ع) ۾ جامع مسجد جوڙائي آهي. هر سال ذوالحج جي پهرين سومر تي مٿس ميلو وڏي ڌام ڌوم سان لڳندو آهي، جتي ذڪر و فڪر، مولودن ۽ مداحن جي محفل سان گڏ ”ڏهر“ جي پالوٽ ۽ سماع جي محفل منعقد ٿيندي آهي.

مخدوم صاحب ”نو لکي گودڙيءَ“ جو مالڪ هو. سندس خيال سنت نبويءَ موجب هئا. طريقت جاذب، سادي ۽ فقيرا ٺٽي ويهڻي هيس. ٺٽ ٺانگر ۽ طمطراق کان بيزار هو. سندس حلقي ۾ امير خواه غريب، دولت مند ۽ حاڪم پڻ هوندا هئا. نذر نياز غريبن ۽ مسڪينن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. پوشاڪ سادي ۽ اڪثر سائي يا نير ۾ ٻڌل ڪپڙا پهريندو هو. فقر و فاقو سندس دل جي مرضيءَ موجب هو. ڪڏهن ڪڏهن ته سندس گهر ۾ ڪاڏي لاءِ ڪجهه به نه هوندو هو، تاهم به شڪر سندس زبان تي هر وقت رهيو. سيد ابوبڪر شاه لڪياروي، سيد علي شيرازي، فقير رشيدالدين، شاه محمد حسين ۽ ميان بهاؤالدين گودڙيو سندس خاص خليفن ۾ شمار ٿين ٿا. پاڻ ڪافي ڪتاب قلمبند ڪيائين، جن مان فارسي زبان ۾ قرآن پاڪ جو ترجمو مثالي حيثيت رکي ٿو. عربي، فارسي ۽ سنڌي زبانن تي علمي مهارت ۽ ادراڪ هوس. شاعري به سٺي ڪئي اٿس.

(1) – فقير نوح هوتزاني رح (1414ع – 1504ع) جي اشاري سان مٿس ”نوح نالو پيو هو.

(2) – ”هالا ڪنڊي“، حيدرآباد سنڌ جو قديم شهر آهي، جيڪو موجوده ”هالا“ نالي سان سڏجي ٿو. کيس مخدوم محمد ٻڌايو هو؛ ۽ شروعات ۾ سندس نالو ”مرتضي آباد“ رکيو ويو. درياه جي پائيندڙ سببان ڪوه کن جي وڇوٽيءَ تي نئون شهر آباد ڪيو ويو [قديم سنڌ، ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو – مرزا قليچ بيگ، 1925ع، صفحو 55]. غالباً 1592ع ڌاري درياهي چاڙهه سبب ”اسلام آباد“ نالي پرسان هڪ ٻيو شهر به آبا ڪيو ويو، جيڪو هينئر ”نوان هالا“ نالي سان سڏجي ٿو [روزانه ”عبرت“ (حيدرآباد)، مورخه 2–8–1959ع، صفحو 3 ].

(1) – مخدوم نوح بن مخدوم نعمت الله بن مخدوم اسحاق بن مخدوم شيخ شهاب الدين سهروردي (1147ع – 1234ع) بن مخدوم سرور بن مخدوم فخرالدين صغير بن شيخ عزالدين بن شيخ فخرالدين ڪبير بن شيخ ابوبڪر ڪتاني بن شيخ اسماعيل بن شيخ عبدالله بن شيخ نصرالدين بن شيخ سراج الدين بن شيخ خيرالدين بن ابي عاصم بن شيخ محمد بن شيخ وحيد الدين بن شيخ مسعود بن

ابدي قاسم بن محمد بن عبدالرحمان بن حضرت ابوبڪر صديق رضه [ماهوار ”الرحيم“ (سيپٽمبر – آڪٽوبر 1976)؛ صفحو 15].
(4) – روايتن پٽاندڙ شيخ فخرالدين ڪبير، سيوهڻ شريف ۾ وفات ڪئي هئي. سندس مقبرو قلندر لعل شهباز رحه سان لڳ چيو وڃي ٿو.
(5) – مخدوم شاهڏنو عرف عربي ڏيانه رح، پنهنجي وقت جو وڏو عالم ۽ صاحب - دل هو. هڪ جاءِ تي ويهي هڪ سؤ چاليهه قرآن پاڪ جا ختما ڪيا هائائين. جڏهن قرآن پاڪ پڙهندو هو ته اڏامندڙ پکي ته قطارون ڪري بيهي ويندا هئا، بلڪ وهندڙ پاڻي به خاموشي وٺندو هو. وڏو ڪرامتي مرّس هو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح (1689ع – 1752ع) جو نسبت ۾ نانو هو. سندس فرزند مخدوم بايزيد (وفات 980هه = 1572ع) پڻ سندس جيان صاحب- ڪشف ۽ ڪرامت هو ۽ پوٽو مخدوم محمد عالم، شاه عبداللطيف ڀٽائي رح جو معتقد هو. مخدوم عربي ڏيانه مڪليءَ تي دفن ٿيل آهي. پير آسات سندس سڳو پاءُ هو، جيڪو ”مقام شاه ڏياڻي“ ۾ مدفون آهي.
(2) – اُنهن مان بيبي مريم نالي هڪ نياڻي، مٽياروي سادات سيد عبدالله شاه ولد سيد محمد يعقوب شاه جي نڪاح ۾ ڏنائين؛ ۽ باقي ٽي، پنهنجن عزيزن ۾ آجيون ڪيائين [ماهوار ”الرحيم“ (سيپٽمبر – آڪٽوبر 1976ع)، صفحو 28].
(1) – مخدوم ابراهيم، جيڪو ”سلطان ادهم“ جي نالي سان مشهور هو. فقيري طبيعت ۾ وڏو غوث ٿي گذريو آهي. سندس آخري آرام گاه خيرپور ميرس ۾ ٽڪرين تي واقع آهي.
(2) – ”ڏهر“ عام طرح سان ” ڏاڍيءَ مٽيءَ وارا سڏا ميدان“ سڏبا آهن، جيڪي ٿر علائقي ۾ واريءَ جي ڀن ڀٽن (دڙن) جي وچ تي پيل ماٿري يا سخت مٽيءَ واري پٽ کي چئبو آهي. هت ”ڏهر“ مان مراد ”مرشد جي مداح“ آهي. خود سر تاج العشراءُ شاه عبداللطيف ڀٽائي رح به انهيءَ مراد سان ”سر ڏهر“ ڳايو آهي.
(1) – ”سماع“، صوفين جو مخصوص رقص (ناچ) آهي؛ جنهن کي ذڪر ۽ شغل جو طريقو چاهيندا آهن. خاص ڪري نقشبندي طريقي وارا ”سماع“ کي زياده ترجيح ڏيندا آهن. البته سهروردي سلسله وارن وٽ به ”سماع“ کي خاصي اهميت حاصل رهي آهي. صوفين جي لغت موجب ”سماع“ انسان جي من جي ميراڻ ميٽي، ڏوبيءَ جي ڪپڙي جيان اڇو ۽ اُجرو ڪري ٿيو- ”سماع“ ۾ بيت (ڏوهيڙا) پڙهيا ويندا آهن، جيڪي ”اوناڻي“ ۽ ”لاهڻي“ چئبا آهن، جن جو لازمي ورا ڻو ”لاالله الاالله“ هوندو آهي [سنڌي انسائيڪلو پيڊيا – ميمڻ عبدالغفور سنڌي (قلمي 1980ع) صفحو 433].
(2) – انهن ڏينهن ۾ ”سروري سلسله“ سان 9 لک ماڻهو وابسته هئا؛ جنهن ڪري مخدوم صاحب ”نو لکي گودڙيءَ“ وارو ڌڻي سڏبو هو.
(1) – برصغير ۾ قرآن پاڪ جو هي پهريون فارسي ترجمو آهي، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ جي نگراني ۾ شايع ٿي رهيو آهي.
(2) – هي ڳوٺ 1887ع ۾ درياه جي پائيندڙ ۾ نابود ٿي ويو

## مـــــــــــدن پــڳــت [ 1667ع – 1744ع ]

### ميمڻ عبدالغفور سنڌي

سنڌ جي عظيم انسانن ۾ صوفي سنت، مدن پٽ چيتن تولاڻيءَ جو نالو وسارڻ بالڪل بي انصافي ٿيندي. سندس جنم وسپت 12 جنوري 1667ع تي، تعلقي هالا جي ڳوٺ ڪوٽ ڪلاڻي ۾ ٿيو هو. سندس پتا ننڍپڻ ۾ ئي ماتا جي بيماريءَ وگهي اکين کان ضعيف هو؛ جنهن ڪري راتيان ڏينهان ڌڻيءَ در وينتي ڪندي، عامل ٿيو هو. شاه حبيب سان بيحد عقيدت هيس. اهڙي نيڪ انسان جي پٽ مان "مدن" جهڙو سدا ملوڪ نينگر پر گهٽ ٿيو.

مدن ننڍپڻ کان ئي مانيٺو ۽ سلڇڻو چوکر هو. پاڻ کي هڪ جيڏن ۾ ڪڏهن به هنيلو ۽ معتبر نه پئي پانيائين؛ ويتر پٽ جي آس پاس ڳوٺن ۾ گهمندي ڦرندي صوفين ۽ سنتن جي صحبت مان ڪافي پرايو هئائين. سنڌ جي سرتاج صوفي شاعر، شاه عبداللطيف ڀٽائي رح ( 1689ع – 1752ع) سان گهڻي سلام دعا هيس. چوڻ ۾ اچي ٿو، ته هڪ دفعي ڪچهريءَ ۾ مدن، شاه سائين رح سان گڏ وينو هو. شاه سائينءَ کيس چرچي ۾ چيو، ته **"محبت جي ميدان ۾، مهتا ڪندين ڪيئن"؟** - مدن ان وقت ته بالڪل خاموش رهيو. آخر شاه صاحب جي زور پرڻ تي جواب ۾ صرف ايترو عرض ڪيائين، ته "سائين! انهيءَ جو جواب اوهان کي ڪنهن مناسب موقعي تي ڏيندس!!" ڪجهه ڏينهن بعد، درياه جي پتڻ تي سندن ملاقات ٿي. کين پار پهچڻو هو، پر جيئن ته ڪنڌيءَ کان پاڻي پڳهه چوڙي پتڻ کان پريرو هاڪار چڪو هو؛ جنهن ڪري ٻئي ڄڻا بي وس بيٺا هئا. کيس سڌ ته گهڻائي ڪيائيون، مگر هن (پاڻيءَ) وراڻين، ته "تورو ترسو؛ ٻئي پور ۾ توهان کي اڪاريندس". مدن، نه ڪا ڪئي هم نه تم، کيسي مان ڪلدار روپيو ڪڍي، وڏي واڪي پاڻيءَ کي هڪل ڪري چيو، ته "ٻيلي! اسان ٻنهي کي هن ئي پتڻ ۾ کنيو هل!! اسان توکي پهرين پور ۾ پهچائڻ لاءِ ٻيڻو پتڻ ڏينداسين!!!" ٻيڻي پتڻ جي لالچ تي پاڻي ڀڻتي موٽيو. پتڻ چڙهڻ وقت مدن، ڀٽائي صاحب کي کلي چيو، ته "سائين! هينئر شايد توهان کي پنهنجي سوال جو جواب ضرور ملي ويو هوندو!!" شاه سائين مشڪيو؛ جنهن تي مدن جي زبان مان آواز نڪتو، ته

**"هٿ جنين جو هيئن، پهرين پتڻ سي چڙهيا."**

مدن، "ڀڳت" سٺي وجهندو هو. انهيءَ ڪري "مدن ڀڳت" ڪري سڏبو هو. پاڻ شاه عنايت رضوي رح (1624ع – 1712ع) جو بيحد

عقيدتمند هو. اڪثر ڪري وتس ڪچهري ڪري، شام جو گهر واپس ٿيندو هو. پاڻ وڏو داناءُ هو، جنهن ڪري اڳ پوءِ جي وڏي سوچ رکندو هو. هميشه گهرجي چوديواريءَ کان ٻاهر، مڪان اڏي جهوپڙيءَ ۾ رهندو هو. اڪيلائي پسند ۽ هميشه بندگيءَ ۾ رڌل رهيو. هڪ دفعي پٺائي پلاري جي ڪچهريءَ مان لطف اندوز ٿي رهيو هو، ته شاه سائين پنهنجن مريدن کان سوال پڇيو، ته ”ابا! الله سائينءَ جو گهر، ڪيڏو وڏو نه هوندو؛ جنهن مان ساري مخلوق اندر ويندي !!“ عقل جي آڌار تي حاضرين مان ڪنهن ڪهڙو، ته ڪنهن ڪهڙو جواب ڏنو. مدن به خاموش ويٺو هو. جان ڪٿي شاه صاحب جي مٿس نظر پيئي، ته نوڙت وچان ڪنڌ جهڪائي عرض ڪيائين، ته ”قبلا سائين! ڌڻيءَ جي درگاه جو در اجهو ايترو ٿئي ٿو!!“ اهو معقول جواب ٻڌي پٺائي صاحب کلي حاضرين کي چيو، ته ”ابا ڏٺو! اسان ٿڌهن ته مدن کي پائيندا آهيون!!“
مدن بذات خود شاعر به هو. هندي ۽ سنڌي زبانن جي وٽس وڏي پرکا هئي. ڪيترائي کيس شش هئا، جن کي سندس ڪلام برزبان ياد هوندو هو. زندگيءَ جون 77 بهارون سنبري، آرتوار 29 نومبر 1744ع تي پرلوڪ پڌاريائين. يادگار طور سندس مڙهي، پٺ شاه ۽ ٽنڊي آدم ريلوي اسٽيشن وچ ۾ اتر طرف اڄ به قائم آهي.
مدن، جيتوڻيڪ هندو هو، مگر پالڻهار کي پيارو هو. چوڻ ۾ اچي ٿو، ته هڪ ڏينهن مالها ڪٿي مسجد ۾ ويو ۽ ڪنڊ ۾ ويهي بندگي ڪرڻ لڳو. مجاڻ جهرڪين چت ۾ آڪيرو ٺاهيندي اتفاق سان مٿس ڪک ڪيرايا. ملا به قرآن پاڪ پڙهي رهيو هو؛ جنهن سموري ماجرا اکين سان پئي ڏٺي. ڪکن ڪرندي مدن چرڪ پريو ۽ مٿي نهاريو. خدا جي قدرت سان اُهو جهرڪ ۽ جهرڪي اچي پٽ تي پيا ۽ مري ويا. ملا کي اها ڳالهه البته ڏکي لڳي؛ جنهن ڪري خاموشي ٽوڙي، وات ڪري چيائينس، ته ”واڻيا! ڪوڙ ٿو ٻڪين!!“ تنهن تي مدن وراڻيو، ته ”ملا صاحب! برابر جهرڪين ڪک اڇلايا، برابر مون به مٿي نهاريو ۽ برابر جهرڪيون به اچي پٽ پيون ۽ مري ويون.... اهو ضرور آهي، ته ڌڻي پنهنجن پيارن تي ڪک به پيو نه سهندو آهي. شايد مالڪ کي اها ڳالهه نه وڻي آهي، جو هي ڪم ٿيو آهي!!“ بس، پوءِ ته ملا لڄي ٿي، اچي مدن کي پاڪر پاتو.

هڪ دفعي ڀٽائي صاحب پنهنجن مريدن کان سوال پڇيو، تـه ”رب کـي ڪهڙي شيءَ پسند آهي؟“ مريدن بنا سـوچ ۽ ويچـار جـي وراڻيـو، تـه ”قبلا! مرشـد جـي ذات“. تنهـن تـي شـاه سـائينءَ کيـن مـدن ڏانهـن موڪليو. مدن جواب ۾ وراڻيو، ته ”گڏهيـون ۽ ڏيڏر“. مريـد متـس تپـي باه ٿي ويا؛ ۽ شاه سائينءَ کي پڻ اهڙي اڻنگي جواب ٻڌائڻ کـان ڪيـپائڻ لڳا. پر پوءِ اخلاقي قدرن کي آڏو رکي، منجهانئن هڪ مريد اُٺي، مـدن جو جواب، شاه سائينءَ کي ٻڌايو. شاه صاحب جواب ٻڌي خوب خوش ٿيو. مريدن جون وايون بتال ڏسـي، شـاه صـاحب کيـن واضح ڪنـدي فرمايو، ته ”ابـا! رب سـان گـڏ ”هنيـون“ (دل) ۽ ڏيڏر مـان مـراد آهـي ”ڏي“ به ۽ ”ڏر“ (ڏج) به.... توهان ته اجايو مدن کي گهـٽ وڌ پيـا چئو، وجو ۽ وجي ڪانئس معافي وٺي اچو!“.

(1) – روايتون آهن، ته مدن ڀڳت جو شاه سائين رح سان گـڏ ويهـڻ، مريـدن کـي پسند نه هو. گهڻائي ڪيائيون اعتراض، مگر شاه سائين رح کين چيو، ته ”ابا! مـدن درويش فقير آهي!! الله تعالىٰ جي وٽ ذات پات جو ڪو پيد ناهي!!!

(1) – هڪ ڏينهن شاه عنايت جي ڪچهريءَ مان ايترو ته مزو اچي ويس، جـو سـج لهڻ جو به پرو نه پيس. پوءِ ته اونده ٿينديئي، جـان ڪ ڻـي ڳـوٺ ورڻ لاءِ سنسـري نڪتو، شاه عنـايت چرچـي طـور چيـس، تـه ”مـدن! تنهنجـي ڳـوٺ واري جهنـگ ۾ شينهن ٿو رهي.... تون هن ڪمهلي وقت نه وڃ .... اڄ رات رهـي پـؤ تـه ڪـي روح رهاڻيون ڪريون!!“ مدن، جيڪو روز جو هيراڪ هو؛ تنهن ڪري آرام ڪٿي ٿو اچي. هلڻ کان اڳ چيائين، ته:

**”جنهنجي رات تنهنجو ڏينهن - جنهنجو مدن تنهنجو شينهن“**

(2) – هڪ دفعي شاه عبداللطيف ڀٽائي رح پنهنجن مريدن کان پڇيو، تـه ”مـان ڇـا آهيان؟! ۽ مدن ڇا آهي!؟“ مريدن وراڻيـو، تـه ”قبلا سـائين! توهـان مرشـد آهيـو ۽ مدن واڻيو آهي!!“ معقول جواب نه ملڻ تي کين مدن ڏانهن موڪليائين. مدن کـان ته هو اڳ ئي عاري هوا، مگر مرشد جو چوڻ موٽائي نه سگهيا پوءِ جيئن تيئن ڪـري کانئس سوال جو جواب پڇيائون، ته ”لطيف ڪير آهي؛ ۽ تون ڪير آهين؟ مدن تهـه پهه جواب ۾ چين ته ”لطيف، ”ڏوڙ“ آهي ۽ مان ”چائي“ آهيـان!“ – مريـد گسـتاخي سمجهي متس ڏمريا. مگر ڪن سـنجيده مـاڻهن جهيـڙي جـي نـوبت تـاري، ڀٽـائيءَ تائين موٽائي آندو. جواب ٻڌي ڀٽائي صاحب کلي خوش ٿيو؛ ۽ حاضرين کـي چيـائين، ته ”ابا! مدن برابر سچ چيو آهي؛ چاڪاڻ جو منهنجو جسم آخر مٽيءَ (ڏوڙ) ۾ لٽبـو ۽ مدن جو بت خاڪ (چائي) تي پوندو!

Posted by wahabsahito at 7:56 PM 0 comments

Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## مسڪين جهان خان کوسو - ميمڻ عبدالغفور سنڌي

# مسڪين جهان خان کوسو[ 1909ع – 1980ع ]

## ميمڻ عبدالغفور سنڌي

مارئيءَ جي ملڪ ”ٿر“ لاءِ محبت رکندڙ ۽ حب الوطنيءَ جو عديم النظير دنيا آڏو مثال پيش ڪندڙ، مسڪين جهان خان ولد بجار خان بن رئيس مير حسن خان بن خانبهادر سردار خان بن شهيد شادي خان کوسو بلوچ، هڪ عظيم انسان ٿي گذريو آهي. سندس ولادت 12 صفرالمظفر 1338هه مطابق 9 جولاءِ 1909ع تي ننگرپارڪر ۾ ٿي هئي. ننڍپڻ کان ئي رحمدل، سلڇڻو ۽ ماٺيڻي طبيعت جو مالڪ هو.

”کوسا“ ۽ ”مسڪين“! سچ پچ ته متضاد صفتون آهن، ڇاڪاڻ جو کوسا، حالانڪ پئسي پنجڙ ۾ مسڪين (غريب) به ڇو نه هجن، بلڪ طبيعت ۾ هو مسڪين ٿي هرگز نٿا سگهن!! کوسا، ڪٿل ته به ”خان“ جي ڏک ڏيندا. پير ۾ جتي نه به هوندن، تاهم به جوش ۾ سيٽيل ضرور نظر ايندا. سندن گهر ۾ پل چار ڏينهن دانگي نه به چڙهي، مگر سندن ٻاهر ڳالهائڻ جو انداز اميراڻو پيو معلوم ٿيندو. وات جي ڪڙڪي ۾ هو اهڙا ته ڪرا آهن، جو اڳلو ڪين ائين سمجهندو، ته ”مڙسن جو شايد لڪ تي مٿو تو ڏوپي!!!“ مطلب ته کوسن جي ٻاهرين بناوت اهڙي ته پرجهلي ڏسڻ ۾ ايندي آهي، جو سندن اندر ڪوڪلي هجڻ جي هوند ڪڙڪ به محسوس ڪري نه سگهبي آهي. مگر هت ته قصوئي انهيءَ جي برعڪس آهي، ته جهان خان جهڙو جوڌو جوان؛ جنهن کي پوليس جي ملازمت به ورثي ۾ مليل هجي، تنهن جي طبيعت ۾ ايتري قدر ته حسين امتزاج موجود ملي، جو سندس سيرت، بلوچن جو ناز بڻجي پوي. خدا ڄاڻي ڪهڙي اچي دل ۾ پيس؛ جنهن کان پاڻ کي ئي جوانيءَ ۾ ئي ”مسڪين“ سڏائڻ لڳو.

”مسڪين“ ، 1937ع کان ملازمت ترڪ ڪرڻ بعد، غريبن جي خدمت لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيو هو. ايتري تائين جو مهينن جا مهينا مسڪينن جي مدد لاءِ گهر کان ٻاهر رهيو. پوءِ پل ٻچا پيا سندس صورت لاءِ ترسن. سندس گهر موٽڻ جو سبب، مٿ مائٽ جو موت يا زوري غريبن جي گهيري مان ڪنيي ڪڻي اچڻ هوندو هو. ورنه پاڻمرادو موٽڻ مشڪل هوس. پڇاڙيءَ ۾ هڪ ڏکهي بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي پيو؛ جنهن ڪري 9 رمضان المبارڪ 1400هه مطابق 23 جولاءِ 1980ع تي وفات ڪيائين.

دنيا ۾ ڪيترائي قومي ڪارڪن، سوشل ۽ پبلڪ ورڪر تي گذريا آهن، مگر مسڪين ڪوسي جهڙا جذباتي ۽ جنون رکندڙ ورلي ليندا. مسڪين، هڪ اعلىٰ ۽ بهادر بلوچ خاندان جو چشم چراغ هو. ميرا ڻي دور ۾ سنڌ ۽ مارواڙ جي هڪ وڏي حصي تي ڪين حڪومت حاصل هئي. مسڪين ڪوسي جي ٿر لاءِ محبت انهيءَ اعلىٰ ۽ ارفع دائري ۾ داخل ٿي چڪي هئي؛ جنهن ۾ مارئيءَ جو بي چين ۽ پتڪيل روح ورهين ڪان وني ٿر جي پيانڪ پٽن جو واس وٺندو رهيو آهي. انهيءَ عفت ماب ۽ اعلىٰ ڪردار، غيرتمند مارئيءَ جي روح کي يقياً تسڪين ڏني هوندي؛ جنهن سندس حب الوطنيءَ جي جذبي کي زنده جاويد رکڻ لاءِ "مسڪين" جهڙو مرد مجاهد، سندس ئي ڏاڏهي ڏيهه ۾ پاڻ پتوڙيو هو. انهن ئي نيڪين عيوض کيس "ٿر جو گانڌي" به سڏيندا هئا. ٿر ۾ رهندڙ اقليتي فرقا ته کيس "پير" ڪري سمجهندا هئا.

(1) – رئيس مير حسن، سنڌ پوليس ۾ انسپيڪٽر جي عهدي تي فائز هو؛ ۽ لاڙڪاڻي ۾ (1821ع ۾) شهيد ٿيو هو. [مسڪين جهان خان ڪوسو – محمد بخش "مجنون"، 1967ع، صفحو 28].

(2) – بلوچن ۾ "ڪوسا" مشهور ذات ليکجي ٿي. هو سنڌ ۾ ڪلهوڙن سان گڏجي آيا هئا. وڏا جنگجو ۽ بهادر سڏجن ٿا. ڪلهوڙن جي زوال بعد (1872ع ۾) سنڌ ڇڏي مارواڙ ۽ ڪڇ جي صحرائي حصن ۾ ٽڪاڻا ناهي رهڻ لڳا. تنيءَ ٿڌيءَ جا عادي ۽ بهادريءَ جا بهترين جوهر ڏيکاريندي، ٿر ۾ پنهنجو ناماچار ڪيائون.
Memoirs on the therr & parker-Capt:Stanley Napier Raikes: 1856, ]P.P68

(1) – اڪثر هٿ ۾ گيڏيو (ٿري لڪڻ) هوندو هوس. مليشيا جو لباس سندس جسم جي سونهن سمجهبو هو. وٽس "سماجڪ سڌار جذبو" پڇاڙيءَ تائين قائم رهيو. پٺ ڀڙي اٿس. کيس زندگيءَ ۾ ته سک نصيب نه ٿيو، پر مرڻ وقت به سندس ڪو اوهي واهي نه ٿيو. ڄامشوري اسپتال ۾ (وارڊ 6) لاوارثن جيان باقي حياتيءَ جا سج ڳڻيندي، آخري 70 سالن جي عمر ۾ "مسڪين" موڪلايو. اها ڪيڏي نه قومي بي حسي آهي، جو برابر به ڏينهن سندس لاش اسپتال جي سرد خاني ۾ پيو رهيو. آخر ڊاڪٽرن جي ذاتي دلچسپي، ٿرپارڪر جي انتظاميه تائين پهچائي، کيس سپرد خاڪ ڪرايو ويو. وٽس ورثي ۾ 1930ع کان روزانه اخبارن جا مڪمل فائيل رکيل آهن. کيس "ٿرپارڪر جي گشي تاريخ" سڏجي ته بيجاءِ نه ٿيندو.

Posted by wahabsahito at 7:51 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## مفتي غلام عمر جتوئي رح - ميمڻ عبدالغفور سنڌي

# مفتي غلام عمر جتوئي رح [ 1833ع – 1935ع ]

## ميمڻ عبدالغفور سنڌي

لاڙڪاڻي جو لعل، سونو جتوئيءَ جو لقمان، صاحبِ تقويٰ ۽ اُستادِ تحريرات، عمدة العلماءُ ابوالفيض غلام عمر ولد محمد صادق جتوئي رح، 4 شوال 1249هه مطابق 2 ڊسمبر 1833ع تي، تعلقي لاڙڪاڻي جي ڳوٺ سونو جتوئيءَ ۾ تولد ٿيو. سندس والد بزرگوار متقي ۽ باشريعت شخص هو.

اٺن ورهين جي ڪمسنيءَ ۾ غلام عمر، آخوند نور محمد چني وٽان قرآن پاڪ ناظران پڙهي، اباڻي ڪرت "ڪڙمت" ڪرڻ لڳو. ڪافي وقت ڪيتيءَ جو ڪم ڪيائين. هڪ ڏينهن جيئن ئي پنهنجي زمين تي ڪم ڪري رهيو هو، ته مخدوم محمد عثمان رح نالي شخص اچي وٽس نڪتو ۽ هدايت ڪندي چيائينس؛ "مونکي پنهي جهانن جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي طرفان اوهان لاءِ ارشاد ٿيو آهي، جيئن ته اوهان هينئر بلوغت کي رسيا آهيو؛ تنهن ڪري کيتيءَ کي ڇڏي، ميهڙ ۾ رهڙي شريف آخوند مولانا محمد صالح مهيسر وٽان وڃي درس وٺو!".

مخدوم صاحب جي پيغام پهچائڻ سان غلام عمر، ميهڙ جو رخ رکيو؛ ۽ رهڙي شريف پهچي، فارسيءَ جا ڪتاب پڙهڻ لڳو. رات ڏينهن جي لڳاتار جستجوءَ بعد سندس استاد کيس، فخرالعلماءُ مخدوم حسن الله صديقي پاٽائي رح (1850ع – 1920ع) جن جي مدرسي مان عربي زبان جا ڪتاب پڙهڻ لاءِ ارشاد فرمايو. پوءِ پاڻ پاٽ پهچي، ڏهن ورهين جي وقفي اندر فارغ التحصيل ٿي، دستارِ فضيلت ٻڌائين. مخدوم پاٽائي جي هدايت موجب ٻيهر رهڙي شريف موٽي، درس و تدريس ڏيڻ لڳو. هڪ سال جي انهيءَ مشق بعد کيس اجازت ملي؛ "هاڻي توهان بالڪل خبردار ٿي چڪا آهيو، بهتر ائين ٿيندو، ته اوهان واپس ڳوٺ وڃي ديني ڪم کي پايهء تڪميل تي پهچايو!" استادن جي متفق اجازت سان مولوي غلام عمر، سونو جتوئيءَ ۾ "مدرسه دارالفيض" قائم ڪري درس و تدريس ڏيڻ لڳو.

مولانا غلام عمر صاحب پنهنجي ڳوٺ ۾ توڪل علي الله سان گوڏو پيجي پنهنجن طالبن کي نهايت ئي ڪاميابيءَ سان فيض رسائيندو رهيو. سندس شاگردن جو تعداد هڪ هزار کان به زياده چيو وڃي ٿو، جن مان مولانا دين محمد وفائي مرحوم، مولانا محمد قاسم

مشوري، مولانا تاج محمد آريجائي، مولانا محمد احمد ڪوڪر، مولانا دوست علي جتوئي، مولانا عبدالباقي همايوني، مولانا غلام حسين وليدائي مرحوم، مولوي محمد يوسف صوپو ديرو (خيرپور ميرس)، مولانا عبدالرحيم جتوئي، مولوي مولابخش ”فنائي“ (ملا ابڙا، ڏوڪري)، مولوي عزيز الله جتوئي خاران (بلوچستان)، مخدوم روشن الدين صديقي پاتائي، سيد اصغر شاه بقاپوري ۽ مولانا سيد نظام الله امروتيءَ جا نالا قابلِ ذڪر آهن. وٽانئس ايران، افغانستان، بلوچستان، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات ڪان به ڪيترا ئي عالم سڳورا اچي فيضياب ٿيا.

مفتي صاحب جيد عالم، بزرگ ۽ ولي الله هو. صوم صلواة جو پابند، سحر خيز، اشراق ۽ صلوات تي مواظبت رکندڙ هو. هر جمعي تي فجر جي نماز بعد قبرستان وڃي، بزرگن جي روحن کي ختما بخشيندو هو. پاڻ شريعت جي هتڪ حرمت تي سخت غصو ڪائيندو هو؛ ۽ بدعتي ۽ بدمذهب ماڻهن کان ڌڪار هوندي هيس. صوفياءِ ڪرام جي عزت ۽ صالحن جي صحبت کي افضل ڄاڻندو هو. حديث جو ماهر ۽ فقه حنفيءَ جو وڏو ڄاڻو هو. سندس قلم مان فارسي، عربي ۽ سنڌي زبانن ۾ ڪافي ڪتاب نڪتل هئا، جيڪي زماني جا انقلابن ۽ پوين جي لاپرواهيءَ سان اڄ ناپيد آهن. التبه ”صاحبِ فتوىٰ“ ۽ ”تحريرات“ قلمي صورت ۾ سندس پونيرن وٽ ڪتبن جي زينت بڻيل آهن.

پاڻ پنهنجي مطالعي، ذهن ۽ ذڪاءَ ذريعي طبابت ۾ به خاص دلچسپي ورتائين؛ جنهن ڪري انهيءَ ۾ خاصي مهارت حاصل ٿيس. حسن اخلاق سان گڏ باطني رعب سان يزداني هو. وٽس وقت جا وڏا وڏا آفيسر خواه جابر زميندار به هيٺ پٽ تي اچي ويهندا هئا. شاعر به سُٺو هو. جوانيءَ ۾ مولود ۽ مداحون به چيائين. هي حڪمت جو ستارو، هڪ سؤ ويهه ورهين جي دراز عُمر ۾، 29 شوال 1323هه مطابق 2 فيبروري 1923ع تي هميشه هميشه لاءِ غروب ٿيو؛ ۽ پوين ۽ پيارن شاگردن کي داغ مفارقت ڏيئي ويو. کيس ڳوٺ جي مدرسي ۾ آرامي ڪيو ويو. پاڻ پٺيان نرينه اولاد ۾: فضل الله ۽ وهب الله ڇڏيائين. سندس خاص صحبتي: مولانا عبدالله جان سرهندي ۽ مخدوم بصرالدين سيوهاڻي رح چيا وڃن ٿا.

(1) – مخدوم محمد عثمان متياري رح پنهنجي وقت جو باخبر عالم، محدث ۽ فقيه هو. سندس ولادت غالباً 1235هه (1819ع) ۾ ۽ وفات 1336هه (1917ع) ڌاري ٿي آهي. پاڻ صحيح بخاريءَ جي ٻن جلدن جي شرح به لکي هئائين.

(2) – ”رهڙو شريف“، تعلقي ميهڙ (دادو) ۾ هڪ قديم ڳوٺ آهي، جيڪو ميهڙ شهر کان اتر – اوير ڪنڊ تي، 5 ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي واقع آهي. تاريخي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو، ته هي ڳوٺ ديري غازي خان جي شهر سٽپور جي هڪ ”راه رو“ (رستي ويندڙ) درويش ۽ ناهري بزرگ، مولانا عبدالله ولد ميان حبيب الله ميهسر عرف ”ڪاچو فقير“، ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾، 1132هه (1719ع) ۾ آباد ڪيو هو. هن وقت منجهس ٻن هزارن جي لڳ ڀڳ آدم رهي ٿو. ڳوٺ ۾ ڪسابن کان ديني درسگاه قائم آهي؛ جنهن ۾ ايران، عراق، افغانستان، هندستان، بلوچستان ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان طالب اچي علم جي اُڃ اُجهائي، ديسان ديس پکڙجي ويا آهن [سنڌڙي تنهنجا ڳوٺ وسن – ميمڻ عبدالغفور سنڌي، 1978ع، (قلمي) صفحو 162].

(1) – چوڻ ۾ اچي ٿو، ته هن مدرسي ۾ ابترا ته طالب هئا، جو سندن فرحين (پٽين) لڪڻ لاءِ وڏو مس جو مٽ پريل هوندو هو؛ جنهن کي ”ڪارو مٽ“ سڏيندا هئا. سندن ڏينهن ۾ ڪن شاگردن جي شرارت سببان مٽ ڀـه اڌ تـي پيـو؛ جنهن تـي شاگردن واويلا مچائي ڏني. جڏهن اها خبر مولانا غلام عمر صاحب کـي پيئي، تڏهـن پنهنجي ڏکهيءَ پڳ مان ڳپل قاڙي، اهڙيءَ طرح ته پنهنجن هٿن سان ويڙهيائين، جو ڪيترن سالن تائين ڪم ڏيندو رهيو.

Posted by wahabsahito at 7:48 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## مـــــــلا فـــيضي - ميمڻ عبدالغفور سنڌي

# مـــــــلا فـــيضي [ 1547ع – 1598ع ]

### ميمڻ عبدالغفور سنڌي

مغل سلطنت جي ناميارې بادشاه، اڪبر اعظم جي دربار ۾ اڪثر جيد عالم، ودوان، شاعر، فنڪار، طنز و مزاج جا خالق ۽ صاحب – دل صوفي بزرگ موجود هوندا هئا. انهن ۾ سندس نون (9) رتنن مان ابوالفضل سيوهاڻيءَ جو وڏو ڀاءُ، ملافيضي ولد شيخ مبارڪ بـه هڪ هو. سندس ولادت شير شاهه سوريءَ جي ڏينهن ۾، 14- شوال 954هه مطابق 12 اپريل 1547ع تي تي هئي. ابتدائي استاد شيخ حسين مروزي هوس؛ ۽ پنهنجي والد بزرگوار وٽان بـه درس ورتو هئائين. انهيءَ نسب مان ملافيضيءَ کي فارسي، عربي، هندي ۽ سنسڪرت زبانن تي مهارت حاصل هئي.

ملا فيضي، فارسي شاعريءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو، پر عربي زبان تي کيس وڏو درڪ حاصل هو. اهوئي سبب آهي، جو اڪثر تذڪرن ۾ سندس نالو بحيثيت ”شاعر“ جي گهٽ؛ ۽ ”برک عالمن“ ۾ سندس

شمار زيادهه نظر اچي ٿو. اڪبر بادشاه چتور تـي ڪاهه ڪرڻ وقـت (1567ع ۾) سندس شاعريءَ جو چرچو ٻڌو هو، جتان ڪيس گهرائي پاڻ وٽ صلاحڪار مقرر ڪيو. پوءِ ته پاڻ، اڪبر اعظم جي ڪارنامن تي وڏا وڏا شعر چوڻ شروع ڪيائين؛ ۽ صلاحيتن سببان ستت ئي پنهنجو مقام بادشاه تائين ويجهو ڪري ورتـائين. اڪبر جـي بـه سـاڻس ايـتري تـه محبت ٿي، جو پهر پلڪ به ڪيس پـاڻ کـان پـري رکـي نـه ٿـي سـگهيو. سـاڳئي وقـت سـندس ذهـن ۾ ذڪاءَ مـان اسـتفادو حاصـل ڪنـدي، راڄڌاني مسئلن بابت پنهنجو صلاحڪار مقـرر ڪيـو پـاڻ اڪبر بادشـاه جي ٻئي نمبر پٽ ”مراد“ جو استاد به ٿي رهيو.
ملا فيضيءَ جا هونئن ته تمام گهڻا ڪتاب لکيل هئا، جيڪي زماني جي ستم ظريفيءَ سببان اڄ ڏسڻ لاءِ بـه ملـي نـه ٿـا سـگهن. البتـه علـم رياضـيءَ متعلـق هنـدي زبـان جـي ”ليلا وتـي“ جـو ”مرڪز ادوار“ ۽ سنسڪرت زبـان جـي ”مهـا ڀـارت“ جـو ”مـوارد الڪلام“ نـالن سـان ڪتاب قابلِ ذڪر آهن، پاڻ نه صرف شعر و شاعريءَ ۽ لکپڙهه ۾ پڙ هـو، بلڪ سندس مذاحيه لطيفا به نهايت سبق آمـوز ۽ دلچسـپ آهـن؛ جـن کي 1599ع ۾ سندس ڀاڻيجي نورالدين محمـد بـن عبـدالله گڏ ڪري ”لطائف فيضي“ جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ عام ڪيا هئا. نو هزار شعرن تي مشـتمل ”طباشـير“ نـالي سـندس ڪلام جـو مجموعـو پڻ مرتب ٿيل آهي. ازانسواءِ ”قصيدن جو ديوان“ سندس علمـي ڪاوش ۾ شامل آهي.
هن ڪريم النفس ۽ مخبر سڏي انسان کي، گهڻـي ڪم ڪرڻ سـببان پڇاڙيءَ ۾ هڪ ڏگهـي بيمـاريءَ، بسـتري تـي سـمهاري ڇڏيـو. وڏا وس ڪيائين، مگر حاذقن جي حڪمت به ڪيس ڪو فرق نه ڏيکـاريو. اڪـبر به سندس مزاج پرسيءَ لاءِ وٽـس اينـدو رهيـو. آخـر 51 ورهيـن جـي عمر ۾ 17 ربيع الثاني 1007هه مطابق 5 آڪٽوبر 1598ع تي پنهنجـن عزيزن، دوستن ۽ مدح خوانن کان هميشه هميشه لاءِ موڪلائي، خدائي سڏ تي رمندو رهيو. سندس لاڏاڻـي تي پوري هندستان ۾ غـم جـي لهـر ڇانئجي وئي. خاص ڪري اڪبر بادشاه کي تـه سـندس ناقابـلِ تلافـي نقصان رسيو هو. چوڻ ۾ اچي ٿو، ته ملا فيضيءَ جي ذاتـي ڪتبخـاني ۾ چاليهه هزار ڇهه سؤ ڪتاب موجود هئا. سندس آخري آرامگاه آگري ۾ آهي.

(1) – شيخ مبارڪ ناگوري ولد شيخ خضر (ولادت 911هه = 1505ع) اصل ايراني باشندو هو. زماني جي انقلابن ڪيس سنڌ ۾ آندو، جتي سيوهڻ شريف ۾ رهندي ڪجھ عرصو گذاريائين. برک عالم ۽ مدرس هو.
(1)– پاڻ قرآن پاڪ جو تفسير عربي معرڪي ۾ يا غير منقوطه (بي نقطه) قلمبند ڪيو هئائين، جيڪو سندس لازوال ۽ مثالي ڪارنامو آهي [دائرة المعارف اسلاميه (اردو) – دانشگاه پنجاب، لاهور (جلد 15)، 1975ع، 1088].
(2) – ملا فيضيءَ، اڪبر بادشاه جو پاڻ تي ايترو راز ڏسي، 1569ع ۾ پنهنجي ننڍي ڀاءُ ابوالفضل (6 محرم الحرام 957هه = 14 جنوري 1551ع/4 ربيع الاول 1014هه = 22 آگسٽ 1605ع کي به دربار ۾ آندو.
(3) – اڪبر بادشاه سندس ڏاهپ کان متاثر ٿي، 1591ع ۾ ڪيس احمد ننگر ۽ خان ديش پرڳڻن ۾ سفير به مقرر ڪيو هوس.
(1) – هڪ اندازي مطابق سندس تصنيفات جو تعداد 101 چيو وڃي ٿو؛ جنهن کي سندس وفات بعد اڪبر بادشاهه پنهنجي قبضي ۾ ڪيو هو [دائرة المعارف اسلاميه (اردو) – دانشگاه پنجاب، لاهور (جلد 15)، 1975ع، صفحو 1089].
(2) – ڪن ڪتابن ”لاهور“ ڄاڻايو آهي (والله اعلم باالصواب).

## ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جون سنڌي ادب ۾ خدمتون

پروين موسيٰ ميمڻ

سنڌ ڌرتيءَ لاءِ باعث فخر شخصيت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب ضلعو سانگهڙ، تعلقو سنجهورو جي ڳوٺ جعفر لغاريءَ ۾ 1917ع ۾ جنم ورتو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌي علم ادب، تهذيب ۽ ثقافت، آثارِ قديمه، سنڌي موسيقي، تاريخ، لطيفيات، لوڪ ادب ۽ لوڪ شاعريءَ جهڙن موضوعن کي قلم جي گرفت ۾ تحقيق جي پئماني سان پروڙي پيش ڪندڙ هڪ اڻ ورچ محنتي محقق جنهن جون علمي ۽ ادبي خدمتون ڪڏهن به وسارڻ جوڳيون نه آهن. ورهاڱي کان پوءِ جي تحقيقي ۽ علمي ميدان جو سرواڻ ڪين سڏجي ته بي جا نه ٿيندو. سندن تحقيقي ڪم بي حساب آهي. هتي مختصر ذڪر ڪجي ٿو، خاص طور لوڪ ادب ۽ لوڪ شاعريءَ جي ڪم تي روشني وجهجي ٿي.
ڊاڪٽر صاحب جي تصنيفات ۾ لغت جي ڪمن ۾ ”جامع سنڌي لغات“، ”سنڌي اردو لغت“، (ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سان گڏ) ”فارسي لغت“ اهم آهن. آخوند عبدالرحيم عباسيءَ جي لکيل ”جواهر لغات اڪيچار“ کي ايڊٽ ڪري، شايع ڪرايائون. لطيفيات ۾ ”شاهه جي رسالي جا سرچشما“، ”شاهه جي رسالي جي ترتيب“، ”شاهه عبداللطيف تحقيقي مضمون“، ”سنڌي موسيقيءَ جي تاريخ“ ۽ ”شاهه جو رسالو“ (ترتيب 10 جلد) آهن. ڊاڪٽر صاحب جو ترتيب ڏنل ”شاهه جو رسالو سندن اڻ ٿڪ محنت جو نشان آهي. هن رسالي جي تياريءَ ۾ ڪين وڏو عرصو لڳو. 6020 صفحن تي مشتمل هيءُ منفرد لطيفي ايڊيشن 50 قلمي نسخن کي پيٽي تيار ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ ڏارئين ڪلام جي چونڊڇاڻ ڪئي ويئي آهي. جدا ڪيل اهم ڪلاسيڪل شاعريءَ کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ هڪ الڳ جلد ۾ محفوظ ڪرڻ سان گڏوگڏ مشڪل لطيفي لفظن جي لغات ”روشني“ جي نالي سان ترتيب ڏني ويئي

آهي. هن رسالي ۾ شاهه جي سوانح ڪلام ۽ راڳ جي باري ۾ مفصل مقدمو آهي ۽ شاهه جي ڪلام جي پرک لاءِ اڻ معياري اصول پڻ ڄاڻايل آهن، جن تحت دليلن سان ٻاريو ڪلام جدا ڪيو ويو آهي. ان کان سواءِ لطيفيات جا ڪتاب پڻ ڊاڪٽر نبي بخش جي نگرانيءَ ۾ تيار ٿيا آهن، جن ۾ لطيف سالگرهه مخزن جا ڪافي نمبر آهن. ازانسواءِ ”لطائفِ لطيفي“ (مير سانگي) ۽ ”احوال شاهه عبداللطيف“ (قليچ) جي ڪتابن جي ايڊيٽنگ ۽ ترتيب ڪئي اٿن.

گهڻن ڪلاسيڪل شاعرن جو ڪلام ترتيب ڏيئي ڇپرايو اٿن، جن ۾ ”ڪليات حمل“،”خليفي صاحب جو رسالو“، ”شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام“، ”قاضي قادن جو رسالو“، ”ميين شاهه عنايت جو ڪلام“، ”شاهه شريف پاڏائيءَ جو رسالو“، ”راڳ نامو صوفي صادق فقير“، ”ڪليات سانگي“، ”رسالو خان محمد زئي“ ۽ ٻين شاعرن جو ڪلام شامل آهي. انهن ڪتابن جا بلوچ صاحب جا لکيل مهاڳ ۽ مقدما معلوماتي آهن. ايئن پاڻ ڪيترائي مقدما مختلف علمي، ادبي، تاريخي ۽ ٻين موضوعن جي ڪتابن جا لکيا اٿن، جيڪي ڪتاب بابت مفصل ۽ جامع ڄاڻ ڏين ٿا.

تاريخ ۽ ثقافت جي حوالي سان سندن ڪم تمام اهم آهي. ”فتح نامه سنڌ“ (چچ نامو)، ”تاريخ معصومي“، ”تحفة الڪرام“ جهڙن ناياب ڪتابن کي ايڊٽ ڪري، شايع ڪرايائون. سندن ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ“ مشهور ۽ مستند حواله جاتي ڪتاب آهي. ”سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي“، ”سنڌي ٻوليءَ جو آڳاٽو منظوم ذخيرو“ ٻوليءَ جي باري ۾ لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان ڇپيل سندن اهم ڪتاب آهن. انيڪ مضمون، مقالا ۽ تقريرون مختلف موضوعن تي پيش ڪيا اٿن، جن مان ڪيترائي ڪتاب ترتيب ڏيئي سگهجن ٿا.

ڊاڪٽر صاحب جا اردو ۽ انگريزيءَ ۾ ڪتاب گهڻن تاريخي، ثقافتي، علمي ۽ ادبي موضوعن جو احاطو ڪن ٿا، جن جو تعداد ڪافي آهي. سنڌ جي تاريخ جي باري ۾ فارسي ۽ عربيءَ جي ڪتابن کي ايڊٽ ڪري، مقدما لکي شايع ڪرايو اٿن.

ڊاڪٽر صاحب کي سندن خدمتن جي اعتراف ۾ ڪيترن ايوارڊن سان نوازيو ويو آهي، جن ۾ ”ستاره قائداعظم“، ”پرائيڊ آف پرفارمينس 1979ع، اعزازِ ڪمال 1991ع، ستاره امتياز 2001ع صدارتي ايوارڊ شامل آهن.

بلوچ صاحب جي باري ۾ ذاتي احوال سندن ڪتاب ”رهاڻ هيرن ڪاڻ“ (ٽي ڀاڱا) مان ملي ٿو، جنهن ۾ لوڪ ادب ۽ تحقيقي ڪمن لاءِ ڪيل مسافريون، محنتون، ماڻهن سان ملاقاتون ذڪر ڪيل آهن ته مختلف موضوعن تي سندن ويچار ڊائريءَ جي صورت ۾ آهن. ان کان سواءِ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جو ”ڊاڪٽر بلوچ، هڪ مطالعو“ ۽ تاج جويو جو ”ڊاڪٽربلوچ هڪ مثالي عالم“ (جنهن ۾ ڪيترن ئي اهلِ قلم جا ڊاڪٽر نبي بخش جي باري ۾ لکيل ليک آهن) اهم ڪتاب آهن.

لوڪ ادب ڪنهن به ملڪ جي ادب جي سڃاڻپ ۽ ان جو اصل ۽ نسل آهي. هيءُ ادب عوام جي اُڌمن، امنگن ۽ جذبن جي ترجماني سندن زباني آهي، جنهن جي بقا فقط ۽ فقط حافظي جي قوت تي هئي. جيڪڏهن ان کي تحريري طور محفوظ نه ڪيو وڃي ها ته ڪيترن بزرگن، سگهڙن، سياڻن، شاعرن ۽ سڄاڻن جي هن دنيا مان موڪلائڻ سبب اهو علم ضايع ٿيندو وڃي ها. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جَرَ جهنگ

جهاڳي، ڪشالا ڪاٽي، ڪيئن سلسليوار مسافريون ڪري، هيءُ انمول خزانو تحريري طور سنڌي ادب ۾ محفوظ ڪيو آهي.
”لوڪ ادب کي ٻن مکيه ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهريون نثري حصو ۽ ٻيو نظمي حصو. نثري حصي ۾ لوڪ ڪهاڻيون اچي وڃن ٿيون ۽ نظمي حصي ۾ لوڪ شاعري“.
ڊاڪٽر نبي بخش صاحب مٿين ٻنهي صنفن ۾ ڪل تيتاليهه ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ جي لوڪ ادب رٿا 1956ع تحت سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان مواد سهيڙي، سالن جي اڻ ٿڪ محنت سان تيار ڪيا، جن ۾ لاڳاپيل موضوعن تي تفصيلي مقدما پڻ ڏنل آهن.
لوڪ ڪهاڻين جي ستن جلدن ۾ ڪافي ڪهاڻيون آيل آهن. هر جلد کي ان جي مناسبت سان عنوان ڏنل آهي. بادشاهن، وزيرن ۽ سوداگرن جون ڪهاڻيون، جنن پرين جون ڪهاڻيون، پکين ۽ جانورن جون ڪهاڻيون، درويشن ۽ فقيرن جون ڪهاڻيون، شهزادن ۽ شهزادين، راڻين جون ڪهاڻيون، مطلب ته سنڌ ۾ مروج ڪيترين ئي آکاڻين/ ڪهاڻين کي ڪتابي شڪل ۾ چنڊڇاڻ ڪري آندو ويو آهي. ٻين ڪتابن ۾ ”لوڪ گيت“، ”ڪافيون“، (3 جلد) ”پروليون“، ”ڏٺ ۽ معما“، ”مداحون ۽ مناجات“، ”مناظرا“، ”بيت“، ”ڏور“ ”ٿيهه اکريون“، ”ڳيچ“، ” ڳاهن سان ڳالهيون“، ”هنر“، ”ڳجهارت“، ”معجزا“، ”سينگار“، ”مولود“، هفتا ڏينهن ۽ راتيون ۽ مهينا“، ”ڏهس“، ”جنگ ناما“، ”لاکو ڦلاڻي“، هرگنيو“ ۽ ٻيا آهن. ”ٻيلاين جا ٻول“ ٻيلي جي شاعرن جي شاعريءَ جي باري ۾ ڪتاب پاڻ انهيءَ لوڪ ادب رٿا کان اڳ لکيو هئائون. هيٺ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي تيار ڪرايل لوڪ ادب جي چند ڪتابن جو مختصر احوال ڏجي ٿو.
مداحون ۽ مناجات سنڌي ادبي بورڊ 499 صفحن جي هن ڪتاب جي اشاعت نومبر 1959ع ۾ ڪئي، جنهن ۾ سنڌ جي اهم شاعرن جو مدحي ڪلام ۽ مناجاتون شامل آهن.
مولود: لوڪ ادب جي سلسلي جو هيءُ چوٿون نمبر ڪتاب چار سؤ ويهن صفحن تي مشتمل 1961ع ۾ شايع ٿيو. لفظ ”مولود“ جي تفصيلي وضاحت ڪندي ڊاڪٽر صاحب لکن ٿا ته، ”صنف شعر جي حيثيت ۾ مولود ”وائي“ يا ” ڪافي“، واري دفعي ۾ شامل آهي. قالب ۽ هيئت کان منجهن فرق ڪونهي، پر معنٰي توڙي موسيقيءَ جي لحاظ کان مولود وائيءَ کان نرالي حيثيت رکي ٿو“.
ٿيهه اکريون: ٿيهه اکريون ٻن جلدن تي مشتمل لوڪ ادب جي ڇپائيءَ جي سلسلي ۾ ڇهون نمبر ڪتاب آهي. ٻيو جلد چار سؤ ستهٺ صفحن تي اڪٽوبر 1961ع ۾ ڇپيو. هن ڪتاب ۾ ٿيهه اکريءَ جي صنف جا 62 شاعر ڪلام جي مثالن سان ذ ڪر ڪيل آهن. موضوع تي مفصل مقدمو لوڪ ادب جي سيني ڪتابن ۾ ڊاڪٽر صاحب ڏنو آهي جو ڪتاب جي پويان انگريزيءَ ۾ پڻ ڏنل آهي. ڪجهه سرائڪي ٿيهه اکرين جو ڪلام پڻ شامل آهي. ٿيهه اکريءَ جو موضوع مناجات، نصيحت، سلوڪ ۽ مدح نموني جو هوندو آهي. پيش ڪيل مواد جي وضاحت ۾ ڊاڪٽر صاحب جن لکن ٿا ته ”نظم جي اندروني فني نزاڪت، ٻوليءَ جي مٺاج ۽ فصاحت توڙي معنٰي ۽ بلاغت جي خيال کان گهڻيون ٿيهه اکريون معياري آهن“.

شاعرن ۾ حافظ سليمان ”سائل“، رڪيل شاهه، علي محمد قادري، محمد عثمان ميمڻ، نوح پنهور، ڄام خان چانڊيو، طالب پلي، عثمان ڪتي، مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، احمد خان ”آصف“، سرائيڪي شاعرن ۾ روحل فقير، حسين فقير ديدڙ، حمل لغاري، محمد فقير ڪتياڻ ۽ ٻين جو ڪلام آهي.
هفتا، ڏينهن راتيون ۽ مهينا: جولاءِ 1961ع ۾ شايع ٿيل چار سؤ ويهن صفحن جو هيءُ لوڪ ادب جي سلسلي جو ڪتاب اشاعتي ترتيب ۾ ستون نمبر آهي. نئين قسم جي عنوان واري هن ڪتاب ۾ شاعرن پنهنجي ڪلام ۾ ڪلاسيڪل داستانن ذريعي فراق ۽ سڪ جو وڇوڙو ڏينهن، راتين، هفتن، مهينن، مُندن ۽ سالن جي حوالي سان ذڪر ڪيو آهي، انهيءَ منتخب ڪلام کي الڳ ترتيب سان جمع ڪري، مٿيون عنوان ڏيئي شايع ڪيو ويو آهي.
مناظرا: مناظرو لوڪ شاعريءَ جي هڪ اهم صنف آهي. سنڌي شاعريءَ ۾ انيڪ مناظرا موجود آهن. هيءُ ضخيم ڪتاب 714 صفحن تي آڌاريل آهي، جو اپريل 1961ع ۾ شايع ٿيو. ڊاڪٽر صاحب هن صنف جي هيئت تي لکي ٿو ته:
”مناظرا عام سنڌي شاعريءَ جو نج ۽ نادر نمونو آهن. اڪثر مناظرا ٻن ڌرين جي وچ ۾ زباني جهيڙا آهن. ڪي وري محبتن وارا آمهان سامهان سوال جواب آهن، جن ۾ جهيڙي جوڙڪر ڪونهي. مناظري جي اندروني ستاءَ ۾ ٻن منهن مقابل ڌرين جوهجڻ لازمي آهي“. (5)
مناظرا سهڻن لفظن، اصطلاحن، قرآني آيتن ۽ حديثن سان سينگاريل هئڻ ڪري معياري سنڌي ادب جو اهڃاڻ آهن.
پروليون، ڏنون، معمائون ۽ ٻول: 1965ع ۾ لوڪ ادب جي سلسلي جو هيءُ ٻارهون نمبر ڪتاب شايع ٿيو، جيڪو تيرهن بابن ۽ ٻه سؤ ٻيانوي صفحن تي مبني آهي. هن ۾ پرولين جا قسم، ڏنون، معما، سگهڙپائيءَ جا ٻول ۽ عاقلاڻا قول ڪولي سمجهايا ويا آهن. مٿين صنفن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ تمام گهڻو مواد موجود آهي، جنهن جو هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ ڪافي مشڪل امر هو، ته به جَس آهي سائين نبي بخش جي محنتن کي، جو پاڻ لوڪ ادب جي تقريبًا هر صنف تي مواد گڏ ڪيو اٿن. ڪتاب ۾ هن موضوع تي ڪافي مثالي مواد ڏنل آهي.
پروليءَ جي فن تي لکن ٿا ته: ”پروليون انسان ذات جي ذهانت ۽ ذڪاوت، ظرافت ۽ فقاهت جا آڳاٽا آثار ۽ نمايان نشان آهن“. (6) مثال طور:
سون پرڪجي ڪسوٽي، رپو پرڪجي باهه،
ماڻهو ٿڌهن پرڪجي، جڏهن ڪي ڳالهاءِ.
ڏور: جنوري 1970ع ۾ ڏور جي بيتن تي مشتمل 738 صفحن جي هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو سنڌي ادبي بورڊ ڇپايو. ”ڏور“ جي جنس جي وضاحت ڪندي ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو ته ”ڏور جي عبارت تمثيل تي اڏيل آهي. ڏور جو مستقل قالب ”بيت“ آهي“. (7)
لوڪ گيت: لوڪ سلسلي جو سترهون نمبر هيءُ ڪتاب آڪٽوبر 1965ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي اسلاميه پرنٽنگ پريس مان شايع ڪرايو. 405 صفحن جي لوڪ گيتن جي هن ڪتاب ۾ 57 گيتن جي نمونن کي ذڪر ڪيو ويو آهي، جن ۾ جمالو، مورو، ڇلو، لولي، همرچو، ڪرهو، لاڏو، ڪَجليو، گولاڙيو ۽ ٻيا گيت

شامل آهن، جن جي موضوعن جي وضاحت ڊاڪٽر صاحب ڏني آهي ته اهو به ڄاڻايو اٿن ته اهي ڪهڙن علائقن سان منسوب آهن.
بيت: سنڌي شاعريءَ جي قديم ترين صنف بيت تي مشتمل 522 صفحن جو هيءُ ڪتاب 1971ع ۾ شايع ٿيو، جنهن جي 156 شاعرن ۾ قاضي قاضن، ميون علي شيرازي، شاهه ڪريم، لطف الله قادري، ميون شاهه عنات، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي، اشرف شاهه، چتو سانگي، رمضان ڪنڀر، صاحبڏنو شيخ، گل حسن لغاري ۽ ٻيا شامل آهن. هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر صاحب بيت جي قدامت، بنيادي سٽا ۽ ارتقا، هيئت، فني خوبيون، معنوي ارتقا ۽ مواد جي ترتيب سمجهائي آهي ۽ گڏ ڏيڏ سؤ شاعرن جي شاعريءَ جي مثالن کان علاوه انهن جي سوانح حيات تي روشني وڌي ويئي آهي، جنهن ۾ اساسي شاعريءَ سان گڏ نئين دور جي شاعرن جي شاعري به شامل آهي.
ڪافيون: ڪافي سنڌي شاعريءَ جي مقبول ترين صنف آهي. لوڪ ادب جي هن سلسلي ۾ ڪافين جا 3 جلد بالترتيب 1985ع، 1987ع ۽ 1990ع ۾ شايع ٿيا آهن، جيڪي ڪل 1532 صفحن تي آڌاريل آهن. ٽنهي جلدن ۾ دورن جي حساب سان ورهاست ڪري ڪافين جو مواد ڏنل آهي.
ڳاهن سان ڳالهيون: لوڪ ادب جي ڇپائيءَ جي سلسلي جو 29 نمبر ڪتاب 1964ع ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ ڏمٺ سوناري، سونل، سڏ يونت ۽ سارنگاهه، ڳامون سچار، وڪيو ڏاتار، جسو ڏن بادشاهه ۽ ٻين سان منسوب ڳاهون آهن، جيڪي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان سگهڙن معرفت دستياب ٿيون.
مشهور سنڌي قصا ۽ عشقيه داستان: هيءُ ٽيهون نمبر ڪتاب 1972ع ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ سنڌ جي اهم عشقيه قصن، سهڻي ميهار، نوري ڄام تماچي ۽ ٻين جي احوال ۾ روايتن سان گڏ مل محمود، حفيظ تيوڻي، طالب پلي، حاجي فقير جا بيت ڏنل آهن.
رسمون رواج ساٿ ۽ سؤڻ: چوڏهن بابن تي آڌاريل سنڌ جي ثقافت جي اهم رسمن ۽ ريتن تي مبني هن ڪتاب ۾ گهرو زندگيءَ جي ڪيترن ئي اهم سؤڻن ساٿن ۽ ريتن رواجن کي ذڪر ڪيو ويو آهي، جن ۾ ٻار جي ڄمڻ کان جهنڊ لهرائڻ، سنيال، ڇٽي، طهر، سڱ، مڱڻا، شاديون، آداب اخلاق، ڏڏا، سياڳ نياڳ، نذر، پِڙَ پاراتو، بيماريون علاج ۽ ٻيا موضوع سنڌين جي نظرين، سوچن جي اپٽار ۽ ريتن روايتن مطابق ذڪر ڪيل آهن. موضوع جي وضاحت تي ڊاڪٽر صاحب جن لکن ٿا ته،
”رسمن، رواجن، سوڻن ۽ ساٺن جو مطالعو علم الانسان جو هڪ مکيه باب آهي. انهيءَ تحت ئي سنڌي قوم جي ترجماني ڪيل آهي“. (12)
جيڪڏهن هن مضمون ۾ ڊاڪٽر صاحب جي لوڪ ادب وارن ڪتابن جو مڪمل تفصيل ڏبو ته پوءِ هيءُ مضمون نه، بلڪه هڪ ڇڳيرو ڪتاب ٿي پوندو، انهيءَ ڪري مختصرًا ڪجهه ڪتابن جو ذڪر ڪيو آهي ته جيئن پڙهندڙن کي اندازو ٿئي ته هن مهربان محقق جون سنڌي ادب ۽ خاص طور لوڪ ادب جي لاءِ ڪيتريون اهم خدمتون ڪيل آهن.
ڊاڪٽر بلوچ هڪ منظم زندگي گهاريندڙ نيڪ دل، بااخلاق ۽ بلند ڪردار انسان هئا. سندن سادي سياءَ ۾ همت، عزم ۽ اعليٰ حوصلي سان گڏ نهنائي ۽ خلوص شامل

هو. اج ڏينهن تائين سنڌي ٻولي ۽ ادب جي خدمت لاءِ پاڻ پتوڙڻ واريون سندن خدمتون سنڌ جي تاريخ جو هڪ سنهري باب آهن.

Posted by wahabsahito at 12:07 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

**FRIDAY, APRIL 15, 2011**

## حڪيم قاضي محمد يعقوب ”صابر“ قريشي - ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

# حڪيم قاضي محمد يعقوب ”صابر“ قريشي

ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

وئا اُهَـــــــــرِي اوءِ، مــــــــون کـــــــــي ڇڏي ماڳ ڀِهـــــــم،
جُڳِ ســـــنِ جـــــا جُـــــــڳ تِـــــئا، تِـــــئان موتِـــــئو کوءِ،
گُـــــــــندَرُ مارِينـــــــــدوءِ، ويچـــــــارِي وِئَـــــــنِ جـــــــو!
(شاهه)

سنڌ جي ”ساهتي“ پرڳڻي جي سرزمين مان جيڪي گوهر پيدا ٿيا، تن جي چمڪ ڪان هن خطي جو مانُ متانهون آهي. هتان جي خاڪ پاڪ مان ڪيترائي عالم، اديب، شاعر ۽ حڪيم پيدا ٿيا، جي پنهنجي وقت جو وارو وڄائي، واريءَ جي ڪَڻڻ وانگر وهي ويا. سندن علمي ڪارناما پڻ وقت جي رفتار سان گڏ، آهستي آهستي ٿي، اسان جي اکين کان اوجهل ٿي ويندا. اهڙين بزرگ هستين پنهنجون سموريون حياتيون علم و ادب، شعر و شاعري ۽ تعليم جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ پوريون ڪري ڇڏيون.

”ساهتي“ پرڳڻي، جيڪي باڪمال بزرگ شخصيتون پيدا ڪيون، تن مان ”خانواهڻ“ (ضلعي نوشهري فيروز) جي مردم خيز زمين مان حڪيم قاضي محمد يعقوب قريشيءَ جو نالو هميشه غير فاني رهندو. علم ۽ ادب، شعر ۽ شاعري ۽ حڪمت جو هيءُ روشن ستارو تاريخ 22 - ڊسمبر 1974ع تي آچر رات اڍائي بجي هميشه لاءِ اوچتو ئي اوچتو غروب ٿي ويو. حڪيم صاحب اسان کان هميشه لاءِ مُنهن موڙي، جُدائيءَ جو داغ ڏيئي، اُن اڻ ڏٺي ڏيهه ڏانهن اُسهيو، جتان ڪوبه وانگِي وري نه آيو آهي. سندس لاڏاڻي جي ڪري ”ساهتيءَ“ جي ستر سالن جي علمي ۽ ادبي تواريخ جو هڪ باب پورو ٿي ويو.

سندس جدائي خاص طرح سان سنڌي ادب ، تواريخ، شاعري ۽ حڪمت لاءِ هڪ وڏو عظيم سانحو آهي ۽ اهو خال ڪيترين صدين تائين پرجڻ محال آهي.
هيءُ باڪمال بزرگ، حضرت خالد بن وليد جي پيڙهيءَ مان هو. سندس وڏا، اسلامي دؤر حڪومت ۾، قضا جي معزز عهدي تي فائز هئا. ان ڪري سندس خاندان "قاضي" ڪري سڏيو ويندو آهي. سندس والد بزرگوار، قاضي ميان امام بخش قريشي ، "خانواهڻ" شهر جو هڪ بااثر ۽ معزز شخص هو. قاضي ميان امام بخش پنهنجي زندگيءَ جي اوائلي دؤر ۾ زماني جا وڏا انقلاب ڏٺا. پنهنجن ۽ پروان جا سُور ۽ سختيون سنائين.آخر ۾ پنهنجي شهر ۾ هڪ ديني مڪتب کوليائين، جنهن ۾ زندگيءَ جي آخرين گهڙين تائين درس ۽ تدريس جو ڪم ڪندو رهيو. شهر جا اڪثر ننڍا خواه وڏا قاضي صاحب کي عزت ۽ احترام وچان "ميان جي" ڪري چوندا هئا.
حڪيم قاضي محمد يعقوب، ان وقت جي ماحول ۾ تاريخ 14 - اپريل 1904ع تي پنهنجي شهر "خانواهڻ" ۾ غربت ۾ اک کولي. پاڻ ابتدائي تعليم شهر جي بهترين استادن کان حاصل ڪيائين، جن ۾ ماستر محمد معروف، قاضي ميان ولي محمد ۽ ٻيا ڪيترائي ماهر استاد هئا. پاڻ انهن استادن وٽان قرآن پاڪ، سنڌي ۽ فارسيءَ جي تعليم پرايائين. خانواهڻ شهر جي پرائمري اسڪول مان چار درجا سنڌي پاس ڪرڻ کان پوءِ، کيس سندس مامي، قاضي ميان مير محمد ڀلاڻيءَ واري انگريزي تعليم پرائڻ لاءِ ٺٽوري مدرسي (1) ۾ داخل ڪرايو. ان زماني ۾، انگريز سرڪار، ترپارڪر ضلعي جي ٺٽوري شهر ۾ ترين جي تعليم لاءِ هڪ مڊل اسڪول کوليو هو. حڪيم صاحب، ٺٽوري مدرسي مان پنج درجا انگريزي پاس ڪري، باقي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ مدرسته الاسلام، ڪراچيءَ ۾ اچي داخل ٿيو. انهيءَ مدرسي مان قاضي صاحب سن 1925ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو.(2)
ٺٽوري مدرسي ۾ تعليم پرائڻ واري عرصي دوران قاضي محمد يعقوب فارسيءَ جا باقي رهيل ڪتاب پڻ پڙهي پورا ڪيا.فارسيءَ جي اها تعليم پاڻ پنهنجي قابل استاد، محمد علي شاهه ميسوريءَ وٽ پڙهي پوري ڪيائين. محمد علي شاهه ميسوري، پنهنجي دؤر جو هڪ وڏو نامور استاد، تواريخدان ۽ يگانه روزگار عالم هو. وٽس هڪ وڏو علمي

ڪتبخانو پڻ هو. قاضي صاحب پنهنجي انهيءَ استاد جي صحبت ۾ رهنمائيءَ مان ڪافي ڪجهه حاصل ڪيو. پاڻ هميشه پنهنجي استاد جي تعريف ڪندو هو.
قاضي صاحب، مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ، پنهنجي والد جي مالي حالت جي ڪمزوريءَ سبب وڌيڪ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ کان محروم رهيو. پاڻ خانواهڻ جي پرسان محبت ديري جتوئيءَ ۾ هندو پنچائتي انگريزي اسڪول ۾ انگلش ٽيچر مقرر ٿيو. انهيءَ عرصي دوران پاڻ مادري شفقت کان محروم ٿي ويو. ڪجهه وقت کان پوءِ اها نوڪري ڇڏي، حيدرآباد ۾ اچي انجنيئري کاتي ۾ ڪلارڪي ڪيائين، پر جلدي ئي اها ملازمت به ڇڏي ڏنائين. ان کان پوءِ، ٺٽي ۾ روينيو کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. ٺٽي واري دؤر ۾، ان وقت اتان جي مشهور شاعر زمان شاهه(1) سان سندس قرب ۽ محبت جا تعلقات قائم هئا. شاهه صاحب جي صحبت ۾ رهي، پاڻ شاعريءَ جي مشق شروع ڪيائين. قاضي صاحب خود پاڻ اڪثر ڪري چوندو هو، ته سيد زمان شاهه هڪ وڏو شاعر ۽ ڏاڍو ڪل مک انسان هو. اگر ساڻس حياتي وفا ڪري ها، ته سنڌي زبان ۾ شاعريءَ جو هڪ وڏو اڻ کٽ خزانو ڇڏي وڃي ها!
اهڙيءَ طرح، پاڻ مختلف نوڪريون ڪندو رهيو، پر ڪيس ڪٿي به دلي سڪون حاصل نه ٿيو. دراصل، قاضي صاحب جو قدرتي طرح ۽ جذباتي طور تعليم ڏانهن تمام گهڻو رجحان هو ۽ سندس گهرو ماحول پڻ اهڙو هو. انهيءَ ڪري پاڻ روينيو کاتو ڇڏي، تعليم کاتي ۾ گهڙيو ۽ آخر تائين ان ۾ رهي پينشن تي لٿو. روينيو کاتو ڇڏڻ بعد، پاڻ ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ، نواب شاهه جي اي.پي.ڪلاس اسڪولن ۾ انگريزيءَ جو استاد مقرر ٿيو. هيءُ اهو زمانو هو، جو ٻهراڙين ۾ خاص طرح سان مسلمانن جي ٻارن کي جديد انگريزي تعليم کان روشناس ڪرائڻ لاءِ، سنڌ جي هر ضلعي ۾ لوڪل بورڊ پاران اي. پي. ۽ اي. وي. ڪلاس اسڪول کوليا ٿي ويا، ته جيئن شهرين سان گڏ ٻهراڙين ۾ رهندڙ غريبن جا ٻار پڻ نئين تعليم کان واقف ٿين.
قاضي محمد يعقوب کي نواب شاهه ضلعي ۾ لوڪل بورڊ جي طرفان هر نئين اي. پي. ڪلاس اسڪول کولڻ ۽ ان کي چڱيءَ طرح سان هلائڻ لاءِ موڪليو ويندو هو. اهڙا ڏکيا، ڏور دراز ۽ ڦِٽل اسڪول سندس حوالي ڪيا ويندا هئا، جتي ٻيو ڪوبه مشڪل سان ويندو هو.

پر سندس شخصيت ۾ دوربين نگاهه هر هنڌ ڪامياب ويئي. انهيءَ ڪري قاضي ميان جان محمد، جيڪو ان زماني ۾ ڊسٽرڪٽ اسڪول بورڊ جو ائڊمنسٽريٽو آفيسر هو، جو مٽس ڏاڍو راز هوندو هو. قاضي صاحب تعليم کي هڪ مقدس فرض ڪري سمجهيو ۽ ان ۾ ڏاڍي دلچسپي ورتائين. ان ڏس ۾، پاڻ پنهنجيون سموريون صلاحيتون ۽ قوتون صرف ڪيائين.

قاضي صاحب تعليم ڏيڻ جي مشغلي سان گڏ، هڪ لاثاني حڪيم پڻ هو. دراصل، حڪمت سندس آبائي ڌنڌو هو. پاڻ سن 1940ع ۾ طبيه ڪاليج، گجرات مان "شمس الحڪماء" جي سند حاصل ڪيائين. پاڻ علم طب ۾ تمام گهڻي ترقي ڪئي هئائين. سندس نسخا ڪيترين بيمارين لاءِ تير بهدف هوندا هئا.

حڪيم صاحب سن 1929ع ۾ پنهنجي وڏي مامي، قاضي ميان فيض محمد بهلاڻيءَ واري جي وڏي نياڻيءَ سان شادي ڪئي. قاضي ميان فيض محمد، پنهنجي وقت جو هڪ وڏو جيد عالم ۽ حڪيم ٿي گذريو آهي. قاضي محمد يعقوب، ابتدائي دؤر ۾، وٽس علم طب جو درس پڻ ورتو هو. قاضي صاحب کي به فرزند ۽ ٽي نياڻيون پيدا ٿيا، جن مان هڪ فرزند ۽ ٽيئي نياڻيون سندس حياتيءَ ۾ ئي وفات ڪري ويا. باقي سندس هڪ فرزند، حامد علي (راقم الحروف) حال حيات آهي، جنهن کي پاڻ اعلىٰ تعليم ڏيارِيائين.

قاضي محمد يعقوب پنهنجي زندگيءَ جي پوئين دؤر ۾، نواب شاهه ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي. پاڻ لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول، نواب شاهه ۾ نوڪريءَ جو باقي حصو پورو ڪري، پينشن تي لٿو. پينشن تي لهڻ کان پوءِ، کيس حقيقي سڪون ۽ آرام حاصل ٿيو ۽ طب تي زياده توجهه ڏيڻ لڳو. پاڻ زندگيءَ جي آخرين گهڙين تائين طب جي شغل ۾ مصروف رهيو.

قاضي صاحب زماني جا ڏاڍا انقلاب ۽ ڏکيا ڏينهن ڏٺا. زندگيءَ جا آخرين ڏينهن ٽٽل دل سان پئي گذاريائين. پنهنجن ويجهن عزيزن کيس ڏاڍو رنجايو، جڏهن ته پاڻ هميشه سيني کي زندگيءَ جي ڪٺن گهڙين ۾ ڪم ايندو رهندو هو. سندس وفات کان ڇهه مهينا اڳ هڪ وڏو حادثو درپيش آيو، جنهن کان پوءِ سندن طبيعت بگڙجي پئي ۽ وري اصل حالت تي اچي نه سگهي. حڪيم صاحب جي اباڻي گهر ۽ مدرسي واري جاءِ تي سندس همشيره ۽ پيڻيويي ناجائز قبضو ڪيو. قاضي

صاحب اهو صدمو برداشت نه ڪري سگهيو ۽ آخرڪار هن فاني جهان مان رحلت ڪري ويو. سندن وصيت موجب سندس ميت کي ڳوٺ نيو ويو، پر سندس عزيزن کيس مـُئي کان پوءِ به پنهنجي اباڻي گهر ۾ اچڻ نه ڏنو. قاضي صاحب جي اها تمنا هئي، ته زندگيءَ جا آخرين پساهه اباڻي گهر ۾ پورا ٿين، ليڪن پاڻ اها حسرت به دل ۾ ساندي ويو. سموري حياتي مسافر ٿي رهيو ۽ آخر ۾ به مسافرن وانگر وڃي ابدي ننڊ ۾ آرامي ٿيو. کيس پنهنجي والد جي پهلوءَ ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

سندس وفات جي موقعي تي جناب ايڇ. ايم. خوجا صاحب، چيئرمن، بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ ائنڊ سيڪنڊري ايڊيوڪيشن، حيدرآباد سنڌ سندس فرزند کي هڪ تعزيتي خط لکيو، جنهن مان مرحوم جي شخصيت ۽ تعليمي خدمتن جو چڱيءَ طرح پتو پوي ٿو. جناب خوجا صاحب لکي ٿو:

“توهان جي والد بزرگوار، محمد يعقوب قريشي جي المناڪ موت جي خبر ٻڌي نهايت ئي ڏک ٿيو. اِنا لله و اِنا اليه راجعون. مرحوم منهنجو عزيز دوست ۽ ساٿي هو. نواب شاهه واري اسڪول جي تعمير ۾ مون سان همراهه ٿي ڪم ڪيائين. مرحوم اعليٰ ڪردار ۽ ڪئين خوبين جو مالڪ هو. پاڻ نهايت ايماندار، محنتي ۽ قابل استاد هو. منهنجي توهان ۽ ٻين پسماندن سان دلي همدردي آهي. رب سائين کيس جنت الفردوس نصيب ڪري ۽ توهان کي صبر جي توفيق عطا فرمائي!” (1)

قاضي صاحب پنهنجن ٻين عزيزن وانگر گمبٽ جي جيلاني پير، حضرت سيد غلام مرتضيٰ شاهه جو مريد هو ۽ سموري حياتي “قادري” طريقي جو ذڪر ڪندو رهيو. مٿس سندس مرشد جي هميشه مهر ۽ قرب جي نظر رهندي هئي.گهڻي ٿاهه ٿوهه سان ڪانه پوندي هـُئس. سموري زندگي سادگيءَ سان گذاريائين. زهد ۽ عبادت به گهڻي ڪندو هو.

قاضي محمد يعقوب، سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچيءَ ۾ پڙهڻ دوران شاعريءَ جي شروعات ڪئي. نٿي ۾ نوڪريءَ واري زماني ۾، پاڻ شاعريءَ جي باقاعدي مشق ڪيائين. سندس شعر نهايت سادو، سهڻن لفظن ، بلند خيالن ۽ محاورن سان سينگاريل آهي. شعر ۾ سواءِ ڪن ڪافين ۾ “صابر” ۽ باقي اڪثر ڪري “يعقوب” تخلص

اختيار ڪندو هو. سندس ڪيترين ڪافين کي پڳت جاڙي مل ر ڪارڊ ڪرايو هو، جي سنڌ ۾ ڪافي مقبول ٿيا.

حڪيم صاحب فارسي ٻوليءَ ۾ چڱو عبور رکندو هو. پاڻ سنڌي زبان جو به هڪ سٺو نثرنويس هو. سنڌي نثر ۾، ڪيترائي مضمون ۽ ڪتاب شايع ڪرايائين، مگر افسوس جو زماني جي لاهين چاڙهين جي ڪري سندس گهڻا مضمون ضايع ٿي ويا. "راهبه جميلا" نالي سنڌيءَ ۾ هڪ ناول لکيو هئائين، جنهن ۾ اسپين جي سرزمين جو هڪ داستان ڏنل آهي. اهو ڪتاب سن 1939ع ۾ لطيف پريس، نواب شاهه مان ڇپيو هو. "تذڪره يعقوبي" سنڌي نثر ۾ فارسيءَ جو ترجمو آهي. هن ڪتاب ۾ "ساهتي" پرڳڻي ۾ رهندڙ قريش خاندان جو احوال ڏنل آهي. علم طب ۾ سندس ناياب ڪتاب "بياض يعقوبي" تحرير ڪيل آهي. هيءُ ڪتاب علم طب ۾ سندن هڪ بي بها تصنيف آهي.

"قربائتيون ڪافيون"، "ڪلام قريشي"، "ديدار دلبر" ۽ "ناز دلبر" سندس شاعريءَ جا مجموعا آهن، جي ان دؤر ۾ سکر ۽ حيدرآباد جي ڪتب فروشن شايع ڪرايا هئا. سن 1937ع ۾ ڪلاسيڪي نظم "الف اشباع" واري قافيي ۾ "سيده جو لال" نالي هڪ ڪتاب لکيائين، جنهن ۾ ڪربلا جي خوني واقعي جو درد انگيز ذڪر بيان ڪيو ويو آهي. اهو ڪتاب اڃا تائين قلمي صورت ۾ موجود آهي

حڪيم قاضي محمد يعقوب کي ڪتابن پڙهڻ ۽ گڏ ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. کيس پنهنجن وڏن جو هڪ عاليشان ڪتبخانو هو. سندس ڪتبخاني ۾ هر فن تي عربي ۽ فارسي ۾ قلمي توڙي ڇاپي ڪتاب موجود آهن. علم طب تي اٽڪل چار سؤ کن ناياب ڪتاب آهن، جن جو هن وقت ملڻ مشڪل آهي. سندس اهو عاليشان ڪتبخانو هن وقت سندس فرزند (راقم الحروف) وٽ محفوظ آهي.

قاضي صاحب جو ڪلام گهڻو هو، پر افسوس جو زماني جي ڦيرين گهيرين جي ڪري ناپيد ٿي ويو. سندن ڪلام لاءِ ڳولا جاري آهي. جو ڪجهه به هٿ آيو، سو گڏ ڪيو ويندو. هتي سندس ڪلام مان انتخاب پيش ڪجي ٿو:

ڪافي

نـــــه هيـــــءُ پـــــؤنر، بلبـــــل، نـــــه بســــتان هونــــدو،
نـــــه هونـــــدي شـــــمع هيــــءَ، نـــــه پـــــروان هونـــــدو.

1-   ســــدا گـــــل حســــن جـــــو، نـــــه خنـــــدان هونــــدو،
نــه خــوش خــال خــط هيــءُ، نــه ريحــان هونــدو.

2-   نـــه هيـــءُ نـــاز دولـــت، نـــه هونـــدو خزانـــو،
نـــه هيـــءَ فـــوج هونـــدي، نـــه ســـامان هونـــدو.

3-   نـــه ســـاقي نـــه پيـــالو، نـــه پيمـــان هونـــدو،
نـــه هيـــءَ ميـــز هونـــدي، نـــه مهمـــان هونـــدو.

4-   نـــه هيـــءَ ارض هونـــدي، نـــه آســـمان هونـــدو،
ســـواءِ ذات حـــق جـــي، نـــه انســـان هونـــدو.

5-   گـــذر نيـــٺ “يعقـــوب”، هـــو محشـــر بـــه ٿينـــدو،
نـــه ميـــزان هونـــدو، نـــه ميـــدان هونـــدو.

*

(اخبار “پنجتني” حيدرآباد سنڌ، 1926ع ۾ ڇپيل)

ڪافي

تنهنجـــــــــــي دِلا ڀائيـــــــــــا دغـــــــــــا ڪيـــــــــــن،
قســــــــمت چــــــــوان ڪا منهنجــــــــــي ڦٽــــــــي.

1.   آس انـــــــــــــــــــدر ۾ ڪيڏي هئي،
پنهنجـــــــي ميهـــــــر ســـــــان گـــــــڏ ٿينـــــــديس هلـــــــي،

ورق وصــــــل جـــــــا وينـــــــدا ملـــــــي،

پــــــر ســــــورن ڏنـــــــي ڪا پنهنجـــــــي پٿـــــي.

2. دِلـــــــــــو ڀ ڳو دريـــــــــاءَ ۾،
ٻيـــــــــــــڙي وســـــــــــيلو نـــــــــه واءَ ۾،
نـــــــــــه طـــــــــــاقت رهـــــــــــي ٻـــــــــانهن ۾.

اهـــــــــــڙي اچـــــــــي ڪا منهنجـــــــــي ٽُـــــــــتي.

3 . آخـــــــر رضـــــــا تـــــــي راضـــــــي رهـــــــي هـــــــي،
هئه وجـــــــان ٿـــــــــي لالـــــــــن لـُــــــــڙهي،
اصـــــــــل ازل ڪـــــــــان ائيـــــــــن لکـــــــــي.

“يعقــــــوب” چـــــوان ڪا منهنجـــــــي چٿـــــــي.

*
(ڀڳت جاڙي مل جي آواز ۾ رڪارڊ ڪيل، 1935ع)

ڪافي
ڏنـــو مـــون ڪـــونه ڪـــو ڪـــاتي، مثـــل محبـــوب تـــو جهـــڙو،
ننگـــي تلـــوار جنهـــن هـــٿ ۾، عاشـــقن لئه هـــي قتـــل ڪهـــڙو؟

1. سوين مون سير آهن ڪيا، دنيا جي باغ گلشن جا،
چمن چين ارم سائين، نه هو گلزار تو جهڙو.

2. گل لاله هزارين هئا، سمن سورج مٿا موتي،
مگر مجلس محسن ۾، نه هو ثاني صنم جهڙو.

3. گلابي گل گهڻا پيدا، سوين سرو صنم سهڻا،
لکين "يعقوب" ڏٺا ڪل ڻا، مگر گلڙو نه توجهڙو.

-
(رام پنجواڻيءَ جي مرتب ڪيل"سڪ جي سوغات" 1959ع تان ورتل)

*

(ماهوار "الرحيم" حيدرآباد سنڌ، نومبر - ڊسمبر 1977ع)

---

(1) پٺوري مدرسي واري اها عاليشان عمارت اڄ به ريلوي لائين جي پرسان قائم آهي ۽ منجهس تپيدارن جو ڪاليج هلندڙ آهي.
(2) سنڌ يونيورسٽيءَ جو سابق وائيس چانسيلر، محترم حسن علي عبدالرحمان سندس هم ڪلاسي هو.
(1) سيد زمان شاهه رضوي بن مرزا شاهه، "رضوي سادات" گهراڻي مان سيد محمد يوسف رضوي بکري مهدويءَ جي اولاد مان هو. سيد زمان شاهه سن 1890ع ۾ ٺٽي ۾ ڄائو. پاڻ عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻولين ۾ مهارت رکندڙ هو. سيد زمان شاهه، سنڌي زبان جو هڪ وڏو شاعر هو."ساقي" تخلص

استعمال ڪندو هو. خاص طرح، ڪافي ۽ غزل جي صنف ۾ بلند پايي جو شاعر هو. راقم جو والد، انگريزن جي دؤر ۾ سن 1924ع- 1925ع ڏاري ٺٽي جي تعلقي آفيس ۾ سرشتيدار ٿي رهيو. ان زماني ۾ سيد زمان شاهه سان سندس ملاقات ٿي ۽ "ڪافيءَ" جي صنف ۾ ڪانئس اصلاح ورتائين. والد مرحوم، ان زماني ۾ پنهنجو ڪلام "قربائتيون ڪافيون" جي نالي سان بن حصن ۾ شايع ڪرايو هو. سيد زمان شاهه سن 1928ع ۾ جوانيءَ ۾ وفات ڪري ويو. سيد حسام الدين راشديءَ جي قول موجب، ته زمان شاهه هن خاندان جو آخري شاعر هو.("مڪلي نامه"، ص 641)

(1) سيد حسام الدين راشدي، مولانا غلام محمد گرامي ۽ ٻين ڪيترن ئي صاحبن جا تعزيتي خط ڀڄ آيل آهن.

# مولانا قاضي نظر محمد ديهاتي

ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

قديم زماني کان وٺي "ساهتيءَ" جو پرڳڻو علم ۽ عرفان جو مرڪز پئي رهيو آهي. هتان جي خاڪ مان وقت جا ڪيترائي جيد عالم، محدث، مفسر ۽ فقيه پيا ٿيندا پئي رهيا آهن. هن پوئين دؤر ۾ به ڪيترائي فيض ۽ برڪت وارا عالم ٿي گذريا آهن، جن مان ڪيترن جو احوال اجا گمناميءَ جي ڪُنَ ۾ غرق آهي. ايتري قدر، جو خود سندن پوين کي به انهن جي ڪا خبر نه آهي. "ساهتيءَ" ۾ جيڪي عالم، اديب ۽ شاعر ٿي گذريا آهن، انهن مان قاضي نظر محمد سومرو ديهاتي به هڪ بلند پايي جو عالم، اديب ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. قاضي صاحب درويش صفت، بزرگ صورت، علم جو بحر، فيض جو درياهه، مردِ ڪامل، عالم فاضل ۽ سرزمين سنڌ لاءِ هڪ املهه گوهر هو.

مولانا حڪيم حاجي حافظ قاضي نظر محمد ولد حڪيم حاجي عبدالرحمان 25- ربيع الاول 1304هه/ 22- ڊسمبر 1886ع تي پنهنجي اباڻي ڳوٺ "ديهات"(1) ۾ تولد ٿيو.سندس والد برزگوار، قاضي ميان عبدالرحمان (المتوفي: 17- جمادي الثاني 1326هه/16- جولاءِ 1908ع) زهد ۽ ورع، قناعت ۽ توڪل ۾ يگانه روزگار هو. هُو عالم باعمل ۽ برڪت جو صاحب هو. سندس مدرسو، علم ۽ معرفت،

رموز ۽ حڪمت، احسان ۽ سلوڪ جو وهندڙ چشمو هو. هزارين طالب سندس مدرسي ۾ اچي ديني علم حاصل ڪندا هئا. قاضي ميان عبدالرحمان، قطب الزمان خواجه عبيدالله المعروف خواجه غلام جان مڪي واري جي هٿ تي بيعت ورتي هئي.

قاضي نظر محمد پنهنجي والد جي سايي هيٺ ابتدائي سنڌي ۽ فارسيءَ جي تعليم ورتي ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ قرآن پاڪ حفظ ڪيائين. وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ جي خيال سان کيس ڪجهه وقت لاءِ "محبت ديري سيال" "سيٺارجن" جي طرف پڻ وڃڻو پيو. ان بعد، عربي ۽ ديني تعليم پرائڻ واسطي "دار الارشاد" ٽنڊي سائينداد ويو ۽ ابتدائي صرف و نحو جا ڪتاب حضرت عبدالله جان سرهندي عرف شاهه آغا(1) وٽ پڙهڻ شروع ڪيائين. انهيءَ زماني ۾ خود شاهه آغا صاحب، مولوي ميان عبدالقيوم بختيارپوريءَ وٽ درگاهه شريف تي پڙهندا هئا. مولوي نظرمحمد نهايت ئي ذهين ۽ ذ ڪاءَ وارو هو. ان ڪري پاڻ جلد ئي اهي ڪتاب پڙهي پورا ڪيائين.

انهيءَ زماني ۾، دهليءَ ۾ مولانا عبدالرب جو مدرسو علمي لحاظ کان ساري هندستان ۾ گهڻو مشهور هو. مولوي صاحب ديني علمن تي ڪامل دسترس حاصل ڪرڻ جي خيال سان وڃي ان مدرسي ۾ داخل ٿيو، جتان نه صرف ديني علمن جي تحصيل ڪيائين، بلڪ علم طب ۾ به چڱو تجربو حاصل ڪيائين. دهليءَ مان واپس وطن موٽڻ بعد، پاڻ وري به اچي ٽنڊي سائينداد جي مدرسي "دارالارشاد" ۾ رهيو، جتان آخر مولوي خير محمد مگسيءَ کان علم جي تحصيل ڪيائين.

مولانا قاضي نظر محمد ظاهري علمن کان فارغ التحصيل ٿي، باطني علم يعني: سلوڪ جي راهه جي طرف زياده متوجهه ٿيو. زمين هر طرح سان تيار هئي، باقي صرف ٻج ڇٽڻ جي دير هئي. سندس دل ۾ نڊي هوندي کان وٺي الاهي عشق جو ٻوٽو پيدا ٿيل هو، جنهن جي صرف آبياري ڪرڻي هئي. پاڻ نڍي هوندي حضرت مولانا عبدالرحمان جان سرهندي ٽڪڙ واري (1) جي هٿ تي بيعت ڪئي هئائين. ان هڪ ئي نظر کيس اصلي مرڪز ڏانهن ڇڪي ورتو. جوانيءَ واري زماني ۾، خواجه محمد حسن جان سرهندي ٽنڊي سائينداد واري (1) جي هٿ تي بيعت ڪيائين. مرشد جي نظر مٿس اهڙو ته اثر ڪيو، جو گويا قاضي صاحب جي ڪايا پلٽجي ويئي. ٿوري عرصي ۾ ظاهري علمن جي ڄاڻ سان گڏ، سندس دل ۾ تصوف جي دولت پيدا ٿي پئي: پاڻ ڪيترائي ڳجهه جان سان ڳولي لڌائين. اُها خُشڪي، جيڪا اڪثر ڪري ظاهري عالمن ۾ هوندي آهي، سان منجهانئس صفا نڪري ويئي ۽

اهڙو ته ڪم نفس تي پيو، جو ڪيس پنهنجي وجود جو ڪوبه سماءُ نه رهيو. زهد، عبادت ۽ ذڪر الاهيءَ ۾ ايترو ته مشغول رهندو هو، جو ڇڻ ته جيئري ئي هن دنيا کي تياڳ ڏيئي ڇڏيو هئائين. انهيءَ زهد ۽ عبادت الاهيءَ سان گڏ، ديني تعليم ۽ اسلام جي خدمت بجا آڻڻ کي پنهنجي زندگيءَ جو معمول بڻايائين.

مولوي صاحب کي پنهنجي مرشد سان تمام گهڻي عقيدت هوندي هئي. پاڻ اڪثر ڪري پنهنجن مريدن ۽ معتقدن کي چوندو هو ته، "منهنجو مرشد، جهان جو مرشد آهي." اها هڪ حقيقت آهي ته جيستائين سعادت مند مريد جي نظر ۾ سندس مرشد جهان کان وڌيڪ محبوب نه آهي، تيستائين ان مريد کي ڪوبه روحاني فيض حاصل نه ٿيندو. ليڪن، شرط اهو آهي ته مرشد به ڪمال اتباع شريعت ۾ ڪامل هجي ۽ "عَلَىٰ صَاحِبِهَا اَفضَلُ الصَلَوَاتِ وَ اَزڪَي التسِليماتِ" (1) تي پورو ڪاربند هجي. پوءِ پلي اهڙو مرشد ڪامل پنهنجيءَ قوم ۽ جماعت ۾ اهڙي حيثيت رکي ٿو: "اَلشيخُ فِي قَومه ڪَا النبِيِ فِي اُمَته" (2) قاضي صاحب فنا في الشيخ جي منزل جي درجي تي هو. فنائيت جو اهو درجو ڪيس پنهنجي والد محترم کان ورثي ۾ مليو هو. رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ هڪ سال قرآن پاڪ جو ختمو پنهنجي ڳوٺ واريءَ مسجد ۾ پورو ڪندو هو، ته ٻئي سال وري رمضان المبارڪ ۾ ختمو ٽنڊي سائينداد ۾ مرشد جي خدمت ۾ پڙهي ختم ڪرڻ، پنهنجي لاءِ سعادت ڪري سمجهندو هو.

مولوي صاحب بحث مباحثي ۽ مناظري جو به ڪوڏيو هوندو هو. جيڪڏهن ڪٿي به ڪو غير شرعي ۽ بدعتي ڪم ٿيندو ڏسندو هو، ته هڪلي وجي ان کي بند ڪرائيندو هو. اسلام جي تبليغ ۽ اشاعت ۾ پاڻ ڏاڍيون تڪليفون ۽ سختيون برداشت ڪيائين. ليڪن، پنهنجيءَ صداقت ۽ سچائيءَ سببان هميشه باطل تي فاتح ۽ ڪامران رهيو. انهيءَ زماني ۾ آريه سماجين جو ڏاڍو زور هو ۽ "ساهتيءَ" جي ڪيترن سنجوڳي شيخن (3) کي هندو آريه سماجي پيهر هندو ڌرم ۾آڻڻ جي ڪوشش ۾ هئا. ليڪن، مولوي صاحب ڏاڍيون تڪليفون سهي، انهن کي مناظري ۾ شڪست فاش ڏئي، آريه سماجين جي وڌندڙ سيلاب کي ٻنجو ڏيئي ڇڏيو.

مولانا قاضي نظر محمد هڪ سخي دل انسان هو ۽ سندس دسترخوان هر امير خواه غريب لاءِ کليل هوندو هو. پاڻ هميشه

پنهنجي مرشد پائين خواه عام ماڻهن سان ڪمال شفقت ۽ خوش خلقيءَ سان پيش ايندو هو.

مولوي صاحب پنهنجي ڳوٺ "ديهات" ۾ هڪ مدرسو قائم ڪيو هو، جنهن ۾ پاڻ خود درس ۽ تدريس جو ڪم ڪندو هو. سندس قائم ڪيل اهو مدرسو اڄ به موجود آهي. سندس زبان مبارڪ ۾ الله تعالىٰ اهڙي ته تاثير ۽ وديعت رکيو هو، جو ڪيترائي بدڪار ۽ گنهگار سندس صحبت ۾ اچي ديندار ۽ پاڪباز زندگي گذارڻ لڳا. سندس دعا به تير بهدف هوندي هئي. سندس زبان مان نڪتل لفظ الاهي درگاهه ۾ قبول پوندا هئا. درويشيءَ سان گڏوگڏ پاڻ اعلىٰ درجي جو حڪيم پڻ هو.

مولوي صاحب متعدد تصنيفن جو صاحب هو، جن مان هيٺيان ڪتاب شايع ٿيل آهن:

<u>1. مجموعه نظم ديهاتي</u>

هيءُ ڪتاب مولانا نظر محمد ديهاتيءَ جي سنڌي ڪلام جو مجموعو آهي. هيءُ ڪتاب ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. پهرئين ڀاڱي ۾ خطبات ڏنل آهن. هر خطبي جي مُنڍ ۾ عربي عبارت ڏنل آهي ۽ ان کان پوءِ سنڌي نظم ڏنو ويو آهي. ٻئي ڀاڱي ۾مولوي صاحب جا چيل قصيدا ۽ مداحون آيل آهن. هيءُ ڪتاب سن 1951ع ۾ عباسي ليٿو آرٽ پريس، ڪراچي سنڌ مان شايع ٿيو.

<u>2. انوار الاحمديه في حالات المشائخ النقشبنديه</u>

هيءُ ضخيم ڪتاب ٽن جلدن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب جي پهرئين جلد ۾ حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي مختصر سيرت پاڪ، خلفاءِ راشدين ۽ نقشبندي سلسلي جي اوائلي بزرگن جو تذڪرو ڏنو ويو آهي. هيءُ جلد ڊبل ڪرائون سائيز جي 248 صفحن تي مشتمل آهي ۽ سن 1986ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

هن ڪتاب جي ٻئي جلد ۾حضرت امام رباني مجدد الف ثانيءَ جي زندگيءَ ۽ سندس اولاد جو مفصل احوال بيان ڪيو ويو آهي. ڊبل ڪرائون سائيز جي 416 صفحن تي ڦهليل هيءُ ڀاڱو 1973ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب جو ٽيون جلد اڃا قلمي صورت ۾ آهي ۽ سندس پوين وٽ محفوظ آهي.

<u>3. احسن التقرير في جواب التحرير</u>

هيءُ رسالو، سنڌي زبان جي مشهور تفسير، "تنوير الايمان" جي مصنف، مولانا محمد عثمان نورنگزادي جي ڪن اعتراضن جي جواب

لکيو ويو آهي. هيءُ رسالو ڊيمي سائيز ۾ 240 صفحن جي ضـخامت ۾ آهي ۽ سن 1418هه/ 1997ع ۾ نيـو گريـن پرنـٽرس، حيـدرآباد سـنڌ مان ليٿو ۾ ڇپيو.

انهيءَ کان علاوه سندس هيٺيان ڪتاب قلمي صـورت ۾ سـندس پـوين وٽ محفوظ آهن:

1. الدرالمنظوم في تذڪرهِ المخدوم

هن ڪتاب ۾ مخدوم نوح عليه الرحمته جي سوانح ۽ مناقب کان علاوه سنڌ جي ڪن بزرگن جا حالات پڻ ڏنـل آهـن.(1) هـن ڪتـاب جـو هـڪ قلمي نسخو علامه آءِ.آءِ.قاضي لائبريري، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شوري ۾ موجود آهي.(2)

2. تحفته/ قاديان

هيءُ رسالو تمام سليس زبان ۾، سوالن ۽ جوابن جي صورت ۾، وڏيـءَ تحقيق سان لکيو ويو آهي. مولوي صاحب، هيءُ رسالو پنهنجـي عمـر جي آخرين ڏهاڙن ۾ تحرير ڪيو، جو مڪمل ٿي نه سگهيو.(3)

3. رساله ابتدا سلوڪ:

هيءُ خواجه محمد حسن جان جي فارسـي زبـان ۾ لکيـل رسـالي جـو سنڌيءَ ۾ ترجمو آهي.(4)

مولانا صاحب جي انهن متين ڪتابن جي مطالعي مان سندس علميت ۽ قابليت جو پورو ثبوت ملي ٿو.

مولانا قاضي نظر محمـد 41 ورهيـن جـي ڄمـار ۾ 9 - جمـادي الثـاني 1345هه/14- ڊسمبر 1926ع تي هـن فـاني جهـان جـو جـامو لاهـي، عالمِ بقا جو ويس پهري، "ديهات" ۾ پنهنجي والد بزرگوار جي پهلـوءَ ۾ وڃي آرامي ٿيو. سندس وفات جي قطعه تاريخ، حضرت خواجه محمد اسماعيل جان "روشن" سرهنديءَ هن ريت چئي آهي:

آه کيـــــن حـــــاجي و حـــــافظ مولـــــوي محـــــترم،
رفـــــت از ملـــــک وجـــــود الان بـــــه اقليـــــم عـــــدم.
آنچنـــــان زاهـــــد کـــــه باشـــــد شـــــمئه از زهـــــد او،
تـــــا ابـــــد گـــــر مـــــن بتقـــــوايش بفرســـــايم قلـــــم.
گرکـــــف حســـــرت بســـــايد از پيـــــش عـــــالم بجـــــا اســـــت،
زانکـــــه درگيـــــتي وجـــــودش بـــــود از بـــــس مغتنـــــم.
حـــــور غلمـــــان از قـــــدومش در ارم فرحـــــان خـــــوش،
مـــــرد زن از رفتنـــــش انـــــدر جهـــــان در درد غـــــم.

سـال تاريـخ وفـاتش جُـست”روشـن”چـون زغيـب،
گفـت هـاتف در جـوابش “واهـب فيـض اُتـم”!(5)
1345ھ
مولوي صاحب کـي خداونـد تعالـ ٰي بـه فرزنـد مولـوي غلام حسـين ۽
مولوي ميان نور احمد نالي عطا ڪيا. اهي پڻ بزرگ پنهنجي والد جي
نقش قدم تي هلي، علمي ۽ ديني خدمت ڪندا رهن ٿا.(6)

*

## حوالا

(1) سـومرو نظـر محمـد:”انـوار الاحمـديه فـي حـالات مشـائخ النقشبنديه”- جلد ٻيو، مطبـوعه سـعيدي قـرآن محـل، ڪراچـي سـنڌ، 1973ع، ص 12
(2) مخدوم سليم الله صـديقي: “خزينتـه المخطوطـات” ج 1، سـنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو سنڌ، 2006ع، ص. 196.
(3) سومرو نظر محمد: انوار الاحمديه في حالات مشائخ النقشبنديه” - جلد پهريون، مدرسه مجـدديه، ديهـات شـريف، ضـلع نوشـهروفيروز سنڌ، 1986ع، ص ھ
(4) ايضاً
(5) ڏسو حوالو نمبر (1)، ص 14
(6) راقم پنهنجـي مهربـان دوسـت سـيد نـواز علـي شـاهه، زمينـدار، ساڪن خانواهڻ، ضلعي نوشهري فيروز جو ٿورائتو آهي، جنهـن مولانـا نظر محمد ديهاتيءَ جو احوال ۽ ڪتاب دستياب ڪري ڏنا. (ق.ح.خ)
*

(1) “ديهات” جو ننڍڙو ڳـوٺ، تعلقـي ڪنڍيـاري ۾ “خـانواهڻ” جـي اُتـر ۾ “نـو لکـي واهه” جي ڪناري تي واقع آهي. هيءُ ڳـوٺ”سـاهتي” پر ڳڻـي جـي قـديم علمـي مرڪزن مان هڪ آهي.
(1) خواجه عبدالله جان عرف شاهه آغـا هـڪ وڏو عابـد، زاهـد ۽ پنهنجـي وڏن جـي روايت کي زنده ڪندڙ هو. پاڻ 8- جمادي الاول 1308ھ/ 20- ڊسمبر 1890ع تـي “تکڙ” ۾ ڄـائو. ابتـدائي تعليـم پنهنجـي ڏاڏي، حضـرت خـواجه عبـدالرحمان جـان سرهنديءَ کان ورتائين. مولوي عبدالقيوم بختيار پوري، مولوي لعل محمد متيـاروي ۽ مخدوم حسن الله پاٽائيءَ وٽان ديني علوم جي تعليم ورتـائين. بـاقي علمـن جـي

تحصيل مولوي خير محمد مگسيءَ کان حاصل ڪيائين. پاڻ عربي، فارسي ۽ پولين ۽ ديني علمن جو ڄاڻو هئا. پنهنجي والد، خواجه محمد حسن جان سرهنديءَ کان پوءِ سجاده نشين ٿيو. 3- ربيع الاول 1393ھ/ 6- اپريل 1973ع تي رحلت ڪيائين. پاڻ ڪيترن ئي ديني ڪتابن جو مصنف ۽ مؤلف هو. خواجه صاحب کي غلام صديق جان، آغا غلام علي جان (المتوفي: 25- شعبان المعظم 1397ھ/ 11- آگسٽ 1977ع)، مولانا غلام نبي جان ۽ آغا محمد سعيد جان نالي فرزند ٿيا.

(1) خواجه عبدالرحمان سرهنديءَ جي نسب جو سلسلو نائين پيڙهيءَ ۾ حضرت مجدد الف ثاني شيخ احمد سرهنديءَ سان وڃي ملي ٿو. سندس والد بزرگوار جو نالو خواجه عبدالقيوم (المتوفي: 1270ھ/ 1854ع) هو. خواجه عبدالرحمان جان 1244ھ/ 1828ع ۾ قنڌار ۾ ڄائو. پاڻ پنهنجي وقت جو وڏو عابد، زاهد ۽ روحانيت جو صاحب هو. تواريخي لحاظ کان خواجه صاحب جو دؤر وڏي خلفشار جو زمانو هو. ان وقت امير ايوب خان افغانستان جي تخت تي ويٺل هو. امير ايوب خان، انگريزن ۽ انهن جي ساٿيءَ، امير عبدالرحمان جي خلاف هو. انگريزن، امير عبدالرحمان کي تخت تي ويهارڻ لاءِ امير ايوب خان سان جنگ ڪئي، جنهن ۾ امير ايوب خان کي شڪست آئي ”هُو ملڪ ڇڏي فرار ٿي ويو. خواجه عبدالرحمان جان، امير ايوب خان پاران هلندڙ لڙائيءَ ۾ جهاد ۾ شامل ٿيو. ان کان پوءِ، خواجه عبدالرحمان جان 1297ھ/ 1880ع ۾ اتان هجرت ڪري، پهريائين رياست قلات ۾ اچي رهيو. اهڙيءَ طرح، مختلف هنڌن تي رهڻ کان پوءِ مٽيارين ۾ اچي سڪونت اختيار ڪيائين. سيد ميران محمد شاهه(اول) ٽکڙائي کيس مٽيارين مان ڏائي اچي ٽکڙ ۾ رهايو. ٽکڙ جو ننڍڙو ڳوٺ، سندن رهڻ ڪري روحانيت ۽ معرفت جو هڪ وڏو مرڪز بڻجي پيو. هند، سنڌ، ڪابل ۽ قنڌار کان ماڻهو ٽکڙ اچي، کانئس روحاني فيض حاصل ڪندا هئا. سندس ئي رهڻ جي نسبت ڪري ٽکڙ جو ڳوٺ ”ٽکڙ شريف“ سڏجڻ ۾ آيو. جڏهن ٽکڙ کي درياهه پائڻ لڳو ته پاڻ پنهنجي مريد، مير غلام علي خان ٽالپر جي چوڻ تي اچي ٽنڊي سائينداد ۾ رهيو. جتي پاڻ هتي 2- ذوالقعد 1315ھ/ 25- مارچ 1898ع تي رحلت ڪيائين ۽ ٽکڙ کان ٽن ميلن جي مفاصلي تي گنجي ٽڪر جي دامن ۾ مدفون ٿيو. جهڙيءَ طرح سندس فيض حياتيءَ ۾ روان دوان هو، اهڙيءَ طرح مماتيءَ ۾ به اهوئي فيض جاري آهي.

(1) خواجه محمد حسن جان، برصغير هند و پاڪ جي مشهور بزرگ، روحاني درويش ۽ ”نقشبندي“ طريقي جي سرواڻ، حضرت مجدد الف ثاني شيخ احمد سرهنديءَ جي نائين پيڙهيءَ مان خواجه عبدالرحمان جان سرهندي ءَ جو وڏو فرزند هو. خواجه محمد حسن جان 6 شوال المڪرم 1278ھ/6- اپريل 1862ع تي قنڌار ۾ ڄائو. خواجه صاحب پنهنجي والد بزرگوار کان سواءِ، مُلا ميراعظم علي زئي ۽ مولوي لعل محمد مٽيارين واري کان ۽ مڪي پاڪ ۾ ”مدرسه صولتيه“ ۾ مولانا رحمت الله مهاجر مڪيءَ وٽان تعليم حاصل ڪيائين. پاڻ عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ جو وڏو عالم هو. ڪجهه عرصي لاءِ ٽکڙ شهر ۾ درس ۽ تدريس جو ڪم به ڪيائين. سن 1315ھ/1898ع ۾ پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ، پنهنجي درگاهه جو سجاده نشين ٿيو. پاڻ ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف هو، جن مان ”انيس المريدين“ فارسي زبان ۾ گهڻو مشهور آهي. خواجه صاحب 2- رجب المرجب

1365ھه/ 2- جون 1946ع تي رحلت ڪئي. کين ٽي فرزند ٿيا: خواجه عبدالله جان عرف شاهه آغا، آغا عبدالستار جان ۽ حافظ محمد هاشم جان سرهندي.
i- خواجه محمد حسن جان سرهندي:”انيس المريدين” ۽ ii- جي. ايم. سيد:”جنب گذاريم جن سين”- جلد پهريون)
(1) الله پاڪ جي پياري حبيب صلي الله عليه وسلم تي بيحد رحمتون ۽ نهايت پاڪيزه سلام هجن (هن مان مراد حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي ذاتِ انور آهي.)
(2) مُرشد جو پنهنجيءَ قوم ۾ هئڻ ائين آهي، جيئن امت ۾ نبي هوندو آهي.
(3) “ساهتي” پرڳڻي ۾ سنجوڳي شيخ اُهي هئا، جي ظاهر ۾ مسلمان هئا، ليڪن مرڻي خواه پرڻي تي هندو ڌرم جون رسمون به ڪندا هئا. مولوي صاحب کين هميشه لاءِ خالص اسلامي دائري ۾ آڻي ڇڏيو. مولوي صاحب جي انهيءَ جهاد ۾ قاضي ميان امام بخش قريشي خانواهڻ وارو ۽ سيد پـُـڌل شاهه خانواهڻ وارو به ساڻس شامل هوندا هئا.

Posted by wahabsahito at 8:38 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## آخوند ميان فيض محمد روهڙيءَ وارو - ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

# آخوند ميان فيض محمد روهڙيءَ وارو

ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

روهڙيءَ جو شهر، قديم زماني کان وٺي علم ۽ ادب جو مرڪز، حُسن ۽ مجاز جو گهر رهيو آهي. روهڙيءَ جي قدرتي ۽ فطرتي حُسن ۾ ڪشش ۽ دلڪشي رهندي آئي آهي. هن شهر جي باري ۾ فقير ميان علي بخش “ڪمتر” (1) ڪهڙو نه سچ چيو آهي:

عجائب آهي روهڙيءَ جو شهر، درياء جي پر تي،
رجستر ۾ حسن جي، ناںُ آيس پهرئين نمبر تي.
هلي تي عاشقي ه ڪڙي طرف، ٻئي طرف معشوقي،
اُجيا عشاق اُتِ آهن، ڪناري حوض ڪوثر تي ...الخ

« Read more

Posted by wahabsahito at 8:36 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## قاضي ميان محمد خانواهڻ وارو - ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

# قاضي ميان محمد خانواهڻ وارو

ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

قديم زماني کان وٺي “ساهتيءَ” جو پرڳڻو علم ۽ عرفان جو مرڪز پئي رهيو آهي. هتان جي خاڪ مان وقت جا ڪيترائي جيد عالم، محدث، مفسر ۽ فقيه پيدا ٿيندا پئي رهيا آهن ۽ اهي هتي ئي ابدي ننڊ ۾ آرامي آهن. ساهتي پرڳڻي ۾ جيڪي عالم، اديب ۽ شاعر ٿي گذريا آهن، انهن مان “قاضي ميان محمد خانواهڻ وارو” هڪ وڏو عالم، اديب ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. قاضي ميان محمد هڪ درويش صفت، بزرگ صورت، علم جو بحر، فيض جو درياء ۽ سرزمين سنڌ لاءِ فخر جو باعث هو.
قاضي ميان محمد جي نسب جو سلسلو هن ريت آهي: قاضي ميان محمد بن قاضي محمد اشرف بن قاضي ابوالمعالي بن قاضي عبدالواحد بن قاضي نظام الدين بن قاضي عبدالمعالي خالدي قريشي. انهن قاضي صاحبن جا وڏا اصل ۾ عربستان کان محمد بن قاسم سان گڏجي سنڌ ۾ آيا هئا ۽ ساهتيءَ جي قديم تواريخي شهر “ڪوٽ راءِ”(1) ۾ اچي سڪونت اختيار ڪيائون. سندن خاص مشغلو عربي زبان جي تعليم ڏيڻ هو. قديم زماني کان وٺي هن گهراڻي جا ڪيترائي خاندان ساهتيءَ جي مختلف شهرن، جهڙوڪ: ڀلاڻي، دربيلي، مٺڙ ۽ خانواهڻ ۾ آباد آهن.

« Read more

Posted by wahabsahito at 8:34 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## مخدوم قاضي محمد عاقل سنڌي - ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

# مخدوم قاضي محمد عاقل سنڌي

ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

سنڌ جي مردم خيز زمينِ اُها برڪت پرئي ۽ سپاڳي آهي، جنهن هر دؤر ۾ وڏا جيد عالم، بزرگ ۽ صاحبِ ڪمال انسان پيدا ڪيا آهن، جن جي فيض جي پالوٽَ نه صرف سنڌ اندر محدود رهي، بلڪ سنڌ جون سرحدون لتاڙي، برصغير جي پين علائقن کي پڻ فيض ۽ برڪت سان مالا مال ڪيو. مخدوم قاضي محمد عاقل، سنڌ جي سرزمين جو هڪ وڏو جليل القدر بزرگ، صاحبِ ڪمال ۽ بلند پايي جو عالم ٿي گذريو آهي. قاضي صاحب پنهنجي مرشد جي حياتيءَ ۾ ئي اعلـٰي ۽ بُلند مقام تي پهچي چڪو هو. پاڻ خواجه نور محمد مهارويءَ(1) جو خليفو هو. پنجاب ۾ "چشتيه نظاميه" سلسلي جي اشاعت ۾ سندس وڏو هٿ هو. سندس فيض ۽ برڪت جي ڪري چاچڙان، ڪوٽ مٺڻ ۽ احمدپور ۾ ڪيتريون ئي خانقاهون قائم ٿيون. ڪانئس ڪيترائي بزرگ ۽ مشائخ، طريقت جي راهه ۾ فيضياب ٿا. سندس متعلق، "مناقب المحبوبين" جو صاحب لکي ٿو:

"هزارها مخلوق از دروازهء ايشان فيض ياب شدند و صدها صاحب خانقاها از ايشان مبعوث شدند."(1) يعني: خدا جي هزارها مخلوق سندس دروازي تان فيض حاصل ڪيو ۽ سوين خانقاهن جا صاحب وڏي روحاني مرتبي کي پهتا.

« Read more

Posted by wahabsahito at 8:33 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## مخدوم عبدالله نرئي وارو - ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

# مخدوم عبدالله نرئي وارو

ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

ڪلهوڙن جي صاحبيءَ جو زمانو ئي هو، جنهن ۾ سنڌ جي عالمن، اديبن ۽ شاعرن، سنڌي زبان کي حياتِ جاويد جو جامو پهرايو. ڪلهوڙن جو دؤر، جيتوڻيڪ سياسي لحاظ کان ڪشمڪش ۽ خلفشار جو دؤر هو، پر ان هوندي به ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي زماني ۾، سنڌ ڪجهه وقت جي لاءِ سُکَ جو ساهه کنيو. البت، سندس اکين

پورڻ کان پوءِ سنڌ کي ڪجهه ڏينهن لاءِ ڏُکيا ڏينهن ڏسڻا پيا. انهن حالتن جي باوجود، ان دؤر ۾ سنڌ جي سرزمين وڏا بلند مرتبي وارا عالم، اديب ۽ شاعر پيدا ڪيا، جن جي علميت جي ساک هنڌين ماڳين ڦهلجي وئي. سنڌ ۾ سري کان وٺي لاڙ تائين، وِک وِک تي وڏن جيد عالمن، صوفين ۽ شاعرن جون مجلسون، محفلون ۽ خانقاهون موجود هيون. خاص طرح، لاڙ جو پاڳو، سنڌ جي ٻين علائقن وانگر، قديم زماني کان وٺي، اسلامي تعليم ۽ تبليغ، تهذيب ۽ تمدن جو مرڪز پئي رهيو آهي. لاڙ جي سدوري ۽ پاڳن پريءَ سرزمين ڪيترائي وڏا عالم، اديب ۽ شاعر پيدا ڪيا آهن، جن مان ڪيترن جو احوالُ اڄا تائين گمناميءَ جي ڪُنَ ۾ غرق آهي.

هن خطي جي اهڙن عالمن مان مخدوم عبدالله نرئي وارو پڻ پنهنجي وقت جو هڪ وڏي بلند مرتبي وارو عالم، محدث، فقيه ۽ مفسر ٿي گذريو آهي. مخدوم عبدالله جي حياتيءَ جي باري ۾ اڄا تائين ڪوبه مفصل احوال ميسر ٿي نه سگهيو آهي. مخدوم صاحب جي سوانح حيات جي باري ۾ هن وقت تائين جيڪي به احوال ملن ٿا، اهي ا ڪثر ڪري اڻپورا ۽ نامڪمل آهن. خاص ڪري سندس حياتيءَ جا ڪيترائي پهلو اڃا به تحقيق طلب آهن.

ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ٺٽي جو شهر، علم ۽ عرفان جو هڪ وڏو مرڪز هو. ان زماني ۾، هن شهر کي "بغداد ثاني" ڪري سڏيو ويندو هو. انهيءَ ڪري وڏا عالم، اهلِ فضل ۽ ڪمال وارا بزرگ دل جمعيءَ سان هن شهر ۾ ديني خواه دنيوي علمن جي اشاعت ۾ مشغول هئا. انهن عالمن، اسلامي تبليغ ۽ اشاعت جي سلسلي ۾، ان دؤر جي مروج سنڌيءَ ۾ تصنيف ۽ تاليف جو تمام گهڻو سرمايو ڇڏيو آهي. مخدوم عبدالله نرئي واري پڻ پنهنجي پيش رو عالمن وانگر سنڌي زبان ۾ تصنيف ۽ تاليف جو تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي.

انهيءَ ساڳئي زماني ۾، مخدوم عبدالله عرف ميان موريو (المتوفي: 1167هه/ 1754ع) نالي هڪ وڏي بلند مرتبي وارو عالم پڻ ٺٽي شهر ۾ ٿي گذريو آهي. مخدوم عبدالله عرف ميان موريي جي بزرگيءَ ۽ مشهوريءَ سبب، مخدوم عبدالله نرئي واري جي تصنيفن ۽ تاليفن کي اڪثر ڏانهس منسوب ڪيو ويو آهي.(1) حالانڪه مخدوم ميان موريي پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪوبه تصنيف ۽ تاليف جو ڪم نه ڪيو آهي. تواريخي لحاظ کان اسان جڏهن مخدوم عبدالله عرف ميان موريي ۽

مخدوم عبدالله نرئي واري جي زماني جو جائزو وٺون ٿا، ته ان ۾ به وقت جي ڪافي وچوٽي نظر اچي ٿي. ميان موريو صرف ديني ۽ تبليغي سلسلي ۾، مسجدن ۽ خانقاهن ۾ نصيحت پريا وعظ ڪندو هو. انهيءَ وعظ جي نسبت سان پاڻ "ميان عبدالله واعظ" جي نالي سان مشهور ٿيو.(1)

مخدوم عبدالله نرئي واري جي حياتيءَ جي باري ۾، سڀ کان پهريائين مشهور انگريز مصنف، رچرڊ برٽن پنهنجي مشهور ڪتاب "سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون" ۾ نشاندهي ڪئي آهي. رچرڊ برٽن، ٽالپرن جي صاحبيءَ کان اڳ واري زماني جي سنڌي علم ۽ ادب تي روشني وجهندي لکي ٿو:

"سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جون ٽي اهم شخصيتون ٿي گذريون آهن: مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم عبدالله ۽ سيد عبداللطيف ڀٽائي."(2)

ساڳيو مصنف، اڳتي هلي لکي ٿو:

"مخدوم عبدالله ڪيترائي ڪتاب سنڌيءَ ۾ لکيا آهن. عربي ۽ فارسيءَ ۾ ڪوبه ڪتاب نه لکيو اٿس. ٽيهارو ورهيه ٿيندا، ته وفات ڪري ويو آهي."(3)

رچرڊ برٽن پنهنجو اهو مذڪور ڪتاب سن 1268هه/ 1851ع ڌاري لکيو هو. انهيءَ لحاظ کان اهو مٿيون احوال مخدوم عبدالله نرئي واري جو آهي ۽ نه مخدوم عبدالله واعظ جو. ان تي اسان ا ڳتي هلي، وڌيڪ روشني وجهنداسون.

خانبهادر محمد صديق ميمڻ پهريون سنڌي عالم آهي، جنهن پنهنجي ڪتاب "سنڌ جي ادبي تاريخ" ۾ مخدوم عبدالله نرئي واري ۽ مخدوم عبدالله واعظ جو منجهائيندڙ نمونو ۾ احوال بيان ڪيو آهي. ساڳئي وقت، مخدوم عبدالله نرئي واري جي سڀني تصنيفن کي پڻ مخدوم عبدالله واعظ ڏانهن منسوب ڪيو ويو آهي. محمد صديق ميمڻ کان پوءِ، سنڌ جي ٻين عالمن به اڪثر ڪري سندس ئي تقليد ڪئي آهي.

ميان عبدالله واعظ جي باري ۾ محمد صديق ميمڻ لکي ٿو:

"مخدوم عبدالله، جنهن کي ميان موريو به سڏيندا آهن، سو ميان عبدالقادر جو فرزند هو. ميان عبدالقادر، سنڌ جي مشهور عالم، مخدوم ابوالحسن جو پاڻيجو هو."(4)

خانبهادر محمد صديق ميمڻ جي انهيءَ مٿئين عبارت ڪي جڏهن غور سان پڙهجي ٿو، ته اهو معلوم ٿئي ٿو ته هن اها عبارت هوبهو "تحفته الڪرام" تان ورتي آهي.(5) محمد صديق ميمڻ ا ڳتي هلي، مخدوم عبدالله نرئي واري جي لکيل اڪثر ڪتابن کي مخدوم عبدالله واعظ جي تصنيفات ڪري چا ڻايو آهي. ازان سواءِ، محمد صديق ميمڻ پنهنجي ڪتاب"سنڌ جي ادبي تاريخ" ۾ "مخدوم عبدالله" جي عنوان تحت، مخدوم عبدالله واعظ جي ولادت جو سن 1105ھه مطابق 1736ع ڄاڻايو آهي. (6) انهيءَ سلسلي ۾، جڏهن "تقويم تاريخي" جو غور سان مطالعو ڪجي ٿو ته اهو معلوم ٿئي ٿو ته سن 1105ھه دوران ميمڻ صاحب وارو بيان ڪيل عيسوي سن 1736ع نه هو، پر ان عرصي دوران سن 94 - 1693ع هو. (7) ان کان علاوه، مخدوم عبدالله واعظ جي ولادت جو جيڪو سن بيان ڪيو ويو آهي، ان متعلق پڻ هن ڪوبه مستند حوالو نه ڏنو آهي.
انهيءَ مٿئين احوال مان اها ڳالهه چٽيءَ طرح سان واضح ٿئي ٿي، ته خانبهادر محمد صديق ميمڻ نالن جي هڪ جهڙائيءَ سبب غلطيءَ جو شڪار ٿيو آهي.
سنڌ جي مشهور تذڪره نگار، مير علي شير "قانع" ٺٽويءَ پڻ "تحفته الڪرام" ۾ مخدوم عبدالله واعظ جو تذڪرو بيان ڪيو آهي. ليڪن، سندس ڪنهن به تصنيف ۽ تاليف ڏانهن ڪوبه اشارو نه ڏنو آهي. مير "قانع" ٺٽويءَ پنهنجي ڪتاب"تحفته الڪرام" جي تصنيف جو ڪم سن 1181ھه/ 1767ع ۾ مڪمل ڪيو. مير "قانع" ٺٽوي جڏهن "تحفته الڪرام" لکي رهيو هو، ته ان وقت مخدوم عبدالله نرئي وارو 31 ورهين جي ڀرپور جوانيءَ واري عمر ۾ هو، ۽ هو ان وقت پنهنجي تصنيف ۽ تاليف واري ڪم ۾ رُڌل هو. اهو ممڪن ٿي سگهي ٿو ته مير "قانع" ٺٽويءَ کي ان وقت مخدوم عبدالله نرئي واري جي باري ۾ ضرور ڄاڻ هوندي، ڇاڪاڻ ته نرئي واري بزرگ پنهنجو مشهور ڪتاب "ڪنزالعبرت" سن 1175ھه/1762ع ۾ لکي مڪمل ڪيو هو. انهيءَ مذڪور سن ۽ "تحفته الڪرام" جي تڪميل ٿيڻ واري سن ۾ ايڏو ڪو وڏو عرصو نه آهي. حيرت آهي ته مير علي شير"قانع" ٺٽويءَ سنڌي زبان جي هن مشهور عالم، محدث، فقيه ۽ مفسر کي پنهنجي ڪتاب "تحفته الڪرام" ۾ الائجي ڇو نظر انداز ڪيو آهي! ازان سواءِ، مير

“قانع” ٺٽويءَ “تحفته الڪرام” ۾ مخدوم عبدالله واعظ جو احوالُ هن ريت بيان ڪيو آهي:
“ميان عبدالقادر، مخدوم ابوالحسن جو سؤٽ ۽ متبرڪ ماڻهو هو. هي ٻئي بزرگ پاڻ ۾ هم زلف هئا، هن به پُٽ محمد حفيظ ۽ عبدالله يادگار ڇڏيا آهن. ميان عبدالله واعظ عرف ميان موريو به هڪ باصفا عالم، بزرگيءَ ۽ برڪت ۾ مُلڪين مشهور هو. پنهنجو بر ڪت پريو وقت هميشه واعظ ۽ نصيحت ۾ گذاريندو هو.”(8)
مير علي شير “قانع” ٺٽويءَ پنهنجي ٻئي ڪتاب “مقالات الشعراء” ۾ مخدوم عبدالله وعظ جي وفات جو سن 1167هه/ 1754ع ڄاڻايو آهي. (9) هوڏانهن مخدوم عبدالله نرئي واري پنهنجو ڪتاب”ڪنزالعبرت” 1175هه/ 1762ع ۾ لکي پورو ڪيو. انهيءَ صورت ۾ اهو ممڪن ئي نه ٿو سگهي ته هڪ عالم پنهنجي فوت ٿيڻ کان اٺَ سال پوءِ ڪو ڪتاب لکيو هوندو! بهرحال، انهيءَ مٿئين بحث مان اها ڳالهه صاف طرح سان ظاهر ٿئي ٿي ته مخدوم عبدالله واعظ ۽ مخدوم عبدالله نرئي وارو ٻه الڳ الڳ شخصيتون آهن.
ان کان پوءِ، سنڌ جي وڏي بلند پايي جي عالم، اديب ۽ محقق، محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ڪتاب”مداحون ۽ مناجاتون” ۾ مخدوم عبدالله نرئي واري جو احوال پڻ انهيءَ ساڳئي نموني ۾ ڏنو آهي، (10) جيئن خانبهادر محمد صديق ميمڻ “سنڌ جي ادبي تاريخ” ۾ بيان ڪيو .
آهي.(1) ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي طرفان ان ۾ ڪوبه وڌيڪ اضافو نه ڪيو آهي. البت، پاڻ مخدوم عبدالله نرئي واري کي مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو همعصر ڪري ڄاڻايو اٿائين. دراصل، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم عبدالله جو اُستاد ٿيندو هو. سن 1174هه/ 1761ع ۾ جڏهن مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ وفات ڪئي، ته ان وقت مخدوم عبدالله نرئي وارو اٽڪل 24 - 25 ورهين جي عمر جي لڳ ڀڳ هو ۽ “ڪنزالعبرت” جي تصنيف ۾ مشغول هو.انهيءَ لحاظ کان مخدوم عبدالله نرئي واري کي مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي ننڍن معاصرن ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو.
دراصل، مخدوم عبدالله نرئي واري جي زندگيءَ جي باري ۾ صحيح ۽ مستند احوالُ، منهنجي پياري ۽ مُربي اُستاد، علامه غلام مصطفٰي قاسميءَ “ڪنزالعبرت” جي مهاڳ ۾ ڏنو آهي. اسان جي خيال موجب

ته علامه قاسمي صاحب، مخدوم عبدالله نرئي واري جو پهريون سوانح نگار آهي، جنهن سندس متعلق صحيح ۽ مستند احوالُ ڏنو ڪري، ان تي روشني وڌي آهي. اسان علامه قاسمي صاحب جي انهيءَ بيان ڪيل احوال جي بنياد تي مخدوم عبدالله نرئي واري جي زندگيءَ جو احوالُ ۽ سندس علمي ڪارنامن کي مرتب ڪريون ٿا.

مخدوم عبدالله نرئي واري جي والد جو نالو ميان محمد هو. ڪَڇَ پرڳڻي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ "نرئي" جو وينل هو. پاڻ سن 1150ھ/1737ع ۾ ڄائو. (11) (2)علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب ان لاءِ محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مرتب ڪيل ڪتاب"مداحون ۽ مناجاتون" جو حوالو ڏنو آهي. (21) ڊاڪٽر بلوچ صاحب ان ڪتاب ۾ جيڪا "مناجات نبي صلي الله عليه وسلم" ڏني آهي، ان کي پڻ مخدوم عبدالله واعظ ڏانهن منسوب ڪيو ويو آهي. اسان مٿي ان باري ۾ ڪافي بحث ڪري آيا آهيون.

مخدوم صاحب، "نرئي" ڳوٺ جي نسبت سان "مخدوم عبدالله نرئي وارو يا نليوي" سڏيو ويو هو. علامه قاسمي صاحب جو قول آهي ته مخدوم عبدالله جي فرزند، مخدوم ميان عبدالرحمان پنهنجي ڪتاب"منتخب الفوائد" جي آخر ۾ پنهنجي والد، مخدوم عبدالله کي "نليوي" ڪري لکيو آهي.

مخدوم عبدالله نرئي واري جي باري ۾ رچرڊ برٽن لکي ٿو:

"مخدوم محمد هاشم (ٺٽويءَ) کان پوءِ بيو سنڌيءَ جو مشهور نثر نگار، مخدوم عبدالله ناڙيءَ وارو هو. هو پڇ جي پرسان ناڙيءَ(ڪڇ) ۾ تولد ٿيو هو ۽ ميندرن جي سنڌي قوم مان هو. هو اٽڪل ٽيهه سال ٺٽا ته سٽريءَ ۾ گذاري ويو. ڪڇ جو هندو راءِ سندس مريد هو ۽ کيس ساليانو وظيفو ڏيندو هو."(13)

رچرڊ برٽن جي انهيءَ مٿين بيان مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته مخدوم عبدالله ڪڇ پڇ ۾ "ناڙيءَ" جو وينل هو. "ناڙيءَ" مان سندس مراد "نرئي" آهي. پاڻ ذات جو ميندرو/مندرو هو. مخدوم عبدالله کي رچرڊ برٽن سنڌي زبان جو نثر نگار ڪري ڄاڻايو آهي. حالانڪ مخدوم صاحب جي ڪتابن ۾ استعمال ڪيل مواد نثر ۾ نه، بلڪ ان دؤر جي مروج ڏگهن نظمن – "الف اشباع" واري سٽاءَ ۾ ڪتب آندل آهي. انهيءَ نموني جي سنڌي شعر اڳتي هلي، سنڌي نثر وارو روپ اختيار ڪيو.

علامه غلام مصطفىٰ قاسمي ”ڪنزالعبرت“ جي ”مهاڳ“ ۾، هڪ هنڌ ڄاڻائي ٿو ته ڪيس شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي جي ڪتبخاني ۾ ٻارهين صدي هجريءَ جي عالمن جي فقهي تحريرن جو هڪ مجموعو نظر آيو، جنهن ۾ ڪن تحريرن تي مخدوم عبدالله جي تقريظ آيل آهي ۽ ان ۾ سندس نالي پوئتان ”نرائي“ لکيو ويو آهي.(14)

انهيءَ ڏس ۾، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب لکي ٿو ته مخدوم عبدالله پنهنجي هڪ مراسلي جي آخر ۾ پنهنجو نالو هن طرح سان لکيو آهي: ”مشتاق الخدمته محب العلماء فقير عبدالله ساکن بلده نليه في بلاد الکج.“(15) انهيءَ مان اهو صاف ظاهر ٿئي ٿو ته مخدوم عبدالله ”نرئي/ نريي“ جو ويٺل هو، جنهن کي فارسيءَ ۾ ”نليه“ ڪري لکيو ويو آهي. ان مان اسان جي هيڪاري تائيد ٿئي ٿي، ته مخدوم صاحب انهيءَ نسبت سان ”نرئي/ نريي وارو يا نليوي“ سڏجڻ ۾ اچي ٿو.

علامه غلام مصطفىٰ قاسميءَ جو قول آهي ته مخدوم عبدالله اصل ۾ بدين تعلقي جي ”ماندر“ ڳوٺ جو ويٺل هو ۽ ذات جو ”مندرو“ هو. (16) پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي صاحب پنهنجي ڪتاب”سنڌيون“ ۾ مخدوم عبدالله جي حياتيءَ جو جيڪو احوال ڏنو آهي، ان جي بيان جو سارو دارومدار علامه قاسمي صاحب جي تحقيق تي ٻڌل آهي. البت، ڊاڪٽر جوڻيجو صاحب ”ماندر“ جي باري ۾ اختلاف ڏيکاريندي لکي ٿو ته ان نالي سان ڪوبه ڳوٺ بدين تعلقي ۾ موجود نه آهي. باقي اهو ممڪن ٿي سگهي ٿو ته ”نرئي“ جو ڳوٺ ”ماندر“ جي علائقي ۾ هجي، جنهن ڏانهن علامه قاسمي صاحب اهڙو اشارو ڏنو آهي. (17) جيئن ته محترم عبدالجبار جوڻيجو صاحب پاڻ خود هن علائقي جو باشندو آهي، ان ڪري سندس راءِ وڌيڪ صحيح هوندي!

مخدوم عبدالله ابتدائي خواه ديني تعليم پرائڻ جي خيال سان ان وقت سنڌ جي علمي مرڪز ٺٽي ۾ اچي رهيو، جتي مخدوم صاحب ٺٽي جي وڏن عالمن کان تعليم حاصل ڪئي ۽ قرآن پاڪ پڻ حفظ ڪيو. مخدوم عبدالله جي تعليم حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ علامه غلام مصطفىٰ قاسمي صاحب لکي ٿو ته ، ”هن ٺٽي ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ وٽ ديني تعليم حاصل ڪئي.“ (18)

انهيءَ سلسلي ۾ فقير امداد علي سرائي لکي ٿو:
“مولوي عبدالله منڍرو، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو لاڏلو ۽ سڀ کان هوشيار ۽ ڀلارو شاگرد ۽ ولي ڪامل هو. فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ، پنهنجي اُستاد جي حڪم پٽاندر پنهنجي ڳوٺ نرئي ۾ اچي درس ۽ تدريس، ديني تبليغ ۽ اشاعت جو سلسلو جاري رکيائين.” (19)
ڊاڪٽر عبدالرسول قادري صاحب پنهنجي ڪتاب “مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: سوانح حيات ۽ علمي خدمتون” ۾ مخدوم عبدالله نرئي واري کي مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو شاگرد ڪري ڄاڻايو آهي. (20) قادري صاحب، مخدوم عبدالله جي صرف حياتيءَ جو احوالُ روايتي انداز ۾ ڏنو آهي ۽ اهو ثابت ڪونه ڪيو اٿس ته مخدوم عبدالله، مخدوم ٺٽويءَ وٽ ڪڏهن ۽ ڪهڙي وقت شاگرد ٿي رهيو!
مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ سن 1174هه/ 1761ع ۾ هن فاني جهان مان رحلت ڪئي. ان وقت، مخدوم عبدالله نرئي وارو (ولادت: 1150هه/ 1737ع) هڪ اندازي موجب 24 ورهين جي ڄمار جو هو. اسان جو گمان آهي ته مخدوم عبدالله، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي پيرسنيءَ جي ايام ۾ سندس صحبتي ۽ مجلسي ٿي رهيو هوندو ۽ مخدوم صاحب جي درس واري حلقي ۾ به شامل ٿيندو هوندو!
محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو قول آهي ته مخدوم ضياء الدين ٺٽوي(المتوفي:1171هه/ 1758ع) ۽ سندس فرزند مخدوم محمد صادق ٺٽوي پڻ مخدوم عبدالله نرئي واري جا اُستاد هئا.(21)
بهرحال، مخدوم عبدالله نرئي واري سنڌ جي وڏن جيد ۽ نامور عالمن کان تفسير، حديث ۽ فقه جي علمن ۾ درس حاصل ڪيو ۽ انهيءَ سلسلي ۾ هڪ وڏي عرصي تائين ٺٽي ۾ رهي، انهن مذڪور علمن ۾ وڏي مهارت حاصل ڪئي ۽ فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ، سندس شمار ان زماني جي وڏن مستند عالمن ۾ ٿيڻ لڳو. تعليم جي مشغلي کان فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِ، پاڻ پنهنجي ڳوٺ “نرئي” ۾ اچي ديني علمن جو مدرسو کوليائين، جتي درس ۽ تدريس سان گڏ دين جي تبليغ ۽ اشاعت جو سلسلو جاري ڪيائين. ان دؤر ۾، مخدوم عبدالله نرئي واري جي انهيءَ مدرسي جي وڏي شهرت هئي. هند خواه سنڌ جا ڪيترائي عالم سندس مسندِ درس تان مستفيض ٿيا.
مخدوم عبدالله، “نرئي” ۾ اچي رهڻ کان پوءِ، هتان جي عوام ۾ دين جي تبليغ لاءِ تمام گهڻي ڪوشش ورتي. ماڻهن کي بدعتي ۽ غلط

رسمن ڪان روڪڻ لاءِ سخت جدوجهد ڪيائين. اهو ئي ڪارڻ هو، جو اتان جا ماڻهو سندس خلاف ٿي پيا. انهيءَ اڻبڻت ڪري، پاڻ "نرئي" مان لڏي، ڪڇ جي هڪ ٻئي ڳوٺ "سُتري" (1) (تعلقي ابڙاسي) ۾ وڃي رهيو، جتي پاڻ پنهنجي حياتيءَ جي آخرين گهڙين تائين اتي رهيو.

مخدوم عبدالله نرئي واري جي علمي مقام بابت محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ رقم طراز آهي:

"مخدوم عبدالله پنهنجي دؤر جو هڪ وڏي پايي جو عالم هو ۽ ٺٽي جي عالمن وٽ سندس وڏي عزت هئي. مولانا محمد صادق ٺٽويءَ هڪ خط ۾ مخدوم عبدالله کي 'جامع اکمالات بديع السجايا' لکيو آهي. هڪ ٻئي خط ۾ کيس 'معدن الفضائل الجليه منبع الکمالات المعنويه الاخ في الله الشيخ عبدالله' ڪري تو لکي..... مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو فرزند، مخدوم عبدالرحمان کيس هن طرح مخاطب ٿئي ٿو: 'جناب الاخ في الله الذي هو بحر فاخر در ذاخر مقتدي العلماء مهتدي الفقراء مرجع الانام ماواي الخاص والعام سيدنا و مولانا و صنونا الشيخ عبدالله بن المرحوم محمد.' (22)

انهيءَ مان اهو اندازو آهي ته مخدوم عبدالله نرئي واري جي ان زماني ۾ ٺٽي خواه سنڌ جي ٻين نامور عالمن وٽ وڏي عزت ۽ احترام هو. کيس ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ سنڌ جي سونهن ۽ سهارو تصور ڪيو ويندو هو. مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ مخدوم عبدالله کي هڪ خط ۾ "نورچشم راحت جان ميان عبدالله" ڪري مخاطب ٿيو آهي. (23)

ازان سواءِ، ان زماني جي وڏي عارف ۽ صوفي بزرگ، خواجه محمد زمان لواري واري سان به مخدوم عبدالله جو نهايت ئي عزت، احترام ۽ ادب وارو رستو هو. مخدوم عبدالله ۽ مخدوم محمد زمان نقشبنديءَ جي به پاڻ ۾ خط و ڪتابت هئي. (24)

ٺٽي جي عالمن ۽ مخدوم عبدالله جي علمي ۽ تعليمي واسطيداريءَ ڪري ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ ۾ اسلامي تبليغ وڏو فروغ حاصل ڪيو. سنڌ جي حاڪم، ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي مفتي اعظم، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ ڪڇ جي راجا ڏانهن خط موڪليو ته مولانا عبدالله اسلامي علمن جو هڪ وڏو عالم ۽ جامع آهي، سندس هر طرح پارت هجي. (25)

مخدوم عبدالله جي وفات جي باري ۾ به ڪا صحيح معلومات ڪانه ٿي ملي. انهيءَ ڏس ۾، انگريز مصنف، رچرڊ برٽن پنهنجي ڪتاب "سنڌ ۽

سنڌو ماتريءَ ۾ وسندڙ قومون“ ۾ لکي ٿو ته مخدوم عبدالله اٽڪل ٽيهه ورهيه ڪن اڳ وفات ڪئي.(26) جيئن ته اهو ڪتاب سن 1851ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو، انهيءَ لحاظ کان اسان جي راءِ آهي ته مخدوم صاحب وڏيءَ ڄمار ۾ سن 1236ھه/1821ع ڌاري هن فاني جهان مان رحلت ڪئي هوندي. پاڻ “سُتري” ۾ مدفون آهي.

مخدوم عبدالله جي اولاد متعلق پڻ تصديق سان پوري معلومات ڪانه ٿي ملي. تحقيق ڪندي اهو معلوم ٿئي ٿو ته “منتخب الفوائد” جو مصنف، مولانا عبدالرحمان سندس فرزند هو. (27) مخدوم صاحب جي اولاد مان ڪي “سُتري” ڪڇ ۾ رهن ٿا، ڪي وري ڪراچيءَ جي قديم محلي، موسىٰ لين ۾ وڃي آباد ٿيا، جن ۾ ميان عبدالخالق ۽ ميان عبدالشڪور ۽ ٻيا آهن.(28)

مخدوم عبدالله نرئي وارو هڪ اعلىٰ ۽ ارفع شخصيت جو مالڪ هو. پاڻ هڪ عالي دماغ، باوقار ۽ وڏو مُتبحر عالم هو. علم تفسير، حديث ۽ فقه ۾ پنهنجي وقت جي وڏي بلند پايي جي عالمن مان هو. ڪلهوڙن جي دؤر ۾، ٺٽي ۽ سنڌ ۾ جيڪي ممتاز ۽ متبحر عالم هئا، تن ۾ سندس وڏو مقام هو. مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ کان پوءِ، مخدوم عبدالله نرئي وارو ئي هڪ عالم نظر اچي ٿو، جنهن عربي ۽ فارسيءَ کي پاسيرو رکي، وقت جي تقاضا موجب سنڌي زبان ۾ اسلامي علوم ۽ فنن تي نهايت ئي قيمتي ڪتاب لکيا. مخدوم صاحب جي شخصيت انهيءَ ڪري به نهايت ئي پرڪشش هئي، جو هن پنهنجي سموري حياتي درس ۽ تدريس سان گڏ، ديني علمن جي اشاعت جي سرگرميءَ ۾ پوري ڪئي. ان زماني ۾ سندس شهرت سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ ڦهليل هئي ۽ سنڌ جا اڪثر عالم سندس وڏي عزت ۽ احترام ڪندا هئا.

مخدوم عبدالله نرئي وارو فتوىٰ نويسيءَ جي فن ۾ به وڏي ڪمالات رکندڙ هو. پاڻ نهايت ئي پرهيزگار، عابد، زاهد، متقي ۽ حق پرست هو. شريعت جو سختيءَ سان پابند هو ۽ ٻين کي پڻ ان تي عمل ڪرڻ لاءِ سختيءَ سان تاڪيد ڪندو هو. پاڻ نهايت ئي صابرين طبيعت جو مالڪ هو. خانبهادر محمد صديق ميمڻ “سنڌ جي ادبي تاريخ” ۾ “قمر المنير” جي حوالي سان لکي ٿو ته مخدوم صاحب کي پنهنجن ويجهن عزيزن ڏاڍو ستايو هو، جنهن جو هن انهيءَ ڪتاب ۾ دلي اظهار پڻ ڪيو آهي. بهرحال، انهيءَ ڳالهه ۾ ڪوبه وڌاءُ نه آهي ته اُن زماني ۾

مخدوم صاحب جهڙو مدبر ۽ اعليٰ صلاحيتن وارو پيو ڪوبه عالم ڪونه هو. مخدوم صاحب پنهنجي غير معمولي عقل ۽ دانش، فهم ۽ فراست جا اهڙا ته گهرا نقوش ڇڏيا آهن، جي وقت گذرندي اڄ به يادگار جي حيثيت رکن ٿا.

**تصنيفات جو علمي جائزو:**

مخدوم عبدالله نرئي وارو علمي لحاظ کان وڏي بلند مرتبي وارو عالم هو. مخدوم صاحب عربي، فارسي ۽ سنڌي زبانن تي ڪامل عبور رکندڙ هو. جيتوڻيڪ پاڻ بنيادي طرح ڪڇ جي علائقي سان تعلق رکندڙ هو، پر کيس سنڌي زبان سان وڏو اُنس هو. مخدوم صاحب عربي ۽ فارسي زبانن جي بجاءِ، پنهنجو سمورو قلمي پورهيو سنڌي زبان ۾ ڪيو آهي. پاڻ عربي ۽ فارسي زبان سان گڏ اسلامي علمن، جهڙوڪ: تفسير، حديث ۽ فقه ۾ وڏي مهارت رکندڙ هو. پاڻ ڪلهوڙن جي دؤر جو هڪ وڏو صاحبِ تصنيف بزرگ ٿي گذريو آهي. مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ کان پوءِ، پاڻ هڪ وڏو عالم نظر اچي ٿو، جنهن اسلامي علوم جي هر فن تي سنڌي زبان ۾ نهايت ئي ناياب ڪتاب تصنيف ڪيا آهن.

مخدوم عبدالله پنهنجي سموري حياتي درس ۽ تدريس سان گڏ، تصنيف ۽ تاليف ۾ پوري ڪئي. مخدوم صاحب تعليم جي مشغلي کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ، پنهنجي زماني جي همعصر ٺٽوي عالمن ۽ بزرگن جي سنڌي تصنيفن ۽ تاليفن کان متاثر ٿي، پاڻ خود تصنيف ۽ تاليف جو ڪم شروع ڪيو. مخدوم صاحب پنهنجي دؤر جي مروج سنڌي ٻڳهن نظمن جي سٽاءَ موجب الف- اشباع واري سانچي ۾ مذهبي، علمي ۽ تواريخي ڪتاب تصنيف ڪيا. پاڻ جيئن ته ٺٽي ۾ تعليم حاصل ڪئي هئائين، انهيءَ ڪري اتان جي متقدمين بزرگن جي سنڌي تصنيفن ۽ تاليفن کان متاثر ٿي، انهيءَ مروج طريقي واري سٽاءَ ۽ صورت ۾ پنهنجا سڀئي ڪتاب جوڙيائين.

انهيءَ سلسلي ۾ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب لکي ٿو:

“مخدوم عبدالله جيڪي ڪتاب جوڙيا آهن، انهن مان گهڻا ته ڇپجي چڪا آهن، جي هن وقت ناپيد آهن ۽ ڪي اڃا تائين قلمي صورت ۾ آهن، جيئن خزينته الابرار وغيره. ڇاپي ۾ آيل ڪتابن مان هيٺيان مشهور آهن: ڪنزالعبرت،قمر المنير، بدر المنير، نورالابصار، خزينته اعظم، تفسير يوسف ۽ ٻيا.”(29)

ان ڪان سواءِ، مخدوم عبدالله نرئي واري جا ٻيا به ڪتاب آهن، جي قلمي صورت ۾ سنڌ جي وڏن خاندانن جي ذاتي ڪتبخانن ۾ موجود آهن ۽ ڪجهه وري سندس پونيرن وٽ پڻ محفوظ آهن. مخدوم صاحب جي انهن ڪتابن کي سنڌ اندر وڏيءَ عزت ۽ احترام جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو ۽ اڄ تائين انهن تصنيفن کي پڙهيو وڃي ٿو. سنڌ ۾ ڪچھ ۾ هر ڪنهن ديني مدرسي ۾ مخدوم صاحب جي انهن ڪتابن کي نصاب ۾ داخل ڪري پڙهايو ويندو هو.

مخدوم عبدالله جي ڪتابن جو جڏهن باريڪ بينيءَ سان مطالعو ڪجي ٿو ته اهو معلوم ٿئي ٿو، ته کيس قرآن پاڪ،حديث، فقه، سيرت ۽ تواريخ تي وڏو ڪامل عبور حاصل هو.اسلام ۽ ديني مسئلن تي پاڻ وڏي گهري نظر رکندڙ هو. متقدمين عالمن ۽ بزرگن جي تصنيفن ۽ تاليفن جي به کيس وڏي چاهه هئي ۽ انهن جي لکڻين کان به گهڻو متاثر هو. مخدوم صاحب پنهنجي ڪتابن ۾ قرآن پاڪ، حديث، فقه، تواريخ ۽ بزرگن جي قولن کي جاءِ بجاءِ ڪثرت سان استعمال ڪيو آهي. عربي ۽ فارسيءَ جي ڪيترن ئي وڏن مستند ڪتابن جا حوالا پڻ ڏنا آهن، جنهن مان سندس وسيع مطالعي ۽ تبحر علميءَ جو پتو پوي ٿو. ان سان گڏ، مخدوم صاحب سنڌ اندر ان وقت جي اسلامي معاشري ۾ پيدا ٿيل خرابين ۽ غلط رسمن، ريتن ۽ رواجن ۽ بدعتن وغيره جي خلاف به سخت لفظن ۾ رد قد ڏنو آهي ۽ ان جو صحيح نموني ۾ اصلاح ڪيو آهي. هتي سندس انهن تصنيفن جو مختصر علمي جائزو ڏجي ٿو:

**1. ڪنزالعبرت:**

هيءُ مخدوم عبدالله نرئي واري جو سڀ کان پهريون ڪتاب آهي. مخدوم صاحب جنهن وقت پنهنجو هيءُ ڪتاب لکيو، ان وقت ٺٽي جي مشهور عالم ۽ محدث،مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ(المتوفي: 1174هه/ 1761ع) کي هن فاني جهان مان رحلت ڪئي پورو هڪ ورهيه گذري چڪو هو. مخدوم عبدالله نرئي واري هيءُ ڪتاب 30- رمضان المبارڪ 1175هه/24- اپريل 1762ع تي لکي پورو ڪيو. ان وقت مخدوم صاحب ڀرپور جوانيءَ ۾ هو. تعليم جي مشغلي کان فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ، هيءَ سندس پهرئين تصنيف هئي. مخدوم صاحب جو هيءُ ڪتاب اسلامي تعليمات جي ڏس ۾ هڪ اهم ۽ جامع ڪتاب آهي، جنهن ۾ اسلامي عقيدن، عبادتن، اخلاقيات ۽ ٻين ڪيترن

ئي اهم ديني ۽ دنيوي مسئلن تي مفصل روشني وڌل آهي. هن ڪتاب جي اپياس مان اهو واضح ٿئي ٿو ته پراڻي زماني ۾، عالمن جا جيڪي به ديني ۽ مذهبي مسئلن تي ڪتاب لکيا ويا هئا، تن سڀني کي مخدوم صاحب پنهنجي اڏو رکي، هڪ نئين رنگ ۽ ڍنگ ۽ عام فهم سنڌي نظمي عبارت ۾ "ڪنزالعبرت" کي مرتب ڪيو، جو واقعي پنهنجي نالي جي نسبت سان "عبرت جو خزانو" آهي.

مخدوم عبدالله نرئي واري جو هيءُ ڪتاب ليٿو پريس جي رواج ۾ اچڻ کان پوءِ، انگريزن جي ابتدائي دؤر ۾ قاضي عبدالڪريم بن قاضي نورمحمد پـُلبندري، تاجر ڪتب، مطبع ڪريمي، بمبئيءَ مان سن 1340ھ/ 1921ع ۾ ٻن جلدن ۾ شايع ڪرايو. هيءُ ڪتاب ڊبل ڪرائون سائيز ۾ آهي ۽ ان جو پهريون جلد 274 ۽ ٻيو جلد 247 صفحن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو سن 1380ھ/ 1960ع ۾ مولانا محمد مدني مهاجر، ڪراچيءَ مان ڇپايو هو. هن ٻئي ڇاپي جي وڏي خصوصيت اها آهي، جو ان ۾ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جو "مهاڳ" لکيل آهي، جنهن ۾ مخدوم صاحب جي حياتيءَ جي باري ۾ نهايت قيمتي اهم اضافا ۽ وضاحتون ڪيون ويون آهن.

"ڪنزالعبرت" پنهنجي نالي جي اعتبار کان وڏو علم، نصيحت ۽ عبرت جو پنڊار آهي. مخدوم صاحب هن ڪتاب ۾ ايمان، عبادات، معاملات، اخلاقيات، سيرت پاڪ ۽ تواريخ جهڙن اهم موضوعن تي وڏي تحقيق ۽ کوجنا ڪري، نهايت ئي قيمتي ۽ بصيرت افروز مواد يڪجاءِ ڪري، هر ڪنهن مسئلي کي قران پاڪ ۽ حديث شريف جي روشنيءَ ۾ مثالن ۽ دليلن سان سمجهايو آهي. هن ڪتاب ۾ عقيدن جي سلسلي ۾ ايمان، ڪفر، عبادت، نماز، روزي، حج، زڪوات، نفلي صدقي وغيره جهڙين ڳالهين جي قرآن ۽ حديث جي مثالن سان سمجهاڻي ڏني وئي آهي. گلا، نسب تي فخر ڪرڻ، قتل، شرڪ، زنا، دنيا جو عشق، نامحرمات کي ڏسڻ، تڪبر ڪرڻ، وياج، پيرن ۽ قبرن جي پوڄا ڪرڻ، باسون باسڻ، ميلا ۽ عرس ملهائڻ، ساز سرود ۽ سماع کان منع ڪرڻ، عورتن جو قبرستان ۾ وڃڻ، ميت تي روئڻ وغيره جهڙين بدعتن، بد ريتن ۽ رسمن کي بند ڪرڻ لاءِ مخدوم صاحب سختيءَ سان تنبيهه ڪئي آهي. ساڳئي وقت، مومن کي الله تعالىٰ ۽ ان جي رسول صلي الله عليه وسلم جي محبت جو درس، پرهيزگاري، حلال جي روزي

ڪمائڻ، نڪاح، علم حاصل ڪرڻ ۽ الله جي راهه ۾ جهاد ڪرڻ جي هدايت ڪئي اٿس. موت، قبر، قيامت جي ڳالهين ۽ ڏيچارينڌڙ حالت کي به نروار ڪيو ويو آهي. نبين سڳورن جا قصا، غزوات، معراج، حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي سيرت ۽ خلفاءِ راشدين جي احوالن کي به بيان ڪيو ويو آهي. مخدوم صاحب حقوق العباد سان گڏ، امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جو پورو حق ادا ڪيو آهي.

"ڪنزالعبرت" جي ڇپيل ٻنهي جلدن جو جڏهن غور سان مطالعو ڪجي ٿو ته اهو ظاهر ٿئي ٿو، ته هن ڪتاب جي ڪن حصن کي نفس مضمون جي لحاظ کان، ناشرن الڳ الڳ ڪتابڙن جي صورت ۾ ڇپايو آهي. سنڌ جي عالمن ۽ تذڪره نگارن، هن ڪتاب جي انهن مذڪوره بابن کي هڪ جدا ڪتاب جي حيثيت ۾ شمار ڪيو آهي، جو ڪنهن به صورت ۾ درست نه آهي. انهن الڳ بابن کي وري ڪن ڇپيل مجموعن ۾ گڏ پڻ آندو ويو آهي، جن مان ڪن ۾ مخدوم صاحب جو نالو به ڪونهي. حقيقت ۾ اهي سڀئي "ڪنزالعبرت" جا ئي حصا آهن. اسان هتي اهڙن رسالن جي نشاندهي ڪريون ٿا:

1. "غزوات": ڪنزالعبرت، ج اول جي ٻاويهين باب جو سورهون فصل آهي.
2. "شجاعت سيدالانام" يا "شجاعت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم": ڪنزالعبرت، ج اول جي ٻاويهين باب جو سترهون فصل آهي
3. "قصو سيدنا امير عمر رضه جو اسلام آڻڻ": ڪنزالعبرت، ج اول جي ٻاويهين باب جو ارڙهون فصل آهي.
4. "وفات نامو" يا "رحلت رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي": ڪنزالعبرت، ج ٻئي جو ٻٽيهون باب آهي.
5. "شهادت امام حسين رضي الله عنه": ڪنزالعبرت، ج ٻئي جو چاليهون باب آهي.
6. "نصيحت نامو": ڪنزالعبرت، ج ٻئي جو ايڪيتاليهون باب آهي.

2. خزانته الابرار

مخدوم عبدالله نرئي واري هن ڪتاب ۾ نماز ۽ روزي جي مسئلن بابت فقهي ۽ شرعي لحاظ کان روشني وڌي آهي. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب هن ڪتاب جي باري ۾ لکي ٿو ته ان جو هڪ قلمي نسخو، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب کي سندس هڪ دوست

ڪچ مان گهرائي ڏنو هو.(30) انهيءَ ساڳئي ڪتاب جو هڪ ٻيو قلمي نسخو، مولانا محمد قاسم سومري صاحب جي ڪتبخاني، "قاسميه لائبريري" ڪنڊياري ۾ موجود آهي. راقم کي انهيءَ پوئين قلمي نسخي جي فوٽو ڪاپي عزيزم بشير احمد هيسباڻيءَ جي ذريعي حاصل ٿي. هن وقت، راقم جي سامهون اهو ئي قلمي نسخو موجود آهي.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ "خزانته الابرار" جي تصنيف ٿيڻ جو سال 1175هه/ 1762ع ڄاڻايو آهي، (31)(1) جو اصل ۾ مخدوم صاحب جي پهرئين تصنيف "ڪنزالعبرت" جي مڪمل ٿيڻ جو سال آهي. ان متعلق، "ڪنزالعبرت" واري ڪتاب جي احوال ۾ مڪمل روشني وڌي ويئي آهي. دراصل، مخدوم صاحب پنهنجو هيءُ ڪتابُ، "ڪنزالعبرت" جي تصنيف ڪرڻ کان اٽڪل چار ورهيه پوءِ لکيو هو. مخدوم صاحب، "خزانته الابرار" جي آخر ۾ ان جي تصنيف ڪرڻ جي تاريخ 9- محرم الحرام 1179هه/28- جون 1765ع ڄاڻائي آهي.

مخدوم عبدالله نرئي وارو خود ان باري ۾ چوي ٿو:

"تحقيق جڏهن نسخو ناقص جو هِيُ ٿيو تمام،
'خزانته الابرار' سنڌي رکيم تَهِم جو نانءُ،
هجرت کي حضرت جي هئا اِڪاره سا ۽ اوڻاسي ورهن گذريا،
هجرت کي حضرت جي، جو مڙني مَهدارا،
نوءِ تاريخ سا هُئي پڻ سنڌي محرم ماه،
ڏينهن اربع جو هُئو وقت نماز ضحيٰ."(32)

هن قلمي نسخي جي آخر ۾ ڪاتب پنهنجو نالو، تاريخ ۽ سن فارسي زبان ۾ هن طرح ڄاڻايو آهي:

"تمام شد کتاب مستطاب خزانته الابرار سندي از دست عثمان فقير بتاريخ هشتم ماه ربيع الاول سن 1255هه."(33)

انهيءَ مٿئين عبارت مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته عثمان فقير نالي ڪاتب، اهو ڪتاب 8- ربيع الاول 1255هه/22- مئي 1839ع تي ڪتابت ڪري مڪمل ڪيو. هيءُ قلمي نسخو، مخدوم عبدالله نرئي واري جي ڄاڻايل تصنيف واري سال کان اٽڪل 57 ورهيه پوءِ، اصل ڪتاب تان نقل ٿيو. ڪاتب ضرور ڪنهن مستند ۽ معتبر قلمي نسخي تان پنهنجو اهو نسخو تيار ڪيو هوندو! هيءُ سمورو قلمي نسخو 425 صفحن تي پکڙيل

آهي. وڏي تختيءَ تي "عربي – سنڌي" خط نسخ ۾ ڪتابت ڪيل آهي ۽ هرهڪ صفحي تي 11 سٽون آهن.
هن ڪتاب ۾ ٻه باب آهن. پهرئين باب ۾ 52 فصل ۽ ٻئي باب ۾ 9 فصل ڏنا ويا آهن. باب پهرئين ۾ نماز جي مسئلن تي روشني وڌي ويئي آهي ۽ ٻئي باب ۾ روزن جي متعلق مسئلن جو ذڪر آهي. هن نسخي جي منڍ ۾ ڪتاب جي اندر جيڪو به مواد آيل آهي، ڪاتب ان جو تفصيل فارسيءَ ۾ ڏنو آهي. مخدوم صاحب، هن ڪتاب ۾ نماز ۽ روزن جي متعلق شرعي مسئلا گڏ ڪيا آهن. دراصل، هن ڪتاب جي ان زماني ۾ تاليف ڪرڻ جي ضرورت ان ڪري پيش آئي، جو بقول مخدوم صاحب جي ته ان وقت عام ماڻهو نماز ۽ روزي جي بابت شرعي مسئلن جي باري ۾ مختلف نمونن ۾ تمام گهڻا سوال پڇندا هئا ۽ انهن جي شرعي حيثيت جي وضاحت به دريافت ڪندا هئا. انهيءَ ضرورت کي محسوس ڪندي، مخدوم صاحب هيءُ ڪتاب تاليف ڪيو، هن ڪتاب ۾ صرف مسئلن جي اجمالي صورت بيان ڪيل آهي. مخدوم عبدالله نرئي واري ان جي وڏيڪ تشريح لاءِ "نـُور الابصارُ" نالي هڪ الڳ ڪتاب تحرير ڪيو، جنهن ۾ "خزانته الابرار" ۾ آيل فقهي مسئلن جي باقاعدي پوريءَ طرح شرح بيان ڪئي ويئي آهي. ان ڪتاب جو پڻ هن کان پوءِ بيان ايندو. "خزانته الابرار" فقهي ۽ شرعي مسئلن تي هڪ وڏي بلند پايي جو ڪتاب آهي. هيءُ ڪتاب اڃا شايع ٿي نه سگهيو آهي، حالانڪه هن ڪتاب تي لکيل شرح "نـُور الابصارُ" جي نالي سان ڇپجي چڪي آهي. هيءُ ڪتاب ان زماني ۾ مروج سنڌي نظم جي صورت ۾ منظوم ٿيل آهي. مخدوم صاحب هن ڪتاب کي وڏيءَ محنت ۽ نهايت خبرداريءَ سان لکيو آهي. مخدوم صاحب ان قديم دؤر جي وڏن مشهور ۽ مستند عالمن، مفسرن، محدثن ۽ فقيهن جي ڪتابن جا هر مسئلي جي بحث دوران حوالا ڏنا آهن ۽ ڪيترن فقهي مسئلن جي تصحيح به ڪئي آهي. بهرحال، هيءُ ڪتاب هر لحاظ کان عام ماڻهن، شاگردن ۽ مدرسن جي پڙهائيندڙ عالمن لاءِ هڪ قابل قدر رهنما واري حيثيت رکي ٿو. هن ڪتاب جي اڀياس مان مخدوم صاحب جي وسيع مطالعي، ڄاڻ ۽ انهيءَ فن تي ڪامل دسترس هئڻ جو واضح ثبوت ملي ٿو.
3. بدرالمـُنير

مخدوم عبدالله نرئي واري هن ڪتاب ۾ حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي مدح، ثنا ۽ صفت بيان ڪئي آهي. ان سان گڏ، اسلامي تعليمات جي متعلق پڻ ڪيترين ئي اهم ڳالهين جو ذڪر ڪيو آهي. مخدوم صاحب، "بدرالمنير" ۾ قيامت جو برپا ٿيڻ ۽ ان جون علامتون ۽ نشانيون وضاحت سان بيان ڪيون آهن. هن ڪتاب جي اٺين باب ۾ امام اعظم جي مناقبن جو بيان پڻ ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ هن ڪتاب جي قلمي خواه ڇاپي نسخي جو ڪوبه ذڪر نه ڪيو آهي. ڊاڪٽر صاحب هن ڪتاب جي متعلق صرف ايترو لکي ٿو ته هن ڪتاب جو هڪ قلمي نسخو تيرهين صدي هجريءَ جو لکيل آهي، جيڪو عثمان شيخ پرڪيي پوٺي (لاڙ) جو ڪتابت ڪيل آهي.(34)(1)

مخدوم عبدالله نرئي واري جي هن ڪتاب جو ليٿو ۾ ڇپيل نسخو راقم جي سامهون آهي، دراصل، هيءُ ڪتاب "مطبع فتح الڪريم"، بمبئيءَ مان 7- جمادي الاول 1302 هه/22- فيبروري 1885ع تي ڇپجي پڌرو ٿيو. هن ڪتاب جي ڪتابت، ميان گل محمد بن حاجي محمد مقيم نورنگزادي جي ڪيل آهي. هيءُ سمورو ڪتاب ڊيمي سائيز ۾ 246 صفحن تي ڦهليل آهي.

مخدوم عبدالله نرئي وارو ڪتاب "بدر المنير" جي تصنيف ٿيڻ بابت چوي ٿو:

"تيلانه شروع ڪيوسون شوال جي پنرهي تاريخا،
سين امداد توفيق الله جي نسخو سنڌيءَ واءَ،
سن ا ڪاره سَئا ۽ چوراسيءَ ۾ بعد هجرتا،
تيئن 'بدر المنير' سندس رکيوسون اسما."(35)

مخدوم عبدالله جي انهيءَ مٿئين عبارت مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته پاڻ هيءُ ڪتاب 15- شوال المڪرم 1184هه/ 1 - فيبروري 1771ع تي لکڻ شروع ڪيائين. مخدوم صاحب ان دؤر جي رواج مطابق، ڪتاب جي آخر ۾ ان جي تڪميل جي تاريخ يا سن وغيره نه ڄاڻايو آهي.

مخدوم صاحب هن ڪتاب جي منڍ ۾ حمد ۽ ثنا کان پوءِ، حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي مدح ۽ صفت بيان ڪئي آهي. ان

ڪان پوءِ قيامت جو تفصيلي ذڪر ڪيو ويو آهي. مخدوم صاحب خود هن ڪتاب جي مواد جي باري ۾ لکي ٿو:

“هن حقير جي مَنَ ۾ اچي اهو خيال پيدا ٿيو ته هڪ اهڙو ننڍڙو ڪتاب جوڙجي، جنهن ۾ قيامت جو عبرت انگيز احوال هجي ۽ قيامت جي اچڻ جون نشانيون پڻ ان ۾ بيان ٿيل هجن، جن جو بين ڪتابن ۾ ذڪر اچي ٿو، ته جيئن ماڻهو ان کي پڙهي گناهن کان توبهه ڪن ۽ الله تعالىٰ جي سڌي راهه وٺن. ڇاڪاڻ ته هن دور ۾ هيءَ طرح، اڪثر ماڻهو موت ۽ قيامت کي وساري ويٺا آهن ۽ دُنيوي حرص ۽ هوس ۾ ڦاٿل آهن.”(36)

باب پهريون - قيامت جو ذڪر

باب ٻيو - قيامت جي اچڻ جون نشانيون

بابت ٽيون - هجرت کان پوءِ ظاهر ٿيندڙ واقعن ۽ حادثن جو بيان

بابت چوٿون - امام مهدي رضي الله عنه جي اچڻ جو ذڪر

باب پنجون - امام مهدي رضي الله عنه جي اچڻ کان پوءِ رونما ٿيندڙ واقعن جو احوال

بابت ڇهون - قيامت جي اچڻ جو مفصل احوال

باب ستون - قيامت کان اڳ ۾ حضرت عيسىٰ عليه السلام جو نزول

باب اٺون - امام اعظم جي مناقبن جو احوال

مخدوم عبدالله انهن مٿين اٺن بابن ۾ آندل سمورو احوالُ، نهايت خبرداريءَ ۽ وڏيءَ ذهانت سان ان دؤر جي مُـروج منظوم سنڌيءَ ۾ لکي پورو ڪيو آهي. هر هڪ باب ۾ آندل مضمون کي هر لحاظ کان مستند ۽ معتبر ثابت ڪرڻ لاءِ جاءِ بجاءِ قرآن مجيد، حديث شريف، اصحابن سڳورن جي قولن ۽ بزرگن جي روايتن جا حوالا ڏنا ويا آهن. ازان سواءِ، اسلام جي چئن ئي فقهي امامن، عالمن، محدثن، مفسرن ۽ مؤرخن جا پڻ ڪيترين ئي جاين تي ٽيڪا طور انهن جا حوالا ڏيئي، هر واقعي کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ويئي آهي. هن ڪتاب ۾ ڪيترين ئي روايتن ۽ واقعن جي ڇنڊڇاڻ پڻ ڪئي ويئي آهي، جيڪي عام ماڻهن ۾ غلط رنگ ۾ مروج آهي.

مخدوم عبدالله جو هيءُ ڪتاب منظوم سنڌيءَ ۾ مذهبي ۽ ديني ادب ۾ پنهنجيءَ نوعيت جو هڪ انوکو ڪتاب آهي. هيءُ ڪتاب تواريخ ۽ تذڪره نويسيءَ جو هڪ بهترين مثال آهي. اسلامي تواريخ جا اهي واقعا ۽ حادثا، فرقا ۽ فتنا بيان ڪيا ويا آهن، جي حضور نبي ڪريم

قـــادر ڪَـــــرِ قبـــول ســـو مِـهَـــــر ســـين مـــولٰي."(37)

مخدوم صاحب، هن ڪتاب جي لکجي پوري ٿيڻ جي باري ۾، آخر ۾ هـن طرح لکي ٿو:
"تحقيـــق جڏهـــن 'نـُــورالابصارُ' جـــو هـــيُ نســـخو ٿئِـــو تمامـــا، جـــو 'خزانتـــه الابـــرار' مٿـــي آهـــي شـــرح ســـنڌيَ واءَ، پـــڻ ا ڪاره ســَـــئو ۽ ٽيـــانوي هـُـــؤا وَرِهَ گـُـــذرئا، حضـــرت جـِــيَ هجـــرت پـُــڄاڻان، جـــو خـَــتمُ الانبيـــاء، پـــڻ هـُــئي جمـــادي الثـــاني ســَـــندِي تـِئِـــي تاريخـــا، ڏينهـــن پـــڻ جمعـــي جـــو هـُـــئو وچ ظهـــر ۽ عصـــرا."(38)

"نـُـورالابصار" جو پهريون ڇاپو، سن 1300هه/1883ع ۾ قاضي ميان فتح محمد ولد قاضي ميان نور محمد، نور الدين ولد جـِيوا خـان جـي شراڪت سان بمبئيءَ جـي "حيـدري پريـس" مـان ڇپـائي پڌرو ڪيـو. ڪتاب جي شايع ٿيڻ متعلق، آخر ۾ هن ريت لکيل آهي:
"ڪتـــاب نـُــور الابصـــارُ، هٿـــان فقيـــر عبدالصـــمد مخـــدوم نورنـــگ پـــوٽي جـــي، ســـاڻ همـــت ۽ ســـعيي جنـــاب فضـــيلت مـــاب قاضـــي ميـــان فتـــح محمـــد ولـــد قاضـــي ميـــان نـــور محمـــد صـــاحب، ســـاڻ شـــراڪت نورالـــدين بـــن جيـــوا خـــان جـــي، منجهـــه مطبـــع حيـــدري بمـــبئي جـــي ڇـــاپيئو. تاريـــخ 3 - رمضـــان ســـن 1300هـــه" (39)

هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو، سن 1316هه/ 1899ع ۾ مولوي محمد صـديق ۽ جمناداس جي "مطبع حسني"، بمبئيءَ مان شايع ٿيو.(40)
هن ڪتاب ۾ ٻه باب آهـن، هـڪ نمـازن بـابت ۽ ٻيـو روزن جـي بـاري ۾. منجهس انهن نمازن ۽ روزن جو بيان آهي، جي فرض، واجب، سـُـنت ۽ مستحبِ آهن. انهيءَ ڪان سواءِ، انهـن نمـازن ۽ روزن جـو پڻ ذ ڪر ڪيو ويو آهي، جي ڪنهن خاص جـائز ۽ نيـڪ مقصدن لاءِ بزرگـن جـي طرفان بيان ٿيل آهن. اهڙيءَ طرح، مخدوم صاحب هن ڪتاب ۾ فرض

نمازن ۽ روزن کان سواءِ، ٻين نمازن ۽ روزن بابت شرعي مسئلن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري، انهن تي مفصل روشني وڌي آهي. دراصل، مخدوم صاحب هيءُ ڪتاب پنهنجي تصنيف ”خزانته الابرار“ جي شرح ۾ لکيو آهي.

”نُورالابصار“ ان دؤر جي مروج سنڌي نظم جي صورت ۽ سٽاءَ ۾ لکيل آهي. مخدوم صاحب، جيئن ته هيءُ ڪتاب ”خزانته الابرار“ جي شرح جي سلسلي ۾ لکيو آهي، ان ڪري هن ڪتاب کي سمجهڻ لاءِ تمام گهڻيءَ تحقيق ۽ کوجنا کان پوءِ، عام فهم سنڌي زبان ۾ تيار ڪيو ويو آهي. نماز ۽ روزي جي تمام مسئلن کي فقهي نُڪتي جي لحاظ کان سمجهايو ويو آهي ۽ ڪيترين ئي جاين تي تصحيح پڻ ڪئي ويئي آهي، جي شرعي ۽ فقهي لحاظ کان معتبر ۽ مستند نه هئا. ڪتاب ۾ ڪيترن ئي دقيق ۽ منجهيل فقهي مسئلن جي پڻ وڏي بحث ۽ مباحثي کان پوءِ، مناسب نموني ۾ تطبيق ڪئي ويئي آهي. ڪتاب ۾ آيل مواد کي وڏن عالمن، مفسرن، محدثن ۽ بزرگن جي مستند ڪتابن جي حوالن جي روشنيءَ ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. ”نُورالابصار“، سنڌي ٻوليءَ ۾ فقهي لحاظ کان هڪ وڏو قيمتي ۽ املهه ڪتاب آهي.

5. تفسير احسن القصص:

”تفسير احسن القصص“، قرآن مجيد جي تيرهين پاري جي سوره ”يوسف“ جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ۽ تفسير آهي. مخدوم عبدالله نرئي واري جي هن تفسير جو مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي ”تفسير هاشميءَ“ کان پوءِ، ان دؤر جي مروج سنڌيءَ صورتخطيءَ ۾ قديم تفسيرن ۾ شمار ٿئي ٿو. مخدوم صاحب، هيءُ تفسير پنهنجي ڪتاب ”ڪنزالعبرت“ (تاليف: 1175هه/ 1762ع) جي تصنيف ٿيڻ کان 21 ورهيه بعد ۾ سن 1196هه/ 1782ع ۾ لکيو.

”تفسير احسن القصص“ جي متعلق، سنڌ جي اڪثر عالمن ۽ اديبن صرف روايتن جي آڌار تي ان ڳالهه کي پئي ورجايو آهي ته ڪلهوڙن جي دؤر ۾ سنڌ جي هڪ وڏي عالم ۽ مفسر، مخدوم عبدالله نرئي واري سوره ”يوسف“ جو سنڌيءَ ۾ مڪمل ترجمو ۽ تفسير جوڙيو هو. پر انهيءَ تفسير جي اصل نسخي تائين سنڌ جي ڪنهن به عالم ۽ اديب جي رسائي ڪانه ٿي سگهي هئي. خانبهادر محمد صديق ميمڻ، ”سنڌ جي ادبي تاريخ“ ۾ مخدوم صاحب جي انهيءَ تفسير ڏانهن ڌيان ڇڪايو

هو.(41) ان کان اڳ ۾، رچرڊ برٽن “سنڌ ۽ سنڌو ماتريءَ ۾ وسندڙ قومون” ۾ پڻ انهيءَ تفسير جي نشاندهي ڪئي هئي. (42) اهڙيءَ طرح، “مؤرخ سنڌ” سيد حسام الدين راشديءَ (43) ۽ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي (44) پڻ پنهنجي لکيتن ۾ انهيءَ تفسير کي “قصص الانبياء” ڪري ڄاڻايو آهي. انهيءَ ڏس ۾. پروفيسر عبدالرزاق گهانگهرو “قرآن مجيد جا سنڌي ترجما ۽ تفسير” ۾ لکي ٿو:

“انهيءَ جو ڪارڻ اهو ٿي سگهي ٿو ته انهن مٿين عالمن، سورهِ يوسف جي انهيءَ تفسير جي اصل نسخي کي ڏٺو ئي ڪونه هو ۽ صرف روايتن جي بنياد تي انهيءَ تفسير جي نالي جي نشاندهي ڪئي آهي.” (45)

راقم کي انهيءَ ڪتاب جو اهو ناياب قلمي نسخو،”ساهتي” پرڳڻي جي ڪنڊياري شهر جي پيرزاده خاندان جي بزرگ، ميان محمد حسن صديقي قريشي، متولي درگاهه شيخ احمد(1) جي خانداني ڪتبخاني مان دستياب ٿيو.هيءُ سمورو قلمي نسخو 490 صفحن تي مشتمل آهي. هيءُ قلمي نسخو مڪمل صورت ۾ آهي. وقت گذرندي، ڪن جاين تي جيتن جي کاڌ ڪري ٽُڪيل آهي، پر ان هوندي به پڙهڻ جي لائق آهي. مخدوم صاحب پنهنجي دؤر جي رواج مطابق، هن ڪتاب جي آخر ۾ تفسير جي تيار ڪرڻ ۽ مڪمل ڪرڻ جي تاريخ ۽ سن پڻ ڄاڻايو آهي. ان بابت مخدوم صاحب لکي ٿو:

“تحقيق شروع ڪِئوسون هيُ نُسخو سين اعانت الله،
ڪارَهِيَ ماه رمضان جِيَ ڏينهن اربعا،
منجهه تفسير سُورَ يوسف جي طريق اِيجازا،

تاپي اِنَهِم ماه ۾ تِئو تماما،
اِ ڳيَ وِچِينءَ وِچَم ۾ خميس جي ڏينها،
تِن هُئي چِيَهِم ماهَ سا سَندِي رمضانا،
سَنُ پڻ سُنهارو سو هُئو بعد هجرتا،
ڪارَهَ سا چهانُويَهُم وَرهَ ته وقتا،
تاپي نالو ’احسن القصص‘ رکيو اُتِسِ ڪ ڻي اِسما،
قادر سا قبول ڪري خاطِيءَ خذمتا.”(46)

مخدوم عبدالله جي انهيءَ متئين عبارت مان اهو صاف ظاهر ٿئي ٿو ته پاڻ اهو تفسير 11- رمضان المبارڪ 1196هه/20- آگسٽ 1782ع تي لکڻ شروع ڪيائين ۽ ٻن هفتن جي ٿورڙي عرصي ۾ 26- رمضان المبارڪ 1196هه/ 4- سيپٽمبر 1782ع تي ان کي جوڙي مڪمل ڪيائين. ڊاڪٽر عبدالرزاق گهانگهري صاحب کان انهيءَ تفسير جي اها اصل عبارت پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ غلطي سرزد ٿي آهي. ڊاڪٽر گهانگهري صاحب جي انهيءَ غلطيءَ طرف ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب پڻ ڌيان ڇڪايو آهي.(47)

تفسير "احسن القصص" جا مخدوم عبدالله جي زماني ۾ يا ڪانئس پوءِ، مختلف وقتن تي ان نسخي جا ڪاتبن نقل پئي ڪيا آهن، جي اڄ تائين سنڌ جي ڪيترن ئي ڪتبخانن ۾ ملن ٿا. راقم وٽ جيڪو قلمي نسخو موجود آهي، اهو اصل نسخي تان 38 ورهيه کن پوءِ نقل ٿيو. هن قلمي نسخي جي آخر ۾ ڪاتب پنهنجو نالو، سن ۽ تاريخ هن طرح سان ڄاڻايو آهي:

"ڪاتب الفقير حقير پُرتقصير اضعف عبادالله ورئه(وريو)ڪتابي ولد علو ساڪنه دره (دڙو) بتاريخ نوءِ ماه ذوالحج سن باره سو چوتيه وره، مالڪ حاجي عبدالله."(48)

"تفسير احسن القصص"، قرآن مجيد جي سورهِ "يوسف" جو سنڌيءَ ۾ منظوم ترجمو ۽ تفسير آهي. الله تبارڪ و تعالىٰ ي، قرآن پاڪ ۾ هن قصي کي "احسن القصص" ڪري سڏيو آهي. انهيءَ حوالي سان مخدوم صاحب خود پنهنجيءَ انهيءَ تصنيف کي اهو نالو ڏنو آهي. دراصل، اهو نالو هن سورهِ ۾ آيل واقعن ۽ احوالن جي نسبت سان وڏيڪ ٺهڪندڙ آهي. انهيءَ نالي مان ئي انهيءَ سورهِ ۾ بيان ڪيل سموري مواد طرف ڌيان ڇڪجي وڃي ٿو. هن تفسير ۾ حضرت يوسف عليه السلام ۽ سندس والد، حضرت يعقوب عليه السلام جي ڏکوئيندڙ واقعن جو احوال بيان ڪيل آهي.

مخدوم عبدالله هن تفسير جي شروع ۾ سورهِ "يوسف" جي نازل ٿيڻ جو شان ۽ ان جو پس منظر بيان ڪيو آهي. انهيءَ زماني ۾ مڪي شريف ۾ نضر بن حارث نالي هڪ شخص، جو اسلام جو وڏو دشمن هو، هُو اڪثر مڪي شريف کان ٻاهر شام ۽ ٻين ملڪن ڏانهن سفر

ڪندو هو ۽ اتان جا قصا ۽ ڪهاڻيون ٻُڌي اچي مڪي وارن کي ٻڌائيندو هو. هڪ دفعي مڪي وارن حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کان اهو سوال ڪيو ته حضرت يعقوب عليه السلام جو اولاد شام کان مصر ڪيئن ويو؟ ان جي جواب ۾، الله تعالیٰ ”سورهِ يوسف“ کي نازل فرمايو. مخدوم صاحب، انهيءَ سورهِ جي شان نزول جي سلسلي ۾ انهن سڀني روايتن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري،انهيءَ تي عالمانه بحث ڪيو آهي. ان کان سواءِ، ”حروف مقطعات“ جي باري ۾ پڻ ان جي معنیٰ ۽ مطلب کي سهڻي انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. مخدوم صاحب جي هن تفسير جي سڀ کان وڏي خوبي اها آهي، جو پاڻ پهريائين هر هڪ آيت جو ترجمو ڏيئي، ان کان پوءِ ان جو تفسير بيان ڪيو اٿائين.مخدوم صاحب، تفسير بيان ڪندي، ڪيترن ئي مستند ۽ معتبر تفسيرن ۽ عالمن جي ڪتابن ۽ قولن کي حوالي طور استعمال ڪيو آهي، ۽ هن تفسير کي هر لحاظ کان معياري بنائڻ ۾ وڏي جاکوڙ ڪئي آهي. سنڌي زبان جي قديم تفسيرن مان هيءُ هڪ نهايت بلند پايي جو تفسير آهي.

مخدوم عبدالله نرئي وارو ڪلهوڙن جي دؤر جو هڪ وڏو بلند مرتبي جو عالم هو. هن پنهنجا مذهبي ۽ ديني ڪتاب اڪثر ڪري ”سنڌي زبان“ ۾ تصنيف ۽ تاليف ڪيا آهن. ”تفسير احسن القصص“ قرآن پاڪ جي سورهِ ”يوسف“ جو منظوم سنڌي ترجمو ۽ تفسير آهي. مخدوم صاحب، هيءُ تفسير ان دؤر جي مروج سنڌي ٻگهي نظم جي سٽاءَ، يعني الف - اشباع واريءَ سٽاءَ ۾ جوڙي تيار ڪيو. هيءُ تفسير اڃا تائين قلمي صورت ۾ آهي.(1)

### 6. قمر المـُـنير:

هن ڪتاب ۾ مخدوم عبدالله نرئي واري حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي سيرت پاڪ ۽ سندن معجزن کي بيان ڪيو آهي. دراصل، هيءُ ڪتاب عربي ٻوليءَ ۾ لکيل ”شرح سراج المنير“ جو سنڌي ترجمو آهي. ”شرح سراج المـُـنير“ ، حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي پاڪ زندگيءَ بابت هڪ معتبر تواريخ ۽ مستند سيرت جو ڪتاب آهي. انهيءَ ڪتاب کي مخدوم صاحب سنڌي ٻوليءَ جو ويس ڍَڪايو آهي. مخدوم صاحب، ان ڪتاب جو نالو ”قمر المنير“، يعني: ”روشن چنڊ“ رکيو آهي. مخدوم صاحب جي هن ڪتاب جو ڏهن اپياس ڪجي ٿو ته ان جي تصنيف ڪرڻ جو اصل سبب پڻ

ظاهر ٿئي ٿو. خانبهادر محمد صديق ميمڻ ، هن ڪتاب جي تصنيف ڪرڻ جو اصل ڪارڻ ڄاڻائيندي لکي ٿو:
“مخدوم صاحب کي جڏهن پنهنجن ڪن پيارن عزيزن ۽ دل گهرين دوستن جي ڇالاڻن ڪري ۽ عزيزن خويشن جي اڻبڻت ۽ عداوتن سببان تمام غمگين ۽ ملول گذارڻ لڳو، تڏهن پنهنجي دل جي آرام ڏي لاءِ ’قمر المنيرِ‘ ڪتاب لکيائين.” (49)
هن وقت انهيءَ ڪتاب جو ليٿو پريس ۾ ڇپيل نسخو اسان جي سامهون آهي، جنهن مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته هيءُ ڪتاب قاضي ميان ابراهيم ولد قاضي ميان نور محمد پلبندريءَ، حاجي عبدالصمد ولد حاجي محمد مقيم نورنگ پوٽي ڪان ڪتابت ڪرائي، 14- ربيع الثاني 1291هه/31- مئي 1874ع تي “مطبع معموره”، بمبئيءَ مان شايع ڪرايو.
مخدوم عبدالله هڪ سچو عاشقِ رسول هو ۽ حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي محبت ۾ سرشار هو. مخدوم صاحب چوي ٿو ته حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کان اڳ ۾ جيڪي به خدا جا نبي سڀ ورا آيا، تن ۾ جيڪي به خوبيون ۽ خصوصيتون هيون، اهي سموريون پاڻ سڀ ورن صلي الله عليه وسلم جن جي ذات پاڪ ۾ سمايل هيون. ان طرح، پاڻ سڀ ورن صلي الله عليه وسلم جن جا جيڪي به معجزا هئا، تن کي هن ڪتاب ۾ نهايت ئي مؤثر لفطن ۾ بيان ڪيو ويو آهي. ان سان گڏ، پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي نُور، اسم مبارڪ، ڪُنيت، لقب، والد، والده، حرمن، ڇاڇن ۽ رحلت جو به ذڪر ڪيو اٿس ۽ ان زماني جي حالتن کي پڻ مفصل نموني ۾ پيش ڪيو ويو آهي.
مخدوم صاحب هيءُ ڪتاب پنهنجي دؤر جي سنڌي عالمن جي ناهيل ڪتابن جي طرز تي هڪ نرالي انداز ۾ جوڙيو آهي. هن ڪتاب ۾ ڪم آندل نظم منفرد رنگ ۽ ڍنگ جو آهي. ان ۾ مٺاج ۽ رَسُ سمايل آهي. هن ڪتاب جو نظم ان ڪري به نراليءَ نوعيت جو آهي، جو ان ۾ مخدوم صاحب پهرئين بند ۾،”آن” قافيو شروع ڪيو آهي، ته آخر تائين ان طريقي سان نڀائيو آهي. واقعي نگاريءَ واري جُزي کي مخدوم صاحب نهايت ئي سهڻي نموني ۾ پيش ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ تشبيهون، ڪنايا، استعارا ۽ تمثيلون مناسب هنڌن تي سُهڻي نموني ۾

استعمال ڪيل آهن. مخدوم صاحب هن ڪتاب ۾ “لاڙي - سنڌي” لهجو استعمال ڪيو آهي.

7. مڪي جي فتح

مخدوم عبدالله نرئي وارو پنهنجي زماني جو هڪ وڏو جيد عالم ۽ بلند مرتبي وارو فاضل ٿي گذريو آهي. پاڻ ڪلهوڙن جي دؤر جو مصنف ۽ مؤلف هو. هن انهيءَ زماني جي مروج سنڌيءَ، يعني الف- اشباع واري نظم جي صورت ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو قول آهي ته مخدوم صاحب، حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي سيرت پاڪ تي پڻ هڪ ڪتاب منظوم ڪيو هو، جنهن ۾ سيرت پاڪ جو تفصيل سان ذڪر ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر صاحب، انهيءَ ڪتاب کي سنڌي زبان جو پهريون سيرت جو ڪتاب سڏيو آهي. (50) ڊاڪٽر صاحب کان سواءِ، سنڌ جي ٻئي ڪنهن به عالم انهيءَ ڪتاب جي باري ۾ ڪوبه ذڪر نه ڪيو آهي. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي وڌيڪ لکي ٿو ته هيءُ ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي مشهور عربي ڪتاب “بذل القوۃ في حوادث سني النبوۃ(1) جو نچوڙ آهي.مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو اهو عربي ڪتاب پڻ سنڌ ۾ سيرت پاڪ جي سلسلي جو پهريون ڪتاب آهي، جنهن کي مخدوم عبدالله پنهنجي لکيل سيرت جي ڪتاب جو بنياد بڻايو آهي.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ انهيءَ ڪتاب جو وڌيڪ تفصيلي احوال نه ڏنو آهي. ان ڪتاب مان صرف “مڪي جي فتح” وارو حصو ڏنو اٿس، جنهن مان هن ڪتاب جي اصليت جي باري ۾ ڪابه خبر ڪانه ٿي پوي، ته اهو ڪتاب ڪيترن حصن، بابن يا فصلن تي مشتمل آهي. ازان سواءِ، اهو به نه ٻڌايو اٿس ته هيءُ ڪتاب ڪڏهن ۽ ڪهڙي سن ۾ لکيو ويو ۽ کيس انهيءَ ڪتاب جو قلمي نسخو ڪهڙي ذريعي سان هٿ لڳو!

“مڪي جي فتح” جو مڪمل متن، ٽماهي “مهراڻ” حيدرآباد سنڌ جي “سيرت نمبر” 1980ع ۾ ڏنو ويو آهي. ڊاڪٽر صاحب متن سان گڏ، ان جو موجوده نثر ۾ خلاصو ۽ آخر ۾ ضروري وضاحتون به ڏنيون آهن. مخدوم صاحب، هن ڪتاب کي وڌيڪ معتبر بنائڻ لاءِ ڪيترن ئي ڪتابن جا حوالا محققانه انداز ۾ آندا آهن، جن هن ڪتاب کي وڌيڪ اهميت ۽ افاديت وارو بڻايو آهي.

**8. سَڱ نامو:**

“سَڳ نامو”، دراصل ڇهن ڪتابن جو هڪ مجموعو آهي، جنهن ۾ پنج ٻيا رسالا به شامل آهن، جهڙوڪ: ايمان مجمل ۽ مفصل، نڪاح جي ترتيب، نڪاح جو خطبو، ميت جو وقت وارڻ ۽ ميت جو ورثو ترڪو. انهن رسالن مان “ميت جي وقت وارڻ” وارو رسالو مولوي عبدالرزاق نالي هڪ بزرگ جو لکيل آهي. هن مجموعي ۾ آيل “سَڳ نامو”، مخدوم عبدالله نرئي واري جو تاليف ٿيل آهي، جو ص 14 کان ص 60 تائين ڦهليل آهي. مخدوم صاحب هيءُ ڪتاب ڪڏهن ۽ ڪهڙي سن ۾ جوڙيو، اهو ان ۾ ڪونه ڄاڻايو اٿس. هن مجموعي کي قاضي عبدالڪريم ولد قاضي نور محمد پلبندريءَ سن 1336هه/ 1918ع ۾ “مطبع ڪريمي”، بمبئيءَ مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

مخدوم عبدالله “سڳ نامي” ۾، اهم ۽ مکيه فقهي مسئلن کي ڪتاب جو موضوع بڻايو آهي. هن ننڍڙي رسالي ۾ محرمات، رضاعي ڀاءُ ڀيڻ، طلاق ۽ ان جي الڳ الڳ نمونن متعلق مسئلا چُونڊي جمع ڪيا ويا آهن. مخدوم صاحب هن رسالي جي شروع ۾، مواد جي باري ۾ پنهنجي بيان ڪيل تمهيد ۾ ان جو ذڪر ڪيو آهي. محرمات جي باري ۾ 81 عورتن کي نروار ڪيو ويو آهي، جن سان شريعت جي روشنيءَ ۾ نڪاح ڪرڻ حرام آهي. رضاعي ڀاءُ ۽ ڀيڻ، يعني ٿڃ شريڪ به محرمات ۾ شامل آهن، ۽ انهن جو نڪاح ڪرڻ بلڪل جائز نه آهي. اصول يا فروع مان ڪنهن مرد جا ڪنهن عورت سان ناجائز تعلقات آهن، ته ان تي مخدوم صاحب روشني وڌي آهي. ڇئن کان وڌيڪ عورتن سان نڪاح ڪرڻ واري مسئلي تي به مخدوم صاحب نهايت ئي عالمانه انداز ۾ بحث ڪيو آهي. ڪنيزن، يعني ٻانهين بابت به ڄاڻ ڏني اٿس. قسم ڪڻ ۽ ان جي قِسمن بابت پڻ ڪتاب ۾ معلومات ڏني ويئي آهي.

“سڳ نامو”، سنڌي ٻوليءَ جي فقهي ادب ۾ وڏو بلند مقام رکي ٿو. سنڌي زبان ۾ انهيءَ نوعيت جو ٻيو ڪوبه ڪتاب نه لکيو ويو آهي. مخدوم صاحب جي انهيءَ ڪتاب کي جيڪڏهن موجوده سنڌي نثر ۾ آندو وڃي، ته اهو سنڌ جي ديني مدرسن ۾ استادن ۽ طالبن لاءِ مفيد ثابت ٿيندو. مخدوم صاحب هن ڪتاب ۾ جيڪو سنڌي نظم استعمال ڪيو آهي، ان ۾ شيريني ۽ فصاحت گهڻي سمايل آهي.

**9. صفت بهشت:**

مخدوم عبدالله نرئي واري “صفت بهشت” جي نالي سان پڻ سنڌي زبان ۾ هڪ منظوم ڪتاب تصنيف ڪيو آهي. هن ڪتاب جي باري ۾ سنڌ

جي ڪنهن به عالم ۽ تذڪره نگار ڪوبه مفصل احوال بيان نه ڪيو آهي. راقم کي انهيءَ ڪتاب جا ٻه قلمي نسخا شڪسته حالت ۾، سنڌ جي قديم شهر روهڙيءَ جي معزز موسوي خاندان جي هڪ وڏي عالم ۽ تعليمي ماهر، سيد عطا حسين موسويءَ جي ڪتبخاني مان سندس لائق ۽ فائق پوٽي، انجنيئر سيد عبدالحسين موسويءَ جي ذريعي دستياب ٿيا آهن. هن وقت اهي ٻئي قلمي نسخا منهنجي سامهون آهن. اهي ٻئي قلمي نسخا تيرهين صدي هجريءَ جي آخر ۽ چوڏهين صدي هجريءَ جي شروعات جا معلوم ٿين ٿا. راقم انهن ٻنهي قلمي نسخن تي پنهنجي طرفان نمبر 1 ۽ 2 لڳايا آهن، ته جيئن انهن کي پڙهندڙن جي اڳيان سولائيءَ سان نروار ڪري سگهجي. انهن مان قلمي نسخو نمبر-1 اُٺونجاهه باب کان شروع ٿئي ٿو. هيءُ نسخو وڏيءَ تختيءَ تي لکيل آهي. هر هڪ صفحي تي 15 سٽون آهن ۽ "عربي – سنڌي" خط نسخ ۾ ڪتابت ٿيل آهي. خط سُهڻو ۽ صاف ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هيءُ نسخو 134 صفحن تي مشتمل آهي. ڪاتب، هن نسخي کي ڪنهن قديم نسخي تان نقل ڪري، اهائي ساڳئي سنڌي صورتخطي قائم رکي آهي. هن نسخي جي آخر ۾،ڪاتب پنهنجو نالو، سن ۽ تاريخ وغيره نه ڏنا آهن.

قلمي نسخو نمبر 2 چوونجاهه باب کان شروع ٿئي ٿو. هيءُ نسخو ڊبل ڪرائون سائيز ۾ آهي ۽ 270 صفحن تي ڦهليل آهي. هر هڪ صفحي تي سٽن جو تعداد هڪ جهڙو نه آهي، ڪٿي 9 تي ڪٿي 11 ۽ 12 سٽون ڏنل آهن. انهيءَ قلمي نسخي جي پهرئين ورق تي ڪاٻي طرف "ڪتاب تحفته العام" لکيل آهي، جو ڪاتب جو لکيل معلوم ٿئي ٿو. هيءُ قلمي نسخو محمد صديق نالي هڪ ڪاتب 1304هه/1886ع ۾ ڪنهن قديم قلمي نسخي تان نقل ڪيو آهي. اکر صاف ۽ پڙهڻ جي لائق آهن. هن نسخي سان اُڏوهيءَ چڱي خاصي جُٺ ڪئي آهي ۽ صفحن جا صفحا ڪاٽل نظر اچن ٿا. هن نسخي جي آخر ۾ ڪاتب پنهنجو نالو ۽ سن هن ريت ڄاڻايو آهي:

"بقلم محمد صديق مسڪين احقر، تاريخ 23- ربيع الاول 1304هه"

انهن ٻنهي نسخن جي پُڄاڻي هڪ جهڙي آهي، ۽ انهن جو جڏهن غور سان اڀياس ڪجي ٿو ته اهو معلوم ٿئي ٿو ته هيءُ اصل ۾ هڪ مڪمل ڪتاب آهي، جو مخدوم صاحب جي ڪنهن ٻئي وڏي ڪتاب تان ورتو

ويو آهي. جهڙيءَ طرح، "ڪنزالعبرت" تان پوئين دور جي بزرگن ان جا جدا جدا حصا ڪري، ڪتابچن جي صورت ۾ آندا آهن.
مخدوم عبدالله هن ڪتاب ۾ بهشت جو ذڪر بيان ڪيو آهي. مؤمن جيڪي پنهنجن نيڪ عملن جي ڪري بهشت ۾ داخل ٿيندا ۽ انهن تي الله تعالٰي جي طرفان جيڪي رحمتون ۽ نعمتون نازل ٿينديون، تن جو بيان ڪيو ويو آهي. بهشتي مؤمنن جون وصفون ۽ بهشت وارن کي جيڪا خوشي ۽ آسودگي حاصل ٿيندي، ان جو پڻ مخدوم صاحب تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. مخدوم صاحب هن ڪتاب ۾ جيڪي ڳالهيون آنديون آهن، تن کي قرآن مجيد ۽ حديث شريف جي روشنيءَ ۾ مثالن سان عالمانه انداز ۾ سمجهايو آهي. ان سان گڏ، حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي نُور، شفاعت ۽ ٻين ڪيترين ڳالهين کي سهڻي نموني ۾ بيان ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب جي وڏي خوبي اها آهي ته مصنف جاءِ بجاءِ قرآن شريف جون آيتون ۽ حديث شريف جي عبارتن جا اصل ٽُڪرا سَنَدَ طور ڪتب آندا آهن. حديثن بيان ڪرڻ وقت، حديث جي ڪتابن جا نالا ۽ ٻين ڪيترن معتبر ۽ مشهور ڪتابن جا نالا پڻ حوالي طور ڏنا ويا آهن، جهڙوڪ: تفسير بيضاوي، تفسير معالم التنزيل، تفسير بحرالمواج، تفسير مدارڪ، تفسير امام بقالي، مبدالعالم، مفاتيح الجنان، فتوٰي زينيه، مجمع الجوامع، شرح نقايته الاثر، غنيته الطالبين، احياءُ العلوم، تنبيه الغافلين، سفرالسعادت ۽ ابوالليث جو ڪتاب بُستان وغيره.
ازان سواءِ، مخدوم صاحب پنهنجي هن ڪتاب ۾ ڪيترن ئي اصحابن سڳورن، عالمن، بزرگن، محدثن ۽ فقيهن جا قول ۽ روايتون پڻ هر هنڌ بيان ڪيون آهن، مثلاً: حضرت عبدالله بن عباس، حضرت جابر بن عبدالله، حضرت ابوهريره، حضرت سعد بن جبير، حضرت ابوخذري، حضرت عبدالله بن مسعود، حضرت عبدالله بن عمر، حضرت امام غزالي، حضرت ڪعب، حضرت عبدالله بن سلام، امام بيهقي ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي وغيره.
مخدوم عبدالله، "صفت بهشت" (1) ۾ نظم جو اهو ساڳيو ئي الف-اشباع جي سٽاءَ وارو نمونو استعمال ۾ آندو آهي. هيءُ ڪتاب منظوم سنڌيءَ ۾ مواد جي لحاظ کان پنهنجيءَ نوعيت جو بهترين ۽ معياري ڪتاب آهي. ڪتاب جي آخر ۾، مخدوم صاحب پنهنجن ٻين ڪتابن وانگر ساڳئي نموني ۾ پنهنجو نالو پڻ استعمال ۾ آندو آهي.

**10. خزانــه اعظم:**

مخدوم عبدالله نرئي واري جـي اڻ ڇپيـل سـنڌي ڪتـابن مـان "خزانـه اعظم"هڪ وڏو ضـخيم ڪتـاب آهـي. علامـه غلام مصـطفىٰ قاسـمي صاحب جو قول آهي ته هيءُ ڪتاب اٺن جلدن ۾ قلمي صـورت ۾ سـنڌ جي مشهور ۽ معروف ڪتبخاني ، پير جهنڊي ۾ موجـود هـو. پيـر جهنڊي وارن جو اهو سمورو ڪتبخانو، ڪراچيءَ جي قومي عجائب گهـر وارن خريد ڪيو. اهڙيءَ طرح، اهو ڪتاب هن وقت قومي عجائب گهـر جـي قلمي ڪتابن جي سيڪشـن ۾ رکيـل آهـي. (51) هيـءُ مڪمـل نسـخو آهي، جو نهـايت سـهڻي ۽ بهـترين خـط ۾ ڪتـابت ڪيـل آهـي. انهيـءَ ڪتاب جـو پهريـون جلـد، ڪـاتب عبدالسـلام بـن عبـدالله بـن مخـدوم عبدالرحمان تاريخ 25- ربيع الثـاني 1266هـه/10- مـارچ 1850ع تـي ڪتابت ڪري مڪمل ڪيو. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب انهيءَ ڪتاب جي پهرئين جلد تان مواد ڪڍي، ان کي جديـد نـثر ۾ آنـدو آهـي، جــو "خزانــه اعظــم" جــي نــالي ســان 1994ع ۾ مهــراڻ اڪيڊمــي، شڪارپور سنڌ طرفان ڇپجي پڌرو ٿيو.

مخدوم عبدالله هن ڪتاب ۾ اسلامي تعليمات جي هرڪنهن عنوان تـي نهايت ئي عالمانه انداز ۾ قرآن مجيد ۽ حديث شريف جـي روشـنيءَ ۾ چاڻ ڏني آهي. ان سان گڏ، عبادتن جو مقصد ۽ ان جي طريقن تـي بـه مفصل روشني وڌي ويئي آهي. اسلامي قانون ۽ فقهـي مسـئلن سـان گڏ، دنيوي معاملن بابت ذڪر بيان ڪيو ويـو آهـي. انسـاني معاشـري ۾ جيڪي چ ڳـايون ۽ خرابيـون آهــن، انهــن جــي اســلامي لحـاظ کـان سمجهاڻي ڏني ويئي آهي. "خزانته اعظم" جي اهميت ۽ افاديت جي باري ۾ علامه غلام مصطفىٰ قاسمي صاحب جو قول آهي تـه مخـدوم عبدالله نرئي واري جو هيءُ ڪتابُ، امام غزاليءَ جـي مشـهور ڪتـاب "احياءِ علوم الدين" جي هم پلئه آهي.(52)

مخدوم عبدالله نـرئي واري سـنڌي زبـان ۾ تصـنيف ۽ تـاليف جـو تمـام گهڻو ڪم ڪيو آهي. دراصل، مخدوم صاحب جي انهن ڪتابن جو سـنڌ جي ڪنهن به عالم مفصل نموني ۾ مطالعو نه ڪيو آهي. اهوئي ڪارڻ آهـي، جـو مخـدوم صـاحب جـي ڪتـابن ۾ آيـل ڪيـتريون ڳالهيون ۽ وضاحتون سامهون اچي نه سگهيون آهن. تازو، مخـدوم صـاحب جـي ڪتاب "بـدرالمنير" جـو مطـالعو ڪنـدي، هـڪ نهـايت ئي اهـم نـُڪتو سامهون آيو آهي. مخدوم صاحب پنهنجي انهيءَ ڪتـاب ۾ چاڻائي تـو

ته پاڻ ”ڪنزالعبرت“ جي شرح ۾ ”خزانه اعظم“ تصنيف ڪيو اٿائين. دراصل، مواد جي لحاظ کان ”ڪنزالعبرت“، مخدوم صاحب جو هڪ بهترين ۽ عمدو ڪتاب آهي.
راقم جي آڏو اصل ڪتاب ”خزانه اعظم“ جو ڪوبه نسخو موجود ڪونهي. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ هن ڪتاب جي هڪ حصي جو نثري انتخاب ڪيو آهي، جنهن جي روشنيءَ ۾ ”خزانه اعظم“ جي مواد متعلق ڪجهه چئي سگهجي ٿو. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي انهيءَ نثري انتخاب ۾ ”خزانه اعظم“ جي هڪ جلد جي نَوَن بابن کي منظوم سنڌيءَ مان موجوده رائج نثر ۾ آندو آهي. مخدوم صاحب هن ڪتاب ۾ قرآن مجيد جون آيتون ۽ حديث شريف جي اصل عبارتن جا ٽُڪرا پنهنجي بيان ڪيل مسئلن جي پراءَ ۾ شاهديءَ طور استعمال ڪيا آهن. مخدوم صاحب، انهيءَ ڏس ۾، حديث جي ڪتابن، تفسيرن ۽ ٻين ڪيترن ئي علمي ڪتابن جا نالا حوالي طور ڏنا آهن. ساڳئي وقت، مخدوم صاحب ڪيترن ئي صحابه ڪرام، عالمن، بزرگن، محدثن ۽ فقيهن جا نالا ۽ انهن جون معتبر روايتون ۽ قول پڻ بيان ڪيا آهن.(54)
بهرحال، مخدوم عبدالله پنهنجي هن شاهڪار ۾ وڏيءَ محنت ۽ ذهانت جو مظاهرو ڪيو آهي. هن ڪتاب جي علمي اهميت، افاديت ۽ محققانه انداز مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته مخدوم صاحب پاڻ ڪيتري قدر وڏي بـُلند پايي جو عالم هو! هيءُ ڪتاب سنڌي زبان جيديني ۽ مذهبي ادب جو هڪ وڏو عظيم شاهڪار آهي، ۽ هن وقت تائين ان معيار جهڙو ٻيو ڪوبه ڪتاب تصنيف يا تاليف نه ڪيو ويو آهي.

## 11. جامع الڪلام في منافع الانام:

مخدوم عبدالله نرئي واري ۽ ٺٽي جي عالمن درميان علمي ۽ تعليمي لحاظ کان ڳانڍاپو هو ۽ سندن درميان خط و ڪتابت جو سلسلو پڻ جاري هو. مخدوم صاحب جي سنڌ ۽ ٺٽي وارن عالمن سان انهيءَ خط و ڪتابت جي ذريعي قيمتي معلومات ملي ٿي. مخدوم صاحب 2- ربيع الاول 1203هه/ 1- ڊسمبر 1788ع تي انهن خطن کي هڪ ڪتاب ”جامع الڪلام في منافع الانام“ جي نالي سان ترتيب ڏنو.
مخدوم صاحب هن مجموعي ۾ ٺٽي شهر جي وڏن عالمن، جهڙوڪ: مخدوم ضياء الدين، مخدوم محمد هاشم، مخدوم نجم الدين، مخدوم عبدالصمد ۽ وقت جي ٻين ڪيترن ئي ناميارن بزرگن جا خط ڏنا آهن، جن سان سندس وڏي عقيدت ۽ محبت هئي ۽ انهن وٽ به سندس لاءِ

ڏي عزت ۽ احترام هو. انهيءَ مذڪور مجموعي ۾ خواجه محمد زمان لواري واري، مخدوم ضياءُ الدين جي پُٽن، هر هڪ مخدوم محمد صادق ۽ مخدوم نعمت الله ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي فرزندن، مخدوم عبدالرحمان ۽ مخدوم عبداللطيف جا به خط آهن. هن مجموعي ۾ 32 عربيءَ ۾ ۽ 60 فارسيءَ ۾ لکيل خط شامل آهن.(55)
هيءُ مجموعو نهايت ئي قيمتي آهي. انهن خطن جي مطالعي مان اُن دؤر جي علمي ۽ مذهبي رجحانن ۽ فڪرن جي ڄاڻ ملي ٿي. ساڳئي وقت، ٺٽي ڪان سواءِ، سنڌ جي ٻين عالمن جو به احوال ملي ٿو."ساهتي" پر ڳڻي جي عالم، مخدوم قاضي عبدالڪريم بن عبدالمالڪ نوشهرائيءَ جو به نالو ملي ٿو، جنهن سان مخدوم عبدالله جي خط و ڪتابت جو رستو هو. بهرحال، هن مجموعي مان مخدوم عبدالله نرئي واري جو ان زماني ۾ علميت جي ساک جو پتو پوي ٿو.

**11. مصباح الظلام في ائمته الانام:**

مخدوم عبدالله نرئي واري جي هن ڪتاب جي نشاندهي سنڌ جي مشهور عالم ۽ محقق، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب ڪئي آهي. مخدوم صاحب جو هيءُ ڪتاب تاريخ جي موضوع تي لکيل آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب انهيءَ ڪتاب جي قلمي نسخي جو پير جهنڊي جي ڪتبخاني ۾ معائنو ڪيو هو. (56) هن ڪتاب جي باري ۾ ٻي ڪابه معلومات ڪانه ٿي ملي.


حوالا

(1) ميمڻ محمد صديق، خانبهادر: "سنڌ جي ادبي تاريخ" - جلد پهريون، آر.ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد سنڌ، ڇاپو نائون 1967ع، ص 92

(2) برٽن رچرڊ. ايف : "سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون"،مترجم: محمد حنيف صديقي، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1971ع، ص 79

(3) ايضاً، ص 80

(4) ڏسو حوالو نمبر (1)، ص 91 ۽ 92

(5) مير علي شير “قانع” ٺٽوي:”تحفته الڪرام” (سنڌي)، مترجم: مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1957ع، ص 559 ۽ 560
(6) ڏسو حوالو نمبر (1)، ص 91
(7) هاشمي عبدالقدوس: “تقويم تاريخي” (اردو)، اداره تحقيقات اسلامي، اسلام آباد، ڇاپو پهريو 1987ع، ص 277
(8) ڏسو حوالو نمبر(5)، ص 560 ۽ 561
(9) مير علي شير “قانع” ٺٽوي: “مقالات الشعراءِ” (فارسي)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1957ع، ص 396
(10) بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر:”مداحون ۽ مناجاتون”، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1959ع، ص 59
(11) مخدوم عبدالله نرئي وارو: “ڪنزالعبرت”، مطبوعه ايجوڪيشنل پريس، ڪراچي سنڌ، 1380ھه/1960ع. ڏسو: علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جو لکيل “مهاڳ”. علامه قاسمي صاحب جو اهو مهاڳ، ٽماهي “مهراڻ”، حيدرآباد سنڌ جي سال 1988ع جي ٽئين پرچي ۾ پڻ شايع ٿيو.
(12) ڏسو حوالو نمبر(10)
(13) ڏسو حوالو نمبر (2)، ص 80
(14) ڏسو حوالو نمبر (11)
(15) بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر: “رهاڻ هيرن ڪاڻ” - جلد ڇهون، “مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور سنڌ، 2005ع، ص 59
(16) ڏسو حوالو نمبر (11)
(17) جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر:”سنڌيون”، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو سنڌ، 1970ع، ص 72 ۽ 73
(18) ڏسو حوالو نمبر (11)
(19) سرائي امداد علي، فقير: “قدم ڪاپڙين جا”، ادارو اشاعت رسالو شاهه عبداللطيف ڪاڇيلو ننگر، حيدرآباد سنڌ، 1987ع، ص 130
(20) قادري عبدالرسول، ڊاڪٽر:”مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: سوانح حيات ۽ علمي خدمتون”، مفتي اعظم سنڌ اڪيڊمي، ڪراچي سنڌ، 2002ع، ص 84 ۽ 85
(21) ڏسو حوالو نمبر (15)، ص 57

(22) ايضاً، ص 58
(23) ايضاً، ص 57
(24) ايضاً، ص 58
(25) ايضاً، ص 64
(26) ڏسو حوالو نمبر (2)
(27) قاضي يار محمد، ڊاڪٽر: "سنڌي ٻوليءَ ۾ فقهي ادب جو ارتقا" (قلمي سنڌي)، پي ايچ.ڊي لاءِ پيش ڪيل تحقيقي مقالو، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو سنڌ، ص 304
(28) ڏسو حوالو نمبر (11)
(29) ايضاً
(30) مخدوم عبدالله نرئي وارو: "خزانه اعظم"، مرتب: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، مهراڻ اڪيڊمي ، شڪارپور سنڌ، 1994ع، ڏسو "مقدمو"، ص 28
(31) ايضاً
(32) مخدوم عبدالله نرئي وارو: "خزانته الابرار"(قلمي عڪسي) ، مملوڪه: ساهتي لائبريري، نواب شاهه سنڌ، ص 423 ۽ 424
(33) ايضاً، ص 425
(34) ڏسو حوالو نمبر (30)، ص 18
(35) مخدوم عبدالله نرئي وارو: "بدرالمـُنير"، مطبع فتح الڪريم، بمبئي، 1302هه/ 1885ع، ص 4
(36) ايضاً
(37) مخدوم عبدالله نرئي وارو: "نـُورالابصارُ" ، مطبع حيدري، بمبئي، 1300هه/ 1883ع، ص 7 ۽ 8
(38) ايضاً، ص 539 ۽ 540
(39) ايضاً، ص 541
(40) "امداد" حسيني:"سنڌ جي ديني ادب جو ڪئٽالاگ"، انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو سنڌ، 1971ع، ص 17
(41) ڏسو حوالو نمبر (1) ص 94
(42) ڏسو حوالو نمبر (2) ص 80
(43) راشدي حسام الدين ، سيد:"سنڌي ادب" (سنڌي)، مترجم: غلام محمد لاکو، گرامي پبليڪيشن، دولت پور صفن سنڌ، 1981ع، ص 108

(44) ڏسو حوالو نمبر (17) ص 74
(45) گهانگهرو عبدالرزاق، ڊاڪٽر: "قرآن مجيد جا سنڌي ترجما ۽ تفسير" (قلمي سنڌي)، پي ايچ.ڊي لاءِ پيش ڪيل تحقيقي مقالو، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو سنڌ، 1990ع، ص 221
(46) مخدوم عبدالله نرئي وارو:"تفسير احسن القصص" (قلمي سنڌي) 1234هه/ 1819ع، ص 489
(47) ڏسو حوالو نمبر (30)، ص 30
(48) ڏسو حوالو نمبر (46)، ص 490
(49) ڏسو حوالو نمبر (1)، ص 100
(50) مخدوم عبدالله نرئي وارو: "مڪي جي فتح"، مرتب: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڏسو ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد سنڌ- "سيرت نمبر"، نمبر 3 - 4 ، سال 1980ع، ص 248
(51) قاسمي غلام مصطفیٰ علامه:"مقالات قاسمي"، نفيس پرنٽنگ پريس، حيدرآباد سنڌ، 2000ع، ص 171
(52) ايضاً
(53) ڏسو حوالو نمبر (35)، ص 87
(54) ڏسو حوالو نمبر (30)، ص 36 کان 44
(55) ڏسو حوالو نمبر (15)، ص 56
(56) ايضاً

(اڻ ڇپيل)

---

(1) خبر نه آهي ته خانبهادر محمد صديق ميمڻ پنهنجي ڪتاب"سنڌ جي ادبي تاريخ" (ص 92) ۾ ڪهڙيءَ آڌار تي مخدوم عبدالله واعظ جي ڪتابن جو ذڪر ڪيو آهي. ممڪن آهي ته مخدوم عبدالله نرئي واري جا مخدوم عبدالله واعظ ڏانهن منسوب ٿيل ڪي ڪتاب سندس نگاه مان گذريا هجن. مير علي شير "قانع" ٺٽوي ۽ علامه غلام مصطفیٰ قاسميءَ جي قول موجب ته مخدوم عبدالله واعظ جو ڪوبه ڪتاب لکيل نه آهي.
(1) مرحوم محمد سومار شيخ پڻ پنهنجي ڪتاب"ڪڇين جا قول" (ص 43 - 142) ۾ خانبهادر محمد صديق ميمڻ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب وارو ساڳيو احوال ورجايو آهي.
(2) مخدوم عبدالله نرئي واري جي متعلق، ڊاڪٽر غلام محمد لاکو سندس جنم جو امڪاني سال 1145هه/ 1732ع ڄاڻائي ٿو.(ڏسو"تفسيرآيت الڪرسي"، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، ڄام شورو سنڌ، 1990ع، ص 62) دراصل، "تفسير آيت الڪرسي"

واري تصنيف مخدوم عبدالله نرئي واري جي نه آهي، بلڪ هيءُ تفسير ٺٽي جي عالم، مخدوم ميان محمد بن مخدوم عبدالخالق ٺٽويءَ جو جوڙيل آهي.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جي خيال موجب ته مخدوم صاحب 1140هه/ 1727ع يا ان کان ٿورو اڳ چائو هوندو!(ڏسو"خزانه اعظم"، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور سنڌ، 1994ع، ص 17)

(1) "ستري" ڳوٺ، "نرئي" کان ست کوهه اوپرندي طرف واقع آهي. "ستريءَ" کي علامه قاسمي صاحب "سسري" ڪري لکيو آهي.

(1) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ پاڻ خود شايد مخدوم عبدالله نرئي واري جي انهيءَ ڪتاب "خزانته الابرار" جو مطالعو نه ڪيو آهي، ڇا ڪاڻ ته هن انهيءَ ڪتاب جي تصنيف ٿيڻ واري سن ۽ مواد جي باري ۾ ڪابه ڄاڻ نه ڏني آهي.

(1) اسان جو گمان آهي ته ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب ڪتاب "بدرالمنير" جي باري ۾ جيڪو رايو قائم ڪيو آهي، اهو صرف ٻڌ سڌ جي بنياد تي ٻڌل آهي. جيڪڏهن ڊاڪٽر صاحب جي نظر مان اهو ڪتاب گذري ها، ته پاڻ هوند انهيءَ طرح سان ڪوبه رايو قائم نه ڪري ها!

(1) درگاهه شيخ احمد جي حالات لاءِ ڏسو، راقم جو پي ايڇ. ڊيءَ لاءِ تيار ڪيل تحقيقي مقالو – "ساهتي پرڳڻي جا قديم علمي مرڪز" (قلمي سنڌي)، 1985ع

(1) "تفسير آيت الڪرسيءَ" جي هڪ قديم قلمي نسخي کي سنڌ يونيورسٽيءَ جي پروفيسر ڊاڪٽر غلام محمد لاکي مرتب ڪري، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، ڄام شوري طرفان سن 1990ع ۾ "تفسير آيت الڪرسي: قديم سنڌي تصنيف" جي نالي سان ڇپائي پڌرو ڪيو. فاضل مرتب، هن ڪتاب کي مخدوم عبدالله نرئي واري جي تصنيف قرار ڏيئي، سندس حياتيءَ جي مختصر احوال سان ڇپايو هو. حالانڪه هيءُ تفسير، مخدوم عبدالله نرئي واري جي تصنيف نه آهي، بلڪ اهو تفسير اصل ۾ خليفي ميان محمد ٺٽويءَ جو جوڙيل آهي. خليفي صاحب، ان دؤر جي مصنفن جي رواج موجب،"تفسير آيت الڪرسيءَ" جي آخر ۾ پنهنجو نالو پڻ استعمال ڪيو آهي، جو هن ريت آهي:

پڻ "محمد"کي مِهرَ پئي دُعا گُهرَنِ ڏَڻيا... الخ

انهيءَ ڏس ۾، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ سن 1994ع ۾ مخدوم عبدالله نرئي واري جي مرتب ڪيل ڪتاب "خزانه اعظم" (ص 32 ۽ 33) ۾ تنقيد ڪئي هئي، "تفسير آيت الڪرسي" واري ڪتاب کي مخدوم عبدالله نرئي واري ڏانهن منسوب ڪيل روايت کي غلط ٺهرايو هو. "تفسير آيت الڪرسي" جي ڇپجڻ کان پوءِ، جلد ئي مرتب پنهنجي غلطيءَ کي تسليم ڪندي، ان متعلق ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد سنڌ ۾ سال 1995ع جي 4 پرچي ۾، "خليفي ميان محمد ٺٽويءَ جي هڪ وڏي تصنيف" جي عنوان سان مقالو لکي شايع ڪرايو، جنهن ۾ ان تفسير کي مخدوم عبدالله نرئي واري جي بجاءِ خليفي ميان محمد ٺٽويءَ جي تصنيف درست قرار ڏنو. "خليفي ميان محمد ٺٽويءَ" متعلق، تفصيل لاءِ ڏسو راقم جو مقالو، ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد سنڌ، نمبر 3-4 سال 1994ع.

(1) تازو پروفيسر اسرار احمد علويءَ انهيءَ ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي، جو “سيرت هاشميءَ” جي نالي سان مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور سنڌ طرفان 2003ع ۾ شايع ٿيو آهي.

(1) ڪن عالمن ۽ اديبن، هن ڪتاب جو نالو”هفت بهشت” ڪري ڄاڻايو آهي.

# مير لطف الله عرف مير متارو

## ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

ڪلهوڙن جي دؤر حڪومت ۾، ڪيترائي سياسي مدبر، اڪابر، سپهه سالار، وزير ۽ سفير ٿي گذريا آهن، جن جي حياتيءَ جو مفصل احوال اڃا تائين گمناميءَ جي ڪُنَ ۾ غرق آهي. ايتري قدر، جو انهن جي مدفن جو صحيح هنڌ به معلوم نه آهي، ته اُهي هن وقت ڪٿي ۽ ڪهڙي هنڌ ابدي ننڊ ۾ روزِ محشر تائين انتظار ۾ سُتل آهن. وري به “نامه نغز” وارو صاحب تحسين جو لائق آهي، جنهن ڪلهوڙن جي دؤر جي تاريخ تي مفصل تذڪرو لکي، ان دؤر جي ڪيترين ئي اهم شخصيتن کي هميشه جي لاءِ زنده ڪري ويو آهي،نه ته اسان سنڌ واسين جا حال هر دؤر ۾ لاغرضيءَ ۽ لاپرواهيءَ وارا پئي رهيا آهن. اسان ڪڏهن به پنهنجن مدبرن ۽ مشاهيرن جي ڪارنامن کي اُجاگر ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي.

ميان نور محمد خان ڪلهوڙو، سنڌ جي تواريخ ۾ وڏي سياسي بصيرت وارو حاڪم ٿي گذريو آهي. هو وڏو مردم شناس ۽ مشاهدي ۽ تجربي وارو شخص هو. پاڻ نهايت ئي اعليٰ خوبين ۽ گُڻن وارن جو قدردان هو. سندس دؤر حڪومت ۾ ڪيترائي بلند پايي جا عالم، حڪيم، وزير، سفير، وڪيل ۽ امير ٿي گذريا آهن، جن پنهنجي فهم ۽ فراست موجب ملڪي خدمتون بجا آنديون. ميان نور محمد ڪلهوڙي جي انهن وزيرن، سفيرن، وڪيلن ۽ صلاحڪارن مان سيد لطف الله عرف مير متارو وڏيءَ حيثيت ۽ شخصيت جو مالڪ ٿي گذريو آهي. مير لطف الله، ميان نور محمد ڪلهوڙي جو خاص وزير ۽ صلاحڪار هو. سرڪاري دفتر ۽ ٻاهرين ملڪن سان خط و ڪتابت ڪرڻ جو دفتر پڻ سندس ئي سپرد هو. سرڪاري فرمان ۽ لکپڙهه خواه حڪومت جي نازڪ ۽ منجهيل سياسي مسئلن بابت اهم مراسلا، مير لطف الله پاڻ خود لکندو هو.

مير لطف الله جي شروعاتي دؤر ۾ جيڪي به اهم سياسي خواه ملڪي معاملا درپيش آيا، تن سڀني ۾ هن نهايت ئي تدبر، دانشمنديءَ ۽ سياڻپ سان پنهنجا رايا ۽ مشورا ڏنا. سندس انهن رايـن ۽ مشورن کي ميان نور محمد خان ڪلهوڙي وٽ وڏو وزن هوندو هو. نه صرف ملڪي، بلڪ ڪلهوڙا خاندان جا گهرو مسئلا پڻ مير صاحب حل ڪندو هو ۽ انهن ۾ سندس ڪافي عمل دخل هوندو هو.

مير لطف الله جا خانداني حالات، پوريءَ طرح تفصيل سان معلوم ٿي ڪونه ٿا سگهن. البت، سنڌ جي ڪن مؤرخن ۽ تذڪره نگارن سندس ڪجهه احوالُ نهايت ئي مختصر نموني ۾ بيان ڪيو آهي. "گلدسته نورس بهار" جي بيان مطابق، مير لطف الله کي ڪلهوڙن جي دؤر ۾ وڏي اهميت حاصل هئي. پاڻ سنڌ ۾ گهڻو ڪري پنهنجي عُرفي نالي "مير متارو" سان مشهور رهيو آهي. سندس حياتيءَ جي احوال متعلق، شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ لکي ٿو:

"مير لطف الله ولد سيد عبدالڪريم، جنهن کي مير متارو شاهه به چوندا هئا، سو لڪيءَ واري شاهه صدر جي پوٽن مان هو. پهريائين دهليءَ جو وڪيل هو ۽ پوءِ ميان نور محمد خان ڪلهوڙي جو وزير ٿيو ۽ چڱو نالو ڪڍيائين. سن 1160ھ ۾ وفات ڪيائين. اها تاريخ هيئين جملي مان نڪري ٿي: رحمت ايزد بجان مير لطف الله."(1)

مرزا قليچ بيگ جي تقليد ڪندي، مولائي شيدائي پنهنجي ڪتاب "جنت السنڌ" ۾، مير صاحب جي باري ۾ لکي ٿو:

"مير لطف الله عرف مير متارو، ڪلهوڙن جي پاران دهلي دربار ۾ سفير ٿي رهيو. مير لطف الله عرف مير متارو ولد سيد عبدالڪريم، جو شاهه صدر لڪيءَ واري جي اولاد مان هو، ميان نور محمد ڪلهوڙي جو وزير ٿي رهيو. سندس وفات جي تاريخ محمد پناهه 'رجا' نٿويءَ هن ريت ڪڍي آهي:

هر ڪه آمد سر قبرش وفات،

رحمت ايزد بجان مير لطف الله گفت."(2)

1160ھ

مير لطف الله جي وڌيڪ خانداني حالات ڪان سنڌ جون باقي تواريخون خاموش آهن. اها خبر ڪانه ٿي پوي ته مير صاحب ڪڏهن ۽ ڪٿي ڄائو، شروعاتي حياتيءَ جا ڏينهن ڪيئن گذاريائين، وقت جي ڪهڙن استادن ڪان علم حاصل ڪيائين وغيره. انهن سڀني سوالن جا جواب

نفيءَ ۾ ملن ٿا. مير علي شير "قانع" ٺٽويءَ "مقالات الشعراء" ۾ سندس هڪ پاءُ جو ذڪر ڪيو آهي. مير "قانع" ٺٽويءَ سندس پاءُ جي وفات جو ساڳيو سال، سندس وفات وارو ڄاڻايو آهي. مير "قانع" ٺٽوي لکي ٿو:

"مير لطف الله جو هڪ پاءُ مير شهزادو هو، جو پڻ سن 1160هه ۾ فوت ٿيو. قاضي عبدالقادر هن جي وفات جي تاريخ هن ريت چئي آهي: گرفته مسڪن باشد شهيد شهزاده = 1160هه." (3)

انهيءَ مٿين بيان مان ظاهر ٿئي ٿو ته مير لطف الله جي پاءُ، مير شهزادي ڪنهن جنگي مهم ۾ شهادت حاصل ڪئي هئي.

مير لطف الله، ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دؤر حڪومت ۾ سنڌ جي سياست تي ڇانيل هو. پاڻ ميان نور محمد جي طرفان دهليءَ جي مغل دربار ۾ سفير جي حيثيت ۾ رهندو هو ۽ سنڌ جي مفادن جي تحفظ جو ڪم ڪندو هو. منشي انند رام"مخلص" جي "رقعات مخلص" جي ديباچي مان انهيءَ ڳالهه جي ثابتي ملي ٿي، ساڳئي وقت، انهن خطن مان اهو به ظاهر ٿئي ٿو ته انندرام "مخلص"، مير صاحب جو گهاٽو دوست هو ۽ سندس معرفت، "مخلص" جا دهلي سرڪار جي وزير، اعتماد الدوله سان دوستيءَ جا تعلقات اُستوار ٿيا هئا.

جڏهن نادرشاهه افشار دهليءَ جي سلطنت تي حملو ڪيو، تڏهن مغلن جي شاهي خزاني کي خوب دل کولي لُٽيو ويو ۽ دهليءَ جي بي گناهه ۽ امن پسند شهرين تي تمام ڳريون رقمون ڏنڊ طور وڌيون ويون، ته مير لطف الله ۽ انندرام "مخلص" پڻ انهيءَ آويءَ هيٺ اچي ويا ۽ مٿن به ڳري رقم ڏنڊ طور وڌي ويئي. مير لطف الله انهيءَ ڳالهه جو اشارو، ميان نور محمد ڪلهوڙي ڏانهن لکيل هڪ خط ۾ ڪيو آهي.

نادر شاهه جي سنڌ تي ڪاهه جو ذڪر، اڪثر ڪري ڪيترن ئي مؤرخن ڪيو آهي. ليڪن، "نامه نغز" جي مصنف جو بيان وڌيڪ ملمم ۽ مستند آهي، ڇاڪاڻ ته مصنف خود سنڌي هو ۽ هُن اهي سمورا واقعا پنهنجين اکين سان ڏٺا هئا. ازان سواءِ، هن پنهنجو اهو ڪتابُ، ميان نور محمد ڪلهوڙي جي سرپرستيءَ هيٺ تيار ڪيو هو. انهيءَ لحاظ کان سندس بيان ڪيل هر واقعو وڌيڪ صحيح ۽ وزندار نظر اچي ٿو. "نامه نغز" وارو صاحب، نادري حملي جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته نادر

شاهه دهليءَ تي غزنيءَ ۽ ڪابل واري رستي کان حملو ڪيو هو. جڏهن نادر شاهه جي حملي مغل سلطنت جي ديوارن کي لوڏي ڪمزور ڪري وڌو، ته ان کان پوءِ هُن بکر جي طرف وڌڻ شروع ڪيو. وات تي نادر شاهه کي ڪنهن اهو ٻڌايو ته سنڌ جي حاڪم، ميان نور محمد ڪلهوڙي جو هڪ هوشيار، قابل ۽ ذهين سفير دهليءَ ۾ رهي ٿو، جنهن جو نالو مير لطف الله عرف مير متارو آهي. بهتر آهي ته سنڌ جي طرف وڌڻ کان اڳ ۾ ان سفير جي ذهانت ۽ فراست جو امتحان وٺي، سنڌ جي حاڪم جي طاقت جو اندازو ڪيو وڃي. انهيءَ تي نادر شاهه، مير لطف الله کي پاڻ وٽ گهرائي، سنڌ جي حاڪم جا حالات معلوم ڪيا.(4) مير لطف الله جي زبانيءَ نادر شاهه کي معلوم ٿيو، ته سنڌ پهچڻ ۽ ميان نور محمد خان ڪلهوڙي سان جنگ ڪرڻ ڪو سولو ڪم نه آهي.

مير لطف الله جي انهيءَ گفتگو جو، "نامه نغز" جي صاحب شاعراڻي انداز ۾ هن ريت ذڪر ڪيو آهي:

1. همه تيغ زن مرد پرخاش جو،

همه نيزه بازان، همه تند خو.

سيئي ماڻهو تلوار هڻي ڄاڻن ۽ لڙائيءَ جا ڳولائو آهن. سڀ نيزو هڻي ڄاڻن ۽ سڀ جوشيلي طبيعت وارا آهن.

2. دلير انداز يڪ دگر برتر اند،

تو گوئي مگر اژدهاي نراند.

هو بهادريءَ ۾ هڪ ٻئي کان وڌيڪ آهن. ائين چئجي ته هو اصيل نانگ آهن.

3. بقوت چو پيل و به پيڪر پلنگ،

بدستِ همه گرز و تيغ و تفنگ.

هنن ۾ هاٿين جهڙي قوت آهي ۽ سندن جسم چيتن جهڙا آهن. سيني جي هٿن ۾ گرز آهن، تلوارون آهن ۽ بندوقون آهن.

4. زلشڪر نه ترسند بي باڪ تر،

بميدان دليراند چالاڪ تر.

هو ڪنهن به لشڪر کان نٿا ڊڄن ۽ ڏاڍا بيباڪ آهن. ميدان ۾ دلير آهن ۽ حد درجي جا چالاڪ آهن.

5. گر آن فوج سالار جوش آورد،

دلِ ڪوه را در خروش آورد.

جيڪڏهن هن سالار جي فوج جوش ۾ اچي وجي، ته جيڪر پهاڙ جي دل مان به دانهون نڪرڻ لڳن.(5)

اهڙيءَ طرح، مير لطف الله پنهنجي بهادر حاڪم ۽ سندس فوج جي بهادريءَ ۽ سرويچيءَ جو ڏاڪو، دشمن تي ويهارڻ جي ڪوشش ڪئي. نادر شاهه، ان کان پوءِ مير لطف الله سان گڏ محمد علي بيگ نالي پنهنجو هڪ سفير، ميان نورمحمد خان ڪلهوڙي ڏانهن موڪليو ته هو کيس پيغام پهچائي، ته ميان نور محمد باقاعدي ساليانو خراج نادر شاهه کي پهچائيندو رهي ۽ پنهنجي پٽ کي ڏهه هزار سنڌي سپاهين سان ڏانهس موڪلي ڏئي.(6)

مير لطف الله جڏهن محمد علي بيگ سان گڏجي سنڌ پهتو، ته ميان نور محمد ڪلهوڙي پنهنجي سفير جو ڏاڍو آڌر ڀاءُ ڪيو. ميان صاحب، نادر شاهه جو مذڪور پيغام ٻُڌي يڪدم پنهنجن اميرن جي دربار منعقد ڪئي، جنهن ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو ته مُڙس ٿي نادر شاهه جي طاقت جو مقابلو ڪجي. باقي اهي مٿيان ٻئي شرط سنڌ جي حاڪم جي غيرت ۽ عزت وٽان نه آهن ۽ ان ڳالهه جو آخرين فيصلو تلوار ئي ڪندي.(7) اهو فيصلو نادر شاهه جي پاران آيل سفير، محمد علي بيگ جي معرفت کيس موڪليو ويو. نادر شاهه سنڌ جي بهادر ۽ غيرت مند حاڪم، ميان نور محمد ڪلهوڙي جو مٿيون جواب ٻڌندي ئي جوش ۽ غضب ۾ اچي ويو ۽ هڪدم سنڌ تي حملو ڪري ڏنائين. ميان نور محمد پنهنجن مشيرن سان صلاح مشورو ڪيو ۽ آخرڪار اهو فيصلو ڪيو ويو، ته ميان صاحب ڪنهن طرح سان في الحال ڪنهن

گوشائتي هنڌ ڏانهن هليو وڃي. ميان نور محمد هڪ لک سنڌي فوج سا ٿُ ڪري، عمرڪوٽ جي قلمي ڏانهن هليو ويو.
نادر شاهه سنڌ ۾ پهچي، پنهنجي ظالمانه نموني ۾ بي گناهه سنڌ جي غريب عوام کي مارڻ، لٽڻ ۽ برباد ڪرڻ شروع ڪيو ۽ سنڌ جو ملڪ ويران ڪري ڇڏيائين. سنڌ جو سڪيو سَتابو مُلڪ، تباهيءَ ۽ بربادي ءَ جي آگ ۾ جلندو رهيو. هزارين سنڌي ماڻهو قتل ڪيا ويا ۽ ڪيترن کي قيدي بڻايو ويو.(8) ميان صاحب سنڌ جي اها حالت ڏسي، مجبور ٿي پنهنجي پُٽَ، ميان غلام شاهه ڪلهوڙي کي مير لطف الله سان گڏ، نادر شاهه ڏانهن وڪيل ڪري موڪليو، مگر نادر شاهه پنهنجيءَ هوڏ تان نه لٿو ۽ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي مٿان عمرڪوٽ ۾ وڃي ڪڙڪيو.(9)
مير لطف الله، ميان نور محمد ڪلهوڙي جي پاران سفارت ۽ وڪالت کان سواءِ، ٻين به ڪيترن ئي ملڪ جي سياسي ۽ فوجي مهمن ۾ ساڻس گڏ رهيو. مير لطف الله سياسي بصيرت سان گڏ، اعليٰ درجي جو فوجي جنرل پڻ هو. پاڻ ڪيترين ئي فوجي صلاحيتن جو مالڪ هو. سن 1158ه/1745ع ۾ جڏهن ميان نور محمد ”ڪانجيءَ جي قلعي“ تي پرپور حملو ڪيو هو، ته ان وقت مير لطف الله به ميان صاحب سان گڏ هو ۽ قلعي جي فتح ۾ مير صاحب جو پڻ هٿ هو.(10)
ميان نور محمد خان ڪلهوڙو، مير لطف الله کي سندس انهن خدمتن جي ڪري ڏاڍو قدر جي نگاه سان ڏسندو هو. سفر خواه حضر ۾ کيس هميشه پاڻ سان گڏ همرڪاب رکندو هو. ميان نورمحمد جو والد، ميان يار محمد ڪلهوڙو پڻ مير صاحب کي ڏاڍو پائيندو هو.
”رقعات مخلص“ مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته مير صاحب پنهنجي قابليت ۽ ذهانت جي ڪري، والي سنڌ ميان نورمحمد ڪلهوڙي جو وڏو وزير بڻيو هو. مير صاحب پنهنجي وزارت جي دؤر ۾ عام توڙي خاص ماڻهن سان ڏاڍي سهڻي سلوڪ سان پيش ايندو هو. ساداتن، اڪابرن ۽ عالمن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ، انهن جي ڪمن ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي ڪانه ڪيائين. انهيءَ ڪري، سنڌ خواه هند ۾ کيس وڏي ناموري حاصل ٿي.
سندس دربار ۾ هميشه عالم، اديب، شاعر ۽ صاحبِ فن حاضر رهندا هئا. سنڌ جي وڏن شاعرن کي پنهنجيءَ دربار ۾ وڏيءَ عزت ۽ احترام سان مناسب جاءِ تي وهاريندو هو، ۽ انهن لاءِ معقول ۽ مناسب وظيفا

مقرر ٿيل هئا. محمد پناهه “رِجا”، سندس دربار جو خاص شاعر هو. سندس دؤر جي هڪ همعصر شاعر، “محسن” ٺٽويءَ هڪ فارسي قصيدي ۾ سندس وڏي مدح سرائي ڪئي آهي. ان قصيدي مان مير لطف الله جي خانداني عظمت سان گڏ، سندس سهڻين خصلتن ، اوصافن ۽ جود و سخا جي پڻ تعريف ڪئي ويئي آهي. سندس سياسي ذهانت ۽ تدبر سان گڏ، اهو پڻ ٻڌايو ويو آهي ته مير صاحب جو وجود سنڌ ملڪ لاءِ رحمتِ الاهي هو. پاڻ الله جي مخلوق جو مددگار، الاهي حڪمن ۽ شريعت محمديءَ جو جاري ڪندڙ هو. سندس قائم ڪيل بهترين انتظام جي ڪري سنڌ جي عام ۽ خاص ماڻهوءَ آرام ۽ سڪون حاصل ڪيو. سندس باري ۾ “محسن” ٺٽويءَ جو اهو قصيدو هتي ڏجي ٿو، جنهن مان وڌيڪ ڪر پوندي:

اي اخترِ بلندِ سيادت دليلِ راه،
از آسمانِ “لَکعلوي” جلوه گر چو ماه.
لطفِ الـه بقالبِ انسان بر آمده،
مانندِ رمزِ اَنا بَشَرُ مِثلُکُم ز شاه.
از دودمانِ آلِ عبا شمعِ روشني،
وز “شاه صدر” يافته اي صدرِ عز و جاه.
قدرِ تو چون بلند نباشد که دستِ فيض،
افراخت بهرِ حدِ تو اين هفت بارگاه.
سروت ز گلشنِ رِضوي تاکه قد کشيد،
بگرفته زيرتِ سايهء او عالمي پناه.
در کشورِ وجود، مقيمان “سند” را،
ذاتِ خجستهء تو بُوَد رحمتِ الـه.
حاجت رواي خلقِ خدائي و مي سزد،
گويند گر جنابِ ترا خلق قبله گاه.
تا حکمِ حق بمحکمهء شرع کرده اي،
آورده چرخ پيش تو از مهر و مه گواه.
تدبيرِ صائبِ تو بتقدير متفق،
رايء رزينِ فکرِ تو همدوش انتباه.
از خوانِ التفاتِ تو نعمت برد خرد،
وز عقلِ دوربينِ تو حيرت برد نگاه.
ادبارِ خصمِ شومِ تو هم جامه با زحل،

اقبـــال چـــاکرِ تـــو بخورشـــيد هـــم کلاه.
فضـــلت عمـــارت اَســـت بَـهـَــر خانـــهء خـــراب،
لطـــفِ تـــو ناخـــدا ســـت بَـهـَــر کشـــتيء تبـــاه.
از حســـنِ اهتمـــام تـــو چنـــدان گريخـــت غـــم،
کاســـوده طفـــلِ اشـــک بگهـــوارهء رفـــاه.
تـــا دســـت گيريـــء تـــو بپـــا مانـــدگان رســـد،
زان رو خـــدايء خلـــق تـــرا داده دســـتگاه.
نـــو بـــادهء ريـــاضِ حســـيني بعيـــد نيســـت،
گـــر خضـــرِ ره شـــود بطريـــقِ تـــو هـــر گيـــاه.
صـــيقل گـــرِ محامـــدِ ذاتـــت زدوده اســـت،
ز آئينهـــء مکـــارمِ ديـــن زنـــگِ اشـــتباه.
مـــردم چـــو مـــه ز عهـــدهء شـــکرت بـــرون شـــوند،
ســـايند بـــر درِ تـــو اگـــر تـــا ذقـــن جبـــاه.
حيـــدر گهـــر، حســـين نـــرٍادا، حســـن دلا،
دلهـــا و مهـــرِ تســـت بهـــر کهرَبـــا و کـــاه.
ســـاحل نـــه بينـــد ار بمثـــل فکـــرِ تيـــز بـــال،
در بحـــرِ بـــي کنـــارِ مـــديحت کنـــد شـــناه.
مـــدحِ تـــو ســـر بمنقبـــت و نعـــت مـــي کشـــد،
کـــز وي خيـــال عـــاجز و فکـــر اســـت عـــذر خـــواه.
دشـــمن گـــداز بنـــده نـــوازا، ز شســـتِ چـــرخ،
دارم دلـــي چـــو جعبـــه اي پُـــر از خـــدنگِ آه.
از بســـکه پيـــچ و تـــابِ غـــم و غصـــه خـــورده ام،
دل از وطـــن برآمـــده چـــون ريســـمان ز چـــاه.
چـــون مـــدح ســـنجِ آلِ نـــبي بـــوده ام ز شـــوق،
ســـويء ديـــارِ لطـــفِ تـــو افتـــاده دل بـــراه.
هســـتم اميـــدوار کـــه از عيـــنِ مرحمـــت،
بـــر حـــالِ زارِ بنـــدهء “محســـن” کنـــي نگـــاه.
از “حملـــهء حســـينيء” او داســـتانِ چنـــد،
بـــاگوشِ هـــوش بشـــنوي از رويـــء انتبـــاه.
کردســـت(چـــون) بمعرکـــهء نصـــرتِ امـــام.
چـــون بســـته اســـت فـــوجِ معـــاني صـــفِ ســـپاه.
شـــايد کـــه بشـــگفد ز لـــبِ غنـــچهء قبـــول،

از نـــــــو بهـــــــارِ لطـــــــف گـــــــلِ آفريــــــن و واه.
ديگـــــر چـــــه عـــــرض عرضـــــه دهـــــم بـــــر ضـــميرِ تـــو،
آئينهـــــــــء دل اســـــــت بـَهـَـــــــر صـــــــــورتم گـــــــواه.
تـــــا صـــــبح دم ز صـــــاف ضـــــميريء آفتـــــاب،
بـــــر ظلمـــــتِ زمـــــانه زنـــــد خنـــــده قـــــاه.
رويـــــء مواليـــــانِ تـــــو چـــــون مـــــه ســـــفيد بـــــاد،
رويء مخالفانِ تو مانندِ شب سياه.(11)

مير لطف الله سن 1160هه(1)/ 1748ع ۾ هن فاني جهان مان رحلت ڪئي. مير صاحب کي ميان نور محمد ڪلهوڙي جي طرفان موجوده نواب شاهه ضلعي ۾ "دولتپور" ۽ ان جي آس پاس جي زمين جاگير ۾ مليل هئي. مير صاحب پنهنجي حياتيءَ جا ڏينهن "خداآباد" ۾ پورا ڪيا. وفات کان پوءِ، سندس لاش کي سندس جاگير "دولت پور صفن" ۾ دفن ڪيو ويو. مير صاحب جي مزار دولت پور شهر ۾، قومي شاهراهه جي بلڪل وٽ سان اوپرندي طرف ۽ ميان محمد حسن کهاوڙ جي تعمير ڪرايل ڪچي قلعي جي اولهه ۾ واقع آهي.(1) مير صاحب جي وفات کان پوءِ، اها جاگير محمد حسن کهاوڙ جي حصي ۾ آئي، جنهن اتي مٽيءَ جو ڪچو قلعو ٺهرايو هو.
مير لطف الله جي مزار جي ڏاوت سادي نموني ۾، هن پوئين ويجهڙائيءَ واري دؤر جي آهي. پاڪستان جي سابق وزيراعظم، مرحوم ذوالفقار علي ڀُٽي انهيءَ مزار جي تعمير لاءِ ڪجهه رقم پنهنجي ذاتي کيسي مان ڏني هئي. هن وقت دولت پور جا مقامي ماڻهو، مير لطف الله کي "پير متارو" يا "درويش متارو" جي نالي سان سڏين ٿا.

**حوالا**

(1) مرزا قليچ بيگ: "قديم سنڌ، ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ڇاپو ٻيو 1966ع، ص 37
(2) مولائي شيدائي: "جنت السنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1958ع، ص 562
(3) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "مقالات الشعراء" (فارسي)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1957ع ، ص 123، 192

(4) مهر غلام رسول، مولانا: “تاريخ سنڌ - ڪلهوڙا دؤر”، جلد پهريون، مترجم: ابن حيات پنهور ۽ شمشير الحيدري ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ،1963ع، ص 399 کان 401
(5) ايضاً، ص 401
(6) ايضاً، ص 401
(7) ايضاً، ص 402
(8) ايضاً، ص 3- 402
(9) ايضاً، ص 5-403
(10) ايضاً، ص ايضاً
(11) رشدي محمد حبيب الله: “ديوان محسن ٺٽوي” (فارسي)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1963، ص 353- 355
*
(ٽماهي “مهراڻ” حيدرآباد سنڌ، نمبر 3 سال 1986ع - سَنواريل ۽ وڌايل)

---

(1) “ديوان محسن ٺٽوي” جي مُرتب، محمد حبيب الله رشديءَ(ڏسو ص 353 جو حاشيو) مير لطف الله عرف مير متاري لڪعلويءَ جي وفات جو سن 1261هه ڄاڻايو آهي. دراصل، مير لطف الله جي وفات جي اها تاريخ درست نه آهي. مير صاحب سن 1160هه ۾ وفات ڪئي. اسان متي متن ۾، اها مذڪوره تاريخ ٺٽي جي مشهور شاعر، محمد پناهه”رِجا” جي حوالي سان ڏئي آيا آهيون. محمد پناهه”رجا”، مير لطف الله جو درباري شاعر ۽ نديم هو.”محسن” ٺٽويءَ 20- شوال المڪرم 1163هه/22- سيپٽمبر 1750ع تي وفات ڪئي. انهيءَ لحاظ کان محمد پناهه “رجا” ۽ “محسن” ٺٽويءَ جي وفات جي تاريخ ۾ هڪ سؤ ورهين جو فرق معلوم ٿئي ٿو. بهرحال، “محسن” ٺٽويءَ اهو قصيدو مير لطف الله جي وفات، يعني: 1160هه/ 1748ع کان اڳ ۾ چيو هوندو!
(1) راقم، پروفيسر غلام محمد لاکي صاحب جو ٿورائتو آهي، جنهن مير لطف الله عرف مير متاري جي مزار جي نشاندهي ڪئي. (ق.ح. خ)

Posted by wahabsahito at 8:29 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## حافظ مخدوم ابوالقاسم نقشبندي - ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

# حافظ مخدوم ابوالقاسم نقشبندي

ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

سنڌ جي سرزمين، صدين کان وٺي صوفي درويشن، عالمن ۽ الله وارن جو آستان پئي رهي آهي. سنڌ جي هر شهر، واهڻ ۽ وستيءَ، بلڪ هتان جي چپي چپي تي تصوف، عرفان، رشد ۽ هدايت جا مرڪز قائم هئا. انهن قديم مرڪزن، جهڙوڪ: سيوهڻ، بکر، ٺٽي، پاٽ، مٽياري، هالا، ٺٽي ۽ نصرپور ۾ صوفي درويشن ۽ الله وارن فقيرن جون خانقاهون قائم هيون، جتي نه صرف اخلاقي قدرن جي اصلاح ٿيندي هئي، بلڪ ان سان گڏ ايمان ۽ عمل جي قدرن کي به اُجاگر ڪيو ويندو هو.

برصغير هند و پاڪ ۾ سنڌ سڀ کان پهريون صوبو هو، جتي اسلام جي روشني پهتي. سنڌ هڪ اسلامي مرڪز هئڻ ڪري، هر مذهبي تحريڪ ۽ سلسلي جو اثر قبول ڪيو. تصوف جي ابتدا عرب جي سرزمين کان ٿي ۽ ان جو اثر سنڌ تائين به پهتو. انهيءَ حوالي سان اسلامي تواريخ ۾ سنڌ وڏو نمايان حصو ورتو آهي. تصوف جا جيڪي به سلسلا ۽ طريقا سنڌ ۾ رائج ٿيا، تن مان نقشبندي، قادري ۽ سهروردي طريقن تمام گهڻو زور ورتو. دراصل، سنڌ ۾ تصوف جي تعليم ۽ اصولن جي شروعات ٽين صدي هجريءَ ڌاري شيخ ابو علي سنڌي نالي هڪ نؤ مسلم عالم کان ٿي. شيخ ابو علي سنڌي، مشهور صوفي بزرگ، بايزيد بسطامي (المتوفي: 261هه/ 875ع) جو استاد هو. (1) اهڙيءَ طرح، تصوف سنڌ اندر ڪيترن ئي مختلف نمونن ۽ صورتن ۾ ظاهر ٿيو.

"نقشبندي" سلسلي جو باني، خواجه محمد تاليسوي (المتوفي: 512هه/1118ع) هو، جنهن کان پوءِ خواجه عبدالحق غجدوانيءَ (المتوفي: 575هه/1179ع) هن سلسلي کي اڳتي وڌايو. ان بعد، خواجه بهاءُ الدين نقشبنديءَ(1) هن سلسلي کي گهڻو زور وٺايو. يارهين صدي هجريءَ ۾ خواجه باقي باالله (المتوفي: 1012هه/ 1603ع) ۽ حضرت مجدد الف ثانيءَ (المتوفي: 1034هه/ 1624ع) هندستان اندر هن سلسلي کي تمام گهڻو زور وٺايو ۽ برصغير جي ڪيترن علائقن ۾ ان جي تبليغ ڪئي. انهيءَ ساڳئي زماني ۾ "نقشبندي" سلسلو سنڌ ۾ پڻ پهتو.

انهيءَ ڏس ۾، حضرت مجدد الف ثانيءَ جي پوئلڳن مان شيخ موسیٰ
۽ سندس لائق فرزند شيخ اسحاق، سنڌ ۾ نقشبندي طريقي جا وڏا
بزرگ ٿي گذريا آهن. (2) نٽي جي وڏي عالم ۽ درويش، مخدوم آدم
نٽويءَ حضرت مجدد الف ثانيءَ جي فرزند، خواجه محمد معصوم جي
هٿ تي بيعت ڪئي هئي. تذڪرن ۾ اچي ٿو ته مخدوم آدم نٽويءَ
خواجه محمد معصوم جي وفات کان پوءِ، سندس فرزند خواجه سيف
الدين (المتوفي: 1096/ 1685ع) جي هٿ تي پڻ ٻيهر بيعت ڪئي
هئي. مخدوم آدم نٽويءَ جي مريدن مان حافظ مخدوم ابوالقاسم ،
صوفي شاهه عنايت شهيد (المتوفي: 1130هه/ 1718ع) ۽ مخدوم
ابوالحسن ڏاهري (المتوفي: 1181هه/ 1767ع) وڏا صاحبِ طريقت
بزرگ، عالم ۽ درويش ٿي گذريا آهن.

مخدوم ابوالقاسم جي والد بزرگوار جو نالو ابراهيم هو ۽ پاڻ ذات جو
"درس" هو. مخدوم صاحب جا وڏا اصل ۾ حضرت شيخ بهاء الدين
زڪريا ملتانيءَ جا مريد ۽ معتقد هئا. سندس خاندان مان سڀ کان
پهريائين سندس والد، ميان ابراهيم نٽي ۾ اچي رهيو ۽ اتي ئي وفات
ڪيائين. (3) مخدوم ابوالقاسم جي ولادت جي باري ۾ ڪابه صحيح
معلومات ميسر ٿي نه سگهي آهي. پاڻ ابتدا ۾ قرآن پاڪ ياد ڪري،
ظاهري علمن کان فارغ ٿي ، نٽي جي مشهور عارف ڪامل بزرگ،
مخدوم آدم نٽويءَ جي صحبت ۾ تصوف جو منزلون طيءِ ڪرڻ لڳو.
مخدوم آدم نٽويءَ سندس قابليت ۽ استعداد کي ڏسي کيس حڪم
ڪيو، ته توهان باقي روحاني منزلون خواجه سيف الدين سرهنديءَ
جي خدمت ۾ وڃي پوريون ڪريو.(4)

مخدوم ابوالقاسم ان کان پوءِ، مخدوم آدم نٽويءَ جي ارشاد موجب
سنڌ مان ڪَهِي سرهند ويو، جتي خواجه سيف الدين سان سندس
ملاقات ٿي. خواجه صاحب مٿس ڏاڍي مهرباني ڪئي. مخدوم صاحب
پنهنجي مرشد جي زيرِنظر رهي، سيئي روحاني منزلون طيءِ ڪيون.
ان متعلق، مخدوم محمد ابراهيم "خليل" نٽوي لکي ٿو:

"مخدوم ابوالقاسم، حضرت شاهه سيف الدين بن حضرت عروهِ
الوثقیٰ خواجه محمد معصوم بن امام رباني مجدد الف ثاني شيخ
احمد سرهندي فاروقيءَ وٽان فيض حاصل ڪيو."(5)

مخدوم ابوالقاسم انهيءَ سلسلي ۾ ٽي ڀيرا سرهند شريف جو پنڌ ڪيو
۽ آخري دفعي مرشد کيس فرمايو ته ، "هاڻي توهان سنڌ ۾ وڃي

نقشبندي سلسلي جي تبليغ ڪريو.” انهيءَ تي مخدوم صاحب، مرشد جي خدمت ۾ ادب سان عرض ڪيو ته ،”سائين! مون غريب کي ڪير ڏندو؟” اُن تي خواجه صاحب فرمايس ته ، “هن پٽر جي طرف متوجهه ٿيو.” مخدوم ابوالقاسم ان پٽر طرف اجان توجهه ئي مس ڪيو، ته اُهو ٽڪرا ٽڪرا ٿي پيو. تنهن تي مرشد فرمايس ته ، “جڏهن تو ۾ ايتري روحاني طاقت آهي، ته پوءِ ان ڪم ۾ دير ڇا جي آهي!” ( 6)

انهيءَ سلسلي ۾ “تڪمله مقالات الشعراء” وارو صاحب هڪ ٻيو واقعو بيان ڪندي لکي ٿو:

“ان زماني ۾ مخدوم ميان عبدالباقي واعظ نالي هڪ وڏو جيد عالم، فاضل ۽ صاحبِ تقوٰي بزرگ مٽيارين ۾ رهندو هو. چون ٿا ته هڪ ڏينهن مخدوم ابوالقاسم سرهند مان ويئي، مٽياروي بزرگ ڏانهن توجهه ڪيو. عين ان وقت ميان صاحب وعظ ۾ مشغول هو، جو مٿس اهڙي ته ڪيفيت طاري ٿي ويئي، جو پنهنجي وجود جو ڪوبه سماءُ نه رهيس.” ( 7)

مخدوم ابوالقاسم پنهنجي مرشد جي اجازت سان سنڌ موٽي آيو ۽ ٺٽي ۾ پنهنجي خانقاهه جو بنياد وڌائين. سندس روحاني فيض جي درياء مان سنڌ جي ڪيترن ئي پياسن پنهنجي روحاني پياس اُجهائي. سندس خانقاهه جو خرچ غيب وسيلي هلندو هو. چون ٿا ته ضرورت وقت مخدوم صاحب پنهنجو هٿ هوا ۾ هلائيندو هو، ته مُٺ اشرفين سان پرجي ايندي هئي. ڪانئس اڳ ۾”نقشبندي” سلسلي جو اثر صرف ٺٽي ۾ ان جي آس پاس تائين محدود هو، مگر مخدوم ابوالقاسم ان کي سموريءَ سنڌ ۾ عام ڪيو ۽ ترقيءَ تي پهچايو. پاڻ ڪيترن ئي پٽڪلين کي نيڪيءَ ۽ هدايت واري رستي تي آندائين ۽ ڪيترائي انسان نيڪ ۽ الله جا صالح ٻانها ٿي پيا. سندس خانقاهه جو دروازو هر ڪنهن لاءِ کليل هوندو هو ۽ هرڪنهن کي پنهنجيءَ پُڄت، طاقت ۽ ٿانءَ آهر فيض جي وڏ ۾ ورڇ ملندي هئي. سندس فيض جي پالوٽ، ٺٽي ۽ سنڌ جون حدون اورانگهي، هندستان تائين اثر ڏيکاريو ۽ وقت جا ڪيترائي بلند پايي جا عالم ۽ بزرگ سندس مريدن جي لڙهه ۾ اچي شامل ٿيا. مخدوم صاحب جي فيض، بزرگيءَ ۽ ڪماليت جي باري ۾ “تحفته الڪرام” وارو صاحب لکي ٿو:

“مخدوم ابوالقاسم علمي خواھ عملي ڪمالات جو صاحب ۽ حال ۽ قال جو ڌڻي هو. هن ڪيترن کي روحاني فيض سان مالا مال ڪيو ۽ سندس صحبت ڪيترن گمراهن کي سڌو رستو ڏيکاريو.”(8)
ميان محمد صديق، دهليءَ جي بادشاهه جو وزير، مخدوم صاحب جي روحاني ڪشش کان ڇڪجي ٺٽي آيو ۽ سموري حياتي مرشد جي خدمت ۾ رهي، پنهنجا آخرين دم به ٺٽي ۾ ئي پورا ڪيائين .(9) سيد گل شاهه دهلوي پڻ سندس مريد هو. سورت بندر ۽ احمدآباد ۾ به مخدوم صاحب جا مريد ۽ خليفا هئا.
انهيءَ زماني ۾، سنڌ جي قديم شهر “عمر ڪوٽ” جي پرسان ميان ابوالحسن (خشت) نالي هڪ الله وارو نيڪ بزرگ رهندو هو. هن جي اها عادت هوندي هئي ته جتي به ڪنهن الله واري نيڪ بزرگ جو سُڻندو هو، ته اُن وٽ هلي ويندو هو ۽ وٽس رهي چلو ڪڍندو هو. پاڻ جڏهن مخدوم ابوالقاسم جي هاڪ ٻڌائين، ته وٽانئس روحاني فيض حاصل ڪرڻ لاءِ سندس خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو. مخدوم صاحب ٻن ٽن ڏينهن ۾ هن کي سيئي روحاني منزلون طيءِ ڪرايون ۽ کيس خلافت جو خرقو عطا ڪري، رخصت ڪيو. ميان ابوالحسن جڏهن پنهنجي ڳوٺ موٽي آيو، ته ماڻهن کانئس جلد ورڻ جو ڪارڻ پڇيو. ميان صاحب کين چيو ته انهيءَ درويشن جي هڪ گهڙي، ٻين وٽ ساري عمر رهڻ کان بهتر آهي.”تڪمله مقالات الشعراء” ۾ انهيءَ بزرگ جا اهي لفظ هن طرح چيل آهن: “اِتي جي هڪ گهڙي، ٻِين سي ڇمار.” (01)
مخدوم ابوالقاسم پنهنجي خانقاهه جي جنهن حُجري ۾ رهندو هو، ان کي “حجره حضوري” ڪري چوندا هئا. مخدوم محمد ابراهيم “خليل” ٺٽوي لکي ٿو:
“هڪ پيري سومهڻيءَ جي نماز کان پوءِ، مخدوم صاحب جي حُجري مان ٻن ماڻهن جي ڳالهائڻ جو آواز پئي آيو. فقيرن اهو سمجهيو ته مخدوم صاحب ٺٽي جي ڪنهن ماڻهوءَ سان گفتگو ڪري رهيو آهي. ٿوريءَ دير کان پوءِ مخدوم صاحب پاڻ حُجري کان ٻاهر آيو ۽ اچي تازو وضو ڪرڻ ويٺو. پاڻ پنهنجي هڪ فقير کي حُجري مان دستار ڪڍي اچڻ لاءِ چيائين. فقير جڏهن حُجري اندر ويو، ته سندس حيرت جي ڪا حد نه رهي ۽ خيال ۾ پئجي ويو، ته آخر مخدوم صاحب ڪنهن سان پئي ڳالهايو. نيٺ، هڪ ڏينهن اُن فقير، مخدوم صاحب

کان ان ڏينهن جي واقعي جو راز پڇيو. پاڻ فرمايائون تـه رسـول اللـه صلي الله عليـه وسـلم جـن پـاڻ تشـريف فرمـا ٿيـا هئا. ان بعـد، اُن حـُـجري کي ’حـُـجره حضوري‘ ڪري سڏڻ لڳا.” (11)

مخدوم محمد معين ٺٽويءَ (المتوفي: 1161هـه/ 1748ع) جهڙو وڏي بلند مرتبي وارو عالم، مخدوم صاحب جو معتقد ۽ مريد هـو. مخـدوم ابوالقاسم جون ڪرامتون ۽ خوارق عادتون هزارن جي تعـداد ۾ آهـن، جن کي مخدوم محمد معين ٺٽويءَ جدا هڪ رسالي ۾ جمع ڪيو آهي. (12) سنڌ جو هڪ ٻيو وڏو جيد عالم ۽ فقيهه، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي (المتـوفي: 1174هــه/ 1761ع) بـه مخـدوم ابوالقاسـم سـان وڏي عقيدت رکنـدو هـو ۽ هـر روز مخـدوم صـاحب جـي خانقـاهه ۾ وجـي، ڪافي وقت تائين ساڻس روحاني خواه بـاطني ڪچهـري ڪنـدو هـو.( 13)

مخدوم ابوالقاسم 7 - شـعبان المعظـم 1138هـه/ 10 - اپريـل 1726ع تي هن فاني جهان جو جامو بـدلائي، حيـاتِ جـاودانيءَ ڏانهـن راهي ٿيو. سندس مزار تي هيٺين قطعه تاريخ لکيل آهي:

بسـال وصـل او هـاتف بفرمـود،

ابوالقاسـم سراسـر نـور حـق بـود.(14)

1138هه

چون ٿا ته مخدوم ابوالقاسم جي وفـات کـان پـوءِ، سـرهند جـو بزرگ، حضرت شاهه ضياءُ الدين نقشبندي جڏهن ٺٽـي ۾ مڪليـءَ جـي زيارت ڪرڻ آيو، ته هُن شيخ ڄيئيءِ(1) جـي مـزار تـي مراقبـو ڪيـو. مراقبي مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ، پاڻ فرمايائين تـه شـيخ جيئو ”مڪليـءَ جو چراغ” آهي. ان بعد، جڏهن مخدوم ابوالقاسم جي مزار تي مراقبو ڪيائين ته بي اختيار سندس زبان مان هي الفاظ نڪتا، ته هيءُ بـزرگ ”مڪليءَ جو چمڪندڙ سج” آهي ۽ سـج جـي روشـنيءَ هونـدي چـراغ جي روشنيءَ جي ڪابه ضرورت ناهي.(15)

مخـدوم ابوالقاسـم جـي فضـيلت جـو انـدازو ان مـان بـه لڳـائي سگهجي ٿو، ته جڏهن به سنڌ جو ڪو عـالم يـا بـزرگ سـرهند شـريف ۾ خواجه سيف الدين جي خدمت ۾ حاضر ٿيندو هو، ته پاڻ ان کـي مخـدوم ابوالقاسم ڏانهن رجوع ڪرڻ لاءِ چوندو هو. مخدوم صاحب جـي روحـاني فيض جي باري ۾ چوڻ ۾ اچي ٿو ته هڪ شخص پير پـُـني(2) تي روحاني فيض حاصل ڪرڻ لاءِ اچي چـِلو ڪڍيو، پر آخريـن چـاليهين رات تـي پيـر

پُٺي ان شخص کي نااميد ڪري واپس ڪيو. اهو شخص نهايت ئي غمگين ۽ ملول ٿي، مخدوم ابوالقاسم جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو. مخدوم صاحب هن کي ٿوري ئي عرصي ۾ بلند مقام تي رسايو.(16) اهڙيءَ طرح، مخدوم صاحب جون ڪيتريون ئي ڪرامتون آهن، جي سندس تذڪري نگارن بيان ڪيون آهن.

مخدوم ابوالقاسم جي فيض جي وهندڙ چشمي مان ڪيترائي بزرگ سيراب ٿيا. سندس خاص مريدن ۽ خليفن مان ڪن جا نالا "مؤرخ سنڌ" سيد حسام الدين راشديءَ "طومار سلاسل" جي حوالي سان "تڪمله مقالات الشعراء" جي فوت نوٽ ۾ ڄاڻايا آهن. انهن بزرگ مان اسان کي جن جو احوال ملي سگهيو آهي، اهو هتي ڏجي ٿو:

**1. مخدوم محمد معين ٺٽوي**: مخدوم محمد معين بن مخدوم امين بن مخدوم طالب الله هڪ وڏو جيد عالم ۽ پنهنجي زماني جو علامه ٿي گذريو آهي. مخدوم محمد معين، مخدوم عنايت الله جو شاگرد هو. پاڻ پنهنجي استاد کان ابن عربيءَ جي ڪتاب "فصوص الحڪم" جو درس ورتو هئائين. انهيءَ ساڳئي ڪتاب جو درسُ علي رضا جيلانيءَ کان به ورتو هئائين، جڏهن هو ٺٽي ۾ آيو هو. مخدوم صاحب پنهنجي تصنيف "دراسات اللبيب" ۾ حضرت شاهه ولي الله دهلوي ۽ شاهه عبدالقادر صديقيءَ کي به استاد ڪري لکيو آهي. شيخ جلال محمد(1) ۽ علامه مير سعد الله پوربيءَ(2) کان به علمي استفادو حاصل ڪيو هئائين.(17)

مخدوم محمد معين ٺٽوي، "نقشبندي" سلسلي ۾ مخدوم ابوالقاسم ٺٽويءَ جو مريد ٿيو. پاڻ مخدوم ابوالقاسم جي خدمت ۾ ڪافي وقت رهي، باطني علم ۾ استفادو ڪندو رهيو ۽ پاڻ کي مرشد جي در جو غلام چوائيندو هو.

مخدوم محمد معين سن 1161هه/ 1748ع ۾ وفات ڪئي. سندس وفات جي قطعه تاريخ، سنڌ جي مشهور شاعر، "محسن" ٺٽويءَ (1) هن طرح ڪڍي آهي:

<u>"قطره دُر بـبَـحر واصل شد" (18)</u>

1161هه

ايضاً

<u>"معين دين احمد رفت صد حيف."(19)</u>

1161هه

**2. مخدوم محمد مقيم:** مخدوم محمد مقيم بن ميان سعد الله قادري، بنوري پرڳڻي جي "جهيجا" ڳوٺ جو وينل هو. هيءُ بزرگ، مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ جو مريد ۽ خليفو هو. ٻارهين صدي هجريءَ جي عارفن مان ٿي گذريو آهي. مولانا دين محمد وفائيءَ پنهنجي ڪتاب "تذڪره مشاهير سنڌ"- جلد ٽئين ۾ سندس ڪرامتون بيان ڪيون آهن.(20)

**3. ميان محمد يعقوب:** ميان محمد يعقوب ذات جو سمو هو ۽ "ڪبر" ڳوٺ جو رهاڪو هو. حال ۽ قال جو صاحب هو. نقشبندي طريقي کي ڏاڍو زور وٺرايائين(21)

**4. شيخ يحيٰ: شيخ يحيٰ** عرب جو باشندو هو. هن بزرگ، مديني پاڪ ۾ نقشبندي سلسلي کي جاري ڪيو. (22)

**5. سيد سلطان شاهه هندي:** هيءُ ٺٽي جي نواب، خليل خان جو ڀاڻيجو هو. پنهنجي مامي جي موقوف ٿيڻ کان پوءِ، سندس جاگير ٺٽي ۾ اچي رهيو. مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ جو مريد ٿيو ۽ تمام وڏي مرتبي کي رسيو. بعد ۾ ٺٽي مان هجرت ڪري، بدين ۾ وڃي رهيو. سيد سلطان شاهه وڏي ڪرامت جو صاحب ۽ حال ۽ قال جو ڌڻي هو. وٽس ماڻهن جي رجوعات تمام گهڻي هئي.(23)

**6. مخدوم ضياءُ الدين ٺٽوي:** مخدوم ضياءُ الدين بن مخدوم ابراهيم سن 1091هه/1680ع ۾ ٺٽي ۾ ڄائو. ٺٽي جي وڏي عالم، مخدوم عنايت الله وٽان علم جي تحصيل ڪيائين. مخدوم صاحب پنهنجي دؤر جو هڪ وڏو عالم هو. ٺٽي ۾ سندس هڪ ديني مدرسو هو، جنهن مان سوين ماڻهو فيضياب ٿيا. پاڻ عام ماڻهن جي سهوليت لاءِ نماز، روزي، حج ۽ زڪوات جا مسئلا سنڌي نظم ۾ لکيا هئائين، جنهن کي "مخدوم ضياءُ الدين جي سنڌي" (1) سڏيو وڃي ٿو. مخدوم صاحب 80 ورهين جي ڄمار ۾ سن 1171هه/1758ع ۾ هن فاني جهان مان رحلت ڪئي. (24)

**7. سيد عبدالله شيرازي:** سيد عبدالله بن سيد نعمت الله شڪراللهي شيرازي ڪمال جو صاحب هو. "نقشبندي" سلسلي سان تعلق هئس. وفات کان پوءِ، ڪوبه اولاد ڪونه ڇڏيائين.(25)

**8. سيد محمد ناصر شيرازي:** هيءُ بزرگ سيد عبدالله شيرازيءَ جو ڀاءُ هو. تقويٰ ۽ پرهيز گاريءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. نقشبندي طريقي جو وڏو بزرگ ٿي گذريو آهي.(26)

9. **مخدوم عنايت الله واعظ ٺٽوي**: مخــدوم عنــايت اللــه واعــظ ٺٽوي هڪ وڏو عالم، متقي ۽ پرهيزگار بــزرگ ٿــي گــذريو آهــي. بــاطني شغل سبب اندر جي ڏاڍي صفائي حاصل ڪئي هئائين. سندس واعــظ جي مجلس به ڏاڍي پُــراثر هونــدي هئي. پــاڻ پنهنجــي وقــت جــو هــڪ ارشاد وارو استاد ٿي گذريو آهي. مخدوم محمد معين ٺٽــوي ۽ مخــدوم ضــياءُ الــدين ٺٽــوي ســندس شــاگردن مــان آهــن. مخــدوم صــاحب 1114هه/ 1702ع ۾ وفات ڪئي.(27)

10. **مير مرتضيٰ رضوي** مير مرتضيٰ بن مير ڪمال الدين رضوي هڪ وڏو عالم ۽ بهترين خطاط هو. پاڻ ستن قسمن جا خط لکندو هــو. فن سپاهگيريءَ کان به چڱــو واقــف هــو. بادشــاهه شــاهه عــالم جــي دربار ۾ وڏو درجو حاصل ڪيو هئائيــن. ســن 1120هــه/1708ع ۾ عيــن جوانيءَ ۾ وفات ڪيائين.(28)

11. سيد رحمت الله شيرازي: سيد رحمت اللــه عــرف ســيد مٺــو بــن سيد فضل الله شــڪر اللهــي شــيرازي هــڪ وڏو متقــي ۽ ولــي ڪامــل بزرگ هو. نقشبندي سلسلي ۾ ممتاز حيثيت جو مالڪ هو. پــاڻ پنهنجــي پوئٽان عقيدتمندن ۽ مريدن جي هڪ وڏي جماعت ڇڏيائين.(29)

12. **ميان عبدالباقي واعظ**: هيءُ بزرگ پنهنجي زماني جو هڪ وڏو عالم ۽ خطيب ٿــي گــذريو آهــي. پــاڻ مٺيــارين جــو ويٺــل هــو. مخــدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ وٽان فيض حاصل ڪيو هئائيــن. ســندس وعــظ ۾ وڏو تاثير هوندو هو. پاڻ ڪيترن ئي گمراهن کــي نيڪــيءَ ۽ هــدايت جــو رستو ڏيکاريائين. مير علي شير "قانع" ٺٽويءَ جو قول آهي ته پاڻ هــر مجلس ۾ حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي جنــاب مــان اجازت وٺي، پــوءِ وعــظ ڪنــدو هــو. ســندس پــاءُ، ميــان عبــدالولي پڻ مخدوم ابوالقاسم جي مريدن مان هو.(30)

13. **مخدوم مئينڏنو نصرپوري**: هيءُ پنهنجي زماني جــو هــڪ وڏو متبحر عالم ۽ ڪماليت وارو بزرگ هو. علم فــقه ۽ تفســير ۾ بــي مٽــل هو. تصوف جي علم ۽ ان جي راهه رمزن کان واقف هو. مخدوم روح الله نصرپوريءَ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ، شهر جو قاضي مقرر ٿيو. ميــر علــي شــير "قــانع" ٺٽــويءَ پنهنجــي ڪتــابن "تحفتــه الڪرام" (31)ـ ۽ "معيارِ سالڪانِ طريقت" (32) ۾ ســندس ســهڻين خــوبين ۽ خاصــيتن جي وڏي ساراهه ڪئي آهي. مخــدوم عبدالواحــد ســيوهاڻي ، مخــدوم محمد صادق گچيرائي ۽ مخدوم محمد عثمان متعلوي سندس همعصر

هئا. مير ”قانع“ ٺٽويءَ ”تحفته الڪرام“ جي تصنيف ٿيڻ وقت مخدوم صاحب ڪي ڏٺو هو. مولانا دين محمد وفائيءَ سندس وفات جو سن 1181ه/ 1767ع ڄاڻايو آهي، (33) جو تحقيق طلب آهي. مخدوم صاحب نصرپور ۾ پنهنجي اباڻي قبرستان ۾ مدفون آهي. مخدوم صاحب ڪي ٽي فرزند ٿيا: مخدوم عبدالله، مخدوم ميان عبدالحق (ثاني) ۽ مخدوم ميان نور محمد.(34)

14. **بلال درس:** هيءُ بزرگ آمريءَ جي آس پاس ”پراڻ واهه“ تي رهندو هو. مخدوم ابوالقاسم جي مريدن ۽ خليفن مان هو. وڏو صاحبِ ڪرامت بزرگ هو.(35)

15. **شيخ محمد ابوالمساڪين ٺٽوي:** شيخ محمد بن مخدوم محمد اشرف بن مخدوم آدم ٺٽوي نقشبندي پنهنجي زماني جو وڏو روحانيت جو صاحب ٿي گذريو آهي. پاڻ ظاهري خواه باطني علمن ۾ يگانه روزگار هو. مخدوم ابوالقاسم نقشبنديءَ جي مريدن مان هو. مخدوم ابوالقاسم کيس مماتيءَ ۾ روحاني فيض سان نوازيو هو. ان کان پوءِ، خواجه محمد زڪي نقشبندي سرهنديءَ وٽان پڻ روحاني فيض حاصل ڪيائين . پاڻ ”خواجه ابوالمساڪين“ جي لقب سان مشهور ٿيو. مير ”قانع“ ٺٽويءَ جو قول آهي ته پاڻ پنهنجي پيءُ ۽ ڏاڏي جي بزرگيءَ جي آئيني کي روشن ڪندو رهيو.(36) سلطان الاولياءُ خواجه محمد زمان لواريءَ وارو سندس مريد ۽ خليفو هو. شيخ محمد ابوالمساڪين سن 1149هه/1736ع ۾ هن فاني جهان مان رحلت ڪئي.

*

## حوالا


(1) وفائي دين محمد، مولانا: ”تذڪره مشاهير سنڌ“- جلد پهريون،سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1974ع، ص 21 کان 23

(2) همايوني ”نياز“: ”ملوڪ الڪلام“، همايون پبليڪيشن، حيدرآباد سنڌ، 1977ع، ص 35

(3) مير علي شير “قانع” ٺٽوي: “تحفته الڪرام” (سنڌي)، مترجم: مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1957ع، ص 579
(4) ڏسو حوالو نمبر (1)، ص ، 132
(5) مخدوم محمد ابراهيم”خليل” ٺٽوي، “تڪمله مقالات الشعراء” (فارسي)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1958ع، ص 178
(6) ايضاً، ص 179
(7) ايضاً، ص 179 ۽ 180
(8) ڏسو حوالو نمبر (3)، ص 579
(9) ڏسو حوالو نمبر (5)، ص 180
(10) ايضاً، ص 181
(11) ايضاً، ص 183
(12) ڏسو حوالو نمبر (1)، ص 133
(13) ڏسو حوالو نمبر(5)، ص 44
(14) ايضاً، ص 186
(15) ايضاً، ص 183
(16) ايضاً، ص 182
(17) قدوسي اعجاز الحق، مولانا: “تذڪره صوفياء سنڌ”(اردو)، اردو اڪيڊمي سنڌ، ڪراچي سنڌ، ڇاپو ٻيو 1975ع، ص 241
(18) ڏسو حوالو نمبر (5)، ص 242
(19) ايضاً
(20) وفائي دين محمد، مولانا: “تذڪره مشاهير سنڌ” - جلد ٽيون، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1986ع، ص 276 کان 280
(21) ڏسو حوالو نمبر (5)، ص 246
(22) ايضاً
(23) ڏسو حوالو نمبر (3)، ص 414 ۽ 415
(24) ڏسو حوالو نمبر (20)، ص 96 ۽ 97
(25) ڏسو حوالو نمبر (3)، ص 487
(26) ايضاً
(27) ايضاً، ص 558
(28) مرزا قليچ بيگ: “قديم سنڌ، ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو”، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ڇاپو ٽيون 1981ع، ص 121
(30) ايضاً، ص 443

(31) ايضاً، ص 401
(32) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "معيارِ سالڪانِ طريقت" (فارسي)، تصحيح: ڊاڪٽر سيد خضر نوشاهي، اداره ء معارف نوشاهيه، ساهن پال شريف، 2000ع، ص 646
(33) وفائي دين محمد، مولانا: "تذڪره مشاهير سنڌ" - جلد ٻيو، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1985ع، ص 188
(34) قريشي حامد علي خانائي:"تواريخ نصرپور" (قلمي)، ص 119 ۽ 120
(35) ڏسو حوالو نمبر (3)، ص 421
(36) ايضاً، ص 578
*
(ماهوار"الرحيم" حيدرآباد سنڌ، مئي - جون 1978ع،- سَنواريل ۽ وَڌايل)

---

(1) نقشبندي سلسلي کي سڀ کان پهريائين "سلسله – خواجگان" جي نالي سان ترڪستان ۾ خواجه محمد تاليسويءَ شروع ڪيو. خواجه عبدالخالق غجدوانيءَ پڻ هن طريقي کي اڳتي وڌايو. ليڪن، هن سلسلي کي خواجه بهاءُ الدين نقشبنديءَ (المتوفي: 790هه/ 1388ع) وڏي عروج تي آندو، ۽ هن ئي بزرگ جي نسبت سان هيءُ سلسلو "سلسله – خواجگان" مان ڦري، "نقشبندي" سڏجڻ ۾ آيو.(ڏسو، همايوني "نياز": "ملوڪ الڪلام"، همايون پبليڪيشن، حيدرآباد سنڌ، 1977ع، ص 35)
(1) شيخ جيئو، ٺٽي ۾ مڪلي ٽڪريءَ تي آرامي آهي. الله وارن جي سَٿَ مان هڪ ولي ڪامل ۽ عارف بالله هو. سندس والد جو نالو شيخ نعمت الله هو، جو شيخ بهاء الدين زڪريا ملتانيءَ جي اولاد مان هو. هيءُ بزرگ سمن جي صاحبيءَ ۾ ٿي گذريو آهي. شيخ صاحب وڏين روشن ڪرامتن جو صاحب هو. سندس درويشيءَ ۽ بلند پايه بزرگيءَ جي ڪري کيس "مڪليءَ جو ڏيئو" ڪري سڏيندا آهن. حياتيءَ خواه مماتيءَ ۾ سندس ڪيترين ئي ڪرامتون بيان ڪيون وڃن ٿيون. سندس وفات جي تاريخ ۽ سن جي باري ۾ ڪجهه به معلوم ٿي نه سگهيو آهي. ("تحفته الڪرام" - سنڌي، ص 610 ۽ "تحفته الطاهرين" - سنڌي، ص 37 ۽ 38)
(2) پير پـُني جو اصل نالو حسين هو. پاڻ "اپلان" قوم مان هو. سندس ڪـُنيت "ابوالخير" ۽ لقب "شاهه عالم" هو. مير علي شير "قانع" ٺٽويءَ سندس نسب جو سلسلو هن ريت بيان ڪيو آهي:"حسين بن راڄپار بن لاکو بن سخيره." سندس والده جو نالو سلطاني بنت مراد بنت شرفو آهي. پاڻ سنڌ ۾ "شيخ يا پير پنو" جي نالي سان مشهور آهي. مير "قانع" ٺٽويءَ جو قول آهي شاهه جميل گرناري، جو سيد عبدالهادي بن سيد ابوالعطاس جي اولاد مان هو، ٻه سندس مريد هو، جنهن

جي مزار شيخ پُــنـي جي مقبري جي پرسان آهي. پير پُــنـي جهڙو ڪمال جو صاحب سچيءَ سنڌ ۾ ڪو ڄڃو پيدا ٿيو هوندو. شروع ۾ پاڻ ان ٽڪريءَ جي غار ۾ رهندو هو، جتي هن وقت سندس مدفن آهي. شيخ بهاءُ الدين زڪريا ملتانيءَ جي چوڻ تي غار مان ٻاهر آيو ۽ سندس مريد ٿيو. پير پُــنـي 646هـ/ 1248ع ۾ رحلت ڪئي. (“تحفته الڪرام” - سنڌي، ص 19-618) سيد عبدالقادر نصرپوريءَ “حديقته الاولياء سنڌ” ۾ سندس شان ۾ مدح ۾ هڪ ڊگهو نظم لکيو آهي.

(1) شيخ جلال محمد”ڪڪراله” جو رهاڪو هو. وڏو يگانه روزگار بزرگ هو. علم نجوم ۽ طب جو وڏو ڄاڻو هو. مخدوم محمد معين، سندس علميت جي ڏاڍي ساراهه ڪندو هو. سن 1175هه/ 1761ع ۾ وفات ڪري ويو.

(2) مير سعدالله بن سيد غلام محمد سلوني 1099هه/ 1688ع ۾ “الهه آباد” جي ويجهو هڪ ڳوٺ ۾ ڄائو. مير صاحب علم جو وڏو اڪابر هو. پاڻ ڪيترن ڪتابن جو مصنف ٿي گذريو آهي.

(1) محمد محسن ولد نور محمد، ٺٽي جو هڪ وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس خاندان وارا ريشم جو واپار ڪندا هئا. ٺٽي جي گورنر، مير لطف علي خان “همت” جي سرپرستيءَ ۾ شاعري جا ڏاڍا جوهر ڏيکاريائين. ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف پڻ هو. سندس مجموعه ڪلام، “ديوان محسن” جي نالي سان سنڌي ادبي بورڊ پاران سن 1963ع ۾ شايع ٿي چڪو آهي. هن 42 ورهين جي ڄمار ۾ 20- شوال المڪرم 1163هه/22- سيپٽمبر 1750ع تي رحلت ڪئي.

(1) “مخدوم ضياءُ الدين جي سنڌي”، جديد صورتخطيءَ ۾، 1992ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد سنڌ طرفان شايع ٿيو

# مخدوم آدم نقشبندي ٺٽوي

## ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

سنڌ جي سرزمين صدين کان وٺي اسلامي تصوف جو گهوارو پئي رهي آهي. تصوف، عرب جي صحرا ۾ جنم ورتو ۽ سنڌ ۾ اُن پروان حاصل ڪيو. برصغير هند و پاڪ ۾ جيڪي به وڏا وڏا صوفي درويش داخل ٿيا، اُهي پهريائين سنڌ ۾ آيا ۽ پوءِ هتان ئي برصغير جي ٻين علائقن ۾ پکڙجي ويا. سنڌ ملڪ جي هر شهر، ڳوٺ، واهڻ ۽ قصبي ۾ انهن صوفي درويشن جا ڪيترائي آستان ۽ خانقاهون آهن، جي انهن بزرگن جي بزرگيءَ ۽ عظمت جي نشاندهي ڪن ٿا. تصوف جا جيڪي به سلسلا ۽ طريقا(1) پيدا ٿيا، سنڌ جي بزرگن انهن سيني سلسلن ۽ طريقن ۾ پاڻ ڇڱو موکيو ۽ خدا جي مخلوق کي گهڻو فيض رسايو.

« Read more

Posted by wahabsahito at 8:26 PM 0 comments

Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## سيد عبدالقادر ٺٽوي نصرپوري - ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

# سيد عبدالقادر ٺٽوي/ نصرپوري(1)

(مؤلف: “حديقته الاولياء سنڌ”، تاليف: 1016هه/ 1607ع)

ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

مرحوم سيد حسام الدين راشديءَ سن 1967ع ۾ فارسي زبان ۾ “حديقته الاولياء سنڌ” ايڊٽ ڪري، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد طرفان شايع ڪرايو. انهيءَ ڪتاب جي شايع ٿيڻ کان پوءِ، راقم الحروف، پير صاحب کي خط لکيو، ته منهنجو گمان آهي ته “حديقته الاولياء سنڌ” جي مؤلف، سيد عبدالقادر جو تعلق ٺٽي سان نه، بلڪ نصرپور سان هو. پاڻ فرمايائون ته اهڙو تصديقي احوال هٿ ڪري مون ڏانهن ڏياري موڪليو، ته جيئن انهيءَ ڪتاب جي ٻيءَ اشاعت ۾ ان کي درست ڪري سگهجي. ان ڪان پوءِ، آءٌ انهيءَ سلسلي جي جستجوءَ ۾ لڳو رهيس.

« Read more

Posted by wahabsahito at 8:23 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## امين الملڪ نواب مير محمد معصوم بکريءَ جو اولاد ۽ آثار - ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

# امين الملڪ نواب مير محمد معصوم بکريءَ جو اولاد ۽ آثار

(مزيد تحقيق جي روشنيءَ ۾)

ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

سنڌ جي مشهور مؤرخ ۽ محقق، مرحوم سيد حسام الدين راشديءَ سنڌ جي تواريخ جي وِچايل وَٿُن کي هٿ ڪري، انهن جي مٿان زماني جي حادثن ۽ انقلابن جو چڙهيل لَٽُ لاهي ۽ صاف ڪري،

اسان سنڌ وارن جي اڳيان پيش ڪيوآهي. ان لاءِ راشدي صاحب وڏي قدر ۽ منزلت جو مستحق آهي. سيد حسام الدين راشديءَ سنڌ جي تواريخ تي جيڪو مواد اسان تائين پهچايو آهي، اُهو سنڌ جي ايندڙ مؤرخن ۽ محققن لاءِ صدين تائين رهنمائيءَ ۽ رهبريءَ جو ڪم ڪندو. “ڪابه شيءِ حرفِ آخر نه هوندي آهي” جي مصداق، انهن تواريخن ۾ ڪٿي ڪٿي ڪي ڳالهيون اڻڊيون به رهجي وينديون آهن، جن تائين بروقت رسائي ٿي نه سگهندي آهي. ان ڪري، اهو پوءِ جي لکندڙن جو ڪم آهي ته انهن تواريخي ڪتابن ۾ جيڪي ڳالهيون رهجي ويون هجن ۽ انهن بابت جيڪڏهن ڪو مستند مواد دستياب ٿئي، ته اُن جي روشنيءَ ۾ انهن خالن کي پُر ڪن ته جيئن اهي تواريخي حقيقتون مڪمل ٿي وڃن.

« Read more

Posted by wahabsahito at 8:21 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## سيد حيدر شاهه حقاني رضوي - ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

# سيد حيدر شاهه حقاني رضوي

ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

روز رنـــــــــــــــدي راز واري، روهڙيـــــــــــــــءَ ۾ لات آ،
وحدتي جت وَ ڏقــُڙي جان، هر گهڙي برسات آ.

(فقير غلام علي “مسرور” بدوي)

سيد حيدر شاهه حقاني پنهنجي وقت جو هڪ متبحر عالم ۽ فاضل ٿي گذريو آهي. روهڙي شهر ۾ سندس علم، زهد ۽ اتقا جي گهڻي شهرت هئي. سيد حيدر شاهه حقاني، امير سيد محمد مڪي رضويءَ(1) جي اولاد جوشيد مير حسن بن سيد موسيٰ بن سيد جادو بن سيد سونهارو بن سيد عبدالله(1) بن سيد ابوالغيث(2) بن سيد تاج الدين بن سيد خلق الصدق بن سيد تاج الدين بن سيد صدرالدين محمد خطيب(1) بن سيد امير محمد مڪي رح”(1)

« Read more

Posted by wahabsahito at 8:19 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## مخدوم جعفر بوبڪائي - ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

# مخدوم جعفر بوبڪائي

### ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

سنڌ ملڪ، قديم زماني کان وٺي، اسلامي تعليم، ديني علمن ۽ فنن جو مرڪز پئي رهيو آهي. سنڌ جي عظيم سرزمين، هر دؤر ۾ ڪيترن بزرگن ، عالمن، مفسرن، محدثن ۽ فقيهن کي جنم پئي ڏنو آهي، جن جي علميت ۽ بزرگي نه صرف سنڌ تائين محدود رهي، بلڪ ساري اسلامي دنيا ان مان فيض حاصل ڪيو."بـُـوبڪن" (1) جو قديم علمي، تهذيبي ۽ تمدني شهر، سنڌ جي اوائلي ۽ مکيه علمي مرڪزن مان هڪ آهي. قديم زماني ۾ هيءُ شهر، علم ۽ عرفان جو هڪ وڏو گهوارو هو. هن شهر ۾ وڏا وڏا ديني مدرسا ۽ خانقاهون، ۽ بزرگن ۽ درويشن جا آستانا هئا، جتي صدين تائين علم جي شمع روشن رهي. سنڌ جي ڪيترن ئي عالمن ۽ بزرگن انهن مدرسن ۽ خانقاهن مان دنيوي خواه باطني علم جي روشني حاصل ڪئي. "بـُـوبڪن" جي اها قديم بستي اڄ به قائم آهي، پر منجهس اها اڳ واري علمي رونق نه رهي آهي ۽ هن وقت اهي مدرسا ۽ خانقاهون اجڙي ويران ٿي ويا آهن ۽ بزرگن جا آستان اڄ خالي آهن.

ڏهين صدي هجريءَ ۾ سنڌ اندر ڪيترائي بلند پايي جا عالم، بزرگ ۽ صوفي درويش ٿي گذريا آهن، جن جو احوالُ عربي ۽ فارسي تذڪرن ۾ ملي ٿو. ان ساڳئي دؤر ۾، "بـُـوبڪن" جي قديم شهر ۾، "مخدوم جعفر" هڪ وڏو جيد عالم، مفسر، محدث، فقيه ۽ صاحبِ شريعت بزرگ ٿي گذريو آهي. سرزمينِ سنڌ کي مخدوم صاحب جي علمي بصيرت تي هميشه ناز رهندو. مخدوم جعفر بـُـوبڪائي جي زندگيءَ جو مفصل احوالُ، سنڌ جي ڪنهن به تواريخ ۽ تذڪري ۾ ڪونه ٿو ملي. البت، هن ويجهڙائيءَ واري زماني ۾، مخدوم صاحب جي حياتيءَ ۽ سندس علمي ۽

ادبي ڪارنامن تي ڪنهن حد تائين ڪجهه نه ڪجهه روشني وڌي ويئي آهي.

مخدوم جعفر جي خانداني پس منظر جي باري ۾ ڪن عالمن جي تحقيق موجب، ٻُنهي ڪن ۾ قديم زماني کان وٺي حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي چاچي، حضرت عباس رضي الله تعالٰي عنه بن عبدالمطلب جي اولاد مان هڪ خاندان رهندو هو، جو حضرت عباس رضي الله تعالٰي عنه جي نسبت سان "عباسي" ڪري سڏيو ويندو هو ۽ اهو خاندان اڄ تائين انهيءَ نالي سان سڏجڻ ۾ اچي ٿو. ساڳئي وقت، هيءُ خاندان پنهنجي علمي برتريءَ جي ڪري، عزت ۽ احترام وچان "مخدوم" جي نالي سان به سڏجي ٿو.

مخدوم جعفر، ٻُنهي ڪن جي انهيءَ معزز "عباسي" خاندان جو هڪ روشن چراغ هو. انهيءَ خاندان جي نسب جو سلسلو، حضرت عباس رضي الله تعالٰي عنه جي خاندان جي لــڙهيءَ جي هڪ بزرگ، مخدوم ابوبڪر سان ملي ٿو.(1) مخدوم جعفر جي نسب جو سلسلو، هن ريت بيان ڪيو وڃي ٿو:

"مخدوم جعفر بن عبدالڪريم عرف ميران بن يعقوب(2) بن نُورالدين بن مرذوق بن شيخ قلندر بن مروه بن ميراه بن عاري بن شيخ توغان ابوبڪر بن شيخ محمد بن شيخ ابوبڪر بن سلطان خلجي خان بن سلطان ترڪ بن سالار خان بن بزدار خان بن سلطان اندسن بن ابوبڪر بن هاشم بن عبدالله بن عباس رضه بن عبدالمطلب بن هاشم بن عبدالمناف."(1)

انهيءَ مٿئين نسب نامي مان اهو واضح ٿئي ٿو ته مخدوم جعفر هڪ اعلٰي ۽ اِرفع خاندان جي هڪ بلند مرتبي جي عالم، مخدوم عبدالڪريم عرف مخدوم ميران (المتوفي: 949هه/1542ع) جو فرزند رشيد هو. ڪانئس وقت جي ڪيترن ئي نامور عالمن ۽ بزرگن علم جو فيض حاصل ڪيو. علامه طاهر بن يوسف پاتائي(1)، حڪيم عثمان بن عيسٰي برهانپوري(2)، مخدوم محمد عثمان درٻيلوي(3) ۽ سنڌ جو حڪم مرزا شاهه حسن ارغون (المتوفي: 962هه/ 1555ع) سندس خاص طالب العلم هئا.(1)

مخدوم عبدالڪريم عرف ميران جي باري ۾، مير علي شير "قانع" ٺٽوي لکي ٿو:

“مخدوم ميران ولد مولانا يعقوب، معقولي خواه منقولي علمن جو جامع هو. مرزا شاهه حسن کي به ڪجهه وقت تعليم ڏني هئائين. اڪثر طالب، علم جو نور سندس روشن طبع جي فانوس مان وٺندا هئا. سن 949هه ۾ گذاري ويو. ’علامه وارث الانبياء‘ سندس تاريخ آهي. هن جي مزار مڪلي ٽڪريءَ تي آهي.”(2)
اهڙيءَ طرح، مير علي شير “قانع” ٺٽويءَ پنهنجي ٻين ڪتابن، جهڙوڪ: “مقالات الشعراء”(3) ۽ “معيارِ سالڪانِ طريقت” (4) ۾ پڻ مخدوم ميران جو اهو ساڳيوئي”تحفته الڪرام” وارو احوال بيان ڪيو آهي. مير “قانع” ٺٽويءَ مخدوم ميران کي ٺٽي جي عالمن ۽ بزرگن ۾ شمار ڪري، سندس مدفن مڪلي ٽڪريءَ تي ڄاڻايو آهي. دراصل، مخدوم ميران جو تعلق “ٺٽي” سان نه، بلڪ “ٻُوبڪن” سان هو. مخدوم ميران ديني ۽ فقهي مسئلن جي بحث مباحثي جي سلسلي ۾ ٺٽي جي عالمن وٽ ايندو رهندو هو. ان دوران مخدوم صاحب جي وفات ٺٽي ۾ واقع ٿي ۽ کيس مڪلي ٽڪريءَ تي مدفون ڪيو ويو.(1)
مخدوم ميران جي والد، مولانا يعقوب جو “ٻُوبڪن” ۾ وڏو ديني مدرسو قائم هو. هن پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ، ان مدرسي کي جاري رکيو ۽ پاڻ خود ان مدرسي ۾ درس ۽ تدريس جو ڪم ڪندو هو. مخدوم ميران ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف ۽ مؤلف هو، جي هن وقت زماني جي دستبرد جو شڪار ٿي ناپيد ٿي ويا آهن. مخدوم ميران، سنڌ جي هاڪاري حاڪم، ڄام نظام الدين سمي عرف ڄام نندي جي دؤر حڪومت ۾، سن 949هه/1542ع ۾ هن فاني جهان مان رحلت ڪئي.(1)
مخدوم جعفر جي زندگيءَ جو ڪوبه مفصل احوالُ، سنڌ جي ڪنهن به تواريخ يا تذڪري ۾ بيان ٿيل ڪونه ٿو ملي. انهيءَ جي باوجود، سنڌ جي ڪن تواريخن ۽ سيرت جي ڪتابن خواه هن ويجهڙائيءَ جي زماني ۾ ڪن عالمن ۽ محققن جي ڪيل تحقيقات ۽ جاکوڙ جي سلسلي ۾ مخدوم صاحب جي حياتيءَ جي باري ۾ بيان ڪيل منتشر احوال جي ڪڙين کي يڪجاءِ ڪري، مرتب ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي.
سنڌ جي تواريخ ۾ سڀ کان پهرئين مؤرخ، مير محمد معصوم بکريءَ جو نالو ملي ٿو، جنهن مخدوم جعفر جي باري ۾ پنهنجي ڪتاب”تاريخ

معصومي” ۾ تورو ڪجهه اشارتاً بيان ڏنو آهي. مير محمد معصوم بکري لکي ٿو:

“سنڌ جو هڪ عالم مخدوم جعفر، مرزا عيسىٰ ترخان کان روايت ڪندو هو ته هن حملي ۾ مغل هڪ هزار ته رڳو اُتَ ڪاهي ويا، جيڪي رات جو باغن جي نارن ۾ ڪم ڪندا هئا.”(5)

مير محمد معصوم بکريءَ جي انهيءَ مٿئين بيان مان مخدوم جعفر جي متعلق ڪوبه مفصل احوال ڪونه ٿو ملي. البت، ان مان ايترو واضح ٿئي ٿو ته مخدوم جعفر ان زماني جي وڏن عالمن ۾ بزرگن جي سَٽَ مان هو. “تاريخ معصومي” کان پوءِ، اسان کي سنڌ جي مشهور ۽ معروف تذڪره نويس، مير علي شير “قانع” ٺٽويءَ جي ڪتاب “تحفته الڪرام” ۾ مخدوم صاحب جي باري ۾ ڪجهه احوال دستياب ٿئي ٿو. مير “قانع” ٺٽوي لکي ٿو:

“مخدوم جعفر ولد مخدوم ميران - مخدوم نوح جو همعصر، ڪمالين جو جامع ۽ زبردست عالم ٿي گذريو آهي. چون ٿا ته هڪ ڏينهن مخدوم نوح عليه الرحمته فرمايو ته،’مان خدا تعالىٰ کي هنن اکين سان ڏٺو آهي‘. مخدوم جعفر فرمايو ته، ’توهان هنن اکين سان ڪونه ڏٺو هوندو، هن حقيقت جي ظاهر ڪرڻ خاطر، توهان کي گهرجي ته جڏهن به توهان کي اهڙي حالت پيدا ٿئي، تڏهن ڪنهن خادم کي پنهنجين اکين بند ڪرڻ جو امر فرمايو. پوءِ به جيڪڏهن خداتعالىٰ جو ديدار قائم آهي، ته پوءِ يقين ڄاڻو ته اُها اکِ هيءَ ظاهري اکِ ۽ اُهو دِيدار هيءُ رواجي دِيدار نه آهي.‘ مخدوم نوح هن تجربي ڪرڻ کان پوءِ فرمايو ته، ’جي نه هجي ها جعفر، ته نوح ٿئي ها ڪافر.‘“ (6)

مير علي شير “قانع” ٺٽويءَ جي انهيءَ مٿئين بيان مان مخدوم جعفر بوبڪائي ۽ سنڌ جي وڏي روحاني بزرگ، مخدوم نوح هالائيءَ جي درميان ٿيل روحاني منزل جي گفتگوءَ جو پتو پوي ٿو. ساڳئي وقت، انهيءَ ڳالهه جي پڻ ڄاڻ ملي ٿي ته مخدوم جعفر، مخدوم نوح (المتوفي: 998هه/1590ع) جو همعصر هو.

مخدوم جعفر جي ولادت جي باري ۾ پڻ ڪنهن قديم ذريعي مان ڪجهه به معلوم ٿي نه سگهيو آهي. مخدوم صاحب جي ولادت متعلق صرف قياس آرائيون ملن ٿيون. انهيءَ ڏس ۾ محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو:

“جڏهن سن 949هه/1542ع ۾ مخدوم جعفر جي والد، مخدوم ميران وفات ڪئي، انهيءَ سال جي مناسبت سان ۽ پڻ انهيءَ حوالي جي اعتبار سان ته مخدوم جعفر سن 958هه/1551ع ۾ حج ڪيو، چئي سگهجي ٿو ته مخدوم جعفر سن 930هه/ 1524ع ڌاري ڄائو.” (7)
ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو اهو مٿيون بيان واضح ڪونه ٿو ٿئي ۽ نه وري پاڻ ان لاءِ ڪو مستند حوالو ڏنو اٿائين. دراصل، مخدوم صاحب جي حياتيءَ جي تذڪري ۾، سنڌس ڄم، تعليم ۽ تربيت جي باري ۾، سنڌ جي ڪنهن به عالم ڪوبه واضح ۽ پورو صحيح احوال بيان نه ڪيو آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي انهيءَ مٿئين راءِ جي آڌار تي مخدوم جعفر جي ڄمڻ واري سال 930هه/ 1524ع کي سامهون رکي اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو، ته مخدوم صاحب پنهنجي والد جي وفات وقت پاڻ 19 ورهين جي ڄمار جو هوندو! مير علي شير “قانع” ٺٽويءَ پنهنجي ڪتاب”تحفته الڪرام” ۾ مخدوم جعفر ۽ مخدوم نوح جي وچ ۾ جيڪا گفتگو بيان ڪئي آهي، جنهن جو اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون، ان مان انهيءَ ڳالهه جو پورو ثبوت ملي ٿو ته مخدوم جعفر ننڍيءَ عمر ۾ ئي علم تصوف ۽ روحانيت ۾ ايتري پختگي حاصل ڪري چڪو هو، جو پاڻ مخدوم نوح سان روحاني مجلس ڪندي، سندس ڪيل دعويٰ جي اصلاح ڪئي هئائين، جنهن جو مخدوم نوح خود اعتراف ڪيو آهي.
مخدوم جعفر ابتدائي تعليم جو درسُ پنهنجي والد، مخدوم عبدالڪريم عرف ميران کان سندس ئي مدرسي ۾ “بُوبڪن” ۾ حاصل ڪيو ۽ اعليٰ ديني تعليم ۽ ٻين مختلف علمن ۾ پڻ پنهنجي والد کان تحصيل ڪيائين، ۽ وٽانئس ئي مڪمل فارغ التحصيل ٿيو. ان کان سواءِ، پاڻ ضرور سنڌ جي ڪن ٻين وڏن عالمن ۽ مشائخن کان به ظاهري خواه روحاني علم جو استفادو ڪيو هوندائين!
مخدوم جعفر سن 958هه/ 1551ع ۾ حج بيت الله جي سعادت حاصل ڪئي. ان موقعي تي مخدوم صاحب مه ڪي معظمه ۾ اسلامي دنيا جي هڪ وڏي جيد عالم ۽ حديث جي فن جي وڏي ماهر، محمد بن محمد البڪري الشافعي سان ملاقات ڪيائين ۽ ڪانئس حديث جي فن ۾ وڌيڪ تعليم حاصل ڪيائين. (8) ان کان سواءِ، اُتي جي مشهور امام عبدالقادر بن ابراهيم بن محمد سان به مخدوم جعفر جون علمي ڪچهريون ۽ بحث مباحثا ٿيا. مخدوم صاحب سن 961هه/ 1554ع

ڏاري مڪي شريف کان واپس پنهنجي وطن سنڌ ۾ ”ٻـُـوبڪن“ ۾ موٽي آيو. ٻـُـوبڪن ۾ موٽي اچڻ کان پوءِ، پاڻ پنهنجي والد جي قائم ڪيل ديني مدرسي ۾ هڪ ڄاڻو، ماهر ۽ قابل اُستاد جي حيثيت ۾ پنهنجن شاگردن کي تعليم ڏيڻ شروع ڪيائين. انهيءَ سلسلي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو:
”مخدوم جعفر حج ڪرڻ کان پوءِ سنڌ موٽي آيو ته پنهنجي والد وانگر هڪ وڏي ڄاڻو اُستاد جي حيثيت ۾ نئي ۾ تعليم ڏيڻ شروع ڪيائين.“(9)
ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو اهو مٿيون رايو درست نه آهي. مخدوم صاحب ۽ سندس والد صاحب جو تعلق ٺٽي سان نه، پر ٻـُـوبڪن سان هو. ٻـُـوبڪن ۾ سندس وڏن جو قائم ڪيل مدرسو هو، جنهن کي مخدوم جعفر قائم رکيو. سندس درسگاهه مان ڪثرت سان وقت جا وڏا عالم ۽ فاضل صاحبِ علم ٻڻجي نڪتا. مخدوم صاحب پنهنجي مدرسي ۾ ظاهري خواه باطني تعليم ذريعي عالمن ۽ فاضلن جي هڪ وڏيءَ جماعت کي علم ۽ فضل جي آخري درجي تائين پهچائي، صاحبِ ڪمال ٻڻايو. اهڙيءَ طرح، مخدوم صاحب پنهنجي سموري حياتي درس ۽ تدريس جي مشغلي ۾ پوري ڪئي.
مير علي شير ”قانع“ ٺٽوي، مخدوم جعفر جي علميت ۽ بزرگيءَ جي ساراهه جا ڍڪ ڀريندي، ”مقالات الشعراء“ ۾ لکي ٿو:
”مخدوم جعفر بوبڪائي وڏي جلالت، شان ۽ علمي عظمت جو مالڪ هو. تصوف ۽ احسان ۾ يڪتاءِ زمانه هو. مخدوم صاحب جتي فقه ۽ حديث جو وڏو عالم هو، اتي ٻين علمن جو پڻ جامع هو.“(10)
مير ”قانع“ ٺٽويءَ جو بيان آهي:
”مخدوم جعفر تي مشهور عالم حافظ ابن تيميه جو وڏو اثر هو ۽ اهو مخدوم صاحب جي تصنيفات مان پڻ ظاهر ٿئي ٿو.“(11)
مخدوم جعفر جو ا ڪثر وقت تزڪيه باطن، مجاهده نفس، زهد، رياضت، عبادت ۽ درس تدريس جي مشغلي سان گڏوگڏ، تصنيف ۽ تاليف ۽ فتوٰي نويسيءَ ۾ گذرندو هو. سموري حياتي پڙهڻ ۽ لکڻ ۾ پوري ڪيائين. پاڻ منطق ۽ فلسفي سان گڏ ٻين علمن، فنن ۽ حڪمت جا ڪتاب پڻ پڙهائيندو هو ۽ انهن ۾ يڪتاءِ روزگار هو. مخدوم صاحب وڏو بااخلاق ۽ ڪريم النفس شخصيت جو مالڪ هو. پاڻ پنهنجي وقت جو وڏو اولياءُ، متقي عالم، باعمل بزرگ، فاضل ۽ ڪامل انسان هو. مخدوم صاحب حرمين شريفين جي سفر کان سواءِ، سنڌ ۽ هند جو به

وڏو سير ۽ سفر ڪيو، ۽ ڪيترن ئي وقت جي عالمن، مشائخن ۽ روحاني بزرگن جي آستانن تي وڃي استفادو ڪيائين، پاڻ گجرات ۽ شاهجهان آباد(دهلي) جي طرف به ويو هو.(1)

مخدوم جعفر ڪيترن ئي اعلىٰ ڪتابن جو مصنف هو. سندس اهي علمي شهه پارا سموريءَ اسلامي دنيا ۾ وڏي شهرت حاصل ڪري چڪا آهن ۽ هڪ سند جي حيثيت رکن ٿا. مخدوم صاحب نثر سان گڏو ڪڏهن فارسيءَ ۾ شعر به چوندو هو. مير علي شير "قانع" ٺٽويءَ سندس هڪ شعر جو نمونو ڏنو آهي:

بهارِ طرهء دلدار طرفه رنگي داشت،
که آهوانِ حرم را بصيد مي آورد.(12)

ازان سواءِ، مخدوم صاحب جي باري ۾ اها به هڪ حيرت ۾ وجهندڙ روايت ملي ٿي ته پاڻ جيتوڻيڪ تصوف جي طرف مائل هو، پر شيخ محي الدين ابن عربيءَ جي تصوف جي ڪتابن پڙهڻ کان پين کي اڪثر منع ڪندو هو. اها حقيقت سندس تاليف ڪيل ڪن ڪتابن مان پليءَ پت ظاهر ٿئي ٿي.

مخدوم جعفر جي باري ۾، محمد غوثي شطاري مانڊويءَ جو قول آهي: "مخدوم جعفر بوبڪائي پنهنجي زندگيءَ جي پوئين دور ۾ منطق ۽ فلسفي جي ڪتابن کي پاسيرو رکي، سفر خواه حضر ۾ احياءُ العلوم، عوارف المعارف ۽ فصل الخطاب جهڙن تصوف جي ڪتابن جو گهڻو مطالعو ڪندو هو."(13)

مخدوم جعفر جي متعلق، جهڙيءَ ريت سندس ڄمڻ جي تاريخ ۽ سن بابت ڪنهن به تواريخ يا تذڪري جي ذريعي ڪابه خبر ڪانه ٿي پوي، اهڙيءَ طرح سندس وفات جي باري ۾ به ڪوبه پتو ڪونه ٿو پوي ته مخدوم صاحب ڪڏهن ۽ ڪهڙي سن ۾ هن فاني دنيا مان رحلت ڪئي. ليڪن، "تاريخ معصومي" جي بيان مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته پاڻ مرزا شاهه بيگ ارغون جي سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ وقت زنده هو ۽ مرزا عيسىٰ ترخان(1) (المتوفي: 974هه/ 1566ع) جي زماني تائين به مخدوم صاحب حال حيات هو، ۽ پنهنجي اباڻي شهر "ٻُوبڪن" ۾ پنهنجي مدرسي ۾ درس ۽ تدريس سان گڏ تصنيف ، تاليف ۽ فتوىٰ نويسيءَ جي ڪم ۾ مشغول هو. مخدوم صاحب پنهنجو مشهور تعليمي سڪيا وارو

ڪتاب ”حاصل النهج“ سن 976هه/1568ع ۾ تاليف ڪيو. مخدوم صاحب کي اڪثر ڪري سيني تذڪره نگارن ڏهين صدي هجريءَ جي عالمن ۾ شمار ڪيو آهي.
مخدوم جعفر جي وفات جي باري ۾، محمد غوثي شطاري ماڊويءَ پنهنجي ڪتاب "گلزار ابرار" ۾ "باد بروحش مقام جنت فصل الخطاب" جو فقرو بيان ڪيو آهي.(14) انهيءَ مذڪور فارسي فقري مان جڏهن ابجد جي حساب موجب قيمت ڪڍجي ٿي، ته پوءِ ان جو حساب پورو نه ٿو بيهي. "گلزار ابرار" جو مؤلف، مسيح الزمان شيخ عيسىٰ ي بن قاسم پاٽائيءَ جي زباني روايت ڪري ٿو ته مون حڪيم عثمان بوبڪائيءَ کان ٻڌو، ته مخدوم جعفر آخري عمر ۾ منطق جا ڪتاب درياء ۾ لوڙهي ڇڏيا هئا.(15) جيئن ته حڪيم عثمان بوبڪائيءَ سن 1008هه/1600ع ۾ رحلت ڪئي، انهيءَ لحاظ کان اهو چئي سگهجي ٿو ته مخدوم جعفر يارهين صدي هجريءَ جي ابتدائي سالن ۾ 1008هه/ 1600ع کان اڳ هن فاني جهان مان رحلت ڪئي هوندي. مخدوم صاحب کي وفات کان پوءِ "ٻُوبڪن" ۾ سندس اباڻي قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.
مخدوم جعفر پنهنجي زماني جي عجائبات مان هو ۽ سندس اولاد به فضيلت جو صاحب هو. سندس اولاد مان وڏا عالم ۽ ڪماليت جا صاحب ٿي گذريا آهن. مخدوم صاحب کي پنج فرزند ٿيا:
1. مخدوم عبدالله: هيءُ مخدوم جعفر جو وڏو فرزند هو. مخدوم صاحب انهيءَ فرزند جي نالي سان "ابوعبدالله" جي ڪُنيت استعمال ڪندو هو. سندس هيءُ فرزند شايد ننڍي هوندي فوت ٿي ويو، ان ڪري سندس وڌيڪ احوال ڪونه ٿو ملي.
2. مخدوم عبدالعليم: مخدوم جعفر جو هيءُ فرزند هڪ وڏو جيدعالم ۽ بلند مرتبي وارو بزرگ ٿي گذريو آهي. پاڻ فتوىٰ ي جو صاحب هو. سندس فتوائون ان زماني ۾ ضرب المثل هيون. مخدوم عبدالعليم کي مخدوم صلاح الدين نالي فرزند هو. هو به پنهنجي پيءُ ۽ ڏاڏي وانگر وقت جو ناميارو عالم ۽ فاضل هو.
<u>3. مخدوم نصيرالدين / نصيرمحمد:</u> هيءُ بزرگ پنهنجي زماني جي اهم ناميارن شخصيتن مان هڪ هو. "تاريخ مظهر شاهجهاني" جي مؤلف ، يوسف ميرڪ سان سندس گهرا ۽ گهاٽا تعلقات قائم هئا.

يوسف ميرڪ پنهنجي ڪتاب”تاريخ مظهر شاهجهاني“ ۾ سندس ذڪر ڪيو آهي.(16)
4. مخدوم نورالدين: مخدوم نورالدين جو احوال ”بياض هاشمي“ ۾ ملي ٿو. علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب”المتانته“ جي حاشيي ۾ سندس ذڪر ڪيو آهي.
5. مخدوم نجم الدين: هيءُ هڪ وڏو عالم ۽ فضل جو مالڪ هو. پنهنجي زماني جي وڏن مشائخن مان هو. ظاهري علمن سان گڏ روحاني علمن جو پڻ جامع هو. ٻُوبڪن جي شهر ۾ اتر - اوڀر ۾ سندس تعمير ڪرايل مسجد آهي، جتي سندس آخرين آرام گاه آهي. سندس مزار اڄ به مرجع عام و خاص آهي.
مير علي شير ”قانع“ ٺٽويءَ پنهنجي ڪتاب ”تحفته الڪرام“ ۾ مخدوم عبدالغني ۽ سندس ڀاءُ مخدوم نورالدين جو ذڪر ڪيو آهي. مير ”قانع“ ٺٽويءَ هنن ٻنهي بزرگن جي ڪماليت ۽ فضيلت جي ساراهه جا ڏڪ ڀريا آهن ۽ کين مخدوم جعفر جي اولاد مان ڄاڻايو آهي. انهن مان مخدوم عبدالغني، سنڌ جي ڪلهوڙي حاڪمو ميان محمد مراداياب خان جي حڪومت جي دؤر ۾ هو ۽ ٻيو بزرگ مخدوم نورالدين وري ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي زماني ۾ گذاري ويو.(17) اهي ٻئي بزرگ مير علي شير ”قانع“ ٺٽويءَ جا همعصر هئا.
مير علي شير ”قانع“ ٺٽوي پنهنجي ڪتاب ”مقالات الشعراء“ ۾ انهن مٿين ٻنهي بزرگن لاءِ لکي ٿو:
”مخدوم عبدالغني، مخدوم جعفر جي پُشت مان آهي، مخدوم عبدالغنيءَ جي ڀاءُ مخدوم نورالدين سندس وفات جي تاريخ 1169هه قرآن پاڪ جي آيت موافق منظوم ڪئي آهي. جا هن ريت آهي:

مخدومِ پاک سیرت عبدالغني که بود،
در علمِ شرع مصطفوي مخزنِ نهفت.
هاتف بروز رفتنِ وي در جنان ز غیب.
<u>’فيهَا عَلَي الارَائِكِ نِعمَ الثوَاب‘گفت.(18)</u>
1169هه

اهي مٿيان ٻئي بزرگ، مخدوم جعفر جي پوٽن مان آهن ۽ انهن ٻنهي جون مزارون اڄ تائين ٻُوبڪن جي قبرستان ۾ موجود آهن. مخدوم عبدالغنيءَ جي مزار تي هيٺيون تحرير ٿيل آهي.

کـــــرد حـــــــق ســــــــال رحلــــــتِ مخــــــــدوم،
دو عــــــــدد را باســــــــــم آن داخــــــــل.
درجـــــــــــــــه اول از بهشــــــــــــــتش داد،
کـــــــــرد عبــــــــــدالغني دران داخـــــــــل.(19)

1169هه

تصنيفات

مخدوم جعفر کي سيني علمن، جهڙوڪ: تفسير، حديث ۽ فقه وغيره ۾ وڏو درڪ حاصل هو. پاڻ هڪ وڏي عرصي تائين سنڌ ۾ پنهنجي ابـاڻي ڳـوٺ "بـُـوبڪ" ۾ انهـن مڙنـي علمـن جـو درس ڏينـدو رهيـو، جـتي سندس شمارُ وڏي مستند عـالمن ۾ ٿينـدو هـو. مخـدوم صـاحب تمـام گهڻين تصنيفن ۽ تاليفن وارو بزرگ ٿي گذريو آهي ۽ اها هـڪ صـحيح ۽ واضح حقيقت آهي، ڇا ڪاڻ تـه هـن پنهنجـي سـموري حيـاتي درس ۽ تدريس، تصنيف ۽ تاليف ۾ پوري ڪئي. سندس تصـنيف ۽ تـاليف ڪيـل ڪتابن مان جن جو احوال دستياب ٿـي سـگهيو آهـي، تنهـن جـو هـتي مختصر تعارف ڏجي ٿو:(1)

1. نهج التعلم

مخدوم جعفر، هيءُ ڪتـابُ هـڪ تعليمـي مـاهر جـي حيثيت ۾، عربـي ٻـوليءَ ۾ تصـنيف ڪيـو. مخـدوم صـاحب هـن ڪتـاب ان وقـت جـي مدرسن ۾ عربـي ٻـوليءَ جـي جيڪا تعليـم ڏنـي وينـدي هئي، اُن جـي سکڻ، پڙهڻ ۽ اصولن تـي هـڪ ڪاميـاب مـدرس ۽ تعليمـي مـاهر جـي حيثيت ۾ نهايت ئي عالمانه انداز ۾ مفصل بحث ڪيو آهي. عربي زبـان پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي طريقن ۽ اصولن تي برصغير هنـد و پـاڪ جـو هيـءُ پهريون معلم ڪتاب آهي. ساڳئي وقت، شاگردن ۽ استادن جي ذهني ۽ نفسياتي صلاحيتن، تعليمي طريقـن ۽ اصـولن متعلـق، هـن ڪتـاب ۾ تفصيل سان چاڻ ڏني ويئي آهي. مخدوم صاحب، هيءُ ڪتـاب ڪهـڙي سن ۾ تصنيف ڪيو، ان جي معلومات حاصل ٿـي ڪانه سـگهي آهـي. ليڪن ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو چـوڻ آهـي تـه مخـدوم صـاحب هيءُ ڪتاب سن 973هه/1565ع ۾ لکيو هو. (20)

2. حاصل النهج

مخدوم جعفر پنهنجي مٿئين مذڪور عربي ڪتاب"نهج التعلـم" جـو سـن 976هـه/1568ع ۾ "حاصـل النهـج" جـي نـالي سـان فارسـي زبـان ۾، اُستادن جي رهنمائيءَ لاءِ خلاصو تيار ڪيو.(21) هن ڪتاب ۾ علم، معلـم

۾ تعليم جي فلسفي تي نهايت ئي عالمانه ۽ ماهرانه انداز ۾ بحث ڪيو ويو آهي. هن موجوده سائنسي دؤر ۾ تعليم جي سلسلي ۾، هيءُ ڪتاب وڏي اهميت رکي ٿو. هن ڪتاب جو فارسي متن، انگريزي خُلاصي ۽ مقدمي سميت، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق ۽ تصحيح سان سن 1969ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان شايع ٿيو. ڊاڪٽر عبدالرسول قادريءَ انهيءَ ڪتاب جو سنڌي ترجمو ڪيو آهي، جو سن 1993ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد سنڌ طرفان اشاعت هيٺ اچي چڪو آهي.

3. مَنهَجُ العمّال

مخدوم جعفر هيءُ ڪتاب حديث جي فن تي هڪ جامع ڪتاب جي صورت ۾ تصنيف ڪيو آهي. هيءُ ڪتاب اصل ۾ علامه علي متقي الهندي(1) (المتوفي: 975هه/1567ع بن حسام الدين برهان پوريءَ جي تاليف ڪيل ڪتاب "ڪنزالعمال" جو خلاصو ۽ انتخاب آهي. هن ڪتاب جو هڪ قلمي نسخو، درگاهه ٽنڊي سائينداد جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي.

4. عـُجالته الطالبين في انتقاد الحافظين في بيان الاحاديث الموضوعات

مخدوم جعفر هيءُ ڪتاب علم حديث ۾ "موضوعات"، يعني جـُـڙتو روايتن ۽ مشهور ڪُوڙين حديثن جي باري ۾ لکيو آهي. اصل ۾ هيءُ ڪتاب علامه محمد بن طاهر پٽنيءَ(1) (المتوفي: 986هه/1578ع) جي ڪتاب"تذڪره الموضوعات"(2) جو خلاصو آهي. علامه غلام مصطفٰي قاسميءَ "المتانته" جي مقدمي (ص 34 کان 40) ۾ ان جو ذڪر ڪيو آهي.

5. فتح الدارين

مخدوم صاحب، فارسي زبان ۾ وظائف ۽ اخلاقيات جي موضوع تي هيءُ هڪ بهترين ڪتاب تاليف ڪيو آهي. هيءُ ڪتاب بن حصن ۾ ورهايل آهي. پهرئين ڀاڱي ۾ حديث نبويءَ جي روشنيءَ ۾ اوراد ۽ وظائف ڏنا ويا آهن ۽ ٻئي ڀاڱي ۾ انساني اخلاق جي سڌاري لاءِ علامه سيوطيءَ جي مشهور ڪتاب "جامع صغير" تان چاليهه حديثون ڏنيون ويون آهن. هن ڪتاب جو قلمي نسخو علامه غلام مصطفٰي قاسميءَ جي ذاتي ڪتبخاني ۾ موجود آهي.(22)

6. اِرشاد الصادقين

مخدوم جعفر جو هيءُ ڪتاب "تصوف" جي موضوع تي فارسي زبان ۾ نهايت ئي عمدو ڪتاب آهي. هن ڪتاب ۾ تصوف جا اصول، وظائف، وعظ ۽ وصيتون بيان ٿيل آهن. هن ڪتاب جو قلمي نسخو مولانا عبدالوهاب چاچڙ روهڙيءَ واري جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي.

7. ڪشف الحق للصادق المنصف المحق بالدلائل التي هي بالتقديم احرى و احق

مخدوم صاحب جي هيءَ تصنيف عربي زبان ۾ آهي. هيءُ ڪتاب "علم الڪلام" سان واسطو رکي ٿو. هن ڪتاب ۾ مخدوم صاحب پنهنجي دؤر ۾ سنڌ ۾ مروج عقيدن، بدعتن ۽ ٻين ڪيترن ئي مسئلن تي عالمانه انداز ۾ بحث ڪيو آهي ۽ مستند ڪتابن، تفسيرن ۽ حديثن جي حوالن سان اهو ثابت ڪيو آهي ته اهي سڀ ڳالهيون شرع محمديءَ جي بلڪل خلاف آهن ۽ انهن تي عمل ڪرڻ کان منع فرمائي وئي آهي. هن ڪتاب ۾ حديث شريف جي ڪيترن ئي ڪتابن جا جاءِ بجاءِ حوالا ڏنا ويا آهن، جنهن مان مخدوم جعفر جي علميت ۽ مطالعي جو پتو پوي ٿو.

8. معاقد العقائد المعروف بالمڪالمات

مخدوم جعفر جو هيءُ ڪتاب "علم الڪلام" جي موضوع تي عربي زبان ۾ تصنيف ڪيل آهي. مخدوم صاحب هن ڪتاب ۾ ڏهين صدي هجريءَ ۾ سنڌ اندر جيڪي به عقيدا، نظريا ۽ فڪر موجود هئا، تن سيني کي مڪالمن جي صورت ۾ نروار ڪيو آهي. هيءُ ڪتاب انهيءَ موضوع تي مخدوم صاحب جو هڪ بي نظير ۽ قيمتي ڪتاب آهي. منجهس وقت جي وڏن بلند مرتبي جي عالمن، مفسرن ۽ فقيهن، جهڙوڪ: جلال الدين سيوطي، ابي زڪريا يحيٰي بن شرف الدين النوري، ابن العطا الاسڪندري ۽ شيخ احمد البرنسي الزروق جا جاءِ بجاءِ حوالا ڏنا ويا آهن.

9. الاشاراتُ الي حل المعاقد والمڪالمات

مخدوم جعفر هن ڪتاب ۾ پنهنجي اڳ لکيل ڪتاب "المعاقد العقائد" جو شرح بيان ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ به اسلامي دنيا جي نامور عالمن، محدثن ۽ فقيهن جي ڪيترن ئي ڪتابن کي ماخذ طور ڪتب آندو ويو آهي.

10. منهياتُ المڪالمات والاشارات

مخدوم صاحب هن ڪتاب ۾ پنهنجي ڪتابن "المڪالمات" ۽ "الاشارات" ۾ آيل اهم مسئلن جي تشريح ڪئي آهي. "المڪالمات"، "الاشارات" ۽

“منهيات” جا قلمي نسخا هڪ جلد ۾ درگاهه جو ڻاڻي شريف تعلقي وارهه قنبر-شهدادڪوٽ ضلعي لاڙڪاڻي جي ڪتبخاني ۾ موجود آهن.
11.اَقلُ و اَعدَلُ ڪلمات في حڪُم فُصُوص الحِڪم و الفتوحات
اسان مخدوم جعفر جي حياتيءَ جي احوال ۾ اهو بيان ڪري آيا آهيون ته مخدوم صاحب جيتوڻيڪ پاڻ تصوف جي علم ۾ يگانه روزگار عالم هو، پر ان هوندي به پاڻ اڪثر ڪري ابن عربيءَ جي ڪتاب “فصوص الحڪم” ۽ “فتوحات المڪيه” جي پڙهڻ کان منع ڪندو هو. مخدوم صاحب انهيءَ ڳالهه جي ضرورت کي محسوس ڪندي، هيءُ ڪتاب فارسيءَ ۾ تصنيف ڪيو. دراصل، هيءُ ڪتابُ “المڪالمات” ۽ “الاشارات” جي آخر ۾ آندل هڪ بحث جو شرح آهي.
12.المتانته في مرمته الخزانته
مخدوم جعفر هن ڪتاب ۾، جو اصل ۾ قاضي جگن گجراتيءَ (1) جي مشهور ڪتاب “خزانته الروايات”، جو حنفي فقه جو مشهور آهي، ان جي تنقيح ۽ تصحيح ڪئي آهي. دراصل، قاضي جگن گجراتيءَ پنهنجي ڪتاب ۾ ڪيترن ئي ضعيف فقهي مسئلن ۽ روايتن کي آندو آهي. مخدوم صاحب، ان ڪتاب جو وڏيءَ محنت ۽ جاکوڙ سان اصلاح ڪيو آهي. سنڌ جي مشهور عالم، اديب ۽ محقق، علامه غلام مصطفيٰ قاسميءَ هن ڪتاب کي ايڊٽ ڪري، ان تي 118 صفحن تي مشتمل عربيءَ ۾ مبسوط مقدمو لکيو آهي. علامه قاسمي صاحب جي انهيءَ ايڊٽ ڪيل ڪتاب کي برصغير هند و پاڪ کان سواءِ، عرب جي عالمن ڪافي ساراهيو آهي. هيءُ ضخيم ڪتاب 652 صفحن تي ڦهليل آهي، جو سنڌ جي قومي اداري، سنڌي ادبي بورڊ طرفان سن 1962ع ۾ شايع ٿيو.
13.الحـُجـَتهُ القويته في جواب الرسالته الحلفيته
مخدوم جعفر هيءُ ڪتاب پنهنجي دؤر جي هڪ همعصر عالم ۽ محدث، قاضي قاسماڻي پاتائيءَ (2) جي ڪتاب “الرسالت الحلفيته” جي رد ۾ تصنيف ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ طلاق جي اهم ۽ نازڪ مسئلي تي مخدوم صاحب نهايت ئي عالمانه ۽ فلسفيانه نموني ۾ بحث ڪيو آهي. مخدوم صاحب جي زماني ۾ سنڌ اندر هڪ محاورو مروج هو، يعني: جيڪڏهن ڪو شخص هن طرح سنڌي زبان ۾ چوي ته،”مون طلاقن اُتي سنوه”، يعني: مڙس پنهنجيءَ زال کي چوي ته، “مون کي طلاقن

قسم(سُنُهه) آهي ته هيءُ ڪم نه ڪندس.” هاڻي ان چوڻ سان شرع محمدي يا فقه جي روشنيءَ ۾ ان شخص جي زال تي ٽي طلاقون صادر ٿينديون يا نه؟ ان مسئلي تي قاضي قاسماڻيءَ جو رايو هو ته اها طلاق ڪانه ٿيندي، جنهن جي باري ۾ هن هڪ رسالو “الرسالته الحلفيته”نالي تحرير ڪيو هو. مخدوم جعفر انهيءَ فتوٰي جي خلاف فتوٰي ڏني. مخدوم صاحب جو نظريو هو ته انهن لفظن اُچارڻ سان قسم جي ڪوڙي ٿيڻ وقت طلاق واقع ٿيندي. مخدوم صاحب پنهنجي انهيءَ ڪتاب ۾ پهريائين قاضي صاحب جي دليل جو ذڪر ڪري، پوءِ ان جو رد ڏنو آهي.

14.حَلُ الُعقود في طلاق الُسنود

مخدوم جعفر هن ڪتاب ۾ سنڌ واسين جي طلاق ڏيڻ جا نمونا ۽ انهن جا شرعي احڪام بيان ڪيا آهن. هن ڪتاب مان ڏهين صدي هجريءَ جي سنڌ جي تمدن ۽ زبان متعلق ڪافي روشني پوي ٿي. ساڳئي وقت، هن ڪتاب مان اهو به معلوم ٿئي ٿو ته انهيءَ دؤر ۾ سنڌ ۾ طلاق ڏيڻ جو مسئلو تمام اهم ۽ نازڪ هو. مخدوم صاحب انهيءَ مسئلي تي ان زماني ۾ جيڪي به فتوائون صادر ڪيون ويون هيون، يا جيڪي ننڍڙا رسالا الڳ الڳ لکيا ويا هئا، تن سڀني کي هن رسالي ۾ درج ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ استعمال ٿيل سنڌي نثر جو نمونو، سنڌي زبان ۽ نثر نويسيءَ جو هڪ قديم مثال آهي. مخدوم صاحب سنڌي معاشري ۾ اهڙن استعمال ۾ آيل لفظن، محاورن ۽ فقرن جي لغوي ۽ مرادي معنٰي ۽ مقصدن جو شرعي قانون ۽ فقه جي روشنيءَ ۾ بحث ڪيو آهي. ان وقت جي سنڌي عالمن ۽ فقيهن انهيءَ مسئلي تي پنهنجي پنهنجي نڪته نگاهه کان جيڪي فتوائون ڏنيون آهن،(1) انهيءَ مسئلي کي آڏو رکي مخدوم صاحب هيءُ ڪتاب تصنيف ڪيو. سنڌ جي مشهور عالم ۽ محدث، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ پنهنجي ڪتاب”تمام العنايته في الفرق بين الصريح و اکنايته” ۾ هن ڪتاب جا حوالا ڏنا آهن ۽ ان ۾ آيل سنڌي عبارت جو پڻ تفصيل آندو آهي.(2)

15.قَرنهَ في حڪم الحلف بالمرنه والپرنه

مخدوم جعفر جو هيءُ ڪتاب عربي زبان ۾ هڪ ننڍڙي رسالي جي صورت ۾ آهي. قديم زماني کان وٺي اج تائين سنڌي معاشري ۾ هڪ فقرو رواج ۾ آهي ته ، “مان تنهنجي مرڻي پرڻي تي نه ايندس.” اهو فقرو اڪثر سنڌي ماڻهو پنهنجي برادريءَ ۾ يا ڪنهن ويجهي

دوست کي ڪنهن ڳالهه تان ڪاوڙجي ڪتب آڻيندا آهن. دراصل، ان محاوري جي معنيٰ اها ٿيندي ته "سمورا تعلقات ختم ڪرڻ" يا "مڪمل بائيڪاٽ ڪرڻ." ان ڏس ۾، ان دؤر جي عالمن مختلف نمونن ۾ فتوائون ڏنيون آهن. مخدوم جعفر به انهيءَ مسئلي تي فتويٰ ڏني آهي، جا انهيءَ رسالي جي صورت ۾ آهي.

16.الـَتنمـِيقُ في توقيت المـَرءَه في التطليق

هن عربي رسالي ۾ مخدوم جعفر طلاق جي هڪ مسئلي تي فتويٰ ڏني آهي.

17.البيانُ المـُبرم في قولِ الـُسنود چڏي او چڏيم

مخدوم صاحب هن رسالي ۾ سنڌ اندر مروج طلاق جي مسئلي تي بحث ڪيوآهي.

18.ڪـَمـِيـَتهُ الواقع

مخدوم صاحب هيءُ رسالو پڻ طلاق جي مسئلي تي هڪ فتويٰ جي صورت ۾ لکيو آهي.

19.اِستفِتاءٌ

هن ننڍڙي رسالي ۾ پڻ طلاق جي مسئلي تي بحث ڪيل آهي.

20.البصارهِ في العمل بـِالاِ شارهِ

مخدوم صاحب عربي زبان ۾ هيءُ رسالو التحيات ۾ اشهد آڱر سان اشارو ڪرڻ سنت هئڻ بابت تحرير ڪيوآهي.

انهن مٿين مڙني تصنيفن ۽ تاليفن کان سواءِ، مخدوم جعفر بوبڪائيءَ ان زماني ۾ سنڌ جي ديني ۽ علمي مدرسن ۾ جيڪو مروج نصاب پڙهايو ويندو هو، ان جي مختلف موضوعن تي به ڪتاب جوڙيا آهن، جهڙوڪ:

21. شرحِ ميزانِ الصرف (عربي/علم صرف)

22. بـَدَ ايته النحو (علم نحو)

23. اهـَمُ النـَحو (عربي/علم نحو)

24. حواشي شرح الجامي (عربي/علم نحو)

25. بـُنيته البـَيان(عربي/علم المعاني والبيان والبديع)

26. بيانُ البـُنيته (عربي/علم المعاني والبيان والبديع)

27. العـُراضته في علم العروض والقافيته (عربي/علم العروض والقافيه)

28. عرض العـُـراضته في علم العروض والقافيته (عربي/علم العروض والقافيه)
29. مـِـعيارُ النـَـظـَـر(عربي/علم المنطق)
30. نـَـهجُ المـُـناظرهِ (عربي/علم المباحثه)
31. عجاله الوقت (عربي/حديث)
32. مختصر فتح الدارين (فارسي/اوراد و وظائف)
33. نفيُ الاعـِـتسافِ فيُ سـنه الاعـِـتڪافِ(عربي/ فـقه)

*

حوالا


(1) رحماني عبدالعزيز خطيب: "مقالات رحماني ياتـذڪرهء بزرگـان" (اردو)، ڪتبخانه قلندريه رحمانيه، ڪراچي سنڌ، 1975ع، ص 80
(2) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "تحفتـه الـڪرام" (سـنڌي)، مـترجم: مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1975ع، ص 537
(3) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "مقالات الشعراء" (فارسي)، سـنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1957ع، ص 85- 784
(4) مير علي شير "قانع" ٺٽوي: "معيارِ سالڪانِ طريقت" (فارسي)، مصحح: ڊاڪٽر سيد خضرنوشاهي، اداره معارف نوشاهيه، ساهن پـال شريف، 2000ع، ص 546
(5) مير محمد معصوم بڪـري: "تاريـخ معصـومي" (سـنڌي)، مـترجم: مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ڇـاپو ٻيـو 1959ع، ص 150
(6) ڏسو حوالو نمبر (2)، ص 374
(7) بلوچ نبي بخش خان ، ڊاڪـٽـر: "سـنڌي ٻـولي ۽ ادب جـي تاريـخ"، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو سـنڌ، ڇـاپو ٽيـون 1990ع، ص 339
(8) قاســـمي غلام مصـــطفٰي علامـــه، "مخـــدوم محمـــد جعفـــر بوبڪائي(مضـمون)، ڏسـو مـاهوار "الرحيـم" حيـدرآباد سـنڌ، نومـبر - ڊسمبر 1988ع، ص 30
(9) ڏسو حوالو نمبر (7)
(10) ڏسو حوالو نمبر (3)، ص 152
(11) ايضاً

(12) ايضاً
(13) مانڊوي محمد غوثي شطاري، "گلزار ابرار" (اردو)، مترجم: فضل احمد جيوري، اسلامڪ بوڪ فائونڊيشن ، لاهور، 1395هه/ 1975ع، ص 375
(14) ايضاً
(15) ايضاً
(16) ميرڪ يوسف: "تاريخ مظهر شاهجهاني" (سنڌي)، مترجم: نياز همايوني، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1979ع، ص 284
(17) ڏسو حوالو نمبر (2)، ص 76- 375
(18) ڏسو حوالو نمبر (3)، ص 53- 152
(19) ڏسو حوالو نمبر (8)، ص 32
(20) ڏسو حوالو نمبر (7)
(21) ايضاً
(22) ڏسو حوالو نمبر (8) ص 39
*
(ماهوار "الرحيم" حيدرآباد سنڌ، آگسٽ - سيپٽمبر 1977ع ۾، سَنواريل ۽ وڌايل)

---

(1) "ٻـُوبڪن" جي قديم بستي، هن موجوده زماني ۾، ضلعي دادو جي تعلقي سيوهڻ ۾ واقع آهي. هيءُ ننڍڙو شهر '27- 26 اتر ويڪرائي ڦاڪ ۽ '46- 67 اوڀرندي ڊگهائي ڦاڪ تي ايشيا کنڊ جي وڏيءَ ڍنڍ، "منڇر" جي اتر - اوڀرندي ۽ سيوهن شهر جي اولهندي طرف 9 ميلن جي مفاصلي تي آباد آهي. قدامت جي لحاظ کان تمام قديم آهي. هن شهر تي انهيءَ نالي پوڻ جي متعلق ڪيتريون ئي روايتون ملن ٿيون. چوڻ ۾ اچي ٿو ته "ٻـُوبڪ" نالي هڪ مڇي ٿئي ٿي، اُن تان هن شهر تي اِهو نالو پيو. ڪن جو وري چوڻ آهي ته "ٻـُوبڪ" لفظ ٻن لفظن جو مـُرڪب آهي، يعني: "ٻـُوءِ" ۽ "ٻَـَڪ". "منڇر" ڍنڍ جي نسبت سان مـُهاڻن جي گوڙ (ٻَڪ ٻـِڪ) ۽ مڇيءَ جي بدبوءِ سبب "ٻـُوبڪ" سڏجڻ ۾ آيو. مسٽر هيوز پنهنجي "گزيٽيئر" (ص 146) ۾ ڄاڻائي ٿو ته هتي هڪ اهڙي قسم جو گاهُ اُڀري ٿو، جنهن جي نالي پوئتان هيءُ شهر "ٻـُوبڪ" سڏجڻ ۾ آيو. ساڳئي عالم جو اهو به چوڻ آهي ته هتان جي جاموٽ قبيلي جي هڪ چڱي مڙس جي انهيءَ نالي سان "ٻـُوبڪ" سڏجي ٿو.
اهي مٿيون سموريون روايتون پنهنجيءَ جاءِ تي مخدوم جعفر جي راءِ سان ڪابه اهميت نه ٿيون رکن. مخدوم صاحب جو قول آهي ته "ٻـُوبڪ" نالي شهر، سيوهڻ کان اولهه طرف ٻن فرسنگن جي مفاصلي تي آباد آهي، جو سندس ڏاڏي

"ابوبڪر" جي نالي سان سڏبو هو، جو پوءِ تخفيف ٿيندي "ٻـُـوبڪ" جي نـالي سـان سڏجڻ ۾ آيو.(جعفر بوبڪائي، مخدوم: "المتانـه في مرمته الخزانــه"- عربـي، ڏسـو "مقدمواڻ:علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، ص 3)
انگريـزن جـي زمـاني ۾ سـن 1854ع ۾ هـتي ميونسـپل ڪاميٽي قـائم هئي. هـتي غاليچن ۽ پنگ جي پيدائش گهڻي ٿئي ٿي. ايچ . ٽي. لئمبرڪ جي راءِ آهي ته اهو ٿي سگهي ٿو ته ٻـُـوبڪن جي قديم بستي، اصل قديم بستيءَ جـي برباد ٿيـل ويرانـي تي آباد ٿيل هجي. (لئمبرڪ، ايچ ٽي: "سنڌ - هڪ عام جائزو"، مترجم: سـليم احمـد، ص 164)
"ٻـُــوبڪن" ۾ هـر محلـي ۾ پـاڙي ۾مسـجدون هيـون، جنهـن ڪري هـن شـهر کـي "مسجدن جو شهر" پڻ سڏيو ويندو آهـي. هڪ روايـت آهـي تـه مخـدوم بلاول کـي ٻـُـوبڪن جي هڪ چاڪيءَ لوهه جي گهاڻي ۾ پيڙيو هو.
(1) حضرت عباس رضي الله تعاليٰ عنـه جي خاندان مـان عـرب دؤر ۾، "ابـوبڪر" نالي هڪ بزرگ، منڇر ڍنڍ جي نزديڪ "ٿهڻي" نالي هڪ ڳـوٺڙي ۾ اچي رهيـو. ڪجهـه وقت کان پوءِ، پاڻ اُتان لڏي، اُن ڳـوٺ جي پرسان هڪ نئون ڳـوٺ ٻڌي اچي رهيــو، جو پوءِ "ٻـُـوبڪ" سڏجڻ ۾ آيو.
(2) محترم ڊاڪٽر نبي بخش خـان بلـوچ پنهنجـي ڪتـاب"سـنڌي ٻـولي ۽ ادب جـي تاريـخ" (ٽيـون ايڊيشــن، 1990ع، ص 339) ۾ مخــدوم جعفــر جــي والــد جــو نــالو "مخدوم يعقوب عرف مخدوم ميران" ڄاڻايو آهـي، جـو دُرسـت نـه آهـي. مخـدوم جعفر جي والد نالو "مخدوم عبدالڪريم عرف ميران " هو. مخدوم يعقوب سندس ڏاڏو ٿيندو هو.
(1) "مؤرخ سنڌ" سيد حسام الدين راشـدي، "تاريـخ مظهـر شـاهجهاني" (مـترجم سنڌي) جي مقدمي (ص 82 ۽ 83) ۾ لکي ٿـو تـه راقـم کـي پنهنجـي ڪتـابن جـي ذخيري مان"ديوان حافظ"، مطبوعه منشي نولڪشور (پنجون ايڊيشـن، 1314هـه/ 1897ع) جو هڪ نسخو مليو، جنهن جي سرورق تي مخدوم محمد جعفـر بوبڪائي ابن مخدوم ميران جو نسب ناموڪنهن نامعلوم شخص جي هٿ اکرن ۾ لکيل هــو، جو هن کان اڳ ڪٿي به نه مليو آهي. اهو نسب نامو هتي ڏجي ٿو:
شجره متبرڪ مخدوميان قريشيان بني عباس بوبڪان
عبـدالمناف = هـاشـم = عبـدالمطلب = عبـاس = عبـدالله = هاشـم = ابوبڪر = سلطان اندس (؟)= بزدار خان = سالار خان = سلطان تـرڪ = سلطان خلجي خان = ابوبڪر = شيخ محمد = شيخ ابـوبڪر = عـاري =
ميره = مروقـه (؟) = شيخ قلندر = مرزوق = نـور الـدين = محمـد يعقـوب = محمـد ميـران بوبڪائي (اُسـتاد شـاه حسـن ارغـون وغيـره) = مخدوم جعفر بوبڪائي(صاحب"متانـه") = نصير الـدين = خيـر محمـد = عبدالصمد = خيرمحمد = عبدالصمد عرف وڏل =پير محمد = اميـد علي

راشدي صاحب، انهيءَ متئين شجري لاءِ لکي ٿو ته اندازو آهي ته هيءُ شجرو ميرمحمد ولد اميد علي نالي ڪنهن شخص "ديوان حافظ" جي خالي ورق تي لکيو آهي.

(1) علامه شيخ طاهر بن يوسف، سنڌ جي قديم تواريخي شهر "پاٽ" جو وينل هو. پاڻ پنهنجي وقت جو هڪ وڏو عالم، محدث ۽ صوفي بزرگ هو. محمد غوثي شطاريءَ پنهنجي ڪتاب "گُلزار ابرار" ۾ سندس ڪافي احوال بيان ڪيو آهي. علامه طاهر، ارغونن جي ڏاڍ ۽ جبرواري دؤر حڪومت ۾، سن 982هه/ 1574ع ۾ سنڌ مان هجرت ڪري "برهان پور" ۾ وڃي رهيو، جتي 1004هه/ 1596ع ۾ رحلت ڪيائين. وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو، سيد محمد مطيع الله "راشد" برهانپوري: "بُرهان پور ڪي سنڌي اولياء" (اردو)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1957ع، ص 1 کان 14.

(2) علامه حڪيم عثمان بن عيسٰي بن شيخ ابراهيم صديقي پنهنجي زماني جو يگانه روزگار عالم هو. سن 983هه/ 1575ع ۾ گجرات مان لڏي بُرهان پور ۾ وڃي سڪونت اختيار ڪيائين، جتي قضا ۽ فتوٰي جو عهدو ماڻيائين. ازان سواءِ، مختلف علومن جو درس پڻ ڏيندو رهيو. "گلزار ابرار" جو مصنف، محمد غوثي مانڊوي سندس شاگردن مان هو. سن 1008 هه/ 1600ع ۾ اڪبر بادشاهه جي دؤر ۾ پاڻ پنهنجي عزيزن ۽ قريبن سميت ڌاڙيلن جي هٿان شهيد ٿيو. (مانڊوي محمد غوثي شطاري: "گلزار ابرار" - مترجم اردو، ص 46 - 445)

(3) مخدوم محمد عثمان، دربيلي شهر جو هڪ وڏو جيد عالم، متقي بزرگ ۽ پنهنجي وقت جو مجدد ٿي گذريو آهي. سندس وڏا اصل ۾ عرب جي "قريشي" خاندان مان هئا. دربيلي شهر ۾ سندس قائم ڪيل مسجد جي پرسان مدرسو هو، جنهن ۾ پاڻ درس ۽ تدريس جو ڪم ڪندو هو. سندس مدرسو ، ان زماني ۾ علم ۽ فضل جو هڪ اعلٰي مرڪز هو. علم ڪمال ۾ وڏيءَ عمر هوندي به منجهس تواضح ۽ ڪسرنفسيءَ جوڳُڻ هو. سندس مدرسي ۾ هميشه فاضلن ۽ طالبن جي هڪ وڏي جماعت رهندي هئي. دنيوي ڳالهين کان اڪثر پري رهندو هو. ڪنهن کان به نذر نياز نه وٺندو هو. کيس حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جو "قاضي" ڪري سڏيندا آهن. سندس حياتيءَ خواه مماتيءَ جون ڪيتريون ئي ڪرامتون روايت ڪيون وڃن ٿيون. مخدوم صاحب سن 1002هه/1594ع ۾ هن فاني جهان مان رحلت ڪئي. سندس مزار دربيلي ۾ اڄ به مرجع عام و خاص آهي. وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو راقم جو ڪتاب "تواريخ ظهورنامه مُوي مبارڪ"(قلمي)

(1) علامه غلام مصطفٰي قاسمي،"المتانه" جي مقدمي (ص 4 ۽ 5) ۾ مير علي شير "قانع" ٺٽويءَ جي مخدوم ميران جي مدفن بابت بيان ڪيل راءِ کي صحيح ۽ دُرست ٺهرايو آهي.

(1) مخدوم ميران، علم تصوف ۾ به يڪتاءِ دهر هو. پاڻ فارسي شاعريءَ جي مذاق رکندڙ هو. مير علي شير "قانع" ٺٽويءَ پنهنجي فارسي ڪتاب "مقالات الشعراء " (ص 785) ۾ سندس هڪ فارسي شعر درج ڪيو آهي، جو هن طرح آهي:

ميانـــــه مـــــن و جانـــــان هميـــــن مـــــن اســـــت و نـــــه غيـــــر،
خـــــدا شـــــناس نمانـــــد ببنـــــد كعبـــــه و ديـــــر.

(1) مير علي شير "قانع" ٺٽوي پنهنجي ڪتاب "مقالات الشعراءِ" (ص 152) ۾ سندس دهليءَ جي سفر جو هڪ واقعو بيان ڪندي لکي ٿو ته مخدوم صاحب جڏهن شاهجهان آباد (دهلي) جي طرف وڃڻ وقت لاهور پهتو، ته سندس زادِ سفر ختم ٿي ويو. انهيءَ پريشانيءَ جي حالت ۾ ڪنهن کان گهرڻ به مناسب نه سمجهيائين. اڳاتن حڪيمن جي طرز تي شهر کان ٻاهر هڪ وڻن ۽ ميون سان ڀريل باغ تيار ڪيائين، جو رڳو ڏسڻ ۾ هو ۽ ان کي شهر جي هڪ سرمايه دار وٽ ڳهه رکيائين. اهڙيءَ طرح ان کان ڪيس سفر جو خرچ ملي ويو. مخدوم صاحب جڏهن شاهجهان آباد جو سير ڪري موٽيو، ته اهو ٺيڪيدار باغ جي پيداوار تي متصرف هو. مخدوم صاحب واپس اچڻ کان پوءِ، باغ کي ڳهه مان ڇڏايو، ۽ پوءِ ان کي نظرن کان غائب ڪري ڇڏيائين..

(1) مخدوم جعفر جي سنڌ جي حاڪم، مرزا عيسىٰ ترخان وٽ وڏي عزت هئي. مرزا عيسىٰ ترخان سندس هم مڪتب ۽ هم جليس هو.

(1) مولانا عبدالله كوسي صاحب 1999ع ۾ "مخدوم جعفر بوبڪاني ۽ ان جا علمي ڪارناما" جي عنوان سان هڪ تحقيقي مقالو لکي، سنڌ يونيورسٽي ، ڄام شوري، سنڌ مان پي ايچ . ڊي . جي ڊگري حاصل ڪئي آهي. راقم، مخدوم جعفر جي ڪن تصنيفات جو احوال، انهيءَ مذڪور تحقيق جي روشنيءَ ۾ ڏنو آهي.

(1) شيخ علي متقي بن حسام الدين بن عبدالملڪ بن قاضي خان قادري شاذلي چشتي پنهنجي وقت جو وڏو جيد عالم ۽ محدث هو ."متقي" سندس لقب هو. سندس اصل وطن "جون پور" هو. سن 885هه/1480ع ۾ "برهان پور" ۾ ڄائو. پاڻ شيخ بهاءُ الدين عرف شيخ باجن برهان پوريءَ جو مريد هو. مرشد جي وفات کان پوءِ، سندس فرزند شيخ عبدالحڪيم جي هٿ تي چشتي طريقي ۾ بيهر بيعت ڪري، خلافت جو خرقو حاصل ڪيائين. ملتان ۾ شيخ حسام الدين ملتانيءَ وٽ "تفسير بيضاوي" "عين الحق" جا ڪتاب پڙهيائين. شيخ حسام الدين جي صحبت ۾ زهد ۽ تقوىٰ جا سبق پڻ حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ، حرمين شريفين جي زيارت لاءِ روانو ٿيو. مڪي شريف ۾ شيخ ابوالحسن بکريءَ کان حديث جو درس ورتائين. شيخ محمد بن محمد بن محمد سخاويءَ جي هٿ تي قادري طريقي ۾ بيعت ڪيائين. پاڻ وڏو عابد، زاهد ۽ متقي هو. عربي ۽ فارسيءَ ۾ اٽڪل هڪ سؤ کن ڪتاب تصنيف ۽ تاليف ڪيائين. "ڪنزالعمال" سندس هڪ بهترين ڪتاب آهي. 975هه/1567ع ۾ مڪي معظمه ۾ رحلت ڪيائين. شيخ عبدالحق محدث دهلوي سندس مريد هو. هن پنهنجي ڪتاب "اخبار الاخيار" ۾ سندس تفصيل سان احوال بيان ڪيو آهي.

(1) علامه محمد بن طاهر بن علي حنفي پنهنجي دؤر جو هڪ وڏو بلند پايي جو عالم ۽ محدث ٿي گذريو آهي. سندس تبحر علميءَ جو وقت جي اڪثر سيني عالمن اعتراف ڪيو آهي."نزهته الخواطر" (ج 4، ص 311) ۾ سندس جنم جو سن 913 هه/1507ع ڄاڻايو ويو آهي. ليڪن، "تذكره علماءِ هند" (ص 440) وارو صاحب

سندس ڄمڻ جو سال 914ھه/1508ع لکي ٿو. پاڻ گجرات جي شهر “نهرواله” (پٽن) ۾ پيدا ٿيو. هن پنهنجي وقت جي وڏن نامور عالمن کان علم حاصل ڪيو. پاڻ قرآن پاڪ جو حافظ هو. فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ، درس و تدريس ۽ تصنيف جي شغل ۾ مشغول رهيو. “النور السافر” جي صاحب سندس علميت ۽ نيڪ خصلتن جي وڏي واکاڻ ڪئي آهي. سن 944ھه/ 1538ع ۾ حجاز مقدس جي طرف روانو ٿيو، جتي شيخ عبدالله زبيدي، سيد عبدالله عدني، شيخ عبدالله حضرمي، شيخ جارالله مڪي، شيخ ابن حجرمڪي ۽ ٻين ڪيترن عالمن ۽ محدثن سان ملاقات ڪيائين ۽ حديث جي فن ۾ استفادو ڪيائين. ان زماني ۾ “مهدويت” ۽ “بوهريت” جو وڏو اثر هو. علامه صاحب انهن جي بدعتن ۽ منڪرات جي بيخ ڪني ڪرڻ ۾مشغول رهيو. ڪيس 986 ھه/ 1578ع ۾ “اُجين” جي ويجهو شهيد ڪيو ويو. سندس لاش کي”پٽن” ۾ مدفون ڪيو ويو. پاڻ متعدد تصنيفن جو صاحب هو.

(2) هيءُ ڪتاب ڪتبخانه مجيديه، بيرون گيٽ، ملتان وارن ڇپايو آهي.

(1) قاضي جگن گجراتي، حنفي فقه جو هڪ وڏو عالم هو. هن حنفي فقه ۾ “خزانته الروايات جي نالي هڪ ڪتاب تصنيف ڪيو، جنهن ۾ تمام جزئيات کي وڏيءَ ڪماليت ۽ تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي. قاضي صاحب خود پنهنجي ڪتاب لاءِ چوي ٿو ته مون پنهنجي سموري حياتي مسائل ۽ غريب الروايات ڪٺي ڪرڻ ۾ پوري ڪئي. مولانا عبدالحي لکنويءَ پنهنجي ڪتاب “النافع الڪبير” ۾ هن ڪتاب کي غير معتبر ڪتابن ۾ شمار ڪيو آهي. قاضي جگن سن 920ھه/1514ع ۾ وفات ڪئي، (سيد عبدالحي بريلوي: “نزهته الخواطر” ج 4-اردو، مقبول اڪيڊمي، لاهور، ص 97 ۽ 98)

(2) قاضي قاسماڻي ڏهين صديءَ جي عالمن فقيهن مان ٿي گذريو آهي. پاڻ وڏي مرتبي وارو صاحبِفتوٰي بزرگ هو. پاڻ ٻُوٻڪن جي پرسان “پاٽ” جو رهاڪو هو. سندس حياتيءَ جو وڌيڪ احوال ڪونه ٿو ملي. پاٽ پراڻيءَ جي اولهه - ڏکڻ ۾ واقع قديم قبرستان کي “قاضي قاسماڻي” چون ٿا. (صديقي حبيب الله، ڊاڪٽر: “تاريخ باب الاسلام سنڌ”، حبيب صديقي اڪيڊمي، ڄام شورو سنڌ، 1996ع ، ص 204)

(1) هن مسئلي تي ان دؤر جي عالمن جو مکيه مقصد اهو هو ته زال ۽ مڙس جي وچ ۾ گهرو اڻبڻت ڪري، مڙس جذباتي ٿي اهڙي نموني ۾ لفظ، محاورا ۽ فقرا نه چون ۽ نه وري قسم کڻن، ۽ ان طرح ٿي پيرا طلاق ڏيڻ کي ’هڪ دفعو‘ تصور ڪيائون. مخدوم جعفر ڪن ٻين ڪتابن، جهڙوڪ: “المتانه في مرمته الخزانته” ۾ پڻ اهڙن طلاق ۾ استعمال ٿيندڙ سنڌي لفظن/اصطلاحن، جهڙوڪ: ڇَڏِي ” ۽ “ڇڏيم”ٿي ڪافي وضاحت سان بحث ڪيو آهي ۽ پنهنجي ڏنل عربي فتوٰي ۾ شرعي فيصلو ڏنو آهي. ان عربي عبارت جو سنڌي ترجمو هن ريت آهي: يعني ته جيڪڏهن ڪنهن مڙس پنهنجي زال لاءِ چيو ته مون هيءَ ’ڇڏي، ڇڏي، ڇڏي‘ يا ٽي پيرا ’ڇڏيم، ڇڏيم، ڇڏيم‘ چيائين، مگر ائين ورائي ورائي چوڻ سان جيڪڏهن سندس مقصد پنهنجي گفتي تي زور ڏيڻ ۽ ڇِٽي ڪرڻ جو تاسيس هو، ۽ نه طلاق ڏيڻ خاطر پنهنجي ارادي کي پڪو ڪرڻ، ته ان حالت ۾ اهو هڪ طلاق جي اعلان جي برابر ٿيندو.”

محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" (ڇاپو ٽيون، 1990ع ۾، ص 254 کان 260 تائين) ۾ ان مسئلي تي وضاحت سان روشني وڌي آهي.
(2) راقم کي اڄ کان 35 ورهيه کن اڳ"حل العقود في طلاق السنود" جو هڪ قلمي نسخو، نوشهري فيروز جي پرسان "ڪاهي راهو" جي هڪ جيد عالم، فاضل ۽ محدث، قاضي ميان شاهه محمد(اول) جي ڪتبخاني مان دستياب ٿيو هو. راقم، پنهنجي مقالي "سنڌي نثر جا ابتدائي اهڃاڻ" ۾، ان ڪتاب جا ڪيترائي حوالا ڏنا هئا. اهو تحقيقي مقالو سن 1971ع ۾ ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد سنڌ جي 4 پرچي ۾ شايع ٿيو

# شيخ هوٿي لاکو

## ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

سنڌ جي سر زمين، صدين کان وٺي اسلامي تصوف جو گهوارو پئي رهي آهي.سنڌ جي هر شهر، ڳوٺ، واهڻ ۽ قصبي ۾، انهن صوفي درويشن جا ڪيترائي آستان ۽ خانقاهون قائم آهن، جي انهن نيڪ انسانن جي بزرگيءَ ۽ عظمت جي نشاندهي ڪن ٿا. سنڌ ۾ تصوف جا جيڪي به سلسلا رائج ٿيا، اُهي اڪثر ڪري ايران ۽ ان جي علمي سرحد عراق جي پيداوار هئا، جهڙوڪ: سهروردیه، چشتیه ۽ قادریه ۽ سندن شاخون- جهڙوڪ: فردوسیه، جمالیه، جلالیه، شطاریه، ڪبرويه ۽ صابريه وغيره. اهي سڀئي همه اوست، هو الڪل، وصول ۽ اناالحق جو دم پريندا هئا.(1) تصوف جي انهن سڀني سلسلن ۾، سنڌ جي اڪثر صوفي بزرگن پاڻ چڱو موڪيو ۽ خدا جي خلق کي پڻ چڱو فيض رسايو.(1)

« Read more

Posted by wahabsahito at 8:14 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## مـــنگهو پـــيـــــــــر - ميمڻ عبدالغفور سنڌي

مـــنگهو پـــيـــــــــر
[ 1171ع – 1261ع ]

ميمڻ عبدالغفور سنڌي

ڪراچي شهر جي اتر طرف، ڏهن ميلن جي مفاصلي تي جبلن جو قطارون دائري جي صورت ۾ آهن، جتي ها ڪارو بزرگ عامل ۽ اهل الله درويش، سلطان حاجي منگهي ولد محمد يوسف سانگ جو آخري آرامگاه آهي. درويش جي مسڪن سببان انهن جبلن تي پٽ ”منگهي جو طوق“ نالو پيو آهي. ظاهري فقيري لباس ۾ رهندي، سهروردي طريقي سان منسلڪ هو. ڪيترائي سندس مريد ۽ معتقد ثيا. مشهور اولياءَ حضرت شيخ بهاوالدين زڪريا ملتاني رح (566هه-666هه) جو همعصر ۽ صحبتي هو. انهيءَ اندازي مطابق حاجي منگهي رح جي ولادت به غالباً 567هه مطابق 1171ع پانئجي ثي.

« Read more

Posted by wahabsahito at 12:35 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## مولانا الله بخش ”اٻوجهو“ - ميمڻ عبدالغفور سنڌي

### مولانا الله بخش ”اٻوجهو“
[ 1826ع – 1901ع ]

ميمڻ عبدالغفور سنڌي

مولانا الله بخش ”اٻوجهو“ ولد خير بخش منٺ، صوبي پنجاب جي شهر ميانواليءَ ۾، 17 شوال 1242هه مطابق 4 اپريل 1826ع تي ڄائو هو. ابتدا ۾ عربي ۽ فارسي مولانا محمد فاضل جنجوعه وٽان پڙهيو هو؛ ۽ ڪجهه وقت سرڪاري درسگاهن ۾ به پڙهيو هو. سندس والد فوج ۾ اعليٰ عهدي تي فائز هو ۽ متقي انسان هو. هن پنهنجي پٽ کي ديني تعليم ڏياري، دستار بندي ڪرائي.

« Read more

Posted by wahabsahito at 12:33 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## مولانا تاج محمود امروٽي رح - ميمڻ عبدالغفور سنڌي

### مولانا تاج محمود امروٽي رح
[ 1844ع – 1929ع ]

## ميمڻ عبدالغفور سنڌي

هن دنيا ۾ ڪي اهڙا به عظيم انسان ٿي گذريا آهن، جن پنهنجي حياتي انسان ذات جي خدمت لاءِ وقف ڪئي هئي. اهڙن عظيم انسانن پنهنجي سک کي قوم جي سک تان قربان ڪندي، هميشه هميشه لاءِ امر ٿي ويا. اهوئي سبب آهي جو سالن گذرڻ بعد، اڄ به قومون کين ياد ڪنديون رهن ٿيون. سونهاري سنڌ به پنهنجي هنج ۾ وقت بوقت اهڙين عظيم هستين کي جنم پئي ڏنو آهي، جن پنهنجي زندگي اسلام جي بقا ۽ جيجل سنڌ جي خدمت لاءِ وقف ڪئي آهي. اهڙن نيڪ ۽ نامور مردن مان تعلقي ڳڙهي ياسين (شڪارپور) جي ڳوٺ امروٽ شريف جو مولانا سيد تاج محمود ولد سيد عبدالقادر به هڪ ٿي گذريو آهي. سندس ولادت 28 ذوالقعد 1260هه مطابق 22 مارچ 1844ع تي تعلقي روهڙيءَ (سکر) جي ڳوٺ ”ديواني“، لڳ ڳاڙهي موريءَ ۾ ٿي هئي. ابتدائي تعليم پنهنجي والد بزرگوار وٽان ورتائين. ان کانپوءِ پير ڳوٺ مان فارسيءَ جا ڪجهه ڪتاب به پڙهيو. اهڙيءَ طرح عربي ٻوليءَ جي مڪمل سکيا، تعلقي روهڙيءَ جي جيد عالم، آخوند حاجي عبدالقادر پنهواريءَ وٽان حاصل ڪيائين. فارغ التحسيل ٿي، پنهنجي والد بزرگوار کان سلوڪ جون راهون معلوم ڪيائين. والد جي وفات بعد سندس وصيعت مطابق، تعلقي ميرپور ماٿيلي جي ڳوٺ پرچڻڊي شريف مان عرفان ۽ ايقان جي صاحب ۽ خلق – خدا کي فيض ڏيندڙ حافظ محمد صديق سميجو رح (1827ع – 1890ع) کي پنهنجو روحاني رهبر ڪري ورتائين. جتان کيس ”خليفي“ جو لقب به مليو هو. کانئس اجازت وٺي امروٽ ۾ اچي رهيو.

امروٽ ۾ مولانا صاحب جو فيض عام هو؛ جنهن ڪري سندس درس و تدريس مان وڏا وڏا عالم فارغ التحصيل ٿي، دستار – فضيلت ٻڌائون پاڻ هميشه وعظ وسيلي شرعي احڪامن جي پرچار ڪندو رهيو. نتيجو اهو نڪتو جو ڪيترائي غير مسلم به مسلمان ٿيا.  مطلب ته مولانا صاحب جي روحانيت واري تبليغ اسلام کي سر بلند ڪرڻ ۾، مدبرانه ۽ مفڪرانه صلاحيتن جو واضح اظهار هو.

مولانا امروٽيءَ جتي دين جي تبليغ ۾ سرگردان رهيو، اتي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ به مرد مجاهد جي حيثيت سان پيش پيش رهيو آهي. کيس هر وقت ”جهاد في سبيل الله“ جي تمنا هئي – 1919ع ۾ جڏهن

”خلافت تحريڪ“ جو آغاز ٿيو، ته پاڻ انهيءَ سلسلي ۾ ڪلڪتي، بمبئيءَ ۽ علي ڳڙه تائين به سفر ڪيائين. آخر تحريڪ جي جنم سان، سندس روح روان به پاڻ ئي بڻيو هو. انهيءَ جدوجهد ڪيترن ئي مسلمانن کي جيل – ڏيکاريا انگريزن کي انهيءَ تحريڪ، نڪ ۾ دم آڻي ڇڏيو.

پاڻ آزاديءَ جي جدوجهد سان گڏ هر وقت شرعي ڪمن تي به سر ڌڙ جي بازي لڳائيندو رهيو. اُن زماني ۾ سکر بئراج جو کيرٿر واه، سندس ڳوٺ جي سامهون کوٽجي رهيو هو. ان جي کوٽائيءَ لاءِ ڪي مسجدون به واه جي وچ تي اچي آيون. مسجدن کي بچائڻ لاءِ پاڻ پنهنجن مريدن ۽ طالبن سميت، انگريزن جي طاقت جو ڀرپور مقابلو ڪيائين. نتيجي طور مسجدون شهيد ٿيڻ کان بچي ويون.

مولانا امروٽيءَ جي شاعريءَ طرف به رغبت رهي آهي. عشق حقيقيءَ جا باريڪ نڪتا بيان ڪندي؛ ”يوسف زليخا“ نالي مثنوي به مرتب ڪيائين، جيڪا ”پريت نامه“ نالي سان ڇپيل آهي. ازانسواءِ ڏوهيڙن جي طرز تي قرآن پاڪ جي مختلف سورتن جو منظور تفسير پڻ قلمبند ڪيائين. پاڻ 88 ورهين جي ڄمار ۾، اربع 3 جمادي الثاني 1348هه مطابق 6 نومبر 1929ع تي، هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪيائين. امروٽ شريف ۾ سندس درگاه عام و خاص لاءِ زيارت گاه بڻيل آهي. سندس شاگردن جو حلقو وسيع هو. اهڙيءَ طرح خاص خليفن جي فهرست ۾: مولانا احمد علي لاهوري، مولانا حماد الله هاليجوي، مولانا عبدالعزيز ٿريچاڻي، مولانا محمد ٻنوي، مولانا محمد عظيم ڪاڪيپوٽو ۽ مولانا محمد اسماعيل عودويءَ جهڙن عالمن سڳورن کي به وساري نه ٿو سگهجي.

(1) – انهن نو مسلم ماڻهن تان ساڻس سخت تڪرار به ٿيا، جن کي پاڻ نهايت حلم، اخلاق ۽ روحانيت سان طيءِ ڪيائين. ڳڙهي خيري جماليءَ جي شيخ عبدالله جو مسلمان ٿيڻ ۽ باگڙجيءَ جي هندو سوناري (جيڪو پوءِ مسلمان‌ٿي نالي ”نورالحق“ سان مشهور ٿيو) بنسبت ڪورٽن جا ڪيس، انهيءَ ڏس ۾ واضح ثبوت آهي.

(1) – ياد جانان – مولانا دين محمد وفائي؛ 1920ع، صفحو 22.

(2) – آخر سومر 21 شوال 1338هه مطابق 16 جولاءِ 1920ع تي افغانستان ڏانهن هجرت جو قافلو لاڙڪاڻي مان ريل رستي روانو ٿيو؛ جنهن جو سالار – ڪاروان، رئيس المهاجرين جان محمد خان جوڻيجو (1886ع – 1921ع) هو.

(3) – سندس دعا سان اڄ به مسجد، کيرٿر واه جي وچ تي ثابتيءَ لاءِ موجود آهي.

(1) – سورت ”ياسين“ ۽ ”الرحمان“ جومنظو تفسير، سنڌي زبان ۾ مثالي حيثيت رکي ٿو. ازانسواءِ ”الهام القرآن“ نالي بامجاوره سليس سنڌي زبان ۾ ترجمو به ڪيل آهي.

Posted by wahabsahito at 12:33 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## مولوي ثناءُ الله ”ثنائي“ عباسي - ميمڻ عبدالغفور سنڌي

# مولوي ثناءُ الله ”ثنائي“ عباسي

[ 1895ع – 1977ع ]

ميمڻ عبدالغفور سنڌي

ضلعي لاڙڪاڻي جو نامور صاحبِ ديوان شاعر، مولوي ثناءُ الله ”ثنائي“ ولد الله بخش عباسي، تعلقي ڏوڪريءَ جي ڳوٺ ”کوهارا“ ۾ 5 ذوالقعد 1312هه مطابق 13 اپريل 1895ع تي تولد ٿيو. عربي، فارسي، سنڌي ۽ ادو زبانن تي وڏي مهارت حاصل هيس. سنڌي شاعريءَ ۾ تمام گهڻا شعر چيا اٿس، جيڪو مداحن، مرادن، مناظرن، مثنوين، رباعين، غزلن ۽ خطبن تي مشتمل آهي. مزاحيه شاعريءَ ۾ به خاصو اضافو آندائين. پنهجي جهانن جي سردار حضرت محمد مصطفي ﷺ صلي الله عليه وسلم جن جي ثنا ۾ مداح چندي مقبول ٿيو. جنهن ڪان متاثر ٿي پاڻ کي ”ثنائي“ تخلص ڏنائين. سندس نعتيه ڪلام سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مداح پڙهن ٿا. سندس ڪلام ناصحانه آهي؛ جنهن ۾ سلاست ۽ رواني به جهجهي انداز ۾ ملي ٿي. خاص ڪري نيٺ سنڌي اصطلاح ۽ محاورا، سنڌي ثقافت جي جان آهن. سماجي او ڻاين جي نشاندهي به سندس ڪلام ۾ جاءِ بجاءِ نظر اچي ٿي. خاص ڪري رشوتي ڪامورن جي ڪرتوتن کي طنز جي اوٽ ۾ پڌري پٽ بيان ڪيو اٿس.

سندس صحبتي: فقير ميان غلام سرور قادري، مولوي محمد عاقل عاقلي، فقير هدايت علي نجفي ”تارڪ“، ”حاجي محمود خادم“ تونيو، نواز علي ”نياز“ جعفري ۽ ماستر جمع خان ”غريب“ هئا. انهيءَ لکڻ ۾ شايد وڌاءُ نه ٿيندو، ته ”ثنائي“ عروضي شاعري هجڻ سان گڏ عوامي شاعر به هو. 82 ورهين جي ڄمار ۾، 12 صفرالمظفر 1398هه مطابق 21 ڊسمبر 1977ع تي راه رباني ورتائين. سندس ڇڏيل

تصنيفات ۾: ديوان ثنائي، عقائد نامه، خطبات ثنائي، ليلا ۽ مجنون (قصو)، تاريخ اسلام، سچو عاشق، دردن جي دانهن، پاڪستان، ترڪي ٽوپي، پيار صالح، محمود غزنوي ۽ قيامت نامو ڇپيا وڃن ٿا. هيٺ نموني طور سندس هڪ نظم مان نمونو ڏجي ٿو:-

”ايڊيٽر داناءَ دبير، ٻڌن تن ڪان پير فقير،
تپي شل نه لکن تقرير، ملڪان ملڪ وڃي تحرير،
دست گهڙا هٿ ڪوڙ نظير؛ نئين نئين مضمون جا باني،
هي ته مڙئي ڪن ماني ماني
هندن جا ڏس هرجا هٿ، ويٺا ڪڙڪائيندا وٽ،
لٽا ڏوڙ بغل ۾ ڇٽ، پائيءَ تي به سر جي سٽ،
ليڪا چوڪا جوڙ ۽ ڪٽ، تتو تلو ليکڻ ڪاني؛
هي ته مڙئي ڪن ماني ماني!
حجم موچي، ڪنيرڪاري، درزي، لوهر، ٻڪڻ، ناري،
مير مهڻا شيخ شڪاري، لنگها، لورا، ڪڙمي هاري،
نڊا وڏا خلقت ساري؛ پيٽ جي ڪارڻ هي حيراني؛
هي ته مڙئي ڪن ماني ماني!“

مولوي ”ثنائي“ صاحب جملي به شايون ڪيون هيون؛ جنهن مان ٽي پٽ ۽ ست نياڻيون ٿيس.

(1) – چانڊڪا پرڳڻي ۾ هي ڳوٺ ”اسحاق کوهارا“ نالي سان سڏجي ٿو؛ جنهن کي ملتاني بزرگ ميان مير جي اولاد مان، محمد اسحاق ڪلهوڙو عرف ”سڏن سوائي“ 1093هه (1681ع) ڌاري آباد ڪيو هو. سندس بزرگي ه ڳاءُ ۽ درويشي صفتن هن ڳوٺ کي خوب رونق وترائي. ويتر ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ ته هي ڳوٺ علمي مرڪز بڻجي پيو. ڪافي سندس معتقد هئا. سندس دعا مستحاب هئي؛ جنهن ڪري ڦيڻي چنڊي مان ڪيترن کي فيض ملندو رهيو، وتانئس درس و تدريس وتندي، ڪيترن ئي عالمن دستا – فضيلت به ٻڌي؛ اُنهن مان: حاجي عمرالدين چنو، محمد هاشم انصاري، عبدالرحمان ڏامراهو، الله رکيو چانڊيو، محمد يوسف عباسي ۽ الله بخش عباسيءَ جا نالا سر – فهرست آهن. مولوي الله بخش ”صوفي“ عباسي (1835ع – 1912ع) سندس پشت مان هو. وڏي عالم، شاعر، صاحب – فتوا ۽ زاهد الزمان هو. مطالع لاءِ مصر مان ڪتاب گهرائيندو هو. وٽس وڏو ڪتبخانو جيڪو به قدرن جي ور چڙهي ويو [سنڌڙي تنهنجا ڳوٺ وسن – ميمڻ عبدالغفور سنڌي، 1978ع، (قلمي صفحو 282].

(2) – انهيءَ سلسلي ۾ ”اشعار ثنائي“ ۽ ”ملان ۽ موالي“ وڏي شهرت حاصل ڪري چڪا آهن.

(1) – ”ثنائي“ صاحب، مولانا تاج محمود امروٽي رح (1844–1929ع) جو عقيدتمند هو؛ جنهن جي دعا سان کيس شاعريءَ ۾ اعلا مقام مليو هو.

# مولانا حاجي احمد ملاح
[ 1877ع – 1969ع ]

ميمڻ عبدالغفور سنڌي

قرآن پاڪ جو منظوم سنڌي ترجمو ڪندڙ، لاڙ جو مشهور عوامي شاعر، مولانا حاجي احمد ولد نانگيو ملاح، 27 ربيع الاخر 1294هه مطابق 11 فيبروري 1877ع تي تعلقي بدين جي ڳوٺ ڪنڊي ۾ ڄائو هو. ننڍپڻ ۾ مال چاريندي ڪيس علم پرائڻ جو شوق جاڳيو؛ انهيءَ سلسلي ۾ حافظ حاجي عبدالله منڊري جي مڪتب ۾ داخل ٿيو. جتان شروعاتي ڪتاب پڙهي بدين، سجاول ۽ پڳڙا ميمڻ جي ڪتابخانن مان آخوند محمد هاشم ڪڇيءَ جي نظر فيض اثر هيٺ عربي، فارسي ۽ سنڌي زبانن جا ڪتاب پڙهيو. آخر ”مدرسه گهڙو نانگو شاه“ مان فارغ التحصيل ٿي، مولانا خير محمد مگسيءَ جي هٿن سان دستار – فضيلت ٻڌائين.

مولانا صاحب ڳوٺ نور محمد منڊري، لاکي پير، ٻهڊميءَ ۽ گولي منڊري جي مڪتبن ۾ درس و تدريس ڏيندو رهيو. پوءِ بدين پهچي ”مدرسه مظهرالعلوم“ نالي پنهنجو جدا درسگاه قائم ڪري، دين جو درس ڏيڻ لڳو – 1932ع تائين منتظم ٿي رهيو – 1942ع ۾ سني، وهابي تصادم سببان، درگاه شاه قادريءَ جي سجاده نشين پير عالي شاه کي مدرسي جون ڪنجون ڏيئي، غريب آباد (بدين) ۾ وڃي هڪ ٻئي مدرسي جو بنياد وڌائين.

ننڍپڻ کان ئي سندس طبيعت موزون هئي؛ جنهن ڪري آسانيءَ سان شعر و شاعري ڪرڻ لڳو. پهرين مهاپاري لڙائيءَ کان پوءِ ”خلافت تحريڪ“ ۽ ”قطع تعلقات تحريڪ“ ۾ تقريرن، تحريرن ۽ شاعريءَ وسيلي سرگرميءَ سان حصو ورتائين. حتيٰ ڪه کيس جيل جا دروازا به ڏسڻا پيا – 1953ع ۾ حج بيت الله شريف جو مقدس فريضو به ادا ڪيائين.

مولانا صاحب کي دين جي سر بلنديءَ جو وڏو اونو هو. حالانڪ حق جي راه لاءِ سندس مخالفت به چوٽ چڙهيل هئي، تاهم به خدا جي وحدانيت ۽ سنت نبويءَ ۾ يقين رکندي، پٺتي نه پيو. ڪچهريءَ جو ڪوڙيو، قول ۽ فعل جو سچو ۽ ٻيائيءَ کي ٻن وجهي، قلم وسيلي

پنهنجي آواز کي گهر گهر پهچائڻ ۾ ڪا ڪسر باقي نه ڇڏي هئائين. 92 ورهين جي عمر ۾ 7 شعبان 1389هه مطابق 19 جولاءِ 1969ع تي بدر ۾ هي جهان ڇڏي، رب کي رسيو. سندس آخري جاءِ معصومن جي مقام ۾ ٿي. عبدالرحمان، عبيدالله ۽ عبدالرحيم نالي ٽي پٽ ٿيس. جن مان وڏو سندس حياتيءَ ۾ ئي ڪائنس رخصت وٺي ويو.

مولوي صاحب هوندي ته گهڻائي ڪتاب قلمبند ڪيا هئا، مگر ڇپيل ڪتابن ۾: ”معرفت الله“ (1936ع)، ”شرڪ ڇٽ عرف هيڪڙائي حق“ (1951ع)، ”گلزار احمد“ (1957ع)، ”فتح لواري“ (1958ع)، ”گلشن احمد“ (1959ع)، ”بياض احمد“ (1964ع)، ”پيغام احمد“ (1965ع)، ”غزليات احمد“ (1919ع)، ”ديوان احمد“ (1974ع) ۽ ”نورالقرآن“ (1977ع) جا نالا ورتا وڃن ٿا، جڏهن ته اڃا غير مطبوعه ڪتاب: ”اسرار الاهي“ (ٽيهه اکري) ۽ ”پاره عم“ (بيتن ۾) سندس پوين وٽ پيل آهن.

”نورالقرآن“ نالي سنڌي زبان ۾ قرآن پاڪ جو منظوم ترجمو ڪيو اٿس، جيڪو مولانا مرحوم جو هڪ لازوال ڪارنامو آهي. ترجمو حالانڪ پراڻي سنڌيءَ ۾ آهي؛ جنهن تي پورا ڏهه ورهيه محنت ڪئي هئائين. منجهس رس، رچاءُ، رواني، دلڪشي ۽ لطافت پڻ جهجهي انداز ۾ نظر اچي ٿي. مولانا صاحب کي هن ترجمي جي نقل ڪرڻ ۾ سندس دلعزيز شاگرد ۽ عقيدتمند، مولوي عبدالله جوڻيجو جو وڏو ساٿ مليو؛ جنهن ڪري 1977ع ۾ پهريون ڀيرو حقي آفسيٽ پريس ڪراچيءَ مان ڪتابت ٿي. مفت تقسيم ڪيو ويو؛ جنهن جو سمورو خرچ ٿرپارڪر جي محير زميندار ارباب الهجڙيو برداشت ڪيو هو. تازو (1978ع ۾) حيدرآباد جي ڪمشنر الهه بخش سومري صاحب جي ذاتي دلچسپيءَ سان سندس ٻيو ڇاپو به ڇڏرو ٿيو آهي؛ جنهن جي سعات ”مهراڻ آرٽس ڪائونسل حيدرآباد“ کي نصيب ٿي آهي. هن ڇاپي ۾ تصحيح سان گڏ ڪتابت جون غلطيون پڻ سڌاريون ويون آهن.

مولوي احمد ملاح، صاحب – ديوان شاعر هجڻ سان گڏ باڪمال شاعر هو. عربي، فارسي، سنڌي، اردو ۽ سرائڪي زبانن جي سٺي ڄاڻهيس. اهوئي سبب آهي، جو سندس شاعريءَ ۾ استعمال ڪيل الفاظ، لغت جي خوبين سان مالا مال آهن، پاڻ مير غلام علي خان ٽالپر جي سنگت ۾ رهي، سياست ۾ به حصو ورتائين. سندس شاعريءَ ۾ ايتري قدر ته بي پناهه رواني، بي ساختگي ۽ برجستگي آهي، جو

ڪيس ”الهامي شاعر“ سڏجي، ته ٻي جاءِ نه ٿيندو. مولوي عبدالله، حافظ نعمت الله جوڻيجو، عبدالمجيد ابڙو ۽ ماستر الهجڙيو ملاح سندس ڪلام کي سوڌي سنواري قلمبند ڪندا هئا. هيٺ نموني طور ”نورالقرآن“ مان ”سورت فاتح“ جو منظوم ترجمو ڏجي ٿو:-

اول نام الله جو، جو ڏيندڙ ڏيهه ساري،
ڏيئي نه پچاري، مڙنيان مهربان گهڻو.
جڳائي جبار کي، سڀڪائي ساراه،
پالڻهار پرٿين، هردم هميشاه،
سخي سڀاجهو گهڻو، مالڪ محشر گاه،
توئي پو ڇيون، توهان ئي پنون -حمايت هر گاه،
سهائيون سنئين واٽري، واٽ اُنهن جي واه!
جن کي توڙان توڙ ڪئي، نعمتون نيباه،
جن تي ڪاوڙ ناهه ڪا، ۽ نه گس ڪنان گمراه،
آمين يا الله! اهو عرض اگهائيين.“

(1) ”ملاحي“، عربي زبان جو لفظ آهي؛ جنهن جي لغوي معنيٰ آهي: ٻيڙي هلائڻ وارو. عموماً امير البحر (ميربحر) کي ”ملاح“ سڏبو آهي. سندن اڪثر پيشو (ڪرت) مڇي مارڻ هوندو آهي؛ ۽ بعض اوقات ته واهن ۾ ٻيڙيون هلائي ماڻهن کي پار پهچائيندا آهن، سنڌ ۾ ملاحن جون گهڻيون ئي ذاتيون ٿيون ٿيون. خاص ڪري اتر ۾ ملاح پاڻ کي ”ميرائي“ به سڏائين ٿا. سماج ۾ ڪين گهٽ ذات وارو ڄاتو ويندو آهي. مالدار ماڻهو منجهانئس عورتون خريد ڪري پاڻ وٽ سريتيون ڪري رکندا آهن. سنڌ جي حاڪم ڄام تماچيءَ جو ”نوريءَ“ کي حاصل ڪرڻ وارو مثال هن ڏس ۾ ڪافي آهي [سنڌي انسائيڪلو پيڊيا – ميمڻ عبدالغفور سنڌي، قلمي 80، صفحو 484].
(1) – ”ڳوٺ ڪنڊو“، ديهه لوهڻ، ٽپوچورهدي، تعلقي بدين ۾ واقع آهي.
(2) – مولانا احمد ملاح پنهنجي استاد کي ”حضري“ سڏيو آهي.
(3) – اڄ اهو مدرسو ”مسلم اسڪول غريب آباد“ جي نالي سان سڏجي ٿو. مدرسي سان لڳ مسجد شريف به تعمير ڪرائي هئائين، جيڪا سندس ياد تازي ڪندي رهي ٿي.
(5) – پاڻ ”لواريءَ جي مصنوعي حج“ خلاف به خوب آواز اٿاريائين؛ انهيءَ سلسلي ۾ سندس قلم، شرڪ، بدعت ۽ قبر پرستيءَ لا تلوار جي حيثيت رکي ٿو.

Posted by wahabsahito at 12:30 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## مولانا دين محمد وفائي - ميمڻ عبدالغفور سنڌي

# مولانا دين محمد وفائي
[ 1893ع – 1950ع ]

ميمڻ عبدالغفور سنڌي

مولانا دين محمد ”وفائي“ ولد خليفو گل محمد پٽي، تعلقي ڳڙهي ياسين (موجوده ضلعو شڪارپور) جي ڳوٺ ڪٺي عرف نبي آباد ۾، 27 رمضان المبارڪ 1311هه مطابق 14- اپريل 1893ع تي ولادت ورتي هئي. ابتدا ۾ والد بزرگوار وٽان درس ورتائين. نون سالن جي عمر ۾ يتيم ٿيو؛ جنهن ڪري تعليم ۾ رخنو پيس. بس، پوءِ ته جيئن تيئن ري فارسي پنهنجي عزيز محمد عالم وٽان پڙهيو. جڏهن سمجهه پريو ٿيو، تڏهن عربيءَ جي تحصيل لاءِ لاڙڪاڻي، سونو جتوئيءَ جي صاحب- دل درويش ۽ ڪامل اُستاد، عمدت العلماءُ ابوالفيض مفتي غلام عمر جتوئي رح (1833ع – 1935ع) جون خدمتون حاصل ڪيائين. انهيءَ سلسلي ۾ 1907ع کان 1911ع تائين وٽس رهي، عربيءَ جا سمورا ڪتاب پورا ڪيائين. اوڻويهن سالن جي عمر ۾ سکر مان شادي ڪيائين. پوءِ مفتي صاحب جي مشوري سان سنڌ مدرسة السلام ڪراچيءَ ۾ تعليم ڏيڻ لڳو. انهيءَ وقفي ۾ سندس ملاقات شيخ الوقت مخدوم حسن الله صديقي پاٽائي رح (1850ع – 1920ع) سان به ٿي؛ ۽ وٽانئس ڪافي مستفيض ٿيو – 1914ع کان 1916ع تائين راڻيپور ۾ رهيو. پوءِ ڪن سببن ڪري ٿلاه (تعلقو ڏوڪري، لاڙڪاڻو)، ۾ سيد محمد راشد (جهنڊي واور) وٽان به درس و تدريس کي جاري رکيائين.

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ جي افراتفريءَ ايشيا ۾ وڏو ڌهڪاءُ وجهي ڇڏيو هو، البته سنڌ ۾ ڪنهن حد صلح هو. انهن ڏينهن ۾ ”تحريڪ خلافت“ جنم ورتو ۽ تيزيءَ سان وڌڻ لڳي. مولانا دين محمد وفائي به ٿلاه ڇڏي، تحريڪ ۾ شامل ٿي ويو. ترڪيءَ جي تاجدارن خلاف خوب آواز اٿاريائين. هوڏانهن انگريزن هن آواز کي دٻائڻ لاءِ وس ڪيو، مگر مولانا صاحب قلم توڙي زبان ذريعي جذبات عوام جي سينن ۾ پهچايا. مارچ 1920ع ۾، لاڙڪاڻي ۾ خلافت ڪانفرنس ڪوٺائي وئي؛ جنهن جو روح روان مولانا سيد تاج محمود امروٽي رح (1844ع – 1929ع) هو. هن گڏجاڻيءَ ۾: مولانا ابوالڪلام ”آزاد“، مولانا عبدالباري لکنوي ۽

مولانا شوڪت علي جهڙا مرد مجاهد شريڪ ٿيا هئا، جتي علم ميڙ ۾ مولانا دين محمد کي "جمعيت العلماءُ سنڌ" جو ناظم مقرر ڪيو ويو. ان کانپوءِ مستقل طرح ڪراچيءَ ۾ رهڻ لڳو.

مولانا وفائيءَ جو ننڍپڻ کان "صحافت" سان اُنس هو، ويتر شيخ عبدالعزيز ٿر بچاڻي رح جي صحبت ۾ صحافت کي زندگيءَ جو حصو سمجهي، دلچسپي وٺڻ لڳو. شروعات ۾ "صحيفئه قادريه" ۽ "الڪاشف" ۾ مضمون لکڻ لڳو. ڪراچيءَ مان مارچ 1920ع کان روزانه "الوحيد" جو اجراءُ ٿيو؛ جنهن ۾ مولانا صاحب کي "معاون مدير" مقرر ڪيو ويو – 1923ع ۾ "توحيد" نالي پنهنجو رسالو جاري ڪيائين. اپريل 1936ع ۾، سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ تي "الوحيد" جو خاص نمبر پڻ ڪڍيائين، جيڪو ادبي دنيا ۾ مثالي ۽ بنيادي حيثيت جو حامل آهي – 1926ع ۾ پاڻ "سنجوگي شيخن" جي تبليغي سلسلي ۾ سال لاءِ ڪراچي ڇڏڻي پيس – 1927ع ۾ سيد حزب الله شاه المعروف جيئنل شاه شهيد جي سرپرستيءَ هيٺ سکر مان هفتيوار "الحزب" جاري ڪيائين – 1939ع ۾ مولانا عبيدالله سنڌي (1872ع – 1944ع) سان گڏجي "عبدالاهي تحريڪ" ۾ تحرڪ ورتائين. آخر "الوحيد" جي ٿيويهن ورهين واري لڳاتار ناتي کي 1943ع ۾ ٽوڙي، شهيد الله بخش سومري (1900ع – 1943ع) طرفان جاري ڪيل "آزاد" ۾ شموليت اختيار ڪيائين.

وفائي صاحب ڪوڙي ڪتابن جي قلمبند ڪئي هئي؛ جن مان ڪافي پنهنجي حياتيءَ ۾ پڌرا ڪيا هائين. "تاريخ محمد مصطفٰي"، "صديق اڪبر"، "فاروق اعظم"، "سيرت عثمان"، "حيدر ڪرار"، "خاتون جنت"، "غوث اعظم"، "تذڪره مخدوم نوح هالائي"، "قراني صداقت"، "تذڪره مشاهير سنڌ"، "ياد جانان"، "شاه جي رسالي جو مطالعو" ۽ "لطف لطيف" سندس لازوال تصنفون آهن. قلمي ڪتابن جو به وتس وڏو ذخيرو موجود هو. جمادي الاخر 22، 1369هه مطابق 10 اپريل 1950ع تي راه رباني ورتائين.

(1) – مولانا عبدالعزيز ولد محمد سليمان قريشي، تعلقي پني عاقل (سکر) جي ڳوٺ "ٽريچاڻي" جو رهاڪو هو. وڏو عالم، محقق، ناميارو صحافي ۽ ڪافي ڪتابن جو مصنف هو. مولانا تاج محمود امروٽي رح جي عقيدت ۾ رهي فيضياب ٿيو هو. سکر مان "الحق" اخبار جاري ڪئي هئائين. "تحريڪ خلافت" ۾ سر ڌڙ جي بازي لڳايائين – 1370هه (6- آگسٽ 1950ع) خدا کي پيارو ٿي قاديانين جي رد ۾

ڪافي مضامين لکيائين. انهيءَ سلسلي ۾ ”صحيفه قادريه“ سندس بي بها تصنيف آهي. مولانا حماد الله هاليجوي، مولانا احمد علي لاهوري، مولانا عبدالڪريم چشتي، مولانا عبدالڪريم ڪهاڙو ۽ مولانا دين محمد وفائي صاحبان سندس صحبتي ۽ همعصر هئا. عمر جو گهڻو حصو ديني تبليغ اسلام جي اشاعت ۽ روحانيت جي تعليم ۾ همه تن مصروف رهيو.

(1) – روزنامه ”آزاد“ اڳتي هلي هفتيوار بڻيو، جيڪا 1948ع کان تاحال باقاعديءَ سان نڪرندي پئي اچي، سنڌ جي هيءَ واحد اخبار آهي؛ جنهن ۾ خالص ادبي مواد شايع ٿئي ٿو. هن وقت مولانا مرحوم جو لائق فرزند، محتم علي نواز وفائي، ”آزاد“ جي ادارت جا فراض سر انجام ڏئي رهيو آهي.

(2) – سندس ياد ۾ ”يادگار مولانا وفائي“ نالي ڪتاب 1973ع ۾ شايع ٿيو آهي؛ جنهن ۾ سنڌي اديبن جا مقالا، مضامين ۽ شعر شايع ٿيل آهن (مرتب علي نواز وفائي، ضخامت 320 صفحا).

Posted by wahabsahito at 12:28 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## مولانا عبدالغفور ”مفتون“ همايوني رح - ميمڻ عبدالغفور سنڌي

# مولانا عبدالغفور ”مفتون“ همايوني رح
[ 1844ع – 1918ع ]

ميمڻ عبدالغفور سنڌي

مولانا عبدالغفور ”مفتون“ ولد مولانا محمد يعقوب پيچوهو ، 13- ربيع الاول 1261هه مطابق 7 مارچ 1844ع تي، تعلقي شڪارپور جي ڳوٺ ”همايون“ ۾ تولد ٿيو. سندس جد- امجد، محمد مبارڪ (1741ع – 1793ع) جهت پت (بلوچستان) ضلعي جي ڳوٺ ”پاڳناڙي“ جو باشندو هو، جيڪو پنهنجي وقت ۾ سکيو ستابو شخص هو. وتس ڍڻيءَ جو ڏنل ته جهجهو هو، مگر جبل جي زندگيءَ ۾ رهندي منجهن علم جي بوءِ ڪانه هئي. هڪ دفعي جيئن ئي پاڻ ٻڪريون چاري رهيو هو، ته ڪنهن اجنبي اچي ڪانئس پاڻي گهريو. طلب تي کير سان سندس اُڃ اُجهائي. پوءِ ان راه روءِ کيس دعا ڏيندي چيو، ته ”اي پوڙها! تنهنجي مهمان نوازيءَ ۽ بلند اخلاقيءَ عيوض توکي مشورو ٿيو ڏيانءِ، ته پنهنجي اولاد کي تعليم ڏيارج!!“ ٿورن ڏينهن بعد کيس پٽ ڄائو؛ جنهن جو نالو محمد يعقوب رکيائين. سمجهه سوائي ٿيڻ سان کيس ڪنڊي واري مدرسي ۾ آخوند عبدالحليم ڪنڊويءَ وٽ ويهاريو ويو ، جتان

عربي، فارسي ۽ پشتو ۾ پختو ٿيو. پوءِ سنڌ ۾ وڏي، پاٽ مان آخوند ميان محمود وٽان خرقه- خلافت ڏنيائين.
خلافت جي خلوت حاصل ڪرڻ بعد، واپس وطن وري، جهٽ پٽ ۾ پنهنجو مڪتب کوليائين. سندس ذهانت ۽ سچائيءَ جي هاڪ هنڌين ماڳين وائکي ٿي وئي؛ جنهن ڪري پنجاب، سنڌ، ايران عراق، افغانستان ۽ هندستان مان به ماڻهو اچي وٽائنس فارغ التحصيل ٿيا.
ان زماني ۾ ڳوٺ همايون جا ٻه معزز: ميان غازي خان سومرو ۽ وڏيرو مسو خان سڏايو وٽس لنگهي آيا، انهيءَ ارادي سان ته ”هتان لڏي همايون ۾ هلي رهو“ – پهريائين ته پاڻ انڪار ڪيائين؛ پر پوءِ ميان محمود پاٽائيءَ جي چوڻ تي باقبائل لڏي اچي همايون ۾ آستانو اڏائيان. هتي به هزارين انسانن کي فيض ڏيندي، 25 ذوالقعد 1253هه مطابق 17 جون 1837ع تي راه رباني ورتائين. پٺيان هڪ پٽ ۽ ٻه نياڻيون ڇڏيائين.
مولانا عبدالغفور جو ابتدائي استاد، والد بزرگوار هو. وٽائنس اجا شروعاتي سبق مس پورا ڪيا هائين، ته والد جو وڇوڙو مليس ؛ جنهن ڪري پنجابي عالم مولانا سلطان محمود سيتپوريءَ وٽان باقي ڪتاب پڙهي، دستار – فضيلت ٻڌائين. ڳوٺ موٽي والد جي ڇڏيل مدرسي کي ٻيهر رونق وٺرايائين. هينئر همايون ۾ ٻيهر وقن اچي وئي؛ ۽ ڪافي سڏارا به ڪيائين. پاڻ نهايت نيڪ نفس، کل مک، مرجان مرنج، سنجيدو، سادو ۽ بلند خيال هجڻ سان گڏ اعلىٰ ذهانت سببان ڳوڙهي تحقيق جي صلاحيتن جو مالڪ هو. علم ۾ اڪابر ۽ پرهيزگار به حد درجي جو هو.
والد جي مسند نشين ٿيڻ سان پيري مريديءَ جو سلسلو ۽ فتوائن جو ڪم به هٿ ۾ کنائين. مڪران، خراسان، بلوچستان، سنڌ خواه هند جا وڏا عالم به سندس شاگرديءَ ۾ شريڪ ٿيا. هڪ اندازي مطابق سوا سئوکن طالب سندس نظر فيض اثر هيٺ فاضل ٿيا، انهن مان: مولانا محمد مبارڪ ميان ڳوٺي، مولوي عبدالرحمان شڪارپوري، مولوي محمد اسماعيل شاهلي، مولوي محمد يعقوب سبي، مولوي فاضل محمد بلوچستاني، مولوي نبي بخش ڪولاچي ۽ مولوي خدا بخش لهڻيءَ جا نالي سر– فهرست آهن.
باوجود مصروفيتن جي پاڻ وقت ڪڍي سائلن جا ڪم به ڪندو هو. ديني درس کان علاوه طب جي به چڱي ڄاڻ هيس. ڦيٽي چنبي سان

ڳڌ دوا دارون به ڏيندو هو. سخي به حد درجي جو هو. ڪوبه مانيءَ بنا وٿائنس واپس نه ويو. مردن کان علاوه حويليءَ تي پرده پوش عورتن لاءِ به وقت ڪڍي، دعا دسگيري ڪندو هو. رات جو ڳچ حصو خدا جي ياد ۾ گذاريندو هو. تهجد تائين ترسي، شاعريءَ کي هٿ ۾ کڻندو هو.
مولانا صاحب کي شاعريءَ سان به وڏو شغف هو. هن سلسلي ۾ به ميان محمود پاٽائيءَ جي رهبري حاصل هيس. سنڌي، عربي، فارسي، سرائڪي، هندي ۽ اردو ۾ پڻ ڪثير التعداد ڪلام چيا هئائين. افسوس جو اهو زماني جي ستم ظريفيءَ سببان سندس پوين کان محفوظ ٿي نه سگهيو. ”مفتون“ تخلص سان سنڌي شاعريءَ ۾ مڪمل ”ديوان“ به ترتيب ڏنائين؛ جنهن کي ”بياض مفتون“ جي نالي سان 1953ع ۾ مولوي نجم الدين ڳڙهي ياسينويءَ پڌرو ڪيو هو – 1973ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ، ”ديوان مفتون“ جي نالي سان سندس ڪلام کي عام ڪيو آهي. دستياب ٿيل سنڌي ۽ فارسي شاعري، اڪثر نعتيه آهي، جيڪا پنهي جهانن جي سردار حضرت محمد مصطفٰي صلي الله عليه وسلم جن جي شان ۾ آهي. پاڻ نظم کان علاوه نثر ۾ به ڪافي ڪتاب قلمبند ڪيائين، جيڪي گهڻي ڀاڱي فتوائن تي مشتمل آهن. وٽس علمي ذخيرو به جهجهو هو؛ جنهن ۾ مصر، افغانستان، ايران ۽ هندستان کان علاوه ٻين به ڪيترن ئي اسلامي ملڪن جا ناياب قلمي نسخا موجود هئا. افسوس جو انقلابن سببان مفتخورن، جاهلن ۽ بي قدرن جي هٿ چڙهي ويا، جو اڄ اُهي ڏسڻ لاءِ به نه رهيا آهن. سندس وفات حسرت آيات 75 ورهين جي ڄمار ۾ جمع جي رات، 11 رمضان المبارڪ 1336هه مطابق 2 فيبروري 1918ع تي همايون ۾ ٿي. کيس ڳوٺ جي جامع مسجد لڳ، والد جي وٽ ۾ جاءِ ڏنائون.
سندس همعصر ۽ سهيوڳي بزرگن ۾: حافظ محمد صديق ميجهو پرچنڊي شريف، حضرت شاه مردان شاه اول پير صاحب پاڳارو، مولانا تاج محمود امروٽي رح، مولانا محمد عمر چشموي، مولانا بهاؤالدين بهائي ۽ مير علي نواز علوي شڪاپوريءَ جا نالا ورتا وڃن ٿا. کيس نرينه اولاد ڪونه ٿيو، ان ڪري ڏهٽس مولانا عبدالباقي مسند نشين ٿيو. مولانا همايون رح جهڙا جليل القدر انسان دير سان پيدا ٿيندا آهن؛ ۽ جڏهن وارو وڄائي ويندا آهن، ته پنهنجي سيرت ڪردار، فضل ۽ ڪمال جا اهڙا ته اڻ متجندڙ آثا ڇڏي ويندا آهن، جيڪي هميشه لاءِ بطور يادگار رهندا آهن. سندس درگاه اڄ به عام و خاص لاءِ

زيارت گاه بڻيل آهي. ڪيئي سوالي اڄ به پنهنجو مطلب ماڻي وڃن ٿا. اهوئي سبب آهي، جو همايون جو شعر سندس ذات والاصفات جي طفيلي پوريءَ سنڌ ۾ پڌرو آهي. تفسير، تاريخ، تصوف، فقه، طب، حديث ۽ رياضيءَ جو وڏو ماهر هو. خاص ڪري فقه جي سلسلي ۾، پوري برصغير ۾ سندس ثاني ملڻ مشڪل هو. هيٺ سندس مشهور ”ڪافي“ نموني طور ڏجي ٿي:-

”تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا – زندان هزارين، مان نه رڳو،
تنهنجي شاهي دستر خوان مٿي – مهمان هزارين، مان نه رڳو.
ڪيئي گهايل تنهنجي گهور سندا – مخمور غفور سرور سندا،
تنهنجي نور ظهرو حضور سندس – نگران هزارين مان نه رڳو.
ڪيئي آبرو تيغ شهيد ڪيا – ڪيئي نازڪ مزيد مريد ڪيا،
ريءَ ناڻي ديد خريد ڪيا – قربان هزارين مان نه رڳو.
تنهنجي جلوي جمال جي عشوه گري –ڪيا ملڪ مطيع وسيع وري،
ڇا جن ملائڪ حورو پري – حيران زهارين مان نه رڳو.
ڪيئي نوڪر چار جمعر اڪبر – ڪيئي خادم آهن خاقان نوڪر،
سويندر تنهنجي تي دارا سڪندر – دربان هزارين مان نه رڳو.
ماه لقا محبود مٺا – تنهنجي ناز ادا تان جان فدا،
ٿيا دامن گير امير گدا – سلطان هزارين مان نه رڳو.
دلبر پيارا ڪر نور نظر – تون ته سرور عالم جن و بشر،
توتان قربان تارا شمس قمر – ”مفتون“ هزارين مان نه رڳو.“

(1) – ”پيچوها“ اصل ۾ ”اٻڙن“ جي شاخ آهن.
(2) – ”حمايون“، سنڌ جو قديم ڳوٺ آهي، جيڪو سومرن جي صاحبيءَ ۾، سومرا ۽ سڏايا ذات وارن جو آباد ڪيل آهي. مغل بادشاه نصيرالدين همايون جو 950هه (1543ع) ۾ ايران ويندي، سنڌ مان گذر ٿيو هو. کيس رڻ ۾ رات پئجي ويئي؛ جنهن ڪري ڪشادو ميدان ڏسي، انهيءَ وسنون ۾ رات گذاري هئاين. سندس ياد ۾ مٿس اهو نالو پيل آهي. ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ انهيءَ ميدان تي سرڪاري بنگلو به اڏيل هو، جيڪو پوءِ مسمار ٿي ويو. جاگرافيائي پس منظر ۾ هي ڳوٺ ڪوٽيا – ڪراچي ويندڙ عام شاهراه جياوپارين طرف ۽ موجوده ريلوي لائين جي وچين حصي ۾ واقع آهي. اڄ هن ڳوٺ ۾ شهر جهڙي رونق آهي.
(1) – روايتون آهن، ته اهو اجنبي شخص شيخل المشائخ، قطب الاقطاب، غوث اعظم سيد عبدالقادر جيلاني رح (1078ع – 1166ع) هو؛ جنهن جي دعا سان هن خاندان ۾ علم جو اهڙو ته ڏيئو ٻريو، جيڪو قيامت تائين وسامي نٿو سگهي.

(2) – تذڪرن ۾ خيلفي محمود يعقوب جي ولادت جو سال 1196هه (1781ع) آيو آهي.
(3) – اُن زماني ۾ جهڙيءَ طرح سنڌ اندر ٺٽو، بکر، لاڙڪاڻو، پاٽ، روهڙي ۽ لواريءَ ۾ وڏا درسگاه چيا ويندا هئا، تهڙيءَ طرح بلوچستان ۾ وري لانڍي، ڪـونڊي، ڪتبار ۽ سبي وغيره ۾ پڻ دين جو چڱو چهچٽو هو.
(1) – سندس دوستن، طالبن ۽ همصعرن جو حلقو وسيع هو، جن مان مولانا نورمحمد شهداد ڪوٽي، مولانا عبدالستار، مولانا عبدالرحمان سڪرائي، مولانا عبدالله، رستمي، سيد زين العابدين شاه افغانستاني، مولوي محمد قاسم ڳڙهي ياسينوي، جهل مگسيءَ جو نواب، مولانا عبدالرحمان ڏامراهو، حڪيم محمد صادق راڻيپور ۽ پائي جيٺمل (طب جو شاگرد) جا نالا قابل – ذڪر آهن.
(2) – اُن وقت سندس عمر ٻارهن ورهيه مس هئي.
(1)– سندس تصنيفات ۾: ”فتو ٰي همايوني“ (فارسي، ٻه ڀاڱا)؛ ”فهنگ همايون“ (طب، ٻه ڀاڱا)، ”الدار المنشور“، ”ديوان مفتون“ (عربي، فارسي، سنڌي ۽ هندي شعر جا مجموعا) ۽ ڪجهه قلمي رسالا شامل آهن.
(2) – مولانا عبدالباقي (وفات 1383هه = 1963ع)، وقت جو سٺو عالم ۽ فتو ٰي جي فن ۾ ماهر هو. پنهنجي ناني جي ڇڏيل ڪم کي ڪنهن حد تائين پايه تڪميل تي پهچائڻ لاءِ وسان ڪين گهٽايائين. موجوده وقت ۾ درگاه جو متولي، سندس وڏو فرزند، مولانا عبدالباري آهي.

# مولانا عبيدالله سنڌي

[ 1872ع – 1944ع ]

## ميمڻ عبدالغفور سنڌي

امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي ، خميس 12 محرم الحرام 1289هه مطابق 10 مارچ 1872ع تي سيالڪوٽ (پنجاب) جي ڳوٺ چيانواليءَ ۾ پيدا ٿيو هو. ڄمڻ کان چار مهينا اڳ سندس والد وفات ڪري چڪو هو. ٻن سالن جي وقفي بعد ڏاڏو به گذاري ويس؛ جنهن ڪري يتيميءَ دوران والده پيڪي آندس ؛ جتي پنهنجي مامي جي نظر هيٺ پرورش ورتائين – 1878ع ۾ جامپور (ديره غازي خان) جي هڪ اردو مڊل اسڪول داخلا ورتائين. دوران تعليم پنهنجي رفيق (آريه سماج سان تعلق رکندڙ اسڪولي شاگرد) وٽ ” تحفته الهند“ ۽ ”تقويته الايمان“ نالي ڪتاب ڏنائين. دل نه رهيس؛ جنهن ڪري ڪانئس وٺي پڙهڻ لڳو. پاڻ مطالع ۾ ايترو ته محو ٿي ويو، جو ڪيس ”اسلام“

جي صداقت تي يقين ٿي ويو – 1887ع ۾ ستين درجي ۾ پڙهندي، مسلمان ٿيڻ لاءِ پنهنجن کان جدا ٿي ويو.
آخري ڏيس چڙهي، سنڌ ۾ پهتو. پهريائين پرچنڊي ءَ وار بزرگ، حافظ محمد صديق سميجو رح (1872ع – 1890ع) وٽ وڃي حاضري ڀريائين. حافظ صاحب جي صحبت مان فيض حاصل ڪري 1910ع ۾ پير جهنڊي ڳوٺ (حيدرآباد) ۾ ديني مدرسو کوليائين؛ جنهن جو ناظم ۽ نگران به پاڻ ٿي رهيو. پاڻ ڪي پرچنڊي بزرگ جو ديني فرزند ڄاڻي، سنڌ ۾ مستقل رهڻ جو ارادو ڪيائين ۽ قادري ۽ راشدي طريقن ۾ بيعت به وٺائنس ورتائين. ڪجهه وقت بعد مولانا کي وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ جو شوق ٿيو؛ جنهن ڪري 19 شوال 1308هه (1890ع) ۾ روحاني رهبر جي اجازت سان، سندس خليفي، مولانا تاج محمود امروٽي رح (1844ع – 1929ع) جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو. مولانا امروٽي رح منجهس مٺيا ڏسندي، کيس ماستر محمد عظيم خان يوسفزئي ءَ جي صاحبزادي ءَ سان نڪاح ڪرايائينس . امروٽي بزرگ کيس اولاد جي برابر سمجهند هو. وٽس وڏو ڪتبخانو موجود هو؛ جنهن مان 1315هه (1897ع) تائين سنڌي صاحب ڪافي استفادو حاصل ڪيو. آخر پير رشيدالدين وٽان ذڪر ”اسماء الحسنٰي“ به حاصل ڪيائين. پير ابوتراب رشدالله ۽ قاضي فتح محمد نظاماڻي صاحبان سان به روح رهاڻيون ڪندو رهيو.
قرآن شريف، حديث ۽ فقه وغيره جي درس ۾ مولانا محمد قاسم نانو توي ديوبندي رح (وفات 1397هه = 1879) کان شاه ولي الله دهلوي رح (وفات 1366هه = 1947ع) تائين عالمن سڳورن کي پنهنجو استاد مڃيندو هو – 1327هه (1909ع) ۾ ديوبند جي صدر مدرس شيخ الهند ابوالحسن مولانا محمود حسن صاحب کيس گهرايو. پورا چار ورهيه ”جميعت الانصار“ ۾ ڪم ڪندي، 1331هه (1913ع) ۾ دهلي ويو؛ ۽ ”نظارة المعارف“ نالي ادارو قائم ڪيائين. سال بعد ڪابل روانو ٿيو – 1922ع ۾ ترڪي ويندي، ستن مهينن لاءِ روس ۾ رهڻ جو موقعو مليس. آخر آگسٽ 1923ع ۾ انقره پهتو، اتان اڍائي، سالن لاءِ استنبول به ويو. ترڪي ءَ ۾ قيام دوران، اتان جي ماحول ۽ مذهبي عقيدن جو غور سان مطالعو ڪيائين – 1345هه (1926ع) ۾ مڪي معظمه ويو، جتان پهرين نومبر 1937ع تي وطن

واپس ورڻ جي اجازت مليس، مگر جيئن ته حج جو موقعو قريب هو؛ انهيءَ ڪري ترسي، مارچ 1938ع ۾ واپس سنڌ ۾ آيو.

مولانا سنڌي صاحب جو شروعات کان ئي اهو نظريو هو، ته انگريزن جي خلاف جهاد ڪري، هندستان لاءِ آزاديءَ جي راه هموار ڪجي. انهيءَ جو عملي طرح آغاز 1915ع کان ڪيو هئائين. پاڻ عمر جو وڏو حصو قومي ڪمن ۾ صرف ڪيائين. حالانڪ ڏکن ڏاکڙن جي زندگي به ڪيس بسر ڪرڻي پئي. بعض اوقات ته ڪيس خطرناڪ صورتحال سان به منهن ڏيڻو پيو. پاڻ سياسي بيداريءَ سان گڏ تصنيف و تالفي کي به چهچٽو رهيو.

هڪ طرف سفر جي تڪليفن ڪيس هيڻو ڪري ڇڏيو هو؛ ۽ ٻئي پاسي قومي آزاديءَ جو اونو سندس ساه کي سوگهو ڪري ڇڏيو هو. تاهم به پيري ۽ بيماريءَ جي پرواه نه ڪري، صبر سان ويهڻ نه آيس؛ جنهن ڪري 16 جمادي الثاني 1364هه مطابق 22 آگسٽ 1944ع جي سج ۾ لاهور ۾ پنهنجي فرزند وٽ رحلت ڪيائين. وصيت مطابق ڪيس رحيم يار خان (پنجاب) جي ڳوٺ "خانپور" ۾، پلارن بزرگن جي قديم قبرسان ۾ دفنايو ويو.

(1) – مولانا صاحب اصل ۾ سک خاندان جو هڪ فرد هو. سندس شروعاتي نالو "بوٽا سنگ" هو؛ ۽ پتا رامسنگ پٽ چسپتراءِ پٽ گلاب راءِ هو، جيڪو پنهنجي ڳوٺ ۾ مختيارڪار جي عهدي تي رهي چڪو هو. هن خاندان جو بنيادي پيشو "سوناري ڪم" هو. مگر چند فردن نوڪريءَ کي ترجيح ڏني هئي. منجهن ڪافي آسودا هوندا هئا، جيڪي وياج تي پئسا به ڏيندا هئا [مولانا عبيدالله سندهي اور ان کي ناقد- سعيد احمد، لاهور، 1946ع؛ صفحو 333].

(2) – مولان صاحب جا ناناڻا، ديري غازي خان "ڄامپور" ضلعي جا رهاڪو هئا. سندس مامو ٽپيدا هو.

(1) – "تحفته الهند" جو مصنف، پايل (پٽيالا) جو رهاڪو، نو مسلم پنڊت اننترام پٽ منشي ڪوٽيمل، المعروف عبيدالله هو؛ جنهن کان متاثر ٿي، پاڻ کي مسلمانڪي نالي "عبيدالله" سان سڏائڻ لڳو [تحفته الهند – مولانا محمد عبيدالله (ديبا چه)، دهلي؛ 1330هه (1912ع)، صفحو 1].

(2) – "تقويته الايمان" جو ليک، شاه اسماعيل شهيد (1779ع – 1831ع) هو، جيڪو عربي ڪتاب "روالاشرڪ" جو اردو زبان ۾ ترجمو آهي.

(3) – سچ پچ تها پرچنڊيءَ واري بزرگ جي برڪت هئي؛ جنهن مولانا کي صحيح الطريقت ۽ راسخ العقيدت مسلمان ٺائي، دين جو ڪم سونپيو هو. هڪ پيري حافظ صاحب، مولانا لاءِ فرمايو هو، ته "عبيدالله، الله ڪارڻ پنهنجا مٽ مائٽ ۽ مذهب ڇڏيو آهي، هاڻي اسان هن جا ديني ماءُ پيءُ آهيون !" [دائرة المعار اسلاميه (اردو) – دانشگاه پنجاب، لاهور (جلد 12)؛ 1973ع" صفحو 984].

(1) – اهويئ سبب هو جو پاڻ کي ”سنڌي“ سڏائڻ ۾ فخر محسوس پئي ڪيائين [خطبات و مقالات مولانا عبيدالله سندهي – مرتبه، محمد سرور، لاهور 1970ع؛ صفحو 169].
(2) – هن نيڪ رسم ۾ سندس والده به شرڪت ڪئي هئي، جيڪا پڇاڙيءَ تائين ساڻ گڏ رهي؛ ۽ پنهنجي سک مذهب تي قائم رهي [ سه ماهي ”مهراڻ“ (سوانح نمبر 3-4/1957ع)، سنڌي ادبي بورڊ، صفحو 267].
(3) – ”ديوبند“ ، برصغير ۾ نامور ديني درسگاه آهي. هي اتر پرديش (U.P) جي سهارنپور ۾ هڪ قديم شهر آهي؛ ۽ تعلقي جي حيثيت حاصل اٿس. تاريخي لحاظ کان سندس شروعاتي ذڪر ”آئين اڪبريءَ“ ۾ آيو آهي. ان کانپوءِ سندس احوال اساطيري ۽ رومانوي داستانن ۾ ملي ٿو. ڪسابن کان منجهس وڻن جي گهاتي جهڳتي ۾ ديوي جو مندر (تيرٿ گاه) هو؛ جنهن جي نسبت سان مٿس ”ديوي (ديبي) بن“ (ديويءَ جو جهنگل) نالو پيو، جيڪو ڪثرت استعمال سان بگڙي ”ديوبند“ ٿيو. [دائرة المعارف اسلاميه (اردو)، دانشگاه پنجاب، لاهور، جلد 9، 1972ع، ص 62]. هن وقت سندس آدم شماري 50 هزار آحي. جن ۾ ڪثرت مسلمانن جي آحي. هڪ سؤ مسجدن جي هن سهر کي ”مسجدن جو شهر“ به سڏيو وڃي ٿو. منجهس وڏو ديني درسگاه آهي؛ جنهن جو قيام مولانا محمد قاسم نانوتوي رح (1832ع – 1880ع) جي نگرانيءَ ۾، 15 محرم الحرام 1866هه مطابق 30 مئي 1866ع تي ٿيو. [تاريخ ديوبند – سيد محبوب رضوي، 1372هه، ص 97]. شروعات ۾ مولانا محمود حسن نالي صرف هڪ شاگرد سان، ڪڙ جي وڻ هيٺان مدرسي جي ڪارروايي شروع ڪئي وئي؛ جنهن ۾ پهريون معلم مولانا يعقوب نانوتوي هو [حالات دارالعلوم ديوبند، محمد طيب، ديوبند، 1378هه ص 81] مدرسي ۾ قرآن مجيد، دارا لتفسير، دارالحديث، صرف و نحو، فلسفو، منطق، فقه ۽ فن وغيره جا شعبا قائم ٿيل آهن. خدا جي فضل سان اڄ دنيا جو ڪو به ملڪ رهيل ناهي؛ جنهن ۾ هتان جو عالم نه پهتو آهي:
India as I Knew it- (1855-1905)- M.O` Dwyer, London 1925. P.P[ ]177
مغل سلطنت جي زوال ۽ 1857ع واري انقلاب جي نا ڪاميءَ بعد، هنستاني مسلمانن هن قسم جي ديني درسگاه قائم ڪرڻ جي اشد ضرورت محسوس ڪئي [انوار قاسمي – پروفيسر انوارالحسن قاسمي، ديوبند، 1958ع، ص 418].
(1) – مولانا سنڌي جلاوطنيءَ جي زندگيءَ ۾ هينئر 33 سال گذاري چڪو هو.
(2) – پنهنجي تقريرن خواه تحريرن ۾ انگريزن خلاف کلم کلا آواز اٿاريائين. نتيجي طور پاڻ تي سخت پهرا به بيهاريائين. هي اُهو وقت هو، جڏهن ”آزاديءَ جي تحريڪ“ شروع ٿي چڪي هئي پوءِ سنڌي صاحب افغانستان هجرت ڪري ويو؛ جتي ڪابل ۾ ”آزاد هنستان جي عارضي حڪومت“ جو پايو وجهي، سربراهي سنڀاليائين – 1932ع ۾ ڇهن مهينن لاءِ روس به ويٺو پيس آخر ترڪيءَ ۾ وڃي ڪمال پاشا ۽ عصمت انونو کان سياسي امداد به حاصل ڪيائين.
Ubaid- Allah Sindhi in Turkey- Detleve H. Khalid (Journal of[ .]R.C.D)- Tuhran, Vol: No: 1&2: P.P 38

(1) – رسائل وغيره کان علاوه قرآن پاڪ جو تفسير پڻ لکيو هئائين؛ جنهن ۾ مولانا احمد علي لاهوري ۽ مولانا عبدالحي فاروقي به ساڻس فيض يافته هئا [بيس بڙي مسلمانان – عبدالرشيد ”ارشد“، لاهور 1969ع، صفحو 409].

Posted by wahabsahito at 12:26 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي - ميمڻ عبدالغفور سنڌي

# مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

[ ولادت 1343هه = 1924ع ]

ميمڻ عبدالغفور سنڌي

سونهاري سنڌ ڪيترائي اهڙا پلارا بزرگ؛ نيڪ مرد ۽ سخاوت جا صاحب پيدا ڪيا آهن، جن پنهنجي هڙئون توڙي وڙئون عام انسانن سان پال پلايا آهن. سندن فيض درياه جي وهڪري جيان عام آهي؛ جنهن مان ڪيترائي اجايل اڄ پنهنجي اڄ اجهائين ٿا. اهڙن پاڳ پرين ۾ علامه غلام مصطفيٰ قاسيم ولد حافظ محمود چانڊيو به هڪ آهي. سندس ولادت 1343هه مطابق 24 جون 1924ع تي، تعلقي ميرو خان (لاڙڪاڻو) جي ڳوٺ ”پنيو خان چانڊيو“ ۾ ٿي آهي. ننڍپڻ کان ئي نهايت ذهين ۽ اورچ انسان آحي. عربي، فارسي ۽ سنڌي زبانن ۾ وڏي مهارت رکي ٿو. فاضل ديوبند، مولوي فاضل، اديب فاضل ۽ فاضل طب – سندس تعليم ورتل آهي. هن وقت پاڻ حيدرآباد ۾ مستقل طرح رهندي، شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد جي ڊائريڪٽر جا فرائض پڻ سرانجام ڏئي رهيو آهي. سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ آنرري پروفيسر ؛ ۽ سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين پڻ آهي.

مولانا قاسمي صاحب علمي ۽ ادبي سرمايي ۾ اضافو ڪندي، هڪ ڊزن کان وڌيڪ ڪتاب پڙرا ڪيا آهن؛ انهن مان: تفسير سورت صبا (1947ع)، شاه جو رسالو (1951ع)، الهام الرحمان في تفسير القرآن (1966ع)، پاره الم (ترجمو“ 1969ع)، بنيادي لغت (1973ع)، سماجي انصاف ۽ اجتماعيت - شاه ولي الله جي روشنيءَ ۾ ۽ اسطاعت (ترجمو)، انصاف ۽ مفيد طلبا منطق وغيره سندس غير فاني خدمتون آهن. پاڻ شاه ولي الله اڪيڊميءَ طرفان ماهوار ”الرحيم“ (سنڌي) ۽ ”الولي“ (اردو“ به باقاعدگيءَ سان ايڊٽ ڪندو

رهي ٿو. سنڌس ڪيترائي تحقيقي، علمي، ادبي ۽ مذهبي مقالا ۽ مضامين پڻ رسالن جي زينت بڻيل آهن.
پاڻ نيڪ نيت، صاف گو، باشريعت، سنجيده، سچار، همدرد، بااخلاق، بامروت، مهمان نواز، فراخدل، نيڪ صورت ۽ علم ادب، توڪل ۽ توحيد جو واهڙو وهائيندڙ هڪ مخلص انسان آهي. اڪثر سنڌس ڪچهريءَ ۾ علمي گفتگو هوندو آهي. سنڌس شاگردن جو حلقو به وسيع آهي. سنڌين ڪي سنڌس ذات تي فخر آهي. خداوند ڪيس خضري عمر عطا ڪندو.
(1) – هن سلسلي ۾ ڊي – فل ۽ ايم – فل جي شاگردن جي رهنمائي پڻ ڪندو رهي ٿو. راقم الحروف ڪي به پي ايڇ – ڊي (P.H.D) جي سلسلي ۾ سنڌس ئي رهبري حاصل آهي.

Posted by wahabsahito at 12:25 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## مولانا فقير محمد پناڻ - ميمڻ عبدالغفور سنڌي

# مولانا فقير محمد پناڻ

[ 1909ع – 1980ع ]

### ميمڻ عبدالغفور سنڌي

مولانا فقير محمد ولد صاحبڏنو بن بادل خان پناڻ؛ تعلقي ڪشمور (جيڪب آباد) جي ڳوٺ ”حاجي خان ڊومڪي“ ۾ 17 شوال 1327هه مطابق 3 جون 1909ع تي ولادت ورتي هئي. سنڌس جد- ماجد پشوار جا رهاڪو هئا، جن ميرا ڻي دور ۾ لڏي، سنڌ ۾ سڪونت اختيار ڪئي هئي. ننڍڙو فقير محمد جمندي ئي چام هو. ننڍپڻ کان ئي سنڌس طبيعت مائيڻي ۽ ذهانت سان پر هئي؛ جنهن ڪري استاد به سنڌس هوشياريءَ جو اعتراف ڪندا هئا. ابتدائي تعليم بعد، نيڙهيءَ جي مدرسي مان، مولانا قاضي حبيب الله ميمڻ، مولانا محمد صاحب سنڌي ۽ مولانا قطب الدين انڊڙ جهڙن برک عالمن جون خدمتون حاصل ڪيائين. آخر مولانا عبيدالله سنڌي، مولانا حمادالله هالجوي رح، مولانا محمد صالح هاليجوي ۽ مولوي محمد صادق ڪڏه جهڙن حيد عالمن ۽ بزرگن سڳورن هٿاران دستار – فضيلت ڊائين. فتوي، منطق ۽ فلسفي جي ڄاڻ مولانا عبدالخالق ٺڙهاليءَ وٽان ورتائين.

آخر ديني سکيا لاءِ دارالعلوم ”ديوبند“ به ويو، جتي مولانا حسين احمد مدني رح وٽان حديث جي علم ۾ خاصو اپياس ڪيائين.
پنهنجي اعلىٰ ذهانت، شرافت، لياقت ۽ خدا داد قابليت سبــبان مولانـا فقير محمد، ديوبند ۾ پهريون نمبر پاس ٿيو؛ جنهن تي مولانا مدنيءَ کيس هدايت ڪندي چيو، ته ”ميان! پنهنجي زندگي پگهار تي نه کپائنو؛ ۽ بنا پگهار جي دين جي خدمت لاءِ زندگي وقف ڪجو!!“. سچ پچ سندس دل تي استاد جي هدايت جو ايترو ته اثر ٿيو، جو پاڻ بنا اجوري پڇاڙيءَ تائين دين جي خدمت ڪندو آيو. تقرير خواه تحرير جو فن مولانا هاليجوي وٽان حاصل ٿيو هوس. مولانا هاليجويءَ، منجهس مٿيان ڏسي چيو هو، ته ”آءٌ فقير محمد جي دلپذير تقرير ۽ فصيح تحرير کان بيحد متاثر آهيان، ڇاڪاڻ جو سندس تڪميل اهڙي سر زمين تان ٿي آهي؛ جنهن تي ٻنهي جهانن جي سردار، رحمت اللعالمين حضرت محمد مصطفىٰ صلي الله عليه وسلم جن ۽ ٻين بزرگن جا آثار موجود آهن.“
مولانا فقير محمد، ديني تعليم لاءِ وقت جي وڏن وڏن عالمن وٽان استفادو حاصل ڪيو هو. مولانا هاليجويءَ جي صلاح سان 1943ع کان ڪنڊڪوٽ ۾ اچي دين جو درس ڏيڻ شروع ڪيائين. اُن زماني ۾ ڪنڊڪوٽ شرڪ، بدعت ۽ طرح طرح جي گوڙ گمسان جو ڳـڙه هو؛ جنهن ڪري مولانا لاءِ هر محاذ مونجهاري جو سبب بڻيل هو. اها افراتفري سندس لاءِ بي آراميءَ جي باعث بڻي. مگر جيئن ته پاڻ هڪ باهمت ۽ سچو مسلمان هو؛ انهيءَ ڪري ڪنهن ڳالهه جي به ڪاڻ ڪانه ڪڍيائين. ايتري تائين جو پنهنجي خون جي آخري قطري قربان ڪرڻ لاءِ به نه گهٻرايائين؛ ۽ دين کي غيرن جي گرفت کان ڇڏائڻ لاءِ ميدان – عمل ۾ نڪري نروار ٿيو. ڀلا! هڪ مرد مجاهد پنهنجي تي اچي، ته ڇا نه ٿو ڪري سگهي؟! هر فتني کي جانفشاني، جولاني، علمي بصيرت ۽ عقل جي آڌار تي تارينـدو رهيو، حتىٰ ڪه مخالفن سان مناظرا به ڪندو رهيو؛ جنهن ۾ کين توتا ڇپائي ڇڏيائين. نتيجو اهو نڪتو، جو سندس تبليغ مان ڪيترائي سليم طبع شيعت ۽ بدعت کان تائب ٿي، توحيد جي دائري ۾ داخل ٿيا.
سنسار جا سک سندس لاءِ ڪابه اهميت نه پيا رکن. دين جي تبليغ کان سواءِ مولانا صاحب وطن عزيز جو دلداده هو. ”ديس سان محبت ايمان جو جزو“ ڄاڻي، پنهنجي تن، من ۽ ڌن جو سانگو نه

ساهيائين. آزاديءَ واري فضا حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ ميدان تي نڪري آيو ۽ ڪيترائي پليٽ فارم سنوارياڻين. خاص ڪري پاڪستان ۾ اسلامي نظام نافذ ڪرڻ لاءِ سندس ڪوششون مثالي آهن. ڪجهه وقت لاءِ ڊويزنل ڪائونسل جو ميمبر به منتخب ٿيو.
انسان نيڪ هجي يا بد، آخر هڪ ڏينهن هي جهان ڪيس ڇڏڻو آهي. انهيءَ اٽل اصول موجب، قوم جي هن ڪارائتي فرد کي پڇاڙيءَ ۾، طويل علالت دوران، جمع جي رات، 27 صفرالمظفر 1400هه مطابق 17 جنوري 1980ع تي، داعي اجل کي لبيڪ چوڻو پيو. کيس مسجد شريف جي احاطي اندر جاءِ ڏنل آهي. سندس جنازه نماز ۾، ڪنڊڪوٽ ۽ پسگردائيءَ جي مسلمانن گهڻي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. مولانا صاحب، حالانڪ اڄ اسان وٽ موجود ناهي، پر سندس زندگي گذارڻ جو نمونو باقي آهي. جيڪڏهن اسان به سندس جيان باهمت ۽ ديانتداريءَ سان قومي ۽ ملڪي خدمت جو جذبو رکنداسين، ته هوند مولانا جيان مثالي نيڪ نامي حاصل ڪري سگهنداسين. مطلب ته مولانا صاحب هڪ مثالي مسلمان هو. پاڻ ملڪ ۽ قوم لاءِ پڇاڙيءَ تائين پال پلائيندو رهيو. بقول سندس هڪ شاگرد جي: ”مولان صاحب، مون جهڙن ڪيترن جون زندگيون سنواريون. نتيجي طور ڪنڊڪوٽ جا ڪيترائي مسلمان گمراهيءَ جي غار مان ڪڍي، اوجهڙ ۾ آندائين.“
سندس شاگردن جو حلقو به وسيع هو؛ جن مان: حافظ محمود هاليجوي، سيد محمد شاه امروٽي، غلام الله نوناري، عبدالقادر چڪ وارو، فيض محمد ڊول، حبيب الله سومرو، محمد يعقوب ڪوسو، لطف الله سومرو، صدرالدين ڪوسو، عبدالعزيز پٺاڻ، عبدالغفور پٿو، محمد يعقوب سهنڊڙو، جمال الدين، محمد اعظم حسيني، عبدالرحيم پيري، عبدالسميع ساوند، محب الله، محمد قاسم رند، حافظ عطاءُ الله بجاراڻي، عبدالمجيد ڪوسو، رشيد احمد سيال ۽ محمد الياس جا نالا سر – فهرست آهن. پنهنجي نرينه اولاد ۾ تي فرزند: عبدالعزيز ، عبدالرحيم ۽ عبدالمجيد ڇڏيائين، جيڪي پڻ عالم آهن. طريقت جي لحاظ کان پاڻ، سلطان باهو رح (1644ع – 1690ع) جي درگاه جو عقيدتمند هو. ازانسواءِ پرچنڊي بزرگ، حافظ محمد صديق سميجو رح جي خليفي، مولانا غلام محمد صاحب دنپوريءَ جو دست بيعت هو مولانا حماد الله هاليجوي رح لاءِ پڻ ساڳيو ئي ادب هوس.

(1) - ”پناڻ“ (پٺاڻ)، فارسي زبان جو لفظ آهي، جيڪو ”پشتون“ (پختون) جي بگڙيل صورت آهي. سندس لغوي معنيٰ آهي: ”خان“. پشتو زبان ڳالهائيندڙ قوم پاڻ کي ”پناڻ“ سڏائيندي آهي. پاڪستان جي اولاهين سرحد طرف رهندڙ ”افغان“ به ”پناڻ“ سڏبا آهن [شاهڪار اسلام انسائيڪلو پيڊيا (قسط وار)، لاهور؛ 1976ع، صف 173]. پناڻن جو اصل ملڪ ”ڪوه سليمان“ جي وٽ (دامن) آهي پناڻ، تاجڪ، قزلباش، هزارا، هندڪي ۽ بلوچي آهن [قديم سنڌ، انجا مشهور شهر ۽ ماڻهو – مرزا قليچ بيگ، بلئوتسڪي پريس، ڪراچي؛ 1925ع، ص 394]. پناڻن جو گهرو واسطو افغانن سان آهي. ثقافتي لحاظ کان بلوچستان جا پناڻ، بلوچن سان گهڻي ڀاڱي ملن ٿا. پشاور ۽ ديرا جات جي ميداني علائقن ۾ رهندڙ پناڻ، هندو نسل جا چيا وڃن ٿا [دائرة المعارف اسلاميه (اردو) – دانشگاه پنجاب، جلد 2، لاهور؛ 1966ع، ص 629]. هينئر ته پناڻ، سنڌ ۽ پنجاب ۾ ڪثرت سان آباد آهن [سنڌي انسائيڪلو پيڊيا– ميمڻ عبدالغفور سنڌي؛ 1980ع، ص 696].

(1) – سندس مدرسي ”احياءُ العلوم“ جو بنياد مولانا حماد الله هاليجوي رح جن پنهنجي هٿن سان رکيو هو، جيڪو اڄ تائين دين جي آبياري ڪندو رهي ٿو.

(1) – ڪڏهن ڪڏهن ته سندس لاءِ اها نوبت به آهيئ، جو ڪيس قتل ڪرڻ ۽ شهر بدر ڪرڻ جون به ڌمڪيون مليون، مگر خدا پاڪ سندس حامي ۽ ناصر هو؛ جنهن ڪري ديني دشمن سندس وار به ونگو ڪري نه سگهيا. هميشه سندس زبان تي مخدوم شحيد عبدالرحيم گروهڙي رح جو هي بيت هوندو هو:

”نه تو سرڪي پيتي، نه تو آئي چٽ؛
ڪنهين پيو اُنهن سان، جنين پيتا مٽ.“

(1) – مولوي عبدالعزيز، مولانا صاحب جو صحيح جانشين آهي – 4 اپريل 1980ع تي، سندس هٿ تي ڏهن غير مسلمانن، ڪلملو شريف پڙهي، اسلام قبول ڪيو آحي. پاڻ مدرسي ۽ مسجد شريف جو احسن طريقي سان ڪم سرانجام ڏيئي رهيو آهي.

# مولوي محمد قاسم مشوري

[ ولادت 1316هه = 1898ع ]

## ميمڻ عبدالغفور سنڌي

لاڙڪاڻي جي قديم ديني درسگاه، مدرسه اهل سنت والجماعت جو باني، مولانا محمد قاسم ولد حاجي محمد عثمان مشوري ، ضلعي لاڙڪاڻي، تعلقي ڏوڪريءَ جي ڳوٺ ”مشوري شريف“ ۾، سومر جي ڏينهن، ربيع الاول 1316هه مطابق 1898ع ۾ تولد ٿيو. ابتدا ۾ قرآن پاڪ ناظران پنهنجي والد سڳوريءَ وٽان پڙهي، 11 ورهين جي عمر ۾ عربي ۽ فاسيءَ جا ڪتاب، سونو جتوئيءَ جي بزرگ ۽ جيد عالم، ابوالفيض مفتي غلام عمر جتوئي رح (1833ع – 1935ع) وٽان

پڙهي، دستار – فضيلت ٻڌائين. هڪ سال بعد شهدادڪوٽ ۾ ”مدرسه صديقيه“ مان عمدة العلماءُ ميان غلام صديق ميڪڻ رح (1844ع–1905ع) وٽان روحاني فيض حاصل ڪندي، ڳوٺ واپس وريو.

مولانا صاحب ٻاويهن ورهين جي عمر ۾ (1339هه) ظاهري علم جي تڪميل بعد، بهار وارن ڏينهن ۾، 17 شوال 1340هه مطابق 22 فيبروري 1922ع تي، پنهنجي ڳوٺ ۾ ”مدرسو قاسميه“ نالي قائم ڪيو؛ جنهن جو افتتاح سندس شفيق استاد مولانا غلام عمر جتوئي رح ڪيو هو. اج خدا جي فضل سان هن مدرسي مان سنڌ ۽ بلوچستان جا تقريباً پنجاه کن عالم سڳورا فارغ التحصيل ٿي نڪتا آهن. ازانسواءِ ڪيترائي قرآن پاڪ جا حافظ ۽ ٻيا ٻڌي چڪا آهن.

انهيءَ لکڻ ۾ مبالغو نه آهي، ته سنڌ اندر هن مدرسي وڏا وڏا عالم پيدا ڪيا آهن، جن تفسير، حديث، فقه ۽ فتوىٰ وغيره تي وڏي دسترس حاصل ڪئي آهي. ازانسواءِ ايران، عراق، عربستان، ڪشمير ۽ پنجاب کان آيل خدا جا خاص ٻانها ڪشالا ڪڍي، مولانا صاحب جي نظر فيض اثر کان مستفيض ٿيا آهن.

مولانا مشوري صاحب جو درس دين ۽ دنيا لاءِ ڇڱائيءَ جو پيغام آه. چيو اٿس، ته ”اسان کي پنهنجي خرابين جي خبر نه پوندي آهي ۽ خرابي پاڻ مان اسين تڏهن ئي ڪڍي سگهنداسون؛ جڏهن اُن خرابيءَ جي چٽيءَ طرح واقفيت هونديسون. جيڪو اندر سان اورڻ تي هريل هوندو، ميراقبي ۾ ويهندو هوندو، سوئي پنهنجون اوڻايون آئيني ۾ ڏسي سگهندو.“ پاڻ سنڌ جي عظيم روحاني پيشوا، پاڳارا خاندان جي چشم و چراغ، قطب الاقطاب سيد امام الدين شاه راشدي قادري نقشبندي، سجاده نشين درگاه عاليه ٽلاه شريف (متصل باقراڻي اسٽيشن) جي هٿ تي دست بيعت ڪري، خرقه – خلافت ڍڪيائين.

وٽس وڏو ڪتب خانو آهي؛ جنهن ۾ سون جي تعداد ۾ قلمي ڪتاب موجود آهن. سندس ڪجهه تصنيفات به آهن، جن جا نالا هن ريت آهني: ”معلم الفرائض“ (ورثي بابت ورهاست جا شرعي مسئلا بيان ڪيل آهن)، ”رحمتي رات شب برات“ (شعبان مهيني جي 15 رات جي فضيلت بيان ٿيل آهي)، ”ارشاد العباد“ (منجهس ”ض“ ۽ ”ڏ“ جي پڙهڻي ۽ ”مخرج“ بابت سمجهاڻي آيل آهي)، ”اتحاف الاشراف“ (اوقاف بابت هدايتون)، ”هديته الابرار في ان المصطفىٰ نورالانور“ (آنحضرت صلعم جن جي نور هجڻ بابت قرآني دليل ڏنل آهن)، ”حزب

البحر“ (وظيفن ۽ زڪوات بابت)، ”دلائل الخيرات“ (مـديني پـاڪ مـان مليل صحيح نسخي جي نشـاندهي ۽ پڙهـڻ بـابت فـائدن جـو فرمـان)، ”نفحات الڪرامات“ (ملفوظات پي سائين روضي ڌڻيـءَ جـا)، ”ضـياءُ الهـدىٰ“ (شـيعه عقيـدي جـي رد ۾ لکيـل)، ”معـراج نـامي جديـد“ (آنحضرت صلعم جـن جـو معـراج – قـرآن ۽ حـديث جـي روشـني ۾)، ”پرده عورت المعروف به الستر زينـت النسـاءِ“ (عـورتن جـي پـردي بابت شرعي حڪم) ۽ ”مواعظ القاسميه“ (سـندس واعـظ ۽ تقريـرن تي مشتمل). ازانسواءِ ”فتح الله الورود في تحقيـق امـراة المفقـود“ ”نهج الصواب في تعقيق المراب“، ”فتوىٰ قاسميه“ (فقه جـا مسـئلا)، ”تفصير قاسميه“، ”ڪتاب في بحث الرضاع“، ”نفي الريب فـي بحـث علم الغيب“، ”ڪتاب في بحث تقصيص اللحية“، ”الدليل المعقول في تحريم الطول“ ”هدايت الناس فـي جـواز الميلاد والاعـراس“، ”قطـع المشاجرت في تحقيق حرمة المصا هرة“ ”بنات النبي صلي الله عليـه وسلم“، ”اليڪشن متعلق شرعي نقطه نظر ۽ ”ڪتاب فـي الطريقـت القادريه والنقشبنديه“ وغيره پڻ قلمي صورت ۾ وٽس تيار آهن.

پاڻ هفتي جي اٺن ڏينهن ۾: جمعي کـان علاوه چنچـر، سـومر ۽ اڱارو ديني درس ۾ صرف ڪندو آهي. خميس جو ڏينهن، ڏيهي خـواه پرڏيهـي پانڌيئڙن لاءِ شرعي فتوائون، مسائل، تحريرون ۽ عام فيصلن لاءِ مقرر آهي. آچر جو ڏينهـن دعـا تعويـذ ۽ اربـع جـو سـج خـاص ذڪر فڪر ۽ جماعت کي حلقه ۾ آڻي، روحـاني طـرح درس و تـدريس ۾ گذاريـندو آهي.

سندس صحبتي، حافظ امـام بخـش سـومرو رح [1895ع – 1968ع) هو. ”خلافت تحريڪ“ ۽ ”قيام پاڪستان“ ۾ مشوري صاحب جـو خـاص حصو آهي. پاڻ نه صرف تحريڪن ۾ سرگرم رهيو آهي، پـر مـالي مـدد به ڏنائين. ”انجمن اسلام صديقي لاڙڪاڻو“ جو صدر پڻ آهي. ورهاڱـي بعد، مهـاجرن جـي آبـاد ڪاريءَ ۾ پـڻ دل و جـان سـان مـددگار بڻيـو. حاجي علي محمد ۽ حافظ محمد المعروف ”نالي مٺو“ سـندس نرينـه اولاد آهن.

(2) – ”مشوري“، مشهور بلوچ قبيلي جي شاخ ”رند“ مان آهن.

(3) – ”مشوري ڳوٺ،، تعلقي ڏوڪريءَ ۾، ريلوي اسٽيشـن مشـوري شـريف جـي اولاهين طرف ٻن فرلانگن تي ۽ لاڙڪاڻي شهر کان ڇهن ميلن جـي مفاصلـي تـي،

رائيس ڪئنال جي ڪناري تي واقع آهي [”تاريخ مختصر مدرسه“ – مولوي قمرالدين مغيري بلوچ، 1397ه (1977ع)، صفحو 3].

Posted by wahabsahito at 12:16 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## مولوي نورالدين ”مسرور“ بلوچ - ميمڻ عبدالغفور سنڌي

# مولوي نورالدين ”مسرور“ بلوچ
[ 1918ع – 1976ع ]

ميمڻ عبدالغفور سنڌي

مولوي نورالدين ”مسرور“ ولد توڪل علي خان بهلڪاڻي بليدي بلوچ، تعلقي ڪنڊڪوٽ (جيڪب آباد) جي ديهه شيران ۾ ڳوٺ ”عظيم خان بهلڪاڻي“ ۾، 4 محرم الحرام 1337هه مطابق 12- اپريل 1918ع تي جنم ورتو هو. شروعات ۾ ديني درس مير حاجي نهال خان باجڪاڻيءَ ڳوٺ ۾ عربيءَ جا ابتدائي ڪتاب مولانا محمد مراد بهلڪاڻيءَ پڙهايس؛ ۽ صرف و نحو ۽ فقه ۾ ڪنز وغيره جا ڪتاب مولانا محمد علي کوسي وٽان پورا ڪيائين. ڪجهه وقت لاءِ ”نيڙهيءَ جي مدرسي“ (خيرپور ميرس) مان مولانا حبيب الله جون خدمتون به حاصل ڪيائين. آخر 1363هه (1944ع) ۾ تعلقي ٺل جي ڳوٺ، دليل خان بنگلاڻيءَ مان باقي ڪتاب پورا ڪري، مولانا عبدالعلي عودويءَ وٽان دستار– فضيلت ڊائين. پوءِ استاد جي اجازت سان ڳوٺ ۾ ديني درس ڏيڻ لڳو. عارضي گرانٽ ملڻ سبب ڪجهه وقت لاءِ سرڪاري طرح ”معلم“ به تي ڪم ڪيائين.

مولوي صاحب 1951ع ۾ حج بيت الله شريف جي زيارت لاءِ چار آنا کيسي ۾ ڪڍي، پيادل روانو ٿيو؛ ۽ آڪٽوبر 1952ع ۾ واپس ماڳ موٽيو. حج جي سربستو احوال بلوچي نظم ۾ قلمبند ڪيائين. عربي، فارسي، سنڌي ۽ اردو زبانن جي به خاصي ڄاڻ هيس – 1958ع تائين مدرسي ۾ درس و تدريس سان گڏ، طب کي به حاصل ڪندو رهيو – 1960ع ۾ بنيادي جمهوريتن جي هلچل ۾ پڻ بهرو ورتائين. شاعريءَ جي سلسلي ۾ مولانا ”مسرور“ صاحب جا بي انداز نظم ملن ٿا. ازانسواءِ ”مسروري گفتار“ (1944ع)، ”عطاب صادقيته، جواب لازميته“ (1948ع)، ”ائتم بي نظير بر توب مفلح شرير“ (مولود 1956ع)،

”ســـروري انقلاب“ (1970ع ۽ ”ديـــوان مســـرور“ (1974ع) نـــالي سندس ڪتاب به ڇڏرا ٿيل آهن.

پاڻ پني عاقل (سکر) جي جيد عالم ۽ بزرگ، مولانا حماد الله هـالجوي رح جو عقيدتمند هو؛ ۽ ديوبند عالمن سـان سـندس نـاتو هـو. سـندس همعصر ۽ سهيوڳي: مير صبح صادق خان کوسو، مير علي نـواز خـان کوسو، مولوي غلام رسول بجاراڻي، حاجي رشيد احمد خـان سـيال ۽ مولوي عمرالدين کوسو هئا. پڇاڙيءَ ۾ هڪ ڊگهي بيماريءَ دوران، 18 جمادي الثاني 1397هه مطابق 31 جنوري 1976ع تي سـول اسـپتال ڪراچيءَ ۾ منجهند ڌاري وفات ڪيائين؛ ۽ ڳوٺ ۾ عزيزن سان گڏ آڻي آرامي ڪيائونس.

”مسرور“ مرحوم پنيان پنج پـٽ (عبـدالقادر، عبدالواحـد، عبـدالغفور، عبدالشڪور ۽ عبدالعلام) ۽ ٽي نياڻيون ڇڏيون آهـن. پـاڻ هـڪ همـدرد، سخي، رحمدل، فياض، مهمـان نـواز ۽ پرهيزگـار سـني مسـلمان هـو. دنيوي لالچن کان پري ۽ خدا واسطي دوستي رکندڙ عظيم انسان هو. هيٺ سندس هڪ ”مولود“ نموني طور ڏجي ٿو:-

تو مٿي مرسل ڪيو مولا نبوت کي ختم،
آبرو انسان جو تنهنجي ڪري ٿيو آ اتم.
سڀ سڪا ساوا ٿيا تنهنجي اچڻ سان اي مٺا،
نانءَ پنهنجي سان ڌڻي شامل ڪيو تنهنجو اسم.
خوش ٿيو آ باغ ۽ گل قل ٽڙي گلزار ٿيا،
پل خوشيءَ سان ئي پيوتهڪي سدا عرب و عجم.
ڪيو خدا معراج جو سهڻو سفر توکي عطا،
۽ وري خاوند کنيو تنهنجي حياتيءَ جو قسم.
شان تنهنجي کي وڏائڻ لهء ڌڻي توکي چيو،
تون آهين خيرالبشر ۽ امتي خيرالامم.
تون ائين فتنه دفع ٿيا لڙ تري ويو ملڪ مان،
ٿو چٽي شيطان کي نعرو هڻي هر دم نجم.
ماٺ ڪر ”مسرور“ آ شان نبي بي انتها،
ڙهه مٿي ڪلمو نبيءَ تي ڪر ختم پنهنجو نظم.

(1) – نندڍڻ ۾ کيس ”نوراني“ نالي سان سڏيندا هئا؛ جنهـن کـي دينـي تعليـم ڏينـدڙ پهرين استادن مولانا محمد مراد ڀهلڪاڻيءَ بدلائي ””نورالدين“ سڏڻ لڳو.

(1) – محترمه ارصلاح ”عاجز“ باجڪاڻي بلوچ جي چوڻ مطابق: ”اجا ڪافي مـواد قلمي صورت ۾ سندس پونيرن وٽ پيل آهي.

(2) – مولوي عمرالدين ڪوسو صاحب ”احوال مسرور“ جي دستيابيءَ ۾ خاصي مدد ڪئي آهي.

Posted by wahabsahito at 12:15 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## موهن فقير آهوجا - ميمڻ عبدالغفور سنڌي

# موهن فقير آهوجا

[ 1845ع – 1925ع ]

ميمڻ عبدالغفور سنڌي

صوفي موهن لعل پٽ پريمداس آهوجا جو، تعلقي لاڙڪاڻي جي ڳوٺ عاقل خالد ۾، 17 ڊسمبر 1845 تي جنم ٿيو هو. ننڍپڻ کان ئي ڳوٺ ۾ پتا سان گڏ هٽ هلائيندو هو. سندس طبيعت شروعات کان ئي صوفين جي صحبت ۽ ساڌن جي سنگ ۾ گذاري. انهيءَ ڪري نوشهري فيروز جي نقشبندي بزرگ، شاه نصير الدين صوفي رح (وفات 1318هه = 1900ع) جو معتقد ٿيو. سچي زندگي راڳ ۽ ويراڳ ۾ صرف ڪندي، آخر عمر لاڙڪاڻي شهر جي اوپارين طرف اوتارو (ٽڪيو) اڏي گذارڻ لڳو – 18 شعبان 1223هه مطابق 12 مارچ 1925ع تي سيوهڻ شريف ۾ پرلوڪ پڌاريائين. مسلمانن ڪيس دفنائڻ ٿي چاهيو ۽ هندن سندن ڪريا ڪرم ڪرڻ پئي گهريو. بالاخر سيوهڻ شريف ۾ سندس سماڌي جوڙي وئي. سنڌي ۽ هندي زبانن ۾ سندس ڪلام ملي ٿو، جيڪو سمورو تصوف جي رنگ ۾ رتل آهي. نموني طور سندس هڪ ڪافي هيٺ ڏجي ٿي:-

سڪ سلامن سان، لالن ڪين لهي ٿي.

وسائج وري اچي، سندو پوريءَ پڻ.

درد وندن جي دل ڪي، ڏسڻ تنهنجو ڏڻ.

ويٺي آهيان واٽ تي، پرين پسائج پڻ.

هج هميشه هجن۾، سدا ”موهن“ سڻ.

(1) – ”آهوجا“ (Ahuja)، سنسڪرت زبان جو لفظ آهي، جيڪو نحوي لحاظ کان ”اسلم خاص“ آهي. هن نالي سان هندن جي ذات آهي، جيڪا ديوان آڏو مل پٽ کلو مل جي نسل مان ”آهوجا“ ۽ ”ماڪيجا“ نکون نڪرن ٿيون. سنڌ جي حيدرآباد، شڪارپور، لاڙڪاڻو، نواب شاه ۽ جيڪب آباد ضلعن ۾ ”آهوجا“ ذات زياده ملي ٿي. آهوجا نهايت شريف، ڌرمي قسم جا ماڻهو، راسخ العقيدت، وچن جا پختا ۽ تجارتي

ذهن رکندڙ ٿين ٿا. [سنڌ جي هندن جي تاريخ (ڀاڱو پهريون) – ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، 1945ع، صفحو 15].

## ميان جان محمد ”فدا“ عباسي

[ 1885ع – 1921ع ]

ميمڻ عبدالغفور سنڌي

سنڌ جي سماجي زندگيءَ جو هڪ اڻ وسرندڙ هيرو، وسيع مطالعي، وسيع فڪر ۽ وسيع مشرب وارو صاحب – ديوان شاعر، ميان جان محمد ”فدا“ ولد فيض محمد عباسي، ضلعي دادو، تعلقي ککڙ جي ڳوٺ ”ٻورڙي شريف“ ۾، 19 شوال 1303هه مطابق 4 سيپٽمبر 1885ع تي تولد ٿيو هو. اڃا ڇهن ورهين جو مس ٿيو، ته 1891ع ۾ ڳوٺ جي اسڪول ۾ پرائمري تعليم جو آغاز ڪيائين. چار درجا سنڌي پاس ڪري، 1895ع ۾ تعلقي دادوءَ جي ڳوٺ ”ٽڳا“ ۾ مولانا قاضي جان محمد صاحب قريشي وٽان فارسيءَ جي سکيا ورتائين. سال کن جي قليل عرصي اندر پارسيءَ جا ابتدائي ڪتاب ۽ قرآن پاڪ ناظران سان گڏ فقه جي ڄاڻ به حاصل ڪري ورتائين. ستت ئي ذهانت جي زور تي سنڌي تعليم طرف تيزيءَ سان توجه ڏيندي، 1900ع ۾ شڪارپور مان ورنيڪيولر امتحان به پاس ڪيائين پوءِ عارضي طرح 9 روپيه درماه معاوضي سان تعلقي لاڙڪاڻي ۾ ماستر مقرر ٿيو.

« Read more

Posted by wahabsahito at 12:12 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

**ميان حامد الله ”حامد حضوري“ تونيو رح - ميمڻ عبدالغفور سنڌي**

## ميان حامد الله ”حامد حضوري“ تونيو رح

[ 1798ع – 1873ع ]

ميمڻ عبدالغفور سنڌي

زميني جو مجتهد، روحاني رهبر، صاحب دل صوفي بزرگ، اهل الله ۽ جيد عالم، ميروخان جو مور، ميان حامد الله ”حامد“ المعروف

”حامد حضوري“ ولد ميان روشن علي تونيو، پهرين شوال 1213هه مطابق 12 جنوري 1298ع تي ميرو خان، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ تولد ٿيو. سندس ابتدائي تعليم والد بزرگوار وٽان شروع ٿي؛ جنهن ۾ عربي، فارسي ۽ سنڌي زبانن ۾ خاص مهارت حاصل ڪيائين. بلوغت تي رسڻ سان پيري مريديءَ جو سلسلو وڌايائين؛ جنهن کان لغاري نوابن کي سخت چڙ لڳي؛ ۽ ساڻس اُچاٽ ڪرڻ شروع ڪيائون. نتيجي طور تونيه فقيرن جي زمين تي ناجزئ قبضا ڪرائڻ، وس پڄنديءَ آهر سندسن پاڻي بند ڪرائڻ ۽ هترادو کوٽ پيدا ڪري، سندس زمينون غيرآباد ٿائي ڇڏيائون. هي اهو وقت هو، جڏهن سنڌ تي ميرن جي زوال جو سج اپري چڪو هو. هوڏانهن ٻروهين جو وڏو ڪٽڪ نواب سهراب خان لغاريءَ تي چڙهائي ڪري آيو؛ جنهن ڪري سندن طاقت کي ڪمزور ٿائي ڇڏيو، ويتر ميان حامد حضوريءَ جي دلي رنج، سندن نانءُ نشان به مٽائي ڇڏيو.

هن رفيع الدرجات جي فيض ۽ ولادت جي واس چوڏس چانڊاڻ ڪري ڇڏي. سندس زندگيءَ جو مقصد ”الاهي عبادت ۽ خدا جي مخلوق جي اصلاح“ ڪرڻ هو. پاڻ اڪثر قرآن پاڪ ۽ مطالعي ۾ مصورف رهيو؛ ۽ واندڪائيءَ جي ونڊر، ڪيتيءَ جي نظرداري هو. سند نظر فيض اثر ۽ دعا سان اٻڙا، پٽي، دايا، گهلجا، ماڇي، مگريا، موچي، ميمڻ ۽ خود تونيه فقير به پري پري کان لڏي اچي ميرو خان ۾ مقيم ٿيا. مسلمان کان علاوه هندن جو به مٿس وڏو اعتقاد هو. زندگيءَ جو وڏو حصو درس و تدريس ۾ صرف ڪيائين. زماني جي حالت کي نهايت صبر ۽ استقلال سان سهندو رهيو. صوم صلوات جي پابندي ڪندي، 77 ورهين جي ڄمار سنبري، 5 شوال 1290هه مطابق 3 نومبر 1873ع تي خدا کي پيارو ٿي ويو. کيس ميرو خان شهر ۾ جاءِ ڏني وئي، جيڪو اڄ عام و خاص لاءِ زيارت گاه سڏجي ٿو. روزانو ڪيترائي معتقد هت اچي پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪن ٿا.

ميان حضور بادشاه جي زندگي زهد ۽ عبادت، رشد ۽ هدايت ۾ گذري. سندس تيز بهدف هئي. زبان مبارڪ مان لفظ نڪتو مس، الاهي درگاه ۾ قبول پئجي ويندو هو. تفسير، حديث ۽ فقه جي وڏي ڄاڻ هيس. طبيعت ۾ جلائي ۽ بي پرواهي حد درجي جي هيس. جوانيءَ ۾ شاعري به ڪيائين. فارسيءَ ۽ سنڌي زبانن ۾ سندس مداحون، مناجاتون، ٿيهه اکريون ۽ مولود چيل آهن. ازانسواءِ ڪافون، غزل ۽ مرثيا به مرتب

ڪيا هائين. پاڻ شڪل شباهت جو سهڻو، قد و چترو، بت پريل ۽ پوري رنگ تي مائل هوس. ڏاڙه گهاتي، سفيد ۽ چاپهين، وار شرعي ۽ هميشه سفيد پوشاڪ پهرندو هو. سندس چهري مان نور پيو ٻڪندو هو. چار چلا به ڪڍيائين.

(1) – ميروخان جو شهر، رئيس ميروخان ولد محمد يوسف لغاريءَ جو ٻڌايل آهي. ميرن جي پوياڙيءَ ۾، چانڊڪا پرڳڻي ۾ نواب سهراب خان لغاري سندس پاران ايلچي ٿي آيو. هن پنهنجي جدا دڙي قائم ڪئي، جيڪو "خان جوڳوٺ" سڏجڻ لڳو. رئيس ميروخان سندس قريبي لڄ مان هو. کيس تعلقي شهدادڪوٽ ۾ ڪافي زمين هئي؛ جنهن جي وچ تي "ميرو خان" ٻڌرايو هئائين. نهايت غيرتمند ۽ جانٺو جوان هو. اڪثر منهنجي عزيزن جي عياشين تي غصو ڪائيندو هو. سندس ياءُ ميهر علي پڻ جوشيلو، جذباتي مڙس هو (جنهن جي نالي سان "ميهڙ عليءَ جو مقام" مشهور آهي). سنڌ 1916ع ۾ هن ڳوٺ کي تعلقو بڻايو آهي.

(2) – ميان صاحب، پنهي جهانن جي سردار جي ڪچهريءَ ۾ ويندڙ هو. انهيءَ سعادت سببان "حضوري بادشاه" سڏيو وجي ٿو. [ميان حامد الله "حامد" تونيو رح – ميمڻ عبدالغفور سنڌي، "الرحيم" (جلد 9، نمبر 3-4) سيپٽمبر – آڪٽوبر، 1979ع، ص 6].

(1) – چوڻ ۾ اچي ٿو، ته ميرو خان جي آس پاس – سابن ڪان لغارين جا وڏا ڳوٺ ٻڌل هئا، جيڪي حضوري بادشاه جي پٽ پاراتن سببان جلد ئي نيست ۽ نابد ٿي ويا. اهوئي سبب آهي، جو اج تائين ميرو خان شهر ۾ نالي ماتر به لغارين جو ڪو گهر باقي نظر نه ٿو اچي.

Posted by wahabsahito at 12:11 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## ميان سرفراز ڪلهوڙو - ميمڻ عبدالغفور سنڌي

### ميان سرفراز ڪلهوڙو
[ 1751ع – 1777ع ]

ميمڻ عبدالغفور سنڌي

ميران سرفراز خان ولد ميان غلام شاه ڪلهوڙو غالباً 1165هه مطابق 1751ع ڌاري حيدرآباد ۾ ڄائو هو. ابتدائي تعليم ۾ عربي، فارسي ۽ اردوءَ جي سکيا ورتائين؛ جنهن ڪان پوءِ انگريزي علم لاءِ استاد به رکيائين. ذهين به حد درجي جو هو. ننڍپڻ ۾ ئي شعر چوڻ شروع ڪيائين – 22 ورهين جي عمر (1772ع) ۾ سنڌي جي گاديءَ تي ويٺو. کيس پاڳ نه پيڙايو؛ جنهن ڪري ڪنن جو ڪچو ٿي، وزير راجي ليکي جي چرچ تي، وفادار ساٿين جا سر قلم ڪرائي ڇڏيائين.

نتيجي طور تالپرن ۽ بلوچن ۾ اچي قوت پئي؛ جنهن ڪري مجبوراً ڪيس 1775ع ۾ تخت تان لاهي، حيدرآباد جي قلعي اندر قيد ڪيو ويو. قيد ۾ سندس اکين جي بينائي به ختم ڪرائي وئي؛ جنهن ڪري لاچار ٿي پيو. ڪانئس پوءِ سندس پاءُ ميان محمود عرف محمد ابا خان (وفات 1190هه)، چاچس غلام النبي خان ۽ عبدالنبي خان (وفات 1220هه) تحت تي ويٺا.

ميان سرفرا خان نور جي ڇتائي وڃائڻ بعد شاعريءَ کي مشغلو ٺاهايائين. سندس ڪلام فارسي زبان ۾ ڪثير التعداد آهي. البته سنڌي زبان ۾ چيل اسان کي سندس هڪ "مدح" ملي ٿي، جنهن کي قيد جي ڪوٺن ۾ رهندي، نهايت انتهائي سوز ۽ رقت وچان، اندر جي اُڀڙاڪ آواز مان چيو اٿس. مذڪوره مداح دکدائڪ لهجي ۾، بنا ڪنهن اٽڪ جي لس پڙهي سگهجي ٿي. موزون ڪلام جي سلسلي ۾ غالباً سنڌي زبان ۾ ڪيس "شروعاتي مداح" ڪٿي چئجي، ته بيجاءِ نه ٿيندو. هن مداح جو بنيادي وراڻو: **"پلا ڄام هن غلام سندو سوال سڻج تون"** – غير فاني ۽ پر اثر آهي. سنڌ ۾ هن مداح وڏي مقبوليت ورتي آهي، ايتري تائين جو اڄ به مشڪل مهل ۾ هن مداح کي پڙهيو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح ميان صاحب جي فارسي غزلن تي مشتمل شاعري، حافظ شيرازي رح (1320ع – 1389ع) جي تتبع تي ترتيب ڏنل آهي. ازانسواءِ فني پختگي، فڪر جي گهرائي، درد ۽ سوز وغيره، مداح کي سنڌي ادب ۾ وڏي تاثر، رواني، دلڪشي ۽ هڪ عظيم ۽ غير فاني شاهڪار جي حيثيت بخشي آهي.

حياتيءَ کيس مهلت نه ڏني؛ جنهن ڪري قوه جوانيءَ ۾، 1191هه مطابق 1777ع ڌاري کيس قيد ۾ ئي قتل ڪرايو ويو. هيٺ سندس مداح مان نمونو پيش ڪجي ٿو:-

بسم الله، لڳ الله، محمد شاه، ڪر پناه پرين تون،
منجهه درگاه، ڪيم آه، متي راه رسين مون:
پلا ڄام هن غلام سندو سوال سڻج تون
آهيان ڏڏ، غمن گڏ، سچا سڏ، سڻج تون،
پسي پاڻ، ڪرم ساڻ، ڏکيا ڏاڻ، ڏئين مون:
پلا ڄام هن غلام سندو سوال، سڻج تون.

(1) – "ڪلهوڙا" سنڌ جي خاص قوم آهي؛ جنهن 1719ع کان 1782ع تائين سنڌ تي حڪومت ڪئي آهي. سندس نسبو ڳانڍاپو آنحضرت صلي الله عليه وسلم جن

جي چاچي حضرت عباس بن عبدالمطلب جن سان ملي ٿو، جيڪو سلسليوار هن ريت آهي: ميان سرفرا بن ميان غلام شاه بن ميان نور محمد بن ميان يار محمد بن ميان نصير محمد بن ميان الياس بن ميان محمد دائود بن ميان آدم شاه شهيد [خدا يار خاني ميان سرفراز خان ڪلهوڙو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو (سنڌ)، 1980ع، ص 9].... بن ميان نور شاه عرف گجن شاه بن ميان صاحبڏنو بن ميان جان محمد بن طاهر بن رانع بن شاه محمد بن ابراهيم بن محمد بن طاهر بن چنيه بن قائم بن طاهر بن احمد بن جاهره بن قائم بن عبدالرحمان بن عباس بن مامون بن هارون بن ابو عبدالله مهدي بن ابو جعفر منصور بن محمد بن علي بن عمدالله بن سيد المصر بن حضرت عباس رضه [مهراڻ (سوانح نمبر) 3-4/ 1957ع، سنڌي ادبي بورڊ، ص 213]، رچرڊ فرانسز برٽن (1821ع – 1890ع) جي ڪوجنا موجب: ”ڪلهوڙا“ سنڌ جي چنا قوم ۾ هندن جي نسل مان آهن. انگريزي راڄ ۾، برصغير جي آدمشاريءَ دوران ڪين ”چاموٽ“ ڄاڻايو ويو آهي، مگر سنڌ ۾ هو پاڻ کي ”عباسي“ سڏائين ٿا“ [سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون (سنڌي ترجمو) – رچرڊ برٽن، سنڌي ادبي بورڊ، 1971ع، ص 348].

(1) – سندس ڀاءُ ميان محمود تخت تي ويٺو، جا ڳالهه سندس چاچي عبدالنبيءَ کي نه وڻي؛ جنهن غصي وچان ميان سرفراز سندس پٽ مير محمد، ڀاڻس ميان محمود ۽ چاچس عطر محمد (جيڪو سندس ڀاءُ به هو) کي مارائي ڇڏيو (انهن چئني ڪوڙرن جون قبرون حيدرآباد ۾ هڪ ئي مقبري ۾ محفوظ آهن). [سنڌي ادب جي مختصر تاريخ (ڀاڱو پهريون) – ميمڻ عبدالغفور سنڌي، 1976ع، ص 185] ساڳئي سال پنهنجي ڀاءُ ميان غلام نبي خان جي بن ننڍڙن پٽن کي درياه ۾ ٻوڙائي ڇڏيائين [خدا يار خاني ميان سرفراز خان ڪلهوڙو، - مرزا عباس علي بيگ، 1980ع، ص 145].

(1) – ميان سرفراز خان فارسي ۽ سنڌي شاعريءَ جو مجيل شاعر آهي. هن سلسلي ۾ سندس استاد غلام علي مداح هو؛ جنهن کان وقت بوقت اصلاح وٺندو رهيو. ازانسواءِ پنهنجي همعصر دوست سيد ثابت علي شاه (1740ع – 1810ع) کان پڻ مرثيي جي ڄاڻ به ورتي هئائين.

(1) – فوج جي نگهبانيءَ لاءِ مقرر ڪيل سپهه سالار (ايلچيءَ) کي ”ڪاردار“ ڪوٺبو آهي.

(1) – شڪارپور جو شهر، 1027هه (1617ع) ۾ دائود پوٽن، لکيءَ جي مهرن کي شڪست ڏيئي ٻڌايو هو. ميان يار محمد ڪلهوڙي جي ايامڪاريءَ (حڪومت 1700ع کان 1718ع تائين) ۾ هي شهر پنهورن جي هٿ هيٺ آيو، جن هن شهر کي ”خدا آبد“ نالي سان سڏيو هو [قديم سنڌ، ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو– مرزا قليچ بيگ، بلئوتسڪي پريس ڪراچي، 1925ع، ص 25].

(2) – ڪلهوڙن، ”فقير“ کان وڌو خطاب ڪنهن به شخص کي نه ڏنو هو. هي لقب ميان آدم شاه ڪلهوڙو (االمتوفي 1592ع) جي وقت کان ملندو رهيو.

(1) – تحفته الڪرام (سنڌي ترجمو، جلد 3) مير علي شير ”قانع“ ٺٽوي، سنڌي ادبي بورڊ، 1976ع، ص 275.

## ميان شاه بهارو جهنجهڻ - ميمڻ عبدالغفور سنڌي

### ميان شاه بهارو جهنجهڻ
[ 1665ع – 1736ع ]

ميمڻ عبدالغفور سنڌي

ارڙهين صديءَ جي اوائل ۾ سنڌي سڳوريءَ اهڙا ته بلند پايي بهادر، نامور شخص، سياسي مدبر، جنگي جوڌا ۽ بهترين منتظم پيدا ڪيا آهن، جن جي ڪارنامن کي اڄ تائين نهايت عزت ۽ احترام جي نگاهه سان نهاريو پيو وڃي. اهڙن نامور عظيم هستين ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙي جو نائب (وڏو وزير ۽ سپه سالار)، ميان شاهه بهادر المعروف شاه بهارو ولد غلام حيدر جهنجهڻ به هڪ تي گذريو آهي. سندس ولادت 5 ذوالقعد 1076هه مطابق 21 نومبر 1665ع تي ڳوٺ بوبڪ (دادو) ۾ ٿي هئي. سندس والد ڪلهوڙن وٽ " ڪاردار“ هو؛ جنهن پنهنجي پٽ کي حيدرآباد ۾ تعليم ڏياري. ميان صاحب ننڍپڻ کان ئي ذهين ۽ اورچ هو؛ جنهن ڪري تعليم سان گڏ فوجي سکيا به وٺندو رهيو. جلد ئي سندس بهادري ۽ سچائي ڪلهوڙن جي ڪن پهتي. پوءِ ته کيس فوج ۾ ڪٽڻي پرتي ڪيائونس. پاڻ فوج جا طور طريقا سکي، ترقي وٺي، اعليٰ عهدي تي وڃي رسيو. 28 ورهين جي عمر ۾ والد وڇوڙو ڏنس. پوءِ ته پنهنجي نيڪ نيتيءَ، نمڪ حلاليءَ ۽ ڪلهوڙن وٽ ڪلي اعتماد سان 1132هه (1719ع) ۾، ميان نور محمد جي طرفان ”چانڊڪي پرڳڻي“ (لاڙڪاڻو ضلعو) جو ناظم اعليٰ مقرر ٿيو .

لاڙڪاڻو ، سنڌ جو عدن سڏبو هو. منجهس هر قسم جا باغات ۽ واپاري منڊين هجڻ سببان شروعات کان وٺي وڏي رونق رهي آهي. ميان شاهل محمد ڪلهوڙو (1593ع – 1657ع) جي کوتايل ”گهاڙواه“ هن شهر کي ”بندر“ جي حيثيت ڏياري هئي. پنجاب کان ڪراچي ويندڙ ٻيڙا پڻ هتي لنگر هڻندا هئا؛ جنهن ڪري واپار کي خوب هٿي ملي. اهڙي پر رونق فضا ۽ وڌندڙ واپاري شهر ۾ ميان صاحب وقت جي نظام (گورنر) جي حيثيت ۾ حياتيءَ جا سکيا ڏينهن گذاريا. سندس هٿ هيٺ ڏهه هزار ماڻهو هوندا هئا. پاڻ شهر جي اتر – اوير ڪنڌي تي، گاهڙ واه جي ڪنڌيءَ سان هڪ ننڍڙو ڪوٽ (قلعو) به جوڙايو

هئائين، جيڪو پوءِ وڏي، سندس نالي پٺيان ڳوٺ ”بهارپور“ سڏجڻ لڳو.

ميان صاحب منظم جي حيثيت سان بهارپور کي خوب وڌايو ۽ منجهس بازار قائم ڪرائي؛ جنهن ۾ مقامي توڙي ٻاهرين قافلن جو مال عام جام وڪامندو هو. گويا لاڙڪاڻي جي منڊي ”بهارپور“ بڻجي وئي. اهوئي سبب هو، جو لاڙڪاڻو سندس ذاتي اثر رسوخ، خوش خلقي، سياسي تدير ۽ اورچائيءَ سببان اوج تي وجي رسيو. خود ميان نور محمد ڪلهوڙي کي جتي ٻين ملڪي معاملن ۽ بهادريءَ جي ڪارنامن سان گهري دلچسپي هئي، اتي ”زراعت“ کي به نظرانداز نه ڪيائين؛ ۽ پوکي راهيءَ جي ترقيءَ ۽ اناج وغيره جي جهجهي اپائڻ لاءِ بنيادي ڪمن طرف توجه ڏنائين. انهيءَ سلسلي ۾ سنڌ اندر واهن جو وڏو چار وچايو ويو؛ ۽ آمدرفت جي سهوليت لاءِ پليون پڻ ٺهرايائين. خاص ڪري اتر سنڌ (جتي سندس سندس شروعاتي گادي رهي آهي) ۾ وڏا واه کوٽايائين، جن ۾ ميان صاحب پڻ گهري دلچسپي ورتي. سندس ايامڪاريءَ ۾ کوٽايل، سندس نالي پٺيان ”شاهه جي ڪور“وڏي اهميت ۽ سندس روشن دماغيءَ جو واضح ثبوت آهي. ازانسواءِ چانڊڪي پرڳڻي ۾ ٻين به ڪيتن ئي کوٽايل ننڍن وڏن واهن جو سهرو سندس سر تي آهي.

پاڻ جنگي جوڌو به هڪڙو ئي هو. شجاعت ۽ اورچائيءَ سان ڪلهوڙن پاران 84 جنگيون جوٽيائين. قلات جي والي، امير عبدالله خان سان جنگ واري موقعي تي پاڻ موڪيائين؛ جنهن ۾ امير عبدالله خان جو انت آندائين . اهڙي طرح 1136هه (فيبروري 1724ع) ۾، دائود پوٽن ۽ ڪلهوڙن جي شڪارپور واري لڙائيءَ ۾ به ميان صاحب پنهنجي لشڪر سان شڪارپور جي اولهه کي گهيري ورتو هو. ميان صاحب جي انهن ڪاميابين ۽ ڪامرانين کي وقت جي شاعرن به خوب ڳايو آهي.

عباسي ڪلهوڙن جي راڄڌانيءَ ۾ اهو خاص عقيدو هو، ته سندس امير اُمراءَ، حڪومت جي واليءَ جا معتقد هجن. انهن کي فقر جي بلندين سببان حاڪم طرفان، ”فقير“ جو لقب ملندو هو. وٽن اجا وڏيڪ جيڪو پيارو هوندو هو، ”برخوردار“ سڏبو هو. انهن روايتن کي ميان نور محمد به وڏن جيان برقرار رکندي، ميان شاه بهاري کي به ”فقير“ جو لقب ڏنو هو.

سنڌ ۾ جيڪي به عالم، فاضل ۽ سياسي مدبر ٿي گذريا آهن، تن کي ٻين علمن سان گڏ ”طب“ سان به دلچسپي رهي آهي. ميان صاحب به عربي، فارسي ۽ سنڌي زبانن جو وڏو ڄاڻو هو. ساڳئي وقت هڪ حاذق حڪيم به هو. خاص ڪري طبي طريقن ۾ پوري سنڌ ۾ سندس مشورا وڏي اهميت رکندا هئا. خود ڪلهوڙا حاڪم به علاج معالج لاءِ سندس صلاحن کي ترجيح ڏنيد اهئا. وٽس وڏا حڪيم ۽ يوناني طب جا ماهر موجود هوندا هئا، جن سان سندس رهاڻيون ٿينديون هيون؛ اُنهن مان: سيد عبدالله ولد سعدالله سورتي (وفات 1138هه)، ميان شفيع محمد ڏوپي (وفات 1174هه)، حڪيم عبدالرئوف بوبڪائي (وفات 1181هه) ۽ مرزا علي مدد خان (وفات 1183هه) جا نالا سر-فهرست آهن.

ميان شاه بهاري جو جهڙو نالو هو، تهڙوئي سندس امير خواه غريب لاءِ شفقت ۽ محبت ڀريو برتاءُ هو، ڪل مک وري اهڙو هو، جو عام ماڻهن کي به سندس مرڪ مان حياتيءَ جو حسن حاصل ٿيندو هو. پنهنجي زندگيءَ جو ڳچ حصو مايوس حياتيءَ جو حسن حاصل ٿيندو هو. پنهنجي زندگيءَ جو ڳچ حصو مايوس ۽ نااميد مريضن تي شفا ۽ دعا جا هٿ ڦيريندي، سندن دلجوئي ڪندو رهيو. سندس تشخيص توڙي تجويز به فلسفيانه ۽ فڪرمندانه طرز جي هئي؛ جنهن ڪري ڪافي مريض وٽانئس صحتياب پئي ٿيا. ڪيس پنهنجي دور جو حاذق حڪيم ڄاتو وڃي ٿو. هڪ حاڪم جي حيثيت ۾، باقاعده مطب ڪونه کوليو هئائين؛ باقي غريبن جي خدمت خاطر اڪثر دوائون وٽس موجود هيون.

1721ع ڌاري حج بيت الله شريف جي فريضه لاءِ حرمين شريف روانو ٿيو. واپسيءَ تي ڪيترائي عربي زبان ۾ ديني ڪتاب خريد ڪري پنهنجي ذاتي ڪتبخاني ۾ واڌارو ڪيائين. سندس ذاتي ڪتبخاني ۾ لکين روپين جا ناياب ڪتاب ڪٺا ٿيا هئا، جي سندس وصال بعد، سندس اولاد جي بي توجهيءَ ۽ زماني جي انقلابي تبديلين سببان بالڪل درهم برهم ٿي ويا.

روزي نماز جي پابندين سببان هر طبقي ۽ هر فرقي جي ماڻهن سان سندس ملاقاتيون ٿينديون هيون عالم، پير، مشائخ، مسلمان، هندو، زميندار، ڪامورا توڙي عام رعيت جا ماڻهو به وٽس اچي حال اوريندا هئا. مطلب ته هر وقت سندس دورازي تي خدا جي خلق جي عام

جام اچ وڃ هئي. هميشه پرهيزگار ۽ تهجدگذار رهندي، ڪنهن سان به بي واجبي يا پاسحاطريءَ واري هلت هلي، انصاف کي هٿان نه هاريو. ميان صاحب مختلف جاين تي ڪيترائي ننڍا وڏا قلعا جوڙيا. پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ علائقي کي خوب شاد ۽ آباد رکيائين. آخر هن بهترين منتظم زندگيءَ جون ستر بهارون پوريون ڪري، 24 ربيع الثاني 1150ھه مطابق 12 مئي 1736ع، لاڙڪاڻي ۾ لاڏاڻو ڪيو. پٺيان نرينه اولاد ۾ چار فرزند: مقصود، فتح خان، مير خان ۽ دوست محمد ڇڏيائين انهن مان وڏو سندس جانشين ٿيو، جنهن سياسي فڪر رکندڙ هو، البته ڪن ڳالهين ۾ وري پيءُ جي ضد ۾ به سوچ رکندو هو. چوڻ ۾ اچي ٿو، ته ميان صاحب پنهنجو آخري آرام گاه به جيئري ئي تعمير ڪرايو هئائين. مٿس هڪ عاليشان مقبرو اڏيل آهي، جيڪو ميان غلام شاه ڪلهوڙي (حڪومت 1762ع کان 1772ع تائين)، 1188ھه (1772ع) ۾ جوڙايو هو.

(2) – تاريخ سنڌ (ڪلهوڙا دور، حصو 6، جلد 2)، غلام رسول مهر (سنڌي ترجمو)، سنڌي ادبي بورڊ، 1964ع، ص 838.

(3) – لاڙڪاڻو اڄ کان به سؤ سال اڳ، ڪلهوڙن جي دور ۾، ياد ٿيو هو. مٿس مير بحرن جي شاخ "لاڙڪ قوم" تان اهو نالو پيل آهي [سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان لڪرايل ايم – فل سنڌيءَ لاءِ ٿيسز بعنوان : نواز علي "نياز" جعفريءَ جي شاعري؛ - ميمڻ عبدالغفور سنڌي، 1974ع (قلمي)، ص 4].

(1) – جيڪو پوءِ سندس نالي پٺيان "بهارپو" نالي ڳوٺ سڏجڻ لڳو. هينئر گهاڙ واه جي ختم ٿي وڃڻ سببان، لاڙڪاڻي شهر سان بالڪل ملي ويو آهي. سندس خاص آبادي آهي. منجهس قلعو به صديون اڳ، غالباً 1721ع ڌاري لا ڙڪاڻي شهر تان 300 ميٽرن جي مفاصلي تي "قلن" جي ڳوٺ ڏانهن ويندڙ رستي سان نهي راس ٿيو هو؛ جنهن ۾ پاڻ، پنهنجي سپاه ۽ ضروري سامان سميت رهندو هو. ميرا ڻي صاحبيءَ ۾ درياه جي چاڙهه سببان قلعو تباه ٿي ويو. البته سندس قتل نشان، بهارپور جي ڏاکڻي طرف اجا تائين قائم آهن، جن ۾ 18 ميٽر ڊگهي، 26 ميٽر اوچي ۽ هڪ ميٽر ٿلهي يوار ٻنل حالت ۾ اڄ به موجود آهي [ميان شاه بهارو جهنجهڻ – ميمڻ عبدالغفور سنڌي، ماهور "الرحيم"، شاه ولي الله اڪيڊمي، حيدرآباد؛ مئي – جون 1979ع، ص 31].

(1) – ميان نور محمد جي ڏينهن ۾ سندس دربار جي ٻين اميرن ۽ وزيرن: نصرت خان چانڊيي، تعلقي فيروز ۾ "نصرت واه"، مراد خان ڪلبريءَ "مراد واه"– ڏاتي خان کهاوڙ "ڏاتي جي ڪور"– باگي خان سيال "باگو واه" ۽ پيروز خان عباسي "پيروز واه" پڻ کوٽايا هئا.

(2) – سندس فتح بابت جلال کتيءَ (1683ع – 1768ع) پنهنجي نظم ۾ واکاڻيندي چيو آهي: "بازي بهارو شاه، کٽي ويو شير کون".

(2) – جيڪو لاڙڪاڻي شهر ۾، گهاڙ واه سان لڳ چنن ۽ پٽن جي ڳوٺن جي وچ ڌاري واقع آهي.
(3) – قبي جي عمارت سنڌ جي قديم ۽ نهايت بهترين ۽ خوبصورت ڪاشيءَ جي سرن سان مزين آهن، جيڪا مشهور رازي جان محمد جوڙي هئي. اڏاوت ۾ 75 چورس فوٽ چبوترو، 31 چورس فوٽ گهيرو ۽ 47 فوٽ اوچائيءَ تي مقبرو بيٺل آهي. ڏسڻ سان معلوم ٿئي ٿو، ته ڪلهوڙن جي عمارت سازيءَ جو هي به هڪ نادر نمونو آهي. افسوس جو ٻن صدين واري جڙيل هن مقبري جي ڪا به مرمت ڪانه ڪئي وئي آهي. حڪومت سنڌ کي، سنڌ جي هن سچي سپوت جي آخري نشانيءَ کي، فن ثقافت جو بي مثال نمونو ڄاڻي، تحفظ لاءِ جوڳو اپاءُ وٺڻ گهرج. ورنه مستقبل قريب ۾ هي قديم قومي ورثو هميشه لاءِ ختم ٿي ويندو

# ميان شاهل محمد طريل ڪلهوڙو

[ 1593ع – 1657ع ]

## ميمڻ عبدالغفور سنڌي

ميان شاه علي المعروف شاهل محمد طريل ولد محمد دائو ڪلهوڙو، 2 صفرالمظفر 1002هه مطابق 21 جولاءِ 1593ع تي، بکر ۾ تولد ٿيو هو. ابتدا ۾ فارسي ۽ عربيءَ جي سکيا ورتائين. جيئن ته ان وقت سنڌ تي ڪلهوڙن جو دور دوري رهيو هو؛ انهيءَ ڪري کيس قابل استادن جي حوالي ڪيو ويو، ته جيئن هي نينگر به پنهنجن وڏن جيان ملڪي معاملات ۾ پڙ ٿئي. ميان شاهل محمد ننڍپڻ کان ئي طبيعت کي پنهنجي ڏاڏي ميان آدم شاه ڪلهوڙي جيان الله لوڪ صوفي درويش، سنتن، ساڌن ۽ گودڙي پوشن سان ريڌل رکيو؛ جنهن ڪري حڪومت جي ڪمن توڙي راڄڌاني رنجهه ڪنجهه کان گهڻو پاسيرو رهيو، ويتر من خون سڌون به ماري مات ڪيون هئائين. هوڏانهن سندس والد به کو ٻوٽو ڪونه ٻاريو. هن، نه ملڪي معاملات ۾ منهن رکيو؛ ۽ نه وري وڏن جي چڏيل ورثي (پيري مريد) کي وڌائي سگهيو. سندس وفات 1009هه (1600ع) بعد ننڍي پٽ، ميان الياس کي مسند نشين بڻايو ويو. ميان الياس سان حياتيءَ وفا نه ڪئي؛ جنهن ڪري 1030هه (1620ع) ۾ راه رباني ورتائين. ياءُ ج اوچتي انتقال، ميان شاهل محمد جي دل کي سخت صدمو رسايو. ان وقت سندس عمر 27 سالن جي لڳ ڀڳ هئي. پوءِ ته کيس تخت جو حقيقي وارث ڄاڻي، جيئن تيئن ڪري قوم جي قسمت سندس حوالي ڪئي وئي.

« Read more

Posted by wahabsahito at 12:06 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## ميان صاحبڏنو فاروقي درازي رح - ميمڻ عبدالغفور سنڌي

# ميان صاحبڏنو فاروقي درازي رح

[ 1697ع – 1778ع ]

ميمڻ عبدالغفور سنڌي

حضرت عمر فاروق رضه جي سٽيهين پشت مان، خواجه محمد حافظ المعروف فقير صاحبڏنو موراڳي ولد عبدالوهاب فاروقي، صوفي درويش، سخن سنج ۽ اعليٰ پايي جو شاعر ٿي گذريو آهي. سنڌس ولادت 14 ربيع الثاني 1109هه مطابق 15 مئي 1697ع تي، خيرپور ضلعي جي ڳوٺ گڏيجيءَ ۾ ٿي هئي. اُن زماني جي تقاضا موجب فارسي ۽ عربي علم جي تحصيل ڪري، ڪلهوڙن وٽ ملازم ٿيو. ڪيس ديهه مورهه جو ”فصلي نگهبان“ مقرر ڪيو ويو. هي عهدو ان وقت جي لحاظ کان اعليٰ منصب سمجهيو ويندو هو. پنهنجي ذميواريءَ جي سلسلي ۾ جيئن ئي هڪ پيري گهوڙي تي چڙهي گهمڻ نڪتو، ته واٽ ويندي ڪوٺڙي ڪبير ۾ ڏيوٽيءَ جي وچ ڌاري ”صفيه“ نالي هڪ مجذوبه عورت، گهوڙي جي واڳ ورائي ڪجهه بيت ڏنائينس؛ جنهن جو مطلب هو: **”خدا توکي تو ڳولهي؛ ۽ تون وري ڪنهن جي ڳولها ۾ آهين!“** خواجه صاحب اهو جواب ٻڌي واپس وريو. پوءِ نوڪري ڇڏي جهنگل وجي وسايائين. اتي خوب چلا ڪڍيائين. آخر گهڻي زهد بعد سنڌس ملاقات پيران پير دستگير سيد عبدالقادر جيلاني رح جياولاد مان شاه عبيدالله جيلاني رح سان ٿي؛ ۽ کانئس فيضياب ٿيو.

« Read more

Posted by wahabsahito at 12:04 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## ميان غلام صديق ميڪڻ رح - ميمڻ عبدالغفور سنڌي

# ميان غلام صديق ميڪڻ رح

[ 1844ع – 1905ع ]

ميمڻ عبدالغفور سنڌي

عمدة العلماءُ مولانا غلام صديق ولد نور محمد ميڪڻ، 4 ربيع الاول 1260هه مطابق پهرين سيپٽبر 1844ع تي، قلات رياست (بلوچستان) جي ياڳناڙي ڳوٺ ۾ ڄائو هو. سندس والد جيد عالم فاضل ۽ قاضي القضات هو؛ جنهن سرائي پير بخش کهاوڙ جي اصرار ۽ ميروخاني بزرگ ميان حامد حضوري رح (1798ع – 1873ع) جي چوڻ تي باقبائل لڏي، اچي شهدادڪوٽ کي مسڪن بڻايو هو.

« Read more

Posted by wahabsahito at 11:59 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## مير علي شير ”قانع“ - ميمڻ عبدالغفور سنڌي

مير علي شير ”قانع“
[ 1737ع – 1788ع ]

ميمڻ عبدالغفور سنڌي

سنڌي جي عظيم، محسن، مؤرخ ۽ شاعر، مير علي شير ”قانع“ ولد سيد عزت الله شاه جي ولادت، ڪلهوڙن جي دور (ميان نور محمد خان جي ڏينهن) ۾، 5 جمادي الثاني 1140هه مطابق 28 جون 1727ع تي ٺٽي ۾ ٿي هئي. سندس بزرگن مان سيد شڪرالله ولد سيد وجيه الدين هڪ ڪامل ولي ۽ وڏي بزرگيءَ وارو شخص هو، جيڪو 927هه (1520ع) ۾ قنڌار مان لڏي، ٺٽي (سنڌ) ۾ اچي رهيو هو. ديني علم ۽ فضل جي لحاظ کان، شاه حسن ارغون کيس ٺٽي جو پهريون ”شيخ الاسلام“ مقرر ڪيو هو.

« Read more

Posted by wahabsahito at 11:58 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## مير علي نواز علوي - ميمڻ عبدالغفور سنڌي

مير علي نواز علوي
[ 1853ع – 1920ع ]

## ميمڻ عبدالغفور سنڌي

شڪارپور جي مشهور علوي خاندان جو چشم و چراغ، مير حفظ الله المعروف علي نواز ولد مير فخرالدين علوي، 17 شوال 1270هه مطابق 24 مارچ 1853ع تي شڪارپور ۾ تولد ٿيو. سندس مؤرث اعليٰ حاجي فقير الله علوي رح (1688ع – 1780ع) هو. سندس پنجون نمبر پٽ مسيح العافين مولانا حفظ الله رح (اول) هو، جيڪو ڏاڍو وڏو عالم، فاضل ۽ صاحب – ڪشف و ڪرامت هو. کيس چار فرزند هئا، جن مان ٽيون نمبر مير فخرالدين علوي هو. سندس ٻه پٽ : مير شاهنواز (ولادت 1268هه) ۽ مير حفظ الله عرف مير علي نواز هئا . مير فخرالدين اعليٰ درجي جي انساني عظمت ۽ لياقت جو مالڪ هو. سندس شمار شڪارپور جي برگزيده شخصتن ۾ ٿئي ٿو. پاڻ هزهائين مير علي مراد خان ٽالپر وٽ وڪيل به ٿي رهيو هو. هڪ اعليٰ درجي جو حڪمي، علم ادبي ۽ سائنس جو دلداده هو. بنا استاد جي انگريزي زبان لکي پڙهي ويندو هو. وضع قطع ۽ پوشاڪ مان پچاڙيءَ تائين "افغان" پيو لڳندو هو. کيس وڏي جاگير به مليل هئي – 7 جمادي الثاني 1271هه مطابق 31 آڪٽوبر 1854ع تي راه رباني ورتائين .

اهڙيءَ ارباب ڪمال شخصيت مان مير علي نواز علويءَ نالي شڪارپور جي چمنستان ۾ اُپريل هي گل، پنهنجي لازوال مهڪ سان پوريءَ سنڌ کي معطر بڻائي ڇڏيو. سندس ننڍپڻ واري زماني تي طائرانه نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو، ته پاڻ ولادت کان هڪ سال اندر يتيم ٿي ويو؛ جنهن ڪري زندگيءَ جو باقي سهارو سندس والده ماجده جو مٿس وجي رهيو؛ جنهن پنهنجي لاڏلي جي تعليم و تربيت لاءِ حتيٰ الوسيع موقعا ميسر ڪيا. ان وقت جي رواج مطابق عربي ۽ فارسي پڙهيل جو وڏو مان ليکيو ويندو هو؛ جنهن ڪري هن نينگر به سنڌي تعليم سان گڏ ديني تعليم طرف به توجه ڏنو. هن سلسلي ۾ سندس استاد آخوندزاده افغاني هو . وٽانئس جوانيءَ تائين ڪافي ڪتاب پڙهي، معقول ۽ منقول جو جيد عالم بڻيو. خاص ڳالهه؛ جنهن مير صاحب کي علمي دنيا ۾ ناميارو بڻايو، اهو سندس خانداني شهره آفاق ڪتبخانو هو؛ جنهن جي سهاري سان پنهنجو شمار هندستان ۾ صف– اول جي عالمن ۽ ڪابرن ۾ ڪرايائين.

سندس وقت جا همعصر عالم ۽ بزرگ : مولانا عبدالغفور ”مفتن“ همايوني رح، مولانا غلام صديق ميڪڻ شهداد ڪوٽي رح، شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ ۽ امام بخش ”خادم“ بدويءَ جا نالا ورتا وڃن ٿا. شڪارپور جي سياسي زندگيءَ ۾ مير صاحب ”رئيس“ جي حيثيت رکندو هو. مگر سندس طبيعت اڄ جي اميرن، وڏيرن ۽ سرمائيدارن کان بالڪل مختلف هئي. حالانڪ 1910ع کان اڳ ڪيئي سال شڪارپور ميونسپالٽيءَ جو وائيس پريزيڊنٽ به ٿي رهيو. شهر جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ وسان ڪين گهٽايائين. آڪٽوبر 1916ع ۾ برطانوي سرڪار طرفان سنڌ جي وڏن شهرن ۾ ڪورٽون قائم ٿيون. شڪارپور جي ڪورٽ ۾ مير صاحب کي چيئرمين مقرر ڪيو ويو. سيپٽمبر 1917ع ۾ مسلسل برساتين سببان شڪارپور ۽ ان جي آس پاس وبا، انفلوئنزا، پليگ ۽ موسمي بخارن اچي منهن ڪڍيو. نتيجي طور وڏي تباهي اچي ويئي. گهٽين ۽ رستن تي موت جا ماتمي دل ڏارينڊڙ آه و فعان ڪندا رهيا. مگر هن عظيم انسان هڪ سرپرست جي حيثيت ۾ پنهنجي جان جي به ڪا پرواه نه رکي، رات ڏينهن عوام جي خدمت ۾ رڌل رهيو. لاوارثن جو وارث بڻجي سندن چڱيءَ طرح پرگهور لڌائين. مطلب ته اهڙي مونجهاري جي وقت ۾ به مير صاحب مڙس ٿي پنهنجون ملڪوتي خصلتون ڏيکاريندو رهيو.

پهرين مهاياري لڙائيءَ دوران، جڏهن دنيا اقتصادي بدحاليءَ ۾ مبتلا ٿي چڪي هئي. هر طرف قحط ۽ مصيبت اچي منهن ڪڍيو هو. اهڙن آزمائشي ڏينهن ۾ هن مخير انسان پنهنجي خداداد ملڪيت جو انبار سستن دوڪانن ۾ اچي لڳايو، جتان غريبن کي نالي ماتر ملهه تي ان ارزان پئي مليو. انهن ئي خدمتن عيوض انگريز سرڪار کي 1918ع ۾ ”بينچ ڪورٽ جو چيئرمن“ مقرر ڪيو هو. حالانڪ هي عهدو آءِ-سي-ايس (I.C.S) آفيسرن لاءِ محدود هو. سندس دوستيءَ جو دائرو به وسيع هو. وٽس دوست ۽ دوستيءَ جو پورو پورو احترام هو. انهيءَ حلقي ۾ ڏيهي خواه پرڏيهي شخصيتون : آخوند محمد قاسم هالائي، احمد خان ”احمد“ قلاتي، امير حبيب الله بن امير عبدالرحمان (تاجدار افغانستان) پير احمد شاه جيلاني، پير حزب الله شاه ”مسڪين“، پير خميس الله شاه (گمبٽ)، پير رفيع الدين سرهندي، پير صالح شاه جيلاني (راڻيپور)، پير محبوب شاه (گهوٽڪي)، حافظ عبدالله ”بسمل“، حافظ محمد اجمل صاحب دهلوي، حافظ محمد

حيات شاه، حافظ محمد صديق سميجو (پرچنڊي شريف)، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، خانبهار الله بخش سومرو، خانبهادر جان محمد خان ٻناڻ (سلطان ڪوٽ)، خانبهادر حسن علي مغل، خانبهادر سول بخش ”راهي“، خواجه حافظ حسن جان سرهندي، خواجه عبدالباقي ”باقي“ سرهندي، خواجه عبدالرحمان جان سرهندي، ديوان بهادر مرليڌر (وڪيل، شڪارپور)، ڊبليو - ايچ - ليوڪس سيد امير علي شاه (ڪلڪتو)، سيد حسن شاه لکوي، سيد علي اصغر شاه راشدي، سيد غلام محمد شاه ”گدا“ سيد فاضل شاه ”فاضل“، سيد مير محمد تقي ”تائب“ (قنڌاري)، سيد ميران محمد شاه (اول)، شمس الدين ”بلبل“ قاضي اسدالله شاه ”فدا“ (ٽکڙائي)، قاضي عمرالدين، لارڊ هارڊنج (وائسراءِ هند)، مخدوم الله بخش کهڙائي، مخدوم حسن الله صديقي پاٽائي رح، مخدوم عطا محمد کهڙائي، مخدوم محمد ابراهيم ”خليل“ مسڪين ٺٽوي، مولانا تاج محمود امروٽي رح، مولوي الله جيوايو، مولوي عبدالحڪيم قنڌاري، مولوي عبدالحميد، مولوي عبدالرحمان (سکر)، مولوي غلام رسول چشتي شڪارپوري، مولوي غلام محمد، مولوي محمد اشرف پشاوري، مولوي محمد عاقل ”عاقلي“، مولوي محمد حيات شاه قريشي شڪارپوري، مولوي محمد صديق حنفي، مولوي محمد عثمان نورنگزاده ( ڪور واهي)، مولوي محمد قاسم (ڳڙهي ياسين)، مولوي لعل محمد عثمان نورنگزاده ( ڪور واهي)، مولوي محمد قاسم (ڳڙهي ياسين)، مولوي لعل محمد قنڌاري، مولوي محمد هاشم (ڳڙهي ياسين)، مولوي نظام الدين رنگپوري، مير امام بخش خان ٽالپر، مير چاڪر خان ڊومبڪي، مير عبدالحسن ”سانگي“، مير نظر علي خان ٽالپر ”خاڪي“، ميمڻ محمد هاشم ”مخلص“، نواب حاجي امير علي خان لاهوري ۽ هزهائينس مير فيض محمد خان ٽالپر وغيره شامل هيون.

مير علوي صاحب حنفي سني مذهبي رکندو هو. اڪثر سندس اوطاق تي علمي مجلسون ۽ ادبي محفليون ٿينديون رهيون. پاڻ جيد عالم جي حيثيت ۾، پنهنجي مطالعي کي سامهون رکي، ”الشارة لاهل الاشارت“ ”الصارم المسلول علٰي منڪر علم الغيب الرسول“ ، بياض علوي ۽ ”ڪليات علوي“ .... هزارين ڪتابن جي حوالن ۾ معتبر روايتن سان قلمبند ٿيل آهن. جعلي تي شاديون ڪيائين، مگر آخري گهر (بيگم بقا، وفات 10 ڊسمبر 1969ع) مان نياڻي ڄايس، اُها به ڄمڻ

سان ئي خدا کي پياري ٿي ويئي. پاڻ 68 سالن جي عمر ۾ 23 جماديل الاول 1239هه مطابق 2 جنوري 1920ع تي پيوند خاڪ ٿيو . سندس تربت، شاه فقير الله علوي رح جي مقري جي اوپارين طرف آهي.
مير علي نواز علوي صاحب، هڪ مخير انسان، قومي همدرد، مسيح الزمان حڪيم، مهربان طبيعت جو مالڪ، مصنف، محقق، فلسفي ۽ قادرالڪلام شاعر هو؛ جنهن سموري زندگي اخلاص، رواداريءَ ۽ نهايت سنجيدگيءَ سان گذاري هئي. شاعريءَ جي سلسلي ۾ شروعاتي تخلص ”مجرم“ ۽ پوءِ ”علوي“ اختيار ڪيائين. ظاهري طرح حسن ۽ نزاڪت جو قائل هو. جوانيءَ ۾ مجازي چوٽ آيل هيس؛ جنهن ممت سندس دل ۾ هيجان پيدا ڪري، منجهس جذبن ۽ امنگن کي اڀاري، هجر ۽ وصال جي آه و فغان کي سوز و فراق، عشق و محبت، درد ۽ الفت جي پيغام سان ظاهر ڪيو. فارسي، سنڌي، سرائڪي ۽ اردو زبانن ۾ طبع آزمائي ڪئي هئائين. ٻنهي جهانن جي سردار جي زيارت جو پچاڙيءَ تائين شوق هيس. عقيدت ۾ سندس مشهور ”ڪافي“ هيٺ ڏجي ٿي:-

تنهجي حسن سچڻ حيران ڪيا انسان هزارين مان نه رڳو.
تنهجي شان برابر شاه نه ڪو، تنهجي سونهن سندو مٽ ماه نه ڪو،
تنهجي خيال کان خالي ساه نه ڪو، خواهان هزارين مان نه رڳو،
قرآن سراسر شان تنهنجو، آهي واصف خود رحمان تنهنجو،
پيو ڪهڙو ڪري ته بيان تنهنجو، حيران هزارين مان نه رڳو.
ڏا جاني جن ڪلام تنهنجا، ڪن سهسين سڪ سان سلام تنهنجا،
ٿيا حلقه بگرش غلام تنهنجا، سلطان هزارين مان نه رڳو.
تنهنجا مداح ميڪائيل جهڙا، ڪيئي عاشق اسرافيل جهڙا،
تنهنجي در تي جبرئيل جهڙا، دربان هزارين مان نه رڳو.
توتان پاڻ فدا ڪن شاه و گدا، ريءَ ناڻي ٻانها ٻول ٻڌا،
ٿيا خادم تنهنجي خلق سندس، خاقان هزارين مان نه رڳو.
ناهي ”علوي“ هڪ مفتون تنهنجو، آهي، عالم سڀ ممنون تنهنجو،
ٿيو جاني جڳ مرهون تنهنجو، قربان هزارين مان نه رڳو.

(1)- سندسن سلسله – نسب امام عالي مقام حضرت علي المرتضيٰ رضه (599ع – 661ع) جن سان وڃي ملي ٿو. انهيءَ ڪري پاڻ کي ”علوي“ سڏائين ٿا.

(2) – سيد حاجي فقير الله ولد سيد عبدالرحمان شاه، وقت جو ولي، عالم ۽ ڪامل انسان هو. هجرت جو ڪيس ”الهام“ ٿيو هو؛ جنهن ڪري ڪلهوڙن جي ايام ڪاريءَ ۾ غالباً 1150هه (1737ع) ڌاري پنهنجي 17 پٽن سميت جلال (افغانستان) مان لڏي، شڪارپور (سنڌ) ۾ آيو هو [”بياض علوي“ – مير جمال الدين علوي – بحواله : ماهوار ”الرحيم“ (حيدرآباد) سيپٽمبر 1971ع، ص 27].

(3) – مير علي نواز علويءَ تي ڏاڏي جو نالو ورايو ويو هو؛ جنهن ڪي مؤد بانه مخفي رکي، ”علي نواز“ سڏڻ لڳا؛ جنهن نالي سان پڇاڙي تائين سڏبو آيو [شجره خاندان علوي (قلمي) بحواله : ”مير علي نواز علوي شڪار پوري ۽ سندس ڪلام“ بي ايچ-ڊي لاءِ لکيل ٿيسز؛ 1978ع – ڊاڪٽر عبدالخالق ”راز“ سومرو].

(1) – Prnted Recard, Government of Bombay. 1855: P.P 44

(2) – سندس والده سڳوري پشين (بلوچستان) جي بخاري ساداتن مان هئي.

(1) – آخوند زاده اصل جلال آباد جو رهاڪو هو،جيڪو سنڌي، عربي ۽ فارسي زبانن سان گڏ علم حڪمت جي به خاصي ڄاڻ رکندو هو. ازانسواءِ اردو، انگريزي ۽ سرائڪيءَ تي به چڱي دسترس هيس. مير علويءَ جو ساڻس پڇاڙيءَ تائين نياز منديءَ وارو رستو رهيو.

(1) – سندس نالي سان سکر ۾ ”ليوڪس پارڪ“ مشهور آهي، جيڪو اڄ ”محمد بن قاسم باغ“ سڏجي ٿو.

(1) – هي ڪتاب علمي دنيا ۾ وڏي اهميت جو حامل آهي. ڇا ڪاڻ جو حنفي فقه متعلق ”التحيات“ پڙهڻ ۾ ”اشهد آڱر“ سان اشاري بابت پابندي ڄاڻائڻ ڪي رد ڪيو ويو آهي (مسئله تشهدين تي افغان حڪومت بل پاس ڪيو هو، ته جيڪو شخص ”التحيات“ ۾ آڱر کڻندو، ته ان جي آڱر ڪپي ويندي) 130 معتبر عالمن جي سندن سان لکيل هن ڪتاب ۾ امام رباني مجدد الف ثاني رح (1564ع – 1624ع) جي پڻ تائيد ڏيکاريل آهي. مير صاحب جي هيءَ تصنيف ڇپڻ ڪ افغان حڪومت لاءِ چتاءُ هو. ان ڪان پوءِ افغان سرڪار پنهنجو عمل واپس ورتو. ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ 17 چوٽيءَ جي عالمن جون تقريظون پڻ درج ٿيل آهن.

(1) – چئن قلمي جلدن ۾، 1636 صفحات تي مشتمل آهي. منجهس قرآن پاڪ ۽ حديث بابت شهادتون، اصحاب سڳورن ۽ تابعين جا اقوال، فقه حنفي ۽ امام صاحبن جا فرمودا، حضور صلعم جن جي ماضي، حال ۽ مستقبل جي ڄاڻ بابت عالمن جا اعتراف ۽ سندن وضاحتون شامل آهن.

(2) – 1916ع ۾ مير صاحب پنهنجي شاعريءَ (سنڌي، فارسي، سرائڪي ۽ اردو) جو هي مجموعو ليٿر ۾ ڇپايو هو، جيڪو اڄ بالڪل ناياب آهي. سنڌي ادبي بورڊ ان کي ٻيهر عام ڪرڻ لاءِ سنڌي جي مياري قلمڪار ۽ محقق، اڪٽر عبدالخالق ”راز“ ..صاحب جون خدمتون حاصل ڪيون آهن.

(3) – سندس وفات متعلق مختلف روايتون بيان ڪيون وڃن ٿيون. ڪن مٿس فالج جو حملو ڄاڻايو آهي. ڪن سندس ذاتي نوڪر هٿاران زهر ڏيارڻ ڏيکاريو آهي، ته ڪن وري (خانداني روايتن مطابق)، هندو ڊاڪٽر موهن لال هٿاران زهر پياري، شهادت ڏيو آهي (والله اعلم باالصواب).

Posted by wahabsahito at 11:56 AM 0 comments

Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## علامه غلام مصطفيٰ قاسمي - ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

# علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

سنڌ جي سر زمين، هر دؤر ۾ هر زماني ۾ اهڙين تواريخ ساز شخصيتن ۽ بزرگن، وطن دوست ۽ انسان ذات جو دل ۾ درد رکندڙن کي جنم پئي ڏنو آهي، جن جي علمي، ادبي، ديني ۽ پرخلوص سياسي ڪارنامن سبب پاڻ پريءَ سنڌ جو هميشه ڳاٽ اوچو رهيو آهي. خاص طرح، گذريل ويهين عيسوي صديءَ اهڙين مخصوص شخصيتن ۽ هستين کي پيدا ڪيو، جن پنهنجي پرخلوص جدوجهد ۽ ڪوشش سان نه صرف سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن کي قائم ۽ سلامت رکڻ ۾ پنهنجي حياتيءَ جي هڪ گهڙي به اجائي نه گنوائي، پر سنڌ جي تهذيب ۽ ارتقا کي دنيا جي بين سڌريل، مُهذب ۽ متمدن ملڪن جي درجي تائين رسائڻ ۾ ڪنهن به قسم جي ڪا ڪوتاهي نه ڪئي ۽ سنڌ کي سموريءَ دنيا سان گڏ برصغير ۾ پڻ وڏي عزت ۽ وقعت جي نگاهه سان ڏسڻ جي لائق بڻايو.

ويهين صدي عيسوي نه صرف سنڌ لاءِ، بلڪ پوري دنيا ۾ پنهنجي انفرادي ۽ انوکي حيثيت جي حامل رهي. هن صديءَ ۾ پراڻيون رسمون ۽ رواج، قدر، ماڻ ۽ ماپا تبديل ٿيا. هڪ نئين راهه طرف وک وڌائڻ جي شروعات ٿي، جنهن کي جديد ترقيءَ وارو دؤر تصور ڪيو ويو. هن صديءَ ۾ دنيا ۾ ڪيترائي وڏا وڏا انقلاب ۽ حادثا رونما ٿيا. دنيا جي تخت تي ڪيتريون ئي نيون نيون حڪومتون وجود ۾ آيون ۽ بين قومن انهيءَ ڏس ۾ جدوجهد جي شروعات ڪئي. اها ويهين صدي عيسوي هئي، جنهن ۾ دنيا اندر به وڏيون عظيم ۽ تباهه ڪُن جنگيون لڳيون، جن انسانذات کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو ۽ ڪيترن سُندر ۽ وسندڙ شهرن ۽ بستين جي نشانن کي متائڻ ۾ ڪابه ڪسر باقي نه ڇڏي. هن صديءَ ۾ تباهه ڪارين ۽ انسانذات جي بي دريغ خون ۽ خرابيءَ سان گڏ، علم ادب جي دنيا ۾ پڻ نظرياتي ۽ فڪريءَ طرح وڏا انقلاب، اصول، قاعدا ۽ قانون وضع ٿيا ۽ ان ۾ ڪافي انقلابي ۽ فڪري تبديليون رونما ٿيون. سائنس جي علم پنهنجي ترقيءَ جو معراج

حاصل ڪيو. نوان هنر ۽ ڪيترين عجيب وَ غريب قسم جون ايجـادون ۽ تجربا عمل ۾ آيا، جن انسانذات جي زندگيءَ جـي هـر پهلـوءَ تـي وڏو اثر وڌو ۽ انساني زندگي ان کان تمام گهڻو متاثر ٿـي. هـن کـان اڳ ۾، ادب ۾ ”ادب بـرائي ادب“ جـو نظريـو رائج هـو، پـر پـوءِ ”ادب بـرائي زندگيءَ“ وارو نظريو عمل ۾ آيو.

تواريخ ۽ سياسي لحـاظ کـان اهـو ويهيـن صـديءَ وارو زمـانو، انگريـز سامراج جي غلاميءَ وارو زمانو هو ۽ اهي برصغير تي پـوريءَ طـاقت سان قـابض هئا. مٿـي بيـان ڪيـل انهـن حـالتن، جديـد نظريـن، لاڙن، فڪرن ۽ اصولن جو برصغير جي ٻين علائقن وانگر سنڌ تي بـه نمايـان اثـر غـالب رهيـو. سـنڌ انـدر، خـاص طـرح عـالمن، اديبـن، شـاعرن، سياستدانن، قانوندانن ۽ مذهبي شخصيتن ان ڏس ۾ پاڻ گهڻو موکيـو ۽ ان جا اڻ مٽجندڙ نشان اڄ به سنڌ جـي تواريـخ ۾ ملـن ٿـا. اهـي سـنڌ ۾ عالمگير ۽ همه گير تحريڪن جا باني مباني هئا ۽ سندن فـ ڪر انگيـز ۽ انقلابي تحريرن ۽ انقلابي اصولن جو سنڌ تـي وڏو اثـر پيـو ۽ سـنڌ کـي انهن مڙني حالتن مان گذرڻو پيو.

علامه غلام مصطفىٰ قاسمي صاحب انهيءَ ئي ويهين صدي عيسـويءَ جي نهايت ئي بلند مرتبي وارن جيد عالمن، اديبن ۽ دانشورن مان هڪ آهي، جنهن تي سنڌ جي سرزمين جو ايندڙ نسل بجا طور فخر ڪنـدو. علامه صاحب جـو وجـود سـنڌ لاءِ هـن قحـط الرجـال واري دؤر ۾ وڏي غنيمت آهي. علامه قاسمي صاحب بلنـد مرتـبي وارو عـالم، تفسـير ۽ حديث، فقه ۽ ادب، صـرف ۽ نحـو، معـاني ۽ منطـق، اصـول ۽ فـروغ، تواريخ ۽ لغت جي ميدان ۾ پنهنجي دؤر جي وڏن عالمن ۽ فاضلن ۾ بـي مثل ۽ بي نظيـر آهـي. پـاڻ سـنڌيءَ سـان گـڏ عربـي، فارسـي، اردو ۽ انگريزي زبانن تي ڪافي عبور رکندڙ آهي. بهرحال، پاڻ هر لحاظ کان جامع علوم آهي. پاڻ ڪيترين ئي عربي، فارسـي ۽ سـنڌي بيـش بهـا ۽ بلند پايه تصـنيفن ۽ تـاليفن جـو صـاحب آهـي. پـاڻ علـم ادب جـي هـر شعبي ۾ وڏي مهارت رکي ٿو. انهيءَ چوڻ ۾ڪوبه وڌاءُ نـه آهـي تـه پـاڻ ظاهري علم ادب ۽ سنڌ جي تواريخ سان گڏ، اسلامي علمن ۽ فنن جي زنده جاويد انسائيڪلو پيڊيا آهي.

علامه قاسمي صاحب نهايت ئي شگفته مزاج، خليق، شفيق، مرنجـان مرنج، عابد، زاهد ۽ صاف گو شخصيت جو مالڪ آهي. علوم شريعت ۽ طريقت، تفسير ۽ حديث، تاريخ ۽ ادب جو ڪوبه منجهيل مسئلو هجـي

ته پاڻ ان جي هر موضوع تي بي تڪلف ۽ آسانيءَ سان عالمانه انداز ۾ گفتگو ڪندو آهي، جيڪا پڙهندڙ جي ذهن نشين ٿي ويندي آهي. ڪنهن به دقيق مسئلي جي اسرار ۽ رموز جي سٽ ۾ سڀني جزن کي اهڙي انداز ۾ بيان ڪندو آهي، جو پڙهندڙ کي سجهڻ ۾ بلڪل آساني ٿيندي آهي.

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جو تعلق، اتر سنڌ جي ضلعي لاڙڪاڻي جي پوئتي پيل تعلقي ميرو خان سان آهي. سندس جنم پنهنجي اباڻي ڳوٺ "رئيس پنيو خان" ۾ سن 1335هه/ 1916ع ۾ ٿيو. سندس والد بزرگوار جو نالو حافظ محمود خان هو. پاڻ سنڌ جي قديم ۽ مشهور قبيلي "چانڊيي" سان تعلق رکي ٿو. علامه قاسمي صاحب مروج ابتدائي سنڌي ۽ فارسي تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي. ان کان پوءِ، سنڌ جي وڏن جيد ۽ مشهور عالمن جي مدرسن ۾ ديني علمن ۾ تحصيل ڪيائين ۽ پاڻ مڪمل طرح هڪ عالم ۽ فاضل بڻيو. سنڌ ۾، علمي فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِ، برصغير جي مشهور دارالعلوم ديوبند ويو، جتان ٽن سالن جي عرصي ۾ سڀني ديني خواه دنيوي علمن ۾ جامع فارغ التحصيل ٿيو. ان زماني ۾ ديوبند جو مدرسو نه صرف ديني علمن جو مرڪز هو، پر سياسي فڪر ۽ آزاديءَ جي جدوجهد جو پڻ هڪ مکيه مرڪز هو. اهڙيءَ طرح، علامه موصوف فاضل ديوبند، مولوي فاضل ۽ فاضل طب وغيره ۾ به علمي لياقت جو مالڪ بڻيو.

علامه قاسمي صاحب جي والد بزرگوار، حافظ محمود (المتوفي: 1338هه/ 1919ع) مولانا غلام صديق شهدادڪوٽيءَ، جو پنهنجي زماني جو وڏو وَلي ڪامل، حال ۽ قال جو صاحب هو ۽ طريقت ۾ "قادري" طريقي جو مشائخ هو، جي هٿ تي "قادري" طريقي ۾ بيعت ڪئي ۽ خلافت جو خرقو حاصل ڪيائين. جيئن ته قاسمي صاحب جو خانداني طرح طريقت جو سلسلو "قادري" هو، ان ڪري پاڻ ديوبند ۾ شاگرديءَ جي زماني دوران مولانا حسين احمد مدنيءَ کان "قادري" طريقت ۾ بيعت ڪري، ظاهري خواه باطني فيض ڪيائين.

علامه قاسمي صاحب دارالعلوم ديوبند ۾، ڪيترن ئي وڏن ناميارن عالمن کان فيض حاصل ڪيو، جهڙوڪ: حضرت مولانا محمد ابراهيم بلياوي، شيخ الاسلام مولانا حسين احمد مدني، مولانا اصغر حسين ۽ مولانا اعزاز علي. اهي سڀئي عالم پنهنجي وقت جا بلند پايه عالم ۽

درويش صفت انسان هئا. انهن مڙني بزرگن جو علامه قاسمي صاحب تي نهايت ئي گهڻو اثر غالب پيو.
علامه قاسمي صاحب ديوبند ۾ تعليم پرائڻ واري عرصي دوران دهليءَ جي مشهور اوريئنٽل ڪاليج ۾ داخلا ورتي ۽ ان ئي وقت علم طب ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ دهليءَ ۾مولانا حڪيم جميل الدين نگينويءَ جي مشهور طبي مدرسي "مدرسه طبيه" ۾ داخل ٿي وڏيءَ امتيازي حيثيت ۾ مهارت حاصل ڪري، علم طب ۾ "حڪيم الحڪماءُ" جي سند حاصل ڪئي. اهڙيءَ طرح، علامه قاسمي صاحب هندستان ۾ ٽن ورهين جي عرصي ۾ مختلف علمن ۾ تعليم پرائڻ کان پوءِ، پنهنجي وطن سنڌ ۾ موٽي آيو. سنڌ واپس اچڻ کان پوءِ، ڪجهه عرصو پير جهنڊي ۾ مولانا عبيدالله سنڌيءَ وٽ قرآن مجيد ۽ فلسفي جو درس ورتائين. پاڻ شاهه ولي الله جي فلسفي جو تمام وڏو ڄاڻو ۽ ماهر آهي.
علامه غلام مصطفىٰ قاسمي صاحب سنڌ ۾ درس ۽ تدريس جو سلسلو اختيار ڪيو. پاڻ سنڌ ۾، ان دؤر جي وڏن ۽ مشهور ديني مدرسن، جهڙوڪ: "مدرسه درالسعادت"، "بيت الحڪمت ، پيربخش پٽو، "مدرسه قاسم العلوم، گهوٽڪي" ۽ "مدرسه مظهر العلوم کڏه، ڪراچي" وغيره ۾ مدرس ۽ شيخ الحديث جي حيثيت ۾ درس ڏيندو رهيو. پاڻ جنهن به مدرسي ۾ رهيو، اتي سندس حلقه درس ۾ هميشه طالبن جي تمام وڏي جماعت حاضر رهندي هئي. اهڙيءَ طرح، علامه صاحب پنهنجي علمي فيض ۽ برڪت سان عالمن ۽ فاضلن جي هڪ وڏي، جماعت کي علم ۽ فيض جي آخري حد تائين پهچائي، صاحبِ ڪمال بڻايو. پاڻ اٽڪل سٺ ورهين تائين پنهنجن شاگردن کي علم جي زيور سان سينگاريندو رهيو آهي.
پروفيسر غلام مصطفىٰ شاهه هڪ وڏو مردم شناس ۽ علم جو پارکو انسان هو. هن علامه صاحب جي علميت ۽ ذهانت کان متاثر ٿي، 1953ع ۾ کيس سنڌ مسلم ڪاليج، ڪراچيءَ ۾ اسلامي ديني علمن جو ليڪچرار مقرر ڪرايو، جتي پڻ علامه صاحب پنهنجي علميت جا ڪافي جوهر ڏيکاريا. سيد غلام مصطفىٰ شاهه صاحب جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر ٿي آيو ته علامه صاحب کي سندس علمي، ادبي ۽ ديني خدمتن جي عيوض اعزازي پروفيسر جو منصب عطا ڪيائين ۽ کيس مختلف شعبن ۾ پي ايچ. ڊيءَ جو رهبر ۽ رهنما پڻ

مقرر ڪيو ويو. علامه صاحب پاڻ مڪمل طرح هڪ وڏي اداري جي حيثيت رکي ٿو. سندس رهبريءَ ۽ رهنمائيءَ هيٺ مختلف شعبن ۾ الڳ الڳ موضوعن تي ڪيترائي شاگرد پي ايچ. ڊي جي ڊگري حاصل ڪري چڪا آهن. سنڌ مسلم ڪاليج، ڪراچيءَ ۾ شاهه ولي الله جي فلسفي تي پاڻ نهايت مدلل انداز ۾ تقرير ڪندو هو. انهيءَ ئي عرصي ۾ سندس تصحيح ڪيل ڪتاب ”المتانته“ شايع ٿيو هو. علامه صاحب، فلسفي اسلام شاهه ولي الله جي ڪتاب ”حجته الله البالغته“ کان ڏاڍو متاثر رهيو آهي ۽ ان جي شرح مولانا عبيدالله سنڌيءَ کان حاصل ڪئي هيائين. علم حديث ۾ ’موطا امام مالڪ‘ کي وڏي ترجيح ڏيندو آهي ۽ پاڻ ان کان تمام گهڻو متاثر آهي.

علامه قاسمي صاحب 1963ع ۾ شاهه ولي الله اڪيڊمي، حيدرآباد ۾ ڊائريڪٽر مقرر ٿيو. انهيءَ اڪيڊميءَ جو پاڻ پهريون ڊائريڪٽر ۽ باني آهي. هن اڪيڊميءَ ۾ قاسمي صاحب چاليهارو ورهيه کن شاهه ولي الله محدث دهلويءَ جي فلسفي کي عام ڪرڻ ۾ پورا ڪيا ۽ ولي اللهي فلسفي کي سنڌ خواه پاڪستان ۾ ڦهلائڻ ۾ وڏي جدوجهد ڪئي. ازان سواءِ، هن شاهه ولي الله محدث دهلويءَ جي ڪيترن ئي قيمتي ڪتابن کي اڪيڊميءَ طرفان ڇپايو ۽ ڪيترن جا سنڌيءَ ۾ ترجما ڪرايا ۽ ڪيا. تازو، سنڌ جي اوقاف کاتي پاران علامه صاحب جي علمي ۽ ديني خدمتن جي عيوض کين تاحيات پينشن ڏني وئي آهي. اڪيڊميءَ جي گوناگون مصروفيتن باوجود، علامه صاحب اتي به پنهنجن شاگردن کي ديني علمن جو درس ڏيندا رهيا. علامه قاسمي صاحب شاهه ولي الله اڪيڊميءَ سان گڏ سنڌ جي قومي اداري، ”سنڌي ادبي بورڊ“ جو ٻارهن سالن تائين اعزازي چيئرمن ٿي رهيو. دراصل، اهو دؤر سنڌ لاءِ تمام ڪٺن دؤر هو. سرڪاري طور سنڌي ادبي بورڊ کي ختم ڪرڻ جون ڪوششون جاري هيون، پر علامه صاحب جي همت، جرئت ۽ بيباڪيءَ سبب سنڌي ادبي بورڊ سرڪاري عتاب کان بچي ويو ۽ سندس قيادت ۾ سنڌي ادبي بورڊ پنهنجي ڪتابن جو اشاعتي پروگرام برابر قائم رکيو.

علامه صاحب جيئن ته سنڌ جي مشهور ۽ قديم ”چانڊيي“ قبيلي مان آهي ۽ خانداني لحاظ کان سندس ٻولي بلوچڪي/ ٻروچڪي آهي، پر سنڌ ۾ گهڻي زماني کان رهڻ ڪري، سندس سچو قبيلو بلوچڪي/ ٻروچڪي سان توڙي سرائڪيءَ کان پري رهيو آهي. پاڻ هن دنيا ۾

ڇمڻ سان ئي پنهنجي منڍي امڙ جيجل جي گود ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لولي ٻڌائون ۽ ان ئي منڍي زبان کي پنهنجي سعادت سمجهيائون. ان لحاظ کان علامه صاحب کي سنڌي زبان سان جنون جي حد تائين پيار ۽ انس آهي. سنڌي زبان جي باري ۾، گهڻو وقت اڳ ملتان جي هڪ علمي مجلس ۾، پنهنجي صدارتي تقرير ۾ هيءُ رايو پيش ڪيو هئائين ته:

”درياء سنڌ سان گڏ جيترا به علائقا آهن، انهن ۾ ڳالهائي ويندڙ قديم زبان سنڌي آهي. جيڪو خطو اڄ پاڪستان سڏيو وڃي ٿو، اهو قديم دؤر ۾ سمورو سنڌ جي نالي سان سڏيو ويندو هو. مطلب ته انهن مان گهڻين زبانن ۾ محض لهجي جو اختلاف آهي. ڪن علائقن تي هنديءَ جو ته وري ڪٿي عربيءَ جو اثر پئجي ويو آهي. جيڪڏهن اڄ به ڪوشش ڪئي وڃي ته پنجابي، سنڌي، سرائڪي، پوٺوهاري ۽ هندڪو سڀ زبانون هڪ ٿي سگهن ٿيون. بلوچي، دراوڙي يا پشتو وغيره زبانن جي اهميت به پنهنجيءَ جاءِ تي آهي. ڪنهن به علائقي جي زبان سان بي انصافي ٿيڻ نه گهرجي.“

علامه صاحب جي مٿئين تقريري اقتباس مان اهو تاثر ملي ٿو ته ڪيس سنڌي زبان سان ڪيتري قدر پيار ۽ انس آهي، ۽ ساڳئي وقت سنڌي زبان جي قدامت ۽ حيثيت تي به پاڻ واضح نموني ۾ چانڻ ڏني اٿائين. سنڌي زبان سان بي انتها محبت جي باوجود، پاڪستان جي ٻين زبانن لاءِ به کيس وڏي عزت ۽ عقيدت آهي.

علامه صاحب، پاڪستان ۾ رائج اردو زبان متعلق، انهيءَ ساڳئي موقعي تي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي فرمائي ٿو ته:

”اردو جو مقام پنهنجي جاءِ تي مسلم آهي. اها وڏي زبان آهي. سڀ ئي ان جي حيثيت کي مڃين ٿا ۽ اسان جو گهڻو ديني سرمايو پڻ اردوءَ ۾ آهي. اردوءَ جا مخالف تمام گهٽ آهن، پر اردوءَ جي نالي سان ناجائز فائدو وٺڻ مناسب نه آهي. انهيءَ سان افتراق پيدا ٿئي ٿو، جهڙيءَ طرح مشرقي پاڪستان ۾ ٿيو.“

ان کان پوءِ، انهيءَ ساڳئي تقرير ۾، علامه صاحب سنڌي زبان جي باري ۾ هڪ اهم نقطو پيش ڪندي، حديث جي حوالي سان چوي ٿو ته:

”جيتري قدر سنڌي زبان جو تعلق آهي ته منهنجي خيال ۾ گهڻيون زبانون، جهڙوڪ: پنجابي، هندڪو وغيره کي ان ۾ شامل سمجهي

سگهجي ٿو. مسند احمد بن حنبل رضه ۾ هڪ روايت اچي ٿي ته حضور صلي الله عليه وسلم جن جي ڪنن مبارڪن تائين به سنڌي زبان پهتي هئي، جا ان جي قدامت جو هڪ اهم واضح دليل آهي.“
علامه قاسمي صاحب سنڌي زبان ۽ ادب جي باري ۾، پنهنجي دؤر متعلق ويچار ونڊيندي چوي ٿو ته:
”منهنجي ابتدائي زندگيءَ جي دؤر ۾، سنڌ اندر اردوءَ جو ايترو وهنوار ڪونه هو ۽ سنڌي ادب ان زماني ۾ وڏي عروج تي هو، جنهن ۾ اڪثر هندو وڏيڪ اڳرا هئا.“
علامه صاحب ان زماني ۾ لاڙڪاڻي ۾ وطن جي آزاديءَ واري تحريڪ جو صدر هو. ان وقت وٽس جيڪي سنڌي اخبارون ايندڙيون رهنديون هيون، تن جي مطالعي مان سنڌي ادب جو چڱيءَ ريت اڀياس ڪيائين. علامه صاحب جو رايو آهي ته:
”ان زماني جو سنڌي ادب، صوفي تحريڪ جو هڪ بهترين مثال چئي سگهجي ٿو. ان کان پوءِ، وقت گذرندي سنڌي ادب ۾ قوميت ۽ وطن جي آزاديءَ جي تحريڪ ۽ محبت جو عنصر سڀ کان وڏيڪ غالب رهيو ۽ ادب تي وقت جي حالتن مطابق ڪجهه اشتراڪيت جو به اثر رهيو آهي. هن وقت سنڌي ادب ٻين پاڪستاني زبانن جي ادب کان وڏيڪ عروج تي آهي.“
علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب ادب، ديني ۽ مذهبي، درس ۽ تدريس جي خدمتن سان گڏ، ملڪي سياست ۾ به ڪافي سرگرم رهيو آهي. پاڻ ”دارالفيض“ ڪـُـور سليمان جي مدرسي ۾ پڙهڻ دوران عملي طرح سياست ۾ قدم رکيائين. ان کان اڳ جڏهن اجا ننڍيءَ عمر جو هو، ته ميروخان جي مشهور مدرسي ۾ ئي سياست کان واقف ٿيو. هيءُ اِهو زمانو هو، جڏهن ترڪيءَ جي مسلمان خلافت کي شڪست آئي هئي. انهيءَ ڪري، برصغير جي مسلمانن ۾ انگريز سامراج خلاف نفرت پيدا ٿي ۽ سنڌ ۾ ترڪ خلافت کي قائم رکڻ لاءِ ”خلافت تحريڪ“ شروع ٿي. هر طرف کان انگريزن جي خلاف هڪ وڏو طوفان برپا ٿي ويو. سنڌ جي مسلمانن پنهنجن سياسي خيالن، جذبن ۽ امنگن کي انگريز سرڪار جي ڪنن تائين پهچائڻ لاءِ ترڪيءَ جي مسلمان خليفي، سلطان وحيد الدين جي نالي سنڌي زبان ۾ ”الوحيد“ اخبار جاري ڪئي. دراصل ، ”الوحيد“ سنڌ جي مسلمانن جو آواز هئي، جنهن نه صرف خلافت تحريڪ کي ڪامياب بنائڻ لاءِ نمايان

ڪردار ادا ڪيو، پر سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ واري تحريڪ ۾ به هن اخبار جو وڏو هٿ هو. انهيءَ دؤر جي انهن سياسي حالتن جو علامه قاسمي صاحب تي وڏو اثر پيو. پاڻ شاگرديءَ واري زماني ۾ ئي عملي طرح ملڪي ۽ قومي سياست ۾ حصو ورتائين ۽ اڄ ڏينهن تائين قوميت جو جذبو دل ۾ رکندو اچي ٿو. پاڻ خلافت تحريڪ جي سرگرم رڪن، پير تراب علي شاهه کان به گهڻو متاثر ٿيو. پير تراب علي شاهه پنهنجي وقت جو وڏو عالم، اديب ۽ وڏي سياسي بصيرت جو مالڪ هو. هن جي صحبت ۽ سياسي افڪار جو قاسمي صاحب تي وڏو اثر پيو. سنڌ ۾ مسلم ليگ جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ ۾، جڏهن مولانا صاحب 18-19 ورهيه جي عمر جو نوجوان هو، ته ان وقت وطن جي آزاديءَ واري تحريڪ جي جذبي هيٺ ڪانگريس ۾ شموليت اختيار ڪيائين ۽ تعلقي قمبر جو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو. ان وقت لاڙڪاڻي ضلعي جي ڪانگريس جو پريزيڊنٽ ، مشهور سماجي ڪارڪن ڪاڪو ڪوڏومل هو. لاڙڪاڻي جو مشهور شاعر، هوندراج ”دکايل“ پنهنجا آزاديءَ جا قومي گيت ڳاهي، سياسي جلسن ۾ سُريلي آواز سان پڙهندو هو ۽ اهڙيءَ طرح سان هو قومي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ روح ڦوڪيندو هو. اڳتي هلي، علامه صاحب لاڙڪاڻي ضلعي ڪانگريس پارٽيءَ جو وائيس پريزيڊنٽ منتخب ٿيو.

مولانا قاسمي صاحب وٽ ڪانگريس سان لاڳاپي ۽ پارٽيءَ جي معزز عهدي تي هئڻ ڪري، سنڌ جون اڪثر مشهور اخبارون ايندڙيون هيون. هفتيوار اخبار ”طوفان ميل“ ۽ ”الوحيد“ اخبار ۾ سندس مضمون ۽ ليک غلام مصطفىٰ بلوچ جي نالي سان پوندا هئا. اهڙيءَ طرح، پاڻ جوانيءَ ۾ آزاديءَ جي ويڙهه ۾ ڀرپور حصو ورتائين. علامه صاحب ڪانگريس کان سواءِ، ”جميعت العلماء هند“ جي سنڌ واريءَ شاخ جو سرگرم رڪن هو. ان وقت ”جميعت العلماء هند“ جا اڪثر مسلمان عالم ڪانگريس سان لاڳاپيل هئا.

جڏهن سنڌ جي ماڻهن بمبئيءَ کان علحدگيءَ جي تحريڪ هلائي، ته ان ۾ به علامه صاحب پنهنجو نمايان ڪردار ادا ڪيو. انهيءَ سلسلي ۾ اڳتي هلي جڏهن ”سنڌ آزاد“ پارٽي جو وجود عمل ۾ آيو، ته پاڻ سنڌ جي الڳ ٿيڻ تائين ان ۾ برابر حصو وٺندو رهيو. انهيءَ عرصي ۾ جڏهن فلسطين ۾ عربن جي مٿان مصيبتون آيون، ته سنڌ جي مسلمانن سخت رد عمل ظاهر ڪيو ۽ عربن جي مالي خواه اخلاقي مدد لاءِ

سنڌ ۾ ”فلسطين امداد ڪاميٽي“ وجود ۾ آئي. هن ڪاميٽيءَ ۾ مولانا صاحب حصو ورتو ۽ ”قنبر“ شهر جو انهيءَ ڪاميٽيءَ لاءِ ناظم مقرر ٿيو. 1939ع ۾ مولانا عبيدالله سنڌي جڏهن پنهنجي جلاوطنيءَ جو عرصو پورو ڪري سنڌ پهتو ۽ هُن ان وقت ”جمنا نربدا - سنڌ ساگر پارٽي“ ناهي ته مولانا قاسمي صاحب به ان ۾ شرڪت ڪئي ۽ وطن جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ۾ ڪافي سرگرم رهيو.
علامه قاسمي صاحب درس ۽ تدريس جي مشغلي سان گڏ، ڪيترن ادارن جي انتظامي مصروفيتن جي باوجود، تصنيف ۽ تاليف جو وڏو ڪم ڪيو آهي. پاڻ ڪيترن ئي ڪتابن جو مرتب، مؤلف، مصنف ۽ ناشر رهيو آهي. علامه صاحب پنهنجي سموريءَ حياتيءَ ۾ جيڪي به ڪتاب تصنيف ۽ تاليف ڪيا آهن، اهي پنهنجي فن جي لحاظ کان بلند مقام رکن ٿا. پاڻ هميشه اجائي مذهبي بحث مباحثي کان پري رهيو آهي ۽ پنهنجي اعلٰي دماغ ۽ قلم کي صرف علم ادب، تفسير، تواريخ، سوانح نگاري ۽ علم لغت تائين محدود رکيو آهي.
پاڻ ڪيترن ڪتابن جو مؤلف ۽ مصنف آهي، جن جو وچور سندس سوانح نگارن وقت به وقت پنهنجن مضمونن ۾ پئي ڏنو آهي. اهي ڪتاب پنهنجي جاءِ تي وڏا قيمتي ۽ علم جا پنڊار آهن، جن تي وڏي تحقيق ۽ ڪم جي ضرورت آهي.
ان کان سواءِ، علامه قاسمي صاحب صحافت ۾ به وڏو مقام رکي ٿو. شاهه ولي الله اڪيڊمي، حيدرآباد جو ڊائريڪٽر مقرر ٿيڻ بعد، اڪيڊميءَ طرفان ٽماهي سنڌي رسالو ”الرحيم“ ۽ اردو رسالو ”الولي“ جاري ڪيائين. بعد ۾ اهي ٻئي رسالا ماهوار ٿي نڪرندا رهيا. انهن رسالن ذريعي مولانا صاحب سنڌ جي ديني ادب ۽ سنڌي قوم جي وڏي خدمت سرانجام ڏني آهي. اهو سندس تبحر علميءَ جو لازوال مثال آهي. علامه صاحب انهن رسالن جي ذريعي شاهه ولي الله جي فڪر ۽ نظريي کي سنڌ ۾ عام ڪرڻ ۽ ان کي سمجهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، ۽ ساڳئي وقت ديني ادب، تواريخ، تهذيبي، تمدني ۽ سياسي مسئلن کي عام ڪرڻ ۾ اڻ ٿڪ ڪوشش ورتي. پاڻ هڪ سڌارڪ ۽ مصلح جي حيثيت ۾ سنڌ جي عوام لاءِ وسان ڪين گهٽايو آهي. ان مان سندس سنڌي زبان سان محبت ۽ حب الوطنيءَ جو بي مثال ثبوت ملي ٿو. خاص طرح، ”الرحيم“ (سنڌي) رسالي جا ايڊيٽوريل نوٽ، جيڪي پاڻ ”عرض حال“ جي عنوان سان لکيا اٿائين،

پڙهڻ ۽ دل سان هنڊائڻ لائق آهن. علامه صاحب، انهن ڪالمن ۾ وقت جي سياسي حالتن، جابر حاڪمن ۽ سنڌ سان ٿيندڙ ناانصافين تان پردو کنيو آهي. ان مان اهو بخوبي واضح ٿئي ٿو ته علامه صاحب صحافت جي فن ۾ به ڪافي دسترس رکندڙ آهي.

علامه قاسمي صاحب کي سنڌ جي صوفين جي سرتاج، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام سان به وڏي رغبت رهي آهي. پاڻ علمي ۽ ادبي محفلن ۾ شاهه صاحب جي ڪيترن مڻيادار بيتن کي موقعي ۽ مهل مطابق پيش ڪندو رهندو آهي. شاهه صاحب تي ڪيترائي قيمتي مقالا ۽ مضمون لکيا اٿائين. "شاهه جي رسالي" کي مرتب ڪرڻ ۽ لفظن جي معنيٰ ۽ شرح لکڻ جو به کين شرف حاصل آهي. اهڙيءَ طرح علامه قاسمي صاحب جي شخصيت هڪ "همه گير علميت" جو درجو رکي ٿي. سندس شخصيت ۽ وجود مسعود هن دؤر ۾ وڏي نعمت آهي ۽ پاڻ ويهين صديءَ جي پوري تواريخ جو اهم عالم آهي.

علامه قاسمي صاحب 15- شوال المڪرم 1324هه/ 19- ڊسمبر 2003ع تي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. (مقالات خانائي تان ورتل)

## مخدوم غلام عمر صديقي

خير محمد برڙو

سيوهڻ شهر جي اها خوش بختي آهي، جو هتي ڪيتريون ئي نامور شخصيتون پيدا ٿيون آهن. جن پنهنجي پنهنجي شعبي ۾ ميدان ۾ وڏيون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. اهڙيون شخصيتون سنڌ هند ۽ ان کان ٻاهر به پنهنجي ديني، علمي، ادبي ۽ سماجي و سياسي خدمتن ۾ نالو پيدا ڪيو آهي. اهڙين ئي انمول هستين ۾ علامه حافظ قادري مخدوم غلام عمر صديقي بن حڪيم مخدوم نصير الدين صديقي به هڪ آهي.

مخدوم غلام عمر صاحب سن 1914ع سيوهڻ ۾ پيدا ٿيا. پاڻ ڪرنل بدرالدين صديقي سان گڏ مولوي مخدوم محمد معين الدين صديقي کان عربي ۽ فارسي ۾ ابتدا تعليم حاصل ڪيائون. انگريزي تعليم پنهنجي ناني علامه مخدوم بصرالدين صديقي کان حاصل ڪيائون. ان سان گڏ سنڌي تعليم به حاصل ڪندا رهيا. ان کان پوءِ شمس العماءُ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي صاحب جي استادي ۽ نگراني ۾ سنڌ مدرسي ۾ داخل ٿيا. جتان بمبئي يونيورسٽي مان عربي سبجيڪٽ

سان گڏ مئترڪ جو امتحان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائون. ان ڪانپوءِ بي اِي جو امتحان به امتيازي حيثيت ۾ سن 1936ع ۾ اين اِي ڊي ڪاليج ڪراچي مان (جيڪو ان زماني ۾ پاڻ بمبئي يونيورسٽي سان الحاق ۾ هو) پاس ڪيائون. ان وقت جي استادن ۾ پروفيسر بوٽاڻي ۽ ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي جي گهڻي تعريف ڪندا هئا.
پاڻ طالب علمي دوران علامه آءِ آءِ قاضي صاحب جي صحبت ۾ به رهيا. ان زماني ۾ علامه آءِ آءِ قاضي صاحب هر جمعه تي مسلم هاسٽل ۾ واعظ ڪندا هئا.
مخدوم صاحب به پابندي سان اهو واعظ ٻڌڻ ويندا هئا. ان دوران علامه صاحب سان علمي ۽ ديني بحث به ٿيندو هو.
تعليم دوران همعصر شخصيتن ۾ ڪن جا نالا هن طرح سان آهن. ڊاڪٽر محمد صالح قريشي صاحب سابق وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي، انجنيئر اي آر آخوند صاحب سابق چيئرمين پاڪستان ريلوي ۽ وائيس چانسيلر اين اي ڊي يونيورسٽي ڪراچي، مسٽر سيلمان لاڙڪ چيف انجنيئر پي ڊبليو ڊي، غلام محمد ميمڻ صاحب پانن وارو ۽ محمد هاشم ميمڻ صاحب چيف انجنيئر اريگيشن وغيره.
مخدوم صاحب بي اِي ڪرڻ بعد سرڪاري نوڪري ۾ داخل ٿيا ۽ لو ڪل بورڊ ۾ سول انجنيئر مقرر ٿيا. سندن ذهانت ۽ ايمانداري جي ڪان متاثر ٿي سنڌ جي سابق وزير اعلىٰ قاضي فضل الله کيس لا ڙڪاڻي جي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ۾ وٺي آيا. پاڻ حيدرآباد، دادو، ميرپورخاص، ٿرپارڪر وغيره ۾ به نوڪري ڪيائون ۽ هر هنڌ ايمانداري ۾ اورچائي سان خدمتون سرانجام ڏنائون.
جڏهن مخدوم صاحب دادو ۾ هئا ته سندن هڪ واقعو پروفيسر فتح الله صديقي صاحب بيان ڪندي چيو ته شايد 1960ع جو زمانو هو. دادو لوڪل بورڊ ڊي ايل بي واري سيوهڻ جي انگريزي اسڪول ۾ پڙهندا هئاسين. ان وقت اسڪول ۾ فقط پنج درجا پڙهائبا هئا. باقي ڇهون ۽ ستون درجو دادو يا پانن ۾ پڙهڻو پوندو هو. اهڙي طرح سان مئترڪ ٿيندي هئي. ان وقت سيوهڻ اسڪول جو هيڊ ماستر سائين احمد علي قريشي صاحب هو. ان وقت اسان انگريزي جا پنج درجا پاس ڪيا هئا. اڳتي پڙهڻ لاءِ منهنجي پياس ته ڪاڏي وڃون. چا ڪاڻ جو شاگردن جي اڪثريت غريب هئي. دادو وڃڻ پڙهائي ۽ رهائش وغيره جو خرچ ڪير به برداشت نه پئي ڪري سگهيو. اها حالت ڏسي

سائين احمد علي قريشي صلاح ڏني ته وچي مخدوم غلام عمر صاحب سان ملاقات ڪيو.

پاڻ شايد ان وقت دادو لو ڪل بورڊ ۾ چيف آفيسر جي چارج به سنڀاليندو هو. بحرحال منهنجو مائٽ هجڻ جي ناتي سائين احمد علي قريشي سان ملاقات شاگردن جي وفد جو اڳواڻ مون کي مقرر ڪيو ويو. اتفاق انهن ڏيهن ۾ مخدوم صاحب به سيوهڻ آيل هئا. سو شام جو وچي سندن پراڻي ۽ اصلي گهر ۾ ملياسين. پاڻ به ٿي منٺ سوچ ۾ پئجي ويا. ڏاڪڻ تي بيهي فرمايون ته هتي سيوهڻ اسڪول ۾ وچي چهين درجي ۾ پڙهو انشاءالله هاءِ اسڪول ٿي ويندو. اها ڳالهه ٻڌي اسان ڏاڍا خوش ٿياسين. اهڙي طرح سندن مهرباني سان سيوهڻ ۾ هاءِ اسڪول ٿي ويو. سيوهڻ جو اهو اسڪول پوءِ گورنمينٽ کنيو، حيدرآباد بورڊ به قائم ٿي ويو. اهڙي طرح گورنمينٽ هاءِ اسڪول جو پهريون هيڊ ماستر سائين عبدالخالق صاحب منگي مقرر ٿيو.

مخدوم صاحب ذهانت، ايمانداري ۽ پنهنجي پيشي سان دلي لڳاءُ سبب سڄي سنڌ ۾ مشهور هئا. ان ڪري آخر ۾ ڊاڪٽر محمد صالح قريشي وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي جي خاص چوڻ تي پاڻ سنڌ يونيورسٽي جو پهريون پراجيڪٽ ڊائريڪٽر ٿيڻ قبول ڪيائون. اهو مخدوم جي محنت، ايمانداري ۽ اورچائي جو نتيجو هو جو اڄ اسين سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ خوبصورت هاسٽلون، بنگلا آفسيون ۽ لئبريريون ڏسي رهيا آهيون.

سنڌ يونيورسٽي جي پراجيڪٽ ڊائريڪٽر جي عهدن دروان اتي جيڪي وائيس چانسلر ٿي گذريا هئا تن مان ڊاڪٽر محمد صالح قريشي صاحب، حسن علي عبدالرحمن صاحب، سيد غلام مصطفىٰ شاهه صاحب ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان صاحب بلوچ قابل ذڪر آهن.

مخدوم صاحب جا ڪيترائي دوست هئا جن مان ڪن جا نالا هن طرح سان آهن. محترم حيدربخش جتوئي، خان صاحب حاجي ڪمال الدين عباسي، محترم جي ايم سيد، محترم علي محمد راشدي، سيد ميران محمد شاهه، سابق اسپيڪر سنڌ اسيمبلي، محترم قاضي محمد اڪبر، محترم قاضي عبدالمجيد عابد، حاجي خير محمد پرڳڙي، رئيس حاجي محمد اسحاق پرڳڙي ۽ رئيس علڻ خان لغاري وغيره. پنهنجي پاڙي ۾ حڪيم مخدوم محمد مراد صديقي سان گهڻو پيار هوندو هئن.

شام جو ان جي دواخاني تي ڏاڍي دلچسپ ديني ۽ علمي ڪچهريون ٿينديون هيون. مخدوم صاحب وڏو عالم هو. پاڻ قرآن شريف جو حافظ هو. ديني علمن جو وڏو ڄاڻو هو. ڪيس عربي، فارسي، انگريزي، اردو ۽ سنڌي تي عبور حاصل هو. ان ڪانسواءِ هندي، سنسڪرت ۽ جرمن ٻولين به ڇڱي طرح سان ڄاڻندو هو. ڪيس انگريزي ادب، تاريخ، تصوف ۽ فلسفي جي تمام سٺي ڄاڻ هوندي هئي. مذهبي رواداري جو خاص خيال رکندو هو. فرقي پرستي کان پاسو ڪندو هو. پاڻ امام خميني کان ڪافي متاثر ٿيل هو. ان کي اسلامي عالم سمجهندو هو. پاڻ ايراني انقلاب جيڪو امام خميني آندو هو ان کي گهڻو ساراهيندو هو.

مخدوم صاحب شاگردي واري زماني ۾ خلافت تحريڪ ۽ پاڪستان تحريڪ ۾ به حصو ورتو هو. 1971ع ۾ اوپر پاڪستان ٽٽڻ تي روئي ڏنو هئائين. مرحوم شهيد پٽي جي ڦاسي تي به روئي ڏنوهئائين.

سيوهڻ جي هن عظيم ۽ همه گير شخصيت 2 سينپٽمبر 1983ع تي مسجد ۾ اوچتو عصر نماز جي وقت دل جو دؤرو پوڻ سبب وفات ڪئي. ان وقت راقم الحروف ساڻن گڏ بيٺل هو. ڪيس تي پٽ ۽ هڪ نياڻي جو اولاد آهي. جن مان وڏو پٽ انجنيئر عبدالحليم صديقي انتقال ڪري چڪو آهي.

باقي پروفيسر عبدالعظيم صديقي ۽ ڊاڪٽر معين الدين صديقي حال حيات آهن. عبدالعظيم اين اِي ڊي يونيورسٽي ۾ پروفيسر آهي ۽ ڊاڪٽر معين الدين تعلقه هاسپيٽل سيوهڻ ۾ ايم ايس آهي.

نوٽ:

هن احوال جو ڳچ حصو سندن لائق پٽ پروفيسر عبدالعظيم صديقي چيئرمين ڪمپيوٽر سسٽم اين اِي ڊي يونيورسٽي ڪراچي کان حاصل ڪيو آهي.

Posted by wahabsahito at 10:08 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## مخدوم بصرالدين صديقي - خير محمد ٻرڙو

# مخدوم بصرالدين صديقي

خير محمد ٻرڙو

مخدوم بصرالدين صديقي سيوهاڻي وڏو عالم، درويش بزرگ ۽ حاذق حڪيم هو. سندس حسب نسب، حضرت ابوبڪر صديق رضه سان وڃي ملي ٿو. پاڻ محمد بن ابوبڪر جي پشت مان آهن. مخدوم صاحب جو اصل نالو ”رڪن الدين“ ۽ والد صاحب جو نالو مخدوم محمد بن مخدوم محمد صديقي هو. سندس وڏو ڏاڏو مخدوم محمد حسن صديقي قاري (وفات 1220هه مطابق 1805ع) پنهنجي وقت جو عارف، فاضل ۽ ڪامل بزرگ هو. هن خاندان مان ڪافي عالم متقي، مغل بادشاهن جي طرفان ”قاضي القضات“ جي اعلىٰ درجي تي فائز هئا. جيڪي شرعي ۽ فقهي مسئلن بابت فتوىٰ جاري ڪندا هئا. انهيءَ ڪري ”قاضي“ سڏجڻ لڳا. ڪلهوڙن، ٽالپرن ۽ انگريزن جي دور ۾ پڻ وڏن اهڙا عهدا هئا. سندن تقرر ناما مخدوم خاندان وٽ محفوظ آهن.

مخدوم بصرالدين جي ولادت 29 رمضان المبارڪ سن 1282هه بمطابق 17 سيپٽمبر 1863ع تي سيوهڻ شهر ضلعي دادو ۾ پنهنجي مامي خليفي حڪيم غلام محي الدين عباسيءَ جي گهر ۾ ٿي. ان ريت مولانا حڪيم فتح محمد صغير سيوهاڻي (1882ع -1942ع) سندس ماروٽ هو. مخدوم صاحب ابتدائي فارسي، عربي ۽ ديني تعليم سيوهڻ ۾ ڏاڏي کان ورتي. وڌيڪ تعليم پنهنجي سؤٽ مخدوم عالم حاجي حسن الله صديقي پاٽائي (1850-1920ع/ 1339 ھ) کان ورتائين. مخدوم حسن الله، جيد عالم هو. هن بزرگ جي سڄي زندگي، درس و تدريس ۽ فتوىٰ نويسيءَ ۾ گذري. وٽانئس هيٺين نامور علامن فيض حاصل ڪيو ۽ فارغ التحصيل ٿيا.

مولوي محمد صديق سيتائي، مخدوم محمد دائود دربيلائي، مولوي خير محمد جوڻيجو، مخدوم بصرالدين سيوهاڻي، مخدوم معين الدين سيوهاڻي، مولانا ابوالفيض غلام عمر جتوئي، مولوي سيد شهاب الدين هالائي ۽ پيرزادو غلام مجدد متعلوي.

مخدوم بصر الدين صاحب جو والد، ڪراچيءَ ۾ سرڪاري نوڪريءَ ۾ هو. جنهن پنهنجي فرزند کي انگريزي تعليم ڏيارڻ خاطر، سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ ۾ داخل ڪرايو. جتان مخدوم صاحب قانون جي سند اعلىٰ اعزاز سان حاصل ڪئي. ان بعد سندس والد کيس ڪراچيءَ ۾ سرڪاري نوڪري وٺرائي ڏني. مخدوم صاحب آزاد طبيعت وارو هو. جنهن ڪري سندس طبيعت سرڪاري نوڪريءَ سان نه لڳي.

ڪجهه عرصي بعد نوڪري ڇڏي، سيوهڻ ۾ اچي ياد الاهي ڪي پنهنجو اصل مقصد بنائي، گوشه نشيني اختيار ڪيائين.
مخدوم صاحب ڄاڻو ۽ ماهر حڪيم پڻ هو. سندس ڏاڏا ڻا ۽ نانا ڻا، پشت به پشت حڪيم هئا. سندس وڏي ڏاڏي حڪيم مخدوم محمد حسن قاري حڪمت تي هڪ املهه ڪتاب ”سديدي“ لکيو هو. جنهن ۾ نهايت مجرب ۽ آزمايل نسخا لکيل هئا. انهن ناياب نسخن، مخدوم صاحب جي ڄاڻ ڪي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. ان کان علاوه سندس خاندان جا لکيل ڪامياب نسخا ڪيس ورثي ۾ مليل هئا. جن جي آڌار تي پاڻ مريضن جو علاج تسليءَ سان ڪندا هئا. جنهن ڪري ڪيترا مايوس ۽ لاعلاج مريض سندس علاج سان شفاياب ٿيندا هئا. سندس درويشيءَ ۽ بزرگيءَ وارن خيالن، طبي علاج کي ڪرامت جهڙو بنائي ڇڏيو. ويتر زمرد اخضر، طب اڪبر ۽ مفردات سودي جهڙن مجرب ڪامياب طبي نسخن ذريعي لا علاج مريضن جي شفاياب ٿيڻ، سندس نالو روشن ڪري ڇڏيو.
ڪوڙهه (بگ)، گڙدي جي سور ۽ نانگ جي ڏنگ جو وتس هڪ تڪ ۽ اڪسير علاج هو. گردي جي سور لاءِ سنا 3 تولا، سنڍ 2 ماسا ۽ وڏق هڪ تولو ڦڪي ٺاهي، رات جو سمهڻ مهل کير يا پاڻيءَ سان استعمال ڪرڻ سان گردي جو سور هميشه لاءِ ختم ٿي ويندو هو. کين لاڙڪاڻي، شڪارپور ۽ جيڪب آباد جا چڱا مڙس دعا ۽ علاج لاءِ وٺي ويندا هئا.
مخدوم صاحب روحانيت جو صاحب هو ۽ پڻ تاريخ، سياست، تصوف، تفسير، علم جفر، علم ابجد، علم نجوم، سيميا، ڪيميا، فلسفي ۽ ديني علم جي وڏي ڄاڻ رکندڙ هو. پاڻ هميشه مطالعي هيٺ آيل ڪتابن جي حاشين ۽ صفحن تي پنهنجي طرفان ڪاري مس سان عربيءَ ۾ هدايت ناما ۽ سمجهاڻيون لکندا هئا. اهڙا ڪتاب اڄ به حڪيم مخدوم محمد مراد صديقيءَ جي لائبريري ۾ موجود آهن. مثال طور ابن سينا جو لکيل ڪتاب القانون عربي الجزء الاول، الثاني ۽ الثالث تي مخدوم صاحب جا لکيل هٿ اکر اڄ به چمڪي رهيا آهن. ايئن لڳندو آهي ڄڻ تازو لکيل آهن. سندس انهن هٿ اکرن جو ءِ ڪس سنڌي ادبي بورڊ پنهنجي رسالي مهراڻ، شايد 1990ع جي ڪنهن نمبر، ۾ شايع ڪيو آهي.

مخدوم صاحب عربيءَ ۾ به ڪيترا ئي ڪتاب لکيا، جن مان ”البصائر“ نالي ڪتاب نهايت مشهور آهي. جنهن ۾ ڪيترن ئي ديني ۽ دنوي مسئلن تي نظريا پيش ڪيا اٿن. پاڻ چوندا هئا ته؛ نبي سڳورن جي اتباع کان سواءِ حياتيءَ جو حقيقي مقصد ماڻي نه ٿو سگهجي. پاڻ حضور ﷺ جن جي شان ۾ ڪافي شعر چيائون. نموني خاطر هڪ بند هيٺ لکجي ٿو:

مٺو محمد مرسل، معراج ٿيس مان،
رب مليس روبرو، پيو نه ڪنهن جو شان،
ڪيڪاريو خوشي مان، کيس مالڪ مهربان،
ٿيون ڳجهه اندر ڳالهيون، ڪل پئي ڪنهن کان،
دان گهران ٿو تون دان ڏي، دان تو ئي دان،
ٿيو احمد تي احسان، ڪري ڪهڙو بصرالدين بيان.

شاهه جو رسالو کين گهڻي ڀاڱي ياد هوندو هو. تنهن کان سواءِ شيڪسپيئر جي شاعري به کين ياد هوندي هئي.

مخدوم صاحب، دين جي مڪمل ڄاڻ رکندڙ هو. ياد داشت ۽ حافظو تمام قوي ۽ تيز هو، جيڪا به ڳالهه يا واقعو سندن نظر مان گذرندو هو ته هميشه لاءِ ياد ٿي ويندو هو. آخري عمر تائين به ڪتابن جا نالا، صفحا، قصا ۽ ليکڪ کين ياد هوندا هئا. حيرت تي ٿئي ته سندس سينو ڪيڏو نه ڪشادو هو. سچ پچ ته اها کيس رب تعالىٰ جي طرفان ڏات مليل هئي. درويش، طبيعت جو مانيٺو، پرهيزگار، خليق، نيڪ نيت، خدا ترس، خوش مزاج، سخي ۽ سچار هو. گهڻو ڪري اٿين پهر کاڌو کائيندو هو. اڪيلائي، پسند ڪندو هو ۽ جهيڙو ڳالهائيندو هو. اڪثر ڪري ذڪر فڪر ۽ عبادت ۾ رهندو هو. سادي ۽ اڇي رنگ جي پوشاڪ پائيندوهو. وڏو پٽڪو ٻڌندو هو ۽ هٿ ۾ ڏگهي لٺ کڻندو هو. قد وچولو، منهن سونهارو ۽ ڀهڪندڙ، رنگ ڪڻڪائون، سونهاري مٺ برابر، ڪاري ۽ سفيد هوندي هئس. راقم جو والد صاحب مرحوم حبيب الله ٻرڙو ٻڌائيندو هو ته؛ پوئين عمر ۾ مجذوبانه ڪيفيت طاري ٿيڻ سان عجيب غريب ۽ حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهيون ڪندو هو. مسلمان ۽ هندو، سندس ڳالهيون ٻڌڻ ايندا هئا ۽ دعائون گهرائيندا هئا. هڪ ملاقاتيءَ کي چيائين ته؛ ”مون هڪ پيري خواب ۾ بهشت ڏٺو آهي. اتي ڏاڙهون پتي کاڌم، اهڙو ته لذيذ هو جو ڪيئي ورهيه مون کي اڄ ڪا نه لڳندي هئي.“ هڪ پيري مجذوبانه انداز ۾ حاضرين کي چيائين ته؛ ”مون هڪ اهڙي دوا

تيار ڪئي آهي، جنهن جي ڪاڻ سان حياتي ڏکهي ٿي وڃي ٿي پر اهو ڏپ اٿم ته ايئن ڪرڻ سان ماڻهن مان موت جو خوف لهي ويندو ۽ گهڻو وقت زنده رهڻ ڪري ڏک ڏاڪڙا به وڏيڪ ڏسڻا پوندن، بيروزگاري به وڌي ويندي. تنهنڪري مون اها دوا پاڻ وٽي درياهه ۾ اڇلائي ڇڏي ۽ نسخو به ضايع ڪري ڇڏيم، آخر الله جو خوف به سر تي سوار آهي.“
هڪ پيري پاڻ فجر جي نماز کان پوءِ لعل شهباز تي فاتحه لاءِ پئي ويو ته هڪ سونو ٽڪر هٿ آيس جو ڪ ٺي کيسي ۾ وڌائين. زيارت ڪري واپس ٿيو ته اهو سونو زيور آڻي ساڳي جاءِ تي رکي ڇڏيائين، جتان لڌو هئائين ۽ چيائين ته ان ۾ ڪيترن ته يتيمن جا به حصا هوندا. جيتوڻيڪ آئون سيدن کان به وڌيڪ غريب ۽ مستحق آهيان پر ڪنهن غريب جو سون کائي ڪيترو زنده رهندس.
مخدوم صاحب جي دعا اگهامندي هئي ۽ پاڻ ڪرامت وارو هو. جنهن ڪري پري پري کان سائل ۽ مريض وٽس دعا ۽ دوا وٺڻ ۽ علمي گفتگو ٻڌڻ ايندا هئا. اهڙن عقيدتمندن ۾ مولانا عبدالغفور مفتون همايوني، مولانا سيد تاج محمود امروٽي، مفتي غلام عمر جتوئي، مولوي غلام احمد ملڪاڻي، مير علي نواز علوي، محمد عثمان چاڪي، ميان جان محمد فدا عباسي ٻورڙائي، جناب جي ايم سيد، خانبهادر محمد ايوب کهڙو، خانبهادر حاجي امير علي خان لاهوري، نواب غيبي خان چانڊيو، خان بهادر يار محمد جوڻيجو، محبت خان گولو، مولانا عبدالڪريم ڪورائي، حاجي مولا بخش سومرو(شڪارپور) وغيره شامل هئا. اڄ به انهن جا پونئير سيوهڻ ۾ پڇا ڪري، سندس قبر تي وڃي دعائون گهرن ٿا. جن مان سومرا خاندان جا فرد نهايت مشهور آهن.
1924ع ۾ برسات نه پوڻ ڪري سخت ڏڪار پيو. فصل تباهه ٿي ويا هئا ۽ مال مري رهيو هو. مخدوم صاحب لاڙڪاڻي آيل هو. باران نماز لاءِ شهر ۽ آسپاس جا ماڻهو ۽ چوپايو مال اچي گڏ ٿيو. (هاڻوڪي چانڊڪا اسپتال وٽ استسقاءَ نماز لاءِ ڪيترا ئي عالم ڪٺا ٿيل هئا) نماز مولانا سيد تاج محمود امروٽي (آزاديءَ جي امام) ڪي پڙهائڻي هئي. امروٽي صاحب اٿي وڃي مخدوم بصرالدين کي نماز پڙهائڻ لاءِ چيو. مخدوم صاحب سادو ۽ ٻني اگهاڙو هو. ماڻهو کيس ڏسي وائڙا ٿي ويا ته ڇا هي درويش، امروٽي صاحب کان به وڌيڪ الله وارو آهي.
مخدوم صاحب مصلي تي بيهي پٺتي نهاريو ته کيس پهرين صف ۾ وڏا وڏا ماڻهو، جهڙوڪ محمد ايوب کهڙو، خانبهادر حاجي امير علي، نواب

غيبي خان چانڊيو، خانبهادر يار محمد جوڻيجو ۽ وڏا عملدار بيٺل نظر آيا. پاڻ مصلي تان هٿي چيائين ته؛ اميرن کي پوئين صف ۾ غريبن کي پهرين صف ۾ بيهاريو وڃي. ڇاڪاڻ ته الله تعالىٰ ي غريبن، يتيمن، پوڙهن ۽ ٻارن جي دانهن جلدي ٻڌندو. سندس صلاح تي وڏا ماڻهو پوئين صف ۾ هليا ويا ۽ غريب، محتاج، اپوجهه، يتيم، پوڙها ۽ جڏا پهرين صف ۾ اچي بيٺا. مخدوم صاحب استسقاءَ نماز پڙهائي ۽ دعا گهريائين ته اچي مينهن لٿو ۽ لاڳيتو چار ڏينهن وسندو رهيو.

هڪ ٻي روايت موجب 1935ع ۾ مخدوم صاحب، نواب غيبي خان چانڊيو جو مهمان ٿي لاڙڪاڻي آيل هو. سخت ڏڪار هو، باران نماز لاءِ نمازي گڏ ٿيل هئا. نماز مولوي احمد عرف مولوي نوڙهو پڙهائي ۽ دعا مخدوم صاحب گهري. دعا گهرڻ سان مينهن اچي ڪڙڪيو. ڇوڏاري پاڻيءَ جا تلاءُ ٿي ويا.

مخدوم صاحب جا ڪيترا ئي طبي ۽ ديني تعليم جا شاگرد هئا، جيڪي ڪانئس مستفيض ٿي وڏا نالي وارا ٿيا. انهن مان سندس ڏوهٽو حڪيم مخدوم محمد حسن ولد حڪيم مخدوم محمد نصير الدين صديقي وڏي نالي وارو حڪيم ۽ عالم هو، (وفات 1956ع)، جنهن جو دوا خانو اڄ به دارالشفاءِ مفيد عام سيوهڻ جي نالي سان عوام الناس جي خدمت ڪري رهيو آهي ۽ ان جون ڏهه شاخون ملڪ جي ڌار ڌار شهرن ۾ هلندڙ آهن.

مخدوم صاحب جي زندگيءَ جو آخري وقت مجذوبيءَ ۾ گذريو. ڪيس سيني ۾ هڪ قرڙي نڪتي، ان جي علاج لاءِ سندس معتقدن وڏا وس ڪيا پر جواب ۾ چوندو هو ته؛ قرڙيءَ جي سور ڪري الله تعالىٰ ي کي هر وقت ياد ڪيان ٿو. قرڙي ڇٽي وڃڻ ڪانپوءِ متان ياد ڪرڻ ۾ غفلت ٿي وڃي. ان ڪري مون کي علاج جي ڪا ضرورت ڪانهي. مخدوم صاحب بلڪل اڪيلائيءَ ۾ هڪ ڇپل ڪٽ تي ويٺو هوندو هو ۽ رياضت الاهي ۾ مشغول هوندو هو.

هي قطب الزمان، باعمل عالم، فاضل بزرگ، حڪيم سلف، صالحين جو صالح جاءِ نشين، پرهيزگار، خليق، خوش مزاج، سخي، سچار، ايماندار، نيڪ نيت ۽ خدا ترس 75 ورهين جي ڄمار ۾ اڱاري جي آڌي رات 8 ذوالقعد سن 1356هه بمطابق 11 جنوري 1938ع قاضي محله سيوهڻ ۾ وفات ڪري ويو. سندس تربت اباڻي قبرستان (لڳ

ڇت امراڻي) سيوهڻ ۾ آهي. جتي سندس معتقد فاتحه ۽ دعا لاءِ ايندا رهن ٿا.

Posted by wahabsahito at 10:05 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## مولانا عبدالڪريم لغاري - محمد اشرف لغاري

# مولانا عبدالڪريم لغاري

محمد اشرف لغاري

تاريخ ۾ ڪي شخصيتون اهڙيون هونديون آهن جيڪي پنهنجي عظيم ڪارنامن جي ڪري هميشه امر ٿي وينديون آهن. انهن مهان شخصيتن مان حضرت مولانا عبدالڪريم لغاري رح به هڪ هئا.

حضرت مولانا عبدالڪريم لغاري، سنڌ جو صاحب تقوٰي بزرگ، نالي وارو محقق ۽ تاريخدان ٿي گذريو آهي.

هي سنڌ جو عظيم شاعر ۽ اديب 12 مارچ 1915ع ۾ ٽنڊوالهيار جي هڪ ڳوٺ ڳاڙهو صدر ۾ پيدا ٿيو.

سائين پنهنجي علمي سفر جي شروعات پنهنجي ڳوٺ وٽان ڪئي. وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي جيد ۽ برک عالمن جو رخ ڪيائين. جهڙوڪ مولانا نوح خاصخيلي، شيخ السنڌ مولانا عبدالحق رباني، حضرت مولانا محمد عثمان قراني رح، بعد ۾ علم جي تڪميل لاءِ برصغير جي عظيم اسلامي يونيورسٽي دارالعلوم ديو بند (انڊيا) ويا. اتي ٽي سال رهي واپس پنهنجي وطن موٽيا.

حقيقت ۾ سندس شخصيت دارالعلوم ديوبند ۾ نکري. ان دور ۾ برصغير تي انگريزن جو راڄ هو. آزاديءَ جون تحريڪون عروج تي هيون. دارالعلوم ديوبند آزادي پسندن لاءِ هڪ فيڪٽري جو ڪم ڏئي رهي هئي. جتي سياسي طور تي آزاديءَ جو امام مولانا عبيدالله سنڌي جن جي تربيت جاري هئي.

ان سان گڏ مولانا حسين احمد مدني رح جيڪي پنهنجي شاگردن کي علمي، سياسي ۽ روحاني طور تي تيار ڪري رهيا هئا. حضرت مولانا حسين احمد مدني پنهنجي علم سان هي ڳالهه سمجهائي ته هن درسگاهه مان فراغت بعد توهان کي هڪ مسجد يا هڪ تنگ سوچ تائين محدود ناهي رهڻو. ملڪ ۾ اوهان کي معاشرتي طور تي هڪ

فعال ۽ خدمت خلق جي جذبي سان سرشار شهريءَ جو ڪردار ادا ڪرڻو آهي.
سچ پچ حضرت مولانا عبدالڪريم دارالعلوم مان فارغ ٿيندي ئي مسڻ جهڙي تمام پوئتي پيل علائقي ۾ محنت جو ميدان بنايو، جتي پوري علائقي ۾ تعليم جو ادارو نه هو.
پاڻ فارغ ٿيڻ شرط، پهرين پنهنجي هڪ سؤت مولانا محمد اسماعيل لغاري جي قائم ڪيل مدرسي ۾ معلمي جا فرائض سرانجام ڏنائون.
بعد ۾ مستقبل جي حالات کي مدنظر رکندي، هڪ پرائمري اسڪول ملا مڪتب جي نالي سان قائم ڪيائون.
ان کان پوءِ سنڌ مدرسته الاسلام جي طرز تي هڪ اسلاميه هاءِ اسڪول جو بنياد رکيائون. جنهن ۾ غريبن ۽ مسڪينن کي رهائش ۽ کاڌ خوراڪ مفت ۽ وظيفو پڻ ڏنو ويندو هو. هن اداري مان نالي وارا شاگرد پيدا ٿيا. جن پنهنجي پنهنجي فيلڊ ۾، ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪئي ۽ ديس جي ناماچاريءَ ۾ اضافو ڪيائون. ان کان علاوه مسڻ ۾ ٽپال گهر، گرلس پرائمري اسڪول، گرلس هاءِ اسڪول ۽ مسڻ کان سلطان آباد تائين روڊ جو بنياد به سندس ئي رکيل هو.
حضرت مولانا عبدالڪريم بلند پايه عالم دين ۽ عربي فارسي ۽ سنڌي جو مشهور اديب ۽ شاعر هئا. سندس شاعريءَ جا مجموعا؛ بياض ڪريم ۽ بياض زاهد قلمي صورت ۾ لائبريري اشاعت العلوم مسڻ ۾ محفوظ آهن. ان کان علاوه ڇپيل ڪتاب، مرد قلندر ۽ سڪ جو سفر (انڊيا جو سفر) به آهن. تاريخ جي سلسلي ۾ سندس مشهور ڪتاب ”ٽڏا وڻ ولهار جا“ وڏي اهميت جو حامل آهي. جنهن جو م هاڳ ڊاڪٽر بلوچ جن جو لکيل آهي. ان کان علاوه وقت بوقت سنڌ جي تاريخ جي خدمات تي مقالا لکندا رهندا هئا.
آخر ۾ هڪ ڪتاب قصيده برده شريف لغت سميت لکيائون. آخري پيرو ديار حرمين مان هڪ تاريخي خط پنهنجي پرسنل سيڪريٽري امان الله ڪنيار ڏانهن لکيائون، جيڪو ادبي دنيا جو وڏو شاهڪار آهي. جنهن جي پڙهڻ سان خبر پوي ٿي ته پاڻ عشق محمدي جي ڪيڏي نه عظيم رتبي تي پهتل هئا.
افسوس سنڌ جو هي عظيم انسان 27 نومبر 2004ع تي، هن دنيا مان رخصت ٿي، پنهنجي مالڪ حقيقي سان وڃي مليو.

تنهنجي تربت تي فلڪ، بارش جي باراني ڪري

پاڪ پرور تنهجي نئين گهر جي نگهباني ڪري
سال تنهجي روح تي رحمت هجي رب پاڪ جي
تاقيامت شل هجي ترتازگي هن خاڪ جي.

Posted by wahabsahito at 9:45 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## مولانا عبدالله لغاري - سميرا مختيار

## مولانا عبدالله لغاري

سميرا مختيار

مولانا عبدالله جي پيدائش 1288هه مطابق 1871ع ۾ داد لغاري ميرپور ماٿيلو ۾ ٿي.
مولانا عبدالله تمام وڏن ۽ معتبر استادن کان تعليم حاصل ڪئي. پاڻ هڪ مصنف عالم ۽ تحريڪ پاڪستان جو خاص رڪن رهيو آهي.
مولانا عبدالله لغاري، جن عالمن کان فيض حاصل ڪيو تن ۾ مولوي عبدالقادر، مولوي فيض الڪريم، سنڌ جو مشهور حڪيم شمس الدين احمد، مولوي عبدالڪريم (جيڪو حافظ حديث علامه شوڪانيءَ جو شاگرد هو) مخدوم غلام محمد ۽ مشهور خطاط مولوي عبدالقدوس ۽ پوءِ مولانا محمد صادق جي والد کان مولانا عبدالله ڪتاب پڙهيا. پوءِ پنهنجي والد جي چوڻ تي ملتان هلي، مشهور محدث مولانا سلطان محمود وٽ علم حديث جي تعليم حاصل ڪيائين. بهاولپور ۾، صاحب السير ۾، مولوي عبدالرشيد کان تعليم حاصل ڪري پوءِ مولوي الاهي بخش لانگاهه منطقي عمرپوري کان حديث فقه ۽ منطق جا ڪتاب پڙهيائين. اتي تعليم جو سلسلو ختم ڪري واپس موٽيو. اتي سندس ملاقات عبيدالله سنڌي سان ٿي. انقلابي ۽ سياسي طور تي سندس پانهن پيلي ٿيو.

« Read more

Posted by wahabsahito at 9:24 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## نواب سر غيبي خان چانڊيو - رحيم منگي

## نواب سر غيبي خان چانڊيو

رحيم منگي

نواب سرغيبي خان چانڊيو، تعلقي قمبر جي تاريخ ۾ چانڊيا برادريءَ جو هڪ اهم سخي، نامور، نيڪ نفس سردار ۽ سياستدان ٿي گذريو آهي. جنهن انگريز سرڪار سان سٺا لاڳاپا قائم ڪيا ۽ ماڻهن جا مسئلا حل ڪرايا. نواب غيبي خان جو چئيءَ جو نانءُ علي نواز خان هو. جڏهن كيس پڳ ٻڌرائي وئي، تڏهن كان غيبي خان جي لقب سان مشهور ٿيو.
نواب غيبي خان ولد سردار محمد خان چانڊيو 25 ڊسمبر 1872ع تي، تعلقي قمبر جي ڳوٺ غيبي ديري ۾ پيدا ٿيو. نواب غيبي خان كي 1893ع ۾ سندس والد ۽ وڏي ڀاءُ جي قتل كانپوءِ، 1894ع ۾ پڳ ٻڌرائي چانڊيا برادريءَ جو سردار ۽ چانڊڪا جاگير جو مالڪ ڪيو ويو. نواب غيبي خان جي ميزباني ۽ جاگير جي حوالي سان نامور سنڌي محقق پير حسام الدين راشدي پنهنجي ڪتاب "هوڏو ٿي هو ڏينهن 1977ع ۾ دلچسپ بيان لکيو آهي ته؛
نواب سر غيبي خان، 4 لک ايڪڙ جاگير، جهنگ ان ۾، پٽ ان ۾، ڍوريون ۽ ڍنڍان ان ۾، هيٺاهيون به ان ۾ ته جبل به ان ۾، ڪاٺنهن ساوڪ ته ڪاٺنهن سڪ، ڪٿي پاڻي ته ڪٿي واري، ڪٿي ويءُ ته ڪٿي واهڙ. چوندا آهن ته ڳيري جي وک تي زمين وَرِنُ بدلائيندي آهي، پر هتي ته ورن سان گڏ هر قسم جو ڍنگ ۽ رنگ موجود هو: تتر اتي- بگڙا خواهه ڪارا- ٻٽيرا به موجود ته پٽ تتر به جام. اسناف اڪيچار، ۽ بدڪون، نيرڳ، آڙيون، ڪارڙا ۽ ٻولاهيون به موجود. سرنهن ۽ ڪڻڪن ۾ ڪونجن جا به ولر اچي ويلا ڪن. واريءَ جي دڙن ۽ ٻٽن ۾ تلوريون به عام. هرڻ ڳاڙها به ته ڪاريهر به. ڦاڙها به ملندا ته پهاڙن تي سرهه ۽ گڏ به اچي سر ڏيندا. مطلب ته هر قسم جا چرند خواه پرند. دل جيڪي گهري سو موجود، جيڪي وڻي سو مار.
سيارو پوندو، ناتال جي موسم ايندي، ڪتڪ صاحبلوڪن جا اچي ڪٺا ٿيندا، مِسيون ۽ مڊمان به ساڻ، بٽلر، بورچي، پٽيوالا ۽ اردلي به ڪيڏ، تنبو ۽ تولان، شاميانا ۽ رانئٽيون اچي وينديون، غيبي ديري ۾ منزلان لڳي وينديون، جهنگ جهر چانڊاڻ تي ويندو، اڄ ڪليڪٽر آيو، سيان ڪمشنر آيو، پرينءَ آءِ. جي. اچي ٿو، پچاڙيءَ بمبئيءَ مان ۽ پوءِ ڪراچيءَ مان گورنر صاحب به مهمانن جا پرا ڪاهي اچي پهچندو. مطلب ته جيسين شڪار جي سيزن هلندي، تيسين پيا گورا ڳاهٽ ڏيندا ۽ آفيسر ڪُتِرِ ٿيندا. ڪڪڙ، چيلا، آنا، كير، مکڻ، ماکيون نه ڪنهن كان ڪٿايا پڇن ته ڪاڏا پهچن- سڄو راڄ ۽ تَرُ گهرن كي ٻهاري ڏيو اتي

پيو پهچائيندو. صاحبلوڪ قاعدي قانون جا ڏاڍا پابند هئا. ليتيءَ ڏيتيءَ
کان صفا پري. نه ڪنهن کان وٺندا نه ڪنهن جو بار کڻندا. پئسا ڏئي
سيئي بل چڪتو ڪري ڇڏيندا. پنهنجي سر به مرحوم شاهوڙ شڪاري
هو ۽ پين کي به شڪار ڪرائيندو هو. (صفحا 74- 173)
نواب غيبي خان کي انگريز سرڪار پاران 1894ع ۾ چانڊين جو سردار
مجي، جاگيردار ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ کيس سر جو لقب ڏنو. جنهن لاءِ
برطانيا جي راڻيءَ پاران بڪنگهم محل اچڻ جي دعوت مليس پر تن ۾
طاقت نه هئڻ سبب پرديس وڃي نه سگهيو. نواب غيبي خان، ا ڪثر
ڪري راڄوڻي فيصلا پاڻ ڪندو هو. سندس ڪيل فيصلو حرف آخر
هو. پاڻ شڪار جو ڪوڏيو هو. چار پيرا شينهن جو شڪار ڪيائين. بهتر
توبچي ۽ سخي هو، ٻني سدائين پئي ٻرندي هئي. تعليم سان
دلچسپيءَ سبب، پنهنجي پوٽي نواب سلطان احمد چانڊئي جي تعليم
لاءِ خاص اُپاءَ ورتائين. نواب غيبي خان چانڊيو جي، نواب سلطان
احمد چانڊيو سان بي انتها دل هئي. جنهن ڪري پنهنجي جيئري کيس
16 نومبر 1954ع تي پڳدار ڪيائين. نواب غيبي خان کي، لاڙڪاڻي ۾
پڻ عمدو بنگلو هو، جيڪو سنڌ جي ڪمشنر ڊبليو ايچ ليوڪس جي
جوڙايل نقشي موجب 1907ع ۾ جڙي راس ٿيو. ان بنگلي ۾ فيبروري
1920ع ۾ چيو ٿو وڃي ته خلافت تحريڪ جي سلسلي ۾ جوڙيل هڪ
سب ڪميٽيءَ جو اجلاس پڻ ٿيو جنهن ۾ بئريسٽر جان محمد جوڻيجو،
پير تراب علي شاهه ۽ ٻيا اڳواڻ شريڪ ٿيا. سياسي طور نواب غيبي
خان جي، سر شاهنواز خان ڀٽي سان ويجهڙائپ هئي، روزاني الوحيد
ڪراچي جي سنڌ آزاد  نمبر 1936ع جي ڇپيل ڇاپي (سيپٽمبر 1979ع)
جي صفحي 86ع تي نواب غيبي خان بابت لکيو ويو آهي ته؛ ”نواب
غيبي خان جي فيصلي کي سڄي هندستان ۽ بلوچستان جي چانڊيا
برادري آخرين سمجهندي آهي. جاگير ۾ هندو خواهه مسلمان، با آرام
ميٺ محبت ۾ رهندا آهن ۽ ڪو به پاڻ کي دکي نه سمجهندو آهي.
سندس دربار، صبح شام لڳندي آهي. جنهن ۾ ڪو به عرضدار پنهنجو
اهنج ايذاءُ ٻڌائي، تڪليف دور ڪرائي خوش ٿي ويندو آهي. هو صاحب
هر ڪنهن انسان سان خوش اخلاقيءَ سان ملندو آهي. ٻارن سان
ڏاڍو پيار اٿس. نواب غيبي خان ” چانڊيا مگسي“ خوني ويڙهه جو اهم
ڪردار رهيو. جنهن جو فيصلو 6 جنوري 1920ع ۾ ٿيو، جنهن لاءِ پير
حسام الدين راشدي اڳتي لکي ٿو ته؛ فيصلو ٿيو ته هه به ڪيو ويو پر

پنهي برادرين جون دليون جيڪي تني چڪيون هيون سي ايامن تائين جڙي نه سگهيون. جيسئين وڏا جيئرا هئا تيسين دلين تان مير نه لٿو. چانڊين، مگسين واري چوٽي سنڌ ۾ انهيءَ واقعي جو يادگار آهي. جڏهن ٻن جي دشمني، تاهه جي حد کان متي چڙهي ويندي، تڏهن چئبو آهي؛ چانڊين، مگسين وارو وير اٿن. سنڌي ادب کي اها چوٽي سون انسانن جي ڪشت و خون جي ياد ڏياري ٿي. صفحو (295 کان 298)

نواب غيبي خان جي وفات 4 ڊسمبر 1954 تي ٿي. کيس غيبي ديري لڳ، تاريخي قبرستان رائنڪن ۾ دفنايو ويو.

# ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ هڪ مثالي ماڻهو

مرتضيٰ سيال

سنڌ جو برک ڏاهو ۽ عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ اسان کان وڇڙي ويو آهي، يقينن سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ اهو تمام وڏو نقصان آهي. ڊاڪٽر بلوچ سنڌ جو اهڙو ليجنڊ هو، جنهن جون خدمتون صدين تائين ياد رکيون وينديون. ضلعي سانگهڙ جي ڳوٺ جعفر خان لغاري ۾ 16 ڊسمبر 1917ع تي اکيون کوليندڙ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ننڍي هوندي کان ئي لاتعداد صلاحيتن جو مالڪ هو. سندس تعليم ۽ تربيت وارو رڪارڊ به نهايت شاندار آهي. هن 1936ع ۾ بمبئي يونيورسٽي مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو. گريجوئيشن ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچي مان، ايم اي ۽ ايل ايل بي علي ڳڙهه يونيورسٽي مان پاس ڪئي. پڙهڻ دوران هن سياست ۾ به عملي ڪردار ادا ڪيو، گهڻي وقت تائين خاڪسار تحريڪ سان لاڳاپيل رهيو ۽ ڪولمبيا يونيورسٽي ۾ تعليم حاصل ڪرڻ دوران هن اتي مسلم اسٽوڊنٽس ايسوسيئيشن پڻ ٺاهي. ڊاڪٽر بلوچ ايم ايڊ ۽ پي ايڇ ڊي ڪولمبيا يونيورسٽي نيو يارڪ مان ڪئي. 1951ع ۾ علامه آءِ آءِ قاضي جي مشوري تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌ يونيورسٽي ۾ استاد طور پنهنجون خدمتون ارپڻ شروع ڪيون. سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي جو باني ۽ پهريون سربراهه به ڊاڪٽر بلوچ صاحب هو. ٽن سالن لاءِ هو سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر به رهيو. سنڌ، سنڌي ٻولي، ادب، تعليم تي ڙي

ثقافتي حوالي سان ڊاڪٽر بلوچ جو ڪنٽريبيوشن تاريخي ۽ تمام وڏو آهي. خاص طور تي لوڪ ادب کي جنهن نموني بلوچ صاحب سهيڙيو ان جو مثال نه ٿو ملي. هي عظيم انسان آخري گهڙيءَ تائين ادب، ٻولي توڙي ديس لاءِ ڪم ڪندو رهيو. هڪ سچي عالم جيان پنهنجو هڪ پل به ضايع ڪرڻ بجاءِ پنهنجي قوم کي ارپيندو رهيو. سنڌ يقينن هڪ وڏي، مثالي انسان ۽ اسڪالر کان محروم ٿي وئي آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌ کي جيڪو علمي، ادبي ۽ تاريخي ورثو ڏنو آهي اهو تمام وڏو آهي، اسان کي نه رڳو ان ورثي کي سنڀالڻو آهي پر ان ڪم کي جاري به رکڻو آهي. ڊاڪٽر بلوچ جي نالي سان هڪ ادارو جڙيل آهي جنهن کي وڌيڪ سرگرم ڪرڻ جي ضرورت آهي جيئن بلوچ صاحب جي ڪيل ڪم کي سهيڙڻ سان گڏ ان تي وڌيڪ تحقيق پڻ ٿي سگهي. ڊاڪٽر بلوچ کي خراج ڏيڻ جو بهترين طريقو به اهوئي آهي. لوڪ ڏاهپ جو جيڪو خزانو هن اسان لاءِ ڇڏيو آهي ان جي وارثي ڪرڻ جي ذميواري اسان تي آهي. اسان جي سماج جو اهو تمام وڏو الميو آهي جو پنج سيڪڙو ماڻهو به پنهنجن فرضن جو پورائو ايمانداريءَ ۽ ذميواريءَ سان نه ٿا ڪن. پنهنجن ادارن، علم، ادب توڙي ٻوليءَ لاءِ ڊاڪٽر بلوچ جيان ذميواريءَ سان ڪم ڪيو وڃي ته وڏيون ڪاميابيون ماڻي سگهجن ٿيون.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي زندگيءَ جي 94 سالن ۾ ايترو ته ڪم ڪري ويو آهي جو ان جو ڪم ڏسي سچ پچ ته ڏاڍي حيرت ٿئي ٿي، سندس عمر ۽ ڪم جي پيٽ ڪبي ته سندس ڪم تمام گهڻو ۽ وڏو محسوس ٿيندو. هو هڪ شخص نه پر مڪمل ادارو هو ۽ سندس ڪم به گهڻ پاسائو ۽ بهترين آهي. آمريڪا مان پي ايڇ ڊي ڪرڻ کان پوءِ هو چاهي ها ته اتي ڪنهن اداري ۾ علمي ۽ تحقيقي ڪم ڪري ڀرپور مڃتا ماڻي ها، ڪيس اهڙيون آڇون به هيون پر هن پنهنجو سڀ ڪجهه سنڌ کي ارپڻ چاهيو. سنڌ سندس ساهه ۾ سمايل هئي ۽ اهوئي سبب آهي جو هو زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين سنڌ لاءِ ڪم ڪندو رهيو. اسين يقينن تمام گهڻا خوش نصيب آهيون جو ڊاڪٽر بلوچ جهڙا اعلىٰ پائي جا عالم ۽ محقق سنڌ ۾ پيدا ٿيا. ان سلسلي کي قائم رکڻ پلي اسان جي هٿ ۾ نه هجي پر گهٽ ۾ گهٽ پنهنجن عالمن جي ڇڏيل علمي، ادبي ۽ تاريخي ورثي جي وارثي ڪري ان ڪم کي اڳتي وڌائڻ ۾ پنهنجون قومي ذميواريون پوريون ڪريون ته به وڏي تبديلي اچي

سگھون ٿا. ڊاڪٽر بلوچ جيترا ڪتاب لکيا آهن اسين ايترا ڪتاب پڙهي به ناهيون سگھيا. ڏيڍ سؤ کان مٿي ڪتاب لکڻ، انهن جي پروف ريڊنگ ڪرڻ، ترتيب ڏيڻ ۽ سهيڙڻ ڪو معمولي ڪم ناهي، نه رڳو اهو پر بلوچ صاحب سنڌ جو چپو چپو گھميو ۽ ادبي خزانو گڏ ڪيو. يقينن اهو عشق ئي هئو جنهن ڊاڪٽر صاحب کان ايترو ڪم ڪرايو. اهو سچ آهي ته اسين هڪ عظيم اسڪالر کان محروم ٿيا آهيون، اهڙا لائق انسان صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن ۽ ڊاڪٽر بلوچ جو وڇوڙو سنڌ جو تمام وڏو نقصان آهي پر جيڪڏهن سندس ڪم کي جاري رکيو وڃي ۽ ان جي ورثي جي صحيح نموني وارثي ڪئي وڃي ته سندس وڇوڙي واري ڏک کي سگھه ۽ اتساهه ۾ تبديل ڪري سگھجي ٿو. ڪنهن به عظيم انسان يا اداري جي پڄاڻي تڏهن ٿيندي آهي جڏهن ان جي ڪم کي فل اسٽاپ اچي ويندو آهي، ڊاڪٽر بلوچ جي ڪم کي اڳتي وڌايو ويندو ته سندس وڇوڙي کي به سندس پڄاڻي تصور نه ڪيو ويندو.

پنهنجن عالمن ۽ محسنن تي فخر ڪرڻ سٺي ڳالهه آهي ۽ فخر ڪرڻ به گھرجي پر اهم ڳالهه اِها آهي ته اسان سندن اڌ ۾ ڇڏيل مشن کي پورو ڪرڻ ۾ ڪيتري دلچسپي ۽ ذميواريءَ جو مظاهرو ٿا ڪريون. واهه واهه ڪرڻ سولي ڳالهه آهي ۽ اهو ڪم هر ڪو ڪري سگھي ٿو پر عملي ڪم واري تسلسل کي جاري رکڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. اسان وٽ تمام گھٽ ماڻهو اهڙا آهن جيڪي ذميواريءَ سان پنهنجو ڪم ڪن ٿا. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو سنڌ جي ڪيترن ئي علمي ۽ ادبي ادارن کي ٺاهڻ ۾ بنيادي ڪردار رهيو. سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي، ايجوڪيشن فيڪلٽي، علامه آءِ آءِ قاضي چيئر ۽ سنڌي ٻولي اٿارٽي جو بنياد وجهڻ ۾ سندس وڏو ڪردار رهيو. نه رڳو اهو پر هو وفاقي وزارت تعليم ۾ ثقافت جو سيڪريٽري، اسلامي يونيورسٽي اسلام آباد جو وائيس چانسلر ۽ نيشنل انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل ريسرچ جو ڊائريڪٽر ۽ سنڌ جو نگران وزير تعليم به رهيو.

ڊاڪٽر بلوچ رڳو لوڪ ادب تي ئي نه پر لغت، ٻولي، تاريخ، موسيقي، سنڌي صورتخطي، ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ٻولي جي منظوم ذخيري توڙي لطيفيات تي به وڏو ڪم ڪيو. ڊاڪٽر بلوچ جو ڪم ڏسي حيرت جا ڪيئي دروازا کلي وڃن ٿا، ائين ٿو لڳي ڄڻ هو ڪو انسان نه پر ديوَ مالائي ڪردار هو جنهن ٿورڙي وقت ۾ وڏو ڪم ڪري ثابت ڪري ڏيکاريو ته وقت جي رفتار سان مقابلو ڪري سگھجي ٿو. سندس

تحقيق جو انداز به ڏاڍو نرالو آهي، سنڌ جي ريتن رسمن، چوڻين، ڳجهارتن تي به ڪيس وڏي دسترس حاصل هئي. هو سنڌي ٻولي سان گڏوگڏ عربي، فارسي ۽ انگريزي جو به ڄاڻو هو. اهو چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو ته هو پنهنجي ذات ۾ هڪ انجمن يا مڪمل ادارو هو. سنڌي لوڪ ادب ۽ ٻولي جي حوالي سان ڪيس جيڪا ڄاڻ ۽ مهارت حاصل هئي ان جي بنياد تي ڪيس سنڌ جي انسائيڪلوپيڊيا به چئي سگهجي ٿو. سنڌ کي ڊاڪٽر بلوچ تي تمام گهڻو فخر آهي.
آئون پنهنجي ڳالهه کي سميٽيندي هڪ ڀيرو ٻيهر ان ڳالهه تي زور ڏيندس ته ڊاڪٽر بلوچ کي خراج پيش ڪرڻ جو ان کان بهتر ٻيو ڪوبه طريقو ڪونهي جو سندس اڻ ٿڪ محنت ۽ ڪم جي مجتا طور سندس علمي، ادبي، تاريخي ۽ ثقافتي ورثي کي وڏيڪ عام ڪيو وڃي. ان سلسلي ۾ سنڌ جي تعليم واري وزارت ۽ ثقافت کاتي کي عملي قدم کڻڻ گهرجن ۽ اهڙي عمل کي يقيني بڻائڻ گهرجي.

Posted by wahabsahito at 6:10 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ- تاريخ جو وچوڙو- عنايت بلوچ

# ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ- تاريخ جو وچوڙو

عنايت بلوچ

اج ڪتابن جا ورق ويڳاڻا نظر اچي رهيا آهن. سنڌي ثقافت، ٻولي، محاورا، ڏوهيڙا، بيت، ڳجهارتون، مولود، مداحون ۽ مناجاتون، مطلب ته سنڌي لوڪ ادب جو چهرو اج مايوس، ملول ۽ اُداس نظر اچي رهيو آهي، سياري جي سِيءَ ۾ مَچَن تي ڪچهريون مچائڻ جو مور، اسان کان جدا ٿي ويو آهي. لطيف جي پيرن پنيان پير ڪڻي هر ان ماڳ مڪان تي پهچڻ ۽ لطيف تي مشاهداتي تحقيق ڪرڻ وارو اڪيلو ماڻڪ سائين ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لاڏاڻو ڪري ويو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ (مرحوم) تي لکجي ته ڪتان ڪان شروع ڪجي ۽ ڪٿي ختم ڪجي. هو علم، ادب ۽ ڏاهپ جو ايڏو ته اجهاڳ سمنڊ هو، جو ان جي انت ۽ چيهه جي خبر به شايد فقط ڪيس ئي هئي. ڪاش! سندس لاڏاڻي کانپوءِ، سنڌ ۾ ڪو ته اهڙو رهبر اجا به هجي ها، جنهن وٽ وڃي سنڌ جي تاريخ، سنڌ جي لوڪ ادب ۽ شاهه لطيف جي رسالي جي

گوناگون بيتن بابت رهبري حاصل ڪجي ها. چوندا آهن؛ پاڳين جا پاڻا
خالي نه ٿيندا آهن. الحمدلله سنڌ ۾ ڪلچگ ڪاپڙي اڃا به موجود آهــن،
پر پڻائيءَ چواڻي ته: ”سوڍا هجن سوَ، ته به مَٽُ نه پانيان ميڊري.“
اسان جا نوجوان سنڌ جي حوالي سان گهڻا ئي نعرا پيا لڳائيندا آهــن،
پر ان نعري هيٺ ڪانسواءِ ٻي ڪا به خبر نه هونـدي آهـي تـه سـنڌ ڪـي
جيئارڻ لاءِ ڪهڙا عملي قدم کڻڻ ضـروري هونـدا آهـن. منهنجـو پختـو
ايمان آهي ته ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، حقيقي طور تي سنڌ جـو عاشـق
هو، جنهن جيڪو ڪجهه به لکيو ته فقط سنڌ تي ۽ سنڌ لاءِ لکيـو ۽ سـنڌ
کانسواءِ ٻيو ڪجهه بـه نـه لکيـو. لـوڪ ادب، لطيـف، سـنڌ جـي تاريـخ،
سنڌي ٻولي، سنڌي ثقافت، سنڌي موسيقي، سنڌ جي جاگرافي مطلب
ته فقط ۽ فقط سنڌي تهذيب ۽ تمـدن کـي دنيـا ۾ روشـناس ڪرڻ لاءِ،
سڄي زندگي پاڻ پتوڙيندو رهيـو. هـتي آئون پنهنجـي اکيـن ڏٺـو احـوال
اوهان سان مختصر طور اوريان ٿو ۽ ڪوشش اهـا ڪنـدس تـه ڊاڪٽـر
صاحب جن بابت ڪجهه نيون ڳالهيون اوهانکي ٻڌايان.
1986ع ۾ آئون آمريڪا جي گاديءَ جي هنڌ واشـنگٽن ڊي سـي ۾ قـائم
اسمٿسونين ميوزيم گهمڻ ويس. هي ميـوزيم اـن کـان ڏهـن مختلـف
عمارتن تي مشتمل آهـي. هڪڙيءَ جڳهـه تـي لکيـل هـو.A Sindhi
home بجليءَ جو ڪرنٽ محسوس ڪيم ۽ ڪجهه سمجهه ۾ نٿي آيم
ته واشنگٽن جي اسمٿسونين ميوزيم ۾ اهو سـنڌي گهـر، ڪنهـن نـاهيو
هو، يا ان کي ناهڻ ڪيئن ڏنو ويو هو؟ سنڌي گهر ۾ اندر ڇا وجي ڏسـان
ته هڪ ٽري عورت سُوسيءَ جا ڪپڙا پائي ُڏڏ پئي ولوڙي، ٻي مائي چَڃَ
۾ اَن ويٺي چنڊي ۽ ٽين مائي سـنڌي رِلـي ويٺـي نـاهي ۽ سـنهي سـئيءَ
سان انکي ٽوپو ويٺي ڏئي، وغيره وغيره. خوشـي ۽ جـذبات ۾ سرشـار
ٿيندي ميوزيم جي رکوالي کان پڇا ڪيم ته هن ھ ڪدم رجسـٽر کـولي
مونکي ٻڌايو ته ڪو صاحب پاڪستان کان هـتي آيـو هـو، سـندس نـالو
ڊاڪٽر اين اي بلوچ هيو، اهو ڪيـترا ڏينهـن هـتي ترسـيل هـو ۽Sindhi
Home به ان ئي ناهيو هو. پاڪستان واپس ورڻ تـي ڊاڪٽـر صـاحب
جن کان جڏهن اها ڳالهه معلوم ڪيم ته پاڻ مون کـي هيئنن ٻڌايـائون:
پاڪستان جي حڪومت مون کي حڪم ڪيو ته اسمٿسونين انسٽيٽيوٽ
(ميوزيم) ۾ پاڪستان جي ثقافت جـي حـوالي سـان ڪا اهڙي شـيءِ
قائم ڪري اچان، جيڪا پاڪستان جـي نمائنـدگي ڪري. مـون گهڻي
سوچ ڪرڻ کان پوءِ فيصلو ڪيو ته سنڌ جي ثقـافت پـوري پاڪسـتان ۾

سيني ڪان وڏيڪ قديم به آهي ته بين الاقوامي سطح تي جڳ مشهور به آهي، تنهن ڪري مون ڊاڪٽر ڪنيز (Dr Knez) جيڪو هن منصوبي جو انچارج هو، کي A Sindhi Home ناهڻ جو مشورو ڏنو، جيڪو هن به بنا دير ڪڻي قبول ڪيو. ڊاڪٽر بلوچ کي ته فقط اهڙي ثقافتي شيءِ ناهڻ لاءِ موڪليو ويو هو، جيڪا پاڪستان جي نمائندگي ڪري پر اُتي به هو ”سنڌي گهر“ ناهي آيو ۽ اها پرواهه به نه ڪيائين ته ائين ڪرڻ سان کيس تڪليف به اچي سگهي ٿي. فقط اهڙن جرئتمندي وارن عملي قدمن سان ئي سنڌ جيئندي ۽ جيئندي رهندي. انشاءَ الله.

1983ع ۾ آئون پئرس ويس، جتي الجزائر جي مسلمانن جي هوٽل مونديال ۾ وڃي رهيس. ريسپشن تي سامهون رکيل وڏا نقش نظر آيم، جن تي مڪليءَ جي چٽسالي ۽ هالا ٽائيلز جو رنگ نظر آيو. انهن پينٽنگز تي لکيل هو:Glimpses from Sindh يعني سنڌي تهذيب جون جهلڪيون. خوشيءَ سان گڏ حيرانگي وٺي وئي. ڪائنٽ پڇيم: هي سنڌ جا نقش اوهان وٽ ڪٿان آيا ته هو فرينچ ۾ شروع ٿي ويا، فقط ايترو سمجهه ۾ آيو ڊاڪٽر بلوچ. جيڪو دوست مون کي هوٽل تي وٺي ويو هو ۽ فرينچ چڱيءَ طرح ڳالهائيندو هو، ان جي پڇڻ تي هوٽل وارن ٻڌايو ته: ڊاڪٽر بلوچ ڪيترا ڀيرا پئرس آيو آهي ۽ هميشه اسان جي هوٽل ۾ اچي رهندو آهي. اهو هي پينٽنگون هتي رکرائي ويو هو ۽ تاڪيد ڪري ويو هو ته هنن کي ريسپشن تان هرگز نه هٽائجو. هي واقعو به ان ڪري لکيو اٿم ته ان کي پڙهي من اسان جو نوجوان نسل به سنڌ کي جيئارڻ لاءِ اهڙا عملي قدم کڻي.

جڏهن آئون ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي اسٽيشن ڊائريڪٽر هوس ته ڊاڪٽر صاحب جن، بغير اڳواٽ اطلاع ڪرڻ جي اڪثر مون وٽ هليا ايندا هئا. جيئن ته ائين اچڻ سندن نظم ۽ ضبط رکندڙ طبيعت جي خلاف هو ته هڪ دفعو ڪائنٽ پڇڻ جي جرئت يا گستاخي ڪري ويٺس ته مُنهن تي مرڪ آڻيندي ٻڌايائون ته دوستن ڏي لکيل خط پوسٽ آفيس حوالي ڪرڻ ايندو آهيان، جيئن ته ريڊيو پاڪستان سامهون آهي ته دل چوندي آهي ته اوهان وٽان جهاتي پائيندو وڃان. هڪ ٻه ڀيرا ساڻن حُجت ڪندي عرض ڪيم ته، ڀلا جي آيا آهيو ته عنايت تي عنايت ڪندا وڃو ۽ ڪجهه رڪارڊ ڪرائيندا وڃو. ڊاڪٽر صاحب جن جي نٽائڻ باوجود کين منٿ ڪري اسٽوڊيو ۾ وٺي ويهاريو هو ۽ سنڌ جي

تاريخ جي ڪنهن به موضوع تي ساڻن گفتگو ڪبي هئي. بغير ڪنهن تياريءَ جي ۽ بغير ڪتاب کي سامهون رکڻ جي تاريخ وار تفصيل ٻڌائيندا ويندا هئا، آئون ۽ مرحوم مراد علي مرزا حيرت ۾ کين گهوريندا رهجي ويندا هئاسين. مثال طور: سڪندر اعظم جڏهن ننڍي کنڊ ۾ آيو ته ڪڏهن آيو، ڪٿي ويو ۽ ڪنهن سان مليو....البيروني ڪڏهن هتي آيو، ڇا ڇا ڪيائين ۽ سندس ڪارناما ڪهڙا هئا. وغيره، مجال آهي جو ڪتابن پيٽڻ سان تفصيلن ۽ ٻڌايل تاريخن ۾ ڪو فرق اچي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ (مرحوم) سان آخري ۽ تفصيلي ملاقات فقط پنج ڏينهن اڳ، آچر جي ڏينهن 3 اپريل تي سيد آفتاب شاهه ڇاموٺ صاحب جي بنگلي تي ٿي هئي. اها تقريب حڪومت پاڪستان طرفان ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ ڊاڪٽر عبدالغفار سومري کي هلالِ امتياز ۽ ستاره امتياز ملڻ تي کين مان ڏيڻ لاءِ ٿي هئي، جنهن ۾ تمام گهڻن اديبن ۽ شاعرن شرڪت ڪئي. تقريب جي آخر ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ خطاب ڪيو. ڊاڪٽر صاحب جن بيحد خوشگوار موڊ ۾ هئا ۽ پنهنجا ننڍپڻ جا ڪجهه قصا کلئي دل سان محفل ۾ ويهي ٻڌايائون: تمام هشاش بشاش نظر ٿي آيا ۽ اهڙي ته شگفته مزاجيءَ سان ڪچهري ويهي ڪيائون.....جو سچ پچ هاڻي محسوس ٿو ٿئي ته ڇو ايتري زنده دلي جيڪا اڳ ڪڏهن نه ڏيکاري هيائون.

اُهي خطا بيحد خوش قسمت ۽ خوش نصيب ڇئبا، جتي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جهڙا بيمثال ۽ بي بدل عالم فاضل پيدا ٿين ۽ اسان سنڌ وارا ڪيڏا ۽ ڪيترا نه نصيبن وارا آهيون، جتي اهڙو املهه ماڻڪ هيرو پيدا ٿيو، جنهن پنهنجي علم ۽ تحقيق جي خزانن جا منهن سيني سنڌين لاءِ کولي ڇڏيا ته جنهن کي به ڪجهه وڻڻو هجي ته پلي پنهنجي حصي جي وٺڊ وٺي وڃي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن جيڪي ۽ جيترا ڪتاب لکيا آهن، اهي ائين چوڻ برابر ٿيندو ته آسمان تي ڇڻ تارا ڳڻڻا آهن. ڪنهن به ماڻهوءَ کي سندن تصنيفون پڙهڻ لاءِ سالها سال گهرجن، پر اهو تصور ڪيو ته جنهن شخص پنهنجو نور نچوئي سوين ڪتاب لکيا، انهن جا پروف چيڪ ڪيا ۽ هزارين مسودا ويهي اٿلايا پٿلايا ته ان کي ايڏي ڪٺن ڪمن لاءِ ڪيترو وقت لڳو هوندو. ڪيتريون سندن تصنيفون اهڙيون آهن، جو رڳو ڪرسي ٽيبل تي ويهي نه لکيون ويون آهن، پر انهن موضوعن تي لکڻ کان اڳ انهن تي تحقيق ڪرڻي هئي. تحقيق ڪرڻ لاءِ کين ڪجهه ڏورانهن علائقن جا پنڌ ڪرڻا پيا آهن، ۽

ڪتي ته گهوڙن، گڏهن ۽ اُٺن تي سواري ڪري ٿر، ننگر پارڪر ۽ بلوچستان ۾ حب ۽ پاڳ ناڙي تائين ويا آهن، چو ته اهڙن ڏکين علائقن ۾ اهو تحقيق طلب مواد موجود هيو. ڪيترا ئي ڏينهن انهن ماڳن تي هيٺ ٽڏن تي ويهي، پلٿيون ماري ڪم ڪيو اتن ۽ پنهنجي تحقيق مڪمل ڪري پوءِ اچي ڪتاب لکڻ شروع ڪيائون. ايترو تحقيقي ڪم جنهن ۾ ايڏيون تڪليفون اچن ۽ ڪشالا ڪاٽڻا پون، سو ادارن کان به نه ٿي سگهندو آهي، پر هن هڪڙي شخص اڪيلي سر ويهي اهڙا ڪارناما سرانجام ڏنا، جيڪي هڪڙي فرد لاءِ ذري گهٽ ناممڪن آهن.

Posted by wahabsahito at 6:09 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ - شوڪت حسين شورو

# ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: هڪ بيمثال عالم!

شوڪت حسين شورو

فرانس جي صدر ڊيگال نامور فلاسافر ۽ ليکڪ سارتر لاءِ چيو هو ته ”سارتر پاڻ فرانس آهي.“ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پڻ سراپا سنڌ هو. جهڙي ريت سنڌ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي پايي جو ٻيو ڪو شاعر پيدا نه ٿي سگهيو آهي، اهڙيءَ ريت ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي پايي جو ٻيو ڪو عالم پيدا نه ٿي سگهيو آهي. هو سنڌ ۾ صدين کان پوءِ پيدا ٿيندڙ هڪ اهڙو يڪتا عالم آهي، جنهن جي املهه علمي خزاني مان سنڌ جو نه رڳو موجوده نسل، پر ايندڙ ڪيترن نسلن جا لکندڙ ۽ پڙهندڙ فيضياب ٿيندا رهندا. ڊاڪٽر بلوچ جي گڏ ڪيل علمي ذخيري جي وسيلي ٻاهرين ملڪن جا عالم سنڌ کي سڃاڻي سگهندا. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ 16 ڊسمبر 1917ع تي شهداد پور تعلقي جي ڳوٺ جعفر خان لغاري ۾ ڄائو، سندس والد علي محمد لغاري هاري هو. ڊاڪٽر بلوچ اڃا ٽن پنجن مهينن جو هو ته سندس والد گذاري ويو. سندس والد وصيعت ڪئي هئي ته ”منهنجي ڇوڪري کي پڙهائجو“ هو ٽن سالن جو ٿيو ته سندس ڏاڏي ڳوٺ جي دڪاندار واسومل وٽ هٽ تي ونيءِ وڃي ڪيس ويهاريو ته هٽڪا اکر سکي. واسومل هن کي پٽيءَ تي تورا تورا اکر لکي ڏنا ۽ ڊاڪٽر بلوچ سگهو ئي سڃي پٽي ياد ڪري ويو. پوءِ پر واري ڳوٺ ۾ سنڌي اسڪول کليو ته کيس اتي

داخل ڪرايو ويو. هو ٻن ٽن ٻارن سان ڳڏجي اتي پڙهڻ لاءِ ويندو هو. سندس پير اگهاڙا هوندا هئا. آرهڙ جي اُس ۾ سڙندا هئا ۽ ڪنڊا لڳندا هئا. پرائمري تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ هن مدرسه هاءِ اسڪول نوشهري فيروز ۾ داخلا ورتي. هن ٽئين درجي ۾ اسڪالرشپ جو امتحان ڏنو ۽ سڄي سنڌ ۾ پهريون نمبر آيو. کيس ماهوار 9 رپيا وظيفو ملڻ لڳو. 1936ع ۾ مئٽرڪ جي امتحان ۾ ٻيو نمبر اچڻ جي ڪري هن کي ماهوار 20 رپيا اسڪالرشپ ملي. جهوناڳڙهه جي نواب ڪاليج قائم ڪرايو هو، جتي مسلمان شاگردن کان في ڪا نه ورتي ويندي هئي. ڊاڪٽر بلوچ بهاءُ الدين ڪاليج جهوناڳڙهه ۾ پڙهڻ ويو. اتي هو خاڪسار تحريڪ ۾ شامل ٿيو. خاڪسار ورهاڱي جي حامي ڪا نه هئي. ڊاڪٽر بلوچ کي خاڪسار جي ورهاڱي مخالف رويي متاثر ڪيو هو. ڊاڪٽر بلوچ 1941ع ۾ بي اي جي امتحان ۾ پنهنجي ڪاليج ۾پهريون نمبر ۽ بمبئي يونيورسٽي ۾ ٽيون نمبر آيو. پوءِ هن ايم اي ڪرڻ جي لاءِ مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه ۾ داخلا ورتي. 1943ع ۾ ايم اي ڪرڻ کان پوءِ هو خاڪسار ڇڏي مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. هو سنڌ ۾ موٽي اچڻ کان پوءِ سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچي ۾ استاد مقرر ٿيو. انگلنڊ جي سرڪار پرڏيهه لاءِ اسڪالرشپ جو اعلان ڪيو ته ڊاڪٽر بلوچ دهلي وڃي ڇتا پيتيءَ جي امتحان ۾ ويٺو ۽ چونڊجي ويو. کيس ايم ايڊ ۽ پي ايڇ ڊي ڪرڻ لاءِ ڪولمبيا يونيورسٽي نيويارڪ موڪليو ويو. آمريڪا مان واپس اچڻ کان پوءِ علامه آءِ آءِ قاضيءَ کيس سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پهريون پروفيسر مقرر ڪيو، جتي هن 25 سال پڙهايو. هو 1973ع کان 1976 ع تائين سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر ٿي رهيو. ان کان پوءِ اسلام آباد ۾ وزارتِ تعليم ۽ وزارت ثقافت ۾ اهم عهدن تي ڪم ڪيائين. کيس نئين قائم ٿيل اسلامي يونيورسٽي اسلام آباد جو پهريون وائيس چانسلر مقرر ڪيو ويو.

ڊاڪٽر بلوچ لکڻ جي شروعات 1945ع ۾ ”گڏهه“ جي نالي سان ڪتاب لکڻ سان ڪئي. سنڌ جي ماڻهن کي اميد هئي ته بمبئي کان جدا ٿيڻ کان پوءِ سنڌ ترقي ڪندي، پر مسلمان اڳواڻ اميدن تي پورو لهي نه سگهيا. ڊاڪٽر بلوچ مسلمان سياستدانن تي طنزيه طور ”گڏهه“ نالي سان ڪتابڙو لکيو: ”بهتر ٿيندو ته سياسي ليڊرن بدران گڏهه کي پنهنجو ليڊر بنائجي، جيڪو خلق جو سچو خادم ۽ وڏو ۾ وڏو پورهيت آهي.“ ان کان پوءِ هن ٻيو ڪتاب ”ٻيلاين جا ٻول“ لکيو، جيڪو لسٻيلي

جي سنڌي سگهڙن بابت هو. اها ڇڻ سنڌي لوڪ ادب گڏ ڪرڻ جي شروعات هئي. ان کان پوءِ ڊاڪٽر بلوچ لوڪ ادب اسڪيم تحت 42 ڪتاب سهيڙيا. ڊاڪٽر بلوچ ڏکيا ۽ تڪليف وارا سفر ڪري سنڌ جي جهر جهنگ، ڪوهستان، ڪاڇي، لاڙ، ٿر ۽ اتر جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃي پهتو. سنڌي اساسي (ڪلاسڪي) شاعري کي سهيڙڻ جو ڪم به ڊاڪٽر بلوچ ڪيو. جامع سنڌي لغات کان سواءِ هن سنڌ جي تاريخ، سنڌي ٻولي، ادب ۽ موسيقي جون تاريخون، سنڌي ثقافت تي تحقيقي ڪم کان سواءِ شاهه جي رسالي جا ڏهه جلد مرتب ڪيا. هن اٽڪل سئو کن ڪتاب ۽ ٻيا ڪيترائي مضمون سنڌي ۽ انگريزي ۾ لکيا. ڊاڪٽر بلوچ کي مختلف ادبي محفلن ۾ ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جا موقعا ته مون کي گهڻا مليا، پر هن سان ويجهڙائپ تڏهن ٿي جڏهن 24 جنوري 2001ع ۾ آئون سنڌ الاجي جو ڊائريڪٽر ٿيس. ستت پوءِ ڊاڪٽر بلوچ جي خدمت ۾ حاضر ٿي مون کيس رهنمائي ڪرڻ جو عرض ڪيو. پاڻ نهايت شفقت سان مليو ۽ چيائين ”سنڌالاجي کي سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت تي گهڻي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان کي هڪ بين الاقوامي سطح جو ادارو بنائڻ کپي. جيڪڏهن تون اهو ڪم ڪرڻ چاهين ٿو ته آئون ضرور تنهنجي مدد ڪندس.“ مون سنڌ الاجي ۾ ڪانفرنسون ۽ سيمينار ڪوٺائڻ ۽ ميوزيم ۾ نمائشن ڪرائڻ جي رٿا جوڙي، ان سلسلي ۾ پهريون سيمينار“ 21 صديءَ جو گهرجون ۽ سنڌ ۾ تعليم جو معيار“ 28 آگسٽ 2001ع تي ڪوٺايو ويو، جنهن لاءِ مون ڊاڪٽر بلوچ کي خاص مهمان طور شرڪت ڪرڻ جو عرض ڪيو. چيائين ته ” ڳچ سالن کان سنڌ الاجي جا دروازا مون تي بند رهيا آهن، پر هاڻي تون آيو آهين ته آئون ضرور ايندس.“ ان کان پوءِ سنڌالاجي ۾ سندس اچڻ جو سلسلو باقاعدي شروع ٿيو ۽ فون تي به ڳالهه ٿيندي رهي. هن مون کي شروع ۾ چئي ڇڏيو هو ته ”توکي مون سان ملڻ جي لاءِ ٽائيم وٺڻ جي ضرورت ڪانهي. جڏهن به اچڻ چاهين، مون کي رڳو فون تي ا ڳواٽ ٻڌائي ڇڏيندو ڪر.“ مون کي ياد ڪونهي ته پاڻ ڪڏهن مصروفيت جو سبب ڄاڻائي ملڻ کان انڪار ڪيو هجيس. مون سوچيو ته ڊاڪٽر بلوچ جا ٻين ماڻهن کي لکيل خط هٿ ڪري سنڌ الاجيءَ طرفان شايع ڪجن. جڏهن کيس اها ڳالهه ٻڌايم ته چيائين، ”بلي! پر خط هٿ ڪرڻ جو ڪم ڪير ڪندو؟ ماڻهن وٽ پاڻ هلي وڃڻو پوندو، تڏهن ڪم ٿيندو.“ مون چيو، ”سائين، آئون پاڻ وڃي خط هٿ

ڪندس.“ مون اها رٿا سنڌ يونيورسٽي جي ٿڌهوڪي وائيس چانسلر مظهر الحق صديقي جي اڳيان رکي. هن خوشيءَ سان رٿا منظور ڪئي ۽ سڄي سنڌ جي دوري ڪرڻ لاءِ يونيورسٽي طرفان هڪ گاڏي به ڏني. عثمان منگي، سگهڙ عبدالرحمان مهيسر ۽ ارشد بلوچ انهيءَ دوري ۾ مون سان گڏ هئا. ان ڪان پوءِ هڪ دورو ٻيو ڪيم. خط گڏ ڪري ڊاڪٽر صاحب جي خدمت ۾ آڻي حاضر ڪيم، جيڪي پاڻ نظر مان ڪڍي مون کي چيچڻ لاءِ ڏنائين. سندس لکيل خطن جو اهو ڪتاب ”سڄڻ سارينديي“ جي نالي سان سنڌالاجيءَ طرفان شايع ٿيو. ڊاڪٽر بلوچ جي خواهش هئي ته سنڌالاجي لائبريري ۾ سندس نالي سان ٻـڪ ڪارنر قائم ڪيو وڃي. حقيقت ۾ اها سنڌالاجيءَ لاءِ فخر جي ڳالهه هئي. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ذاتي لائبريري مان سنڌي، انگريزي، فارسي، عربي ڪتاب، رسالا، قلمي نسخا ۽ ٻيا لکپڙهه جا اهم ڪاغذ منهنجي حوالي ڪيا. اهو شاندار ڪارنر سنڌالاجي لائبريري ۾ قائم ڪيو ويو. سنڌالاجي جي ميوزيم ۾ پڻ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي نالي سان به ڪارنر قائم ڪيل آهن. پاڻ ڪجهه ناياب شيون ميوزيم لاءِ ڏنائين، جيڪي هڪ ڪمري ۾ سندس نالي سان محفوظ ڪيل آهن. ميوزيم ۾ سنڌ جي گذاري ويل نامور شخصيتن جا ڪارنر آهن، جن ۾ سندن ذاتي استعمال جون شيون رکيل آهن. مون کي خيال آيو ته ڊاڪٽر بلوچ هڪ Living Legend آهي. اڏي وڏي شخصيت جو ڪارنر سندس حياتيءَ ۾ ئي قائم ٿيڻ کپي. پهرين ته کيس اها ڳالهه نه آئڙي، پر پوءِ منهنجي زور پرڻ تي نيٺ راضي ٿيو. هن پنهنجي ذاتي استعمال جون شيون منهنجي حوالي ڪيون. سنڌالاجي ميوزم جي ڪارڪنن محنت ڪري نه رڳو ڊاڪٽر بلوچ جو ذاتي ڪارنر سهڻي نموني ڊسپلي ڪيو، پر سنڌ ۾ ملهه راند جو به هڪ خوبصورت ڊايوراما تيار ڪيو، جنهن ۾ ملهه وڙهڻ جي منظر سان گڏ ملهه بابت ڊاڪٽر بلوچ جي لکيل هڪ مضمون کي پينا فليڪس تي چپرائي رکيو ويو. منهنجي رٽائر ٿيڻ کان فقط پنج ڏينهن اڳ ڊاڪٽر بلوچ جي ڪارنر ۽ ملهه جي ڊايوراما جو افتتاح ڊاڪٽر بلوچ پاڻ ۽ مظهر الحق صديقي گڏجي ڪيو. 2008ع ۽ 2009ع ۾ مون سياري جي مند ۾ سنڌ الاجي پاران مچ ڪچهريون سجايون هيون. ڊاڪٽر بلوچ ٻئي ڀيرا انهن ۾ خاص مهمان طور شريڪ ٿيو هو ۽ سنڌي لوڪ ادب بابت ڳالهايو هو.

ڊاڪٽر بلوچ ۾ مون ڪڏهن به هڪ وڏي عالم جو تڪبر ۽ وڏائي نه ڏٺي. باقي اهو ضرور هو ته هو پنهنجي راءِ تي مضبوطيءَ سان قائم رهندو هو. ڊاڪٽر بلوچ بابت ڪجهه غلط فهميون به پيدا ڪيون ويون، پر حقيقت اها آهي ته هن کي سنڌ سان لڳاءُ ۽ بيحد محبت هئي. هن سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت کي مٿانهون رکيو ۽ ان جي مٿانهين پڻي کي دليلن ۽ حوالن سان ساراهيو آهي. سنڌ جي مان شان کي وڌائڻ ۾ ڊاڪٽر بلوچ جو هڪ وڏو ڪارنامو آهي، جنهن لاءِ هو سالن کان چپ چاپ، بنا پاڻ پڌائڻ جي ڪم ڪندو رهيو.

Posted by wahabsahito at 1:35 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

**SUNDAY, APRIL 3, 2011**

## ماستر چندر - امر لال ٽڪياڻي

# ماستر چندر

### سنڌ جو مهان ڪلاسيڪل ۽ سدا بهار راڳي

امر لال ٽڪياڻي

سنڌ ڌرتي ڪيترين ئي اهم ۽ مهان شخصيتن کي جنم ڏنو آهي، اهڙين مهان هستين مان موسيقي ۽ گائڪي جي دنيا ۾ وڏو نالو ڪمائيندڙ سنڌ جو عظيم راڳي ماستر چندر به هڪ آهي. ماستر چندر 1907-12-12ع تي نارو شاهه ضلعي نوابشاهه ۾ جنم ورتو، هن 12 سالن جي چمار ۾ ڳائڻ شروع ڪيو. هن پنهنجي گيتن ذريعي هندو مسلم ايڪتا جو جذبو جاڳايو. هن جي معروف ڪلامن ”رنائي رهن پر، هجن حياتي“ ۾ هڪ محبت جو گاڏو آهي، چندر ”ڪڏهن تون تو ڏڪين، ڪڏهن مان تو ڏڪيان“ تمام گهڻي شهرت حاصل ڪئي. هن جي گيتن ۾ محبت، پيار، امن ۽ پائيچاري جو پيغام شامل آهي. جنهن کي جهڙي به وقت ٻڌجي تي راحت نصيب ٿيندي آهي. ورهاڱي کانپوءِ ماستر چندر پنهنجي گيتن ذريعي سنڌ ۽ سنڌين لاءِ ماڻهن ۾ نئون جوش ۽ اتساهه پيدا ڪيو. ماستر چندر جڏهن فلم انڊسٽري ۾ پير پاتو ته هن پهرين فلم هيرو جو ڪردار ادا ڪيو، ماستر چندر 47 سال فلمي دنيا کي وقف ڪيا، ماستر چندر پلي بيڪ ڳائڻو هو، فلم ”موت ڪا طوفان“ ۾ هن گيت ڳايا ماستر چندر هڪ فنڪار سان گڏوگڏ هڪ بهترين ادا ڪار،

شاعر ۽ موسيقار پڻ هو. اليڪٽرڪ سازن جي دنيا ۾ چوٿيءَ جو موسيقار ٿيو. هن سنڌ ۾ موسيقي کي جديد طريقي سان متعارف ڪرايو.
ماستر چندر جو من موهيندڙ آواز انسان جي سندس نس نس کي ڇهندو هو. 22 ورهين جي ڄمار ۾ ماستر چندر ايچ ايم بي ڪمپني ۾ 3000 ڪلام رڪارڊ ڪرايا، ايچ ايم بي ڪمپني طرفان هن کي گولڊ ميڊل پڻ ڏنو ويو. ڏسو صفحو 6
ڏڍهن هن مندرن ۽ درگاهن ۾ ڳائڻ شروع ڪيو ته ان دوران سنڌ جي عظيم فنڪار ڪنور ڀڳت ڪنول رام ان جو ڳائڻ ٻڌو ته ڀڳت ڪنور رام کيس آشيرواد ڏيندي چيو ته چندر فني دنيا ۾ وڏو نالو ڪمائيندو، سنڌ جي مهان راڳي ماستر چندر 400 گراهم فونو رڪارڊ ڪرايا.
پنهنجي سموري زندگي فن ۽ موسيقي کي ارپيندڙ هزارين دلين تي اڄ به راڄ ڪندڙ ماستر چندر جا ڪلام اڄ به سدا بهار آهن، باشعور ۽ پڙهيل لکيل طبقو اڄ به ماستر چندر جي امر ڪلامن جي غور ۽ دلچسپي سان ٻڌندو آهي، اڄوڪي هن پاپ ميوزڪ واري دور جنهن ۾ ڪلاسيڪل موسيقي کي گهٽ اهميت نٿي ڏني وڃي پر ماستر چندر سنڌ جي اها مهان هستي آهي، جنهن جي ڪلامن کي اڄ به سنڌ جا مهان فنڪار سُر ۾ ممتاز علي لاشاري جهڙا بهترين راڳي پڻ سدا بهار ڪلام ڳائي ٻڌندڙن تي سحر طاري ڪري ڇڏيندا آهن، سنڌ جي هن عظيم هستي کي اسان کان وڇڙيئي ستاويهه سال ٿي چڪا آهن پر هي اڄ به هر باشعور جي دل ۾ ڌڙڪي ٿو، سنڌ جو هي مهان ڪلاڪار 77 سالن جي ڄمار ۾ نومبر 1984ع ۾ ديهانت ڪري ويو.

## شيخ اياز

جديد سنڌ، ويهين صديءَ ۾ سنڌي شاعريءَ جي ميدان ۾ جيڪي وڏا شاعر پيدا ڪيا، تن ۾ شيخ اياز جو نالو سيني کان مٿانهون آهي. اياز، سنڌي شاعريءَ جي ماضيءَ جو تسلسل، حال جو ترجمان ۽ مستقبل جو رهبر شاعر آهي، هن سنڌي شاعريءَ جي بيٺل تلاءَ ۾ تحرڪ پيدا ڪري، ان ۾ زندگي، جدت ۽ ندرت پيدا ڪئي.
سنڌ جي هن وڏي شاعر جو اصل نالو شيخ مبارڪ علي هو، پر شعر ۽ ادب جي دنيا ۾ هو ’اياز‘ جي نالي سان مقبول ٿيو. هن 2 مارچ

1923ع تي سنڌ جي تاريخي شهر شڪارپور ۾ جنم ورتو، سندس والد جو نالو شيخ غلام حسين ۽ ڏاڏي جو نالو شيخ عبدالحڪيم عرف بنگل شيخ هو، جيڪو شهر جي معزز ماڻهن ۾ شمار ٿيندو هو ۽ سندن پاڙو بنگل پاڙو، سڏبو هو. شيخ اياز جو خاندان بکرا ڻي آهي. شيخ اياز ثانوي تعليم تائين شڪارپور ۾ پڙهيو. انٽرميڊيئيٽ ۾ شڪارپور جي سي ائنڊ ايس ڪاليج مان 1942ع ۾ ڪيائين. 1944ع ۾ ڊي. جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ بي. اي جو امتحان پاس ڪري 1945ع ۾ ايل. ايل. بي ۾ داخلا ورتائين. ڪاليج جي تعليم دؤران ڪاليج مئگزين جو ايڊيٽر به رهيو. هن ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ جي رهبريءَ ۾ پي.ايڇ. ڊي ڪرڻ چاهي، پر ڊاڪٽر صاحب جي ديهانت سبب مڪمل نه ڪري سگهيو. 1950ع ۾ ايل. ايل. بي ڪان پوءِ وڪالت شروع ڪيائين ۽ سنڌ جي نامور وڪيلن ۾ شمار ٿيو. شيخ اياز سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي بانيڪارن مان هو، هن 1945ع ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي رهبريءَ ۾ هلندڙ ’سنڌي سرڪل‘ جي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪئي ۽ جڏهن گوبند مالهيءَ اپريل 1946ع ۾ ڪراچيءَ ۾ سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو بنياد وڌو ته شيخ اياز ۽ ڀِهاري لال چاپڙيا سنگت جا پهريان جوائنٽ سيڪريٽري چونڊيا ويا. شيخ اياز شڪارپور ضلعي ۾ به سنگت کي منظم ڪيو، ان کانِ سواءِ ’انجمن ترقي پسند مصنفين‘ سان به وابسته رهيو. ورهاڱي کان پوءِ ’پاڪستان رائٽرز گلڊ‘ ۽ سائين جي. ايم. سيد جي قائم ڪيل ’بزم صوفياءِ سنڌ‘ سان به گهري لا ڳاپي ۾ رهيو.

شيخ اياز ٻاراڻي وهيءَ ۾ شاعريءَ جي شروعات ڪئي ۽ سندس پهريون نظم يارهن سالن جي عمر ۾ ڇپيو هو. شيخ اياز شاعريءَ سان گڏ ڪهاڻيون به لکيون، سندس ڪهاڻين جو پهريون ڪتاب ’سفيد وحشي‘1946ع ۾ ڇپيو.

ورهاڱي جي تاريخي سانحي ۾ شيخ اياز جا اڪثر دوست نارائڻ شيام، ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند مالهي، اي.جي. اتم، بهاري لال چاپڙيا، موتي رام راماواڻي، ايڊووڪيٽ امر لال پنجواڻي، ڊاڪٽر ارجن شاد ۽ ٻيا ڀارت هليا ويا ۽ ورهاڱي جي هن ڪاري وار شيخ اياز جي ذهن تي وڏو اثر وڌو. سنڌي اديبن جو وڏو حصو ڀارت هليو وڃڻ سبب شيخ اياز اردو اديبن جي صحبت ۽ محفلن ۾ وڃڻ شروع ڪيو. سندس اردو شاعريءَ جو اڳيئي وسيع مطالعو هو، ان ڪري هن اردوءَ ۾ شاعري شروع

ڪئي، جنهن اردو شاعرن وٽ وڏو مقام حاصل ڪيو. سندس اردو شاعريءَ جو پهريون مجموعو ”بوءِ گل نالئه دل“، 1954ع ۾ ئي پروفيسر آفاق صديقيءَ جي پيش لفظ سان ڇپجي پڌرو ٿيو. 1954ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي نئين سر تشڪيل ٿي ۽ محمد ابراهيم جويي جهڙو سجاڻ اديب ۽ نقاد سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ۽ بورڊ پاران نڪرندڙ رسالي ”مهراڻ“ جو ايڊيٽر ٿيو. جويي صاحب، شيخ اياز جي ذات کي پرکيندي، کيس مشورو ڏنو ته هو اردو شاعريءَ بدران سنڌي شاعريءَ کي جاري رکي، ڇو ته هو پنهنجي ذات کي منطقي نتيجي تي صرف سنڌيءَ ۾ ئي پهچائي سگهي ٿو. ’مهراڻ‘ جي 1955ع جي پهرئين پرچي ۾ جويي صاحب ’اسان جي شاعر جا خط‘ عنوان هيٺ شيخ اياز جا ڏانهس لکيل خط ۽ اياز جي بيتن واري شاعري شايع ڪئي، ۽ ائين اياز، اداسيءَ ۽ مايوسيءَ جي ماحول مان ٻاهر نڪري آيو. ان بعد اياز جي ذات جي ڪرشمي نه رڳو سنڌ، پر دنيا کي حيران ڪري ڇڏيو ۽ هو وقت جو وڏي ۾ وڏو شاعر ٿي اڀريو. هن جي شاعري ته باڪمال آهي، پر سندس نثر جو اسلوب ۽ ٻولي به اعليٰ درجي جي آهي. اياز جا زندگيءَ جي آخري پساهن تائين لڳاتار شاعريءَ ۽ نثر جا ڪيترائي ڪتاب ڇپجندا رهيا، جن جو تفصيل هن ريت آهي:

(1). ”ڀَونر ڀري آڪاس“ (شاعري: 1962ع)

(2). ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙين“ (خط ۽ نوٽ بوڪ جا ٽڪرا: ڊسمبر 1962ع)

(3). ”ڪلهي پاتم ڪينرو“ (شاعري: 1963ع)

(4). ”اڪ جون ڦلڙيون، پيچ پيني“ (نثري شاعري: 1965ع-ايوبي مارشل لا ۾ هي ڪتاب ڇپجڻ جي باوجود منظر عام تي نه اچي سگهيو ۽ هي ڪتاب ٻيهر 2000ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو)،

(5). ”ڪي جو ٻيجل ٻوليو“ (شاعري: 1970ع)

(6). ”وڄُون وسڻ آئيون“ (شاعري: 1973ع)

(7). ”ڪپر ٿو ڪُن ڪري“ (شاعري: 1975ع)

(8). ”لڙيو سج لڪن ۾“ (شاعري: 1980ع)

(9). ”پتڻ ٿو پُور ڪري“ (شاعري: 1982ع)

(10). ”جڳ مڙيوئي سپنو“ (آتم ڪٿائي يادون: 1985ع)،

(11). ”چنڊ چنبيليءَ ول“ (شاعري: 1985ع)

(12). ”پن ڇڻ پڇاڻان“ (شاعري: 1985)

(44). ”اڳتي قدم“ (2001ع : شيخ اياز آگسٽ، سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر 1947ع ۾ ’اڳتي قدم‘ ماهوار جا 3 پرچا ڪڍيا هئا، جن کي گڏ ڪري نئين ترتيب سان محمد ابراهيم جويي 2001ع ۾ ڪتابي صورت ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو)
(45). ”جي تند برابر توريان“ (ڪهاڻيون: شيخ اياز جون ’سفيد وحشي‘ ۽ ’پنهل کان پوءِ‘ عنوان سان ڪهاڻين جي مجموعن ۽ ان کان ٻاهر رهجي ويل ڪهاڻيون، انور فگار هَڪڙي ترتيب ڏئي ڇپائي پڌريون ڪيون)
(46). ”پکي ساڳي پار جا“ (تاجل بيوس سان گڏ:2004ع).
شيخ اياز جي ٻهرين ٻن شعري مجموعن ’ڀَؤنر ڀري آڪاس‘، ’ڪلهي پاتم ڪينرو‘ ۽ هڪ نثري ڪتاب ’جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي‘ تي ايوبي آمريت بندش وڌي هئي، ۽ اها پابندي شيخ اياز جي آخري عمر ۾ ختم ٿي. شيخ اياز جي شاعريءَ ۽ نثر کي 22 جلدن جي صورت ۾ ثقافت ۽ سياحت کاتي حڪومت سنڌ ڇپائڻ جو پروگرام رٿيو آهي، جنهن جا ٻهريان ٿي جلد آگسٽ 2009ع تائين ڇپجي چڪا آهن، جيڪي تاج جويي ترتيب ڏنا آهن. جن ۾ اياز جي شاعريءَ جا 13 ڪتاب اچي ويا آهن، ٻيا جلد تياريءَ هيٺ آهن. سندس اردو شاعريءَ جو ’بوءِ گل نالئه دل‘ کان پوءِ ٻيو مجموعو ”نيل ڪنٺ اور نيل ڪي پتي“ 1988ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. سندس سنڌي شاعريءَ کي فهميده رياض اردوءَ ۾ منظوم ترجمو ڪيو آهي، جيڪو ”حلقه ميري زنجير ڪا“ نالي سان 1974ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هو ۽ سندس شاعريءَ جو پنجابي منظوم ترجمو مشهور دانشور ۽ شاعر احمد سليم ڪيو، جيڪو ٻڻ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي 1976ع ۾ ڇپيو، اياز جي سمورن غزلن کي نوجوان شاعرن- اسحاق سميجي ”گيڙو ويس غزل“(2004ع) ۽ بخشل باغي”هي روح جزيرو حيرت جو“ (2004ع)جي نالي سان ڇپايو.
شيخ اياز پنهنجي قومي ۽ مزاحمتي شاعريءَ جي ڪري، جيل ياترا به ڪئي، رجعت پسندن مٿس ڪفر ۽ بغاوت جا الزام به هنيا ۽ ڪيترا ڪيس ٻڻ ڪيا. ان سلسلي ۾ ”ادب ۽ ڪي آڙ مين“ جي نالي سان هڪ ڪتاب لکي سڄي جديد سنڌي ادب ۽ شاعريءَ جي خلاف ۽ خصوصاً شيخ اياز خلاف باهه ٻاري وئي، جنهن جي جواب ۾ برک دانشور رسول بخش پليجي ”انڌا اونڌا ويڄ“، مولانا غلام محمد گراميءَ ”مشرقي شاعريءَ جا فني قدر رجحانات “ ۽ محمد ابراهيم جويي

جي رهنمائيءَ ۾ قاسم پٽر ”ادب ڪي نام پر“ ڪتاب لکي ڪين جـواب ڏنا.
شيخ اياز قديم توڙي جديد شعري صنفن تي پرپور گرفـت رکنـدو هـو، پراڻين شعري صنفن کي ٻوليءَ توڙي اسلوب جـي نـواڻ بخشـيائين ۽ منجهن ڪيترائي تجربا به ڪيائين. سنڌي ڪلاسيڪي بيت ۽ وائيـءَ کـي جديد رنگ ۽ آهنگ ڏنائين. عروضـي وائيـءَ لکـڻ جـو پهريـون ڪمايـاب تجربو بـه ايـاز ڪيـو ۽ ان کـان علاوه ڪافي نيـون صـنفون پڻ متعـار ڪرايائين، جن ۾ آزاد نظم، نثري نظـم ،هـائيڪو، ڏيـڍ سـٽا ۽ چهـه سـٽا وغيره شامل آهن. اهـڙي نمـوني پـاڻ انـدازاً وِيهـن کـان مٿـي شـعري صنفن ۾ ڪلام چيو اٿس.
سنڌي شاعريءَ کي نج ٻوليءَ ۽ مقامي مـاحول عطـا ڪرڻ ۾ سـندس وڏو هٿ آهي، اهو ئي سبب آهي، جو سنڌي شاعريءَ جي جديـد دور ۾ وڏ کان وڏ مڃتا شيخ اياز ئي مـاڻي. شـيخ ايـاز جـي ڪلام جـو ڪجهـه حصو هنديءَ، اردو، سرائيڪي، پنجابي، فرينچ، جرمن ۽ انگريزيءَ ۾ پڻ ترجمو ٿيو آهي. سندس شاعريءَ جي انگريـزي ترجمـي تـي مشـتمل هيٺيان چار ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا آهن.
1. THE STORMS CALL FOR PRAYERS. (Translation from Sindhi by: Asif Farukhi & Shah Muhammad Pirzada: 1999).
2. IMMORTAL POETRY OF SHAIKH AYAZ (Translated by: J.M Girglani: 2003).
3. SONGS OF FREEDOM, (Translated by: Saleem Noor Hussain: 2003).
4. ON THE BANK OF INDUS. (Translated by: Professor Latif Noonari: 2006).
نوٽ:J.M Griglani جي ترجمي جو ٻيو ڇاپو شيخ اياز چيئر، شـاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور طرفان 2007ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويـو آهي.
شـيخ ايـاز جـي شـاعري فـڪري حـوالي سـان ٻـن دورن / لاڙن تـي مشمتل آهي. پهريون دور ترقي پسند، قومپرستيءَ ۽ جديد فڪـر جـي نمائندگي ڪندڙ آهي ۽ ٻيو دور بين الاقواميت، ويـدانت يـا تصـوف جـو نمونو پيش ڪري ٿو. اهي ٻئي رجحـان عملـي طـور سـندس زنـدگيءَ

جي روين مان به جهلڪن ٿا، جو پهرئين دور ۽ پوئين دور ۾ منجهس نمايان تبديليون نظر اچن ٿيون. جنهنڪري اج توڙي سياڻي جي ادبي حلقن ۾ تعريفي ۽ تنقيدي، ٻنهي حوالن سان گفتگو جو موضوع ٻڻيل رهندو. جهڙيءَ طرح شيخ اياز شروعاتي دور ۾ پاڻ ڪجهه عرصو ادبي رسالي ”اڳتي قدم“ جو ايڊيٽر رهيو، تهڙيءَ طرح پوئين دور ۾ ڪجهه وقت سنڌي اخبار ’برسات‘ جو پڻ ايڊيٽر رهيو. ان ريت صحافت جي شعبي ۾ به حصيدار ٻڻيو. اخباري ڪالم ۽ اخبار ۾ ڇپجندڙ سندس دعائون، سندس فڪري تبديليءَ جون شاهد آهن. شيخ اياز بابت نصير مرزا، جامي چانڊيي، ملڪ نديم، آغا سليم، انور فگار هَڪڙي، هدايت پريم، گُرڏني گانگاڻيءَ ڪتاب ڇپرايا آهن، جڏهن ته تاج جويي پڻ هيٺيان چار ڪتاب ڇپايا آهن:

1. ”جر ۾ تو جرڪان (1999ع)،

(2). ”مان ورڻو هان مان ورڻو هان“ (2000ع)،

(3). ”ساميءَ ويس سلوڪڙا“ (2002ع)،

(4). ”آءُ درازا هل“ (2007ع).

شيخ اياز ٻه شاديون ڪيون، جن مان ڪيس چار پٽ ۽ چار نياڻيون ٿيون. پنهنجي زندگيءَ جا آخري سال ڪراچيءَ جهڙي مصروف شهر ۾ انتهائي اڪيلائپ جي ڏکوئيندڙ احساس ۾ گذاريائين. دوستن کان ڌار، دل جي بيماريءَ ۾ مبتلا هوندي به آخري دم تائين لکندو رهيو. هن عظيم شاعر 28 ڊسمبر 1997ع تي وفات ڪئي. سندس آخري آرامگاهه ڀٽ شاهه ۾، ڪراڙ جي ڪپ تي واقع آهي.

Posted by wahabsahito at 12:48 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## حسام الدين راشدي - صوفي غلام مصطفيٰ ڪانڌڙو

# حسام الدين راشدي

صوفي غلام مصطفيٰ ڪانڌڙو

مشهور تاريخ دان ۽ محقق علم و ادب جي افق تي چمڪندڙ هڪ روشن ستارو، اسان جي نظرن کان هميشه لاءِ اوجهل ٿي ويو. پهرين اپريل 1982ع جي هي خبر نهايت ڏک سان ٻڌي ويئي ته اج سنڌ جو مشهور تاريخدان اديب علم دوست شخصيت سيد حسام الدين

راشدي وفات ڪري ويو. راشدي صاحب جي وفات جي خبر باهه وانگر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهلجي وئي. هر جاءِ تي علم دوست ساٿين جا عذر خواهيءَ وارا اجلاس ٿيا ۽ راشدي صاحب جي وفات سبب اهڙو ته خال پيدا ٿي ويو جنهن جو پورائو ڪرڻ مشڪل آهي. سندس ساري زندگي علم ادب جي خدمت ڪندي گذري. پاڻ مشهور تاريخدان، محقق ۽ دانشور هو. ڏاهپ، ڄاڻ ۽ پروڙ ۾ ته هو يڪتا هو. تاريخ دانيءَ ۾ ملڪ اندر مشڪل سان سندس ڪو ثاني ملندو.

سنڌ شناسي ۾ ته پنهنجو مٽ پاڻ هو. هلندڙ صديءَ ۾ سنڌ جون تقريبن ٽي پيڙهيون سندس اعلىٰ خيالن ۽ ويچارن کان فيضياب ٿينديون رهيون.

پير حسام الدين راشدي 20 سيپٽمبر 1911ع تي تعلقي رتيديري، ضلع لاڙڪاڻي جي هڪ ڳوٺ بهمڻ ۾ هڪ علم دوست خاندان ۾ ڄائو. انگريزي، سنڌي، اردو، فارسي، عربي تعليم ۾ عبور حاصل ڪيائين.

19 سالن جي عمر ۾ سکر جي هڪ ادبي رسالي الفغار جي ادارت ۾ ڪم ڪرڻ لڳو ۽ ايئن صحافتي زندگي جو آغاز ڪيائين.

1930ع ڌاري هفتي ۾ به پيرا نڪرندڙ اخبار سنڌ زميندار سکر جي ايڊيٽر طور ڪم ڪيائين. ان کان پوءِ 1934کان 1937ع تائين روزنامه الوحيد ڪراچيءَ سان وابستا رهيو. 1945 ۾ روزنامه قربانيءَ ۾ ڪم ڪيائين. 1958کان 1961 تائين، ٽه-ماهي مهراڻ سان وابستا رهيو.

1967ع ۾ ڪراچي جي اردو ٽه-ماهي رسالي ۾ ڪم ڪندو رهيو. 1969کان 1970 تائين فارسي ۾ شايع ٿيندڙ ٽه-ماهي پارس جي ادارتي شعبن تي ڪم ڪيائين. سندس پهرين سنڌي تخليق، اسلامي ڪتب خانا 1960ع ۾ شايع ٿيو.

هن وقت تائين سنڌيءَ ۾ 16، فارسيءَ ۾ 25 ۽ اردوءَ ۾ 4 ڪتاب شايع ٿيل آهنس.

سندس ٽي سؤ کن مضمون، سنڌيءَ ۾ مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيل آهن. سندن ڪتابن ۾ تذڪره امير خاني 1961، مڪلي نامو 1967ع هو ڏوٿي هو ڏينهن 1977، مير معصوم بکري 1979ع شايع ٿيا. سندس آخري سنڌي ڪتاب ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون شايع ٿيو آهي. جيڪو پڻ سنڌي ادب جو هڪ بهترين ڪتاب آهي. راشدي صاحب کي 1973ع ۾ تهران يونيورسٽي طرفان ادبيات ۽ علوم انسانيه ۾ اعزازي ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري ڏني وئي. وڏي افسوس جي ڳالهه آهي

ته راشدي صاحب جي لکيل سنڌي ۽ فارسي ڪتابن کي اڄ تائين شايع نه ڪيو ويو آهي.
جنهن جو تعداد 13 آهي. جيڪڏهن اهي 13 ڪتاب به شايع ڪرايا وڃن ته علم ۽ ادب جو بهتر خزانو ثابت ٿيندا ۽ راشدي صاحب جي روح کي به سڪون حاصل ٿيندو.
سندس علمي ادبي خدمتن کي صدين تائين ياد رکيو ويندو. راشدي صاحب کي سنڌي ادب ۽ تاريخ سازي سان بيحد محبت هئي. سندس تقرير جا چند جملا سندس علم ادب سان محبت جو ڪيڏو نه واضح ثبوت پيش ڪري رهيا آهن.
”منهنجا دوستو توهان جي هٿ ۾ پئسو ڪونهي، توهان لکڻ ۾ من جون مرادون پوريون نٿا ڪري سگهو، جيڪڏهن انهيءَ سست رفتاريءَ سان اسان هلنداسين ته پوءِ اسان جي تاريخ ۽ ادب جا مسئلا، ڪڏهن به حل ٿي نه سگهندا.“

Posted by wahabsahito at 12:35 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## ظفر ڪاظمي - سليم چنا

# ظفر ڪاظمي، نامور مصور

تاريخ، ادب، آرٽ، ثقافت ۽ ڪلچر، هنر، ڪاريگري ۽ قديم آثارن جو ماهر

سليم چنا

اڄ کان اٽڪلهه اٺهٺ سال اڳ سنڌو سپيتا جي سرواڻ ۽ تاريخي، تهذيبي شهر آمريءَ منجهه پنجويهين ڊسمبر 1933ع ڌاري مها سنڌو درياهه جي ويجهو، سيد مير محمد شاهه ڪاظميءَ جي گهر ۾ محترم ظفر ڪاظميءَ ٿڌي موسم ۽ ماحول ۾ پنهنجي والده جي ڪ وسي ڪُ ڪ منجهان جنم ورتو. پرائمري تعليم دوران آمريءَ جا ڏڙا، سنڌو نديءَ جا تيز وهڪرا، درياهه بادشاهه جو پاٽ، سندس اوج، موج ۽ جوش چوليون، مهاڻن جون ٻيڙيون، اچ وڃ جا تڙ، بچاءُ بند، انهن تي پنڌ، ڪچي جو جهنگ، ٻيلو ڏسي وڏو ٿيو. جڏهن نون سال جي عمر کي پهتو، تڏهن هڪ وڏي بيماريءَ کي منهن ڏيڻو پيس. جنهن ھٿي سُڪائي ڪاٺي ڪري ڇڏيس ۽ سندس مائٽ کيس سَن ۾ سائين جي ايم سيد جي حويليءَ ۾ کڻي آيا. جتي سندس علاج ڪرايو ويو. صحتياب ٿي

هيءُ ٻار وري پنهنجي وندر کي لڳي ويو. اُهو ڪنيرن کي چيڪي متيءَ منجهان ٺانوَ ناهيندي ڏسندو هو.
هن نينگر پنهنجي ننڍڙي وهيءَ ۾ اوڏڪين پتين مان جڏهن سپون ۽ ڪوڏيون کوٽي ڪڍيون هيون. تڏهن کيس به خبر نه هئي ته وڏو ٿي پاڻ متيءَ جي دڙن جو ۽ مورتين جو محافظ به ٿيندو ته مورت ساز به.
نيٺ جڏهن سندس اندر، آمريءَ مان حاصل ڪيل علم سبب اپامٺ لڳو، تڏهن هيءُ چوڪرو پنهنجي ڪلا کي جلا بخشن لاءِ ۽ جڳ کي سنڌ جي جاڳرتا ڏيکارڻ لاءِ درسي علم حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي جاکوڙ سان دونهون چڙهيندڙ وڏي ڪوڪ وجائي هلندڙ ڪاري انجڻ واري ريل گاڏيءَ ۾ چڙهي اچي، ڪراچيءَ ۾ ٻئي درجي انگريزي تائين پڙهي، گورنمينٽ هاءِ اسڪول دادو ۾ اچي ٽيون درجو انگريزي پڙهيو ۽ دادوءَ جي جادوءَ ۾ گم ٿي ويو. پوءِ اين جي وي هاءِ اسڪول ڪراچيءَ ۾ آيو. جتان مئٽرڪ ڪيائين، پر ان کان اڳ سال 1948ع ڌاري تعليم دوران اين جي وي اسڪول ۾ چرتڪاري جي چٽاپيٽي ۾ چترڪاريءَ مصورريءَ ۾ ۽ ماڊلنگ ۾ پهريون نمبر کٽي آيو. انهيءَ ساڳي اسڪول منجهان 1950ع ڌاري انٽرميڊيئٽ ڊرائينگ گريڊ 1 جو امتحان پاس ڪري ساڳي ئي اسڪول ۾ 1951ع ڌاري ڊرائينگ ٽيچر ٿيو. انٽرميڊيئٽ ڊرائينگ ۾ سڄي سنڌ ۾ هي پهريون نمبر آيو هو. سندس مصوريءَ جو پهريون استاد ڪراچيءَ ۾ سيد اسحاق حيدر زيدي هو، جنهن جي ان وقت وڏي هاڪ هئي.
سال 1954ع ڌاري حيدرآباد جي ٽريننگ ڪاليج مان ڊرائينگ ٽيچر سرٽيفڪيٽ امتحان ڏئي هن سڄي سنڌ ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪئي. جيڪا ان وقت فن مصوري ۾ تمام وڏي ڳالهه هئي. هن ڪاليج ۾ سندس استاد ۽ رهبر، ع-ق شيخ ۽ ڪي آر روپاڻي رهيا. سال 1954ع جي مارچ ۾ شاهه لطيف اسڪول حيدرآباد ۾ ٿيندڙ تصويري نمائش ۾ پهريون نمبر کنيائين. 1956ع ڌاري آل پاڪستان گورنمينٽ ٽيچرس ڪانفرنس گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد ۾ به پهريون نمبر حاصل ڪيائين.
1958ع ڌاري ظفر ڪاظمي جي تصويرن جي پهرين نمائش پٽ شاهه ۾ ٿي. جنهن منجهه شاهه جي سورمين تي ايڪيهه تصويرون هيون، هن نمائش کي ملڪ جي اهم شخصيتن: صدر پاڪستان اسڪندر مرزا، سيد هاشم رضا، ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن ۽ چيئرمين پٽ شاهه ڪلچرل ڪميٽي، فيلڊ مارشل ايوب خان، ذوالفقار علي

پٽي، سيد ميران محمد شاهه ،محمد ايوب کھڙي، بيگم اسڪندر مرزا، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، خان صاحب عبدالله چنا، بيگم زينت چنا ۽ ڪيترن ئي علمي ، ادبي شخصيتن تمام گهڻو ساراهيو. سال 1959ع ۾ شاهه لطيف جي عرس جي موقعي تي ٿيندڙ سندس ٻي تصويري نمائش ۾ ڪاظمي صاحب پاران چوويهه نيون تصويرون هيون ۽ چار تصويرون علي ا ڪبر منگيءَ جون هيون، 1959ع ۾ آل پاڪستان نيشنل لوڪل ٽوئرزم پوسٽر ڇاپيتي غلام محمد ٻئراج جي موضوع تي ٿي. جنهن ۾ پڻ ٻهريون نمبر ڪنيائين. سال 1958ع کان 1960ع تائين ابن انشاءِ جي ايڊيٽريءَ هيٺ نڪرندڙ مئگزين لاءِ ٽائيٽل ٺاهيائين. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي مرتب ڪيل لوڪ ادب رسالي لاءِ ايلويشنس ۽ ٽائيٽل ٺاهيائين.

1960ع ۾ آل سنڌ ايڊيوڪيشنل ڪانفرنس آف آرٽ ٽيچرس پينٽنگس ۾ ٻهريون نمبر ڪنيائين. ساڳي سال محترمه ع.ق شيخ صاحب اسڪالرشپ تي انگلينڊ ويا. ان جي جاءِ تي انچارج ٿي ڪم ڪيائون، نارمل ڊرائينگ ، ٽيچر ٽريننگ ڪلاس، ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾. سال 1961ع ڌاري ڪراچي يونيورسٽي جي شاگردن پاران امر جليل جي اڳواڻي ۾ ظفر ڪاظمي سان شام ملهائي وئي. جنهن ۾ سندس تصويرن جي نمائش رکيل هئي. هن شام ۾ سڄي سنڌ کان آيل عالمن، شاعرن، آرٽسٽن ۽ ليکڪن شرڪت ڪئي. سال 1959ع ۾ کين ايسٽ-ويسٽ پاڪستان نيشنل پينٽنگ ايوارڊ مليو. سال 1964ع ۾ کين ڪراچي اين جي وي اسڪول مان گهرائي سنڌ يونيورسٽي ۾ انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشن جو ڊمانسسٽيٽر ڪري رکيو ويو جتي پاڻ ميوزم جا انچارج به هئا. هاڻي اهو ساڳيو ميوزيم سنڌ الاجي ۾ آهي. 1970ع ۾ کين واپس ڪراچي اين جي وي اسڪول ۾ موڪليو ويو. جتان سال 1971ع ۾ گهرائي سندن خدمتون بورڊ آف گورنرس جي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تجويز تي سنڌ پروانشل ميوزم حيدرآباد جي حوالي ڪيون ويون.

پنهنجي نوجوانيءَ دوران جڏهن مٿس ڪي پنهنجن پاران پابنديون مڙهيون ويون. تڏهن گهر ڇڏي وڃي لاهور پهتو. جتي ڪڏهن رستن تي بوٽ پالش ڪيائين ته ڪڏهن شاهه نور اسٽوڊيو ۾ مزدوري. ڪجهه وقت اتي مشهور سياستدان ممتاز علي دولتانه صاحب وٽ به نوڪري ڪيائين، ڪرڪيٽ جي هن سٽي رانديگر پنهنجي ملڪ جي

نمائندگي ڪندي بهترين آل رائونڊر جو اعزاز ماڻيو. ريڊيو تي ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ان وقت گلوڪاري ڪيائين جڏهن استاد محمد جمن پويان ويهي بانسري وڄائيندو هو. استاد محمد ابراهيم اجان ريڊيو تي نه آيو هو ۽ مشهور ڳائڻو مهدي حسن پروگرام ملڻ لاءِ ريڊيوپاڪستان ڪراچيءَ جي ٻاهران چڪر پيو ڪاٽيندو هو . بحيثيت هڪ صحافيءَ جي هن ”عبرت“ اخبار لاءِ ان وقت ڪم ڪيو جڏهن ”عبرت“ جو ايڊيٽر علي محمد شيخ صاحب هو. پاڻ ”عبرت“ جي آفسيٽ جا لي آئوٽ، ٽائيٽل ۽ ڪارٽون به ناهيائون ته مضمون به لکيائون. شاعري به ڪيائون پر پوءِ تنوير عباسيءَ جي صلاح تي شاعريءَ تان هٿ ڪڍي ويا، پر باقي شيون لکندا رهيا. هڪ سوال جي جواب ۾ چيائون ته: ”ادب جڏهن سياست جو موڙ ورتو تڏهن مون لکڻ ڇڏي ڏنو، هاڻي ته اديبن ۾ سياسي گروهه پيدا ٿي پيا آهن پر منهنجي ڪين اها گذارش آهي ته خدارا! سنڌ جي مفاد ۾ يڪ مشت ٿي ڪم ڪريو ۽اتحاد جو عملي مظاهرو ڪريو، ٻولي، ثقافت ۽ تهذيب کي بچايو. اهو توهان جو وڙ آهي، اهو وڙ نڀايو“.
کيس ايشيا جي انهيءَ مصور هجڻ جو اعزاز حاصل ٿيو جنهن مصوريءَ جي وسيلي بين الاقوامي سطح تي سنڌ جا موسيقيءَ جا ساز ۽ ان جا وڄائيندڙ خوبصورت تصويرن ۾ پيش ڪري سنڌ جي ثقافت کي روشناس ڪيو. سندس اها نمائش 5 هفتا جاري رهي. بي بي سي ٽيليويزن انهيءَ کي مڪمل ڊيڪاريو ۽ بي بي سي ريڊيو تان سندن انٽرويو نشر ٿيو.
پاڻ سنڌ ميوزم حيدرآباد تي ايڪويهه سال لڳاتار ڪم ڪيائون. پاڻ ڪيترن سالن کان ٽٽائي صاحب جي ميلي جا اسٽيج لوڪ ورثا ميلن ۾ ۽ 23 مارچ تي اسلام آباد ۾ ٿيندڙ فوجي پريڊ ۾ 1981ع کان فليوٽ ناهي، ڇهه دفعا پهريون نمبر ۽ به دفعا ٻيو نمبر حاصل ڪيو، سندس اهي ئي فليوٽ سنڌ جي ڀرپور عڪاسي ڪندڙ هوندا آهن.کين سندن صلاحيتن عيوض 1981ع ۾ جپان ڪلچر فائونڊيشن پنهنجي فيلوشپ ڏني. ظفرڪاظمي صاحب ڪراچي ۽ حيدرآباد ريڊيوتان 10 سالن کان مٿي سنڌي ۽ اردو ۾ ٻارن کي ريڊيو جي وسيلي مصوري سيکاريندا رهيا ۽ ڪراچي ريڊيو تان ڊراما به ڪيائون. امرجليل جي ڪلچرل ڊپارٽمينٽ لاءِ ناهيل فلم لاءِ تصويرون ۽ ڊراما ناهيائون. پٽ شاهه ۾ سندن ٺهيل مجسما ڊايوراما شاهه لطيف جي ڪردارن ، مومل را ڻو،

سهڻي، سسئي ۽ نوري ڄام تماچي تي ، انهن جي ماحول جي پسمنظر ۾ ٺاهيل، جنهن ۾ مومل جو راڻي کي رئو پيرن تي وجهي ريجهائڻ، سهڻيءَ جو ڀڳل گهڙي سان درياهه ۾ ٻڏڻ، سسئي جو قاتل ڪيڙن ۽ اگهاڙن پيرن سان جبل جهاڳڻ، نوريءَ جو ڪينجهر جي ڪناري تي بيٺل ٻيڙي منجهه ويهڻ ۽ ڪناري ڪان وڻ جي ڇانو ۾ ڄام تماچي جو ويهڻ ڏيکاريل آهي. سڄي ڍنڍ جو پسمنظر ان ۾ ڪنول جا گُل ۽ ڪناري تي وڻڪاري ڏيکاريل آهي.

ڪاظمي صاحب سال 1957ع ۾ شادي ڪئي ، کيس 2 پٽ ۽ 4 نياڻيون آهن. نياڻين جي ۽ سندس وڏي پٽ ذاڪر علي جي شادي ٿيل آهي ۽ ياور علي اڃان پڙهي رهيو آهي. سندس نياڻي عظمـٰي ڪاظمي ڪجهه سال اڳ پاڪستان يوٿ اسلام آباد ۾ آرٽ جو ايوارڊ کنيو، ياور علي به پينٽنگز ۽ ڊبيت ۾ انعام کٽي چڪو آهي. ظفر ڪاظمي صاحب اين جي وي اسپورٽس جو انچارج به رهي چڪو آهي. رائيفل سوٽنگ جي مقابلي ۾ ايوارڊ کي چڪو آهي.

سندس چوڻ موجب سندس ماروٽ علي انور شاهه فاريسٽ آفيسر به مصوريءَ جو فن جو ڄاڻو هو ۽ سندس والد ۽ والده بهترين خوش خط هئا. سائين ظفر ڪاظمي سنڌ جي اها واحد شخصيت آهن جنهن پنهنجي سموري ڄمار رنگن ۽ برشن ۾ گذاريندي سنڌي ادب، ارٽ، لوڪ ورثي ۽ قديم آثارن کي ناياب ۽ شاهڪار تصويرون ڏئي پنهنجي مصوريءَ جي فن جو حق ادا ڪيو آهي. سنڌ جي مصوريءَ جي حوالي سان هو سڄي دنيا ۾ هڪ سڄي دنيا م هڪ مڃيل ۽ ڄاتل سڃاتل شخصيت آهي. سائين ظفر ڪاظمي 12 جنوري 2007ع تي وفات ڪري ويا. کين سندن ئي ٺاهيل آرٽ گئلري جي پارڪ اندر، سنڌ ميوزم ۾، مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.

## ع. ق شيخ

### ناميارو مصور ۽ اديب

ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل

ع. ق شيخ جو پورو نالو عبدالله ولد قادر بخش شيخ هو، پر پاڻ هميشه ع. ق شيخ سڏائڻ پسند ڪندا هئا.

شيخ صاحب ضلعي ٿرپارڪر جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ گڏڙو ۾ 8 مارچ 1914ع تي ڄائو هو، سندن والد محترم قادر بخش پرهيزگار ۽ متقي هو. سندن مشغل حڪمت هو ۽ تعليم و تدريس سان به سندس واسطو هو. اهو ئي سبب هو جو شيخ صاحب جي ابتدائي تربيت ۽ نشو و نما پنهنجي والد محترم جي زير نگراني ٿي ۽ قرآن شريف جو درس ۽ ديني تعليم به وٺائنن ورتائين. ان بعد پرائمري تعليم ٽنڊو سومري ۽ ٽنڊوالهيار ۾ ورتائين. شيخ صاحب جو ننڍي هوندي کان ئي فن ۽ ادب ڏانهن لاڙو هو. شيخ صاحب جڏهن هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هو. ان وقت انٽرميڊيئيٽ ڊرائنگ گريم امتحان پاس ڪري ورتو هئائين. پر پوءِ پاڻ تعليم جاري نه رکي سگهيو، جنهن ڪري يونيورسٽي مان ريگيولر شاگرد جي حيثيت ۾ ڪو به امتحان پاس نه ڪري سگهيو. پر بعد ۾ نوڪري دوران خانگي طور ايم اي، ايل ايل بي، ڊي ٽي سي، ڊي ايم جا امتحان پاس ڪري ورتائين. لائبريري سائنس ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ڊپلوما پڻ حاصل ڪيائين. پهريان به ٽي سال زراعت کاتي ۾ نوڪري ڪيائين پر جيئن ته سندن ذهني رجحان فن مصوري ڏانهن هو انهي ڪري جيئن ئي کين موقعو مليو ته ضلعي ٿرپارڪر ۾ ڊرائنگ ماستري وٺي آرٽ ۽ ڊرائنگ تي توجهه ڏيڻ لڳو. نوڪري دوران کيس هندستان جي مشهور اداري سر جي اسڪول آف آرٽ ۾ داخلا ملي ويئي، تنهن ڪري ممبئي ۾ هڪ سال 39- 1938ع رهي، ٽريننگ وٺي موٽي آيو. شيخ صاحب کي فن مصوري سان والهانه عشق هو. انهي ڪري واپس اچڻ کانپوءِ به اسڪول آف آرٽ ممبئي ۾ وڃڻ لاءِ سوچيندو رهندو هو. ايترو وڃڻ جو اتساهه هئس جو 1942ع ۾ هٿين خالي هتان ممبئي لاءِ روانو ٿيو، نيٺ وڏي ڪوشش کانپوءِ اسڪول آف آرٽ ممبئي ۾ کين ٻيهر داخلا ملي ويئي، اتي پڙهڻ سان گڏوگڏ واندڪائي ۾ ڪم ڪري پئسا ڪمائيندو هو ته جيئن اسڪول فيءَ به ڏيئي سگهي ۽ پنهنجو گذر سفر به ڪري سگهي. اهڙي طرح ڏيڍ سال کن پڙهندو رهيو. اوچتو کيس والد صاحب جي سخت بيماري جو اطلاع مليو، جنهن ڪري هو واپس پيءُ کي ڏسڻ لاءِ موٽي آيو، پڻس کيس ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ جلدي صحتياب به ٿي ويو پر پوءِ اسرار ڪري کيس ممبئي وڃڻ نه ڏنائين اهڙي طرح شيخ جي فني تعليم مڪمل ڪرڻ جو خواب پورو نه ٿي سگهيو، ٻيهر ڪوشش ڪري گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميرپورخاص ۾ ڊرائنگ ماستري ورتائين. ڪجهه

عرصي بعد سندس بدلي ترينگ ڪاليج فارمين ۾ ٿي، جتي شروع ۾ ڪاليج ۾ رهيو، پر پوءِ کين ڊرائنگ ٽيچرس ڪلاس ۽ ميوزم جو انچارج مقرر ڪيو ويو، ملازمت دوران سنڌ تعليم کاتي طرفان کيس 1960ع ۾ انگلينڊ موڪليو ويو، جتي ويسٽ آف انگلينڊ اڪيڊمي آف آرٽس برسٽل يونيورسٽي برسٽل ۾ آرٽ جي وڏي سکيا ورتائين. ع. ق شيخ جي سڄي زندگي علم حاصل ڪرڻ ۽ علم و ادب، فن مصوري ۽ مختلف مصنوعات تي لکڻ ۾ گذري. پاڻ ڪڏهن واندا نه ويٺا. رٽائرمينٽ ڪانپوءِ پبلڪ اسڪول حيدرآباد ۾ اعزازي سروس بجا آڻيندا رهيا، تان جو 15 آگسٽ 1991ع تي خالق حقيقي سان وڃي مليا.
ع. ق شيخ، ناميارو مصور ۽ اديب هئڻ سان گڏوگڏ، افسانوي ادب ۾ به خاص دلچسپي رکندو هو. سندس ڪيترا افسانا شايع ٿي چڪا آهن، جن ۾ حقيقت نگاريءَ جو عڪس نظر اچي ٿو. سندس پنجاهه کان مٿي افسانا مهراڻ، نئين زندگي ۽ ٻين رسالن ۾ شايع ٿيل آهن. ڪيترا ڊراما به لکيائين، جيڪي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان نشر ٿيا. ساڳئي وقت کيس ڊزائين ۾ به مهارت حاصل هئي. سنڌالاجي، سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۽ ٻين ڪيترن ادارن جي ڪتابن ۽ ته ماهي مهراڻ رسالي جون ڪور ڊزائينون، ع. ق شيخ جي فني مهارت جو زندهه ثبوت آهن. شيخ صاحب جي اها عام عادت هئي جو هو رات جو دير تائين ڪتاب پڙهڻ ۽ لکڻ ۾ مشغول رهندا هئا. سندن ذاتي لائبريري ۾ مختلف موضوعن تي پنج هزار کان مٿي ڪتاب هئا. سندن لائبريريءَ ۾ موجود ڪتابن مان اهو بلڪل واضح نظر اچي ٿو ته سندن علمي ذوق جو گهڻو لاڙو مذهب، ادب، انگريزي ادبيات ۽ فن مصوري ڏانهن هو.
پاڻ ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف هو. جن مان خاص ڪتاب ”کهه ۽ ڪٺوري“ تاريخ سلام ۽ ”داستان اندلس“ آهن. سندن اڻ ڇپيل مسودن ۾ برسٽل جي ڊائري نظم ۽ ٻيا به تحقيقاتي مسوده پيا آهن.
ع. ق شيخ مرحوم جي پرڪشش شخصيت جي ڪري سندن حلقه احباب تمام وسيع هو. شخصي طور پاڻ ملنسار ۽ نماڻي طبيعت جا مالڪ هئا، پاڻ ڪڏهن به ڪنهن کي نه رنجائيندا هئا. سدائين ننڍن وڏن سان خوش اخلاقي سان ملندا هئا، سڀني سان کين بي لوث پيار هو. سندن روزمره جي زندگي وڏي منظم هئي.

شيخ صاحب جي خاص دوستن ۾ محمد عثمان ڏيپلائي مرحوم، غلام محمد گرامي مرحوم، رشيد ڀٽي، مراد علي مرزا، سائين محمد ابراهيم جويو، الياس عشقي، يار محمد پنهور، گل محمد کتري ۽ شيخ اياز جا نالا قابل ذڪر آهن.

Posted by wahabsahito at 12:20 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## چوچڪ بيگم - ولي محمد طاهرزادو

# چوچڪ بيگم

### ولي محمد طاهرزادو

اٽڪل سوا ٽي سئو ورهيه ٿيا، جو سنڌ تي تَرخان گهراڻي جو بادشاهه شاهه حسن ارغون حڪومت ڪندو هو، ڪيس هڪ ڌيءَ هئي، جنهن جو نالو چوچڪ بيگم هو. هوءَ پنهنجي سونهن ۽ سيرت سبب ديسان ديس مشهور هئي. تن ڏينهن ۾ هندستان تي مغل گهراڻي جو بادشاهه همايون حڪومت ڪندو هو، جنهن جو ڀاءُ ڪامران ڪابل جو حاڪم هو. ڪامران جڏهن چوچڪ بيگم جي سونهن ۽ سيرت جي واڪاڻ ۽ هاڪ ٻڌي، ته پريٺ مٿس عاشق ٿي پيو ۽ سندس پيءُ کان سڱ گهريائين. شاهه حسن ارغون ڪامران جي ڳالهه قبول ڪئي. ڪامران کي جڏهن اها خوشخبري ملي، ته هو شاديءَ لاءِ يڪدم اچي سنڌ ۾ پهتو. شاهه حسن سنڌس ڏاڍي مرحبا ڪئي ۽ وڏيءَ ڌام ڌوم سان پنهنجي ڌيءُ جي شادي ڪامران سان ڪرايائين. توري گهٽي ڏينهين ڪامران موٽي ڪابل وڃڻ جي ڪئي، ته شاهه حسن ڪيس هڪ هزار سپاهي ساڻ ڏنا ۽ ڪئين قيمتي سوکڙيون پاکڙيون ڏيئي روانو ڪيائين. ڪامران ڪنوار کي ساڻ وٺي ويو. اجا ڪابل مس پهتو، ته همايون زبردست فوج وٺي مٿس حملو ڪيو. دراصل ٻنهي ڀائرن ۾ پيءُ جي مرڻ کان پوءِ جنگ ۽ جهيڙو هلندو ٿي آيو. هن لڙائيءَ ۾ همايون جي فتح ٿي، سو نه رڳو ڪامران جو تخت ۽ تاج هٿ ڪيائين، پر سندس ٻئي اکيون به ڪڍائي ڇڏيائين. ڪامران ويچاري لاءِ ته هاڻ هِن جهان ۾ چوچڪ بيگم کان سواءِ ڪجهه ڪونه بچيو. سو ارادو ڪيائين، ته زال کي ساڻ ڪري حج تي هليو وڃان. اها ڳالهه ڳڻي هو سنڌ ۾ آيو. اڳئين پيري جڏهن هو سنڌ ۾ آيو هو، ته سندس وڏو شان ۽ شوڪت هو. سونُ روپيو ساڻ

هو، فوج هئي، يار دوست ۽ نوڪرن چاڪرن جا اتالا هئا، پر هاڻي سواءِ چوچڪ بيگم جي ٻيو ڪو ڪونه بچيو هو. شاهه حسن ڪي پنهنجي نانيءَ جي تباهيءَ جو احوال هوندئن ته اڳيئي معلوم ٿي چڪو هو، پر جڏهن ڪيس هيئن بي يارو مددگار ڏٺائين، تڏهن ڏاڍو ڏک ٿيس. سو اڳئين ڪان به وڌيڪ آجيان ڪيائينس، جيئن سندس دلجوئي ٿئي. سندس رهڻ جو بندوبست لسٻيلي ۾ ڪيائين. خرچ پکي لاءِ ميرپوربٺوري وارو سمورو علائقو حوالي ڪيائينس. ڪامران ڪي جڏهن ڏٺ مليو، ته ڏاڍو خوش ٿيو. چار ڏهاڙا سک سان ويهي گذاريائين. پر اها ڳالهه ڪين وساريائين، ته هو ساهري گهر مهمان آهي. سو ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ پنهنجي سهري ڪي حج تي وڃڻ جي خيال ڪان واقف ڪيائين ۽ موڪل گهريائين. شاهه حسن گهڻو ئي چيس، ته هيءُ ملڪ پنهنجو گهر سمجهه ۽ هتي ئي رهي پئو، پر ڪامران ڳالهه نه مڃي. چوچڪ ٻيگم جڏهن مڙس جو اهو ارادو ڏٺو، ته هن به ماءُ پيءُ ڪان موڪل گهري. پر ماڻهنس پڻهنس موڪل ڏيڻ ۾ دل هڻڻ لڳا، جو ڄاتائون ٿي ته سندس سڪيلڌي ڌيءُ ڪي انڌي محتاب مڙس سان وڏا ڏاکڙا ڏسڻا پوندا. جڏهن موڪلائڻ جو ڏينهن آيو، ٻيڙي تيار ٿي اچي بيٺي ۽ چوچڪ بيگم ڏٺو، ته سندس ماءُ پيءُ ڪيس موڪل ڏيڻ لاءِ تيار نه آهن، ته هوءَ ماٺ ميٺ ۾ پاسو وٺي وڃي ٻيڙيءَ ۾ مڙس سان گڏ ويهي رهي. پڻهنس ڪي جڏهن اهو پتو پيو، تڏهن ڌيءُ ڪي سمجهائي پاڻ سان واپس گهر وٺي اچڻ لاءِ ٻيڙيءَ تي آيو. چوچڪ بيگم ڪيس ڏسي چيو، ته بابا! ڪيڏي نه ڏک جي ڳالهه آهي! جڏهن منهنجو مڙس بادشاهه هو، ته اوهان خوشيءَ سان مون ڪي ساڻس پرڻايو، پر هاڻي جڏهن هن جي قسمت ڦيرو کاڌو آهي ۽ هو محتاج ۽ لاچار شخص ٿي پيو آهي، ته اوهان مون ڪي ساڻس گڏ وڃڻ لاءِ موڪل نٿا ڏيو ۽ چاهيو ٿا، ته مان مڙس ڪي ڇڏي گهر ۾ ويهي رهان. زال ۽ مڙس جي ته قسمت ئي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هوندي آهي. اڄ جيڪڏهن آءٌ پنهنجي مڙس ڪي ڇڏي ڏينديس، ته پوءِ دنيا زال ذات لاءِ ڇا چوندي؟ شاهه حسن ڌيءَ جو اهو جواب ٻڌي پنهنجي ڳالهه تان هٿ کنيو. پوءِ هو زال مڙس ڪانئس خوشيءَ سان موڪل وٺي سفر تي روانا ٿيا ۽ پنهنجي حياتيءَ جا باقي ڏينهن ڏک سک ۾ گڏجي مڪي شريف ۾ پورا ڪيائون.

Posted by wahabsahito at 11:14 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

# قلندر لعل سيوهاڻي

”اچي حاضر حسيني ٿيءُ، قلندر لعل سيوهاڻي!“

ولي محمد طاهرزادو

سنڌ جي قديمي شهرن مان سيوهڻ هڪ اهڙو آڳاٽو شهر آهي، جنهن تي ماضيءَ جي لڙاٽيل پردن پوڻ سببان، اڄ تائين ڪا به اهڙي تسلي بخش ثابتي نٿي ملي، ته هن جو بنياد ڪڏهن پيو ۽ هن پنهنجي اوج ۽ اقبال جي دور ۾ زماني جا ڪهڙا لاها چاڙها ڏٺا، ۽ پنهنجن ۽ پراون جي هٿان سيني تي ڪهڙا زخم سَٺا؟ سنڌ جي تاريخ جي پردن تي سيوهڻ جي قدامت جي ثابتي، بهرحال سڪندر يونانيءَ جي حملي کان شروع ٿئي ٿي، جيڪو عيسوي سن کان 336 سال اڳ سڄي دنيا فتح ڪرڻ جي خيال سان بي انداز لشڪر وٺي، ايران، شام، فلسطين ۽ مصر کي لتاڙي، سنڌ ۾ پهتو. هو سنڌ ۾ ڪجهه عرصو، هن شهر جي دلفريب فضا کان متاثر ٿي، هتي رهي پيو ۽ پنهنجو هڪ يادگار قائم ڪرڻ جي خيال کان اڳوڻي قلعي جي مرمت ڪرائي، موٽي وطن ڏانهن اُسهيو. سڪندر جي حملي کان پوءِ سيوهڻ ڪيترن انقلابن سان روشناس ٿيو. زماني جي ڏنگيءَ چال هن کي ڪڏهن به دائمي طور پنهنجن جي هٿن ۾ رهڻ ڪين ڏنو. هڪ حملي آور جي چنبي مان لُڇي ڦٽڪي، اجا هن پنهنجي جان مس ٿي آزاد ڪرائي، ته ائين ئي ڏسندي ڏسندي ڪنهن ٻئي جو ٿي ٿي ويو. ائين هلندي هلندي آخر هن جي اوج ۽ اقبال جا ترانا جيڪي ڏيهان ڏور ٻڌبا هئا، سي آهستي آهستي ختم ٿيندا ويا ۽ هي سڄو شهر بربريءَ واري گوشئه گمناميءَ ۾ رهجي ويو. بهرحال هن شهر زماني جي هيٺانهين ۽ مٿانهين ان گذرندي، ڇهين صدي هجريءَ ۾ هڪ بزرگ ۽ اهل الله، سيد عثمان بن ڪبير الدين مروندي، جنهن جي نسب جو سلسلو تيرهين پيڙهيءَ ۾ امام جعفر صادق رحه سان ملي ٿو، سنڌ جي هن شهر ۾ آيو ۽ سيوهڻ کي پنهنجي ابدي آرام گاهه بنائڻ جو ارادو ڪيائين. سيد عثمان مروندي اڳتي هلي قلندر شهبا جي لقب سان مشهور ٿيو. هن هجري 583 ڌاري آذربائجان علائقي ۾ تبريز کان ڇاليهه ميل الهندي طرف مروند نالي هڪ ڳوٺڙيءَ ۾ جنم ورتو. پر ڪڏهن تذڪري نگارن جي راءِ آهي ته مروند افغانستان ۾ هڪ

ڳوڙهو آهي، جڏهن ته هن سان قلندر شهباز جي پيدائش جو ڪوبه تعلق نه آهي. ڇاڪاڻ ته هن جو جنم آذربائجان ۾ ٿيو، جتي مروند نالي هڪ ڳوٺڙو اڄ به موجود آهي. اهڙيءَ ريت مروند جي بجاءِ مرند ئي صحيح سمجهڻ گهرجي. اهڙو ساڳيو اختلاف پيدائش جي تاريخ بابت پڻ آهي.

قلندر شهباز ننڍيءَ عمر ۾ اعليٰ ذهانت جو مالڪ هو. ستن سالن جي عمر ۾ سارو قرآن شريف حِفظُ ڪرڻ انهيءَ ڳالهه جو عين ثبوت آهي. حافظ ٿيڻ کان پوءِ جلد ئي ڪيس ان دور جي مشهور عالمن ۽ بزرگن وٽان وڏيڪ فيض حاصل ڪرڻ جو شوق جاڳيو. اهڙيءَ ريت هو پنهنجي اباڻي وطن کي الوداع چئي، مشهد ۾ عراق ۾ امام رضا ۽ ٻين بزرگن جون زيارتون ڪري، مديني پاڪ ۽ ڪربلا معليٰ کان ٿيندو مڪران پهتو. مڪران جي عالمن ۽ صوفي بزرگن، هن کي علمي چاهه ۽ فيض جي حاصلات لاءِ آماده ڏسي، پنهنجي خاص مريديءَ جي حلقي ۾ آندو ۽ پوءِ ڪافي عرصي گذرڻ بعد قلندر شهباز کي تبليغ ڪرڻ جي خيال سان هندستان ڏانهن روانو ڪيو. ان وقت هندستان ۾ سلطان غياث الدين بلبن جي حڪومت هئي ۽ سندس طرفان شهزادو محمد ملتان ۾ گورنر هو. هندستان پهچڻ کان پوءِ قلندر شهباز ملتان ۾ بهاءُ الدين زڪريا جي خانقاهه ۾ اچي رهيو. شهزادو محمد، بهاءُ الدين زڪريا جو معتقد هو، انهيءَ وسيلي سان شهزادي محمد جي قلندر شهباز سان شناسائي ٿي. شهزادي محمد جو قلندر شهباز سان تعلق، جيئن پوءِ تيئن وڌندو ويو. چون ٿا ته قلندر شهباز ملتان ۾ گهڻو عرصو شهزادي محمد ۽ ملتان جي بزرگن سان رهاڻيون ڪيون. شهزادي محمد جي خواهش ٿي ته قلندر شهباز دائمي طور ملتان ۾ رهائش اختيار ڪري، ۽ هن انهيءَ خيال سان ڪيس هڪ جدا خانقاهه جوڙائي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. پر اڳتي هلي قلندر شهباز اهڙو ارادو ترڪ ڪري آخري عمر ۾ ملتان کي الوداع چئي، سيوهڻ ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي.

تذڪري نگارن جي راءِ آهي، ته سيوهڻ ۾ قلندر شهباز پنهنجي زندگيءَ جو رڳو آخري هڪ سال گذاريو. انهيءَ حساب سان پاڻ هجري 650 يعني هڪ سو ٻارهن ورهين جي عمر ۾ سيوهڻ ۾ وفات ڪئي هوندائين.

قلندر شهباز جي ميلي کي وڏي اهميت حاصل آهي. سنڌ ۾ ٻيا به ڪيترائي ميلا ۽ ملاکڙا ٿيندا رهن ٿا، پر هن ميلي جو نمونو ئي ٻيو

آهي. هر سال شعبان مهيني جي تاريخ 18 کان 20 تائين هزارين ماڻهو سنڌ، بلوچستان، مڪران، افغانستان ۽ ٻين ڪيترن هنڌن تان ڪشالا ڪري هتي اچي گڏ ٿين ٿا. ٽئي ڏينهن صبح کان وٺي شام تائين نغارن جي ڌم ڌمان لڳي پئي هوندي آهي. درگاهه تي صبح ۽ شام سارو ڏينهن ڌمالون پيون وڄنديون آهن. هر فن ۽ رنگ جا ماڻهو هن موقعي کي ڏسڻ ايندا آهن. سنڌ جي ٻين ميلن ۾ واپار کي وڏي اهميت حاصل آهي، پر هتي ايئن نه آهي. ٽئي ڏينهن صبح کان شام تائين راڳ ۽ ساز جو ڇهڇٽو لڳو پيو هوندو آهي. شام جو ملاکڙو لڳندو آهي، جو خاص ڏسڻ وٽان هوندو آهي.

Posted by wahabsahito at 11:08 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

**فيضي**

## فيضي

اڪبر بادشاهه جي وزير ابوالفضل جي وڏي ڀاءُ جو نالو فيضي هو ۽ سندس پيءُ جو نالو شيخ مبارڪ هو. سندس خاندان سنڌي هو، جو سنڌ جي ريل شهر جو رهاڪو هو. چون ٿا ته فيضي ۽ ابوالفضل جي ڏاڏي يعني شيخ مبارڪ جي پيءُ جو نالو شيخ خضر هو. اهو بزرگ ڪنهن سبب سنڌ مان لڏي وڃي، هندستان جي شهر ناگور ۾ رهيو هو ۽ اتي ئي ڪيس 911هه، مطابق 1505ع ۾، شيخ مبارڪ ڄائو هو، شيخ مبارڪ ان وقت جي هڪ تمام وڏي عالم ابوالفصل گازروني وٽ گجرات ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ تعليم پوري ڪرڻ بعد هميشه لاءِ آگري ۾ اچي رهڻ لڳو، جو ان وقت هندستان جي گاديءَ جو هنڌ هو. آگري ۾ هُن هڪ مدرسو کوليو، جنهن ۾ هو پاڻ پڙهائيندو هو. سندس پڙهائيءَ جو ايترو ته ڌاڪو ڄمي ويو، جو پري پري کان ڪتابي (طالب علم) سندس مدرسي ۾ تعليم حاصل ڪرڻ ايندا هئا. هو هڪ وڏو عالم هو، ۽ گهڻن علمن ۾ مهارت هئس. اڪبر جي حڪومت جي شروع واري دور ۾ ڪي عالم هن کان ناراض ٿيا، ۽ ڪفر جي فتوا ڏيئي کيس قتل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. هيءَ خبر ڪنهن طرح سندس وڏي پٽ فيضي کي پئجي ويئي ۽ هن پنهنجي پيءُ کي مجبور ڪيو، ته هو جان بچائڻ لاءِ گهر مان لڪي نڪري وڃي. پٽ جي صلاح مڃي، شيخ مبارڪ

شهر ڇڏي ويو. انهيءَ زماني ۾ هن کي ڪيترائي ڏک ڏسڻا پيا. جان بچائڻ لاءِ هو ڪيترا شهر رلندو رهيو ۽ ڪافي وقت، ان پريشانيءَ ۾ گذارڻ بعد اڪبر جي دربار جي هڪ امير مرزا ڪوڪا، اڪبر بادشاهه کي هن جي سفارش ڪئي، سندس درويشي، علم جون خوبيون ٻڌايون ۽ آگري واپس اچڻ جي اجازت گهري. اهڙيءَ ريت هو موٽي آگري ۾ پنهنجي گهر آيو ۽ پوءِ ته هوريان هوريان اڪبر جي نظرن ۾ هن جو وقار وڌندو ويو. هن سن 1001هه ۾ وفات ڪئي. فيضي شيخ مبارڪ جو وڏو پٽ هو. چون ٿا ته هي سن 924هه ۾ آگري شهر ۾ ڄائو. سندس تعليم حاصل ڪرڻ جي باري ۾ جيتوڻيڪ گهڻي خبر ڪانهي، پر ايترو يقين آهي، ته هن پنهنجي پيءُ وٽان ۽ ٻين استادن جهڙوڪ: مشهور بزرگ شيخ حسين مروزيءَ وٽ به تعليم حاصل ڪئي هئي، جو بزرگ پنهنجي وقت جو هاڪارو عالم هو. فيضي فارسيءَ جو تمام وڏو شاعر مڃيو وڃي ٿو. پر ڪيترن بزرگن پنهنجي ڪتابن ۾ هن جو ذڪر شاعر کان وڌيڪ عالم جي حيثيت سان ڪيو آهي. هو ايڏو ته وڏو عالم هو، جو چون ٿا ته سندس زماني ۾ جهڙس مٽ ثاني ٻيو ڪونه هو. عربي ٻوليءَ جو ته ايڏو ڄاڻو ۽ ماهر هو. مشهور آهي ته هن قرآن شريف جي هڪ سورت جو اهڙو تفسير لکيو، جنهن جي لکڻيءَ ۾ ڪٿي به نقطي وارو لفظ آيل نه آهي. فيضي سنسڪرت جو به زبردست ڄاڻو ۽ عالم هو. ان کان سواءِ شعر، معما، عروض ۽ قافيا، لغت، طب، تاريخ، انشاء ۽ ٻين علمن جي مهارت ۾ سندس ثاني نظر ڪونه ٿو اچي. سندس نعتيه مثنوي ”نل دمن“ گهڻو مشهور آهي.

فيضيءَ جي اڪبر تائين پهچ شاعريءَ جي ڪري ٿي. چون ٿا ته سندس شاعريءَ جي ساک آهستي آهستي اڪبر بادشاهه جي ڪنين پيئي. سن 1567ع ۾ جڏهن اڪبر بادشاهه چتور شهر کي گهيرو ڪري رهيو هو، تڏهن هن فيضيءَ کي پاڻ وٽ گهرايو. فيضيءَ جي دشمنن ڳالهه کي اُبتو ڪري، چوڻ شروع ڪيو، ته بادشاهه جي فيضيءَ تي ڪاوڙ ٿي آهي. اهو ٻڌي بادشاهه جا ماڻهو شيخ مبارڪ جي گهر کي گهيرو ڪري ويا ۽ فيضيءَ کي ٻاهر سڏيائون. ان وقت هو گهر ۾ ڪونه هو. ٿوريءَ دير کان پوءِ جڏهن هو گهر موٽيو، ته سپاهي کيس گهوڙي تي چاڙهي چتور وٺي ويا. مرزا عزيز ڪوڪا هن کي بادشاهه جي آڏو پيش ڪيو. ان وقت فيضي بادشاهه جي تعريف ۾ ٻن سون شعرن جو

هڪ نهايت عمدو قصيدو پڙهيو، جو ٻڌي بادشاهه ڏاڍو خوش ٿيو. اهو قصيدو بادشاهه کي ايترو ته وڻيو، جو هن فيضيءَ کي پنهنجي دربار جي اميرن ۾ شامل ڪيو. پوءِ ته هوريان هوريان بادشاهه هن سان ايتري ته محبت ڪرڻ لڳو، جو جهٽ پل لاءِ به پاڻ کان پاسي ٿيڻ نه ڏيندو هئس. بادشاهه جو فيضيءَ تي ايڏو ته راز هو، جو سلطنت جي مکيه راڄنيتي ڳالهين بابت کانئس صلاح پڇندو هو ۽ فيضيءَ جو جواب کيس گهڻي حد تائين تسلي ڏيندو هو. راڄنيتي ڳالهين ۾ فيضيءَ جو اهڙو عمدو ذهن ڏسي اڪبر بادشاهه کيس ٻه ڀيرا سفير ڪري موڪليو، هڪ دفعو احمد ننگر ڏانهن ۽ ٻيو خانديش ڏانهن. اهي ٻئي سفارتون فيضيءَ نهايت ڪاميابيءَ سان پوريون ڪيون. احمد ننگر ۾ جڏهن هو سفير هو، ته هن ڏاڍو عمدو فارسي شعر چيو، جنهن جو ڪجهه حصو احمد ننگر شهر ۽ ان جي آسپاس جي سهڻن نظارن بابت آهي. هندستان جي هاڪاري سياسي اڳواڻ ۽ برک عالم مولانا ابوالڪلام آزاد کي جڏهن انگريزن جي ڏينهن ۾ قيد ڪري احمد ننگر جي قلعي ۾ نظر بند رکيو ويو هو، تڏهن هن پنهنجي هڪ دوست ڏانهن علمي ادبي خط لکيا هئا، جي بعد ۾ ”غبار خاطر“ نالي سان ڪتابي صورت ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا. ان ڪتاب ۾ مولانا آزاد جن خطن ۾ احمد ننگر جي قلعي جي تاريخي اهميت ۽ شهر جي آسپاس جي فضا جو بيان ڪيو آهي، اتي فيضيءَ کي ڏاڍو ياد ڪيو آهي ۽ مضمون ۾ جڳهه جڳهه تي احمد ننگر بابت فيضيءَ جا پيارا پيارا شعر ڪم آندا اٿائين. فيضيءَ جي لکيل ڪتابن بابت پوري ڄاڻ ناهي. سندس جن ڪتابن متعلق اسان کي معلومات ملي سگهي ٿي، تن ۾ موارد الڪلام ”ليلاوتيءَ جو ترجمو“ ۽ حسابن ۽ رياضيءَ ۾ ”مرڪز ادوار“ مشهور آهن. فيضي نه رڳو لکڻ ۾ پڙ هو، پر ڳالهائڻ جو به وڏو ماهر هو. سندس ٽوڪ ۽ لطيفا تمام مشهور آهن، جن کي سندس ڀاڻيجي نور الدين محمد بن عبدالله گڏ ڪري ”لطائف فيضي“ جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ آندو هو. فيضيءَ جي شعر جو هڪ ديوان ”طباشير“ نالي سان آهي، ان ۾ سندس نَوَ هزار شعر آهن. فيضيءَ جي لکيل قصيدن جو ديوان ان کان الڳ آهي. فيضيءَ سن 1004هجريءَ ۾ وفات ڪئي. جڏهن هو بيمار هو ته اڪبر بادشاهه پاڻ ڪهي سندس طبعيت جي باري ۾ حال احوال وٺڻ ايندو هو. اڪبر کي فيضيءَ جي وفات جو وڏو صدمو رسيو، تنهن جو داغ سندس دل تي هميشه قائم رهيو. فيضيءَ جي وفات بعد

سندس ذاتي ڪتبخاني مان چاليهه هزار ڇهه سؤ ڪتاب هٿ آيا. فيضيءَ جي متعلق اهو پوريءَ طرح سان معلوم نه آهي، ته ڪيس ڪٿي دفن ڪيو ويو.

مولانا عبدالحي لکنويءَ پنهنجي مشهور ڪتاب ”نزهت الخواطر“ جي جلد پنجين ۾ گُمان ڪندي ڄاڻايو آهي ته فيضي يا آگري ۾ يا لاهور ۾ دفن ڪيو ويو هو. تازو ڪن پاڪستاني عالمن تحقيقات ڪئي آهي، ته فيضي آگري ۾ ئي دفن ڪيو ويو هو. سندس تربت مٿان ڇ گو شاهي مقبرو هو. بعد ۾ ڌڳهن مينهن ۽ طوفانن سبب مقبري جي عمارت کي نقصان رسيو ته انگريزن ان جي مرمت ڪرائڻ بجاءِ اها سموري ايراضي ڪنهن شخص کي وڪرو ڪري ڏني، جنهن ٻئل عمارت جي جاءِ تي پنهنجي رهائش لاءِ بنگلو ٺهرايو. سندس هڪ شعر هيٺ ڏجي ٿو؛

بنيان تست مستعد نقش علو وسفل
خواه آسمان خواه زمين شو مخيري

(اي انسان! تنهنجي فطرت ۾ بُلندي ۽ پستي، ٻنهي جي نقش قبول ڪرڻ جي صلاحيت آهي. وڻئي ته آسمان (بلند) ٿيءُ، وڻيئي ته زمين (نيچ) ٿيءُ.)

# مرزا قليچ بيگ

چوڻي آهي، ته ماڻهو مريو وڃن، پر سندن ڪم انهن جا يادگار رهجي وڃن. مرحوم شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ هڪ اهڙو انسان ٿي گذريو آهي.

سرڪاري نوڪريءَ ۾ ته مرزا صاحب گهڻائي تعريف جهڙا ڪم ڪيا، جن لاءِ سرڪار کان کيس گهڻو ئي داد مليو، پر جن ڪمن تي سنڌ جي هر ماڻهوءَ کي ناز هئڻ گهرجي، سي آهن مرزا مرحوم جا خانگيءَ طور سرانجام ڏنل ڪم. آهي آهن سندن جدا جدا مضمونن تي ليک لکڻ ۽ ڪتاب ناهڻ.

مرزا صاحب نوڪريءَ جي ساري عرصي ۾ ڪتاب لکندو ۽ ترجمان ڪندو رهيو، جن مان ڪي سرڪار جي حڪم پٽيان لکيائين، جن جي لاءِ انعام مليس ۽ ڪي ايڊيوڪيشنل کاتي پاران درسي ڪتاب يا انعام

ڪتاب يا لائبريريءَ لاءِ ڪتاب ڪري منظور ڪيا. ملان مڪتب جاري ٿيڻ کان پوءِ ڪيترا ڪتاب خاص ملن ۽ سندن شاگردن جي لاءِ لکيائين. ڪيترا ڪتاب زنانن مڪتبن لاءِ ۽ ڪيترا خاص ڪتاب مذهب بابت لکيائين، جو مسلمانن ۾ تعليم جو شوق گهٽ هو ۽ انهيءَ جي ترغيب جي ضرورت هئي. ڪيترائي ڪتاب خاص ٻين مذهبن ۽ سوسائٽين جي اصولن بابت سندن فرمائش موجب لکيائين. انهن مان گهڻا نثر ۾ آهن ۽ ٿيا گهڻا نظم ۾ آهن.

سنڌي شعر کان سواءِ فارسي، اردو ۽ ترڪي شعر به چيائين ۽ ناٽڪن جي ڪتابن ۾ ڪي سنڌي گيت به ٺاهيائين. ڪٿي وري خاص سوسائٽين يا جماعتن جي جلسن ۾ تقريرون ڪيائين ۽ ٻين جي ڪتابن لاءِ ديباچا ۽ تمهيدون لکيائين. مطلب ته جدا جدا مضمونن تي نظم ۽ نثر ۾ ننڍا وڏا اٽڪل به سئو ڪتاب لکيا اٿس، جي سنڌ جي جدا جدا جاين تي ڇپايا ويا آهن ۽ جن اڄ تائين ماڻهن جي دلين ۾ سندن لافاني يادگار قائم ڪري رکيو آهي. مرزا صاحب جو ناٽڪ "ليلا ي مجنون" انهيءَ وقت جو پهريون ناٽڪ هو، جنهن ۾ شعر به اچي ٿي ويو.

انهن ڪمن جي لاءِ مرزا صاحب مرحوم کي ڪهڙو انعام مليو؟ عام ماڻهن جي طرفان انعام هو قدر شناسي ۽ عزت افزائي. سرڪار جي طرفان مرزا صاحب مرحوم کي پينشن وٺڻ کان ٿورو اڳ "قيصر هند" جو چانديءَ جو ٻلو انعام مليو ۽ پينشن وٺڻ کان پوءِ وائسراءِ جي طرفان ۽ سندس صحيح سان ڪيس "سرٽيفڪيٽ آف ميرٽ" مليو. ٻيلسٽي ڪاميٽيءَ ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ ڪمشنر صاحب ڪيس آفرين نامو ۽ هڪڙي سوني واچ جو انعام ڏنو. سن 1924ع جي جنوري مهيني جي پهرين تاريخ مرزا صاحب کي شمس العلماءُ جو لقب مليو.

## اصل نسل ۽ وڏن جو احوال:

مرزا صاحب مرحوم جي والد بزرگوار جو نالو فريدون بيگ هو. اصل عيسائي مذهب جي هڪڙي گهراڻي مان هو ۽ سندس اصلوڪو نالو "سڊني" هو. هو سن 1814ع ۾ سڪز نالي هڪڙي شهر ۾ ڄائو هو، جو جارجيا يعني: گرجستان جي گاديءَ جو هنڌ تفلس کان ڪي ٿورا ميل پري آهي. هو هڪڙي گرجستاني امير جو پٽ هو، جنهن کي گهڻيءَ پيدائش واري جاگير هٿ ۾ هئي، ۽ اتي جي بادشاهه هرقل يا جنهن کي "هراڪلوس" به چوندا آهن، جي راڄ ۾ سرحد جي ويجهو هڪڙو

ڪشادو پرڳڻو به مليل هئس، جنهن جو ملڪي ۽ جنگي انتظام سچو ئي سندس حوالي هو.
نادر شاهه جي مرڻ کان پوءِ، احمد شاهه بادشاهه ايران جي تخت تي ويٺو. تنهن جي ته بلڪل مرضي نه هئي، ته جارجيا جهڙو وڏو ۽ آباد ملڪ سندس قبضي مان هليو وڃي. تنهنڪري سٺ هزار لشڪر سان هو پر ايران مان نڪتو. احمد شاهه جي اوچتي اچڻ ڪري تي چڙهڻ ڪري ”هراڪلوس“ کي روس جي مدد ملي نه سگهي ۽ هو تفلس کان پندرهن ميلن جي پنڌ تي، لڙائيءَ ۾ شڪست کائي متو ل ڪائڻ لاءِ جبلن ڏي ڀڄي ويو.
اها تفلس واري لڙائي، جنهن ۾ هيتري خونريزي ٿي گذري، تنهن ۾ ميرزا فريدون بيگ جو پيءُ پنهنجو سرحدي لشڪر وٺي هراڪلوس جي مدد لاءِ آيو ۽ آخر ٻين سان گڏ شڪست کاڌائين. مرزا فريدون بيگ جو پيءُ پاڻ، پنهنجي زال ۽ ٻن پٽن جان ۽ سڀني سوڌو قيد ٿي پيو ۽ ظاهري مسلماني دين قبول ڪري، موت کان آزاد ٿي، ايران ۾ ٻين قيدين سان گڏجي آيو.
ايران ۾ بادشاهه سندس نالو مٽائي منوچهر رکيو ۽ سندس وڏي پٽ جو نالو جمشيد ۽ ننڍي جو فريدون رکيو.
هاڻي منوچهر بيگ مرزا ايران ۾ ماٺ ڪري نظربنديءَ واري زندگي پيو گذاريندو هو ۽ سندس مسلمان هئڻ ۽ ماٺ واري هلت رکڻ ڪري، منجهس ڪنهن جو شڪ ڪونه هوندو هو. نيٺ هو ڪنهن حيلي سان پنهجي وڏي پٽ جان يا جنهن کي ايرانين جمشيد جو نالو ڏنو هو ۽ جو هاڻي سورهن ورهين جي جمار جو جوان هو، تنهن سوڌو ڀڄي نڪتو ۽ پنهنجي سرحدي قوم گڏ ڪري اچي پنهنجن سان گڏيو. جيتوڻيڪ هن پنهنجي وطن ۽ قوم طرفان ايمانداري ڏيکارڻ ۾ ڪين گهٽايو، پر تڏهن به سندس حياتي اچي پوري ٿي هئي، سو پٽ سوڌو نيٺ ارس واريءَ جنگ ۾ مارجي ويو. منوچهر بيگ جي هن طرح ڀڄي وڃڻ ۽ ايرانين سان وڙهڻ ڪري، ايران جي سرڪار کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. هن جي زال ۽ ننڍي پٽ فريدون کي د ڙڪا ڏنائون، ته توهان کان وير ورتو ويندو. هن ٻپ ۽ شرم کان منوچهر بيگ جي بيبي هڪ رات زهر کائي پاڻ کي ماري ڇڏيو، ۽ فريدون کي اڪيلو هن پرڏيهه ۾ يتيم ڪري وئي.
سيد مرتضيٰ شاهه نالي هڪڙو امير، جنهن کي اصفهان ۽ تبريز ۾ وڏيون جاگيرون مليل هيون، سو هڪ ڏينهن جارجيا جي قيدين جي

تماشي ڏسڻ لاءِ آيو. تنهن کي ننڍڙي فريدون جي غريبي، ڦڙتائي ۽ تيز فهمي ڏسي متس گهڻو رحم آيو. هو هلنديءَ وارو ماڻهو هو، تنهنڪري هن شاهه وٽ عرض معروض ڪري انهيءَ ڇوڪر جي پالنهن ورتي. انهيءَ شرط تي، ته هو هن جي پرورش به ڪندو ۽ هن جي هلت جو به ذميوار رهندو. پوءِ هن کي مٿيون سيد پهريائين تبريز ۾ وٺي آيو ۽ ڪن ڏينهن کان پوءِ وري اصفهان ۾ آندائينس، جتي هن فارسي ۽ عربي ٻوليءَ جي تعليم ورتي.

انهيءَ وقت ۾ فتح علي شاهه قاچار، ايران جو حڪمرا هو ۽ مير ٽالپر سنڌ جا حاڪم هوندا هئا. تن ڏينهن ۾ سنڌ جي گاديءَ تي مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان ويٺل هئا. مير ڪرم علي خان کي اولاد ڪونه هوندو هو، جيتوڻيڪ هن کي حرم گهڻا ئي هئا، تنهنڪري هن پنهنجي وڪيلن کي اها هدايت ڏيئي ڇڏي هئي، ته ايران مان ڪي ننڍا ٻار هٿ لڳي سگهن، ته آڻين. هنن وڪيلن مان اتفاق سان هڪڙي جي ملاقات شاهه جي دربار ۾ انهيءَ سيد سان ٿي ويئي ۽ هنن جو پاڻ ۾ رستو ٿي ويو. تنهنڪري هُن کي هِن ڇوڪر ي جي هلت چلت ۽ اُٿ ويهه، توڻي ٻي لياقت ڏسي گهڻي خوشي حاصل ٿي ۽ احوال به معلوم ٿيس. تنهنڪري سيد کي گهڻو زور ڪيائين، ته هن کي ڇڏي، ته مير صاحب ڏي سندس طرفان تحفو ڪري وٺي وڃي. پڪ ڏنائينس، ته سنڌ ۾ ڇوڪر ڏاڍو سکيو رهندو ۽ چڱو نصيب ٿيندس ۽ مير صاحب به ڏاڍو خوش ٿيندو ۽ سيد جو احسانمند رهندو. انهيءَ ڪري سيد کي لاچار ٿيو ۽ فريدون بيگ جي ٻانهن هن جي سپرد ڪيائين، انهيءَ طرح اهو وڪيل هن کي سنڌ ۾ وٺي آيو.

## ميرزا قليچ بيگ جا پائر:

مرزا فريدون بيگ کي ست فرزند ۽ به نياڻيون هيون. سڀني کان وڏو مرزا غلام رضا بيگ مُنڍ ۾ پرشن ٽيچر حيدرآباد هاءِ اسڪول جو ٿيو، پوءِ ميرپورخاص ۾ ٽنڊي محمد خان جي ننڍن ميرن جو استاد ٿيو ۽ پوءِ ڊپٽي ايڊوڪيشنل انسپيڪٽر ٿيو، جنهن عهدي تي اوچتو ڪراچيءَ ۾ سن 1895ع ۾ وفات ڪيائين ۽ سندس مڙهه حيدرآباد آڻي دفن ڪيو ويو.

مرزا صاحب مرحوم جو ٻيو ڀاءُ مرزا صادق علي بيگ، جو ايلفنسٽن ڪاليج ۾ پڙهي سنڌ مان پهريون مسلمان بي.اي ٿيو. سو پهرين شڪارپور جي هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر ٿيو، پوءِ ڪراچيءَ ۾ بوڪ ڊيپو

جو ڪيوريٽر ۽ ايڊوڪيشنل ٽرانسليٽر ۽ سرڪاري ”سنڌ سڌار“ نالي اخبار جو ايڊيٽر ٿيو. پوءِ ڊپٽي ايڊوڪيشنل انسپيڪٽر پڻ ٿيو.
چوٿون ڀاءُ مرزا علي قلي بيگ به تعليم کاتي ۾ پهرين پرشن ٽيچر هو، پوءِ ڊپٽي ايڊوڪيشنل انسپيڪٽر ٿيو ۽ سن 1904ع ۾ پينشن کان ا ڳي ئي وفات ڪيائين.
سندس پنجون ڀاءُ مرزا جعفر قلي بيگ هو، جنهن پهرين بمبئيءَ جي ميڊيڪل ڪاليج جو امتحان، ايل.ايم.ائنڊ.ايس پاس ڪيو ۽ اتي هوشياريءَ ۾ نالو ڪڍيائين. پوءِ لنڊن ۾ وڃي به ٽي امتحان ڏنائين ۽ اتي شادي ڪيائين. اتان موٽي سنڌ ۾ اچي، ڪراچيءَ ۾ پنهنجي اسپتال کوليائين ۽ نالو ڪڍيائين. هو پيو پيرو به ولايت ويو. مرزا صاحب سنڌ ۾ پهريون شخص هو، جو تعليم وٺڻ لاءِ ولايت ويو هو. آخر سن 1898ع ۾ پليگ جي بيماريءَ وگهي وفات ڪيائين.
ڇهون ڀاءُ ميرزا نجف قلي بيگ، انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ ۾ سب ڊويزنل آفيسر هو ۽ ڏاڍو آزمودگار ۽ هوشيار ماڻهو هو. نوڪري ڪندي قنبر ۾ نمونيا جي بيماريءَ ڪري ڇوٽ آندو ويو ۽ سن 1891ع ۾ وفات ڪيائين.
ستون ڀاءُ مرزا حيدر قلي بيگ، پهرين ميهڙ سب جيل جو جيلر ٿيو، پوءِ پوليس ۾ سب انسپيڪٽر ٿيو. جتان استعيفٰي ڏيئي ڊاڪٽر مرزا جو اسسٽنٽ ٿيو ۽ سندس اسپتال هلائيندو هو. سن 1891ع ۾ نمونيا جي ڪري وفات ڪيائين..

## ٻاراڻي وهي، ننڍپڻ ۽ ابتدائي تعليم:

مرزا قليچ بيگ مرحوم ٽنڊي نوڙهي ۾ پنهنجي پيءُ واري اباڻي گهر ۾ ڄائو هو. اها سن 1270 - هجري 1853ع جي محرم مهيني جي چوٿين تاريخ هئي.
مرزا صاحب مرحوم ننڍي هوندي کان ئي لکڻ پڙهڻ جو شوق رکندو هوندو هو. ٻيا سڀ ٻار راند ڪرڻ ويندا هئا، پر پاڻ قلم ۽ مس کڻي ويهي ڪاغذ ڪارا ڪندو هو. ماڻهن کي عجب لڳندو هو، ته هن کي ٻين وانگي ڇو راند جو شوق نٿو ٿئي! انهيءَ شوق وڌائڻ لاءِ سندس والده مرحومه کيس رنگ رنگ جا پنا، قلمدان ۽ ڪمانگري ڦرهيون وٺي ڏيندي هئي. رڳو لکڻ پڙهڻ جو نه، مگر خاص شعر چوڻ جو به شوق هوندو هئس. ستن اٺن ورهين جي عمر ۾ بيت ٺاهي پنهنجي پيءُ ۽ ناني مرحوم کي ڏيکاريندو هو ۽ پڙهي ٻڌائيندو هو، جي کيس داد

ڏيئي همٿائيندا هئا. جيئن جيئن وڏو ٿيندو ويو، تيئن تيئن سمجهه جهڙا شعر چوڻ لڳو ۽ ڪڏهن فارسي به چوندو هو. مرزا صاحب جو والد اڪثر سندس شعرن جي اصلاح ۽ درستيون ڪندو هو. جڏهن مرحوم مير حسن علي خان يا آغا زين العابدين شاهه يا ڪو ٻيو معزز ماڻهو ملاقات لاءِ يا مهمان ٿي وٽن ايندو هو، تڏهن مرزا صاحب کي سڏيو ويندو هو ۽ پنهنجا شعر انهن کي پڙهي ٻڌائڻ لاءِ چيو ويندو هو، هو تعريف ڪندا هئا ۽ شاباس ڏيندا هئس. انهيءَ ڪري شعر جو شوق وڌندو رهيس ۽ نيٺ شاعريءَ ۾ ڪماليت کي پهچي ويو.

جڏهن مرزا صاحب پڙهڻ جهڙو ٿيو، تڏهن پهرين پنهنجي ڳوٺ جي خانگي مڪتب ۾ آخوند شفيع محمد وٽ وهاريو ويو، جتي سندس وڏا ڀائر ۽ ٻيا ماروٽ به پڙهندا هئا. جڏهن سندس وڏا ڀائر انگريزي اسڪول ۾ وهاريا ويا ۽ پاڻ به قرآن شريف پورو ڪيائين، تڏهن کيس ۽ سندس ڀاءُ علي قلي بيگ کي حيدرآباد جي سنڌي اسڪول ۾ وهاريائون، جتي سندس پهريون استاد آخوند ولي محمد هو. ڪن ڏينهن کان پوءِ وري قاضي حاجي احمد مٽيارين وارو، سنڌي اسڪول ۾ سندن هيڊ ماستر ٿيو، جو سنڌي ۽ فارسي پاڙهيندو هون. مرزا صاحب گلستان، بوستان، انوار سهيلي، سڪندر نامو ۽ ٻيا فارسي ڪتاب انهيءَ وٽ پڙهيو. بلڪ ڪجهه عربي به پڙهيو. سنڌي اسڪول ۾ فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ هو ڏاڍو هوشيار هوندو هو، گهڻا انعام پڻ مليس، جي گولڊ سمٿ صاحب، موئر صاحب ۽ پوءِ نارائڻ جڳننات صاحب هٿ سان ڏنا هئس.

سنڌي اسڪول ۾ پڙهندي مرزا صادق علي بيگ، جو تڏهن هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هو، سو مرزا صاحب کي گهر ۾ پڙهائڻ لڳو. سگهوئي پوءِ پاڻ وڃي ائنگلر ورنيڪيولر اسڪول ۾ ويٺو. اڳيئي به ڪتاب انگريزيءَ جا پڙهيا هئائين، تنهنڪري هڪدم ٻئي ڪلاس ۾ رکيائونس. هيڊ ماستر مسٽر لڪشمڻ وشنو مرهٽو هوندو هو. انهيءَ اسڪول ۾ چڱو نالو ڪڍيائين ۽ هميشه پهريون نمبر ايندو هو. اها ائنگلر ورنيڪيولر اسڪول جي عمارت اُها آهي، جتي پوءِ هاءِ اسڪول بڻيو هو. اُتان چڙهي پوءِ هاءِ اسڪول ۾ آيو، جو تڏهن گهڙيال واريءَ عمارت ۾ هو، جتي هاڻي ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد آهي. اسڪول ۾ انگريزي پڙهندو هو، مگر گهر ۾ والد صاحب جي مدد سان فارسي ۽ عربي به پڙهندو رهيو. اُتي والد

صاحب کان شعر جا ڪتاب خاص طرح، حافظ، صائب، بيدل، شاهنامو وغيره اتي پڙهيو.
انگريزي هاءِ اسڪول ۾ پنهنجي ڀاءُ مرزا صادق علي وانگر نالو ڪڍيائين ۽ امتحانن ۾ متي آيو ۽ وڏا وڏا انعام کٽيائين. پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ يعني: 1871ع ڌاري مرزا غلام رضا بيگ هاءِ اسڪول ۾ پرشن ٽيچر مقرر ٿيو هو ۽ فارسي پڙهائيندو هو پر پوءِ سگهو ئي مرزا غلام رضا بيگ ميرپورخاص جي ميرن جو ماسٽر مقرر ٿيو، ۽ سندس جاءِ تي چاليهه رپين تي مسٽر فلٽن ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر مرزا صاحب مرحوم کي پرشن ٽيچر ڪري رکيو، جتي پاڻ پڙهندو به هو ۽ ٻين ڪلاسن کي فارسي پڙهائيندو به هو. انهيءَ سال مئٽرڪ امتحان ۾ ”ايلس پرائيز“ سٺ رپين جو سنڌي ٻوليءَ تي رکيو ويو هو. انهيءَ لالچ تي عربي ۽ فارسي ڇڏي سنڌي کنيائين ۽ اهو انعام کٽيائين، جو بمبئي يونيورسٽيءَ مان کيس مليو ۽ انهيءَ جا ڪتاب اڄ تائين سندس ڪتبخاني ۾ موجود آهن.

## جواني ۽ وڏيڪ تعليم جو احوال:

پيءُ جي وفات کان پوءِ ٻئي سال مرزا صاحب بمبئي ويو ۽ ايلفنسٽن ڪاليج ۾ داخل ٿيو. مسٽر چئٽفيلڊ تڏهن ڪاليج جو پرنسپال هو. سندس پروفيسر مولوي عبدالفتاح هو، ٿورو ئي پوءِ هُن جي جاءِ تي پروفيسر مرزا حيرت آيو ۽ ڪاليج جو پرنسيپال ورڊس ورٿ ٿيو.
ڪاليج ۾ داخل ٿيڻ تي مرزا صاحب کي سنڌ مان ويهن رپين جي هڪڙي اسڪالر شپ ملي، جا اڳي سندس وڏن ڀائرن کي ملندي هئي. وقت جا پروفيسر يا فيلو سڀ مرزا صاحب مان خوش هوندا هئا ۽ مٿس مهربان رهندا هئا. خاص طرح پروفيسر ميرزا حيرت، جو کيس نه فقط شاگرد، پر پٽ وانگي سمجهندو هو ۽ کيس ڏاڍي محبت ڏيندو هو. پهرئين سال ۾ ئي هن کي معلوم ٿيو، ته مرزا صاحب فارسي ۽ عربي زياده ڄاڻي ۽ وقت بوقت امتحانن جي فارسي جي پيپر ۾، هو کيس هميشه سؤ مارڪون ڏيندو هو، جنهن تي ٻيا سڀ پروفيسر کلندا هئا ۽ مرزا حيرت جي هلت تي حيرت ۾ پئجي ويندا هئا.
خانگي وقت ۾ هو ساڻس هزارين موضوعن ۽ مضمونن تي گفتگو ڪندو ۽ جدا جدا شاعرن جا کيس شعر ٻڌائيندو هو. جيڪي مضمون هر ٽرم جي پوري ٿيڻ تي شاگردن کي ڏيندا هئا ۽ جن تي انعام به آچيل هوندا هئا، تن ۾ هميشه فارسيءَ ۾ مرزا صاحب کي انعام ملندو

هو. فارسيءَ ۾ شعر جوڙي مرزا حيرت کي ڏيکاريندو هو، جن ۾ هو درستي ڪندو هو ۽ علم عروض جا قانون ڪيس چڱيءَ طرح سمجهائيندو هو. پروفيسر حيرت ٻين گهڻين ٻولين ۾ به هوشيار هو. ترڪي به ڄاڻندو هو، تنهن ڪري مرزا صاحب کي به ترڪي سکڻ جو شوق ٿيو ۽ ايتري ترڪي سکي پيو، جو انهيءَ ٻوليءَ ۾ شعر چوڻ لڳو، جنهن جي درستي به پروفيسر حيرت پاڻ ڪندو هو.
مرزا صاحب جو ڪاليج ۾ پارسي مت جي شاگردن، مرهٽن ۽ گجراتين سان گهڻو واسطو رهندو هو ۽ انهن سان دوستي هئس. انهن جي سنگت ۾ سنسڪرت سکڻ جو به شوق ٿيس ۽ پهريان ٻه ٽي ڪتاب پڙهيائين. گجراتي ٻولي به سکيو جا چڱيءَ طرح لکي پڙهي ويندو هو. ساڳيءَ طرح مرهٽي ٻولي به ٿوري گهڻي سکيو ۽ پڇاڙيءَ تائين انهن مڙني ٻولين جي لکڻ پڙهڻ جو استعمال ڪندو آيو. انهيءَ شوق ۽ صحبت ڪري، هندن ۽ پارسين جي مذهبي ڪتاب پڙهڻ جو به شوق ٿيس، انهن تي انهيءَ مذهب جي شاگردن سان بحث ڪرڻ جو به چڱو وجهه مليس، جنهن ڪري منجهانئس تعصب نڪرندو ويو ۽ ٻين مذهبن جا اصول به چڱيءَ ريت سمجهڻ لڳو. مرزا حيرت تصوف مان به واقف هو ۽ پڪو صوفي هو، تنهنڪري مرزا صاحب کي به کانئس تصوف جي پوري واقفيت حاصل ٿي. مطلب ته جيئن ننڍي هوندي پنهنجي پيءُ جي صحبت مان علمي سرمايو وڏايو هئائين، تيئن ممبئيءَ ۾ ميرزا حيرت جي صحبت مان گهڻو ئي ڪُجهه حاصل ڪيائين.
فارسيءَ ۾ هوشياري ڪري ۽ شاگردن جي تعداد وڌيڪ هئڻ ڪري، پروفيسر مرزا حيرت جي لکڻ تي مرزا صاحب کي ڪاليج ۾ بي.اي پاس ڪرڻ کان به اڳ فيلو مقرر ڪيائون، جو هيٺين ڪلاسن کي بلڪ ڪڏهن مٿين ڪلاسن کي به فارسي پڙهائيندو هو. جهڙيءَ طرح هاءِ اسڪول ۾ پاڻ پڙهندي، ٻين کي فارسي پڙهائيندو هو.
مرزا صاحب ممبئيءَ ۾ هو، ته سندس غير حاضريءَ ۾ سندس والده سن 1293 هجري - 1876ع ۾ وفات ڪئي. ترت پاڻ به موڪل تي گهر آيو. کيس ماءُ جي وفات جي خبر نه هئي. ڳوٺ اچي ڏٺائين، ته تيجهي جي ماني اوطاق ۾ پئي هلي ۽ ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا. مرزا صاحب کي ماءُ جي مرڻ جو ٻڏي ڏاڍو افسوس ٿيو. اها سڄي موڪل ماتم ۾ گذاريائين. پوءِ لاچار ممبئي ويو، نه ته وڃڻ جي مرضي نه

هئس. ممبئيءَ ۾ به سندس حال خراب رهڻ لڳو، نتيجو اهو ٿيو، ته بي.اي ۾ فيل ٿي پيو. پوءِ سگهو ئي بيمار ٿي پيو ۽ پيچش ۽ سوري ٿي پيس. اها بيماري مهينن جا مهينا هلي. آخر ڊاڪٽرن خوف ڏيکاريو ۽ صلاح ڏني، ته ممبئيءَ جي گهميل هوا کان نڪري پنهنجي وطن جي خشڪ هوا ۾ وڃي رهي. سوبه سمنڊ رستي وڃڻ ۾ بيماري وڌيڪ وڌڻ ٿيڻ جو خوف ڏيکاريائون. تنهنڪري لاچار ريل جي رستي روانو ٿيو. انهيءَ طرح ڪاليج جي پڇر ڦٽي ڪري. هوا بدلائڻ لاءِ پنهنجي ياءُ مرزا صادق علي بيگ وٽ ڪراچيءَ ۾ رهڻ لڳو.

اهڙيءَ ريت ڪراچيءَ ۾ به ورهيه گذارڻا پيس. پيو ڪم ڪار ڪونه هوندو هئس. بيماري گهٽجي ڪاتي هئائين، تنهنڪري هوا بدلائڻ، آرام وٺڻ ۽ تندرستي وڌائڻ جو چڱو وجهه مليس. ان طرح ڪراچيءَ جي پين ڪن هندُن ۽ مسلمانن سان اچ وڃ ٿيس. خاص ڪري مسٽر حسن علي، مسٽر ڏيارام ۽ ڪن ٻين سان. پوءِ جڏهن مسٽر ڏيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج کوليو ٿي، تڏهن اهڙي رٿ پيش ڪئي هئائين، ته مرزا صاحب کي فارسيءَ جو پروفيسر ڪري رکجي، پر پاڻ پسند نه ڪيائين، جو ارادو هئس، ته روينيو کاتي ۾ نوڪري ڪري. مسٽر حسن علي تڏهن مدرسو قائم ٿي ڪيو، تنهن کي به انهيءَ ڪم ۾ مدد ڏني هئائين.

## نوڪريءَ جي ڏينهن جو احوال:

مرزا صاحب سيني جي مرضيءَ موجب روينيو کاتي ۾ نوڪري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ ڪري قاعدن جا ڪتاب اٿلائڻ لڳو ۽ آفيسن ۾ وڃي ڪم ڏسڻ لڳو. انهن ڏينهن جي ڪليڪٽر ڪرنل لامبرٽ کان لکيل اجازت ورتائين، ته مختيارڪاري يا ڪليڪٽريءَ ۾ وڃي، آفيس جو ڪم ڏسي واقف ٿئي. لالا گيانچند سيوهڻ وارو، تڏهن ڪراچيءَ جو مختيارڪار هو ۽ مسٽر فرامروز پنٿڪي پارسي تعلقي جو هيڊ منشي هو، جن سان خاص طرح دوستي ٿي ويس ۽ جي کيس ڪم ڪار سيکارڻ لڳا. آخر مئجسٽريٽي امتحان ڏنائين، جيتوڻيڪ انهيءَ سال امتحان به مشڪل هو، تڏهن به جيڪي اميدوار ويٺا هئا، تن سيني مان فقط هڪڙو مرزا صاحب ئي پاس ٿيو.

ٿوري وقت کان پوءِ اسسٽنٽ ڪمشنر مسٽر آليونٽ وري ڪمشنر ٿي آيو، تنهن جي خاص مهربانيءَ سان ۽ صلاح سان مختيار ڪاريءَ جي ڪم سکڻ لاءِ شڪارپور ضلع جي ڪڪڙ تعلقي جو هيڊ منشي ٿي ويو.

به تي مهينا ڪڪڙ ۾ رهيو، پوءِ ميهڙ ڊويزن جي ٽرڙي محبت جو مختيارڪار ڪيائونس، جتي به ٽي ورهيه گذاريائين ۽ اهڙي ريت چڱيءَ هلت رکڻ ۽ نوڪريءَ جا فرض ادا ڪرڻ لڳو، جو مٿيان آفيسر ۽ زميندار ماڻهو منجهانئس ڏاڍا خوش ٿيا.
ٽرڙي محبت کان پوءِ ميهڙ تعلقي ۾ ٿورن ڏينهن لاءِ مختيارڪار ٿي ويو، پر سگهو ئي وري جوهي ۽ پوءِ وارهه يا نصيرآباد تعلقي ۾ بدلي ٿيس، جتي به ٽي ورهيه مختيارڪار رهيو.
ٽرڙي، ميهڙ ۽ وارهه تعلقن ۾ نوڪري ڪندي، ميهڙ جي ڊاڪٽر بينجمن سان سندس واقفيت بلڪ دوستي ٿي، جنهن ميرزا صاحب کي شاديءَ جي خيال ۾ ڏسي صلاح ڏني، ته رٽائرڊ ميجر صوبيدار سردار بهادر شيخ اسماعيل جي ڌيءُ خوبصورت به آهي ۽ پڙهيل به آهي. انهيءَ جي سڱ وٺڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اهو ميجر صوبيدار اصل بني اسرائيل قوم جو فرد هو، جو پوءِ مسلمان ٿيو هو ۽ دهليءَ ۾ ھ ڪڙي مغل خاندان مان شادي ڪئي هئائين ۽ انهيءَ مان اولاد هئس. محمد يعقوب سندس وڏو پٽ هو، جو پوءِ سردار ٿيو ۽ وڏي درجي کي پهتو ۽ نالو ڪڍيائين.
نيٺ پنهنجي پائرن جي صلاح سان تاريخ 25 ڊسمبر 1888ع ۾ مرزا صاحب پهرين شادي ڪئي. اها موڪل جي وقت ۾ ٿي هئي ۽ مو ڪل پوري ٿيڻ تي مرزا صاحب جي بدلي گهوٽڪيءَ ۾ ٿي، جتان وري روهڙي بدلي ٿيس. سال 1889ع ۾ هائر ڊپارٽمينٽل امتحان پاس ڪيائين ۽ ٽن مهينن لاءِ ائڪٽنگ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي شڪارپور جو سٽي مئجسٽريٽ ٿي رهيو. سگهوئي پوءِ پڪو ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي لا ڙڪاڻي ۾ آيو ۽ مسٽر ميولس جي نگرانيءَ ۾ ڪم ڪرڻ لڳو. پوءِ وري سيوهڻ ڊويزن ۾ آيو ۽ مسٽر ليوڪس اسسٽنٽ ڪليڪٽر کان اچي چارج ورتائين ۽ ڪوٽڙيءَ واري بنگلي ۾ رهڻ لڳو. اتان وري جيڪب آباد بدلي ٿيس، جتي مسٽر قادر داد افغان طاراڻيءَ کان چارج ورتائين، جو رياست خيرپور جو وزير ٿي ويو. جيڪب آباد ۾ ٽن ورهين تائين رهڻ ڪري بلوچن جي صحبت ۾ بلوچي بولي به سکيو، جا لکڻ پڙهڻ ۾ ڳالهائڻ ۾ استعمال ڪرڻ لڳو.
مارچ 1904ع کان مرزا صاحب موڪل ورتي، انهيءَ وقت حيدرآباد ۾ پرپاسي ۾ پليگ جي وبا پکڙيل هئي. شهر ۾ ڏيلاڻ گهڻي هئي. انهيءَ پليگ ۾ تاريخ 19 - مارچ 1904ع مرزا صاحب جي زال وفات ڪئي،

جنهن کي پنهنجي خاندان جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. انهيءَ گهرواريءَ مان ميرزا صاحب کي ٻه فرزند: مرزا نادر بيگ، مرزا اختر بيگ ۽ هڪ نياڻي ٿي.

اڪيلو رهڻ مشڪل نظر ايندو هئس ۽ هر دم زال کي ياد ڪندو پيو هو ۽ اپاڻڪو رهندو هو. اها حالت ڏسي، مرزا صادق علي بيگ ۽ سردار محمد يعقوب وري شادي ڪرڻ جي صلاح ڏنس. آخر پنهنجي ماروٽ مرزا قزلباش بيگ جي نياڻيءَ سان مئي 1907ع ۾ شادي ڪيائين. وري ٻئي ڇڻا هڪ ٻئي جي صحبت ۾ خوش رهڻ لڳا، ته اوچتو ئي اوچتو ٻئي سال 1908ع جي مئي مهيني ۾ اها سندس زال ٻه هڪڙو پٽ ڄڻي ويم دوران وفات ڪري ويئي. انهيءَ زال سان ٻه مرزا صاحب جي گهڻي محبت هئي ۽ انهيءَ ڪري وري ٻيو تازو صدمو پهتس. انهيءَ گهرواريءَ منجهان هڪ فرزند ٿيس، جنهن جو نالو مرزا همايون بيگ هو.

ٻيءَ زال جي وفات کان پوءِ وري ٻه مرزا صاحب جي طبيعت پريشان رهڻ لڳي ۽ بيمار ٿي پيو، تنهنڪري 1909ع ۾ ٽن مهينن جي موڪل ورتائين، جنهن جي پوري ٿيڻ تي ٻه طبيعت برابر نه رهيس ۽ تيهه ورهيه نوڪري ٻه پوري ٿي هئس، تنهن ڪري اڌ پگهار تي پينشن ورتائين. انهيءَ وچ ۾ 1909ع جي نومبر مهيني ۾ وري ٻه مرزا قلب علي بيگ جي نياڻيءَ سان شادي ڪيائين، جنهن مان مرزا صاحب مرحوم کي اٺ پٽ ۽ ٻه نياڻيون آهن.

## مذهب ۽ مذهبي فراخدلي:

مرزا صاحب پنهنجي مذهب بابت جيڪي هٿن سان لکيو آهي، سو اکر ٻه اکر ڏيان ٿو، پوءِ پڙهندڙ پنهنجي راءِ قائم ڪري، ته مرزا صاحب جو مذهب ڪهڙو هو:

"مذهب جي نظر تي اسين گرجي مرزا شيعا آهيون، يعني جعفري يا اثنا عشري. بابو ۽ نانو مرحوم ننڍي هوندي پنهنجي وطن مان نڪري پهرين ايران ۾ رهيا، جتي شيعن جي مذهب جي تعليم ملين. وري جڏهن سنڌ ۾ آيا، تڏهن ٻه مير ٽالپرن وٽ رهيا، جي پڻ شيعا مذهب جا هئا، تنهن ڪري پچاڙيءَ تائين انهيءَ مذهب ۾ رهيا. سنڌ ۾ رهڻ ڪري اسان جو توڙي اسان جي وڏن جو اهل سنت سان گهڻو واسطو رهيو، تنهن ڪري انهن جا اڳيان تعصب ظاهر ڪرڻ پسند نه ايندو هون. مون کي ياد آهي، ته نانو مرحوم سنين سان گڏ سنين جي نماز

پڙهندو هو، اسين پائر به ائين ڪندا اچون. اگرچ اسان مان ڪي شيعي مذهب جا زياده پابند آهن ۽ ڪي سنين سان به ظاهري طرح شامل ٿيندا آهن. جيئن ته جمعي يا عيد جي نماز وقت يا ٻين وقتن تي سني جماعتن سان نماز پڙهڻ وقت مون کي ٻين مذهب جي ڪتابن ۾ پڙهڻ ۾ ڪو اعتراض ڪونه ٿيندو آهي، اگرچ منهنجي ڪن عزيزن کي ٿيندو آهي. مون کي پاڻ شوق رهندو آهي، ته ٻين مذهبن جا ڪتاب پڙهان ۽ انهن جي اصولن جو اسلام جي اصولن سان تقابل ڪريان. انهيءَ خيال سان شيعن جا مذهبي ڪتاب توڙي سُنين جا گهڻا پڙهيا اٿم ۽ طرفين جي پارن لاءِ پنهي مذهبن جا ڪتاب لکيا به اٿم. عيسائين، هندن، ٿياسفي، تصوف، بهائي ۽ ٻين مذهبن جا ڪتاب به اڪثر شوق سان پڙهندو آهيان ۽ انهن جا ڪيترا ڪتاب ترجما به ڪيا اٿم. جيئن ته توريت، انجيل، زبور، ٿياسافي وغيره. تصوف وارو مذهب صُلح ڪُل جو سڀ کان بهتر آهي، جو نج اسلام آهي ۽ جنهن ۾ سڀ اصلوڪا مذهب اچي وڃن ٿا ۽ جنهن موجب سڀ انسان فرق کانسواءِ هم مذهب ۽ پائر تي سگهن ٿا، ماڻهو مون کان پڇندا آهن، ته تنهنجو ڪهڙو مذهب آهي؟ سني آهين يا شيعو؟ يا وچؤن ڪو ٻيو مذهب اٿئي؟ تنهنجو پِيرُ يا مُرشد ڪير آهي؟ اهڙن وقتن تي آءٌ منجهي پوندو آهيان ۽ نيٺ چوندو آهيان، ته آئون سني به آهيان ۽ شيعو به آهيان. بلڪه سيني مذهبن جو آهيان. سيني مذهبن جا اصول ڄاڻان ۽ انهن تي ڪتاب لکيا اٿم ۽ سيني سان تعصب کان سواءِ گذاريندو آهيان. ”ڪيو تعصب ڏار پاهر هندو ۽ مسلمان جو ٿانءُ، نه ته اندر ميخاني ۾ ساقي به هڪ پيالو به هڪ“

## سادگي:

مرزا صاحب پنهنجي عزيزن بلڪ دوستن ۾ نماڻو، نهٺو، نرم دل، صبر وارو ۽ تور ڳ لهائو شمار ڪيو ويندو هو. پاڻ انهيءَ کي فخر سمجهي خوش ٿيندو هو. جيتوڻيڪ ماڻهو انهيءَ کي سندس عيب سمجهندا هئا ۽ حد کان وڌيڪ نرمائي يا پورڙائي شمار ڪندا هئا. پورڙائي ۽ سادگيءَ سان گڏ نرمي ۽ قياس جي حالت به مرزا صاحب ۾ خاص طرح هئي. به ڄڻا وڙهندي ڏسندو يا ٻڌندو هو، ته دل جو لاڙو ضرور لاهيڻي يا ضعيف جي پاسي هوندو هئس ۽ مدد ڪرڻ به انهيءَ کي چاهيندو هو، جيڪو ڪرندو يا هارائيندو يا غم ڪندو هو، تنهن جي لاءِ گهڻو ارمان

ٽيندو هئس. ٻين ڌارين ماڻهن جي گهر ۾ قضيي ٽيڻ ڪري پاڻ روئندو هو ۽ ٻين جي غم جو احوال ٻڌي روئڻ ايندو هئس.

## صبر، قناعت، بي طمعي ۽ توڪل:

پاڪ پروردگار مرزا صاحب کي دل ۾ صبر، قناعت ۽ توڪل جا خزانا بخشيا هئا ۽ دنيا جي طمع بلڪل نه ڏني هئس، تنهن ڪري پيسي ميڙڻ جو شوق به ڪونه هوندو هئس. ايمانداريءَ جي رستي خوشحاليءَ جي حالت تائين پهتو ۽ اميد رکندو هو، ته خدا پاڻهي سندس اولاد کي به چڱي حال ۾ رکندو ۽ انهن جي مدد ڪندو، اهڙيءَ حالت ۾ دنيا جي طمع گهٽ هئڻ ڪري، دنيا ۽ آخرت جي عزت ۽ سرخرو ئي هميشه خدا کان گهرندو هو، پر نه دنيا جي دولت، نه اجائي رستي سان نالو ناموس. وڏي عهدي ۽ وڏي درجي يا لقب لاءِ ڪڏهن به خواهش نه ڪيائين ۽ نه ڪڏهن ڪوشش ڪيائين. پينشن وٺڻ کان پوءِ سرڪار مهرباني ڪري هزار ايڪڙ زمين جا هلا کي مالڪاڻي تي ڏيڻ ڪيا هئس، گهڻن ڪشالن کان پوءِ ٽنڊي محمد خان جي پاسي زمين هٿ ڪيائين، پر انجنيئر پاڻي ڏيڻ تي اعتراض آندو، جيڪر وڏيڪ پيسا خرچ ڪجن ها، ته انجنيئري ڪاتو به راضي ٿي ضرور موڪل ڏئي ها، پر پاڻ اهڙي رستي وڏيڪ پيسا خرچڻ نه گهريائين ۽ ڏاڍي نفرت سان زمين جي دعو ٰي ڇڏي ڏنائين. اهو سندس طبعيت ۽ دل جي ميل، توڪل ۽ قناعت جو هڪڙو مثال آهي. جيڪا حالت هوندي هئس، انهيءَ تي خوش رهندو هو ۽ پاڻ سمجهندو هو، ته آءٌ لائق به انهيءَ جو آهيان. پاڻ انهيءَ بابت هڪڙي ڏاڍي سهڻي رُباعي لکي اٿس، چوي ٿو:

ٿون حرص ۽ هوس جو، دل ۾ ڪو ساز نه ڪر،<br>
خودبيني ۽ خود فروشي، آغاز نه ڪر،<br>
جي تنهنجي مراد ٿي، نه پوري نه پڪار،<br>
آئين تون نياز لاءِ هٿ ناز نه ڪر.

## علم جو شوق:

هاڻي آءٌ مرزا صاحب مرحوم جي لکڻ پڙهڻ جي شوق ۽ عادتن جو ڪجهه تفصيلي ذڪر ڪندس. مٿي ڏيکاريو اٿم، ته مرزا قليچ بيگ کي لکڻ پڙهڻ جو شوق ننڍي هوندي کان گهڻو هوندو هو، بلڪ راند کان به اهو شغل وڌيڪ پسند ايندو هئس ۽ ننڍي هوندي کان ڪتاب لکڻ ۽ پڙهڻ ۽ شعر چوڻ جو شوق رهندو هئس. جيئن علم وڌيڪ ٿيندو ويس، تيئن ڪتاب گڏ ڪرڻ جو به شوق پيدا ٿيس. انهيءَ ڪري جيڪي سندس

وڏن جا قيمتي ۽ عمدا ڪتاب هئا، سي خاص طرح پاڻ لاءِ هٿ ڪيائين، بلڪ ٻيا به انگريزي، عربي، فارسي، اردو، ترڪي ۽ ٻين ٻولين جا ڪتاب گڏ ڪري ۽ پڙهڻ لڳو. پڇاڙيءَ تائين هميشه نوان ڪتاب گڏ ڪندو ايندو هو. گهڻو ڪري سنڌ ۾ جيڪو نئون ڪتاب ڇپيو هو، تنهن جو مصنف هميشه هڪڙي ڪاپي کيس موڪليندو هو. خود سندس جوڙيل ڪتابن جي به هڪڙي وڏي لائبريري هئي، جا اڃا تائين موجود آهي. ڪتاب اڪثر علم، حڪمت، فلسفي، اخلاق ۽ مذهب جي موضوع جا پسند ايندا هئس ۽ اهي پڙهندو هو. جهڙا انگريزي تهڙا ٻيا. ناول ۽ قصا گهڻو ڪري نه پڙهندو هو. اڪين سان ڏسي دل ۾ پڙهندو هو ۽ تمام تڪڙو پڙهندو هو. مگر ڌيان سان پڙهندو هو ۽ ڪتاب جي چڱن عمدن پاڳن تي نشان ڪندو ويندو هو، جي پوءِ ڪتاب پوري ڪرڻ بعد جدا نوٽ بُڪ تي لکندو ويندو هو. اهڙا ڇونڊ نوٽ بڪ به گهڻا ئي هئا. فارسي، عربي ۽ اردو واري ڇونڊ جو نالو "ابڪار الافڪار" رکيو هئائين ۽ انگريزي ڇونڊ جو "انگلش جيمس".

## تصنيف جو شوق:

ڪتابن پڙهڻ جي شوق مان ڪتابن لکڻ جو شوق پيدا ٿيس. ڪي ڪتاب ته اسڪول ۾ پڙهندي ۽ ڪي ڪاليج ۾ پڙهندي لکيائين. ڪي ڪتاب نوڪريءَ کان پوءِ ڪي اڳي لکيائين ۽ ڪي ته وري خود نوڪريءَ جي عرصي ۾ لکيائين. انهيءَ ڪري ماڻهن کي سواءِ اُجوري جي ڇاپڻ لاءِ ڏيندو هو ۽ جيڪي ڇاپيل ڪاپيون ملنديون هئس. سي سنڌ جي جدا جدا لائبريريءَ وارن جي درخواست تي انهن کي پڻ ڏيندو هو ۽ غريب شاگردن کي اسڪولن ۽ مڪتبن جي امتحان وٺڻ تي انعام ڏيندو هو ۽ ڪي يارن دوستن کي تحفي ۾ ڏيندو هو. ڪتابن لکڻ ۾ ڪو وقت ضايع ڪونه ڪيائين. جڏهن ڪڏهن ڪو فراغت جو وقت ٿورو يا گهڻو بچندو هئس، ته ماٺ ڪري ويهڻ يا راند ڪرڻ يا اجائي ڳالهائڻ جي بدران ڪجهه پڙهي يا لکي وٺندو هو. سرڪاري نوڪريءَ ۾ به فرض ڪيل ڪم ڪرڻ کان پوءِ واندڪائيءَ جو وقت پڙهڻ ۽ لکڻ جي ڪِرت ۾ لڳائيندو هو. اڪثر اهو ڪم رات جو ڪندو هو. خاص آسر جو. انهيءَ ڪري هڪڙو ئي ڪتاب گهڻا ڏينهن کائي ويندو هئس. اهو ڪتابن لکڻ جو شوق مشهوري يا پيسي ميڙڻ لاءِ نه هوندو هئس. خاص مطلب تي هوندا هئس:

پهريون اهو، جو واندڪائيءَ جي وقت ۾ هڪ چڱي ۽ مفيد ڪرت رهندي هئس ۽ وقت اجايو نه ويندو هئس ۽ اجاين خيالن ۽ اجاين ڳالهين ۽ حرڪتن ڪرڻ کان بچندو هو.
ٻيو اهو، ته ڪتابن لکڻ لاءِ پهرين چڱن ڪتابن کي غور ۽ ڌيان سان وري وري پڙهڻ جو وجهه ٿي مليس، جنهن ڪري علمي ماپو وڌيڪ ٿيندو هئس.
ٽيون اهو، ته چڱن ڪتابن لکڻ مان ٻين ماڻهن کي فائدي رسائڻ جو وجهه ملي ٿي سگهيس ۽ اها به خيرات يا زڪوات هئي. ڇڻ ته اها علم جي زڪوات هئي، جيئن دولت ۽ مال تي زڪوات واجب آهي. سندس نظر ۾ علم ۽ ڄاڻ به هڪڙي سچي دولت هئي ۽ جيڪي ڪتاب وٽس هئا، تن کي هڪڙو خزانو سمجهندو هو.
## شعر ۽ تصوف جو شوق:
صبح جو جڏهن هوا کائڻ ويندو هو، تڏهن رستي ۾ اڪثر خيال پچائيندو ويندو هو ۽ شعر به انهيءَ وقت جوڙيندو هو. يا ته وري شام جو سمهڻ کان اڳي اهڙا خيال پچائيندو هو. بعضي جي فرمائش موجب ڪو راڳ يا شعر جوڙيندو هو، ته انهيءَ خيال ۾ گهڻو پاڱو رات جو به گذري ويندو هئس.
اڪثر سندس شعر جدا جدا موضوع ۽ عنوان تي آهي. اسلامي ۽ مذهبي مضمونن تي جيتوڻيڪ چوڪرن ۽ چوڪرين لاءِ قرآن، حديث ۽ فقهه جي بنياد تي مضمون ڏنا اٿس، تڏهن به حڪمت ۽ فلسفي وارا مضمون تصوف جي بنياد تي لکيا اٿس. جيتوڻيڪ وڏن بزرگن تصوف جا اصول بيان ڪيا آهن ۽ اهي شرعيت جا پابند رهيا آهن، ته به اڪثر عام شرعيت وارا انهن تي اعتراض آڻيندا آهن. بلڪ ڪي ته انهن کي ڪافر يا غير شرعي ڪم ڪرڻ ۽ ڳالهين ٻڌائڻ وارا سڏيندا آهن. تنهن ڪري اهڙي تهمت کان مرزا صاحب به آزاد ناهي. ڪيترن مسلمانن سني توڙي شيعا انهيءَ نسبت ۾ ڪيس سوال وڌا، جن جا جواب پئي ڏنائين. پر انهيءَ ۾ سندس ظاهري شرعت موجب هلت ڪيس پئي بچايو. تنهنڪري ٻين بزرگن وانگي سندس به اها راءِ هئي، ته شرعي ۽ ديني ڪمن ۽ رسمن جي نسبت ۾ حقيقي خيال ڪهڙا به هجن، ته به اهي پنهنجي جند جي لاءِ رکڻ گهرجن، نه خلق کي ٻڌائڻ ۽ واعظ ڪرڻ لا”، نه ته شيخ حسين منصور حلاج واريءَ سزا ملڻ جو خطرو آهي يا

ته خلق ۾ خواريءَ جو ڏپ آهي. شاهه پٽائيءَ جي قول موجب هلت ڪرڻ گهرجي، جا پڻ بين مشهور صوفي بزرگن جي رهي آهي.

روزا ۽ نمازون ، ايءُ پڻ چڱو ڪم،
او ڪو بيو فهم ، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

## پيري، گوشه نشيني ۽ وفات:

جيتوڻيڪ مرزا صاحب ٽيهه ورهيه سرڪاري نوڪري ڪئي، ته به هميشه دل ۾ اها خواهش رهندي هئس، ته نوڪري پوري ڪري پينشن وٺي، ته پنهنجي دل جي خواهشن موجب ڪتاب مطالع ڪرڻ ۽ لکڻ واري شغل ۽ عبادت ۽ رياضت ۾ وڌيڪ وقت گذاري سگهي. جيتوڻيڪ نوڪريءَ هوندي به اڪثر انهيءَ مشغوليءَ ۾ رهندو ٿي آيو. ڏينهن جو جڏهن به سرڪاري ڪمن کان فرصت ملندي هئس، تڏهن ايئن ڪندو هو، پر رات جو خاص طرح اهي ڪم ڪندو هو ۽ انهيءَ لاءِ پنهنجي ننڊ ۽ آرام قربان ڪندو هو. نوڪريءَ هوندي به ڪيس اڪثر اڪيلائي، گوشي نشيني ۾ رهڻ ۽ خيال ڪرڻ پسند ايندو هو. اڪثر صبح جو اڪيلو گهمڻ نڪري ويندو هو، جيئن پچاڙيءَ تائين ڪندو رهيو، قبرستانن يا قبن يا قتل ڳوٺن ۽ دڙن تي وڃي رهندو هو، زماني جي گردش، وقت جي گذرڻ، انسان جي حالت ۽ خدا جي قدرت جو خيال پچائيندو هو. پر جڏهن نوڪريءَ جي پچاڙيءَ ڌاري خانگي ڏکن، مصيبتن ۽ صدمن جا اتفاق ٿيڻ لڳس، دل بي آرام ۽ غمگين رهڻ لڳس، تڏهن ته پاڻ اڪيلائي، گوشي نشينيءَ جا خيال وڌيڪ پيدا ٿيس ۽ خدا کان دعا گهرندو هو، ته ڪنهن طرح سان جلد جند ڇڏائي آزاد ٿئي ۽ پنهنجي دل گهري مشغولي ڪري.

پينشن وٺڻ مهل مرزا صاحب جي عمر پنجونجاهه ورهيه هئي، تنهن ڪري جواني ڇڏي پيريءَ ۾ داخل ٿيو هو. مگر نوڪريءَ جي محنت، ڪشالي، ورزش ۽ تندرستي ۽ عادتن جي نظر تي اجا پاڻ کي بلڪل جوان ٿي ڄاڻائين. پچاڙيءَ تائين گهمڻ ڦرڻ، هوا کائڻ ۽ لکڻ پڙهڻ جو ڪم ايترو ڪندو آيو، جيترو نوڪريءَ ۾ ڪندو هو، بلڪ وڌيڪ خدا جي مهربانيءَ سان پچاڙيءَ تائين مقرر عادن جي ڪري تندرست رهيو ۽ بيماري به گهٽ ٿيندي هئس. ڏند به سڀ سلامت هئس ۽ نظر به چڱي هوندي هئس. جيتوڻيڪ سنهن اکرن پڙهڻ وقت عينڪ ڪم آڻيندو هو.

پينشن وٺڻ کان پوءِ نواب شاهه ۾ جيڪا زمين مرزا صاحب کي سرڪار کان خانداني آبروءَ جي نظر تي مليل هئي ۽ جنهن جي سنڀال مرزا صادق علي بيگ ڪندو هو، تنهن جي نظرداري پاءُ جي وفات کان پوءِ پاڻ تي کنيائين ۽ اڪثر اتي پنهنجي ديهه تي ويندو رهندو هو ۽ پنهنجو ذاتي شغل، لکڻ پڙهڻ جو ڪم به ڪندو رهندو هو.

ٻي سڄي مشغولي، ته ڪتابن ٺاهڻ، لکڻ ۽ ترجمي ڪرڻ جي شعر چوڻ جي هئس، جنهن ۾ گهڻو پاڱو وقت جو گذري ٿي ويس. نه رڳو پنهنجا ڪتاب لکندو هو، پر اڪثر سنڌ جا جدا جدا ماڻهو، هندو يا مسلمان ليکڪ جيڪي ڪتاب يا شعر ٺاهي، ڏسڻ لاءِ يا اصلاح ۽ درستيءَ لاءِ يا راءِ يا صلاح لاءِ موڪليندا هئس، سي واندڪائيءَ مهل ڏسي درست ڪري موڪليندو هو. بلڪه ڪنهن ڪتاب جي لکڻ ۾ ڪو مدد گهرندو هئس، ته خوشيءَ سان ڏيندو هو ۽ اسڪولن ۽ ڪاليجن ۽ ٻين مخزنن ۽ رسالن ۾ چاپڻ لاءِ ڪو مضمون يا شعر گهرندا هئس، ته اهو به خوشيءَ سان ڏيندو هو يا ڪتابن جي منڍ ۾ ديباچي يا تهميد وانگي لکي ڏيڻ لاءِ چوندا هئس ته اهو به لکي ڏيندو هو. سرڪاري ٽيڪسٽ بوڪ ڪميٽيءَ جو ميمبر هو. عربي، فارسي ۽ اردو نوان ڪتاب، جيڪي ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن وٽ ايندا هئا ۽ هو موڪليندو هو، تن تي راءِ ڏيندو هو. انهيءَ کان سواءِ عملي، اخلاقي يا پنگتي يا پرهيز جي سوسائٽين يا جماعتن ۾ ليڪچر ڏيڻ يا انهن لاءِ ڪنهن مضمون لکڻ لاءِ چوندا هئس، ته اهو به لکندو هو. سرڪاري ڊپارٽمينٽل امتحان يا يورپين آفيسرن جي سنڌي امتحانن لاءِ اڪثر ڪمشنر صاحب چوندو هئس يا سڏائيندو هئس. تعليم جي نسبت ۾ سرڪاري يا خانگي ڪانفرنس ۾ شامل ٿيڻ لاءِ چوندا هئس، ته خوشيءَ سان شامل ٿي سندن فرمائش موجب تقرير يا تجويز ڏيڻ کان نٽائيندو نه هو. جانورن کي ظلم کان بچائڻ لاءِ جا حيدرآباد ۾ هڪ نيم سرڪاري سوسائٽي آهي، تنهن جو به ميمبر هو. بلڪ وائيس پريزيڊنٽ به ٿي رهيو هو ۽ انهيءَ لاءِ ڪڏهن ضروري ليک به لکندو هو. انهيءَ کان سواءِ شهر جي بلڪ سنڌ جي ”انجمن اسلاميهء جو به ميمبر هو ۽ خاص ڪري ’انجمن اماميه‘ حيدرآباد يا شيعا ڪانفرنس آل انڊيا واريءَ جو به ميمبر هو. بلڪ انهيءَ جي مرڪزي ڪاميٽيءَ جو ميمبر هو، جنهن جو هيڊ ڪوارٽر لکنوءَ ۾ يا لاهور ۾ هو.

اهي آهن مشغوليون، جي پينشن وٺڻ کان پوءِ مرزا صاحب رکندو هو. اهي دل ۽ روح جي موافق هئس. ميونسپالٽيءَ ۾ ڪائونسلر ٿيڻ لاءِ يا لوڪل بورڊ ۾ ميمبر ٿيڻ لاءِ اسپيشل مئجسٽريٽ يا بئنچ مئجسٽريٽ ٿيڻ لاءِ، آفيسرن وقت بوقت مهرباني ڪري آڇ پئي ڪيس، بلڪ زور پئي ڪيس، ته به معافي گهري قبول نه ڪيائين، جو اهو ڪم سندس طبعيت مطابق نه هو. ڪائونسل ۾ ويهڻ لاءِ به سنڌ جي گهڻن دوستن صلاح ڏني هئس، پر پاڻ قبول نه ڪيائين. خيرپور رياست جي وزارت خالي ٿيڻ وقت مير علي مراد خان، پوءِ مير فيض محمد خان جي وقت کان وٺي مير صاحب پاڻ مهرباني ڪري وزير ٿيڻ لاءِ پئي چيس، پر پاڻ ڪو نه ڪو عذر ڏيئي معافي گهرندو آيو.

نوڪري ڇڏڻ کان پوءِ مرزا صاحب مرحوم کي ڇئن قسمن جي مصروفيت رهندي هئي. پهرين ٻارن ٻچن جي پرورش ۽ تعليم ڏيڻ جي، ٻي خلق جي سڌاري، فائدي ۽ مدد ڏيڻ جي، خاص علم ۽ تعليم سان واسطو رکندڙ، ٽين ڪتابن لکڻ ۽ شعر ٺاهڻ جي، جنهن مان پڻ خلق جي فائدي جي نظر هئس ۽ ڇوٿين پنهنجي جند جي بهتري ۽ خدا تعالیٰ جي بندگيءَ جي.

مرزا صاحب اپريل جي پهرين تاريخ 1929ع هالن جي مخدوم صاحب جي گهرائڻ تي اوڏانهن ويو. رستو تمام خراب هو ۽ موٽر جي لوڏن ۽ تڪليف ڪري گردي ۾ سور ٿي پيس. ٿورن ئي ڏينهن ۾ نمونيا ٿي پيس. جنهن تمام تڪليف ڏنس ۽ جيتوڻيڪ خدا جي مهرباني ۽ ڊاڪٽر شيخ نور محمد جي علاج سان صحتياب ٿيو، پر بلڪل ضعيف هو ۽ دل جي ڪمزوري، جا گهڻي وقت کان هئس، سا به زور وٺي وئي. ڊاڪٽرن آرام جي هدايت ڪيس، پر پاڻ واندي ويهڻ کان وري به پنهنجي دستور موجب روزانو ڪم ڪار ڪندو رهيو. هميشه ڊاڪٽر نور محمد، جي علاج هيٺ رهيو، جو سندس طبعيت کان چڱيءَ طرح واقف هو ۽ ساڻس دوستيءَ جو رستو به هئس. تاريخ 3 - جولاءِ 1929ع سڄو ڏينهن اداس ۽ غمگين گذاريائين. سڄي ڏينهن ۾ اهڙيون ڳالهيون پئي سمجهايائين ۽ ڪيائين. جيئن ڪو ٻاهر وڃڻ وارو ماڻهو وڃڻ کان اڳ ۾ي سمجهائي ڪندو آهي. رات جو هميشه وانگر ماني کائي سومهڻيءَ جي نماز پڙهي، نائين وڳي ڌاري وڃي ستو. اٽڪل ساڍي ڏهين وڳي سندس اک کلي، کنگهه جي شڪايت ڪيائين ۽ ساهه کڻڻ ۾ تڪليف محسوس ٿيس. ٿوري ئي وقت ۾ کنگهه تمام

گهٽي تيڻ لڳي، تنهن سبب سندس زال پنهنجن عزيزن کي گهرايو. مرزا منوچهر بيگ، مرزا سڳني بيگ ۽ پيا ه ڪدم اچي وٽس گڏ ٿيا. ٿوري وقت ۾ ڪنگهه بند ٿي ويئي ۽ رڳو ساهه تمام مشڪلات سان ٿي ڪنيائين. انهيءَ بعد بس ه ڪڙو دفعو وڏي آواز سان الله چيائين ۽ سندس روح خاڪي پڃري مان آزاد ٿي اُڏامي ويو. انا لله وانا اليه راجعون.

Posted by wahabsahito at 10:54 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## سيٺ عبدالله هارون

## سيٺ عبدالله هارون

(واپاري، سماجي ورڪر ۽ سياستدان)

هڪڙو ڀار شام جو سيڌو سامان وني جڏهن گهر پهتو، ته پنهنجي ماءُ کي حساب ڏيندي ڏنائين ته هڪ پائي گهٽ هئي، هن چيو: ”امان! مون سموريون پايون ڳڻي کيسي ۾ رکيون هيون، الائي ڪيئن هڪ پائي ڪٿي ڪري پيئي؟“ هن ور ور ڏئي ٿي کيسي ۾ آڱريون گهمايون ۽ ماءُ جي آڏو پشيمان پئي ٿيو. ماءُ کيس چيو: ته ”پٽ! هاڻ ساڳئي رستي سان پائي ڳوليندو وڃ! تو ضرور ڪٿي اها ڪيرائي وڌي هوندي.“

ننڍڙو ٻار ويچارو ٿي ماءُ کي جواب ڏنو: ”امان! هاڻ ته سج لهي ويو آهي ۽ رستي تي اوندهه ٿي وئي هوندي.“

ماءُ چيو: ”تون هيءُ ڏيئو کڻ ۽ رستي تي ڪيرايل پائي ڳولي اچ.“

ٻار ڏيئو کڻي پائي ڳوليندو ويو، پر کيس پائي نه ملي ۽ هو نا اميد ٿي واپس وريو. آخرڪار تمام اداس ٿي گهر جي ڪنڊ ۾ اچي ويهي رهيو.

ماءُ ٻار کي اداس ڏسي چيو: ”چو ماٺ ڪيو ويٺو آهين ٻچا؟“

ٻار سُڏڪندي ورائيو: ”مون کان غلطي ٿي وئي ۽ پائي الائي ڪٿي ڪيرائي وڌم!؟“

ماءُ چيو: ”پائي وڃائڻ جو خير آهي، مون تو کي ڏيئو اُن ڪري ڏنو، جيئن تو کي هڪ هڪ پائيءَ جي اهميت جو احساس ٿئي.“

ڇا توهان کي خبر آهي: اها ماءُ ۽ سندس ٻالڪ ڪير هئا؟ اسان توهان کي ٻڌايون ته اهو ٻار اڳتي هلي سنڌ جي سيٺ عبدالله هارون ميمڻ جي نالي سان مشهور ٿيو ۽ اها عورت سندن والده ”حنيفه ٻائي“ هئي. سيٺ عبدالله هارون جا وڏا اصل ڪڇ جي پاسي جا رهاڪو هئا.

گهر ۾ ڪڇي ٻولي ڳالهائيندا هئا، جا سنڌي ٻوليءَ جي ڄڻ جاڙي ڀيڻ آهي. ڪڇ ڪنهن زماني ۾ سائو ۽ ستابو علائقو هو. اتي ڪيترا ئي درياءَ، مثال طور: هاڪڙو، سرسوتي ۽ چتانگ وهندا هئا. ڪڇ تي گهڻو ڪري سنڌي بادشاهن سمن جي حڪمراني رهي. ان ڪان پوءِ سمن جي هڪ شاخ، جاڙيجن جون به اتي شهري رياستيون رهيون. مختلف سببن جي ڪري، ڪڇ جا ماڻهو لڏي پلاڻي سنڌ، خاص طرح ڏکڻ سنڌ: بدين، تلهار، ٺٽي ۽ ڪراچي ۾ وسي پيا آهن. جيئن ته ڪڇ جا گهڻا ماڻهو واپاري رهيا آهن، ان ڪري عبدالله جو پيءُ هارون به واپار ڪندو هو.

هارون چار شاديون ڪيون هيون. انهن مان عبدالله جي والده ”حنيفه ٻائي“ جو نمبر چوٿون هو. جڏهن عبدالله چئن سالن جو ٿيو، ته سندس والد هارون پائيءَ جو انتقال ٿيو. سندس خاندان لاءِ اهي ڏکيا ڏينهن هئا، پر پوءِ به ڇهن سالن جي عمر ۾ عبدالله اسڪول وڃڻ لڳو. هڪ ڏينهن اسڪول مان واپس وريو، ته سندس والده کيس هڪ وڏو ٿالهه ڏنو، جنهن ۾ ٻارن جا رانديڪا، رومال، جوراب، ڦڻيون، جوتن جا تسما وغيره رکيل هئا. ماءُ کيس چيو ته؛ ”شهر ۾ وڃي هيءُ سامان وڪرو ڪر.“ ان وقت جيئن عبدالله گجراتي اسڪول ۾ پڙهندو هو، تنهنڪري وڪري جو سامان ڏسي حيران ٿي ويو. مٿان وري سندس نانيءَ کيس چيو ته، ”تنهنجو والد زنده ڪونهي. هاڻي تو کي پنهنجي گهر لاءِ ڪم ڪار ڪرڻو پوندو.“

اهڙيءَ طرح هو شهر ۾ ٻارن جي رانديڪن وارو سامان و ڪرو ڪري رهيو هو، ته اوچتو هن جا اسڪولي دوست کيس ملي ويا، جن کيس چيو ته؛ ”اسان ته توکي راند لاءِ ڳوليو پئي پر تون هتي سامان وڪڻي رهيو آهين!؟“ هن وراڻيو ته: ”هاڻ آءٌ تجارت ڪندس ۽ ماءُ جو هٿ ونڊائيندس.“ سندس جواب تي دوست کليا. عبدالله ۽ تجارت! هڪ دوست کيس چرچي ۾ چيو ته؛ ”هاڻ تون سيٺ عبدالله آهين!“ قدرت خدا جي جنهن ننڍي ٻار کي دوستن ٽوڪ وچان ”سيٺ عبدالله“ ڪوٺيو هو، سو واقعي وڏو ٿي سنڌ ۾ سيٺ بڻيو.

شروعات ۾ هو پنهنجي پيٽيوئي سيٺ صالح محمد وٽ چئن رپين جي ماهوار پگهار تي ملازم ٿي رهيو. مهيني جي پهرين تاريخ تي پنهنجي ماءُ کي چار رپيا پگهار جا آڻي ڏيندو هو ۽ موٽ ۾ سندس ماءُ خرچيءَ لاءِ ٻه رپيا ڏيندي هئس. پر ان خرچيءَ جو به پائي پائيءَ جو حساب

ڪانئس ونندي هئي. ننڍڙيءَ وهيءَ ۾ هو پهريائين فوٽ پاٿ تي ٻارن جا رانديڪا وڪڻندو هو، بعد ۾ سيٺ صالح محمد جي دڪان تي ڪم ڪري واپار جو تجربو حاصل ڪيائين. سيٺ صالح محمد سندس پيٽ زليخا جو مڙس هو.

سيٺ عبدالله زندگيءَ ۾ ڪُل ٽي شاديون ڪيون هيون. پهرين پندرهن سال جي عمر ۾، جيڪا گهڻو وقت هلي نه سگهي. سندس پهرين گهرواريءَ سان رشتو ختم ٿيڻ بعد هن جي اداسيءَ کي ڏسندي سندس والده حنيفه ٻائي، سن 1889ع ۾ پاڻ سان گڏ حج تي وٺي وئي، جتان موٽڻ کان پوءِ هو روحاني طور مضبوط ٿي ويو ۽ پنهنجي مامي سان گڏ اِن جي جنس جو واپار ڪرڻ لڳو. هڪ پيرو هو پنهنجي مامي سان گڏ اُڙيسا ويو هو، جتي هن بليئرڊ راند ۾ دلچسپي ورتي ۽ ان ۾ پَرُڙ ٿي ويو. انهيءَ راند کيس اڳتي هلي سماجي ۽ قومي خدمتن واري ڪم ۾ دلچسپي وٺڻ جو موقعو فراهم ڪيو. ڪجهه عرصي بعد سندس والده هڪ پيرو ٻيهر سندس شادي پنهنجي پاڻيجي ”رابعه ٻائي“ سان ڪرائي، جيڪا گهڻو وقت بيمار گذاريندي هئي. هن زال مان به کيس سُک ۽ دلي سڪون نه مليو. اها شادي به ختم ٿي وئي. بعد ۾ جڏهن هو مشهور سماجي، سياسي ۽ ڪاروباري ماڻهو بڻيو، ته هن هندستان مان ”حاجي خان“ نالي هڪ شهريءَ جي نياڻي ”نصرت“ سان شادي ڪئي. ان وقت سندس عمر 40 سال هئي. سندس اها گهر واري، سماجي ۽ قومي خدمت ۾ سندس ساٿياڻي بڻي ۽ ليڊي نصرت عبدالله هارون جي نالي سان مشهور ٿي. بيگم نصرت مان کيس 9 ٻار پيدا ٿيا هئا، جن ۾ چار نياڻيون ۽ پنج پٽ هئا. انهن سمورن ٻارن جي ٻنهي ڄڻن سٺي تربيت ڪئي ۽ اعليٰ تعليم ڏيارائون.

سيٺ عبدالله هارون جي تربيت سندس والده ڪئي، جيڪا هنرمند، سمجهدار ۽ ڪاروباري ذهن رکندڙ عورت هئي. هن جي والده جي تربيت عبدالله کي ايماندار، بهادر ۽ دلير بڻايو. عبدالله هڪ پيرو پنهنجي دڪان تي وينو هو ته هڪ فلاحي تنظيم ڪانئس چندو گهريو، هن دڪان جي پيٽيءَ ۾ پيل پنج سو رپيا ڪڍي کين ڏيئي ڇڏيا ۽ پوءِ ڊنو ته کيس ماءُ جا دڙڪا ملندا. پر جڏهن هن پنهنجي ماءُ سان ڳالهه ڪئي، ته ماءُ کيس چيو ته: ”عبدالله! تنهنجي نيت کي ڏسجي ٿو، ته انهن 500 رپين جي بدلي تو کي 25000 رپيا ملندا.“ انهيءَ ڳالهه

کان پوءِ کيس اوچتو ڪنڊ ڪپائيندڙ واپارين پاران هڪ وڏو آرڊر مليو، جنهن لاءِ هن حساب ڪيو ته کيس 25000 (پنجويهه هزار) رپيا نفعو ٿيو. اهو واقعو هن پنهنجي ماءُ کي اچي ٻڌايو. هاڻ هو ويتر پنهنجي والده تي اعتماد ڪرڻ لڳو. هو غريبن جو هڏ ڏوکي هو ۽ هاڻ شهر جي چڱاين وارن ڪمن ۾ وڏ کان وڏ حصو وٺڻ لڳو. هن پنهنجي واپار کي جاوا (انڊونيشيا) کان وٺي سڄي هندستان ۾ پکيڙي ڇڏيو. هن ڪئنيڊا مان مشينري گهرائي بهار (هندستان) ۾ کنڊ جو ڪارخانو لڳايو. ان ريت هو سڄي نڍي کنڊن ۾ کنڊ جي واپار جو شهنشاهه (Sugar King) طور مشهور ٿي ويو.

سيٺ عبدالله هارون ڪانگريس ۾ هوندي عدم تعاون واري تحريڪ (Non Co-operation Movement) ۾ حصو ورتو. هو سنڌ خلافت ڪاميٽيءَ جو پنجن سالن تائين صدر ٿي رهيو. سن 1920ع ۾ اخبار ”الوحيد“ جاري ڪيائين، جنهن 25 سالن تائين سنڌ جي مسلمانن ۾ قومي بيداري پيدا ڪئي. سن 1923ع ۾ هن بمبئي قانون ساز اداري جي چونڊ ۾ حصو ورتو ۽ ڪامياب ٿيو. سن 1925ع ۾ علي ڳڙهه مسلم ڪانفرنس ۾ سنڌ جي بمبئيءَ کان عليحدگيءَ جي ڳالهه ڪيائين.

سن 1930ع ۾ کيس برطانيا حڪومت پاران هندستان جي واپارين جو نمائندو مقرر ڪري (اوٽاوا) ڪئنيڊا ۾ ”امپيريل اڪنامڪ ڪانفرنس“ ۾ موڪليو ويو. سن 1938ع ۾ هن سنڌ جي صوبائي مسلم ليگ جو اجلاس سڏايو، جنهن جي صدارت قائداعظم محمد علي جناح ڪئي. 9- آڪٽوبر 1939ع ۾ هن استقباليه خطبي ۾ هندستان جي مسلمانن جي الڳ تشخص ۽ الڳ رياست جي گهر ڪئي.

جڏهن مولانا محمد علي جوهر ۽ مولانا شوڪت عليءَ تي ڪراچي جي خالقڏني هال ۾ بغاوت جو ڪيس هليو، ته ”علي برادران“ جي والده ”بي امان“ جڏهن به ڪراچيءَ ۾ پنهنجي پٽن سان ملڻ ايندي هئي، ته رهندي عبدالله هارون جي گهر ۾ هئي. ان ريت سندس سڄو گهر، نڍي کنڊ جي آزاديءَ جي متوالن جي سياست جو مرڪز بڻجي ويو. هُن خاص طور سنڌ جي بمبئيءَ کان عليحدگيءَ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو.

سيٺ عبدالله هارون سڄي سنڌ جي حاجين لاءِ ڪراچي ۾ مسافرخانو ٺهرايو. ڪيترا ئي اسڪول پنهنجي گهرواري نصرت ۽ پنهنجي نالي سان قائم ڪيا. سندن نالي ٺهيان برپا ٿيل اهي اسڪول، اڄ به

ڪراچيءَ ۾ قائم آهن. انهن ۾ لياريءَ جو مدرسو اڄ به علمي خدمت ڪري رهيو آهي. انهيءَ مدرسي جي سار سنڀار سنڌس نياڻيون ڪيتري عرصي تائين ڪنديون رهيون. عبدالله هارون، ڪراچي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جو ميمبر به رهيو. شروعاتي دور ۾ هو آل انڊيا ڪانگريس جو ميمبر هو، پر بعد ۾ هن پنهنجو سڄو ڌيان مسلم ليگ تي ڏنو. پاڻ پاڪستان جي بانين ۾ به شمار ٿئي ٿو. هن پاڪستان جي تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان ڀرپور ورتو ۽ مسلم ليگ جي مالي مدد به ڪندو رهيو. هو پاڪستان ٺهڻ کان ٻه سال اڳ 1945ع ۾ گذاري ويو. سندس آخري آرامگاهه، لياريءَ ۾ سندس قائم ڪيل مدرسي جي اڱڻ ۾ اڄ به موجود آهي.

ٻارو! ڏسو ماءُ جي خدمت ۽ اُن جي نتيجي ۾ مليل دعائن سان هڪ يتيم ٻار ايتري ترقي ڪئي، جو هو ننڍي کنڊ جو وڏو واپاري بڻجي ويو ۽ الله جي ٻاجهه ۽ ماءُ جي دعا سان هن سماجي خدمت ۽ سياست ۾ به نالو ڪمايو. صنعت ڪار ۽ واپاري ڪرت ۾ مشغول رهندي به هِن پنهنجي ملڪ ۽ ماڻهن جي وڏي خدمت ڪئي هئي. سيٺ صاحب جي زندگيءَ تي نظر وجهندي سبق ملي ٿو ته جيڪو به ماڻهو پنهنجي وڏن جو چيو مڃيندو ۽ الله جي ٻندن جي خدمت ڪندو ته الله سائين اُن شخص کي ڪيل خدمت ۽ نوڙت جو اجورو ضرور ڏيندو

## مير معصوم بکري (1528ع – 1606ع)

### ميمڻ عبدالغفور سنڌي

مشهور مؤرخ ”امين الملڪ“ نواب مير محمد معصوم ولد سيد صفائي بکري، سومر 7 رمضان المبارڪ 944 هه مطابق 7 فيبروري 1528ع تي بکر ۾ تولد ٿيو. سندس سلسله نسب امام موسيٰ ڪاظم رضه سان وڃي ملي ٿو. سندس مؤرث اعليٰ ”ترمذ“ جا رهاڪو هئا، جتان سنڌس وڏو ڏاڏو بابا حسن ابدال (وفات 165هه)، ڪافي وقت قنڌار جي شهر ”اشڪلچه“ ۾ مقيم هو، جتي مشهور اولياءُ سيد حسين بن زنجيريا بن رضا رح جي درگاه جو متولي هو. انهيءَ قريءَ مان يارهين واسطي سان سيد صفائي وقت جو وڏو عالم، فاضل، سخي، بلند اخلاق، صاحبِ ڪرامت ۽ شرافت جو مجسمو هو. غالباً 928 هه (1521ع) ڌاري سلطان محمود خان جي خاص دعوت تي بکر ۾ آيو، جتي ”شيخ الاسلام“ جي عهدي تي سرفراز رهيو. تورن ڏينهن بعد

ڪاڇوٽ (سيوهڻ) جي سيدن مان شادي ڪيائين؛ جنهن مان ڪيس ٽــي پٽ ڄاوا هئا. زندگيءَ جو باقي وقت نهايت استقلال، عــزت ۽ احــترام سان پورو ڪيـائين – 2 ذوالقعـد 991هـه (1582ع) تـي مٿيـءَ پنــڙو ٿيس؛ ۽ سکر ۾، مير معصوم جي قبرستان ۾ ڇٽي هيٺـان آرامـي آهـي. فارسي زبانن ۾ شعر تـي طبـع آزمـائي ڪئي هئائيـن. ميـر ابوالقاسـم (وفات 991هـه)، سـيد محمـد فاضـل (وفـات 997هـه) ۽ ميـر محمـد معصوم نالي پونير پٽرا ڪيائين.

مير معصوم ننڍپڻ کان ئي ذڪي هو؛ جنهن ڪري سٽن سالن جي عمـر ۾ پنهنجي والد بزرگوار وٽان ابتدائي علم جا مرحلا طيءَ ڪيا. صرف و نحو، نظم ۽ نثر جي سکيا ملا محمد ڪنگريءَ  واري وٽان روتائين. پوءِ قاضي الهڏنو سيوهاڻي جون خدمتون حاصـل ڪنـدي، فـارغ التحصـيل ٿيو. آخر گجرات مان مخدوم حميد دربيلائيءَ وٽان مشڪوات شــريف، حديث ۽ ڪجهه ٻيا به ڪتاب ورجائي، وڏيءَ ڄاڻ جو مالڪ بڻيو.

پاڻ پنهنجي ذاتي صلاحيتن، بهادريءَ جي ڪارنامن توڙي علمي فضيلت ڪان 984هه (1576ع) ۾ اڪبر بادشـاه جـي شـاهي اعتبـار ۽ اعتمـاد ۾ اضافو امتيـاز حاصـل ڪيـائين. ملازمـت دوران 1003هـه (1594ع) ۾ ڪيس ”به سؤ پنجاهي“ جو رتبو به مليو هو. ٽن سالن (1004هـه کـان 1007هه) تائين قنڌار ۾ رهيو، جتي بکـر مـان خوشـنوس ۽ قابـل مـان سنگتراش گهرائي، ”بابر بادشاه جي هال“ تي لکيل ڪتبي ۾ همايون ۽ اڪبر بادشاه جي نالن جو اضافو ڪرايائين. اڪبر جـي سـلطنت ۾ آيـل ملڪن جو پڻ اندراج ڪرايـائين. اهڙيـءَ طـرح فتوحـات ا ڪبر، نـاگور، اسير ڳڙهه، دکن، نيل ڪنٺه محل، مهيشور ۽ فتحپور سڪري وغيره ۾ به ڪافي ڪتبا تاريخي مادن سان لکي محفـوظ ڪرايـائين. دکـن جـي فتح بعد ايران ۾ سفير مقرر ٿيـو، جتـان 1013هـه (1604ع) ۾ واپـس آگــري پهتــو. ســتت ئي کيــس ”ميــن الملــڪ“ لقــب ڏيئي 17 رمضــان المبارڪ 1014هه (1606ع) ۾ بکر امـاڻيو ويـو، جـتي ٻـن مهينـن جـي لڳاتار بيماريءَ بعد، 70 ورهين جي ڄمار ۾ سـندس وفـات 6 ذوالحـج 1014هـه مطـابق 4 اپريـل 1606ع تـي ٿـي. کيـس سـندس اَبـاڻي قربستان (سکر) ۾، والد جي وٽ ۾ آرامي ڪيو ويو.

مير صاحب ڪافي يادگار قائم ڪيا، جن مـان ”ڇٽـي“ (والـد جـي قـبر مٿــان 1001هــه)، ”منــارو“ (خانــداني قبرســتان ســکر ۾ 1002هــه ”قبررون“ (والد، ڀاءُ، والده ۽ ٻين عزيز و اقارب جي قبرن مٿان اُ ڪر

وغيره) – مثالي آهن. پاڻ نهايت بلند اخلاق، خدا ترس، پرهيزگار، علم دوست، فقير منش، درويش صفت ۽ چڱن ۾ چونڊيل شخص هو. سندس زندگيءَ جو وڏو حصو سير سفر ۾ گذريو. البته واءُ واچوڙي جيان چند سال بکر ۾ رهڻ جو موقعو به مليس. مير بزرگ (وفات 1044هه = 1634ع) نالي سندس پٽ هوس، جيڪو پڻ سندس جيان نالورو بزرگ ٿي گذريو آهي.

مير صاحب جتي قومي ۽ سياسي مصروفيتن ۾ محو زندگي گذاري، اتي علم ادب کي به هٿان نه ڇڏيو. سندس قلم مان نڪتل ڪتاب: تاريخ ذوق ۽ طبقات اڪبري، تاريخي سنڌ، پنج گنج، دووايِن، ديوان رباعيات، ذخيرة الخوانين، طب يا مفردات نامي، ساقي نامه ۽ معمه بي بها تحفو آهن. هي معصوم طبيعت جو مالڪ، زماني سارو انسان، اسرار حقيقت جو رازدار، عارف ۽ ڪامل هو. ظاهري علم ۽ ايتري قدر ته يڪتا ۽ بلند مقام پئي رکيائين، جو وڏا وڏا فاضل به سندس سامهون سخن جي طاقت رکي نه سگهندا هئا. به ”ديوان“ به موجود اٿس. سندس قريبي رشتيدار، آخوند محمد اسحاق بکري همدرس ۽ سهيوگي هوس. ڪافي سندس مداح هئا.

## حوالا

(1) – هي لقب مغل بادشاه جهانگير سندس قومي علمي خدمتن عيوض کيس ڏنئي، بکر جو جج بڻايو هو. [تاريخ معصومي (سنڌي ترجمو)، مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ، 1953ع، ص 20].

(2)– مير معصوم بن سيد صفائي بن سيد شير مرتضىٰ بن سيد علي بن سيد امام الدين بن سيد مير بزرگ بن سيد مير شاه بن سيد حسين شير قلندر بن سيد عينالدين بن سيد شمس الدين بن سيد علاءُ الدين بن سيد محمد بن احمد بن سيد هارون بن سيد امام موسىٰ ڪاظم رضه [مير محمد معصوم بکري – سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ، 1979ع، ص 22].

(3) – ”ترمذ“، آمود درياهه جي اترين ڪناري تي، سرخان واه جي منڍ ۾ هڪ شهر آهي. سرڪاري طرح هن شهر جو نالو ”ترمذ“ (Termez) آهي [دائرة المعارف اسلاميه (اردو)، دانشگاه پنجاب جلد 6، ص 384].

(1) – ”بکر“، سکر لڳ ستن واهن جي وچ تي هڪ ٽڪريءَ مٿان قلعي جي صورت ۾ اڏيل آهي. سندس ڏاکڻي پاسي روهڙيءَ جو شهر ٻڌل آهي؛ ۽ ٻئي طرف کان درياه جي وڪڙ وٽ، ٽڪريءَ تي ننڍو ڪوٽ جڙيل آهي؛ جنهن ۾ ”آستان“ اڏيل آهي. مير ابوالقاسم ”نمڪين“، ”صفه صفا“ نالي منجهس هڪ ڪشادو ٿلهو ٺهرايو هو، جتي چانڊوڪي راتين ۾ علمي ڪچهريون لڳنديون هيون. اتي آيلن جي خاطر تواضع، ڳوٺ ”بدره“ مان گهرايل سوادي گذرن سان ڪئي ويندي هئي مير

ابوالقاسم ۽ سندس خاندان جون ڪافي مزارون موجود آهن. قلعي کان سڏ ڏيڻ تي اولاهين ٽڪريءَ مٿان ڪچين جي گهيري ۾ گنبذ نهيل آهي؛ جنهن کي ”ساڌ ٻيلو“ سڏجي ٿو. گنبذ جي سامهون جهازنيا مسجد پڻ جڙيل آهي. عيد جي خوشين ۾ سکر توڙي بکر جا ماڻهو گهڻي تعداد ۾ هتي پهچي لطف اندوز ٿيندا آهن. بکر، اتن پرڳڻن (اروڙ، ٽاڪرو، جتوئي، چانڊڪا، دربيلو، ڪاڪڙي، لڏو گاگن ۽ ماٿيلو) تي قهليل هو. ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي منجهس گادي رهي آهي. ابڙا ٻڪيجا؛ پنهور، ڏريجا، سانگي سيد، شيخ، مهر ۽ ميمڻ گهڻا آباد هئا. ارغونن جي صاحبيءَ جو مشهور شاعر، قاضي قاضن (1484ع – 1551ع) به هتي ملازمت ڪئي آهي [تاريخ مظهر شاهجهاني – يوسف ميرڪ بن مير ابوالقاسم ”نمڪين“ (سنڌي ترجمو)، سنڌي ادبي بورڊ، 1979ع، ص 110 – 121].

(1) – سندس خانداني لقب”نظام الدين هو. مگر هندستان رواج موجب نالي جي آڏو ”مير“ جو اضافو آندائين.

(2) – ”ڪنگري“، پير ڳوٺ جو پراڻو نالو آهي.

(3) – قاضي الهڏتو سيوهاڻيءَ، مخدوم بلال باغباني رح (1451ع – 1522ع) وٽان به درس ورتو هو. وڏو عالم ۽ ڪامل مدرس هو. شاه حسين ارغون به وٽانئس گوڏو يچي پڙهيو هو.

(1) – ماثرالامرا (تاليف)، نواب شمس الدولة شاهنواز خان، جلد 3، ڪلڪته 1891ع، ص 327.

(2) – سکر شهر جي وچ تي ”معصوم شاه جو منارو“، 1003هه = 1594ع ۾ جڙي راس ٿيو هو. پيڙه ۾ پتر پيل اتسم ۽ مٿي سرون آهن. مناري جي تختي 84 فوٽ موڪري آهي ۽ اوچائيءَ ۾ 84 ڏاڪا نهيل آهين. سرن جي اوساري چيروليءَ سان ٿيل آهي. قطب مينار (دهلي)، غزني مينار (غزني)، منارو جام (افغانستان) ۽ مسجد عليءَ وارو منارو (اصفهان) وغيره جي اڏاوت جو هڪ يادگار نمونو آهي. انگريزن محققن (برٽن، ڪزنس ۽ هيوز) به اڏاوت جي واکاڻ ڪئي آهي. تقريباً چار صديون گذرڻ بعد اڄ به هي سارو ساڳئي ساحت سان نظر اچي رهيو آهي.

(1) – سنڌ جي تاريخ جي سلسلي ۾ ”فتح نامه سنڌ“ المعروف ”چچ نامو“ (علي بن حامد ڪوفي 612هه = 1215ع) کان پوءِ ”تاريخ معصومي“ عرف “تاريخ سنڌ“ 1009هه (1600ع) آهي؛ جنهن ۾ سنڌ متعلق مفيد ۽ سينه به سينه مواد قلمبند ڪيل آهي. حالانڪ ہنهي ڪتابن جي وچ تي صدين جي وٿي آهي. مگر انهيءَ وقفي ۾ ڪو به ڪتاب ڪونه لکيو ويو. حقيقت ۾ سنڌ جي تاريخ تي اهي بنيادي ماخذ آهن. سنڌ تي ٽيون ڪتاب ”تحفته الڪرام“ آهي، جيڪو مير عليشير ”قانع“ 1180هه ( 1766ع) ۾ لکيو هو.

Posted by wahabsahito at 5:49 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## نواز علي ”نياز“ جعفري - ميمڻ عبدالغفور سنڌي

# نواز علي ”نياز“ جعفري (1892ع – 1959ع)

ميمڻ عبدالغفور سنڌي

نواز علي ولد محمد آچر سومرو، لا ڙڪاڻي ۾ 19 شعبان 1310ھه مطابق 8 آڪٽوبر 1892ع تي تولد ٿيو. سندس گهراڻي جي اهل بيت سڳورن سان حد درجي جي عقيدت هئي؛ انهيءَ ڪري پاڻ کي ”جعفري“ سڏائڻ لڳو. ”نياز“ ابتدائي تعليم لاڙڪاڻي مان ورتي. پاڻ پينگهي کان ئي علم ادب جون لوليون لهندي، شاعريءَ طرف شوق رکيائين.

سرڪاري ملازمت ۾ رهندي، 1947ع ۾ مختيارڪار جي عهدي تان رخصت ورتائين. مهراج ليکچند ۽ مولوي عطا محمد عطائيءَ جي رهبريءَ هيٺ، طب ۾ طبع آزمائي ڪيائين. نئين زندگي، ڳوٺ سڌار ۽ اديب سنڌ ۾ سندس شعر شايع ٿيندو رهيو. 21 شوال 1380ھه مطابق 11 نومبر 1959ع تي لاڙڪاڻي ۾ وفات ڪيائين. سندس دوستن جو حلقو وسيع هجڻ سبب، ”خادم“ لاڙڪاڻوي، ”دلگير“ درياني، ”عبد“ عاقل، فقير غلام سرور قادري، علي محمد قادري، هدايت علي نجفي ”تارڪ“، ”نظامي“ ميمڻ ۽ حافظ ”احسن“ چنه جن سان رهاڻيون رهيون.

سندس مڪمل ”ديوان“ آهي؛ جنهن کي ميمڻ عبدالغفور سنڌي مرتب ڪيو آهي. سندس ڪلام ۾ نواڻ ۽ فني خوبين کان علاوه صنعتي خوبيون پڻ جهجهي انداز ۾ نظر اينديون. ”نائين آل سنڌ ادبي ڪانفرنس“ (27 – 3 – 1948ع، ميهڙ – دادو) ۾ ڪيس ”عمدة الشعراءُ“ جو خطاب مليو. ”مداح محمدي“، ”جوهر سخن“ ۽ ”تحفئه نياز“ سندس تصنيفون آهن.

نموني طور سندس ننڍپڻ جو هڪ ”خوش آمديد گيت“ (Welcome Song) هيٺ ڏجي ٿو:-

پلي ڪري آيؤ سيئي مرد خاص و عام،
واجب هي آهي جوڪريون اوهان سندو سلام،
وئي آر ويري هيپي تو سي اِيچ ائنڊ ايوري ون

(We are very happy to See each & every one)
هر کس که آمدست بود خوش و نيڪ نام.
جس ني اٿها کي رنج غريبون کو کيا شاد،
اُنهان ڪون ڪريندا هي هرڪوئي صبح و شام سلام.
فاذکروني اذکرکم قال کبريا،
جيڪو ڪري پيار، اسين انهيءَ جا غلام.

## حوالا

(1) – نواز علي ”نياز“ جعفريءَ جي شاعري – ميمڻ عبدالغفور سنڌي [ ايم – فل (M.Phil) سنڌيءَ لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان لکرايل ٿيسز (Theses)؛ـ 1975ع (قلمي) ص – 19].
(2) – مذڪوره گيت، سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچيـءَ ۾ تعليـم دوران ٺاهيو هـائين. منجهس ڇهه زبانون (سنڌي، انگريزي، فاسي، اردو، سـرائڪي ۽ عربـي) اسـتعمال ڪيل آهن؛ جنهن مان ”نياز“ جي ذهانت جو بخوبي پتو پوي ٿو.
(2) – سندس مراسم پير حسام الدين راشديءَ سان پڻ گ هرا هيـا. ا هو ئي سـبب آهي جو جڏهن فلپائين ۾ رهندي سندس وفـات جـو ٻڌائيـن تـه کيـس ڏاڍو رنج پهتـو، جنهن تي هڪڙو تاثر لکيـائين. جلـد نـه ڇپجڻ سـبب ان کـي بيمـاريءَ جـي حـالت ۾ ڏاڍئيندو رهيو، تان جو صحتياب ٿي موٽڻ بعد، سنڌي ادبي بورڊ طرفان اهو تـاثر، هـو ڏوٿي هو ڏينهن جي نالي سان، ڪتابي صورت ۾ ڇپرايائين.

Posted by wahabsahito at 5:38 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## نور محمد لاکير - ميمڻ عبدالغفور سنڌي

# نور محمد لاکير (1845ع – 1937ع)

### ميمڻ عبدالغفور سنڌي

سنڌ جو سچو سپوت ۽ همدرد، نـور محمـد ولـد ميـان محمـد سـجاول لاکيـر، تعلقـي ڏو ڪري (لا ڙڪاڻو) جـي ڳـوٺ ڇ ڪرو ۾ 21 شـعبان 1261هـه مطـابق 16 سـيپٽمبر 1845ع تـي تولـد ٿيـو. سـندس والـد پرائمري استاد هـو؛ جيڪو ملازمـت دوران تعلقـي ڪڪڙ جـي ڳـوٺ ”جمعـو لاکيـر“ ۾ لڏو لاهـي وجـي وينـو. نهـايت باوقـار ۽ سـچو سـنڌي مسلمان هو. پينشن تي پهچڻ بعد، زمين جو ٽڪرو ونـي، بـاقي حيـاتي اتي ئي گذاريائين. کيس تي پٽ هئا، جن مان نور محمد اوڇ ۽ ذهيــن هو؛ جنهن ڪري کيس پڙهڻ لاءِ پهريـائين پنهنجـي نظـر هيـٺ آنـدائين.

جتان چار درجا سنڌي پاس ڪرائي، سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ ۾ مئٽرڪ تائين پڙهايائينس. ان کان پوءِ سردار محمد يعقوب جي ذاتي دلچسپيءَ سان، ”مير علي مراد اسڪالر شپ“ وٺي عليگڙهه مان بي - اي ۽ بعد ۾ قانون جي سنڌ (LL.B) وٺي، حيدرآباد دکن ۾ پنهنجي دوست محمود علي بيگ سان گڏجي وڪالت شروع ڪيائين.
به شاديون ڪيائين، پر پڇاڙيءَ تائين پٽيلو اولاد ڪو نه ٿيس. کيس دکني آب هوا پاڻ نه پئي؛ جنهن ڪري ڪجهه وقت بعد واپس وطن وريو؛ ۽ خيرپور رياست ۾ جج مقرر ٿيو. عهدو ته وڏو مليس، مگر سندس طبيعت سرڪاري ملازمت ۾ نه لڳي. پوءِ حيدرآباد ۾ و ڪارت کي باقاعده پيشو بڻايائين. محنت ۽ اورچائيءَ سان خوب نالو ڪڍيائين. سندس طبيعت غريبن جي واهر ڪرڻ ۽ مسلمان ٻارن جي تعليم لاءِ آتي هئي. ويتر آنر ايبل رئيس غلام محمد خان پر ڳڙي ( 1878ع – 1924ع) جهڙي مخلص جو ساٿ مليو؛ جنهنڪري تعليمي خدمتن ۾ نمايان ڪاميابي حاصل ڪيائين. نتيجو اهو نڪتو، جو حيدرآباد (سنڌ) جهڙي مرڪزي شهر ۾، 1924ع ۾ نور محمد هاءِ اسڪول ۽ 1925ع ۾ هاسٽل قائم ڪري ورتائين. پوءِ ته پنهنجي ذاتي مفادن کي پاسيرو رکي هن خير جي ڪم ۾ راتيان ڏينهان رڌل رهيو. مسلمان شاگردن کي، سرنديءَ وارن کان اسڪالر شپون به وٺي ڏنائين.
پاڻ جتي تعليم جي ميدان ۾ ايتري قدر سرگرم پئي نظر آيو، اتي سياسي لحاظ کان قومي خدمتن کي به ترجيح ڏيندو آيو. انهيءَ سلسلي ۾، 1923ع ۾ بمبئي ڪائونسل جو ميمبر به منتخب ٿيو. سندس اها آخري تمنا هئي، ته حيدرآباد شهر ۾ ”مسلم يونيورسٽي“ قائم ڪرايان. مگر افسوس جو حياتيءَ بقاءُ نه ڏنس؛ جنهن ڪري 3 ذوالقعد 1356هه مطابق 22- آگسٽ 1937ع تي حيدرآباد ۾ ئي وفات ڪيائين. وصيت موجب کيس مسلم هاسٽل حيدرآباد جي احاطي اندر دفنايو ويو.

## حوالا

(1) – حيدرآباد شهر اندر 1275هه (1858ع) ۾ گورنمينٽ اي – وي اسڪول قائم ڪيو ويو هو؛ جنهن کي 1934ع ۾ نور محمد جي ذاتي ڪوشش سان ”سنڌ مسلم تعليمي ڪانفرنس“ ذريعي، عليگڙهه يونيورسٽيءَ جي ا ڳوٽي وائيس چانسلر، صاحبزادي آفتاب احمد صاحب جي صدارت هيٺ هاءِ اسڪول جو درجو ڏنو ويو، جيڪو اڳتي هلي ”نور محمد هاءِ اسڪول“ جي نالي سان سڏجڻ لڳو.

(2) – شاگردن جي رهائشي سهولتن لاءِ 1344ھ (مئي 1925ع) ۾ هن هاسٽل جو بنياد پيو؛ ۽ ساڳئي سال سيپٽمبر ۾ عمارت بالڪل تيار ٿي، جيڪا پهرين آڪٽوبر کان باقاعده استعمال هيٺ آئي. سندس افتتاح بمبئي جي ڏوهڪي گورنر ليسلي ولسن (Leslie Wilson) ڪيو هو.

Posted by wahabsahito at 5:23 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## وتايو فقير - ميمڻ عبدالغفور سنڌي

# وتايو فقير (1768ع – 1831ع)

### ميمڻ عبدالغفور سنڌي

وتايو فقير، اصل هندو نسل مان هو. سندس پتا امر سنگ اجواڻي هو، جيڪو تاجپور (پنجاب) جو رهاڪو هو. سندس ماتا جو نالو رڪمڻي بائي هو. مائٽ کيس پيار وچان ”وتو“ ڪري ڪوٺيندا هئا. سندس جنم وسپت ڏينهن، تهه سياري جي 12 جنوري 1768ع تي ٿيو هو. ڪن سببن ڪري سنڌ ۾ لڏي آيا، جتي نصرپور ۾ ٺڪاڻو ٺاهي ويٺا.

ظاهري طرح تي وتائي کي ننڍپڻ کان وٺي ڪا به تعليم ڪا نه ملي هئي، مگر ڏٺيءَ سڳوري سندس ذهن ۽ ذڪاءُ اهڙو ته تيز ڪيو هو؛ جو وڏن عالمن کي به شهه ڏيئي تي چڙهيائين. هو طنز جي اوٽ ۾ اهڙا ته عالمانه گفتا بيان ڪندو هو، جو ٻڌندڙ دنگ رهجي ويندا هئا. سندس سادگيءَ مان ماڻهو اڪثر چريائپ جو اندازو لڳائي، ساڻس ٺٺوليءَ جي طور ڳالهائيندا هئا. مگر پاڻ انهن کي اهڙو ته منهن تي معقول جواب ڏيندو هو، جو ڏندين آڱريون ڏئي هليا ويندا هئا.

سندس طبيعت ننڍپڻ کان ئي فقيرا ڻي هئي؛ جنهن ڪري اسلام لاءِ کيس وڏي عزت هئي. ستت ئي عمرڪوٽ مان سندس شادي به ٿي. ٿورن ڏينهن بعد سندس پتا پرلوڪ پڌرايو. پوءِ ته پاڻ، ماءُ ۽ زال سميت مسلمان ٿيو. جيئن ته پاڻ اصل نالي ”وتو“ سان مشهور هو؛ ان ڪري پاڻ کي ”وتايو فقير“ سڏائڻ لڳو . سندس جيون ساٿي گهڻو وقت جٽاءُ نه ڪيو. پوءِ پاڻ کي اڪيلو پئي پانيائين. البته پوڙهي والده جي خدمت کي افضل عبادت ڪري ڄاڻائين. زندگيءَ جا 63 ورهيه دم

ڪٺي، والده کي وچوڙو ڏئي، اربع ڏينهن 22 ذوالحج 1247هه مطابق 19 جون 1831ع تي ٽنڊوالهيار (حيدرآباد) ۾ وفات ڪيائين. ڪيس شهر کان ٻاهر ٽن ميلن جي مفاصلي تي ابدي ننڊ ۾ آرامي ڪيو ويو آهي.
وتايو، سچ پچ هڪ لاطمع انسان هو. پئسي سان سندس ڪا نه پئي. سندس تعليم جو طريقو به بالڪل نرالو هو. ڪلندي ڪلندي عام انسانن کي اهڙا ته دانائيءَ جا سبق سيکاريندو هو، جو سچي حياتي سندن دل تان ميسارجي نه سگهيا. اسان کي سينه به سينه طنز و مزاح جي اوت ۾ ڪافي نقل ياد آهن، جن کي جيڪڏهن يڪجاءِ ڪجي، ته هوند هڪ ضخيم ڪتاب تيار ٿي وڃي. نموني طور هڪ مثال هيٺ ڏجي ٿو:-
”پاڻ هڪ پيري ڳڏهه تي چڙهي پر واري ڳوٺ ڏانهن پئي ويو. واٽ تي ڳڏهه گوهي ڪري، ڦيرائي پٺ تي ڪٺي اڇلايس. هڪدم ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ پنهنجا ڪپڙا ڇنڊي، ڳڏهه ڏانهن گهوري چيائينس ته؛ ”بس، وڏيڪ تو کي چوڻ مناسب ناهي. چاڪاڻ جو جيڪو تو لاءِ منهنجي زبان تي تري آيو هو، سو تون ته اڳ ئي آهين، باقي ڇا چئي ٻڌايانءِ!“
[مطلب ته ارڏي جي ارڏائي ظاهر ڪرڻ مان ڪو به سود نه ٿو سري، چاڪاڻ جو ڏنگيءَ هلت واري مان ڪڏهن به چڱائيءَ جي توقع ڪري نه ٿي سگهجي].

## حوالا

(1) – امرسنگ اجواڻيءَ کي پيا به پٽ: ورايو، وسايو ۽ ورائي ٻائيءَ نالي هڪ نياڻي به هئي.
(1) – چون ٿا ته سندس مگ عمرڪوٽ ۾ رهندي هئي. هڪ ڏينهن جيئن ئي پاڻ عمرڪوٽ کان وڃي نڪتو، ته پريان ڪجهه عورتون کوهه تي پاڻيءَ جا گهڙا پري رهيون هيون. مڇاڻ ڪا انهن ۾ سندس مگ به موجود هئي. عورتن کيس چريو ڄاڻي، مگ کي منهن ۾ ڏيئي ڪي ڪار ڪرائي؛ جنهن جي جواب ۾ پاڻ مشڪي چيائينس، ته ”چريا ڪريا ضرور آهيون، مگر سڄاڻون سڀ کي ٿا!“ اهو جواب ٻڌي عورتون وٺي ڀڳيون.
(2) – ان وقت سندس عمر 37 سالن جي لڳ ڀڳ هئي. سندس اسلامي نالو ”طاهر“ رکيو ويو هو.

Posted by wahabsahito at 5:17 PM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

# هوند راج ”دکايل“ کتري (جنم 1908ع)

## ميمڻ عبدالغفور سنڌي

ديوان هوند راج ”دکايل“ پٽ ليلارام کتري، 11 جنوري (1908ع) تي لاڙڪاڻي شهر ۾ جنم ورتو. سندس پتا هڪ سنت هو؛ جنهن سموري زندگي صوفي فقيرن ۽ ساڌن جي سنگت ۾ گذاري هئي. ٻڍاپڻ تائين کيس پٽ جو اولاد ڪو نه ٿيو. آخر ٻي شادي ڪيائين؛ جنهن مان سندس پٽ ڄڙي ٿي؛ ۽ نالو ”هوند راج“ رکيائينس. جيڪو ادبي دنيا ۾، ”دکايل“ جي نالي سان اڄ سڃاتو وڃي ٿو. سندس ماتا، کيس جنم ڏيئي پرلوڪ پڌرايو؛ جنهن ڪري سندس پرورش ماتيلي ماءُ ڪئي.

نينگر هوندراج، لاڙڪاڻي ۾ پرائمري تعليم بعد ڪجهه وقت انگريزي به پڙهيو. سمجهه سوائي ٿيڻ سان سوناري ڌنڌي تي ويٺو. جيئن ته هن نينگر جي طبيعت ننڍپڻ کان ئي علم، ادب ۽ سماجي خدمتن طرف مائل هئي؛ انهيءَ ڪري ڌنڌي کي ڌڪي، گيت ۽ سنگيت جي دنيا ۾ پير پاتائين. پوءِ ته زندگيءَ کي انهيءَ ماحول ۾ ترسائي ڇڏيائين. 1923ع ۾ سندس ڏيٺ ويٺ، مشهور ٿيڻ ڪري، ديوان ڪشنچند ”بيوس“ ( 1885ع – 1947ع) سان ٿي. کانئس شعر جي پوري پوري سکيا وٺي، ”دکايل“ تخلص سان سخن جو ميدان سنواريائين. راڳ روپ ۽ ڀڳت وغيره جي محفلن ۾ وڏي چاهه سان ويندو هو.

”دکايل“ غريبن جو هڏ ڏوکي ۽ مسڪينن جو بي غرض مددگار هو. سماجي خدمتن جي سلسلي ۾ ڳوٺن ۽ شهرن ۾ پهچي، سندن تڪليفون معلوم ڪري، انهن جي تلافيءَ لاءِ وس آهر مدد ڪندو هو. ڳوٺاڻن جي مدد لاءِ سرڪار جا در کڙڪائڻ ۾ به ڪو عار نه سمجهيائين. علمي ۽ ادبي دلچسپيءَ سان گڏ، سياسي طرح ”ڪانگريس“ ۾ به شموليت اختيار ڪيائين. انساني خدمت جي جذبي تحت، 1934ع ۾ پنهنجي ساٿين جي سهڪار سان رتيديري شهر ۾ ”ڳوٺ سيوا دل“ نالي هڪ سماجي ادارو قائم ڪري، انسان ذات جي خدمت ڪرڻ لڳو. هن اداري ۾ هندو خواه مسلمان گڏجي ڪم ڪرڻ لڳا. منجهن ڪنهن به قسم جو مذهبي ويڇو نه هو. ايتري تائين جو ڪائڻ پيئڻ جا برتن (ٿانو) به ساڳيا هوندا هئا.

زماني جي ڏيک ويک لاءِ، بنگلديري مان شادي ڪيائين؛ جنهن مان پڇاڙيءَ تائين ڪو به اولاد ڪو نه ٿيو اٿس. کيس ديس سان وڏو پيار هو. ولايتي شين جي واپرائڻ کان ملڪي شين کي ترقي ڏيارڻ لاءِ ترجيح ڏيندو هو. سندس جاري ڪيل اداري تحت تعليم، صحت ۽ هنر وغيره جي بلامعاوضه خدمت ڪئي ويندي هئي. هندو خواه مسلمان رضاڪارانه طور تي پنهنجو خدمتون آڇيندا هئا. دوا دارونءَ لاءِ، هڪ ”شفا گهر“ (اسپتال) پڻ قائم ڪيائين؛ جنهن ۾ شهر کان علاوه ڳوٺن ۾ وڃي علاج معالج جون سهوليتون مهيا ڪيائين. انهيءَ لاءِ موهن لال ۽ گوبند رام شڪارپوريءَ جهڙن مخير ڊاڪٽرن پنهنجون خدمتون، مفت آڇيون هيون. سندس صلاحيتن مان انسان ذات کي ڪافي فائدو رسيو. روزگار جي سلسلي ۾ خالص تيل پيڙڻ جو گهاڻو پڻ لڳايو ويو؛ جنهن مان ”آشرم“ کي خاصي آمدني ملڻ لڳي. ازانسواءِ هنري لحاظ کان هتي خاص قسم جا جنڊ (بال بيرنگ سان) تيار ڪرايا ويا، جيڪي عام جنڊن جي مقابلي ۾ آسان ۽ سٺي پيسائي ڪندا هئا. ازانسواءِ چڙائيءَ لاءِ ڪاٺ جا جنڊ استعمال ٿيڻ لڳا؛ جنهن مان عملي جي ماڻهن کان علاوه پوري پسگردائيءَ کي فائدو ملڻ لڳو.

”گانڌي خدمت گهر“ ۾ ٻين نيڪ ڪمن سان گڏ، ڪاغذ ٺاهڻ جو به جوڳو بندوبست ڪيو ويو هو. پلال ۽ پراڻي ڪاغذ کي استعمال هيٺ آڻي، سستي اگهه تي وڪرو ڪيو ويندو هو. دراصل هيءُ هڪ مثالي ڪم هو، جيڪو باوجود ايترين سهوليتن نه هجڻ سببان، هڪ وڏو ڪم ڄاتو ويندو هو. نتيجي طور هڪ طرف ولايتي مهانگي ڪاغذ جي استعمال کي ڌڪ لڳو ۽ ٻئي طرف، ٻي مهاياري لڙائيءَ ۾ ڪاغذ جو ڪافي انداز ۾ وڪرو ٿيڻ سان ”آشرم“ کي جهجهو ناڻو مليو.

هن حساس طبع انسان، هميشه غريبن ۽ مسڪينن لاءِ وڙ ڪيا. پاڻ اوني ۽ گاڏر مزورن جي آسانيءَ لاءِ 1940ع ۾ ”سانتيڪي سوپ“ نالي هڪ تحريڪ کي جنم ڏنائين. سندس تحريڪ بالڪل ڪامياب وئي. نتيجي طور اٿ سؤ غريب ڪٽنب سکي گذارڻ لڳا؛ ۽ لوڊنگ وغيره تي اناج ڍوئڻ گهٽجي ويو.

”دڪايل“ کي ورهاڱي وقت هندستان وڃڻ جو ارادو ڪو نه هو. اهڙو وچن پنهنجي ساٿين سان به ڪيو هئائين. مگر ڪن دوست نما دشمنن جي سازش جو شڪار بڻجي، مجبوراً سنڌ ڇڏي هند هليو ويو، جتي آخر عمر تائين گانڌي ڌام (ڪڇ ڀڄ) ۾ زندگيءَ جا لمحات گذاريائين.

آخر عمر تائين، سندس جذبو جوان ھو. پنھنجي علمي خدمتن کي برقرار رکندي ”ڏرتي ماتا“ نالي ھفتيوار اخبار جاري رکندو آيو. پروفيسر رام پنجواڻي سندس رازدان ھو. ڏٺي سندس مان متانھون ڪندو. ھيٺ سندس نظم جو نمونو نروار ڪجي ٿو:-

ملڪ جي ملڻھن کي خود غرضيءَ جو ويو مرض وڪوڙي،
جنھن ڪان نينڍڙو عالم، جاھل ھرڪو لوڙي.
عام وڪيلن ڊاڪٽرن ۾ ڪا ھمدردي ناھي،
جيري خاطر ڦڪري ڪھندا! چوندا ته ان ۾ چا ھي؟
استادن کي پيٽ جي چنتا بي پرواھه ڀڻايو،
فئشن جي جادوءَ خود داريءَ ۾ ويساھه وڃايو.
واپاري مريادا کوھي وينا ڪرڻ دلالي،
ڏاٺ حرام تي ھيري ھر ڪنھن، ڪوڏسجي ٿو حلالي.

## حوالا

(1) - سنت ليلارام ڪتري، لا ڙڪاڻي شھر ۾ گرناڻي بنگلي (موجوده بئنڪ اسڪوائر) جي پرسان رھندو ھو.

(1) – ”ڳوٺ سيوا دل“ اڳتي ھلي ”گانڌي خدمت گھر“ جي نالي سان مشھور ٿيو؛ جنھن کي ”آشرم“ به سڏيو پئي ويو؛ ۽ سرڪاري رڪارڊ موجب رجسٽرڊ به ٿيو. ھن سلسلي ۾ سندس مددگار: گوپالداس، فرمان علي چجڙو، قاضي عبدالحي ”قائل“، جيوڻ لالا، نانڪ رام، حاجي صحبت جاگيراڻي، طوطارام، ڪوڏومل ۽ مھراج رام چند ۽ ٽلو رام ھئا. موجوده لاڙڪاڻي واري ناڪي سان لڳ ھن اداري جو بنياد رکيل ھو. سيٺ لعل چند پنھنجي زمين جو ٽڪر، ”آشرم“ جي حوالي ڪيو ھو، جنھن مان ڪنھن حد تائين اداري جي ضروريات جو پورائو ٿيندو رھيو.

(1) – حالانڪ انھيءَ يڪجھتيءَ تي ڪيترن ڪٽر ھندن ”دڪايل“ جي ڀڙري پت مخالفت به ڪئي ھئي. ايتري قدر جو پاڻيءَ پيئڻ جا مٽ به ڀجي پئي ڇڏائون، مگر ھن انسان ذات جي سچي خدمتگار، ڪڏھن به ھمت نه ھاري ۽ لڳاتار جذبي سان ”خدمت خلق“ کي رياضت جو درجو ڄاڻي، مصروف رھيو.

(1) – ھن علائقي ۾ سارين جو فصل بالڪل پلو ٿئي ٿو. تعلقي ۾ گھرج کان وڌيڪ اناج ٻاھر اماڻيو ويندو آھي. جيئن ته رتيديري ۾ ريلوي اسٽيشن ڪا نه آھي. مال جي آمدني ۽ روانگي وغيره نئون ديرو (موجوده شاھنواز ڀٽو) ريلوي اسٽيشن تان ٿيندي آھي، جيڪا ڏھن ميلن جي مفاصلي تي واقع آھي. سالن کان اناج ۽ ٻيو سامان وغيره اُٺن وارا بروھي ۽ گاڏر ڊوئي پنھنجو پيٽ گذر ڪندا ھئا، جن جو تعداد اٺ سؤ کن ھو. سنڌ سرڪار فيبروري 1946ع ۾ ”سنڌ پرچيزنگ بورڊ“ قائم ڪيو؛ جنھن تحت لارين (لوڊنگين) ھلائڻ لاءِ ليسن جاري ڪيا ويا، ته جيئن رتيديري کان نئون ديرو ريلوي اسٽيشن تائين بار ڪڍڻ پائن. نتيجي طور اٺ سؤ ڪٽنب بيروزگاريءَ جو شڪار ٿيا. آخر ”گانڌي خدمت گھر“ جي سھڪار سان ”انٽرنيشنل

ٽريڊنگ ڪارپوريشن“ ڪي مجبور ڪيو ويو؛ ۽ مقامي اوتي ۽ گاڏر پيهر روزگار سان لڳا. [”سانتيڪي سوپ“ – هوند راج ”دڪايل“، هندستان پرنٽنگ ورڪس، ڪيمبال روڊ، ڪراچي؛ 1946ع، ص 3 ].
(1) – ازانسواءِ ”جهونگار“ (نومبر 1946ع)، ”سانتيڪي سوپ“ (1946ع ) ”چوڏن جا آلاپ“ (1947ع) نالن سان ڪتاب ڇپرا ڪيائين

# عوام کي انصاف ڏياريندڙ ايماندار پوليس آفيسر
## حاجي غلام شبير ڪلهيار

پرويز ڪلهيار

سنڌ ڌرتيءَ اهڙين املهه ماڻڪ شخصيتن کي جنم ڏنو آهي، جن هميشه عوام کي انصاف ڏياريو آهي. اهڙين شخصيتن ۾ ايماندار پوليس آفيسر حاجي غلام شبير ڪلهيار مرحوم جو نالو به آهي. حاجي غلام شبير ڪلهيار، ضلع نوشهرو فيروز جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ، پنڊي اٿل شاهه ۾ 1926ع ۾ جنم ورتو. ڪراچيءَ مان بي اي ۽ ايل ايل بي جي ڊگري حاصل ڪيائين. ڪراچيءَ جي ڪاليج ۾، شاگرديءَ واري وقت به سرگرم ڪردار ادا ڪيائين.

حاجي غلام شبير ڪلهيار پنهنجي نوڪريءَ جي شروعات فوڊ کاتي ۾ اسٽنٽ فوڊ ڪنٽرولر سان ڪئي. جنهن بعد پاڻ پي ايس آئي دادو ضلعي ۾ ٿيو. ان کان پوءِ هو پروموشن ملڻ تي سکر ۾ پراسيڪيوشن انسپيڪٽر ٿيو. جنهن بعد حيدرآباد ۾ اينٽي ڪرپشن ۾ پي ڊي ايس پي ٿيو. ان کان پوءِ کيس پروموشن ڏئي ايڊيشنل ايس پي حيدرآباد مقرر ڪيو ويو. سندس پوليس کاتي ۾ بهترين عوامي خدمتن کي مجتا ڏيندي کيس 1973ع ۾ ايس ايس پي سانگهڙ مقرر ڪيو ويو. ڪجهه عرصو سانگهڙ ۾ خدمتون سرانجام ڏنائين. پوءِ کيس ايس ايس پي حيدرآباد مقرر ڪيو ويو. ايس ايس پي حاجي غلام شبير ڪلهيار، عوام سان هر وقت قانون مطابق انصاف ڪيو. جنهن ڪري عوام، مرحوم ايس ايس پي حاجي غلام شبير ڪلهيار کي سچي پوليس آفيسر جو لقب ڏئي ڇڏيو.

مرحوم ايس ايس پي حاجي غلام شبير ڪلهيار ڪيسن جي معاملي ۾ ڪنهن به وڏيري جي سفارش نه ٻڌندو هو. جنهنڪري غريب ماڻهن کي ڪيسن ۾ جلد انصاف ملي ويندو هو. سندس اهڙين بهترين خدمتن

عيوض، وقت جي حڪمرانن، ڪيس اي آئي جي اسپيشل ڪراچي مقرر ڪيو. ان عهدي تي به ايمانداريءَ سان عوام جي خدمت ڪيائين. حاجي غلام شبير ڪليار اي آئي جي جي عهدي تي ترقي ڪري پهتو. ان عهدي تي به ايمانداريءَ سان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. حاجي غلام شبير ڪليار جي اهڙي سچائي ۽ ايمانداري واري جذبي کي ڏسي ڪيترا ئي ماڻهو پنهنجا فيصلا ڪرائڻ جي لاءِ کيس امين مقرر ڪندا هئا ۽ سندس ايمانداريءَ وارو فيصلو قبول ڪري وٺندا هئا. هن وقت حاجي غلام شبير ڪليار جسماني طور اسان وٽ موجود نه آهي پر سندس ڪيل خدمتون اڄ به سونهري اکرن سان تاريخ ۾ لکيل آهن. موجوده وقت ۾ به جيڪڏهن پوليس آفيسر حاجي غلام شبير ڪليار وانگر ايمانداريءَ سان پنهنجا فرض ادا ڪن ته ماڻهن جا مسئلا حل ٿي وڃن. هر ماڻهوءَ کي انصاف ملي وڃي ۽ ماڻهو انصاف لاءِ دانهون ڪرڻ ۽ احتجاج ڪرڻ ڇڏي ڏين. جيڪڏهن اڄ جا پوليس آفيسر، حاجي غلام شبير ڪليار جهڙي ايمانداري ۽ سچائي ڏيکارين ته سچي ملڪ ۾ ڪٿي به ڏوهه جي واردات نه ٿيندي. هر پاسي امن امان جي صورتحال بهتر هوندي. سنڌ جي اهڙي ئي امر ايماندار پوليس آفيسر حاجي غلام شبير ڪليار کي سنڌ جي عظيم شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي هن بيت سان ڀيٽا ڏئي رهيا آهن.

ماڻهو سڀ نه سهڻا، پکي سڀ نه هنجهه،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي بوءِ بهار جي. (شاهه)

اهڙا ماڻهو امل ماڻڪ هوندا آهن، جن تي ڌرتي به فخر ڪندي آهي. اسان حاجي غلام شبير ڪليار کي ياد ڪندي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي جون هي سٽون خراج عقيدت طور پيش ڪريون ٿا.

اڄ نه اوطاقن ۾ طالب تنوارين
آديسي اٿي ويا مڙهيو مون مارين
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

اسان ايماندار پوليس آفيسر حاجي غلام شبير ڪليار کي ايستائين ياد ڪندا رهنداسين جيستائين هي ڌرتي آباد آهي.

Posted by wahabsahito at 8:11 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## عبدالستار ايڏي - عمران تاجواني

# عبدالستار ايڌي: هڪ حقيقي وڏو ماڻهو

عمران تاجواني

1928ع ۾ انڊيا گجرات جي هڪ ميمڻ خاندان ۾ هڪ ڇوڪرو ڄائو جنهن جو نالو عبدالستار رکيو ويو. عبدالستار کي ننڍپڻ ۾ ئي، سندس ماءُ سيکاريو هو ته: ”غريبن جي مدد ڪريو. اپوجهه ۽ لاچارن جي ڪم اچو ۽ انسانيت جي خدمت ڪرڻ ڪپي.“ اهو سبق عبدالستار کي هميشه هميشه جي لاءِ ياد ٿي ويو. ورهاڱي کان اڳ، پهرين عبدالستار جو خاندان، انڊيا گجرات مان هجرت ڪري پاڪستان ۾ اچي وسيو. عبدالستار جو تعلق، ميمڻ ڪميونٽي سان هو. هن ڪميونٽيءَ واپار ۾ وڏا ڪمال ڏيکاريا آهن. جوانيءَ ۾ هر ماڻهو جا ڪجهه خواب هوندا آهن. دولت، نوڪري، گاڏي، عشق، محبت ۽ پيا گهڻا مشغلا ۽ خواهشون. پر عبدالستار هڪ الڳ قسم جو نوجوان هو، جنهن جا خواب ۽ منزل؛ دولت، گاڏي، دنياوي لذتون نه هيون. عبدالستار جنهن رستي جي چونڊ ڪئي، اهو رستو هو خدمت جو- انسانيت جي خدمت جو؛ اپوجهه مسڪينن ۽ لاچارن جي خدمت جو. وسائل جي اڻهوند عبدالستار جي جذبه خدمت جي جنون ۾ ڪا گهٽتائي ڪو نه آندي. هن نيڪ ڪم جي شروعات ڪندي، عبدالستار سڀ کان پهرين سوشل آرگنائيزيشن سان گڏجي ڪم ڪيو پنهنجي پاڻ تي يقين ۽ ”الله مدد ڪندو“ واري ايمان ساڻ عبدالستار سڀ کان پهرين، هڪ ڊسپينسري قائم ڪئي، جنهن ۾ غريب لاچارن جو مفت علاج ڪيو ويندو هو. ڪجهه عرصي کانپوءِ، عبدالستار هڪ پراڻي وين خريد ڪئي، جنهن جو نالو غريب ماڻهو جي وين رکيو ويو ۽ هو ان ۾ ويهي غريب بيمار ماڻهن کي اسپتال کان گهر ۽ گهر کان اسپتال پهچائڻ جو ڪم سرانجام ڏيندو هو. ڏسندي ڏسندي عبدالستار جو نالو هر زبان تي اچڻ لڳو. هن بي مثال ڪم جي شروعات جو پهريون قدم عبدالستار پاڻ کنيو ۽ ان ڏينهن کانپوءِ عبدالستار ڪڏهن مڙي پويان نه ڏٺو ۽ پاڻهي پاڻهي رستو ٺهندو ويو.

عبدالستار ايڌي کي ماڻهن چندو ڏيڻ شروع ڪيو ۽ عبدالستار مالي طور تي مضبوط ٿيندو رهيو ۽ عبدالستار جي ڊسپينسري تمام منظم نموني سان ڪم شروع ڪيو. سڀ کان پهرين عبدالستار پنهنجي ڊسپينسري ۾ گهربل نرسنگ اسٽاف ۽ پيو اسٽاف پرتي ڪيو ۽ هاڻي اها ڄڳهه هئي جتي ان جي ملاقات بلقيس سان ٿي. 14 آگسٽ

1947ع ۾ پاڪستان ڪي ٻه خوشيون مليون، هڪڙو پاڪستان آزاد ٿيو ۽ ٻيو بلقيس پيدا ٿي. بلقيس ايڌي فائونڊيشن ۾ تمام دل و جان سان ڪم ڪيو. 1966ع ۾ بلقيس ۽ عبدالستار جي شادي ٿي وئي. عبدالستار جي قائم ڪيل ويلفيئر، ڏينهن رات ڪم ڪندي رهي ۽ آهستي آهستي عبدالستار جي قائم ڪيل ويلفيئر، هڪ شهر کان ٻئي شهر، ٿئين شهر ۽ پوءِ سڄي ملڪ ۾ ڦهلجڻ لڳي. ائين عبدالستار ايڌي سڄي ملڪ ۾ سڃاتو وڃڻ لڳو. 1973ع ۾ ڪراچيءَ اندر هڪ پراڻي بلڊنگ ڪري پئي. ان حادثي جي امدادي ڪمن جي لاءِ، سڀ کان پهرين ايڌي فائونڊيشن جا رضاڪار پهتا، جنهن جي اڳواڻي ايڌي صاحب پاڻ ڪري رهيا هئا. اتان اهو سلسلو باقاعدي شروع ٿي ويو ۽ جڏهن به ملڪ جي ڪنهن به شهر ۾ ڪو حادثو يا دهشتگردي ٿئي يا ڪا قدرتي آفت سان ڪو به جاني يا مالي نقصان ٿيندو هو ته ان جي امدادي ڪم ڪارن لاءِ سڀ کان پهرين ايڌي فائونڊيشن جا رضاڪار حرڪت ۾ ايندا هئا ۽ رياست جون ذميواريون ايڌي فائونڊيشن سرانجام ڏيڻ لڳي.

ايڌي ويلفيئر آرگنائيزيشن، اها واحد آرگنائيزيشن آهي، جنهن وٽ پنهنجي ايئر ايمبولينس به آهي، جنهن جي وسيلي ا ها دشوار جڳهن تي به پهچي امدادي ڪم سرانجام ڏيندي آهي. اڄ ايڌي فائونڊيشن، پاڪستان جي سڀ کان وڏي ۽ ڪامياب ويلفيئر آرگنائيزيشن طور سڃاتي وڃي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو اڄ انهيءَ کي ڪروڙين روپيا چندي جي صورت ۾ ملن ٿا. ايڌيءَ جي ڪراچيءَ ۾ قائم ڪيل، صرف 8 شاخون غريب ۽ لاچار ماڻهن جو مفت علاج ڪري رهيون آهن. ان کان علاوه هڪ اکين جي اسپتال، هڪ ڪينسر اسپتال، ٻه بلڊ بئنڪ پڻ ڪراچيءَ ۾ ايڌي فائونڊيشن جي زير نگرانيءَ ۾ ڪم ڪري رهيون آهن. ان کان علاوه، ايڌي فائونڊيشن جي نگرانيءَ ۾ هڪ ليگل ايڊ ڊپارٽمينٽ پڻ ڪم ڪري رهيو آهي، جيڪو غريب لاچار ماڻهن کي مفت قانوني سهولتون مهيا ڪري ٿو ۽ اهو ليگل ايڊ ڊپارٽمينٽ، ڪيترن ئي غريب بيگناهه قيدين کي وڪيلن جي سهولت پڻ ڏئي ٿو، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترا ئي بيگناهه قيدي آزاد ٿيو وڃن. بلقيس ايڌيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ قائم ڪيل ”اپنا گهر“ پڻ، ڪراچيءَ جي غريب لاچار ماڻهن جي لاءِ، ڪاڙهي جي لُڪ ۾ ٿڌي ڇانو جو احساس ڏياريندڙ، انتهائي قابلِ تعريف ۽ قابلِ ذڪر آهي. هن اپنا گهر ۾ 20000 هزار کان وڌيڪ ٻار پلجن پيا،

جن جي تن وقتن جي ماني، علم ۽ هنر جي ذميداري پڻ ايڏي فائونڊيشن جي ذمي آهي. هڪ ملين کان وڌيڪ غريب ٻارن جي ڊليوري پڻ "اپنا گهر" ۾ مفت ڪرائي ويندي آهي. ڇا اڄ ڪا ماءُ عبدالستار جي ماءُ وانگر، پنهنجي پٽ کي نصيحت ڪري ٿي؟ ڇا اڄ ڪو نوجوان عبدالستار واري رستي جي چونڊ ڪندو؟ هڪ حقيقي وڏو ماڻهو، عبدالستار پاڪستانين ۾ موجود وڏن ماڻهن ۾، سڀ کان وڏو ماڻهو آهي.

Posted by wahabsahito at 7:57 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## حميد سنڌي - پرويز علي ڪليار

# ناميارو اديب پروفيسر حميد سنڌي

پرويز علي ڪليار

سنڌي ٻوليءَ جي ناميارو اديب ۽ ڪهاڻيڪار، حميد سنڌيءَ جو تعلق ضلعي نوشهروفيروز سان آهي. حميد سنڌيءَ جو پورو نالو؛ عبدالحميد ميمڻ آهي. پاڻ 12 آڪٽوبر 1939ع ۾ نوشهروفيروز ۾ اسماعيل ميمڻ جي گهر ۾ جنم ورتو. حميد سنڌي تعليم ۾ بي اي ايڪنامڪس (اسپيشل سبجيڪٽ ايگريڪلچر ايڪنامڪس)، ايم اي ايڪنامڪس، ايل ايل بي، هائر ايجوڪيشن ايڊمنسٽريشن مانچسٽر يونيورسٽي (يو ڪي) مان ڪئي. پاڻ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس جي وائيس چانسلر جي حيثيت سان خدمتون سرانجام ڏنيون. اهڙيءَ طرح مختلف ادارن ۾، سربراهه طور خدمتون سرانجام ڏيڻ سان گڏ، هن وقت پبلڪ اسڪول لطيف آباد ۾ چيئرمين جي حيثيت سان خدمتون ڏيئي رهيو آهي.

حميد سنڌي، جتي عملي طور خدمتون سرانجام ڏنيون آهن اتي ادب جي ميدان ۾ به پاڻ ملهايو اٿائين. معاشري جي مسئلن کي، ڪهاڻيءَ جو روپ ڏئي، عڪس بندي ڪئي اٿس. حميد سنڌيءَ کي ادب جي ميدان ۾ تمام گهڻو شوق جاڳيو ۽ پاڻ روح رهاڻ رسالو شروع ڪيائين. جيڪو وچ ۾ ڪيترو عرصو بند رهيو پر وري چالو ٿيو ۽ اڄ به نڪري رهيو آهي. حميد سنڌي، ادب جي واڌ ويجهه لاءِ، روح رهاڻ جي پليٽ فارم تان، هفتي وار ادبي گڏجاڻيون ڪرائي رهيو آهي. انهن گڏجاڻين ۾،

اديب پنهنجون لکڻيون هر هفتي پيش ڪندا آهن. حميد سنڌي 28 مئي 1998ع تي سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۾ چيئرمين جي حيثيت سان خدمت ڪئي. سندس ڪتابن جو تعداد يارنهن آهي، جيڪي شايع ٿيل آهن.
انهن ڪتابن ۾ سُر ليلا چنيسر، سُر گهاتو، سُر ڪاموڏ، سر ماروي، سُر ڪاپائتي، سُر بلاول، سُر رام ڪلي، سُر ڪوهياري، سُر ڪارائل، سُر پيروي، سُر سارنگ شامل آهن. سندس اهي ڪتاب، سنڌ جي عظيم شاعر، شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي سُرن تي لکيل آهن.
حميد سنڌيءَ هڪ ڪتاب اردوءَ ۾ ”سوکهي ڌرتي“ جي نالي سان لکيو آهي. جيڪو چونڊ جاپاني فوڪ ادب تي مشتمل آهي.
حميد سنڌي ڀارت جي شهر دهليءَ ۾، وائيس چانسلرن جي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي. اهڙيءَ طرح حميد سنڌي ايران ۽ يوڪي ۾ به شرڪت ڪري چڪو آهي.
حميد سنڌيءَ کي مجتا طور 23 مارچ 1990ع ۾ حڪومت پاڪستان، تمغه امتياز سان نوازيو ويو.
حميد سنڌيءَ کي 28 آگسٽ 1993ع ۾، اعزاز فضيلت جو ايوارڊ پڻ حڪومت پاڪستان طرفان ڏنو ويو.
حميد سنڌي اڄ به علم ادب جي ميدان ۾ ڀرپور نموني سان ڪم ڪري رهيو آهي.

Posted by wahabsahito at 7:53 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## راشد مورائي - ساجده چنه

# سنڌ جو مزاحمتي شاعر راشد مورائي

ساجده چنه

ڪي ماڻهو تاريخ ٺين ٿا ته ڪي وري داناييءَ جي ڪري مهراڻ جون ماڻهائون ٺين ٿا. اها ماڻها جڏهن سمنڊ جي سپنن جيان سدائين سمنڊ ڪناري جرڪندي ۽ مرڪندي رهي ته ڪيڏي نه راحت ايندي هوندي.
ايئن ئي ساهتيءَ جو سرموڙ شاعر سائين راشد مورائيءَ جي ڀهڪندڙ آواز ۽ سفيد وارن تي نظر پوندي آهي ته سندس جنم ڀومي جوڻاڻي ۾ اسريل گيت جهومي پوندا آهن. ساهتي پرڳڻي جي هن مهان قوي

راشد مورائيءَ 5 مارچ 1944ع ۾ مورو پرسان سنڌوءَ جي ڪپ تي، ڳوٺ جوڻالي ۾ جنم ورتو.
پاڻ شاعر، اديب ۽ نقاد به آهي. اڄ به راشد مورائي ڪيترا ئي گيت سنڌ جا سرجي پيو. هن وقت تائين راشد مورائيءَ جون چيل لکڻيون؛ جنهن ۾ ڪوڙ ساري شاعري، ڪهاڻيون، مضمون، خاڪا وغيره سنڌ جي سڀني رسالن توڙي اخبارن ۾ اڻ ڳڻيا موجود آهن. 300 جي لڳ ڀڳ سنڌ جي مختلف فنڪارن سندس گيت، غزل ۽ ڪافيون ڳايون آهن.
جڏهن ته ڇپيل ڪتابن ۾ "سنڌڙيءَ جو سوداءُ"، "شاعري"، "مينديءَ سندا ڪيت"، "غزلن جو مجموعو"، "سل جو شهر" موجود آهن.
مختلف صنفن تي ڪيل شاعري؛ ديوان راشد، شعلا شعلا واءَ ۾، اڻپتي تاڻ امنگ جي، پاڻيءَ جو پهرو، ڏات جي ڏيهه ۾، راشد جي رهاڻ، انصاف جو گهنڊ، ڳنڍيون منجهه ڳنڍير، سنڌي ادب جي ارتقا، يتيم جذبا، عشق جو آواز، هو جي پول پريا شامل آهن.
جڏهن ته اڃا به سندس ڪيترو ئي تخليقي مواد، اڻ ڇپيل آهي. جنهن ۾؛ خط خوشيءَ مان ڪول، تعلقي موري جا اديب، سنڌي ادب جي سونهن، جهڙي آيس جيئن، جهڙيون انمول لکڻيون وٽس موجود آهن.
راشد مورائي سنڌ جو يگانو شاعر آهي جنهن پرائمري استاد ٿي ڪري علمي، ادبي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن.
ڪيس سوين ايوارڊ؛ سنڌي ادبي سنگت، سگا، ڳوٺ سڌار سنگت ۽ ٻين سياسي، سماجي تنظيمن پاران ڏنا ويا آهن.
اڄ به سائين راشد، تن پتن ۽ ڇهن نياڻين جو سهارو آهي. ڪيس نوجوان پٽ، شاه عنايت جي وڇوڙي جهوري ڇڏيو. تنهن جي باوجود مورو ناهي ٿورو ۾، هن مزاحمتي شاعر جي مهمان نوازي ۽ ڌرتيءَ سان عشق ڏسڻ وٽان آهي. هو اڄ به چوي پيو ته؛
"مان باغي هان! مان باغي هان!"

Posted by wahabsahito at 7:41 AM 0 comments
Email ThisBlogThis!Share to TwitterShare to Facebook

## سنڌ جو مهان راڳي ماستر چندر - شاهد چنه

# سنڌ جو مهان راڳي ماستر چندر

شاهد چنه/ نوشهروفيروز

ساهتي خطي، اهڙن املهه ماڻهن کي جنم ڏنو آهي، جن جون يادون ساري، اڄ به نيڻن مان نير وهي پوي ٿو. ضلعي نوشهروفيروز جي قديمي نارنگين واري شهر ٺاروشاهه ۾، سنڌ جي امر را ڳي ماستر چندر جو جنم ٿيو. سندس گيت، جادوءَ جهڙو آواز ۽ من موهيندڙ مرڪ، جڻ ته مهراڻ جي امرت ڌارا جهڙا مٺڙا هيا. اڄ ڏينهن تائين سنڌ توڙي هند جو، ڏيهي توڙي پرڏيهي، ڪو به ديس واسي سندس گيتن کي وساري ناهي سگهيو.

ماستر چندر گوبندمالهي جي شهر ٺاروشاهه ۾ 1907ع ۾ جنم ورتو. جنهن کي ننڍڙي لاڪون ئي اهڙو ته اچي عشق لڳو جو ”ڳليءَ ڳليءَ ٿو ڳايان، مان تنهنجو عاشق آهيان.“ چوڻ شروع ڪيائين. واقعي به انهيءَ عشق، چندر جي چاهت کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا.

جڏهن برصغير ۾ ان وقت گرامو فون جي ڪمپني سندس راڳ جا رڪارڊ پري، مارڪيٽ ۾ آندا ته جهر جهنگ به چندر جا گيت؛

”قسمت ڪئي جدائي، ڪنهن تي ميار ناهي“

يا

”رنائي رهن پر هجن حياتي“ گونجڻ لڳا.

اهڙو انمول گيت، چندر نه رڳو چيو پر ڏن به پاڻ ناهي ۽ ڳايو به پاڻ. ان سان چندر جو نانءُ، هر ماڻهوءَ جي من تي حاڪميت ڪندو رهيو. صدي گذرڻ کان پوءِ به، چندر جو آواز ڳوٺ توڙي ڳليءَ ۾ گونجي پيو. وقت جي بي رحم ورهاڱي، جهڙيءَ ريت نارائڻ شام جي نينهن کي توڙي وڌو، تيئن چندر به وطن جون لوليون ڳائيندو ۽ نيڻن مان نير هاريندو، پٺائي جي پونءِ تان اڏامي ويو. جڏهن 56ع ۾ چندر پنهنجي جنم پومي ٺاروشاهه گهمڻ آيو ته اڄ به جهونڙا اهي يادون ساري ٻڌائين ٿا ته؛ چندر پهچڻ شرط ئي پنهنجي جنم پوميءَ کي چمندو ۽ روئيندو رهيو. اڄ به چندر جي جنم پومي، انهي ساڳيءَ حالت ۾ موجود آهي، پر چندر نه آهي.

چندر جون يادون ۽ چندر سان عشق نيائيندڙ، سندس منسک محل ۾ رهندڙ، حاجي اختر خانزادي جو عشق به آفاقي نظر اچي ٿو. هو چندر جي جنم ڏڻ توڙي وچوڙي واري ڏڻ تي، کيس ڏيئا ٻاري ياد ڪري ٿو. افسوس جو چندر ڌرتي کان جدائي جو گيت؛

”ڇڏي گهر اباڻا وڃن ٿا وڃن ٿا!“ ڳائيندو هليو ويو.

يارت جي شهر الهاس ننگر ۾، هيءُ مهان راڳي، 1984ع ۾ وڇڙي ويو. سندس راڳ، سندس آواز، سندس گيت، سندس پريت، سدائين سنڌ ۽ سنڌ واسين کي ياد رهندو.